جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٽيون (ج - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

-

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد

پاڪستان

١٤٠٤ ھ

A COMPREHENSIVE

SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

VOl. III (ج–ز)

COMPILED

UNDER THE SINDHI ADABI BOARD's DICTIONARY PROJECT

DIRECTED BY

N. A. BALOCH

-

REVISED BY

GHULAM MUSTAFA QASMI

-

Gul Hayat Institute

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD / JAM SHORO
SIND
PAKISTAN
1984

جيتوڻيڪ سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سو سال اڳ، ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصاڻه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لغتن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. اِن ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي، جا سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيئنر پيش ٿي رهي آهي.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب،

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو آهي،

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو، ۽

(د) اٽلڪيل عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ۽ زلده جاويد ذخيرا، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڳن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري ڏين.

مٿئين سلسلي ۾ هيءُ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻولي جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لسيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، آن ڪي پڻ هن لغات ۾ ڪماحقه داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٽيون (چ - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

-

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد

سنڌ

پاڪستان

١٤٠٤ھ

چاپو پهريون]　　سال ١٩٨٤ع　　[تعداد چار هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پنجاهه روپيا

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪتاب مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ڇاپيو، ۽ غلام رباني آگري، سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، بورڊ جي آفيس مان شايع ڪيو.

پيش لفظ

الحمد لله جامع سنڌي لغات جو ٽيون جلد شايع ٿي رهيو آهي.

اسان ٻئي جلد جي پيش لفظ ۾ عرض ڪيو هو ته پهريون جلد تقريباً ڏهه ورهيه تياريءَ ۽ ڇپائيءَ هيٺ رهيو، ٻيو جلد پهرئين جلد جي اشاعت کان ويهه ورهيه پوءِ شايع ٿيو، ليڪن توقع آهي ته ٽيون جلد انشاءالله جلد شايع ٿيندو. ڌڻيءَ دعا قبول ڪئي ۽ ٽيون جلد پوڻن ٽن ورهين جي عرصي اندر ڇپجي مڪمل ٿيو.

لغات جيئن ته اهم ڪتاب آهي، ان ڪري اهو بورڊ جي پنهنجيءَ پريس ۾ خيال ۽ خبرداريءَ سان ڇاپڻو پوي ٿو. پر بورڊ جي پريس ۾ لغات سان گڏ ٻيا ڪي ضروري ڪتاب ۽ رسالا، ٽماهي ”مهراڻ“ ۽ ماهنامو ”گل ڦل“ پڻ ڇپجندا رهن ٿا، ان ڪري لغات جي ڇپائي متاثر ٿيندي رهي ٿي. ورنه، ٻئي جلد جي ڇپائي شروع ڪرڻ شرط، جيئن اسان لغات جي ڪم ۾ مستعديءَ سان هٿ وڌو هو ته هوند هن وقت تائين سڄي لغات شايع ٿي وڃي ها. بهرحال، الله گهريو آهي، ته چوٿين جلد جي ڇپائي پڻ گهڻو وقت ڪونه وٺندي. ان جا هڪ سئو کان وڌيڪ صفحا، هن وقت تائين ڇپجي چڪا آهن ۽ ڇپائي اڳتي وڌي رهي آهي.

هن ٽئين جلد جي بنيادي متن تي نظرثاني ۽ پروف ڏسڻ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جي لائق ۽ فائق چيئرمن، جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن سرانجام ڏنو آهي. اميد آهي ته چوٿون جلد پڻ سندن ئي نيڪ نظر هيٺ، تيار ٿي، مهربان پڙهندڙن تائين پهچندو. هوئن، لغات جي اسڪيم جو ڊائريڪٽر، سنڌي زبان جو مايهءِ ناز عالم، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو ۽ سڄيءَ لغات جو بنيادي متن موصوف جي نگرانيءَ هيٺ ئي تيار ٿيو هو. چنانچه، لغات جي هن ٽئين جلد تي محترم ڊاڪٽر صاحب ۽ محترم قاسمي صاحب جن جا اسماءِ گرامي ڏنا ويا آهن. بيشڪ، سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ۾، هنن بزرگن جون ڪوششون هر وجه قابل تحسين آهن.

حيدرآباد
٢١- اپريل ١٩٨٤ع

غلام رباني
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ.

ڇ

ڇ: ث. سنڌي ”الف - ب“ جو سورهون اکر- تلفظ ”ڇي“ ابجد جي حساب موجب ”ج“ جي برابر (٣). هي اکر عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪونهي. اردو ۽ هنديءَ ۾ ”ج“ ۽ ”هه“ کي ملائي (ڇھ) هي اکر يعني ”ڇ“ بڻايو ويندو آهي.

● ڇ : ث. نفرت جي اظهار جو آواز- ڇيءِ- وهٽ کي پاڻي پيارڻ جو آواز- ڇي.

● ڇَهَه -(ڇَهَه): صفت. هڪ عدد (٦)- پنج ۽ هڪ.

- ڇَهه رُخو: ڇَهَن پاسن وارو.

- ڇَهه ڪُنڊو: ڇَهَن پاسن واري جاميٽريءَ جي شڪل- ڇَهَن ڪُنڊن واري شڪل.

- ڇا: ضمير اِستِفهام (ف. چه) ڪُڇاڙو- ڪوهه - ڪهڙو. سوال ڪرڻ جو لفظ.

- ڇا به ٿي پَوي: محاوره. جيڪي ٿيڻو هجي سو پيل ٿئي- هر حالت ۾- هر صورت ۾- نتيجو ڪهڙو به نڪري.

- ڇا مان ڇا سمجهڻ: مفهوم ۽ مطلب جي برخلاف سمجهڻ.

- ڇا رهيو: ڪجهه به باقي نه رهيو- ڪا به اميد باقي نه رهي آهي. ”تنهنجي منهن ۾ ڇا رهيو؟“

- ڇا ته: حرف شبہ. شايد- مَبادا- الائجي.

- ڇا ڇنجي: تعجب ۽ عبرت جو محاورو- ڪهڙي ڳالهه ڪجي! سُبحَانَ اللهُ! ڇا بيان ڪجي.

- ڇاڪاڻِ: ڇا لاءِ- ڇو- ڇو جو- ڇو ته.

- ڇاڪاڻ تہ: ڇو جو- انهيءَ لاءِ ته- ڇو ته.

- ڇا مان ڇا: اصل جي بلڪل خلاف. خيال جي برخلاف ٿي پوڻ.

- ڇا مان ڇا ٿي وڃڻ: حالت يا زماني جو بدلجي وڃڻ - حالت دگرگون ٿي وڃڻ. رنگ ڦري وڃڻ - وڏو انقلاب يا ڦيرو اچي وڃڻ.

- ڇا منجهان ڇا ڪري وجهڻ: ننڍي ڳالهه کي وڌائي وڏو ڪرڻ. بِگڙيل ڪم کي سنوارڻ. ظاهري ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ. عبرت جهڙو ڪم ڪري ڏيکارڻ.

● ڇاپَ ۽ ڇاپُون: ث. وهندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ ڏنل بَند (جيڪو ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺين مان ٺاهجي)- بُندو- روڪَ- اٽڪَ- اَڏَ (وهندڙ پاڻيءَ کي)- آڏارَ- پَرجهَلو. ڪٽڪ وغيره جي ٿيلهين مان ٺالهيءَ جي نموني ٺهيل ٽوڪري (جنهن ۾ ماني وغيره رکجي)- ڊَبَڪِي- ٻنڊِي (ت). ٻيڙين وغيره ٻَڌَڻ لاءِ تماڪ رکڻ جي وڏي ڇٻي (ت). ننڍو پاڻي (ت). ويڪري ڇٽِي (ت).

- ڇاپَ ڏِيڻ: وهندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بُندو ڏيڻ. جهلو ڏيڻ. سارِيُن ۾ ”رونبي“ ڪان اڳ ۾ پاڻي بند ڪرڻ.

- ڇاپَ مارڻ (ت): پاڻي ڊُڪ پيي ٿوري آڄ لاهڻ.

● ڇاپاٻي ۽ ڇاپاهيُون: ث. ٻيڙيءَ جو اڳيون حصو يا ٻيهڪ- اُڀَلِ.

● ڇاپَرَ (لس): ث. ڇَپَرَ (هڪ گاهه جو قسم).

● ڇاپِراڻِي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڇاپِرو (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڇاپَڙِ ڇاپَڙِ: پاڻيءَ ۾ هلڻ جو آواز- شَپ شَپ جو آواز.

● ڇاپِڙيا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● چاپڻُ: مصدر. (سن. چپَدُ) روڪڻ - بند ڪرڻ - چاپ ڏيڻ (پاڻيءَ ڪي).

● چاپو ۽ چاپا: ذ. پُنبو - چاپَ. (صفت) تمام ويڪرو - ڪشادو (ت).

● چاتِ: ث. جُوال - ٻورو (ل). تَپڙ تَپڙ (ڪ).

● چاتِرُ ۽ چاتِرَ (ت): ذ. صفت. چاتيءَ وارو - دليرُ - بهادر.

● چاتُرُ ۽ چاتُرُ (ت): ذ. ٻِڀر يا ٻَبُر جي ڏِنگهيرَنِ جو لوڙهو.

● چاتِيلو ۽ چاتِيلا: صفت. زمين تي پکڙيل (پُوتو).

● چاتو: ذ. صفت. (ٻه ڏندي ٿيڻ کان اڳ عُمر جو گهيٽو يا ٻَڪَر). لوراپو - ڪيرو - ٻاڻو ر.

● چاتِي ۽ چاتِيوُن: ث. سينو - جسم جو ٿڻن يا ٻُبَنِ وارو حصو - آر هُ. ٻُبَا (عورت جا) بهادري - مردانگي - سورهياڻي. حوصلو - جُرات - همّت. ٻڪريءَ جو ڇهن مهينن عمر وارو ڦرُ. جوان ڀَٽِ (ڪ).

- چاتيءَ تي مُڱَ ڏرڻ: (محاورو) ڪنهن جي مرضيءَ جي خلاف ڪم سندس روبرو ڪرڻ. حَسَدُ جي باهه کان جلائڻ - رِشڪُ جاڳائڻ.

- چاتيءَ تي هٿ رکي ڏسڻ (محاورو) ڪنهن ٻئ مسئلي کي پنهنجي حالتن سان ڀيٽائي پوءِ ڪا راءِ قائم ڪرڻ. ويچار ڪرڻ - قياس ڪرڻ. ٿڌي سيني سان غور ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچڻ.

- چاتيءَ تي هَٿَ هڻڻ: دل جهلڻ - پاڻ ۾ همت هڻڻ جو اظهار ڪرڻ. اقرار ڪرڻ - خاطري ڏيارڻ - تسلّي ڏيڻ - ذميداري کڻڻ - هر حالت ۾ پڪل رهڻ.

- چاتِي ٺرڻ: دل ٺرڻ - دل خوش ٿيڻ - سَرهو ٿيڻ. دل جا مطلب پورا ٿيڻ.

- چاتِي ٺوڪڻ: چاتيءَ تي هَٿُ هڻڻ - خاطري ڏيارڻ - پڪو دلاسو ڏيڻ.

- چاتِي ڇِجڻ: سخت صدمو رسڻ - تمام گهڻو ڏک ٿيڻ.

- چاتي ڇِلڻ: مِهڻا طعنا ڏيڻ - اندَرُ ساڙِڻ - صدمو پهچائڻ.

- چاتي ڇِنَڻُ: وڏو صدمو رسائڻ. چاتي ڪُٽِڻ - ماتم ڪرڻ.

- چاتِيءَ سان لڳائڻ: سيني سان لائڻ - پيار ڪرڻ - پنهنجو بڻائڻ - تسلّي ڏيڻ - سِڪَ سان ڀاڪُر پائڻ.

- چاتِي ڪُٽڻ: ماتم ڪرڻ - سينه ڪوبي ڪرڻ - پِٽِڻ ڪُٽِڻ - دانهون ڪرڻ.

- چاتِي ڪڍي هلڻ: سينو ڪڍي هلڻ - آڪڙجي هَلڻ - پهلوانن وانگر هَلڻ - غرور ۽ ٺاٺ سان گهمڻ.

- چاتِيءَ وارو: ذ. صفت. جگر وارو - بهادُر - سُورمو - سُورِ هَيه - دِليِر.

● چاتِي (ساڪرو ۽ داپيچي): آوَٺ - آڏٺ ٻن سالن کن واري ٻڪري.

● چاٽَ ۽ چاٽُون: ث. هوا جي زور سان وَسندڙ سنهي ٻُولدَ

"ڳوڙَهنِ جيُ ڪَلَنِ تان ڇٽي پيس چاٽَ" ٻُوند جو وَسڪارو. ڇِٽڪار. گهاٽو ڏُنڊُ - ڪوهيرو. ڇِٽَ. ٻوڪ تان پکين کي تڙڻ لاءِ ٺڪاءُ ڏيڻ وارو نوڙُ. (ت). ڏاس جي ٻوري (ت) - ننڍي ڳُوڻ (ٿ).

● چاٽارَڻُ: مصدر. ڇِٽڪار ڪرڻ - ڇِٽِڪار ڪرڻ. ڇِٽِڻ (ٻج).

- چاٽارَ ۽ چاٽاروُن: ث. ڇِٽِڪارَ - ڇِٽِڪارَ. ٻُوند ٻُوندَ.

- چاٽارَ ڪرڻ: ڇِٽڪار ڪرڻ - ڇِٽِڪار ڪرڻ. پاڻي ڇِٽِڪِڻ.

● چاٽِيلو ۽ چاٽِيلو ۽ چاٽِيلا (ل): ذ. پکڙيلُ - پٽيريلُ (وڻ) - وڏو ويڪرو وڻ.

● چاٽو ۽ چاٽا: ذ. ووٽن ۾ پوکيل گاهه (جوئر، باجهري وغيره). گاهه جو هڪ قسم - ڇيچُ (ڪ).

● چاٽِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (بلوچستان جي ڇِٽَ شهر کان آيل).

● چاپَ ع چاپون: ث. مُهر- ٺپو- سِيلُ. ڇاپو- طَبْع. ڇَرُ. تصوير- مُورت- مارڪو- نشان- علامت.

● چاپخانو ع چاپخانا: ذ. (هه. چاپ + ف. خانه) ڪتابن ڇاپڻ جي جاءِ- پريس- مَطبَع.

● ڇاپاٽيو ع ڇاپاٽيا: ذ. جيت جو هڪ قسم (جو واريءَ جي دڙن ۾ رهي).

● ڇاپارُ (ڪ): اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● ڇاپاڪو: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ رت جي خرابيءَ سبب سڄي بدن تي ڏبڪ ٿي پون)- سيتانگُ- ڇپاڪو. پکيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو ننڍڙو پکي، اڪثر سڄ لٿي کان پوءِ نڪري، رستن ۽ پيچرن تي وهي).

● ڇاپِرو ع ڇاپِرا: ڇپرو- ڇپرَ- جهُو پِڙي- ڪکن جو گهرُ- سَهارو.

- ڇاپِروُ پيرَ: ذ. ڇپرَ يا جبل جا پيرَ- چاگُرا پيرَ (جي لنڊڙا ٿين).

● ڇاپِرُوُ: ذ. صفت. ڇپر جو- جبل جو- جابلُو- ٽاڪرو- پَهاڙِي.

- ڇاپِري (لس): ذ. ڇپر جا آٿ- جابلو آٿ.

● ڇاپِڙَ ع ڇاپڙون (ت): ث. سَنهون لَڪڻ- ڇَهو. چورن جو گهوياٽو- ڇاپڙڪَ (ت). ڇاڙَپ (ل). طعنو.

- ڇاپِڙَ هڻڻ (ت) (محاورو): گمان ٿيڻ- شڪ آڻڻ.

● ڇاپڙَڪَ ع ڇاپڙَڪون (ت): ث. سَنُولٽِي- ڏنڊي- سَنهي ڪاٺِي. ڇاڙَپ- ڏنڊي سان پاسيرو ڌڪُ. گهوياٽو.

- ڇاپِڙ ڪَ هڻڻ: ڪُجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. لوڙهه سان ڌڪ هڻڻ. مخالفت ڪرڻ.

● ڇاپَڻُ: مصدر. ڇاپي هيٺ آڻڻ- ڇپڻ- پڌرو ڪرڻ (ڪتاب وغيره) طبع ڪرڻ. ڇاپو هڻڻ- نقش ڪرڻ. ڇَرڻ.

● ڇاپو ع ڇاپا: ذ. ڪپڙي ڇَرڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل ٺپو- پورُ. مُهر- نقش- ڇِٽُ. نشان. طباعت- ڇپائي. ڪنهن ڪتاب جي هڪ ڀيرو اشاعت. پيرَ وغيره جي وڻ ۾ آچاپي هڻڻ لاءِ ڪاٺي پِتَرُ وغيره (ت).

پکين ڦاسائڻ جو ڪارو. اوچتو حملو- اوچتي چڙهائي.

- ڇاپو ڪوڙڻ: هڪ هنڌ ويهڻ. پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪانن جو ڪارو رکڻ- ڪُبي ويهڻ- آٽڻ جي نـه ڪرڻ.

- ڇاپو هَڻڻ: اوچتو حملو ڪرڻ. نشان ڪرڻ. ٺپو لڳائڻ. رات جو دشمن تي چڙهائي ڪري قتل عام ڪرڻ.

● ڇاپوٽو ع ڇاپاٽا: ذ. ننڍو ٽُوهو.

● ڇاپوٽِيُون ع ڇاپوٽِيا (ٿ): ذ. جيت جو هڪ قسم (ننڍڙو ساندي جهڙو، ڪرڪُ واريءَ ۾ رهندڙ).

● ڇاجَڻِ (ٿ): ث. صفت. وَڏِي- ويڪِري. ڇاجڻ ڪوڏَر- وڏي ڪوڏر.

● ڇاجو ع ڇاجا (ٿ): ذ. گاهه وغيره جي ڇِٽِ- ڇاجو.

● ڇاجَ (ت): ث. اڏاوت- تعمير- نئين سر بناوت.

● ڇاجُ ع ڇاجَ (ل): ذ. گاهڻ- ڇاجو- مَنَهُنُ.

● ڇاجِڙِي: اسم خاص. لاڙڪاڻي ۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● ڇاچِلِي: ذ. گَڏَهَن جي هڪ ذات.

● ڇاچَڻُ (ت): مصدر. اڏاوت ٿيڻ- تعمير ٿيڻ- ٺهڻ.

● ڇاچو ع ڇاچا: ذ. (سن. ڇَدُ) ڪَکائين ڇِت- اگڻ جي ڇَڇَهرِي- مَنَهُنُ- ڇپرُ. لانيدي- ڇَتو- ڇَنَ

"ڇاچو ڇمڪيون ڇوهه مان،
جڏهن لڏون ڪا مَنَهَن جي ڪل".

● ڇاچِي ع ڇاچِي: ذ. ڇڇَ سان انُ صاف ڪندڙ عورت.

● ڇاچِيا (ٿ): ذ. پَٽڪو- پَڳَ.

● ڇاچَ: ث. (سن. تَڪْرَمُ) پَٽِڙوڏُڌُ- ڇِڊي لَسِي- ڏُڌُ. کيرجي گَجي (جا ولوڙڻ وقت لَسيءَ مٿان تَرِي بيهي).

● ڇاچَرَ ع ڇاچَرون: ث. پاڻيءَ جي ڇَرَ
"ڇاچر ڇڳيرن، گهُور نـه اچي گهاتوئين"
(شاه ڪرير).

Gul Hayat Institute

ڏانگهو پاڻي - ڇَڇُ. ڏانگهو تلاءُ. ڍوري. ھوتي تي پاڻيءَ جو ڍَھو.

- چاچَرِ ۾ ڇيرون ڪرڻ: ٿوري پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ.

● چاچَرجَڻُ: فعل مجھول. ڪناڻار ٿيڻ - ٿمٿار ٿيڻ - ٿُپ ٿيڻ. ڇُلڪڻ. ڪنن تائين پرجي وڃڻ.

● چاچِرو: ذ. ٻَسارڪي وکر جو ھڪ قسم - شاھتَرو. پاڻيءَ جي لاٽ يا ڇينھرو (ت). (اسم خاص) ضلعي ٿرپارڪر ۾ تعلقي، شھر ۽ ديھ جو نالو.

● چاچِرِي: اسم خاص. ھالا، ٽنڊي باگي، شاھبندر ۽ گولي تعلقن ۾ ديھن جو نالو.

● چاچَلَ ڃ چاچَلُون: ث. چاچَرَ.

● چ چولِڻُ: مصدر. ڪنھن شيءِ کي پاڻيءَ ۾ ٽِلائڻ ٻِتلائڻ (ڌوئڻ خاطر). آگھارڻ. ڇھُوڳِڻ - لُٻِڻ. ڏُونڌاڙِڻ. ھيٺ مٿي ڪرڻ. جُٽِ ڦِٽِ ڪرڻ - آڏا آٻتا سوال ڪرڻ (مَنْجھمَ ڪيڻ لاءِ). ڪِينڌاڙِڻ.

- چاچولَ ڃ چاچولُون: ث. ٽَتَل ٻُتَل (پاڻيءَ ۾) جھوڳِ - لُٻَ. ڏُونڌاڙَ.

● چاچِي (ت) اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● چاڏَ ڃ چاڏون: ث. آلِتي - ڦَيءِ (ت). وڏي ڪَڏَ (ت).

● چَاڏولَ، چاڏھول (ٿ): ث. صفت. بي لَڄِڻِي - بي اَفْعالِي - چاڏوھَڙ عورت.

● چاڏوھَڙ ڃ چاڏوھَڙُون (ت. ل): ث. اھا سُوڻا ڏاچِي جنھن کي پنھنجو ڪَچو ڦر ڇڏائي ٻئي ڦَرَ تي لاتو ويو ھجي. بدچال عورت - بي افعالي عورت - بي لڄٽي - واڇان.

● چارِ، چارُ: ث. [سن. ڪُشَارُ] کيرِي - رَڪَ - ڦُلھيار - چاري - پِيَھُوت

"ڪلر غاليچا اوھان پاجھون چار پانيان سپ چائي" (سچل).

کاڪ - مِٽِي. چِرَ - ليٽ - پوڏِ

"ھي چارَون ۽ چِچَّ، آچا اوڙاهُ آڳاھُون ڏِيو" (شاه).

- چارِ تي پَوڻ، وڃڻ (لس): شرمندو ٿيڻ - پشيمان ٿيڻ - ڦِڪو ٿيڻ.

● چارُ: ذ. آنن جو آکيرو (جنھن تي ڪُڪِڙِ وِيھي آرو پچائي) آرو - چارو. دَتُ - چانھُرِ. ماٺِ - سانتِ (ل). نڳي (ٿ).

- چارَ اوڳرائِي: ث. بدھضمي - کاڌي جو ھضم نہ ٿيڻ سبب دل تي بار ڪرڻ ۽ کَٽِيي اوڳرائي ڏيڻ جي حالت.

- چارِ تي وِھڻ: ڪُڪِڙِ جو آنن تي وِيھڻ - آرو پچائڻ - ڪُپُ کوڙي ويھڻ.

- چارُ ڪَرڻ: آري تي وِيھڻ - آرو ڪرڻ. وِيھَڪَ ڪرڻ.

- چار گودڙائِي (ڪ): ث. چار اوڳرائي - بدھضمي.

● چارو ڃ چارا: ذ. آرو - چارُ.

- چارو ڪَرڻ: آرو ڪرڻ - چار ڪرڻ. آرام ڪرڻ.

● چارِي (ڪ): ث. چوپائي مال جي ھڪ قسم جي بيماري (جنھن ۾ مال جا پيرَ ڪُرَ منبا تي پوندا آھن) - سمھڙو. ٻڪرين جي ھڪ بيماري (جنھن ۾ ٻڪريءَ کي چپن تي لنڊا نِنڊا، پير يا گيدوڙي جيترا ڳوڙھا نڪري پَون). کيري - چارَ (ل). (اسم خاص) تعلقي گوني ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● چارِي ڃ چارِيون (ک): ث. سمنڊ جي شاخ (جنھن ۾ پاڻي ڏانگھو ٿئي) - کارِي. ڪوھستان ۾ ڍورِي يا ھيٺاھين زمين (جنھن جي پيٽ ۾ گاه ھجي). چوپائي مال جي چرڻ جي سيم (لس)

"صبح ساريون، ڇپَرَ چاريون،
وَڇُنِ واريون، جھنگن ڦرون جال ميان"
(احمد شاه).

ٻڪري (ٿ).

● چارِيڪَ ڃ چاريڪُون (ت): ث. چاڙڪي - چار آڱر ماپَ.

● چاڙ ڃ چاڙون: ث. آھو ڪپڙو (پوتي، اجرڪ وغيره) جو فوتيءَ جي مٿان وجھجي. فوتيءَ جي مٿان ڪپڙي وجھڻ بدران ڏلل رقم.

Gul Hayat Institute

ٽُڙ کي ڇيري ڇورس بنائڻ وقت ان سان پاسن
کان نڪتل ٽُکرن سان هڪڙو ٽَڪر- چاڙهو.
ڍوري- سَڪل واهه. ڪاري- چاڙهه. هيناهين
زمين (ل). ڪڇ جي رڻ جي ڪنڌي واري زمين.
ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ وارو علائو (جو چاڙ پيٽ
سڏبو آهي). ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي
وچان وجهڻ جي تي فوٽ کن ڊگهي ڪاني (ٿ).

● چاڙِ تو ۽ چاڙ تا: ٻئي جي پاران طرفداري يا ڪم
ڪندڙ- هٿ ٺوڪيو. خوشامد ڙيو- پِٺتُو- چاپلوس-
مُريد- چيلو- ٻوءِ لڳ. نوڪر. وڪيل- دلال-
ٻئي جو ميڪاريل ماڻهو (ڪم ڪيڻ لاءِ).

● چاڙَپ ۽ چاڙ پُون: سنهو ۽ ڊگهو لڪڻ-
ڇَڄو. پاسيرو ڏَڪ. سَنڪو- ڦَنڪو- چاپڙ-
ڏُڪو- ٺوڪَرُ- طعنو.

● چاڙَ جاگير: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾
هڪ ديهه جو نالو.

● چاڙِڪيي ۽ چاڙِ ڪيئون: ٿ. چار آڱر ماپ.
هٿ جي چوٿين پَتي.

● چاڙو ۽ چاڙا (ڪ): ذ. صفت. نار ۾ ڪم
ايندڙ هڪ ڪاٺيءَ جو نالو (شاهه وَنگڻ کي
پاسن کان پيون وَنگون گڏجن ٿيون، جن سان
پاهرين کي تاڙيون ۽ اندرين کي چاڙا چئبو
آهي) چڙواڱ (ڪ).

● چاڙَهه ۽ چاڙهُون: فوتي جي لاش تي
براداري طرفان وڌل ڪپڙو (جو اجرڪ، چادر
وغيره جي صورت ۾ هوندو آهي). آهي رُپيا
جي رسم طور فوتيءَ جي عزيزن کي ڏنا وڃن-
اوچاڙ (ل)- چاڙ. لڳ لاڳاپو. لڳ لاڳاپي واري
سفارش. درياءَ يا ڍوري جي شاخ. ڪاريءَ جي
پُڇڙي. ڪاٺيءَ جي ڦَٽيل، جا ڪاٺ جي چيرڻ
وقت پاسن کان بچي پوي. جُوئر جو هڪ قسم
(ان" گاڙهو ۽ سنگ ڊگهو ٿئي). دَٽ- چَمپ.
پاليل جانور جو ڏَڻ.

- چاڙَهه اچي تُڻڻ: لڳ لاڳاپي جو اچي ٻار
پَوڻ- ٻار پَوڻ.

- چاڙَهه پنجي وڃڻ: رُعب چانئجي وڃڻ.

● چاڙَهه: ذ. هڪ قسم جو شڪاري پکي.

● چاڙهو ۽ چاڙها: ذ. ڪاٺ جو چيريل ڇوڏو-
چِڙ. پٽي- تختو. سنهي ۽ ڊگهي ڪاني. ٻاٺيءَ
کان ٿورو مٿي بيٺل پاڻيءَ وارو هُرلو (ٿ).

● چاڙهي ۽ چاڙ هيئون (ڪ. ٿ): ٿ. ٻن
سالن جي ٻڪري- اڌبي (ڪ).

● چاڙِي: ٿ. ڪمند جي چُوپن کي ساڙڻ سان
ٺهيل ڪيري.

● چاڪ: ٿ. (سن. شاڪت) طاقت- سگهه-
زور- قُوّت- وَس- هَستي. وڏائي- حڪمراني-
بيپرواهي- لاغرضي- غرور.

- چاڪ چِٽڻ: زور گهٽجڻ- هَستي مرڻ-
حڪومت ختم ٿيڻ.

"چُٽي ويندين چاڪ، پاڻهي پوندا پيش مون"
(مسافر).

● چاڪاٽ، چاڪوتو (ل): ذ. اوچتو ڊپ. ڌاڪ.
ڏُڦيڙ- نِفاق- گڙٻڙ- دشمني.

- چاڪاٽو، چاڪاٽ وجهڻ: نفاق وجهڻ. دشمني
پيدا ڪرڻ. ڏُڦيڙ وجهڻ.

● چاڪاريو ۽ چاڪاريا (ٿ): ذ. چَمڙو رهين
جي چمار جو آٽ.

● چاڪير ۽ چاڪير (ٿ): ذ. درياءَ جي مڇيءَ
جو هڪ قسم- مُڪر- شَهِڪرَ.

● چاڪو (ٿ): ذ. وَجهه- داءُ. چوريءَ جو
موقعو.

- چاڪو لڳڻ: داءُ لڳڻ. مفت جو مال هٿ
اچڻ- وَجهه ملي وڃڻ.

- چاڪو هڻڻ: مفت جو مال هٿ ڪرڻ-
چوري ڪرڻ.

● چاڪانو ۽ چاڪانا (ٿ): ذ. مَلهه جو هڪ داءُ-
آڏڙي. جهَل. وجهه. رَلِبَڪ- اٽڪ. اڙتي-
ڦَنڊو- وَڪڙ.

- چاڪانو وجهڻ: ٺهيل ڪم کي بگيڙڻ. جهيڙو
وجهڻ. ڪم ۾ ڪانجاٽو وجهڻ.

● چاگيرو (ٿ): ذ. ٻڪريءَ جي ڏاس سان
ٺهيل سَٽ.

Gul Hayat Institute

● چاڳ ۽ چاڳ: ذ. (سن. ڇاڳ) ٻڪريءَ جو ڦر- ڇيلو.

● چاڳر، چاڳڙ ۽ چاڳرون، چاڳڙون: ث. ڏسو "چاڳل". ٻڪريءَ جي کل مان ٺهيل سانداري. تانگهي پاڻيءَ جي ڏوري.

● چاڳرڻ (ل): مصدر. اڏو ڪارو پرڻ.

● چاڳل ۽ چاڳلون: ث. ٻڪريءَ جي کل مان ٺهيل سانداري (جا پاڻي وجهڻ يا سيٺاهه طور ڪم اچي). ڏوري. ڏنئي. هنر.

● چاڳلائي ۽ چاڳلايون (ت): ث. چاڳلائي. چشڪو- مزو.

- چاڳلايون ڪرڻ: مزيدار ڪاڌا کائڻ- چشڪا وٺڻ.

● چاڳا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● چاڳاڻي: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چاڳو ۽ چاڳا: ذ. صفت. اهو ماڻهو، جنهن جي هٿن يا پيرن ۾ ڇهه- ڇهه آڱريون هجن- ڇانگڙو.

● چال: حرف نِدا. شال- شل.

"واهڙ وهين م چال، سڪي پيلاڻيون ٿيئين" (شاهه).

● چال ۽ چالون (ڪ): ث. چوڙو. ڪچيءَ جي ڦر هڻ مان ٺهيل جتي. هڪ قسم جي جتي جا پيش جي نوڙين مان ٺاهين.

● چال ۽ چال: ذ. (سن. آد + شل + لنگ) ٽپو- ٽپ- اچانڪ- ڪڏ- پل.

- چالر ۽ چالر: ذ. صفت. چال ڏيندڙ- ٽپا ڏيندڙ.

- چالٽو، چالو: ذ. صفت. چال ڏيندڙ. ٽپ ڏيندڙ.

● چالا: ث. (هه) کل- چوڙو.

● چالار ۽ چالار (ڪ): ذ. جهنگلي جانور جو هڪ قسم.

● چالٽو ۽ چالٽا: ذ. (هه. ڇالا. سن. اڪر) چلٽو- ڦلٽو- ڦوڦيندو- چالو. لِڦ- ڦلوڪٽو- چالون هڻندڙ- ڪڏندو- ٽپٽو.

● چالو ۽ چالا (ت): ذ. چلٽو- ڦلٽو- ڦلوڪٽو.

● چالي ۽ چاليون: ث. اکين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ڇپر جو اندريون پاسو سڄي پوي) ڳچيءَ جي هڪ بيماري- سلي. چلٽو- چالو. اٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ کن جي پاڙ وٽ ڳڙ ٿئي ۽ ان مان گند وهي). "جهڙي چالي تهڙي پني" (چوڻي). چالي. دٻڪي- پنبي (ت). (صفت) زود هضم- هلڪو (کاڌو). چيلرن واري- چيلري (مڇي).

● چاليا: ث. (هه) سو پاري.

● چامڪ ۽ چامڪون (ت): ث. سنهڙو لڪڻ- چمڪ- ڇهو. تلهڙ.

● چان: ت. (هه. ڇايا) چانو- چانءَ- سايه.

● چان: ذ. (سن. ڇدمن) ٺڳي- دولاب- ڪوٽ- فريب.

● چانپ ۽ چانپون: ث. سنهي ڪاني. ڏِلگهري. چنيو. ڏور کي رسيءَ وجهڻ کانسواءِ لڪڻ سان هڪليندو هلڻ جي حالت. سنهون ماڻهو- ڏٻرو ماڻهو. اکين جي چنپ (ڪ). وڏ- ٽڪ- چانگ (وڻ جي).

- چانپ ڪاهڻ: بنا رسيءَ جي ڪنهن چوپائي کي اڳيان ڪاهڻ.

- چانپ ڪري اچڻ: پاڻيءَ جو زور سان ڌوڪي اچڻ.

- چانپ لڳڻ: لڪڻ جو ڌڪ لڳڻ.

● چانپر ۽ چانپر: ذ. سڪل ۽ سنهي ڏاري- چانپو.

● چانپڻ (ل): مصدر. وڻ جون ڏاريون وڍڻ- چانگڻ. ڏارين جا پن روڙڻ- ڏاريون سوئڻ. اکيون چنپڻ (ڪ).

● چانپو ۽ چانپا: ذ. سڪل ڏاري- ڏِنگهر. ڪنڊن کانسواءِ ڏاري.

● چانٽڻ: مصدر. ڪاٽڻ- وڍڻ. چانگڻ (وڻ). جدا ڪرڻ. چوندي ڌار ڪرڻ. چوندڻ- انتخاب ڪرڻ. ورهائڻ. گهٽ ڪرڻ. مختصر ڪرڻ.

- چانٽ: ث. ڪتر. چانگ- وڍ. ڪاٽ ڪوٽ. تخفيف- ڪمي. چوند. ورهاست.

Gul Hayat Institute

- چانٽ ڪرڻ: چانگڙ. وَڍڻ (وڻ) چونڊي ڏار ڪرڻ.

● چانپَڻُ (ل - ڪ): مصدر. چاپڻ. چپَڻ.

- چانپ: ث. چاپ. مُهر. ڇِٽُ. صُورت - نشان - مارڪو.

- چانپ منڊي

”چلا چانپ منڊيون ڏَسيو ڏيل ڏري“ (مل).

- چانپو ۽ چانپا: ذ. چاپو. ڇِٽَ وغيره ڪيڻ جو پورُ.

● چانپيٽو ۽ چانپيٽا (ت): ذ. جهَٽُ. وَجهُ - داءُ.

- چانپيٽو هڻڻ: جهٽ وجهڻ. ٻَري ڪان ڏڪ هڻي زخمي ڪرڻ.

● چانجبلڙو ۽ چانجبلڙا (ل): ذ. صفت. ڇيلولو- البيلو. ڪيچيلو - مسخرو.

● چانجيرو ۽ چانجيرا (ل): ذ. چانگرو. نَخرو- انگَلُ - نازُ - ماٺو.

- چانجيرا ڪرڻ: چانگرا ڪرڻ - نَخرا ڪرڻ - انگَلَ ڪرڻ - ماٺا ڪرڻ.

- چانجرائي: ث. چانگرائي - ڇيلولائي. مَسخري.

● چانچولَڻُ: مصدر. چاچولڻ - آگهارڻ - آچلائڻ. آٿلائڻ پٽلائڻ. مَناڙڻُ.

- چانچول: ث. چاچول. ڇُلڪو. پاڻيءَ ۾ مَناڙڻ جي حالت.

● چانڊَ ۽ چانڊوڻُ (ل): ث. اشارو- اکين جو اشارو - غَمزو- هَلڻ وقت هٿ لوڏڻ جو هڪ نمونو- هَلڻ جي لوڏ. آسانگو- آسرو- آڏَرِ. ڪانيءَ جي ڇپرَ.

● چانڊو ۽ چانڊا: ذ. حصو- ڀاڱو- ڀَتِي، خيرات وغيره مان فقير کي مليل حصو. ٿورو ڪاڏو- نيرَن. تَڪِيءَ سان هٿ ڪيل مالُ. رُشوت.

- چانڊا پانڊا ڪرڻ: حصا ڀَتيون ڪرڻ. مفت جو مال ورهائي کڻڻ. موجون ڪرڻ.

- چانڊا پاڻي (ت): (محاورو) چانڊو پاڻي.

- چانڊا چڏائڻ (ت): خرچيون وٺڻ. رشوتون وٺڻ. زور پڄڻ.

- چانڊا ڪرڻ (ت): مفت جو مال کائڻ. مَزو وٺڻ.

- چانڊائي ۽ چانڊائي: ذ. چاندو وٺندڙ. چندو وٺندڙ. ونڊ وٺندڙ. ورهائيندڙ.

- چانڊو پاڻي: محاورو. مختصر ڪاڏو- معمولي خرچ پکو. خرچي. رشوت نيرَن.

- چانڊو پاڻي ڪيڻ: خرچي ڪيڻ- رشوت وٺڻ.

- چاندو پاڻي ڪرڻ: نيرن ڪرڻ. رشوت کائڻ- ٿورو کائڻ - هيانءُ جهَلَ ڪرڻ.

- چانڊو چڏائڻ: چانڊو پاڻي ڪيڻ- رشوت طور ڪجهہ رقم وٺڻ.

- چانڊو ڪرڻ: نيرَن ڪرڻ- هيانءَ جهَلَ ڪرڻ. رشوت کائڻ.

● چانڊائي: ذ. صفت. ڇَنڊُ ڪندڙ- نَڱُ- سَڪارُ.

● چانڊ: ث. مينهَن جي چاٽ - چانٽ.

● چانڊُ، چانڊيُ ۽ چانڊِ، چانڊيَ: ذ. صفت. ڇَڙو- اڪيلو. فقط ”ڇَڙو“ سان گڏ ڪم ايندڙ ”ڇَڙو چانڊُ“، ”ڇَڙهو چانڊيُ“ بمعنيٰ ڪنوارو- اڻ ٻرڻيَلُ.

● چانڊو ۽ چانڊا: ذ. صفت. چُڙڪُ - چُست- ڦُڙتُ - چالاڪ.

● چانڊَڻُ: مصدر. (پرا. ڇَٽئي. سن. تُوَڪش) چنڊڻ. چانٽڻ. چانگڻ. گهٽ ڪرڻ. ڪانڻ. ورهائڻ. چونڊي ڏار ڪرڻ.

- چانڊ: ث. چانگ- تخفيف. چانٽ.

- چانڊڻُ چونڊڻ: ڪاٽَ ڪُوٽَ ڪرڻ. وڍي ٽُڪي هلڪو ڪرڻ. چانگڻ. صفا ڪرڻ- تخفيف ڪرڻ- گهٽائڻ.

- چانڊِي: ث. چانگ- چاٽ. ڪوتِ. ڪمي. تخفيف. چنڊ چاڻ. چنڊ ڦُوڪ. صفائي.

- چانڊي ڪرڻ: تخفيف ڪرڻ- گهٽائڻ.

● چانڊِي: ث. لاهياري کي سنگن جي صورت ۾ مليل آجورو- لائي- حصو- بکرو.

● چانگَ ج چانگُون: ث. ٻاڪري يا ريڍي مال جو ولَرُ. ٽولو - ميڙ - ڳَلو - جماعت - لشڪر - فوج.

● چانگُ ج چانگَ: ذ. چانگَ - وَلَرُ. ٽَپُ - آچانگَ. ٻُلُ - ڪَڏُ.

- چانگَ ڏيڻ: ٽَپ ڏيڻ - ڇال ڏيڻ.

● چانگارو ج چانگارا (ل): ذ. چانگرو. نخرو. ماڻو.

● چانگارِي ج چانگاريون (ت): ث. ٽوڪَ - چٽَر.

- چانگاريون ڪرڻ: ٽوڪون ڪرڻ.

● چانگاسُ (ٿ): ذ. ڳئون يا مينهن جو مُٽُ.

● چانگائي: اسم خاص. برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو.

● چانگرِجَڻُ (ت): فعل مجهول. ٿَونڊجڻ. وڏائيءَ ۾ پرجڻ - آڪڙجڻ.

● چانگرو ج چانگرا: ذ. ماڻو - آنٽَڪَلُ. ناز نخرو - ٽانءِ.

- چانگرا ڪرڻ: نخرا ڪرڻ - ماڻا ڪرڻ. نٽ لٽاءُ ڪرڻ. بهانا ڪرڻ - ٽانءِ ڪرڻ.

● چانگڙو ج چانگڙا (ت): ذ. چانگرو - ناز نخرو - ماڻو ٽاڻو.

- چانگڙو ڪرڻ (ت): ڪِتَ ڦِتِ ڪرڻ.

● چانگلِي ج چانگليون: ث. ڪجيءَ جي ڦَر جهلڻ واري ٽاري - گوشو.

● چانگِڻُ: مصدر. وَڻُ جون ٽاريون ڪپڻ. جدا ڪرڻ. چانٽڻ. وڍڻ.

- چانگَ: ث. وڻ جي ٽارين جي وَڍَ. ڪاٽَ ڪُوتَ. آلي ٽاريءَ جي شاخ. سنهي ٽاري.

- چانگائِڻُ: مصدر. ”چانگڻ“ مان متعدي بالواسطه. وَڻ جون ٽاريون وڍائڻ.

- چانگَ پوڻ: وَڻ ۾ وڍُ پوڻ.

- چانگرُ ج چانگرَ: ذ. وڻ جي ٽاري - لامَ.

● چانگهَہ ج چانگهون (ڪ): ث. چانگ - وَلَرُ.

● چانگهَر ج چانگهَر: ذ. درياءُ مان نڪتل ننڍو واهڙُ.

● چانگهَڻُ (ڪ): مصدر. ڏسو ”چانگڻ“.

- چانگهَہ ج چانگهون: ث. ٽارين جي وَڍَ - چانگَ.

● چانئوَ ج چانئون: [هہ. ڇايا =: ف. سايہ]. ڇانءِ - سايو - ڇاڇو - چانئولو (چانيورو) - ڇاڇولو. آجهو - ڍَڪُ. اولو. ڪکن جو گهر يا منهنُ - سهارو - پناهَ - آڙَ - بچاءُ - حفاظت - حمايت - پُشتي.

- چانئو مانئوَ رهڻ (ت) (محاورو). مانٽ ۾ رهڻ - صبر ۾ رهڻ.

- چانئولو ج چانئولا: ذ. ٿوري ڇانءِ - ڇاڇولو. جِنّ وغيره جو ڇاڇو - ڪکائون گهر - معمولي گاهہ.

- چانئو پرائي: ث. ڇانءِ - چانئولو.

- چانئو پرو، چانئو پلو ج چانئو پرا: ذ. ڇاڇولو - چانئولو (چانئورو) (صفت) ڇانءِ وارو - سايہ دار - ديوَ يا پريءَ جو اثر.

- چانئهولو ج چانئهولا (ت): ذ. ڇانءِ - ڇاڇو. ٻنيءَ ۾ ڇانءِ لاءِ ٺاهيل منهنَ.

● چانئوٺِي ج چانئوٺيون: ث. [هہ. ڇايا =] فوج جي رهڻ جو هنڌ - لشڪرگاهہ - صدرُ. شڪارپور ۽ جيڪبآباد ۾ ديهہ جو نالو.

● چانئوان: ذ. [جمع صورت. چانئون ج چانئوان] رت جي ڪمي سبب ڳَلَ تي ٽيل ڪارا داغَ.

● چانئهِرَ: ث. ڇپُ - دَتُ - ڇنڊُ - مَڪَرَ - مِڪِرُ.

- چانئهِرَ ڪرڻ: دَتُ هڻڻ. مَڪَر ڪري ٻڌجي رهڻ. مِڪِر ڪرڻ - ڇنڊُ پڪيڙڻ.

● چانئهوڻ ج چانئهاڻ: هنداڻو - چانئهين.

● چانئهِي (ت): ث. چانئوَ چانئولو.

- چانهِي ڇپِلو (ت): ذ. هڪ قسم جي رانه (آس ۽ ڇانءِ جي).

● چانئهيالَ: ث. وَل جو هڪ قسم.

● چانئهين ج چانئهيون: هنداڻو - ترٻوز.

● ڇانءِ ج چانئون: ث. [هہ - ڇايا =] چانئوَ - ڇاڇولو - سايو.

Gul Hayat Institute

- چانئيرُ: ذ. صفت. چانئوَ وارو - سايہ دار.
- ● چانئيري: ث. ڇيلڙي مڇيءَ جو هڪ قسم.
- ● چانئڻُ: مصدر. (هہ. چايا) چانئوَ ڪرڻ - ڍَڪڻ. لڪائڻ. پڪيڙڻ. چانئجي وڃڻ - پڪڙجي وڃڻ. غلبو حاصل ڪرڻ.
- چانئيلُ، چانئيلُ: ذ. صفت. چانوَ ڪيل. پڪڙيل. ڍَڪيل.
- ● چانئينُ ۽ چانئيون: ث. رَت جي ڪَميءَ يا گرميءَ سبب منهن تي ٿيل ڪارو داغ.
- ● چانئي هڻڻ: سڙڻ - ٻَچڙڻ. حَسد ڪرڻ.
- ● چانئيالُ (ت): ذ. صفت. پِٽَ جو اولهہ وارو پاسو (جنهن تي صبح جي پَهر ۾ چانئو ٿئي). "تڙڪولَ" جو ضد".
- ● چاڻِ ۽ چاڻيون: ث. ساموندي ڪاري - ڪاڙِي.
- ● چاڻِ: ث. جهَڻِ - لَسِي - ڇِڊو ڏُڌُ.
- ● چاڻُ ۽ چاڻَ: ذ. درياءَ جو هُرلو.
- ● چاڻڻُ: مصدر. پَرڻُ يا ڪپڙي سان ڪنهن پيئل شيءِ کي صاف ڪرڻ. ڏُوڻڻ (وڻ). تارَڻ (چاڻي ۾). کوهڻ (ڪنب). ڪپرائڻ (ميوو، وڻ مان). چانگيڻ (وڻ).
- چاڻُ ۽ چاڻَ: ذ. اٽي کي چاڻڻ بعد باقي بچيل ڦوڪَ - بوسو. ڪپهہ جا ذرا (جي پيڃَڻ وقت آڏامي پَري پَون).
- چاڻاڻي، چاڻائي: ث. چاڻڻ جي مزوري.
- چاڻڻ ٻهارڻ: مسڪين ٿيڻ - رُلڻ - ڍِڪاڪائڻ - ڏاڍي هيٺي حال ۾ اچي وڃڻ.
- چاڻٽي ۽ چاڻٽيون: ث. چاڻڻ جو اوزار - پَرَڻُ - چاڻڻ جو طريقو.
- چاڻو (ل): ذ. چاڻڻ لاءِ ڪپڙو - صافو. پَرَڻَ. چاڻُ. بَڇَت. وڻن مان پنن ڇڻڻ جي حالت.
- چاڻو پوڻ: ڪجين (وڻن) جو ٻُورُ ڇڻڻ.
- چاڻو ڪرڻ: ڪجيءَ جو ٻُورُ چاڻي ڇڏڻ.
- چاڻي ۽ چاڻيون: ث. پَرڻُ - ڳيڇڻُ. هُرلو (درياءَ جو).
- چاڻي پيڻُ: چاڻڻ ڇنڊڻ، تفتيش ڪرڻ - جاچي جُوچي ڪم ڪرڻ.

- ● چاڻو: ذ. جالورن جي شَهْوَت - وهُرَ.
- چاڻو ڪرڻ: جانورن جي ماديءَ جو نَر سان ميلڻ لاءِ وَهُرجڻ - شَهْوَت ٿيڻ.
- ● چاوَنجاهہ: صفت. هڪ عدد جو نالو (٥٦). ڇهہ ايڪا پنج ڏَهاڪا - پنجاهہ ۽ ڇهہ.
- ● چاهہ: ث. جهَڻِ - چاچ - چاڻِ "سياري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي باهہ، اونهاري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي چاهہ" (چوڻي).
- ● چاهاڻي: ڇهہ آني - ڇهہ آنا. آنڪي پرڻ.
- ● چاهتَر: صفت. هڪ عدد جو نالو (٧٦). ڇهہ ايڪا سَت ڏَهاڪا - سَتر ۽ ڇهہ.
- ● چاهٺِ: صفت. هڪ عدد جو نالو (٦٦). ڇهہ ايڪا ڇهہ ڏهاڪا - سَٺ ۽ ڇهہ.
- ● چاهَرِ (ت): ث. دَتُ. مَڪَرُ - ڦَندُ. اٽڪل - فريب.
- چاهَرِ ڪرڻ: دَتُ هڻڻ. مَڪَرُ ڪرڻ - جاڻي واڻي بيهوش ٿيڻ.
- ● چاهَلُ ۽ چاهَلَ (ڪ): ذ. پيش (پيسَ) مان ٺهيل جُتي
"ڏند ستاڻا شينهن هڻا، سي چَٽي پيا چاهل".
- ● چاهو: ذ. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- ● چاهوتَڻُ (ل): ظرف. تمام پَري.
- ● چاهُون: ضمير. چاڪان - چالاءِ.
- ● چاهي ۽ چاهيون (ڪ): چانءَ - چانئوَ. ڇاڇو - سايو.
- ● چاءِ ۽ چائون: ث. (سن. چايا) وَرڪا - بَرڪا - پَوَن - وَسڪارو (ڪَلن وغيره جو).
- ● چاءِ: ث. ڏَونرو. لَسي - ڏُڌُ.
- چائيرُ ۽ چائيرَ: ذ. صفت. ڏَونرو وڪٽنهڙ - ڏوڙي.
- ● چائيلَ ۽ چائيلون (ڪ): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- ● چائيڻُ: مصدر. ڏِسو "چالئيڻُ".
- ● چائوڙِ ۽ چائوڙيون (ت): چِهن سَرَن واري آٺ جي مَهارَ.

Gul Hayat Institute

● چائُون: ذ. گرميءَ سبب مُنهن تي ٿيل ڇٽو- چائُئين.

● چائِي: ث. (سن. ڪشار) رَڪَ- ڪپر ي- چار- ڦلهيار. ميٽي- خاڪ- ڌوڙ. چائُو- ڇاڇو- سايو. (اسم خاص) تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- چائِي پائِڻُ: ڌوڙ پائڻ. خراب ڪم ڪرڻ- ناجائز ڪم ڪرڻ.

- چائِي جا پُڪَ وجهڻ: ڌوڙ مُنهن ۾ وجهڻ. واويلا ڪرڻ. رُلڻ. ڌوڙ پائڻ.

- چائِي چٽو ۽ چائِي چٽا: ذ. گناهه جو ڪم. ڏوهه. گناهه- بڇڙي عادت.

- چائِي چٽا پائڻ: گناهه جهڙا ڪم ڪرڻ. ڏوهه گناهه ڪرڻ.

- چائِي چٽڻ: بڇڙائي ظاهر ٿيڻ. ڪنهن جي مُنهن مان نحوست نُمايان هجڻ.

- چائِي ۾ ڇيهه هئڻ: تمام نياڳو هئڻ.

● چائيتاليهه: صفت. هڪ عدد جو نالو (٤٣). ٽيهه ايڪا چار ڏهاڪا- چاليهه ۽ ٽيهه.

● چايا: ث. (هه. چايا: ف. سايه) ڇانوَ- ڇاچو- سايو. جِن" ڀُوت جو ڇاچو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

- چايا پوڻ: ڇاچو پوڻ. جِن" جو واسو ٿيڻ. مان لڳڻ- خاموش ٿي وڃڻ.

- چاياٿُ: ذ. صفت. ڇانوَ وارو- سايه دار.

- چايا نيٽرُ: ذ. (سن) سج جي ڇاچي تي وقت ڏسڻ جو اوزار- سورج گهڙِي.

● چايانٽَ: ث. ديپڪ راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

● چايانُ ڦايانُ ڪرڻ: نبيرڻ. نقصان وجهڻ. ضايع ڪري ڇڏڻ.

● چَپ: ث. (سن. ڇوِ هه) حُسن- سُونهن- خوبصورتي.

● چَپ: ث. پاڻيءَ جي ڇرَ. پاڻيءَ وارو ميدان. ڍورو- ٽڻ (ٽئين) وِهاڻي وغيره جي ڇو (ت). ڏاڙهي- سُونهاري. ڪَپَ (ڪ). (صفت) گهاٽي- جهَپ (لس).

- ڇَپ ڇَپ: شَپ شَپ- پاڻيءَ ۾ هلڻ جو آواز.

- ڇَپ ڇاڇولڻُ: پاڻيءَ ۾ ٽاڦوڙا هڻڻ.

- ڇَپ مان جهلي ڇنڊ ڪيڻ (ڪ): ڏاڙهيءَ مان جهلي سيڪت ڏيڻ.

● ڇَپُ، ڇپُ (ل): ذ. هيٺاهين زمين. ڇَن.

● ڇِپ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇپ ۽ ڇپُون: ث. سواريءَ جي جانور کي ڀڄارڻ يا هلائڻ لاءِ لغامَ جي اوچتي ڇڪ- ڇيڀي. هَٽ لائڻ- ڇُهاءُ (ٿ). گاهه واري ايراضي- ماٿيري.

● ڇَٻائِي، ڇَٻائُئين: ث. دريائي ٻيڙيءَ جي شيخلي جي جهَل لاءِ رَسو. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي ڪُوهي جو ڦيچو- ڇَٻائي.

● ڇَپٽُ ۽ ڇُپَٽ: ذ. صفت. ڪُم. ڇريو- ڇرپٽ.

- ڇَپٽ ڪرڻ: لڪائڻ- گُم ڪرڻ. لٽي ميٽي ڪرڻ. ڪُپٽ ڪرڻ.

● ڇَپٽي ۽ ڇَپٽيون (ڪ): جُتيءَ جو هڪ قسم- ڇَنپَل.

● ڇپِ ڇَپ: ث. پاڻيءَ ۾ هلڻ يا ٽاڦوڙا هڻڻ جو آواز.

- ڇَپ ڇَپ ڪرڻ: پاڻيءَ ۾ هلڻ. ٽاڦوڙا هڻڻ.

● ڇَپر: ث. گاهه جو هڪ قسم. پٽرت جو هڪ قسم.

- ڇَپرانو: صفت. ڇپر وارو- گهٽيءَ ڇپر وارو. ڇپرائين زمين.

● ڇَپرلو: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇَپرو ۽ ڇَپرا (ٿ): ذ. هڪ قسم جو ٽوڪرو- ڇَپو.

● ڇَپري ۽ ڇَپر يون (ٿ): ث. ڪَڄانو.

● ڇَپڙاتُ ۽ ڇَپڙاتَ (ڪ): ذ. ڪائڻ وقت ڇَپارڻ جو آواز- ڇاپو- ڇَپڙاتُ.

● ڇَپڙُ ڇَٽُ (ٿ): ذ. صفت. چالاڪ. ٽَڳ. ڪَنجُوس. گهٽو ڪائيندڙ- پهتوڙي.

● ڇَپڙُ ڇَٻُ: ذ. صفت. ڇَپڙ ڇَٽُ.

Gul Hayat Institute

● چَپُڙِي ۽ چَپُڙِيُون: ث. ”چَپِي“ جو تصغير. ڍَبَڪِي (ٿ).
● چَپڙِيُونُ (ل): ث. سونارن جي اصطلاح ۾ سَنهڙا سونا سَٽِيا.
● چَپڪو: ذ. پاڻيءَ ۾ هَلَڻُ يا ڪِرَڻُ جو آواز.
● چَپڪِي (ل): ث. ٿوري اندازَ ۾ - تمام گهٽ - ٿورِي.
● چَپَلَ ۽ چَپَلُونُ (ٿ): ث. بي ڍنگي (زال) - بد افعالي. ويڇهڙَ.
● چَپَلاڻِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● چَپلو ۽ چَپلا: ذ. خلاصو - ويڪرو (وکو) - گهيرگهلو.
● چَپِڻُ (چپَڻ): مصدر. اوچتي چِڪِي ڏيڻ - چپِي ڏيڻ. لغام کي چپِي ڏيڻي گهوڙي کي روڪڻ. چُهڻُ (هٿ).
● چَپو ۽ چَپا: ذ. ڪجيءَ جي ڦرهن يا ڪٺ جي ڪانگڙي مان ٺهيل ويڪري مُنهن وارو ٽُپُو (جنهن ۾ ماڻهون يا ڪارڪُون وجهن). ٽوڪرو. گهورڙئي جي شين رکڻ جو وڏو چپو. جُتيءَ جو هڪ قسم - پناڪو چمپل (ت).
- چَپي پيچ هڻڻ: گهڻين ذاتين جو گڏوچڙ هئڻ. جدا جدا ذات وارن جو هڪ هنڌ گڏ هجڻ.
● چَپِي ۽ چَپِيُون: ث. ننڍو چپو. چاپَ. پنڊي - ڍَبڪِي. شڪل - شبيهه (ٿ).
● چِپِي ۽ چِپِيُونُ: ث. اوچتي چِڪ - جهپي (لغام جي). سَٽَ - ضرب - ڌِڪو - ملامت - ڌَڪاءُ.
- چِپِي اچڻ: چِڪَ اچڻ. هيانءَ ۾ سُور ٿيڻ. سَٽَ اچڻ.
- چِپِي ڏيڻ: اوچتي چِڪ ڏيڻ. سَٽ ڏيڻ. لغڙ کي چِڪَ ڏيڻ.
● چَپيلو ۽ چَپيلا: ذ. صفت. سُهڻو - حَسين - خوبصورت - ڪشادو.
● چَپُ راڏِي: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چِتِ ۽ چِتيُونُ: ث. پالي جهڙو هڪ اوزار (ڍکهي ڪانيءَ ۾ لڳل ڪُنڍيدار سُوئو جنهن سان مُهاڻا مڇي ماريندا آهن، ۽ پڻ پٽي شڪار ۾ به پالي وانگر ڪم اچي)

چِتَن منجهه چِتيون، هنيون هوت هڻن سين
(راڃن شاه).

چِتِ - ڪُنڌُ.
● چِتِ ۽ چِتِيُونُ: ث. جاءِ جو ڍَڪُ - ڪُنڌُ. ڪوٺو.
- چِتِ تان ٽالهه آڇلڻ: ڳالهه وائڪي ڪرڻ. راز ظاهر ڪرڻ. ڌارين کي همراز ڪرڻ. دشمن کي دل جو حال ڏيڻ.
- چِت مان آسمان ڏسڻ: جاءِ جي چِت کي سوراخ هئڻ. غريباڻو گهرُ هئڻ.
● چِتِ (ت): ث. پڙو. سُٿڻ (ت). پڙي جي اندران پائڻ جو ڪپڙو. رِڍَ جو ننڍڙو ڦرُ (ڪ).
- چِتِ چُڙيو ۽ چِتِ چُڙيا: ذ. صفت. ٻچڙو. هلڪيءَ دل وارو. بزدل. ڏرڙو.
- چِتِ چِنل هئڻ (ت): سست هئڻ. بزدل هئڻ.
- چِت ڇوڙڻ (ت): همت هارڻ - بزدل ٿيڻ.
● چِتا: ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. زالن يا ٻارن جي مٿي جا ننڍڙا ۽ آيا وار - چُنڊا.
- چِتا اڇا ٿيڻ: وار اڇا ٿيڻ - عمر وڏي ٿيڻ. زماني جو گهڻو تجربو پرائڻ.
- چِتا چِڙائڻ: مٿي جا وار رڪائڻ.
- چِتا ڇوڙائڻُ (ت): مِينڍِيُون ڇوڙائڻ. وارَ ڇوڙائڻ.
● چِتارا: اسم خاص. فيڊرل ايريا ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِتائي: چالدين جي حسنائي پاڙي مان هڪ پاڙو.
● چِتَرُ: ذ. چِتُ.
- چِتَرَ پَتِي: ذ. صفت. تاجدار - راجا.
- چِتَرُ ڌارِيُ: ذ. تاجدار - راجا.

● چيتَرُ ۽ چيتَرَ: ذ. تَڏي جو چِنل ٽُڪر- چيٿُري. تَڏو- ڀِرچ. چوڏو- ڇيتَر. چيتيون ڦيل شيءِ. ڀُراڻي جُتي يا جهونو گهيتيلو- ڪلتُر. آڏي ڪَتريَل ڪپڙي جي ڏَرَ جو وڏيل ٽُڪر- ڇيتَرُ. مُٺي ماڻهوءَ جو پٽُر (ل). سُوءَ.

- چيتَر ڇُهائڻ: سُوءَ لهرائڻ.

● چيتُرِڙي ۽ چيتُرِڙيُونُ (ت): ث. (سن. چيتُرِڪا) چِتِي.

● چيتُرو ۽ چيتُرا: ذ. صفت. ڏُڪيو- اهنجو. ڪُتَل. ماڪيءَ جو مانارو (ث). حرڪتي- انونترو- بي آرام- شرارتي.

- چيترائي: ث. بي آرامي- ڪيچِل.

● چيتَرَ وَرنُ: ذ. صفت. هُنرمند. دغاباز.

● چيتُري: اسم خاص. هندن ۽ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو- ڪَتري.

● چيتُري ۽ چيتُريُونُ (ت): ث. [هـ] چِتِي- ڦوپ چِتِي.

- چيتري آڏائڻ: واپارين جي اصطلاح ۾ اگهه وڌائڻ- مهانگائي ڪرڻ.

● چيتري ۽ چيتريُونُ: ث. تَڏي جو ٽُڪر- چِيَنل تَڏو. سَنها ۽ گهاٽا ڪَڪر (ث).

● چيتُريس (ت): صفت. هڪ عدد جو نالو- ڇٽيهه (٣٦). ٽيهه ۽ ڇهه.

● چيتڙا: ذ. "چِتا" جو تصغير. ننڍڙا وار- چِتا- چُنبا.

- چيتڙنَ جي ساهيڙي: محاورو. ننڍي هوندي جي ساهيڙي.

- چيتڙن جي ياري: محاورو. ننڍپڻ جي دوستي.

● چيتڪُتائي: ث. چيتي ڪُتي واري حالت. ڏَڙهيُونُ ۽ جهتَ. پتَ ڪوهہ- آنڌ مانڌ. چريائي- ماليخوليا. ڪم جي گهٽائيءَ سبب ورچ. بيزاري.

- چيتڪُتائي هُجڻ: گهٽي ڪم سبب بيزاري هئڻ. پتَ ڪوهہ هئڻ.

- چيتڪتائي هَلڻ: بيهڪُودي هَلات هَلڻ. ڏڙهيُون ڏيڻ- چِتي ڪُتي وارا چڪَ هڻڻ.

● چِتَنلَ: ث. ننڍن وارن واري عورت. (اسم خاص) عورت جو نالو.

● چِتَن شاهہ: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهہ جو نالو. مرد جو نالو.

● چِتو: اسم خاص. مرد جو نالو.

● چِتو ۽ چِتا: ذ. صفت. چِڙيل- مَستُ- پاڳلُ- ديوانو- هڙڪيو- سودائي- بَد حواس- چڪ هڻندڙ (ڪتو وغيره)- "چِتائي" جي بيماريءَ ۾ ورتل (ماڻهو، ڪُتو وغيره).

- چِتو ٿيڻ: چريو ٿيڻ- چِڙجڻ. چِتي ڪتي وانگر چڪ هڻڻ. ڪاوڙجڻ. بدحواس ٿيڻ.

- چِتِي ۽ چِتيُونُ: ث. صفت. ڪائيندڙ- قاڙيندڙ. سخت ٻُچڙي.

- چِتِي وارا چڪَ: محاورو. چِتڪتائي. چڪر هڻڻ جي حالت. چريائي. بَدحواسي. هر ڪنهن کي ڏاڙهڻ واري حالت.

- چِتِي وارا چڪ هڻڻ: چِتي ڪُتي وانگر ڏاڙهن لاءِ اچڻ- وڙهڻ- جهيڙو ڪرڻ- بد حواس ٿيڻ.

- چِتي واري لَري: محاورو. اوچتي لُوهہ. اوچتي ڊوڙ.

- چِتي واري لَري ڪرڻ: اوچتو حملو ڪرڻ. اوچتو سَٽ ڏئي وٺڻ.

● چُتو: مصدر "چُهڻ" مان اسم مفعول. چُهيو

"قاسم ڪر ڪَکوهہ جو، تَرو نہ چُتو تَنُ"
(خليفو نبي بخش)

(صفت) ناپاڪ- پليت. ليٿڙيل- آلودو (ث). چُتي.

● چِتو ديرو: اسم خاص. تعلقي اوباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِتو منگي: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِتِي ۽ چِتيُونُ (ڪ): ث. (سن. شَڪتُڪہ) پالهي جهڙو هڪ اوزار- چِتِ. رِڍَ جو مادي ٻچو (ڪ).

Gul Hayat Institute

● چِٽَ: ث. چِٽڪار- چِٽڪار. ٻِجُ کي ٻنيءَ ۾ داڻو داڻو ڪري چِٽڻ جي حالت. پوک جو هڪ نمونو. جنهن ۾ ٻج چِٽي مٿان هَر ڏيئي ڇڏ يندا آهن. ٿورڙو مينهن- ٻُوند. خراب بانس- ڌَپ- بَد بُوءِ. وڏيءَ عمر جي ڏاڇي (ت). آٽ جي ڪياڙيءَ جو ڀڳهرُ (ٿ). ٻُهتان- تُهمت- اِلزام.
- چِٽَ اچڻ: بانس اچڻ- ڌَپَ اچڻ. ٻُڇان اچڻ- ڪراهت اچڻ.
- چِٽَ ہائي ٿيڻ: مينهن وسڻ. ٻُولد ٻُوند پوڻ.
- چِٽَ ڦِٽَ ٿيڻ (ت): جهِرڙو ٿيڻ.
- چِٽَ ڪاهَ: ث. پوک جو هڪ نمونو، (جنهن ۾ ٻج زمين ۾ چِٽبي، هَر ڪاهيو وڃي).
- چِٽَ ڪرڻ: ٻج کي داڻو داڻو ڪري ٻنيءَ ۾ ڇڪيڙڻ. زمين کي ريج ڪري مٿان ٻِجُ چِٽبي هَر ڏيڻ.
● چِٽِ (ڪ): ث. ٻُهتان- الزام.
- چِٽِ وجهڻ: ٻُهتان ڏيڻ- الزام مڙهڻ- ٽِڪ پِچڻُ.
● چِٽُ ۽ چِٽَ: ذ. تاج- ڪَلنگي. سوڙ (پکيءَ جو). نار يا هُرلي جو هڪ چِڪَرُ- ڍِينگهي جو مٿيون چِڪر (مُهري وارو چڪر). چِٽِي. بيٺل ہاٿيءَ تي چميل سِپنُورُ. وٽ جون چِٽي طرفن پکڙيل پاڙون. ڇهن سالن جي اندر عمر وارو اَٺُ (سنڌ جي مختلف پاڳن ۾ گهٽ وڌ عمر مقرر آهي، جيئن ٿر ۾ هڪ سال، آتر ۾ ٻي سال، ڪاڇي ۾ ڇهه سال ۽ وچولي ۾ ڇهه مهينا). توڏ و. ماٺارو. گردن- ڪَنڌَ.
- چِٽُ جهُلائڻ: سِرُ جي مٿان تاج آڻڻ. مٿان تاج يا غلاف جي چاڙهڻ ڪرڻ
"مولي تنهنجي ميلڻ لئي، لولاڪَ چِٽُ جهُلايو" (صالح شاهه).
- چِٽِيرو: ذ. صفت. چِٽ وارو- تاجدار.
● چِٽِ: حرف ندا. (نفرت ظاهر ڪندڙ لفظ) ڇيرا!
● چِٽُ ڪرڻ (ت): وساري ڇڏڻ. صفا ڪرڻ.
● چِٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ڏاڙهياري جبل ۾ "نُومڙِيا" ذات جو هڪ پاڙو، جي دودي چنيسر جا ماٺهو هئا، جڏهين دودي ۽ علاوالدين جي جنگ ۾ دودي هارايو، تڏهين سڀ آتي پيگا، جن مان جيڪي جيند ڇڏائي پيگا تن کي "چِٽا" چيائون ۽ جيڪي پچي نہ سگهيا، رهجي ويا، تن کي "ڪُهاوڙ" چون).
● چِٽارڻُ: چاڻارڻ- چِٽڻ- چِٽَ ڪرڻ.
● چِٽارو ۽ چِٽارا: ذ. صفت. چِٽَ وارو- بانسارو- بَدبُودار- ڌَپَ وارو. ڪِڪو. اَن چِٽيندڙ.
● چِٽالو (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم. ووٽن ۾ گاهه جي لاءِ چِٽيل جوئر جو ٻج.
● چِٽانڪُ ۽ چِٽانڪَ: ث. [هہ] پَنجَ تولا وزن- آنو.
● چِٽانڪُ ۽ چِٽانڪَ: ذ. ڏسو "چِٽانڪُ".
● چِٽاڻُ (ت): ث. جدائي. وڇوٽي. ڇِڄاڻ. پريشاني.
- چِٽاڻو (ت): ذ. جُدائي. پريشاني.
● چِٽائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ڪوسن جو پاڙو).
● چِٽاءُ (ت): ذ. ہاٿيءَ جي چِٽڪار- چِٽڪار.
● چِٽائڻُ: مصدر. (پرا. چوڊا ويئي. سن. آپ) ڇڏائڻ- آزاد ڪرڻ. جند ڇڏائڻ- ڇوٽڪارو ڏيارڻ- چاق ڪرڻ (علاج ذريعي).
- چِٽائُو ۽ چِٽائُو: ذ صفت. ڇوٽڪارو ڏيندڙ. بندُ خلاص ڪندڙ. بچائيندڙ.
● چِٽائي (ت): ث. ڇِڄائي. جدائي- علحدگي.
● چِٽرائڻُ (ت): مصدر. ڇِڄو ڪرائڻ- گهٽو ہاٿي وجهي پٽڙو ڪرڻ.
- چِٽڙائي: ث. پٽڙائي. ڇِڄائي.
● چِٽڙو ۽ چِٽڙا: ذ. صفت. ڇِڄڙو- پٽڙو. ہاٿيءَ جهڙو. سَنهُون- پتلو.
- چِٽڙو ڪرڻ: پٽڙو ڪرڻ- ڇِڄڙو ڪرڻ.
● چِٽڪارڻُ: مصدر. چِٽڻ. چِٽارڻ. ٻُرڪڻ.
- چِٽڪارَ ۽ چِٽڪارونُ: ث. چِٽڪارَ. چِٽَ
- چِٽڪارائِڻُ: مصدر "چِٽڪارڻ" مان متعدي بالواسطه. چِٽڪارائڻ. چِڙڪائڻ. ٻُرڪائڻ.

Gul Hayat Institute

- ڇٽڪارجڻ: مصدر "ڇٽڪارڻ" مان فعل مجهول. ڇڻڪارجڻ. ٻرڪجڻ.
- ڇٽڪار ڪرڻ: ڇڻڪار ڪرڻ. ٻرڪڻ.
● ڇٽڪارو ۽ ڇٽڪارا: ذ. [سن. ڪارُڪَهہ=] آزادي - نجات - بند خلاصي - ڇوٽڪارو.
● ڇٽڪڻ: مصدر. [سن. ڪارُڪَهہ=] ڇٽڻ (ڪالهين ۾). روانو ٿيڻ (ٻنڌ ۾) شروع ٿيڻ. ٽڪڙو هلڻ. روئڻ ۾ پوڻ. ڀڄڻ.
● ڇٽڻ: مصدر. [پرا. ڇٽڪٽئي يا ڇٽڪيئي سن. ڪشِپِتيهہ=] ٻج زمين ۾ پکيڙڻ. داڻو داڻو ڪري ڦٽو ڪرڻ. ڇٽڪارڻ. ڇڻڪارڻ (پاڻي) - ڇڻڪار ڪرڻ - پاڻي ڇٽڪڻ.
● ڇٽڻ: مصدر [پرا. ڇٽڪئي يا ڇٽڪيئي سن. ڪارُڪَهہ=] ڇٽڻ - ڇٽڪارڻ. (شرڻ).
● ڇٽڻ: مصدر. [پرا. ڇٽئي سن. ڇٽ=] آزاد ٿيڻ. ڪُڙڻ (بند مان). ڇُٽڻ (مرض مان) - شفاياب ٿيڻ - چاق ٿيڻ. هلڻ (ريل گاڏي). شروع ٿيڻ. انزال ٿيڻ. لڳڻ (بندوق، توب وغيره).
- ڇٽي پوڻ: آزاد ٿيڻ - بند خلاص ٿيڻ. آزار کان جند ڇٽڻ. ڇٽڙي پوڻ - انزال ٿيڻ.
- ڇٽي وڃڻ: آزاد ٿيڻ - بچي وڃڻ (سزا ڏوهہ کان) آزار مان جند ڇٽڻ. جيل مان ڇٽڻ. بي طاقت ٿيڻ.
● ڇٽو ۽ ڇٽا: ذ. مانارو (ڏينين، ماکيءَ وغيره جو). سخت واءُ جو جهوٽو (جو ماڻهوءَ کي چريو بنائي). تکو واءُ - سخت طوفان.
"ڇٽا! ڇپر پرينءَ جو، پير پرتيان تو" (شاهہ).
مڇيءَ جو ڇلر. بيٺل پاڻيءَ تي چاول سينور. پيٽ - پاراتو (ث). (صفت). نيتر (ث). عادت (ث). هڪ عضوي جو نالو (ث).
- ڇٽو لڳڻ: ڪاوڙ جو سبب ملڻ. چريائيءَ جا پور اچڻ. وهم ويهجي وڃڻ.
● ڇڙو ۽ ڇڙا: ذ. صفت. ڇڙو - ڇيڙو - پٽڙو. پري. الڳ - جدا. پريشان.

- ڇٽو پاڻو: ظرف. ڇڙو ڇاڙو - ڪٿي ڪٿي - ورلي.
● ڇٽو: فعل. آزاد ٿيو. ڇٽي ويو. (اسم خاص) مرد جو نالو. "ڏنو ڀُٽ ڇُٽي جو".
- ڇٽا پٽ: محاورو. ننڍڙي ٻار جي نيچ ڏيڻ تي ماءُ يا ڏائي اِهي لفظ چوندي آهي.
● ڇٽو پاٽئي: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڇٽو جويو: اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهہ جو نالو.
● ڇٽو لوءِ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڇٽو مهيسر: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڇٽي ۽ ڇٽيون: ث. [سن. ڇترڪا] آس يا ميهن کان بچاءَ لاءِ تارن ۽ ڪپڙي مان ٺهيل ڍڪ (جنهن جي وچ مان لڪڻ هوندو آهي جنهن مان جهلي مٿي جي مٿان جهليندا آهن). ڪنهن پاڙيٺ شيءِ مٿان سٽيو ٿهہ. (ڪير جي) ترَ - ملائي. پڪيءَ جي چوني - موڙ - چوٽڙ. پڪيءَ جي ڳجهي - ڇٽي - ڇهين ڏينهن واري رسم.
- ڇٽيرو ۽ ڇٽيرا: صفت. تاجدار - ڇترپتي - راجا.
● ڇٽي ۽ ڇٽيون: ث. [پرا. آٽ" آ سن. آپتڪا] موڪل - رخصت. اجازت - رهائي - ڇوٽڪارو - نجات - تعطيل.
- ڇٽي وٺڻ: موڪل وٺڻ - اجازت وٺڻ - رخصت وٺڻ.
- ڇٽيسو ۽ ڇٽيسا: ذ. صفت. وڏو بد معاش - لُچو - اوباش.
● ڇٽيلو ۽ ڇٽيلا: ذ صفت. حرفتي - انڪلي - چالاڪ - چالباز - فريبي.
● ڇٽيهہ: صفت. هڪ عدد جو نالو - ٽن ڏهاڪن ۽ ڇهن ايڪن وارو انگ (٣٦).
- ڇٽيهہ لکڻو ۽ ڇٽيهہ لکڻا: ذ. صفت ڇٽيهن لڇڻن وارو. سُلڇڻو. نيڪ بخت - ٻختاور - گهڻين خوبين وارو. ڳهڪڻ. سياڻو - سگهڙو.

Gul Hayat Institute

- چِتِيهو: ذ. ڏاج ۾ ڏنل ڪپڙن جا چِتِيهَہ جوڙا. سُٺ جو هڪ قسم.
● چِٽَ: ث. (١- سن. شش)، (٢- سن. شَشُٺ) قمري مهيني جي ڇهين تاريخ - ڇَهين. ڇَهہ (ڏينهن). ڇَهہ مهينا.
- چِٽِ چِٽِ ڪرڻ: نہ ونڻ. ڌِڪارڻ.
- چِٽِ چِماهي: محاورو. ڇهہ ڏينهن يا ڇهہ مهينا (ظرف) ڪڏهين ڪڏهين - وِرلي - ڪاهي ڪاهي.
- چِتِيڙيو ۽ چِتِيڙيا: ذ. ڇَهين مهيني چاول پارڻ. ڇَهون.
● چِٽِي ۽ چِٽِيون: ث. (سن. شَشُٺ) ٻارُ ڄمڻ کان پوءِ ڇهين ڏينهن ادا ٿيندڙ رسم (جنهن ۾ ٻار جو نالو رکندا آهن) - عَقِيقَہ جي رسم.
- چِٽِيءَ جو چورو هئڻ: محاورو. ننڍي کان يتيم هئڻ - زماني جا ڌِڪا کائي پختو ٿيڻ.
- چِٽِيَ کاڌو: محاورو. اهو ماڻهو جو ٻئي جو جَم سڃيري. جائي جَم کان واقف - چڱيءَ طرح جاڻڻ سڃاڻڻ وارو.
- چِٽِيُ مانجهاندُ و: ذ. هندن جي هڪ رسم.
- چِٽِيون کائڻ: جائي جم کان واقف هئڻ. سيني حرفتن کان واقف هجڻ.
● چِپِ (ت): ث. لِڪَ. دَتُ - ماٺِ - خاموشي. ڏسو "چِپُ".
- چِپِ چاڻُ (ت): محاورو. ڪَچِي جهُو پڙي.
● چِپُ: ذ. لِڪَ. ماٺِ - چُپ - خاموشي. دَتُ - چانُهَر. جُڪَ. شڪاريءَ جو جانور جي شڪار ڪرڻ لاءِ لِڪَ. مَقعَدُ جو اندريون ڀاڱو - پڇو - سُفرو.
- چِپ ڪرڻ: لِڪِي ويهڻ. دَت هئڻ.
- چِپ مارڻ: شڪار ڪرڻ وقت لڪي ويهڻ.
- چِپ ساري ويهڻ: لِڪِي ويهڻ - دت هٽي ويهڻ. چِهَہ مارڻ.
● چِپَ ۽ چِپون: ث. جبل جو وڏو پٿر. ڳَري شيءِ. ڳرو بارُ - آفت - مصيبت. جهَڪاڻ وارو جهنگ (ڪ).
- چِپَ پوڻ: بارُ پوڻ. مصيبت پوڻ (ٻاراتي طور ڪم ايندڙ).

- چِپَ چِپِتيون ٿيڻ: مصيبت ٿَري وڃڻ.
- چِپَ ڪِرڻ: مصيبت نازل ٿيڻ. تڪليف رسڻ.
● چُپَ: ث. هڪ شيءِ جو ٻيءَ سان ڇُهاءُ - ڇوپُ - ناپاڪي.
● چُپاتِي: ظرف. ڳُجهہ ڳوهہ ۾. "چُپُ چُپاتِي چُپُ دِيُ بازِي".
● چَپاڪو: ذ. چمڙيءَ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جا رَتُ خراب ٿيڻ ڪري چمڙيءَ تي دَڙَبَ دَڙَبَ ٿيڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي) - چاپاڪو. ٻڪيءَ جو هڪ قسم (جو گهڻو ڪري رات جو آڏامندو آهي).
● چِپِڻُ: مصدر. طبع ڪرڻ - ڪتاب ڇاپڻ.
● چِپَڻُ: مصدر. لِڪَڻُ - پوشيده ٿيڻ - چِپُ هٽي ويهڻ.
● چَپائِڻُ: مصدر. "چِپڻ" مان متعدي بالواسطه. ڇاپائڻ - طبع ڪرائڻ (ڪتاب وغيره).
- چَپائِي: ث. ڇاپڻ جي حالت - ڇاپو. ڇپائڻ جو خرچ - طَباعَت.
● چِپائِڻُ (ت)، چُپائِڻُ: مصدر. (ٻرا. چُپٽِي يا چِپَئِي) لِڪائڻ - مَخفي رکڻ. گُم ڪرڻ.
● چِپَتُ ۽ چِپَتَ (ل): ذ. جسم تي تيل داغ - دڙٻ.
● چِپِتَرَ (ٿ): ذ. چوڏو. ڪَکَ پَن.
● چِپِٽي ۽ چِپٽِيون (ت): ث. تَڏِي يا ڦَڪِي جو قائل ٿُڪر.
● چِپجَڻُ: مصدر. "چِپڻ" مان فعل مجهول. ڇاپجڻ - طبع ٿيڻ.
● چِپجَڻُ: فعل مجهول. ڪنهن پليت شيءِ سان لڳڻ - ڇوپ لڳڻ - ڇوپجڻ - ناپاڪ ٿيڻ.
● چِپَرَ ۽ چِپَرُون (ث). ڪانَ جي چِپَرَ. رَلدي ۾ وجهڻ جي ٽيڪ.
● چِپَرُ ۽ چِپَرَ: ذ. (سن. چِٽُ) ڇانءَ لاءِ ڍَڪُ (ڪکائين ڇِت). ڪکائين مَنَهن جي ڇِتِ. مَنَهن - ڇِنَ - ڇِنو - ڪَڙَ. لانڍي - جهُو پڙي - پُنڪِي. ڍَڪُ - ڇانءَ. لِڪَ. آڏار - ڏَڍُ. اک جو مٿيون پردو - پَلَڪُ - پڏرُ. جبل - ڏونگر.

Gul Hayat Institute

- چپر پٽڻ: منهن ڏاهڻ. ڇانءَ لاءِ ڪکائين ڇيت ڏاهڻ.
- چپر چيڪڻ: اکين ۾ شور وجهڻ. ڪاوڙجڻ.
- چپر ڪرڻ: گم ڪرڻ- لڪائڻ.
- چپر ڪري ويهڻ: اجهو ڪري ويهڻ.
- چپر ڪٽ ۽ چپر ڪٽون: ث. هڪ قسم جي وڏي ڪٽ (جنهن جي مٿان مهاري وجهڻ لاءِ ڏڪ نه هجي). پلنگ.
- چپر ڪڻڻ: بار کڻڻ- مدد ڪرڻ- وڏي ذميداري کڻڻ.
- چپر ۾ چڙهڻ: جبل ۾ رولڻ. مصيبت ۾ چڙهي وڃڻ.
- چپر هجڻ: منهن هئڻ. ڇانءَ هئڻ. پرجهلو هئڻ.

● چپرو ۽ چپرا: ذ. لوهي پڙچ. ڏڪ. ڇيت. گاڏين وغيره جي ويهڻ لاءِ ڏڪ سان جاءِ.
- چپرائون: ذ. صفت. چپر وارو- ڏڪ سان.

● چپرو ۽ چپرا (ڪ): ذ. مرد- ماڻهو. مڙس.

● چپرو ۽ چپرا (ڪ): ذ. ڪاٺ مان ٺهيل جاري- پڃرو- جعفري دروازو- شبڪو.

● چپري ۽ چپريون: ث. ننڍڙي تڏي. تڏي تڪر- چپري. ڪانن وغيره مان ٺهيل پڙچ (جو دروازي آڏو ڏجي). پتر. لنڊي لانڍي. رڍ جو هڪ قسم (وڏن ڪنن سان) هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.

● چپري (ت): ث. رڍ جو هڪ قسم (وڏن ڪنن سان). جابلو ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جا پڪڙجي ۽ ڪنڊا ٿينس، دوا ۾ ڪم اچي). ڪانن يا ٻوٽن جي ٺهيل ڇيت. چپري. ننڍي لانڍي. تڏي ٽڪر.
- چپريائون: ذ. صفت. چپرائون- چپري وارو- ڪانن جي ڇيت وارو.

● چپڪوري (ت): ث. (ف. شب ڪوري) رات جي نابينائي- اکين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ رات جو نظر نه پوي).

● چپلو (ٿ): ذ. آس.

● چپن (ٿ): صفت. هڪ عدد جو لالو- ڇاونجاهه (٥٦). پنجاهه ۽ ڇهه.
- چپني وارو ڏڪار: ذ. ١٩٥٦ سنبت وارو ڏڪار.

● چپنو: ١٩٥٦ (چپن) سنبت ۾ پيل ڏڪار- ڏڪار "ڇپنار ڪاڙ، ترمتي ڇپنو ڏڪار آووڙي مارو واڙسين" (مارواڙه جي مينگهواڙن جو ڳائڻ).

● چپڻ: مصدر. لڪڻ.

● چپڻ: مصدر. (پرا. ڇپو ئي. سن. ڇپ) پليت شيءِ سان لڳڻ سان ناپاڪ ٿيڻ- لڪڻ- لڪي وڃڻ- روپوش ٿيڻ.

● چپٺهار: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چپيرو، چپيريو ۽ چپيرا، چپيريا: ذ. صفت. (ڇهه + پيرو) ڇهن پيرن وارو- چالاڪ- ڏنگو- لُچ- شرير.

● چپريل ۽ چپريل (ت): ذ. صفت. الڏو- نابين.

● چجاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● چجڙو ۽ چجڙا (ٿ): ذ. ڇڄ- سُپ.

● ڇڄ ۽ ڇڄ: ذ. اَنُ ڇنڊڻ ۽ وائرڻ لاءِ سرَ جي تيلين مان ٺهيل وڏو ويڪرو ٿانءُ. سُپ- فيل گوش (ف)- هاٿيءَ جو ڪن.
- ڇڄ ڏيڻ (ت): انُ صاف ڪرڻ. مشهور ڪرڻ. خوار ڪرڻ- بدنام ڪرڻ. راز کولڻ.
- ڇڄ مان ڪائڻ: شڪارين جي اصطلاح ۾ سُوئر جو هري وڃڻ ۽ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڇڄ مان انُ وغيره کائڻ.

● چجڙا: اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. قنبر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● چجڙو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇڄلي ۽ ڇڄليون (ت): ث. ننڍڙو ڇڄ.

● چچڻ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● چِچڻُ: مصدر. (پرا. چچئيِ. من. چِدُ) ٽُٽڻُ- ڀڄڻ. ڌار ٿيڻ- جدا ٿيڻ- الڳ ٿيڻ. هڄڻُ- ٽڪجڻ. لهي وڃڻ (پاڻي). موت کائڻ.

- چِچِٺو: ذ. صفت. چچڻ وارو. ٽُنڊ ڙ.

● چَچو ۽ چَچا: ذ. چاچو- چيت. چنو.

● چَچهري ۽ چَچهريُون: ث. دروازي يا دريءَ جي اڳيان ننهيل ننڍڙي ڇيت. شڪارين جي اصطلاح ۾ ڳُڏڻي ۾ اڏيءَ جي اڳيان منهن جي ڇيت جو وڌيل حصو (جئن جانور جي نظر شڪاريءَ تي نہ پوي). ورانڊو- برآمده.

● چُ-چُ، چُ-چُ: ث. (آواز) ريل گاڏيءَ جي انجڻ جي هلڻ جو آواز.

● چَچ ۽ چَچيُون (ل): ث. هيناهين زمين- ڍورو- ٽيلي- ترائي. پاڻيءَ جي چَر- چاچَر. ليٽ- پوڙ. درياءَ جي ٽانگهي ڍنڍ (جنهن ۾ مڇي مري). سيوهڻ ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● چَچُ ۽ چَچَ: ذ. تلاءُ- ڪُنب. ڍنڍ. گهٽو پاڻي. پلي جو پيٽُ. اها زمين، جنهن ۾ ڳدرا پوکيا وڃن. (اسم خاص) ٽنڊي باگي ۽ ٽنڊي الهيار تعلقن ۾ ديهن جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. صفت. ٿلهو- ٻي ڍنگو.

- چَچُ چِنڻُ: شوخي ظاهر ڪرڻ.

- چَچُ ڪرڻ: ڪيمياگريءَ جي اصطلاح ۾ پاري کي گرم ڪرڻ بعد اهڙي حالت تي آڻڻ، جو باهہ جي آماڙي ڏيڻ تي بہ نہ اڏامي- قائم النّار ڪرڻ.

● چُچُ ۽ چُچ (ل. ث): ذ. صفت. بيوقوف- اڻڄاڻ. چريو. (ذ) اُٺ جو مخصوص عضوو.

- چُچائي: ث. بي عقلي- بيوقوفي- بي خبري- لاعلمي.

● چِچائڻُ (ل): مصدر. ڪنهن شيءِ کي ڪراهت سان کائڻ.

● چَچر: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. (جُوڻيجن جو پاڙو) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَچر ۽ چَچرُون: ث. چَر (پاڻيءَ جي)- چاچَر. ٽولهہ.

● چَچرُ ۽ چَچرَ: ذ. صفت. اجايو ٿُلهو- ڦيڦو (جسم)- ٿُلهو ۽ لڙڪيل پيٽُ.

● چَچرڪي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِچڙُ ۽ چِچڙَ: ذ. گوشت جو بيڪار حصو (جو لڳلڳڙو ٿئي ۽ گوشت تان لاهي ڦٽو ڪيو وڃي)- ليو- چيچڙو- چِچڙو.

- چِيچڙو ۽ چِچڙا: ذ. چِچڙُ.

- چِچڙا چِڪڻ: خراب ڪم ڪرڻ.

● چَچُ پرڳڙي: اسم خاص. جيمس آباد ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● چَچ جوارُ يا سَرُ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَچُ ماهڙڪو: اسم خاص "ننئي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

● چَچُ عاقل ناهيو: اسم خاص. "ننئي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

● چَچڪارَ (ث)، چَچڪارُ (ذ): (ل) پاڻيءَ هارڻ يا ڇلڪڻ جو آواز.

● چُچڪارَ (ل): ث. مال کي پاڻي پيارڻ وقت آواز- "چي چي" جو آواز.

● چُچڪارڻُ: مصدر. ڪتي کي ٻچ ڪرڻ. چُچڪار جو آواز ڪرڻ.

● چَچڪتر: ث. راند جو هڪ قسم.

● چَچڪو: ذ. پاڻيءَ ڇلڪڻ جو آواز. چاچول. زوردار مينهن وسڻ جو آواز. ريل گاڏيءَ جي انجڻ جو آواز. لوڏو- ڌوڏو. ٺڪي.

- چَچڪا ڏيڻ: مينهن جو رکي رکي وسڻ.

- چَچڪو ڏيڻ: مينهن جو زوردار وسڪارو ٿيڻ. چاچولڻ. لُپڻُ. چولين جو آواز ڪرڻ.

● چُچڪي (ت): ث. مينهن جو ٿوري وقت لاءِ زور سان وسڪارو- ڇوهو.

● چَچُنڊَڙُ، چُچنڊَڙُ ۽ چَچنڊَڙَ: ذ. چچُونڊرُ- ڪئي جو هڪ قسم.

● چَچو: ذ. آٽڪ - رُڪاوٽ - رنڊَڪَ. ڦَڏو.

● چِچو يا چِچا: ذ. صفت. ڍرو - سُست - آهستي ڪم ڪندڙ - بيڪار.

● چِچوڙ ڻُ: مصدر. ڏُونداڙڻ. مِٺيءَ ۾ لوڏيڻ - لِتوڙ ڻُ - بيزار ڪرڻ - خفي ڪرڻ. ڪِيِنداڙ ڻ.

● چَچُونڊ رُ يا چِچُونڊ رَ: ذ. [هه] هڪ قسم جو ڪُونئو (جنهن ۾ بَدبُو تمام گهڻي ٿئي) - الڊو ڪُونئو.

● چُچُو والو: ذ. ڪپڙن جي ڍيگهه ۽ ويڪر.

● چَچ و رهياڪو: اسم خاص. "ٺٽي" جي ويجهو هڪ ڍنڍ جو نالو.

● چُچُوهَرُ (ت): ذ. بهتان - الزام.

● چَچِي يا چَچِيُون: ث. چَچِ - چَنِ. هيٺاهين ڪلراٺي زمين.

- چَچِي ٿيڻ: زمين ڪلراٺي ٿيڻ.

● چِچِي' يا چِچِيَون': ث. ڪِڪِي. مَڇيءَ جي ڦ پَ - ڪِڪاڻ - ڪِڪَ - گندگي - ڪِن ڪِچرو - مڇيءَ جي بدبُوءِ

"ڏِکيءَ هاٺِيُون ڪارِيُون، چِچِيءَ هاٺا چَج" (شاهه).

گهٽ قيمت واري مَڇي. ڍلڻ جي مَڇِي. ٻارَ جو پيشابُ يا پاخانو.

● چِچِي موڙا: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چِدرُ يا چِدِرَ: ذ. شِڳوفو - مُڪري. ڦند - فريب.

● چِدِرڻُ (ث) مصدر. ڪپڙي تي ڪچي ڏاڳي سان ٽِڪُون' انڪائڻ - ٽِڪُن جو پرت ڪرڻ.

● چِدُرو يا چِدرا (ث): ذ. صفت. چِٻو - ٻتڙو. وِرلو.

● چَڏَ: ث. چڏڻ جي حالت. چُوٽِ (قيمت ۾) - لاٽ.

- چَڏَ چُوٽَ ڪرڻ: (قيمت ۾) ڪُجهه رقم گهٽ ڪرڻ - ڪُجهه رعايت ڪرڻ.

● چَڏَتِ: ث. چَڏَ - چُوٽِ. لاٽِ. معافي - قيمت ۾ ڪَمِي.

● چَڏائِيڻُ: مصدر. "چڏڻ" مان متعدي بالواسطه. آزاد ڪرائڻ - بندخلاص ڪرائڻ. ونڻ - ڪجهه حاصل ڪرڻ. گهٽ ڪرائڻ (قيمت). هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ (وڙهڻ وارن کي).

● چَڏِڻُ (چَڏَڻ): مصدر. چڏي ڏيڻ - ترڪ ڪرڻ - ڦِٽو ڪرڻ. تياڳڻ. رِها ڪرڻ - چوٽڪارو ڏيڻ. معاف ڪرڻ. ڏيڻ (استعفا، طلاق). سُلڪ چڏڻ. چُوٽ ڏيڻ. شڪار پنيان چڏڻ (شڪاري ڪتي ڪي). درگذر ڪرڻ - نظرانداز ڪرڻ.

- چڏي ڏيڻ: رها ڪرڻ - آزاد ڪرڻ. نظرانداز ڪرڻ - درگذر ڪرڻ.

- چڏي ڍارڻ: چڏي ڏيڻ. آزاد ڪرڻ.

- چڏي وڃڻ: ڦٽو ڪري وڃڻ. دست بردار ٿيڻ. مري وڃڻ - لاڏاڻو ڪرڻ.

● چَڏو يا چَڏا (ل): ذ. پاڻيءَ جو ننڍو ڍُبو - ڍَهو.

● چڏوچاڻُ: ذ. صفت. ڪنهن نه ڪم جو - نِڪمو. خسيس. بيعقل.

● چِٻَ: ث. چِٻائي - پَترائي. هَتلائِي - رِقت. ڍُورِي - پرپَرائِي. چِٻِرِي لَسِي - پاڻياڪ.

● چِٻُ يا چِٻَ (ت): ذ. [ع. شَرّ > چِرُ > چِٻُ] ڪپِڏُ - فريب. (صفت). حرڪتي - ڏِنگو.

- چِٻُ چِنُچَرُ (ت): محاورو. تمام ڏنگو - لُچو - حرڪتي - بدمعاش.

- چِٻُ جاڳائِيڻُ: حرڪت ڪرڻ. جهيڙو جاڳائڻ.

- چِٻُ مچائڻ: چِٻُ جاڳائڻ. فساد جاڳائڻ - جهيڙو وڌائڻ.

● چِٻڙائِيڻُ: مصدر. چِٻو ڪرڻ - پَتڙو ڪرڻ. گهٽائڻ - ٿورو ڪرڻ.

● چِٻڙو يا چِٻڙا: ذ. صفت. "چِٻو" جو تصغير. پتڙو - پاڻيءَ جهڙو. پاڻياٺو (ذ) فريب - ٺڳي - دولابُ.

● چِٻَڻُ (ڪ): مصدر. شاديءَ جا سانَسُوَڻ ڪرڻ.

● چِٻو يا چِٻا: ذ. صفت. گهڻو پاڻي پيل - پتڙو - پَتلو. پَتري - وِرِلو. جُدا - الڳ. پَترو. (ث). چِٻِرِي يا چِٻِيُونُ.

Gul Hayat Institute

- ڇِڊائي، ڇِڊائِي: ث. ڇِتڙائي. ڏورِي - ھِريرائي - گھٽتائي - گھٽِي - فاصلو - وِٿِي.
- ڇِڊو پاڊو: محاورو: اِيڪڙ ٻيڪڙ - ٿوري انداز ۾ - وِرلو. ڪڏھين ڪڏھين - اتفاق سان - مشڪل سان.
- ڇِڊو پاڊو لَڀِڻ: ٿوري انداز ۾ ھٿ اچڻ - وِرلي ھٿ اچڻ - مشڪل سان لڀڻ - ڪڏھين ڪڏھين لڀڻ - آتفاقي ھٿ اچڻ.

● ڇِڊُ ۽ ڇِڊَ (ث): ذ. [ع. شَرّ > ڇِرُ > ڇِڊُ] جِنّ يا ڀُوت جو اثر.

● ڇَر: اسم خاص. مسلمانن جي ھڪ ذات جو نالو. تعلقي ٺٽي باگي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڇَرَ ۽ ڇَرَوَنُ: ث. پاڻيءَ جي آٿل - لھيٽَ - پوڙ. ھيٺاھينءَ زمين ۾ بيٺل تالڳھو پاڻي. پاڻيءَ جي لَسَ. درياءَ جي چاڙھ جو پاڻي. ھڪين، مڪڙن يا ڀڪرين جو وڏو تعداد

"اڄي نمي نوتيارڪيءَ ۾ ڇاڳي سندي ڇَرَ"
(ڄام خان)

چانگَ - وَلَرَ - قطار (ڪ).

● ڇِرُ ۽ ڇِرَ (ت): ذ. [ع. شَرّ] فساد - جھيڙو - معاملو. چريائي - شرارت.
- ڇِرُ ڪڍائڻ: شرُ ڪڍائڻ. رِيسَ ڏيارڻ - شرارت پيدا ڪرڻ.
- ڇِرُ وجھڻ: فساد وجھڻ - جھيڙو مچائڻ - فساد برپا ڪرڻ.
- ڇَرڙِي: ذ. صفت. شيطان - فسادي - جھيڙاڪار.

● ڇُرَ: ث. مصدر "ڇُرڻ" مان اسم. ٻُورُ سان ڪپڙي تي چاپي ھڻڻ جي حالت. ڪپڙي تي لڪتل ڇِٽيسالي.

● ڇُرُ ۽ ڇُرَ (ل): ذ. ڇُرڻ جو اوزار - پورُ - ڇُرَ جو ڪم.

● ڇَراڙو ۽ ڇَراڙا: ذ. پاڻيءَ جي جيت جو ھڪ قِسم - مترطان - ڪيڪيڙو.

● ڇُراڙِي (ل): ث. ريزگاري - ريزو - ريجو - روپئي جا ڇِنَل يا ڀڳل پئسا - وڏي نوٽ جي عوض لنيدا نوٽَ.

● ڇِرائِڻُ: مصدر. ڇيڙڻ - ڇيڙائڻ - ڪاوڙائڻ. ڇريو ڪرڻ.
- ڇِرائِتَلُ ۽ ڇِرائتَلَ: ذ. صفت. ڪاوڙيل - ڇيڙيل - ڇِريل - مَست.

● ڇُرائِڻُ: مصر "ڇُرڻ" مان متعدي بالواسطه. ڇِٽَ ڪيائڻ (ڪپڙي تي).

● ڇِرِبِير: ث. ڇُوھو پاڻي. ڪَرِيَلُ ڪير.

● ڇِرِتِ (لس)؛ ث. جھيڙو - بکيڙو - معاملو. ڇيڊَڪُ - ڇِنڊُ - مَڪَرُ - سُرتِ - سنيالَ.

● ڇَرچوتِ: ث. آڪلاءَ - جلدائي.

● ڇَرڙ: ذ. صفت. ڇوليڪو - ريزڪي - "ڇَرڙ ڪم". ڇِٽَل (پئسا). رولو - بيگانو - آواره - بيواھو.

● ڇَرڙ ٻِرڙ، ڇِرڙو رڙ: ظرف. ڇِڙو ڇِڙ - سُنتَشَر - ڊانوان ڊول - ٽِڙيل ھڪيڙيلُ. ڪَرِيَلُ ڪير جو پاڻي. ڇوھو پاڻي.

● ڇَرڙِي ۽ ڇَرڙيون: ث. جالور جو ھڪ قِسم - گِيلوئِي - ڪِيرڙِي.

● ڇِرڪَ: ث. ھوا جو تورو جھوٽو. ٿوري وقت لاءِ سينڻن جو وسڪارو. لوڻ ڀُرڪڻ جي حالت.

● ڇِرڪڻُ: مصدر. ڇرڪ پرڻ - اوچتو ڏڪي وڃڻ. ڊڄڻ - ڊَپ ڪرڻ - ٿَھَنُ - تاھ ڪائڻ. ڀُرڪڻ - چِٽڪارڻ (لوڻ مصالح وغيره).
- ڇِرڪُ، ڇِرڪُ ۽ ڇِرڪَ: ذ. اوچتو ڊَپُ - ٺاھڻ - ڊيھو - اَڊڪو - خوف - ڀؤ - آدمو - ڄڌبو - سوڄ.
- ڇِرڪائِڻ: مصدر "ڇِرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. ڊيڄارڻ - ٺاھڻ. اوچتو ڊَپُ وجھڻ. ٿورو ٿورو ڏ ونڙو وِلوڙڻُ (ل).
- ڇِرڪ پِرڻ مارڻ: ڊپ ڪان اوچتو ڏڪي وڃڻ. ڊڄي وڃڻ. ٿَھَنُ - ڇِرڪڻ. ڪنھن ڊپ جي سببان اوچتو ٽپ ڏيئي اٿڻ.
- ڇِرڪ ٿيڻ: ڇِرڪ پوڻ. ڪنھن نامعلوم خوف جو احساس ٿيڻ - ڊڄي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

- چيرڪ پَوڻ: ٽاهه پوڻ (جانورن يا پکين ۾). اوچتو ڊپ لڳڻ.
- چيرڪ ٿِيَڻُ (ت): ٽاهه پوڻ. ڊڄڻ - ڊپ ٿيڻ.
- چيرڪيٺو ۽ چيرڪيٺا: ذ. صفت. ڊڄڻو - ڊيڄو - ٽهڪو (ث) چيرڪيٺي ۽ چيرڪيٺيون.
- چيرُڪيلُ ۽ چيرُڪيلَ: ذ. صفت. چيرڪ پيل - ڊنل. ٽنل.
- ● چِرنٿ ۽ چِرنٿون: ث. زناني زيور جو (هڪ قسم. هڪ قسم جي وڏي نٿ).
- ● چِرڻُ: مصدر. چيري پوڻ - چِڙڻُ - ڪاوڙجڻ. چيتو ٿيڻ - بگڙي وڃڻ - چريو ٿيڻ. رُلڻ - رمڻ - پِنڌڻُ - ڪاڻ لاءِ اچڻ.
- ● چُرڻُ: مصدر. (سن. چُرَ) چُرَ ڪرڻ - ڪپڙي تي رنگين پور هڻي، چِٽ گُل ڪيڻ. آڪرڻ - چِٽڻ.
- چُرُٽِي: ث. ڪپڙي تي چُرَ.
- ● چيرٽِي ۽ چيرٽِيُون: ث اوزار جو هڪ قسم (جا ڪاٺين وغيره چيرڻ ۾ ڪم اچي) - چيٺِي.
- ● چُرُٽِي ۽ چُرُٽِيون: سونارن جي اصطلاح ۾ لوهي پَٽ (جو ڳَهن صاف ڪرڻ لاءِ ڪم اچي).
- ● چيرو ۽ چيرا: ذ (هه. چَـرّا) شيهي جي گولي. ڇيرو (بندوق وغيره جو).
- ● چُرو ۽ چُرا: ذ. اوزار جو هڪ قِسم - وڏي ڪاتي - ڪاتُ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار (انچ ڪن موڪرو، اڌ انچ ڪن ٿُلهو ۽ فوٽ ڪن ڊگهو لوهه جو ٽڪرو جو درزن ڪي نوڪ ڏيڻ ۾ ڪم اچي).
- ● چِرو چِر، چِرو ڪِر: صفت. چِڙو چِڙ - مُنتَشر - ڏار ڏار - ٽِڙ ٻِڙ هڪڙيل.
- ● چِرَهو ۽ چِرَها (ت): ذ. سُٽ جو ڍيرو.
- ● چُري ۽ چُريون: ث. وڍڻ جو هڪ اوزار - ڪاتي.
- ● چُرِ يتائي: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ● چَرِ يلو ۽ چَرِ يلا (ت): ذ. صفت. چالاڪ - اٽڪلي.
- ● چُرِ يهُرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- ● چُرِ يٺَٽَ (ت): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
- ● چُرِ يٺو ۽ چُرِ يٺا: ذ. ننڍي ڪاتي.
- ● چِڙَ ۽ چِڙون: ث. ڊگهي ڪاني. چِمَڪَ. ڪنجيءَ جي تاڙي. انءَ وغيره چِڙڻ جي حالت. صفائي - چِنبَ. مارَ - پيچَ - سزا. لوهارن جي اصطلاح ۾ 'ڏوڻَ' ڪي هلائڻ جي حالت. (صفت) تيز - تيکو - سِڌو

"چِنبو وجهي چورَ ڪي، آءُ چِڙَ، عُقاب" (شاهه).

- ● چِڙائڻُ: مصدر "چِڙڻ" مان متعدي بالواسطه. چانورن تان ٻُوسو لهرائڻ - انءَ صفا ڪرائڻ - چِڙَ ڪرائڻ.
- چِڙائي، چِڙائي: ث. انءَ چِڙائڻ جو اُجورو. انءَ جي چِڙَ - سارِ ين منجهان چانور ڪيڏائڻ جي حالت.
- ● چِڙائو: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ● چِڙائو جاگير: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ● چِڙِ ٻَچاندو ۽ چِڙَ ٻَچاندا: ذ. صفت. اڪيلو - چِڙو.
- ● چِڙ ٻِڙ: ظرف. چِڙ ۽ وِڙ - مُنتَشَر.
- ● چِڙ ٻَڻُ: مصدر چِڙِب ڏيڻ - تَڙي ڏيڻ. ڏَمڪائڻ - دڙڪو ڏيڻ. چِينبڻ - سِنڌڻُ. چِنبَ ڪيڻ.
- چِڙُبَ ۽ چِڙُبون: ث. تَڙِي - پيڪ - ڏَڙهي - دڙڪو. چِينبَ. ڪَهُرو ڳالهاءُ.
- چِڙباٺو: ذ. صفت. چِڙبون ڏيندڙ - زود رنج.
- چِڙِ ٻُڪُ ۽ چِڙِ ٻُڪَ (ڪ): ذ. چِڙب - دڙڪو.
- چِڙ ٻُون ڏيڻ: تَڙِ يُون چاڙهڻ - ڏَڙ هيُون ڏيڻ - دڙڪا ڏيڻ - ڏمڪائڻ.
- چِڙُ ٻِي ۽ چِڙُ ٻِيُون: ث. چِڙبَ - ڏَڙهي - تَڙِي.
- چِڙُ ٻِي، چِڙ ٻِيلُ: ذ. صفت. چِڙباٺو - هُڙڪيل.

Gul Hayat Institute

- چڙ پيُون ڏيڻ: چڙ پُون ڏيڻ - تڙيون ميلائڻ - ڏمڪائڻ.

● چُڙُت ۽ چُڙُتَ: ذ. صفت. چالاڪ - ڦُڙت - جهانجهرو. آجو. چٽل - جلد باز.

● چُڙ چُڙ ڳابا (ڳابڙا): محاورو: چُڙيل ڳابن وانگر پنهنجي مُنهن هلندڙ. ڪُليل ڳابن وانگر پنهنجي مُنهن چرندڙ. روءِ سوءِ - خود خيال - پنهنجي مُنهن.

● چُڙ چڙ ڳابا (ڳابڙا) هڻڻ: پنهنجي مُنهن مان هڻڻ - چڙ و چڙ هڻڻ. پڌيءَ ۾ نہ هڻڻ - سيني جو پنهنجو مُنهن هڻڻ.

● چڙ چنبَ: ث. آنءَ چڙڻ جي حالت. آنءَ جي چڙائي - چڙ.

● چڙچوت: ث. ڪم جي جلدائي - آڪلاءُ - تڪڙ - تڙتڪڙ - آپاهر - تيزي - تِڪائي - عجلت - جلد بازي.

● چُڙڪُ: صفت. چوهو. ڪڙ و تڙو - چُست. ڦُڙت. جَلَ ڦتاڪو. تڪڙو.

● چُڙڪو: ذ. صفت. چست - ڦُڙت - چُڙت. همت وارو (ذ) دباءُ - دپ (ت).

● چُڙڪَ ۽ چُڙڪُون: ث. ڪوڙڪي وانگر دام (جو عموماً ننڍڙن پکين جهرڪ بلبلن، جهرڪين وغيره جي ڦاسائڻ لاءِ آڏيندا آهن).

- چُڙڪَ آڏڻ (ت): اوسيڙو ڪيڻ - انتظار ڪرڻ.

- چُڙڪَ منڊڻ: پکين ڦاسائڻ لاءِ دام آڏڻ.

- چڙڪ (چُڙڪون) هڻڻ (ت): بي لحاظو ڳالهائڻ. طعنا ٽُنڪا هڻڻ. گُلپيل هڻڻ.

● چُڙڪُ: صفت. ڪُليل - چٽل. ڪُتو (جواب).

- چُڙڪُ جواب ڏيڻ: روکڙو جواب ڏيڻ. ٺهه ٺهه جواب ڏيڻ. انڪار ڪرڻ. صفا جواب ڏيڻ.

- چُڙڪُ هڻڻ: بي لحاظو هڻڻ. ڳالهائڻ جو چُرت هڻڻ (جو رک رکاءُ نہ ڪري ۽ منهن تي سچ چئي).

● چڙڪڻ: مصدر. چڙڻ (ل). وڄائڻ (ت) - آواز ڪيڻ (ٿالهيءَ وغيره ڪي ڏڪ هڻي).

● چُڙڪڻ (ل): مصدر. آلٽڻ - آڪڙڻ (سَنڌ). ٿڪ سبب عضوا ڍرا ٿيڻ.

● چُڙ ڳاهي (ت): ث. ڳاهہ ڳاهڻ جو هڪ نمونو - بنا ڦرڻي ڳاهہ. ڳاهہ مٿان چڻن يا ڇهن ڏاندن جي هلر.

● چُڙَ مڙي (ل): ث. صفت. چڙ و چڙ. جدا جدا.

● چُڙڻ (چڙڻ): مصدر. آنءَ جي داڻن تان ٻوسو لاهڻ لاءِ آ ڪريءَ ۾ ڪُٽڻ (فقط چانورن ۽ سانئُي ڪي چڙيندا آهن) - چڙ ڏيڻ.

● چڙڻ: مصدر. چڙڻ - ڪاوڙجڻ. چِڙڻ - مَچڙجڻ. جوش ۾ پرجڻ.

● چُڙڻ: مصدر. [پرا. چُٽئي سن. چُٽ] ڪُلڻ (ڳنڍ، هڙ). وَهت جو رسي وغيره مان ڇُٽڻ. چُٽڻ - آزاد ٿيڻ - نڪرڻ (قيد مان) چُٽڻ (بندوق). وَهڻ - جاري ٿيڻ (پاڻي). انزال ٿيڻ - خلاص ٿيڻ - چُٽي پوڻ.

- چُڙئي پلانڊَ: آزاد - روءِ سوءِ - پنهنجي ٿي ڪتي - خود مختار.

- چُڙي پوڻ: چٽي پوڻ - انزال ٿيڻ.

- چُڙي ڪوتا: ث. نثر.

- چُڙيو (پچڙيو) ڳالهائڻ: جڻن آيو تئن ڳالهائڻ - خيال ڪان سواءِ ڳالهائڻ. بنا روڪ ٽوڪ ڳالهائڻ.

● چڙو ۽ چڙا: ذ. صفت. چڙهو هڪڙو - اڪيلو. اڻ پرڻيل - وانڍو. فقط - رڳو. (ث. چڙي ۽ چڙيون).

- چڙو چُڙ سل: محاورو. اڪيلو - اڪيلي سر. وانڍو. اڻ پرڻيل - ڪُنوارو (ث). چڙي چُڙ سَلِ.

- چڙو پڙو: ظرف. فقط - رڳو.

- چڙو چانڊو: ذ. صفت. ڪنوارو - اڪيلو. پارڻ ڪان سواءِ - چڙو چُڙ مل. (ث). چڙي چانڊِ.

● چُڙواڳ: ذ. صفت. آزاد - چُٽل. واڳ ڪان سواءِ (گهوڙو، وهٽ). روءِ سوءِ - خود مختار. اختيار ڪان ٻاهر.

Gul Hayat Institute

- چڙواڳِي: ث. خود مختاري. پنھنجي مُنھَن هڻڻ جي حالت. آزادي.
● چڙ هَه: ث. تيز وهڪرو (پاڻيءَ جو). ماٺ - چُپ.
- چڙهه ڪَرڻ هڻڻ: چَپُ هڻڻ - دَ ڏُ هڻڻ. ماٺ ڪري ڪيري پوڻ.
● چڙَهه ۽ چڙ هُون: ث. ڏکهي ڪاني - لڙهو. لاڙ - ٽاري. سنهي ۽ ڏکهي ڪاني. بانس جو لڙهو. پُچڙي. تَنگَ. لٽ. درياءَ جي شاخ - چاڙهه.
- چڙَهه لڳڻ (ت): پچڙي لڳڻ. لَتَ جو ڌڪ لڳڻ. نقصان رسڻ.
- چڙهه نه چورڻ (ت): چنگهه به نه چورڻ. پُچڙي به نه چورڻ. ماٺ ۾ پيو رهڻ.
- چڙَهُون هڻڻ (ت): چڙيُون هڻڻ. هٿَ پير هڻڻ - ڪوشش ڪرڻ.
- چڙهي ۽ چڙهيُون: ث. چڙي - لتَ.
- چڙهيون هڻڻ: لَتُون هڻڻ - چڙيُون هڻڻ.
● چڙ هُه: ذ. اجرڪ چُرڻ جو چڊو رنگ.
● چڙُهاتَ ۽ چڙُهاٽُون: ث. نار جو هڪ عضوو (پاڻيءَ جي مٿان مَنجھ واري ڪاني).
- چڙَهه، چڙهائي: ث. سارين جي چڙ - چڙ ني.
- چڙهو چَنڊَ: ث. سارين جي چڙ. چڙچَنڊ.
● چڙ هو ۽ چڙَها: ذ. صفت. چڙو - اڪيلو. هڪڙو. ڪُنوارو. سُٽ جو ڦورو (ث). اها ڪاني جنهن تي ڪپهه ويڙهي، دوا مان پوڙي ڪاڪڙي ڪي لائنجي (ل). ڏپ - بانس (ل).
- چڙهو چانڊُ ۽ چڙها چانڊ: ذ. صفت. اڪيلو. ڪنوارو - چڙو چانڊ. (ث). چڙهي چانڊ.
- چڙو چڙمَلُ: ذ. صفت. ڪنوارو - اڻ پرڻيل. چڙو چڙمل. (ث) چڙهي چڙسَلَ.
● چڙهِيءَ ۽ چڙ هيُون: ث. سنهي ڪاني. لَڪڻ. تلهڙ - چڙي. لَٽ. ٽاري - لاڙ. لٽ - ڪجيءَ جي ٽاري. چانديءَ جي لَٽ. سُٽَ جو ڦورو (ث). اختياري (ث).

- چڙهيدارُ ۽ چڙهيدارَ: ذ. صفت. اهو ماڻهو جو هٿ ۾ لَڪڻ ڪٺندو هجي. بااختيار. لاٺ وارو - ٽاريُن وارو (وڻ). چوبدار - دربان.
- چڙهيُون هڻڻ: چڙيون هڻڻ - هٿ پير هڻڻ - ڦٿڪڻ. ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
● چڙي ۽ چڙيُون: ث. لَڪڻ - لَٺ - تلهڙ. ٽاري - شاخ ڪَجيءَ جي ٽاري - لَٽ - چڙهي. (صفت) اڪيلي. ڪنواري.
- چڙيُون چانگَٽُ، ڪَپڻ، وڍڻ (ت): ڪجيءَ جون ٽاريُون چانگڻ.
- چڙيُون ڏيڻ (ت): ڪجيءَ جي اصطلاح ۾، ڪجين ۾ مال جي گهڻائي هڻڻ.
- چڙيُونُ هڻڻ: لَتُون هڻڻ. ڦٿڪڻ. جيئن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. ڪپهه وغيره ڪي سٽڻ (ڪ).
● چڙيتُرُ ۽ چڙيتُرَ (ت): ذ. صفت. حرڪتي - اُڌمترو - ڪپچلو - ڏنگو.
● چُڙيو ۽ چڙيا: صفت چڙيل - ڪُلَيل. چُوٽ (ريزو). (ذ) جلاب ڪان آيل ڪاڪُوس. درياءَ جو (پاڻي).
- چڙيو پڇڙيو ڳالهائڻ: بنا سوچ سمجهه جي ڳالهائڻ.
- چڙيو ڳالهائڻ: چوٽ ڳالهائڻ. گستاخيءَ سان ڳالهائڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.
- چڙيو مَتائڻ: بَد ڪار ٿيڻ - بَه پيشو ڪرائڻ.
● چِسو ۽ چِسا (ل): ذ. بيوقوف - بي عقل. هيٺو. بُزدل - نادان - اناڙي - زَن مُريدُ - چِهه سو ٽارُن وارو آئيل ڪپڙو. مچُو (ث). چِسي ۽ چِسيُونُ.
● چَڪ ۽ چَڪُونُ: ث. (سن. چَڪرُ) پَسگردائي - آسپاس - ترُ. وَسُونُ - آبادي "ويجهي چَڪَ". ويجهڙائي - نزديڪي. (ف. شَش = چهه) تاس ۾ چهن داڻن وارو پتو. چَڪي.
● چَڪ ۽ چَڪيُونُ: ث. دريائي ٻيڙيءَ جي سڙهه ڪي ٻڌڻ جي رَسن مان هڪ رسو.
● چَڪُ: ذ. جهڙالو - مَلار.

Gul Hayat Institute

- چَڪَ اچڻ (ت): سوداءُ ٿيڻ. دل تي ڪو خيال اچڻ.
● چِڪَ ۽ چِڪُونُ: ث. [مصدر. چڪڻ > اسم چِڪَ] چِڪِيُ- تاڻَ- زور. ٽنڪ. ڪَٽ جي واڻ وغيره کي ڏنل چِڪِي. ڪشش- تانگهه- آڪير- آڪنڊ- سِڪَ- ياد ڳيري- گهُرَ- طلب- ضرورت- ٽِڪَ (پاڻيءَ جي). نَڪ مان زور سان هوا نڪرڻ جي حالت نِڇ. هڪ دفعو چِڪايل شرابُ. مَنڊيءَ ۾ پيل نوڙي- نيتو- پَڪڙَ- ڳرفت- جذبو.
- چِڪَ چِپيڙَ ڪرڻ: ڇڪتاڻ ڪرڻ. ڳِهِل ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ.
- چِڪَ چِڪاڻُ: ث. ڇِڪتاڻ. ڳِهِلَ ڳيِنداڙ. ڪشمڪش.
- چِڪ مُنجهڻُ: تڪليف ۾ پوڻ.
● چِڪاچِڪ: ظرف. ڪناتار- ٽيمتار- پَرپُور.
- چِڪاچِڪ ڪرڻ: چڱيءَ طرح سان پَرڻ. ڏُو ڪرڻ. ٽيمتار ڪرڻ.
● چِڪائِڻُ: مصدر. چِڪن ڪرائڻ- پاڻ تي موهت ڪرڻ.
● چِڪائِڻُ: مصدر. "چِڪڻ" مان متعدي بالواسطه. چِڪَ ڏيارڻ- تاڻائڻ- وٺڻ (پاڻي يا بجلي جو ڪنيڪشن). گهُرڻُ (سڳ). ڳِهِلائڻ (ڪورٽ ۾). وٺڻ (حق). دعوي جتائڻ.
● چِڪتاڻ: ث. [چِڪن > چِڪَ + تاڻڻ > تاڻ] چِڪ چِڪاڻ- ڳِهِل ڳيِنداڙ. رَڳِڙو- معاملو- تقاضا- طلب- ڪشمڪش.
- چِڪتاڻَ ڪرڻ: چِڪ چِڪاڻ ڪرڻ. سختيءَ سان گهُر ڪرڻ. ڳِهِلَ ڪرڻ.
- چِڪَ پوُنُ: محاورو. ڏاري جو چڪو (ڇهه داڻا) يا پوُنُ (هڪ داڻو). چوپڙ يا ڏاري راند ۾ ڪنهن ڊر جي رالد جي اها حالت جنهن ۾ چڪو پوڻ سان رالد اجا بہ هلي سگهي ٿي ۽ پوُنُ جي داءُ پوڻ سان راند ختم ٿي وڃي. آخرين داءُ پڇاڙي (راند جي). انتها (ڪنهن ڪم جي). پويان پساهہ. باقي ٿوري وقت تي.
- چِڪَ پوُن تي اچي بيهڻ: راند جو نبرڻ. راند (چوپڙ جوا) آخرين داءُ تي هئڻ. ڪنهن بہ شئي جو خاتمو ٿيڻ. پڇاڙي ٿيڻ. مَرڻ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ.
- چِڪَ پوُن تي هئڻ: چڪ پوُن تي اچي بيهڻ. مَرڻ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ. تمام جلدي ختم ٿي وڃڻ واري حالت ۾ هئڻ.
● چِڪِجَڻُ: مصدر. "چِڪڻ" مان فعل مجهول. سِڪو نهڻ.
● چِڪجَڻُ: مصدر "چِڪڻ" مان فعل مجهول. تاڻجڻ- ڪشجڻ- اينگهجڻ- گهلجڻ (ڪورٽ ۾).
● چِڪرُ ۽ چِڪرَ (ت): ذ. صفت. آهو ماڻهو جنهن کي هٿ ۾ ڇهه آڱريون هجن- ڇاڱو.
● چِڪِرُ ۽ چِڪِرَ: ذ. صفت. چِڪيندڙ- زوري ڪَسِيندڙ- چِيندڙ- چِڪِيءَ وارو (مريض).
● چِڪَ رَسِ: ث. دريائي ٻيڙيءَ جي چِڪڻ لاءِ رسو- لانُهه.
● چِڪِڙو ۽ چِڪِڙا: ذ [سن. شَڪَٽِڪَهَ] بيل گاڏي جو هڪ قسم (جنهن کي چار ڦيٿا هجن، مٿان ۽ پاسن کان بند ٿيل هجي، سواريءَ جي ڪم اچي). هڪ قسم جي ڏڪَ واري بيل گاڏي. ريل گاڏيءَ جو ننڍو گاڏو.
● چِڪڙي ۽ چِڪِڙيُون: ث. [سن. شَڪَٽِڪَهَ] گاڏيءَ جو هڪ قسم. اجائي ميار رکڻ. چوپڙ راند جو هڪ داءُ. ڇهن داڻن وارو پتو- چِڪَ.
● چِڪَنُ: صفت. موهت- عاشق- فريفتہ- نشي ۾ غلطان- شيدا- مفتون- بد مَست- آلهُوتُ.
● چِڪنُبو ۽ چِڪنُبا: ذ. صفت. [سن. شِشُنُ + ڪوٽِهہ] ڇهن ڪنڊن وارو. ڇهن ڪنڊن واري شڪل.
● چِڪَڻُ: مصدر. چِڪنَ ٿيڻ- موهت ٿيڻ- عاشق ٿيڻ.
● چِڪڻ: ث. وَڏِي يا نوڙي جا مَنڊِيٽَڙي کي ڦيرائڻ لاءِ ڪم اچي (ل)- وَڏِي- نيتو. ننڍڙي ٻار کي سَٽَ جي سَوَڻ ڪرڻ لاءِ آڪ جي پُورن پنن کي باهه تي سيڪي انهن سان

Gul Hayat Institute

ڪيڏيل رس (جا ٻار جي نَڪَ ۾ وجهندا آهن).
ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم (جا ڪُٽيءَ ڇاڻي ناس وانگر ڪم آڻجي ته گهاٽي بلغم کي چِڪَن رستي ٻاهر ڪڍي ۽ مٿي جي سُورَ کي فائدو ڪري) - نَڪَ چِڪِڻي.

● چِڪِڻُ (چِڪَڻُ): مصدر. (سن. ڪُرِشُ) چِڪَ ڏيڻ - زور سان ٻاڻ ڏانهن آڻڻ - تاڻڻ. ڪَشِڻ. ڊِوَهَڻُ. گِهِلِڻُ. لَلڪارڻ (مقابلي يا پَلاند لاءِ). ويجهو آڻڻ. گهُرڻ (سَگَ). طَلبَڻ (حق) - تقاضا ڪرڻ. ٻِيئَڻ (ٻيڙي، چِلم وغيره). اِينگهائڻ.

- چِڪِڻِيُ ۽ چِڪِڻِيُونُ: ث. ٻِچَڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسي (جنهن سان ٻچڻي جي پکي کي چِڪي ٻَڌ جي) - ٻچارن جو هڪ اوزار.

● چِڪو: صفت. (سن. شَشتُ = ڇهه) ڇهه (٦).

- ڇڪو پنجو ڪرڻ: ٺڳِي ٺڳي ڪرڻ - اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. دولاب ڪرڻ - ٺڳي ڪرڻ.

● ڇڪو ۽ ڇڪا: ذ. (سن. شَشتُ = ڇهه) هڏي، پٿر وغيره مان ٺهيل ڇهن پاسن وارو ننڍڙو مڪعب (جنهن تي هڪ کان ڇهن تائين ٽِٻڪَن جي صورت ۾ نشان ٺيل هجن، چوپڙ راند يا جوا ۾ داءُ هڻڻ جي ڪم اچي) - ڏارو - ڪٽو (قُرعَہ). هڪ عدد جو نالو.

- ڇڪائي: ذ. صفت. ڇڪا هڻندڙ - جُواري.

- ڇڪو هڻڻ: ڏارو هڻڻ - جُوا ڪرڻ.

● چِڪو ۽ چِڪا: ذ. نوڙين مان ٺهيل گول سينهوڙي، جا ٽن يا چئن نوڙين ۾ ٻڌل هوندي آهي ۽ ساهميءَ جي ٻِڙ وانگر ڇت ۾ ٽنگبي، ان ۾ ڪاڏي جون شيون حفاظت سان رکي سگهبيون آهن (جيئن ماڪوڙين يا ٻلين وغيره جي نقصان کان محفوظ رهن). نوڙين مان ٺهيل جاريدار ڳوٿري جا ڳاهه وقت ڏڳن جي ٻوٿ تي ٻڌندا آهن (جيئن ڏاند ان" نه کائي سگهن) - ٻُوتاڙو. سِڪي جي مٿان لڳل ٺپو يا نشان - مُهر. سِڪو. گهوڙي جي هڪ بيماري (جا اڳين ٽنگن ۾ ٿئي).

- چِڪا ڏيڻ: ڳاهه وقت ڏاندن جي ٻُوٿن تي ٻوتاڙا چاڙهڻ.

- چِڪائي ۽ چِڪائي: ذ. صفت. چِڪا ٺاهيندڙ - چِڪن وارو.

- چِڪو ڇُڙڻ: آزاد ٿيڻ - ڇُڙواڳ ٿيڻ. پابندي لهڻ.

- چِڪو لَهڻُ: وات کُلڻ - گهٽيءَ ٻَڪَ ڪرڻ - گهٽو ڳالهائڻ.

- چِڪي تي (ڪُٽيي) رکڻ: وڏائي ڪرڻ - ٽپيڙي ڪرڻ - پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ.

● چِڪي ۽ چِڪيُونُ: ث. (سن. شَشتُ = ڇهه) تاس ۾ ڇهن انگن وارو پتو. (صفت). حيران - پريشان. مستاني - متوالي
"چِڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جي وِڙاهُ" (شاهه).
درياني ٻيڙيءَ جي قلميءَ کي قابو ڪرڻ جو رسو.

● چِڪي: ث. هڪ قسم جي بيماري (ڪنهن ڳري بار کڻڻ يا ٽپُ ڏيڻ وغيره سبب چيلهه ۾ سَٽَ پوڻ جي بيماري) - ناف جي بيماري. چيلهه جو سُور. ڪچو ٻار ڪرڻ جي زناني بيماري (ت). مَلهه جو هڪ انگ (جنهن ۾ هڪ مَلهُه ٻئي مَلهه جي ٽنگن ۾ گوڏو ڏيئي، مُنهن جي زور تي مٿي آڇلي).

- چِڪي اچڻ: ڪچو ٻار ڪِرڻ. سَٽَ اچڻ. چيلهه ۾ سُور پوڻ.

- چِڪيءَ تي کڻڻ: مَلهه ۾ هڪ داءُ وڙهڻ (جنهن ۾ مخالف مَلهه جي ٽنگن وچان گوڏو ڏيئي مُنهن جي زور تي مٿي کڻي آڇلجي).

- چِڪي ٻڌڻُ، کڻڻ: مَلهه ۾ چِڪيءَ جو وارو ڪيڻ.

- چِڪي پَوڻُ: ڪنهن ڳري بار وغيره کڻڻ ڪري چيلهه ۾ سَٽَ پوڻ - ناف (دُنُ) ٿورو سِرڪي وڃڻ.

● چِڪي ۽ چِڪيُونُ: ث. چِڪَ - تاڻ. اوچتي چِڪَ - ڇِڪِي (لغام وغيره کي). سَٽَ
"چِڪيءَ چِٺائين، پَنڌُ مڙوئي ٻَپَ جو" (شاهه).

Gul Hayat Institute

ڇوھ. نقصان. دريائي ٻيڙيءَ جي سيڙھ کي ڇڪي آڏ سان ٻڌڻ جي رسي. گھر - طلب.

- ڇڪي اچڻ: ڇڪ اچڻ. ڇڪي اچڻ. نقصان ٿيڻ. گھر ٿيڻ (قرض جي). گھٽو ڪاٻو ٿيڻ.

- ڇڪي پئڻ (ت): نقصان پھچائڻ.

- ڇڪي ڏيڻ: ڇڪ ڏيڻ. سٽ ڏيڻ. گھر ڪرڻ. زور سان ڇڪي ٻڌڻ.

- ڇڪيون پاڻي وٺڻ: زوري ڪسي وٺڻ.

● ڇڪياري ۽ ڇڪياريون: صفت. [ڇڪ + ياري <واري] جنھن تي ڇڪتاڻ ڪجي

”آچاري پيئندي، ڇڪياري ڪين پيئندي“.

● ڇڪيو: صفت. مڙيو - چونڪيو.

● ڇڪيوڙو (ث): ذ. صفت. ٻئي جو زور - ٽيڪ - همت - مڙسي.

● ڇگو ۽ ڇگا (ث): ذ. صفت. ڇھ ڏندو (جانور). ڇھن سالن جي ڄمار جو (وھٽ). ميڳو.

● ڇگو ۽ ڇگار (ث): ذ. ڌرو (پٽڪي جو) - ڇيڙو.

● ڇڳاڻي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات (ضلعي لاڙڪاڻي ۾).

● ڇڳر (ل): ذ. بدن جو لٽڪيل چمڙو (پيريءَ سبب).

- ڇڳر لاڙڻ: ڳئون، مينھن وغيره جو اوھ لاڙڻ.

● ڇڳو ۽ ڇڳا: ذ. صفت. ڇھ ڏندو (جانور). ڇھن سالن جي ڄمار جو جانور. آهو ماڻھو جنھن جي هٿ يا پير ۾ ڇھ آڱريون هجن - ڇاڳو. (ث) ڇيڳي ۽ ڇيڳون.

● ڇڳو ۽ ڇڳا: ذ. ميوي جو ڇڳو (خصوصاً انگور، ڊاک وغيره جو). ٽارين يا گلن جو جھڳٽو. چوٽو (وارن جو) ويڙھو (سٽ جو). موڙ. ڇٽ.

- ڇڳارو ۽ ڇڳاڻون: ذ. صفت. ڇڳن وارو. ڇٽ وارو.

● ڇڳي: ث. زنالي ڪپڙي جو هڪ قسم - سوسي. (تر ڳاڙھو، جدا جدا رنگن جا سنھا ليڪا، منجھانئس سٽٿون ناهين).

● ڇڳير ۽ ڇڳيرَ: ذ. صفت. ڇڳي وارو. ڇڳن وارو. موڙ وارو. طرڙي وارو. ڪلنگيدار. پھلوان - جودو.

”ڇاڇر ڇڳيرن، گھور نہ اچي گھاتوئين“.

(شاهہ ڪريم).

ڏ ئل - پسنديده - سردار - اڳواڻ.

● ڇڳيري: سرلھ جو هڪ قسم.

● ڇل (ڪ): صفت. گھٽو - جنجھو - بي انداز.

● ڇل، ڇل ۽ ڇلون، ڇليون: ث. لشڪر - فوج - سپاهہ. سٽ سان پاڻي ڪيڻ لاءِ ٺڪر يا ٽين جو هڪ ٿانءُ - ڪنجي - مڪ.

● ڇل: ث. ڪنجي. فوج - ڪتڪ.

● ڇل (ت): ث. ڪٽڪ جي ول جو ٿورو ٿورو حصو جو ڳاھ ڳاهڻ مهل ڏاندن جي پيرن هيٺان ڏيندا آهن.

- ڇل وجھڻ: ڳاهہ ڳاهڻ مهل ڏاندن جي پيرن هيٺان ول وجھڻ.

● ڇل ۽ ڇل: ذ. [سن. ڇلھہ يا ڇلم] مڪر - ڍونگ - ٺڳي - دولاب - سٽو - ڍڳ - دڙو (ڪ).

- ڇل ڇدر: ذ. ٺڳي - مڪر - فريب - اٽڪل - ٽل.

- ڇل ڪرڻ: دولاب ڪرڻ. رسڻ - ٺڳڻ.

● ڇل: ث. [سن. شلڪھہ] ڪل. چوڏو. چوڏي (ٻير جي). سنھون ٻردو. ڏاڙھونءَ جون کلون (جي رنگ طور ڪم اچن). ٿورو ذرو - زيور - ٿڪھ. ڇلڻ جي حالت. تڪليف - عذاب (ت).

- ڇيل مار: ث. مار موچڙو.

● ڇيل: ذ. ڪل. چوڏو. (اصطلاحاً) ڪل جھڙو زيور. ذرو.

- ڇيل ٻہ نہ ڏيڻ: ذرو ٻہ نہ ڏيڻ.

- ڇيل ہٽ: ذ. ٿڪھ ٿڪو. سامان سڙو.

- ڇيل ہٽ پائڻ: ٿڪھ ٿڪو پائڻ.

- ڇيل پٽ گڏ ڪرڻ: سنھي ٿلھي شيءِ گڏ ڪرڻ. ٿڪھ ٿڪو جوڙائي رکڻ.

Gul Hayat Institute

● چِلُ ۽ چِلُون: ث. (مصدر "چِلڻ" = هلڻ. سن. آچلڻ - چِلَ) هلچلي - پَنڌُ. جُنبش. رولڙو. تڪليف. ڪم جي ڪٺائي (ت). ڏيهو. ڊوڙ. آچل

"واهيري جي وير، چِلُون ڪَريان چِپَرين"
(شاهه).

(مصدر "چلڻ" مان امر) هَل

"تالڪي ڳوري چِلُ، لاڙائو سج ٿيو"
(شاهه ڪريم).

● چِلَ پَلَ: ث. بيقراري. تيلان ولان.

− چِلَ پَلَ لڳڻ: بيقراري لڳڻ. آنڊ مانڊ ٿيڻ.

− چِلُون ڪرڻ: تِپَ ڏيڻ. آچلُون ڏيڻ - ڊوڙڻ - خوشيءَ ۾ ٽپنگ ٽپا ڏيڻ. جهوتو هڻڻ

"واهيري جي وير، چِلُون ڪريان چِپَرين"
(شاهه).

● چِلا چِل: ث. چِم چِم. ٻُوندَ وسڻ جو آواز

"چِرن چالُون چِلڙ چيها، چِلا چِل بوند ڏي چِنڪا"
(احمد ملاح)

● چِلارُ ۽ چِلارَ: ذ. صفت. هٺ جو چُوٽ - سَختي.

● چِلابي ۽ چِلابيُون (ڪ): ث. چِبي - چِلي.

● چِلان: ڪَجيءَ جون چلڪون.

● چِلانڪ ۽ چِلانڪُون: ث. آچانگ - چالُ - ڏيهو.

● چِلائِڻُ (ل. ت): مصدر "چلڻ" مان متعدي بالواسطه. رَنڊي يا ڪهاڙي سان ڪاٺيءَ جا چوڏا لهرائي سڌو ڪرائڻ - ترائڻ. ڪنڌو وغيره پاڻيءَ سان پرائي تار ڪرڻ. ڪنان تار ڪرائڻ.

● چِلائِڻُ: مصدر "چِلڻ" مان متعدي بالواسطه. هلائڻ - رَلائڻ.

● چِلتو ۽ چِلتا: ذ. (سن. شلڪکهه) ڪَلَ. چوڏو. چِلرُ (مڇي وغيره جو).

● چِلرُ، چِلرُ ۽ چِلرَ: ذ. (سن. شلڪُڪَر) مَڇيءَ جو چِلتو. چِلڙ. ماليءَ جو پڙُ. هلڪو ڪَهنُ. چوپائي جا وڏيل ڏند (ل).

● چِلرُ ۽ چِلرَ (ت): ذ. صفت. تمام ٿلهو - ٿيڦو.

● چِلڙُ ۽ چِلڙَ: ذ. ڏسو "چِلرُ".

− چِلرُ چوڏو: محاورو. ڪَهنُ ڪنو. شاديءَ وغيره ۾ ڪم ايندڙ سنهي ٿلهي شيءِ.

− چِلرُ چوڏو: ذ. سنهو ٿلهو زيور - چِلُ چوڏو.

● چِلڪ (ت): ذ. پاڻيءَ جي لپَ.

● چِلڪ (ث): ث. چِميل رت جو ڊِڳ، جو وات يا نڪ مان نڪري.

● چِلڪِ (ت): ث. چيرڪ.

● چِلڪڻِ (ت): ث. صفت. بدچال ۽ گندلي عورت.

● چِلڪڻُ: مصدر. پاڻيءَ جو ڪنهن ٿانوَ ۾ لوڏا کائڻ - چاچولجڻ - چِلڻ.

− چِلڪائِڻُ: مصدر. "چِلڪڻ" مان متعدي بالواسطه. چاچولڻ - لوڏڻ (پريل ٿانوَ کي). آگهارڻ - آچلائڻ.

− چِلڪو ۽ چِلڪا (ت): ذ. پاڻيءَ سان پريل ٿانوَ کي لوڏو - چاچولَ. پاڻيءَ جي چلڪڻ جو آواز. چِڪو (ت).

− چِلڪي ۽ چِلڪيُون: ث. چولي - لهر. چاچول.

− چِلڪو: ذ. وَسڪارو (مينهن جو) - چِڇڪو. جهونتو (واءُ جو). آڌمو. چاچول - لوڏو (پاڻيءَ جو). لالچ - رشوت (ت).

● چِلڪو ۽ چِلڪا: ذ مڇيءَ جو چِلرُ.

− چِلڪا چڙهڻ: چِلرَ چڙهڻ. تهه چڙهڻ.

● چِلڪي ۽ چِلڪيُون: ث. ٽولي - ماڻهن جو ميڙاڪو - چِلنگي. مينهن جو وسڪارو. چلڪو.

● چِلگِري: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. مري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● چِلَ مَردو ۽ چِلَ مَردا (ت): گهوڙي جو هڪ سنجُ - هنهي ۾ پرتُ پريلُ چمڙو.

− چِلنگ: مينهن جو چِنڪارو.

● چِلنگار (ل): ظرف. چِڙواڪ - ري ڏٺيءَ - رولتو (چوپايو مال). نيڌَنڪو.

● چِلنگڙو ۽ چِلنگڙا (ل): ذ. ڪالڪنٽ - جهينگو. هڪ قسم جي ننڍي مڇي.

Gul Hayat Institute

● چُلَنگي ۽ چُلَنگيُون (ل): ث. ٽن چئن ماڻهن جي ٽولي- ٽولو- ننڍو گروه- ڇُڳو.
- چُلَنگيُون ٿيڻ: ٽوليون ٿيڻ. وِرِ ڇِڇِجي وڃڻ.
● چِلَڻُ: مصدر. ٽِڳڻ- دولاب ڪرڻ. ڀَنيلائڻ. هِر ڪائڻ.
● چِلِڻُ: مصدر. ڇوڏا لاهڻ (وڻ جا). ترَڻ (ڪاٺي). رَنڊو هڻڻ. کَل لاهڻ- کَلِڻُ. چِلر لاهڻ (مڇي وغيره جا). گهَڙڻ- تراشڻ. ڇَڙِڻ- تُهه لاهڻ. گهَڙڻ (پٿر، قلم وغيره). رهِڙڻ (بدن). ڀَرجڻ. ٽِمار ٿيڻ. ڪناٽار ٿيڻ (ل).
● چُلڻُ: مصدر. پاڻيءَ جو لُڏڻ. ڇوليون هڻڻ. ڇُلڪڻ. ڇاڇولجڻ. ڪنارن تان اُٿلڻ (پاڻي). ٽُلڪڻ (پاڻيءَ ۾). رُلڻ- ٽولا کائڻ. هَلڻ. دربدر ٿيڻ. هلاڪ ٿيڻ (پنڌ ۾). ظاهر ڪرڻ (راز). چوڻ- ڳُلهائڻ.
● چِلٽو ۽ چِلٽا (ل): ڦُلٽو- چِلٽو. ڦُلُوڪٽو.
● چُلٽو ۽ چُلٽا: ذ. باهه ۾ سڙڻ ڪري چمڙيءَ تي ٿيل ڦوڦينڊو- ڦُلٽو- ڦُلُوڪِٽو.
● چَلو ۽ چَلا: ذ. ڳهه جو هڪ قسم. چانديءَ يا ٽامي وغيره جي تار جو چَلو (جو هٿ جي آڱر ۾ پائجي). ستار وَڄائڻ جي زبان. لوڪ گيت جو هڪ قسم.
- چَلا ڪرڻ (ت): ڪجيءَ جي اصطلاح ۾ ڏونڪا ڪَپي گول چِلَن جي صورت ۾ آڻڻ.
- چَلو مُنڊي پائڻ: زيور پائڻ. هار سينگار ڪرڻ.
- چَلو مُنڊي لاهي ويهڻ (ت): سڀ آسرا لاهي ويهڻ. بي اونو ٿي ويهڻ.
● چَلُو: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِلو ۽ چِلا: ذ. [ف. چِلَهَ] پار چمڻ يا ماتا جي بيماريءَ جي حالت ۾ مريض کي ٻين ماڻهن مان مِلڻ کان پرهيز ڪرڻ جي حالت (وِيَمَ جي حالت ۾ ناپاڪ يا بيمار ماڻهوءَ جو اثر عورت تي پوندو آهي ۽ ماتا جي بيماريءَ جي حالت ۾ اها بيماري ٻين کي وِچڙندي آهي). عموماً ٻارهن ڏينهن چِلي جو تعداد آهي. پرهيزَ- ڪِري.
- چِلو چاڙهڻ (ڪ): چِلو ڏوئڻ. مٿي تي پاڻي وجهڻ.
- چِلو ڌوئڻ (ڪ): بيماريءَ مان اٿڻ. مٿي تي پاڻي وجهڻ.
- چِلو ڪيڻ (ٿ): بيماريءَ کي ڪِرڪ ڏيڻ. چاليهو ڪيڻ.
- چِلو ڪرڻ: بيمار جي رک ڪرڻ. مريض کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ سمهاري ٻاهر نڪرڻ نه ڏيڻ ۽ نه ڌارين سان ملڻ ڏيڻ.
- چِلي ۾ ويهڻ: بيماريءَ جي حالت ۾ پرهيز ۾ ويهڻ.
● چِلو دُرُون: ذ. جانور جو هڪ قسم (قد ڪتي جيڏو، منهن اَبلَقي رنگ، ان تي ليڪا آڇا، ڪارا ۽ کَڻ جي کل بہ ابلقي ٿئي. ان جو گوشت جَلَندر ۽ جُذامَ جي بيماريءَ کي فائدو ڪري).
● چَلُورُ ۽ چَلُورَ: ذ. صفت. جنهن جا وار چلاوان هجن. گهُنڊِيدار وارن وارو. سهڻو. محبوب.
● چِلَورِي ۽ چِلَورِيُون: مڇيءَ جو هڪ قسم. چَلي- چِلڪو.
● چِلُونڪڙِي، چِلُونڪِڙِي ۽ چِلُونڪڙِيُون: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● چِلهه (ت): ث. چِل. تڪليف. عذاب.
- چِلهه ڪرڻ: چِل ڪرڻ. چِلڻ.
- چِلهه ۾ هجڻ: وڏي تڪليف ۾ هجڻ. گهڻي ڪم ۾ مشغول هجڻ.
● چِلهوري: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (پلي جهڙي ۽ مٺي پاڻيءَ جي ٿئي). چِلوري.
● چَلِي ۽ چَلِيُون: ث. ڦِيڻش (پيُسَ) مان ٺهيل هڪ قسم جي ٽوڪِرِي (جنهن جو مُنهن ويڪرو ٿئي)- ڇَٻي. مڇيءَ جو هڪ قسم (لهڙ جهڙي، رنگ اڇو، بناڇِڊِرَ، ڪَلِيُنِ وٽان ٻه ڪنڊا، قد ڇهه- ست اِنچ مٺي پاڻيءَ جي مڇي).

Gul Hayat Institute

ڪَنَ جي واليِن ڪي مضبوط رکڻ واري هڪ والِي.

● چيلير حم: ذ. (ع. "صلہ" ڳنڍڻ + رَحم = مائٽي) قريب - لاڳاپي دار - ميٽ - مائٽ - عزيز.

● چَمَ ۽ چَمَ (ڪ): ذ. اک - چشم - عين.
چمڪو (گھنگھرن جو) - برف ڪرڻ جو غبار.

- چَمَ ٻڌڻ (ڪ): ناچ ۾ گھنگھرن ٻڌل پير واري تي ڪٿڻ (جئن تارَ تارَ ۾ ۽ ڪُر ڪُر ۾ ملندو اچي).

● چَماسِي ۽ چَماسِيون: ث. ڇهن مهينن جو عرصو. هڪ رسم، جا ڪنهن فوتيءَ جي وفات کان پوءِ ڇهين مهيني ادا ڪندا آهن. (صفت). ڇهن مهينن جي.

● چَماهِي ۽ چَماهِيون: ث. ڇھ مهينا - ششماهي. ڇهن مهينن جو پگهار وغيره.

● چَمائِڻ: مصد ر. (سن. شَمَر) آجهائڻ - وِسائڻ. ٺنڊو ڪرڻ - ٺارڻ
"جي تَتوتَن تَنُور جئن، تہ چَندي ساڻ چَماءِ"
(شاھ).

سانت ڪرائڻ.

● چَمڇَر: ذ. ڪنهن ماڻهوءَ جي وفات کانپوءِ سندس وارث طرفان ٻارهين مهيني ادا ڪيل رسم - ورسِي - ٻارهو. چنڇر (ڏينهن).

● چِمِ چِمِ، چِيم چِيم: ث. گھنگھرن جو آواز. ڇيرِ جو آواز. مينهَن وَسڻ جو آواز.

- چِيم چِيم ڪرڻ: گھنگھرا وَڄڻ - چِمڪو ڪرڻ.

● چَمچِير ۽ چَمچِيريون (لس): ث. (ف. شمشير) تلوار - ترار.

● چَمَر ۽ چَمَرَ: ذ. جھڙ - مـلار (ملهار). اڇا ڪَڪَر (جي مينهن نہ وَسائين) - آٻُون.

● چَمَڪَ ۽ چَمَڪُون: ث. سنهڙي ڪاٺي - ڇهو. وڻ جي تازي سنهڙي ٽاري. لَڪَڻ - ٽلهڙ - قمچي.

● چِمڪات ۽ چِمڪار: ذ. گھنگھرن جو آواز. ڌاتوءَ جي ڪنهن بہ شيءِ جي وَڄڻ جو آواز - چِڪات.

● چَمڪَڻ: مصد ر. ڏسو "چِمڪڻ".

● چِمڪَڻ: مصد ر. وَڄڻ (گھنگھرا وغيره) ڇڻڪو ڪرڻ - ڌاتوءَ مان ٺهيل ڪنهن شيءِ جو آواز ڪرڻ. آواز ڪرڻ. چم چم ڪرڻ. گھٽو واءُ لڳڻ (ل).

- چِمڪو ۽ چِمڪا: ذ. واڄو (گھنگھرن جو). ڇير وغيره جو آواز. تِکو واءُ (ل).

● چِمڪِٽو ۽ چِمڪِٽا (ت): ذ. رانديڪي جو هڪ قسم - جهنجهٽو.

● چِمڪِٽِي: ث. ٻَساري وکر جو هڪ قسم (هڪ قسم جي وڻ ۽ ان جي ڦر جو نالو) - املتاس جي هڪ ڦَرِي، جيڪا چِمڪَڻ جو آواز ڪندي آهي.

● چَمڪولي (ڪ): ث. هڪ قسم جو ڦل (ناريل جهڙو ٿئي، پيٽان ايندڙ رت جي بند ڪرڻ لاءِ ڏونري ۾ ڳڏي کارائيندا آهن. ڪَڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ گھڻي ٿئي).

● چَمڪِي ۽ چَمڪِيون: ث. سنهڙو لَڪَڻ - چَمڪ. ننڍي ڪاني ۽ ان جي چوٽيءَ ۾ ٻَڌل ڏورِ (جا مَڇي مارڻ لاءِ ڪم اچي).

● چَمَڻ (ت) ۽ مصد ر. ٺڏو ٿيڻ. ٺَرڻ. آٺرڻ.

● چَميا: ث. (سن. ڪشَمَ) ڪميا. مهرباني.

● چَنِ: اسم خاص. تعلقي ٺٽي باڳي ۾ هڪ ديھ جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو.

● چَنَ، چَنِ ۽ چَنُون: ث. (سن. چَندَ) ٽوٽين تي بيٺل ڪَڪائين ڇيت. ڇَپَرَ. وڏو چَنو. مَنَهَن. هيٺاهين زمين (جتي پاڻي گڏ ٿئي ۽ سُڪڻ بعد الهيءَ هند گاھ ٻُوٽا وغيره پيدا ٿين). ٽانگھو تلاءُ - سيم وغيره جي پاڻيءَ وارو هيٺاهون هنڌ - ڍنڍ (ل). گاھ ۽ وڻڪار وارو هنڌ.

- چَنِ ٻڌڻ: چَنو ٺاهڻ. مَنَهن اڏڻ.

● چِنَ: ث. ڪِنَ - پَلَڪَ - گھڙي - لحظو - ڪَنَ.

● چِنِ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ نَرو لهي پوندو آهي). [مصد ر. "چِنڻ" > چِنِ] پِڪِ - ٽوٽ. نقصان.

Gul Hayat Institute

● چِنَ پوڻ: چن جي بيماري ٿيڻ. خصيَنِ لهي پوڻ جي بيماري. پچي پوڻ. نقصان رسڻ.
● چِنالَ ۽ چِنالُون: ث. صفت. ڇڙواڳ. بدچال - بدڪار (عورت) - لُچي - رنڊي - ڪنجري.
● چِنالو: ذ. صفت. حرامڪار - بدچال - ڪنجرُ. بي غيرت.
● چِنائِڻُ: مصدر "چنڻ" مان متعدي بالواسطه. ٽوڙائڻ. جدا ڪرائڻ.
- چِنائي: ث. چِنَڻ جي مزوري. جدائي.
- چِنايل: صفت. ٽوڙايل - ڀڃايل - جدا ڪرايل.
● چِنَ بابُو: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِنَ بيار: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِنَ ڀيراهه: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِنَ پير واري: اسم خاص. نعلقي ڏڪڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چِنبُ: ث. مصدر "چنبڻ" مان اسم. هڪ دفعو اکين ڀورڻَ ۽ ڀٽڻ جي حالت. ڀِتِ کي ڀهريون ليپو (جنهن ۾ رڳو گارو ٿڦيندا ويندا آهن ۽ مٿان وري راڳي سان پيو سنو هٿ هڻندا آهن). وٽن جي ٽارين سان ڀن روڙڻ جي حالت. روڙَ. ڀرت جو هڪ قسم. (اسم خاص) تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- چِنبَ ڪرڻ: وٽن جي ٽارين تان ڀنَ روڙڻ. ٽارين تان ڀن ڀتي صاف ڪرڻ.
● چِنبُ (ت): ذ. تلاءُ.
● چِنبَرُ، چِنبَڻُ ۽ چِنبرَ، چِنبَڻَ: ذ. اک جو ڀلڪُ. اکين جي پلڪن جا وار - ڀنجهرُ - ڀنبڻُ.
● چِنبِڙُ ۽ چِنبِڙَ (ک): ذ. مڇي مارڻ جي رڄ جو هڪ حصو.
● چِنبِڙِي (ت): صفت. تمام آيرو. ڪانيءَ جهڙو سنهون. تمام هلڪو. (ث) ڀنبڻي.
● چِنبِڪي: ث. ڪانيءَ جو سنهون ٽڪر - چينيو.

● چِنبِڪي ڳاڙهي: ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ ڳاڙهو، ڪنن تي ڳاڙها ۽ اڇا ٽُٻڪا، پُڇَ ۽ پچڙنِ تي وڏا وار، ڪن ڊگها، ٽنگون ڊگهيون، سڱ وڏا ۽ ونڀيلَ ٿين).
● چِنُ پنبِراڻي: اسم خاص. تعلقي ڏڪڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چَنبِڻُ (ت): مصدر. ڪنبڻ - مٿي ڪڻڻ.
- چنبي اچڻ: ڪنبي ڪٿي اچڻ. زوريءَ ڪٿي اچڻ.
● چَنبِڻُ ۽ چَنبِڻَ: ذ. ڏسو "چنبِڙُ". (ل). سردري جي مٿان رکيل ڪاٺي جنهن تي اوساري ٿئي (ٿ).
● چِنبِڻُ: مصدر. ڀورڻ پٽڻ (اکيون) - ٽمڪائڻ - ٽَپڻ (اکيون). گارو هڻڻ - ليپو ڏيڻ - راڳڻ - راڳو ڏيڻ - چينبڻ - جهٽڪڻ.
● چِنبي: ث. ماٺِ - ٽِنبي.
- چِنبي هڻڻ: ٽنبي هڻڻ - دَٽُ هڻڻ.
● چَنبَ ۽ چَنبُون (ٿ): ث. چَنبڊَ - برسات جي بوند - چنبڊ ڪارُ - وسڪارو.
● چَنبَاجڻُ (ٿ): فعل مجهول. ڀڪريون ڏُکيون رهجڻ.
● چِنَ پتوڙ: [چنڻ <چن + پتوڙڻ >پتوڙ] آند ماند - بيقراري - پتَ کوهت.
● چن جمالي: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چُنچاتُ: ذ. باهه ۾ پاڻي وغيره جي پوڻ جو آواز - چونچاٽ - شُوشٽُ.
● چَنچارُ: ذ. ڏسو "چنچر" چنچر - چمچر.
● چنچر: ذ. [سن. شَنيهُ] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو. هڪ گرهه جو نالو. زُحل (جو عام طرح نَحسُ سمجهيو ويندو آهي). نَحُوست - نياڳ - ڪمبختي.
- چنچر ڀيرن ۾ هُئڻ: هڪ هندُ ٽِڪاءُ نه هئڻ - نَحُوست جو اثر هئڻ - چڪرن ۾ هئڻ.
- چَنچري: ث. چنچر گرهه جي نُحُوسَت. نياڳ - بَد بَختي. (اسم خاص). پاڻيٺن جو هڪ گروهه (جي چنچر گرهه جي نحوست لاهين).

Gul Hayat Institute

- چَنڇرِ ي لاهڻ: نحوست لاهڻ. نياڳ ڪيڏڻ. سخت سزا ڏيڻ (اهو خيال آهي تہ چنڇر گرهہ جو اثر پيل ماڻهو بَدمزاج ٿيندو آهي). ڏاڍي مارَ ڏيڻي سڌو ڪرڻ. مغرور جي دماغ مان غرور ڪيڏڻ.

● چَنِ چرَ'وانِ: اسم خاص. تعلقي ڏ گهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِنَ چُڙڪيِ: ظرف. هوريان هوريان. ٿورو ٿورو ڪري.

● چَنڊُ ۽ چَنڊَ: ذ. (هہ) مڪرُ - مَڪَرَ - ڦَنڊُ - ٺڳي - فريب. ڊونگ - گيڪُ. دَتُ - چُپ. بَهانو - مِنهَن. شِعرُ. شِعرُ جو بَحر يا وزن. پَدُ. مِصرُعُ.

- چَندائِيتو: ذ. صفت. چند وارو - ٺڳُ - فريبي. حرفتي.

- چَندائِي: ذ. صفت. ٺڳُ. دولابي - مڪريلُ.

- چَند بازُ ۽ چَند بازَ: ذ. صفت. ٺڳي ڪندڙ - فريبي - مَڪريل. حرفتي - انڪِلي. دَغاباز - دوکيباز - چالاڪ.

- چَند بازي: ث. ٺڳيءَ جا ڪم - ٺڳي - فريب. مَڪَرُ - ڊونگ.

- چَند پَکيڙَڻ: ٺڳي ڪرڻ. مَڪَرُ ڪرڻ. ڊونگ ڪرڻ. دَتُ هڻڻ.

- چَنڊ چَهَل: ذ. مَڪر - فريب - ٺڳي. ناز نخرا. انگل آرا.

- چَنڊ ڦَنڊ: ذ. ٺڳيون. انڪلون. حرفتون.

- چَند ڪرڻ: مَڪر ڪرڻ - ڊونگ ڪرڻ - چند پکيڙڻ.

- چَند وديا: ث. هندي شاعريءَ جا اصول ۽ وَزن.

- چَند ويچار: ذ. هندي شاعريءَ جا اصول ۽ وزن.

- چَندِي ۽ چَندِي: ذ. صفت. مَڪريل. فريبي - دغاباز. ڊونگي - ڦَنڊِي - ٺڳُ.

- چَنديلو ۽ چَنديلا (ت): ذ. صفت. فريبي ڊونگي. چالاڪ.

● چَنڊڻُ (ت): مصدر. گيهہ جي ٿين جي منهن کي مٽي، ڪپڙي ۽ نوڙيءَ سان بند ڪرڻ.

● چَن ڏاجهيرو: اسم خاص. تعلقي ڏ گهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَنبَ ۽ چَنبوَن: ث. سَنهي بُوندَ - ڦُڙيُون. مِينهَن.

- چَنبوَن پَوڻ: مِينهَن پوڻ - برسات پوڻ. دل کي آتَتُ اچڻ.

• چَنڊڪيِ: اسم خاص. تعلقي مير پور ساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَنبڻ ۽ چَنبَڻون: ث. ڪنهن ڍَنڍَ، نَهر يا کيت منجهان زائد پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ جي نالي.

● چَنبِڻُ (چَنبَڻُ): مصدر. ان" کي ڇَڄَ سان صاف ڪرڻ. اَڇَلَ ڏيڻ. چِنبي لاهڻ. صاف ڪرڻ. چانگِڻ. ڪاتَ ڪُوتَ ڪري گهٽ ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ (ٿولهہ). جهَڪو ڪرڻ (بار). اَلٽي ڪرڻ - قَيءِ ڪيڏڻ. چِٽڪار ڪرڻ. گهٽي پاڻيءَ جو نيڪال ڪرڻ.

- چَنبَ: ث. مصدر "چَنبِڻَ" سان اسم. چنبڻ جي حالت. چَنبِ ڪو. چِٽَ (ٻنيءَ ۾ ان" جي). پاڻَ جي سنهي دَزَ کي پاڇيءَ يا ٻي ڪنهن پوک ۾ هارڻ (ت). چِٽڪار. صفائي - اَلٽي - قَيءِ. تنبيهہ - جُٽِ - دڙڪو داپ.

- چَنباٽو ۽ چَنباٽا (ڪ): ذ. ٻُهارو - جهاڙُو.

- چَنبائِڻ: مصدر "چنبڻ" مان متعدي بالواسطه. صفا ڪرائڻ. گهٽائڻ (ٿولهہ). چانگائڻ.

- چَنبجَڻُ: مصدر "چنبڻ" مان فعل مجهول. صفا ٿيڻ. گهٽجڻ. هلڪو ٿيڻ (بار).

- چَنبَ چاڻُ: ث. چَنبَ ڦُوڪَ. صفائي. ڪات ڪُوتَ.

- چَنبَ چاڻ ڪرڻ: گهٽائڻ. وَڍَ ڪُٽَ ڪرڻ. صاف ڪرڻ. ڪنهن معاملي لسبت ڏَڪَ تور ڪرڻ. چِنبِي هَلڪائي ڪرڻ.

- چَنبَ ڦُوڪَ: ث. صفائي. سُٺائي. ٻُهاري سُهاري. آڪَڙِ - سِيتَ - آرائش.

- چَنبَ ڦُوڪَ ڪرڻ: صفائي ڪرڻ. ٻُهاري سُهاري ڪرڻ. صفا ڪرڻ. مِٽي مَرُ لاهڻ.

Gul Hayat Institute

- چنبڙ ڦوڪيو يا چنبڙ ڦوڪيا: ذ. صفت. صفائي پسند. فيشن وارو. نفاست پسند.
- چنبڙ ڪار يا چنبڙ ڪارون: ث. چنبڙ ڦوڪ. صفائي. چيٽڪار (پاڻيءَ جي). چيٽڪار. برسات جي سنهي ٻوندڙ.
- چنبڙ ڪرڻ: تنبيهه ڪرڻ - دڙڪو دهمان ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ. مار ڪرڻ.
- چنبڙ ڪرائڻ: گهٽائڻ. هلڪو ڪرائڻ. چانگائڻ (وڻ کي).
- چنبڙڪو يا چنبڙڪا: ذ. چنبڙڻ لاءِ ڏلل اڇل. انّ وغيره کي چنبڙڻ جي حالت.
- چنبڙڪو ڏيڻ: ميٽي وغيره صفا ڪرڻ لاءِ انّ کي ڇڄ ۾ اڇل ڏيڻ - صاف ڪرڻ. کورکي ڪم جو اصطلاح. تاجيءَ کي ڪانئن سان چنبڙڪو ڏيئي تاجيءَ ۾ ڪانئن جو ڪَسُ ڪاهڻ.
● چنبڙڻ، چنبڙڻ يا چنبڙٽون: ث. ڍنڍ، واهه، ناليءَ، ڪنڌ، ٻنيءَ وغيره سان، خاص طرح برسات واري وقت ۾ وڌيڪ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليءَ يا ڪسيءَ وغيره.
- چنبڙڻ چاڻڻ: چنبڙ چاڻ ڪرڻ. ڪنهن مسئلي جي جانچ ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ - غور فڪر ڪرڻ.
- چنبڙٽو يا چنبڙٽا (ڪ): ذ. ٻهارو - جهاڙو.
- چنبڙٽي يا چنبڙٽيون: ث. ميٽي وغيره لاءِ ڪانيءَ ۾ بدل ڪپڙي ٽڪر (جنهن سان ميٽي پيل شهن کي چنبڙي صاف ڪجي).
- چنبڙي ڇڏڻ: صفا ڪرڻ. هلڪو ڪرڻ. گهٽائڻ (بار). صاف جواب ڏيڻ - انڪار ڪرڻ.
● چنبڙو يا چنبڙا: ذ. پاڻيءَ جو ڦڙو - ٻوندڙ. قطرو.

”جي تنو تن ۾ تنور جئن، ته چنبڙي ساڻ چماءِ“ (شاهه).

- چنبڙا پوڻ: الزام لڳڻ. پاڻيءَ جا ڦڙا پوڻ. تهمت لڳڻ.
- چنبڙا وجهڻ: پاڻيءَ جا ڦڙا وجهڻ. تهمت مڙهڻ - الزام ڏيڻ.
- چنبڙا هڻڻ: پاڻي چيٽڪارڻ. وسائڻ - اجهائڻ. الزام هڻڻ - تهمت مڙهڻ.
- چنبڙو پائڻ (ت): بيماريءَ مان اٿڻ - مٿي تي پاڻي وجهڻ. هندن جو دڪان کي صبح جو چنبڙا هڻڻ.
- چنبڙو ڦيٿو: ذ. دعا ۽ دوا. سٽيي ڦڪيي - جنتر منتر - جهاڙ ڦوڪ.
- چنبڙو ڦيٿو ڪرڻ: دعا ۽ دوا ڪرڻ. سٽيي ڦڪيي ڪرڻ.
- چنبڙو وجهڻ: پاڻي چيٽڪارڻ. پاڻي وجهي ٺارڻ. ڪنهن بيماريءَ مان صحتياب ٿيڻ تي مٿي تي پاڻي وجهڻ (ماتا جي بيماريءَ جي حالت ۾ بيمار کي وهنجاري ميٽيون ماليون وڌائيندا آهن). آٿت ڏيڻ. ڏک، ناميدي يا ڪاوڙ جي حالت ۾ همدردي ڪرڻ.
- چنبڙو هڻڻ: وسائڻ. ٺارڻ (جهيڙو). صبح جو دڪان کولڻ وقت پاڻيءَ جا چنبڙا هڻڻ.
● چنبڙي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● چنبڙي يا چنبڙيون (ت): ث. تنڙي - دڙڪو. چنبڙ.
- چنبڙيون ڏيڻ: تنڙيون ڏيڻ - دڙڪا ڏيڻ. چنبڙ ڪرڻ.
● چنقاڙ: ث. [چنڻ < چين + قاڙڻ > قاڙ] چنڻ ۽ قاڙڻ جي حالت. ٻٽ ڪوهه - تڙ تڪڙ. داهه دوهه. بيقراري - آنڌ مانڌ.
- چنقاڙ ڪرڻ: چنڻ ۽ قاڙڻ. ٻٽ ڪوهه ڪرڻ. داهه دوهه ڪرڻ. بي صبريءَ جي حالت ۾ نقصان ڪرڻ.
● چنڙو يا چنڙا (ڪ): ذ. ٽانءُ جو هڪ قسم. وڏو ونو (جو عموماً جٽ پاڻ سان ڏاچيئن جي کير ڏهڻ لاءِ کڻندا آهن، جنهن کي آتر سنڌ ۾ ڏهاڻو چوندا آهن).
● چنن سورهنڌي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● چنن سومرو: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● چَن سون راڻي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَن سونهرِي: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَن طالِيا: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَن قبول: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چَن ڪامِهِي: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِنَ ڪُٽَ: ث. [چِنڻ>چِن+ ڪُسڻ>ڪُٽ] چِنُ ۽ ٽُٽَ- چِنَ ۽ ٽُوڙَ- بيقراري- حيراني- ۽ ٽُٽَ ڪوهه.

● چِنگَ (ت): ث. چُرَ وارن جي ڪم ۾ ايندڙ تيليُن ِ مان ٺهيل تختي (جنهن تي رنگ وارو ڪپڙو پيل هوندو آهي ۽ آن تان ٿپو پَرِي ڪپڙو چُريندا آهن).

● چِنگَ ۽ چِنگُون: ث. جوئر يا ٻاجهريءَ جي ڪاني جي چِيت ِ.

● چَنَ ڪَنگَا: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِنگهَ ۽ چِنگهُون: ث. ڪانيءَ جي چِيت ِ (جا ڏَندَ يا ڪَنَ ڪوٽِڻ جي ڪم اچي). سنهي چِيت ِ. ڏَندَ ڪوٽِڻي. ڪَنَ ڪوٽِڻي. سنهي ۽ سُڪَل ڪاني. چِنيو. ڦٽي (آٽاوَت جي ڪم جي). چِيت ِ (ت). هرهر پيشاب اچڻ جي حالت (ل).

- چِنگهَ وجهڻ (ت): ڦٽيءَ جي پَڪَلُ چِيت ِ تبديل ڪرڻ.

● چِنگهو، چُنگهو ۽ چنگها (ت): ذ. چِڱو. ڏاڳي وغيره ۾ پوتَلَ شيون (جهڙوڪ ڪانيءَ ۾ ڪُنيئُون، ڏورِ ۾ مَچِيئُون، ڏاڳي ۾ گهنگهِرا وغيره).

● چَن لاکو: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِنَل چاتَ (ل): محاورو. ٻُرائي جٽي. ڪَنَتَلُ. پرائو.

● چَن مِرزا علي: اسم خاص تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● چِنَڻُ: ٽوڙڻ. جدا ڪرڻ. ٻَڃِڻ. ڦِٽائڻ (دوستي). ڪوهِڻُ- ختم ڪرڻ. قطع تعلقات ڪرڻ.

- چِنَڻ ڦاڙڻ: چِنڦاڙ ڪرڻ- ٻَڃِڻ- ڪوٺڙِڻ. ڪوهِڻ- جدا ڪرڻ. نبيرِڻ- فيصلو ڪرڻ.

- چِنِٽي: ث. چِنَڻَ جي حالت. ٻَڃِٽيُ.

- چِنِي ڦاڙِي ويهڻ: تعلقات بلڪل ٽوڙي ڇڏڻ- لاڳاپا ختم ڪري ڇڏڻ- مائٽي چِنڻ. برادريءَ جو رستو نہ رکڻ.

● چِنو ۽ چِنا: ذ. ٽُوئن مان ٺهيل لانڍي جنهن تي ڪڪائين ڇت اڏيل هجي. ڇپرُ. سَنَهَنُ. ڪڪائون گهرُ

"مينهن پوي ۾ پَهرَ، چِنو ٽيمي ڇَهہ ٻَهرَ". پناهہ جي جاءِ. ڪڪائون سَنَهَنُ جو شاديءَ وغيره جي ڪاج ۾ ڄاڃِيُن ڪي ويهارڻ لاءِ ڪم اچي. جاءِ- گهر.

- چِناچانيُونُ: ث. ڪڪاوان گهرَ. مال جي ويهارڻ جا ڇپرَ.

- چِنو آڏڻ: ڪڪائينُ لانڍِيُ تيار ڪرڻ.

- چِنو ٻڌڻ: لانڍِي آڏِڻَ.

- چِنو: ۱۹۵٦ سنبت وارو ڏڪار. ڇپنو.

- چِنِي چُومَ ڪرڻ: تڏي آئي جو آدرڀاءُ ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. بخش ڪرڻ.

- چِنِيرُ: ذ. صفت. چِنِي وارو. گهر وارو.

● چِنوڙُ ۽ چِنوڙَ (ڪ): صفت. ڌار- جدا- الڳ- ڇُڙ- ڪُليو (رپيو).

● چِنَهڙو: ذ. چِنَهڙو- جدائي- تفريق- علحدگي.

● چِنهڙو: ذ. جدائي- علحدگي. حساب ڪتاب جي صفائي. پائيءَ جي گهٽتائي.

● چِنِهُونُ ۽ چِنِهانُ: ذ. ڏسو "چِنو".

● چِنِي: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

Gul Hayat Institute

● چَنِي ۽ چَنِيُون: ث. ننڍڙو چَنو. ننڍو مَٽڪو. چَنو (فقط شاديءَ جي موقع لاءِ اڏيل). پاڻيءَ جي ڏوري. (ت). اسم خاص. هڪ شهر جو نالو.

● چِنِي: اسم خاص. ٽکڙ (تعلقي ٽنڊي محمد خان) جي ويجهو گنجي ٽڪر جي هڪ دڳ جو نالو.

● چِني ٻَنّي: اسم خاص. ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ هنڌ جو نالو.

● چَٽاٽ ۽ چِٽاٽَ: ذ. واڄو- ڪَڙڪو (ڪنهن ڏاتوءَ جي ٿانءَ، رٻڙ وغيره جو)- چِٽِڪاٽ.

● چُٽان (ڪ): ظرف. الائي- خبر ناهي- نہ ڄاڻان.

● چَٽائي ۽ چَٽائيون (ت): ث. جيت جو هڪ قسم.

● چِٽِپَ ۽ چِٽِپُون (ت): ث. هلڪي شيءِ. ضعيف.

● چِڻ چِڻِ: ث. گهنگهرن يا ڇير وغيره جو آواز.

● چُٽِڪَ (ت): ث. ننڍڙن ٻڪين کي ڦاسائڻ جو هڪ اوزار. ڏسو "چُڙُڪَ".

- چِٽِڪَ اڏڻ: چُڙُڪَ اڏڻ. ڪوڙڪو مَنڊڻ.

● چِٽِڪاٽ، چِٽڪاٽ: ذ. ٻئسن، ڇيرِ يا ٿانءُ وغيره جي وڄڻ جو آواز- چِٽاٽ.

● چِٽڪارڻ: مصدر. چِٽڪڻ- چِٽڪارڻ. چِنڪار ڪرڻ- پاڻي چِٽڪڻ- ٻُرڪڻ (لوڻ، مصالح وغيره). چِٽِڪاٽ ڪرائڻ.

- چِٽڪارَ ۽ چِٽڪارُون: ث. چِٽڪار- چِنڪار. ڇير وغيره جو آواز.

- چِٽڪارَ ڪرڻ: چِٽِڪار ڪرڻ- چِنِڪار ڪرڻ.

● چِٽُڪَڻ: مصدر. چِنڪار ڪرڻ- چِٽڪارڻ. ٻُرڪڻ. وڄڻ- ٻُرڻ.

- چِٽڪيڻو: ذ. چِٽڪو ڪندڙ- چِمڪو ڪندڙ. راند يڪي جو هڪ قسم- جهينجهيڻو.

- چِٽُڪو ۽ چِٽڪا: ذ. چِمڪو. واڄو (ٻئسن جو). ڇير جو آواز.

● چَٽَڻ: مصدر. ڪِرڻ- چِڇڻ- ٽُٽَڻ (وڻ مان ميوو، پَنُ وغيره). لَهڻ. هيٺ اچڻ.

پٽڙڻَ يا ڪپڙي مان چَٽِي صاف ٿيڻ (اٽو وغيره)- چٽي صاف ٿيڻ. لڙڻ (هيٺانهين ڏانهن). جهڙڻ (گهوڙي جو گهوڙيءَ کي ڏِسڻ).

- چَٽِي ۽ چَٽيُون: ث. چَٽَڻ جي حالت. ڪِرڻ يا لَهڻ جو نمونو. چِڇِٽِي.

- چَٽِي پوڻ: چِڇِي ڪِري پوڻ. لَهي پوڻ- لَڙِي پوڻ.

- چَٽِيَلَ: صفت. ڪِريل. صاف ٿيل- چَٽِي بيٺل (پاڻي وغيره).

● چُٽُون (ڪ): صفت. گهٽو- جهجهو.

● چَٽُچَرُ (ڪڇ): اسم خاص. چنچر.

● چو: حرف جملو. سوال پڇڻ جو لفظ- ڇا جي ڪري- ڪهڙي سبب. ڪهڙو (لس).

● چَوَ ۽ چَوُن: ث. وِهاڻي، سَوَڙَ، پٿراڻيءَ وغيره تي ڪپڙي جو چڙهيل پوشُ- چَهُ- غِلافُ.

● چُو: ث. (آواز) وات مان زور سان هوا ڪڍڻ جو آواز. منتر يا دعا وغيره پڙهي ڦوڪڻ جو آواز- چُوڪارو. اهو آواز جو ڪَتي ڦرهي تي ڪپڙا سَٽِڻ وقت ڪري.

- چُو وِجِڻ: ڪو بہ نقصان نہ ٿيڻ. "ڪَتِيءَ جي گهران ويندي رکو چُو".

● چُوا پاڻِي: محاورو. پاڻيءَ جهڙو ڇِڊو (بوڙُ، کير، ڏُڌُ وغيره). ڦٽل کير (جنهن ۾ کير جدا ۽ پاڻي جدا ٿيندو آهي).

● چوار: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

● چوائِڻُ (ل): مصدر. (سن. چَدُ) چاچو ٻَڌائڻ- ڪکن جي ڇِت وجهڻ.

● چوپ: ذ. (سن. ڪُشپُ = لوڏڻ) وِلوڙُ. ڏُڦيڙُ- رولو- ڦيٽاڙو.

● چوتِ: ڪنهن ناپاڪ شيءِ سان ڇُهڻ جي حالت. پَليتائي- ناپاڪي- چوپِ.

- چوت ڇاتِ: ث. پَليتائي- ناپاڪي- ذات پات جو فرق. نفرت- پرهيز.

● چوتِرُ (ٿ): ث. ڇيتِ. چَپَرَ. چِينسِيو. چوڏو. ڪَلَ.

Gul Hayat Institute

● چُوتو ۽ چُوتا: ذ. ڪمند جي چُوپيل ڪَل َ- چُوپو. ٿورو ذرو. ڪَل َ. چوڙو. چِلِڪو. پور َ- ٽُڪر ُ (ڪ).

● چوتِي ۽ چوتِي (ت): ذ. صفت. هلڪو- ترڙو. ڳالهائڻ جو بي ڍَنگو.

● چوپ ِ (ث)، چوپ ُ (ذ): [سن. چُپ ُ=چهڻ] پليت شيء سان چُهاءُ. هندن ۾ پليتي. ناپاڪائي، چُوت. هندن ۾ ڪنهن گهٽ ذات واري سان چُهاءُ جي حالت.

● چُوت ِ: ث. قيمت ۾ ڪَمِي آڻڻ جي حالت. لاٿ - گهٽاءُ - تخفيف - ڇڏ َت - معافي - (ظرف). تڪڙو - تيز - تکو - معاف - آزاد.

- چُوتائُو: ذ. صفت. چوت ڇڏيندڙ. معاف ڪندڙ.

- چوت جواب ڏيڻ: يڪدم جواب ڏيڻ. آڏو جواب ڏيڻ. بي ڌڙڪ جواب ڏيڻ. صفا انڪار ڪرڻ.

- چوت ڇڏڻ: آزاد ڇڏڻ. پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏڻ. ڇڙواڳ ڇڏڻ. بندش لاهڻ. گاڏي، گهوڙي وغيره کي تمام تيز هلائڻ. قيمت ۾ تخفيف ڪرڻ.

- چوت ڪرڻ: معافي ڪرڻ. بي ڏوهي ٺهرائڻ. ڇڏي ڏيڻ. رپيو وغيره ڪُليو ڪرڻ.

- چوت واڳ ملڻ: آزادي ملڻ. خود مختياري ملڻ. ڇڙواڳي ملڻ.

● چُوتائڻ ُ: مصدر. ڇٽائڻ. ڇڏائڻ. آجو ڪرائڻ.

● چوتِڪارو ۽ چوتڪارا: ذ. نجات - موڪ ُ - رهائي - آزادي - چوتڪو.

● چوتڪو: آزادي - چوتڪارو - نجات - موڪ. (صفت). مختصر - ننڍو - ڪُليو (ريزو). ريزڪي (واپار). ٿورو ٿورو (ڪم) - مختصر - ننڍو.

- چوتڪو پورهيو: ذ. ٿورو ٿورو پورهيو. مختصر ڪم - ريزڪي ڌندو.

● چوتِڪي ۽ چوتِڪيُون: ث. مختصر. ريزڪي (موڪل).

- چوتڪي موڪَل: ث. ريزڪي موڪل. اتفاقي رخصت (جا ملازمن کي ڪنهن اوچتي ڪم سبب ملندي آهي).

● چوت گابِڙِي ُ (ٿ): ث. راند جو هڪ قسم.

● چوتو ۽ چوتا: ذ. صفت. [هہ. چوتا] ننڍو. گهٽ. ٿورو. بِندِرو. ناس (نڪ جي) - چُونٽو.

- چوتِي ۽ چوتيون: ث. ننڍي. ٿوري. بِندِرِي. چُونٽي (نڪ جي).

- چوتِي موڪل: ث. ريزڪي موڪل. اتفاقي موڪل.

● چُوتِي ۽ چوتِيُون: ث. [سن. چُٽ ُ=ڇُٽڻ] موڪل - رخصت - اجازت - تعطيل - موقوفي - برطرفي (ملازمت تان).

● چوتِي لاٽِي: ث. لاٽيءَ جو هڪ قسم.

● چوتياڻِي: اسم خاص. هوتواڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● چُوچاٽ ُ، چونُچاٽ ُ ۽ چُوچاٽ َ، چُونچاٽ َ: ذ. زور سان هوا لڳڻ جا سوسات َ. ڌٽيءَ تي ڪنهن شيءِ جي ترجَڻ َ جو آواز.

● چوچَر ُ ۽ چوچَر َ (ل. ث): ذ. اهو جانور جو جهنگ ۾ چَرڻ نہ وڃي پر آسپاس مان چَڪوات ُ ڪري وَر وَر ڏيو گهر ۾ اچي ويهي رهي. (صفت). بيوقوف - بيعقل - آناڙي (ٿ).

● چوچا ۽ چوچا (ت): ذ. صفت. ڍَرو - ڍِلو.

- چوچو ٿيڻ (ت): بي همت ٿيڻ. وائڙو ٿيڻ. حيران ٿيڻ. ڏڪيو ٿيڻ.

● چُوچو ۽ چُوچا: ذ. صفت. خالي - سڪڙو - ڏَلهو - سست - ڪاهل - وچڙندڙ مرض.

● چُوچُو: ذ. ريلوي انجڻ جي هلڻ جو اواز. نفرت سان پري رهڻ جو آواز.

- چُوچُو ڪرڻ: ويجهو اچڻ نہ ڏيڻ.

● چُوچِي (ٿ): ث. ننڍڙي ٻار جو مَخْصُوص عضوو - لُلي.

● چودو ۽ چودا (ت): ذ. صفت. شهدو - شودو - بدمعاش.

● چوڏاهو: اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.

● چوڏاهو ۽ چوڏاها (ت): ذ. صفت. چوڙو. آميڻ ُ. ٽياڪڙ ُ.

Gul Hayat Institute

● چوڏِرُ ۽ چوڏِرَ (ت): ذ. صفت. بدچال. ڪُلڇڻو. گندلو. خراب.

● چوڏِڪي: اسم خاص. حيدرآباد شهر ۾ هڪ گهٽي ۽ بازار جو نالو.

● چوڏو ۽ چوڏا: ذ. (سن. شَلڪَهُ) وڻ جي ڪَلَ. ڪاٺيءَ جي ڪَل - ڪجيءَ جي ’ڪاٺُر‘ مان چڙي ظاهر ٿيڻ وارو حصو. (صفت). بد معاش. ڪَنجُوس (ت).

- چوڏا لاهڻ: ڪَلون لاهڻ. مار ڪيڻ. سيڪت ڏيڻ. سدو ڪرڻ. عيب آگهاڙڻ. بيعزت ڪرڻ - بد نام ڪرڻ.

- چوڏو وٺڻ: ڪاٺيءَ کي تَري يا چِلي ڪم جي لائق بنائڻ.

● چوڏِي ۽ چوڏِيُون: ث. (سن. شَلڪَهُ) چوڏو. ڪَلون (وڻ جون). ٻير ۽ ڏاڙهونءَ وغيره جا چوڏا (جي رنگ ڏاهڻ ۾ ۽ دوا طور ڪم اچن) - چَل. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ٻه قسم ٿين، هڪ ’چوڏي‘ ويڪري منهن واري ۽ ٻي ’ڪاراسي چوڏي‘ سنهي منهن واري).

- چوڏي وِجهڻ: چمڙي رڱڻ لاءِ ٻير جا چوڏا مصالح طور ڪم آڻڻ.

● چورا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● چورلو: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چورو ۽ چورا: ذ. اهو ڇوڪر، جنهن جو پيءُ مري ويو هجي (ماءُ جي مري وڃڻ تي ٻه چورو چوندا آهن. چوڻي آهي ته ”پيءُ مئو ته سچو چورو، ماءُ مئي ته اڌ چورو“). اهو ڇوڪرو جنهن جو پيءُ ماءُ مري ويا هجن، جنهن جو ڪو به وارث نه هجي - يتيم. لاوارث. ڇوڪرو - ٽينگر (ڪ). (ث). چورِي ۽ چورِيُون.

- چوراڻو: ذ. صفت. چوري ٻار جو - يتيم جو. (ث). چوراڻِي.

- چورِڙو ۽ چورِڙا: ذ. ”چورو“ مان اسم تصغير. چورو - يتيم. (ث). چورِڙِي ۽ چورِڙيُون.

- چورو چِنو ۽ چورا چِنا: ذ. صفت. يتيم. مائٽن مِٽَن - جنهن جو ڪو به مِٽُ مائِٽُ نه هجي. لاوارث - نِڌَڻڪو. (ث). چوري چِني ۽ چورِيُون چِنيُون.

- چورِي ۽ چورِيُون: ث. ”چورو“ جو مونث. اها ڇوڪري، جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن. ڇوڪرِي - نينگرِي.

● چورِيُ: ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

● چوريٽاڻي: اسم خاص. تعلقي ماتليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چوڙَ، چوُڙ (ث). چوڙُ، چوڙُ (ذ): ڪاوڙ ڪان پيشانيءَ ۾ پيل گهنڊ. گهنج (پيشانيءَ جا). منهن ۾ پيل شورُ. قِتَل ۽ سيروُن پيل زمين (جا گهٽي پاڻيءَ جي ٻيهڪ ۽ سوڪَ بعد ٿئي).

● چوڙُ ۽ چوڙَ: ذ. چُڙَڻُ. ڪنهن واهه يا نديءَ جو ڇيڙو (جو ڪنهن ڍنڍ، واهه يا سمنڊ ۾ پورو ٿئي، جيئن سنڌو نديءَ جو چوڙ عربي سمنڊ ۾ ٿئي). خَلاصُ - اِنزالُ. پيشاب ”ناڙا چوڙ“. برسات جي پاڻيءَ جو جبل تان وهندڙ وهڪرو. ڪنهن ڪپڙي يا چمڙي ۾ سخت يا پڪو چٽو. (صفت). چوڙيندڙ - ڪوليندڙ ”ڳنڍِي چوڙ، روزي چوڙ وغيره“.

- چوڙ ڪرڻ: نديءَ وغيره جو ختم ٿيڻ. اِنزال ڪرڻ - ڇٽڻ. پيشاب ڪرڻ.

● چوڙ ٿَر: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چوڙ پُراڻو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چوڙِڪو ۽ چوڙڪا (ت): ذ. نوڙيءَ جو ٽُڪَرُ (جو پَتَر جي پاسن کي ٻڌڻ ۾ ڪم اچي).

● چوڙَڻُ: مصدر. (پرا. چوڊئي يا چوڊيئي. سن. چُٽ) کولڻ. ڇڏڻ. رسي وغيره سان ٻڌل کي ڇڏائڻ. بند خلاص ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ. هڻڻ (بندوق، توف وغيره). ڪا به گهوٽيل شيءِ چاٽڻ (ڪ).

- چوڙائِڻُ: مصدر. ”چوڙڻ“ مان متعدي بالواسطه. ڪولائڻ. ڇڏائڻ - آزاد ڪرائڻ.

- چوڙي ڏيڻ: ڪولي ڏيڻ. بنا محنت جي (معاوضو، رقم) ڏيڻ. مفت ۾ ڏيڻ (پئسا).

● چوڙو، چؤڙو ۽ چوڙا، چؤڙا: ذ. ڪنهن چوپائي جانور جي لتُل ڪَلَ - ڪَلَ - چمڙو - ڪَلَ - سُڪَل ڪَلَ ڪابه سُڪَل شيءِ. جهڙي ڪابه سڪل شيءِ. ڪاوڙ وغيره ڪان منُهن ۾ پيل گهنڊ - گهنج.

- چوڙائبي، چؤڙائبي: ذ. ڪَلُنِ جو واپاري. چمڙي جو واپاري.

- چوڙو، چؤڙو لاهڻ: ڪَلَ لاهڻ. مار ڏيڻ. سخت سزا ڏيڻ. جسماني مارڪُٽ ڪرڻ.

- چوڙي، چؤڙي ۽ چوڙيون، چؤڙيون: ث. ڪَلَ - چمڙو.

- چوڙي، چؤڙي لاهڻ: ڪَلَ لاهڻ. سخت سزا ڏيڻ.

● چوڙي: اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چُوڪارڻ: مصدر. صلواة سگهوري يا ڪو ڦيٿو وغيره پڙهي دم ڪرڻ. شوڪارو هڻڻ. ڦوڪ ڏيڻ.

- چُوڪار: ث. چُوڪارو - شوڪارو - ڦوڪ.

- چُوڪارو ۽ چُوڪارا: ذ. شوڪارو. صلواة يا ڦيٿي وغيره جو ڦوڪارو. دعا جو ڦوڪارو - ڦوڪ.

● چوڪرِ ۽ چوڪريون: ث. نينگري - چوڪري.

● چوڪرُ ۽ چوڪرَ: ذ. چوڪرو - نينگر - ٻار - ٻَٽُ.

- چوڪراتُ ۽ چوڪراتَ: ذ. نوجوان - گڀرو - لاسيار - لاسڙات.

- چوڪرائو ۽ چوڪرائا: ذ. صفت. ٻاراڻو. ننڍپڻ وارو. بي سمجهه. چوڪرن جهڙو. بيوقوفيءَ جو (ڪم).

- چوڪرائي ۽ چوڪرائيون: ث. صفت. ٻارن واري. چوڪرن جهڙي. بي عقليءَ واري. بيوقوفي. ٻاراڻي حرڪت.

- چوڪرائي پوتي: محاورو. ٻاراڻو ڪم. بيوقوفي جهڙو ڪم. بي همتي

"چوڪرائي پوتي، جهڙي ڏوتي تهڙي نه ڏوتي."

- چوڪرائي ڪرڻ: ٻاراڻي حرڪت ڪرڻ. ٻاراڻي ڪرڻ. بيوقوفي ڪرڻ. بناسوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ.

- چوڪرائي ڳالهه ڪرڻ: ڳالهه ڪان ڦرڻ. بي بنياد ڳالهه ڪرڻ. بيوقوفي وارو ڪم ڪرڻ.

- چوڪرائي: ٻالڪپڻ - ننڍپڻ - چوڪرائي.

- چوڪرو ۽ چوڪرا: ذ. چوڪر - نينگر - ٻار - طفل - ٻچو - ٻٽُ. اڻ آزمودگار. ناتجربيڪار. (ث) چوڪري ۽ چوڪريون.

- چوڪري ۽ چوڪريون: چوڪر - نينگري.

- چوڪري بازي: ث. لونڊي بازي - لِواطت.

- چوڪِرو ۽ چوڪِرا (ت): ذ. صفت. حيران - پريشان.

● چولا: ذ. [هـ] چڻن جو هڪ قسم - وڏا چڻا. رذل چڻا.

● چولائي (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● چولڙي ۽ چولڙيون: ث. ڪَڏِ.

● چولڻ: مصدر. چاچولڻ. پاڻيءَ کي لوڏي لهريون پيدا ڪرڻ. لوڏڻ - ڏوڏڻ. ڪنهن شيءِ کي پاڻيءَ ۾ هيٺ مٿي ڪرڻ (ل). رولڻ

"ٻڌي هٿيالو هوت سان، چولي چپر چڏيائون." (دليت).

ڏڪيڻ. آچلڻ. ڳولڻ. پتوڙڻ. ڪوشش ڪرڻ (ت).

- چولَ: ث. چولي - لهر. ڏوڏو. چاچول. آٿل پُٿل. مانڌاڻ. رولڙو. ڳولا.

- چوليجڻ: مصدر. "چولڻ" مان فعل مجهول. چاچولجڻ. لهريون ٿيڻ. رلڻ.

- چوليرُ ۽ چوليرَ: ذ. صفت. چوليون هڻندڙ.

- چولو: ذ. لهر. ڏوڏو. چاچول. لوڏو. مصيبت. نقصان. ٽوٽو (ت).

● چولٽي ۽ چولٽيون (ت): ث. هڪ اوزار جو نالو (منهن وريل انبوري).

Gul Hayat Institute

● چولِيءُ ج چولِيُون: ث. لهر- موج.
"ڇَڪي چوليءَ ۾ ڪهڙي، جتي جيءَ وڙاهہ" (شاهہ).
پُور- آڏمو.

● چَونٽو ج چَونٽا: ذ. نَڪَ جو سوراخ- ناس- ناڪوتو- چونٽي.

- چونٽا چيرڻ: ناسون چيرڻ. سخت مار ڪيڏڻ.

● چونٽِي ج چَونٽيُون: ث. نَڪَ جو سوراخ- ناس- ناڪوتو- ڦيرٽي (ل).

● چُونڇُ (ل): ذ. ڏکيءَ جي پيٽ هيٺان لڙڪيل چمڙو- ڇَڇُ.

● چُونڇاٽُ ج چُونڇاٽَ (ل): ذ. ٻاهہ يا زور تَتل شيءِ تي پاڻيءَ جي ڪِرڻ جو آواز. داغَ ۾ پاڻي وجهڻ جو آواز.

- چُونڇاڙُ (ٿ): ذ. چونڇاٽ.

● چُونڇِي ج چُونڇيُون: ث. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (اڇا چِلرَ، سَٽ پَرَ، ڏيگهہ هڪ ڪان ٻن انچن تائين).

● چُونڊَ (ل): ث. گهوٽ ڪنوار تان پئسا يا ڪارڪون اُڇلائڻ جي حالت- گهورَ.

● چَونڊو ج چَونڊا (ٿ): ذ. ننڍڙي ڦُرڙي- ڦَٽ- چُهنڊو.

● چَونڊو ٻنجڻ: آزار ٻڄڻ. تڪليف جو سبب بڻجڻ.

● چَونڊِرِي ج چَونڊِريُون: ث. نَڪَ جي چوٽي.

● چونڱلاڻي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جو رستماڻين جي شاخ آهي).

● چوهہَ ج چوهہَ: ذ. تيزي- تِيڪَ "ڏسي سي چوهہ چولين جا". جوش- ڪاوڙ. پاڻيءَ جي وَهڪَ جي تِيڪَ. زور. عجلت- جذبو- اُمنگ. طوفان. رنج- ساڙ- حسد (ٿ)- غصو- ناراضگي- تيز هوا- وَسڪارو.

- چوهہَ چڙهڻ: جوش گهٽجڻ. ڍرڪي پوڻ. نراس ٿيڻ- نااُميد ٿيڻ "تڏهين پس چُوهہَ چڙهي".

- ڇُوهہَ چَنڊڻ: ڪاوڙ چَنڊڻ. ڪاوڙ ڏيکارڻ. ڪاوڙ مارڻ. ساڙ ڪڍڻ. زور لائي بس ڪرڻ. آڄَ لاهڻ (ٿ).

● ڇُوهہَ: ث. تيزي- تيڪ. جوش. جلدائي- تکڙ. گهٽائي.

● ڇُوهارو ج ڇُوهارا: ذ. کارڪَ جو هڪ قسم. پڪل کارڪ- کارڪَ.

● ڇُوهَرُ ج ڇُوهَرَ: ذ. [سرائڪي] ڇوڪر- ڇوڪرو- نينگر. ث. ڇوهِر.

● ڇوهو، ڇُوهو ج ڇوها، ڇُوها: ذ. (سن. ڪشُپ = لوڏڻ) هوا جو زوردار جهٽڪو. طوفان- جهڪ. واءُ يا مينهن جو جهٽڪو. (صفت). تيز- تکو. جلدباز. تيز رفتار. تکڙو.

- ڇوهيڪارُ ج ڇوهيڪار: ذ. صفت. طوفان. ڇوهو. زوردار. تيز رفتار.

● ڇوهي: ث. ان" چنڊڻ يا وائُرَڻ ڪانوءَ ٻچيل تُهَہ. تُهڙ. کاري پاڻي پيئڻ ڪري ٿيل آڄ (ٿ).

- ڇوهي ٿيڻ: کاري پاڻي پيئڻ سبب آڄ لڳڻ.

● ڇوهيو (ٿ): ذ. مينهن جي تيزي. برسات- وَسڪارو.

● ڇوئِي: ذ. انبي جو ڇاڙُ (ل).

● ڇَويُهہَ: صفت. [ڇَهہَ + وِيهہَ] هڪ عدد (٢٦).

● ڇويو ج ڇويا (ٿ): ذ. مرد جو نالو.

● ڇَهہَ: صفت. [ف. شش؛ سن. ششٽ] هڪ عدد (٦).

- ڇَهہ آگرو ج ڇَهہ آگرا: ذ. صفت. ڇهن سالن جي عمر جو سوئر (جنهن جا وَچ ڇَهہ آگر ڊگها هجن).

- ڇَهہ باز ڪرڻ: ڇهن ڇٽن جو گڏجي پٽَڻ راند ڪرڻ.

- ڇَهہ نو يا ڇڙ وِڪامڻ: بيپرواهي هئڻ. مغروريءَ سان هلڻ- بي فڪري هئڻ.

- ڇَهہ نو يا لَڳڻ: رهڻ جا ڇهہ نو يا ان" وڪامڻ. سستائي ٿيڻ- سهانگائي ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- ڇهه ٿي نوَ پوڻ: ڪوٽ هيٺ اچڻ. پاڳُ ڪِسَڻُ. ڇڪي راند ۾ هار جو داءُ پوڻ.
- ڇهه پنج ڪرڻ: وائڙو ٿيڻ - حيران ٿيڻ - شَشدر ٿيڻ.
- ڇهه پيرو يا ڇهه پيرا: ذ. صفت. ڇهن پيرن وارو. پير پير ۾ ڏيئي بنا آواز هلندڙ. چالاڪ - ڇپيرو. ث. ڇهه پيري يا ڇپيريون.
- ڇهه پيري پلڻ: محاورو. بنا آواز هلندڙ. ميسڻو ماڻهو. تمام چالاڪ.
- ڇهه داڻيُون پوڻ: نقصان هيٺ اچڻ. هارَ جو داءُ پوڻ.
- ڇهه ڏندو يا ڇهه ڏندا: ذ. صفت. ڇهن ڏندن وارو (جانور). ڇهن سالن جي عمر جو چوپايو. ڇهه سالو - ڇڳو. ث. ڇهه ڏندي.
- ڇهڙُ: ذ. ڇهين ڏينهن ايندڙ واري جو تَپُ.
- ڇهه سالو يا ڇهه سالا: ذ. صفت. ڇهن سالن جي عمر جو (جانور). (ث). ڇهه سالي يا ڇهه ساليُون.
- ڇهه ماهي يا ڇهه ماهيُون: ث. ڇهن مهينن جو عرصو - ششماهي.
- ڇهه ماهي ڪارڻ: ڪافي وقت وڃائڻ.
- ڇهو يا ڇها: ذ. "ڇهه" يا "ڇهن سان" جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. تاس ۾ ڇهن داڻن وارو پتو - ڇڪي.
- ڇهوتر، ڇهوتيرو: صفت. ڇهه سيڪڙو (وياج).
- ڇهُون: صفت. سلسلي ۾ پنجن کان پوءِ هڪ عدد قطاري.
- ڇهُوڻ يا ڇهُوٽائي: ث. ڇهه پيرا وڌيڪ هئڻ جي حالت.
- ڇهُوٽو يا ڇهُوٽا: صفت. ڇهه پيرا وڌيڪ. (ث). ڇهُوٽي.
- ڇهئي ٿويا ڇڏڻ: سڀ اختياري ڇڏڻ. واسطو نه رکڻ.
- ڇهين ڏندين: محاورو. ڇهن ڏندن سان (جانور). ڇهن سالن جي عمر وارو (جانور) جو جوان ٿئي ۽ پنهنجي روءِ سوءِ رهڻ جي لائق ٿئي). (ڪنايتاً) روءِ سوءِ - خود مختيار. ڇڙواڳ. جُوانُ جماڻُ. ڪمائيءَ وارو.
- ڇهين ڏندين ڇهه اچڻ: هٿَن ٺلهو اچڻ - سڪٿو اچڻ.

● ڇهَه: ث. ڇَپ - ماٺ - ڇُپ - دَٽُ - ڇُڪَ.
- ڇهه ماري، هٽي ويهڻ: ڇَپ ماري ويهڻ. ڇُڪ هٽي ويهڻ.
- ڇهه ڇڄڻ: همت هارجڻ. نااميد ٿيڻ. وسيلا ڇُڪڻ.
- ڇهه ڇجي پوڻ: نااميد ٿيڻ - سخت مايوس ٿيڻ.

● ڇهَه، ڇهُه يا ڇهُون: ث. سُوڙ، پٽراٽي، وهاٽي وغيره جو غلاف - ڇوَ - پوش - ڍڪُ.

● ڇهَه يا ڇهَه (ت): ذ. لٺي جي وڻ جا تارا ۽ پتَن.

● ڇهَه: ث. ڇهُڻ جي حالت. چوپُ. پليتي. ڇوَ.

● ڇهارو يا ڇهارا: ذ. ڪارڪَ جو هڪ قسم. سُڪل يا پڪل ڪارڪَ.
- ڇهارا ڪرڻ (ت): ڏونڪا رڌي ڇهارا تيار ڪرڻ.

● ڇهاسُ يا ڇهاسَ: ذ. (ڇهه + پاس = پاسا) ڇهن پاسن واري شڪل - ڇهه ڪنڊو.
- ڇهاس جو ڪارَبُ: ذ. فرشي سرن ٺاهڻ جو ڪارب.

● ڇهاسي: صفت. هڪ عدد (٨٦) - ڇهه ايڪا اٺ ڏهاڪا.

● ڇهانوي: صفت. هڪ عدد (٩٦) - ڇهه ايڪا نوَ ڏهاڪا.

● ڇهاڻي يا ڇهاڻيُون (ڪ): ث. ڳهڻ ڏينهن جو گذر - مسافري - زال سان سمهڻ - رَچُ صاف ڪرڻ.

● ڇهائڻ: مصدر. ڇهڻ. لائڻ - ڳسائڻ. ٿورو پاسو هئڻ.

● ڇهائي: ث. تيزي - تڪائي. جلدي.

● ڇهه پانهيُن (ڪ): ث. درياني پيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسي (جنهن سان آڏ ڪجي).

Gul Hayat Institute

● چَهَرَ (ل): ث. بهانو- مِڪِرُ- مَڪَرُ- ٺڳي- دولاب- چَهَل- لِڪَ- چَپُ- چِڪَ.

● چُهَرُ ۽ چُهَرَ (ل): ذ. [سرائڪي] چوڪرو- چوڪر- نينگَرُ. (ث). چُهَرِ ۽ چُهرُون.

● چَهَرِ اوگِرائِيُ: ث. ڪِتي اوڳرائي- چارَ اوڳرائي.

● چَهڙائِپَ: ذ. چَمڙِيءَ ڪي چَهَڪُ ڏيڻ جي حالت.

● چُهڙَم (ت): ذ. چَمڙ يُ لاهڻ جو ڪم.

● چَهَلُ ۽ چَهَلَ: ذ. [سن. چَلُ=مڪر] چانُهَرُ- ڍونگ- مَڪَرُ- چَلُ. (صفت). تکو- تيز رفتار- چالاڪ (ل).

- چهل بازُ ۽ چهل بازَ: ذ. صفت. ٺڳ- مَڪرِيل- چالباز- چالاڪ.

● چَهَلائِڻُ: مصدر. ريبڻ- ٺڳڻ.

● چِهَنْبَ، چُهِنْبَ (ت): ث. رَهَڙَ- رُهَنبَ- رَڳڙو- خراش- ڪَرڙو.

● چِهِنْبڻُ (ت): مصدر. وڙهڻ. جهِٽِڪڻ. ڪاوڙ مان ڳالهائڻ.

● چُهُنْبو ۽ چُهُنْبا: ذ. رهڙ- رهنب- ڦٽ- وڏي ڦرڙي.

- چُهُنْبو لهڻ: ڦٽ يا ڦرڙيءَ تان ڪَڙِي لهي پوڻ.

● چُهِنْگڻُ، ڦُهِنگَڻُ: مصدر. ٻُڙڪڻ- ڪِنجهَڻ- ڪُرڪَڻ. ڪَوِنسَ ڪرڻ.

● چُهَڻ: مصدر. [پرا. چُوَئِي. سن. چُپ] هٿ لائڻ. لائڻ- لڳائڻ.

● چَهو: اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● چَهو ۽ چَها: ذ. ”ڇهن“ جو عدد. تاسَ ۾ ڇهن نشانن وارو پتو- ڇَڪَ. سنهي ڪاٺي- چِنيو. ڪَنْڌَنِ واري ٽاري. ننڍي ٽَلِي (ٿ).

● چِهو ۽ چِها: ذ. نقصان- چِيهو.

● چُهو ۽ چُها: ذ. ڏاڍو واءُ. هوا جو سخت جهوٽو. طوفان. جهَڪَ. پاڻيءَ ۾ لهرين جو جوش. وهڪ جي تڪ. مينهن جو وسڪارو- اوريڪَ. چُوهو. واءُ ۽ سيءُ جو زور. (صفت). تکڙو- تيز- تکو. ٽورو ذرو.

● چِهُونُ: ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. چِپِتيون- چيهُون- پُرزا.

- چِهُون چِهُون ٽيڻ: ذرا ذرا ٽيڻ. پرزا پرزا ٽيڻ.

● چَهُوٽو: ذ. رسي جي ٿهيل شيءِ جا مينهن يا گهوڙي ڪي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي. ڇهه دفعا (هڪ عدد جا).

● چَهِي ۽ چَهِيُونُ: ث. سنهي ٽاري- چِنِيو. چَهو (ل). پاڻي گهٽ ڪرڻ لاءِ آڌَ جي مُنهَنَ ۾ ڏنل ڪکنِ جا ٽارا- ککن جي آڙَ- ٻُنڊو- چابَ (ت). جهَلَ- آڌَ- روڪَ.

- چَهِي ڏيڻ: آڌَ وغيره جي مُنهَنَ ۾ ڪَکَ ۽ ٽارا ڏيئي پاڻيءَ کي ٻُنڊو ڏيڻ.

● چُهِي ۽ چُهِيُونُ: ٿوري ذري. تيزي- تڪ.

- چُهِي ڏيڻ: چيرو ڏيڻ- تکو ڪرڻ (ڪاٺي وغيره).

● چَهِي جو ڏَهر: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ڏهر جو نالو.

● چِٺو ۽ چِٺا: ذ. چِيهو- نقصان.

● چُٺو ۽ چُٺا: ذ. ذرو- هَوَ.

- چُٺا پاڻي ڪرڻ: دال وغيره کي تمام پَٽِيڙو ڪري رڌڻ. لوٺا پاڻي ڪرڻ.

● چِيُ: ذ. نفرت جو آواز- ٿُو. چِي چِي- چِتَ. حَيِفُ. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ چِيڪارَ جو آواز. ٻار جو پيشاب (ل).

- چِي ڪرڻ: ٻار جو پيشاب ڪرڻ.

● چِپِرَ ۽ چِپِرُونُ (ڪ): ث. خبرچار.

● چِپِلو ۽ چِپِلا (ت): ذ. صفت. چِلِوِلو- لاڏِلو- آئُنٽِرو. حرڪتي. حَسِين- مِٺو- چِپِلو.

● چِپُو ۽ چِپُا (ڪ): ذ. چِڙِبَ- چِنِبَ- جهَٽَڪَ. وهنجڻ- ٽڙ- غسل (ل).

● چِپِتِ ۽ چِپِتُون، چِپِتِيُونُ: ث. ڪاٺيءَ جو سنهڙو ذرو. ڪک جيتري ڇنبياري ڪاٺي (ڏندن وغيره کوٽڻ لاءِ) ڪُتَ.

Gul Hayat Institute

- چيت ڪيڻ: هٿ يا پير ۾ لڳل ڪانيءَ جو ذرو ڪيڻ. خرچي يا رشوت طور ڪجهه رقم چڙائڻ.
- چيتيون چيتيُون: ث. ذرا ذرا- پرزا پرزا. چيهُون چيهُون.
- چيتيُون ڪرڻ: ذرا ذرا ڪرڻ- پُرزا پُرزا ڪرڻ. چيهون چيهون ڪرڻ.

● چيتَرُ ۽ چيتَرَ: ذ. پڳل ڪاني يا پاسيري ڦاڙيل ڪپڙي مان ظاهر ٿيل چيتيون. شيشي وغيره جي چِيل. زمين جو اهو ڀاڱو جو چورس يا مستطيل شڪل کان ٻاهر نڪتل هجي. جتڙَ ڏکي کي هَر ۾ وهُو ڪرڻ جي حالت (ل). ڏکي (ٿ).

- چيتراجڻ (ٿ): فعل مجهول. ڏکجڻ. ڦُرجڻ.
- چيتر پنڌڙي (ٿ): ث. ڏکي- دولاب- دغا.

● چيتراءُ: ذ. زيارت جي جاءِ. اها جاءِ جتي ماڻهن کي ڪاٺ وغيره مفت ملي. ٻي حيسي.

● چيترائِڻُ (ل): مصدر. "چيترڻ" مان متعدي بالواسطه. چيلائڻ. جتڙَ ڏکي کي هَر ۾ وهُوڪرائڻ.

● چيترَڻُ: مصدر. تربيت ڏيڻ- سيکارڻ- وَهُو ڪرڻ (ڏاند کي). چيلڻ- شيشي کي ڀاسا وٺي مڏو ڪرڻ.

● چيتا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● چِيٽ ۽ چِيٽُون: ث. [ف. چيت] هڪ قسم جو چِرِيَل ڪپڙو (جنهن مان عام طرح زالون پوشاڪ ٺاهين).

● چِيٽڪُ ۽ چِيٽَڪَ: ذ. چريائي- پاڳلپڻو.

● چيٽو: ذ. وِڇوٽي- مفاصلو- وِٿي.

- چيٽو پوڻ: وڇوڙو پوڻ. وِٿي پوڻ. رنجش سبب هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻ.

● چيٽي: ث. وِٿي- وِڇوٽي- مفاصلو- وِڇو. ويساهي- موڪل. فرصت.

● چيپُ: ذ. [سن. چُپ = چُهڻ] چُوتِ- پِليتائي- آلُودگي.

● چيچَ (ت): ث. پاڻيءَ جو ڇينهڙو- سرءُ جي موسم ۾ پاڻيءَ جي لاٽ.

● چيچُ (ل): ذ. دُهَل جي وڄت جو هڪ نمونو (ناچ جو تال). ڏانڊين يا ڏونڪن سان جهُمِرِ ناچ. تماشو- رَونشو. خوشي. چِنهي يا چيپَرَ جي اڏاوت. مهرباني- لُطف
"ڪري چيچ چيپَرَ ۾، پُنهون ايندو پانَ" (شاهه).
چوپائي مال جو هڪ مرض (ڏور کي بيماريءَ سبب يا اَڪُلَ وغيره لڳڻ سبب ڳَنڍو ٿي پوي يا هڪڙي هنڌان ڪَلَ لڙڪي پوي).

- چيچَ وِجهڻ: ناچ وجهڻ. خوشيءَ وچان ٽپا ڏيڻ. گوڙ مچائڻ. رَونشو ڪرڻ. فساد ڪرڻ- هُل مچائڻ.
- چيچ هڻڻ: ڏونڪا هڻڻ. ناچ ڪرڻ. هُل فساد ڪرڻ. خوشيون ڪرڻ.

● چيچڙو ۽ چيچڙا: ذ. صفت. چياڳرو- اڏنگو. بدافعال- ڪُلڇڻو.

● چيچڪُ ۽ چيچڪَ: ذ. رَنبڪَ. هُلُ. فساد. مُعاملو- رڳڙو.

● چيچهڙو (ت): ذ. پاڻيءَ جو ڇينهڙو. جدائي- وِڇوڙو.

● چيچارَ (ڪ. ڪ): ڪڪَ پَنَ- ڦِينجها- ڪڪَ ڪهڄرَ.

- چيچار ڪرڻ: ڪانيون گڏ ڪرڻ- ڦِينجها گڏ ڪرڻ.

● چِيچاڙڻُ (ت): مصدر. ڏک هڻي ڏونڊاڙڻ- چِيچِلائِڻ- چِيچائِڻ. تڪليف ڏيڻ. هلاڪ ڪرڻ- ٽڙڦائڻ- ڦٿڪائڻ.

● چِيچِڙو ۽ چِيچِڙا: ذ. گوشت تي چڙهيل پردو- وَکو- چِيچڙَ "ٻليءَ جي خواب ۾ چيچڙا" (چوڻي). ڦاٽَل اِڳڙي- چِنل ليڙَ.

● چِيچِلائِڻُ: مصدر. ڏندن ۾ جهلي ڏونڊاڙڻ. هلاڪ ڪرڻ- آزارڻ. ڏوڙڻ- چيچاڙڻ.

● چِيءُ چِيءُ: ث. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ وقت ڏراڙ جو ڪيل آواز- چِيڪار. نفرت يا ڪراهت جو آواز. ٻار کي پيشاب ڪرائڻ لاءِ هڪ آواز.

Gul Hayat Institute

● ڇڇيدَڻُ: مصدر. [پرا. ڇيدّئي يا ڇيدّيئي. سن. ڇيد] ٽُنگَ ڪرڻ - سوراخ ڪرڻ - سَل ڪيڻ. وِ رهائڻ. تعريف ڪرڻ. پَڇَڻ.

● ڇڇيدُ ۽ ڇڇيدَ: ذ. [سن. ڇيدُرُ] سوراخ - سَلُ - ٽُنگَ. ڇيرُ - شِگافُ. ڀاڄَ - تعريف. علم نحو جي اصطلاح موجب جملي جي لفظن جي تقسيم. علم رياضي جي اصطلاح ۾ اٽپوري الگ جا جملي ڪيل ڀاڱا.

- ڇڇيدُ ڪرڻ: جملي جي تفريق ڪرڻ. انگ پڇڻ.

● ڇيڏڪُ ۽ ڇيڏڪَ: ذ. رڪاوٽ - رنڊڪ - روڪ - جهڳڙو - خلل - پَڇَڪڙي. ڦَڏو - فساد - رولو - گوڙ. رَڳڙو. چريائي وارو ڀور. آڏڪو. شدت. ڪُڏُ - شوق. مرگهيءَ جي علامتن واري بيماريءَ جو هڪ قسم - ڏَڪڻي يا لَرزو - رَعشه (رَعشي جي بيماري).

- ڇيڏڪ وِجهڻ: رنڊڪ وجهڻ. خلل وجهڻ. فساد وجهڻ. جهيڙو مچائڻ. معاملو پيدا ڪرڻ.

- ڇيڏڪي ۽ ڇيڏڪي: ذ. صفت. ڀُورالو - رِيچِڪائي. حرڪتي. جهيڙاڪار.

● ڇيرِ ۽ ڇيرُوَنُ: ث. گَهڻَ جو هڪ قسم. پيرن ۾ پائڻ لاءِ گهنگهرن جي لَڙهي. گهنگهرا وغيره (جي نچڻ وقت ناچوءَ جي پيرن ۾ يا چوپائي مال جي ڳچي ۽ ٽَنگن ۾ ٻَڌجن).

- ڇيرُوَنُ ڪرڻ: راند يون ڪرڻ. هَلَڻُ

"اِي ڪانيرو ڪوهه جو چاڇَرَ ۾ ڇيرون ڪري"

(شاهه ڪريم).

● ڇيرُ (ڪ): ذ. پرت جو هڪ قسم (کهير جو پرت).

● ڇيرڻُ: مصدر. رُلائڻ - رولڻُ - پَٽڪائڻ. کهَمائڻ. ڇيڙائڻ - ڪاوڙائڻ.

● ڇيرو ۽ ڇيرا: ذ. اوزار تِکي ڪرڻ ۽ ان کي گَسائڻ وقت ڏنل گهُڪو - ڪاٽ ڪري ڪنهن اوزار جي تِکائي. بندوق جي گولي - ڇيرو. مال کي ڏڪائي ٿيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.

- ڇيرو ڏيڻ: اوزار کي تِکو ڪرڻ لاءِ روهيءَ تي لائڻ. ڇيڙائڻ - ڪاوڙائڻ.

● ڇيڙَ ۽ ڇيڙوَنُ: ث. بنا مزوريءَ جي زوري ڪنهن ڪم سان لڳايل ماڻهو. اهو ڪم جو گهڻا ماڻهو بنا مزوريءَ جي لڳائي پورو ڪرائجي (مثلاً واهه جي ڪاٽي وغيره). بيگار. زميندار ي سَڏُ (جنهن ۾ هاري بنا اجوري ڪاٽي وغيره جو ڪم ڪندا آهن). گهڻن ماڻهن جو گڏجي ڪو ڪم ڪرڻ جي حالت (مثلاً جماع ڪرڻ). شڪار کي وَرائيندڙ ماڻهن جو ٽولو. وِيَلَ جانور جي پٺيان پيل ماڻهو (ڪ). وراڙو. ٻَڄَ - هُشي. ڪؤنس - چُرچَ - حرڪت. ڪاوڙائڻ يا ڀَرغلائڻ جي حالت. پيڙيءَ ڇِڪڻ جو رَسو.

- ڇيڙچاڙَ: ث. حرڪت - ڪؤنس. هَٽَ ڪَسُ. مسخري.

- ڇيڙچاڙ ڪرڻ: حرڪت ڪرڻ - هٽ ڪس ڪرڻ. مسخري ڪرڻ. ڪاوڙائڻ لاءِ چورڻ.

- ڇيڙچوڙَ ڪرڻ: گهڻا ماڻهو وٺي چڙهائي ڪرڻ. زبردست حملو ڪرڻ.

- ڇيڙ ڪَرائڻ: ڪنهن راجوٽي ڪم تي بيگر ۾ ماڻهن جو ٽولو وٺي وڃڻ. گهڻن ماڻهن کان ٻَڄَ يا جماع ڪرائڻ.

- ڇيڙَ ڪرڻ: ٻَڄَ ڪرڻ. حرڪت ڪرڻ - ڪَؤنسَ ڪرڻ.

- ڇيڙَ وهائڻ: بيگر وهائڻ - زوريءَ ڪم وٺڻ.

- ڇيڙو ۽ ڇيڙا: ذ. صفت. ڇيڙَ ۾ وهندڙ - بيگر ۾ وَهندڙ - بيگاري - وَنگاري. مفت پورهيو ڪندڙ.

● ڇيڙڻُ: مصدر. چُراند ڪرڻ - حرڪت ڪرڻ. هَٽَ ڪَسَ ڪرڻ. چورڻ. ڪاوڙائڻ. خَفي ڪرڻ - سَتائڻ - تنگ ڪرڻ. ٻَڄَ ڪرڻ - هُشي ڏيڻ. چوپائي مال کي چارڻ لاءِ جهنگ ڏي ڪاهڻ - ڀڄائڻ. وَڄائڻ (ساز). شروع ڪرڻ (آلاپ، گفتگو). بيٺل پاڻيءَ ۾ واهه جي ڪاٽي ڪٽڻ (ل).

● ڇيڙو ۽ ڇيڙا: ذ. پَڇاڙي. پوڇڙ - پُڇڙي. پَٽيڪي جو ٽُرو - بيگاري ماڻهو - مفت ۾ ڪم ڪرڻ وارو "خانواهه جو ڇيڙو".

- ڇيڙو ڇڏائڻ: ختم ڪرڻ. آخر بن فيصلو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ.
- ڇيڙو ڇڏڻ: جند ڇڏڻ. واسطو توڙڻ. سالڳو ڇڏڻ. آسرو لاهڻ. پٺڪي جو پنو ڇڙو ڇڏڻ. طرو ڇڏڻ.

● ڇيڙهڻ (ل): مصدر. ڇيڙڻ. چراند ڪرڻ. حرڪت ڪرڻ. ڇيڙائڻ.
- ڇيڙهه: ث. ڇر- ڪؤنس- ڪنڊ- ڇيڙ.
- ڇيڙي ' نبيري ' ڇيڙيون ' نبيريون ': ث. راجوڻي معاملن جو نياءُ - انصاف - نبيرو - پنچاتي فيصلو.
- ڇيڙي نبيري ڪرڻ: راجوڻا فيصلا ڪرڻ. نبيرا ڪرڻ.

● ڇيڪارڻ: مصدر. چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ 'ڇي ڇي' جو آواز ڪرڻ. ڪاهڻ يا هڪلڻ جو آواز.

● ڇيڪ: چوپائي کي چرڻ وقت پيرن ۾ ٻڌل رسي، ڦيٽي کي مضبوط رکڻ لاءِ ڇاپي. رڪاوت - رخنو.

● ڇيڪ: کليل - آزاد - ڇڙواڳ.
- ڇيڪ چرڻ: چوپائي جو ٻنيءَ ۾ آزاديءَ سان چرڻ - آزاديءَ سان گهمندو ڦرندو رهڻ.
- ڇيڪ ڇڏڻ: چوپائي کي ٻنيءَ ۾ چرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏيڻ. هر قسم جي آزادي ڏيئي ڇڏڻ. ڇڙواڳ ڇڏي ڏيڻ.
- ڇيڪارو ج ڇيڪارا: ذ. اهو وهٽ (ڍڳو وغيره) جنهن کي 'ڇي ڇي' ڪري پاڻي پيارجي. 'ڇي ڇي' جي آواز تي پاڻي پيئندڙ وهٽ. (ث). ڇيڪاري ج ڇيڪاريون
"آڇاري پيئندي، ڇيڪاري ڪانه پيئندي."
(چوڻي).

● ڇيڪارو ج ڇيڪارا (ٿ): ذ. نر هرڻ.

● ڇيڪاڻ (ڪ): ظرف. ڇاڪاڻ - ڇالاءِ - ڇي لاءِ.

● ڇيڪائو: ذ. صفت. ڇڪيندڙ - ڪيهليندڙ. گهڻو تماڪ ڇڪيندڙ - ڇيڪو - ڇڇا - پنڊ - پنڊي لائي ويهندڙ. ميراڻ. اهو گڏهه يا گهوڙو جو ڇڪائڻ کان سواءِ نه هلي.

● ڇيڪڙائو ج ڇيڪڙائو: ذ. صفت. طالبو - گهورو - مدعي - طالب - اميدوار.

● ڇيڪو ج ڇيڪا (ٿ): ظرف. يڪدم - جلد - ترت - جهٽ پٽ. (ذ). ڇهڪ - ويڙهه "پاڪيءَ سان ڇيڪو ڏنل اٿس."

● ڇيڪو ج ڇيڪو: ذ. صفت. تماڪ ڇڪيندڙ. ٻانڌائي (چلم جو). طالبو - اميدوار - گهورو - سيڪڙو. (ذ) ٻيل گاڏيءَ جي پيرن کي ڇڪيندڙ ۽ سرائيءَ کي قابو جهليندڙ ڪاٺي (ٿ).

● ڇيڪون (ٿ): ث. وارن جي ڳنڍ - مينڍي.

● ڇيڳرو ج ڇيڳرا: ذ. صفت. گدلو - ميرو - ڪينو. آلٻيلو - ڇلولو - حرڪتي - شرير. (ث). ڇيڳري ج ڇيڳريون.
- ڇيڳرائي ج ڇيڳرايون: ث. گدلائي - ڪيناڻي - آلٻيلائي - ڇلولائي.

● ڇيڳلو ج ڇيڳلا: ذ. صفت. ڏسو "ڇيڳرو." (ث). ڇيڳلي ج ڇيڳليون.

● ڇيلاءِ (لس): ڇو - ڇالاءِ.

● ڇينڳ (ٿ): ث. ٽيڳر - آڪڙ - وڏائي - مغروري.
- ڇينڳ ٿيڻ: مٿي تي چڙهڻ - شينگهه ٿيڻ. ضد تي چڙهڻ.
- ڇينگ چڙهڻ: مٿي تي چڙهڻ. آڪرو ٿيڻ. هٺ ڪرڻ.
- ڇينگر جڻ (ٿ): فعل مجهول. مغرور ٿيڻ. ٽيڳر جڻ. آڪڙ جڻ.

● ڇينگهو ج ڇينگها: ذ. مڇي جهلڻ جي ڪاٺي.

● ڇيل (ل): ث. پنٽل وارو پاڻي. اهو پاڻي جو واهه مان آتل ڪاٺي ڪنارن تان وهي. بندن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ڇر. جالارو پاڻي. گهڻو پاڻي (اسم خاص). تعلقه بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇيل (ٿ): ث. ڇيلو. ڪتل. ٻڪريون.

● ڇيل ج ڇيل: ذ. ٻڪري. ڇاڙ. آلر. ڏڪ.

Gul Hayat Institute

● ڇپل ڇپيل (ت): ث. ڪَل جدا ڪرڻ. چاچول (ڪپڙن ڪي).

● ڇپلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڇپلارو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇپلري ۽ ڇپلريون: ث. ڇپرن واري. ڇپرن واري مڇي. هڪ قسم جي مڇي (جا مٺي پاڻي ۽ ڍنڍن ۾ ٿئي). ڪرڙو- ڏنڀرو.

- ڇپلري مڇي: ث. ڇپرن واري مڇي.

● ڇپلو ۽ ڇپلا: ذ. [سن. ڇڳلڪ يا ڇڳلڪ] [ڇڳلا يا ڇڳلي] ٻڪريءَ جو نر ُ ڦر- ليلو- ننڍو ٻڪرو. (صفت). احمق - بيوقوف. (ث). ڇپلي ۽ ڇپليون.

- ڇپلو (ڇپلي) ٿي لڳڻ: پٺيان لڳو رهڻ. پٺي نه ڇڏڻ.

● ڇپلوڻ، ڇپلوان: صفت. ڇپل - گهڙيل - تربل (ڪاني).

● ڇپليون: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڇپمڪ (ل): ث. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا فقط گهوڙن ۽ اٺن کي ٿئي).

● ڇپڻ: ذ. ڇيهو- نقصان- ٽوٽو- گهاٽو.

● ڇپنا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڇپنارو ۽ ڇپنارا (ت): ذ. پاڻيءَ جي لاٿ. درياءَ وغيره ۾ پاڻي گهٽجي وڃڻ جي حالت- ڇپنهرو (ل).

- ڇپنارا ڪرڻ: سرءَ جي موسم ۾ پاڻيءَ جو لهي وڃڻ- ڇپنهرو ٿيڻ. آتل جو پاڻي لهڻ.

● ڇپنپر: ذ. ڇپنيو- سڪل ٽاري- سنهي ڪاني. سڪل ڏنگري.

● ڇپنپڪ ۽ ڇپنپڪون (ڪ): ث. تازي وڍيل ٽاري (وڻ جي). چانگ.

● ڇپنپڻ: مصدر. جٺ ڪرڻ- ملامت ڪرڻ- جهڙڪڻ- تنبيهه ڪرڻ. دڙڪو تاب ڪرڻ. فهمائش ڪرڻ. هيس ڪرڻ. ليپڻ- ڇپنپ ڪرڻ- گارو هڻڻ.

- ڇپنپ ۽ ڇپنپون: ث. جٺ- تنبيهه. جهڙڪو. فهمائش- ميهڻو- طعنو. لنب- ليپو- ڇپنپ.

- ڇپنپر ۽ ڇپنپر: ذ. صفت. جهڙڪيندڙ- جٺ ڪندڙ- هيس ڪندڙ (ٿ). طعنا هڻندڙ.

- ڇپنپڪو (ل): جهڙڪ- ڇپنپ.

● ڇپنپيو ۽ ڇپنپيا: ذ. سڪل ڏنگري- چانپو. سنهي ۽ سڪل ڪاني- پانگڙو.

● ڇپنپي ۽ ڇپنپيون (ت): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (وڏن وارن ۽ سنهن رنگين نشانن واري ٿئي).

● ڇپنت (ٿ): ث. ڪتي جو مٽ.

● ڇپنڊو ۽ ڇپنڊا (ٿ): ذ. نڪ مان وهندڙ گند- سينگهه- گوٻو.

● ڇپنو ۽ ڇپنا (ت): ذ. جدائي- علحدگي. ورهاست- تفريق.

- ڇپنو ڪرڻ: جدائي ڪرڻ. شراڪت وارو مال ورهائڻ. فيصلو ڪرڻ- نبيرڻ- معاملي جي صفائي ڪرڻ.

● ڇپنوڙ ۽ ڇپنوڙ (ڪ): ذ. صفت. ڇپنائيندڙ.

● ڇپنهرو، ڇپنهرا: ذ. درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاٿ (جا عموماً سرءُ جي موسم ۾ ٿئي). ٻوڏ يا آتل جي موٽ. پاڻيءَ جي لاٿ. جدائي- علحدگي- تفريق.

- ڇپنهڙو ۽ ڇپنهڙا: ذ. صفت. ڇپنهرو.

● ڇپڻ: ذ. ڇپٽو. پاڻ.

● ڇپڻ، ڇپوڻ: ذ. آهو ڏاڳو جنهن مان ڪنڀر ڪچن ٿانون کي چڪ تي ڪپي ڪوري.

● ڇپٽارو. ذ. ڏڳي، ڳئون جي ڇيٽن لاهڻ جي جاءِ.

● ڇپٽو ۽ ڇپٽا: ذ. چوپائي مال جو ڦوسو- گوبر. ڳوهو- ڇاڻ. سڪل ڦوسي. پاڻ.

- ڇيٽا پور ۽ ڇيٽا پور: ذ. صفت. ٻن کي ويڙهائيندڙ- لائي چائي ڪندڙ- فساد وجهائيندڙ. منافق- فتنه انگيز.

- ڇيٽا پورڻ: جهيڙو وجهائڻ. لائي چائي ڪرڻ. ويڙهائڻ. منافقي ڪرڻ "ڇيٽا پور ته لٽ لڳي". (چوڻي). فتنو اٿارڻ.

Gul Hayat Institute

- چيٽا ڪيڻ: ننڍي جانور کي پالڻ.
- چيٽي پور، پورُو: ذ. صفت. ڏسو "چيٽاپور."
● چيٽيهار: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ماڳ جو نالو.
● چيٽي ۽ چيٽيُون: ث. [سن. چِدُ=سوراخ ڪيڻ. چِدُرُ] هڪ قسم جو اوزار ڏاندَ پڇبي لوهي، چِپِرَ جا لوهه وڍڻ يا ڪاٺين ڦوڙڻ ۾ ڪم اچي).
● چيو ۽ چيا: ذ. چيهو- نقصان- توٽو- ضَرَرُ.
● چيهه ۽ چيهه: ذ. پڇاڙي- آخر- انتها- پُڄاڻي. ڊَنگَ- حدّ- نهايت. وڍ- چيرُ- زخم- چيهڪَ.
- چيهه چڃڻ: بيوس ٿيڻ. حوصلا خطا ٿيڻ. سڀ اميدون آسرا لاهڻ. بي همت ٿيڻ.
- چيهه ڪرڻ: ڊنگ ڪرڻ. حدّ ڪرڻ. وس مان نه گهٽائڻ. انتها تي پڄائڻ. پوري پوري ڪوشش ڪرڻ. سموري طاقت خرچ ڪرڻ.
- چيهه ڪري ڇڏڻ: حد ڪري ڇڏڻ. ڪنهن ڪم ۾ ويهڻ تي نتهڻ جو زورُ لائڻ. حيرت ۾ وجهڻ جهڙو ڪم ڪرڻ. ڪمال ڪري ڏيکارڻ.
● چيهڙُ ۽ چيهڙَ: ذ. ڍَنگُ- طريقو- عادتون- اخلاق- لڇڻ- سگهڙ پائي- صفائي- سنائي- هوشياري- چالاڪي- لياقت- صلاحيت.
● چيهڙو ۽ چيهڙا (ٽ): ذ. فوٽيءَ جي مُنهن ڍڪڻ لاءِ ڦلاندُ.
● چيهل ۽ چيهلون: ث. صفت. سهڻي عورت- حسين.
● چيهلُ ۽ چيهل: ذ. سهڻو مرد. هرڻُ "چيو چيهلُ= هرڻ جهڙيون اکيون." سچ.
● چيهلو ۽ چيهلا (ٽ): ذ. صفت. سيني کان پويون. پڇاڙيءَ وارو. آخري- پڇاڙي- ڊنگ.
● چيهڻُ: مصدر. [سن. چِدُ=چِنڻ] وڍڻ- ڦاڙڻ- ڪپڻ.
● چيهو ۽ چيها: ذ. خسارو- نقصان- ٽوٽو- گهاٽو- زيان. پڇاڙي- حدّ (ٽ).
- چيهو پائڻ: نقصان سهڻ. نقصان وجهڻ.
- چيهي کان نڪرڻ (ٽ): نقصان کان بچڻ. بيهوش ٿيڻ. سخت ڪاوڙجڻ.
● چيهون چيهون: ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ. ذرا ذرا- ٽڪرا ٽڪرا- پرزا پرزا.
- چيهون چيهون ڪرڻ: ذرا ذرا ڪرڻ. پرزا پرزا ڪرڻ.
● چيئو ۽ چيئا: ذ. چيهو- ٽوٽو- نقصان.

ح

ح: ث. [ع] سنڌي "الف ب" جو سترهون، عربي "الف بي" جو ڇهون اکر. (آچار، حائي حُطّي) ابجد موجب عدد آٺ. علم نجوم موجب هن جي شڪل برج قوس جهڙي آهي.
● حاتِمُ: اسم خاص. [ع. حَتَمَ=فيصلو ڪيو] عربستان جي هڪ مشهور سخي مرد جو نالو. سخي- داتا- تمام گهڻو سخي.
- حاتم جي قبر کي لت هڻڻ: حاتم کان به وڌيڪ سخي بڻجڻ (ٽوڪ).
- حاتم طائي: اسم خاص. حاتم جيڪو سخي مرد مشهور آهي اهو "طيءِ قبيلي" جو سردار هو. انهيءَ ڪري کيس حاتم طائي (يعني طيءِ قبيلي وارو حاتم) ڪري سڏيندا آهن.

Gul Hayat Institute

● حاجَ ۽ حاجُون: ث. [ع. حاجَةٌ جو مُخَفَّف] حاجَتَ. احتياج - گهرج - ضرورت - طلب - مُدّعا- خواهش.

- حاجَ لاهڻ، حاجَ لاهي ڇڏڻ: سيڪت ڏيڻ.

- حاجَ هُجڻ: اجا تورو ڪم رهيل هجڻ. توري حاج رهجي ويڻ.

● حاجّ: ذ. صفت. [ع. حَجّ = حَجّ ڪيو] حَجّ ڪرڻ وارو- حاجِي. زِيارتِي.

● حاجِب ۽ حاجِبَ: ذ. صفت. [ع. حَجَبَ = هن روڪيو] دربان - نگهبان - چوبدار- چوڪيدار- پاسبان - داروغو. پرده دار. خدمتگار - خادم اک جو ڀرون - ابرو.

● حاجَت ۽ حاجات: ث. ضرورت - غرض - مطلب - گهرج - ڪاپو - احتياج. قُوّت - خواهش - چاهه - جاء - برابري - پڄڻ جي جاء - پُڄَت. جيئن چئجي: "ڪنهن جي به هن سان حاجت نه آهي وغيره". ڪم- آرزو - اميد - آس - تمَنّا - مُراد - اِلتجا - نيازمندي.

- حاجَتَ بَرآري: ث. [حاجَتُ + بَرُ + آوردن = ضرورت پوري ڪرڻ] ڪنهن جي ضرورت پوري ڪرڻ جي حالت.

- حاجَت خواه: ضرورت پوري ڪرڻ لاء سوال ڪرڻ وارو- سوالي - سائل - محتاج.

- حاجَت رَفعَ ڪرڻ: ڪنهن ڪم جي پوئواري ڪرڻ. ضرورت پوري ڪرڻ. ڪاڪوس ڪرڻ.

- حاجَت رَوا: ضرورت پوري ڪرڻ وارو.

- حاجَتَ رَوائي: ث. [حاجت + روائي = ضرورت پوري ٿيڻ] ضرورت جي پورائي - مطلب جي تڪميل. مُشڪل ڪُشائي - ضرورت پوري ٿيڻ واري حالت.

- حاجَتَ ضَروري: ث. ضروري ڪم (خاص ڪري ڪاڪوس جو خيال).

- حاجتمَنَدَ: ذ. صفت. [ف. حاجت + مند] گهرجائُو - ضرورت وارو - غرض مند - خواهش مند - آساوَند - اميد وار. مُحتاج - مُفلس - تنگدست - تنگ حال - بُکيو - سُڃو - ڪنگال.

- حاجَت مَنديِ: ث. [حاجَتُ + مَنديِ] ضرورت - گهرج - طَلَبَ - احتياج غرض - مطلب.

- حاجتي ۽ حاجتِي: ذ. صفت. حاجت وارو- گهرجائُو- ضرورتمند - حاجتمند - غرضمند - آسائو- بيمار لاء کَٽَ يا پلنگ وٽ پيشاب ڪرڻ لاء رکيل ٿانءُ.

● حَاجِيُ ۽ حَاجِيُ - عربيءَ ۾ ۽ حُجّاجُ: ذ. [ع. حَاجِيُ] ڏسو "حاجّ". حَجّ ادا ڪرڻ وارو- حَج ادا ڪري آيل مسلمان - زِيارتِي - پاند يئڙو - مسافر. بُزرگ - ڀَلارو (ث. حاجِياڻِي ۽ حاجِياڻِيُون).

- حَاجِي اُلحَرَمَيْن: ذ. صفت. بن حَرَمَنُ يعني مَڪي ۽ مَديني جي پاڪ جاين جي زيارت ڪري اچڻ وارو (هرهڪ حاجي مڪي ۾ ڪعبةالله جي زيارت ڪانپوءِ يا اڳ، سهولت آهر مديني مُنوره ڏي ويندو آهي).

● حاجِياڻا: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حاجِي پوٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه، حيدرآباد ۽ سکر ضلعي ۾).

● حاجِي پُور: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حاجِي خانُ: اسم خاص. ضلعي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- حاجِيڙو (ڪ): ذ. وڻ جو هڪ قسم (پِپَرَ جهڙو).

● حاجِي شاهُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حاجِي ڪَرَمَ عَلي: اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حاجِي ڪورائي: اسم خاص. تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حادِثُ: صفت. [ع. حَدَثَ = ٿي پيو] نئين طرح وجود ۾ اچڻ وارو - نئون پيدا ٿيل - نئين شيءِ جا اڳ ۾ وجود ۾ نه هجي - هاڻي شروع ٿيل - جديد - تازو. فنا ٿيندڙ (جيڪا شيءِ وجود ۾ آندي

Gul Hayat Institute

ويئي آهي، اها لازمي طور فنا ٿيڻ واري آهي).
زوال کي پهچندڙ- فاني. ڪِنايَةً "مخلوق"
(يعني جيڪا شيءِ خلقي ويئي، آهي جهڙوڪ:
زمين، آسمان، انسان، حيوان وغيره)- قديم جو
ضِدّ.

- حادِثو ۽ حادِثا: ذ. [ع. حادِثَه: حادِثُ]
واقعو- سانحو- صدمو- تصادم- اتفاق. ڪنهن ڪم
جي اوچتي رَنجَ ڳَڏيل واردات- اِتفاقي واقعو.
ماجرا- قِصو- پَچاڙي- نتيجو.

● حاذِقُ عربي ۾ حُذّاقُ: ذ. صفت. [ع. حَذَقَ]
تمام هوشيار- قابل- ماهر- چاڙو- ڪامل- فن جو
اُستاد- ڪاريگر- هُنرمند- هُنرائتو- تجربيڪار-
آزمودگار- سياڻو- ڏاهو- پَڪو- سُڄاڻُ سمجهُو-
دالاءُ- ذهين- زِيرَڪُ- چالاڪ- چِتَرُ. علاج
ڪندڙ- حڪيم- ويد (هيءُ لفظ فقط حڪيمن جي
تعريف لاءِ استعمال ۾ ايندو آهي).

● حارّ: ذ. صفت. [ع. حَرارَة] حرارت وارو-
گرميءَ وارو- گرم (ت).

● حارِجُ ۽ حارِجَ: ذ. صفت. [ع. حَرَجَ]
روڪيندڙ- اَڙو ايندڙ- تنگ ڪرڻ وارو.

● حاسِبُ: ذ. [ع. حَسَبَ] رقمن جو حساب
ڪتاب ڪرڻ وارو- اڪائونٽنٽ- خزانچي.

● حاسِدُ: ذ. [ع. حَسَدَ = هُن ساڙُ ڪيو]
حَسدُ ڪرڻ وارو- ساڙِيلُ- مَتَسهُو- جيڪو
ٻئي کي نه سهي.

● حاسّة: ث. [ع. حَسّ = محسوس ڪيو]
محسوس ڪرڻ واري قوّت يا سگهه- اِحساسُ.

● حاشا: ث. [ع]. پناهه! ڪڏهن به نه!
هرگز نه! بلڪل نه! انڪار ۽ ترديد لاءِ هڪ
قَسَمَ ڪڻڻ جو نمونو.

- حاشا ثُمّ حاشا: ظرف. هرگز نه، هرگز نه.

- حاشا لِلرَّحمٰن: ڪنهن به ڪم نه ڪرڻ جو
عهد ڪرڻ، قسم ڪڻڻ لاءِ لاعلمي ظاهر ڪرڻ جي
موقعي جو لفظ. خدا نه ڪري! خدا جي پناهه!
هرگز نه.

- حاشا لِلّٰه: ظرف. ڏسو "حاشا لِلرَّحمٰن".

- حاشا وَڪَلّا: ظرف. هرگز نه- ڪڏهن به نه-
بلڪل نه- ڪجهه به ٿي پوي ته نه.

● حاشو ۽ حاشا: ذ. [ع. حاشِيَہ = ڪنارو]
پاسو- وَٽ- سِنجاف- ڪتاب يا ورق جو چئني
پاسن کان خالي ڇڏيل حصو- هني جي پاسي تي
ڇڏيل جاءِ (جنهن تي تبصرو لکيو ويچي). ڏنبيءُ-
ڪَپُ- ڪِناري- حاشيي. سنڌي ڏکهي ڏو ٻيءَ
جي پَٽرت پريل ڪِنار. لَڪَڻَ جو هڪ قِسم-
نيٺ- معنيٰ- چاڻَ- خبر- ڏونگيو (ث). آمدني.

- حاشِيُ: ث. [ع. حاشِيَه = ڪِنارو]
ڪتاب يا ڪاغذ ۾ لکيت کان آجو ڪنارو-
حاشو- وَٽ- پاسو.

- حاشِي چاڙهڻ: وَٽِ لڳائڻ- ڪنهن ڪتاب
تي شرح لکڻ- ڪنهن ڳالهه کي وڌائي بيان ڪرڻ-
مرچ مصالحي سان بيان ڪرڻ.

- حاشِيُ ڇڏڻ: لکڻ وقت ڪاغذ تي پاسن
کان ڪجهه خالي جاءِ ڇڏڻ.

- حاشِيو ۽ حاشِيا: ذ. حاشِيُ.

- حاشِيہ نَشِينُ: ذ. صفت. مُعزز مُلازم-
هر وقت خدمت ۾ رهڻ وارو- مُصاحِبُ- گڏهُ
رهڻ وارو.

● حاصِلُ: ذ. [ع. حَصَلَ = هن مطلب
ڪڍيو] ڪنهن شيءِ جي بچت- بقايا- روڪڙ-
لقدي. آمدني- پيدائش- آپت- پيداوار (پوک جي).
عيوض- نتيجو- ڦَلُ. ڦ ڪرو. فائدو- لاڀ- نفعو-
سُودُ- پراپت- سرسي- مطلب- مقصد- ارٿ- متن.
هٿ ۾ هئڻ جي حالت- مالڪي- قبضو. حصي ۾
آيل- پِڙ پيِيلَ- پهتل- پَلئه پيِيلُ.

- حاصِلات ۽ حاصِلاتُون: ث. آمدني-
آپت- حصي ۾ آيل ياڳو- لاڀُ- پراپت- پيدائش.
فائدو- نفعو- سُود- ڏَنُ- مال- ملڪيت- قبضو-
دِلَ. حقابو.

- حاصِلاتِ ٿيڻ: پلئه پوڻ- حاصِلُ ٿيڻ.

- حاصِلُ مَصدَر: گرامر ۾ اهو مصدر جنهن منجهان
حاصل ڪيل لفظ، جيڪو معنيٰ ۾ مصدر وانگر
آهي، مگر نشاني "ڻ" جي ڪانه هوندي اُتس ۽

Gul Hayat Institute

نہ وري مصدر وانگر ان مان ڪي بہ ٻيا صيغا نڪري ٿا سگهن. انهيءَ ڪري "مصدر ترڪيبي" چوندا آهن. جيئن "ڏُڪَڻُ" منجهان "ڏُڪَ"، "لِکڻ" منجهان "لِکُ" ۽ "پهچڻ" منجهان "پَهُچَ".

= حاصِلُ ٿِيَڻُ: هٿ اچڻ - ملڻ (ڪنهن شيءِ جو) - قبضي ۾ اچڻ - وصول ٿيڻ. فائدو ٿيڻ - ٻِرِ پوڻ - پَراپت ٿيڻ.

= حاصِلُ ڪَرَڻُ: هٿ ڪرڻ - وٺڻ - قبضي ۾ ڪرڻ - ٻاڻ وٽ آڻڻ. لهڻ - ڪمائڻ - آپائڻ - پيدا ڪرڻ - گڏ ڪرڻ - جمع ڪرڻ.

= حاصِلُ ڪَلامُ: ظرف. مطلب تہ - القصہ - الغرض - خلاصہ ڪلام - خلاصہ مطلب - آخر - آخرڪار - نيٺ - نيٺان نيٺ.

= حاصِلُ مَطلب: ظرف. مطلب تہ - آخرڪار - نيٺان نيٺ - حاصل ڪلام.

● حاصِلاڻي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● حاضِرُ ۽ حاضِرَ: ذ. صفت. [ع. حَضَرَ = هو موجود هو] اڳيان هجڻ جي حالت - موجود. اڳيان - سامهون. پيش - روبرو - مُقابل - تيار - سنبريل. هَڪيو تَڪيو - ٿيڻ لاءِ هَڪيو. خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو - خواهان - خواهشمند - راضي - خوش - رضامند - آماده. جيئن چئجي ائين - صحيح - ٺيڪ - برابر - هائو. "جيئن، حاضر سائين!" جلد - جهٽ پٽ - يڪدم - هاڻي جو هاڻي. هلندڙ - هاڻوڪو - موجوده حال (وقت). گرامر موجب هڪ ضمير جو نالو - "ضمير حاضر" (تون، توهان، توهين).

= حاضِراتِ ۽ حاضِراتُون: ث. جِنن ڀُوتن کي گهُرائڻ يا گڏ ڪرڻ جو ڪم يا حالت. هنيلن تي ضابطو رکڻ يا انهن تي حڪومت هلائڻ جي حالت. جِنن ڀُوتن کي قبضي ۾ رکڻ جي طاقت. مُراقبي ۾ ويهڻ جي حالت ۾ روحاني ڪشش. جِن" ڪيدندڙ (ڀوپي) جي اڳيان جِن" ڪيڍڻ وقت نذراني طور لوبان، ڌوپ، خوشبوءِ وغيره. زبردست هَستيون.

= حاضِراتِ ڪَرَڻُ: جِنن ڀُوتن کي گهُرائي ڪنهن ڳجهہ بابت پُڇڻ.

= حاضِراتِي: جِنن ۽ ڀُوتن کي سڏائڻ وارو عامِلُ - ڀوپو.

= حاضِران حُضُورُ: ذ. صفت هر هنڌ حاضر - هر وقت حاضر - هر جڳهہ موجود - حاضر ناظر.

= حاضِرُ ٿيڻ: موجود ٿيڻ - پيش ٿيڻ - تيار ٿي اچڻ. پيدا ٿيڻ. شامل ٿيڻ.

= حاضِرُ جَوابُ: ذ. صفت. يڪدم معقول جواب ڏيندڙ - ٺَهہ پَهہ مناسب جواب ڏيندڙ - بنا دير سوال جو موزون جواب ڏيندڙ. چَتُر - چالاڪ.

= حاضِرُ جَوابُ ڏيڻ: آتي جو آتي موزون جواب ڏيڻ - ٺَهہ پَهہ جواب ڏيڻ.

= حاضِرُ جَوابِي ۽ حاضِرُ جَوابِيُون: ث. يڪدم صحيح ۽ معقول جراب ڏيڻ جي لياقت.

= حاضِرُ رهَڻُ: موجود رهڻ.

= حاضِرُ شَرَمُ: ذ. صفت. زبان تي مُهر لڳل. فضيلت وارو. حضور شرم - لَڄارو - شرميلو - حياءَ وارو - جيڪو حياءَ ۽ شرم ڪان ڪجهہ ڪُڇِي نہ سگهي.

= حاضِر ضامِنُ: ذ. صفت. وارنٽ پهچڻ کان اڳ، جوابدار جو ڪورٽ ۾ پهچي ڏنل ضامن.

= حاضِرُ ڪَرڻُ: موجود ڪرڻ - پيش ڪرڻ - اڳيان ڪرڻ - روبرو آڻڻ. ڏيڻ (ڪا شيءِ سوکڙي يا نذراني طور) - پهچائي ڏيڻ.

= حاضِرُ ناظِرُ: ذ. صفت. هرهنڌ موجود رهندڙ ۽ ڏسندڙ (خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو).

= حاضِري ۽ حاضِرِيُونُ: ث. اڳيان رهڻ جي حالت - روبرائي - سَنمُکائي. پيشي - ڪورٽ يا عدالت ۾ پيش ٿيڻ - شُنوائي. مُلاقات. چاڪري - خدمت. ماڻهن جو ميڙ - ڪَٽڪ - مجموع. واپار جي اصلاح موجب حاضر مال (ڏيهي).

= حاضِرِي پُڪارَڻُ: حاضر هجڻ جي پَڪَ ڪرڻ لاءِ نالا پُڪارڻ يا وٺڻ.

Gul Hayat Institute

- حاضِري پَرَڻُ: موجود ٿيڻ - موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪرڻ - پيش ٿيڻ. اچڻ. حاضر ٿيڻ. روبرو ٿيڻ - سامهون ٿيڻ. حاضريءَ جي ڪتاب ۾ حاضر ماڻهن جي داخلا ڪرڻ. خدمت ڪرڻ - حاضري ڏيڻ - خوشامد طور هر هر وڃڻ - ڪاڻ ڪيڻ.

- حاضِري پَوَڻُ: ڪنهن ڏوهيءَ کي ڪنهن خاص مقرر ڏينهن تي ٿاڻي ۾ يا ڪورٽ ۾ شنوائي جو ڏينهن مقرر ٿيڻ.

- حاضِريءَ جو نَقشو: ملازمن جي موجودگيءَ جي داخلا جو ڪتاب يا ڪاغذ - مَسٽَرول - حاضريءَ جو ڪتاب.

- حاضِري ڏيَڻُ: موجود رهڻ - اڳيان رهڻ - موجودگيءَ جي ثابتي ڏيڻ - خدمت ڪرڻ - نوڪري ڏيڻ.

- حاضِري لَڳائِڻُ: نوڪري لڳائڻ - حاضري پرڻ.

- حاضِري کائِڻُ: نيرن ڪرڻ - صبح جو ناشتو ڪرڻ.

- حاضِري ۾ رَهَڻُ: هردم موجود رهڻ - خدمت لاءِ هر وقت تيار رهڻ.

- حاضِري وَٺَڻُ: حاضري پُڪارڻ - نوڪريءَ جو ڪم ڪرائڻ - سيڪت ڏيڻ.

- حاضِرِينَ: ذ. (حاضر جو جمع سالم) حاضر ٿيل ماڻهو - مُتوَجِهُ ٿيل وارا - مجلس يا محفل ۾ سڀ شريڪ ٿيل ماڻهو - جلسي جا موجود ماڻهو.

● حاطو ۽ حاطا: ذ. [ع. حاطَ = هُن گهيرو ڪيو] ڪنهن جاءِ جي چوڌاري ڏنل ننڍي پٽ جي اندران آيل ميدان. اڱڻ - آڳنَدُ - پَدَرُ - ميدان - احاطو يا گهيرو.

● حافِظُ ۽ حافِظ: ذ. [ع. حَفِظَ = هن ياد ڪيو، بچايو] حفاظت ڪندڙ - سنڀاليندڙ - نگهبان - پاسبان - راکو - چاري - سانڍيندڙ - بچائيندڙ - پناهه ڏيندڙ. ڌڻي - وارث - مالڪ. قرآن شريف کي برزبان ياد ڪندڙ - ياد حافظ. جيئن ته قرآن شريف کي انڌا ماڻهو گهڻي انداز ۾ ياد ڪندا آهن، تنهنڪري محاوره ۾ "حافظ" جي معنيٰ بعضي بعضي "انڌو" به ورتي ويندي آهي.

- حافِظُ حَقِيقِي: ذ. صفت. اصلي نگهبان - خدا تعاليٰ.

- حافِظو: ذ. اندرين ۽ ٻاهرين حواسن جي چِٽَرپِٽَر کي دماغ ۾ محفوظ رکندڙ قوّت - ياد رکڻ جي قُوَّتَ - چيتو - يادگيري - ياد آوري - ياد گيرو.

- حافِظہ (حافِظَة) ث. اها عورت جيڪا قرآن شريف حِفظ ڪري (برزبان ياد ڪري) - حافظياڻي.

● حاڪِمُ ۽ حاڪِمَ: ذ. صفت. [ع. حَڪَمَ = هن فرمان ڪيو] حڪم هلائيندڙ - فرمانروا. حڪومت ڪندڙ - سردار - بادشاهه - راجا - سلطان - والي. آقا - مالڪ - ڌڻي - فيصلو ڪندڙ - آچاري - مُنصِف - قاضي - مفتي - جج - ناظم.

- حاڪِمِ اعليٰ: ذ. وڏو آفيسر - وڏو عملدار - سلطان - شهنشاهه - خداوند تعاليٰ (احڪم الحاڪمين - حاڪمن جو حاڪم).

- حاڪِمانو: صفت. حاڪم جو - امير جو - اميراڻو - شاهاڻو - شاهي - حاڪِماڻو.

- حاڪِماڻو ۽ حاڪِماڻا: ذ. صفت. حاڪم جو - حاڪم وانگر - اختياريءَ وارو - فوجداري - نادري - شاهاڻو. دٻدٻي وارو - مان شان وارو. (ذ) وڏو ماڻهو - نيڪر. ث. حاڪماڻي ۽ حاڪِماڻِيُون.

- حاڪِمِ بالا: ذ. وڏو عملدار - مٿانهون حاڪم - حاڪم اعليٰ - سلطان - شهنشاهه - خداوند تعاليٰ - بادشاهه حقيقي - فرمانروائي حقيقي.

- حاڪم جي اڳياڙي ۽ گهوڙي جي پڇاڙيءَ کان ڊڄڻ: حاڪم اڳيان هرو ڀرو هر هر وڃڻ ۽ گهوڙي جي پٺيان هر هر اچڻ ۾ هميشه خطرو هئڻ.

- حاڪِمِ وَقتُ: ذ. صفت. موجوده وقت جو حاڪم - موجوده حاڪم - بَرسَرِ اقتدار.

Gul Hayat Institute

- حَاڪِمِي: ث. حڪومت - سرڪار - راڄ - صاحبي - بادشاهي - سرداري - نوابي - حڪمراني - وڏيرپ.

● حَالُ ۽ اَحوالُ: ذ. [ع. حَالَ = گذري ويو] هلندڙ وقت (جيڪو اڃا گذريو نہ هجي) - ماضي ۽ استقبال جي وچ وارو وقت. گرامر موجب ٽن زمانن مان هڪ زمان (ماضي - حال - مستقبل). حالت - گت - ڪيفيت. پُڄَندي - حيثيت - طاقت - زور - ٻهچ - دم. ذِڪر - ماجرا. احوال - بيان - حقيقت - خبرچار. طريقو - طور. محويت جي حالت. وَجْدَ جي حالت. محبت اِلاهي جو جذبو. بيخودي - مَستي - رِقّت - وَجْد. (ظرف). هينئر - هن وقت - هاڻي - يڪدم - فِي الحال - اڃا - اڃا تائين.

- حَالا: ظرف. هاڻي - هينئر - هن وقت - موجوده وقت.

- حَالانڪ: ظرف. درحاليڪ - باوجوديڪ - انهيءَ هوندي بہ.

- حَالُ آچَڻُ: وَجْدُ اچڻ. جوش غالب ٿيڻ. جذبو اچڻ. مستي چڙهڻ (محبت اِلاهي جي). مجذوب ٿيڻ. بيخود ٿيڻ (راڳ يا ٻيو ڪو نُڪتو ٻُڌي).

- حال احوال: خبرچار - ضرورت يا مقصد واري ڳالهہ. پورو داستان. سڀ خبرون. ڳالهہ ٻولهہ.

- حالَ احوال کان نِڪرڻ: ڪنهن ماڻهوءَ جي حالت خراب افعالن ڪري چٽ ٿيڻ - بيڪار ٿيڻ. دين دنيا کان نڪرڻ.

- حال احوال وٺڻ: آيل ماڻهوءَ کان خبرچار پُڇڻ. اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ.

- حَال اِسْتِمراري: ذ. گرامر ۾ هڪ زمان جو نالو. اهو زمان جنهن مان خبر پوي تہ شروع ڪيل ڪم اڃا هلندو اچي، يعني جنهن وقت ڳالهہ ڪجي ٿي تنهن وقت بہ ڪم جاري يا هلندڙ آهي: (هو خط لکي رهيو).

- حَال پَائي ۽ حَالَ پائي: ذ. صفت. اوريندڙ - همدرد. هرحالت ۾ شامل. ڏک سک ۾ همراهہ. حال جو واقف. حال محرم - همراز - غمخوار - گهڻگهرو - خيرخواهہ. ڪَهُرو دوست. پڪَ مَٽُ يارُ.

- حالَ پائي ٿيڻ: حال محرم ٿيڻ. غمگساري ڪرڻ. همدردي ڪرڻ. غم ۽ رنج ۾ شريڪ ٿيڻ.

- حال پُريان نال: ڪاڏي ٻيٽي جي شيءِ جيڪا بہ موجود هجي اها پيش ڪرڻ. تڪلف نہ ڪرڻ.

- حَال تي هَلَڻُ: وِت ۽ سگهہ آهر هلڻ. پنهنجي حيثيت ۽ لياقت مطابق هلڻ.

- حَالُ پَوڻُ: صوفين جي هڪ اصطلاح ۾ سالڪ تي وَجْد يا حالَ واري حالت طاري ٿيڻ. حال اچڻ. بيخود ٿيڻ. رِقّت ٿيڻ. راڳ وغيره ٻُڌي جذبي ۾ اچي وڃڻ.

- حَالَ جو نہ قَالَ جو رَهَڻُ: ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهڻ. نڪمو ٿيڻ. بيڪار ثابت ٿيڻ.

- حَالُ چَالُ ۽ حَالَ چَالَ: ذ. هَلَت چَلَت. رسم رواج - رِيتِ نِيتِ - دستور - هَليي چَلي - زماني جو رُخ رواج.

- حالُ حَاضِرُ (ت): ذ. جيڪو موجود هجي. موجود - حاضر - هڪيو تڪيو - فِي الحال.

- حَالَ ڏاڳا (ت): فقيرن جا ڪننا ڪولابا. فقيراڻا ٽَپڙ (رلي - گودڙي - ڪِشتو - لٺ - لوٽو وغيره) - فقيراڻو وَيس.

- حَالُ فِي اْلحَالِ: ظرف. هينئر - هِن وقت - هاڻي - هيستائين - ڪجهہ حصو - بِالْفِعْلِ - وقت لاءِ - جيترو ٿي سگهي اوترو - ڪجهہ نہ ڪجهہ - تڪڙو - جلد.

- حَال قَال وِڃائڻ: ٻچڙا حال ڪري گهمڻ. سَوءِ يا ارمان ڪرڻ.

- حَال کان بي حَال ٿيڻ: چڱي حالت مان خراب حالت ٿيڻ - زارونزار ٿيڻ. ششدر ٿيڻ.

- حالَ کي وِسارڻ: موجوده نعمتن جو قدر نہ ڪرڻ

"حيف تنهن جي حال، جن وساريو حال کي."

- حالَ ۾ اچَڻُ: حالُ اچڻ - بيخود ٿي وڃڻ - جذبي ۾ اچي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

- حال مُتَشَڪّي: ذ. گرامر جو هڪ زمان - هلندڙ وقت ۾ ڪم ٿيڻ بابت شڪ ڏيکاريندڙ فعل جو زمان. جيئن: "خط لکندو هوندو"، "ماني کائيندو هوندو." وغيره.
- حالُ مَٽائِڻُ: رخ مَٽائڻ - مُنهن مَٽائڻ - ڏيان نہ ڏيڻ. خيال بدلائڻ. عادت مَٽائڻ.
- حالُ وِڃائِڻُ: ٻُتَ ۾ ڳرڻ - ضعيف ٿيڻ - گدلو ٿيڻ - خراب حالت ۾ پهچڻ - ٻُڇڙا افعال ٿيڻ.
- حالَ وَڃَڻُ: خراب ٿيڻ - ٻُرو ٿيڻ - چڱيءَ حالت مان خراب حالت ۾ اچڻ.
- حالَ وَ مَلا (ت): ذ. حال ڏاڍا - فقيراڻو وِيسُ.
- حالِتُون ڦالِتُونُ وَڃَڻُ: دين کان وڃڻ تہ دنيا کان بہ وڃڻ - افعالن کان نکرڻ - ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهڻ.
- حالِيُ: ظرف. وقتي - حال جو - موجود.
- حالِيُ حَوالِيُ ٿِيڻُ: حال کان واقف ٿيڻ - خبر لهڻ - مهمان کان اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ.
- حالِيُ، حالِيُ فِي الْحالِيُ: ظرف. هن وقت - هينئر - هيءَ گهڙي - وقتي - ٿوري وقت لاءِ.
- حالِيُ مَوالِيُ: سنگتي ساٿي - يار دوست - هم پيالہ - هم نوالہ - گڏ گذارڻ وارا.
● حالَتَ ج حالَتُونُ: ث. [ع.] حال - حقيقت - احوال - خبر - ڪيفيت. جان - طاقت. نمونو - صورت. وجهہ. گرامر ۾ اسم يا ضمير جي صورت ۾ جيڪا ڦيرڦار ٿئي، تنهن کي اسم يا ضمير جي حالت چئبو آهي. (گرامر ۾ پنج حالتون آهن: ١. حالت فاعلي ٢. حالت مفعولي. ٣. حالت جَري ٤. حالت اضافت ٥. حالت نِدا).
- حالَتَ اِضافَتَ: ث. نسبت يا لاڳاپي واري صورت - گرامر موجب اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ اسم يا ضمير جي لفظ جي پويان "جو - جا - جي - جُون - جِي - جَن" منجهان ڪو پيو حرف اضافت اچي.
- حالَتَ جَرِي: ث. گرامر موجب اسم يا ضمير جي اها حالت جنهن ۾ اسم يا ضمير جي پويان حرف جر جي علامت جهڙوڪ: "۾ - کي - تي وغيره" اچي.
- حالَتَ فاعِلِيُ: ث. اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ هو جملي جو "فاعل" ٿي ڪم اچي.
- حالَتَ ڪَرَڻُ: جُٺِ ڪرڻ - زيادتي ڪرڻ - تعدي ڪرڻ.
- حالَتَ مَفْعُولِيُ: ث. اسم يا ضمير جي اها حالت، جنهن ۾ هو جملي جو "مفعول" ٿي ڪم اچي.
- حالَتَ نِدا: ث. گرامر موجب اسم جي اها حالت، جنهن ۾ ان کي ڪو سڏُ ڪيو وڃي يا ڪنهن لفظ جي اها حالت، جنهن سان عجب، خوشي، سڏَ يا ارمان ظاهر ڪيو وڃي.
- حالَتَ نَزْعُ: ث. سَڪرات جي حالت - چالاڻي جو وقت - روح پرواز ٿيڻ واري حالت - دم نڪرڻ واري گهڙي.
- حالَتِيو ج حالَتِيا: ذ. صفت. حال ۾ آيل - مجذوب - عاشق.
● حالِيُ: اسم خاص. اردو زبان جو هڪ مشهور شاعر (مولانا الطاف حسين حالي پاڻيپتيءَ جو تخلّص).
● حامَ ج حامُونُ: ث. [ع. حِمايَة = طرفداري] ذِمو. قبوليت. ڌاڙَ - ٻَتاڪَ - همت - يقين.
- حامَ ڀاسِڻُ: قبول ڪرڻ - ذِمو کڻڻ.
- حامَ ڀَرَڻُ: ذمہ داري کڻڻ لاءِ هائوڪار ڪرڻ - دلاسو ڏيڻ - اقرار ڪرڻ.
- حامَ هڻڻُ: ٻَتاڪَ هڻڻ - ڌاڙَ هڻڻ.
● حامُ: اسم خاص. حضرت نُوحُ عليه السّلام جي ٻئي پٽ جو نالو (جنهن جي نسل مان حبشي پيدا ٿيا).
● حامِدُ ج حامِدَ: ذ. صفت. [ع. حَمِدَ = هن ساراهيو] تعريف يا ساراهہ ڪندڙ - ثنا ڪندڙ - حضرت مُحمّد صلي الله عليہ و سلم جو هڪ صفاتي نالو. اسم خاص. سنڌ جي هڪ ناميارين شاعر جو نالو "حافظ حامد نڪڙائي".
- حامِدائُو ج حامِدائُو (ت): ذ. صفت. (جاڻي واڻي) پنهنجي تعريف پاڻ ڪندڙ - خود ثنائي.
- حامِدِ ين: ظرف. [ع. عَمداً جي بگڙيل صورت] جاڻي واڻي - ڏسي وائسي - عمداً - ارادي سان (ارادةً).

● حَامِدُ واهُہ: اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● حامِرو: اسم خاص. تعلقي گهوڙڪي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● حَامِلُ: صفت. [ع. حَمَلَ = هن کنيو] کڻي ويندڙ- کڻندڙ- ڍوئيندڙ- بار کڻندڙ- حَمَّالُ- قُلي- مزدور.

- حَامِلُ وَحيِ: صفت. وَحِي کڻي ايندڙ- خداتعاليٰ جو ڪلام کڻي اچڻ وارو. اِلهامُ آڻيندڙ. حضرت جبرئيل عليه السّلام جو هڪ لقب.

- حَامِلہ: ث. ٻار جو پيٽ ۾ بار کڻڻ واري عورت. پيٽ واري عورت. پيٽ سان. ٻن جيئن سان. گَرڀڻي- گَرڀونتي- ڍِڪي- ڳور هاري.

● حَامِيُ ۽ حَامِيِ: ذ. صفت. [ع. حَمَيَ = هن بچايو] بچائيندڙ- مددگار- حمايتي- مدد ڪندڙ- مُعاون- پرجهلو- ٻانهن ٻيلي- واهرو- پُنيرائي ڪندڙ- حاميڪار- ساٿي- نگهبان- رکوال- سنڀال ڪندڙ- پاڻيوار. الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

- حَامِيُ ٿِيڻُ: مددگار ٿيڻ. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ. حمايت ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ.

- حَامِيُڪارُ ۽ حَامِيُڪارَ: ذ. صفت. ڪنهن ڪم ۾ مدد ڪندڙ. طرفداري ڪندڙ. مددگار. ٻانهن ٻيلي. پرجهلو. حمايتي. حمايت ڪندڙ.

● حَامِيُ ۽ حَامِيِ: [ع. حَامِ] حمايت- مدد- آڌار- ٽيڪ- ڏي.

- حامِيُ ڀَرڻُ: حام ڀرڻ- اقرار ڪرڻ- ذميداري کڻڻ ه

● حَامِيدَ پُورُ: اسم خاص. تعلقي آٻاوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● حَامِيو ۽ حَامِيا: ذ. صفت. [ع. حَامِيَة = گرم، بچاء ڪندڙ] گرم- ڪوسو- تتلُ- باهہ ٿيل- ساڙيندڙ- ٻرندڙ.

● حَاوِيُ ۽ حَاوِيِ: ذ. صفت. [ع. حَوَيَ = هن گڏ ڪيو] گهيرو ڪندڙ- گهيريندڙ- قابو ڪندڙ- ڇانئجي ويندڙ- غالب- ڪنهن فن ۾ ڪامل- ماهر.

● حَائِلُ ۽ حَائِلَ: ذ. صفت. [ع. حَالَ = هو وچ ۾ پيو] روڪيندڙ. وچ ۾ پوندڙ. آڏو ايندڙ. رنڊڪ وجهندڙ. (ظرف). پرسان. پاسي ۾. (ث) آڏَ- روڪَ- رنڊڪ- آڙ.

● حَبُ: اسم خاص. ضلعي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● حَبَ: اسم خاص. هڪ نديءَ جو نالو، جا ڪراچيءَ کان ست ڪوهہ پري پَٻ جبل جي آتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان هلي ۽ سؤ چاليهہ ميلن ۾ پٽ پسائيندي ڪراچي جي پريان ڪيپ مانز (راس العماري) وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇُڙي ٿي. بيابان- ميدان

"اڳيان هاڙهو حَبُ لڳو پيو آهي."

● حَبّ ۽ حَبّ (ع. حُبُوبُ): ذ. [ع] داڻو- دوا جي ناهيل گوري- ٽِڪي- ڳوڙِهي- گوري- گولي. ٻج- تُخم.

● حُبّ: ث. [ع. حُبّ = پيار] پريت- پريم- عشق- نيِڪَ- چاهَ- چِڪَ- اُنس- لاڙو- شوق- آرزو- تمنّا- سَڌَ- مرضي- دوستي- واقفيت- آشنائي- صحبت.

- حُبَائِيتو ۽ حُبَائِيتا: ذ. صفت. قرب وارو. محبت وارو. محبتي.

- حُبّ ذَات: ث. پنهنجي ذات جو عشق. خود پسندي. خودي.

- حبّ الوطن: ث. پنهنجي وطن، ملڪ يا ڳوٺ جي سڪ يا محبت. وطن لاءِ دلي پيار جو جذبو.

- حُبّ الوَطِنيِ: ث. وطن يا ديس لاءِ دلي محبت جو جذبو.

● حُبَابُ ۽ حُبَابَ: ذ. [ع. حَبّ = داڻو، گولي] پاڻيءَ جو ڦوٽو. پاڻيءَ جو ڦوڪڻو. بوڙيو- ڦوڦيندو- بُلبُلو. ڦڦڪڻو- بڙڪڻو (پاڻيءَ جو). جرڦوٽو

"هوءَ جي جهَرڪيا جرَ تي، سي تان سڀ حُبَابُ" (شاهہ).

- حُبَابِي ۽ حُبَابِي: ذ. صفت. پاڻي ڦوٽي وارو. پاڻيءَ جي ڦوٽي جهڙو. سنهون- ٻيٽرو- هلڪڙو- ذرڙو- باريڪ.

● حَبْسُ ۽ حبسَ: ذ. [ع. حَبَسَ = هن قيد ڪيو] قيد- بند- قيدخانو- بنديخانو- جيل- تُرمُ- تُرنگُ- ٽيپ- سزا. هوا جي بند ٿيڻ جي حالت. رُڪَ- ٻوساٽ- مُونجهه- گهُٽ- آپَس.

- حَبْسِ بيجا: ذ. ناجائز طور تي ڪنهن کي بند ڪرڻ جي حالت. ناحق روڪ ناحق بند.

- حَبْسُ ٿيڻ: هوا جو بند ٿيڻ. آپَس ٿيڻ. ساهه گهُٽجڻ.

- حَبْسِ دَمُ: دم جو گهُٽجڻ يا ساهه بند ٿيڻ جي بيماري. دم جي بيماري. جوڳين، صوفين وٽ گهڻي دير تائين دم بند ڪرڻ جو هڪ طريقو.

- حَبْس دَوام: ذ. جنم ٽيپ- عمر قيد.

● حَبْشُ: اسم خاص. [ع. حَبْش = شيدي] آفريڪا کنڊ ۾ هڪ ملڪ جنهن ۾ ڪارا ماڻهو گهڻا تا رهن. سوڊان- زنجبار- شيدين جو وطن. حبشين جو ملڪ. آئبيسينيا.

- حَبْشِي ۽ حَبْشِي: ذ. صفت. حبش ملڪ جو رهاڪو. ڪاريءَ چمڙيءَ وارو ماڻهو. شيدي- ڪارو- سياهه (ث. حَبْشِڻ ۽ حَبْشِڻُون).

● حَبْلُ: ث. [ع. حَبَلَ = هن ٻڌو] رَسِي- نوڙِي- ڏُلهو ڏاڳو- رَڳَ- نَبض- نار- نَس.

- حَبْلُ الوَرِيدُ: ث شاهه رَڳَ- گردن جي رَڳَ.

● حُبُوبُ: ذ. [ع. حَبّ = داڻو، گولي]. حَبّ جو جمع- داڻا. پاڻيءَ جا ٻوڙيا- ڦوڪڻا- ڦوڦينڊا. ڪوڙا افواهه- ڏونگل- سنسني- آڏو- هَوَرُ- گپُ- هاواڻو- ڪوڙيون خبرون. هُلُ- بغاغو- آٿاهه.

- حُبُوبَاتُ: ذ. ڪوڙا افواهه- ڪوڙ بَدوڙ- ڪوڙيون خبرون.

- حُبُوبَاتِي ۽ حُبُوبَاتِي: ذ. صفت. ڪوڙا افواهه آٿاريندڙ. اجايا هل هُلائيندڙ. افواهي- ٿاهه ٿاهيندڙ.

- حُبُوبَ آٿارڻ: ڪوڙا هُل آٿارڻ. افواهه ڦهلائڻ. بدنامي ڪرڻ. الزام مڙهڻ.

- حُبُوبَ ٿاهڻُ: ڪوڙا ٿاهه ٿاهڻ.

● حَبِيبُ ۽ حَبِيبَ: ذ. [ع. حَبّ = هن پيار ڪيو] پيارو- پيار وارو- پرين- پريتم- حُبّ وارو- محبوب- دل وارو- دلدارُ- مُحِبّ- سڄڻ- دوست- يارُ- معشوق- محبوب. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

- حَبِيبَاڻو ۽ حَبِيبَاڻا: ذ. صفت. دوست وارو. دوست جو. دل گهُرئي جو. پياري جو. دوستاڻو- ياراڻو. (ث. حبيباڻي ۽ حبيباڻيون).

- حَبِيبَاڻِي هيجَ: ث. محبوب جي سِڪ يا چِڪ

"حبيباڻي هيجَ، ٻسين مُنهن ميهار جو."
(شاهه).

- حَبِيبِ خُدا: خدا جو پيارو- حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم.

- حَبِيبِي ۽ حَبِيبِي: ذ. صفت. حبيب جو. حبيب وارو. دوست جو. يار جو.

● حَذَرُ ۽ حَذَرَ (ت): ذ. [ع. حَذَر جي بگڙيل صورت] احتياط- پاسو- پرهيز- خيال- ڀؤ- لحاظ.

● حَتّي: ظرف. [ع] تائين- ايستائين- ايستائين جو- جيستائين- ايتريقدر- جيتريقدر- ڪنهن حد تائين- تيستائين.

- حَتّيٰ الاِمْڪان: ظرف. جيستائين ٿي سگهي. جيترو ٿيڻو هجي. وس آهر. پُڄنديءَ سارُو.

- حَتّيٰ ڪِ: ظرف. ايستائين جو. ايتريقدر جو.

- حَتّيٰ الْمَقْدُور: ظرف. پهچ آهر. پُڄنديءَ سارو. وس آهر. حَتّي الامڪان.

- حَتّيٰ الْوُسْعِ: ظرف. حَتّيٰ المقدور. وُسعت يا پُڄنديءَ آهر. جيترو وس پُڄي. پنهنجي طاقت آهر. وس آهر.

Gul Hayat Institute

● حَجُّ ع حَجِّ: ذ. [ع. حَجّ = هن حج ڪيو] لغوي معنيٰ ”ارادو ڪرڻ“ ۽ اصطلاحي معنيٰ ”ڪعبة الله جي طواف ۽ ٻين احڪامن جو عبادت جي نيت سان ارادو ڪرڻ.“ اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ رڪن (جو عرفات جي ميدان ۾ ذوالحج جي نائين تاريخ خاص حڪمن جي بجاآوري سان ادا ٿئي).

– حَجُّ اَصۡغَرُ: ذ. ننڍو حَجُّ. عمري جي ادائي ڪي حج اصغر سڏبو آهي، جنهن ۾ احرام ٻڌي مڪي ۾ اچبو آهي ۽ پوءِ بيت الله جو طواف ڪري، صفا مروه ڊوڙي احرام لاهبو آهي.

– حَجُّ آڪۡبَرُ: ذ. وڏو حج. هن ۾ عمره سان گڏ عرفات تي وڃبو آهي، ۽ اهو نائين ذوالحج ۾ ادا ٿيندو آهي. عام ماڻهو جمعي جي ڏينهن واري حج کي حج اڪبر سڏيندا آهن. صوفين جي اصطلاح ۾ جذبِ قلوب (دليون گرويده ڪرڻ يا موهڻ). دل وٺڻ. نفس مارڻ.

– حَجُّ پَڙهڻُ: حَجُّ ڪرڻ. حجّ جا مقرر شرط بجا آڻڻ.

– حَجُّ چَڙهڻُ (ت): من جو مطلب پورو ٿيڻ.

– حَجُّ ڪَرڻُ: احرام ڪري بيت الله شريف جي زيارت تي وڃڻ. نائين تاريخ ذوالحج مهيني جي عرفات جي ميدان ۾ حاضر ٿيڻ ۽ مقرر شرط بجا آڻڻ.

– حَجُّ ڪَتَڻُ: حَجّ جيترو ثواب حاصل ڪرڻ. وڏو خير جو ڪم ڪرڻ. حاجت روائي ڪرڻ.

● حُجَ ع حُجُونُ: ث. [ع. حُجت] حُجّت – گستاخي – ڪَهُراپَ – دوستانو ناتو. دلاسو – همّت. اميد – آسرو – ڀروسو.

– حُجَ پائي اَچَڻُ: آميد رکي اچڻ. آسرو سمجهي اچڻ.

– حُجَ ڪَرَڻُ: گستاخي ڪرڻ. ڪَهُراپَ ڪرڻ. ڀڪو آسرو رکي ڪو ڪم ڪرڻ.

● حِجَابُ ع حِجَابَ: ذ. [ع. حَجَبَ = هن ڍڪيو. هو وچ ۾ آيو] پردو – پڙدو – اوتَ – آڙَ – آڏَ – روڪَ – رنڊڪَ

”گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، ڀاڙا هو حجاب.“ (شاهہ).

ڦِڪائي – شرم – پاڪدامني – ڀرم – غيرت – لحاظ – رياءُ – حياءُ – لَڄَ.

– حِجَابَانَہ: ظرف. حجاب سان. شرم وحَياءَ سان.

– حِجَابُ ٽُٽَڻُ: شرم لهڻ – لَڄ نہ ٿيڻ.

– حِجَابُ ڇَڏڻُ: شرم حيا ڇڏڻ. بي حيا ٿيڻ.

– حِجَابُ ڪَرَڻُ: لڄ ڪرڻ. پردو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ.

● حَجَّاجُ: اسم خاص. [ع] عراق جي هڪ ظالم گورنر جو نالو (حجاج بن يوسف ثقفي سن ۶۶۱ع کان ۷۱۴ع تائين).

● حُجَّاجُ ع حُجَّاجَ: ذ. [ع] حَاجُّ جو جمع – گهڻا حاجي.

● حِجَازُ: اسم خاص. [ع. حَجَزَ = هن روڪيو. هو وچ ۾ آيو] عربستان جو وچ وارو علائقو (جنهن ۾ مڪہ، مدينہ ۽ طائف اچي وڃن ٿا. جيئن تہ هيءُ ملڪ نجد ۽ تهامہ جي وچ ۾ آهي انهيءَ ڪري ”حِجازُ“ سڏجي ٿو).

● حَجَامُ ع حَجَامَ (اصلي صورت حَجّامُ): ذ. صفت. [ع. حَجَمَ = هن ٽُڪو ڏنو] حجامت ڪندڙ – سنوارتَ ڏاهيندڙ – آسٽو – نائي – حَجَمُ. (ث. حَجَامِڻِ ع حَجَاميٽيون). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (وات وڏو – مٿان ڳاڙهو – هيٺان اڇو، هڪ فوٽ ڊيگهہ ۽ هڪ فوٽ ويڪر). نَرُ ٻنيوري. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

– حَجَامَتَ ع حَجَامَتُونُ: ث. حجامڪو ڪم – سَنوارت – وارن ڪوڙڻ يا ٻڌائڻ جو ڪم – سِيرب.

– حَجَامَتَ ٻَڌَائِڻُ: مٿو ڪوڙڻ يا مٿي جا وارَ ڏاهڻ – لَٽڻ – ڦَٻڻ.

– حَجَامَتَ ڪَرائِڻُ: وارن ۽ ڏاڙهي وغيره جي سنوارت ڪرائڻ. ڀاڻ ڦٻائڻ – نقصان ڀرائڻ.

– حَجَامَتَ ڪَرَڻُ: حجامڪو ڌندو ڪرڻ – سنوارت ڏاهڻ – وارَ ڏاهڻ – صفائي ڪرڻ – ڦٻڻ.

– حَجَامَتَ لاهِڻُ (ت): حجامت ڪرڻ – سِيرَبَ لاهڻ – ڦٻي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● حَجامِڙو: اسم خاص. منڊونديءَ مان اکرندڙ هڪ ڦاٽ جو نالو (ضلعي ٺٽي ۾). تعلقي گهوڙاباريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حَجامَڻ: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حَجامِڻِ ج حَجامِڻيون: ث. 'حَجامُ' جو مؤنث. اها عورت جيڪا شادي غمي جي موقعي تي گهروارين عورتن کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪري.

● حُجَّتَ ج حُجَّتُون: ث. [ع. حاجّ = هن بحث ڪيو] ثابتي - دليل - بُرهان. بحث مباحثو - قيل وقال - سوال جواب - دعوي جو جواب - دليل بازي - اعتراض - عذر - تڪرار - جهڳڙو - زيادتي. گستاخي - حُجّ - اُميد - اُسرو - سَڌَ - تمنا.

- حُجَتَ آڻَڻُ: سوال جواب ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ. دليل بازي ڪرڻ. اجايا عذر ڏيڻ. بهانا ڏيڻ. ڦڏو وجهڻ. شڪ آڻڻ.

- حُجَتَ پَجَڻُ: ڳالهه کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ.

- حُجَّتَ تَرْدِيْدِيْ: ڪنهن ڏُر جي خلاف بحث.

- حُجَّتَ ڪَرَڻُ: تڪرار ڪرڻ. بحث ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ. دليل ڏيڻ. هَٽ چُراند ڪرڻ. گستاخي ڪرڻ.

- حُجَّتُ الاِسْلامِ: اسلامي تعليمات جو وڏو ۽ مستند عالم امام غزالي رحمة الله عليه جو لقب.

- حُجَّتِيُ ج حُجَّتِيُ: ذ. صفت. دعوي ڪندڙ. عذر ڪندڙ. سبب ڏيندڙ. تڪراري - جهيڙاڪ - جهڳڙالو - بحثي - بحث مباحثو ڪندڙ - حُجَّت ڪندڙ - گستاخي ڪندڙ - گهرُو - گهاتو - دل گهُريو.

● حَجَرُ ج حَجَرَ (حِجارَةُ): ذ. [ع] پٿر - پَهڻ - پاهڻُ - سَنگُ.

- حَجَرُ آسْوَدُ: ذ. ڪَعْبَةُ اللهِ جي پِٽ ۾ لڳل ڪاري رنگ جو پٿر، جنهن کي طواف ڪرڻ مهل چُمي ڏني ويندي آهي.

- حَجَرُ الْيَهُوْدِ: ذ. هڪ قسم جو پٿر جو گردي جي پٿريءَ لاءِ دوا ۾ ڪم اچي ٿو سَنگ يَهُوْدُ.

● حُجْرا (ڪ - ل): ذ. پرت جو هڪ قسم.

● حُجَراتِ: ث. [ع] قرآن شريف جي اوڻونجاهين سورة جو نالو.

حُجْرو ج حُجْرا: ذ. [ع. حُجْرَةُ] ڪوٺڙي - عبادت ڪرڻ لاءِ خلوت خانو. مسجد سان لڳ ننڍڙي ڪوٺي.

- حُجْرَهُ نَشِيْنُ: ذ. صفت. حُجري ۾ ويٺل. تارِڪُ الدنيا. ڏ هاڪي يا چلي ۾ ويٺل.

● حَجَفَ ج حَجَفُون (ت): ث. [ع. هَجْوَ جي بگڙيل صورت] ٽوڪَ - چِٽَرَ - ٺٺولي - مَسخري.

● حَجَلَہ: ث. [ع. حَجلَ + هُن ڪُنوار جو پلنگ ٺاهيو] گهوٽ ڪنوار لاءِ ٺاهيل سيجَ.

● حَجَمُ ج حَجَمَ: ذ. [ع. حَجَمَ = هُن ٽُڪو ڏنو] سنوارت ناهيندڙ - حَجامُ - نائي - آستو - مڇيءَ جو هڪ قسم. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● حَدّ ج حَدُّون: ث. [ع. حَدّ = هن نشان مقرر ڪيو، هُن سزا ڏني] ڪنارو - ڇيڙو - دنگ - پڇاڙي - پڇاڙي - آخري جاءِ - پُڇڙي - سَرحَد - ٻوڇڙُ - پوڇڙِي - ورِي - ڇيهُ - انتُ - نشانُ - سَنڌو - سيڙهو - حاطو. ٻيلو - جهنگ. (ت) - اسلامي شريعت موجب مقرر ڪيل سزا. (صفت). گهڻو - زياده - نهايت.

- حَدّ بَسْتُ: ث. حد بندي - حدّ جو بندوبست - دنگ ڪرڻ - نشان ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ - زمين جون حدون مقرر ڪرڻ.

- حَدّ بُلُوغُ: ث بالغ ٿيڻ جي وَهِيَ يا عُمر.

- حَدّبَنديُ ج حَدّبَنديُون: ث. دنگ جي مقرري - سرحد بندي.

- حَدّ ٻَڌَڻُ: حَدّ مقرر ڪرڻ.

- حد ٽپڻُ: مقرر جاءِ کان اڳتي وڌڻ. گناهه جهڙو ڪم ڪرڻ. حدن کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

- حدّ جي اندر: ظرف. حدّ ۾ - ٻڃت ۾ - ٿي سگهڻ جي دائري ۾.

- حَد حَد: حَد اندر

"حد حد هليا هرڪوءِ، بيحد چليا نہ ڪوءِ."

(شاهه).

- حَدّ شَرْع : ث. شريعت موجب آخري سزا. مقرر سزا. سزا لاءِ شريعت جو قانون.
- حَدّ فَاصِل: ث. ٻن شين جي وچ ۾ اچي جدا ڪندڙ شيءِ.
- حَدّ ڪَرَڻُ: ڇيهه ڪرڻ - ڇيڙو ڪرڻ - آخر ڪرڻ - انتها ڪرڻ - دنگ ڪرڻ - پورو ڪرڻ - ختم ڪرڻ - اڳتي نہ وڌڻ - عجب جهڙو ڪم ڪرڻ - ڪمال ڪرڻ - تمام گهڻو ڪرڻ - ايترو گهڻو ڪرڻ جنهن کان وڌيڪ ناممڪن هجي.
- حَدّ کان ٻاهر: ظرف. دنگ کان پري. حدّ کان وڌيڪ. بي انتها - بيحد - تمام گهڻو.
- حَدّ کان زِيادہ: ظرف. حَدّ کان ٻاهر - تمام گهڻو - بي انداز.
- حَدّ کان وڌڻُ: پنهنجي حيثيت کان اڳتي قدم وڌائڻ - پَچِت کان ٻاهر قدم کڻڻ - وِت کان ٻاهر هلڻ.
- حَدّ کان وَڌِيڪَ: ظرف. حَدّ کان زياده. بي شمار - بي انداز - بيحد.
- حَدّ نہ رَهَڻُ: انتها تي پهچي وڃڻ - دنگ تي وڃڻ - تڪميل تي وڃڻ.

● حَدّادُ ۽ حَدّادَ: ذ. [ع. حدِيدُ+لوهہ] لوهہ جو ڪم ڪندڙ - لوهَرُ - لوهارُ. جيل جو داروغو.

● حِدّتَ ۽ حِدّتُونُ: ث. [ع. حَدّ=هڻن اوزار تکو ڪيو] تيزي - تکائي (گرمي جي). تلوار جي ڌارَ - زور - طاقت - قوّتَ.

● حَدَسُ ۽ حَدَسَ (ت): ذ. (حَسَدَ جي بگڙيل صورت). ساڙُ - ڪينُو - بُغض - حَسَدُ.

● حُدُودُ: ث. [ع] 'حَدّ' جو جمع - حَدُون.

- حُدُودِ آرْبَعُ: ث. [ع. حُدُودُ=حدون يا پاسا+ آرْبَعُ=چار يعني چار پاسا] چارئي طرف - چار حدون - چار پاسا (اولهہ - اوڀر - آتر ۽ ڏکڻ).
- حدُودِ آرْضِيُ: ث. [ع. آرْضُ=زمين] زمين جي حد بندي.

● حَدِہ زَئِيُ: اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ قبيلو، جو ڪهراماڻين جي شاخ آهي.

● حُدِيُ: ث. [ع. حَدا=هڻن تنوار ڪئي] (عربستان ۾) آٺ ڪـي تکو هلائڻ لاءِ هڪ تنوارَ.
- حُدِيُ خَوانُ: ذ. صفت. تنوار ڪندڙ - جَتُ. آٺ کـي تنواري هلائڻ وارو.

● حُدَيْبِيہ: اسم خاص. هڪ جاءِ جو نالو جتي ۶۲۸ع ۾ حضرت مُحمّد صلي الله عليہ وسلم ۽ قريش جي وچ ۾ صلح نامو ٿيو هو.

● حَدِيثَ ۽ حَدِيثُونُ: ث. [ع. حَدّثَ=هڻن ڳالهہ ٻڌائي] ائين ڳالهہ - نئين شيءِ - خبر - روايت - حڪايت - بيان - قِصّو - نصيحت. رسول مقبول جي قول ۽ فعل جي خبر. ذِڪر.
- حَدِيثَ سمجهڻ: ڳالهہ کي صحيح سمجهڻ. خواهہ مخواهہ ڪنهن جي ڳالهہ تي يقين ڪرڻ.
- حَدِيثَ سُڻائڻ: نئين ڳالهہ ٻڌائڻ. هيئانهيون مٿانهيون ڳالهيون ٻڌائڻ.
- حَدِيثُونُ ڪَرَڻُ: جُنيون ڪرڻ - تعدّيون ڪرڻ - تنگ ڪري ڇڏڻ.

● حَدِيدُ: ذ. [ع. حَدِيدُ=لوهہ] ڌاتوءَ جو هڪ قسم - لوهہ - لوهہ جو اوزار - لوهہ جو ٽوپ. اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ سورة - (صفت). تکو - تيز.

● حَدِيقو ۽ حَدِيقَا (حَدَائِقُ): ذ. [ع. حَدِيقَةُ=چوديواريءَ وارو باغ] باغ - چمن - باغ جنهن جي چوڌاري ڀت هجي. ڪجيءَ جي وڻن جو باغ.

● حدِيڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● حَذاقَتَ: ع. ڏسو "حَاذِقُ". مهارت - عقلمندي - ڏاهپ - سياڻپ.

● حَذَرُ ۽ حَذَرَ: ذ. [ع. حَذِرَ=هو خبردار رهيو] خبرداري - اڳ ڄيني - دورانديشي - ڏاهپ - انديشو - خوف - ڊپ - ڏرُ - پئو - پرهيز - پاسو - بچاءُ - اِجْتِنابُ - اِحتياطُ - اِنڪارُ.

- حَذَرُ ڪَرَڻُ: پرهيز ڪرڻ - نٽائڻ - انڪار ڪرڻ.
- حَذَرَتُون': ظرف. خيال سان - سمجهه سان.
● حَذَفَ: ذ. [ع. حَذَفَ = هڻن ڪٽيو، هڻن ڇانگيو] ڇانٽ - ڪٽ - ڇانگ - گهٽتائي - ڪمي.
- حَذفُ ڪَرَڻُ: گهٽ ڪرڻ - ڇانگ ڪرڻ - ڪڍي ڇڏڻ. وڍڻ - جُدا ڪرڻ.
● حُرُّ ۽ اَحرارُ: ذ. صفت. [ع. حَرَّ = هو آزاد ٿيو] جو ڪنهن جو ٻانهو نہ هجي. آزاد. (اسم خاص). پير پاڳاري جي مريدن جو لقب. هڪ ذات جو نالو. حضرت امام حسين جي مقابلي ۾ ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد جي موڪليل لشڪر جو هڪ سپہ سالارُ (جو بعد ۾ ڦري حضرت امام حُسين جي پاسي آيو):

"هُئي هدايت حُرَّ کي، ازل ۾ اصلا."
"حُرَّ هلي آيو، مانجهي مَردانو." (شاهہ).

- حُرِّيَت ۽ حُرِّيتُون': ث. غلامي نہ هئڻ جي حالت - آزادي.
● حِرا: اسم خاص. [ع] مڪه شريف جي ويجهو هڪ ٽڪريءَ جو نالو (جنهن جي چُر ۾ حضرت نبي ڪريم جن عبادت لاءِ ويجي رهندا هئا). اها جاءِ جتي پهرين وحي نازل ٿي - غارِ حِرا.
● حَرارَتُ ۽ حَرارتون: ث. [ع. حَرَّ = هو گرم ٿيو] گرمي - تپش - حِدَّتَ - ڪاڙهو - ڪوساڻ - سوزش - تابش - گرمائش - جوش - تاءُ. تپ - هلڪو بخار - بدن ۾ رت جي گرميءَ جو دؤرو. غُصو - غضب - ڪِروڌ - ڪاوڙ.
- حرارت ٿي پوڻ: ٿورو تپ ٿي پوڻ. بخار اچي وڃڻ.
- حَرارَتِ دِينَ: مذهبي جوش - مذهبي غيرت.
- حرارتِ غَرِيزي': بدن جي قدرتي طاقت.
● حِراسَتَ ۽ حِراسَتُون': ث. [ع. حَرَسَ = هن سنڀال ڪئي] سنڀال - حفاظت - نگراني - نگهباني - پهرو. قيد - قابو - بند - حوالات - نظربندي. دولاب - ٺڳي - دغا - فريب. انڪل بازي - حرفت - هوشياري.
- حِراسَت ۾ رَهَڻُ: حوالات ۾ رهڻ - نگهباني ۾ رهڻ - نظربند رهڻ.
● حَرامُ ۽ حَرامَ: ذ. [ع. حَرَمَ = هن منع ڪئي] منع ڪيل - رد ڪيل - ممنوع - منع ٿيل - بي قاعدي - ناجائز - ناروا - غيرمُباح - اڻ رهائيندو - شريعت جي خلاف. پليت - نجس - ناپاڪ. زنا - بدڪاري - بد پيشو - ڪَسَبُ. 'حَلال' جو ضد. حرمت وارو - "مَسجِدُ الحَرام - مُحَرَّمُ الحَرام وغيره." اصطلاح ۾: عظمت وارو - وڏائي وارو - حرمت وارو - پاڪ - پوتر - جنهن کي پليديءَ کان محفوظ رکيو وڃي. جنهن جو احترام ڪيو وڃي.
- حَرامُ ٿِيَڻُ: مُردارُ ٿيڻ - خراب ٿيڻ - جانور جو تڪبير سان ذبح ٿيڻ کان اڳ مري وڃڻ. ضايع ٿي وڃڻ.
- حَرامِپائي ۽ حَرامِپائِيُون': ث. حرامزادائي - حرامزادگي. لچائي - خرابي.
- حَرامَ جو مالُ: ذ. صفت جو مال - ناجائز دولت. بدڪاريءَ جو ڪمايل مال. ٻچڙائي سان هٿ ڪيل مال.
- حَرامُ جِي هَڏِي' پيٽ ۾ پَوَڻُ: مفت جو مال کائڻ. ناجائز طريقي سان هٿ ڪيل مال کائڻ. رشوت ملڻ.
- حَرامُ خورُ ۽ حَرامُ خورَ: ذ. صفت. حرام کائُو - حرام کائيندڙ. مردار کائيندڙ. پڙوت کائيندڙ. نمڪ حرام - مفت خور - ناجائز ڪمائي تي گذران ڪ ڻ وارو.
- حَرامُخورِي' ۽ حَرامُخورِيُون': حرام جي مال تي گذران. رشوت خوري. حرامپائيءَ جو ڪم. بي قاعدگي - نافرماني.
- حَرامِڙائي' ۽ حِرامِڙائِيُون': ث. لچائي - خرابي - بد معاشي - ٺڳي.
● حَرامِڙو ۽ حَرامِڙا: ذ. صفت. حَرامي - بدمعاش - حرامزاده - لُڇ. (ث). حَرامِڙِي' ۽ حَرامِڙِيُون'.
- حَرامِزادائِي': ث. بدمعاشي - لوفرپائي - لچائي - حرامزادگي - حرامپائي - ٻچڙائي - بي حيائي - لالائقي - بد فضيلتائي - نافرماني.

Gul Hayat Institute

- حَرامزادِ ڪيي ج حَرامزادِ ڪيون: ث. حرامزادائي- بي حيائي- ڪمينپ- لچائي- شرارت- بد معاشي- بچڙائي- نالائقي- نافرمالي.
- حَرامزاد و ج حَرامزادا: ذ. صفت. حرام جي نُطفي مان ڄاول- زنا مان پيدا ٿيل. حرامي- بي نڪاحو- ولدالزنا. بد معاش- ڪميڻو- لچو- لوفر- فسادي. (ث). حَرامزادي ج حَرامزاديون.
- حَرامڪارُ ج حَرامڪارَ: ذ. حرام ڪندڙ- ناجائز ڪم ڪندڙ- زالي- زناخور- بدڪار.
- حَرامڪاري ج حَرامڪاريون: ث. زنا- به ڪاري- بچڙائي- ڪارَمُنهائي.
- حَرامُ ڪَرَڻُ: پليت ڪرڻ. نجس ڪرڻ. بدمزي ڪرڻ. خراب ڪرڻ. زنا ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ.
- حَرامُ کائڻُ: ناجائز ڪمائي جو مال کائڻ. زنا جي ڪمائي کائڻ. رشوت وٺڻ.
- حَرام کائُو ج حَرام کائُو: ذ. صفت. حرام جو مال کائيندڙ. رُشوتي- رشوت خور.
- حَرامَ کي هَٿ وِجهڻُ: بچڙا ڪم ڪرڻ.
- حرام موت مرڻ: خودڪُشي ڪرڻ. پنهنجي جان پاڻ وٺڻ.
- حَرامِي ج حَرامِي: ذ. صفت. زنا مان پيدا ٿيل ٻار. بي نڪاحو. نڪاح کان اڳ ڄاول. وَلَدُالزِنا- حيضي ٻار. بدمعاش- لُچ- لُفنگُ- شرير- شيطان- ٺڳ- چور. الحرافي ڪندڙ- نافرمان- بيوقوف- حرام کائُو.

● حَرَبُ ج حَرَبُون: ث. [ع. حَرَبَ = هن لُٽيو] لڙائي- جنگ- ڦرلُٽ- ڦرمار.
- حَرْبگاهه ج حَرْبگاهه: ذ. لڙائيءَ جو ميدان. ميدانِ جنگ. رَزْمگاهه.
- حَرْبَه: ذ. لڙائيءَ جي هڪ هٿيار جو نالو. اوزارُ- حملو- ڪاهه- هَلانُ- ٽپو- جهَٽُ.

● حَرَجُ (حَرِجُ) ج حَرجَ: ذ. [ع. حَرِجَ = جڳهه تنگ ٿي] تنگي- سوڙهه- نقصان- ٽوٽِ- ضَرَرُ- ڇيهو- گهاٽو- ڪمي- گهٽتائي- وقت جو ضايع ڪرڻ- دير.
- حَرْجاڻو ج حَرْجاڻا: نقصان جو عوضو.
- حَرَجُ وِجهڻُ: ٽوٽ وجهڻ- ڇيهو وجهڻ.

● حِرْز: ث. [ع. حَرِزَ = هن سنڀال ورتي] پناهه- پناهه جي جاءِ- بچاءُ سنڀالَ- حفاظت. تعويذ- جنتر منتر.
- حِرْزِ جان: پنهنجي سر جو بچاءُ.

● حِرْصُ ج حِرْصَ: ذ. [ع. حَرَصَ = هن لوڀ ڪيو] لالچ- طمع- لوڀ- چاهه- موهه- خواهش- اِڇا- رغبت- سڌَ- شوق- تمنّا- آرزُو- اميد- وڏائي- مغروري- هٻچ.
- حِرْصائِڻُ: مصدر. خواهش وڌائڻ- لالچائڻ- حرص ڏيارڻ- هِير ڪائڻ.
- حِرْص ڪَرَڻُ: لالچ ڪرڻ- طمع ڪرڻ- هٻچ ڪرڻ.
- حِرْصِي ج حِرْصِي: ذ. صفت. لالچي- طمعي- لوڀي- ناڪائُون- حَرِيصُ- حارصُ- هٻچي- بُکيت- بُکيو. ٿوريءَ گهڻيءَ تي سڌَ ڪندڙ- سڌڙيو.

● حَرْفُ ج حَرْفَ: [ع. حَرَفَ = هو ڦريو، هُن مٽيو] لغوي معنيٰ طرف. پاسو- ڌار. ڪنارو- جبل جي چوٽي. ڪنهن به ٻوليءَ جي 'الف بي' جو هڪ اکر. آواز ظاهر ڪرڻ جو نشان. حَرْفِ تَهَجّي. اکر جيئن: "اب ت وغيره." لفظ جو پَدُ- لفظ- جملو- ڪلمو- پُٺڪو- سخن- قول- ڳالهه- ميار- ميهڻو- ڏوراپو، جيئن:
"مون ڏي ماروئڙن جا، آهن حرف هزارين."
ڏوهه- ڀل- خطا- قصور- عتاب- الزام- حساب ڪتاب- پڇا ڳاڇا- پُڇاڻو، جيئن:
"آنُ تانُ حرف هرو، موراڻين معاف ٿيو."
(شاهه).
عيب- نقص- گهٽتائي. گرامر ۾ هڪ ڳالهائڻ جو ڀاڱو.
- حَرْفُ آچَڻُ: اکرن جي ڄاڻ ٿيڻ. پڙهڻ. خواري ٿيڻ. ڪِلا ٿيڻ. بدنامي ٿيڻ. الزام اچڻ. داغ لڳڻ. ميار لڳڻ.

Gul Hayat Institute

- حَرْفِ اِسْتِثْناءَ: ذ. علم نحو جو هڪ اصطلاح. اهي حرف جي جُدائي يا نياري ڳالهه جي معنيٰ ڏيکارين يا منهجائن نئين ڳالهه پيدا ٿئي جهڙوڪ: سواءِ - ڌارَ - مگر - بغير - بجز - پر - ليڪن - خواه وغيره.

- حرف اِستفهام: ذ. اهو حرف يا لفظ جيڪو سوال يا پڇا ڪرڻ ۾ ڪم اچي. جهڙوڪ: ڇو - ڇا - ڪير - ڪهڙو - ڪجاڙو وغيره.

حَرْفِ اِشارَہ: ذ. اهو ضمير جو لفظ جيڪو اشاري لاءِ ڪم اچي جهڙوڪ: هي - اِهي - هُو - آهِي وغيره.

- حَرْفِ اِشْتِراڪ: ذ. اهو ضمير جو لفظ جيڪو ٻئي ضمير سان گڏجي ڪم اچي جهڙوڪ: پاڻ - خود - پنهنجو وغيره. مان پاڻ - اسان پاڻ - هو پاڻ - منهنجو خود - پنهنجو خود وغيره.

- حَرْفِ اِضافَتَ: ذ. اهو حرف جيڪو ٻن اسمن يا ضميرن جي وچ ۾ ملڪيت يا ٻي ڪا نسبت ظاهر ڪري جهڙوڪ: جو - جا - سندو وغيره. ملڪ جو بادشاهه. بادشاهه جو پٽ. پٽ جو لالو وغيره.

- حَرْفِ آفْسوس: ذ. حرف ندا جو اهو لفظ جيڪو افسوس يا ارمان ڏيکاري جهڙوڪ: هاءِ هاءِ - واءِ - واويلا - آهه وغيره.

- حَرْف بہ حَرْف: اکر به اکر - اکري طرح - لفظ لفظ ڪري - هُو بهُو - سربستو - سمورو - سڄو - جُملي.

- حَرْفِ بَيانُ: ذ. علم نحو موجب اهي حرف جن مان ڪنهن جي ڪيل ڳالهه يا بيان جي معنيٰ نڪري. جيئن: هن چيو ته، "آءٌ وڃان ٿو." (ته حرف بيان).

- حَرْف تاڪيد: ذ. تنبيهه يا تاڪيد جي معنيٰ ڏيکاريندڙ حرف جيئن: خبردار! منيال! چيت! هان! هون! هرگز! متان!

- حَرْف تحسينُ: علم نحو موجب اهي حرف جن مان ساراهه جي معنيٰ نڪري. جهڙوڪ: "شاباس، واهه واهه، مرحبا، جس". حرف تعريف.

- حَرْفِ تَشْبِيهہ: ذ. علم نحو موجب مشابهت يا هڪجهڙائي ڏيکاريندڙ لفظ جيئن: "وانگي - مثل - جان - جڻ ته - گويا" وغيره.

- حَرْفِ تَمَنّا: ذ. علم نحو موجب 'سڌ يا تمنّا' جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "مَرُ - پَلِ" وغيره.

- حَرْف تَميزَ: ذ. علم نحو موجب. قدر ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "مس مس - هرو پرو - هوريان - ڏاڍيان."

- حَرْفِ تَنْبِيهہ: ذ. ڏسو "حرف تاڪيد."

- حَرْف پنهنجي ڪَڍَڻُ: گاريون ڏيڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

- حَرْفِ جَرُ: ذ. گرامر جي انن لفظن مان هڪ لفظ. اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ آن جو لاڳاپو ٻئي ڪنهن لفظ سان ڏيکاري. جيئن: "پيت تي ڪانءُ ويٺو آهي." هن جملي ۾ 'تي' حرف جر آهي.

- حرفُ جُملو: ذ. گرامر موجب ڳالهائڻ جي اٺن ڀاڱن مان هڪ ڀاڱو. اهو لفظ جو ٻن لفظن يا جملن کي پاڻ ۾ ڳنڍي. جيئن: ڪاغذ يا قلم، مَسُ ۽ قلم وغيره. "يا" ۽ "۽" حرف جملو آهي.

- حَرْفُ رکڻ: ميار رکڻ. ڏوهه رکڻ. الزام مڙهڻ. سزا جي لائق ثابت ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ.

- حَرْفُ زنيُ: ث. ڪنهن ڪي گهٽِ وَڌِ ڳالهائڻ. جُٺ - تنبيهه - تنقيد - اجايو ڳالهاءُ.

- حَرْفُ ساڪِنُ: ذ. گرامر موجب جَزْمَ وارو اکر.

- حَرْف مُڃاڻَڻُ: اکر سڃاڻڻ. "الف - بي" ذهن نشين ڪرڻ.

- حَرْفِ شَرْطُ: ذ. علم نحو موجب شرط جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "جي، جيڪڏهن، اگر، اگرچه، جيتوڻيڪ، جڏهن، مگر".

- حَرْفِ شَڪُ: ذ. علم نحو موجب، شڪ يا گمان ڏيکاريندڙ لفظ. جهڙوڪ: "متان، مبادا، شايد."

- حَرْف شَناسُ: ذ. صفت. اکر سڃاڻندڙ. ڪجهه پڙهيل. ٿورو گهڻو پڙهيل.

- حَرْفُ صَحِيحُ: ذ. اهي حرف جيڪي حرف علت وانگر ٻي ڪنهن اکر مان ڪڍجي آواز پيدا نه ڪن (ا، و، ي ڪان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ باقي ايتاليهه اکر سڀ حرف صحيح آهن. جهڙوڪ: ب، ٻ، ڀ، ن، ڻ، ه ۽ ي).

- حَرْفِ صَوْتُ: ذ. علم نحو موجب، اهي لفظ جي ڪنهن آواز مان نهيا هجن: ٺڪ ٺڪ، ڀُون ڀُون، ميائُو ميائُو، ٽيڪلو ٽيڪلو وغيره.

- حَرْفِ ظَرْفُ: ذ. علم نحو موجب، اهي لفظ جن مان جاءِ يا وقت جي معنيٰ نڪري، جيئن: "اڄ، ڪڏهن، ڪِٿي، هِتي-وغيره".

- حَرْفِ عَطَفُ: ذ. حرف جملو. علم نحو موجب، ميلاپ يا لاڳاپي جي معنيٰ ڏيکاريندڙ حرف. جهڙوڪ: "ٻ، ۽ ان، هم، بلڪ".

- حَرْفُ عِلَتَ: ذ. اهو حرف، جو ٻئي ڪنهن ٻه حرف مان ڪڍجي اُچار ٿاهي (حرف علت سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي آهن: ا، و ۽ ي).

- حَرْفُ گِيرُ: ذ. صفت. نُڪتہ چيني ڪرڻ وارو- نُڪتہ چِيڻُ. عيب ڪڍڻ وارو.

- حَرْفُ گِيرِي ٿ حَرْفُ گِيرِيُون: ث. نُڪتہ چيني- راءِ زني- عيب ڪڍڻ.

- حَرْفِ مُبْهَمُ: ذ. علم نحو موجب، ڳجهه يا اِبْهام ڏيکارڻ وارا لفظ، جهڙوڪ: "ڪو، ڪا، ڪي وغيره".

- حَرْفُ مَنْفِي: ذ. گرامر موجب اهو لفظ، جنهن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري، جهڙوڪ: "نہ، هرگز نہ، نہ نہ، ڪِين، نَڪو، نَڪا، نَڪي" وغيره.

- حَرْفُ نِدا: ذ. گرامر موجب اهو لفظ، جيڪو سڏُ، سَدَ، خوشي، عجب، ارمانُ وغيره ڏيکاري، جهڙوڪ: "او، شَل، واهہ، هاءِ" وغيره.

- حَرْفُ نِسبَتَ: ذ. علم نحو موجب، تعلق يا لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ "آنہ، آنو، آڻو، اينہ، اينو، آڪ، وار، آن" جهڙوڪ: (شاهہ) شاهانہ = شاهاڻو، (سال) ساليانہ = ساليالو، (روز) روزينہ = روزينو وغيره.

- حَرْفُ هَرو: ذ. حرف حساب- ليکو چوکو- مَيارَ.

"آن تان حرف هَرو، موراڻين معاف ٿيو" (شاهہ).

- حَرْفِي ٿ حَرْفِيُ: ذ. صفت. حرف جو- حرف وارو- لفظي- اکري. ميادار- ڏوهاري- گنهگار. شرمسار- پشيمان. ڀُليل- عيبدار.

● حِرْفَتَ ٿ حِرْفَتُون: ث. [ع] ڪاريگري- ڌنڌو- پيشو- ڪسب- ڪم- هنر- دستڪاري. ڪَڻ- فَن". علم. چالاڪي- تجويز- اٽڪل- ڪيڏ- ڏاهپ- هوشياري- حرڪت- حڪمت- عقلمندي- چَتُرائي- عَيّاري- مَڪّاري- ٺَڳي- مَڪَرُ.

- حِرفَتُ بازُ ٿ حِرْفَتُ بازَ: ذ. صفت. چالاڪ- عَيّارُ- مَڪّارُ- ٺَڳُ- اٽڪلي- حرفتي- فتنہ باز.

- حِرْفَتْبازِي ٿ حِرْفَتْبازِيُون: ث. سياڻپ- اٽڪل بازي- چالاڪي. مڪاري- عياري- ٺڳي.

- حِرْفَتِي ٿ حِرْفَتِي: ذ. صفت. کيڏاري- اٽڪلي- کيڏ ٻاز- سياڻو. هُنر وارو- ڪاريگر- هوشيار- چالاڪ- مڪرپلو- ٺڳ- شرير- لُچ.

● حَرْڪَتَ ٿ حَرْڪَتُون: ث. [ع. حَرْڪَ = هو چُريو] چُر پُر- چال- رفتار- گردش- ڦيرو- لوڏو- ڌوڏو- جُنبش- ٿَڙڪَ- تَحَرُّڪ- چور ٿور. ڪم- فِعل- عَمَلُ- ڪَرتِي. ڪنهن کي کاوڙائڻ لاءِ ڪيل چُر- اٿ وٺندڙ ڳالهہ (ٻارن جي)- اجائي آٽ ويهہ (ٻارن جي)- مَستي- لُچائپ- کِيٽَ- چُراند- کولس ڦِتائي- ڪينچل- چُرَ- شرارت- ڏِنگائي- خَلَلُ- مَسخري- ڇيڙ ڇاڙ- ڦَتِڪو- ڦَڙڪو- تَڙَپَ- بيقراري- اِضطراب. خراب ڪم- ڏوهہ گناهہ- قصور- خطا- ننڍو ڏوهہ. پاپ- گناهہ- اپراڌ- جُرم- رولو- مونجهارو. نقصان- زيان- ٽوٽ- حَرَجُ- ڇيهو- ضَرَرُ- رنڊڪ- روڪَ- رُڪاوٽ- اَٽڪَ- اَڏَ. هلت چلت- آمد رفت- سفر- ڪُوچُ. علم نحو موجب، اکرن کي چورڻ يا آواز ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙ نشاني "زبر ـَ، زير ـِ ۽ پيش ـُ" وغيره. اِعرابُ- ماترا.

Gul Hayat Institute

- حَرَڪَتبازُ ۽ حَرَڪَتبازَ: ذ. صفت. حرڪت ڪندڙ. حرڪتي - شرير - ڪِڇِلو - زيان ڪار. حرفتي.
- حَرَڪَتبازي ۽ حَرَڪَتبازيُون: ث. حرڪت - ڇُر - ڪينچل - مَستي - ڪِڌونس - شَرارت.
- حَرَڪَتَ ڏِيَڻُ: لوڏڻ - چورڻ - زيروُن زَبروُن ڏيڻ.
- حَرَڪَتَ ڪَرَڻُ: لوڏڻ - چورڻ - هلائڻ. ڇُر ڪرڻ - شرارت ڪرڻ. قُصور ڪرڻ - خطا ڪرڻ - ڏوهه ڪرڻ. حَرَجُ ڪرڻ - زيان ڪرڻ - نقصان ڪرڻ.
- حَرَڪَت ۾ بَرڪت هُئڻ: ڪم ڪرڻ سان ئي فائدو ٿيڻ - محنت جو ڦل ضرور حاصل ٿيڻ.
- حَرَڪَتِي ۽ حَرَڪَتِي: ذ. صفت. حرڪت ڪندڙ - ڇُر ڀُر ڪندڙ - بي صبر. مَستي ڪندڙ - مَستي خور - ڇُر ڪندڙ - مسخرو - ٻئي ڪي ڪاوڙائيندڙ. لُچو - ڪينچلو - زيان خور - نقصان ڪار. چالاڪ - ٺڳ.

● حَرَمُ ۽ حَرَمَ: ذ. ع. [حَرَمَ = هُن منع ڪئي] ممنوع - بند ڪيل - روڪيل - پوتر - پاڪ - مُقدس. اها جاءِ جتي گناهن ڪرڻ جي منع آهي - ڪعبةالله شريف جي چوديواري - حاطو. ادب جي جاءِ. (ف) نڪاح ۾ آيل عورت - زال - گهرواري. اندرين جاءِ - خلوت گاهه - زنان خانو - زال لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٺي.
- حَرَمُ خانو ۽ حَرَمُ خانا: ذ. زنان خانو - حَرَمِ سراءِ.
- حَرَمسراءِ ۽ حَرَمسرائُون: ث. بيگمات يا زالن جي رهڻ جي جاءِ - حَويلي - زنان خانو - ڏيرو - حَرَمُ.

● حِرمانُ: ذ. [ع] مايوسي - نااميدي - محرومي - بد قسمتي.

● حُرمَتَ ۽ حُرمَتُون: ث. [ع] احترام - آدَرُ - عزت - شانُ - مانُ - آبرو. وڏائي - عظمت - اقتدار - شَرَفُ - رُتبو - تعظيم - پاڪائي - برڪت - حَقُ.
- حُرمَتُ ڪَرَڻُ: عزت ڪرڻ - تعظيم ڪرڻ.

● حَرمِرو: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (جو دوا طور ڪم اچي) - حرمرو - هرمَلُ.

● حَرمَلُ: ذ. هَرمَلُ. ڏسو "حَرمِرو".

● حَرمِيلو ٻُوٽي: ذ. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم (ٻاٽيءَ جي پَرَ تي ٿئي ٿي، ٻَن بيد جي ٻَنَن واري - انهيءَ ۾ ڪير ٿئي ٿو، جو دوائن ۾ ڪم اچي ٿو).

● حَرَمَين: اسم خاص. [ع] حَرَمَ جو عدد تثنيه يعني مَڪهُ مُعظمه ۽ مدينه مُنوره جا ٻه حرم.

● حَرواڻي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جو رستمائين جي هڪ شاخ آهي).

● حُرُوفَ: ذ. [ع. حَرفَ جو جمع] حَرفَ - اکرَ.
- حُرُوف تَهجّي: ذ. 'الف - ب' جي اکرن جي صورت - هر ٻوليءَ جا ابتدائي مفرد اکر - الِفا بيٽ.
- حُرُوفِ مُرَڪّبُ: ذ. اهي لفظ جيڪي ٻن يا وڌيڪ لفظن منجهان ٺهيل هجن.
- حُرُوفِ مُفرَدُ: ذ. حُروف تَهَجّي جي اکرن منجهان هرهڪ اکر "الف - بي" جو هرهڪ جدا جدا اکر.

● حَريَاءَ: ث. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● حُرِّيَتَ: ث. [ع. حُرّ = هو آزاد ٿيو] غلاميءَ کان پوءِ حاصل ڪيل آزادي - آزادي.

● حَرِيرُ: ذ. [ع] پَٽُ - ريشم - سِلڪ. سِٽيءَ مان ٺهيل هڪ خاص ڪپڙو. اهو ماڻهو جيڪو غصي ۽ غضب سان جهٽ پٽ ڪرم ٿي وڃي.
- حَرِيرِي ۽ حَرِيرِي: ذ. صفت. پَٽَ جو - ريشمي - سِلڪي - ريشم وارو - سِلڪَ وارو. ريشم وڪڻندڙ - پاٽولي. ابو محمد قاسم بن علي بصري، عربي جي هڪ وڏي اديب ۽ مصنف جو لقب. سندس مشهور تصنيف "مقامات حريري".

● حَرِيصُ ۽ حَرِيصَ: ذ. صفت. [ع. حَرِصَ = هن لوڀ ڪيو] لالچي حرص وارو - حيرصي - لوڀي - هٻڇي - طمعي - ٻڇي - گهڻَ کائو - پيٽو ڙو.

● حَرِيْفُ ۽ حَرِيْفَ: ذ. صفت. [ع] ماڳئي ڌنڌي وارو – هم پيشه. دشمن – بدخواه – رقيب. هوشيار – داناءُ – سيالو – ڏاهو – چالاڪ – خبردار – چاتو. مقابلو ڪندڙ – مخالف – مُقابل – حرفت وارو – اٽڪلي – چالاڪ – هُنرمند. جوارين جي اصطلاح ۾ چاتو جُواري. بدمعاش – ٺڳ – مڪّار – لُچ.

● حَرِيْمُ: ذ. [ع] منع ڪيل حد – گهر جي چار ديواري. ڪعبةالله جي ٻاهرين ديوار – گهر – مَڪانُ.

● حِزْبُ ۽ حِزْبَ: ذ. [ع. حَزَبَ = هن ورهايو] ماڻهن جو ميڙ – جٿو – گروهه – ڌُرِ – ٽولو – جماعت. هٿيار. وِرد يا وظيفي جو روزانو مقرر حصو – قرآن ڪريم جو سٺيون حصو.

– حِزْبُالاحْرارِ: ذ. آزاد ماڻهن جي جماعت.

– حِزْبُاللهِ: ذ. الله وارن جي جماعت – الله جي بندگي ڪرڻ وارو – فرمانبردار ٽولو.

– حِزْبُ مُخالِفُ: پارليامينٽ يا اسيمبليءَ ۾ حڪومت جي مخالف ڌُر.

● حِزْقِيلُ: اسم خاص. [ع] حِزْقِيْلُ. يهودين جي هڪ پيغمبر جو نالو (توريت جو هڪ ڪتاب انهيءَ جي نالي تي آهي).

● حِزْقِيْلُ: اسم خاص. [ع] ڏسو "حِزْقِيلُ".

● حَزْمُ ۽ حَزْمَ: ذ. [ع. حَزْمَ = هو پڪو پختو ٿيو] خبرداري – احتياط – تياري – آسادگي – عاقبت انديشي.

● حُزْنُ: ذ. [ع. حَزَنَ = هو ڏُکويو] ڏُکُ – رَنجُ – صدمو – درد – غم – افسوس – ملال. ڪِٽي – ڪُوندر.

– حَزِيْنُ: ذ. صفت. دردمند – غمگين – ڏُکويل – مَلُولُ – رَنجيده – رَنجايل.

● حِسُّ: ث. [ع. حَسَّ = هن محسوس ڪيو] حواسن سان ڄاڻڻ جي طاقت – ڇُهڻ جي طاقت – سَهڻ جي طاقت – ڄاڻڻ جي قُوّت. ڪنهن اثر جي قبوليت جو جذبو – احساس. ڇُهڻ جو حَواس – اندري. (جمع حواسُ). جذبو – جُنبش – حرڪت.

– حِسُّ باطِنِي: ث. دلي احساس – ضمير جو حِسُّ.

– حِسُّ ظاهِرِي: ث. ڏسڻ، ٻُڌڻ، سُنگهڻ – چکڻ ۽ ڇُهڻ جو هرهڪ ظاهري احساس.

– حِسُّ مُشْتَرَڪُ: ث. دماغن ۾ حواسن جي معلومات گڏ ڪرڻ جي طاقت. عقل – فهم – سمجهه – پَرُوڙ.

● حِسابُ ۽ حِسابَ: ذ. [ع. حَسَبَ = هن ڳڻيو – هن ليکو ڪيو] ليکو – ڳاڻيٽو – ڳڻپ – شمار – تخمينو – انداز – جاچ – اٽڪال. انگن جو علم – علم رياضي – حساب ڪتاب – انگي حساب (زباني حساب – سليٽي حساب). اگهه – قيمت – ارخ – بها – قاعدو – ڍنگ – طور – طرح – لمولو. جيئن: "هتي جو حساب الائي ڪهڙو آهي؟". ميزان – جوڙ – معاملو – فرق. ڦيرڦار. نقص – رلِيڪ. خرابي – حرڪت. ڀُلَ – چوڪ – غلطي. جيئن: "ليکي ۾ ڪجهه حساب ٿي پيو آهي". ٻِلو – ڏيتي ليتي. رقم – پئسا – ڏوڪڙ. جيئن: "پنهنجو حساب هرڪو وٺندو وڃي." جِنُ ڀُوت جو اثر – لڳت جي بيماري – سحر – جادو. جيئن: "هن کي ڪجهه حساب ٿي پيو آهي".

– حِسابُ ٻي ٻاقُ ڪَرڻُ: حساب چُڪائڻ – ڏيتي ليتي صاف ڪرڻ – اڳيون پويون حساب صاف ڪرڻ – ڪجهه به باقي نه ڇڏڻ.

– حِسابُ پَچَڻُ: حساب جو جواب ٻُڌائڻ – حساب ڪرڻ.

– حِسابُ پُچَڻُ: حساب پڇڻ لاءِ چوڻ.

– حِسابُ جَوجَوَ ڪَرَڻُ: ذري پُرزي جو حساب ڪرڻ

"بخشش سَو سَو حساب جَو جَو."

– حِسابُ جوڙڻ: جوڙ لڳائڻ – ٽوٽل ڪرڻ – گڏ ڪرڻ.

– حِسابُ چَڪاسَ: لڪتل حساب جي جانچ جوکڻ – چڪاسَ.

– حِسابِدانُ ۽ حِسابِدانَ: ذ. صفت. ليکي ۾ هوشيار – حسابن جو ڄاڻو – ماهر – قابل.

Gul Hayat Institute

- حِسابُ ڏِيَڻُ: ليکو ڏيڻ - وَهنوار ڏيڻ - ليکو صاف ڪرڻ لاءِ ڏيڻ - رقم ڏيڻ - عوضو ڏيڻ. ڪم جي جوابداري سونپڻ - چارج حوالي ڪرڻ. جواب ڏيڻ. لوڙڻ - نتيجو پوڳڻ.
- حِسابُ رَکَڻُ: ڏيتي ليتي رکڻ - ڪنهن جو وهنوار رکڻ. (حساب) داخل ڪرڻ. واسطو رکڻ.
- حِسابُ ڪِتابُ ۽ حِسابَ ڪِتابَ: ذ. ليکو چوکو- ڏيتي ليتي - ڏِنو وَرتو. وهنوار- ڪنڊو- پيتو. لاڳاپو - واسطو - ميلاپ. جيئن: "فلاڻي سان حساب ڪتاب رکيو اٿم".
- حِسابُ ڪَرَڻُ: ڳڻپ ڪرڻ - ليکو ڪرڻ- رقمن جو جوڙ ڪرڻ. وهنوار ڪرڻ - بي باق ڪرڻ.
- حِسابَ کان ٻاهِر: بيحد شمار - بيحد حد - بي انداز- ڳاڻيٽي کان ٻاهر.
- حِسابُ ڪَنگهَڻُ: حساب ڏيڻ - ليکو ڪرڻ.
- حِسابُ لَڳائِڻُ: اندازو لڳائڻ - حساب ڦهلائڻ - تخمينو ڪرڻ.
- حِسابَ ۾ اچَڻُ: پڇاڻي هيٺ اچڻ. جيئن: "رب جي روبرو هرڪو حساب ۾ ايندو."
- حِسابَ ۾ جَمَعُ ڪَرائِڻُ: کاتي ۾ رقم چڙهائڻ.
- حِسابَ ۾ نَہ هُئَڻُ: ڪابہ حيثيت نہ رکڻ- ڪنهن بہ ڳاڻاڻي يا شمار ۾ نہ هئڻ.
- حِسابُ نَہ لَڳَڻُ: ٻيلو نہ لڳڻ - يادگيري نہ ہوڻ.
- حِسابُ وَٺَڻُ: ليکو وٺڻ - وهنوار وٺڻ - گذريل خطا يا ڪهتائيءَ جو حساب چڪائڻ - بدلو وٺڻ - انتقام وٺڻ.
- حِسابِي ۽ حِسابِي: ذ. صفت. حساب وارو- حساب پيڇ جو ماهر - حساب جو- حساب ڄاڻندڙ- رياضي دان. ليکو ڄاڻندڙ- حساب ڪتاب سنڀاليندڙ- اڪائنٽي - ليکاري - ڪاڳري - منشي - ديوان. ڀُوت يا جِن" جو ورتل ماڻهو. جوتشي - نَجُومي.
- حِسابِي حِسابُ: ظرف. ليکي سان - حساب سان- وهنوار سان. حساب ۾ ٿيل غلطي مڃارڻ ۽ ان جو عوضو ڀري ڏيڻ جو اقرار (واپاري اڪثر رقم جي پهچ وقت لکندا آهن تہ: "ڀُل چوڪ حسابي حساب" يعني جيڪڏهن ڪابہ ڀُل چوڪ ٿي هوندي تہ ڀري ڏيڻ ۾ ايندي).

● حَسّاسُ ۽ حَسّاسَ: ذ. صفت. [ع. حَسّ = هن محسوس ڪيو] محسوس ڪندڙ- ڇُهڻ سان معلوم ڪندڙ- ٿوري ذري بہ محسوس ڪرڻ وارو- سالم حواسن وارو. هوشيارُ - داناءُ - يڪدم اثر وٺڻ وارو.
- حَسّاسِيَّتَ: ث. جلد محسوس ڪرڻ جي قُوَّتَ.

● حُسام: ث. [ع. حَسَمَ = هن ڪپيو- هن محروم ڪيو] تيز خنجر - ترار - تلوار - شمشير- سرواهي.

● حَسّانُ ۽ حَسّانَ: ذ. [ع. حَسُنَ = هو موچارو ٿيو- هو سهڻو ٿيو] تمام سٺو - بهتر. عقلمند. (اسم خاص). حضرت حَسّان بن ثابت انصاري حضور صلى الله عليه و سلم جن جي ڪچهريءَ جو شاعر ۽ سندن مدح خوان).

● حَسْبُ: ظرف. [ع] مُوجِب - مُوافِق - ڪافي - سارو- پٽاندر - مطابق. جي سبب - جي ڪري. ان موجب - تنهن ڪري - تنهن موجب.
- حَسْبِ اِتّفاق: ظرف. اتفاقاً - اوچتو- ناگهان - اتفاق سان - جنهن جو توقع يا امڪان نہ هجي.
- حَسْبِ اِرْشاد: ظرف. حڪم موجب - ارشاد پٽاندر - چوڻ سارو.
- حَسْبُ الاَمْرِ: ظرف: حڪم موجب - چوڻ موجب - حڪم سان.
- حَسْبُ الاِمْڪانِ: ظرف. جيترو ٿي سگهي.
- حَسْبُ الْحُڪْمِ: ظرف. حڪم موجب - حڪم مطابق.
- حَسْبُ فَرْمائِشْ: فرمان موجب - فرمان مطابق.
- حَسْبُ الْمُرادِ: ظرف. مرضيءَ يا خواهش موجب.
- حَسْبِ توفِيْق: ظرف. پنهنجي حيثيت آهرَ. پُڄنديءَ سارو. خدا جي هدايت موجب.

Gul Hayat Institute

- حَسَبِ حَال: ظرف. حال سارو. وقت سارو. قاعدي موجب - حالت پٽاندر.

- حَسَبِ دَستُور: ظرف. دستور موجب - قاعدي موجب. اڳين وانگر. هميشه وانگر - هلي چلي موجب.

- حَسَبِ ذَيل: ظرف. هيٺين موجب - هيٺ لکيل موجب - هيٺين احوال موجب - جيئن ته - جهڙوڪ.

- حَسَبِ ضَابِطَہ: ظرف. قاعدي موجب. ضابطي موجب - قانون مطابق - دستور موجب - حسب دستور.

- حَسَبِ عَادَت: ظرف. عادت موجب - دستور موجب - عام رواج موجب.

- حَسَبِ قَاعِدَہ: ظرف. قاعدي موجب - قانون مطابق - حسب دستور.

- حَسَبِ قَانُون: ظرف. قانون موجب - قاعدي موجب - حسب دستور.

- حَسَبِ مَعمُول: ظرف. حسب دستور - عام دستور موجب - عام طرح - معمول موجب.

- حَسَبِ مِقدار: ظرف. حيثيت موجب - حيثيت آهر - پُڄت سارو - طاقت آهر - وس آهر.

- حَسَبِ مَنشا: ظرف. خواهش ۽ ارادي موجب - تمنا موجب - حسب مراد - دل جي گهُر مطابق.

- حَسَب ۽ حَسَبَ: ذ. [ع. حَسَبَ = هو شريف زادو ٿيو] شجرو - ڪُٽنب - شمار - انداز. خاندان جو سلسلو - خانداني شجرو - اصل نسل - نَسَب - پيڙهي. نُکَ - ذات - پاڙو - قبيلو - طريقو - عزت - مان شان - لياقت - درجو.

- حَسَب نَسَب: ذ. خانداني سلسلو - بُڻ بنياد - ذات پات - اصل نسل - شجرو - ڪُڙم - قبيلو - نُکَ. ڏاڏاڻڪو ۽ ناناڻڪو (بنياد).

● حَسَد ۽ حَسَدَ: ذ. [ع. حَسَدَ = هن ساڙ ڪيو] بدخواهي - مَٺَ گهرائي - وروڌ - وير - دشمني - عداوت - پيائيي. ساڙ - هَچ - ڪامَ - زَنگ - جَلَ.

- حَسَد رَکَڻ: دشمني رکڻ - سڙڻ - ٻَرڻ - جَلڻ - نہ سَهڻ.

● حَسرَت ۽ حَسرَتُون: ث. [ع. حَسِرَ = هن ڏند و ساهہ ڪنيو] ڪنهن شيءِ نہ ملڻ جو افسوس - پشيماني - پڇتاءُ - ندامت - شرمندگي - ارمان - غم. اُميد - آرزو - تمنا - شوق - سَڌَ - چاهہ - هَوَس - آتساهہ.

- حَسرَت آلُود: ذ. صفت. غم وارو - غمگين - ارمان ڀريو - وڏي افسوس وارو.

- حَسرَت انگيز: ذ. صفت. حسرت آڻيندڙ - ارمان پيدا ڪندڙ.

- حَسرَت باقِي رَهڻ: ارمان رهجي وڃڻ - دل ۾ رهجي وڃڻ.

- حَسرَت ڀَريو: ارمان وارو - شوق سان ڀريل.

- حَسرَت ڀَريون نِگاهُون: ڏک ۽ ارمان سان ڀريل نگاهون.

- حَسرَت جُون هَنجُون هَارَڻ: رنج ۽ غم جو اظهار ڪرڻ. پنهنجي قسمت کي روئڻ - ناڪاميابيءَ جي شڪايت ڪرڻ.

- حَسرَت پُوري ڪرڻ: دل جو ارمان ڪيڏڻ - خواهش يا آرزو پوري ڪرڻ.

حَسرَت زده: ذ. صفت. غم جو ماريل - ڏک ڀريل.

● حَسَن: ذ. صفت. [ع. حَسُنَ = موچارو ٿيو] سٺو - چڱو - ڀلو - عمدو - سهڻو - خوبصورت. (اسم خاص). حضرت علي جن جي فرزند ارجمند جو نالو، جن جي وفات زهر ملڻ سبب ٢٨ صفر ٤٧ هجريءَ ۾ ٤٧ ورهين جي ڄمار ۾ ٿي.

- حَسَنِي: ذ. صفت. حضرت امام حسن جن جو اولاد.

● حُسن ۽ حُسنَ: ذ. [ع. حَسُنَ = هو موچارو ٿيو] چڱائي - ڀلائي - سٺائي - خوبي - عمدگي. خوبصورتي - سهڻائي - سلوڻائي - جمال - سوڀيا - سونهن - جوڀَن - روپ - سنه رتا - دلربائي. نزاڪت - زينت - رونق - رنگ - سينگار.

- حُسن آرا: سونهن وڌائڻ واري - حسن جو شان وڌائڻ واري.

Gul Hayat Institute

- حُسنِ آخلاقُ: لڇڻن جي خوبي - سٺا لڇڻ.
- حُسناکُ: ذ. صفت. حُسن وارو - سهڻو - ملُوڪ - سُنڊر.
"عبداللطيف چئي پرين اسان جو هميشه آ حسناڪ" (شاهه).
- حُسنِ اِنتظامُ: بندوبست جي خوبي - سهڻو بندوبست.
- حُسنِ بيانُ: خوش بياني - وڻندڙ ۽ اثر واري تقرير.
- حُسنِ تدبير: ث. سهڻي اٽڪل - سٺي تدبير - سهڻي رٿ يا تجويز - سهڻي صلاح - عمدو مشورو.
- حُسنُ پرستُ: ذ. صفت. عاشق مزاج - حُسن کي پسند ڪندڙ.
- حُسن خُلق: نيڪ مزاج - سٺي طبعيت - نيڪ طبعيت.
- حُسن سلُوڪ: سهڻي روش - سٺو برتاءُ.
- حُسن راءِ: ث. نيڪ خيالي - چڱي راءِ - سٺي راءِ.
- حُسن صَبيحُ: ذ. اڇو رنگ - نهايت دلڪش يا اعليٰ حُسن - گورائي - گوراڻ.
- حُسنِ طَلب: ث. تمام سهڻي لمولي سان ڪنهن شيءِ لاءِ ڪيل گهُر يا طَلبَ - گهُرڻ جو سهڻو طريقو.
- حُسنِ ظَنّ: ذ. سهڻو گمان - نيڪ خيال - ڪنهن لاءِ چڱو خيال رکڻ.
- حُسن مَليحُ: ذ. سانورو يا ڪڪ رنگو حُسن.
- حُسنِ يوسفُ: ذ. حد درجي جي سونهن - تمام وڏو حُسن.
● حَسناڻي: اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو. چانڊين بلوچن جو هڪ قبيلو.
● حَسنجو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).
● حَسنعَلي: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● حَسني: اسم خاص. ڪيترن بلوچن جو هڪ قبيلو.
● حَسنِي: سهڻي ۾ سهڻي عورت - بيحد سهڻي عورت. (ٺالي طور پڻ ڪم اچي).
● حَسن واهڻُ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● حَسن وَگڻ: اسم خاص. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● حَسيبُ ۽ حَسِيبَ: ذ. صفت. [ع. حَسَب = هن ڳڻيو] حساب وٺندڙ - چڱي حسب نسب وارو - بزرگ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
● حَسِينُ ۽ حَسِينَ: ذ. صفت. ذ سو "حُسنُ". سهڻو - حسن وارو - سولڇڻو وارو - سوپياوان - خوبصورت - خوبرو - سُنه ر - ملُوڪ - جمول - شڪيل - سٺو - وڻندڙ - سينگاريل.
- حَسِينُ وجَميلُ: ذ. صفت. تمام سهڻو - نهايت خوبصورت.
- حَسِينَہ: ث. صفت. خوبصورت عورت - حسن واري عورت - سهڻي - سوپيا واري.
● حُسَينُ: ذ. حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جو ٻيو فرزند، جنهن ١٠ محرم الحرام سنه ٦١ هجريءَ ۾ شهادت ماتي.
- حُسيني ۽ حُسيني: ذ. صفت. حضرت امام حُسين جو - حضرت امام حُسين جو پيروڪار - حضرت امام حُسين جو اولاد.
● حُسين پور: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● حُسَيني: اسم خاص. [ع] فارسي راڳن جي ٻارهن نغمن يا سُرن مان ٻئي نمبر سُر جو نالو - سج اُڀرڻ کان ٽپهر سج ڍاڻي سرائجي. شاهه جي رسالي ۾ سسئي جي سُرن مان هڪ سُر جو نالو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. فقيرن جو هڪ قسم - ڪاٺ پالڻ. هڪ ذات جو نالو.
- حُسيني راڳ ڪرڻ: ساڳي ڳالهه وري وري ڪرڻ.
● حَشاشُ بَشاشُ: صفت. نهايت خوش - کِلمُک - گدگد - مسرور - حد کان وڌيڪ خوش.

Gul Hayat Institute

● حَشَامُ ج حَشَامَ: ذ. [ع. حَشَمَ = هن شرمايو - هن دٻايو] انبوهہ - ميڙ - ميڙاڪو - ڀِيِهُ (ماڻهن جي). لشڪر - خلق. غلغلو - گهمسان - شور - غوغاء - هُل - بکيڙو - ورلاپ - آهون دانهون - آهہ و زاري. (صفت). تمام گهڻا - بي انداز - ڍِڪَ.

● حَشَرُ ج حَشَرَ: ذ. [ع. حَشَرَ = هُن ڪٺو ڪيو] گڏ ٿيڻ جي حالت - گڏجاڻي - وري جيئرو ٿي اُٿڻ جي حالت (قيامت ۾). مسلمانن جي عقيدي موجب پروردگار دو عالم هن دنيا کي صور اسرافيل جي آواز سان تباهہ ڪري هرهڪ ساهہ واري کي جيئرو ڪري، ان کان سندس عملن جو حساب وٺندو. هن سڄي عمل کي حشر جو نالو ڏنو ويو آهي. قيامت - قيامت جو ڏينهن - مَحشَر - روزِ محشر. هُل - گوڙ گهمسان. پِٽَ - ٻِٽڪو - ماتم - واويلا - روج - راڙو. مُحَرَّم جي ڏهين تاريخ. حضرت امام حُسين جي شهادت جو ڏينهن.

– حَشَرُ بَرپا ڪَرڻ: گوڙ گهمسان ڪرڻ. مصيبت کڙي ڪرڻ - فساد مچائڻ.

– حَشَرُ مَچائِڻُ: زور سان روئڻ - روج راڙو ڪرڻ - هُل هنگامو ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - واويلا مچائڻ - ماتم ڪرڻ - گوڙ گهمسان ڪرڻ.

– حَشُرِي ج حَشُرِيُون: ث. واويلا - ماتم - حشر - بدنامي - رُسوائي.

– حَشُرِي لائِي ڏيڻُ: ڏاڍو تنگ ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - رُسوا ڪرڻ.

● حَشَراتُ: ذ. [ع. حَشَرَةٌ = جيتُ] حَشَرَةٌ جو جمع. سُرندڙ جيت - سرڻا جهڙوڪ: "ڪيئان، نانگ، ٻلائُون، ماڪوڙيُون، ڏِيندڻ وغيره." (برسات ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ زمين ۾ ٽُنگ ڪري رهندڙ جِيتَ).

– حَشُراتُ الارضُ: ذ. زمين جا جيت جهڙوڪ: "ماڪوڙا، نانگ، ٻلائُون، ڀِٽون، گوهون، نوريئڙا ۽ ڪُوئا وغيره."

● حَشَمُ: ذ. [ع. حَشَمَ = هن دٻدٻو رکيو] لوڪر چاڪر - خدمتگار - همراهہ - عَملو - اٿالو - سُواري. مُرڪّبات ۾ "جاهہ" سان گڏ استعمال ٿئي، جيئن: "جاهہ و حَشَم".

● حَشْمَتَ ج حَشْمَتُون: ث. [ع] دٻدٻو - رُعب تابُ - لوڪرچاڪر ۽ خدمتگارن جو اٿالو. لوڪرچاڪر - عَملو - اٿالو - فوج - لشڪر. اسباب - سازوسامان. وڏائي - عظمت - بزرگي - مرتبو - شان - اقبال. آب - مانُ - شوڪت - تُومان - تيجُ - تَتُ - ڀِيڪو - ڏَيا - اڏَنبَرُ - ڌام ڌوم. مُڙسي - هِمّت - بهادري - مَٺِيا.

– حَشْمَتَ وارو ج حَشْمَتَ وارا: ذ. صفت. دٻدٻي وارو - رعب وارو - طاقتمند - عزت وارو.

– حَشْمَتَ وارو هُئَڻُ: همّت وارو هئڻ.

– حَشْمَتَ و يهارَڻُ: رُعب وِيهارڻ - چَمَت ڪرڻ - دهشت يا ڏڪو ويهارڻ - دٻدٻو رکڻ.

– حَشْمَتِي ج حَشْمَتِي: ذ. صفت. دٻدٻي وارو - زور وارو - چمت وارو - رعب تاب وارو.

● حَشو ج حَشا: ذ. [ع. حَشا = هن ڀريو] وِهاڻي جو ڀرڻ. ڀرڻ جي شيء - ڀرتي. ڀرتي وارو ڪَلام - زائد شعر يا ڪلام. بيهود و ڪلام.

● حَشِيش: ث. [ع] لشيدار ٻوٽي جو هڪ قسم - ڀَنگ - سائي ٻوٽي.

● حِصارُ ج حِصارُون: ث. [ع. حَصَرَ = هُن گهيرو ڪيو] حاطو - چوديواري - جنگلو - لوڙهو. شهر پناهہ - ڪوٽ - قِلعو.

● حِصو ج حِصا (حِصَصُ): ذ. [ع. حِصّہٌ: حصّ < حِصّہ = ڪَٽڻ، ورهاست ڪرڻ] ڀتي - ڀاڱو - ٻخرو - ٽُڪرو. ونڊ - ورڇ - ورهاست - ونڊي - ڦانڊ ٿي - تقسيم - ورهاڱو.

– حِصا ڪَرَڻُ: ڀاڱا ڪرڻ - ٽُڪرا ڪرڻ - وِرهائڻ.

– حِصائِتو ج حِصائِتا: صفت. ظرف. حصي وارو - حصي سان - ڀتيان ڀتي - ڀاڱي سان - وِرڇ موجب - ورڇائتو - ڀاڱائتو - حِصن ۾ - ڀاڱن ۾.

– حِصّي ڀائِي ج حِصّي ڀائِي: ذ. ڀتيارُ - ڀتيدارُ - ڀائيوارُ - حِصيدارُ - وِرڇدارُ - وَنڊِيارُ.

Gul Hayat Institute

- حِصيدارُ يا حِصيدار: ذ. [حِصو + دار (داشتن جو امر)] حِصي پائي - حصو رکندڙ - ڀائيوار.
- حِصيداري: ث. ڀائيواري - ڀتياري - شراڪت.
- حِصي رَسِي: ث. هڪجهڙي حِصي سان - حِصي رسد - حِصي سارو. انکي حسابن جي طريقن منجهان هڪ طريقو.
- حِصي رَسَدَ: حِصي سان - هتيءَ سارو - ڀاڱي ۾ - ٽڪرن ۾. ڀتين رستي (ڀهچ). برابر سان - هڪجهڙي حِصي سان - حِصي موجب - ڀاڱي رُوءِ.
- حِصيرو يا حِصيرا: ذ. صفت. حِصي وارو - حصو وٺندڙ - حصيدار - ڀاڱيوارُ - ڀائيوارُ - ڀاڱي پائي. ظرف. حِصي رسد - حصن ۾ - ڀاڱن ۾ - ڀاڱي سان - نسبت سان.

● حُصُولُ: ذ. [ع. حَصَلَ = حاصل ٿيو] حاصل ٿيل - پيدائش - آمدني - آپت - حاصلات. فائدو - نفعو.
- حُصُولُ ٿِيَڻُ: حاصل ٿيڻ - نصيب ٿيڻ.

● حَضَرُ يا حَضَرَ: ذ. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] حاضر رهڻ جي حالت - روبرائي - موجودگي - وطن جي رهائش - هڪ جڳهه جو قيام (ضدّ = سفر).

● حَضَرَتُ يا حَضرتَ: ذ. صفت. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] حاضر - موجود - روبرو. بزرگن ۽ بادشاهن لاءِ تعظيم جو لقب - جهڙوڪ: "حضور، قبلہ، سڳورو، مانوارو، حضور اعليٰ، جناب اعليٰ، عزت مآب وغيره."

● حَضَرَمُوتُ: اسم خاص. [ع] عربستان ۾ عمان ۽ يمن جي وچ واري هڪ صوبي جو نالو.

● حُضُورُ: ذ. [ع. حَضَرَ = هو حاضر ٿيو] جنهن جي اڳيان حاضر ٿجي. حاضر ٿيل - موجود - حاضر - روبرو - سامهون. ڪنهن بزرگ يا حاڪم جي تعظيم لاءِ ڪم ايندڙ لفظ - جهڙوڪ: "حضرت، قبلہ، مخدوم، سائين، سڳورو، ڏڻي، آقا، سردار، مهاراج، آن داتا". حاضري - موجودگي - روبرائي - دربار - ڪچهري - مجلس. جيئن: "سائين جن جي حضور ۾ اچي پهتو آهيان". هستي - حشمت. آري ڄام جي دربار

"تون وڃين هوت حضور،
منهنجو جيئڻ جيلاهين ٿئي."
(شاهه).

- حُضُورَ ۾: ظرف. موجودگيءَ ۾ - حاضريءَ ۾ - خدمت ۾ - درگاهه يا دربار ۾.
- حُضُورِ اَعليٰ: جناب عالي - جناب اعليٰ - حضور والا.
- حُضُورِ والا: جناب عالي - حضور اعليٰ.
- حُضُوري: ث. قُرب - نزديڪي - ويجهڙائي - حاضري. صفت. حضور جو - حضور ۾ پهتل - واصل بالله. بادشاهي دربار يا ڪچهري.

● حَطَبُ: ث. [ع] ڪاٺي - لڪڙي. لَٽِ - لڪڻ. باهه ٻرڻي ٻَلُ.

● حَطِيمُ: ث. [ع] ڪعبةالله جي ٻاهران اولهه طرف کان ڏنل هڪ ڀِت - ڪعبه سان لڳ رهيل جاءِ جو ٽڪرو.

● حَظّ يا حَظ: ذ. [ع. حَظّ = هو بختاور هو] سُٺي قسمت - نصيب - ڀاڳ - بخت. خوشي - آنند - سرهائي - لطف - ذائقو - لذّت - مزو - سوادُ.
- حَظّ نَفساني: ذ. حيواني خوشي - نفساني لذّت.
- حظّ نہ هُجَڻُ: مزو نہ هجڻ - سواد نہ هجڻ.

● حفاظت: ث. [ع. حَفَظَ = هن رکيو، هن بچايو، هن ياد ڪيو] يادگيري - حافظو - ذهن - سارَ - ياد - بچاءُ - سلامتي - پناهہ - آڏ - آجهو - اولو - رکيا - خبرداري - نگراني - سماءُ - جاچ - سنڀال - نگهباني - چوڪسي.
- حِفَاظَتَ ڪَرَڻُ: سنڀال ڪرڻ - بچاءُ ڪرڻ.

● حِفظُ: ظرف. [ع] ياد - برزبان - ازبر - ڪنٺُ - حفاظت - پناهہ - رکيا.
- حِفظِ اَمَنُ: ذ. امن جي حفاظت يا سنڀال.
- حِفظِ صِحَتُ: ذ. تندرستيءَ جو بچاءُ - صفائيءَ جو بندوبست.
- حِفظ ڪَرَڻُ: ياد ڪرڻ (قرآن شريف).

- حِفظ ماتقدم: ذ. ڪنهن انديشي جو اڳواٽ ڪيل بچاءُ.
- حِفظِ مراتب: ذ. مرتبي جو لحاظ - درجي سارو عزت (جهڙي حيثيت تهڙو برتاءُ).

● حَفِيظُ ۽ حَفِيظ: ذ. صفت. [ع. حفظ = هن بچايو] سنڀاليندڙ - نگهبان - محافظ. خدا جو هڪ صفاتي نالو.

● حَقُّ ۽ حَقّ: ذ. [ع. حقّ = ثابت ٿيو] سچ - راستي - صدق - سچائي. صفت. صحيح - برابر - پورو - سچو. درست - ٺيڪ - بجا - ثابت - قائم - (ضد = باطل). لازم - لائق - واجب - حلال - جائز - مباح - روا. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. صوفين جي اصطلاح ۾ حقيقي وجود - خدا تعاليٰ. انصاف - عدل - نياءُ - فرض - ڊيوٽي - ذمي واري. عوضو - بدلو - اُجرت - مزوري. حصو - ڀاڱو - ڀتي - انعام. زال جو مڙس - ڪانڌ - ورُ. ظرف. واسطي - لاءِ - بابت. جيئن: "الائي ڪنهن جي حق ۾ فيصلو ٿئي!"

- حَقّا: ظرف. ٺيڪ آهي - حق آهي - حقان - حق وٽان - خدا جي طرف - تحقيق

"حقان حق ٿيئوس، هئي طالب حقّ جي".
(شاهه).

- حقّاً: ظرف. تحقيق - سچ پچ - يقيناً - سچ پچو ته - قسميه (قسم سان).
- حقُ ادا ڪرڻ: فرض ادا ڪرڻ - نوڪري يا خدمت جو ڪم پورو ڪرڻ - ڪنهن کي پنهنجو سچو حصو ڏيڻ - حق ڏيڻ - فرض پورو ڪرڻ.
- حقُ اللّٰه: (هڪ ڪلمو) اللّٰه سچو - اللّٰه برحق.
- حقُّ اليقين: ذ. سچو يقين - آها پڪي ڄاڻ، جا اکين ڏٺي مشاهدي کي (ڏسڻ)، پرجهڻ ۽ پروڙڻ سان حاصل ٿئي.
- حقّانو ۽ حقّانا: ذ. حق جي ڳالهه.
- حقّاني ۽ حقّاني: صفت. حق جو - حق وارو - حقيقي. صحيح - برابر - بلڪل پوري - درست - واجبي. سچي پچي - تحقيق.
- حقّانيت: ث. سچائي - صداقت - حقيقت.

- حقّائو ۽ حقّائا: ذ. حق وارو - حق جو - حقي - حقيقي. مڙس - ڀتار

"حقائو هت ٿيو، آءُ هت ٻانديائي"
(شاهه).

- حقّائيتو ۽ حقّائيتا: ذ. صفت. حق وارو - حق جو - حقّي - صحيح - پورو. قانون جو - قانون وارو - باقاعدي - انصاف موجب.
- حقّ بجانب: ظرف. حق يا سچ جي پاسي هجڻ جي حالت.
- حقُ بخشائڻ: هڪ بد رسم موجب ڇوڪريءَ کي سڄي عمر ڪنواري رهڻ لاءِ قرآن شريف سان لائون ڪارائڻ - شادي نه ڪرائڻ. ستي جتي ڪري ويهارڻ.
- حقُ بخشڻ: ڇوڪريءَ جو نه پرڻجڻ - ڪنواري رهي وقت گذارڻ - ڇڙهي رهڻ. برهمچاري ٿي رهڻ.
- حقُ بخشي ويهڻ: بنا شادي عمر گذارڻ - نڪاح نه ڪرڻ.
- حقُ بين ۽ حقُ بين: ذ. صفت. انصاف ڪندڙ.
- حقُ بي ناحقُ: ظرف. بي انصافي سان - ڪُنياءُ سان. سواءِ ڪنهن ڏوهه جي - ناجائز طرح - بي سبب - هرو ڀرو - حقون بي ناحقون.
- حقُ ٻوڙڻ: حق غصب ڪري وڃڻ - بي انصافي ڪرڻ.
- حقُ ڀڃڻ: مڙس سان بي وفائي ڪرڻ - مڙس جو چيو نه وٺڻ.
- حقُ تاليف: ذ. ڪنهن ڪتاب جي گڏ ڪرڻ جو حق.
- حقُ تصنيف: ذ. مصنف جو حق - ڪتاب لکڻ جو حق.
- حقّ تعاليٰ: تمام وڏو - خدا - خدا تعاليٰ - اللّٰه تعاليٰ.
- حقّ تلفي ۽ حقّ تلفيون: ث. حق مارڻ جي حالت - بي انصافي - حق ڦري وٺڻ جي حالت.

Gul Hayat Institute

- حَقَ تي: ظرف. سچ تي.
- حق پَرَسُتُ ۽ حَق پَرَسُتَ: ذ. صفت. خدا کي پوڄيندڙ. خدا جو مڃيندڙ. خداپرست. سچ کي پسند ڪندڙ. سچائيءَ سان هلندڙ. انصاف وارو. عادل.
- حَق پَرَسُتي: ث. حق جي مڃتا. خدا جي حڪمن جي پيروي. شريعت موجب هلڻ. سچائيءَ تي هلڻ جي حالت. انصاف - عدل.
- حَق پَسَندُ ۽ حَق پَسَندَ: ذ. صفت. انصاف پسند - سچ جو گولائو - سچار.
- حَق حَق ڪَرَڻُ: خدا جو نالو وٺڻ. انصاف ڪرڻ. عدل ڪرڻ.
- حَقَ حُقُوقَ: ذ. سڀ اختياريون - واسطا - لاڳاپا - ناتا. صحيح حق - حڪم احڪام - سڀ فرض.
- حَقُدارُ ۽ حَقُدارَ: ذ. صفت. حق وارو - حق رکندڙ - حقي - سچو مالڪ - اصل مالڪ - ڌڻي - مالڪ - قبضيدار - واسطيدار - لاڳاپيدار.
- حقداري ۽ حقداريون: ث. واسطيداري - حق - ذاتي حصو.
- حَقَ رَسِيُ ۽ حَقَ رَسِيُون: ث. انصاف - عدل يا نياءُ - پلئه پوڻ جي حالت.
- حَقُ شَرَعُ پَاڙَڻُ: مڙس جو پنهنجي نڪاح پڙهي زال سان همبستر ٿيڻ.
- حَقُ شُفْعَہَ: پنهنجي گهر يا زمين جي پرواري گهر يا زمين جي خريد ڪرڻ جو سڀ کان وڌو حق. پاڙي واري جو حق. پَرَ واري جو حق.
- حَقُ شناسُ ۽ حق شناسَ: ذ. صفت. خدا کي سڃاڻندڙ - حق سڃاڻندڙ - حق صحيح طرح ڪم آڻيندڙ - حق جو چاهيندڙ - حق بجا آڻيندڙ - عادل - مُنْصِفُ - انصاف وارو. قدردان - شڪرگذار - احسانمند.
- حَقُ شَناسيُ: ث. سچ جي سڃاڻپ - قورو مڃڻ - احسانمندي - شڪرگذاري - قدرداني.
- حَقُ فِراموشُ: ذ. صفت. پئي جو حق وساريندڙ - ناشناس - احسان فراموش - تورو نه مڃيندڙ.
- حقُ فِراموشيُ ۽ حَقُ فِراموشيُون: ث. پئي جو حق وسارڻ جي حالت.
- حَقُ فِروشيُ ۽ حَقُ فِروشيُون: ث. بي ايماني - عدل ۽ انصاف کي رشوت وٺي وڪرو ڪرڻ - بي ديانتي.
- حقُ ڪَرَڻُ: شادي ڪرڻ - انصاف ڪرڻ. عدل ڪرڻ - انصاف ڪرڻ.
- حَقُ گُذارُ ۽ حَقُ گُذارَ: ذ. صفت. انصاف ڪندڙ.
- حَقُ گو ۽ حَقُ گو: صفت. سچ چوندڙ - سچار.
- حَقُ گوئيُ ۽ حَق گوئيُون: ث. سچ چوڻ جي حالت - سچ چئي ڏيڻ - سچائي - انصاف جو فيصلو. سچي شاهدي.
- حَقُ ۾: ظرف. جي باري ۾ - بابت - متعلق - جي طرف - واسطي - لاءِ - حمايت ۾ - فائدي ۾.
- حَقُ ۾ رَهَڻُ: بيوه عورت جو شادي نه ڪرڻ، بلڪ پهرئين مڙس جي حق ۾ گذارڻ.
- حَقُ مَارَڻُ: ڪنهن جو حق گم ڪرڻ يا غَصَبُ ڪرڻ.
- حَقُ مُبِيِنُ: ذ. حَقُ يا سچ جيڪو پڌرو هجي.
- حَقُ ناحَقُ: ظرف. بي سبب - خواه مخواه - آهائي بَهانئي - هرويرو - آهپنئي.
- حَقُ نَاشناسُ: ذ. صفت. احسان فراموش - ناشڪرگذار.
- حَقُ نَمَڪُ: ذ. نوڪري يا نمڪ خواريءَ جو حَقُ. اهو حقُ جو مالڪ جو نوڪر تي هجي - وفاداري - ديانتداري - خيرخواهي.
- حَقُ وَٺَڻُ: پنهنجو حصو وٺڻ - پنهنجو آجورو وٺڻ.
- حَقُ وَڍَڻُ: ورثو ڦپائڻ - حقُ غَصَبُ ڪرڻ - حقي ملڪيت کسي وٺڻ.
- حُقُوقُ اللّٰه: خداتعاليٰ جا حقُ جيئن ان کي "وَحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ" ڪري مڃجي، ان جي عبادت ڪجي.

Gul Hayat Institute

- حُقُوقُ العِبَادِ: انسانن جا حق- انسان جا انسان تي حق؛ ٻانهن جا حق.

- حَقُون لَاحَقُون: ظرف. واجب غيرواجب. هرحالت ۾ امان گهرڻ جي حالت
"رب حقون نه رکي ناحقون نه رکي."

- حَقُون نَاحَقُون رکڻ: بي انصافي ۽ ظلم کان پناهه ۾ رکڻ. بي ڏوهي هجڻ جي حالت ۾ نه ڪنهن سزا ملڻ کان امان گهرڻ.

- حَقِي: ذ. صفت. سچيءَ طرح. صحيح نموني ۾- برابر حق- جائز نموني ۾- واجبي- سچو- حقدار- انصاف وارو.

- حَقِيقِي: ذ. صفت. اصلي- سچو پچو- برابر- صحيح- حقيقت. علم لغت موجب، پنهنجي نهرايل ۽ مقرر ڪيل معنيٰ وارو لفظ.

- حَقِيقِي پَاءُ: ذ. سڄو پاءُ- ساڳي ماڻ ۾ پيءُ جو چاول ٻار.

- حَقِيقِي مُلهه: ذ. سچو پچو اگهه يا قيمت.

- حقِي وارث ۽ حَقِي وارثَ: ذ. شريعت موجب وارث. سچو پچو وارث.

● حَقَابو ۽ حقابا: ذ. [ع. حَق+ف. آب= پاڻي= پاڻيءَ جو حق] ڍل جو هڪ قسم. جاگيردارن کان ٻوڪ لاءِ ڪم آندل پاڻيءَ جو ورتل مُعاوضو- پاڻيءَ جو حق.

● حِقَارَت ۽ حِقَارتون: ث. [ع. حقر= هو نيچ ٿيو] نيچائي- گهٽتائي- بُرائي- ڌڪار- نفرت- ڪراهت- بُڇان. ذلت- خواري- بي عزتي- جُٺ ڦِٺ.

- حِقارَت جي نظر سان ڏسڻ: ٻئي کي ذليل ۽ خوار سمجهي، گهٽ توجهه ڪرڻ- ڌڪارڻ- نيچ ڪري سمجهڻ.

- حق دادائي: اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● حُقنو ۽ حُقنا: ذ. [ع. حُقنَه > حَقَن= هن پچڪاري هنئي] پيٽ صفا ڪرڻ جي هڪ پچڪاري. قبضي پيچندڙ هڪ اوزار. مقعد کان پچڪاري ذريعي قبض ٽوڙڻ جو هڪ علاج جو نمونو.

- حُقنو ڪرائڻ: پچڪاري سان پائخانو ڪرائڻ.

● حُقو ۽ حُقا: ذ. [ع ف. حُقّة= ننڍڙي پيتي] تماڪ وجهي چڪڻ لاءِ هڪ قسم جو (نڙ، گوءِ ۽ ٽوپيءَ جو) مانداڻو- گُڙگُڙو- ننڍي چلم- دُپي.

- حُقا پَرڻ: چلم ٽاهي ڏيڻ- غلامي ڪرڻ- ذليل ٿي گذارڻ.

- حُقائي ۽ حُقائي: ذ. صفت. حُقي وارو- حُقي پيئڻ جو عادي- حُقو چڪيندڙ- حُقي پياڪ- تماڪ پيئندڙ- موالي- ٻانڌائي.

- حُقو تازو ڪرڻ: حُقي جو پاڻي بدلائڻ- نڙ ۽ گوءِ تي پاڻي وجهڻ.

- حُقو ٽيڪڻ: حُقو پري ويهي پيئڻ. ڪم ڪار نه ڪرڻ.

- حُقو پاڻي بند ڪرڻ: برادري مان ڪيدي ڇڏڻ- تڪليف پهچائڻ.

- حُقو رسائڻ (ڪ): حقو تيار ڪرڻ.

- حُقي بَردار ۽ حُقي بَردار: ذ. صفت. حقو جهليندڙ- حُقو يا چلم تيار ڪندڙ- گهٽ درجي جو نوڪر.

● حُقُوق: ذ. [ع] حَق جو جمع- برابر حصا- حَق- فرائض- فرض- سچا واسطا- قاعدا- ذميواريون.

● حَقِير ۽ حَقِير: ذ. صفت. [ع. حَقر= هو نيچ ٿيو] حقارت جي لائق- نفرت جوڳو- گهٽ- ڪمتر- خسيس- نيچ- ادنيٰ- تمام ٿورو- خفيف- ڌڪاريل- ذليل- خوار- غريب- مسڪين- ڪنگال- ٻڪيو- سُڃو- پِنگيو- بي ٻچ- هيٺو- ڪمزور- ضعيف- لاچار.

- حَقِير ڄاڻڻ: گهٽ سمجهڻ- ادنيٰ سمجهڻ- نيچ سمجهڻ.

● حَقِيقَت ۽ حَقِيقتون: ث. [ع. حَق= هو ٺيڪ هو] اصليت- ماهيت- اصل- جَڙ- پيڙهه- بنياد- حالت- حال- ڪيفيت- پيدا. سچي واقفيت يا معلومات- سچو احوال- سچي ڳالهه- سچائي- سچ- صداقت. خبر- پروڙ- معلومات- ڄاڻ- ڪهاڻي- ماجرا- بيان- احوال. حق- ملڪيت- حقداري. صوفين جي اصطلاح ۾ سلوڪ جي هڪ منزل.

Gul Hayat Institute

- حَقِيقَتاً: ظرف. حقيقت ۾ - سچي طرح - صحيح نموني ۾ - سچ پچ.
- حَقِيقَتَ بِينُ ۽ حَقِيقَتَ بِينَ: ذ. صفت. اصليت کي جاچڻ وارو. حقيقت جاچڻ وارو. سچ سڃاڻندڙ. سچ پرکيندڙ.
- حَقِيقَتَ جو کُلَڻُ: راز ظاهر ٿيڻ. ڪيفيت جو معلوم ٿيڻ. اصليت پڌري ٿيڻ.
- حَقِيقَتَ حَالُ: ذ. پنهنجي اندر جي حقيقت، سچو بيان.
- حَقِيقَتَ شَنَاسُ: ذ. صفت. سچ سڃاڻندڙ- حقيقت سُڃاڻندڙ.
- حَقِيقَتَ ۾: ظرف. سچ پچ ته-صحيح نموني ۾- دراصل.

● حَقِيقو ۽ حَقِيقا: ذ. [ع. عَقِيقَه جي بگڙيل صورت] مسلمانن جي هڪ مذهبي سُنت (جا ٻار ڄمڻ وقت مٿي ڪوڙائڻ ۽ خيرات ڪرڻ ذريعي ادا ڪئي ويندي آهي)- عَقِيقو.

● حقيو ۽ حقيا: ذ. صفت يا ظرف. [ع. حق، حقي" < حقيو]. سچو- لازمي- پڪو- پختو- وعدي تي پورو- وعدي واري جاءِ تي يقيني موجود. لازمي طور ڳڏو ڳڏ

"هردم مون سان هوئِج حقيو، فرياد رس يا مرشدا" (حمل).

- حقيو تڪيو: ظرف. پڪ ئي پڪ-لازمي طور يقيناً.

● حَڪَّاڪُ ۽ حَڪَّاڪَ: ذ صفت.[ع. حَڪ" = هن سونُ وِنڌيو يا پرکيو] وينجهارُ- هيري ۽ شيشي کي ونڌيندڙ-وينجهر-جوهر تلاش-نگينہ ساز.

● حُڪَّامُ: ذ. [ع. حَڪَمَ = هن حڪم ڪيو، هُن فيصلو ڪيو] حڪومت ڪرڻ وارا-عملدار-آفيسر. "حاڪم" جو جمع.

● حِڪَايَتَ ۽ حِڪَايَتُونَ: ث. [ع. حَڪَي = هن ڳالهه ٻڌائي] آکاڻي - ڳالهه - قصو - داستان - ڪهاڻي - ٽوٽڪو - لطيفو - بيان - خبر - احوال - حديث - روايت.

- حِڪَايتاً: ظرف. ذڪر طور- روايت طور- ڳالهه ڪندي.

● حَڪَمُ ۽ حَڪَمَ: [ذ. صفت. ع. حَڪَمَ = هن فيصلو ڪيو] آمِينُ- فيصلو ڪندڙ- مُنْصِفُ- ٺياڪڙ- سَرپَنْچُ- ثالث- مُصلح- ترجمان.

- حَڪَمِي: ث. ٺياڪڙي- امانت- مصلحت.

● حُڪُمُ ۽ حُڪُمَ: ذ. [ع. حَڪَمَ = هن فرمان جاري ڪيو] فرمان- ارشاد- آگيا- امرُ- چَيو- آرڊر- اختياري. سرڪاري قاعدو- قانون. رخصت- موڪل- اجازت- پروانو. حڪومت- فرمان روائي- راڄ. تاس راند ۾ ٻوليل رنگ.

- حُڪُمِ اِمتِناعِي: ڪنهن ڪم ڪان منع جو حڪم، جيڪو عدالت جاري ڪندي آهي.
- حُڪُمَانُ حُڪُمُ: ظرف. حڪم جي زور سان- ڏاڍائيءَ سان- ظلم سان- شوخيءَ سان- زبردستي. زوران زوريءَ سان- اختياريءَ سان.
- حُڪُمَانُ حُڪُمِي: ظرف. يڪدم-جهٽ پٽ- زبردستي- زوري.
- حُڪُمُ بجا آڻَڻُ: حڪم مڃڻ- چَيو وڻڻ- حڪم جي تعميل ڪرڻ.
- حُڪُمُ بَرُدارُ ۽ حُڪُمُ بَرُدَارَ: ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ- فرمانبردار- تابعدار- نوڪر- نمڪ حلال.
- حُڪُمُ بَرُدارِيُ: ث. فرمانبرداري- اطاعت- نمڪ حلالي- وفاداري.
- حُڪُمُ ٽوڙَڻُ: حڪم نہ مڃڻ- نافرماني ڪرڻ.
- حُڪُمُ جارِيُ ڪَرَڻُ: حڪم صادر ڪرڻ. اشتهار ڦيرائڻ. پڙهو ڏيارڻ. منادي ڦيرائڻ.
- حُڪُمُ جو ٻَنْدو: ذ. حڪم مڃيندڙ ماڻهو. فرمانبردار- چيوانُ- نوڪر- غلام.
- حُڪُمُ جو ٻَنْدو هُئَڻُ: هرطرح چئيوان هئڻ. غلام هئڻ.
- حُڪُمُ ڏِيَڻُ: ارشاد ڪرڻ- فتوي ڏيڻ- فيصلو ڪرڻ. اجازت ڏيڻ- هدايت ڪرڻ.
- حُڪُمرَانُ ۽ حُڪُمرَانَ: ذ. صفت. حڪم هلائيندڙ. حڪومت ڪندڙ. اختياريءَ وارو. فرمان روا- بادشاهه- حاڪم.

Gul Hayat Institute

- حُڪُمُرَانِي: ث. حڪم هلائڻ جي اختياري - فرمانروائي - اختياري - وسُ - واڳ. حڪومت جي جوڙجڪ - بندوبست - بادشاهت - سلطنت - حڪومت - راڄ. قاعدو - دستور - عَمَلُ.

- حُڪُمُرَانِيُ ڪَرَڻُ: حڪم هلائڻ - فرمانروائي ڪرڻ - بادشاهي ڪَرَڻُ.

- حُڪُمُ ڪرڻ: حڪم هلائڻ - حڪم ڏيڻ - فرمائڻ. اجازت ڏيڻ. سختي ڪرڻ. جبر ڪرڻ.

- حُڪُمْنَامُو ۽ حُڪُمْنَامَا: ذ. لکيل حڪم - تحريري حڪم - فرمان نامو - اختياريءَ جو پروانو - لکيل هدايتون.

- حُڪُمُون: ظرف. زوري - زبردستي - زبردستي سان.

- حُڪُمُ هَلائِڻُ: حڪومت ڪرڻ. ويٺي ويٺي ڪنهن بابت حڪم ڏيڻ. امر ڪرڻ. فرمان ڪرڻ. سختي ڪرڻ. جبر ڪرڻ.

- حُڪُمِيُ بَنَدو ۽ حُڪُمِيُ بَنَدا: ذ. صفت. حڪم جو نوڪر. حڪم مڃيندڙ - چئيوان - تابعدار.

● حِڪْمَتَ ۽ حِڪْمَتُونُ: ث. [ع. حَڪُمَ = هو سياڻو ٿيو] دانائي - سياڻپ - عقلمندي - ڏاهپ - هوشياري. هڪ علم جو نالو جنهن جي وسيلي دنيا ۾ پيدا ٿيل هرهڪ شيءِ تي بحث ڪجي. (حڪمت [نظري] جا ٽي قسم آهن: ١. حِڪمت طبيعي. ٢. حِڪمت رياضي. ٣. حڪمت الاهي). ڪن مُحققن جي راءِ موجب هرهڪ شيءِ جي حقيقت معلوم ڪرڻ جو علم، جنهن جا ٻه قسم آهن: ١. حِڪمت عِلمِي يا نظري. ٢. حِڪمت عَمَلِي. تدبير - اٽڪل - ڪيڏ - هوشياري - چالاڪي. علاج ڪرڻ جو فن. طبابت - ڊاڪٽري - ڪاريگري - هنر - ڌنڌو - پيشو - ڪسب.

- حِڪْمَتَ اِلاهي: ث. باري تعاليٰ ۽ عقل تي بحث جو علم - قدرتي راز. خدائي ڳجهه.

- حِڪْمَتَ آميز: ذ. صفت. سياڻپ يا ڏاهپ وارو. جنهن ۾ ڪو خاص مطلب رکيل هجي.

- حِڪْمَتَ سان: ظرف. اٽڪل سان - تدبير سان - دانائيءَ سان - هوشياريءَ سان.

- حِڪْمَتَ عَمَلِي: ث. اٽڪل بازي. تهذيب، اخلاق ۽ سياست جي واقفيت. مُلڪي مصلحت. مُلڪي تدبير. سياسي چالبازي - پاليسي. هٿ جو هنر. هٿ جي اٽڪل. ظاهري فن". ظاهري چالاڪي. اٽڪل - چالاڪي - هوشياري - دورانديشي - سياڻپ.

- حِڪْمَتَ ڪَرَڻُ: طبابت ڪرڻ. ڊاڪٽري ڌنڌو ڪرڻ. دانائي ڪرڻ. تدبير ڪرڻ.

- حِڪْمَتِيُ ۽ حِڪْمَتِيُ: ذ. صفت. علم حڪمت جو ڄاڻو. حڪمت وارو - فلسفي - فيلسوف. چالاڪ - ڏاهو - سياڻو - هوشيار - اٽڪلي - حرفتي - هنري - هنرائتو - بَرَڪُ - فن" باز.

● حُڪَنُ (ت): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● حُڪُومَتَ ۽ حُڪُومَتُونُ: ث. [ع. حَڪَمَ = هن حڪم هلايو] حڪم هلائڻ جو اداره. بادشاهي - سلطنت - حُڪمراني - فرمان روائي - راڄائي - راڄ - حڪومت ڪان مليل اختيار - قاعدو - قانون - ضابطو - انتظام - بندوبست. سختي - زور - ڏاڍائي - دٻاءُ.

- حُڪُومَتَ جَمْهُورِي: ث. رعيت جي حڪومت. رعيتي راڄ. ڪنهن ملڪ جي بالغ باشندن جي ووٽ تي چونڊيل حڪومت. عام ماڻهن جي چونڊيل حڪومت. "بادشاهي راڄ" جو ضد".

- حُڪُومَتَ شَخْصِي: هڪ ماڻهوءَ جي چڙواڳيءَ واري حڪومت. ڏنڊي جي حڪومت.

- حُڪُومَتَ ڪَرَڻُ: راڄ ڪرڻ - بادشاهي ڪرڻ.

- حُڪُومَتَ گاهُ: حڪومت هلائڻ جو هنڌ. تخت گاهه - گاديءَ جو هنڌ - راڄڌاني.

● حَڪِيڪو ۽ حَڪِيڪا: ذ. [ع. عَقِيقَهُ جي بگڙيل صورت] ڇَٽي - عقيقو - ڇَٽيءَ جي ڏينهن خيرات ڪرڻ جو هڪ قسم. ڇَٽيءَ جي موقعي تي قرباني ۽ صدقي ڏيڻ جي هڪ رسم.

Gul Hayat Institute

● حَڪِيمُ ۽ حَڪِيمَ: ذ. صفت. [ع. حَڪَمَ = هو ڏاهو ٿيو] ويچاروان - حڪمت جو ڄاڻو - عقلمند - ڏاهو - سياڻو - داناءُ. فيلسوف - طبابت جو ڄاڻو - علاج ڪندڙ. ويج - طبيب - ڊاڪٽر. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

- حَڪِيمَاڻُو ۽ حَڪِيمَاڻَا: ذ. صفت. حڪيم جو - حڪمت پريو - طبيب جو - طبيبڪو.

● حَلُّ ۽ حَلّ: ذ. [ع. حَلَّ = هن سلجهايو] ڪنهن ڏکيءَ ڳالهه جو سُلجهاءُ. ڦولهه - کولُ - انڪشاف - سمجهاڻي - ماهيت - سمجهاءُ. صفت. پيچ - پيچڻي - ڪنهن مشڪل سوال جو جواب. آسان - سولو. ملاوت - ميلاپ - گڏيل.

- حَلُّ ٿِيڻُ: سلي هڪ ٿي وڃڻ - جزن جو ملڻ - گڏ وچڙ ٿيڻ - منجهيل شيءِ جو آسان ٿيڻ.

- حَلُّ ڪَرَڻُ: سمجهائڻ - سلڻ - کولي پڌائڻ - انڪشاف ڪرڻ - آسان ڪرڻ - مشڪلات لاهڻ - سُلجهائڻ. جُزا ملائڻ - ميلاوت ڪرڻ - ميلائڻ - ڳارڻ. حساب جو ڪڍڻ - پچڻ - صحيح ڪرڻ - چڱيءَ طرح ياد ڪرڻ - سمجهڻ - ذهن ۾ ويهارڻ (سبق).

● حَلاّجُ: ذ. صفت. [ع. حَلَجَ = هُن ڪپهه ٽُنبي] ڪپهه پڃڻ وارو - پڃارو. (اسم خاص). حُسين بن منصور جو لقب (جنهن کي اَنَاالحَقُ چوڻ تي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو).

● حَلالُ ۽ حَلالَ: ذ. صفت. [ع. حَلَّ = هو جائز ٿيو] مُباحُ - جائز - روا - رَهائيندو - حقّي - درست - صحيح. اجازت مليل - قانون موجب - قانوني - باقاعدي. شرع موجب - شرعي. ذبح ڪيل. (ضد - حَرامُ ۽ حرامَ).

- حَلالُ ٿِيڻُ: جائز ٿيڻ - روا ٿيڻ.

- حَلالَ جو: ذ. صفت. حقيي - قانوني - شرعي - اصيل - واجبي - سچو - رِهندو - حقي واجبي. صحيح طريقي سان ڪمايل روزي.

- حَلالَ جو هَٿُ: قاعدي موجب هٿڻ - حق جو هٿڻ.

- حلالُخورُ ۽ حَلالخورَ: ذ. صفت. حق حلال جي ڪمائي کائيندڙ. مباح شيءِ کائيندڙ. ايمانداريءَ سان ڪمائيندڙ - حلالي. (ڪنايتہ) پنگي - ٻُهاريءَ وارو - ڀالپيشاهي.

- حَلالُ ڪَرَڻُ: شريعت موجب جانور کي تڪبير وجهي ڇُري وَهائڻ - سِير وجهڻ - ذبح ڪرڻ - تڪبير وجهي ڪُهڻ.

- حَلالُ ڪري کائڻ: محنت ڪري کائڻ - جائز نموني سان کائڻ - ڊيوٽي پوريءَ طرح ادا ڪرڻ - سونپيل ڪم نهايت ايمانداريءَ سان ڪرڻ.

- حَلالَہ: ث. اها عورت جا پنهنجي ماڻهوءَ سان نڪاح ڪري ۽ ان کان طلاق ملڻ بعد وري ٻهرئين مڙس سان نڪاح ڪري.

- حَلالِيُ ۽ حَلالِيَ: ذ. صفت. حلال مان پيدا ٿيل - حقّي ٻارُ - حق حلال جو تخم. نيڪ - چڱيوانُ - فضيلت وارو - وفادار - حلال خور. (ضد - حَرامِيُ ۽ حَرامِيَ).

- حَلالِيُ چَمُ: ذ. ذبح ڪيل جانور جي کل مان تيار ڪيل چم. وفادار.

- حَلالِيُ ڦَرُ: ذ. جائز طريقي ۾ پيدا ٿيل ٻارُ.

● حَلاوَت ۽ حَلاوَتُون: ث. (ع) مٺائي - ميٺاج - ميٺاڻ - شيريني - پڪل ميوي جو رسُ. لذت - مزو - ذائقو. راحت - آرام - سک - چينُ.

● حَلَبُ: اسم خاص. [ع] شام ملڪ ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو (جيڪو قديم زماني ۾ آرسين ڌهڻ کان مشهور هو).

● حَلفُ: ذ. [ع. حَلَفَ = هن قسم کنيو] قَسَمُ - سُنهُن - سوڳنڌ. اعتبار - ساک - ويساهه - پت. عَهدُ - انجام - اقرار.

- حَلَفاً: ظرف. قسم سان - ساک سان.

- حَلفُ کَڻَڻُ: قسم کڻڻ. قرآن کڻي قسم کڻڻ.

- حَلفِ منصب: ڪنهن عهدي وٺڻ وقت، ڪنهن سرڪاري آفيسر اڳيان سرڪار سان وفاداري ۽ خيرخواهيءَ جو قسم.

- حَلفُ نامُو ۽ حَلفُ ناما: ذ. لکيل قسم - قسم نامو.

Gul Hayat Institute

● حَلْقُ ۽ حَلْقَ: ذ. [ع] ڪاڪڙو - ڪاڪڙي وارو هند - نڙي - نڙگهٽ - ڪَنْٺُ - گهَٽُ - ڳاٽُ.

- حَلق بَنْد ڪَرَڻُ: زبان بند ڪرڻ. ماٺ ڪرڻ. چُپ ڪرائڻ. چُپ ڪرائي ڇڏڻ.

- حَلْقِي ۽ حَلْقِيّ: صفت. نڙيءَ جو. نڙيءَ مان نڪتل.

- حَلْقِي حَرْفَ: ذ. نڙيءَ مان آواز ڪيدندڙ اکر. جيئن، (ح - خ - ع - غ ق - ءِ).

- حَلْقِي پنجي ويڃَڻُ (ت): گهڻي روئڻ سبب گهگهي پنجي وڃڻ.

● حَلْقو ۽ حَلْقا: [ع. حَلْقه: حَلّقَ = هن گول چڪر ڪاڍو] گهيرو - چڪرو - ڦيرو - گردو - گول - وراڪو. جهَنڊُ - ميڙ - ميڙاڪو - مجلس - جهڳٽو - مَنڊلي - زمرو. مَنڊي - والي - ڇلو - گول ڪَنڊو - ڇيڪلو - ڦيٿو - چَڪَرُ. طَوقُ - ڪنٺي - ڳانو - ڪمربند - پٽو.

- حَلْقو پَدَڻُ: چوڌاري گهيرو ڪرڻ - چوڌاري گولائيءَ ۾ ويهڻ - گول پَدڻ.

- حَلْقيِ اِنْتِخابُ: اهو علائقو جتان ماڻهو پنهنجو نمائندو چونڊين.

- حَلْقَہ بگوشُ: ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جي ڪن ۾ غلاميءَ جي نشاني يعني والي پيل هجي. ڪنن ۾ پيل شخص. غلام ٻانهو - فرمانبردار - مُطيع.

- حَلْقَہ بگوشِيُ: غلامي - اطاعت.

● حَلْڪائِي: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● حِلْمُ ۽ حِلْمَ: ذ. [ع. حَلُمَ = هو بردبار ٿيو] سَهَڻ جو مادو. برداشت جي طاقت. صبر - تَحمّل - ڪاٺد - بردباري. ڪنهن جي سزا ۾ نرمي ڪرڻ جي حالت. نرمي - نرمدلي - نرمائي - مُروّت - مِهَرُ - جادو - ڪامڻ.

● حُلُو: ذ. ع. [حَلّيَ = هن سينگاريو يا پهرايو] ڪپڙن جو جوڙو - پوشاڪ - وڳو - چوغو - جامُو - جُبو - بهشتي لباس.

● حَلْوَانُ ۽ حَلْوَانَ: ذ. [ع. حُلْوانٌ = مزيدار ٿيڻ] گهيٽي جو ڪير ڀياڪ ڦرُ - ٻڪريءَ جو ڦرُ - ڇيلو - ليلو. (جنهن جو گوشت جلد ڳرندڙ ۽ مزيدار ٿئي). ڪچڙو گوشت. ڪپڙي جو هڪ قسم. ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو.

● حُلُولُ: ذ. [ع. حَلَّ = اندر گهڙڻ] هڪ شيءِ جو ٻيءَ شيءِ ۾ اهڙيءَ ريت گهڙي وڃڻ جو ٻنهي ۾ ڪو فرق معلوم نہ ٿئي. دخول - واسو - ميلاپ. (حُلُول ٻن قسمن جو آهي، ١. سَريَاني: جنهن ۾ سڄو جسم ٻئي جسم ۾ تحليل ٿئي). ٢. طرياني: جنهن ۾ هڪ جسم جا فقط ڪي جزا ٻئي جسم ۾ تحليل ڪن.

● حَلْوو ۽ حَلْوا: ذ. [ع. حَلاوَةٌ = مٺو ٿيڻ] مٺائيءَ جو هڪ قسم (ڳيهہ نشاستي، ميدي ۽ کنڊ جي مِلاوت مان ٺهيل مٺائي). نرم کاڌو. (حلوي جا قسم: بادامي حلوو، چاٻون حلوو، پِستائي حلوو، سونهري حلوو، سونَ حلوو، کهنبو حلوو). ڪنايتاً: آسان ڪم.

- حَلْوائِي ۽ حَلْوائِيُ: ذ. صفت. مٺائي ٺاهيندڙ - حلوي وارو - مٺائي وڪڻندڙ.

- حَلْوو سمجهڻ: ڪنهن ڪم کي آسان سمجهڻ.

- حَلْوو مُسْقَطِيُ: حلوي جو هڪ قسم (ڪڻڪ پچائي ان مان نشاستو ڪيدي کنڊ ۽ گيهہ سان گڏي باداميون ۽ پستا وجهي ٺاهجي).

- حَلْوو مانِي: حلوي سان ماني. ڏاڍو آسان ڪم.

- حَلْوو مانِي ڪري وڃڻ: جلدي کائي ختم ڪرڻ. اڏاري ڇڏڻ. خرچ ڪري ڇڏڻ. تمام آسان ڪري سمجهڻ.

- حَلْوو مانِي کائڻيِ نہ هُئڻ: آسان ڪم نہ هئڻ.

- حَلْوِي پُورِيءَ سان ڪم هُئڻ: پنهنجي طلب جو فقط خيال رکڻ.

- حَلْوِي جو دڪان ۽ ڏاڏي سائين جي فاتحہ هُئڻ: پرائي مال تي دل کولي سخاوت ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● حَلِيمُ ۽ حَلِيمَ: ذ. صفت. [ع. حَلِمَ = هو برد بار ٿيو] برد بار - تَحَمُّل وارو - گنڀير - ڪانڌ وارو - سَهندڙ - برداشت ڪندڙ - دير رنج - ڏيرج وارو. ڪُنئُرو - ڪومل - نرم - ملائم. مائيٽو - ساٽيڪو - نماڻو - صبر وارو - نهٺو - نرم سڀاءُ. ڪِلمُڪُ - خوش طبع - رلڻو ملڻو. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو (برداشت ڪرڻ وارو. معاف ڪرڻ وارو). ڪمياوان. هڪ قسم جو ڪاڌو (جو اناج، گوشت ۽ مسالا وجهي تيار ڪبو آهي). کِچڙو.

- حَلِيمَائيُ ۽ حَلِيمَائِيُون: ث. صبر - ڪميا - برداشت - ڪالڌ - نهٺائي - نرمائي - ماٺ.

- حَلِيمُ سُڀاءُ: ذ. صفت. نرم سُڀاءُ - ڪومل فطرت - نياز لوڙت.

- حَلِيمُ طَبَعُ: ذ. صفت. حليم سڀاءُ - برد بار.

● حَلِيفُ: ذ. صفت. [ع. حَلَفَ = هن قسم ڪنيو] عهد نامو ڪندڙ ڌُرِ - معاهدو ڪندڙ ٻن ڌرين مان هڪ ڌُرِ - ساٿي - رفيق.

● حُلْيو ۽ حُلْيَا: ذ. [ع. حُلْيَهُ = حَلَيَ = هُن سينگاريو] زِيوَرُ - ڳهڻُ - ڳَهڻُو. خِلعت - ٻاڪَرِ. انعامي پوشاڪ. ٻيرن ڪان سٽي تائين - سراپا. سڄاڻپ لاءِ شڪل ۽ آن جو بيان. شڪل - صورت - شبيهه - نمونو - ٻيهڪ - نساٺ - چهري سُڃاڻ جي نشاني. عام سڃاڻپ جي نشاني.

- حُلْيو بِگاڙَڻُ: شڪل ڦيري ڇڏڻ. بُري حالت ڪرڻ. تعدي ڪرڻ.

● حٰمٓ: ذ. [ع. حروف مُقَطّعَاتُ] ڪهڻين سُورتن جو مُنڍ. قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

● حَمَاتَ: ث. [ع. حِمَايَةٌ = بچائڻ] مدد - پٺڀرائي - بچاءُ - همراهي - حمائت - حمايت.

- حِمَاتِيُ ۽ حِمَاتِيُ: ذ. صفت. بچائيندڙ - محافظ - سنڀاليندڙ. مددگارُ - پُٺڀرائُو - پرجهلو - حمائتي.

● حِمَارُ ۽ حِمَارَ: ذ. [ع] جانور جو هڪ قسم. گڏهه - خَرُ.

● حِمَاقَتَ ۽ حِمَاقَتُون: ث. [ع. حَمِقَ - حَمُقَ = هو بيوقوف ٿيو] بيوقوفي - ناداني - چريائي - بي عقلي - چَسَپائي - اياڻپ - ڄٽپائي.

● حَمَّالُ ۽ حَمَّالَ: ذ. صفت. [ع. حَمَلَ = هن کنيو] بار کڻندڙ - بار ڍوئيندڙ - بار ڍوهو - مزور - مزدور - ڪُولي - قُلي - پَرِيَتُ - پورهيت - پورڙ.

● حَمَّالِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۽ ڪراچيءَ ۾).

● حَمَّامُ: ذ. [ع. حَمَّ = هن گرم ڪيو] گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ جي جاءِ يا غسلخانو. دوائن يا مصالح ڪُٽڻ لاءِ ڌاتوءَ جي آڪري. پکيءَ جو هڪ قسم. ڪبوتر - پاريهل - ڳيرو.

- حَمَّامِ دَستو ۽ حَمَّامِ دَستا: ذ. آڪريءَ ۾ ڪم ايندڙ دَستو - مُهرو.

- حَمَّامُ ڪَرَڻُ: غسل ڪرڻ - وِهنجڻ - تَڙُ ڪرڻ.

- حَمَّامِيُ: ذ. صفت. وهنجڻ جو بند وبست رکندڙ - وهنجاريندڙ.

● حُمَّامُ ۽ حُمَّامَ: ذ. [ع. حُمَّةٌ = بخار] تپ - بخار. گرمي - باهه.

"منگل منهنجي مَن تي پارِئو سوت حُمام."
(شاهه).

● حِمَائِتَ ۽ حِمَائِتُون: ث. [ع. حَمِيَ = هُن بچايو] مدد - بچاءُ - پٺڀرائي - حمايتَ.

- حِمَائِتِي، ۽ حِمَائِتِي: ذ. صفت. مددگار - پٺڀرائو - پرجهلو - حامي - طرفدار.

● حَمَائِلَ ۽ حَمَائِلُون: ث. [ع] ڪڇيءَ ۾ ترار جو پٽو ٻاميرِي وجهڻ جي حالت. ترار جو پٽو. دوال شمشير. ڪڇيءَ ۾ وجهڻ جي شيءِ. ننڍي تقطيع وارو قران شريف جو ڪڇيءَ ۾ وجهي سگهجي.

- حَمَائِل ڪَرَڻُ: ڪُلهي يا ڪڇيءَ ۾ پٽو وجهڻ (تلوار يا بندوق وغيره لاءِ).

● حِمَايَتَ ۽ حِمَايَتُون: ث. [ع. حَمِيَ = هُن بچايو] بچاءُ - پناهه - سنڀال - محافظت - نگهباني - رکيا - اوٽ - مدد - ٽيڪ.

Gul Hayat Institute

– حِمَايتِي ۽ حِمَايتِي: ذ. صفت. بچائيندڙ – محافظ – سنڀاليندڙ – رکپال. مدد گار – ھيرُو – واهرو. ٽلهدار – طرفدار.

● حَمْدُ: ذ. [ع. حَمدَ = هن تعريف ڪئي] خدا پاڪ جي تعريف – ساراهه – نيڪي – واکاڻ – مَدَحَ – مداح – تعريف – ثنا – شڪرانو.

● حَمْزَائِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ڍڪتي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● حَمْزه: اسم خاص. [ع] حضور ڪريم جن جي هڪ چاچي جو نالو.

● حَمَلُ ۽ حَمَلَ: ذ. [ع. حَمَلَ = هن بار کنيو] بوجهو – بارُ – وزن – ڀري. عورت جي پيٽ ۾ ٻار هجڻ جي حالت. پيٽ – ڳرڀُ – ڳڀُ – اميدواري. آسماني ٻارهن برجن مان هڪ برج جو نالو (ڪهڻي جي شڪل جو تارن جو ميڙ). ميک. اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– حَمَلُ ٽيڻ: عورت کي پيٽ ٽيڻ.

● حَمَلُ ڪيرائڻُ: پيٽ ڪرائڻ – ٻار ڪيرائڻ – ڪُهائي ڪرڻ.

● حَمْلو ۽ حَمْلا: ذ. [ع. حَمَلَ = هن حملو ڪيو – هن ڪاهه ڪئي] هلان – ڪاهه – چڙهائي – جُلهه. وارُ – آلر – اورڙ – چوٽ. الهوهه – تڙڪ.

– حَمْلَه آوَرُ ۽ حَمْلَه آوَرَ: ذ. صفت. حملو ڪندڙ – هلان ڪندڙ – ڪاهيندڙ.

– حَمْلو ڪَرَڻُ: ڪاهه ڪرڻ – هلان ڪرڻ – چڙهائي ڪرڻ – وارُ ڪرڻ – آلر ڪرڻ.

● حَمِيَّتَ: [ع. حَمِيَ = هن غيرت ڏيکاري] غيرت – ننگُ – شَرَمُ.

● حَمِيدُ: ذ. صفت. [ع. حَمدَ = هُن تعريف ڪئي] ساراهيل. تعريف ڪيل. اسم خاص. خداتعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

● حَمِيرُ ۽ حَمِيرَ: ذ. صفت. [ع] بهادر – پهلوان – سورمو – وِير – دِلير – سُورِههَ. اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. سنڌ تي حاڪم سومري گهراڻي مان آخرين بادشاهه جو نالو

”حميرن هڪون، جاڙ جُسي کي ڀاتيون“ (شاهه).

● حَمِيرَائِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● حِنا ۽ حِنائُون ث. [ع. حَنَّأ = هن ڳاڙهو ڪيو] هڪ ٻوٽي جو نالو – ميندي.

– حِنائِي ۽ حِنائِي: ذ. صفت. مينديءَ وارو – مينديءَ جهڙو.

● حَنّانُ: ذ. [ع. حَنَّ = هُن ٻاجههَ ڪئي] بيحد بخشيندڙ – رحمت ڪندڙ. اسم خاص. خدا جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

● حَنْبَلُ: اسم خاص. اهل سُنت جي چئن فقيه امامن مان هڪ جو نالو. امام احمد بن حَنْبَلُ رحمة الله عليہ.

– حَنْبِلِي: صفت. امام احمد بن حَنْبَل جا پيروڪار. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

– حَنْجِرِي ۽ حَنْجِرِيُون: [ع] گلو – نڙگهٽ. ساز جو هڪ قسم. جهانجهه (جا ڪدڙن جا ٻالدي وڄائيندا آهن) ڪنجري.

● حَنْظَلُ: [ع] هڪ وَلِ ۽ اُن جي ڦَل جو نالو – ٽُوهه.

● حَنَفِي: اسم خاص. [ع. حَنَفَ = هو يڪسو ٿيو – هن لاڙو ڪيو] امام ابُوحَنِيفَه جو پوئلڳ. سُني مسلمانن جو هڪ فرقو.

● حَنِيفُ: ذ. صفت. [ع] حضرت ابراهيم عليہ السّلام جي دين کي مڃيندڙ. پڪو مسلمان. يڪسُوئي اختيار ڪرڻ وارو. فقط هڪ خدا کي ڪارساز ڪري مڃڻ وارو. دين جو سچو. مذهبي عقيدن جو پڪو. حق جو قائل.

● حُنَيْن: اسم خاص. [ع] عربستان ۾ مڪي معظمه ۽ طائف جي وچ ۾ هڪ واديءَ جو نالو جتي نبي ڪريم سان ڪافرن جنگ ڪئي هئي (جنگ حُنين).

● حَوّا: اسم خاص. [ع] حضرت آدم عليہ السّلام جي زال جو نالو. سڀني انسانن جي ماءُ. دنيا ۾ پهرين آيل عورت (ڏاڏي حَوّا).

Gul Hayat Institute

● حَوادِثُ: ذ. [ع. حادثو- حادثة جو جمع] حادثا- واقعات. ڳالهيون. حالتون- نتيجا.

● حَواريُ ج حَواريُ: ذ. [ع. حَوّرَ= هن اڇو ڪيو (ڪپڙو)] ڌوٻي- ڪپڙن جي اڇاڻ ظاهر ڪندڙ. اڇي چمڙيءَ وارو. وفاداريءَ سان ڪم ڪندڙ ماڻهو حضرت عيسيٰ عليه السلام جا اصحاب- مسيح جا دوست (جيڪي ڪُل ٻارهن هئا). دوست- يار. همراهه- مدد ڪندڙ پيروي ڪندڙ.

● حَوّاسُ: ذ. [ع. حَسّ= هُن محسوس ڪيو] ڄاڻڻ جو عضوو- ڄاڻڻ جي طاقت (حواس ڪُل ڏهه آهن، جن مان پنج ظاهري ۽ پنج باطني آهن. ظاهري: اکيون، ڪَن، نَڪ، وات ۽ هٿ. باطني: حَس- مشترڪ، خيال، وَهم، حافظو ۽ مُتَصَرّفُ) اندري- عضوو- هوش- اوساڻ- عقل- سمجهه- فهم- ٻُڌ.

- حَواس بَاختَہ: ذ. صفت. وائڙو- مُنجهيل- موڳو- هيراسيل.

- حَواس بَاختَہ ٿيڻ: هوش نہ رهڻ- گهٻرائجي وڃڻ- هڪوٻڪو ٿيڻ- وايون بطال ٿيڻ- حوِ لا خطا ٿيڻ.

● حَوالُ ج حَوالَ: ذ. [ع. حَالَ = هو مٽيو- بدليو- ڦريو] حال- حالت- حقيقت- دَشا- ڪيفيت- روئداد- گَتي. ڳالهه- احوال- خبرچار- معلومات.

● حَوالاتُ ج حَوالاتَ: ذ. سپردگي- نظربندي- قيد- حراست. اهي شيون، جيڪي قبضي ۾ هجن. جيل- ترم- ترنگ- قيد- بَندُ.

- حَوالات ۾ ڏيڻ: سپردگي ۾ ڏيڻ. قيد ۾ هڻڻ- فوجداري جي حوالي ڪرڻ- بند ڪرائڻ.

● حَوالدارُ ج حَوالدارَ: ذ. حوالات ڪي سنڀاليندڙ- جيل جو ننڍو عملدار- پلٽڻ يا پوليس ۾ هڪ عهدو- هيڊ ڪانسٽيبل- جمعدار. وڏو پٽيوالو- وڏو چپراسي- نائڪ.

● حَوالو ج حَوالا: ذ. [ع. حَوّلَ= هن اشارو ڏنو] ڪتاب جي ڪنهن لکيت جو پورو ڏَسُ- اشارو- لاڳاپو- واسطو- نسبت. نِشانُ- پَتو- ڏَسُ- آهُنچُ. ذِڪر- خبرچار- حال احوال- آهڃاڻ- معلومات.

- حَوالو ڏِيَڻُ: ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڳالهه يا واقعي ڏانهن اشارو ڪرڻ.

- حَوالي: [ع. حَالَ = هو بدليو- هو ٻئي وٽ ويو] هٿ ۾ ڏيڻ جي حالت- سونپ- سپردگي- ذِمّہ واري. سپرد- هٿ هيٺ- ذمي- ٻيلي- ملڪ- زير.

- حَوالي ڪَرَڻُ: سُپرد ڪرڻ- قبضي ۾ ڏيڻ- ڏيڻ- سنڀال ۾ ڏيڻ- ذمي ڪرڻ- هٿ هيٺ ڏيڻ. ڏيارڻ- جهلائڻ.

- حَواليُ مَواليُ: سنگتي ساٿي- دوست يار- هردم گڏ رهڻ وارا- همدم.

● حُوتُ: ث. [ع] وڏي مڇي. آسمان جو ٻارهون برج (جنهن ۾ مڇيءَ جي شڪل جهڙو تارن جو هڪ ميڙ آهي).

● حَوضُ ج حَوضَ: ذ. [ع. حوض جي بگڙيل صورت] پاڻيءَ جو ننڍو تلاءُ- حوض- ڪنڊ- ڪاڻ.

● حَوضو ج حَوضا (ت): ذ. [ع. حوض] ٽانگي (گهوڙي گاڏي) جو ٽانڊو.

- حَوضي ج حَوضِيُون: ث. [ع. حوضي] ڪِني پاڻيءَ جي ننڍي ڪنڊ.

● حُورَ ج حُورُون: ث. (ع. حُورُ= پُوري- ڪارين اکين واري عورت) ڪارن وارن ۽ ڪارين اکين واري بي حد خوبصورت عورت. بهشت ۾ رهندڙ حسين عورت. صفت. پاڪ عورت. نهايت خوبصورت- حسين- سُهڻي- اپڇرا- اپسرا- تمام سهڻي عورت. پَري.

- حُور جو ٻَچو: ذ. تمام سهڻو- پريزادو.

- حُورَ بَدَنُ: ذ. صفت. حُورَ جي بدن جهڙو- تمام حَسين- خوبصورت.

- حُور وَش: ذ. صفت. حُورَ وانگر- حُورَ جهڙو. خوبصورت.

● حُوريُ ج حُورِيُون: ث. حُورَ.

Gul Hayat Institute

● حَوراڻيُ: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.
● حَوصِلو ۽ حَوصِلا: ذ. [ع. حَوصَلَةٌ = ڳُجي] پکيءَ جي ڳُجي. دل جي هِمَّت - جُرأتَ - دليري - طاقت - قوت - بهادري، جيئن: "موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ به حوصلو کپي." بُرد باري - سمجهه - ڄاڻ - ٻُڌي - هوش - عقل - خيال - سُرت - چيتو - جذبو - اوسان - دماغ - فهم - ذهن، جيئن: فلاڻي جو ايترو حوصلو ئي ڪونهي، جو سبق ياد ڪري." ٻُوجهَ - پَروڙ. چاهَ - آمنگ.
▬ حَوصِلا خَطا ٿِيَڻُ: عقل ڇڏي وڃڻ - حيران ٿيڻ - وائڙو ٿيڻ - هوش گم ٿيڻ.
▬ حَوصِلائيتو ۽ حَوصِلائتا: ذ. صفت. حوصلي وارو - حوصلي جو. عقلمند - سُريتو - سرتائتو - چيتي وارو - هوشائيتو - داناءُ - چالاڪ - حرفتي.
▬ حَوصِلو ڌارَڻُ: دل جمع ڪرڻ. بردبار ٿيڻ. خيال هڪ هنڌ ڪرڻ. عقل ڌارڻ - سياڻو ٿيڻ. همت ڪرڻ. ايمان رکڻ. هوش درست رکڻ.
▬ حَوصِلو رَکَڻُ: حوصلو ڌارڻ - حوصلو ڪرڻ.
▬ حَوصِلو ڪَرَڻُ: حوصلو ڌارڻ - حوصلو رکڻ.
▬ حَوصلو وِڃائِڻُ: سُڌ ٻُڌ وڃائڻ - هوش اڪري وڃڻ - بي همت ٿيڻ - بي ايمان ٿيڻ.
▬ حَوصَلي افزائي: ث. همت ڏيارڻ جي حالت. شاباس - دل کي ٽيڪ ڏيڻ - همت افزائي ڪرڻ.
● حَوصِلي دارُ: ذ. صفت. همت وارو سُچيتُ.
▬ حَوصلہ دارِي: ث. جُرأت - سُچيتائي.
▬ حَوصِلي مَنْدُ: ذ. صفت. همت وارو. سمجهُو - سُچيتُ.
▬ حَوصِلي وارو: ذ. صفت. بردبار. سياڻو - دماغ وارو. فهم وارو - عقل مند. همّت وارو - بهادر - دِلير.
● حَوضُ ۽ حَوضَ: ذ. [ع. حَاضَ = هُن پاڻي ڪٺو ڪيو - هن هَودي ٺاهي] پاڻي گڏ ڪرڻ جو هڙاڊو ٺاهيل چوڪنڊو تلاءُ - تلاءُ - تالابُ - هَودُ - حَودُ - ڪُنڊَ - ٽانڪي.

▬ حَوضُ ڪَوثَرُ: اسم خاص. بهشت جي هڪ چشمي جو نالو.
● حول: [ع. حَالَ = هو بدليو - هُن ٺڳيو] مٽ سٽ. طاقت. ٺڳي - دغا - دولاب - ڪوٽ. لوهي توپ.
▬ حَولِيو ۽ حَولِيا: ذ. صفت. حولُ پاتَلُ - لوهي توپ پيل (ماڻهو). ڪلنگي وارو - حوليو.
● حَوالْدارُ ۽ حَوالْدارَ: ذ. حوالدارُ.
● حَويلِي ۽ حَويلِيُون: [ث. ع. حول = چوڌاري] چئن پٿين واري جاءِ - وڏو ۽ پڪو گهر - گهر - منزل - جاءِ - مڪان - ڪوٺي. محل سراءِ. حرم سراءِ. قصر - محلات - بنگلو - بلڊنگ - حاويلي.
▬ حَويلِي روشَن ٿِيَڻُ: اولاد وارو ٿيڻ - پُٽ قائم رهڻ.
● حَيّ: صفت. [ع] هميشه حيات - زنده - جيئرو. خدا تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو. اسم خاص. عرب جي هڪ قبيلي جو نالو.
▬ حَيّ قَيُّومُ: هميشه زنده ۽ دائم قائم.
▬ حَيّ لا يَمُوتُ: [ع. حَيّ = جيئرو، لا يَمُوت = نٿو مري] الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو. اها هستي جيڪا هميشه هميشه باقي رهي.
● حَيَا ۽ حَيَا: ث. [ع. حَيِيَ = هن شرم ڪيو] شرم - حجاب - لڄ - حياءُ - سَرَمُ - پَرمِ - پَتِ - غيرت - لحاظ. پاڪدامني - شرميلتا.
▬ حَيَادارُ ۽ حَيَادارَ: ذ. صفت. غيرتمند - شرم وارو.
● حَيَاتُ: ث. [ع. حَيّ = هو جيئرو رهيو] حياتي - عمر - اوستا. زندگي - جان - ساهه - روح - پَراڻ.
▬ حَيَاتُ ۽ حَيَاتَ: ذ. صفت. حياتيءَ وارو - حياتي - جيئرو - جيئندو - زنده.
▬ حَيَاتِ ابَدِيُ: ث. هميشه واري زندگي - دائم قائم زندگي - هميشه جو جياپو - سدائين امرَ (نه مَرڻَ وارو).

- حَيَات بَخۡش: ذ. صفت. حياتي بخشڻ وارو- خدا تعاليٰ.

- حَيَاتِ تَازَه: ث. نئين حياتي- وڏي بيماريءَ کان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ واري زندگي.

- حَيَات جَاوِدانِي: ث. هميشه هميشه واري زندگي.

- حَيَاتُ و مَمَاتُ: ذ. صفت. زندگي ۽ موت.

- حَيَاتِي ۽ حَيَاتِي: ذ. صفت. زندگي- عمر- اوَسِتَا- زندگيءَ جو وقت- جيئري رهڻ واري مدت- ڄمار.

● حَيَاتُ ڳاهو: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حَيَاتِي ۽ حَيَاتِيُون: ث. [ع. حَيّ = هو جيئرو رهيو] جيئري رهڻ جي حالت- زندگي- جياپو. جان- ساهه- جِيءُ- پَرَانَ- ڇُوڙا- وجود- جِيوَن- دَم- سانس- جِندِ- پَساهُ- عُمرِ- اومتا- ڄمارَ.

- حَيَاتِيءَ تان هَٿُ کَڻَڻُ: وڏيڪ حياتيءَ جي اميد نه هئڻ- وڏيڪ جيئڻ جو آسرو نه هجڻ.

- حَيَاتِيءَ جو ماڻُ پَرجِي اچَڻُ: عمر پُوري ٿيڻ- پڇاڙي ٿيڻ- آخر ٿيڻ- موت جو وقت اچي وڃڻ.

- حَيَاتِي ڇَڏائِي وَڃَڻُ: سخت خوفزده ٿيڻ- بي همّت يا نِستو ٿيڻ.

- حَيَاتِي ڇَڏي وَڃَڻُ: مري وڃڻ- ختم ٿيڻ- ڇُوٽا ڪُٽِي وڃڻ- زندگي پُورِي ٿيڻ. نِستو ٿيڻ. بي هِمّت ٿيڻ.

- حَيَاتِي زَهر ٿِيَڻُ: ڪابه خوشي نه ٿيڻ- ڏُکن ۽ اِيذائن ۾ گُذارڻ- ذَليل ٿي رهڻ.

- حَيَاتِيءَ کي حَلالُ ڪَرَڻُ: زندگيءَ کي ڪامياب ڪرڻ. سُکيو وقت گُذارڻ. سو ڀارو ٿيڻ- فتح حاصل ڪرڻ.

- حَيَاتِي گهارَڻُ: زندگي گُذارڻ- زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ.

● حَيَاتِيَات: جانورن ۽ ٻُوٽن جو علم- بائلاجي سائنس.

● حَيَاتِيُون: وٽامِنس (Vitamins)- آهي ڪيميائي حصا، جيڪي انسانن ۽ جانورن جي غذا ۾ هوندا آهن.

● حَيَاءُ ۽ حَيَاءَ: ذ. [ع. حَيِيَ = هن شرم ڪيو- هن شرمايو] لَڄَ- شرم- غيرت- حجاب- ڦِڪائِي- مَرَمُ- پَرَمُ- پَتِ- لِيهَ- حَيَا. لحاظ- رِياءُ- پاسخاطر- مُحابو.

- حَيَائِتو ۽ حَيَائِتَا: ذ. صفت. حَيا وارو- شرم وارو- حجاب وارو- لَڄَ وارو- شرميلو- مَرَم وارو- لِيهه وارو- لَڄارو- پَرَمائتو- سِيِلُوان.

- حَيَاءُ دارُ ۽ حَيَاءُ دارَ: ذ. صفت. حَيائتو- حيا شرم وارو- لَڄارو.

- حَيَاءُ وارو ۽ حَيَاءُ وارا: ذ. صفت. حَيائِتو- شرم وارو- شَرميلو- لَڄارو.

- حَيَاءُ وِڃَڻُ: بي حيا ٿيڻ- بي لَڄو ٿيڻ- بي غيرت ٿيڻ.

● حَيۡثِيَتَ ۽ حَيۡثِيَتُون: ث. [ع. حَيۡثُ = جتي- جنهن حَد تي] سگهه- پهچ- پُڄَندِي- رَسائي- پُڄَتِ- وُسۡعَت- هُونَدَ. عالمگيري- عُمُومِيّت- بِساط- قدر. لياقت- درجو- بيهڪ- قابليت. عزّت- آبرو.

- حَيۡثِيَتُ کان وَڌِيڪَ: ظرف. طاقت کان ٻاهر. پهچنديءَ کان وڌيڪ.

● حَيۡدَرُ: ذ. [ع حَيۡدَة = اژدها- وڏو نانگ + دَرُ (دريدن = ڦاڙڻ جو امر)] اژدها- چيريندڙ- شينهن. اسم خاص. حضرت علي ڪرم الله وَجۡهَهُ جو لقب.

- حَيۡدِرِي ۽ حَيۡدِرِي: ذ. صفت. حيدر جو. حضرت علي ڪرم الله وجهَهُ جو. شيعه مذهب وارو- شيعو.

● حَيۡدَرآبَاد: اسم خاص. سنڌ پرڳڻي ۾ هڪ ضلعي، تعلقي، ديهه ۽ شهر جو نالو (جو غلام شاهه ڪلهوڙي ٻڌايو هو).

● حَيدرَانُ زَئِي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جو بلوچائين جي شاخ آهي).

Gul Hayat Institute

● حَيْدَرْپُورُ: اسم خاص. تعلقي ننڍ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● حَيْدَرِيُ: اسم خاص. پڻ درياهي وٽ منڊونديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.

● حَيْرَانُ ۽ حَيْرَانَ: ذ. صفت. [ع. حارَ = هو هڪوبڪو ٿي ويو] هڪوبڪو- وائڙو- منجهيل- موڳو- ويچون- مُتعَجِّبُ- پريشان- شَشْدرُ- مُتحَيِّر- دنگ- گهبرايل- مُضْطَربُ- عجب ۾- اچرج ۾- تپرس ۾.

- حَيْرانُ ڪَرَڻُ: پريشان ڪرڻ- عجب ۾ وجهڻ. رُلائڻ- خراب ڪرڻ- دربدر ڪرڻ- تڪليف ڏيڻ.

- حَيْرانِيُ ۽ حَيْرانِيُونُ: ث. عجب- حيرت- پريشاني. موڳائي- مُونجهَ- گِھٽتي- گهبراهٽ- وائڙپ- ڏڪيائي- اوڪائي.

● حَيْرَت ۽ حَيْرَتُونُ: ث. [ع. حارَ = هو هڪوبڪو ٿي ويو] عجب- پريشاني- حيراني- اچرج- تپرس. تَعَجُّب- وِيچارُ- گِهٽي- موڳائي- بيهوشي- غَشُ- گِهَرَ- مُونْجهَ.

- حَيْرَتَ افْزَا: ذ. صفت. حيرت ۾ وجهڻ وارو. حيران. پريشان ڪرڻ وارو.

- حَيْرتَ انگيزُ: ذ. عجب وارو- عجيب- حيرت وارو. حيران ڪندڙ.

- حَيْرتُ زَدَهُ: ذ. صفت. حيران- پريشان- تعجّب ۾ پيل.

● حَيْصَ بَيْصَ: ث. [ع. حاصَ = هن نٽايو- هن نفرت ڪئي] پش وپيشي- گند گوڙ- ٿورو غوغاء- لڙائي- جهڳڙو- تڪرار- مونجهارو (منطق جي دليلن ۾).

- حَيْصَ بَيْصَ ڪَرَڻُ: گوڙ ڪرڻ- مونجهارو ڪرڻ- وِس وِس ڪرڻ. واتو رجڻ. مُهاڏو ڏيڻ.

● حَيْضُ ۽ حَيْضَ: ذ. [ع. حاضَتْ = عورت کي ماهواري آئي] عورتن کي هر مهيني (عضوي مخصوص مان) ايندڙ رت- ماهواري- ڪپڙا- زنالي- زالائو. ڦُل- گُل- رَجُ.

- حَيْضِيُ ۽ حَيْضِيُ: ذ. صفت. حرامي- حرام جو- حرامي ڦرُ- وَلَدُالزِّنَا- حرامزادو- شرير- حرڪتي- لُچ.

- حَيْضِيُ ٻارُ: ذ. حرامي ٻارُ- وَلَدُالزِّنَا- شرير.

- حَيْضِيُ حَرَامِيُ (ت): ذ. صفت. حيض جي حالت ۾ حمل ٿيل ٻار. بد معاش- بي حيا.

- حَيْضِيُ ڦَرُ (ت): ذ. صفت. حيضي ٻار- حرامي ڦرُ.

- حيضي ڦُڙو: حيضي ڦر- حرامي ٻار.

- حَيْضِيُ مُٽُ (مُٽَرُ) ۽ حَيْضِيُ مُٽَ (مُٽَرُ): ذ. حرامي ٻارُ- حرامي ڦرُ.

● حَيْفُ ۽ حَيْفَ: [ع. حافَ = هن ٻيڙي هلت ڪئي] حقارت جو لفظ. افسوس- ارمان- هاءِ هاءِ. لعنت ملامت جو ڪلمو. ٿُفُ- ڦِٽَ- شرم- ڦِٽ- ڦِٽڪارَ.

● حِيلو ۽ حِيلَا: ذ. [ع. حِيلَةُ: حالَ = ڦِريو] چَلُ- عذر- بهانو- اٽڪل- حرفت- ڪيڏ- حِڪمت- هُنر- فن. چالو- آهاءُ- تجويز- سبب- وسيلو- رستو- رِٿ- ڪارڻ- نمونو- دنگ. سِيتَ- ڪوشش- سعيو- آدر- محنت. روزگار- ڪم- ڌندو- اوڪري. مڪر- فريب- ڊولڳ- ڪوت- دغا- دولاب- ٺڳي.

- حِيلو حَوَالو ۽ حِيلَا حَوَالَا: ذ. عذر- بهانو- ٽٽاءُ. واري ڦيري- ٽٽاءُ سٽاءُ. سٽو مونو- حيلو وسيلو- اٽڪل سٽڪل- جهلو پلو. وس- اٽڪل- حرفت- تجويز- ڪوشش- سعيو- تدارڪُ.

- حِيلو حَوَالو ڪَرَڻُ: ڪوشش ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. وسَ ڪرڻ. هر قسم جي ڪوشش ڪرڻ. هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ. سڀ ذريعا استعمال ڪرڻ.

- حِيلو ڪَرَڻُ: بهانو ڪرڻ. محنت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ. ڌنڌو ڪرڻ. ڪم ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. روزگار ڪرڻ. همٿ ڪرڻ.

- حِيلو وَسِيلو ۽ حِيلَا وَسِيلَا: ذ. ذريعو- وسيلو- بهانو. مددگار.

Gul Hayat Institute

— حِيلو وَسِيلو ڏيوڻ: ذريعو ڳولڻ. مددگار جي تلاش ڪرڻ.

— حِيلو هلائڻ: ڪوشش ڪرڻ. ذريعو استعمال ڪرڻ. سعيو ڪرڻ. آدم ڪرڻ.

— حِيلي بازُ ۽ حِيلي بازَ: ذ. صفت. اٽڪلي- چالاڪ- هوشيار- ٺڳ- دغاباز- مَڪارُ- فريبي- بهانا ڪندڙ. ٽٽائيندڙ.

— حِيلي بازي ۽ حِيلي بازِيُون: ث. بهانو- عذر- سعيو- ڪوشش- آدم- آپاءُ- تدارڪ.

— حِيلي سازُ ۽ حِيلي سازَ: ذ. صفت. حِيلي بازُ- چالاڪ- مڪارُ- ٽٽائيندڙ- بهانا بڻائيندڙ- عذر پيش ڪندڙ.

● حِينُ: ذ. [ع. حَانَ = مند آئي] وقت- عرصو- زمانو- سمو- مدت.

— حِينُ حَيَاتِ: ظرف. سڄي ڄمار- سڄي عمر- حياتيءَ جو سارو عرصو.

● حَيوانُ ۽ حَيوان: ذ. [ع. حَيّ = هو جيئرو رهيو] زندگاني- زندگي- حياتي. (صفت). ساهه وارو- روح وارو- جانِ وارو- جانور- پَسُون. وَحش- ڍورُ. بي سمجهه- بي وقوف- جاهل- نادان. وحشيُ.

— حَيوانُ مُطلَقُ: ذ. صفت. آزاد ۽ ڇڙواڳ جانور. گهمندڙ ڦرندڙ حيوان. ڍورَ جو ڍورُ. جانور- ڳوناٺو- بد تميز.

— حَيوانُ نَاطِقُ: ذ. صفت. ڳالهائيندڙ جانور. ماڻهو- انسان- آدمي.

— حَيوانِي: ذ. صفت. حيوان جو- شهواني- نفساني- بَهيمِيہ- ڍورن واري حالت. جانورن واري حالت.

— حَيوانِيَت: ث. وَحشت- جانور پڻو- حيوانپڻو. بي شرمي- بي شرمائي- بي حيائي- ناداني- ناسمجهي- بيوقوفي- بي رحمي- ظلم- ڪٺوراڻي.

● حَيوانيات: ث. جانورن جي تواريخ، انهن جي جسم جي ساخت ۽ عادتن وغيره جو علم. زولاجي (Zoology).

خ

Gul Hayat Institute

خ: ث. [ع. ف] سنڌي 'الف- بي' جو ارڙهون اکر، عربيءَ جو ستون ۽ فارسيءَ جو نائون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد ٦٠٠. علم هيئت ۾ اهو اکر منگل يا مريخ کي ظاهر ڪري ٿو.

● خَا: ذ. ڪنڌ يا ڪياڙيءَ جا وارَ.

● خَابِرُو ۽ خَابِيرُو: ذ. صفت. [ع. خَبَرَ = هن ڳالهه ٻڌائي] اسم فاعل. خبر ڏيندڙ. خبر پهچائيندڙ. اطلاع ڏيندڙ. سُڌ سماءُ ڏيندڙ. احوال ٻڌائيندڙ. ڄاڻُ ڪندڙ- قاصد- پيغام بر- خبر رَسانُ- جاسُوس.

● خَاتَمُ: ث. [ع. خَتَمَ = هن مُهر هڻي] مُنڊيءَ جي ٽڪَ. مُنڊي- ڇاپ لڳل مُنڊي. ٺپو- ڇاپَ- مُهر- خانگي مُهر- تڪميل جي نِشاني.

— خَاتَمُ بَندُ ۽ خَاتَمُ بَندَ: ذ. صفت. عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي آکر جو ڪم ڪندڙ. جڙات جو ڪم ڪندڙ. خاتم بندُ.

- خَاتَمُ بَنْدِيْ يا خَاتَمُ بَنْدِيُون: ث. عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي آڪر جو ڪم. جڙاءَ جو ڪم.
- خَاتَمِ سُلَيْمَان: حضرت سليمان عليه السّلام جي مُنڊي (جنهن تي اسم اعظم لکيل هو ۽ وڏي برڪت واري هئي).

● خَاتِمُ: ذ. صفت. [ع خَتَمَ = هن پُورو ڪيو]. پُورو ڪندڙ. ختم ڪندڙ. پڇاڙي ڪندڙ. توڙ تائين رسائيندڙ.
- خَاتَمُ الاَنْبِيَاءِ: اسم خاص. سڀني نبين جي نبوت ختم ڪندڙ. آخري پيغمبر. حضرت محمد مصطفيٰ صلّي اللهُ عليه وسلّم.
- خَاتِمُ الْمُرْسَلِيْن: سڀني رسولن جي رسالت ختم ڪندڙ. آخري رسول.
- خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ: سڀني نبين جي مُهر. سڀني نبين جي نبوت کي ختم ڪندڙ. سڀني نبين کان پوءِ به اچڻ وارو.

● خَاتِمو يا خَاتِمَا: [ع. خَاتِمَةٌ] پڇاڙي- ڇيڙو - آخر- پڄاڻي- نتيجو- آخرت. موتُ- وفات- رحلت. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل عبارت.
- خَاتِمَهُ بِالْخَيْرِ: نيڪيءَ واري پڇاڙي. پڇاڙيءَ جو وقت ايمان جي سلامتيءَ سان گذرڻ جي دُعا. مرڻ وقت شهادت جو ڪلمو نصيب ٿيڻ جي حالت. خير سان گذاري وڃڻ يا مرڻ.
- خَاتِمو ٿيڻُ: پڇاڙي ٿيڻ. مري وڃڻ. فوت ٿيڻ. انجام کي پهچڻ. گذر ڪري وڃڻ.

● خَاتُو بَنْدُ يا خَاتُو بَنْدَ: ذ. صفت. [ع. خَتَمَ +ف. بند= مُهر هڻندڙ] سازگر- ساز ٺاهيندڙ. ڪاٺ جو سامان ٺاهيندڙ- واڍو- سُوٽهڙ. عاج تي آڪر جو ڪم ڪندڙ. آرسين جا فريم ۽ ڪپٽ ٺاهيندڙ. عينڪن جا ڪوڪا ٺاهيندڙ.
- خَاتُو بَنْدِيْ يا خَاتُو بَنْدِيُون: ث. سازن ٺاهڻ جو ڪم. سازگري. ڪاٺ ۽ عاج تي گلڪاري وغيره جو ڪم. ڪاٺ مان سامان ٺاهڻ جو ڪم.

● خَاتُونُ: ث. [تُرڪي] نيڪ عورت. امير گهراڻي جي عورت جو لقب. اميرزادي - شهزادي - بيگم - راڻي. شريف عورت. گهر جي مالڪياڻي - زال - گهر واري - عورت - بيبي - ليڊيِ.
- خَاتُون جَنَّتِ: ث. جنّت جي شهزادي. حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جو لقب (جا بيبي صاحبه حضور ڪريم جن جي پياري صاحبزادي حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ جي بطن مان تولد ٿي، حضرت علي ڪرم الله وَجْهَهُ جن جي گهرواري ۽ اِمَامَيْنِ حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنهما جي والده ماجده هئي).
- خَاتُونِ عَرَبُ: ث. خاتونِ جنّت. حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جو لقب.

● خَاتُونِ فَلَڪ: ث. آسمان جي راڻي. چنڊ. زُهْرَهُ- ناهيدُ (حُسن ۽ محبت جي ديوي).

● خَادِمُ يا خَادِمَ: ذ. [ع. خَدَمَ = هُن خدمت ڪئي]. خدمت ڪندڙ- نوڪر- چاڪر- شيوَڪُ- ٽهليو- ملازم. مُريد- چيلو. شاگرد- طالب. ڪنهن درگاهه جو خدمت ڪندڙ- مُجاوِرُ. (ث. خَادِمہ = نوڪرياڻي).
- خَادِمَانه: نوڪر وانگر. نهايت عاجزيءَ سان.
- خَادِمِ دَرگَاهُ: صفت. درگاهه يا مسجد وغيره جي سنڀال ڪندڙ- مجاوِرُ.
- خَادِمِي: ث. خدمت- چاڪري- ٽهل ٽڪور. ملازمت- نوڪري.

● خَارُ يا خَارَ- خَارُون: ذ. ث. [ف] ڪنڊو- سپلُهه- پالو- سُوئو. ڪاوڙ- جوش- غصو- چڙ- بغض- ساڙُ- تپش. حسد- جَلَ. بدلو- دشمني.
- خَارَ آچَڻُ: حسد ٿيڻ- ڪاوڙ لڳڻ- چيڙ ِي ٿيڻ- پوسرڻ- ساڙ لڳڻ.
- خَارَبَسْتُ: ذ. [خار+بَسْتُ] ڪنڊن جو لوڙهو يا واڙِ.
- خَارُبَنْدُ يا خَارَبَنْدَ: ذ. ڪنڊن جو لوڙهو. ڪنڊن وارن ڏنگهرن جو لوڙهو.

Gul Hayat Institute

- خارْبَنْدِيْ: ث. لوڙهي ڏيڻ جي حالت. چوڏاري ڪنڊن جو لوڙهو ڏيڻ.
- خارْپُشْتُ ۽ خارْپُشْتَ: ذ. ڪنڊن جي پُٺ وارو جانور. چاهو- سيڙهه. ھُني ڪنهڻ جو لوهي اوزار- ڪرُ ڪرو- خرُخرو.
- خارِچِيْنُ: ذ. گهر يا باغ جي چوڏاري ڏلل لوڙهو.
- خارخار: بي چيني - پريشاني - جوش خروش - غصو.
- خارَدارُ: ذ. صفت. ڪنڊن وارو - ايذاءُ ڏيندڙ - تڪليف ڏيندڙ - هلاڪ ڪندڙ. اهو ٻوٽو جنهن کي ڏاڙهيءَ جا ٻهريان وار ايندا هجن.
- خارَ ڏِيارَڻُ: ڪاوڙ ڏيارڻ - غصو ڏيارڻ. ٻوسرائڻ - ساڙ ڏيارڻ - ٻهڪرائڻ - جوش جاڳائڻ.
- خارُ ڏِيَڻُ: چيڙائڻ - ڪاوڙائڻ. ٻوسرائڻ - ستائڻ - تڪليف پهچائڻ - غصو ڏيڻ.
- خارزار: ڪنڊن وارن وڻن جو جهنگ - ڪانڊيرن واري زمين.
- خارُ کائِڻُ: غصو ڪرڻ - ساڙ کائڻ - جَڪَ کائڻ. ڪاوڙجڻ - رِيسَ ڪرڻ - حَسَدُ ڪرڻ - ٻوسرڻ - جلَڻُ.
- خارڪَش: ڪاٺين وڪڻڻ وارو - ڪاٺيون وڪڻندڙ - ڪاٺيرُ.
- خارُ لَڳَڻُ: ڪاوڙ لڳڻ - چيڙ اچڻ - جوش پيدا ٿيڻ.
- خارُوَخَسُ: ڪَکَ ڪنڊا - ڪَکَ پَنَ - ڪَکَ ڪانا - ڪچرو.

● خارَا ۽ خارَا: ذ. [ف] پٿر جو هڪ قسم - نيلو پٿر - سخت پٿر.
- خارَاسَنْگُ ۽ خارَاسَنْگَ: ذ. نيري رنگ جو پٿر. سخت پَٿَرُ.
- خارَ اشِگافُ ۽ خارَا شِگافَ: ذ. صفت. پٿر کي چيريندڙ. تمام سخت.

● خارَانُ: اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ علائقي جو نالو. هڪ جبل جو نالو.

● خارِجُ ۽ خارِجَ: ذ. صفت. [ع خَرَجَ = هو ٻاهر نڪتو] ٻاهر نڪتل - تڙيل - ڌڪيل - لوڌيل - نڪتل. الڳ - ٻهري - علحده - جُدا. علاوه - سواءِ. بيڪار - نڪمو - ردي - اڻ وڻندڙ - مردود. باغي - سرڪش - بي دين.
- خارِجُ آزْ اِخْتِيارُ: ظرف. اختيار کان ٻاهر. وَسَ کان ٻاهر.
- خارِجُ آزْ بَحْثُ: ظرف. بحث نه ڪرڻ جهڙو. جنهن تي بحث ڪرڻ جي منع هجي.
- خارِجُ آزْ عَقْلُ: ذ. صفت. عقل کان ٻهري. سمجهه کان مٿي. سمجهه کان ٻهري. بيوقوف - احمق.
- خارِجُ ٿِيَڻُ: نڪرڻ - ٻاهر ٿيڻ - رد ٿيڻ - جدا ٿيڻ.
- خارِجُ ڪَرَڻُ: ڪڍڻ - ٻاهر ڪرڻ - نيڪالي ڏيڻ. جدا ڪرڻ - علحده ڪرڻ. رَدِ ڪرڻ - نامنظور ڪرڻ. برطرف ڪرڻ. ڪڍي ڇڏڻ.
- خارِجہُ: صفت. ٻاهر جو - ٻاهريون. ٻاهر ڪڍيل - تڙيل - ڌاريو.
- خارِجِيُ ۽ خارِجِيُ: ذ. صفت. ٻاهر ڪڍيل - تڙيل. ٻاهريون - ڌاريو. حق وارن کان خارج ٿيل. اهل سنت کان نڪتل - مردود. مسلمانن جو اهو فرقو جو اڳ ۾ سيدنا علي رضه جي لشڪر ۾ هو، پوءِ ناراض ٿي خروج ڪيائين ۽ حضرت علي ڪرم الله وَجْهَهُ جن کي خليفو ڪري نه ٿو مڃي.

● خارَش: ڪنهڻ جي هڪ بيماري - ڪاڇي - ڪاجَ - ڪاڌِ - ڪنهيڙو - ڪُجلي - ڪَهِه - ڪارِس. کير نُهن - تيرتير - سُرسُر. چمڙيءَ جي هڪ بيماريءَ جو نالو - خارش.
- خارِشِ مارَڻُ (ت): عادت پوري ڪرڻ.
- خارِشِيُ ۽ خارِشِيُ: ذ. صفت. خارش وارو. ڪُجليءَ وارو. خارش جو مريض.

● خارَشُ: اسم خاص. تعلقي ناري ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● خارقُ ۽ خارِقَ: ذ. صفت. [ع. خرق = هن ڦاڙيو- هن ڏاريو] ڦاڙيندڙ- ڀڃندڙ. عادت کي ٽوڙيندڙ. عادت جي خلاف ڪم ڪندڙ. ڪرامت- معجزو.
- خارقُ عاداتِ: ذ. عادتن ۽ قدرتي قاعدي کي ڀڃڻ وارو. نبين جا معجزا. اوليائن جون ڪرامتون.
● خازنُ ۽ خازنَ: ذ. صفت. [ع. خزن = هن ڪٺو ڪيو] ڪٺو ڪندڙ. خزانو سنڀاليندڙ- خزانچي. محافظ- نگهبان.
- خازنِ بهشت: بهشت جو داروغو.
● خاشَ ۽ خاشون: ث. [ف. خواهش جي بگڙيل صورت] خواهش- گهُر- مرضي (پنهنجي خاشَ خوشيءَ سان).
● خاشاڪُ: ذ. [ف] ڪِنُ ڪچرو- ڪکَ پنَ- گند- گندگوچر. اڪثر مرڪب صورت ۾ "خسَ" سان گڏ ڪم ايندڙ، جيئن: "خسُ و خاشاڪ = ڪکَ پنَ".
● خاشعُ: ذ. صفت. [ع. خشع = هو مطيع ٿيو- هن عاجزي ڪئي] عاجزي ڪندڙ- منٿ ڪندڙ. ليوڙت وارو. خشوع ڪندڙ.
● خاشڪيلي ۽ خاشڪيلي: ذ. [ع. خاصخيلي جي بگڙيل صورت] نوڪر- ٻيلي- خادم. سنڌ ۾ هڪ ذات جو نالو.
● خاشو ۽ خاشا: ذ. [ف. خاشاڪ] سُلفيءَ جي مٿان رکڻ لاءِ ٺوڙيءَ جو ٻريل مچو.
● خاشو ۽ خاشا: ذ. صفت. [ع. خاصه جي بگڙيل صورت] چڱو- سٺو. سهڻو- ملوڪ. عمدو. (ث. خاشي ۽ خاشيون).
● خاصُ: صفت. [ع] نيج- اصل- شُڌ، جيئن: "هيءَ خالص گيهه مان ٺهيل مٺائي آهي." مخصوص ڪيل- ذاتي- خانگي- شخصي- پنهنجو. "هيءُ خاص منهنجو گهوڙو آهي". سٺو- چڱو- چوکو. چونڊيل- ڏُٺيل- تمام سٺو- عمدو- اتم- اعليٰ- اُچو- مکيه- فائق- چيدو. نهايت عمدو- سڀني ۾ سٺو- اُچي ۾ اُچو- شاندار- ڀلارو- افضل- پاڪ. مرغوب- وڻندڙ- پيارو- مقبول. صرف- فقط- رڳو. جيئن: "هيءُ خاص اوهان لاءِ آندل آهي". گرامر موجب اهو اسم، جيڪو ڪنهن خاص ماڻهوءَ، جاءِ يا شيءِ جو نالو ٻڌائي.
- خاصائي ۽ خاصائيون: ث. چڱائي- ڀلائي- بهتري. سهڻائي- عمدائي- سٺائي- پاڪائي- صفائي. نيڪي. خاصيت.
- خاص ڪري: ظرف. نراليءَ طرح- رڳو هن لاءِ تہ- خصوصاً- خصوصيت سان- خاص طرح.
- خاصُ عامُ: ذ. امير غريب. ننڍا وڏا- سڀ. ساري خلقت- رعيت.
- خاصو ۽ خاصا: ذ. صفت. [ع. خاصه جي بگڙيل صورت] سٺو- چڱو- موچارو- ڀلو- عمدو- سهڻو- ملوڪ- ٺاهوڪو- بهتر. موچارو- وچولو- موافق. درميانو- پوروپنو. نيڪ- ڀلو.
- خاصُ وَ عامُ: ذ. ڏسو "خاص عام".
- خاصي ڪرڻُ: قبول ڪرڻ- منظور ڪرڻ.
● خاصخيلي: اسم خاص. [ع. خاص + خيلي = گهوڙي سوار] خاص ٻيلي يا نوڪر- ٻانهو- نوڪر- خدمتگار- ٽهليو- چاڪر. خاص ڪري سنڌ ۾ ٽالپرن جو نوڪر. گڏو (لس)- گولاڙو (ل)- ٻجيڙُ (ٿ). هڪ ذات جو نالو.
- خاصڪيلي: "خاصخيلي" جي بگڙيل صورت- ڏسو "خاصخيلي".
● خاصو ۽ خاصا: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (سنڌ ۾ اڳين سمي ۾ ٺهندو هو). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، رنگ اڇو ۽ قد هڪ انچ. مدراس جا ماڻهو کڻو ڪري واپرائيندا آهن). اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● خاصيتَ ۽ خاصيتون: ث. [ع. "خاصيت" جي بگڙيل صورت] ڏسو "خاصيت".
● خاصيتَ ۽ خاصيتون: ث. [ع] اثر- تاثيرُ. وصف. صفت- گڻ- لڇڻ- عادت- خصلت- سيرت. لياقت- هوشياري- مزاج- طبعيت. چڱائي- نيڪي. خاصت.

Gul Hayat Institute

● خاطِرُ: ث. [ع. خَطَرَ = دل ۾ آيو] جيڪي دل ۾ گذري - دل - من - هانءُ - جگرُ. چِتُ - ڌيانُ - خيال - ويچار. ارادو - قصد - مرضي - خوشي. آدرڀاءُ - خاطر تواضع - ڪينڪار - مرحبا - تعظيم - عزّت - حُرمت - شانُ - مانُ. خدمت - چاڪري - ٽهل. طرفداري - پاسخاطري - لحاظ - رعايت - مُرُوّت. (ظرف). لاءِ - واسطي - جي ڪري - ڪري - جي لاءِ - باري ۾ - ڪارڻ - بابت.

- خاطِر آزارِيُ: رنجيدگي - ناراضپو - صدمو پهچائڻ - دل ڏکائڻ.

- خاطِرُ آزُرْدَهُ: [ف. آزرده = رنجايل] رنجيده - ناراض دل وارو - رنجايل - ڏکويل - ملول.

- خاطِرُ جَمَعُ: ذ. دل جي تسلّي - دلجاءِ - پَڪَ - يقين - دلداري - تسڪين - اطمينان - خاطري. ڀروسو - آسرو - اعتماد - دل جمعي.

- خاطِرُ جَمَعِيُ: اطمينان - تسلي - تسڪين.

- خاطِرُخَوَاهُ: ذ. ظرف. مرضي موجب - حسب منشا. دل جي چاهت موجب. مرضيءَ سان. دلچسپيءَ سان. گهرج موجب. دل جي يقين سان. دل جَمَعي سان. پڪي ڀَروَسي سان. دل جان سان. موزون - ٺيڪ - مناسب.

- خاطِرُدَارِيُ: ث. خاطر جمعي - دلداري - خاطري - پَڪَ - يقين - دلجاءِ. آدرڀاءُ - ڪينڪارَ - ڀليڪارَ - تواضع - خدمت - مهمان نوازي - مهماني.

- خاطِرُ ڪَرَڻُ: خدمت ڪرڻ. آدرڀاءُ ڪرڻ. طرفداري ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ. دلجوئي ڪرڻ.

- خاطِرُ مُدَارَات: آدرڀاءُ - مهمان نوازي - لحاظ لياقت - نياز نوڙت.

- خاطِرُ ۾ نه آڻَڻُ: خيال ۾ ئي نه آڻڻ.

- خاطِرُ نَشِيْنُ: ذ. صفت. اها ڳالهه جا ياد ٿي وڃي. دل ۾ جاءِ ڪرڻ واري. دلپسند - پياري.

- خاطِرِيُ: ث. پَڪَ - يقين - دلجاءِ - خاطرجمعي. دلداري - همّت افزائي - ڏَڍُ - تسلّي - دلاسو - خدمت - آدرڀاءُ - خوش مرحبا - خوشي - سُک - راحت.

- خاطِرِيءَ جهڙو: ذ. صفت. پسنديءَ جهڙو. دلپسند - وڻندڙ - خواهش موجب - دل گهُريو - دل جاءِ جهڙو - خاطرخواهه.

- خاطِرِيءَ سان: دل سان. دل و جان سان. يقين سان. لحاظ سان. مرُوّت سان.

- خاطِر پُورُ ڪَرَڻُ: تمام گهڻي مرحبا ڪرڻ. تمام سٺي مهماني ڪرڻ. تمام گهڻي خدمت ڪرڻ.

- خاطِفُ ۽ خاطِفَ: ذ. صفت. [ع. خَطَفَ = هن کسيو] کسيندڙ. اوچتو کسي کڻي ويندڙ. هيءُ لفظ برق (وڄ) سان گهڻو ڪري استعمال ٿيندو آهي.

● خاطُوُ ۽ خاطُوُ: ذ. صفت. [ع. خَطّ = هن لکيو] خط لکندڙ. خط پهچائيندڙ. پيغام رسائيندڙ. خط رسان - قاصد. اخبارن کي خبرون پهچائيندڙ. خابِرُو - مُخبر.

- خاطِيُ ۽ خاطِيُ: ذ. صفت. خاطُو.

● خاطِيُ ۽ خاطِيُ: ذ. صفت [ع. خَطَيءِ = هن ڏوهه ڪيو] خطا ڪندڙ - خطاڪار - خطا وارو - گنهگار - ڏوهاري - پاپي.

● خاقانُ ۽ خَوَاقِيْنُ: ذ. [ترڪي. خاخان = وڏو خان] وڏو بادشاهه - شهنشاهه - سلطان. اسم خاص. چين ۽ ترڪستان جي آڳاٽي بادشاهه جو لقب. (اهو لقب چنگيزخان اختيار ڪيو هو ۽ پوءِ چين جي بادشاهه کي چوڻ لڳا پر هاڻي هر بادشاهه کي سڏيو ويندو آهي).

● خاقانِيُ: اسم خاص. فارسيءَ جي هڪ وڏي قصيده گو شاعر جو تخلّص.

● خاڪ: ث. [ف. خاڪ = مٽي] مٽي - لَٽَ - بُسرڙ - ڌوڙ - ڌُوڙ - دَزَ - رَڄي. ڦَلهيار - ڦَلهير - ڇار - ڪيري - رَڪَ. زمين - ڌرتي. بزرگن جي مزار تان آندل مٽي يا خاڪ. ڪِنايَتہ: ڪجهه به نه. بلڪل نه. ذرو به نه. سنڌي ادب جي مشهور شاعر مولانا درمحمد جو لقب.

- خاڪ آلُودَهُ: ذ. صفت. مٽيءَ سان ڀريل. مٽيءَ ۾ لٿوڙيل. مٽيءَ هاڻو.

Gul Hayat Institute

- خَاڪِ آڏامَڻُ: مٽيءِ آڏامڻ - ڌوڙ آڏامڻ. تباهه ٿيڻ - برباد ٿيڻ. رسوا ٿيڻ - مٽي پليد ٿيڻ - ڪجهه به باقي نه رهڻ.
- خَاڪِ آڏائِڻُ: مٽي آڏائڻ - آهه زاري ڪرڻ - ماتم ڪرڻ - پٽڻ - روڄ ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - آواره ڦرڻ - ڀٽڪندو رهڻ.
- خَاڪِ بَازِيُ: ث. مٽيءَ سان راند. راند روند. هَوس پرستي - هڪٻئي تي خوشي ملهائڻ لاءِ ڪَپَ آڇلڻ.
- خَاڪ بَرْسَرْ: ث. ڌوڙ مٿي ۾ پيل - خراب خوار. ڪنايه: اهنج - ڏکيائي - مشڪلات. پريشاني. تنگي.
- خَاڪِ بَرْسَرْ هُئَڻُ: مفلس ٿيڻ - پريشان هئڻ.
- خَاڪِ بَسَرْ: ذ. صفت. مٿي ۾ ڌوڙ پيل - مٽيءَ ۾ رهندڙ. خراب حال. ڏُتڙيل.
- خَاڪِ بَسِيطْ: ث. [بَسِيطْ = ويڪرو - ڪشادو - ڪليل] زمين - ڌرتي. زمين جو سارو سطح يا مٿاڇرو.
- خَاڪ تان ڪَٽي افْلاڪَ تي پُهچائِڻُ: هيٺ تان ڪٽي مٿي ڪرڻ. غريب مان امير بنائڻ - گهٽ درجي مان وڏو درجو عطا ڪرڻ - تمام وڏو احسان ڪرڻ - لياقت کان مٿي رتبو ڏيڻ.
- خَاڪِ تُودَهْ: ذ. [ف. تُودَهْ = ڍيرُ - ڍِڳُ - انبارُ] مٽيءَ جو ڍِڳُ - ڍِبَ - دڙو. تيرانداز لاءِ نشان چٽڻ جي جاءِ. مٽيءَ جو ڍير. هَدَفُ - نِشانو.
- خَاڪِ ٿِيڻُ: مٽي ٿيڻ - نابود ٿيڻ - برباد ٿيڻ - ناس ٿيڻ. سڙي ڀسم ٿيڻ.
- خَاڪِ ٿِي وَڃَڻُ: چَٽ ٿي وڃڻ - ڳري مٽي ٿي وڃڻ - نابود ٿي وڃڻ - ناس ٿي وڃڻ - برباد ٿي وڃڻ.
- خَاڪِ پَا: ث. پيرن جي مٽي. نهايت حقير شيءِ. عاجز. مسڪين.
- خَاڪِ جو پُتِلو: ذ. مٽيءَ مان ٺهيل بوتو - انسان - ماڻهو - آدمي.
- خَاڪ چَاڻَڻُ: رُلڻ - دربدر ٿيڻ. خوب ڳولڻ - تلاش ڪرڻ. برباد ٿيڻ - تباهه ٿيڻ.
- خَاڪِدانُ ۽ خَاڪِدانَ: ذ. مٽي يا گند وغيره آڇلڻ جو ٿانءُ. ڪنايه: دنيا.
- خَاڪِدانُ ڪُهَنُ: ذ. ڪهنو يا پراڻو مٽيءَ جو ٿانءُ - دنيا - هيءُ جهانُ.
- خَاڪ روبُ ۽ خَاڪِ روبَ: ذ. صفت. مٽي ٻُهاريندڙ - ٻُهاريدارُ - جهاڙو ڏيندڙ - ڀنگي - ٻالپيشاهي. ڪنايه: حلال خور - سادگي پسند - سادي مزاج وارو.
- خَاڪِ زادَهُ: ذ. صفت. مٽيءَ مان جاوَلُ - مٽيءَ جو پُتلو. انسان - ماڻهو - آدمي.
- خاڪسارُ ۽ خَاڪِسَار: ذ. صفت. خاڪ جهڙو - مٽيءَ جهڙو - مٽيءَ جو. مٽيءَ وانگر. غريب - مسڪين. عاجز. نماڻو - حقير. عرضدار - ليلائيندڙ. نوڪر.
- خَاڪِسَارِيُ: ث. عاجزي - نِوڙت - نِياز - نِماڻائي - نهٺائي - نيازمندي. لاچاري - مجبوري. مسڪيني حال. هيڻاهين اختيار ڪرڻ.
- خَاڪِسِتَرُ: ث. رَکَ - ڇار - ڦُلهيار.
- خَاڪِ سِيَاهُ ڪَرَڻُ: ساڙي رک ڪري ڇڏڻ - ناس ڪري ڇڏڻ.
- خَاڪِ شِفَا: ث. شفاءِ تندرستي ڏيندڙ مٽي - مڪه معظّمه ۽ مدينه منوّره جي خاڪ.
- خَاڪِ شو: ذ. صفت. سونارن جي ٻنيءَ جي مٽي ڌوئيندڙ - ڌوڙ ڌُئو.
- خَاڪِ شورِيُ: ث. مٽيءَ جو ڪم يا پورهيو. هارپو. محنت - جسماني پورهيو - مزوري - روزگار - هٿن جي ڪمائي.
- خَاڪِ شورِي ڪَرَڻُ: هارپو ڪرڻ - پوک پوکڻ. پورهيو ڪرڻ - مزوري ڪرڻ.
- خَاڪِ صِفَتُ: ذ. صفت. مٽيءَ جهڙو - مٽيءَ وانگر.
- خَاڪِ ڪَرَڻُ: ساڙي ڀسم ڪرڻ - مٽي ڪرڻ - رَکَ ڪرڻ. اجاڙڻ - تباهه ڪرڻ - برباد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- خَاڪِ ڪَشُ ج خَاڪِ ڪَشَ: ذ. صفت. ٻنين ۾ مٽيءَ کي گڏ ڪري، ٻنن ٺاهڻ جو اوزار- ڏانداري.

- خَاڪِ ۾ خَاڪِ ٿِيڻُ: تمام هيٺاهين وڃڻ. گولن جو گولو ٿيڻ وجود وڃائڻ - مَن مارڻ- فنا ٿيڻ. سخت محنت ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ.

- خَاڪِ ۾ مِلائِڻُ: مٽيءَ ۾ ملائڻ - برباد ڪرڻ- تباھ ڪرڻ - چٽ ڪرڻ - ناس ڪرڻ. بِگاڙڻ - خراب ڪرڻ. پائمال ڪرڻ - ذليل ۽ رُسوا ڪرڻ.

- خَاڪِ ۾ مِلَڻُ: تباھ ٿيڻ - برباد ٿيڻ - چٽ ٿيڻ - ناس ٿيڻ. نالو نشان منجي وڃڻ - مري وڃڻ.

- خَاڪِ ۾ مِلِي وڃَڻُ: مِٽيءَ ۾ دَفن ٿيڻ. مري وڃڻ - رد ٿي وڃڻ (رٿون وغيره)- ناڪامياب ٿيڻ.

- خَاڪِ نَشِيِنُ ج خَاڪِ نَشِيِنَ: ذ. صفت. مٽيءَ تي ويهندڙ - ساده مزاج - ساديءَ عادتن وارو- مسڪين.

- خَاڪ وِسَائِڻُ: خَاڪ آڏائڻ - ڏوڙيو ڪرڻ- ماتم ڪرڻ - واويلا ڪرڻ.

- خَاڪ وَسَڻُ: مِٽي پوڻ. واري وَسَڻُ. ويراني ٿيڻ - بي رونق ٿيڻ.

- خَاڪِي ج خَاڪِيَ: ذ. صفت. خاڪ جو- خاڪ جي پيدائش. مٽيءَ هاٺو- مٽيءَ وارو. مٽيءَ جي رنگ جهڙو. هڪ رنگ جو قسم. ڪپڙي جو هڪ قسم. هندو فقيرن جو هڪ قسم. (ٻُت تي ڀڀوت يا مٽي مَليندڙ)- ڀڀُوتيو. مجازاً: آدمي- انسان- ماڻهو. مسلمان فقيرن جو هڪ ٽولو.

- خَاڪِي وَرْدِيَ: پوليس يا فوج جو سپاهي.

● خَاڪَاهو ج خَاڪَاهَا (ت): ذ. سارين کان سواءِ خريف جي ٻئي فصل کي پوکڻ کان پوءِ ڀهريون پيرو پاڻي ڏيڻ.

● خَاڪَسِي: ث. خوب ڪلان- هڪ ٻسارڪو وَکر، جنهن کي خاڪشير به چئجي (بخار لاءِ دوا طور ڪم اچي).

● خَاڪِ شِيرُ: ث. خَاڪِسِيُ (ڳاڙهاڻ ۽ هيڊاڻ تي مائل سنهو ٻج)- خُوب ڪلان.

● خَاڪو ج خَاڪَا: ذ. [ف] اهو نقشو جيڪو صرف حدن جون ليڪون ڪڍي ٺاهيو وڃي- ڍانچو- مٽيءَ تي يا مٽيءَ سان ٺاهيل نقشو- نقشو- چِٽ - آثارو- بوتو- فوٽو- شڪل - تصوير جو ٻاهريون ليڪو- ڪچو نقشو - مُسَوّدو. ڪورَ- وِٿَ- ڪَچَ- وَڏَ. مَسخريءَ جي تصوير (ٺوڪبازيءَ طور). سفيد پنو (جنهن تي فقط ڪچا نشان ڏري بند ڪيو وڃي، اُن لاءِ ته وندر جي وقت يا موقعي تي ڪجھ لکيو وڃي). ڪنهن قيمتي پٿر جهڙوت: موتين، مرجان وغيره جو پيشَل ڪنٺو يا پاٺودر.

- خَاڪو ڪَيڍَڻُ: ڪَچو نقشو ڪيڍڻ- مُسَوّدو تيار ڪرڻ. ليڪُن سان ڪنهن تصوير جا نشان ڪيڍڻ - ليڪڻ - اڳارڻ.

● خَالُ ج خَالَ: ذ. [ع] خالي پيل جڳھ - وِٿي - وِچوٿي - چيرُ - ڦوڙُ- سيرَ - ٽُنگ- ڏَرڙُ- ٻَرگھَل- ٻَهَلُ - گهَٽُ. نَڪُ، مُنهن يا جسم تي ڪنهن به هنڌ قدرتي طور نڪتل ڪارو ٽِڪو- تِرُ. تاسَ راند جي پٽن ۾ هرهڪ جي ٻنيان چوڻ جو لفظ (هڪ خال- ٻه خال- ٽي خال- چارخال - پنج خال - ڇھ خال - ست خال - اٺ خال - نَو خال - ڏھ خال).

- خَالِ سِيَاهُ: ذ. صفت. [ف. سِيَاهُ = ڪارو] ڪارو تِرُ.

● خَالِدُ: ذ. صفت. [ع. خَلَدَ = هو هميشه لاءِ رهيو] هميشه رهندڙ. اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديھ جو نالو.

● خَالِدِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

خَالِصُ ج خَالِصَ: ذ. صفت. [ع. خَلَصَ = هو نِجو يا صاف ٿيو] ملاوت کان سواءِ- بنا ملاوت- بنا کوٽ - سچو - شُڌ - نِبار- چوکو- تَتُ- صاف - نِجُ - اصل - کَرو - صحيح. سچي ۽ پڪي اعتقاد وارو.

● خَالِصو: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي، تعلقي موري ۽ تعلقي بدين ۾ هڪ ديھ جو نالو.

Gul Hayat Institute

● خَالِصو ۽ خَالِصَا: ذ. صفت. نانڪ جا پوئلڳ. گرو پنٿي - سِکُ - سِکو - سِنگهُ. ٻنيءَ جي ڍَلَ جو هڪ قِسم. ڍَلَ ڀريندڙ زمين. سرڪاري زمين جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو حق نه هجي. بادشاهي ملڪيت. سرڪاري خزانو.

- خَالِصِي ڪَرَڻُ: ضبط ڪرڻ - ڪسڻُ. ظلم ڪرڻ - ڏاڍُ ڪرڻ. ايڪانت ۾ رهڻ. گوشه نشيني ۾ رهڻ.

● خَالِقُ ۽ خَالِقَ: ذ. صفت. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدا ڪندڙ - ڪرتار - سرجڻهار - خلقڻهار - خلقيندڙ - پروردگار - خداتعاليٰ. الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

● خَالُو ۽ خَالُو: ذ. [ع] ماسيءَ جو مڙس - ماسڙُ. (ث) خَالَه.

● خَالِي ۽ خَالِي: ذ. صفت. [ع. خَلاَ = هو خالي ٿيو] اڻ ڀريل - کوکلو - ڀُورُو - سکڻو - ٺالهو. ڪم ۾ نه ايندڙ - بي ڪار - نِڪمو - واندو. اڪيلو - تنها - صرف - فقط - ڇڙو.

- خَالِي ڀِيڻلِي: ظرف. بناسبب - هَرُو ڀَرُو - بي سبب - خواه مخواه - اجايو - ناحق - بي فائدي - ري گناه - بناڏوه جي.

- خَالِي ڪَرَڻُ: سکڻو ڪرڻ - ٺالهو ڪرڻ - ٺالهو ڪرڻ - واندو ڪرڻ. ڇڏي وَڃڻ. برطرف ڪرڻ. ڇوٽڪارو ڪرڻ.

- خَالِي وَڃَڻُ: ٺالهو وڃڻ - سکڻو وڃڻ - بيڪار وڃڻ.

- خَالِي هَٿين: ظرف. بنا سمر جي. ٺلهين هٿين - سکڻو. مفلس - غريب - نادار - ٺالهو.

● خَامُ ۽ خَامَ: ذ. صفت. [ف] ڪچو - اڻ ڀڪل - اڻ رسيل - ناپختو. ردّي - خراب. ناقص - عيبدار - وِڏ وارو. ناتجربيڪار - اناڙي - نادان - چٽ - جاهل. نالائق - اڻلائق - ڪُيد نڪو. ڪاٺ جي مٿان لڳل چمڙو (ت). ڪچو يا اڻ رڱيل (ڪپڙو). اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- خَامُ خُو: ذ. صفت. بي وقوفي - ناداني.

- خَامُ خِيَالُ ۽ خَامُ خِيَالَ: ذ. اجايو خيال. غلط خيال. وهم.

- خَامُ خِيَالِي: ث. ڪوڙو خيال. غلط شَڪُ. وهم - گمان.

- خَامُ طَبعَ: ذ. صفت. ڪم ذهن - ابوجهه - موکو - بيوقوف - مُنجهيل - ناتجربه ڪار.

- خَامُ عَقلِي: ث. بي عقلي - بي وقوفي - چريائي. ڀُل - چوڪ - غلطي.

- خَامُ ڪَارِي ۽ خَام ڪَارِي: ذ. صفت: بي هُنر - اناڙي - اڻ آزمودگار - اڻ واقف - ناتجربيڪار.

- خَامِي ۽ خَامِيُون: ث. ڪچائي - اڻ پڪائي - اڻ پورائي - ڪَمي - گهٽتائي - نَقصُ - وڏ - اوڻائي - غلطي - ڀُل - چوڪ - سَهُوَ.

● خَامو: اسم خاص. تعلقي گوليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَامُوشُ ۽ خَامُوشَ: ذ. صفت. [ف] ماٺِ - چُپ. ساڪِت - صبر - چپ چاپ. گهوڙي جي مٿين چَپ جي بيماريءَ جو قسم. سارين جي ٻيجي لاءِ تيار ڪيل زمين.

- خَامُوشُ ڪَرَائِڻُ: ماٺ ڪرائڻ - صبر ڪرائڻ - بس ڪرائڻ - چُپِ ڪرائڻ.

- خَامُوشِي ۽ خَامُوشِيُون: ث. ماٺِ - چُپِ - چپڙي - چپ چاپ - گنگ پوڙ - سانتِ - سُڪوت - صبر.

● خَانُ ۽ خَانَ: ذ. [ترڪي] سردارُ - رئيس - مسلمان اميرن جو هڪ لقب (اڳي فقط تاتار جي بادشاهن جو لقب هو پر هاڻي هرڪ رئيس، امير يا سردار جو لقب آهي. جيئن، پٺاڻ قوم جو لقب ۽ سنڌ ۾ بلوچ قوم جو لقب). بزرگ - اصيل - پلو - آدم. امير (ث. خَانَمِ).

- خَانبَهَادُرُ: ذ. سرڪاري يا گورنمينٽ طرفان ڪنهن عهدي يا خدمت جي صلي ۾ مليل عزت جو خطاب.

- خَانُ خَانَانُ: اسم خاص. سردارن جو سردارُ. اميرن جو امير. رئيسن جو رئيس (بيرمخان ۽ سندس پٽ عبدالرحيم کي مغل بادشاهن ڪان مليل لقب).

Gul Hayat Institute

– خَانُ دانُ ۽ خَانُ دانَ: ذ. صفت. اعليٰ گهراڻو – اعليٰ ڪٽنب – گهراڻو – پِڙي – پيڙهي – ڪٽنب – قبيلو. اشراف – اصيل.

– خَانِدانِي ۽ خَانِدانِيُون: ث. وڏ مائهپي – اميري – شرافت – عمده نسلي – قديم شريف گهراڻي جو.

– خَانِدانِي ڏيکارَڻُ: وڏ مائهپي ڏيکارڻ – سيٺ ڪرڻ – وڏائي ڪرڻ – اجايا خرچ ڪرڻ.

– خَانُ سَالارُ: ذ. صفت. لشڪر جو ڪماڊر تپاسيندڙ. شاهي آفيسر.

– خَانُ سَامَانُ: ذ. [ف] بادشاهه جي محل جو منتظم. انگريزن جو بورچي. پنڊاري – ناظر – سودي. بورچي خاني جو عام مختار – بٽلر. اردلي – نوڪر – خدمتگار.

– خَانُ صَاحِبُ ۽ خَانُ صَاحِبَ: ذ. صفت. عزت جو هڪ لقب.

– خَانَمُ: ث. اعليٰ گهراڻي جي عورتن جو لقب – بيگم – اميرزادي.

– خَانِوادُ و ۽ خَانِوادَا: ذ. صفت. وڏيرو – رئيس – امير.

– خَانِوتِي ۽ خَانِوتِيُون: ث. خانوادي – وڏيري – گودي – گهر ڌياڻي.

– خَانِي ۽ خَانِيُون: ث. رئيسي – اميري – وڏ يرپ. شانُ – مانُ – آب. اقبال – مرتبو – وڏائي – بزرگي – برتري. دٻدٻو – حشمت – رُعب – شان شوڪت. ”خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿي“ (پهاڪو).

● خَانَائِي: اسم خاص. تعلقي ڪهوڙباڙي ۽ تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانُ ٻيلو: اسم خاص. تعلقي ٺٽي عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانَپُور: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي، تعلقي گڙهي خيري، تعلقي ميرپور بٺوري، تعلقي ڪونڙي ۽ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ ديهه جو نالو. شڪارپور جي اوير ۾ هڪ شهر جو نالو.

● خَانزَئِي: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● خَانِ سَرِ: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانقَاهَ ۽ خَانِقَاهُون: ث. [ف. خانگاه < خانه = گهر + گاه = جاءِ] درويشن ۽ بزرگن جي رهڻ جي جاءِ. ڪنهن بزرگ جي مزار تي ٺهيل چوڪُنڊي – خانگاهه.

● خَان ڪَلهوڙو: اسم خاص. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانِگاهَ ۽ خَانِگاهُون: ث. [ف] ڏسو ”خانقاهه“.

● خَانِگِي ۽ خَانِگِيي: ذ. صفت. [ف] گهر جو – گهريلو. نِج – ذاتي – شخصي – پنهنجو. نو يڪلو – خلاصو – خاص. پوشيدو – ڳجهو – مخفي. غيرسرڪاري.

– خَانِگِي جهَڳِڙو: ذ. گهرو جهيڙو – ذاتي جهيڙو.

● خَان ڳَڙهَ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانُمَانُ: ذ. [ف. خانه = گهر + مان = سامان] گهر جو سامان – اسباب اثاثو – مال ملڪيت – گهر ٽڙ.

– خَانُمَانِ خَرابُ: ذ. صفت. سڀڪجهه تباهه – برباد – جهڳو ٿي جهڻ.

● خَانُو ۽ خَانا: ذ. [ف. خانه = گهر] گهر – مڪان – جاءِ – جهڳو – ڪمرو – ڪوٺي – چونڪو. حصو – ٽڪرو – ڀاڱو – ورڇ. ڪنهن ڪٻٽ يا ميز جو دروازو. تلوار رکڻ جي مياڻ – ڪيپ.

– خَانُو آبادُ ٿيڻُ: گهر وسڻ – گهر آباد ٿيڻ.

– خَانُو آبادُ هُئڻُ: اولاد ڄڻڻ – اولاد جو لائق هجڻ.

– خَانُو خَالِي ڪَرِي وِجهَڻُ: اٽ جو تمام ٽڪرو هاڻ.

– خَانُو خَرابُ ٿيڻُ: گهر برباد ٿيڻ. چٽ ٿيڻ – جهڳو جهڻ ٿيڻ.

– خَانُو خَرابُ ڪَرَڻُ: ڪنهن جو گهر تباهه ڪرڻ – نابود ڪرڻ – ناس ڪرڻ – چٽ ڪرڻ – نقصان ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- خَاني ڪان ٻاهِر هُئَڻُ: چريو هئڻ - بي عقل هئڻ. ڏٺيون ٻائيون و ڀل هئڻ.
- خَاني مان نِڪري وَڃَڻُ: بدافعال ٿيڻ.

● خَانِوَادَهُ: ذ. [ف. خَانہ = گهر + وَادَهُ = پيڙهه] هڪ گهر جا ماڻهو. هڪ خاندان جا پاتي هڪڙي بزرگ جو اولاد. خاندان - گهر - قبيلو - ڪٽنب - پيڙهي. مشائخ يا درويش سان تعلق رکندڙ خاندان. اشراف - اصيل - وڏيرو - سردار. فقيريءَ جو سلسلو.

● خَانَواهُ: اسم خاص. جوهي، رتوديرو، جيمس آباد، شڪارپور، ڳڙهي خيرو ۽ ڪنڌڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانَواهڻُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

● خَانوٺ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

● خَانورِ: اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خَانَهُ: ذ. [ف] گهر - جاء - مڪان - حويلي. ڪبوترن يا ڪُڪڙن جي رهڻ جي ڪُڏي. آکيرو - واهيرو. پيتي، ميز يا تجوڙيءَ جو اندريون گهر - خانو. شطرنج يا چوپڙ راند ۾ ساريءَ رکڻ جو گهر. ڪنهن شيءِ رکڻ جي جاء. "دواخانہ وغيره".

- خَانہٗ آبَادُ: ذ. صفت. ڀَريَل گهر - خوش - سُکيو - ستابو - شاهوڪار - وڌندڙ ويجهندڙ گهرُ.
- خَانہٗ آبَادِيُ: ث. خوشحالي - خوشي - سکيائي - آسودگي. شادي.
- خَانہٗ بَدوشُ: ذ. صفت. بي گهر. اهو ماڻهو جو هڪڙي هنڌ گهر ڪري نہ رهي. رولُ - رولُو - آواره - ڀٽڪندڙ - پريشان - دربدر - بي گهر. سانگي - پرديسي - رمتو - سدائين مسافري ڪندڙ. لڏو ڪٽي هلندڙ، جيئن قديم تاتاري، واگهڙي ۽ جبلي وغيره.
- خَانہٗ بَدوشيُ: ث. هيڏانهن هوڏانهن رُلڻ جي حالت. مُسافِري - ڀٽڪَ - رولاڪو.
- خَانہٗ بَرْبَادِيُ: ث. گهر يا خاندان جي تباهي.
- خَانہٗ تَلاشيُ: ڪنهن چوري ٿيل شيءِ جي ڳولا لاء ڪنهن گهر جو سمورو سامان آلٽ پُلٽ ڪري ڇڏڻ جي حالت. ڪنهن جي گهر کي جهاڙو ڏيڻ. تلاشي - جهاڙو - ڳولا.
- خَانہٗ پَرْدَازِيُ: ث. گهرو خرچ ۾ ڪفايت. ڪم خرچي - ڪفايت - قناعت.

خَانہ پُرِيُ: ث. خالي گهر کي ڀرڻ جو ڪم. نقش ڀرڻ جو ڪم. سرڪاري مقرر ٿيل نقش کي ڀرڻ جو ڪم.

- خَانہَ جَنْگِيُ: گهرو لڙائي - گهرو جهڳڙو - گهرو فساد - پاڻ ۾ ويڙهه. ٿوري گهڻي ڳالهه تان ويڙهه. دنگو - فساد - ساڳئي ملڪ وارن جو پاڻ ۾ دنگو فساد ڪرڻ.
- خَانہَ خُدَا: ذ. خدا جو گهر - ڪعبة الله - بيت الله - عبادت گاهه - مسجد.
- خَانہَ خَرَابُ: ذ. صفت. تباهه - برباد - ويران - خراب - ڊانوانڊول. بدعادت - بدڪار - بَدوضَع. آوارَه - رولُ.
- خَانہَ خَرَابِيُ: ث. گهر جو ڦيٽاڙو - گهرو نقصان - بربادي - تباهي - ستيا ناس.
- خَانہَ دَارُ: ذ صفت. گهر وارو - گهر ٻار وارو - ڪٽنب وارو.
- خَانہَ دَارِيُ: گهر ٻار جو ڪاروبار. گهر جا معاملات. گهر جو ڪم ڪار - گهر جو انتظام.
- خَانہَ زَادُ: ذ. صفت. گهر جو پيدا ٿيل غلام. گهر جو نپايل ٻانهو. گهر جي ٻانهيءَ جو ٻارُ. غلام زادو.
- خَانہَ سَازُ: ذ. صفت. گهر ناهيندڙ - رازو.
- خَانہَ سوزُ: ذ. صفت. خاندان کي بدنام ڪندڙ. گهر جلائيندڙ.
- خَانہَ شُمَارِيُ: گهرن جو شمار يا ڳڻپ. ماڻهن جي ڳڻپ. آدم شماري.
- خَانہٗ نَشِيْنُ ۽ خَانہٗ نَشِيْنَ: ذ. صفت. گهر ۾ ويهڻ وارو. گوشہ نشين. بي ڪارُ - واندو - نڪمو - نڪمٽو.

Gul Hayat Institute

● خَاوَرُ: ذ. [ف]. هڪ طرف جو نالو ـ اوڀر ـ اڀرند و ـ مشرق ـ پورب. آلهند و (بعضي آلهندي طرف لاءِ بہ استعمال ٿئي). اڀرندي طرف وارو. سِجُ ـ سُورج ـ آفتاب.

● خَاوَنْدُ ۽ خَاوِنْدَ: ذ. [ف. خاند وند. خانہ = گهر + وند = وارو] آقا ـ مالڪ ـ ڌڻي ـ سائين. گهر وارو ـ مُڙس ـ پتار ـ شوهر ـ گهر ڌڻي ـ وارث ـ ڀتِي.

ـ خَاوِنْدِيُ: ث. بنده نوازي ـ مهرباني ـ عنايت.

● خَائِفُ ۽ خَائِفَ: ذ. صفت. [ع. خَافِ = هو ڊنو] ڊڄندڙ ـ ڊپ ڪندڙ ـ ڊِڄڻو ـ ڊ ڄڻو. الله يشو ڪندڙ.

● خَائِنُ ۽ خَائِنَ: ذ. صفت. [ع. خَانَ = هن خيانت ڪئي] امانت ۾ خيانت ڪندڙ ـ بي ايمان ـ بد ديانت ـ ٺڳ ـ دغاباز ـ بد نيت.

● خَايو ۽ خَايَا: ذ. [ف. خَايہ = آنو رو] ڀيلو ـ آنو رو ـ خَصيو. پکيءَ جو آنو ـ بيضو.

● خَبَائِتَ: ث. [ع. خَبَثُ = هو خراب ٿيو] پليتي ـ ناپاڪائي ـ گندگي. اند رڪارائي. لچائي ـ شرارت. بدڪاري ـ بڇڙائي.

● خَبَازِيُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَکر ـ گول پنن وارو ٻُٽَترُ يا ڦَٽَترُ (خيري گل جو ٻج).

● خُبْثُ: ذ. [ع] خباثت ـ پليدي ـ ناپاڪائي.

ـ خُبْثُ الْحَدِيْدِ: ذ. [ع] لوهہ ڳارڻ وقت ان مان نڪتل ڪِنُ ڪِچرو ـ لوهہ جي ڪُشتہ جو هڪ قسم.

● خَبَرَ ۽ خَبَرَوْنُ: ث. [ع. خَبَرَ = هن ڄاتو] آگاهي ـ واقفيت ـ اطلاع ـ ڄاڻ. افواهہ ـ هُل ـ هوائو. احوال ـ سماچار ـ سُڌ سماءُ ـ سَمَڪَ ـ ٻروڙ ـ ڪُنڙَڪَ ـ ڪل ـ سَنديشُ ـ سَنيهو ـ پيغام ـ پيام ـ نياپو. علم ـ گيانُ ـ ڄاڻَ ـ پتو ـ حديث ـ نشان ـ سُراغ. سمجهہ ـ عقل ـ سُڌ ٻُڌ ـ معلومات. اوساڻ ـ هوش. علم نحو موجب جملي جي ٻن ضروري جزن مان اهو ٻيو جزو جو پهرئين بابت ڪجهہ چوي يا بيان ڪري. مثلاً: ”مير محمد هوشيار ڇوڪرو آهي.“ انهيءَ جملي ۾ ”هوشيار ڇوڪرو آهي“، کي گرامر ۾ ”خبر“ (Predicate) چئبو آهي.

ـ خَبَرَ آڻَڻُ: پتو ڪڍي اچڻ ـ سُراغ معلوم ڪرڻ. احوال آڻڻ ـ سُڌ آڻڻ. فوتيءَ جو اطلاع اچڻ.

ـ خَبَرَ اُڏائِڻُ: ڪُوڙي ڳالهہ مشهور ڪرڻ ـ افواهہ اُڏارڻ.

ـ خَبَرَ پَوَڻُ: معلوم ٿيڻ ـ سُڌ پوڻ ـ سمجهہ ۾ اچڻ ـ ڄاڻ پوڻ ـ واقف ٿيڻ.

ـ خَبَرَ پُهچائِڻُ: اطلاع ڪرڻ ـ احوال ڏيڻ. نياپو ڏيڻ. آگاهي ڪرڻ.

ـ خَبَرَ چَار ۽ خَبَرَوْن چَارَوْن: ث. حال احوال ـ سُڌ سَماءُ ـ سماچار ـ واءُ ساءُ. بيان.

ـ خَبَرْدارِ: [ف] حرف نِدا. تنبيهہ جو لفظ ـ خبردار ٿيو! هوشيار ٿيو! هيڏي ڌيان ڌريو!

ـ خَبَرْدارُ: ذ. صفت. خبر رکندڙ ـ ڄاڻ رکندڙ ـ ڄاڻو ـ آگاهہ. هوشيار ـ سُچيت ـ سُجاڳ ـ ڦُڙت ـ چالاڪ ـ سُريتو ـ چوڪس.

ـ خَبَرْدارُ ٿِيَڻُ: واقف ٿيڻ ـ هوشيار ٿيڻ.

ـ خَبَرْدارُ خَبَرْدارُ پُڪارڻُ: پهرو ڏيڻ.

ـ خَبَرْدارُ رَهَڻُ: چوڪس رهڻ ـ تيار رهڻ ـ هوشيار رهڻ ـ هر وقت خيال رکڻ ـ حذر ڪرڻ.

ـ خَبَرْدارُ ڪَرَڻُ: چِتائڻ ـ ٻُڌائڻ ـ هوشيار ڪرڻ.

ـ خَبَرْدارِيُ: ث. خبرگيري ـ نگهباني. هوشياري ـ سجاڳي ـ سُچيتائي ـ پرداخت ـ سنڀال ـ احتياط ـ چالاڪي ـ سياڻپ.

ـ خَبَرَ ڏِيَڻُ: اطلاع ڏيڻ ـ آگاهہ ڪرڻ ـ آگاهي ڏيڻ ـ ڄاڻ ڏيڻ ـ چِتائِڻ ـ حال احوال ٻڌائڻ ـ احوال ٻُڌائڻ.

ـ خَبَرَ رَسَانُ: ذ. صفت. اطلاع پهچائيندڙ ـ قاصد ـ نامبر ـ پانڌِيڙو.

ـ خَبَرَ رَکَڻُ: پتو رکڻ ـ واقفيت رکڻ ـ خيال رکڻ.

Gul Hayat Institute

- خَبَرُ گِيرُ ۽ خَبَرُ گِيرَ: ذ. صفت. خبر وٺندڙ - نگهبان - چوڪيدار - چار ي. جاسوس.

- خَبَرُ گِيرِي ۽ خَبَرُ گِيرِيُون: ث. خبر وٺڻ جي حالت. خبرداري - معلومات - جاسوسي.

- خَبَرَ لَهَڻُ: خبر وٺڻ. چڱيءَ طرح سان تپاس ڪرڻ. سيکت ڏيڻ.

- خَبَرَ نَہ هُجَڻُ: واقفيت نہ هجڻ. اطلاع نہ هجڻ.

- خَبَرَ وَٺَڻُ: حال وٺڻ - پڇڻ - دريافت ڪرڻ. معلومات ڪرڻ - سُڌ وٺڻ - سماءُ وٺڻ - واقفيت وٺڻ. جاچ ڪرڻ - ڏسڻ - نظر رکڻ - سنڀال ڪرڻ - مارڻ - ڪُٽڻ - سزا ڏيڻ - بدلو وٺڻ - مزو چکائڻ - ٺيڪ ڪرڻ - دُرست ڪرڻ.

- خَبَرَ وَڃَڻُ: اطلاع وڃڻ - نياپو وڃڻ - قاصد وڃڻ.

- خَبَرُون پَڪيءَ تي پَوَڻُ: دير ۾ نتيجو ظاهر ٿيڻ. دير ۾ سزا پوڻ.

● خَبْطُ ۽ خَبْطَ: ذ. [ع] عقل جو جنون سان گڏ هجڻ جي حالت. چريائي - ديوانگي - سوداءُ - مستي.

- خَبْطُ سَوارُ ٿِيَڻُ: اجايو ۽ بيهودو خيال ۽ وهم دل ۾ ويهڻ.

- خَبْطِي ۽ خَبْطِي: ذ. صفت. ديوانو - چريو - وهمي - پاڳل - مست - سودائي - بيوقوف - بدحواس - وهمي ڳالهين ۾ مشغول.

● خَبِيثُ ۽ خَبِيثَ: ذ. [ع. خَبُثَ = هو پليت ٿيو] پليت - پليد - ناپاڪ - نجس - گندو - بڇڙو - خراب - ڪنو. شرير - بدڪار - لُچ - بدظن. پاپي - دُشٽ - شيطان.

● خَبِيرُ: ذ. صفت. [ع. خَبَرَ = هن ڄاتو] چڱيءَ طرح خبر رکندڙ. سيکجهہ ڄاڻندڙ. خوب واقف - داناءُ. اسم خاص. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. ڄاڻهارُ - ڏسڻ ٻڌڻ وارو.

● خُتّابُ ۽ خُتّابَ: ذ. علم پڙهڻ جي جاءِ. اسڪول - مڪتب - درسگاهہ - مدرسو - پاٺشالا - وديالیہ - ڪُتّابُ.

- خُتّابِي: ذ. "ڪتابي" جي بگڙيل صورت. تعليم وٺندڙ - پڙهندڙ - شاگرد - اصولي - ڪُتّابي.

● خَتَمُ ۽ خَتَمَ: ذ. [ع. خَتَمَ = هن پورو ڪيو] انتُ - آخر - پڇاڙي - پڄاڻي - انتها - ڇيهُ - پڇڙي. صفت. پورو - مُڪمّلُ - تمام. پويون - آخرين. قرآن شريف جا ٽيهہ پارا پڙهي پورا ڪرڻ.

- خَتَمُ ٿِيَڻُ: پڇاڙي ٿيڻ - بند ٿيڻ - پورو ٿيڻ.

- خَتَمُ ڪَرَڻُ: پورو ڪرڻ - پڄائي ڪرڻ - ڇيهہ ڪرڻ - آخر ڪرڻ - انت ڪرڻ - ماري ڇڏڻ. قرآن شريف جا ٽيهہ پارا پڙهي پورا ڪرڻ.

● خَتِمُو ۽ خَتِمَا: ذ. [ع. خَتَمَ = هن پورو ڪيو] مري ويلَنُ جي رُوحن ڪي بخشش واسطي پڙهايل قرآن شريف. پُوري قرآن شريف جي تلاوت. مُئي جي حق ۾ دُعا. مُئي ماڻهوءَ جي مالي يا خيرات. فاتح خواني.

- خَتِمُو ڏِيَڻُ: مماتيءَ وارن جي حق ۾ ثواب خاطر دعا گهُرڻ. قرآن شريف پڙهي بخشڻ.

● خُتَنُ: اسم خاص. تاتار جي هڪ علائقي جو نالو. (هتان جو مُشڪ مشهور آهي).

● خَتَنْگُ ۽ خَتَنْگ: ذ. [ف] "خَدَنْگُ" جي بگڙيل صورت. گزُ - تيرُ - ٻاڻُ - سهلو - تُڪو - تُڪي. صفت. تکو - تيز - هوشيار - چالاڪ - پهلوان - جوڌو - بهادر - سورهيہ - سُورمو. جيت جو هڪ قسم (اڇي رنگ جي هڪ پکري جا روشنائيءَ تي ڪنهن ڪولي چوگرد ڦرندي نچندي آهي).

● خَتْنُو ۽ خَتْنَا: ذ. [ع. ختنه < خَتَنَ = وڍڻ (ڪنهن شيءِ کي)] مسلمانن جي هڪ رسم جنهن ۾ عضوو تناسل جو ڪولو (زياده چمڙو) وڍيو وڃي. طُهر - طهور - مسلماني - سُنت ابراهيمي.

- خَتْنُو ڪَرائِڻُ: طهر ڪرائڻ. سُنت ويهارڻ. سنت ابراهيمي ادا ڪرڻ - مسلماني ڪرڻ.

- خَجَالَتُ: ث. [ع. خَجِلَ = هو شرمندو ٿيو] شرمساري - شرمندي - حياءُ - لڄ - شرم - ڦڪائي - ندامت - پشيمالي - پڇتاءُ.

Gul Hayat Institute

● خَجَسْتَه: ذ. صفت. [ف] سعيد - سڀاڳو - مبارڪ. سڀاڳو - خوش قسمت. هڪ گل جو قسم (جنهن جو رنگ زردو ۽ وچ ڪارو ٿئي.

● خَجِل: ذ. صفت. [ع. خَجَل = هو شرمندو ٿيو] ڇڪو - شرمندو - پشيمان.

● خَچَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● خَچَرُ ۽ خَچَرَ: ذ. [س. کيچَرُ ف. اَسْتَر] جانور جو هڪ قسم (جو نر گڏه ۽ مادي گهوڙيءَ يا مادي گڏه ۽ نر گهوڙي جي ميلاپ سان پيدا ٿئي) - استر - گاڏڙ. (ث. خَچَرِ ۽ خچريون) ف. استرماديه]. اسم خاص. دادو ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

- خَچُرائُو ۽ خَچُرائا: ذ. صفت. خچر جو - خچر جهڙو - خچر وارو.

- خَچَرُهائِي: ث. گڏه پائي - بيوقوفي - مَجْهولِي - بد تميزي - اڏنگائي.

- خَچَرُخانُو ۽ خَچَرُخانا: اها جاءِ جتي هميشه ماڻهن مٿل هجي. هُل بکيڙي وارو هنڌ.

- خَچَرُڪَلو ۽ خَچَرُڪَلا: ذ. صفت. گوڙ - بکيڙو - هل - فساد - ڏَمُچَرُ - ڏمُچَڪَرُ - خچرخلو.

- خَچُرِي ۽ خَچُرِيُون: ث. [ف. استرماديه] مادي خَچَرِ.

● خُدا: [ف. خود = پاڻ + آ > آمدن = اچڻ] پاڻهي ايندڙ - خود ايندڙ ۽ موجود رهندڙ. واجب الوجود - ربّ - پروردگار - معبود - الله - خداوند - مالڪ - صاحب - آقا.

- خُدابَخْشِي!: خدا ٿل معاف ڪري! مغفرت جي هڪ دعا.

خُداتَرْسُ ۽ خُداتَرْسَ: ذ. صفت. الله تعاليٰ کان ڊڄندڙ. رحمدل - قياس وارو - ٻاجهارو - بزرگ - مؤمن.

- خُداتَرْسِي: ث. خدا جو خوف. الله جو ڊپ. ڪهل - ٻاجه - نيڪي. بزرگي - تقويٰ - پرهيزگاري.

- خُداتَعَالَيٰ: ذ. الله سائين سڀني کان بلند آهي. قادر مطلق آهي.

- خُدا تي ڇڏَڻُ: خدا تي ڀروسو ڪرڻ. توڪل ڪرڻ. خداتعاليٰ جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيڻ. خداتعاليٰ جي حوالي ڪرڻ.

- خُداتَعَالَيٰ تي ڀاڙِڻُ: توڪل تي رهڻ. خدا تي ڀروسو ڪرڻ.

- خداپرستُ ۽ خُداپَرَسْتَ: ذ. صفت. خدا کي پوڄيندڙ - عبادت ڪندڙ - عابد - مُوحدُ - زاهد - پوڄاري - ديانتدار - نيڪ نيّت - بزرگ. حق پرست. خداتعاليٰ کي يگانو ۽ لاشريڪ سمجهڻ وارو.

- خُداپَرَسْتِي: ث. رڳو خدا جي عبادت. مالڪ جي پوڄا. ڌڻيءَ جي بندگي. رحمدلي - ديانتداري - نيڪ نيّتي - بزرگي.

- خُدا جو شَانُ!: خدا جي قدرت! خدا جي حڪمت! (حيرت جي وقت استعمال ٿيندڙ جملو).

- خُدا جو قَهَرُ نَازل ٿِيَڻُ: آسماني آفت جو اچڻ. مصيبت ظاهر ٿيڻ.

- خُدا جو ڪَارِخَانُو: دنيا جو انتظام. ساري ڪائنات.

- خُدا جو گهَرُ: ذ. مسجد - عبادتگاه - ڪعبة الله - بيت الله.

- خُدا جو نَالو وَٺَڻُ: خدا کي ياد ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. نماز ادا ڪرڻ. انصاف ڪرڻ. سچ ڳالهائڻ.

- خُدا جِي پَنَاهَ!: ث. خدا ٿل پناهه ڏئي! مالڪ سائين جو سهارو! الله ٿل بچائي! مَعَاذَ الله! خداتعاليٰ ٿل رکي وٺي!

- خُدا جِي قُدْرَت: ث. خدا جي سگهه يا طاقت. خداتعاليٰ جي وڏائي. خداتعاليٰ جي بزرگي.

- خدا جي لَٺ کي آواز نہ هُئَڻُ: ڌڻي تعاليٰ جو غضب اوچتو اچي ڪڙڪڻ. ڳجهيون يا نامعلوم مصيبتون نازل ٿيڻ.

- خُدا جِي مَارَ: ث. خدا جو غضب. خدا جو ڏَمَرُ.

- خُدا جِي مَارَ پَوَڻُ: خدا جو غضب نازل ٿيڻ. اوچتي مصيبت اچڻ.

Gul Hayat Institute

- خُدا جي واسطي ڪوئو بہ نہ مارَڻُ: هميشه رڳو خود مطلبي جو ڪم ڪرڻ.
- خُدا ڄاڻي: (هڪ ڪلمو). ڪجھہ بہ نہ آهي. خدا کي خبر. مون کي ڪو پتو ڪونهي. مون کي ڪا خبر ڪانهي.
- خُدا چاهي: (هڪ ڪلمو). إنشاءَاللهُ تعالىٰ. خدا جي مرضي ٿي تہ! جيڪڏهن خداتعاليٰ گهريو تہ!
- خُدا حافِظُ: موڪلائڻ وقت دعا جو هڪ ڪلمو. خدا جي حفاظت ۾ توکي ڇڏيم. ربُ توکي بچائي- الله توهار- الوداع- في امانِ اللهِ- آسرو الله جو.
- خُدا خُدا ڪَرَڻُ: خدا جو نالو وٺڻ. عبادت ڪرڻ- ذِڪرُ ڪرڻ- الله الله ڪرڻ- توبهہ ڪرڻ- خدا جو خوف ڪرڻ- حذر ڪرڻ
"خدا خدا ڪر، مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟"
- خُدا خُدا ڪَري: ظرف. مشڪل سان. وڏي تڪليف سان. تمام ڏکيائيءَ سان. مس مس. حيلن سان. وڏي انتظار کان پوءِ.
- خُداداد: ذ. صفت. خدا جو ڏنل. الٰهي نعمت. خدا جي ڏات.
- خدارا: ظرف. خدا جي نالي. خدا جي واسطي. خدا ڪارڻ.
- خُدا رَسِيدَهُ: ذ. صفت. الله کي پهتل يا ويجهو. الله وارو- پرهيزگار- ولي- پهتل- نيڪ- درويش.
- خُدا رَکي: خداتعاليٰ شل پناهہ ڏئي! ڌڻي تعاليٰ بچائي "خُدا رکي تہ ڪير چکي."
- خُدا سان ڪَمُ پَوَڻُ: خداتعاليٰ وٽ حساب ڪتاب ٿيڻ. خداتعاليٰ جي قبضہ قدرت ۾ اچڻ يعني مرڻ کان پوءِ ضرور ان جي اڳيان حاضر ٿيڻ.
ڪنايتہ: ڀاسو ڪرڻ. زيادتي نہ ڪرڻ. سچ چوڻ.
- خُدا سان لَنئُون لَڳَڻُ: خدا سان ڌيان لڳڻ. خدا ڏانهن مُتَوَجہ ٿيڻ. هروقت خداتعاليٰ کي ياد ڪندو رهڻ.
- خُدا سان مِلَڻ: فوت ٿيڻ. مري وڃڻ.

- خُدا سمجهي: خدا انهيءَ جو بدلو وٺي (مون کي بدلي وٺڻ جي طاقت ڪانهي).
- خُداشَناسُ: ذ. صفت. خدا کي ڄاڻڻ وارو. الله وارو- معرفت وارو- ڄاڻ سڃاڻ وارو- اللهلوڪ- بزرگ- درويش- نيڪ- پارسا- عارِفُ بِاللهِ.
- خُدا ڪَري: شل ائين ٿئي!
- خُدا کان ڊِڄَڻُ: خدا جو خوف ڪرڻ.
ڪِنايتہ: ڪوڙ نہ ڳالهائڻ. ظلم نہ ڪرڻ.
- خُدا کي مَڃَڻُ: خدا کي برحق سمجهڻ.
- خُدا کي يادِ ڪَرَڻُ: هروقت خدا کي سوال ڪرڻ. خدا کان مدد گهُرڻ. خدا جي مدد ۽ رحمت ۾ اميدوار هجڻ. خدا کي حاضر ناظر ڄاڻڻ.
- خُدا لَڳِي چَوَڻُ: انصاف جي ڳالهہ ڪرڻ. سچ چوڻ. ڪنهن جو پاسو نہ وٺڻ.
- خُدا نَہ خَواستہ: ظرف. خدا نہ ڪري! ائين نہ ٿئي! شل خدا ائين نہ ڪري!
- خُدا وَٽِ وَڃَڻُ: مرڻ- وفات ڪرڻ- انتقال ڪرڻ.
- خُداوَنْدُ: [ف. خُدا+ وند = ڌڻي] صاحب- مالڪ- آقا- آڳو- ڌڻي- سائين.
- خُداوَنْدِ عالَمُ: ذ. جهان جو مالڪ. دنيا جو بادشاهہ.
- خُداوَنْدِ نِعمَت: ذ. نعمتن جو مالڪ- نعمتون بخشيندڙ- مهر ڪندڙ- خدا- ٻاجهارو- مهربان.
- خُدائِي: خدا جي حڪومت- خدا جي صاحبي- اُلوهِيَّت- خداوندي- خَلْقَت- دنيا- جهان- سنسار- شانُ- عَظْمت. ذ. صفت خداتعاليٰ جو. خداتعاليٰ جي طرف کان.
- خُدائِيءَ جِي دَعْوِيٰ ڪَرَڻُ: پاڻ کي خدا سڏائڻ- غرور ڪرڻ- تڪبّر ڪرڻ- وڏائي ڪرڻ.
- خُدائِي چِپَ: قهر اِلاهي- الله جو غضب.
- خُدايا: حرف ندا. اي خدا! ياإلاهي! ياالله!
- خُدا يادِ اچَڻُ: مصيبت ۾ گرفتار ٿيڻ وقت خدا کي ياد ڪرڻ ۽ ٻاڏائڻ.

Gul Hayat Institute

● خُدَاآبَادُ: اسم خاص. دادو ضلعي ۾ هڪ جهوني شهر جو نالو (جو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو تختگاهه هو ۽ سن ١٧٥٩ع ۾ ميان محمد مراد ياب خان جي ڏينهن ۾ ڪوسن ڏاڙيلن جي ٻاهه ڏيئي ڪري ويران ٿي ويو). تعلقي دادو ۽ تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● خُدَاآبَادُ (نَئُون): اسم خاص. هالا نوان کان ڪوهه پنڌ تي هڪ جهوني شهر جو نالو (جو ميان سرفرازخان ڪلهوڙي سن ١٧٧٢ع ۾ ٻڌايو ۽ ١٨٨٨ع تائين سنڌ جي گادي جو هنڌ رهيو).

● خُدادائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

● خُدائِيَ ۽ خُدائِيئُونُ (ت): ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم جيڪو ڪارڪ منجهان ازخود پيدا ٿي پوي. آهي ٻوٽي جيڪا جهنگ ۾ ازخود پيدا ٿئي. خودرَو (پاڻهين آيرندڙ). ڪٽڪ جو هڪ قسم (داڻو ننڍو ۽ ٿلهو ٿئي).

● خَدُشو ۽ خَدُشَا: ذ. صفت. [ف. خَدُشَہ = خطرو] انديشو- فڪر- ڊپ- ڊاءُ- ڀؤ- ڊڄ- خوف- خطرو. ويچار- خيال- چنتا- ڳڻتي. شڪ- گمان- ڪٽڪو- شبهه- انومان- آلڪو- آڌڪو. ڏ قيئڙ- فساد- لُڙ- جهيڙو.

● خِدُمَت ۽ خِدُمَتُون: ث. [ع. خَدَمَ = هن ڪم ڪيو] نوڪري- ملازمت- پورهيو- ڪم- ڪار- ڪاج- چاڪري- ٽهل- سيوا- شيوا- پيلپَ- نفري- ڪمائي- مشغولي- خدمت.

- خِدُمَاتِ: ث. خدمت جو جمع. ڪارناما- نُمايان ڪمَ- وڏي اهميت وارا ڪم- آهمَ ڪارگذاريون- تعريف جوڳا ڪم.

- خِدُمَت ڪَرَڻُ: ٽهل ڪرڻ- چاڪري ڪرڻ- شيوا ڪرڻ- نوڪري ڪرڻ يا ڏيڻ.

- خِدُمَتگَارُ ۽ خِدُمَتگَارَ: ذ. صفت. ملازم- نوڪر- چاڪر- ٽهليو- سيوڪ- شيوڪ- ٻانهو يا ٻيلي تي گذارڻ وارو.

- خِدُمَتگَارِي ۽ خِدُمَتگَارِيُون: ث. خدمت- پورهيو- ٽهل- شيوا.

- خِدُمَتگُذَارُ ۽ خِدُمَتگُذَارَ: ذ. صفت. خدمت چاڪري ڪرڻ وارو- خادم- نوڪر- ٽهليو- سيوڪ- شيوڪ- چاڪرُ.

- خِدُمَتِي ۽ خِدُمَتِيُ: ذ. صفت. خدمت ڪندڙ ٽهليو- شيوڪ- نوڪر- چاڪرُ.

● خِدُمَتگَارُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾).

● خَدَنگُ ۽ خَدَنگَ: ذ. [ف] هڪ وڻ جو نالو (جنهن جي ڪاٺي مضبوط ٿئي ۽ اڪثر انهيءَ مان تير ٺهن). مجازي معنيٰ: تير- ننڍو تير- خَدَنگُ.

● خَدُوُ (ڪَدُوُ): ذ. [خدابخش جي بگڙيل صورت] تاس جي پٽن جي هڪ رنگ جو نالو- ڪارو. زمين کوٽڻ جو هڪ اوزار- ڪوڏر.

● خَدِيجَہ: اسم خاص. [ع] نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پهرين بيبي- خَدِيجَةُ الڪُبْرٰي (بيبي صاحبه جن بيوه جي حالت ۾ حضورجن سان نڪاح ڪيو هو ۽ هجرت کان ٽي سال اڳ ۾ وفات ڪئي).

● خَدِيُو: اسم خاص. [ف] بادشاهه- حاڪم. مالڪ- آقا. مصر جي بادشاهه جو لقب.

● خِدُمَت: "خدمت" جي بگڙيل صورت.

● خَرُ ۽ خَرَ: ذ. [سن. کَرُ. ف. خَرُ = گڏهه] جانور جو هڪ قسم- گَدَهُ- گَرَ. صفت. بيوقوف- احمق- نادان- جاهل. خراب ماڻهو- لُچ- بدمعاش- حرامي. ڪَرَ يَل- ڪمينو. دشمن- رقيب. وڏو جيئن: خرسنگ= وڏو پٿر. خَرمگَس= وڏي مک وغيره."

- خَرُ بَنِيجَڻُ: بيوقوف ٿيڻ. بي عقل ٿيڻ.

- خَرُ دَجّالُ: ذ. دجال جي سواريءَ جو گڏهه. روايت آهي ته آخر زماني ۾ دجال نالي هڪ شخص گڏهه تي سوار ٿي ايندو. ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ايندو.

Gul Hayat Institute

- خَرُدِ مَاغُ يا خَرُدِ مَاغَ: ذ. صفت. بد دماغ - گُند ذهن - بي وقوف - جاهل - مغرور - گهمنڊي - هٺيلو - ضِدّي - جاهل.

- خَرُدِ مَاغِيُ: ث. بي عقلي - بد دماغي - گند ذهني. هَٺ - وڏائي - تڪبُّر.

- خَرُڪَارُ: خَرڪار ڪئمپ.

- خَرُمَسُتُ يا خَرُمَسُتَ: ذ. صفت. نٽر - هوڏي - ضدي - ڪُند ذهن - ڏڏُ. بد مست - بي پرواهه - بي عقل - بي وقوف.

- خَرُمَسُتِيُ: ث. گڏهه جهڙي مستي - بد چالي - ڪُلچٽائي - شرارت بد معاشي.

- خرُمَغَزُ يا خَرُمَغَزَ: ذ. صفت. گڏهه جي مغز جهڙو - احمق - ڪُند فهم - ڏَڏُ - توائي - ديوانو. فسادي - نِٽرُ - بي وقوف.

● خَرِ: ذ. (آواز) گڏهه کي هڪلڻ جو آواز.

● خَرَابُ يا خَرَابَ: ذ. صفت. [ع. خَرِبَ = هو تباهه ٿيو] ڪِنو - بڇڙو - گندو - بَدَ - بُرو - مَدو - عيبدار - بد زيب - ردّي - وِيَلُ - نِڪمو - ڪوجهو - ناپاڪ - اپوتر - پليت - پليد - قبيح - ويران - تباهه - برباد - ڦِٽل - ڏُف - ڊِٺَلُ - خَسُتَہ - ضايع - چٽ - ناسُ - اُجڙُ.

- خَرَابَاتِ: "خَرَابُ" جو جمع. خرابيون - بڇڙائِيُون - بد عادتون - خراب ڪم. شراب خانو - گتو - ڪلال خانو. فاحش ڪاريءَ جو اڏو. جُواخانو.

- خَرَابَاتِيُ يا خَرَابَاتِيُ: ذ. صفت. شرابي - پِنگي (پِنگ پيئڻ وارو). نَشئي - موالي - جُواري - بد چال.

- خَرَابُ ٿِيَڻُ: بڇڙو ٿيڻ. ڪِنو ٿيڻ. گندو ٿيڻ. برباد ٿيڻ. اُجڙ ٿيڻ. بِگڙڻ. آواره ٿيڻ. بد چال ٿيڻ. ڪري پوڻ.

- خَرَاب حَالُ يا خَرَابَ حَالَ: ذ. صفت. بڇڙيءَ حالت ۾. ابترحال - پريشان حال - بد حال.

- خَرَابُ خَسُتَہ: ذ. صفت. [ف. خَسُتَہ = اُجڙيل] سُڃو - برباد - اُجڙيل - ناسُ - ويران - اُداس - پريشان.

- خَرَابُ ڪَرَڻُ: ڪِنو ڪرڻ - بڇڙو ڪرڻ - گندو ڪرڻ - بگاڙڻ - نڪمو ڪرڻ - برباد ڪرڻ - تباهه ڪرڻ - ڦِٽائڻ - ڪارڻ. حيران ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - زنا ڪرڻ - حرام ڪرڻ - بد فعلي ڪرڻ.

- خَرَابو يا خَرَابَا: ذ. گَنُدُ - ڪِنُ - ڪِچرو - بگاڙو - ڦِٽاءُ - ڪوٽ - ڪوڙُ - ويرانو - اُجڙيل گهر - بَڇِٽِ - اوبر - جُوٺِ.

- خَرَابُ هُجَڻُ: بڇڙو هجڻ - گندو هجڻ. برباد هجڻ. نڪمو هجڻ. حيران هجڻ. پريشان هجڻ. ڪنهن سان بد فعل هجڻ. بد چال هجڻ. آواره هجڻ. ويران هجڻ.

- خَرَابيُ يا خَرَابِيُونُ: ث. بڇڙائي - گندائي - گندگي - قباحت - ڪِنائي - ميرائي - بُرائي - بَدي. اوگڻ - بربادي - تباهي - نابودي - بگيڙو - نقصان - زيان - وِناءُ - بد نامي - فنا - پائمالي - گهاتَ - بيهودگي - ڪميٽپ.

- خَرابيءَ ۾ پَوڻُ: بڇڙائيءَ ۾ منهن وجهڻ. مصيبت ۾ پوڻ. تڪليف ۾ پوڻ.

- خَرَابِيءَ ۾ وِجهَڻُ: بڇڙائيءَ ۾ وجهڻ. مصيبت ۾ وجهڻ. تڪليف ۾ وجهڻ.

● خَرَاجُ: ذ. [ع. خَرَجَ = هو نڪتو] ملڪ جي آمدني - ڏَنُ - ڍَلَ - محصول - ناڪو - چُنگي - مالگذاري - ٽئڪس - ڊيوٽي - رائِرُ - سُنگُ - رڪبُ - نُول - ڏانُ.

- خَرَاجُ گُذارُ: ذ. ڍل ڀريندڙ - ڏن ڀَرُو.

- خَرَاجِيُ: ذ. صفت. ڏن ڀريندڙ. ڍل ڀريندڙ. محصول ڏيندڙ.

● خَرَارُ يا خَرَارَ: ذ. [ف. خَرُوار = گڏهه جي کڻڻ جيترو بارُ] اناج جو هڪ ماپو. سَٽِ ڪاسَنِ جو هڪ ماڻُ (جوئر جو ۲۲ مڻ، باجهريءَ جو ۲۰ مڻ ۽ ڪڻڪ جو ۲۰ مڻ ماپو) - خرازُ.

- خَرَازُ يا خَرَازَ: ذ. خرار.

● خُرَاسَانُ: اسم خاص. ملڪ جو نالو (فارس ۽ عراق جي اپرندي ۾ آهي).

Gul Hayat Institute

- خُراسانِي ع خُراسانِي: ذ. صفت. خراسان جو. خراسان وارو. گڏھ جو ھڪ قسم.

● خراش ع خراشون: ث. [ع. خرش = ھن رھڙ ڏنی] ننھن يا ڪنڊي جي رھڙ جو نشان. رھڙ - رَھنڊ - ڇِل - ڪُنجلي - ڇلڪو.

● خُرافات: ث. [ع. خرف = ھن بڪ ڪئي] جمع 'خُرافت' جو. واھيات ڳالھيون - بڪواس. ڪِلڻ جھڙيون ڳالھيون - ڪِل مسخري - ٺٺول - ڪارگند.

- خُرافات بَڪَڻ: واھيات ڳالھيون ڪرڻ. بڪواس ڪرڻ. ڪِل جھڙيون ڳالھيون ڪرڻ. مسخري ڪرڻ.

● خِرام: ذ. ف. ناز نخري واري نازڪ ھلڻي. ڍار سان ھلڻي. لوڏ سان ھلت. نازڪ چال - ٺور - لوڏ - ڏنڪ - ٺپيلارو.

- خِرامان: ذ. صفت. ناز نخري سان ھلندڙ. خوش رفتار.

- خرامان خرامان ھلڻ: ناز نخري سان ھلڻ. ٺلند و ٺلند و ھلڻ.

- خِرانٽ ع خِرانٽ: ذ. صفت. [ھندي. ڪرانت = پوڙھو] پوڙھو - جھونو - آزمودگار - عاقل - دانا - رُونٽڙو - رُونٽو.

● خربوزو ع خربوزا: ذ. [ف. خربزه، خر = وڏو + بزه = مِٺو ۽ سُرھو ميوو] ھڪ ڦل جو قسم. گدرو - خربزه - خربوزه. گھوڙي جي وارن مان نھيل جاري.

● خرج ع خرجون: ث. [ھندي. ڪرج = آواز جي ٻاڙ يعني آواز جي نڪرڻ جو ھنڌ] مخرج.

● خرجين ع خرجينون: ث. [ف. خرزين] گھوڙي جي ھنيءَ تي بار ڪڻڻ جو ٻه مُنھون ڳوٿرو - ڪڙيو - ڪرمڻ - ڪرجين - زنبيل.

● خرچنگ ع خرچنگ: ذ. [ف. خرچنگ = سيانٽو] پاڻيءَ جي ھڪ جيت جو قسم. پاڻيءَ واتڙو (ت). ڪيڪڙو - ڪيڪڙو - سيانٽو - سرطان. ٻوٽيءَ جو ھڪ قسم. آسماني ٻارھن برجن مان ھڪ برج جو نالو.

● خرچڻ: مصدر. خرچ ڪرڻ. صرف ڪرڻ. کپائڻ - کاٻو ڪرڻ. استعمال ڪرڻ. ڪتب آڻڻ. ڪم آڻڻ. واپرائڻ.

- خرچ ع خرچ: ذ. روانگي (پئسي وغيره جي). خرچ ڪيل رقم - کاٻو - کاٻارو - لاڳت - ڪپت - واصل - پوتو. ھرج - نقصان - جوکم. پئسا - ڏوڪڙ.

- خرچائُو ع خرچائُو: ذ. صفت. اجايو خرچ ڪندڙ - گھڻو خرچ ڪندڙ - گھڻ خرچائو - آڏائيندڙ (پئسو). درياه دل - سخي - ھٿ ڦاڙ.

- خرچ ٿيڻ: کپڻ صرف ٿيڻ - ڪم اچڻ - واپرائجڻ.

- خرچ پکو ع خرچ پکا: ذ. روزمره جي ڏيتي ليتي. خرچ ٿيل رقم. کاڌي پيتي لاءِ موڙي. گھر جي کاٻي لاءِ گھربيل رقم. گذران جي پورت. سيڌو - سامان - سمر - توشو - رسد.

- خرچ ڏيڻ: گھر جي خرچ پکي لاءِ پئسا ڏيڻ. مزوري ڏيڻ. خرچ ڪيل رقم ادا ڪرڻ.

- خرچ ڪرڻ: ڪنھن شيءِ جي خريداري ڪري ان جي عوض پئسا ڏيڻ. کاٻو ڪرڻ - کپائڻ - ڪم آڻڻ - ڪتب آڻڻ.

- خرچ کاٻار ع خرچ کاٻار: ذ. گھرءِ جانورن جي کاڌي جو خرچ - خرچ پکو.

- خرچ ۾ وجھڻ: وڏي ضرورت جي پورائيءَ لاءِ. پئسا خرچ ڪرائڻ. وڏيڪ خرچ ڪرائڻ.

- خرچيڻو ع خرچيڻا (ت): ذ. گھوٽيتن طرفان ڪنواريتن کي مھر طور ڏنل رقم.

- خرچي ع خرچيون: ث. ٿورڙي خرچ لاءِ ڏنل پئسا. ڪنھن ٻار کي (خرچڻ لاءِ) ڏنل ٿورا پئسا. انعام - عطيو. محنت مزوري ڪرڻ کان سواءِ مليل رقم.

● خرخر: ذ. (آواز) گڏھ کي ھڪلڻ جو آواز. ٻليءَ جو ننڊ ۾ آواز.

● خُرخُر: ذ. (آواز) کونگھرو - گھوگھرو.

● خرخرو ع خرخرا: ذ. [ف. خرخره] گھوڙي جي ٻھڻ صاف ڪرڻ جو اوزار. ڪرڪرو. سنڌي سڪل تور مان ٺاھيو آھي.

Gul Hayat Institute

● خَرُخَسو ۽ خَرُخَسا: ذ. [ف. خرُخَشَہُ = دنگو - فساد] جهيڙو - جهڳڙو - فساد - وڳوڙ - مانڌاڻ - هنبس - ڌُتڙ - ماچانسگ - هُل - گوڙ - راماٽو - مَمڻ - ڏَمچر - بکيڙو - هنگامو - حشر - هُلڙ - غلغلو - ڪيت پيت - خرخشو.

- خرخشو ۽ خرخشا: ذ. ڏسو "خَرُخَسو."

● خِرَدُ: ث. [ف] عقل - دانائي - سياڻپ - ڏاهپ - فهم - شعور - سمجهہ - ذهن - دماغ.

- خِرَدمَنْدُ: سياڻو - داناءُ - ڏاهو - عقلمند - دانشور - سمجهدار.

- خِردمَنْدِي: ث. دانائي - دانشمندي - ڏاهپ - سياڻپ - عقلمندي - هوشياري.

● خُرُدُ: ذ. صفت. [ف] ننڍو - ڇوٽو - ذرو - گهٽ - ٿورو. ڪم عمر.

- خُرُدُبِيْنُ ۽ خُرُدُبِيْنَ: ذ. صفت. ننڍي شيءِ کي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار - خرد بِيْنِي.

- خُرُدُبِيْنِيُ ۽ خُرُدُبِيْنِيُونُ: ڏسو "خردبين."

- خُرُدُسَالُ: ذ. صفت. ننڍي عمر جو. ڪم عمر - طفل - ٻارُ - ٻچو.

- خُرُدُسَالِيُ: ننڍپڻ - ٻالپڻ - ڪم سني.

- خُرُدَمُ ۽ خُرُدَمَ: ذ. [ف] تارن جو مڙهيل. لوهہ يا چم جو چيلهہ ۾ ٻڌڻ جو پٽو. ڇوڙي جو لڪڻ - دُرو - هنٽر - ڪُڙدم.

● خُرُدو ۽ خُرُدَا: ذ. [ف. خُرُدَہُ = ڪابہ ننڍڙي شيءِ] ننڍو - سڪو - ريزو - ريجو - ڪچرو - سَتَ.

● خُرُدَہُ: ذ. [ف] ڪابہ ننڍي شيءِ - ٽڪرو - ريجو - ريزو - ريزگاري. نڪتو - عيب - وڌ.

- خُرُدَہ بِيْنُ: ذ. صفت. بُرائي ڏسندڙ ۽ ڪڍندڙ. عيب جُو.

- خُرُدَہُ فِرُوشُ ۽ خُرُدَہُ فِرُوشَ: ذ. صفت. ريزڪي وڪڻندڙ - گهورڙيو.

- خُرُدَہُ گِيْرِي ۽ خُرُدَہُ گِيْرِيُون: ث. عيب گيري - عيب جوئي - نڪتہ چيني.

● خُرُزِيْنَ ۽ خُرُزِيْنُون: [ف. خُرُزِيْنَ = گڏهہ جو سنج] ڇوڙي يا ڏاس مان ٺهيل ٻہ منهين ڳوٿري (جا ڪنهن بہ وهٽ جي پٺيءَ تي سامان کڻڻ لاءِ استعمال ڪجي). کڙيو - هَرُتيِرُ - کرمڻ - کُرُجِيْنَ.

● خُرُسَنْدُ: ذ. [ف] خوش - راضي - شاد مان. ڪفايت ڪندڙ - ڪفايتي.

- خُرُسَنْدِيُ: خوشي - رضامندو - قناعت.

● خَرُسَنُ ۽ خَرُسَنَ (ت): ذ. ڪَنڊن واري ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جو خارش سبب پاٽيءَ ۾ ٺهڪائي وِهنجي).

● خُرُشِيْدُ (خورشيد): ذ. [ف] سج - سوريہ - سورج - آفتاب.

● خِرُصُ: ذ. [ع. خَرَصَ = هن ڪوڙ ڳالهايو] ڪوڙ - بدوڙ - جوٽ - دروغ. ڪوڙي راءِ - ڪوڙو قياس - ڪوڙو خيال - ڪوڙي رٿَ - اٽڪل - تَڪَ - ڏُڪو. شَڪُ - الومان - ٿَلَ - ڪُوڙو.

● خُرُطُومُ ۽ خَرَاطِيْمُ: ذ. [ع] هاٿيءَ جي سُونڊِ.

● خَرُقُ: ذ. [ع. خَرَقَ = هُن ڦاڙيو] ڦاڙُ - چيرُ - ڏارُ.

- خَرُقِ عَادَتَ: قدرت ۽ عادت جي قانون جي خلاف عجيب ڳالهہ. ڪنهن وليءَ جي ڪرامت. معجزو.

- خَرُقو ۽ خَرُقَا: ذ. [ع. خَرُقِيَہُ > خَرَقَ = هن ڦاڙيو] ٽڪڙي - چتي - پيوند - پراڻو - چتين پيل چولو - گودڙي. فقيرن جو لباس. مرشد ڪان مريد کي تبرڪ طور مليل جُبو.

- خَرُقہ پوشُ: ذ. صفت. ڦاٽل يا چتيون لڳل ڪپڙن وارو - درويش - فقير. الله لوڪ. صوفي.

● خَرُڪِيُ ۽ خَرُڪِيُونُ: ث. (آواز) اها کنگهہ جنهن ۾ ڪانگهارو ٻاهر نہ نڪري ۽ رڳو اڙيءَ مان زُوڪٽ نڪرن. نڙيءَ جو آواز. نڙيءَ ۾ کڙڪو. گهُرڪي (موت جي). گهُرٽو - کرڙاٽ (نڙيءَ جو).

● خَرُگَاھُ: ذ. [ف. خَرُ = وڏو + گاهہ = هنڌ] تمام وڏو تنبو. شاهي خيمو. تمام وڏو مڪان يا جاءِ - محل. هلڪڙو تنبو - رانٽي.

Gul Hayat Institute

● خَرُگوشُ ۽ خَرُگوشَ: ذ. [ف. خَرُ= وڏو، گڏه + گوشُ = ڪَنَ] وڏن ڪنن واري (جانور) جو هڪ قسم- گڏه جي ڪنن جهڙو (جانور) - سهو- سيهڙ (سِيهَڙ).

● خُرَّمُ: ذ. صفت. [ف] خوش - سرهو- شاد - لهال- راضي- پرسن- شاد مان. طبيعت ۾ خوش يا ٺيڪ- نِيرو- جوڙ- توانو- تند رست. آسود و- بختاور- بخت وارو- سياڳو- سرسبز- شاداب- تازو- آباد.

- خُرَّمِيُ: ث. خوشي - سراهي - سرهائي - شاد ماني.

● خِرُمَنُ: ذ. صفت. [ف. خِرُ= وڏو + من = ڍڳ].

- خِرُمَنُ ماهُ: ذ. چنڊ جو گهيرو- پيڙُ- حَلقو- هالو.

● خُرُمُو ۽ خُرُما: ذ. [ف] ڪارڪ جو هڪ قسم- کجي- چُوهارو- ڪارڪ- کجور- پاڻ ۾ مليل سُڪل ڪارڪون- ڪَتَلَ- ڪَرُمو- کجيءَ جو هڪ قسم (ت) مناٺيءَ جو هڪ قسم.

● خَرُموشُ ۽ خَرُموشَ (ت): ذ. تمام پوڙهو آڻ.

● خَرُمُهْرَهُ: ث. [ف. خَرُ= وڏو + مهره = ڪوڏي] وڏي ڪوڏي - وڏو ڪوڏ - سنکُ - لاقوس.

● خَرُنُ: ث. رازن جو اصطلاح. اوساريءَ جو هڪ قسم.

● خَرُوارُ ۽ خَرُوارَ: ذ. صفت. [ف. خَرُ = گڏه + وار= بار] گڏه جي مس کڻڻ جيترو بار. ان" ماپي جو هڪ قسم- سَٺ ڪاسا- خَرار- ويه من تور ان". ڏسو "خَرارُ".

● خَرُوَنبيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو افغانن جو هڪ قبيلو).

● خُرُوَجُ: ذ. [ع. خَرَجَ = هولڪتو] نيڪال- ٻاهر نڪرڻ- لڪري اروار ٿيڻ. حملو- بغاوت- شورش- فتنو- باغي ٿيڻ جي حالت. علم عروض موجب اهو لفظ جو نظم ۾ وصل ڪان پوءِ اچي.

● خُرُوسُ: ذ. [ف] ٻاليل پکيءَ جو هڪ قسم- ڪُڪُڙُ.

- خُرُوسِ عَرُشُ: ذ. صبح ٿيڻ ڪان اڳ آواز ڪندڙ پکي.

● خَرُوشُ: ذ. [ف] آواز- شور- غل- هَنبُس- لُڙُ- هُل- راماڻو- ڏَمچر- حَشر- هنگامو- هلڙ- ماچانگ- ممڻ- غلغلو. دنگو- فساد- بکيڙو- دانهن- فرياد- پُڪار. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن: "جوش و خروش" وغيره.

● خِرِيبُ ۽ خِرِيبَ: ذ. ['فريب' جي بگڙيل صورت] فريب- ٺڳي- دولاب- دغا- چَلَ- ترڪٽ- ڪُپٽ- ڪوٽ- گهات- مڪر- ڏوڪو- دوکو. اٽڪل- چالاڪي- تجويز- ڪُڏتِ- رمز. لَبُ.

- خِرِيبِيُ ۽ خِرِيبِيُ: ذ. صفت. فريب ڪندڙ- ٺڳ- ترپناڪ- ڪُپٽي. ٽيٽالي. بد معاش- لُچُ- لُفنگو.

● خَرِيدَڻُ: مصدر. [ف] خريد ڪرڻ- ناڻي وٺڻ- مُلهه وٺڻ- سودڻ- ڳِنهڻ- وٺڻ- وِهاڻڻ.

- خَرِيدَ ۽ خَرِيدُونُ: ث. مُلهه ڏيئي ڪا شيءِ وٺڻ جي حالت- ڳِنهپ- خريدي- سودو- وڻج. اگهه- مُلهه.

- خَرِيدَارُ ۽ خَرِيدَارَ: ذ. صفت. خريداري ڪندڙ- ڳِنهندڙ- وٺندڙ- مُلهه وٺندڙ- گِراڪ- گراهڪ. واپاري- وڻجارو- تجارتي- سوداگر. خواهان- چاهيندڙ- طالبو.

- خَرِيدَارِيُ ۽ خَرِيدَارِيُونُ: ث. وٺڻ جي حالت- خريد ڪرڻ جي حالت- گِراڪي- وڪرو.

- خَرِيدُ فِروخَتُ: ث. مال جي ڏي وٺ- وڪرو ۽ خريداري- ڏيتي ليتي (مال جي)- واپار- سودو- ڏنڌو- تجارت- وڻج- سوداگري.

- خَرِيدُ فِروخَتُ ڪرڻ: ث. واپار جي شين مان ڪي وڪڻڻ ۽ وٺڻ.

- خَرِيدُ ڪَرَڻُ: مُلهه ڳِنهڻ- خريدڻ- سودڻ.

Gul Hayat Institute

- خَرِيْد وَ فِروخَت: ث. خريد فروخت - ڏيتي ليتي.

- خَرِيْدي: ث. خريد - خريداري. مُلهه - اگهه - نرخ. قيمت - ناڻو. صفت. واپار ڪيل - ورتل - ڳنهيل - ڳِڌل.

● خَرِيْطو ج خَرِيْطا: ذ. [ع] ننڍو ڳوٿرو - ٿيلهي - ڳوٿري. زمين جو نقشو.

● خَرِيْفُ ج خَرِيْفَ: ذ. [ع. خَرَفَ = هُن سرءُ جي موسم ۾ وڻ مان ميوو ڪٽيو ڪيو] هڪ موسم جو نالو - خزان - سرءُ. سانوڻيءَ جي فصل جي مُند - سرءُ جو فصل - خزان جو فصل - سانوڻيءَ جو فصل. ڪتي.

● خِزانُ: ث - ذ. [ف] سرءُ - هڪ موسم جو نالو - وڻن مان پنن ڇڻڻ جي موسم (آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر مهينا). بي رونقي - زوال - تباهي - بربادي.

- خِزانُ اچڻُ: بربادي ٿيڻ - بهاريءَ جو ختم ٿيڻ - ويراني اچڻ.

- خِزانُ ٿيِ وَڃڻُ: خراب ٿيڻ - تباهه ٿيڻ - ويران ٿي وڃڻ.

● خَزانو ج خَزانا: ذ. [ع. خَزَنَ = هُن ڪٺو ڪيو] سون، چاندي وغيره گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ - گنج. ناڻو - ملڪيت - ڌن. دليا - مايا - سرمايو - ڏوڪڙ - دولت - ذخيرو. گودام - انبار - توشاخانو. سرڪاري پيسا حفاظت سان رکڻ جي جاءِ - بئنڪ - خزاني آفيس. قُل يا توبي (چلم يا حقي جي) ۾ تماڪ ۽ چغل وڪڻ جي جاءِ (ت). اسم خاص تعلقي مجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- خَزانچي ج خَزانچِي: ذ. صفت. خزاني جو ڪُنجي دار - خزانو رکندڙ - خزاني جي سنڀال ڪندڙ - خزاني وارو - پنڊاري - اڪائونٽنٽ - خازِنُ.

- خَزانيِ دارُ ج خَزانيِ دارَ: ذ. صفت. خزانچي.

● خَزانَہ بَنْدُ: اسم خاص. بلوچستان ۾ "بارشو" وٽ هڪ جهونو دڙو. (۱۹۱۳ع ۾ راءِ صاحب ديوان جمعيت راءِ کي، جو رياست قلات جو بالا عملدار هو، جتان هڪڙي تصوير هٿ لڳي، جنهن تي هڪڙي هاٿيءَ جي پالڪي ۽ فيل بان سميت شڪل نڪتل هئي).

● خَزَرْجُ: اسم خاص. [ع] عربستان جي هڪ قبيلي جو نالو.

● خَزِيْمَہ: اسم خاص. بلوچستان جي جهلاوان علائقي جو هڪ ڳوٺ (جتان غزنوي تاجدارن جي زماني جا ڪي سِڪا هٿ لڳا آهن).

● خَزِيْنو ج خَزِيْنا: ذ. [ع. خزانہ] خزانو.

● خَسُ: ذ. [ف] سُڪل گاهه - ڪَکَ - ڪانا.

- خَسُ ٿيڻُ (ت): جُونُر جو انُ (جو مرض سبب سنگ ۾ مارجي وڃي).

- خَسُ وخاشاڪ: ذ. ڪک ڪانا - گاهه ڳند - ڪِن ڪچرو. ٻُهر. اجائي مجائي ڳالهه.

● خَسارو ج خَسارا: ذ. [ع. خَسِرَ = هن گهاٽو پاتو] نقصان - گهاٽو - ٽوٽو - ڇيهو - زيان - ضرر.

- خَسارو پَوَڻُ: ٽوٽو پوڻ - نقصان پوڻ - حرج پوڻ - گهاٽو پوڻ.

● خَسْتو (خَسْتہ): ذ. صفت. [ف. خَسْتَن = زخمي ڪرڻ] ڏکويل - ستايل - رنجور - رنجايل - عاجز. مايُوس - نااُميد - بيزار - ڪِڪِ - خَفي - ڪاوڙايل - چيڙايل - ڏمرايل. هيڻو - اپرو - ڏُبرو - زخمي - گهايل - عاشق - بيمار - مُفلس - تنگه ست.

- خَسْتائِي ج خَسْتائيُون: ث. ڏک - رنج. ڳِٽي - ڪپت - ڪجائي. ڪاوڙ - ڏمرُ - چِڙَ. خرابي - بيماري - مُفلسي.

- خَسْتگِي ج خَسْتگِيُون: ث. زخمي ٿيڻ جي حالت - گهائلي. دلگيري - مايوسي - رنجيدگي - اُداسي - پريشاني - ڏُک - ارمان - غم. ناراضپو. مُفلسي - تنگدستي.

● خَسْتُورِي ج خَسْتُورِيُون: ث. خوشبودار وکر جو هڪ قسم (جو ڇيو وڃي ٿو تہ هرڻ جي دُن مان نڪري ٿو) - ڪستوري - ڪٿوري - مُشْڪَ.

Gul Hayat Institute

● خَسۡتَہ: ذ. صفت. [ف. خَسۡتَن = زخمي ٿيڻ - زخمي ڪرڻ] زخمي - گهايل - دلگير - ڏکويل. رنجيده - رنجور - ٿاڪئون - ٿڪل - ٿڪل. بدحال - پريشان - تنگدست - ذليل - خاموش - بيمار - نادار - مفلس.

- خَسۡتَہ حَالُ ۽ خَسۡتَہ حَالَ: ذ. صفت. خراب حال - بدحال - پريشان حال. ڏُکويل - رنجايل - ڀيڙيل - دل شڪسته - ناخوش - رنجيده خاطر - آزرده دل.

- خَسۡتَہ دِل: ذ. صفت. رنجيده دل - دل شڪسته - پريشان حال وارو - ٻُري حال وارو.

● خَسُ خَسُ: ث. [من. ڪَسُ ڪَسُ. ف. خشخاش] ٻارڪي وڪر جو هڪ قسم - پوسُت جي ڏوڏيءَ جي ڪڻ يا ٻج - ڪس ڪس - پوسُت ڪڻ. ڪجيءَ جي ڪاٻر جهڙيون سنهيون تندون (جن مان جاءِ کي ٿڌي رکڻ لاءِ پڙدون ٺهن ۽ انهن تي ڦوهارا ڪجن).

● خُسر: ذ. [ف] سهرو.

● خَسۡرو ۽ خَسۡرا: ذ. زميداري خرچ پکي جو ڪتاب - ٽپيدارن وٽ زميندارن جو رکيل حساب ڪتاب. مسواڙ جو ڪتاب. واهن جي کاٽيءَ وغيره جي ڪم جو رکيل حساب ڪتابُ. ڪرڙو - ڪسرو - سوڙهه - آرڙيءَ جي بيماري (جنهن ۾ ٻارن جي بدن تي داڻا نڪرن).

- خَسۡرو تيارُ ڪَرَڻُ: وصولي يا ماپ جو ڪتاب تيار ڪرڻ - ٻاهرآڙيءَ ۾ گهرن ۽ گهرن جي مالڪن جي نالن جو رجسٽر.

● خُسۡرَوُ: ذ. صفت. [ف] خُوبرو - خوبصورت - سهڻو - حَسين. مشهور - نالي وارو - نامور - هاڪارو. اسم خاص. خواجہ ابوالحسن بن اميرالدين محمود لاچين عرف امير خسرو هندي ۽ فارسي جي مشهور شاعر جو تخلص. ايران جي بادشاهہ جو لقب - خسرو پرويز هرمز جو پُٽ ۽ نوشيروان جو پوٽو، جيڪو شيرين جو عاشق هو.

- خُسۡروانہ: ذ. صفت. بادشاهانو - شاهانو.

- خَسۡروِيُ: ث. شاهي - بادشاهي - شاهانو.

● خُسۡرو ۽ خُسۡرا: ذ. صفت. جنهن ماڻهوءَ کي قدرتي طرح ڏاڙهيءَ جا ۽ ٻيا ساري بدن جا وارَ نہ هجن.

● خَسُوفُ: ذ. [ع. خَسَفَ = هو ٻُڏو] چنڊ گرهڻ.

● خَسِيُ ۽ خَسِيُ (ت): ذ. صفت. [ع. "خَصِيُّ" = ڪٽيل جي بگڙيل صورت] ڪدڙو - نامرد - خَصِّيُ. ڪارڪن جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪڪڙي ڪانہ ٿئي).

- خَسِيُ ٿِيَڻُ: نامرد ٿيڻ - ڪدڙو ٿيڻ - خَصِّي ٿيڻ. ڪارڪن جو ڪڪڙي نہ ڪرڻ (ت).

- خَسِيُ ڪَرَڻُ: ڪُٽ ڪرڻ - جانورن جا خصيا ڪٽي، انهن جي جنسيت ختم ڪرڻ. نامرد بنائڻ - بي اثر ڪرڻ - خالي ڪرڻ.

● خَسِيۡسُ: صفت. [ع. خَسَّ = هو رذيل ٿيو، هن گهٽايو] گهٽ درجي جو - معمولي - نيچ - رواجي - ٿورڙو - گهٽ - ادنيٰ - خفيف - مفلس - غير ضروري. ٿوري مُلهہ وارو - ڪِينَ جهڙو - غريبانو. ڪميڻو - بخيل - ڪنجُوس - هلڪڙو - ترڙو - هلڪڙي طبيعت وارو.

● خِشۡتُ: ث. [ف] سِرَ.

- خِشۡتِ خَام: ث. ڪچي سِرَ.

- خَشۡخَاشِ: ث. [ف. خَس خَسُ، من. ڪس ڪس] ٻارڪي وڪر جو هڪ قسم - پوست جي ڪڻ - ڪَسُ ڪَسُ - خَسُ خَسُ.

● خَشُ خَشُ: ث. [ف] خشخاش.

● خُشۡڪَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● خُشۡڪُ ۽ خُشۡڪَ: ذ. صفت. [من. آچشڪ = سُڪل] سُڪل - سُڪو - ٺوٺ - آساٽيل. لُوساٽيل - آچايل - ڪوماڻل. اڻيو - اڻوڳو - رُکو. خالي - ٺلهو - ڦالهو - سکڻو. بي مَرُوّت - رُک مُنهون - بي لطف - بي مزه - بي سمجهہ. پرت جو هڪ قسم.

- خُشۡڪُ ٿِيَڻُ: سُڪڻ. رُکو ٿيڻ. ڪُومائجڻ.

● خُشۡڪُ ڦوڪ ۽ خُشۡڪُ ڦوڪُون: ث. سُڪل ڦوڪ - ڪُوماڻل ڦوڪ - آساٽيل ڦوڪ (جنهن کي پاڻي ڀورو آيل نہ هجي).

Gul Hayat Institute

- خُشڪُ دِماغُ ۽ خُشڪُ دِماغَ: ذ. صفت. بي مغز - بي عقل. چريو - ٻاڳل - چرُيَتُ - ديوانو. سودائي - خفقاني - ٻورالو. بي مَرُوَّت.
- خُشڪُ دِماغيُ: ث. ديوانگي - چريائپ. سودا - خفقان.
- خُشڪُ سالُ: ذ. سوڪ وارو سال - ڏُڪار وارو سال - اڻاٺ وارو سال - ڪميءَ وارو سال. جنهن سال مينهن نه پوي يا درياءَ جو پاڻي نه اچي - ڏڪار - قحط.
- خُشڪُ ساليُ: ث. ڏُڪارُ - قَحطُ - سوڪَ - ڪالُ.
- خُشڪُ قِنِدِيُ: ث. نَنڍَهَنُ نَچڻو - تنبدي - ٽُوتُ - نَنڍو نئون - هلڪڙو - ننڍڙو - تونئو. تينبدڻي - ماڪوڙي. ڪَج ڪُلاهه.
- خُشڪُ مِزاجُ ۽ خُشڪُ مِزاجَ: ذ. صفت. رُکورُوحُ - تُرش رُو - بد مزاج. دنيا کان ڪَڪ.
- خُشڪو ۽ خُشڪا: ذ. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ). پٽ جو هڪ قسم - داغ کان سواءِ رڏل چانور - آباريل چانور - فقط پاڻيءَ ۾ ٽهڪيل چانور - توري ڪيهه سان رڏل چانور. سُڪل اٽو جيڪو پچائڻ مهل چاڻي کي لڳايو وڃي - پلپٽڻ.
- خُشڪيُ ۽ خُشڪيُون: ث. سوڪ هجڻ جي حالت - سُڪل زمين - سُڪي. وات ۽ نڪ سُڪي وڃڻ جي حالت - آج - تونُسَ - پياس. چِڙَ - غُصو. قحط - ڏُڪر - ڪالُ. مٿي جي خُشڪي (جنهن ۾ تيل نه ملائڻ ڪري مٿي جمي وڃي).
- خُشڪيُون پچائڻ: اجايا خيال ڪرڻ - بيسود اڳڪٿيون ڪرڻ - پَهه پچائڻ - ڀُور جاڳڻ.
- خُشڪيُون جاڳڻ: اجايا خيال ڪرڻ - پَهه پچائڻ - بي سود اڳڪٿيون ڪرڻ.
- خُشڪيُون چاڙهڻ: تونُسَ ڪرڻ - آجَ لڳائڻ. حواس گم ڪرڻ. حيران ڪرڻ - پريشان ڪرڻ. زبان خشڪ ڪرڻ - گهٽو ڳالهائڻ نه ڏيڻ.
- خُشڪيُون چڙهڻ (خُشڪيُون وَرڻ): ڳالهائي نه سگهڻ - حواس باخته ٿيڻ - وائڙو ٿي وڃڻ.
- خُشڪيُون هڻڻ: خيال هڻڻ - ڀُور هڻڻ.
- خَشَمُ: ذ. [ف] چِڙَ - ڪاوڙ - غُصّو - غَضَبُ - طيشُ - عِتابُ.
- خَشَمِ آلُودَهُ: ذ. ڪاوڙسان ڀريل - ڪاوڙيل - چِڙيل - غُصي ۾ - رنج.
- خَشَمگِينُ: ذ. صفت. ڪاوڙيل - چِڙِيَلُ.
- خَشَمناڪ: ذ. صفت. خشمگين - ڪاوڙيل.
- خُشنُود (خشنود): ذ. صفت. [ف] خوش ٿيل - خوش - پرشن - رضامند - لهال - راضي - سُکي - آسودو.
- خُشنُودِيُ (خوشنودي): ث. خوشي - راضپو - رضامندي.
- خُشُوعُ: ذ. [ع. خَشَعَ = هن عاجزي ڪئي] عاجزي - نيازي - نياز - نئڙت - هيٺاهين. تابعداري.
- خُشُوعُ خُضُوعُ: نهايت عاجزي ۽ نئڙت واري دلي حالت.
- خُشُونَتُ: ث. [ع. خَشُنَ = هو سخت ٿيو] سختي - کهرائي - ڪَرِڙِتڙ - ڪِراهت. وِيرُ - دشمني - عداوت. تُندي - چِڙ - ڪاوَڙ - غُصّو. نفرت - بُڇان.
- خَشِيَّتَ: ث. [ع. خَشِيَ = هو ڊنو - ڊپ - خوف - ڏَرُ - ڀؤ - ڊَج.
- خَشِيئَتَ: ث. خشيّت.
- خَصالُ: ذ. [ع. "خصلت" جو جمع] خصائل - خصلتون - عادتون - لَڇڻَ - اعمالَ - اخلاق.
- خَصالَتُ ۽ خَصالَتُونُ: ث. [خصلت جي بگڙيل صورت] لڇڻ - عادت - خصلت - رَوِش - وضع - طبيعت.
- خَصلَتُ ۽ خَصلَتُونُ: ث. [ع. خَصَلَ = هو فائق ٿيو، اڳرو ٿيو] عادت - لڇڻ - سياءُ - ارڪان - اعمال - اخلاق - پرڪار - عِلَّت - خوءِ - چال - سيرت - چلت. رغبت - طبيعت - مزاج. خاصيت - وصف - گُڻ - صفت - لياقت. قِسم - نمونو - جنس.

Gul Hayat Institute

● خَصَمُ: ذ. صفت. [ع. خَصَمَ = هن جهڳڙو ڪيو] ويري - دشمن - بدخواهه - حريف - مُقابل - مخالف. مالڪ - آقا - خاوند. گهر وارو - مڙس - پيتار - شوهر.

● خُصُوصُ: صفت. ظرف. [ع. خَصَّ = هن خاص بڻايو] خاص - خاص ڪري - خاص طرح - خصوصاً - تاڪيد سان.

- خُصُوصاً: ظرف. خاص طرح - علي الخصوص - خاص ڪري - گهڻو ڪري - انهيءَ ڪري - ان سبب.

- خُصُوصِيَّتَ ۽ خُصُوصِيَّتُون: خاصيّت - خاص گڻ - خاص صفت. خاص ڳالهه.

● خُصُومَتَ ۽ خُصُومَتُون: ث. [ع. خَصَمَ = هن جهيڙو ڪيو] دشمني - عداوت - بدخواهي - وير - وِروڌ - ڪُلفت. ايرڪا - بغض - ڪينو. عَڪس - خار - ڪام - حسد - ساڙ - تيسو. جهڳڙو - جهيڙو - ٽونٽو - فساد.

● خَصِيُ (خَصِّيُ - خَصِّيٌّ): ذ. [ع. خَصِيٰ = هن خصيا ڪٽيا] پهلا ويڙيل - ڪُٽ ڪيل - ڪُٽ - مُخَنَّثُ - نامرد - ڪدڙو - اها عورت جنهن کي پستان (ٻُبا) نہ هجن.

- خَصِي ڪَرَڻُ: ڪدڙو ڪري ڇڏڻ. ڪنهن ڪم جو نہ ڪرڻ - بيڪار ڪري ڇڏڻ - بي همت ڪري ڇڏڻ.

- خَصِيو ۽ خَصِيا: ذ. پهلو - آنڊورو - ڪپور.

● خِضَابُ ۽ خِضَابَ: ذ. [ع. خَضَبَ = هن وار رنڱيا] عام طرح هڪ رنگ - خاص طرح هڪ وسمہ ميندي ۽ پنير مان تيار ڪيل رنگ - وارن کي ڪارو ڪرڻ جو رنگ - ڪيس.

- خِضَابُ لائِڻُ: وار ڪارا ڪرڻ. ٽڪو لائڻ - عيب لڳائڻ - الزام مڙهڻ - ڳِلارو بڻائڻ.

● خَضِرُ (خِضْرُ): اسم خاص. [ع. خَضِرَ = هو سائو ٿيو] رهبر - رهنما - گمراهہ کي رستو ڏيکاريندڙ. هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو (جنهن لاءِ روايت آهي تہ هو جنهن هنڌ ويهندو هو يا هلندو هو تہ اهو هنڌ هميشه سرسبز ۽ آباد رهندو هو. قديم خيالن مطابق هو سمنڊ ۽ درياءُن جو بادشاهہ ليکيو ويندو هو). هڪ نبي جو نالو جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن ظُلمات ۾ وڃي آبِ حيات پيتو هو، جنهنڪري هو قيامت تائين جيئرو رهندو. حضرت خضر عليہ السلام (ان جي نبوت ۾ اختلاف آهي، ڪي چون ٿا تہ نبي هو، پر ڪن جو خيال آهي تہ ولي هو. ان جو اصل نالو آرميا چيو ويندو آهي).

● خُضُوعُ: ذ. [ع. خَضَعَ = هن عاجزي ڪئي - هو لٿو] عاجزي - نيزاري - نياز - نوڙت. نرمي - نرم دلي - ٻاجهہ.

● خَطُ ۽ خَطَ: ذ. [ع. خَطَّ = هن ليڪو پاتو - هُن لکيو] ليڪو - ليڪ - ريکا - ريک - سِٽَ. نِشانُ - علامت. حَدَّ - ڪنارو. لِکڻ جو نمونو - لکِيَتَ - لِکَت - لِکَتِي - تحرير - چِٺي - رُقعو - پَتَرَ - نامو. رَسْمُ الْخَط - صورتخطي - دستاويز - سَنَدَ. ڏاڙهيءَ جي رِيهہ - سونهاري - رِيش جو ڳلن وارو حصو. سِڌين ليڪن ڪڍڻ لاءِ واڍڪي اوزار جو نالو.

- خَطُ اچڻُ: ڏاڙهيءَ جي رِيهہ لهڻ - ڏاڙهي ظاهر ٿيڻ. چِٺي اچڻ - ڪاغذ اچڻ.

- خَطِ اِسْتِوا: ذ. زمين کي ٻہ حصا ڪندڙ خيالي ليڪ - وڏي ۾ وڏي ويڪرائي ڦاڪ - پُوچڪر - اها ليڪ جا زمين کي اتر ۽ ڏکڻ وارن ٻن پُورن حصن ۾ ورهائي ٿي - دنيا جو تمام گرم حصو.

- خَطِ اُفق: ذ. ڌرتي ۽ آسمان جي ملڻ واري حد جو ليڪو. حد نگاهہ.

- خَطُ ڪَڍڻُ: حجامت ڪڍڻ - حَجامت ڪرڻ.

- خَطَ ڪَپَڻُ: مُنهن ۽ ڪنڌ جا وار ڪڍڻ.

- خَطُ پَٽُ ۽ خَطَ پَتَ: ذ. چِٺي چپاٽي - حال احوال - سُڌ سَماءُ.

- خَطِ جَدِيُ: ذ. سياري ۾ سج جي هلڻ لاءِ خَطِ اِسْتِوا کان ساڍا ٽيويهہ درجا ڏکڻ واري هڪ خيالي ليڪ - لڪير ريکا - جدي گهير (جنهن تي سج پهچي تہ ڌرتيءَ جي اترئين اڌ گول ۾ ڏينهن ننڍي ۾ ننڍو ۽ موسم سرد ٿئي).

- خَطُ خُطُوطَ: خَط پَٽ - چِٺيون چپاٽيون.

- خَطِ سَرطَانُ: ذ. سج جي اونهاري مهلڻ لاءِ خط استوا کان ساڍا ٽيويهه درجا اُتر واري خيالي ليڪ - ڪَرڪ ريکا - سرطان گهيرو (جنهن تي سج پهچي ته ڌرتيءَ جي ڏاکڻي اڌ ۾ ڏينهن ننڍي ۾ ننڍو ۽ موسم سرد ٿئي).

- خَطِ طُغرا: ذ. بادشاهي فرمان جو نمونو.

- خَطِ عَمُودُ: ذ. اُتر کان ڏکڻ تائين آيي خيالي ليڪ - پايو - اها ليڪ، جيڪا ٻي سنئين ليڪ تي پوي ۽ ٻه گونيون ڪَنڊون ناهي.

- خَطُ ڪِتَابَتُ: ث. چٺي چپاٽي - خط پٽ - حال احوال - سُڌ سماءُ.

- خَطُ ڪَشُ: ذ. مقرر ماپ جي ليڪن ڪيڻ لاءِ هڪ واڍ ڪو اوزار.

- خَطُ مُتَوازي: ذ. ٻي ليڪ سان لڳوتار برابر مفاصلي تي هلندڙ ليڪ - پور وچوٽ ليڪ.

- خَطُ مِحوَرُ: ذ. اها خيالي ليڪ، جا زمين جي هڪ قطب کان ٻئي قطب تائين مقرر ڪيل آهي ۽ جنهن تي زمين ڦرندي رهي ٿي.

- خَطُ مُستَقيم: ذ. سِڌي ليڪ - سنئين ليڪ - اها ليڪ جنهن ۾ هڪڙي چوٽيءَ کان ٻيءَ چوٽيءَ تائين ڪا ڪَجِي يا ڪو کهُپ نه هجي.

- خَطُ مُلاقِيُ: ذ. جاميٽريءَ موجب گهيرو هڪ ۽ فقط هڪ هنڌ ڇُهندڙ ليڪ.

- خَطِ مَمَاسُ: ذ. خَط مُلاقي.

- خَطُ نِڪرڻ: ڏاڙهي اچڻ - ڏاڙهيءَ جي ريهَ لهڻ.

- خَطَ وَ نائِڻُ: حجام کان ڏاڙهيءَ جي وارن جا خط ٺهرائڻ - سنوارت ٺهرائڻ.

- خَطَ و ڪِتابَتُ: ث. خط پٽ - لکپڙهه.

● خَطَا ۽ خَطَائُونُ: ث. [ع. خَطِيءَ = هن غلطي ڪئي] چوڪ - ڀُل - غلطي - ڏوهه - سَهوَ - قُصُور - تقصير - جُرم - پاپُ - گُناهه - دوش - اسم خاص. اُتر چين ۾ مشڪ کان مشهور هڪ شهر جو نالو.

- خَطَا آمُوزگار: ذ. صفت. گناهه بخشڻ وارو - خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

- خَطَا بَخشُ: ذ. صفت. ڏوهه معاف ڪندڙ - خطا بخشيندڙ.

- خَطَا ٿِيڻُ: ڀُل ٿيڻ - چوڪ ٿيڻ - سَهوَ ٿيڻ - ڏوهه ٿيڻ - گناهه ٿيڻ. گُسڻ - نه لڳڻ (تير وغيره). نِڪرڻ - وَهڻ (پيشاب وغيره).

- خَطَاپوشُ ۽ خَطَاپوش: ذ. صفت. خَطا ڍڪيندڙ - عيب پوش - عيب ڍڪيندڙ.

- خَطا رَضا ٿِيڻُ (ت): ڏوهه گناهه ٿي پوڻ.

- خَطَاڪَارُ ۽ خَطَاڪَارَ: ذ. صفت. خَطا ڪندڙ - گنهگار. ڏوهي - اپراڌي.

- خَطا ڪَرڻُ: چوڪ ڪرڻ - غلطي ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ - گناهه ڪرڻ.

- خَطا ڪائِڻُ: چوڪ ڪرڻ - ڀُل ڪرڻ - ڀُلجڻ - غلطي ڪرڻ - ڏوهه ڪرڻ - گناهه ڪرڻ - سَهوَ ڪرڻ - ڪيل گناهن جي سزا ڀوڳڻ - سزا ملڻ - ڪيتو لوڙڻ.

- خَطا ڪي اِصلاحَ ڏِيَڻُ: غلطي درست ڪرڻ. گناهه بخشڻ - ڏوهه معاف ڪرڻ. چشم پوشي ڪرڻ - ڀُل چوڪ کي نه ڏسڻ.

- خَطَاوارُ ۽ خَطَاوارَ: ذ. صفت. قصوروار - ڏوهي - گنهگار - مُجرم.

- خَطَائُون ڪَٽڻُ: گُناهه بخشڻ - ڏوهه معاف ڪرڻ.

● خِطابُ ۽ خِطابَ: ذ. [ع. خَطَبَ = هن وعظ ۽ نصيحت ڪئي] ڪنهن جي روبرو ٿي ڳالهائڻ جي حالت - ڳالهه ٻولهه - گفتگو - ڪلام - روءِ سخن - ليڪچر - تقرير - ڀاشڻ - سرنامو. تعريفي لقب - عزت جو نالو، جو حڪومت جي طرفان ملي - لقب - اسم - نالو. غصو - ڪاوڙ - چِڙَ - عِتاب.

- خَطابَت: تقرير جو فن.

- خِطابُ ڏِيَڻُ: لقب ڏيڻ.

- خِطابُ ڪَرڻُ: تقرير ڪرڻ - ڳالهائڻ.

- خِطابِيُ ۽ خِطابِيُ: ذ. صفت. خِطاب مليل - خِطاب ڏنل.

Gul Hayat Institute

● خـُطـَابُ ۽ خـُطـَابَ : ذ. مدرسو - اسڪول - مڪتب - ڪُتّاب.
- خـُطـَابِيُ ۽ خـُطـَابِيُ : ذ. صفت. طالب علم - شاگرد - ڪُتّابي.
- خـُطـْبو ۽ خـُطـْبَا : ذ. [ع. خـُطـْبَة = تقرير] اهو ڪلام، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جو حمد، تعريف، ثنا، ساراه ۽ واکاڻ ڪئي وڃي - جمعہ نماز يا عيد نماز مان پوءِ خدا تعاليٰ ۽ رسول الله صلي الله عليہ و سلم جي ثنا، نعت ۽ عام نصيحتون ڪرڻ. وعظ - ليڪچر - واکاڻ - تقرير. سمجهاڻي - نصيحت - اپديش. مُهاڳ - مُقدمہ.
- خـَطـِيـْبُ ۽ خـَطـِيـْبَ : ذ. صفت. [ع. خـَطـَبَ = هن تقرير ڪئي] خطبو پڙهندڙ - وعظ ٻڌائيندڙ - تقرير ڪندڙ. واعظ - ليڪچرار - مُقرّر.
● خـَطـْرو ۽ خـَطـْرا : ذ. [ع. خـَطـَرَ = دل ۾ خيال آيو - حادثو ٿيو] خوف - ڊپ - ڀؤ - ڏَرُ - ڌڄ - انديشو - جوکو - آفت - دُشواري - سختي - وَسْوَسو - هراس.
- خـَطـَرْناڪُ ۽ خـَطـَرْناڪَ : ذ. صفت. خطري وارو - ڊپ وارو - ڀوائتو - خوفناڪ - خوفائتو - ڀيانڪ.
- خـَطـْري ۾ وجهَڻُ : جوکي ۾ وجهڻ - مصيبت ۾ ڦاسائڻ.
● خـَطـْمِيُ : ث. [ع] پسارڪي وکر جو هڪ قسم - گل خيرو. پَتَڪَرُ (ٽِڪين وانگر، ڳاڙهي رنگ جي ستارن جهڙو ميراڻ تي مائل ٻِجُ).
● خـَطـِڻُ : مصدر. (خط منجهان نڪتل) ليڪڻ - ليڪو ڪيڏڻ - حد مقرر ڪرڻ.
● خـِطـَّہُ : ذ. [ع] زمين جو ٽُڪر - سر زمين - پلاٽ. حصو - ٽُڪر (مُلڪ جو). ننڍو شهر. مُلڪ.
● خـَطـِيـْرُ : ذ. صفت. [ع] ڪثير - جهجهو - وڏو - گهڻو - نهايت.
● خـَفـَا ۽ خـَفـَا : ذ. صفت. [ف] ناراض - رنج - آزرده - ناخوش. بيزار - ڪَڪ - وِرچيل - خفي.
- خـَفـَا ٿـيـَڻُ : ناراض ٿيڻ - رنج ٿيڻ - بيزار ٿيڻ.
- خـَفـِي ڪـَرَڻُ : رنج ڪرڻ - ناراض ڪرڻ - بيزار ڪرڻ.
● خـَفـْتُ ۽ خـَفـْت : ذ. ("خـَفـْقُ" يا "خـَفـْقـَان" جي بگڙيل صورت) خيال - ڌيان - لوري - تات - ياد گيري - جهوري - ڳڻتي - فِڪر - ڀُور. مرضي - خواهش - تمنا - اِڇا - ڪامنا - مَنْشا - سَڌ - دِل - رُچي. دماغ ۾ خلل - چرياڻي - سوداءُ - جنون. (ڪ) شوق.
- خـَفـْتِي ۽ خـَفـْتِيُ : ذ. صفت. خفت ڪندڙ - خيال وارو - فڪرمند - ڀُورالو - اِڇاوان - سڌائتو - خواهشمند - خواهان. شوق مند - شوقين - سرگرم - آتساهي - آڇهائيتو. نيهي - غورشي - حرصي. سودائي - خفقاني - خللي - جنوني. جانور (شڪار لاءِ) يا پکي (ڪُڪڙ، تتر وغيره ويڙهائڻ لاءِ) ڌاريندڙ، سانڍيندڙ يا پاليندڙ.
● خِفَّتُ : ث. [ع. خَفَّ = هو هلڪو ٿيو] هلڪائي - ٿِڪائي - شرم - خجالت. ذِلّت - بي عزتي - هَتَڪَ. نماڻائي - عاجزي - مسڪيني.
● خُفْتَہُ : ذ. صفت. [ف. خَفْتَنُ = سُمهڻ] سُتل - غافل - اڻ واقف - جاهل.
● خـَفـْخـَانُ ۽ خـَفـْخـَانَ : ذ. ("خـَفـقان" جي بگڙيل صورت) دماغ جي خرابي - چرياڻي - ڳڻتين جو سبب - سوداءُ - دِل هَول - خفقان. ڊپ - حراس - خوف. اعصابي ڪمزوري - بدني طاقت جي گهٽتائي. هيڻائي - ضُعْفُ - ضعيفائي - ڪم طاقتي.
- خـَفـْخـَانِيُ ۽ خـَفـْخـَانِيُ : ذ. صفت. خفخان جي بيماريءَ ۾ ورتل - سودائي - ڀورالو - خفقاني. ڊيڄو. اعصابي ڪمزوريءَ ۾ ورتل - بدني طاقت جي گهٽتائيءَ وارو.
● خـَفـْقـَانُ ۽ خـَفـْقـَانَ : ذ. [ع. خَفَقَ = اضطراب ۾ ٿيو] دِل جي ڌڙڪ - گهبراهٽ - بي قراري. هڪ بيماريءَ جو نالو (جنهن ۾ دل جي حرڪت وڌي وڃي) - دل هَول - سوداءُ - ماليخوليا - چرياڻي - جنون - خفخان - اعصابي ڪمزوري - بدني طاقت جي گهٽتائي - ڊپ - حراس - خوف.

Gul Hayat Institute

- خَفَقَانُ ٿيڻُ: سوداءُ ٿيڻ - جُنون ٿيڻ.

- خَفَقَانُ پَچائڻُ: اجاين خيالن ۾ پاڻ کي خوش ڪرڻ - اجايا هُورَ پَچائڻ.

- خَفَقَانِيُ ۽ خَفَقَانِيُ: ذ. صفت. ڍِيچو - اعصابي ڪمزوريءَ ۾ ورتل - بدني طاقت جي گهٽتائي وارو. چريو - سودائي - جُنوني - پاڳل - خفقاني.

● خَفگِيُ ۽ خَفگِيُونُ: ث. [ف] ناراضگي - رنجش - بيزاري - پريشاني - ناخوشي. رنج - ڪاوڙ - چِڙ - جوش - غُصو - ڏَمر - غَضَبُ.

● خَفو ۽ خَفا: ذ. [ف] دماغي وڳوڙ - خَلَلُ - خَفتُ - سوداءُ - ويچارُ - ڳڻتي - ڪجائي - ڪَپَتِ - آلڪو - آدِڪو. دل جي ڌڙڪ - آنڌ مانڌ - ولوڙ - وِرچَ - بيزاري - دِقت. ناراضگي - رنجش. ڪم جي گهٽائي - گهَلَ - تڪليف - ڏوجهرو - مَرچلُ - مصيبت. چِڙ - تيسو - ڪيچَ - ڪاوڙ.

- خَفو ٿيڻُ: سوداءُ ٿيڻ. آنڌ مانڌ ٿيڻ. ويچار ٿيڻ.

- خَفَو پَچائِڻُ: خيال ڪرڻ - ويچار ڪرڻ - سوداءُ پچائڻ.

- خَفِي ۽ خَفِي: ذ. صفت. ناراض - رنج. ڪِڪ - بيزار - وِرچايل - آتو - هلاڪ.

- خَفِي ٿيڻُ: ڪاوڙجڻ - ناراض ٿيڻ - چِڙڻ - رنج ٿيڻ - پريشان ٿيڻ.

- خَفِي ڪَرڻُ: بيزار ڪرڻ - ڪِڪ ڪرڻ. رنج ڪرڻ.

● خُفْيَهُ: صفت. [ع. خَفِيَ = هن لڪايو] لِڪل - ڳجهو - پوشيده - لوپ - مخفي - باطني - ڇُپيل - ڳُجهو - اولانئون. دلي ذِڪر - ڳُجهه - اندر - باطن (ل).

- خُفْيَه پُوليسُ: ث. پوشيده پوليس - جاچ ڪندڙ پوليس - جاسوسي پوليس - سي - آء - ڊي (C. I. D).

● خَفِيفُ: صفت. [ع. خَفَّ = هو هلڪو ٿيو] هلڪو - خسيس - گهٽ - ٿورو - باريڪ - ذليل - رُسوا - بي عزت - ليچ - ڪم ذات - بداخلاق - بدچال - فاحش. هڪ بحر يا وزن جو نالو.

● خَلا: ذ. [ع. خَلا = هو خالي ٿيو] خالي جاء - خالي هنڌ - خال - زمين ۽ آسمان جي وچ وارو خال - پورُ - پولارُ - وايو منڊل.

● خَلاصُ ۽ خلاصَ: ذ. صفت. [ع. خَلَصَ = هو آزاد ٿيو] آزاد - ڇٽل - رِها - ڇڙيڪ - ڇُوٽ. فارغ - واندو - آجو - ڇُٽواڳ - خَتَم - مُڪمَّل - پورو - ڪَٽَلَ - ڪم آيل - ڇُٽيل.

- خَلاصِيُ ۽ خَلاصِيُونُ: ث. آزادي - رهائي - نجات - مُڪتي - ڇوٽڪارو - موڪ - ڇڙواڳي.

● خَلاصَ پاڙيُ: ث. پسارڪي وَکَرَ جو هڪ قسم (ڳاڙهي، ميري، زردي ۽ اڇي رنگ جون ٽڪيون ٿين).

● خُلاصو ۽ خُلاصا: ذ. صفت. [ع. خَلَصَ = هو خالص ٿيو] صاف. خالص - نِيجُ - نيجو - خاص - پنهنجو - ذاتي - شخصي - نِويڪلو - اڪيلو - علحده - خانگي - غير سرڪاري. هَڙَ - مُوڙي - سڄو ئي - بلڪل - پوشيدو - بي اولو. اختصار - تت - نچوڙ - حاصل ڪلام. سَتُ - جوهر - عرق.

- خُلاصائِيُ ۽ خُلاصائِيُونُ: ث. ويڪرائي - ڪشادگي - موڪرائي - فراغت - ڇوڙائي. نِويڪلائي - اڪيلائي - لِڪ - پوشيدگي.

- خُلاصِڪائِيُ ۽ خُلاصِڪائِيُونُ: ث. واندڪائي - اڪيلائي - خلاصائي - خَلْوَت.

- خُلاصو ٿيڻُ: ويڪرو ٿيڻ - وڏو ٿيڻ - ڪُشادو ٿيڻ. ڍلو ٿيڻ. ڪُلڻ. اڪيلو ٿيڻ - نِويڪلو ٿيڻ.

- خُلاصو ڪَرڻُ: ويڪرو ڪرڻ - ڪشادو ڪرڻ - وڏو ڪرڻ - کولڻ. ڍلو ڪرڻ. اختصار ڪرڻ - تَتُ ڪرڻ.

● خَلاصِيُ ۽ خَلاصِي: ذ. صفت. ولجهه هلائيندڙ - لاڪُئو - ملاح - مير بحر. توبخاني يا جهاز تي ڪم ڪندڙ. تنبُن جو رکپال.

● خِلافُ ۽ خِلافَ: ذ. صفت. [ع. خَلَفَ = هن مخالفت ڪئي] ننڍي هٿي نيهڻ جي حالت - برخلاف - برعڪس - آبتڙ - ضِد - ناموافق - ڪُوڙ - جهوٽ - کوٽ - حريف - دشمن - مقابل - سامهون.

Gul Hayat Institute

- خِلافُ بَيانِي ۽ خِلافُ بَيانِيون: ث. ڪوڙي ڳالهہ - ڪوڙو بيان.
- خِلافُ چَوڻُ: ڪوڙ ڳالهائڻ. طبيعت جي ناموافق ڳالهہ ڪرڻ.
- خِلاف حَقّ: سچ جي برخلاف.
- خِلاف دَسْتُورُ: صفت. رواج جي خلاف - قانون ڪان ابتڙ - بي قاعده - بي قانون.
- خِلافِ راءِ: مرضيءَ جي خلاف - ڪنهن جي خيال جي آبتڙ.
- خِلافُ سَمْجهَڻُ: آبتڙ سمجهڻ - ڪوڙ سمجهڻ.
- خِلافِ شَرع: شريعت محمديءَ جي آبتڙ - شريعت جي برعڪس - ناجائز.
- خِلافِ طَبْع: طبيعت جي برخلاف - مزاج جي برعڪس.
- خِلافِ عَقْلُ: عقل جي آبتڙ - سمجهہ ڪان ٻاهر.
- خِلافِ قِياسُ: ناممڪن - عقل جي خلاف.
- خِلافُ ڳالهائِڻُ: آبتڙ ڳالهائڻ - فائدي ۾ نہ ڳالهائڻ.
- خِلافُ وَرْزِي: ث. قاعدي جي ڀڃڪڙي - برخلاف ڪم ڪرڻ.
- خِلافِ وَضْع: طريقي ۽ عادت جي برخلاف - رسم ۽ رواج جي آبتڙ - عام دستور جي خلاف.
- خِلافُ هُجَڻُ: برخلاف ٿيڻ - مخالف هجڻ - آبتڙ هجڻ - دشمن هجڻ.

● خِلافَتُ ۽ خِلافَتُون: ث. [ع. خَلَفَ = هو پوءِ آيو] ڪنهن جي وفات ڪان پوءِ ان جي جاءِ تي ويهڻ جي حالت - نائبي - نيابت - وليعهدي - مسلمانن جي بادشاهت - مسلمان خليفي جو عهدو - نبي يا ولي جي جاءِ نشيني.
- خِلافَتِ تَحْرِيڪَ: ترڪيءَ ۾ خلافت ڪي وري قائم ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ ١٩٢٠ع ۾ هلايل هلچل.
- خِلافَتِ راشِدَہ: ث. حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي رضوان الله تعاليٰ عليهم جي حڪومت ۽ حڪومت جو زمانو.

- خِلافَتِي ۽ خِلافَتِي: ذ. صفت. خلافت ڪندڙ - خلافت جو - خلافت تحريڪ ۾ ڀرو وٺندڙ.

● خَلّاقُ: ذ. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدا ڪرڻ وارو - گهڻو پيدا ڪندڙ.

● خَلالُ: ذ. [ع. خَلّ = هن وِٿي ڪئي] ٻن شين جي وچ ۾ مفاصلو. ڏندن کوٽڻ جو اوزار. فقهہ موجب ڏاڙهيءَ جي ٻارن يا هٿن ۽ پيرن ڪي پاڻي پهچائڻ لاءِ وارن ۽ آڱرين ڪي جدا ڪرڻ جي حالت.
- خَلالُ ڪَرَڻُ: ڏند کوٽڻ - ڏاڙهيءَ جي وارن جي ٻارن ڪي پُسائڻ لاءِ وارن ڪي هٿن جي آڱرين سان کولڻ ۽ بار بار جدا ڪرڻ.

● خُلَّتُ: ث. [ع. خَالہ = هن ان ڪي دوست ڪري ورتو] دوستي - يارانِي - ياراڻو - سنگت - ياري - اخلاص - آشنائي. محبت - سچو عشق ۽ مستي، جيئن تہ:

"دوئي ذار ذري، جڏ خُلّت خنجر آيو"
(شاهہ).

- خُلّتُ خَنْجَرُ: ذ. محبت جي ترار (ل).

● خَلْجانُ: ذ. [ع. خَلَجَ = هن چوريو يا هلايو] ڌڙڪ - تَرَدُّد - انديشو - فڪر - گهٻراهٽ - چنتا.

● خَلْجِي: اسم خاص. ترڪ نسل مان دهلي جي بادشاهن جو هڪ گهراڻو (جنهن جو پهريون بادشاهہ جلال الدين فيروزشاهہ خلجي هو. عيسوي سنہ ١٢٨١ ڪان ١٣٢١ تائين). هڪ ذات جو نالو (ت).

● خَلْخالُ: ذ. [ع] ڳِهَڻ جو هڪ قسم - پازيب - آواز ڪرڻ وارو ڳهڻ.

● خُلْدُ ۽ خُلْدَ: ذ. [ع. خَلَدَ = هو هميشہ لاءِ رهيو] هميشگي - هميشہ رهڻ جي حالت - بهشت - جنت - فردوس - سُرڳ - هميشہ رهڻ واري شيءِ.
- خُلْدُ آشِيانُ: ذ. صفت. [آشيان = آکيرو] جنتي - بهشتي - جنهن جو بهشت ۾ مڪان هجي.
- خُلدِ بَرِين: ذ. سڀ کان اعليٰ بهشت - فردوس اعليٰ.

Gul Hayat Institute

- خُلدُ مَڪانيُ: ذ. صفت. بهشتي - جنتي - خلد آشيان.

● خَلِشُ: ث. [ف]. چُڀڪار - ڪنڊي جو جسم ۾ چُڀڪو. ڪُتڪو. خُصومت - جهڳڙو - رائڊڪ - پيچڪڙي. بي آرامي - بي قراري - چوراڪورا.

- خَلِشُ وِنِڻُ (ت): خار لڳڻ - ڪنڊو لڳڻ. ڪاوڙ لڳڻ.

● خَلطُ: ذ. [ع. خَلَطَ = هن ملايو] گڏجي وڃڻ جي حالت - ملاوت - ميل - ميل جول - مونجهارو - گڙٻڙ - رولو. صفت. گڏيل - مليل - ڪاڏڙ. هميشه مرڪب ۾ ڪم ايندڙ لفظ، جيئن: "خَلط مَلط" وغيره.

- خَلطُ مَلطُ: صفت. مليل جُليل - ملاوت ڪيل - ڪاڏڙ ماڏڙ.

● خِلطُ ۽ خِلطَ: ذ. [ع] آندن ۾ پيدا ٿيل گند گي. انساني طبيعتن مان هڪ مواد جهڙوڪ: صفرا، بلغم، خون ۽ سودا. طبع - مزاج. پاڻي - رطوبت. مذاق - خوش طبعي - کِل - ٺوڪ - چرچو - موج - لهر - ٽُور - خيال - ريجهُ.

● خِلعَتَ ۽ خِلعَتُون: ث. [ع. خَلَعَ = هن عزت مان چوغو پهرايو] ٻئي کي بخشش طور ڏنل لباس - وڳو - جامو - لبادو. ڪنهن بادشاهه جي امير يا سردار کي عزت طور پهرايل پوشاڪ - جُبو - فرغلُ - سروپا - پاڪر. تحفو - عطيه.

- خِلعَتُ پَهرائِڻُ: پوشاڪ عطا ڪرڻ - انعام ڏيڻ.

- خِلعَتُ فاخِرَهُ: ث. اهڙي سروپا جنهن تي فخر ڪجي - نازڪ ۽ نفيس لباس - نهايت عمدي پوشاڪ.

- خِلعَتُ مِلَڻُ: پوشاڪ يا لباس جو انعام ملڻ.

- خِلعَتي ۽ خِلعَتيُ: ذ. صفت. خلعت ڏيکايل - سروپا وارو - عزت جي وڳي وارو. پهريل - ڏيکايل - انعامات حاصل ڪيل.

● خَلَفُ: ذ. [ع. خَلَفَ = هو پوئلڳ ٿيو] ليڪ فرزند - صالح فرزند - سياڻو پُٽ - فرزند - پُٽ. جاءِ نشين - مستحق - حقدار - وارث.

- خُلَفاء: ذ. [ع] "خَليفه" جو جمع. خليفا - نائب - جاءِ نشين - پوئلڳ.

- خُلَفاء راشِدِين: رشد ۽ هدايت وارا خليفا - اسلامي سلطنت جا پهريان چار خليفا (حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين).

● خُلقُ ۽ خُلقَ: ذ. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدائشي سڀاءُ - لڇڻ - عادت - سيرت - مزاج - گڻ. آڻ ويهڻ ۽ ملڻ جُلڻ جو اخلاق - پيش اچڻ جو سهڻو نمونو - آدر ڀاءُ - تعظيم - آب - عزت - مانُ - لياقت - مروت - فضيلت - خوش اخلاقي - خوش مزاجي - ڪِلمُڪائي.

- خُلقُ ڏِيَڻُ: سهڻي نموني پيش اچڻ - محبت سان هلڻ.

- خُلقَ وارو ۽ خُلقَ وارا: ذ. صفت. بااخلاق - مروت وارو - فضيلت وارو - سُلڇڻو.

● خَلقِڻُ: مصدر. (عربي مان ورتل) پيدا ڪرڻ - اُپائڻ - ناهڻ - بنائڻ. ڪِينَ مان ڪي ڪرڻ - "نيست" مان "هست" ڪرڻ.

- خَلقَ: صفت. پيدا ٿيل - پيدا ڪيل - پيدائش - اُپايل. ث. انسان ذات - بني نوع انسان - بني آدم - عام ماڻهو - لوڪ - عالم - آدمي - رعايا - رعيت - جنتا.

- خَلقَ آزارُ ۽ خَلقَ آزارَ: ذ. صفت. عام ماڻهن کي آزار ڏيندڙ - ظالم.

- خَلقَتَ ۽ خَلقَتُون: ث. خلق - مخلوقات.

- خِلقَتُ ۽ خِلقَتُونُ: ث. پيدائشي حالت - سرشتي - فطرت - خميرو.

- خَلقَ ڪِلائِڻُ: بدنام ٿيڻ - خوار ٿيڻ - ماڻهو کلائڻ.

- خَلقَڻهارُ: ذ. صفت. پيدا ڪندڙ - اُپائيندڙ - خالق. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

- خَلقِيَلُ: ذ. صفت. پيدا ڪيل - اُپايل. ث. ڪائنات - خلقتُ.

- خَلقِيندَڙُ: ذ. صفت. پيدا ڪندڙ - اُپائيندڙ - خالقُ - خلقڻهار.

Gul Hayat Institute

● خَلَلُ ۽ خَلَلَ : ذ. [ع. خَلَّ = هو لاغر ٿيو- هن وِٿي ڪئي] ڳُختو- سوراخ- ٽُنگُ- ڀرڪهلُ - ڊرُزَ - وِٿي. رَنڊڪ - ڀچڪڙي - رُڪاوٽ- روڪَ- اٽڪَ- دَخَلُ. وڳوڙ- ڀَنگ - ڦِڪيڙو- جهيڙو- جنگ- جهڳڙو- فتنو- فتور- اٿوٿت - اٿٿل - اختلاف - ابتري - ڦيٽاڙو - ڏُڦيڙ- بلوو- فتنہ انگيزي - بغاوت - رولو - گڙٻڙ- مونجهارو - بي انتظامي - تڪرار - نقصان - خسارو - ٽوٽو - حرج - دشمني - ورود. بيماري - روڳ. ڏک - تڪليف.

– خَلَلُ اندازُ ۽ خَلَلَ اندازَ : ذ. صفت. فسادي - جهيڙاڪُ - فتنائي.

– خَلَلُ جاڳائِڻُ : رولو مچائڻ- فساد مچائڻ - رنڊڪ وجهڻ- رُڪاوٽ وجهڻ.

– خَلَلِ دِماغُ : ذ. صفت. دماغ جو فتورُ - چريائي - ماليخوليا - سوداءُ - جُنون.

– خَلَلُ ڪَرڻُ : نقصان ڪرڻ.

– خَلَلِي ۽ خَلَلِيُ : ذ. صفت. جهيڙائي - فسادي - تڪراري - معاملائي - فتنہ انگيز - بغاوتي - مونجهارو وجهندڙ- جهيڙاڪار- وڙهڪو- جنگير - ڀچاڙو- لوتيڙو - ڪَتِّهَرُ- ڇيٽا پورُ - شرير- حرڪتي.

● خُلمُ ۽ خُلمَ : ذ. حرڪت- چترائي- لُچائي- ڪئونس - ڪيچل. نقصان- حرج - ڇيهو - ٽوٽ - مونجهارو - وڳوڙ - ڏڦيڙ - خَلل - رولو - ڦيٽارو - مالڏاڻُ - پائيمال - گوڙ.

– خُلمُ پارڻُ : گهڻي حرڪت ڪرڻ- زياده نقصان ڪرڻ.

● خَلْوَتُ ۽ خَلْوَتُونُ : ث. [ع. خَلا = هو خالي ٿيو] ڪنهن جاءِ جي خالي ٿيڻ جي حالت- خالي جاءِ- اڪيلائيءِ وارو هنڌ - پوشيدگي - علحدگي- تنهائي- اڪيلائي- خلاصگائي- ايڪانت- گوشو- گوشہ نشيني - نِويڪلائي - اڪيلائپ.
جيئن :
”جن کي عشق عميق جو، سي خَلوت خيالي“ (شاهہ).

– خَلْوَتُ پَسَنْدُ : ذ. صفت. اڪيلائي پسند ڪندڙ- نِويڪلو گُذاريندڙ.

– خَلْوَتُ خَانُو ۽ خَلْوتُ خَانَا : اڪيلائيءِ واري جاءِ- نِويڪلي جاءِ. سمهڻ جو ڪمرو.

– خَلْوَتُ سَراءِ : ث. اڪيلائيءِ واري جاءِ.

– خَلْوَتُ ڪَرَڻُ : اڪيلو ٿيڻ.

– خَلْوتُ گاهہ : ث. اڪيلائيءِ واري جاءِ - ايڪانت واري جاءِ - نِويڪلي جاءِ - خلاصو ڪمرو.

– خَلْوَتُ نَشِيْنُ : ذ. صفت. اڪيلو ويهندڙ- اڪيلائيءِ ۾ ويهندڙ. دنيا کان تياڳ ڪيل. سنياسي. رِشي. لاطمع- تارِڪُ دنيا.

– خَلْوَتِي ۽ خَلْوَتِيُ : ذ. صفت. اڪيلائيءِ ۾ گذاريندڙ- اڪيلائپ پسند ڪندڙ- ايڪانتي. لوڪ تياڳي- سنياسي- رِشي. گهرو دوست - گهاٽو دوست- حال محرم- خاص ملاقاتي.

● خُلُوصُ : ذ. [ع. خَلَصَ = هو پاڪ صاف ٿيو] سادو ۽ پاڪ ٿيڻ جي حالت- سادگي - صفائي - پاڪائي. نيج دوستي - سچي دوستي - اخلاص- محبت- صداقت- سچائي - وفاداري.

– خُلُوصُ نِيَّتُ : ث. سچائي- نيڪ ارادو.

● خَلِيڙُو ۽ خَلِيڙَا : ذ. [ع. ”خَرِيطُ = ڪيسو“ جي بگڙيل صورت] اها ڳوٿري، جنهن جو منهن ڏاڳي سان اُڻين سيپيلُ هجي جو ان کي کولي يا بند ڪري سگهجي. ڳوٿري- ٻوتڙي - ڦوتڙي - ٿيلهو.

● خَلِيجُ : ذ. [ع] آبسمنڊ- پاڻيءَ جو هڪ ڀاڱو، جنهن جي ٽن پاسن کان خشڪي ۽ چوٿين پاسي کان سمنڊ مليل هجي. جيئن: خليج بنگال، خليج فارس وغيره. درياءَ - نهر.

● خَلِيفُو ۽ خَلِيفَا : ذ. صفت. [ع. خَلِيفَہُ > خَلَفَ = هو پوءِ آيو] ڪنهن کان پوءِ ايندڙ- ولي عهد- قائم مقام - جاءِ نشين (بادشاهہ وغيره جو) بدران آيل يا بدران موڪليل - عوضي - نائب. الله تعاليٰ جي طرفان ملڪ جي حڪومت هلائيندڙ- خدا جو نائب. پرپٺ ڪم ڪندڙ- مددگار- واهرو-

Gul Hayat Institute

سهائيتڪ. سيد يا پير جو خاص نوڪر. حجام - لانئي. گهٽ درجي وارن ڪمي سڏڻ جو هڪ لقب. جهڙوڪ درزي وغيره. خادم - نوڪر - پيلي.

- خَلِيفَةُ اللّٰهِ: ذ. صفت. الله جو نائب. اسم خاص. حضرت آدم عليه السلام جو لقب.

- خَلِيفَةُ الْمُسْلِمِيْنَ: ذ. صفت. مسلمانن جو بادشاه يا خليفو.

● خَلِيفَه: ذ. ڏسو "خليفو".

● خَلِيقُ ۽ خَلِيقَ: ذ. صفت. [ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو] پيدائشي نيڪ سڀاءُ وارو - خلق وارو - سهڻي هلت چلت وارو - مروت وارو - لحاظي - ڪلمک - سلڇڻو - خوش مزاج - نرم دل - رحم دل - ٻاجهارو - مهربان.

● خَلِيلُ ۽ خَلِيلُون: ث. تاس راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ رکيو تي ڇتا راند ڪري سگهن ٿا).

● خَلِيلُ ۽ خَلِيلَ: ذ. [ع. خُلَّةٌ = دوستي] سچو دوست - مخلص دوست - سنگتي - ساٿي - يارُ - سڄڻ - همراه. سنڌ جي هڪ شاعر جو تخلص.

- خَلِيلُ اللّٰهِ: ذ. صفت. الله جو دوست. اسم خاص. حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب.

● خَلِيلاڻِي: اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

● خَمُ ۽ خَمَ: ذ. [ف. خَمْ = ڏِنگُ] ڏِنگائي - ڏنگُ - ٽيڙُ - اڏائي - وَرُ - وڪڙُ - موڙُ - پيچُ - وَٽُ - پيچُ.

- خَمِ ابْرُو: ذ. ڀرون جي ڏِنگائي.

- خَمْ دارُ ۽ خَمْ دار: ذ. صفت. وَرَوڪڙ وارو - وَنگ وارو - ڏنگو - ٽيڙو - اڏو - ترڇو - پيچدار - پيچيدو.

● خُمُ: ذ. [ف]. شراب جو مَٽُ - دُنگُ - پيپُ.

- خُمْ خانَه: ذ. شراب خانو - ڪٽو - شراب پيئڻ جي جاءِ - بٺي.

● خُمَارَڻُ: مصدر. [فارسي مان ورتل] شراب پيارڻ - نشئي ڪرڻ.

- خُمَارُ ۽ خُمَارَ: ذ. نشو. نشي جي مستي - نشي جا پُورَ - مدهوشي. نشي لهڻ ڪان پوءِ سستي - ڀڃاڙيءَ جو نشو. ننڊ جو زورُ - آونگهه - گُهرُ - گِهَرَ - ننڊاکڙائي - خماري - پينڪي. اکين جي گُراڻ - اکين جي ڳاڙهاڻ. متوالي نظر.

- خُمَارُ آلُودَه ۽ خُمَارُ آلُودَه: ذ. صفت. نشي ۾ چُورُ - مخمور - مست - متوالو.

- خُمَارِجَڻُ: مصدر. ر. نشي ۾ پرجڻ - نشو ٿيڻ - هلڪي بيهوشي طاري ٿيڻ. ننڊ ۾ پرجڻ - گهرجڻ.

- خُمَارِي ۽ خُمَارِي: ذ. صفت. خمار وارو - خمار جو - نشئي - پينڪيل.

- خُمَارِي: ث. خمار - نشو - پينڪي.

● خُمَاسِي ۽ خُمَاسِي: ذ. صفت. [ع. خَمْسَة = پنج] علم نحو جي اصطلاح موجب پنجن اکرن وارو لفظ. جهڙوڪ: سَفَرجَل وغيره.

● خَمِيرُو: ذ. [ع. خمير] ٻن ڏينهن جو ڳوهيل ڪڻڪ اٽو.

● خُمچو ۽ خُمچا: ذ. [ف. خَمچَه = ڪومچو] ڪاٺ يا لوهه جو وڏو ٿالهه (جنهن ۾ ڪاڌي جا گهڻا ٿانو رکجن) ڪومچو - خونچو. ناز - نخرو - انگل (ڪ).

- خُمچا ڪرڻ (ڪ): ناز نخرا ڪرڻ.

● خَمْرُ ۽ خَمْرَ: ذ. [ع. خَمْرُ = شراب - نشو] انگورن جو رس (ڇچايل) - شراب - مئي - مَدُ. مستي (محبت جي) - عشق.

● خُمْرُو ۽ خُمْرا (ت). ذ. [ف]. ٺڪر جي ٿانو جو هڪ قسم (جو گڏري جي ڦاڪن وانگر تهيل هجي) - ٺيو.

● خَمْسُ: صفت. پنج - پنجن جي نسبت ڏيکاريندڙ، "حواس خمسه" - پنج حواس (ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ، ٻڌڻ ۽ ڇهڻ جا حواس).

● خَمُوش: صفت. [ف]. ماٺ ڪيل - چُپ - سانت - خاموش.

● خَمْيازَه: ذ. [ف]. آرس - اوٻاسي - لِنگ - ڪَر. بدلو - عوض - تاوان. رنج - تڪليف. پشيماني - افسوس.

Gul Hayat Institute

● خميده: صفت. [ف] ڏنگو- ڦڏو- خم وارو- مُڙيل- ڪُٻو- ڇپو- جهُڪيل.

● خَمِيرُ ۽ خَمِيرَ: ذ. ڳوهيل پاروٿو اٽو (جو گهڻو وقت اڳي ڳوهي رکجي ۽ ڪٺو ٿي پوي)- ڪٺو اٽو- ڳوهيل اٽو. ڪنهن به ڳوهيل شيءِ جو چاڙو- پنوڙو. ماڻهوءَ جي اصلي بناوت جو مواد- مير شتي- خلقت- فطرت- پيدائش- ترڪيب- ملاوت. ست- جوهر- عرق- مغز- عطر. دفن ڪرڻ جي جاءِ (ڪنهن مُردي ڪي)- لحد- قبر. ميٽي (جسم جي). صفت. بالغ- وَسيل- ماما پَل. پڪو- پڪَل. ميزاج- طبيعت- سڀاءُ.

- خَمِيرو ۽ خَمِيرا: ذ. ڳوهيل اٽو جو ڪٺو ٿي ويو هجي- ڪنڊ ۾ چاش ڪيل دوا، جيئن: "خميرو گاؤزبان وغيره".

● خَمِيسَ ۽ خَمِيسُون: ث. [ع] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن. هفتي جو پنجون ڏينهن- وسپت. قميص مان بگڙيل شڪل- چولو- پهراڻ.

● خَمِيصَ ۽ خَمِيصُون: ث. خميس- قميص- چولو- پهراڻ.

● خَنّاسُ ۽ خَنّاسَ: ذ. [ع. خَنَسَ = هو پوئتي هٽي ويو] سرڪش ديو- شيطان رجيم- خبيث روح- بدروح. شيطان- بڇڙو- پاپي- بدڪار. صفت. وسواس ۾ وجهندڙ. مردود- شرير- جيڪو بڇڙائيءَ جو ڏس ڏيئي پاڻ هٽي وڃي.

● خُنّاقُ ۽ خُنّاقَ: ذ. صفت. [ع. خَنَقَ = هن ڳلو گهٽيو] ڳلي گهٽڻ جي حالت. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳلو يعني نڙي سڄي پوندي آهي ۽ ماڻهو ساهه نه کڻي سگهڻ ڪري عموماً مري ويندو آهي).

● خُنّامُ ۽ خُنّامَ (ل): ذ. ڦڏو- فساد- مانداڻ- پائيمال. نقصان- حرج- ڇيهو- ٽوٽو.

● خَنبيرَ (ل): ذ. ["خمير" جي بگڙيل صورت] ڏسو "خَمِيرُ".

● خَنجَرُ ۽ خَنجَرَ: ذ. [ف] هڪ مشهور هٿيار جو نالو. ننڍي تلوار- ڪٽار- ڇُرو- وڏو چاقو.

● خَنجِري ۽ خَنجِريون: ث. دُهلڙي- دڦڪي- ڪنجري.

خَندانُ: ذ. صفت. [ف. خنديدن = کلڻ] کلندڙ- کلمُک.

● خَندَقُ ۽ خَندَقُون: ث. [ع] شهر جي بچاءَ لاءِ چئني طرفن کان کوٽيل کڏ- کاهي. اونهي کڏ. غارُ- چُرَ. آڙ- آڏ- مورچو.

● خَندُو ۽ خَندا: ذ. [ف. خنديدن = کلڻ] کل- ٽهڪ ٽهڪ- ٽهڪڙو- هاسي- هسي- کلڪو- ٺٺول- مسخري- چٿر. ڏولڳل- ڏيڪ.

- خَندو ڪرڻ: کِل ڪرڻ- ٽهڪڙو ڪرڻ- ٽهه ٽهه ڪرڻ- کِلون ڪرڻ- هاسي ڪرڻ- مسخري ڪرڻ- چٿر ڪرڻ- ٺٺول ڪرڻ- ڏولڳل هڻڻ.

- خَندَهُ: صفت. [ف] کِلندڙ.

- خَندَهُ پيشاني: ذ. صفت. کلمُک- خوش طبع- کِلڻو.

- خَندَهُ رُوءِ: ذ. صفت. کلمُک- خنده پيشاني.

- خَندَهُ رُوئي: ث. خوشي- خوش مزاجي- کلمُکائي.

- خَندَهُ زَنُ: ذ. صفت. کِلندڙ.

● خِنزِيرُ ۽ خِنزِيرَ: ذ. [ع] هڪ جانور جو نالو- سوئر- سيرون.

● خَنساءَ: اسم خاص. [ع] عرب جي هڪ بهترين شاعر عورت جو نالو (ان جو ديوان به هو. قادسيه واري لڙائيءَ ۾ هوءَ پنهنجن چئن پٽن سان شامل هئي ۽ آتي سندس چارئي پٽ شهيد ٿيا).

● خُنڪ: صفت. [ف] ٺريل- ٿڌو- سردُ- يخ- برف. چڱو- سٺو- خوش- ڪڙو ٽڙو.

- خُنڪارَ ۽ خُنڪارُون: ث. ٿڌ- ٿڌڪار- سردي. خوشي- موج- فرحت. خوشبوءِ- سُڳنڌ. مستي- نشو- مؤ- خمار. شهنشاهه- قيصر- مهاراجا. خُنڪي.

- خُنڪي ۽ خُنڪيُون: ث. ٿڌائي- ٺارُ- سردي. خُنڪار. وڏائي- آڪڙ. بي پرواهي. ڪڙائي.

- خُنڪي ڏيکارڻ: بي پروائي ڏيکارڻ- وڏائي ڏيکارڻ. آڪڙ ڏيکارڻ. ڪڙائي ڏيکارڻ.

Gul Hayat Institute

● خُوُ: ث. [ف] سڀاءُ - عادت - خصلت - سيرت.
- خُوُ ڪَرُ: ذ. صفت. عادِيُ - علتي - هيراڪ - ڀانڊائي.
● خُوابُ ۽ خُوابَ: ذ. [ف]. ننڊ ۾ ڏٺل نظارو - سپنو - رُوِيا. ننڊ - آولڪهه - آرام. خيال - تصوُر - ويچار - وهم - گمان. بشارت.
- خَوابُ آلُودَهُ: ذ. صفت. [ف. آلودن = رَل مِل ڪرڻ] ننڊاڪڙو - ننڊاٽيو - خُماريل - ڀنڪيل - ننڊ جا جهوٽا کائيندڙ.
- خَوابِ پريشَانُ: ذ. ڊيڄاريندڙ خواب - ڀڇڙو خواب - بگڙيل خواب - مُنجهيل خواب.
- خَواب جُون ڳالهيُونُ: ث. خيالي ڳالهيون - اجايون ڳالهيون.
- خَوابُ خيالُ ۽ خَوابَ خيالَ: ذ. وهم گمان - ويچار. اجايو ڏيک. گذريل ڳالهه جي آڪاٽي - درگذر - فنا - ختم ٿيل.
- خَوابُ خيالُ نَہ هُئَڻُ: ڪو به خيال نہ ٿيڻ - ڳالهه ويچار هيٺ نہ هجڻ - ارادو نہ رکڻ.
- خَوابُ ڏِسَڻُ: ننڊ ۾ ڪجهه ڏسڻ - سپنو لهڻ.
- خَوابِ غَفْلَتُ: ذ. غفلت جي ننڊ - بي پرواهيءَ جي ننڊ - لاغرضيءَ جي ننڊ - ويسلائي - اڪولڊ رائي.
- خَوابُ گاهِ ۽ خَوابُ گَاهُونُ: ث. سمهڻ جو ڪمرو - آرام ڪرڻ جي ڪوٺي يا جاءِ.
- خَوابُ لَهَڻُ: ننڊ ۾ ڪا ڳالهه ڏسڻ - سپنو ڏسڻ. شڪ پوڻ - وهم اچڻ - گمان پوڻ.
- خَواب ۾ بَرُ ڪَڻُ: بڙڻ - وِڙڻ.
- خَوابُ وَ خيالُ: ذ. وِسريل ڳالهه. ڪوڙي ڳالهه يا خيال.
- خَوابُ هُجَڻُ: ڪجهه به نہ هجڻ - خالي وَ شَمُ هجڻ.
- خَوابيدَگيُ ۽ خَوابيدگيُونُ: ث. غفلت - مُستي - ننڊ جي حالت - ڪاهلي - بي پرواهي.
● خَواجَا: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو - اسماعيلي ۽ اثناعشري فرقن جا پوئلڳ.
● خَواجو ۽ خَواجَا: ذ. [ف. خواجه = سردار] مالڪ - ڌڻي - گهر ڌڻي. سردار - آقا. ڪدڙو - غلام. (توران ۾ سيدن کي "خواجو" چيو ويندو آهي).

- خَواجہ تَاشُ: ذ. صفت. هڪ مالڪ جي سيني نوڪرن مان هرهڪ.
- خَواجہ سَرا: ذ. بادشاهن ۽ اميرن جي محلن جو داروغو - گهر ۾ ايندڙ ويندڙ يا ڪم ڪار ڪندڙ ڪدڙو غلام. (اڪثر ڪري مغل بادشاهن وٽ خواجه سرا هوندا هئا).
● خَواجہ خِضْرُ: اسم خاص. هڪ نبيءَ جو نالو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان کي حيات حاصل ٿيو، ان ڪري هن کي "پاڻيءَ جو بادشاهہ" سڏيو وڃي ٿو ۽ زنده آهي) - زنده پير - زنده ولي.
● خَوارُ: صفت. [ف. خوردن = کائڻ] کائيندڙ - کائڪ - کائو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ، جيئن تہ: شيرخوار وغيره. پيئندڙ - پياڪ، جيئن تہ: شرابخور، خونخوار وغيره.
● خُوارُ ۽ خُوارَ: ذ. صفت. [ف]. بدنام - بي عزت - بي مانُ - رُسوا - گِلارو - ڏتو - ذليل. آواره - ڪميڻو - تُڇ - ڪِريل - اوڇو - رول - دربدر - ردي - بُڇڙو - خراب - پريشان - تنگ - دُکي.
- خُوارِزيلُ: ذ. صفت. ["خارجي" جي بگڙيل صورت] خُوارُ - ترڙيل - بدنام - رُسوا - گِلارو. بدچال - ڪميڻو - ڪِريل.
- خُوارُ ڪَرَڻُ: ذليل ۽ رُسوا ڪرڻ - بُڇڙو ڪرڻ. حيران ۽ پريشان ڪرڻ. گِلارو ڪرڻ.
- خُوارِيُ ۽ خُوارِيُونُ: ث. بدنامي - گِلا - بي عزتي - بي مانِي - ذِلت - رُسوائي - ننداڻي - بدناموسي. بڇڙائي - نيچڻ - ڪميڻائي - ڏاميچائي.
- خُوارِيُ ڪَرَڻُ: بي عزتي ڪرڻ - بدنامي ڪرڻ.
- خُوارِيءَ ڪاڏو ۽ خُوارِيءَ ڪَاڏا: ذ. صفت. بدنام ٿيل - بڇڙو ٿيل - گِلارو.
- خُوارِيءَ ڪاڏو هَئَڻُ: بدنام هئڻ - گلارو هئڻ - بي عزت هئڻ.
● خَوارِزَمُ: اسم خاص. [ف]. جيحون نديءَ جي ڪناري تي هڪ شهر جو نالو.

Gul Hayat Institute

● خَواستُ: ذ. [ف. خواستن = گهُرڻ] گهُر - طلب - چاهہ. مرضي - خواهش. آسَ - اميد. عرض.

- خَواستہُ: گهربيل (خدا ناخواستہ = خدا نہ گهُري يا خدا نہ ڪري).

- خَواستگارُ ۽ خَواستگارَ: ذ. صفت. چاهيندڙ - گهُرندڙ - طلبگارُ - طالبو - طالب - آسائتو - اميدوار - خواهشمند - درخواست ڪندڙ - عرضدار.

- خَواستگاريُ ۽ خَواستگاريُون: ث. طلب - خواهش - گهُر - چاهنا.

● خَواصُ ۽ خَواصَ: ذ. [ع. "خاص" جو جمع] اميرَ - رئيسَ - نوابَ - اعليٰ درجي جا ماڻهو - خاندانَ - وڏا ماڻهو (مگر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ). اعليٰ درجي جو نوڪرُ - خاص - وڏو نوڪر. خدمتگارُ - ممتاز نوڪر. خاصيتون - اثرَ.

- خَواصيُ ۽ خَواصيُون: ث. خدمتگاري - خدمت - نوڪري - چاڪري. هم نشيني - شاهي سواريءَ ۾ پٺيان ويهڻ جي حالت.

● خَوانُ: ذ [ف] ماني يا طعام کڻي وڃڻ جو ٿانءُ - کاڌي رکڻ جو ٿالهہ - طباقُ - طشت - دسترخوان.

- خَوانُ پوشُ ۽ خَوانُ پوشَ: ذ. صفت. خونچي ڍڪڻ جو ڪپڙو. طعام ڍڪڻ جو ڪپڙو.

- خُوانْچو (خونچو): ذ. خوان - ننڍڙو دسترخوان. گهورڙين جي شين رکڻ لاءِ ٿالهہ - ڪاٺ جو وڏو ويڪرو ٿالهہ.

- خَوانُ سالارُ ۽ خَوانُ سالارَ: ذ. صفت. طعام ڏيندڙ - کاڌي تي نظرداري ڪندڙ - داروغو.

- خَوانُ سامانُ ۽ خَوانُ سامانَ: ذ. صفت. خان سامان - ٻورچي خاني جو نوڪر - ڪارائڻ پيارڻ جو سامان ڪندڙ. ڀنڊاري. عام مختيار. ٻورچين جي مٿان آفيسر.

- خَوانِ نِعمتُ: ث. الڳ الڳ قسمن جي کاڌي جو خونچو - طرح طرح جي قسمن جي کاڌن وارو ٿانءُ.

● خَوانُ: صفت [ف. خواندن = پڙهڻ] پڙهندڙ. ڳائيندڙ. مرڪبات جي آخر ۾ ٿو اچي؛ جيئن: ثناخوان، مدح خوان، نوحہ خوان وغيره.

- خَوانْدگيُ: ث. [ف]. پڙهائي - پڙهڻ جو ڪم.

- خَوانْدَنُ: مصدر. [ف]. پڙهڻ - علم سکڻ - لکڻ پڙهڻ جو هنر سکڻ. پڙهڻ - پڙهڻ جهڻ - جاڻڻ.

- خَوانْدو: ذ. صفت. [ف. خوانده = پڙهيل] تعليم يافتہ - عالم - ڄاڻندڙ. هوشيار - سمجهدار - ڄاڻو - چتر - ڏاهو - عاقل - سنو پرو - عقلمند - دانا - سياڻو.

- خَوانيُ ۽ خَوانيُون: ث. پڙهڻ جو ڪم - پڙهائي. هيءُ لفظ مرڪبات جي آخر ۾ ٿو ڪم اچي؛ جيئن: "قرآن خواني، مرثيہ خواني وغيره".

● خَواهُ: صفت. [ف. خواستن = گهُرڻ] گهُرندڙ - گهورو - چاهيندڙ - طلبگار - طالبو - خواهشمند. مرڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ؛ جيئن: "خيرخواهہ، بدخواهہ وغيره". (حرف جملو) يا - يا تہ - توڙي - ڀلي. ٺ. چاهي - ڀيءَ حالت ۾ - نہ تہ - ڀلي مان هڪڙو؛ جيئن: "فلاڻو خواهہ فلاڻو".

- خَواهانُ: صفت. چاهيندڙ - گهُرندڙ - طالبو - طلبگارُ.

- خَواهہُ مَخَواهہُ: ظرف. هر ويرو - اجايو - ريءَ گناهہ - بنا ڏوهہ - بي سبب - بي ڏوهہ - بي واجبي - بنا ڪنهن سبب جي - خالي پيلي - لاچار - لاچار - بي وس - زوري - زبردستي - مجبوراً.

● خَواهِشُ ۽ خَواهِشُون: ث [ف. خواستن = گهُرڻ] گهُرَ - طَلَبَ - چاهہَ - سِڪَ - اِڇا - مَنْشا - مرضي - ڪامنا - دل. چاهنا - گهُرپَ - آرزو - تمنّا. خيال - اِرادو - نيّت - راءِ - آڪير - شوق - حُبُ - آڪند. مطلب - مقصد - مُراد.

- خَواهِشْمَنْدُ ۽ خُواهِشْمَنْدَ: ذ. صفت. گهُرندڙ - چاهيندڙ - طالبو - گهورو - خواهان - سَڌائتو - اِڇاوان - آسائتو. گهُرجائو - ضرورتمند.

● خَواهَرُ: ث. [ف]. ڀيڻ - همشيره - ڀينَرُ.
● خُوبُ ج خُوبُ: ذ. صفت. [ف]. چڱو - سٺو - ڀلو - بهترين - تمام سٺو - عمدو - سهڻو. ڀلارو - آچو - آتم - اعليٰ - ليڪ - لائق - وڻندڙ - پيارو - زيبا.
- خُوب ڀِلهاڙو ڪَرَڻُ (ت): خوب ڪشمڪش ڪرڻ.
- خُوبُ تَرُ: صفت. وڏيڪ چڱو - وڏيڪ سٺو.
- خُو برو ج خُو برو: ذ. صفت. سهڻي شڪل وارو - سهڻو - خوبصورت - حَسِين - مَلوڪُ - سُنْدر.
- خُو برُوئِيُ: ث. شڪل جي سهڻائي - سونهن - حُسن - سُند رتا - خوبصورتي.
- خُوب سِيْرَتُ: ث. صفت. نيڪ سيرت - سٺن لڇڻن وارو - نيڪ اعمالن وارو - چڱن افعالن وارو - سٺين عادتن وارو - فضيلت وارو.
- خُوبُ صُورَتُ: ذ. صفت. سهڻي شڪل وارو - سهڻو - سُنْدر - حَسِين - حُسن وَنْدُ - سوڀياوان - ٺاهوڪو - وينگس - شڪيل.
- خُوب صُورَتِيُ ج خُوب صُورَتِيُون: ث. شڪل جي سهڻائي - سُونهن - حُسن - سُند رتا - سوڀيا.
- خُوب نُما: ذ. صفت. چڱو ڏسڻ ۾ ايندڙ - سهڻي ڏيک وارو. سٺي ڳالهه - سُٺائي - عُمدائي.
- خُوبِيُ ج خُوبِيُون: ث. چڱائي - ڀلائي - بهتري - فائدو - ليڪي - لاڀُ - نفعو - ٺورو. سُند رتا - سُهڻائي - سُونهن - مَلُوڪائي - سُڀاءُ - خصلت - خاصيت - ڳڻ. ليڪي - ناموس - ساراهه - واکاڻ.
● خُوبانِيُ ج خُوبانِيُون: ث. ميوي جو هڪ قسم - زَرْدالو.
● خوجو ج خوجا: ذ. صفت. ڪدڙو - مُخَنَّثُ -
● خُود: ضمير. [ف]. پاڻَ - پِنڊ - پنهنجي سِر - ذات - نَفْسُ.
- خُودُ آرائِيُ: ث. پاڻ کي سينگارڻ جي حالت - ٺاهه ٺوهه - هار سينگار. خود نُمائي - فخر - تَڪَبر.
- خُود اِخْتِيارُ: ذ. صفت. خود مختار - پنهنجي وَسِ - روءِ سِوءِ - آزاد - ڇُڙواڳ.
- خُود اِخْتِيارِيُ ج خُود اِخْتِيارِيُون: ث. خود مختاري - آزادي - ڇڙواڳي.
- خُودُ بِخُودُ: ظرف. پنهنجو پاڻ - ازخود - پاڻمرادو - پاڻهي - بنا چوڻ جي.
● خُودُ بِينُ ج خُودُ بِينَ: ذ. صفت. پاڻ کي ڏسندڙ - پاڻ کي پسند ڪندڙ - وڏائي خور - پاڻ کي وڏو سمجهندڙ - خود پسند - ايمانُ - هٺيلو - مغرور - پاڻ کي پڏائيندڙ.
- خُودُ بِينِيُ: ث. پاڻ کي ڏسڻ جي حالت - خود پسندي - مغروري - غرور - تڪبّر - هَٺُ - وڏائي - ايماني.
- خُود ثَنا: ذ. صفت. پنهنجي پاڻ واکاڻ ڪندڙ - پاڻ کي ساراهيندڙ - ٻٽاڪي. مغرور.
- خُود ثَنائِيُ: ث. پاڻ ساراهڻ جي حالت - آپ وڏائي - پنهنجي ساراهه - پنهنجي ساک.
- خُودُ پَرَسْتُ: ذ. صفت. پنهنجو پاڻ کي پوڄيندڙ - پنهنجي نفس جو پوڄاري. خود پسند - هٺيلو - مغرور - وڏائي ڪندڙ - ايماني - پڌٽو - ترڙو - ٻٽاڪي - هلڪي طبيعت وارو. خود مطلب.
- خُودُ پَرَسْتِيُ: ث. پنهنجو پاڻ پوڄڻ جي حالت. خود ثنائي - خود پسندي. مغروري - وڏائي - هَٺُ - تڪبر. خود مطلبي.
- خُودُ پَسَنْدُ: ذ. صفت. پاڻ کي پسند ڪندڙ - پنهنجو پاڻ وڻندڙ. پنهنجو پاڻ کي هر ويرو ٻين کان بهتر سمجهندڙ. پنهنجي مرضي مطابق هلندڙ. خود بين - خود ثنا - خود پرست.
- خُود پَسَنْدِيُ: ث. پنهنجو پاڻ کي بهتر سمجهڻ جي حالت. خود رائي - خود بيني - خود ثنائي - خود پرستي.
- خُودُدارُ ج خُودُدارَ: ذ. صفت. پنهنجو پاڻ رکندڙ - پنهنجي آبرو جو پاڻ خيال رکندڙ - غيور - غيرتمند - غيرت وارو. ٻين جي اڳيان پنهنجي گهٽتائي نه ڏيکاريندڙ - ٻئي جي محتاجي نه قبوليندڙ. گنڀير - سنجيده - صابر - بردبار.

Gul Hayat Institute

- خُودُداري: ث. پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي حالت - پنهنجي عزت - شخصيت - مان - شان - عزتِ نفس - غيرت. بي پرواهي - لاغرضي.
- خود راءِ: ذ. صفت. پنهنجي راءِ تي هلڻ وارو - پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ - خود خيال - هٺيلو.
- خُودُ رَفتگيُ ۽ خُودُ رَفتگيون: ث. پاڻ کان ٻاهر نڪرڻ جي حالت - بي خودي - مدهوشي - بي خبري.
- خُودُ رَفتہ: ذ. صفت. پاڻ کان نڪتل - پاڻ کان ٻاهر - مدهوش - بي خبر - بي خود - جنهن کي پنهنجي خبر نہ هجي - هوش کان ٻاهر.
- خُودُ رُو: ذ. صفت. پاڻهي اپرندڙ (جهنگلي ٻوٽا).
- خُودُ ساختہ: ذ. صفت. پنهنجو جوڙيل - ٺاهيل - هٿ جو ٺاهيل - بنايل - پنهنجي منهن ٺهيل - پنهنجو پاڻ ٺهيل.
- خُودُ ستائي: ث. پنهنجي تعريف پاڻ ڪرڻ جي حالت - خودثنائي - ٻٽاڪ - ٻاڙ - پاڻ کي ڦُندائڻ.
- خُودُ سَرُ: ذ. صفت. سرڪش - ضدي - هٺيلو - هوڏي - خود راءِ - پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ.
- خُود سَري: ث. سرڪشي - ضديت - هٺيلائي - تڪبّر - خود رائي.
- خُودُ غَرَضُ ۽ خُودُ غَرَضَ: ذ. صفت. پنهنجي مطلب وارو - پنهنجي غرض وارو - پنهنجي ڪم وارو - غرضائتو - مطلبي - خود مطلبي. فقط پنهنجو فائدو ڳوليندڙ - لالچي.
- خُودُ غَرَضيُ: ث. پنهنجو ڪم - پنهنجو مطلب - پنهنجو غرض - خود مطلبي - لالچ - پنهنجو فائدو سوچڻ واري حالت.
- خُودُ فَراموشُ ۽ خُودُ فَراموشَ: ذ. صفت. پاڻ کي وساريندڙ - غافل.
- خُودُ فَراموشي: ث. پاڻ کي وسارڻ واري حالت - غفلت.
- خُودُ ڪامي: ث. خود غرضي - خود مطلبي - فقط پنهنجي بهتري چاهڻ واري حالت.
- خُود ڪَشيدہ ۽ خُود ڪَشيدا: ذ. صفت. پنهنجو پاڻ ڇڪيندڙ - سوهيندڙ - تمام مٿو - بهترين.
- خُود ڪُشي: ث. پاڻ کي مارڻ جي حالت - آپ گهات - آتم هتيا.
- خُود ڪُشي ڪَرَڻ: پنهنجو پاڻ کي مارڻ - آپ گهات ڪرڻ - آتم هتيا ڪرڻ.
- خُود مُختيارُ ۽ خُود مُختيارَ: ذ. صفت. پنهنجي مرضيءَ تي هلندڙ - خود خيال - خود راءِ. (مختار عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو سنڌيءَ ۾ ڦري "مختيار" ٿيو آهي). اختيار وارو - ڇڙواڳ - آزاد - سُوتنتر - پابنديءَ کان آجو - بي پرواهہ - بي ڪاڻيو. پنهنجي پيرن تي - پاڻ پرو - روءِ سُوءِ - پنهنجيءَ وارو - هولڊ وارو - بي احتياج.
- خُود مُختياري: ث. آزادي - خود خيالي - بي پرواهي - لاپرواهي - ڇڙواڳي - شخصي حڪومت.
- خُود مَطلَبُ ۽ خُود مَطلَبَ: ذ. صفت. خود غرض - رڳو پنهنجو فائدو چاهيندڙ.
- خُود مَطلَبي: ذ. صفت. خود غرضي - فقط پنهنجي شخصي ڀلائي چاهڻ جي حالت.
- خُود نُما ۽ خُود نُما: ذ. صفت. پنهنجو پاڻ ڏيکاريندڙ - ڏيکاڻو - ڏيکر - ڏيکي - آڊمبري. ضدي - مغرور - هٺيلو - ترڙو - هلڪڙو.
- خُود نُمائي: ث. پنهنجي ڏيکائي ڏيڻ واري حالت - ڏيکاءُ - ڏيک - ڏيکر - اڊمبري. مغروري - شيخي - وڏائي - ضديت.
- خُودي ۽ خُودِيون: ث. پاڻ پڻو - آپو - شخصيت - انانيّت. وڏائي - ڪبر يائي. خود مختياري - خود سري. خود غرضي. خود پسندي - خود بيني. خود داري. غرور - هٺ. گهمنڊ - ايمان - تانءُ - ٺينڊ. احساس برتري.
- خُود ياوَري: ث. پنهنجي مدد - پنهنجي همت - پنهنجي سُڌِي.
- خُود يُون وَرَند يُون ڏِيَڻ: (ت): سامهون ٿيڻ - اجايا سجايا لفظ ڪيڻ - لحاظ نہ رکڻ.
● خُودُ ۽ خُودَ: ذ. [ف]. لڙائيءَ ۾ مٿي جي بچاءَ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ قسم جي لوهي ٽوپي يا ٽوپ - لوهہ جو هول - مٿي جي زره - ڪلنگي - لوهو ٽوپلو (ت).

Gul Hayat Institute

● خُودباف: ذ. [ف] گل جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن ۾ گُل آئيل هجن).

● خُورُ: ذ. [ف. 'خورشيد' مان تخفيف ٿيل] سج - آفتاب - سورج - سِهر - شمس.

● خورُ ع خورَ: صفت. [ف. 'خوردن' منجهان امر جو صيغو] کائيندڙ. مرڪبات ۾ استعمال ٿئي ٿو، جيئن: "گوشت خور، رشوت خور، حرامخور وغيره."

- خُوردُ: ذ. کاڌو - چُوٽو - قُوتُ.

- خوردونوشُ: کاڌو پيتو - داڻو پاڻي.

● خورَاڪَ ع خوراڪُو: ث. [ف. خوردن = کائڻ] کائڻ جي شيءِ - کاڌو - کانو - ماني - طعام - راشن - کاڄ - غذا - پوڇن - آهار. روزينو - راتبُ - چُوڻو - رسدُ. آذقو - توشو - قُوت - گذران. جانورن جو کاڌو - چارو. عمدو کاڌو - مغزيات ڀول کاڌو - طاقتور غذا - طاقتور شيءِ - پوڳھڙو. (ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو اصطلاح) هڪ وزن (دوا وغيره جو).

- خوراڪيُ ع خورَاڪيُ: ذ. صفت. خوراڪ وارو. سنا ۽ طاقت وارا کاڌا کائيندڙ. طاقت واريون شيون (کاڌو ۽ دوائون وغيره) کائيندڙ. سُٺي کاڌي جو شوقين.

● خُوردِ: ذ. صفت. ننڍو.

- خُوردِ بينيُ ع خُوردِ بينيُونُ: ث. ننڍين شين کي وڏائي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار.

- خُوردِ سالُ: صفت. ننڍيءَ عمر جو - صغير - ننڍو.

- خُوردُوڪلانُ: ذ. صفت. [ف. ڪلان = وڏو] ننڍا وڏا.

● خُوردِ بُردُ: ذ. [ف. خوردن + بُردن = کٽي وڃڻ] هضم ڪرڻ جي حالت (پئسا، کاڌو وغيره) خيانت - بي ايماني - ٺڳي - هڙپ - هضم - غبن - تغلبُ. بي جا کاپو - فضول خرچ - بي جا تصرّفُ (پئسن وغيره جو).

- خُوردِ بُردُ ڪرَڻُ: کائي ناس ڪرڻ. ڪنهن جا پئسا کائي وڃڻ - هضم ڪرڻ. بي ايماني ڪرڻ. خيانت ڪرڻ. ڪنهن مان ٺڳي ڪرڻ. بي جا کاپو ڪرڻ.

● خُوردُو ع خُوردَا: ذ. [ف. خورد = ننڍو] ننڍو سِڪو - ننڍا سِڪا - ريجو - ريزو - ريزگاري.

● خُورُزينَ ع خُورزينُون: ث. [ف] خُرجين - کُرجين - کرسَڻ.

● خُورسَنْدُ: ذ. صفت. [ف] خوش - سرهو. سُکي - آسودو - خُرّمُ.

● خُورشُ ع خُورشُون: ث. [ف. خوردن منجهان] کائڻ جي شيءِ - کاڌو - خوراڪ - غذا - پوڇن - طعام - آهار - کاڄ - قُوتُ - چارو - چوڳو - چُوڻو - داڻو - پالنا.

● خُورشيدُ: ذ. [ف] سج - سُورج - سوريه - سج - سِهر - آفتاب - شمس - خاور - اِندرُ.

● خورڪائڻ: کوڙ کائڻ - سَٽَل ڪرڻ (پيس ڪوٽ راند ۾).

● خورمَاڪيُ: اسم خاص. بلوچستان جو هڪ علائقو.

● خُوشُ: صفت. [ف. خُشُ = سرهو] سرهو - راضي - مگن - مَستُ - شاد - شادان - مسرورُ - خُرّمُ - نهال - پرسن - سُکي - سُکيو - آسودو - توالو - چاق - ٺَرُ - لو بنو - چڱو ڀلو - تندرست - آباد - سائو - سرسبز - تازو - شاداب. بخت وارو - ڀختاور - ڀاڳوان - سڀاڳو. ونندڙ - چڱو - اڇڪ - سُٺو - عمدو.

- خُوشَا: حرف ندا. اي خوش! - مبارڪ!

- خُوشآبُ: ذ. صفت. پاڻيءَ وارو - تازو. صاف - چمڪيدار - خوشابُ. مرڪبات ۾ هيءُ لفظ "دُرّ يا گوهر" سان گڏ اچي. جيئن: "دُرّ خوشاب" چمڪندڙ موتي."

- خُوش آمدُ: حرف ندا. ڀلي ڪري آيا! مرحبا جو لفظ. ث. خُوشامد.

- خُوش آمدِ يُ: حرف ندا. استقبال جا لفظ. ڀلي ڪري آيا.

- خُوشُ آوازُ ع خُوشُ آوازَ: ذ. صفت. مٺي آواز وارو. مٺي آواز وارو. سُريلو.

- خُوشُ آهنگُ: ذ. صفت. خوش آواز. مٺي سُر وارو. سُريلو. ڪِل خوشيءَ سان گڏ ڪرڻ وارو.

Gul Hayat Institute

- خُوشُ آيِنْدَهُ: صفت. خوش ڪندڙ - وڻندڙ - دلپسند - سٺو - عمدو.
- خُوشُ اَخْلاقُ: ذ. صفت. سٺن لڇڻن وارو - سلڇڻو.
- خُوشُ اُسْلُوبُ: ذ. صفت. سٺي اصولي وارو - خوش وضع. خوبصورت - عمدي طريقي وارو.
- خُوشُ اُسْلُوبِي: ث. چڱو لمولو - سهڻي طرز - سٺيءَ طرح - عمدو طريقو.
- خُوشُ اَطْوارُ: ذ. صفت. سٺين عادتن وارو - سلڇڻو - سليقي منڊ - سگهڙ - هٿن سچو - فضيلت وارو - تهذيب وارو.
- خُوشُ اِقْبَالُ: ذ. صفت. ڀاڳو - نصيب وارو - خوش نصيب - بخت وارو - بختاور - بامراد - وڏي اقبال وارو.
- خُوشُ اِلْحَانُ: ذ. صفت. سهڻي آواز وارو - سُريلو - خوش آواز - خوش آهنگ - مٺي آواز وارو.
- خُوشُ اِلْحَانِي: ث. خوش آوازي - مٺو آواز - سُريلائپ - سُريلائي.
- خُوشُ اِنْتِظامِي: ث. عمدو بندوبست - سٺو انتظام.
- خُوشُ اَنْدامُ: ذ. صفت. سهڻين وصفن وارو - سهڻي شڪل وارو - شڪيل - خوبصورت - ڊولائتو - سڊول.
- خُوشُ باشُ: صفت. پنهنجي خوشيءَ سان رهندڙ - سهنجو - سکيو - آسودو. راضي. تند رست - نوبنو. بي پرواهه - بي فڪر.
- خُوشْبُوْ ۽ خُوشْبُوْ يُونْ: ث. سٺي باس - وڻندڙ بوءِ - سٺي بوءِ - سُڳنڌ - سُرهاڻ - سُرهائي - هڳاءُ - هٻڪار - مهڪ. عطر - خوشبوءِ.
- خُوشْبُودارُ ۽ خُوشْبُودارَ: ذ. صفت. سٺي بوءِ وارو - سُرهو - سُڳنڌو - مُعطّر. خوشبوءِ دار.
- خُوشْبُوءِ ۽ خُوشْبُوئِيُونْ: ث. ڏسو "خُوشْبُوْ".
- خُوشْبُوءِ دارُ ۽ خُوشْبُوءِ دارَ: ذ. صفت. خوشبودار.

- خُوشُ بَيَانُ: ذ. صفت. سٺي نموني ۾ ڳالهه ڪندڙ - خوش ڪلام - شيرين گفتار. عمدي تقرير ڪندڙ - ڳالهائڻ جو فصيح ۽ بليغ.
- خُوشُ بَيَانِي: ث. تقرير جي عمدگي - خوش گفتاري - فصاحت - بلاغت.
- خُوشُ تَقْرِيرُ: ذ. صفت. عمدي تقرير ڪندڙ - خوش بيان - خوش گفتار - خوش آواز - فَصِيحُ.
- خُوشُ ٿِيَڻُ: راضي ٿيڻ - سَرهو ٿيڻ - شاد ٿيڻ - کلڻ.
- خُوشُ پوشاڪُ: ذ. صفت. سٺو لباس پهريندڙ - سفيد پوش. سٺن ڪپڙن وارو - سکيو ستابو - آسودو.
- خُوشُ جيئُرو ۽ خُوشُ جيئُرا: ذ. صفت. خوش باش - خوش - شاد - سَرهو. خوش خلق - خوش مزاج. کِلڻو - کِلمُک - کِل مُنهون - کلائيندڙ - فرحتي - سهڄو. مزيدار - وڻندڙ.
- خُوشُ حالُ ۽ خُوشُ حالَ: ذ. صفت. سٺي حال وارو - سٺي حالت وارو - آسودو - سکيو - خوش - سرهو. امير - تونگر.
- خُوشُ حالِي ۽ خُوشُ حالِيُونْ: ث. آسودگي - سُکيائي - خوشي - سَرهائي - فولد - يُسْرتُ - ثَرْوتُ.
- خُوشُ خَبَرُ: ث. سٺي خبر - وڻندڙ ڳالهه - بشارتَ.
- خُوشُ خَبْرِي: ث. سٺي ڳالهه - خوشيءَ واري ڳالهه - وڻندڙ خبر - بشارت - نويد.
- خُوشُ خَبْرِي ڏِيَڻُ: بشارت ڏيڻ - مبارڪ ڏيڻ.
- خُوشُ خَرامُ: ذ. صفت. سهڻو هلندڙ - ناز سان آهستي هلندڙ - خوش رفتار. ٿيلهندڙ.
- خُوشُ خَرامِي: ث. سهڻي هلت - آهستگيءَ سان هلڻ جي حالت - ناز وارو هلڻ - ٿيلارو.
- خُوشُ خِصالُ: ذ. صفت. خُوشُ اَطْوار - سهڻين عادتن وارو - سهڻين خصلتن وارو.

Gul Hayat Institute

- خُوش خَط: ذ. سُٺو لکڻ - عمدي تحرير - سهڻا اکر. صفت. سهڻا اکر لکندڙ - سُٺو لکندڙ. عمدا اکر لکڻ وارو.

- خُوشخَطي ۽ خُوشخَطِيُون: ث. ڪِتابَت - سهڻي لکڻي. عمدي تحرير. سهڻا اکر.

- خُوش خُلق: ذ. صفت. سُٺي سڀاءُ وارو. خوش آخلاق. صاحبِ اخلاق. سُٺين عادتن وارو. سُلڇڻو - کِلمُک - خوش طبع - رلڻو ملڻو - لحاظ وارو. مُروّت وارو.

- خُوش خُو: ذ. صفت. سُٺي سڀاءُ وارو. سٺي خصلت وارو.

- خُوش خُوراڪ ۽ خُوش خوراڪ: صفت. عمدو ۽ لذيذ کاڌو کائيندڙ. سٺو کاڌو کائيندڙ - خوش غذا. خوش گذران. سڀ ماني ۽ وارو. چسڪن تي هيريل. پيٽ لَٽ.

- خُوش خيال: ذ. صفت. عمدن خيالن وارو. خوش فڪر - شاعر - مُصنِّف.

- خُوش دِل: ذ. صفت. خوش - شادان - مگن - مَست - بشاش - رلڻو ملڻو - کِلمُک - چرچائي - ٽهڪائي - خوش ڪندڙ - وڻندڙ. خوش جيئڙو - زنده دِل - مذاقي.

- خُوش دِلي: ث. خوشي - مزو - فرحت - لذّت - ذوق - لطف - وندر - دلپسندي - خاطري - راضپو - زنده دلي - چرچا ٽهڪا.

- خُوش دِماغ ۽ خُوش دِماغ: ذ. صفت. خوش خيال - هوشمند - سمجهدار - عقل وارو.

- خُوش ذائقه: ذ. صفت. سُٺي سواد وارو. لذّت وارو - ذائقي وارو - لذيذ - سوادي - مزيدار.

- خُوش رفتار: ذ. صفت. سٺي چال هلندڙ.

- خُوش رَنگ: ذ. صفت. سٺو ۽ چٽو رنگ. وڻندڙ رنگ وارو. شوخ رنگ.

- خُوش زَباني: ث. خوش بياني - چترائي - مٺو ڳالهائڻ.

- خُوش طَبع ۽ خُوش طَبع: ذ. صفت. سُٺي طبيعت وارو. چرچائي - مذاقي - کِلمُک - زنده دِل - ٻوڏائي - ظريف - مسخرو - کِلائيندڙ.

- خُوش طَبعي: ث. چرچو ٽوڪ - کِل مسخري - کِلمُکائي - خوش مزاجي - ظرافت - مسخري - چرچا مسخري - روح رهاڻ.

- خُوش طِينَت: ذ. صفت. نيڪ خصلت - خوش اطوار - نيڪ طبيعت.

- خُوش عِنان: ذ. صفت. [عنان = واڳ] سهڻي خصلت وارو - مُطيع - فرمانبردار. گهوڙو - اشاري سان هلندڙ گهوڙو - اصيل گهوڙو.

- خُوش قِسمَت: ذ. صفت. سٺي بخت وارو. سڀاڳو - بختاور - خوش نصيب.

- خُوش قِسمَتي: نيڪ بختي - سڀاڳ - خوش نصيبي.

- خُوش قَلَم ۽ خُوش قَلَم: ذ. صفت. سهڻو لکندڙ - خوش خط.

- خُوش ڪَرَڻ: راضي ڪرڻ - سرهو ڪرڻ - نهال ڪرڻ - مسرور ڪرڻ - فرحت ڏيڻ. تسڪين ڏيڻ.

- خُوش گُذران ۽ خُوش گُذران: ذ. صفت. سٺي گذران وارو - خوش خوراڪ.

- خُوش گُفتار ۽ خُوش گُفتار: ذ. صفت. سُٺيءَ طرح ڳالهائيندڙ - خوش بيان.

- خُوش گُلُو: ذ. صفت. [ف. گُلو = ڳلو - نڙي] خوش الحان - سُريلو.

- خُوش گوار: صفت. مزيدار - مفيد - نِرو ويو - لذيذ - وڻندڙ - دِلپسند - صحت بخش - فائدي وارو - هضم ٿيڻ جهڙو - زُود هضم. اهڙا شيءِ جنهن جي کائڻ سان طبيعت خوش ٿئي.

- خُوش لِباس ۽ خُوش لِباس: ذ. صفت. سٺي پوشاڪ وارو - خوش پوشاڪ - سفيد پوشاڪ.

- خُوش مِزاج ۽ خُوش مِزاج: ذ. خوش طبع - سهڻي سڀاءُ وارو.

- خُوش مُعامَلو: ذ. صفت. سٺن ڪمن وارو. ڪن ۾ چڱو هلڻ وارو. چڱي هلت وارو. ڏيتي ليتيءَ جو صاف.

- خُوش نَصِيب ۽ خُوش نَصِيب: ذ. صفت. سٺي ڀاڳ وارو. نصيب وارو. خوش قسمت. ڀاڳوان. نيڪ بخت.

Gul Hayat Institute

- خُوشُ نَصِيبِي: ث. خوش قسمتي - ليک بختي.
- خُوش نُمَا: ذ. صفت. سٺو ڏسڻ ۾ ايندڙ - خوبصورت - دلچسپ - وڻندڙ - سهڻو - زيبائتو.
- خُوش نُمَائِي: ث. زيبائش - ڏيک ويک. دلچسپي.
- خُوشنُودُ: ذ. صفت. خُوشُ - خُرّم - راضي - ڀلهال - سُکي - آسودو. خوش باش - خوش خُرّم - سڀڇو - هوند وارو.
- خُوشنُودِي: ث. خوشي - آنند - فرحت - راضپو - رضامندو. مرضي.
- خُوش نَوِيسُ ۽ خُوش نَوِيسَ: ذ. صفت. عمدو لکندڙ - خوش خط - عمدو ڪاتب - سٺا اکر لکندڙ.
- خُوش نِيَّتُ: ذ. صفت. سٺي نيت وارو - ليک نيت - ايماندار - ديانتدار - خيرخواه.
- خُوش نِيَّتِي: ث. ايمانداري - نيک نيتي - خيرخواهي.
- خُوش وَ خُرّم: صفت. شادان و فرحان - خوش باش - چڱو ڀلو - شاد - آنند - سرهو - تندرست.
- خُوش وَقتُ: ذ. ظرف. خوشحال - آسان زندگي - آسودگي.
- خُوشِي ۽ خُوشِيُون: ث. سُک - ڪلياڻ - آنند - پرسنتا - آسودگي - سُرور - مُسرّت - سرهائي - منگل. راحت - بهاري - مزو - آمنگ - لذت - فرحت - ونڊر - لطف - ذوق - موج. عيش پسندي - پوگ بلاس - شاد ماني. مرضي - رضامندو - راضپو. بي فڪري.
- خُوشِي جِيئَڙو ۽ خُوشِي جِيئَڙا: ذ. صفت. خُوش جيئَڙو - ڪيلمُڪ.
- خُوشِيءَ سَان: ظرف. ڏاڍي آمنگ ۽ چاهه سان - مرضيءَ سان - رضامندي سان.
- خُوشِي ڪَرَڻُ: جشن ڪرڻ - خوشي ملهائڻ. شادي ڪرڻ.
- خُوشِي مَلهَائِڻُ: خوشي ڪرڻ.

● خُوشَامَدَ: ث. [ف]. چاپلوسي - چٽَ - ڏاڍر. اجائي ساراهَ - ڪوڙي تعريف. مرحبا - آدرڀاءُ - خاطرداري. نازبرداري.
- خُوشَامَدُ زِيو ۽ خُوشَامَدُ زِيَا: ذ. صفت. خوشامد ڪندڙ - چٽَ ڏيندڙ - چاپلُوسُ - خوشامدي.
- خُوشَامَدُ ڪَرَڻُ: چاپلوسي ڪرڻ - چٽَ ڀَڏَڻُ. مرحبا ڪرڻ - آدرڀاءُ ڪرڻ.
- خُوشَامَدِي ۽ خُوشَامَدِي: ذ. صفت. خوشامد زيو.

● خُوشَہ: ذ. [ف]. سنگ (ڪڻڪ پوک جو). ڇڳو (انگورن ڊاک وغيره جو). ڀڪيءَ جو هڪ قسم. انبَ لٺ.
- خُوشَہ چِينُ: ذ. صفت. [ف. چين = چونڊيندڙ] ٻين ڪان فيض حاصل ڪندڙ. ٻين جي ڪلام وغيره مان ڪجهه ڪُندڙ يا چولڊيندڙ. رهيل کهيل ڪٺڻ وارو.

● خُوشِي ۽ خُوشِيُون (ڪ): ث. ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم - ڪُنن ڪڙي ٻڪري.

● خُوشِيرُو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● خَوضُ: ذ. [ع. خَوضَ > خَاضَ = هُن ٽُبي هڻي] پاڻيءَ ۾ ٽُبي هڻڻ جي حالت - غوطو - ٽبي. ڪنهن ڳالهه جي ڳُنتي - ڳُوڙهو ويچار - فڪر - ويچار - غور - سوچ - ڌيان - ڳڻ ڳوت.

● خَوفُ ۽ خَوفَ: ذ. [ع. خَافَ = هو ڊڄي ويو] ڊپ - ڀئو - ڊاءُ - هول - ڊڄ - هيبت - ڏر - خطرو - انديشو - دهشت - هراس - ادڪو - آلڪو.
- خَوفنَائِيتو ۽ خَوفنَائِيتَا: ذ. صفت. ڊپ وارو - ڀئو وارو - ڀوائتو - خوفناڪ - هيبتناڪ - خطرناڪ - ڀيانڪ.
- خَوف زَدَہ: ذ. صفت. ڊپ ۾ ورتل - هراسيل - ڊڄَنل.
- خَوف ڪَرَڻُ: ڊڄڻ - ڊپ ڪرڻ. انديشو ڪرڻ. رحم ڪرڻ - ترس کائڻ.

Gul Hayat Institute

- خوفناڪ ۽ خوفناڪ: ذ. صفت. ڊپ وارو- ڀوائتو- ڊ ڄائتو- ڊيڄاريندڙ- هيبت وارو- ڀَيانڪ- خوفائتو.

● خوڪ: ذ. [ف] هڪ جانور جو قسم- سوئر- ميرون- خنزير.

● خول ۽ خول: ذ. [ف] سنهون غلاف (تلوار وغيره جو). مياڻ- کوپو.

● خوليسر: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. چوٽيءَ وارو هڪ پکي.

● خومان ۽ خومانَ (ت): ذ. [ف. خوان = دسترخوان] گهڻو ۽ سٺو کاڌو.

- خوماڻ کائڻ: سٺو کاڌو کائڻ.

● خومچو ۽ خومچا: ذ. [ف. خوانچه = خونچو- خومچو] کاڌي رکڻ جو وڏو ٿالهه. طبق- ٿاڪ- لغن- خوانچو.

● خون ۽ خون: ذ. [ف] ساهه واري جي بدن جي پاڻيٺ- رت- لهو- لوهو. ڪنهن ساهه واري کي مارڻ جي حالت. جيو هتيا- مردم ڪشي- موت- ڪوس- خونريزي. اولاد- عزيز- عزازت- ماڻهوءَ جو ناتو- نسل- پيڙهي- ذات.

- خون آشام: ذ. صفت. رت جو پياسي- خونخوار.

- خونِ آلود: ذ. صفت. رت ۾ ٻريل- رتورت- رت ٿيل. رت لڳل- رت سان ڳاڙهو. اسم خاص. گل جو هڪ قسم (جو رات جو سرهاڻ ڏيندو آهي).

- خوناب: ذ. رت وارو پاڻي. رت جا ڳوڙها. ڳاڙهو رنگ.

- خون افشان: ذ. صفت. خون وهائيندڙ.

- خون افشاني: ث. رت وهائڻ جي حالت. رتوڇاڻ- خونريزي.

- خونبار: ذ. صفت. (ف) رت وهائيندڙ (هيءُ لفظ اک سان گڏ گهڻو ڪري استعمال ٿيندو آهي، جيئن: "چشمِ خونبار" وغيره). رت روئڻ.

- خون بگڙڻ: رت خراب ٿيڻ- ڪوڙهه يا جذام ٿيڻ.

- خون بها ۽ خون بهائون: ث. خون جي قيمت. رت جو عيوضو. مقتول جي وارثن کي خون جي عيوض مليل نقدي. مقتول جي عيوضي جي رقم.

- خون ٿيڻ: قتل ٿيڻ- مارجڻ- زخمي ٿيڻ.

- خون پاڻي هڪ ڪرڻ: گهڻا خون ڪرڻ. رت کي پاڻيءَ وانگر وهائڻ. گهڻي خونريزي ڪرڻ. سخت محنت ڪرڻ.

- خون پيئڻ: رت پيئڻ- خون چوسڻ- قتل ڪرڻ- ستائڻ- تنگ ڪرڻ- ڪڪ ڪرڻ.

- خون پيٽڻ: جوش يا ڪٿيءَ ۾ ڪِرلدو رهڻ.

- خونِ جام: ذ. ڳاڙهو شراب.

- خونِ جگر: ذ. صفت. جگر جو رت.

- خونِ جگر پيئڻ: غصو کائڻ. غم کائڻ. رنج ڪڍڻ. سخت محنت ڪرڻ.

- خون جو پياسي: ذ. صفت. جاني دشمن.

- خون جو پياسي هئڻ: سخت دشمن هئڻ.

- خون جو جوش: ذ. مائٽيءَ جو جوش. رشته داريءَ جو جوش. خانداني محبت.

- خون جو دورو: ذ. رت جو جسم جي اندر ڦيرو. رت جو دورو.

- خون جو عيوض: ذ. قصاص (جان جي عيوض جان). خون جو بدلو.

- خون جي بو اچڻ: دشمنيءَ جا اهڃاڻ اچڻ.

- خون چڪان: ذ. صفت. رت وهائيندڙ- رت ٽمائيندڙ- رت ۾ ٻڏل- خونريز.

- خون چڪان: ذ. صفت. ڏسو "خون چڪان".

- خون خرابو ۽ خون خرابا: ذ. خونريزي- رتوڇاڻ- مارڪُٽ- جنگ- فساد.

- خونِ خروس: ذ. ڪڪڙ جو رت. ڳاڙهو شراب.

- خون خشڪ ٿيڻ: هراسجي وڃڻ. ساهه سڪي وڃڻ. خوف ڇانئجي وڃڻ. خوف طاري ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- خُونُ خُوارُ: ذ. صفت. رت پيئندڙ - رت پياڪ - رت جو پياسي. ظالم - وَحشي - هتيارو - قاتل - ڪيس ڪندڙ - خوني - جَلاد - سفاڪ - بي رحم - رهزن. وڏو دشمن.

- خُونِ فِشَانُ: ذ صفت. رت وَهائيندڙ - رت ڏيکاريندڙ.

- خُونِ ڪَبُوتَرُ: ذ. صفت. ڳاڙهو شراب.

- خُونُ ڪَرَڻُ: قتل ڪرڻ - هتيا ڪرڻ - ڪيس ڪرڻ - ڪُهڻ - مارڻ.

- خُونُ لَابُ: ذ. رت جا ڳوڙها - خالص رت - نج رت. پاڻيءَ ۾ مليل رت. صفت. ڳاڙهو - لال - سُرخ.

- خُونُ وَهائِڻُ: رت وهائڻ - رت ڳاڙڻ - رتوڇاڻ ڪرڻ - گهڻا خون ڪرڻ.

- خُونُ وَهَڻُ: رَتُ وهڻ - قتل ٿيڻ.

- خُونِيُ ۽ خُونِيُ: ذ. صفت. اهو شخص جنهن ڪنهن کي ماريو هجي - قاتل - قتل ڪندڙ - ماريندڙ. ظالم - هتيارو - بي رحم - جَلاد - هڇارو - رَهزن.

- خُونِيُ دَستُ: ذ. رت جو دست - پيچش.

- خُونِين: ذ. صفت. خون وارو - رت وارو - رت جو. رت سان اسبت رکندڙ. خون آلوده - رت ۾ ٻوڙيل. صفت. ڳاڙهو - لال - سُرخ.

● **خُونچُو ۽ خُونچَا**: ذ. [ف. خوانچه = ننڍڙو ٿالهه] ماني جي ننڍن ٿانون ڪڻڻ لاءِ ٿالهه يا مستطيل نموني تي ٺهيل ڪاٺ جو تختو - دسترخوان - خُرمچو - ڪُومچو - خوانچو. (ڪڇي محاوري ۾) ڪيسو - جيب - گُوندو (ڪ).

● **خُوءِ**: ث. [ف]. سُڀاءُ - عادت - لڇڻ - پرڪار - خصلت. طبيعت - مزاج. رواج - ريت - چال - رسم. انتظام - تربيت - ڍنگ - طريقو - نمونو - قسم.

- خُوءِ بَدُ: ذ. صفت. خراب عادت - خراب خصلت - بدلڇڻ - خراب سڀاءُ.

● **خُونِدُ ۽ خُونِدَ**: ذ. ڪٺڪ جي ڀورڻ اوپر يا نڪتل گاهه جا ڀالڊ جي مال کي کاراڻجن - ڪُهِيدُ - کوئيد. مال جي چاري لاءِ ساوا وڍيل جَوَ.

● **خَوِيشُ**: ضمير. [ف. خويش = پاڻ] خود - پاڻ - پنڊ. پنهنجو - پنڊ جو. صفت. ويجهڙائيءَ جو - قريبي - مائٽ - عزيز - رشتيدار، جيئن: "اول خويش بعد درويش" (چوڻي).

● **خَيَابَانُ ۽ خَيَابَانَ**: ذ. [ف]. باغ - گلن جو ٻارو - ڦُلواري - چَمَن. باغ جي وچ وارو رستو. سَبزي - وَسَنُون - آبادي. بيابان جي وَسندي.

● **خَيَالُ ۽ خَيَالَ**: ذ. [ع.] جا ڳالهه ماڻهوءَ جي دماغ ۾ اچي - تصور - ويچار - ڀُورُ - سوچ - غور - سمجهه - سُوجهه - راءِ - ڳڻت - اٽڪل - هَمُ تَم - ڪَتَ - ڳڻتي - ٻچار. صلاح - ارادو - مرضي - مَنشا - ڌيان - چيت - توجهه - جاچ - سنڀال. موج - آرو - لَهر - رِيچَڪُ - جُجڪي - وهم - گمان - شڪ - دليل - فڪر - انديشو - قياس - جنون - چريائي - خبط. دنيا جي وهمي صورت. مازو عالم، ويدانت موجب 'مايا' ۽ تصوف موجب 'وهم' ۽ ڪنهن سچي اهليت ڪالسواءِ. هڪ راڳ جو نالو. گيت جو هڪ قسم. هندي شاعريءَ جو هڪ قسم. هنديءَ ۾ ماپ جو هڪ قسم. راند روند - چرچو گهبو. سينگارُ - ٺاهه ٺوهه. جاڳُ - چلو لائي.

- خِيَالاتِ: ذ. خيال جو جمع - خيالَ.

- خِيَالُ اڏَڻُ: خالي تجويزون رٿڻ - بي معني سوچڻ، جيئن:

"اجايو خيال چو اڏجي، اها عادت اجائي آ" (منٺار).

- خِيَالَ اولَڻُ: دليل ڊوڙائڻ - گمان ويڙهائڻ.

- خِيَالَ بَنْدِيُ ۽ خِيَالَ بَنْدِيُونُ: خيالن جو سلسلو - خيالي تصوير.

- خِيَالَ بَدَڻُ: وهم پچائڻ - تصور ڪرڻ. دل ٿي دل ۾ ڳالهه ويچارڻ. منصوبا سِٽڻ.

- خِيَالَ تَان لَهِيُ وَڃَڻُ: وِسري وڃڻ.

Gul Hayat Institute

- خَيالَ تي چَڙهڻُ: سمجهه ۾ اچڻ. ياد اچڻ.
- خَيالُ ٿيڻُ: تَوَجهه ٿيڻ. ڌيان ٿيڻ. ويچار ٿيڻ. يادگيري پوڻ. لحاظ ٿيڻ.
- خَيالُ پَرَستُ ۽ خَيالُ پَرَستَ: ذ. صفت. خيالي- وهمي- خواب لهندڙ.
- خَيالُ پوڻُ: خيال ٿيڻ.
- خَيالُ رَکڻُ: فڪر رکڻ. تَوَجهه ڏيڻ. ياد رکڻ. ڌيان رکڻ. سنڀال رکڻ.
- خَيالُ ڪَرَڻُ: سوچڻ- ويچار ڪرڻ- غور ڪرڻ- ڌيان ڏيڻ- توجهه ڪرڻ- فڪر ڪرڻ. انديشو ڪرڻ- ڳڻتي ڪرڻ- تَصَوُّر ڪرڻ- تجويز ڪرڻ- قياس ڪرڻ- مروّت ڪرڻ- رعايت ڪرڻ.
- خَيالُ ڪَمائڻُ: صوفين جي اصطلاح موجب توجهه ڀچائڻ.
- خَيالَ ۾ آڻڻُ: ويچار ۾ آڻڻ. سمجهه ۾ وِيهارڻ.
- خَيالَ ۾ آچڻُ: ياد پوڻ. سمجهه ۾ اچڻ. ذهن نشين ٿيڻ. خيال ۾ ويهڻ.
- خَيالَ ۾ نَہ آڻڻُ: توجهه ئي نہ ڏيڻ. ڌيان ئي نہ ڏيڻ. لحاظ ئي نہ ڪرڻ.
- خَيالُ نَہ رَکڻُ: ياد نہ رکڻ- وِسارڻ. ڌيان نہ ڏيڻ. ويچار نہ ڪرڻ. پرواهہ نہ ڪرڻ.
- خَيالُ نَہ رَهڻُ: ڌيان نہ رهڻ. ياد نہ رهڻ.
- خَيالِيُ ۽ خَيالِي: ذ. صفت. خيال وارو- خيال جو- ڌياني- فِڪري- ويچار ڪندڙ- ويچاري- ڳاڻو- سوچيندڙ- ويچاروان- شڪي- وهمي- گماني- ڀوَرالو- قياسي- دماغي- عقلي- حرفتي- سياڻو- شوقين.
- خَيالِيُ پُلاءُ پَچائڻُ: اجايا خيال ڪرڻ. بي فائدا منصوبا سِٽڻ. ناممڪن ڳالهيون سوچڻ.
- خَيالِيُ عَدَدُ ۽ خَيالِيُ عَدَدَ: ذ. غيرمحسوس عدد. ذاتي عدد. صافي انگ- عدد مُجَرّد.

خيانتُ ۽ خيانَتُون: ث. [ع. خانَ = هُن ٺڳيو يا هُن ڏوڪو ڏنو] گهوٻي- بي ايماني- دغا. امانت ۾ چوري. بد دِيانتي- ڪُپت- ٺڳي- چوري- غَبَنُ- تَغَلُّبُ- وِيساهہ گهاتي.
- خَيانَتَ ڪَرَڻُ: امانت جي چوري ڪرڻ. امانت ۾ ٺڳي ڪرڻ. غبن ڪرڻ- چورائڻ.
● خَيّامُ: اسم خاص. [ع. خَيْمَ = هُن تنبو لڳايو] تنبو ٺاهيندڙ- خيمه دوز. هڪ مشهور فارسي شاعر (عُمَر) جو تخلّص- عمر خَيّام.
● خَيْبَرُ: اسم خاص. عربستان ۾ هڪ قلعي جو نالو (مدينه شريف جي ويجهو جيڪو حضرت علي ڪرم الله وجهه جي هٿان فتح ٿيو). پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ هڪ لَڪَ جو نالو.
● خَيْتِرَاڻِي: اسم خاص: بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.
● خَيْرُ ۽ خَيْرَ: ذ. [ع. خارَ = هو بهتر ٿيو] نيڪي- ڀلائي- چڱائي- ثواب- درجو- اجر- برڪت. سلامتي- تندرستي- عافيت- صحت- چاقائي- چڱڀلائي. خوشي- سُک- آنند. دانُ- خيرات- زڪوات- صدقو- ڀِيک- ڀِڙَ. (قبوليت لاءِ) ها- هائو- بَجا- دُرست- نيڪ. صفت. چڱو- سٺو- عمدو. درميانو- وچولو- نہ سٺو نہ خراب. ظرف. ڪونہ- نہ- ورلي ڪو.
- خَيْرُ البَشَرُ: ذ. صفت. انسانذات ۾ ڀلارو. حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جو لقب.
- خَيْرُ العَمَلُ: ذ. صفت. چڱو يا ثواب جو ڪم.
- خَيْرُ الوَرَيٰ: ذ. صفت. خلق ۾ سڀ کان چڱو- خيرالبشر.
- خَيْرَ انديشُ ۽ خَيْرَ انديشَ: ذ. صفت. ڀلائي چاهيندڙ- خيرخواهہ- نيڪ خواهہ.
- خَيْرُ بادُ: [ف. خير = چڱو + باد = هجي يعني خير هجي] آسهڻ وقت "في أمانِ الله" وانگر چوڻ جو هڪ ڪلمو. خدا حافظ- الله ٻيلي- أسرو الله جو- الوداع. شل اوهان ڏي خير هجي:
- خَيْرُ باشَدُ: جملو. خير تہ آهي. خدا خير ڪري.

Gul Hayat Institute

- خَيُرُ بَرُڪَتَ ۽ خَيُر بَرُڪَتُونَ: ث. خوشيءَ جي موقعي تي مبارڪ جو جواب. خير ۽ برڪت يا وِڌي. خوشحالي - آسودگي.
- خَيُرُ ٿو ڪَهُرَجي: نہ ڪڇي - ڪونہ ڪهرجي.
- خَيُرُ ٿِيَڻُ: امن ٿيڻ - سلامتي ٿيڻ - بچاءُ ٿيڻ (ڪنهن حادثي کان).
- خَيُرُ چاهِڻُ: ڀلائي يا سلامتي گهُرڻ - عافيت گهُرڻ. ڀلو چاهڻ.
- خَيُرُ خَبَر ۽ خَيُرَ خَبَرُون: ث. خيرعافيت - خيريت - سٺي خبر - خير واري ڳالهہ - نيڪ احوال - خوشخبري.
- خَيُرخواهُ ۽ خَيُرخواهَ: ذ. صفت. ڀلائي چاهيندڙ - همدرد - خير انديش - گهڻگهرو - هڏڏوکي.
- خَيُرخواهي ۽ خَيُرُخواهيُون: ث. ڀلائي - نيڪي - چڱائي - بهتري - سلامتي - گهڻگهرائي - همدردي - هڏڏوڪائي.
- خَيُر دَلالي ۽ خَيُرَ دَلاليُون (ت): ظرف. خير جي ڪم ڪندي - هروڀرو - ناحق. "خير دلالي ڪندي ڏا هٿ سڙن" (چوڻي).
- خَيُرُ سان آسُهڻُ: ٻاهر وڃڻ - سفر تي روانو ٿيڻ.
- خَيُرُ سان گُذُرَڻُ: سلامتيءَ سان گذرڻ - آسودگيءَ سان گذرڻ (حياتي).
- خَيُرُسلا: ث. خيروعافيت - خيرخوبي - مزاج پُرسيءَ جو ڪلمو.
- خَيُرعافيت: ث. ڪُل خير - سڀ خير - خير سلامتي - چاقائي - تندرستي.
- خَيُر ڪندي هٿ سڙڻ: چڱي ڪم ڪرڻ مان نقصان پهچڻ.
- خَيُرڪو ۽ خَيُرڪا: ظرف. ڪونہ جي مفهوم ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. نہ - ڪجهہ بہ نہ - نہ آهي - ڪونهي.
- خَيُر ڪي هُئڻُ: موجود نہ هئڻ.
- خَيُر ڪيئڻُ: ث. خوش خيرعافيت پڇڻ وقت ڪم ايندڙ جملو - خيرعافيت - خيرسلامتي - سڀ خير - خيرئي خير. خوشي. صحت - تندرستي - چاقائي - چڱڀلائي.
- خَيُر گهُرَڻُ: ڀلائي يا سلامتي چاهڻ - امن گهرڻ - خير جي وائي ڪڍڻ "خير گهُر، ائين نہ چئو" - عافيت چاهڻ - دعا گهُرڻ. توبہ ڪرڻ.
- خَيُر مَقدَمُ: ذ. ڪنهن وڏي ماڻهو يا بزرگ جي اچڻ وقت جو جملو - خوش آمديد - ڀلي ڪري آيا - آجيان ڪرڻ - ساراهڻ.
- خَيُر مَنائڻُ: ڀلائي چاهڻ - عافيت چاهڻ - سلامتي گهُرڻ.
- خَيُر وَنَڻُ: خيرات وٺڻ - پنڻ.
- خَيُر وَ عافيتَ: ث. خيريت - ڀلائي - سلامتي - امن. تندرستي - چڱڀلائي - گهڻگهرائي - بهبودي - خيرخواهي.
- خَيُر هُجَڻُ: سلامتي هجڻ - امن هجڻ.
- خَيُرُ ئي خَيُرُ: ذ. انڪار جي مفهوم کي ادا ڪندڙ اصطلاح - ڪجهہ بہ نہ. سک سانت - "هتي خير ئي خير لڳو پيو آهي."
- خَيُرِي ۽ خَيُرِي: ذ. صفت. خير جو - سلامتيءَ جو - چڱو - نيڪيءَ وارو - امن وارو - مفت جو.
- خَيُر ڀِتَ: ث. نيڪي - ڀلائي - چڱائي. امن - سلامتي. تندرستي - عافيت.

● خَيُرات ۽ خَيُراتُونَ: ث. [ع. 'خير' جو جمع] نيڪيءَ جا ڪم - نيڪيون - ڀلايون - چڱا ڪم. دانُ - پُنُ. امداد - بخشش - بکيا - ڀيک - پِنُ - خير. صدقو - لنگر - زڪوات.
- خَيُرات خانُو ۽ خَيُرات خانا: ذ. صفت. دان ڪرڻ جي جاءِ - محتاج خانو - لنگرخانو.
- خَيُرات ڏِيَڻُ: خداڪارڻ ڏيڻ - دان ڏيڻ - مفت ڏيڻ - صدقو ڏيڻ.
- خَيُراتي ۽ خَيُراتي: ذ. صفت. خدا ڪارڻ جو - دان جو - صدقي جو. مفت جو. جيئن: "خيراتي مال، خيراتي اسپتال" وغيره.

Gul Hayat Institute

● خَيْرُو: ذ. [ع] گل جو هڪ قسم - خَطْمِي.
● خِيْرِهُ: ذ. صفت. [ف] اونداهيءَ وارو - اولداهو. ڪيني وارو - وِيري - بدخواهه - مغرور - شوخ - گستاخ. پريشان - حيران.
- خِيْرَگِي: ث. اکين اڳيان الداري - اونداهي - ڪاراڻ - پريشاني - عداوت وير.
● خَيْرِي: ذ. [ع] ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
● خَيرِ پجَا ت: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● خَيْز: ذ امر [ف. مصدر: برخاستن = اُٿڻ] اُٿ - ڪڙوتيءَ. صفت. آثاريندڙ - پيدا ڪندڙ. (مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ، جيئن "زرخيز، مردم خيز وغيره") - ٽپ - ٽپو - چال - ٻِڏُ - ڇلانگ - ٻَل، جيئن:
"ڏيان خيزخزان ۾، جي تو منجهه دعا"
(شاهه)

● خيزران: ذ. [ف] وڻ جو هڪ قسم. ٻيدُ - نيپتُ.
● خَيْل: ذ. [ف. ع] گهوڙو - گهوڙ يسوار - سُوار. سُوارن جو جنگي رسالو. فوجي سُوار. جماعت - پارٽي - ميڙ - انبوهه - ٽولو.
● خيمو ۽ خيما: ذ. [ع. خَيمَه] تنبو - وڏو تنبو - کيمو - شاميانو - سائبان. ڪپڙي جو ٺهيل گهر.
خيما کوڙڻ: تنبو کوڙڻ - منزل ڪرڻ - رهائش اختيار ڪرڻ.
- خَيْمَه: ذ. [ع] خيمو - تنبو.
- خَيمَه دوز ۽ خيمه دوز: ذ. صفت. تنبو سبيندڙ يا تيار ڪندڙ - خَيّام.
- خَيمَه گاهُ ۽ خيمه گاه: ذ. منزل ڪرڻ جي حد. تنبن واري جاء. تنبن کوڙڻ واري جاء.

د

● دِ ث. (ع. ف) سنڌي الف، بي جو اوڻيهون، عربيءَ جو اٺون، فارسيءَ جو ڏهون اکر. ابجد موجب سندس عدد چار. فارسيءَ ۽ هنديءَ ۾ ب، ت، ج، ز، س، ش، گ، ل، ن، و، هـ سان بدلجندڙ.
● دَابُ: ذ. [ع. دَأبُ = آدم ڪرڻ] لمونو - ريت - رواج - رسم - طريقو - طور - ڪم - ڪاج - ڌندو - چال. دَباءُ - رُعب - تاب - دڙڪو (ت). صفت. جوش. ڪيفيت - معاملو - عادت. پريل - تکو - سخت - ڏاڍو - زورائتو.

● دُبِ آڪبَرُ: ذ. (ع) آسمان جو هڪ بُرج يا نکٽ. ستن تارن جو ميڙ. دُبِ آڪبر - سپت رشي - ڪٽ.
● دَابشليم: اسم خاص. هندستان جي هڪ قديم عادل راجا جو نالو.
● دَابو ۽ دَابا: ذ. ماتا جو نشان. داڻو - آنءُ - آناج. ذرو - ٻيرُ - مٽيو - موهيڙو - ڦوڦيندو - ڇٽو - ڏ ٻو.
● دَاب ۽ دَابُون: ث. گهوڙي جي اڳين ۽ پوئين ٽنگ ۾ ٻڌڻ جو رسو. دَبَڪُ (ل). پاراڻي - ٻاري - ڪاٺ جو پيرم - ڪانو. گوڏي جيترو پاڻي. هلڪي مالي - ڦلڪو (ٿ).

Gul Hayat Institute

● دَابُ ع دَابَ : ذ. [پرا. دَپّ. سن. دَرْپَ] زور- بار. ٽِڪو- چٽو- داغُ. دِپُ- دَٻاءُ- دڙڪو.

● دَاٻَاڪَرُ ع دَاٻَاڪَرَ : ذ. صفت. ڇِڙي جون دَٻيُون ٿاهيندڙ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ت).

● دَاٻِڙُ ع دَاٻِڙَ : ذ. ڏاڪو- ڀاليهين. جهاز جو هڪ پُرزو. لنگر جي رسي وِڙهڻ جي چرخي.

● دَاٻِڙُوُ ع دَاٻِڙَا : ذ. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪاٺ جو ڦرهو- تختو.

● دَاٻِڙِيُ ع دَاٻِڙِيُونُ (ث): ث. دانگي يا جنڊ جي مٿان (گول) مٽيءَ جي ٺهيل ٿلهِيُ.

● دَاٻِڪِرِيُ : اسم خاص. تعلقي ڪوليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَاٻِلو ع دَاٻِلاَ : ذ. ٿانوَ جو هڪ قِسم. وڏ سان ڪاٺ يا ٽامي وغيره جو گول ٺهيو دٻو- ڀهڪڻ- ڏَاٻلو- ڏاٻورو. ٽين يا لوهه جو بند ٿيل دَٻو- دَٻلو- ڏٻو. ڍاڪُون- ڍَاڪُڻُون- مُخبو. صفت. ٿُلهو- سوٿو- مِتارو- ٻٽ ۾ پريل- دوڦرَو.

- دَاٻِلِي جهڙو: ذ. صفت. ٿلهو- سُچيل- دوڦرو.

● دَاٻَڻُ : مصدر. ڪنهن شيءِ ڪي مٿان زور ڏيئي ايچائڻ. زور ڏيڻ- پيڙو ڏيڻ- پيچائڻ- سوڙهو ڪرڻ- دَٻڻ- چيپڻ- پيچائڻ.

- دَابَ ع دَاٻُونُ : ث. مٿان ڪان هيٺ ايندڙ زور- دَٻَ- بوجهہ- بارُ. دَٻَڪُ- ڏالَونُ- ڏاڻُ. ڪار ڪي هيٺان ايندڙ ٽپڪَ.

- دَابُ ع دَابَ : ذ. مٿان آيل زور- دَٻاءُ- زور- دَٻَ- سختي- تنگي. بارُ- بوجهہ- وَزَنُ. دَهمان- دڙڪو- تاب- ڌمڪي. خوف- رعب- دٻدٻو. داغ- عيب- چٽو.

- دَاٻَائِڻُ : مصدر. دَٻائڻ- زور ڏيڻ.

- دَاٻَائُو ع دَاٻَائُو : صفت. اڳين حصي ۾ وڌيڪ بار ٻيل گاڏي. بار سان پريل گاڏي.

- دَاٻَائُونُ : ذ. صفت. هيٺائون- جهم وارو- لوڻ وارو.

- دَابَ دَڙِڪو ع دَابَ دَڙِڪَا : ذ. ڪاوڙ. دهمان- تاب دڙڪو.

- دَابَ ڏِيَڻُ : مٿان زور ڏيڻ- پيچائڻ- چيپڻ.

- دَابُ رَکَڻُ : حشمت رکڻ- زور رکڻ- رُعب تاب رکڻ.

- دَاٻِڙِ دُوٻِڙ (ت): ث. دڙڪو- تاب- هَائَڙَ هَوُٽَڙِ.

- دَابُ وِيهَارَڻُ : رعب ويهارڻ- حشمت ڄمائڻ.

- دَاٻُو ع دَاٻَا : ذ. حشمت- رعب- ڏاڪو.

● دَاٻو ع دَاٻَا : ذ. سفر ڪرڻ ڪان پوءِ ٿورو آرام وٺڻ يا ساهي پٽڻ جي حالت. منزل- وِيساهيُ- مانجهاندو- ڊاٻو- ڊارو (ٿ).

- دَاٻو ڪَرَڻُ : منزل ڪرڻ- ساهي کڻڻ- ٽڪ پچڻ.

● دَاٻُوتِ (ٿ): ث. ڪنڊ جو هڪ قسم. سنهي پيٺل ڪنڊ.

- دَاٻُوتِيُ ع دَاٻُوتِيُونُ : ث. نرم- ڪُنڊُرِيُ- نازڪ- سوڪي. داٻوت.

● دَاٻُوڙُو ع دَاٻُوڙَا : ذ. صفت. دَٻِلي جهڙو- سُچَلُ- ٿُلهو- مِتارو. ڪِرڻ جو آواز- دَٻُڪو (ڪ).

● دَاٻيجَا (ت)! اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دَاٻيچِيُ : اسم خاص. ضلعي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَاتِ ع دَاتُونُ : ث. [سن. دَا = ڏيڻ] ڏاتِ.

● دَاتَا ع دَاتَا : ذ. صفت. [سن. داتا > دَا = ڏيڻ] ڏيندڙ- ڏيڻ وارو- ڏاتا- ڏاتار. خيرات ڪندڙ- بخشش ڏيندڙ- داني. سخاوت ڪندڙ- سخي- درياءُ دِل- آدارَچِتُ- فراخ دِل- فَيّاض، جيئن:

"داتا وٺان نہ دان ڪي، ولڻَنُ ڦيرائي ڦيل" (شاهہ).

روزي ڏيندڙ- رَزّاق- رازِقُ. خدانعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. ڏٺي- خدا- الله. درويش- فقير- گُرو- مرشد.

- دَاتَارُ ع دَاتَارَ : ذ. صفت. دَاتا- ڏاتارُ.

- دَاتُو ع دَاتُو : ذ. صفت. ڏاتا.

Gul Hayat Institute

● دَاجَ ۽ دَاجُون: ث. [ع. دُجَّة = سخت اولڏاهي] اونداهي- ڪارانڊ- ڀِنڀ- اونداهي رات.

● دَاچُو ۽ دَاچَا: ذ. صفت. ميرو- غليظ- گندلو (ل. ق).

● دَاچُو ۽ دَاچَا: ذ. صفت. گهيڙو ۽ رَتو- دَاءُ ذ نل- ڪڪو ڳاڙهو رنگ ڏنل. اولي رنگ جو ساد و گهڙو. ڪڪو ڳاڙهو صوف. ڀڳِسُون. ميرو- غليظ- گندلو (ل. ق).

● دَاخَرُ ۽ داخَرَ: ذ. صفت. ڳائيندڙ- راڳيندڙ.

● دَاخِلُ: ذ. صفت. [ع. دَخَلَ = هو اندر آيو] اندر ايندڙ- پهچندڙ- گهڙندڙ- حاضر ٿيندڙ. گهڙيل- شامِلُ- وِڌل- پيل- اندر ڪيل. ظرف. اندر- وِچَ ۾- منجهه. صفت. لکيل- لڳو لڳايل- درج ڪيلَ (پيل وغيره).

- دَاخِلا ۽ دَاخِلاتُون: ث. اندر پهچڻ جي حالت. اندر اچڻ جي حالت. رسائي- پهچ- سُپرد ڪي- حواليگي. (ليکي جي ڪتاب ۾) داخل ڪرڻ جي حالت- لکيت- نُوڌَ. اسڪول ۾ تعليم لاءِ ٻالي شامل ٿيڻ جي حالت.

- دَاخِلا فِي ۽ دَاخِلا فِيُون: ث. ڪنهن به اداري ۾ ٻالي داخل ڪرائڻ جي فِي.

- دَاخِلُ ٿِيَڻُ: اندر اچڻ- اندر پوڻ- منجهه ٿيڻ- گهڙڻ- پوڻ. شامل ٿيڻ- شريڪ ٿيڻ- جمع ٿيڻ (پئسن وغيره جو حساب ڪتاب ۾). رجسٽر ۾ لکجڻ. پهچڻ.

- دَاخِلُ دَفْتَر ٿِيَڻُ: آفيس ۾ لکپڙهه ڪي بنان ڪارروائي جي رکي ڇڏڻ. رفع دفع ٿيڻ. ڪنهن ڳالهه جو دٻجي وڃڻ. درخواست تي ڪو به تدارڪ نہ ٿيڻ.

- دَاخِل دَفْتَر ڪَرَڻُ: ڪنهن ڪاغذ ڪي بنان ڪارروائي جي رکي ڇڏڻ. درخواست وغيره تي غور نہ ڪرڻ.

- دَاخِلُ ڪَرَڻُ: اندر ڪرڻ- گهوڙڻ- گهيڙائڻ- وجهڻ- آمائڻ- لنگهائڻ. شامل ڪرڻ- ملائڻ- گڏڻ- جمع ڪرڻ- گڏ ڪرڻ. رجسٽر تي ٻالو وغيره لکڻ- درج ڪرڻ- لکڻ.

- دَاخِلُو: ذ. اندر گهڙڻ جي حالت- دَاخلا- اندراج- شموليت. ڏسو "داخلا".

- داخِلي ۽ دَاخِلِيُون: صيفت. اندريون- اندروني- گهرُيلو- خانگي- گهر جو (معاملو). داخل.

● دَادِ (ڪ): ذ. ڪڪيءَ جو قسم. گولهہ خورُ.

● دَادُ ۽ دَادَ: ذ. ف. انصاف- عدل- لياءُ- آچار- فيصلو- ليپيرو. تدارُڪ- ٻيلو- پيٽي. فرياد- بدلو- عيوض. سچائي- دريافت- کوجنا- پُڇاڳاڇا. عطا- بخشش- سوکڙي. آفرين- واهه واهه- تحسين- مرحبا- شاباس.

- دَادُ ڏيَڻُ: انصاف ڏيڻ. عدل ڪيڻ.

- دَادخواهُ: ذ. صفت. انصاف گهرندڙ- فيصلي لاءِ سوالي- فريادي- دعويدار- مُدَّعي- دانهين.

- دَادخواهي ۽ دَادخواهِيُون: ث. فرياد- دعوي- دانهن- پُڪار. انصاف لاءِ فرياد.

- دَادُ دَورُ: ذ. عدل ۽ انصاف وارو زمانو- سُکيو وقت- آوج وارو وقت- فتح منديءَ جو وقت.

- دَادُ دهش (ف): ث. سخا و ڪرم- مهرباني ۽ بخشش- خير و خيرات- سخاوت- دان پُنِ- عَطيہ.

- دَادُ ڏيَڻُ: انصاف ڏيڻ- انصاف ڪرڻ- عدل ڪرڻ- تحسين ۽ آفرين ڪرڻ- آفرين ڏيڻ- شاباس ڏيڻ- همت افزائي ڪرڻ- قابليت جو اعتراف ڪرڻ.

- دَادرسِي ۽ دَادرسِيُون: ث. انصاف- فيصلو- لياءُ- آچار- ليپيرو- تدارڪ- ٻيلو- پيٽي- دريافت- کوجنا- حق رَسِي.

- دَادُ فَرِيَادُ: ذ. عدل انصاف. واويلا- دانهن- ڪوڪ- فرياد پڌي انصاف ڪرڻ جي حالت.

- دَادُ فَرِيَادَ ڪَرَڻُ: ظلم جي بي انصافي ڪان دانهون ڪرڻ. واويلا مچائڻ- هُل ڪرڻ. فرياد مچائڻ- انصاف ڪرڻ- عدل ڪرڻ- لياءُ ڪرڻ.

- دَادُ فرياد نہ هُئَڻُ: بي انصافي هئڻ بيداد لڳري هئڻ.

Gul Hayat Institute

- دَادگَرُ ۽ دَادگَرَ: ذ. انصاف ڪندڙ- عادل- مُنْصِفُ.
- دَادُ ڪهَرَڻُ: انصاف گهرڻ- نياءُ گهرڻ. آفرين وٺڻ- تعريف وٺڻ.
- دَادِ نہ مستَادِ: ظرف. نہ ڏيتي نہ ليتي. نہ ڏيڻ نہ وٺڻ. هَروُ ڀَرُو- خواہ مخواہ- بنا سبب- بيگناهہ.
- دَاد ۽ فَرْيَادُ: ذ. انڌير- ظلم- بي انصافي- نہ ٻچا نہ ڳاڇا- انڌير نگري.
- دَاد وَٺَڻُ: ڪنهن کان پنهنجي هنر يا ڪمال جي تعريف ڪرائڻ. پنهنجي قابليت جو اعتراف ڪرائڻ.
- دَادِيُ: ذ. فرياد- داد فرياد- دانهن.
- دَادِيُ اِسْتَادِيُ: ث. ڏي وٺ. (گهڻو ڪري نفعي ۾ ڪم ايندڙ).
- دَادِي نہ اَسْتَادِي: ظرف. بي سبب- بنا ڪنهن سبب- هروڀرو- ناحق- بي گناهہ- آجايو.
● دَادَاڪِيرُ ۽ دَادَاڪِيرَ: ذ. صفت. بدمعاش- لوفر- لُفَنگو- ڀاڻاريءَ وارو.
● دَادَائِيُ: اسم خاص. جسڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● دَادَپوتَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● دَادَرَ ۽ دادَرُونُ: ث. ستار جهڙي ساز جي پاسي واري تارَ يا تَندُ.
● دَادُرُو ۽ دَادُرَا: ذ. (هہ). پوربي گيت جو هڪ قسم- ڏاڏرو.
● دَادُلاَنِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● دادُلُو ۽ دَادُلاَ: ذ. صفت. (سن. تاتَ + لو) پيارو- محبوب- لاڏلو- سڪيلڌو- مُحِبُّ- دوست- رانولُ- سُهاڳي- پريتَمُ- پَپَڻُ- لَڏَڻُ. مِٺو- مٺڙ- لاڏَ ڪوڏَ مان نپايل- ناز جو پاليل- چَچِلو- ڪوڏ نپنو- آنگيلي- هَٺائو- هَٺَ جو هيراڪُ- هٺ پالُ- دالو- بودلو- مَنڊول- پاندڙيلو (ث. دَادُلِيُ ۽ دَادُلِيُون).

- دَادُلُو ڪَرَڻُ: لاڏلو ڪرڻ. هٺ هيرُو ڪرڻ. مچلائڻ- آنگيلي ڪرڻ. پيار ڏيئي خراب ڪري- ڪاري ڇڏڻ- بگاڙڻ- ڦِٽائڻ (ٻار وغيره کي).
● دَادلوءِ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● دَادلِيُ ۽ دادِلِيُون (ت): ث. سارين جو هڪ قسم (سگداسي، سنهڙا ۽ خوشبوءِ دار چانور).
● دَادُو ۽ دَادَا: ذ. [ف. دادَر = ڀاءُ- برادر- دوست] پيءُ جو پيءُ- ڏاڏو. وڏو ڀاءُ- آدو- ڀائُو- برادر. صفت. وڏي عمر جو پوڙهو. (ث. دَادِيُ ۽ دَادِيُونُ).
● دَادو: اسم خاص. سنڌ علائقي ۾ هڪ ضلعي، تعلقي، ٽپي ۽ ديهہ جو نالو.
● دادِيُ ۽ دَادِيُونُ (ڪ): ث. ڪِج جي پرت جو هڪ قسم.
● دَادِيُ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديہ جو نالو.
● دانيجا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● دَاڏَاڪُ ۽ دَاڏَاڪَ (ل): ذ. صفت. ڳالهائڻ ۾ حشمت وارو. پهلوان- همٿ ڀريو.
● داڏرَ ۽ دَاڏَرُونُ: ث. چِٽَ- ڳيلٺو- ڳِرهو- ڪِرگهليُ- ٽَلُ- ڦُسِلاءِ- چڙهو. دڙڪو- دَٻاءُ- دَهمانُ (ت).
- دَاڏ رائِيُ ۽ دَاڏ رَائِيُ: ذ. صفت. چِٽَ ٻڌندڙ- ڦُسلائيندڙ- ڳِلٺا ٻڌندڙ- ڳِلٺائي.
- دَاڏَر ٻَڌَڻُ: چِٽَ ٻڌڻ- ڳِلٺو ٻڌڻ. پرائي ملڪيت تي پنهنجو حق" ڄمائڻ (ت).
- دَاڏَرِ ڏُوڏَرِ (ت): ث. ٿوري گهڻي ڪاوڙِ.
● دَارُ: صفت. (ف. داشتن = رکڻ) رکندڙ- جهليندڙ- ڪٺندڙ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن "خانہ دار، چوبدار، نگهدار، آبدار وغيره".
- دَارُمَدارُ: ذ. دارومدار- ٻيهڪَ- اِنحصارُ.
- دَاروگيرُ: ث. پڪڙ پڇاڙ- وٺ پڪڙ- ڇڏَ وٺ- لڙائي- جنگ- جهڳڙو- جهيڙو.
● دَارُ: ث. (ف) سوري- سُولي- ڦاسي- ڦاهي.

Gul Hayat Institute

● دارُ ۽ دارَ: ذ. (ع). رهڻ جو هنڌ - گهر - مڪان - جاءِ - ماڳ - مقام - خانو - جڳهه. جيئن: "دار دنيا ڇڏي لنگهه لڱاهُر ڏانهه" (گرهوڙي). دنيا - جهان - سنسار.

- دارُالاَدَبِ: ذ. مڪتب جي جاءِ - علم جي جاءِ - علم ادب جو مرڪز.

- دارُالاٰخِرَتِ: ذ. آخرت جي جاءِ - آخرين رهڻ جي جاءِ - ٻيو جهان - دارُالبقا. قيامت.

- دارُالاِرْشَادِ: ذ. حڪم جو گهر - فرمان ملڻ جي جاءِ - حڪم جاري ٿيڻ جي جاءِ.

- دارُالاِقَامَهِ: ذ. رهڻ جي جاءِ - بورڊنگ هائوس.

- دارُالاَمَارَتِ: ذ. تخت گاهه. ڪنهن بادشاهه يا امير جي رهڻ جي جاءِ.

- دارُالاَمَانِ: ذ. سلامتيءَ جي جاءِ (جتي لڙائي يا فساد نه هجي).

- دارُالاَمْنِ: ذ. امن جو گهر - چَيْنَ ۽ آرام سان گذارڻ - سلامتيءَ وارو هنڌ - اهو ملڪ جتي مذهب ۾ دست اندازي نه ٿئي.

- دارُالْبَقَا: ذ. قائم رهندڙ گهر - هميشگي وارو هنڌ. عالم بالا - ٻيو جهان - هُوءَ دنيا - اڳيون جهان. پرلوڪ.

- دارُالْبَوَارِ: ذ. تباهيءَ جي جاءِ - موت جو گهر يعني دوزخ.

- دارُالْجَزاء: ذ. بدلي جو گهر - عالمِ آخرت - نيڪ يا بد ڪمن جي عيوضي ملڻ واري جاءِ.

- دارُالْحَرْبِ: ذ. لڙائي جو گهر - جنگ جو هنڌ - اهڙو گهر جتي لڙائي جائز هجي - اها جاءِ جتي مذهبي فرض ادا ڪرڻ ڏوهه هجي - ڪافرن جو مُلڪ - انهن ماڻهن جو مُلڪ جن اسلام تي ايمان نه آندو هجي.

- دارُالْحُڪُومَةِ: ذ. گاديءَ جو هنڌ - تخت گاهه - مرڪزِ حڪومت - پايءِ تخت - صدر مقامُ - دارُالسَّلْطَنَت.

- دارُالْخِلافَهُ: ذ. گاديءَ جو هنڌ - تختگاهه - راڄڌاني. دارالحڪومة.

- دارُالسُّرُورِ: ذ. خوشيءَ جو گهر - بهشت - جنّت.

- دارُالسَّلامِ: ذ. صُلح جي جاءِ - سلامتيءَ جو گهر - بهشت.

- دارُالسَّلْطَنَتِ: ذ. گاديءَ جو هنڌ - تخت گاهه - پايءِ تخت.

- دارُالشَّرْعِ: ذ. قاعدي قانون جي دربار. ڪورٽ - ڪچهري.

- دارُالشِّفَا: ذ. اسپتال - صحت حاصل ڪرڻ جو هنڌ - تندرستي ملڻ جو گهر - شفاخانو - دواخانو.

- دارُالضَّرْبِ: ذ. ضرب خانو - سڪن ٺاهڻ جو ڪارخانو - ٽڪسال.

- دارُالْعِبَادَةِ: ذ. عبادت جو گهر. مسجد.

- دارُالْعَدالَة: ذ. انصاف جو گهر - ڪچهري - ڪورٽ.

- دارُالْعُلُومِ: ذ. علمن جو گهر - مدرسو - اسڪول.

- دارُالْعَمَلِ: ذ. عمل ڪرڻ جي جاءِ - دنيا.

- دارُالْعَيَارِ: ذ. ڪسوٽيءَ جي جاءِ - اها جاءِ جتي کوٽي کري جي پرک ڪجي.

- دارُالْفَنَا: ذ. بي بقا گهر - ناپائدار گهر - فاني گهر - دنيا - زمين.

- دارُالْقَرارِ: ذ. هميشه آباد رهندڙ دنيا - نه فنا ٿيڻي دنيا - آرام ۽ راحت واري دنيا - ٻي دنيا - جنّت - بهشت.

- دارُالْقَضَا: ذ. عدالت خانو - ڪچهري - انصاف ٿيڻ جي جاءِ. ڪورٽ.

- دارُالْڪُتُبِ: ذ. اخبارون ۽ ڪتاب پڙهڻ وغيره جي جاءِ - لائبرري.

- دارُالْمَرْضِ: مريضن جي علاج ٿيڻ جو هنڌ - اسپتال - دواخانو - شفاخانو.

- دارُالْمُڪَافَاتِ: ذ. جزا ۽ سزا جي جاءِ - بدلي ملڻ جو گهر - آخرت.

- دارُالْمُلْڪِ: ذ. گاديءَ جو هنڌ - تخت گاهه - پايہ تخت.

Gul Hayat Institute

- دَارُالمُومِنِينَ: ذ. مومنن (ايمانوارن) جي جاءِ - بهشت.

- دَارُالنَّعِيمِ: ذ. نعمتن جو گهرُ. بهشت - جنّت.

- دَارُشَشُ: ذ. دنيا - جهان - سنسار.

- دَارَينِ: (عدد تثنيه) ذ. ٻه گهرَ - ٻئي گهرَ - ٻئي جهانَ - دنيا ۽ آخرت - هيءُ جڳُ ۽ هُو جڳُ - دنيا ۽ قيامت.

● دَارِ ۽ دَارُون (ت): ث. لنڊي مڇي.

● دَارُ ۽ دَارَ: ذ. ڦوتِ - ڇيڙُ - ڪِن - ڏڪاءُ - ڪُپو - سپڙَ - ڦاڙ (ل. ق).

● دَارَا: اسم خاص. (ف) ايران جي هڪ قديم بادشاهه جو نالو (جو سڪندر جي وقت ۾ ماريو ويو هو، هن کي داراءِ اڪبر ۽ داراب به چوندا آهن).

- دَارَائِي ۽ دَارَائِيُون: ث. بادشاهت - حڪومت - سلطنت.

● دَارَاپُور: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَارِچِينِي ۽ دَارِچِينِيُون: ث. (ف) گرم مصالح جو هڪ قسم. هڪ خوشبوءِ دار وڻ ۽ ان جي ڇوڏي جو نالو. دال چيني به چون.

● دَارُسِي: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَارُو ۽ دَارُو: ذ. (ف) دوا - علاج - ميٺي - شراب - مٺي. بارُود. دارُون.

- دَارُو دَرمَانُ: ذ. علاج - معالجو - دَوَا دَارُو.

- دَارُو دَرمَن: ذ. علاج - معالجو - دوا دارُو.

- دَارُو فَرُوشُ ۽ دَارُو فَرُوشَ: ذ. صفت. دوائون وڪڻندڙ - شراب وڪڻندڙ.

- دَارُنِين: ذ. صفت. دارُون سان - دوائن سان "دَرِدُ نه لٿهي دارُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنوم" (شاهه).

● دَارُو بِيجُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم.

● دَارُوغو ۽ دَارُوغا: ذ. (ف. داروغه) ڪنهن ڪم جو سنڀاليندڙ - مُحافِظ - نِگران - رَکوال. ڪنهن جماعت جو سردار. نظر ڪندڙ - چوڪيدار - رَکوالُ. انجنيري کاتي ۾ هڪ ملازمت - واهن جو ڪم سنڀاليندڙ - واهن جو سپروائيزر - آبدار.

- دَارُوغائِي ۽ دَارُوغائِيُون: ث. داروغي جو ڪم - مُحافَظَتَ - نگهباني - انتظام - اِهتِمامُ - حڪومت - آفيسري - عملداري - بالادستي.

- دَارُوغِيِ ۽ دَارُوغِيُون: ث. دَارُوغائِي.

● دَارُونُ ۽ دَارُونُ: ذ. [دارُو. سن. دُرَوَيَه] دوا - علاج - طِبُّ - ٻُڪي - ڦَڪِي - ڍَپُ - دَرمَلُ. باروت - بارود. بندوق جو تيل. طاقت وارو ڏاتو - تيزاب. ڏيهي شراب - سولفي (سولفن وارو) شراب.

● دَارِيسِي: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَاڙَ ۽ دَاڙُون (ت): ث. مٿاهون هنڌ - مٿاهين زمين - اٿاهين زمين - ٻڌرو. ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- دَاڙَ ٻانِي: ث. ٻيڙيءَ وغيره جو هڪ عضوو، جنهن تي ڪاٺيون وغيره يا سامان رکجي.

● دَاڙِ: اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَاڙُ ۽ دَاڙَ (ل): ظرف. صفا صاف - ٻِنهِي جيئن: "تون ته ڪوڙو ڏو دَاڙُ حرامي آهين" صفت. وڏو لُچ - بدمعاش.

● دَاڙَاڦَاڙَا ڪَرَڻُ: خراب ڪرڻ - اجايو وڃائڻ. ٻوري ورهاست نه ڪرڻ. رقم آڏاري ڇڏڻ.

● دَاڙُو ۽ دَاڙُو: ذ. (سن. داتُرُو = دا = ڏيڻ) شفيع - ڇڏائيندڙ - وڪيل - سفارش ڪندڙ - وچوارو - خيال ڪندڙ - ٻانهو ونندڙ - ٻاران ڳالهائيندڙ - ٻدران ڳالهائيندڙ - ثالِثُ - تيپاڪُڙُ - وڃو. حمايتي - مددگار (شاهه جي بيتن ۾ حضرت محمد صلعم جن ڏانهن اشارو آهي) (سر سريراڳ شاهه).

Gul Hayat Institute

● داڙهه ۽ داڙهون (ت): ث. گوڙ- هُل- دوڪ- دَ ٻاءُ- خالي رُعب- ٻاهريون دٻاءُ.
- داڙهه ٻڌڻ: دٻاءُ رکڻ- وڏي رقم ٻڌڻ.
- داڙهه هڻڻ: خالي دٻاءُ رکڻ- هيسائڻ لاءِ رعب وهارڻ- گوڙ ڪرڻ- هُل مچائڻ- دوڪ ٻڌڻ.

● داڙهي ۽ داڙهيون: ث. ونجهوٽيءَ رانڊ ۾ هڪ ٻاري- دَري (ت). ڏڏهي رانڊ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺ جي پٽي- ٻيٺ (ت).

● داس ۽ داس: ذ. صفت. [پرا. داس. سن. داس = ٻانهو] غلام- نوڪر- ٻانهو- گولو- خدمتگار- چاڪر- چوڪر- پگهاردار- ٽهليو- خادم. چيلو- مريد- شاگرد- ڏن پيرو. (ث. داسي ۽ داسيون) صفت. آڀاريل- دَميل- دم پُخت- رَنڌيل.
- داس ڪرڻ: غلام ڪرڻ- ٻانهو ڪرڻ- خادم ڪرڻ. آڀارڻ- دمڻ- رنڌڻ. ڏانديون ڪرڻ. پلو يا مڇي سيپڻ (ت).
- داسي ۽ داسيون: ث. ٻانهي- نوڪرياڻي- گولي.

● داستان ۽ داستان: ذ. (ف). آکاڻي- قصو- ڪهاڻي- ڳالهه- ڪٿا- وارتا- بيان- حڪايت- افسانو- فسانو- داستانو- روايت- ذڪر- نقل- نظير. وڏو قصو- سرگذشت- احوال.
- داستان گو ۽ داستان گو: ذ. صفت. آکاڻي ٻڌائيندڙ- قِصا، ڪهاڻيون، نقل ٻڌائيندڙ- قِصہ خوان.
- داستانو ۽ داستانا: ذ. داستان- بيان- آکاڻي- ڳالهه- وارتا.

● داستانو (دستانو) ۽ داستانا: ذ. (ف). هٿ جو جوراب- داستانو (شڪارين جو هٿ چاڙهڻ جو چمڙي يا ڪپڙي جو جوراب، ٻڪيءَ جي چنبن کان بچاءُ لاءِ).

● داسڙڪي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● داسڙا: اسم خاص. سومرن جي هڪ ذات جو نالو.

● داسڙو: اسم خاص. شاهه جي رسالي ۾ منسوب ڪيل چنيسر لاءِ- چنيسر جو ڪنايه نالو (سُر ليلا چنيسر. گر).
”سُون ڪي چنڊ ۾ داسڙا! وَجان نه وٺواندءُ“
(شاهه. ليلا چنيسر).

● داسڻ ۽ داسڻ (ک): ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ رَسو- داماڻ. (سڙهه جو مکيه واجهه جنهن کي ڇڪڻ سان سڙهه جا ماڪا سڀ کُلي پولدا ۽ سڙهه سنئون ٿيندو).

● داسو ۽ داسا: ذ. [سن. دَرُشَت.] جاءِ جي ڇت ۾ ڪم ايندڙ چورس ڏگهي ڪاٺي- لنڊي ڪام- شهتير. ٿُلهي ڪاٺ جي پٽي. ڪاٺيءَ جو ڏگهو ۽ سنئون ٽڪر- ڪاٺي- لٺڙهو- لڪڙو. آٽ جي هلڻ جي پاسن وارو ڏنڊو (ٻار وغيره جي جهلڻ جي ڪاٺي). (ت). ٿُلهو ڏنڊو- ٿُلهي لٺ- سونٽو (ت). شڪارين جي اصلاح ۾ بچاءُ لاءِ ڪنيل وڏي لٺ يا ڪلو (ت). خاص ڪري دروازي يا دريءَ جي سڌري واري پٽي. ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو، ٻيڙيءَ جي پاسي واري وٽ جو مٿيون سطحي تختو- درياءُ جي ٻيڙيءَ جي ڪڙهه. ٻوڪ جو سوڪرو صفت. سادو يا لسو ڪپڙو- گيڙوءَ رتو ڪپڙو.

● داشت: [ف. داشتن = رکڻ] گڏ ڪري رکيل مال، نقد وغيره.
- داشته: بنا نڪاح جي رکيل عورت- سُريت.

● داعي ۽ داعي: ذ. صفت. [ع. دَعا = هن سڏيو] سڏيندڙ- سڏ ڏيندڙ- دعوت ڪندڙ- دعوت ڏيندڙ. دعوا ڪندڙ- فريادي- مُدعي. دُعا ڪندڙ- خيرخواه- دعاگو. پيغمبر- مُبلغ- پرچار ڪندڙ.
- داعي مُداعي (مُدعي): ذ. صفت. فريادي ۽ جوابدار- داعي- مُدعي.

● داغل: ذ. گل جو هڪ قسم- داگل.

● داغڻ: مصدر. [ف. ”داغ“ مان ورتل] نشان ڪرڻ- چٽو ڪرڻ- ٽڪو ڪرڻ- داغ ڪرڻ- ڏَبو ڪرڻ- داگڻ. چاپڻ. ڏاپ ڪرڻ-

Gul Hayat Institute

ڏَنبُ ڏيڻ - ڏيڻ - عيب ڪرڻ - عيبدار ڪرڻ - ڪارهن لائڻ - ڪَلنڪُ لڳائڻ. ٽِڪو لڳائڻ.
- داغُ ۽ داغَ: ذ. چِٽو - نِشان - داڳ - ٽِڪو - ٽڏو - ڏَاٻُ - سڙيل هنڌ (بدن جو). ڦٽ جو نشان - سِيڙهو. ڪَلنڪُ - ڪارٽ - ڪارهن. نقص - عيب. زخم - ناسور - گهاءُ - چَهڪُ - وَڍُ - چِيرُ. لَغارَ. (طعام کي گيهه، بصر ۽ ڦوٽهي جو داغ. ٽيڙڪو - وَڳهار - رنج - غم - ڏُک - درد - صدمو - وڇوڙو - وِرهُ. ڪنهن عزيز جي مرڻ جو غم. رَشڪُ - حَسَدُ.
- داغُ ٿِيَڻُ: نشان ٿيڻ - ڏنب ڏيڻ - اثر ٿيڻ - عيب ٿي بيهڻ.
- داغِ جِگَرُ: ذ. دل جو زخم.
- داغِ دارُ ۽ داغِ دارَ: ذ. صفت. داغ وارو. داڳدار - داغ لڳل - داغي - داغِيَلُ - ڪاري نشان وارو - ٽِڪي وارو - چِٽَ چِٽَ - چِٽڪمرو. ڪَلَنڪي - عيبدار. ڪارهِنُ وارو - ڪارائنو. اشان وارو - ڪنهن جاء تان ڳري وئل ميوو - گيهه جي لغار ڏنل طعام - داڳي.
- داغ دوزي ۽ داغ دوزِيُون: ث. زخم ڏيڻ - ڏنب ڏيڻ - گهاءُ ڪرڻ. ڪَلَنڪُ ڏيڻ. رنج ڏيڻ - صدمو ڏيڻ - ڏک ڏيڻ. طعام کي گيهه يا بصر جي لَغار ڏيڻ.
- داغ رانجهَنُ دا: رانجهن جي جدائيءَ جو داغُ
"سيني اندر داغ رانجهن دا،
جيوين ڏيکان تيوين رووان"
(شاهه).
- داغ سَڙَڻُ: رڌڻ مهل ديڳڙي ۾ گيهه جو سڙڻ.
- داغ ڪَرَڻُ: نشان ڪرڻ - چِٽا ڪرڻ - ڏَٻا ڪرڻ - خراب ڪرڻ.
- داغ لَڳائِڻُ: عيب لڳائڻ - بدنام ڪرڻ.
- داغ لَڳَڻُ: عيب لڳڻ - بدنامي ٿيڻ - نشان ٿيڻ. طعام جو ديڳڙيءَ ۾ سڙڻ - جلڻ.
- داغِيُ ۽ داغِيُ: صفت. داغدار - داغيل - داغ وارو. چِٽهي وارو - سڙيل - داغ ڏنل - اشالن وارو - ڏَٻَن وارو - ڏَنب ڏنل. عيبدار - نقط گيهه ۾ رڌل چانور - باصري خشڪا.
- داغِيُ ڪَرَڻُ: ڪارو ڪرڻ - گنهگار ڪرڻ - ٽِڪو لڳائڻ.
● داقَ ۽ داقُون (ت): ث. صفت. [سن. سَتَوپَ = ٿَڦڻ. سن. سَترابهَنَ. سَتا = قائم ڪرڻ.] ٿاڦَ. پٽڙي ڪپ - گارو. سارين جي زمين کي پاڻيءَ ۾ ڏنل هَرُ - ريجُ ڏيڻ ڪان پوءِ ڏنل هَرُ. وڏو چيٽو - ٿاڦَ. ث. صفت. وڏي - ڀارِيُ - ڳورِيُ.
- داقَ ڪَرَڻُ: پاڻيءَ ۾ هَرُ ڪاهڻ.
● داقُ ۽ داقَ: ذ. صفت. [سن. سَتَوپَ = ٿَڦڻ] ڀاري - ڳورو - ڳرو - ڳِران. وڏو ڳڙو.
● داقِڻُ: مصدر. [سن. سَتَوپُ = ٿِڦڻُ] دقِڻُ - ميٿي يا چيٽو پٽ تي هڻڻ. گهٽو ڳالهائڻ - بَڪَڻ - ڪاڏهون جو ڪاڏي ڳالهائڻ - بڪواس ڪرڻ - بيهودو ڳالهائڻ - ڪوڙ ٻَڌ وڙ ڪرڻ - واهيات ڳالهائڻ - چُغلي هڻڻ. خراب ڪرڻ.
- داقَ ۽ داقُونُ: ث. ذ. اجائي بَڪَ - بيهودي گفتگو. گاري جي داق - راڳو - ليپو - چِيڦ.
- داقَ داقِڻُ: خراب ڳالهائڻ - واهيات ڳالهائڻ - دَقَ ڪرڻ. بَڪَ ڪرڻ - اجايون بيسود ڳالهيون ڪرڻ.
- داقَ ڪَرَڻُ: اجايو ڳالهائڻ - واهيات ڳالهائڻ.
● داقوڙو ۽ داقوڙا: ذ. [سن. سَتَوپَ - ٿَڦڻ] آٽ جو پيرُ - ترڻ مهل پاڻيءَ ۾ هٿ پير هلائڻ جي حالت - ٿاقوڙا. ڦَدَ رُ پير.
● داڪَلَ ۽ داڪَلَ (ت): ث. دڙڪو - داب - هاها ماشا.
● داڪُ ۽ داڪَ (ت): ذ. ٻوڙهو. نَرٻيلو.
● داگِڻُ: مصدر. [ف. داغُ منجهان ورتل = نشان] نشان ڪرڻ. داغڻ - داغ ڏيڻ. ڏاٻ ڏيڻ - مال کي ڏليرڻ مان ڏنب ڏيڻ. طعام کي بصر يا ڦوٽهي جو داغ ڏيڻ. وڇوڙو ڏيڻ - غم ڏيڻ. مارڻ (ل). جيئن: "مرونءَ کي دوليءَ مان داڳي ڇڏيائين".

Gul Hayat Institute

- داڳُ ۽ داڳُ: ذ. [ف. داغ جي بگڙيل صورت] داغُ. ڏاڀ- چٽو. داسُ (ڀاڄي وغيره جو).
- داڳُ ڏيڻُ: داغ ڏيڻ.
- داڳي: ذ. صفت. داغي.
- داڳي ۽ داڳيون: ث. تار جي پٽ- ڳاڙي.
● داڳينو ۽ داڳينا: ذ. ڳهڻو- ٻجڪو- هڙ- پڙي- ٻشڪو (ت)- نتنگ. زيور- مٽيون- ڳهه.
● دالِ ۽ داليون: ث. [پرا. دال. سن. دلُ=ڏرڻ] اناج جو هڪ قسم. ڏريل (مٽر، چڻا، مڱ، ماڻهن، مسوري، اڙد، چؤنرا، سگهي، مالجهلي، تُوهر وغيره) جو پوڙ طور رڌل جي ڪم اچي. ڏار- مڱ- مٽر وغيره ڏريل- ڀاڄيءَ جو هڪ قسم.
- دالِ جٽيڻ ۾ رهائڻ: هڪ ٻئي کي ٻوچڙا هڻڻ.
- دالِ روٽي: ث. دال ماني. غريباڻي خوراڪ. مڇي ماني. روٽي لنگوٽي. ساد و گذران.
- دالِ روٽيءَ وارو هئڻ: چڱي حيثيت وارو هئڻ. پنهنجيءَ وارو هئڻ. ٻي جو محتاج نه هئڻ. دستوري گذر سفر ڪرڻ جي لائق هجڻ.
- دال خور: دال کائو. گهڻو ڪري دال کائڻ وارو 'ڪنايتہ'. بزدل.
- دالِ ڪيڏڻُ: ڏاڍي مار ڏيڻ. پيڙي چاڙهڻ.
- دالِ ڳرڻ: دال جو ڳري نرم ٿيڻ. پهچي سگهڻ- وس ڪرڻ- حيلو ڪرڻ- پڄي سگهڻ- مراد ۾ ڪامياب ٿيڻ.
- دالِ ۾ ڪارو هجڻُ: شڪ هجڻ- انديشو هجڻ- ڪجهه خرابي هجڻ. گمان هجڻ- ڪو راز هجڻ.
- دالِ مان سيرو ٿيڻُ: پاڪ وارو ٿيڻ. هڪدم غريب مان شاهوڪار ٿيڻ "جي ڏلو پاڪ پيئڙو، ته دال مان سيرو" "جي ڏني بخت دب، ته سيري مان رب".

- دالِ ماليءَ وارو هئڻ: ث. دال روٽي وارو هئڻ. پوري پڄڻي حيثيت وارو هئڻ.
- دالِ ماني ڪارائڻ: غريباڻو کاڌو کارائڻ. حاضر کاڌو کارائڻ. 'ڪنايه'. جيل موڪلڻ. جيل ۾ وجهڻ.
- دال نه ڳرڻ: پهچي نه سگهڻ. وس نه هجڻ. مقابلو نه ڪري سگهڻ. پڄي نه سگهڻ. ڪاميابي نه ٿيڻ. پهچ نه هجڻ.
● دالانُ ۽ دالانَ: ذ. [ف] محراب جي شڪل وارن وڏن دروازن واري ڪوٺي- وڏو صُفحو. ٽنهن سان ڏيڍي. ستونُ دار ڏيڍي. جاءِ جو اڱڻ يا صحنَ. ايوان- ورانڊو- آڳنڊو- دالو. درياه جي پيڙيءَ جي وچ مٿان تختن جو ڪليل ميدان.
● دال چڪنو: ذ. ٻاري ۽ سنڌي جو مرڪب (جو ملم تاهڻ ۾ ڪم اچي).
● دالچيني ۽ دالچينيون: ث. [ف. دارچيني. سن. دارُ=ڪاٺ+چيني=چين ولايت جو] گرم مسالي (مصاليح) جو هڪ قسم. هڪ خوشبوءِ دار وڻ جو ڇوڏو.
● داليڙو ۽ داليڙا (ل، ت): ذ. ڏهاڻي جو ٿاڻ- ساڙهو- پاڳيو (مٿهن ويڪرو مال جي ڪير ڏهڻ جي ڪم ايندڙ)- دکي. لنيو ڪنو.
● دالو ۽ دالا: ذ. صفت. هٽ هيرو- پاليل. اٿيلو- دادلو- چڙواڳ- چرڙيو. (ف) ايوان- اڱڻ- ورانڊو- دالان. پرت جو هڪ قسم. آنن ڦاڪڻ وارو گل (ث).
- دالو بڻجڻُ: دادلو ٿيڻ. پيارو ٿيڻ. چڙواڳ ٿيڻ. هٽ هيرو ٿيڻ.
● داليهن (ت): ث. ڪڻڪ جو ٿهيل لنيو ڪارو- تمٽيي.
● دالي ۽ داليون (ل): ث. ڪڏي. جيئن "دختر تنهن جيءَ کي هڻ تون دالي" (جام خان).
اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دَاليدَال : اسم خاص. تعلقي مير پور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَالپيري ۽ دَالپيرين: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● دَالي ٽنڊي: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَالي وَڏي: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَامَ: ظرف. ع. هميشه - سدائين - دائم - قائم - شالَ هميشه هلي:

- دَامِ اِقبالهُ: جملو. شالَ هن جو اقبال دائما رهي.

● دَامُ ۽ دَامَ: ذ. (ف) پکين ڦاسائڻ جو ڄار - ڄال - ڄاري - ڇنڊُ - ڏيپي. ڦاهي - ڦندو - ڦاهو - ڪوڙ ڪو. سرڪڻي - رسي - نوڙي. دوکو - فريب. (س) پئسي جو چوويهو حصو - چار ڪوڏيون. دمڙي - ڪوڏي. قيمت - مُلهه - نرخ - آگهه - ناڻو - پئسو - جيئن "دامُ ڪري سڀ ڪامُ ڪرتُ". ڏکو ڪيل. دوائن تورڻ جو وٽُ - تور جو هڪ وزن (هڪ تولو آٺ ماسا).

● دَامِ آڙائڻُ (ت): ڄارُ وجهڻ. ڇند پکيڙڻ - لالچ رکڻ.

- دَامدَارُ ۽ دَامدَارَ: ذ. صفت. دام وارو - ڦاهي وارو - پکي ڦاسائيندڙ - ماري - شڪاري. پاپي - ظالم - بي رحم (ت).

- دَامِ دُوَالي (ت) برهه ۽ عشق جي ڦاهي.

- دَامِ رَکڻُ: ڦاهي اڏڻ. ڄارُ پکيڙڻ.

- دَامِ ۾ آڻڻُ: قابو ڪرڻ - ڦاسائڻ - مڪر ۽ فڪر ۾ آڻڻ - اثر هيٺ آڻڻ.

- دَامِ وِجهڻُ: ڦاهي وجهڻ - ڦند وجهڻ - ڇندُ ڪرڻ - منڊُ منبڙڻ.

- دَاميو ۽ دَاميا (ت): ذ. صفت. دام وارو. وڏو چور - ڀاڙاريدار.

● دَامَادُ ۽ دَامَادَ: ذ. (ف) ڌيءَ جو مڙس - نياڻو - ناٺي - ڄاٽو.

● دَامَانُ ۽ دَامَانَ: ذ. [ف] دامَنُ - پلئُه - ڪنارَ. آڪڙ - ڪاوڙ - دَهمانُ (ل).

● دَامڙو ۽ دَامڙا: ذ. ٿانءَ جو هڪ قسم. پتلَ جو دلو - ٿامائي - ٿامڙو.

● دَامَنُ ۽ دَامَنَ: ذ. (ف) چولي وغيره جو لٽڪندڙ پلئُه - دَاونُ - پلؤ - پاندُ - پاند - پهڪُ - ڇيڙو - جهولي. جبل جي وٽ - پٽ - دامان - ڪنار - ڪپُ - ڪسُ - مٿاڙ - حدّ - پنارو. آسرو - آجهو - پناهه.

- دَامَن پڪڙڻ: پلاند جهلڻ - داوَنُ وٺڻ. روڪڻ - منع ڪرڻ - باز رکڻ. پناهه وٺڻ - مدد گهرڻ - آسري لڳڻ.

- دَامَن پکيڙڻُ: پلاند پکيڙڻ - جهولي جهلڻ - دعا گهرڻ - خدا کان التجا گهرڻ. پنڻ - اميد رکڻ.

- دَامَن ڪشي ڪرڻُ: پرهيز ڪرڻ - ڪناره ڪشي ڪرڻ - پاڻ بچائڻ.

- دامنگيرُ ۽ دامنگيرَ: ذ. صفت. چُهٽيلَ - چنبڙيلُ. دعويدار - مُدّعي. ساٿي - پاسو وٺندڙ - رفيق - پوءِ لڳ - مريد - طرفدار.

- دَامنگيرُ هُجڻُ: پيڇو ڪرڻ - پنيان پوڻ - تنگ ڪرڻ - ستائڻ - تڪليف ڏيڻ. چنبڙي پوڻ - پڇڙ نه ڇڏڻ.

- دَامَن ۾ وِهڙهڻُ: دامن ۾ لڪائڻ - آجهو ڏيڻ - سهارو ڏيڻ - پناهه ڏيڻ - محفوظ رکڻ - سلامتي بخشڻ.

- دَامَن وَٺڻُ: پناهه وٺڻ - آجهو وٺڻ - آسرو وٺڻ - اوٽ وٺڻ.

● دَاميني ۽ دَامينيون: ث. [س. سودامني] ڪاٺ جو لنبو دامو - ٿوٽي. داوني (هه). ڪنوڻ - وڄُ - وڄئي - برق. ترني - ڪنگورُ

"مُکُ پَسي مَحبُوبَ جو، ارن ٿيون اولي،
دَامينيُون سڀ دُور ٿيون، آنگ اندر جولي".
(بودو).

● دَامڻُ ۽ دَامڻَ: ذ. پيڙيءَ جي وَنجهه جو رسو جنهن جي ڇڪڻ سان سڙهَه جا ماڪا يا چادرون سڀ ڪُلي پوندا آهن) - داماڻُ - دامنُ.

Gul Hayat Institute

● دانُ ۽ دانَ: ذ. [پرا: دانُ. سن. دان < دا = ڏيڻ] بخشش - خيرات - ڀيڪ - ڀڪيا - پُنُ - پُجُ - عطا - ڏانُ - عطيو - اِسداد - اِنعام - تُحفو. ڏَنُ - ڏانُ - لَدَ رالو - سوکڙي - سوغات.

- دانُ پُجُ ۽ دانَ پُجَ: ذ. دان - خيرات - بخشش. سوغات - تحفو.

- دانُ پُنُ: دانُ پُجُ.

- داني ۽ داني: ذ. صفت. خيرات ڪندڙ - سخا ڪندڙ - سخي - فَيّاض - وڏي دل وارو - درياه دل.

- داني پُرُشُ ۽ داني پُرُشَ: ذ. صفت. سخاوت ڪندڙ - سخي مَرد.

● دانُ ۽ دانَ: ذ. صفت. [ف. داشتن = رکڻ] رکڻ جي جاءِ - گهر - جڳهه - مڪان - هنڌ. مرکبات ۾ ڪم ايندڙ جيئن: "آتشدان، قلمدان، شمعدان وغيره." [ف. مصدر. دانستن = ڄاڻڻ] ڄاڻندڙ - ڄاڻُو. مرکبات ۾ "فارسي دان، عربي دان، نادان وغيره".

● دانا ۽ دانا: ذ. صفت. [ف. مصدر. دانِستَن = ڄاڻڻ] ڄاڻندڙ - ڄاڻو - سياڻو - ڏاهو - عاقل - زيرڪ - هوشمند - عقلمند - ڳَنَ وارو - هوشيار - ڀڪڙ. چالاڪ.

- دانا بِينا: ذ. صفت. ڏسندڙ ۽ واڻسندڙ - عاقل هوشيار - سمجهو سياڻو. ڏاهو - اڪابر - هوشيار. اسم خاص. الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.

- داناهُ ۽ داناهَ: ذ. ف. داناءَ جي بگڙيل شڪل. صفت. ڄاڻندڙ - ڄاڻو - سُڄاڻُ - سُر يتو - عقلمند - هوشيار - سياڻو - داناءَ.

- داناهِي: ث. ڄاڻُ - پَروڙ - سياڻپ - عقلمندي - هوشياري - ڏاهپَ - چترائي - عقل - زيرڪي - سمجهه - ٻُڌي - هوش - گيانُ.

- دانائي: ث. ڏسو "داناهي".

● دان بَنڌي (داڻ بندي): ث. [ف. دانهَ = داڻو + بستَن = ٻَڌڻ] ٻيڻل فصل تي ڍل ٻڌڻ جو طريقو - ٻيڻل فصل جي ڪٽَ يا اندازو.

● دانبُو ۽ دانبا (ڪ): ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم - (گبسر جي جنس مگر رنگ ڳاڙهيرو ۽ اچا پٽا ڏيکهه. اڌ فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين).

● دانڌَلڻُ: مصدر. [هـ. دانڌلنا = دانڌل ڪرڻ] دانڌل ڪرڻ - گهه پيهه ڪرڻ - رڳڙو ڪرڻ - جهڳڙو ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - لڙ ڪرڻ - آئيڙڻ - جهڙڪڻ - تڪرار ڪرڻ - ٻاٿيتال ڪرڻ - ڪروڌ ڪرڻ. لُچي ڪرڻ - چالاڪي ڪرڻ - چشم بندي ڪرڻ - جادو ڪرڻ.

- دانڌل: ذ. جهڳڙو - جهيڙو - ڦڏو - گهمي - رَڏي - ڪِل ڪِل. ٻاٿيتال - ماندائي. ريڙهه پيڙهه.

● دانڌوڙڻُ: مصدر. ڊنڊاڙڻ - دانڌلڻ. ڪڪ ڪرڻ. ڏک ڏيڻ.

● دانڌولُو ۽ دانڌولا: ذ. لوڏو - جهوپو - ٿيلهو - جهوڪو.

● دانَرُ ۽ دانَرَ (ل): ذ. صفت. اڻ وڻندڙ - بدشڪل - بيڊولو - ڪُڌيپ. ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● دانِسُتَ: ث. [ف. دانِستَن = ڄاڻڻ] ڄاڻُ - دانش - پَروڙ - واقفيت. راءِ - سمجهه.

- دانِستگي: ث. ڄاڻُ - ڄاڻپ. سمجهه - خيال - راءِ - علم.

- دانِست ناموُ ۽ دانِست ناما: ذ. رپورٽ - اطلاع - سڄاڻپ جو بيان - خبر - جاچ - تلاش - پنچ نامو.

- دانِست وِهارَڻُ: پنچات سڏائڻ - تلاش ڪرڻ - گولا ڪرڻ.

- دانِستهَ: ظرف. ڄاڻي ٻجهي - سمجهي ڪري. "ڪرِدهَ دانستهَ" = اکين ڏٺو - اکين اڳيان.

● دانِستيُ ۽ دانِستيُونَ (ٿ): ث. ڪنگهه.

● دانِشُ: ث. (ف. دانستن = ڄاڻڻ) ڄاڻ - ڄاڻپ - سمجهه - عقل - فهم - ٻوڌ - علم.

- دانِشمَندُ ۽ دانِشمَندَ: ذ. صفت. عاقل - سمجهو - هوشيار - ڄاڻو - سياڻو - عقلمند - ڏاهو - داناءُ - ٻُڌوان - سڪيل.

- دانِشمَنديُ ۽ دانِشمَنديُون: ث. دانائي - عقل - سمجهه - هوشياري - عقلمندي - فراست - حڪمت.

Gul Hayat Institute

- دانِشُ وَرُ: ذ. صفت. سياڻو - ڏاهو - عقلمند - سمجهُو - ذهينُ - دانشمند.

- دانِشُ وَرِيُ: ث. سياڻپ - عقل - ڏاهپ - علم. حڪمت. سائنس - وِگيان - هنر.

● دانِشِڻُ (ڪ): مصدر. گهٽي بڪ بڪ ڪرڻ - جهڳي هڻڻ - گوڙ شور ڪرڻ.

● دانُقَلُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَکر. (گاهه جو هڪ قسم، پن ٻگها ۽ ڀرُدار شاخون، گل ميرو آسمالي).

● دانُق: ذ. (ف). سڪي جو هڪ قسم - چانديءَ جو هڪ ننڍو سڪو - درهم جو ڇهون حصو - دانگ.

● دانُگُ ۽ دانُگَ: ذ. (ف). تورڻ جو هڪ وزن - ڇهن رتين جو هڪ وزن، مثقال يا درم جو ڇوٿون حصو. (طبي اصطلاح ۾ وزن چار رتيون، شرعي اصطلاح ۾ ٻه رتيون ۽ ايراني ايڪيهه جَوَ آهن). ڪنهن به شيءِ جو ڇهون حصو - حصو - ڀاڱو - ٽڪرو. طرف - ڏس - پاسو. ذ. صفت. بيوقوف - عقل وِيَلُ. ٽڙيَلُ - نياڳو. بدمعاش - چور - ڪُوڙو (ت).

- دانگَرَ دانُگُ (ت): ذ. صفت. تمام وڏو بدمعاش - آڙاهه لُچ.

- دانُگو ۽ دانُگا: ذ. صفت. بي وقوف. موڳو. بدمعاش - ڪَرَيَلُ. ڏنگو. ٻليت. اندر ڪارو.

- دانُگُوڙو ۽ دانُگُوڙا (ت): ذ. صفت. ڏالگو - اندر ڪارو - مُنهن ڪارو - دانگيءَ جهڙو.

● دانگَڙو ۽ دانُگَڙا (ت): ذ. پاڻيءَ جي حوديءَ جي حاطي جو دَرُ.

● دانُگِيُ ۽ دانُگيُون: ث. ماني پچائڻ لاءِ ٺڪر جو تانءُ. ٺڪر جو تئو.

- دانُگِيُ پِچِيُ ڪُتِي جِيُ ذات ڀَرُ ڪَنِڻُ: نقصان سَهِي ٻئي جي لياقت ڀرڪڻ.

- دانُگِيُ (روٽِيُ) چَڙهَڻُ: ڏُڪار ٿيڻ - گهر جو خرچ وڌي وڃڻ - معيار زندگي اوچو ٿي وڃڻ.

- دانُگِيُ گهُمائِڻُ: ڀڙڻو ڪرڻ - منهن ڪارو ڪرڻ - ڪم ڪري ڏيکارڻ.

- دانُگِيُ مُنُهَنَ تي مَلِڻُ: شرمسار ڪرڻ - خراب خوار ڪرڻ - تعدي ڪرڻ.

- دانَو: اسم خاص. (ف. دانستن = ڄاڻڻ مان نڪتل) نالو ماڻهوءَ جو.

● دانَهُ ۽ دانَهَ: ذ. صفت. (ف). دانا - داناهه - داناءُ - سياڻو - ڏاهو - سمجهُو.

● دانهِڻُ: مصدر. دانهن ڪرڻ - ڪُوڪَ ڪرڻ - رڙِ ڪرڻ - ڪُوڪڻ - رَڙَڻ. واءِ ويلا ڪرڻ. سڏڻ - فرياد ڪرڻ - پُڪارڻ.

- دانُهَنُ ۽ دانُهُونُ: ث. رڙُ - ڪُوڪَ - پُڪار - رِيهُ - راڙو - واڪو. روجُ - رودَنُ - رڙو رڙِ - واءِ ويلا - ٻاڪرڪٽو - زاري - راڙهو. سڏُ - پُڪار - ڪُوڪارَ - فرياد - نالش - آهَ - شڪايت.

- دانُهَنُ جو دادِ ڪَرَڻُ: فرياد ٻُڌڻ - داد رسي ڪرڻ - انصاف ڪرڻ. آهه زاري جو قدر ڪرڻ - دانهن وَرنائڻ.

- دانُهَنُ ڪَرَڻُ: فرياد ڪرڻ - ٻُڪار ڪرڻ - رڙ ڪرڻ - شڪايت ڪرڻ.

- دانُهَنُ ڪُوڪَ ۽ دانُهَنُ ڪُوڪُونُ: ث. فرياد - دعوِيٰ - شڪايت - آهه وزاري. فرياد فرياد.

- دانُهِيُنُ ۽ دانُهِيُنَ: ذ. صفت. دانهون ڪندڙ - دانهيندڙ - دانهين - رڙيون ڪندڙ - واڪا ڪندڙ - عرضدار - دانهُنِ ڪرڻ جو عادي - هر وقت شڪايت ڪرڻ وارو - بي صبرو.

- دانُهوڙِيُ ۽ دانُهوڙِيُ: ذ. صفت. دانهن ڪندڙ - فرياد ڪندڙ - عرض ڪندڙ - شڪايت ڪندڙ - واڪا ڪندڙ - هردم پُڪاريندڙ.

- دانُهُونُ دانُهَنُ لائِڻُ: دائما دانهون ڪرڻ - لڳو لڳ دانهون ڪرڻ - رڙين تي رڙيون ڪرڻ - ٻيو روئڻ - هردم ٻڪاريندو رهڻ.

- دَانُهِيَرُ ۽ دَانُهِيَرَ: ذ. صفت. دانهينُرُ. فريادي - ٻڪاري - ٻڪار ڪندڙ.

- دَانُهِينُ ۽ دَانُهِينُ: ذ. صفت. دانهين - فريادي.

Gul Hayat Institute

- دَانهِين وَارِي دَانهَن: ث. راڙي واري ڪُوڪ. وڏو اعتراض - وڏو واڪو - واويلا - راڙ ڪوڙا.

- دَانهِين وَارِي دَانهَن ڪَرَڻ: بالڪل ڪهٽو ۽ پڪارڻ. پڪارڻ جيئن پڪارڻ جو حق هجي.

● دانهين ع دَانهِين (ت): ث. مُڇ يا ڏِيَنِ جي مُٺِ (جا نوڙي وٽڻ ۾ ڪم اچي).

- دَانهِين وِجهَڻ: فساد آڻڻ - جهيڙو وڌائڻ. ڳالهہ کي ٽيڪو ڏيڻ - سفارش ڪرڻ. مُڇَ يا ڏِيَنِ جو مُڇو، نوڙي وٽڻ وقت وِجهڻ.

● دانِي ع دَانِي: ذ. راڪس - ڀُوت - جِنّ - دِيو. ڀَربَت جيڏو - هيبتَ جهڙو - دَئيتُ - راڪاس - ڏيڻارو.

● دَانِيال: اسم خاص - هڪ پيغمبر جو نالو.

● دَاڻ دَاڻِ: ث. [ف - دانہ دانہ] ڪٽا - داڻا - ٻِج. ذرا ذرا - ڀُرزا ڀُرزا - ٽِر ٽِر - ڀور ڀور - ڀُڪا ڀُڪا. ڀُربُر - ڀَٽار - آرايون.

● دَاڻُو ع دَاڻَا: ذ. [ف - دانہ = داڻو. گ. داڻو. پرا. دَنا. سن. دَانيہ] هڪ عدد - ڪڻو. اَنَّ جو ڪڻو - اناج - ٻِج. لنيڙو ذرّو - آٽي ذَرّو - جُزو. هارَ ۾ پيل هڪ هيرو يا جواهر - مڻيو - موتي - مڻڪو. ماتا جو هڪڙو جسم تي داغ - چِٽو - چِتڙو. گهوڙي جو ڪاڄ جهڙوڪ، چڻا، جوئر، جَوَ وغيره).

- دَاڻَا: ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ. اَنَّ جو ٿورو انداز. جيئن "آٽي داڻا، لُوڻَ داڻا" وغيره.

- دَاڻُو پاڻِي: ذ. اَنَّ پاڻي - آبداڻو - کاڌو پيتو - رِزق. قِسمت - نصيب - لِکيو - ڀاڳ - ڪنايتہ. حياتي - زندگي.

- دَاڻُو پَاڻِي هُئَڻ: قسمت ۾ هئڻ. حياتي هئڻ.

- داڻو پاڻي کُٽڻ: حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿي اچڻ - حياتي پوري ٿيڻ.

- دَاڻُو پَڙهِيو هَڻَڻ: جادو ڪرڻ - اڪر ڪرڻ - ميرو اڪر ڪرڻ - ٽونو ڦيڻو ڪرڻ - جوئر جي ڪڻي تي مُرليءَ جي سُڌرڻ لاءِ منتر پڙهڻ.

- دَائِي دَائِي تي مُهر هُئَڻ: مقرر نصيب ضرور ملڻ - هڪ جو نصيب ٻئي کي هرگز نہ ملڻ.

- دَائِي دَائِي جو مُحتَاج: صفت. غريب - گهر جائو - گهر جائيتو.

- دَائِيون ڀَائِيون وَجَڻ (دَئِيون ڀائيون وڃڻ): چٽ يا خراب ٿيڻ - سمورو خراب ٿي وڃڻ.

● داوُ ع دَاوَ: ذ. (ف) داءُ - وارو - چال - چالو. گهيرو - ڦيرو (راند جو) لکي. حيلو - وسيلو.

● داوَرُ ع دَاوَرَ: ذ. [ف. دادور. دادُ = انصاف + آوردن = آڻڻ > دادُوَرُ > دَاوَرُ] انصاف ڪندڙ - عادل. مُنصِف. باد شاهہ - سلطان - شاهہ - راجا - عظيم - اعليٰ - سڀ ڪان مٿي. خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. ڳاڙهو رنگ نکرن کي لائڻ لاءِ. داءُ - ڏاءُ. شرط - وارو - آڪ. ڏَاڪُڻُ - اٽڪل - تجويز.

- دَاوَرِ مَحشَرَ: قيامت جي ڏينهن سڀني جو فيصلو ڪرڻ وارو - خداتعاليٰ.

● دَاوَنُ ع داوَنَ: ث. (دامَنُ جي بگڙيل صورت) پلاند - پلئو - پوتيءَ جي ڪنڌَ - ڪپڙي جي ڪنارِ - پاندُ - دامنُ.

- دَاوَنُ وَٽڻ: دامن وٺڻ - سام پوڻ - پڪو آسرو ڪرڻ.

● دَاوڻِ ع دَاوَڻِيون (ک): ث. ٽَڄَ - چاٽي.

● دَاوَڻ ع دَاوَڻُون: ث. کاٽ جي پيٽيءَ جو هڪ قسم - پَچرُ - ڪايو. لٽڙهو - چڙهو - چڙهي - دامو.

● دَاهہَ ع دَاهون: ث. دانهَن - فرياد - رڙِ - پُڪار.

- دَاهَڙِ ع دَاهَڙِيون (ت): ث. دباءُ - آڪَڙ.

● داهہَ ع داهہ: ذ. [سن داهہ: دهہ = سڙڻ] مڙدي کي جلائڻ لاءِ ڪاٺين جو مَچُ - چيکيا - آڙاهہ - ڏاگهہ. اگني منسڪار - مڙدي کي ساڙڻ جي ڪريا.

Gul Hayat Institute

● داءُ ۽ داءَ: ذ. [سن. دِرَوِيَہ = لاٿو: ٻالي. دَوَّ: پرا. دوا] شرط ۾ ٻڌل رقم - جوا جي ٻڙ ۾ رکيل رقم - جڳ ۾ رکيل رقم - شرط يا جوا جي جڳ کي ٻيڻو ڪرڻ جي حالت. ڍاري جو وارو - گهمرو - وَجهہ - موقعو - چالبازي - فريب - موقعو - گهاتُ - سجهہ - ڦيرو - وڪڙ - وَرُ - ساڄي - پَڪَ - ڪُٽو - ٻَلُ - ٽيڻ. ڏانءُ - اٽڪل - تجويز. ٻڙ جو هڪ قسم - ڪنيارن کي رلڳ طور ڪم ايندڙ ڳاڙهو ٻڙ.

- داءُ اچَڻُ: وجهہ ملڻ - موقعو ملڻ - ڪُٽو پوڻ.

- داءُ ڏِيَڻُ: وجهہ ڏيڻ - ٻَل ڏيڻ - موقعو ڏيڻ. ڪنيار جو ڪچن ٽانون کي مٿان ميٽيءَ جو راڳو ڏيڻ.

- دائِيرُ ۽ دائِيرَ: ذ. صفت. داءُ وارو - داءُ ڪٽيندڙ. داءُ هڻندڙ.

- داءُ رکَڻُ: جوارين جي اصطلاح ۾ - بازي رکڻ - شرط رکڻ.

- داءُ گسائِڻُ: وارو گسائڻ - وجهہ وڃائڻ - موقعو ٽاري ڇڏڻ.

- داءُ لڳَڻُ: وجهہ لڳڻ. ڪمائيءَ يا پيدائش ۾ گهڻو اضافو ٿيڻ.

- داءُ هڻَڻُ: جوڙ راند ۾ ڍار وآڇاڻ - وارو وٺڻ. نصيب آزمائڻ - بخت آزمائڻ.

● دائِيدُ (ڪ): اسم خاص. هڪ نئين جو نالو.

● دائِرُ: صفت. [ع. دارَ = هو ڦريو - هن چڪر ڪاڏو] دوره ڪندڙ - ڦرندڙ. زير تجويز - درپيش. اڳيان آيل قاعدو.

- دائِرُ ڪَرَڻُ: رجوع ڪرڻ - اڳيان ڪرڻ - هلائڻ (مقدمو) - سلسلو شروع ڪرڻ - حڪم جاري ڪرڻ.

- دائِروُ: ذ. گهيرو - چڪرُ - گول - ڦيرو - چڪلي - ٻيڙُ - حلقو - مدارُ. دوستن جو ميڙ - زُمرو - گروهہ. جاءِ - جڳهہ - اوطاق. مسلمان فقيرن جي ويهڻ جي جاءِ - آستانو - مڪان - اوتارو - اوطاق. مڙهي - دُئار - خانقاهہ. جيئن "هَڙَ ۾ تماڪ تہ جهنگ ميڙوئي دائرو" - دِبيرڪي - هڪ باجي جو نالو جيڪو هڪ پاسي کان کليل هوندو آهي ڪنجيري.

● دائِرِيُ ۽ دائِرِيُون (ت): ث. مسخري - کِل - يوڳ.

- دائِرِيُ وِجهَڻُ: چرچا ڪرڻ - مسخري ڪرڻ.

● دائِرِيُو: اسم خاص. تعلقي جيمس اباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دائِمُ: ظرف. [ع. دام = هن جٽاءُ ڪيو] هميشه - سدائين - مُدام - سدا - نيتُ - ٻارهوئي - دائما - دائمي. ڀڪي طرح.

- دائِمَا: ظرف. دائم - هميشه - سدائين - دائمي - لڳو تار.

- دائِمُ المرِيضُ: ذ. صفت. هميشه بيمار رهندڙ - سدائين بيمار.

- دائِمِيُ: ظرف. هميشه جو - سدائين جو - مُدامي.

- دائِمِيُ تاڪِيدُ: ذ. هميشه جو حڪم نامو يا منع نامو - ڀڪو حڪم يا فرمانُ.

● دائِڻُ (ت): مصدر. وهنجڻ. ساءُ جي ٽيجُ ٻڌڻ. ڏائڻ.

● دائُو: اسم خاص. ٺٽي ٻارڻ جي الهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

● دائُود: اسم خاص. (عبراني) محبوب - عزيز. هڪ پيغمبر جو نالو، جو بادشاهہ ۽ نبي هو، ٺن تي زبُور جو آسماني ڪتاب نازل ٿيو هو.

- دائُودِيُ: ث. صفت. دائود جو - دائود وارو - دائود جهڙيون، جيئن:

"دائُودي دَيُون ڪري، رَکَن ڪونهي رنگ"
(شاهہ).

هڪڙو زردي مائل اڇو گُلُ - دائُودي گُلُ - ڪٽڪ (سفيدي مائل ڪٽڪ جو قسم).

● دائُود پوٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دائِيُ ۽ دائِيُونُ: [سن. ڌاتري = دائي. ف. دايہ. گ. دائي. پرا. ڌَتِي] ويَمُ ڪرائيندڙ - ٻار ڄڻائيندڙ عورت - ٽيجَ پيار يندڙ عورت - ٽيجَ ڏارائيندڙ عورت - ننڍي ٻار کي پاليندڙ - لپائيندڙ - سنيائيندڙ - ٽهل ٽڪور ڪندڙ - خدمت ڪندڙ - ٽهليي - ٻانهي - نوڪر ٻائي - خدمتگار.

Gul Hayat Institute

- دائيءَ کان پيٽ لڪائڻ: حال محرم کان ڳالهه مخفي رکڻ.

- دائي کان پيٽ ڳجهو نه هئڻ: حال محرم کي سڀوري حقيقت معلوم هئڻ.

- دائپائي ۽ دائپائيون: ث. دائپو. تيمارداري - ٽهل - خدمت - چاڪري.

- دائپو ۽ دائپا: ذ. دائي جو ڪم - دائپو - ٻار ڄڻائڻ جو ڪم - ٻار پالڻ يا کيڏائڻ جي نوڪري. چاڪري - خدمت - ٽهل. مسخري (ت).

- دائپو وجهڻ (ت): مسخري وجهڻ - مسخري لائڻ.

- دائڪو ۽ دائڪا: ذ. صفت. دائيءَ وارو - دائيءَ جو - دائيءَ سان واسطو رکڻ وارو.

● دائي دائنا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دايا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. دائپو ڪندڙ.

● دايڪ: صفت. [سن]. ڏيندڙ - ڏيڻ وارو. جيئن "سک دايڪ" وغيره.

● دايم: ظرف. (ع) دائم.

- دايما: ظرف. دائما - هميشه لاءِ - سدائين لاءِ.

● دايو ۽ دايا: ذ. (سن. ڌاتري). دائي جو مذڪر. نوڪر - ٻار سنڀاليندڙ - ٻار لپائيندڙ.

● دب: ذ. ع. رڇ.

- دب اصغر: ذ. اتر قطب جي ويجهو ستارن جي رڇ جهڙي ننڍي شڪل - ننڍڙو رڇ.

- دب اڪبر: اتر قطب جي ويجهو ستارن جي رڇ جهڙي وڏي شڪل - وڏو رڇ - ڪتي.

● دبارو ۽ دبارا: صفت [ف. دو = ٻه + بار = گهمرو] ٻيو دفعو - ٻيو گهمرو - ٻيهر - موٽي - وري - ٻيو ڀيرو.

● دباني جت: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دبدا: ذ. [سن. دوڌا] دل جي ڪوتائي - دل جي ٻيائي - سنسو - شڪ - دولاب - ننگي.

● دبدبو ۽ دبدبا: ذ. [ف. دبدبه = دبدبو] دبدبو - شان شوڪت - رعب تاب - ڀيڪو - ڏام ڏوم - طومان - شور - آواز - زور سان ڳالهائڻ.

● دبر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ضلعي ۾).

● دبر ۽ دبريون: ث. ع. ڇاڙي - پٺ - پٺ پچو. ڳچيءَ جا پٺي پاسا - ڳچي - ڪين - گد يا - مقعد.

● دبرڻ (ت): مصدر. تپ ۾ و ڦلڻ - بيهوشيءَ ۾ ڳالهائڻ - ٿڙ ڀڙيون ڳالهائڻ.

- دبر ۽ دبرون: ث. بيهوشيءَ ۾ ڳالهائڻ - و ڦلڻ.

● دبر واهڻ: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دبستان: [ف. ادبستان. ادب = چڱي حالت + ستان = جاءِ] اسڪول - مڪتب - مدرسو - تعليم گاهه.

● دبگر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (جي چمڙي جي ڪم جا ڪاريگر آهن). جوٽيجن جي هڪ پاڙي جو نالو.

● دبگر ۽ دبگر: ذ. صفت. چمڙي جون ڍالون ٺاهيندڙ - سپرساز. چم جا دٻا ٺاهيندڙ. دٻيون جوڙيندڙ. لغارن کي چم مڙهيندڙ.

● دبل: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۾).

● دبلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دبو ۽ دبا! ث. [ع. دبة = گيهه جو ٿانءُ] چمڙي جي ڪلي (جا گيهه يا تيل جي رکڻ جي ڪم اچي). دٻي - آڏڙي. (ث. دٻي ۽ دٻيون.).

● دبير: ذ. لکندڙ - ڪاتب - منشي - مضمون نگار - مصنف - (ڪتاب لکندڙ). مؤلف - سيڪريٽري - مشهور شاعر مرزا سلامت علي لکنوي جو تخلص.

- دبير فلڪ: ذ. هڪ تاري جو نالو - عطارد - ٻڌ - وهاڻو.

● دپ: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● دَبَ ۽ دَٻُون: ث. [سن. دَمُ = دَٻَڻُ] مٿان ڪان هيٺ تي زور- ڀيڙ- دابُ- ڀيڙو- دٻاءُ. سختي- زور- تاءُ- تابُ. چنبَ- چپنپ- تڙي- جبرُ- زبردستي- ڀيڪي- تنبيهه.

- دَب ٻتائڻُ: ڏمڪائڻ- دڙڪو ڏيڻ- تنبيهه ڪرڻ.

- دَٻجڻُ: ڪنهن شيء جو هيٺان اچي وڃڻ- ڀيڙجڻ- ڀچڻ- سوڙهو ٿيڻ- ڀچڻ- چپجڻ. هيسجڻ- مغلوب ٿيڻ. ٻورجڻ- ڏڪجڻ.

- دَٻجي وڃڻُ: هيسجي وڃڻ- سست ٿيڻ- هيناهين اختيار ڪرڻ.

- دَبَ دَٻاءُ ڪرڻُ: زور آڻڻ- ست ستاءُ ڪرڻ- رعب تاب رکڻ.

- دَبَ دُسَ ڪرڻُ: زور سان مڃائڻ- لاچار ڪري قبول ڪرائڻ- زبردستي ڪرڻ- دَبَ ڦُس ڪرڻ.

- دَبَ ڏيڻُ: زور ڏيڻ- ڀيڙ ڏيڻ. سختي ڪرڻ- تنگي ڪرڻ.

- دَٻڙ دُسَ: ث. زبردستي- زوراوري- ڏاڍائي- ٻوسات. زور- ڏاڍُ- جبرُ- عام جهيڙو- دنگو.

- دَٻڙَ دُونس ڪرڻُ: ڏاڍُ ڪرڻ- زوراوري ڪرڻ. ماري ڪُٽي ڪم پورو ڪرڻ- ڏاڍ مڙسي ڏيکارڻ.

- دَبَ ڦُسَ: ث. دَبَ دُسَ- زوربار- دبدٻاءُ- زبردستي- قانون جي خلاف- ڏاڍَ مڙسي- مرضيء جي خلاف.

- دَبَ ڦُسَ ڪرڻُ: زور مس ڪري مڃائڻ يا لاچار ڪرڻ- زوري قبول ڪرائڻ- بي قاعدگي ڪرڻ.

- دَبَ ڪيڏڻُ: تنبيهه ڪرڻ- جُٺِ ڪرڻ- جهڻڪڻُ- چِڙٻڻُ- دڙڪو ڏيڻ.

- دَٻلاتَ ۽ دَٻلاتُون: ث. دَبَ ڦُسَ- دبردونس (دٻڙ دُسَ).

- دَٻنامو ۽ دَٻناما: ذ. تنبيهه- تاڪيد- ملامت.

● دَبَ ۽ دَٻُون (ڪ): ث. ڏندن جي چوگرد وارو گوشت وارو حصو- مٿهار- مالهي.

● دَبُ: صفت. سَرِيشٽ. آتم.

- دَبُ دَرُشٽيءِ بَخشَڻُ: سنئون رستو ڏيکارڻ- ڏٺيء جي ديدار وارو رستو ڏيکارڻ.

- دبُ رتنُ: ذ. بي بها موتي- انمول هيرو.

● دبُ ۽ دَبَ: ذ. لِڪَ- چُپُ- روُهوشي- غائب. لِڪڻ جي جاء.

- دَبُ ڪرڻُ: هوا ڪان ٻاڻ کي لِڪائڻ- بدن کي گرم رکڻ لاء هڪڙي مٿان اوڇڻ (جهڙوڪ چادر- ڪمبل- لحاف) وجهڻ.

● دِبَ ۽ دِٻُون: ث. (آواز) ڪِرڻ جو آواز- ڦهڪو- دَٻڪو- دَٻڙاٽ. ٻُٽن تي هنيل ڌڪ- مُڪَ.

● دُٻا: اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَٻالتَ ۽ دَٻالتُون: ث. (سن. دَمُ = دَٻَڻُ) دٻاءُ وجهڻ- زور وجهڻ- مٿان زور ڏيڻ- ڀچائڻ- ڀيچائڻ- ڀيچاڻ- سوڙهو ڪرڻ- نپوڙڻ- ٻيڙهڻ- چپائڻ- ٻُورڻ- دٻڻ- لتڙڻ- دفن ڪرڻ- دُوسڻ- لِڪائڻ- چپائڻ. هيسائڻ- عاجز ڪرڻ- تنگ ڪرڻ- ڏمڪائڻ- دڙڪو ڏيڻ- ڏڏو ڏيکير ڪرڻ. زبردستي پرائي مال تي قبضو ڪرڻ- غَصَبُ ڪرڻ.

● دَٻائِڻُ: مصدر. [سن. دَمَنَ. دَمُ = زور ڏيڻ] زور ڏيڻ- هيسائڻ- اک ڏيکارڻ.

- دَٻاءُ ۽ دَٻاء: ذ. زور- داب- بوجو- ٻوجهه- بار. رُعب- تاب- هيسَ- دِپ- ڌَهڪاءُ- خوف- ڏمڪي- دَٻڙَ- دَڙَبَ- ڏڌڪو- دڙڪو- ڏڏو ڏيکرُ- دَهُمان- دهشت- سختي- جبرُ. زبردستي.

- دَٻاء رکڻُ: زور آڻڻ- زبردستي ڪرڻ- زوربار ڪرڻ.

● دٻُدا: ث. ڪوتائي- ٻپائي- دَٻُدا.

● دبُ دَبُ: ذ. (آواز) ڪُٽڻ يا ڌَڪَن هڻڻ جو آواز- ڌَڪ ڌَڪ. ٻريل دنگي کي ليٽائي شراب ڪيڏڻ وقت آواز ٿيڻ- گهَٽُ گهَٽُ.

Gul Hayat Institute

— دَپ دَپ ڪَرَڻُ: ڏاڍيان ڌڪ هڻڻ.
● دَپُدبُو ۽ دَپُدبَا: ذ. [ف. دَبدَبَه] رعب تاب - شان و شوڪت - حشمت - هاڪ - ننڌَ - ٺاهہ ٺوهہ - ٺَومان - اڏمبر - پَٽِڪو - ڏاڍَ ڏومَ. طاقت - جبرُوتُ - ڌمڪاءُ. آب - مان - شان - اقبال - مرتبو - وڏو عهدو - درجو.
● دَبَرَ ۽ دَبَرونُ (ڪ): ث. ڏَڙڪي - رِلسي - گودڙِي. رلهڪو - رلهي.
● دَبِڙا (ت): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● دَبِڙائِڻُ (ل): مصدر. دَٻائڻ - ڌمڪائڻ - دَبَ ڪيڻ - تنبيهہ ڪرڻ.
● دَبِڙ دَليِ ۽ دَبِڙ دَليُون (ل): ث. ٽلهي متاري - وَنرُ ستَرُ.
● دَبِڙِ ينگ (ت): ذ. (آواز) مٿان ڪيرڻ جو آواز - ڦهڪو - دَبڪو.
— دَبِڙِ ينگ ڪَرَڻُ: ڦهڪو ڪري ڪيري پوڻ - اوچتو ڪري پوڻ.
● دَبِسُ ۽ دَبِسَ: ذ. اڙتَ قيرائڻ جو هٿيو - آڏاٺي جو مٿيو.
● دَبِسڙو: ذ. ماتا جي بيماريءَ جو هڪ قسم - ننڍي ماتا.
● دَبڪُ ۽ دَبڪَ: ذ. وَهٽَ کي ڇپڪ لڳ. ڇڏڻ لاءِ اڳئين ۽ پوئين پيرن ۾ ٻڌل رسو - ڏانُ - ڏاوڻُ. تيلين مان ٺهيل ماني رکڻ جي ننڍي پينڍي - دَبڪي - ڇابَ (ت). نشان - چٽو - داغ - دابُ.
● دَبڪا (ت): ذ. پرت جو هڪ قسم.
● دَبڪڻُ: مصدر. [سن. دَمُ = دَبڻُ] لڪڻ - ڇپڻ - ڪجهو ٿيڻ. ڊڄڻ - دبُ ڪرڻ. بيهي رهڻ - ساهي پٽڻ. ترسڻ.
— دَبڪَ ۽ دَبڪَ: ذ. ٺهرَ - ٿانئهر - بيهڪ. دابو - ڊابو - مانجهاندو - ٿورو آرام.
— دَبڪائڻُ: مصدر. ترسائڻ - بيهارڻ.
— دَبڪو ۽ دَبڪا: ذ. ٿوري بيهڪ - دابو - ڊابو.

● دَبڪو ۽ دَبڪا: ذ. (آواز) گهٽڻ شين جي ڪيرڻ جو آواز - ڦهڪو - ٺپڪو - شٽڪو. گهوڙي وغيره جي پيرن جو آواز.
● دَبڪو: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● دَبڪي ۽ دَبڪيُون: ث. ڪکيءَ يا تيلين مان ٺهيل ماني رکڻ جي پينڍي يا ٿانو - ڇٻي - ڇابَ.
● دَبڪيائُون (ڪ): ذ. صفت. دَبڪڻ وارو. لَسي پرت جو هڪ قسم.
● دَبيڪرَ (ت): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● دَبيڪرَ ۽ دَبيڪرَ: ذ. صفت. (ف. دبگر) چمڙي جون دَبيون ٺاهيندڙ. دبگر. نغارا ۽ دهل مڙهيندڙ - بزگر. لوهہ جي دبن وغيره جا ڍَڪَ ٺاهيندڙ - ٽينگر - ٽيناڻي.
● دَبلو ۽ دَبلا: ذ. ڪنهن ڌاتوءَ يا ڪاٺ مان ٺهيل ننڍو دَٻو (جنهن ۾ قيمتي شيون يا ماني وغيره رکجي) - داٻلو.
● دَبلي ۽ دَبليُون: ث. ننڍو ٻلو - دَٻي - ڏٻي - ڏَٻي. سُونگي - سُونگهي (ل).
— دَبلي گهوائڻ: ڳُهڻ جي سڄي ساهَ جوڙائڻ.
● دَبلي: اسم خاص. تعلقي ٺٽل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● دَبلي: اسم خاص. تعلقي آوباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● دَبڻ: مصدر. [سن. دَمُ = دَبڻ] مٿان ڪان هيٺ تي زور ڏيڻ - پيڙڻ - چيڻ - دٻائڻ. زور سان وجهڻ - گهُوچڻ - جهُوڪڻ - ڦسڻ. پُورڻ - لڪائڻ - جُهائڻ.
● دَبو ۽ دَبا: ذ. [ع. دَبَّه = دَبو] گيهہ يا تيل رکڻ لاءِ چمڙي جو مٽ جهڙو ٿانءُ. لوهہ جو ٺهيل وڏو ٻلو - ڏولُ - ٽينُ. (ث. دَبي ۽ دَبيُون).
— دَبي ۾ نيڪيرِ يُون: ظرف. ڪجهہ به نہ - اجائي ڪَڙ ڪَڙ - ڪجهہ به سمجهہ ۾ نہ اچڻ.

Gul Hayat Institute

● دُٻُو ۽ دُٻَا: ذ. [سن. درو = دُٻو] پاڻيءَ جي تمام ننڍڙي ڪَڏَ - چِڏو - ننڍڙو ڪاسون پاڻيءَ سان ڀريل. هيٺاهين زمين جي ٿوري ٽُڪر ۾ بيٺل پاڻي. مَسُ جو تيل چُٽو - چِٽو - نشان - ٽِڪو - ڏام - داغ. اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۽ تعلقي روهڙي ۾ ديهن جو نالو.

● دُٻَهِروُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَٻَهڙوُ ۽ دَٻَهڙا (ت): ذ. پڪين ڦاسائڻ جو هڪ لمونو (ڪارو زمين تي آپو رکي هيٺان ان داڻا رکي، چِڪ ڏيڻ).

● دَٻُهو ۽ دَٻُهَا (ت): ذ. پڪين ڦاسائڻ جو هڪ نمولو.

● دَٻِيُ ۽ دِٻِيُونُ: ث. چمڙي جي ٺهيل دلي يا گهاگهر (گيهه يا تيل واسطي ڪم ايندڙ). پِتاڙِي. ننڍو دَٻو - دَٻلي - ڏَٻِي - مُٺونگي.

● دُٻِيُ: اسم خاص. جيڪب آباد ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. تعلقي سانگهڙ، ٽنڊومحمد خان، دادو ۽ ٺٽ ۾ ديهن جو نالو.

● دَتُ ۽ دتَ: ذ. [هہ] سُستي - ڪاهلي. مڪرُ - ڊولڪ - ٽالُ - مَڪَرُ - فريب - ڪوڙ - اٽڪل - ٺڳي. بهانو - ڪشو - ڪَهُ - چِنڊُ - ڪَنَ لاٽار - مانِ - چُپ. ل. صفت. اهو ماڻهو، جو چيو نه مڃي - هوڏي - نحس - ارڏو - نافرمان - ڏَڏُ - ڪُنڊ فهم. بيوقوف - بي عقل. سُست - ڪاهِلُ - ٽيرُ.

- دَتُ دَتائِي بيهڻُ: ٽير ٿيڻ - ضدي ٿيڻ - نحس ٿيڻ.

- دَتُ هڻڻُ: ذ. ٽالهائڻ - مانَ ڪري ستمهڻ. چِنڊ هڻڻ - چَپُ هڻڻ. ذ. صفت. مڪريلو - ڪپڪاٽي - ڊولڪي - ٽالي - ٺڳ.

- دَتو ۽ دَتَا: ذ. صفت. مڪريلو - ڪپڪاٽي - ڊولڪي - ٽالي - ٺڳ.

● دَتُ پيرُ (ڪ): ذ. پير جو هڪ قسم (جيڪي پير ڪانڊ سان اڙيءَ ۾ ڦاسن).

● دُتُ: صفت. [سن. دو = ٻه] ٻٽو - ٻيٽو - ڏوڙو. خاص ڪري ٻٽو اکر.

● دُتارو ۽ دُتارا: ذ. (سن. دُوِ = ٻه + تار) وَڄَتِ جي تار جو هڪ قسم - ٻه تالو - ٻه تارو.

● دُتالو ۽ دُتالا: ذ. دُتارو - ٻن تارن وارو - ٻن تالن وارو.

● دُتاهو ۽ دُتاهَا (ت): ذ. آسرو. انجام. اميد. ٺڳي. خيال. دَغا. ذ. صفت. ويساهه ڏيئي ٺڳي ڪندڙ (ت).

● دُتَڙُ ۽ دُتَڙَ (ل): ذ. صفت. ٿلهو متارو - ٻي ڊولو - گهٽي ٿولهه وارو.

● دُتِنو ۽ دُتِنَا (ت): ذ. صفت. ٿلهو - ڊوٻرو - دُگنو.

● دُتِيَا: ث. [سن. دُوِ = ٻه] دُوئي - ٻي تاريخ - ٻيجُ. ٻيائي - ڪوتُ - دل جي ٻيائي - اندر جي ٻيائي - ٻه اکيائي.

- دُتِيا ڀاوَ: ذ. ٻيائي - ٻه اکيائي.

● دُتِيڪُ ۽ دُتِيڪَ: ذ. ڏسو "ڏُتِيڪُ".

● دُتّالُ ۽ دُتّالَ: ث. آٿ جي ساز (سنج) جو هڪ قسم - رِڪيبَ جي جهَل واري وَڏِي.

● دُپارا: ظرف. [سن. دُوِ = ٻه + پار = طرف] ٻنهي طرفن کان - اوراران ۽ پاران

"مٺي ستي مِهراڻَ ۾، اچن دُپارا دَڙڪا"

(شاهه).

● دُپَتُو ۽ دُپَتَا: ذ. [سن. دُوِ = ٻه + پَتّ = پٽو] ٻن پٽن وارو - ڪپڙي جو هڪ وَستَرُ - رَئو - پوتي - چُني. ميدان - پٽو (ڪ).

● دُپُستِيُ ۽ دُپُستِيُونُ: ث. [ف. دُ = ٻه + آپشت = پُٺ] ٻن پُٺين واري. ٻن جيئَن واري - ٻيٽَ سان - حَمَلَ واري - ڊُکي - گَرڀڻي.

● دَجّالُ: اسم خاص. ع - [دَجَلَ = هن دوکو ڏنو، هن ڪوڙ ڳالهايو - هن ڪوڙي دعوى ڪئي] اهل اسلام جي عقيدن موجب، هڪ ماڻهوءَ جو قيامت کان ڪجهه اڳي پيدا ٿي، اصفهان مان ظهور ڪندو، اک کان ڪاڻو هوندو،

Gul Hayat Institute

اهل دنيا کي حواس باخته مُشاهدا ڏيکاري ھنھنجي ھامي آڻيندو، مومن سندس سحر کان محفوظ رھندا، کيس حضرت عيسيٰ عليه‌السلام قتل ڪندو. صفت. تمام گھڻو ڪوڙ ڳالھائيندڙ – ٺوڳي – ڪُپتي – ليبامي – دغاباز – ٺڳ – مڪار – بد معاش – ڪوڙو – ڪذاب – ڪُساڪي. فسادي – لُچ – خون خوار – وحشي – ڦندڙي – ڦڙو. ذ. طلا – زر – نيج سون – ڪُندن – سون. جوھردار تلوار.

● دَجرَاج: [سن. دَرْجراج] چنبڙ (ڏھس).

● دَجلَہ: اسم خاص. [ع] عراق جي ھڪ مشھور درياءَ جو نالو.

● دَجو: ذ. لُڙي جي مڇيءَ جو ھڪ قسم.

● دَچَڙُ ۽ دَچَڙَ (ل): ذ. گوڙ – گھمسان – ھُل – ھنگامو.

● دَچَ: ث. [سن. دَشَنُ = ڏند] ڏندن جي چمڪ (ل).

● دَچَنُ ۽ دَچَنَ: ذ. [پرا. دَسَڻ. سن. دَشَنُ = ڏند] ڏند. جيئن:

"ڏوڏ ردچن دھان ۾، لب لاکي لاک لڳات"

(ڏھسنامو ڪبير شاھ).

● دُخَانُ: ذ. [ع] دونھون. ٻاڦ. ڪُورو. دُکان – ھَٽُ – ھَٽي – ڇاپَ. قرآن شريف جي ھڪ سورة جو نالو.

● دُخْتَرُ ۽ دُخْتَرونُ: ث. [ف. دُخْتَر: سن. دُھِتَر = ڌيءُ] ماءُ-پيءُ جو مونث اولاد – ڇوڪري – ڌيءُ – نياڻي.

– دُخْتَرِ رَزْ: ث [ف. رَزْ = انگور – ڊاک] انگور جي ڌيءَ. شراب – انگوري شراب.

● دَخَلُ ۽ دَخَلَ: ذ. [ع. دَخَلَ = ھو اندر آيو] آوت – آمد – پيدائش – آھت – آمدني. اندر اچڻ يا گھڙڻ جي حالت – داخلا – دخول. رسائي – پھچ. قبضو – پُڄندي – پُڄت – دسترس. ڪنھن ڪم ۾ ٽپي پوڻ جي حالت. دست اندازي – حد دخلي – مُزاحمت – ھٿ چُرائڻ – وچ ۾ ٽپو. بي جاءِ دخل. اندر گھڙڻ جو ھنڌ – گھيڙ – لنگھہ – گھٽي – گُذَرُ. دڪان تي ويھڻ جي جاءِ آسَڻُ – مَسْنَدُ.

– دَخْل دَرْ مَعْقُولات: ث. ڪنھن ڳالھہ ۾ خواه مخواه دخل ڏيڻ جي حالت – وچ ۾ ڳالھاءُ – اجايو ڳالھين ۾ ٽپي پوڻ.

– دَخْل ڏِيَڻُ: وچ ۾ پوڻ – دست اندازي ڪرڻ.

– دَخْلڪَارُ ۽ دَخْلڪَارَ: ذ. صفت. ڪم ۾ قبضو ڪندڙ – ڪم شروع ڪرڻ وارو.

– دَخْل ڪَرَڻُ: قبضو ڪرڻ – اختيار ۾ آڻڻ – دست اندازي ڪرڻ – وچ ۾ ڳالھائڻ.

– دَخْل ۾ آڻَڻُ: ڪنھن شيءِ کي ڳڻيٽي ۾ آڻڻ – اندازي ۾ آڻڻ – حساب ۾ آڻڻ – تخميني ۾ آڻڻ.

● دُخُولُ: ذ. [ع. دُخُولُ = داخل ٿيڻ – اندر اچڻ] درآمد – آمدني داخلا. لنگھہ – گھيڙ – گُذر.

– دُخُولُ ڪَرَڻُ: جماعُ ڪرڻ. وجھڻ. (ل - ق).

● دَخيْل: صفت. [ع. دَخْل = ھو اندر آيو] دخل ڏيندڙ – دخل ڪندڙ – اندر اچڻ وارو.

– دَخيْل ڪَارُ ۽ دَخيْل ڪارَ: ذ. صفت. ڪاروبار ۾ دخل ڏيڻ وارو – ڪمڪار شروع ڪرڻ وارو. قبضي وارو – متصرف.

– دَخيل ڪار ٿِيَڻُ: ڪم شروع ڪرڻ – چارج وٺڻ – عُھدو سنڀالڻ.

– دَخيْل ڪَارِيُ ۽ دَخيْل ڪارِيُونُ: ث. قبضو – چارج.

● دُدائِڻُ (ت): مصدر. پريشان ڪرڻ – برغلائڻ – پُلائڻ.

● دَدِڙُو ۽ دَدِڙَا (ت): ذ. ڏڏڙو – ڪڪيڙو – ڪوڪيڙو – ٻيرَ وغيره جو اندريون ٻج وارو حصو – ڪڪيڙو.

● دُدَسْتُو ۽ دُدَسْتَا: ذ. صفت. ٿُلھو – ٿوٿالگ – مَتارو – پھلوان – طاقتور – سَتَرو تَر. بي وقوف – جاھل – الاڙي.

● دَدَنُ ۽ دَدَنَ (ت): ذ. مال – ملڪيت – ناڻو – دولت – دليا.

● دُدَنْگُ ۽ دُدَنْگَ: ذ. لانگ جو ھڪ قسم.

● دُدِنُو ۽ دُدِنَا (ت): ذ. صفت. ٿُلهو. ماني يا لولو جيڪو ڳَر سان پچائجي - ڍوڍو. (ث. دُدِني ۽ دُدِنيُون).

● دَدو دَدَا: ذ. [د دُ = چوپايو جانور] جانور- حيوان - دَرِندو.

● دُدو ۽ دُدَا: صفت. [ف. دُوتا = ٻيڻو] ٻيڻو - ٻٽو - دُهرو - ڏوڙو - دُڳڻو. وڏو - ڪشادو - ويڪرو. گهڻو - جهجهو.

● دُڌُ ۽ دُڌَ: ذ. صفت. [ف. دُوتا = ٻيڻو] ٻيڻو - ٿلهو - دُهرو - ٻٽو - ڏوڙو. متارو - ٿلهو - دُدو.

● دَڌُ ۽ دَڌَ: ذ. [س. اُدَڌِ] سمنڊ.

- دَڌسُتُ: ذ. [س. اُدَڌِ = سمنڊ + سُتَ = پُٽ: سمنڊ جو پُٽ ۽ پيدائش] موتي

"تِي ڦَڙُ ڦَڙُ ڦوهارن جيءَ،
دَڌسُتُ صاف سمولبُ.
(جلال).

● دَڌِڙُ ۽ دَڌَڙَ: ذ. ڏاجوڙي جي پاڙ جي مِنِي ڳنڍِ - اڌَڙُ (لس).

● دُڌَڙ (دُڌِڙِ): ث. ڌُوڙِ - دَزَ - رَتِي - خاڪ - ڍُسِڙِ.

● دَڌِڙو ۽ دَڌِڙَا: ذ. پير جو بچ - ڪڪڙو. پير جي آڱرين ۾ يا ترِيءَ ۾ ظاهر ٿيل گوشت جي ڳوڙهي. (جنهن ۾ تمام گهڻو سُورُ هوندو آهي ان ڪي جيستائين وڍائبو نه آهي تيستائين هلي نه سگهبو آهي) - ڪُڪُرو.

● دَڌِڪارَ ۽ دَڌِڪارُونَ: ذ. گوڙ - هُل - غُل - شور. مينهن جي گوڙِ. توب جو آواز. ڌَڌِڪَرُ - دَڌِڪو.

● دَڌِڪَرَ ۽ دَڌَڪَرُونَ: ث. ڏسو "دَڌڪار".

● دَڌِڪُو ۽ دَڌِڪَا: ذ. دڌڪار - دڌڪر - وڏو آواز (ڪنهن شيءِ جي ڪِرڻ جو يا هلڻ جو)، ريل جي انجڻ جو هلڻ مهل آواز. پاڻيءَ جي ڇُٽان ڪِرڻ جو آواز.

● دَڌَلُ ۽ دَڌَلَ (ت): ذ. گهڻو مال - دنيا - زَر - ملڪيت.

● دَڌَل ڌُوڙُو: مالدار. پيارو.

- دَڌِڙِي: ث. مِٺي پاڻيءَ جي مڇي جو هڪ قسم (شڪل ۾ پَوِريءَ جهڙي، پَر ويڪري، ڊگهه ۾ انچ ڪن).

● دُڌِ ۽ دُڌُون: ث. چيلهه ۽ سٿر جي وچ وارو حصو - ڍاڪَ. چُتَڙُ - ڪُچَڙِ - ٻُنڊَڙُ. ٻن سنڌن جي ميلاپ واري ڪَنڌَ. ڏاريا هَرائي جي نمونو يا پارُولي ۾ ٺهيل ڪَنڌَ (جنهن ۾ شيخلو يا مُهرو رکجي). چوڪاٺ جي چُوڙِ جنهن تي دروازي جو طاق ڦِري). (ٻوڪ جي) ٻُوڙِي جي سَنڌِي - ٿُڌِي (ت). ڪُڪڙَ جي انيڙي ڪَڙَهَ - دُڌو - ٿُڪو (ت).

- دُڌِ ٻَڌَڻُ (ت): تيلي جو ٿڌو ٻڌڻ - پاڙ مضبوط ڪري وجهڻ - آسودو ٿيڻ.

- دُڌِرُ ۽ دُڌِرَ: ذ. صفت. ننڍيُن ڪَڙَهُن وارو ڪُڪُڙُ.

● دِڌُڪَڻُ (ڪ): مصدر. لُڏڻ - آلڙڻ - تِيڙَڻ - ٿيڙُ ڪاڻ.

● دُڌُو ۽ دُڌَا: ذ. دُڌِ - چيلهه ۽ سٿر جي وچ وارو حصو - ٻُنڊَڻ - چُتَڙِ - ڍاڪو - ٻُنڊَڻ - ٿَڙو. ڪپڙي جي چُرَڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺپو - ڪارَبُ (قالب) - ٻُور. اڪ جو اندر ويل دوڏو.

● دَڌِي ۽ دَڌِيُون (ت): ث. ڪوڏين جي راند ۾ هڪ داٿو.

● دُڌِي ۽ دُڌِڻُون (ڪ): ث. سُڪي ويل وڻ جي پاڙ - ٿُڌِي.

● دَرُ: ظرف. (ف) اندر - منجهه - ۾ - درميان - وچ. جيئن ته "درحقيقت، دراصل". پري - ٻاهر. جيئن "ہي سب ڳالهه دَرُ آهي".

- دَرْآمدُ: صفت. اندر آيو - گهڙي آيو - پهتو - ظاهر ٿيو - جيڪا شيءِ ٻئي ملڪ کان اچي. آمدنيءَ واري شيءِ.

- دَرْآمدْ بَرْآمدْ: ظرف. اندر اچڻ ۽ ٻاهر وڃڻ جي حالت - آمدني روانگي - ملڪ ۾ ٻاهران اچڻ واريون ۽ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ واريون شيون.

Gul Hayat Institute

- دَرْبَابُ: ظرف. حقّ ۾ - نسبت ۾ - بابت.
- دَرْتِيءِ: ظرف. اندر کھڙي - اندر ئي. دل ۾ - اندر (ل - ق).
- دَرْپَرْدَهُ: ظرف. پردي ۾ - لڪ ۾ - لڪل - مخفي طور - غائبانه - پرپٺ. ڳجهو - پوشيده - راز ۾.
- دَرْپي: ظرف. پٺيان - خواهان - چاهڻ وارو.
- دَرْپيشُ ۽ دَرْپيشَ: ذ. صفت. اڳيان - سامهون - روبرو - ويجهو - ويچار هيٺ - زير ويچار - زير تجويز - بحث هيٺ.
- دَرْپيش ٿيڻُ: سامهون ٿيڻ - اڳيان اچڻ - ويچار هيٺ اچڻ.
- دَرْپيش ڪرڻُ: سامهون ڪرڻ - اڳيان ڪرڻ - پيش ڪرڻ - اڳيان رکڻ.
- دَرْپيش هئڻُ: سامهون هئڻ - اڳيان هئڻ. زير ويچار هئڻ.
- دَرْحال: ظرف. يڪدم - هڪدم - جهٽ پٽ - تڙت - فيالحال - هاڻي - هن وقت.
- دَرْحقيقت: ظرف. بيشڪ - بي شڪ - دراصل - حقيقت ۾ - اصل ۾ - سچ پچ - تحقيق.
- دَرْخصوص: ظرف. خاص ڪري - خصوصاً.
- دَرْزمانُ: ظرف. يڪدم - هڪدم - جهٽ پٽ - هينئر جو هينئر - هن وقت - هاڻي جو هاڻي.
- دَرُونُ: ظرف. اندر - منجهه - وچ - وچ ۾.
● دَرِ (ت): ذ. مڇين جا ننڍا بچا - ننڍيون مڇيون جو ولر.
- دَرِ هُجڻُ: بي انداز هجڻ - ڪافي هجڻ - گهڻو هجڻ.
● دَرُ ۽ دَرَ: ذ. [سن. دوار. ف. در = دروازو] دروازو - چوکٹ - چوڪاٺ - لنگهه - ڦاٽڪ. کيوڙا - لڪ. قيمت - مُلهه - اگهه. آها جا جتي سنڌي ڇيڪيا تي چڙهي هجي.
- دَرْ اچيءِ وَڃڻُ (ت): بند ٿيڻ. ختم ٿيڻ - پورو ٿيڻ. بس ٿيڻ - سڀ گهر جا ڀاتي ختم ٿي وڃڻ - سارو خاندان ختم ٿي وڃڻ.

- دَرْبانُ ۽ دَرْبانَ: ذ. صفت. دَرَ تي بيهندڙ - سنتري - حاجب - دَروانُ - دروانُ - پهريدار. چوڪيدار. پٽيوالو - چپڙاسي.
- دَرْبَدَرُ: ظرف. هڪ دروازي کان ٻئي دروازي تائين - رولڙي ۾ صفت. پنڪندڙ - رلندڙ - رولو - آواره - حيران - پريشان. بي گهر.
- دَرْبَدَرُ ٿيڻُ: دَر دَر رلڻ - رولو ٿيڻ - پنڪڻ - رلڻ - رلي وڃڻ. بيگهرو ٿيڻ - بڇڙو ٿيڻ - تباهه ٿيڻ. حيران ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - ڪٿي به ٺڪاڻو نه هجڻ.
- دَرْبَدَرُ ڪرڻُ: حيران يا پريشان ڪرڻ. تباهه ڪرڻ.
- دَرَ تي وَڃي پَوڻُ: پناهه وٺڻ - سام پوڻ.
- دَرْ پَرڻُ: (ت) در بند ڪرڻ.
- دَرْڪارُ ۽ دَرْڪارونُ: ث. ضرورت - گهرج. ضروري - گهربل.
- دَرْڪنار: ظرف. هڪ پاسي - علحده - الڳ - جدا - علاوه. [ف] بغل ۾ - پاڪر ۾.
- دَرْگذر: ظرف. معافي - چشم پوشي - ٽارڻ - ڇڏڻ جي حالت.
- دَرْگذر ڪرڻُ: ٽارڻ - چشم پوشي ڪرڻ - ڇڏڻ - معاف ڪري ڇڏڻ - معاف ڪرڻ - ڀلائي ڇڏڻ - وسارڻ - ڇڏي ڏيڻ - نٽائي ڇڏڻ.
- دَرْماهُ: ظرف. هرمهيني - ماهوار - ماهيانو.
- دَرْماهو: ذ. ماهيانو پگهار - ماهوار پگهار - مهيني جو عيوض.
- دَرْميانُ: ظرف. وچ - جي وچ ۾ - منجهه وچ ۾ - اندر - دوران ۾.
- دَرْميانو ۽ دَرْميانا: ذ. وچ جو - وچولو - پورو - موافق - پورو پٽو.
- دَرْمياني ۽ دَرْميانيون: ظرف. وچون - وچ وارو - متوسط - اندروني.
- دَرْواشَ (ت): ث. گهرج - احتياج - ضرورت.
- دَرْواقع: ظرف. حقيقت ۾ - درحقيقت - اصل ۾.
- دَرُونُ: ظرف. اندر - منجهه - وچ - منجهان.

Gul Hayat Institute

- دَروُن پَردَه: پردي ۾ - پردي اندر - ڳجهيءَ طرح - لِڪَ ۾.
- دَرِ هَجڻُ: بي انداز هجڻ - ڪافي هجڻ - گهڻو هجڻ.
- دَرُ تي پهچي اچڻُ: پناهه وٺڻ لاءِ اچڻ - لطف ۽ احسان جي اُميد رکي اچڻ - پاڻمرادو اچي پيش پوڻ.
- دَرُ تي دِيرو وِجهڻُ: دولهون دُڪائي ويهڻ - دروازي تي نوڪر تي ويهڻ - ڪنهن ڪم لاءِ چنبڙي پوڻ - پيڇو نه ڇڏڻ.
- دَرُ ٻنڌڻُ: در بند ڪرڻ.
- دَرُ پٽجڻُ: اولاد ٿيڻ - نصيب جا دروازا کُلڻ. "هڪ دَرُ لٿي، سَو دَرَ پٽجي".
- دَرُ بِدَرُ (ت): ظرف. دربدر.
- دَرُ پَردو ۽ دَرُ پَردا: ذ. دَرَ جو پڙدو - چِڪَ.
- دَرُ پَردَه: پڙدي اندر - لِڪَ ۾ - لِڪي ڇپي - مخفي طرح.
- دَرُ دَرُ: ظرف. گهر گهر - هڪ هڪ دروازي تي - دربدر.
- دَرُ دَرُ گهمڻُ: هرهڪ دروازي تي سوال ڪرڻ - پِنڻُ.
- دَرُ لَهي وَڃڻُ (ت): خوار ٿيڻ - گيلاهاب ٿيڻ.
- دَرَ ۾ منهن وِجهڻُ (ت): ليو پائڻ - جهاني پائڻ - ڪناية. نه مڃڻ - انڪار ڪرڻ.
- دَروازو ۽ دَروازا: ذ. دَرُ.
- دَروانُ ۽ دَروانَ: ذ. صفت. دَرَ جو پهريدار - چوڪيدار - حاجب - دربان. نوڪر - چوبدار - پٽيوالو - چپراسي.
- درواڻُ ۽ دَروانُ: ذ. صفت. دروان - دربان.
- دِرايَتُ: ث. دانائي - عقل - سمجهه - اونهو خيال - غور - فڪر - ڏاهپ - سياڻپ.

● دُرُ: صفت. [من] بد - خراب - بڇڙو - ڪينو - لِڪَنو - زَبُون - نَحس - لِياڳو. مشڪل - ڏکيو - ڪَنُنَ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ اڳياڙي، جيئن: "دُراچار، دُربل" وغيره.

- دُراچارُ: ث. خراب چال - بد هلت - بدچالي - ناجائز نفس پرستي.
- دُراچاريُ: ذ. ث. [من دُراچاري. دُشتَ = خراب + آچار = چال چلن، ريت.] پاپي.
- دُراهو: ذ. [ف. دو = ٻه + راهه = رستو، ٻن رستن وارو]. ڳجهارت يا هُنر جو قسم، جنهن ۾ ٻن قسمن جي لِڪَ رکيل هجي.
- دُربَلُ: ذ. صفت. ڪمزور - اُبربل - هيڻو - نِستو - ٻي طاقت.
- دُربَلتا: ث. ڪمزوري - هيڻائي - اپرائي - ڏُٻرائي.
- دُربچنُ: خراب وَچَنُ يا خراب وعدو - ڪوڙي ڳالهه - بڇڙي ڳالهه - بد ڪلامي - بدزباني - بي لغام ڳالهائڻ وارو - وات ڦاٽوڙو.
- دُرجَنُ: ذ. صفت. خراب ماڻهو - بدافعالو - بڇڙو - بدڪار. دشمن - بدخواهه - ويري.
- دُردَشا: ث. [من. دُردَشا] خراب حالت - بگڙيل نصيب - بُري حالت - ڪمبختي - غمگيني صورت. تنگي حالت.
- دُرڪاميُ: بدچال - بدڪار - بڇڙو.
- دُرگَتِ: ث. خراب حالت - بڇڙو حال. جوڳي جُٺ - درڪتي - مصيبت - بدحالي.
- دُرگَت بَڻائڻُ: بڇڙي حالت ڪرڻ - بُري گَتِ بڻائڻ - ذليل ڪرڻ - خراب خوار ڪرڻ.
- دُرگتيُ: ث. بُرو يا خراب حال - مصيبت - هيڻو حال.
- دُرگتي: ذ سو "دُرگتي".
- دُرگنڌ: ث. ڪيني باس - بدبوءِ - بوءِ - بانس - ڌَپ - عُفُونَتَ.
- دُرلَڀُ ۽ دُرلَڀ: ذ. صفت. مسلڻ ۾ مشڪل - ڏکيو هٿ ايندڙ - اڻ لڀ - ناياب - ڪمياب.
- دُرمتيُ: ذ. صفت. خراب مت وارو - بيوقوف - نادان - احمق. لوفر - لُچ - لُمب - بدمعاش - خراب خيالن وارو.

Gul Hayat Institute

● دُرُّ ۽ دُرّ: ذ. [ع] موتي - ملهه - گوهَرُ - سَنُيو - رَتَنُ - جوهر. ڪنن ۾ پائڻ جي گهه جو هڪ قسم.

- دُرّافشاني [ف. افشاندن = ڇَنڊڻُ]: ث. موتي هڪيڙڻ - موتي ڇنڊڻُ - موتين جهڙا لفظ ڪم آڻڻ. خوش ڪلامي - خوش بياني - گوهرفشاني - فصاحت - بلاغت.

- دُرّپچو: ذ. ڪنن ۾ پائڻ جي گهه جو هڪ قسم. (هُنُدي جي لموني تي ڪجهه ويڪرو ٿئي).

- دُرّڙو ۽ دُرِڙا: ذ. دُر جو اسم تصغير - ڪنن ۾ پائڻ جا دُرّ.

- دُرِّ شهوار: ذ. بادشاهن جي لائق موتي - تمام وڏو موتي - بي بها موتي.

- دُرِّ مڪنون: ذ. [ع. مڪنون = بند ٿيل] اڻ لب موتي - بيش قيمت موتي - تمام مهانگو موتي. سپ ۾ لڪل يا بند ٿيل موتي.

- دُرّ ناسُفته: ذ. [ف. سُفتن = سوراخ ڪرڻ] اڻ وِندڻيل موتي - بغير سوراخ موتي - ڪنواري عورت - دوشيزه.

- دُرِّ نجف: ذ. موتيءَ جو هڪ قسم (جو بلور والگر سفيد ۽ شفاف ٿئي، منجهس ڪجهه ليڪا ڪارن وارن والگر ڏسبا آهن، جي حضرت علي عليہ السلام ڏانهن منسوب ڪري، انهن جي تعظيم ڪندا آهن) هڪ قسم جو سفيد پٿر - شريف - نجيب - اصلي نسلي سيّد (فرهنگ آصفيہ).

- دُرّ يتيم: ذ. موتيءَ جو اهو داڻو، جو سپ مان اڪيلو نڪري - وڏو موتي - قيمتي موتي - يڪو موتي - لاثاني موتي - بي مثل موتي.

- دُرِّ يڪتا: ذ. دُرِ يتيم - بي مثال موتي - لاثاني موتي.

● دَرا: ذ. (ف) گهنڊ - جرس - گهنٽي. هڪ سچيءَ جو قسم - ننڍڙا ڪرڙيءَ جا پچا (ت).

● دَراجَ (ت): ث. ڪاٺي سڌي ڪرڻ لاءِ لوهه جو اوزار.

● دُرّاج: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - تتر.

● دَراڙِ (ت): ث آهي ساريون، جن ۾ اڻ هجي - پاڙ - درهاڙ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● دَراز: اسم خاص. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو (جتي سنڌ جي مشهور صوفي شاعر سچل سرمست جي درگاه آهي) هڪ ذات جو نالو.

● دَراز: ذ. صفت. [ف. دراز = ڊگهو] ڊگهو - وڏو - لمبو - الماڙي يا ميز جو خانو. (ف) ڪاٺيءَ کي چلي سڌو ڪرڻ جو هڪ واڍڪو اوزار.

- دَراز ٽيڻ: ڊگهو ٽيڻ - لمبو ٽيڻ - سنئون سڌو ٿي ليٽي پوڻ - چنگهون ڊگهيون ڪرڻ.

- دَراز دَستُ: ذ. صفت. ظالم - زوراور - زبردست.

- دَراز دَستي: ث. ظلم - بي انصافي. زوراوري - ڏاڍائي.

- دَراز قد: ذ. صفت. ڊگهي قد وارو - قداور - ڊگهو - چانگهڙيل.

- دَراز گوش: ذ. صفت. ڊگهن ڪنن وارو - وڏن ڪنن وارو.

● دَرازو ۽ دَرازا: ذ. سالچو.

● دُراغُ (ل): ذ ڏاريو - ڏورالهون سنگُ.

● دُراڪَتَ ۽ دُراڪتُون: ظرف. ٻيهر - دفعا - ٻه پيرا - پيٺو - پيٺو - ٻيهر - دوباره پيٺي - وڌيڪ - زياده - ڏوڙو - دهرو - آڌوڻنگ.

● دَرامُ ۽ دَرامَ: ذ. سونارن جو هڪ اوزار - ڪنگڻ جي ڦلن ٺپڻ لاءِ لوهه جو گول ٽُڪر.

● دُراني: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. پٺاڻن جو هڪ فرقو - احمد شاهه دُراني جي قوم. ڪنن ۾ موتي پائيندڙ پٺاڻن جو گروه.

● دُرّاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دَراوڙ: اسم خاص. قديم هندستان جي هڪ قوم جو نالو.

● دَراهِمُ: [ع] "دِرْهَمْ يا دِرَمْ" جو جمع - چانديءَ جا قديم سڪا، جيئن آنن جي برابر ۽ ماسا ۽ ڏيڍ رتي جو وزن - روپيو.

● دُراهو ۽ دُراهَا: ذ. ٻن معنائن وارو شعر جو هڪ قسم- ڪِجهارت جو هڪ قسم. صفت. ٻن رستن وارو- ٻِوائو.

● دُراهي: حڪومت - اميري.

● دَرَبَ (ڪ): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● دَرْبُ: [ع] وڏو دروازو- ڦاٽڪ - ڪوچه - گلي - گهٽي - محله.

● دَرْبُ ۽ دَرْبَ: ذ. [سن. دُرَوْيَہ = ڌن] ڌن - نائو - مال ملڪيت.

● دَرباب: [ف] بابت - جي باري ۾.

● دَرْبَارَ ۽ دَرْبَارُوْنُ، دَرْبَارِيُون: ث. [ف] بادشاهي ڪچهري - دربار- درگاهه - بارگاهه- آستانو. اميرن ۽ بادشاهن جي مجلس - شاهي عدالت. عدالت خالو. جشن - اجلاس.

- دَرْبَارِ بَرْخَواسَتُ ٿِيَڻُ: ڪچهري ختم ٿيڻ - حاضر مجلس جو اٿي وڃڻ.

- دَرْبَارِ خَاص: ث. اهو دربار جنهن ۾ عام ماڻهن کي اجازت نه هجي- اِجلاس خاص- خصوصي ڪچهري.

- دَرْبَارِ عَامُ: ث. عام ماڻهن جي دربار- ڪاپل مجلس.

- دَرْبَارِ ڪَرَڻُ: بادشاهن جو ظاهر ويهي اميرن وغيره کان سلامي وٺڻ - ڪچهري ڪرڻ- رعايا سان ويهي، ملڪي انتظام وغيره جا حڪم احڪام ڏيڻ.

- دَرْبَارِ لَڳَڻُ: شاهي مجلس لڳڻ. هجوم ٿيڻ - ڪچهري ٿيڻ.

- دَرْبَارِيُ ۽ دَرْبَارِي: ذ. صفت. دربار جو- شاهي يا سرڪاري ملازم- مُقَرَّب (ويجهو رهڻ وارو).

● دَرْبَانُ ۽ دَرْبَانَ: ذ. [ف. نيگهبانُ] دروازي تي بيهندڙ- در جي سنڀال ڪندڙ- حاجبُ. دروانُ - درواڻُ - سَنْتري - چوڪيدار.

- دَرباني: ث. رکوالي - پهريداري - درواني - دربان جي ڊيوٽي.

● دَرْبَنْدُو (ڪ): ذ. سُرمائي مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪاري جي رَڇَ جو هڪ قسم (پاڪي کان ٿلهين تندن وارو).

● دَرْبَنْد: [ف] قلعو - وڏو دروازو- پُل - بَنْدَرُ.

● دَرْبو ۽ دَرْبَا: ذ. مَهائن جا ۲۰-۲۵ مَڏَ.

● دَرْبَارَ ۽ دَرْبَارُوْنُ، دَرْبَارِيُون: ث. [ف. دَرْبَار] ڏسو "دربار".

- دَرْبَارَ خَاص: ث. دربار خاص.

- دَرْبَارَ عَامُ: ث. دربار عام.

- دَرْبَارِيُ ۽ دَرْبَارِي: ذ. صفت. درباري. هڪ راڳڻي جو نالو.

● دَرْبَرْدَرَازِيُ: ث. دَٻَڙدُس - دَٻ ڦُس - زوران زوري - حُڪمان حُڪم - دَٻڙد ونس - زوراوري - دَست درازي - ڀُوسات بازي.

- دَرْبَرْدَوَنْسَ: ث. ٻَل - طاقت - قُوت - زُور - چوهه - ڏاڍ - ڏاڍائي. زوري - مجبوري - لاچاري - زبردستي.

● دَرِ ٻيلوُ: اسم خاص. ساهتي ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو. تعلقي ڪنڊياري جو هڪ شهر.

● دُرْتَلُ ۽ دُرْتَلَ (ڪ): ذ. صفت. حيران - هَڪو ٻَڪو - پريشان - مُنجهيل - موڳو.

- دُرْتَلُ ٿِيَڻُ: پُلجي وڃڻ - مُنجهي پوڻ.

● دُرْپَدُ ۽ دُرْپَدَ: ذ. ڳائڻ جو هڪ قسم - ڌُرپد.

● دَرْپَنُ ۽ دَرْپَنَ: ذ. [پرا. دَپڻُ. سن. دَرْپَڻُ = درستي] آرسي - آئينو - آهينو - آهري - ٽِڪ - شيشو - دَرْپڻ

"ويهي درپڻ دل جو آديسي آجار" (دلپت).

● دَرْپَڻُ ۽ دَرْپَڻَ: ذ. [سن] درسَڻُ - آئينو.

● دَرْجُ: ذ. [ع. دَرَجَ = داخل ڪرڻ] لکڻ جي جاءِ - داخلا جي جاءِ. لکڻ يا داخلا ڪرڻ جي حالت - لکيت - تحرير.

- دَرْجُ ڪَرَڻُ: داخلا ڪرڻ - لکي ڇڏڻ - قلم بند ڪرڻ. ڪنهن رجسٽر ۾ لکڻ - فهرست ۾ داخل ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● دَرْجَنُ ۽ دَرْجَنَ : ذ. [انگ - Dozen] ٻارهن جو مجموعو- ٻارهن - ٻه ڏهه - درزن. هڪ جنس جون ۱۲ شيون.

● دَرْجو ۽ دَرْجا : ذ. [ع. درجَ = هو ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهيو] لغوي معنيٰ ڏاڪڻ جو سيڙهي ڪان مٿيون ڏاڪو- مٿيون ڏاڪو. ڏاڪو- ڏاڪڻ جون پيرڙيون- پوڙي. وڏو عهدو. مرتبو- رُتبو- عُهدو. تدريج- پَدَوِي- منزل - منصب. جماعت - ڪلاس- ٽولي. وڏائي - آب - اقبال. حشمت - دبدبو - رعب. حصو- بخرو- ڀتي- نمونو- ڀاڱو. حدّ- حدّبندي - البو - دنگ. آجُر- ثواب - ليکي - بدلو - عيوض. زمين جو ٽي سو سٺيون حصو (يا ڊگري) (جو اتڪل رُوءِ ۹۹ ميلن جي مفاصلي جو ٿئبو آهي ۽ سج کي الهيءَ مفاصلي طيءِ ڪرڻ ۾ ٤ منٽ ٿا لڳن).

- درجو پائڻ : نيڪ ڪم جو بدلو حاصل ڪرڻ. وڏو درجو ملڻ.

- دَرْجا : ذ. (جمع ۾) الڳن جا درجا، جيئن: "ايڪا، ڏهاڪا، سوَ، هزار، ڏهه هزار، لک وغيره".

- دَرْجا ڦيرائڻُ : امتحان ٿيڻ بعد شاگرد کي هڪ درجي مان ٻئي درجي ۾ ڪرڻ. حساب ۾ ڏنل رقمن جون جنسُون جدا جدا ڪري رکڻ.

- درجا وڌائڻ : ترقي ڏيڻ - اضافو ڪرڻ - رتبو وڌائڻ - منزل وڌائڻ.

- دَرْجي بہ دَرْجي : ظرف. ڏاڪي بہ ڏاڪي - منزل بہ منزل - قدم بہ قدم - رفتہ رفتہ - هوريان هوريان - آهستہ آهستہ - سلسليوار.

- دَرْجيوارُ ۽ دَرْجيوارَ : ذ. صفت. سلسلي وار- رُتبي وار- واري سان - مرتبي آهر- شان آهر - عهدي آهر.

- دَرْجي وارو : ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو.

● دَرَخْتُ ۽ دَرَخَت : ذ. [ف] وڻُ- شجر- ٻوٽو- ٻيڙ.

● دَرَخْشانُ : صفت. [ف. دَرَخْشيدن = چمڪڻ] روشن - چمڪندڙ - جهلڪندڙ - جهرڪندڙ - تجليدار.

● دَرْخواسْتَ ۽ دَرْخواسْتُون : ث. [ف. دَرْ = ۾ + خواستن = گهرڻ] ڪيل گهُر- خواهش- عرض - عرضداشت - عرضي - سوال. التماس - گذارش - آرزو - تمنا. لکيل عرض - عرض نامو - گذارش نامو - وينتي پتر.

- دَرْخواسْتَ ڏيڻُ : عريضي ڏيڻ - ڪنهن شيءِ حاصل ڪرڻ جي تمنا ظاهر ڪرڻ.

● دَرْخواسْت ڪَرڻُ : درخواست ڏيڻ - ڪنهن تي پُڪارڻ.

● دَرْدُ ۽ دَرْدَ : ذ. [ف] ڪشٽُ- ڏنجهو- ڏک - سُورُ- آهنجُ- دُک - پيڙا- تڪليف. افسوس - رنج - شوڪ - غم. آهنج - اوکائي - سختي - مصيبت - مشڪلات. ڪشالو - جاکوڙ.

- دَرْدآلُودَه : ذ. [ف. آلُودَن = رلڻ - ٿيڻ] صفت. ڏکويل - درد پريو.

- دَرْدآميزُ : ذ. [ف. آميختن = رلڻ] صفت. ڏک سان پريل - ڏکارو- رنجيده - درد ناڪ.

- دَرْدانگيزُ : ذ. صفت. دُک پيدا ڪندڙ (دل تي) - ڏک جهڙو- ڏکارو- رلجيده - ڏک پريو.

- دَرْدَبانِي : ث. درد واري - سورن واري.

- دَرْد جاڳڻُ : سور ٿيڻ. ڏک ٿيڻ. ايذاءُ ٿيڻ.

- دَرْد جي دوا هئڻ : فائدو پهچائڻ. ڪم جي شيءِ هئڻ.

- دَرْد دفع ٿيڻ : درد دفع ٿيڻ - ڏک سور لهي وڃڻ - خوشي حاصل ٿيڻ - آرام ۽ اطمينان نصيب ٿيڻ - خوش گذارڻ.

- دَرْدِ دِل : ذ. دل جو رلج - دلي صدمو.

- دَرْد ڪٽڻ : درد دفع ڪرڻ - ڏک سور وڃائڻ.

- دَرْد لڳڻُ : سور ٿيڻ - ڏک ٿيڻ. بيماري ٿيڻ. اهنج ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- دَرْدمَنْدُ ۽ دَرْدِمَنْدَ: ذ. صفت. درد وارو- ڏکارو- ڏکيو. غمزده. غمخوار- رحم دل- همدرد- ترس وارو.
- دَرْدِمَنْدِيءَ: ث. همدردي- غمگساري- رحم دلي- ترس.
- دَرْدُناکُ ۽ دَرْدَناکَ: ذ. صفت. ڏک وارو- تڪليف وارو- سورائتو.
- دَرْدَن جا داسْتانَ کولَڻُ: ڏُک پريون ڳالهيون ڪرڻ.
- دَرْدُ وَنْدُ ۽ دَرْدُ وَنْدَ: ذ. صفت. درد وارو- ڏک وارو- رنج وارو- درد ڀريو- ڏکويل- رنجور- سور وارو- غم ڀريل- ڏک ڀريل- همدرد- غمخوار.
- دَرْدُ وَنْدِيءَ: ث. درد واري- ڏک واري- رنج واري- سوريتي- ڏکايل- سوريل.
- دَرْدِيءَ ۽ دَرْدِيءَ: ذ. صفت. ڏک وارو- سور وارو.
- دَرْدِيائِيءَ: ث. ڏک واري- دک واري.
● دُرِدُنْبارِ (ل): ذ. وڏو ٽنڪو- ٽنگڙ.
- دُرِدُنْبالِ: ذ. دُرِدُنْبارُ.
● دِرِدُ ۽ دِرْدَ: صفت. [س. درِدِ = پڪو] پڪو- مضبوط- پختو. ڏاڍو- ڦابو- سوگهو. برقرار- اچلُ- اچلُ- ڪَپ ڪوڙ- اِستر.
- دِرْدِتا ۽ دِرْدِتائُون: ث. ڏِڍرجُ- پختائي- آچلتا- پڪائي- ثابت قدمي.
● دَرِڙا (ت): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● دَرْڙو ۽ دَرْڙا (ت): ذ. ننڍي مڇي.
● دُرِڙو ۽ دُرِڙا: ذ. صفت. بيوقوف- احمق. ٽڳُ- ڏوڀيُ- ڪُپتي- مڪريلو. لچو- هرتال- شودو- چيڀڙو- حرامزادو. رولو- آواره. (ث. دُرْڙي ۽ دُرْڙِيُون).
- دُرْڙائِيءَ ۽ دُرْڙائِيُون: ث. سنافقي. بيوقوفي- لُچائي- شود پائي.
● دُرْڙي ۽ دَرْڙِيُون (ل. ت)؛ ث. مروڙو- سوٽ- وڏي. حرڪتبازي- ٽڳي.

" پوءِ ڪرين دُرڙي دغا اي دل ۾ ٿي تون بيوقوف" (قاسم).
سيسراٽي- چِرڪ.
- دُرْڙِيءَ پَرَڻُ (ت): چِرڪُ پَرڻ. حيران ٿيڻ. ڊجڻ- ڊچي وڃڻ.
- دُرْڙِيءَ ڪَاڍڻُ: چرڪ پرڻ- ڏسو "درڙي پرڻ".
- دُرْڙِيءَ مَتائِڻُ (ت): ڪاوڙ ڪرڻ. الٽي وڃڻ- انڪار ڪرڻ- ڏورو غصو ڪرڻ.
- دُرْڙِي نَه پَرَڻُ: ذرو به خوف نه ٿيڻ.
● دَرِزَ ۽ دَرِزُونَ: ث. [ع. دَرِزَ = هن توپو ڏنو] بن سرن جي وچ ۾ وِٿي يا جاءِ- خالُ- ڦوٽ- چِيرُ- ڏارُ- ڦوڙُ- اڌ و اڌ- سَنْڌُ. شِگافُ. [ف. دَرْزَن = سئي] سيڙَ. اوٽي ڪپڙي جي- توپو- سبيو.
- دَرْزَ پَرَڻُ: خالُ پرڻ- ڦوٽ پرڻ.
- دَرِزُونَ وَٺَڻُ: جاءِ جي سرن جون وچ واريون وِٿيون پرڻ- چير بند ڪرڻ- وِٿي بند ڪرڻ- ڏارِ لينبڻ.
● دَرْزادَهَ: اسم خاص. مڪران ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو. (جنهن کي گهٽ درجي ۾ شمار ڪن ٿا. "تاريخ بلوچستان" ص- ٢٥).
- دَرِزِيءَ ۽ دَرِزِيءَ؛ ذ. [ف. دَرزن = سئي. درز= توپو+ زن. زدن = هڻڻ] ڪپڙا سبندڙ- خياطُ. (ث. درزڻ ۽ دَرِزِيُونَ).
- دَرزي جي سئي هڻڻ: هميشه هڪ حال ۾ نه هڻڻ.
- دَرِزِڪو ۽ دَرِزِڪَا؛ ذ. صفت. ڪپڙن سبڻ جو- دَرزيءَ جو- دَرزيءَ وارو.
- دَرِزِڪو ڪم: ذ. ڪپڙ سبڻ جو ڪم.
- دَرِزِيائِيءَ: ث. "درزيءَ" جو مؤنث. درزڪو ڪم ڪندڙ عورت.
● دَرسَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● دَرْسُ ۽ دَرْسَ: ذ. [ع] سبق- پاٺُ. مذهبي وعظ- نصيحت- ڪٿا اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

- دَرسُ خانَهُ: ذ. مڪتب- سڪول- مَدرِسَه- پاٺشالا.
- دَرسُ ڏيڻُ: سبق ڏيڻ- پڙهائڻ- وعظ نصيحت ڪرڻ.
- دَرس گاهَ ۽ دَرسگاهُونُ: ث. پڙهڻ جي جاءِ- مَڪتَبُ- اسڪول- مَدرَسو- پاٺشالا.
- دَرسُ وَتَدرِيسُ: ذ. پڙهڻ پڙهائڻ جي حالت.
- دَرسُ وَنَٹُ: سبق وٺڻ- پڙهڻ- نصيحت پرائڻ.
- دَرسِيُ ڪتابُ ۽ دَرسِيُ ڪِتابَ: ذ. سبقن وارو ڪتاب. پڙهڻ وارو ڪتاب. لازمي ڪتاب. ڪتاب جيڪو اسڪول ۾ پڙهايو وڃي.
● دَرسُ ۽ دَرسَ: ذ. [سن. دَرشَنَ=ڏسڻ] ديدار- نظارو- ڏيکاءُ.
● دُرسُ: صفت. [ف. "دُرُستُ" جي بگڙيل صورت] درست- برابر- صحيح- سچ پچ- نيڪ- پورو- سچ- حقيقي.
● دُرسانُو چِنُو: اسم خاص. ڪراچي جي آسپاس هڪ ڳوٺ جو نالو.
● دُرُسِتُ ۽ دُرُسْتَ: ذ. صفت. [ف] صحيح- پورو- برابر- نيڪ- دُرس- موزون- لائق.
- دُرُسِتُ ڪَرڻُ: نيڪ ڪرڻ- ٺاهڻ- سڌارڻ- سنئون ڪرڻ- برابر ڪرڻ- صحيح ڪرڻ.
- دُرُسِتيُ ۽ دُرُسْتِيُونُ: ث. سڌائي- برابري- سچائي- راستبازي- صحت- تصحيح- اصلاح- سنوار- ڪاٽ ڪُوٽ- سڌارو- ترتيب- ترميم- مرَمت- شايستگي- گوشمالي.
● دُرسَڪي: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
● دَرَسَ: اسم. [سن. دَرشَ] ديدار- نظر.
● دَرسَنُ ۽ دَرسَنَ: ذ. [سن. دَرشَنُ= ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت- ديدار- مشاهدو- ڏيک. تماشو- نظارو- ڏيکاءُ. زيارت- ملاقات- مُڪاميلو- گڏجاڻي- ميلاپ- دَرشَن.
- دَرسَنُ ڏيڻُ: ديدار ڏيڻ- درشن ڏيڻ- ملاقاتي ٿيڻ- حاضر ٿيڻ- گڏجاڻي ڪرڻ.
- دَرسَنُ ڪرائِڻُ: ديدار ڪرائڻ- جهلڪ ڏيکارڻ. گڏجاڻي.
- دَرسَنُ ڪَرَڻُ: ملاقات ڪرڻ- گڏجڻ- ملڻ- مُڪاميلو ڪرڻ. زيارت ڪرڻ.
- دَرسَنِيُ ۽ دَرسَنِيُ: ذ. صفت. ڏسڻ جهڙو- ڏسڻ لائق- سهڻو- ٺاهوڪو- ملوڪ.
● دَرسَنِيُ ۽ دَرسَنِيُونُ: ث. [سن. دَرشَنِيو. دَرشَنَ=ڏسڻ] منهن ڏسڻ جو شيشو- آئينو- آهينو- آرسي- ٽڪ. هَنُدِيءَ جو هڪ قسم (آها هَنُدِي جنهن جي ڏيکارڻ شرط پئسا ملن). صفت. گل جو هڪ قسم

"داغل، جنگي، درسني، ڪيا هزارين هيڪار" (سگهڙ).

- دَرسَنِي هَنُدِي: ث. هَنُدِيءَ جو هڪ قسم، آها هندي جنهن جي ڏيکارڻ سان پئسا يڪدم ملن.
● دُرُشتُ: صفت. (ف) سخت- ڪَرو- شوخ- ڪَرڙو- دُرُشتُ مزاج- تُندمزاج- ڪَرڙي طبيعت وارو.
- دُرُشتيُ: ث. سختي- ڏاڍائي- ڪهرائي. ڪنوائي- بي رحمي. بدخلقي- ڪَرڙائي.
● دِرِشٽِ: ث. [سن. دَرشَ=ڏسڻ] نظر- نگاهه- ڏسڻي- نيرت- بصارت- جوت- دِيدَ. ڏيکاءُ- نظارو. تماشو.
● دِرِشٽانتُ: ذ. نقل- تمثيل- چوڻي- نمونو- مثال- نظير. باعث- عبرت- پهاڪو. سنهڙي ڪِل- سَرڪَ- مُشڪَ.
- دِرِشٽانڪُ: ذ. ڏسو "درشٽانت".
- دِرِشٽِ بَنُدڪُ: ث. گِروي- رَهُنُ- گِهه رکڻ.
- دِرِشٽِ مانُ: ظرف. جيڪي نظر ۾ اچي ٿو. جو ڏسجي ٿو (سامي).
- دِرِشٽِ وِدِيا: ث. مشاهدي جو علم- علم نظر- اکين جو علم.
- دِرِشٽِيُ: ث. نظر- نگاهه- نيرت- جوت- دِيدَ.

- دَرِشٽيءَ مان ڪيڻ: نظر مان ڪيڻ - مٽاڇرو ڏسڻ. سرسري طور ڏسڻ.

● دَرشَنُ ۽ دَرشَنَ: ذ. [سن. دَرشَنَ = ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت - ديدار - مشاهدو - ڏيک. تماشو - نظارو - ڏيکاءُ. زيارت - ملاقات - ميلو - گڏجاڻي - ميلاپ. دَرسَنُ.

- دَرشَنُ ڏِيَڻُ: ديدار ڏيڻ - ملڻ - ملاقات ڪرائڻ - سامهون اچڻ - صورت ڏيکارڻ - درسن ڏيڻ.

- دَرشَنُ ڪَرائِڻُ: ديدار ڪرڻ - اچي ملڻ - ملاقات ڪرائڻ. صورت ڏيکارڻ - سامهون اچڻ - درسن ورائڻ.

- دَرشَنُ ڪَرَڻُ: زيارت - ملڻ - ملاقات ڪرڻ - ڏسڻ - ديدار ڪرڻ - دَرسن ڪرڻ.

● دَرشِيڪ: اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

● دَرَفشَانُ: ذ. صفت. [ف. دُرَفشيدن = چمڪڻ] چمڪندڙ - روشن - شاندار - عمدو - ڀڀڪيدار.

● دَرڪُ: ذ. [ع. ادرَڪَ = هن پروڙيو] سمجهه - پَروڙُ - اِدراڪ - ٻُوجهه - واقفيت - عقل - گيانُ - فهم - ڄاڻُ. استعمال - آزمودو - تجربو. واسطو - ڪم (ت).

- دَرڪَ ٿِيَڻُ: سمجهه ٿيڻ - اِدراڪ ٿيڻ - پَروڙ ٿيڻ.

- دَرڪَ ڏِيَڻُ: دخل ڏيڻ - وچ ۾ ڳالهائڻ - دست اندازي ڪرڻ.

- دَرڪَ هُجَڻُ: واقفيت هجڻ - پروڙ هجڻ - ڄاڻُ هجڻ.

● دَرڪَارَ ۽ دَرڪَارُونُ: صفت. [ف. دَرُ + ڪار = ڪم] ڪم ۾ - گهربيل - ضروري. (ث) ضرورت - حاجت. سوڙهه - گهرج - ڪَپَتُ - تنگي - لاچاري. پرواهه.

- دَرڪَار ٿِيَڻُ: گهرج ٿيڻ. پرواهه ٿيڻ.

- دَرڪَار هُجَڻُ: ضرورت هجڻ. پرواهه هجڻ.

● دَرڪَاڻِي: اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

● دُرڪِي: ث. گهوڙي جي هڪ چال - دُڙڪي.

● دُرگا: ث [سن. دُرگا. دُرُ = مشڪل. گَ - گَمُ = وڃڻ. اهو جنهن ۾ مشڪل سان وڃي سگهجي. درگ = قلعو] هندو ڌرم موجب اِستريءَ روپ ۾ اِيشوَرِي شڪتي - اناري شڪتي. شِوَ جي استريءَ جو نالو (هن ديويءَ جي جدا جدا روپن جا جدا جدا نالا آهن، جهڙوڪ چنڊي، ڀواني، ڪالي وغيره).

● دَرگاهَ ۽ دَرگاهُونُ: ث. [ف] جاءِ - ڪچهري - دربار، ڪورٽ - آستان. محلات - ڪنهن جاءِ جو مُنڍ - دِڪي - ڀُنڀو - چائنٺ. ڪنهن وليءَ الله جي مَزار - آستانو - چوڪي - قُبو - روضو - مَقبرو. زيارت گاهه - عبادت گاهه - خانگاهه. بادشاهه يا امير جي ڪچهري - دربار - بارگاهه.

- دَرگاهِيُ ۽ دَرگاهِيَ: ذ. صفت. درگاهه وارو - درگاهه جو. درگاهه جي سنڀال ڪندڙ - مُجاوِرُ.

- دَرگَهه ۽ دَرگَهُونُ: ث. درگاهه.

● دُرلَڀ: ذ. [سن. دُرلَڀ. دُرُ = گهٽ + لَڀُ = ڪڍڻ] الڀ - نَاياب - انوکو - اڻ لڀُ.

● دِرَمُ ۽ دِرَمَ: ذ. [ع. دِرهَمُ. يو. دَرَمُ. سن. دُرَمُ ديو. ڊرام] سڪي جو هڪ قسم. پائليءَ جهڙو چانديءَ جو هڪ سڪو - درهم. تور جو هڪ وزن (ڪن وٽ ٽي ماسا، ڪن وٽ چار ماسا استعمال ٿئي). درم شرعي جو وزن ساڍا ٽي ماسا آهي.

● دَرمَانُ ۽ دَرمَانَ: ذ. [ف] دوا - دارون - علاج. چارو. آپاءُ.

● دَرمَانُدو ۽ دَرمَانُدا: ذ. صفت. [ف] بيوس - لاچار - مجبور - پريشان. بي واهو - بي وسيلو - لڏ ڏڪو - بي پهچ - اوَسُ - عاجز - نِڌَرُ - اپالو - اڏيُنُ. لاعلاج - ڏکي. ويا ڪل - تنگ - مُنجهيل. بي قرار - بي آرام - مَلُول - حيرن. بيهوش. (ث. درماندي ۽ دَرمَاندِيُون) جيئن: "هڏ نه ماهه مَدير، دل درماندي دوست ري" (شاهه).

Gul Hayat Institute

- دَرماندگيءَ ۽ دَرماندگيون: ث. لاچاري - بي وسي - عاجزي - مجبوري. پريشاني - مشڪلات - تنگي. غمگيني - آداسائي - غم - ڏک - رنج. بيقراري - بي آرامي. بلا - مصيبت.

- دَرماندَهُ: ذ. صفت. دَرماندو - مصيبت‌زده - ويچارو - لاعلاج.

● دَرمانُون: اسم خاص. تعلقي ٻهڻ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دَرماهَہ: ظرف. [ف. دَر=۾ + ماه=مهنو] مهني ۾ - مهني سر مهني - هر مهني - ماهوار - ماه ٻيرو - ماه ٻه ماه.

- دَرماهو ۽ دَرماها: ظرف. هرمهني. ذ. ماهوار ملندڙ پگهار - تنخواه.

● دَرماهہ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دَرمحمّد: اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دَرمَلُ ۽ دَرمَلَ: ذ. [ف. درمانُ > درمن > درمل = علاج] درمان - علاج - دوا - دارُون.

● دَرمَنُ: ذ. [ف. درمان=علاج] علاج - درمان - دوا - دارون.

● دَرميانُ: ظرف. [ف. دَر=۾ + ميان=وچ] وچ ۾ - اندر - منجهه - ۾.

- دَرميانو ۽ دَرميانا: صفت. اندريون - اندروني - وچون - وچولو - وچوارو - پورو - پوروپنو - موافق - مُعتَدِلُ - وچٿرو - ماڌارڻ - مڌيم - مُتَوَسِّطِ.

- دَرميانو دَرجو: وچولو درجو.

- دَرمياني ۽ دَرمياني: ظرف. درميالو.

● دَرِندو ۽ دَرِندا: ذ. [ف. دريدن - چيرڻ] ڦاڙيندڙ - چيريندڙ - خون خوار - وحشي. چيري کائيندڙ جانور (رڇ، شينهن، بگهڙ وغيره). شڪاري جانور. جيئن

"درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن"
(شاهه).

● دَرِنڊَرُ ۽ دَرِنڊَرَ (ت): ذ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو ۽ ڍانيدي)

● دِرَنگَ ۽ دِرَنگَ (ت): [ف. دِرَنگ = دِير] هٻڪ - هٽڪ. خوف - ڀو - ڊپ - خطرو. ويچار - ڌيان - خيال - ڍير - تامّل - دير - تاخير - وقفو.

ا دِرنگ نہ ڏيڻ: خوف نہ ٿيڻ - خيال نہ ٿيڻ.

● دُرنگو ۽ دُرنگا: ذ. صفت. [ف. دُو = ٻه + رنگ] ٻن رنگن وارو. ٻٽي چال هلندڙ. بي وفا. (ث. دُرنگي ۽ دُرنگيون) مَڪّار - مُنافِق - اندر هڪڙو ٻاهر ٻيو - اندر ٻليت.

● دَرو ۽ درا: ذ. [ف. دَره=ماٿري] ٻن جبلن جي وچان رستو - لنگهه - لانگهو - گهٽ. مِٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (لنڊڙي مڇي جا ڳاڙهيرن ڇيلرن سان مٿ ٻر ۽ قد هڪ انچ کن) - ننڍي مڇي.

- دَرو ڏيڻُ (ڪ): آرو ڏيڻ - وَلو ڏيڻ - وَڪڙ وجهڻ.

● دِرو ۽ دِرا (ک): ذ. صفت. اک ڦيريل - ٽيڙو - ٽيڏو.

● درو ۽ دُرا: ذ. [ع. دُرّه = چابُڪ.] چم جو پٽو. چمڙي جو ٺهيل چهبڪ (جو سزائن ڏيڻ ۾ ڪم اچي) - ڦٽڪو - ڏرو - تازيانو - ڪوڙو.

- دُرّا لڳڻ: شرعي يا فوجي سزا جا ڪوڙا يا تازيانا لڳڻ - جسماني سزا ملڻ.

- دُرّا هڻڻ: ڪوڙا يا تازيانا هڻڻ. شرعي سزا ڏيڻ - جسماني سزا ڏيڻ.

● دَراوَت: اسم خاص. جبل جو هڪ لَڪُ جو نالو (جنهن مان ٽئين ٻارڻ لنگهي).

● دَرِوازو ۽ دَرِوازا: ذ. [ف. دَروازه = دَرُ] جاءِ ۾ اندر يا ٻاهر وڃڻ جو لنگهه - دَرُ - ڪِوارُ - ڦاٽڪُ - لَڪُ - ڏيڍي - ٻُنيو. موريءَ جو دروازو.

- دَروازو بَندُ ڪَرَڻُ: در بند ڪرڻ - در ٻورڻ - اندر اچڻ نہ ڏيڻ - منع ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- دَروازو پَرَڻُ: در بند ڪرڻ - در پُورڻ.
- دَروازو ڦاٽيم ڪَرَڻُ: در بند ڪرڻ.
- دِروازو ڦاٽيم هُڻَڻُ: در بند هڻڻ.

● دِرواش (ت): ث. [ف. درخواست جي بگڙيل صورت] گهرج - ضرورت - ڪَمُ - حاجت.

● درواڻي: ذ. ت. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، جو رستمائين جي شاخ آهي.

● دَرُو: ذ. هڪ تاوي جو ٿالو - ڦُطبي تارو - ڏَرو.

● دَرُودُ ۽ دَرُودَ: ذ. [ف] رحمت - تحسين - آفرين - تعريف - دُعا - تسبيح - صلواة (جيڪڏهن خدا جي طرفان هجي رحمت ۽ برڪت جي معنيٰ، ملائڪن طرفان هجي ته استغفار ۽ مسلمانن طرفان هجي ته دعا سلام ۽ جانورن ۽ پکين طرفان ته تسبيح) ڏنيءَ جي مهر لاءِ دعا - اها دعا ۽ سلام جيڪو حضور نبي ڪريم محمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تي پڙهيو وڃي.
- دَرُودَ پَڙهَڻُ: سلام پڙهڻ - دعا پڙهڻ.

● دَرُوغُ ۽ دَرُوغَ: ذ. (ف) ڪُوڙُ - جُوٺ - ڪِذْبُ - بُهتانُ.
- دَرُوغَ زَنُ: ذ. صفت. ڪوڙو - جوٺو - ڪوڙ ڳالهائيندڙ.
- دَرُوغ گو: ذ. صفت. ڪُوڙ ڳالهائيندڙ - ڪُوڙو - ڪاذِبُ.
- دَرُوغ گوئِي ۽ دَرُوغ گوئيُون: ث. ڪُوڙ - ڪِذب - جُوٺ.

● دَروغو ۽ دَروغا: ذ. [ف. داروغه] واهن جي سنڀال لاءِ رکيل سرڪاري عملدار - داروغو.

● دَرُونج: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (پاڙ وچون‌ءَ جي ڏنگ وانگر ڳنڍيون ڳنڍيون، ان ڪري هن کي درونج عقربي (وچون واري) سڏين، ڪل خاڪي رنگ تي، ڪوڙِي ۽ خوشبوءِ واري).

● دَرُونِي: [ف] ظرف. اندروني - اندريون - مخفي - ڳُجهو - لِڪل.

● دِروهُ ۽ دِروهَ (ت): ذ. سن. ڊوهه - ٺڳي - مَڪَرُ - وِيساهه گهاتي.
- دِروهِي ۽ دِروهِيُ: ذ. صفت. ٺڳي ڪندڙ - ٺڳُ - ڊوهي.

● دَرُويشُ ۽ دَرُويشَ: ذ. صفت. [ف. دَرُ = در. آويختن = لڙڪائڻ] ڪَنن ۾ دُرُ وجهندڙ فقير. پينو - گدا - ڀيکاري. مَنگتو - مائِلُ - سُوالي. ڀهتل - بزرگ - سالِڪُ - ولي الله. مَسْتُ. نيڪُ - ديندار - مُتقِي - سچار - عابِد - غريب - مُفلس - مسڪين. ساد - ڪم فهم (دنيا جي ڳالهين ۾) - صاحب معرفت (روحاني طرح).
- دَرُويشانُو ۽ دَرُويشانا: ذ. صفت. فقيرانو - غريبانو - بُزرگاڻو.

● دَرُويشِي ۽ دَرُويشِيُون: ث. فقيري - گدائي - مِسڪيني - غريبي - مفلسي. بزرگي.

● دَرُويشِ لاڻِيچ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَرِهَ: ذ. [ف] ٻن جبلن جي وچ وارو رستو - دَرو.

● دُرَّهُ: ذ. [ع] چمڙي جو چهبڪ - ڦٽڪو - ڏَرو.

● دُرَها دُرَها: جملو. (بلوچڪي) خوش خوش - چڱا ڀلا.

● دَرَهڙ: ذ. (آواز) ڏڏڪو - ڏمڇر
"دَرَهڙ ڏنس درياهه ۾، جت لَهرين کن ليڙا" (شاهه).

● دَرهَم: صفت. [ف] اُلٽ پُلٽ - گڙٻڙ - هيٺ مٿي - تڙو ڪڙ - تهه و بالا. حيران - پريشان - مُنجهيل - غمگين - رنجيده.
- دَرهَم بَرهَم: صفت. هيٺ مٿي - اُلٽ پُلٽ - تهه و بالا - گڙٻڙ. خفا - ناراض - پريشان.
- دَرهَم بَرهَم ٿيڻُ: هيٺ مٿي ٿيڻ - اُلٽ پُلٽ ٿيڻ. خفا ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - نيست نابود ٿي وڃڻ.
- درهَم بَرهَم ڪَرَڻُ: هيٺ مٿي ڪرڻ - الٽ پلٽ ڪرڻ - معاملو خراب ڪري ڇڏڻ.

Gul Hayat Institute

- دَرْهَمُ ڏِيَڻُ: سزا ڏيڻ - ڪيتو لوڙائڻ.
- دَرْهَمُ ڪَرَڻُ: ناس ڪرڻ - بگاڙڻ - خراب ڪرڻ - آلٽ پلٽ ڪرڻ - برباد ڪرڻ - رُلائڻ.
● دِرْهَمُ ۽ دِرْهَمَ: ذ. [ع] سِڪي جو هڪ قسم - دَرم. آٺن جَوَن جو وزن.
● دَرْهيِ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور رياست ۾).
● دَرِيُ ۽ دَرِيُون: ث. [سن. دَرِيُ] ننڍو دروازو - ڳڙڪي - گِلڪيُ - دريچو - جهروڪُ - کِڙڪي - پاسي جو لنگهه - خال - درز. بادگانُ - روشندان. فرش - گلم. پارِيُنِ رانه ۾ کيڏيل هڪ خانو. آنُ جي ساڻ جو هڪ قسم. پاڻيءَ جو چوٿون حصو (ت).
● دَرِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).
● دُرِيُ ۽ دُرِيُون: ث. ڏيگي گاڏيءَ جي نالني هيٺان لوهه يا رُڪ جي پيل ڪامُ (جنهن ۾ ڦيٿا پيل هجن). زيور جو هڪ قسم. ڪڇيءَ ۾ پاڻڻ جو ڳُهمَ - دُهُرِي.
● دَرْيَا ۽ دَرْيَا: ذ. [ف] اٿاهه پاڻي - سمنڊ - ساگر. ندي - درياءُ - درياهه. سٽي پاڻيءَ جو وهڪرو، جو ڪنهن جبل يا ڍنڍ ساڻ نڪري وڃي سمنڊ ۾ پوي.
- دَرْيَا بَرآمَدِيُ: ث. پاڻيءَ جي لاهه وقت ظاهر ٿيل زمين (جا پاڻيءَ چڙهڻ وقت پاڻي هيٺ آئي هجي).
- دَرْيَابُرْدَ: ث. دريا جي ٻوڏ هيٺ آيل زمين.
- دَرْيَابُرْدُ ٿِيَڻُ: برباد ٿيڻ - ناس ٿيڻ - ويران ٿيڻ. ٻُڏي وڃڻ - لُڙهجي وڃڻ. ڪشتي وڃڻ - لوڙهي ڇڏڻ.
- دَرْيَابُرْدِيُ: ث. دريا هيٺ آيل زمين.
- دَرْيَا چَڙْهَڻُ: درياءُ جو پاڻي چڙهڻ.
- دَرْيَاخورديُ: ث. درياءُ هيٺ آيل زمين - درياءُ پاڻي وبل زمين - ٻُڏل زمين.
- دَرْيَادِلُ: ذ. صفت. وڏيءَ دل وارو - سخي - فيّاض - ڏاتار.
- دَرْيَا دِل ٿِيَڻُ: سخي ٿيڻ - وڏي دل وارو ٿيڻ.
- دَرْيَادِليُ ۽ دَرْيَادِليُونُ: ث. سخاوت - فيّاضي - ڏاتاري.
- دَرْيَاالعَلُ: ذ. پاڻيءَ جو ديوتا - خواجه خِضِرُ.
- دَرْيَا لَهَڻُ: دريا جو گهٽجڻ - درياءُ جو پاڻي گهٽ ٿيڻ.
- دَرْيَاهَه ۽ دَرْيَاهَه: ذ. دريا - درياءُ.
- دَرْيَاهَه بَرآمَدِيُ: ث. درياءُ جي ڇڏيل زمين - ڪَچو.
- دَرْيَاهَه بُرْدِيُ: ث. درياءَ هيٺ آيل زمين. درياءُ جي پاتل زمين - درياءُ خوردي يا درياءُ جي کاڌل زمين.
- درياهه پَرَ تي چوڪر ڪڍڻ: جوکي واري جاءِ تي لاغرضائي يا بيپرواهي ڪرڻ. جيئن "درياهه پَرَ تي چوڪر ڪڍي، آجُ نہ ٻڌي ته سَيان ٻڌي".
- دَرياهه پَرَ تي واڳُن سان وير وِجهَڻُ: ڏاڍي جي حد ۾ رَهِيُ آنَ جي مخالفت ڪرڻ.
- دَرْيَاهَه جَا پَلَ: ذ. درياءُ جا وَرَ - درياهه جا رِيلا.
- دَرْيَاهَه جي دِيگ ڪَرَڻُ: ڪُنِيُ ڪرڻ - ڪُنُ هڻڻ.
- دَرْيَاهَه خوردِيُ: ث. دريا بُردي - درياهه جي کاڌل.
- دَرْيَاهِيُ ۽ دَرْيَاهِيُ: ذ. صفت. درياءُ جو - نديءَ جو - پاڻيءَ جو - ساموندي - بَحري. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
- دَرْيَاهِيُ نارِيلُ: ذ. دريائي ناريل سمنڊ جي ڪناري تي ٿيندڙ هڪ ناريل جو قسم. ساموندي ناريل - نانيرُ.
- دَرْيَاءُ ۽ دَرْيَاءَ: ذ. دريا - درياهه.
- دَرْيَاءُ بي پَايَانُ ۾ ٽُٻِيُ هَڻَڻُ: تمام اونهي ويچار ۾ پئجي وڃڻ. حقيقت حاصل ڪرڻ. ڪنهن ڳالهه کي باريڪي سان جاچڻ.

Gul Hayat Institute

- دَرْياءُ پَلْٽَڻُ: خيال ظاهر ڪرڻ. ويچار ويڙهائڻ - تمام وڏي تقرير ڪرڻ.
- دَرْياءُ کي ڪُوزي ۾ بَنْد ڪَرَڻُ: گهڻو مطلب ٿورن لفظن ۾ ادا ڪرڻ.
- دَرْيائِي ۽ دَرْيائِي: ذ. صفت. درياءُ جو - درياءُ وارو. بحري - سامونڊي - دريائي.
- دَرْيائِي چورَ: ذ. پاڻيءَ تي ڦُر ڪندڙ چور. بحري ڌاڙيل.
- دَرْيائِي گهوڙو: ذ. درياهه جي هڪ جانور جو نالو (گهوڙي جي شڪل جو).

● دَرْيا خانُ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. جام نظام الدين سمي جو وڏو وزير دولهه دريا خان.

● دَرْيارِي (ڪ): ث. وَڏُفَ - سَولُف - هڪ ٻسارڪو وڪر.

● دَرْيافتَ: ث. (ف) پُڇا - تلاش - ڇاڻ - پروڙ - باز پُرسي - پڇا ڳاڇا - جاچ جوچ. پڙتال - جُستجو - چوڪ - پونواري - تپاس - کوجنا - اوڪ - ڏوڪ - ڦولها - جُستجو - ڳولا - پڇاڻ - تحقيق - تفتيش - وِيچار. عدل - اِنصاف.
- دَرْيافتَ ٿِيَڻُ: معلوم ٿيڻ - پتو لڳڻ - خبر پوڻ - ڳولا هٿ اچڻ.
- دَرْيافتَ ڪَرَڻُ: معلوم ڪرڻ - تحقيق ڪرڻ - پڇا ڪرڻ - انصاف ڪرڻ - حق پاڻي وجهڻ.
- دَرْيافتَ هَڻَڻُ: خبر هڻڻ - ڇاڻ هڻڻ - پڇا ڳاڇا ٿيڻ.

● دَرْيالِي: اسم خاص. هندو ديوانن جي هڪ ذات جو نالو.

● دَرِيبارَ ۽ دَرِيبارُون (ت): ث. [ف. "دربار" جي بگڙيل صورت] ٻهراڙيءَ جو مستعمل لفظ - دربار - درٻار - ڪچهري.

● دِرِيٽُ (ٿ): ذ. جِنُ - ڀُوت - ڏينارو.

● دُرِيجِي: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو. (حب نديءَ جي اولهين پاسي اوڀر طرف).

● دَرِيچو ۽ دَرِيچا: ث. [ف. "در" جو اسم تصغير] دري - کڙڪي - ڳڙکي - ڳالکي - جهروڪ.

● دَرَيڙو: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ، تعلقي ساماري ۽ تعلقي ميرپورخاص ۾ ديهن جا نالا.

● دَرِيڙِي: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَرِيشَ (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دَرِيشَ ۽ دَرِيشُون: ث. [انگ. ڊريس = لباس] پوشاڪ - لباس - ڊريس.

● دَرِيغَ: ذ. [ف] افسوس - حسرت - غم. پشيماني - پڇتاءُ - انڪار - تامُّل - بُخل - نفرت - ڪنجوسي.

● دِرِيَلُ: ذ. واڍن جي هڪ اوزار جو نالو - سَلُ ڪيڻ جو اوزار.

● دِرِيڻ: ث. اِندلَٺ - قَوس - قُزَح - ستَ رنگي ڪمان، جيڪا بارش کان پوءِ آسمان ۾ نمودار ٿئي.

● دَرْيُوزَهُ: ذ. [ف] بيک - گدائي - پِنَ - منڱڻ - فقيري.
- دَرْيُوزهُ گَرُ: ذ. صفت. گداگر - پينو - فقير.
- دَرْيُوزَه گَرِي: ث. پِنَ - بيک - گداگري جو پيشو.

● دَڙَ ۽ دَڙُون: ث. (آواز) ڪوڙ - هُل - شور - آواز. ڌَمچر - دَڙڪو - دَرهَڙ. جيئن
"چنبڊ نالو ناهِ ڪو، دَرياهَ دَڙَ لائي"
(شاهه).
لهرن جو آواز - لهرن جا ٿاقوڙا - گجگوڙ - گجڪار. ٻکيڙو - فساد - جهيڙو.
- دَڙاڙَ (ت): ث. پيرن جو آواز - کڙڪو - سڙڪو - دَٻڪو.
- دَڙُ دَڙَ: ث. زمين تي زور سان پير هڻڻ جو آواز. دَٻڪو.
- دَڙَ دَڙَڻُ: اترا ستي ڪرڻ - اجايا ٺينگ ٺپا ڏيڻ - ڦڙڦاٽيون هڻڻ - ٻڪ ٻڪ ڪرڻ. جيئن
"دُزد دعوي ٿو ڌَري ۽ ٿو دڙي دَيڻوٿُ دُڙ"
(فاضل شاهه).
- دَڙُ دِلاسو ۽ دَڙُ دِلاسا: ذ. آٿت - آسرو - دلاسو.

Gul Hayat Institute

- دَڙ لَائِڻُ: زور لائڻ ـ طاقت آزمائي ڪرڻ.

● دَڙَا ڳَاڏِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دَڙَامَاچِيُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دڙَائِڻُ (ڪ): مصدر. دڙڪا ڏيڻ ـ دڙڪا ڏيارڻ ـ دعوي ڪرائڻ. ٻني وَلائڻ. هٿئي ٺپي ڪرائڻ.

● دَڙٻَائَڻُ: مصدر. هيسائڻ ـ هيسڻُ. دڙڪا ڏيڻ ـ تنگ ڪرڻ. چڙٻيُون ڏيڻ ـ دَٻائڻ ـ تنبيهه ڪرڻ ـ ڌَمڪائڻ ـ دَهمان رکڻ. ظلم سان حڪم هلائڻ. شور ڪرڻ ـ گوڙ ڪرڻ.

- دَڙٻَاتَ ج دڙٻَاتُون: ث. دڙڪو ـ داٻ ـ زور ـ دٻاءُ ـ ظلم. گهوڙي جي سُنُٻَن جو آواز.

● دڙٻو: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● دُڙتو ج دُڙتا (ت): ذ. صفت. ٿُلهو. ٻندرو.

● دَڙِدَ ج دڙِدُون: ث. تڪليف ـ ڏاڍُ ـ سختي ـ تنگي. دٻاءُ. اهنجُ ـ مصيبت ـ ظلمُ.

- دُڙِدُون ڪَائِڻُ: ٿاٻا کائڻ ـ سور کائڻ. تڪليفون ڏسڻ.

● دَڙڪَلو ج دَڙڪَلاَ (ت): ذ. صفت. مِٽارو ـ ٿلهو.

● دُڙِڪيٺو ج دُڙِڪيٺا: ذ. صفت. بلڪل سوڪُ ٽيل ـ سخت ٽيل ـ ڏاڍو ٽيل.

● دَڙڪو ج دَڙڪَا: ذ. تَابُ ـ ڌمڪي ـ دٻاءُ ـ ڏَڪو ـ ڀَپڪي ـ ڌَڌ ڪو ـ دَهمانُ ـ سَٽَ ـ دَٻَ. هيِسَ. دٻپ ـ خوف ـ دَهشت.

- دَڙڪو دَابُ ج دَڙڪَا دَابَ: ذ. هانءَ هونءِ ـ دڙڪو دٻاچو ـ دڙڪو ڪُڙڪو.

- دَڙڪو دَٻَاچو ج دَڙڪَا دَٻَاچَا: ذ. تنبيههَ ـ منعُ ـ دڙڪو.

- دَڙڪو ڦَڙڪو ج دَڙڪَا ڦَڙڪَا: ذ. هانءِ هونءِ ـ دڙڪو دٻاچو.

- دَڙڪو ڪُڙڪو ج دَڙڪَا ڪُڙڪَا: ذ. هانءِ هونءِ ـ دڙڪو ڦڙڪو.

● دَڙڪِي ج دَڙڪِيُون (ل): ث. [ع. دَلَق (گودڙيءَ) جي بگڙيل صورت] رَلي ـ گودڙي ـ ڏَڙڪي. دلق.

● دُڙڪِي ج دُڙڪِيُون (ت): ث. [سن. دَلَنَ] گهوڙي جي ٻند جو هڪ لمولو ـ دُڙِڳي.

- دُڙِڪِي آڇَڻُ: بلڪل تکو ۽ جلد اچڻ.

● دَڙڳُ ج دَڙڳَ: ذ. داغ (ڪپڙي تي رنگ وغيره جو) ـ چٽو ـ دُٻو. رت جو جميل داغ. عيب ـ ڪَلَنڪُ. ڪاراٺِ ـ ڏاگهَ. وڏو تنگ ـ ڳڙڪو ـ ڳرک. گهاڙو ـ گهارو ـ ڪنڊُ ـ گهٽُ ـ گهيرو. جيئن

"بايد وڏو ٻند ڪي دنابي مون دڙڳ،
توڙي جهوليون ڪن جهڙپ، ته بہ ڪنيو وڃي
خداباد ڪي".
(بايه).

● دُڙ ڳِي ج دُڙ ڳِيُون (ت): ث. گهوڙي جي ٻند جو قسم ـ دُڙڪي.

● دَڙِمِي ج دَڙِمِيُون (ت): ث. زمين جي حد" ڏيکاريندڙ دَڙي. ٻنين ٻارن جي وچ ۾ دڙي ـ مٽيءَ جي ڍِڳي.

● دُڙِنگو ج دُڙِنگَا (ل): ذ. صفت. ٿلهو ـ مِٽارو.

● دَڙَڻُ: مصدر. جهيڙو ڪرڻ ـ وڙهڻ ـ فساد ڪرڻ ـ دنگو ڪرڻ ـ تڪرار ڪرڻ ـ بحث ڪرڻ ـ چيٽ ٿيڻ. ڪاوڙ سان هَل ڪرڻ ـ زور سان ڳالهائڻ ـ تکو ڳالهائڻ ـ جوشيلو ڳالهائڻ ـ هَل بکيڙو ڪرڻ ـ مار ڏيڻ ـ ثابت ڪرڻ ـ مڃائڻ ـ دليل ڏورڻ ـ قائل ڪرڻ ـ تقرير ڪرڻ.

- دَڙي دَنگِي: صفت. مُڙسان مُڙسي ـ هيمٿ سان ـ وڙهي جهيڙي.

● دَڙو ج دَڙَا: ذ. [سن. ڏَتَ < دَلُ = دڙو] آتاهين زمين جو ٽڪر ـ ننڍي ڀِٽَ ـ مٽيءَ جو ڍِڳُ ـ ڍِبَ ـ ڍِڙو. ڪيچري اچاڻ جو هنڌ ـ اروڙي ـ ڍير. واهه جو ڪَپُ ـ ڪنارو (ل). (ث. دَڙِي ج دَڙِيُون). ڍڳ ـ ڍير ـ ستو ـ ستِّي ـ انبار ـ ڪوڙو ـ انبوهه ـ ڪوڙ. ٿوڙو ـ ڳوڙهو ـ

Gul Hayat Institute

ڳنڍيو- ڦيري. ڇاڻو- ڏڳل. ٻيڻ. ٻئي جي ٽيرائي- ٽيڪو (ڪ). اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏڙهر ۽ ڏڙهر: ذ. (آواز) دريا جي ڇوليءَ جو آواز- گجگوڙ- گجڪار- گاج- ڏڙهڙ.

● ڏڙهڙ ۽ ڏڙهڙ: ذ. وڏو آواز- دٻدٻو- دهشت- رعب- حشمت.

● ڏڙهو ۽ ڏڙها: ذ. زمين تي زور سان (ڪنهن جانور جو) لت هڻڻ جو آواز- دٻڪو- ڌٻڪو- ڦهڪو- پير جو ڌڪ- ٺسڪي- لت. طوفان لڳڻ تي پاڻيءَ جي پيدا ڪيل گجگوڙ- گاج.

- ڏڙها هڻڻ: زور سان پير هڻڻ (زمين تي). گهوڙي وغيره جو سنبن سان زمين کي کڻڻ يا لتون هڻڻ.

- ڏڙهي ۽ ڏڙهيون (ت): ث. "ڏڙهو" جو مذڪر.

- ڏڙهي هڻڻ: ڇڙهي هڻڻ- لت هڻڻ. ٻار جو رنڌڻ ۾ ٽنگون هڻڻ. اِتِ هڻڻ- ڪيل انجام ڪان ڦرڻ. مڇيءَ مارڻ وقت مڇيءَ کي جار ڏانهن پڄائڻ لاءِ ٻيڙيءَ جي تري ۾ پيرن جو ٺڪاءُ ڪرڻ.

● ڏڙهي ۽ ڏڙهيون: ث. ڪنهن اڙچ يا ڇڇ سان انهن مان سيٽي ڪيڻ جي حالت- واٽر- ڇنڊ- صفائي.

● ڏڙي ۽ ڏڙيون: ث. [س. ڏل= ڏڙو] مٽيءَ جو ننڍو ڍڳ- ڍپ- ننڍو ڏڙو. ڪنهن زمين جي ڏنگ تي (حدون ڏيکارڻ لاءِ) مٽيءَ جو ٿيل نشان- ڏڪي. نشان- ٻنو- ٻنڊو. پيلي مان انگهندڙ ننڍو رستو- پهو- پيچرو- ڏڳي- ٿوهي- سٽي- ڪوڙي- ٽيري. گهوڙن جي هڪ بيماري (ت). اسم خاص. جيڪب آباد ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. تعلقي شڪارپور، تعلقي ڪنڊڪوٽ ۽ تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ ديهن جو نالو.

- ڏڙي ڏڪي پڄڻ: سنئون سڌو ڪرڻ- سنوارڻ- هڪ جهڙائي ڪرڻ- برابري ڪرڻ- هموار ڪرڻ- تراڪڙو ڪرڻ.

- ڏڙي ڏڪي ونڻ: سطح هموار ڪرڻ- سڌائي وٺڻ- سنوار ڪرڻ- هڪجهڙائي ڪرڻ.

- ڏڙيون ٽپڻ: ڏسي نرڻ- خوش ٿيڻ- ڪڏڪيون هڻڻ- وهسڻ- راضي ٿيڻ- سرهو ٿيڻ- بود ۾ اچڻ.

- ڏڙيون ٽپڻ: خوشي ڪرڻ- ڪڏڪيون هڻڻ- ٽپا ڏيڻ. خوشيون ڪرڻ- اجايا ڪم ڪرڻ- ڏاڍ مستيءَ جا ڪم ڪرڻ.

- ڏڙيون ڇاڙهڻ: زمين جي حد بندي ڪرڻ.

- ڏڙيون وڃڻ: پيلي ۾ ننڍا رستا ناهڻ.

● ڏڙيلو: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏڙيلي: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏز ۽ ڏزون: ث. سٽي- سنهڙي مٽي- ڏوڙ- ڏس- لت- غبار- رني- خاڪ- واري. اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڏزائڻ (ت): مصدر. مٽيءَ سان لٽائڻ. تنبيهه ڪرائڻ.

- ڏزجڻ (ت): مصدر. مٽيءَ ۾ لتجڻ.

● دز (لس): ذ. صفت. [ف. دُزد جو مخفف] چور- ڄٽ- بيوقوف- اڄاڻ

"آهي اوڀهيون ڳالهيون ڳجهه جون،
جنهن جو دزن ڪونهي ڏيان"
(احمد شاهه).

● دزانو: ظرف. [ف. دز= ٻه + زانو= گوڏو] گوڏن ڀر- جوڙن ڀر- گوڏا پڄي ويهڻ جي حالت.

● دزد ۽ دزد: ذ. صفت. [ف] چور- چوري ڪندڙ- ڌاڙو- لٽيرو- ڪاڙکو.

- دزدي: ث. چوري- ڦُر.

● دزڪ ۽ دزڪون (ڪ): ث. ڊڪي هوندي به ورياسڻ تائين ڪير ڏيندڙ ڊڪي.

● دس ۽ دس: صفت. [ف. ده: سن. دشن= ڏهه] ڳڻپ جو هڪ تعداد- ڏهه. ڪنهن به شين جو ڳڻپ انداز. جيئن: "ماڻهن جا دس،

Gul Hayat Institute

گهوڙن جا دَس، دِلن جا دس، بندوقن جا دس وغيره." (ذ) وارو وار- وسڪارو- وِرڪا- ڏوڙيو. جيئن: "گارين جا دس وغيره". دُهل جو واڄو جيئن: "پري دس وڄائي، سيڪجهه ملنده". ڪُڪڙ جي بانگ. جيئن: "اڄ رات ٽي ويئي آهي، ڪُڪڙ دس پيا ڏين." هلڪو قدم. ٺاپو- پير کسڪ- آٽيڙو- ٽڏو- خطا- ڀُل- چُوڪ.

● دِسِ ۽ دِسِئُون: ث. [سن. دِشا: ڏِسِ] ڏِسِ- طرف- پاسو. دِيس- ڏِيهه. پرديس- پرانهون ملڪ- ڏيساوَر (ت).

- دِسِ ڪارِي ڪَرَڻُ: ديس لڄائڻ- ديس وارن کي ڪلارو ڪرڻ.

- دِسِ لتاڙَڻُ: مُلڪ گهمڻ. مُلڪ ۾ اچڻ- گهڻو سير سياحت ڪرڻ.

● دُسَ (ٿ): صفت. ٺُلهي- دولُسي (مالي يا عورت وغيره).

● دُسُ ۽ دُسَ (ٿ): ذ. واري يا مِٽيءَ جو دِڪُ- دڙو.

● دَسْتُ ۽ دَسْتَ: ذ. (ف) هٿ- پَنهُ- چنبو. پَنڙو تورو- زرزرايندڙ تورو- پَنڙي تِيڪَ- جُلابُ.

- دَسْتِ آمُوزَ: ذ. صفت. هٿ سان سيکاريل- مُطيع ڪيل- مات ڪيل- وَسُ ڪيل- ٽَڏو- هيرايل- هيريل- گهريچو- پاليَل- گهرجو- ڌاريَلُ- هيراڪ- گهرپلو- هٿ جو نپايل. هُنري- هنرمند- ماهِرُ- حاذق- چِتَرُ- سُگهڙ- پَڙُ- چالاڪ.

- دَسْتِ اچَڻُ: جُلاب اچڻ- پَنڙو تورو اچڻ- پيٽ اچڻ.

- دَسْتِ اندازُ [ف. انداختن = آچڻ]: ذ. صفت. دست اندازي ڪندڙ- وچ ۾ ٽپي پوندڙ- هٿ وجهندڙ- ٻئي جي ڪم ۾ دخل ڏيندڙ- هَٿَ چُرائڻ ڪندڙ- هَٿَ اٽڪائيندڙ- خلل ڪندڙ.

- دَسْتِ اندازِيُ: ث. وچ ۾ ٽپي پوڻ جي حالت- دُخول- مُداخلت- هٿ چراند.

- دَسْتِ اندازِي ڪَرَڻُ: مُداخلت ڪرڻ- هٿ وجهڻ. ٻين جي ڳالهين ۾ ٽپي پوڻ.

- دَسْتَانُو ۽ دَسْتَانَا: ذ. هٿن تي چاڙهڻ جا جوراب. وڏي ڪرڇ يا تلوار جو قبضو.

- دَسْتِ بَدَسْتِ: ظرف. هٿوهٿ- جلدي- انهي وقت.

- دَسْتِ بُردُ: ث. خيانت- کوٻي- ناجائز تصرف. لُٽَ- غَبَنُ- خُرد بُرد.

- دَسْتِ بَردار ٿِيَڻُ: هٿ ڪڍڻ- ڇڏڻ- بازاچڻ- ترڪ ڪرڻ.

- دَسْتِ بُرد ڪَرَڻُ: کوٻي هڻڻ- خيانت ڪرڻ- لُٽڻ.

- دَسْتِ بَسْتَهَ: [ف. بستن = ٻَڌڻ] ظرف. هٿ ٻَڌي- هٿ جوڙِي.

- دَسْتِ بُوس ٿِيَڻُ: [ف. بوسيدن = چمڻ] هٿ چمڻ- نياز ۽ لوڙت ڪرڻ.

- دَسْتِ بيعَتُ ڪَرَڻُ: مريد ٿيڻ- ڪنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ.

- دَسْتِ پَناهُ: ذ. ٽالدن ڪڍڻ جو چِمٽو.

- دَسْتِ خَطُ ۽ دَسْتِ خَطَ: ذ. هٿ جو لکيل- هٿ جي لکيت- لکت- لکڻي- هٿ اکر- پنهنجي هٿ جي علامت يا نشاني- قلمي نسخو.

- دَسْتِ خَطِيُ: ذ. صفت. هٿ جو لکيل- قلمي- دَستي.

- دَسْتِ دَرازُ: ذ. صفت. چالاڪ. هٿ ڊگهير يندڙ. چور- ظالم- زيادتي ڪندڙ.

- دَسْتِ دَرازِيُ: ث. هٿ جي چالاڪي. رُڪاوٽ- رنڊڪ. خلل- ظلم- زيادتي.

- دَسْتِ دَرازِي ڪَرَڻُ: زيادتي ڪرڻ- ڪم ۾ اٽڪاءُ وجهڻ.

- دَسْتِ راسْتُ: ذ. ساڄو هٿ- مُعتبر- اعتماد وارو- سچو مددگار.

- دَسْتَ رَسُ: [ف. رسيدن = پهچڻ] ث. پهچ- پُهچ- پُهچندي- رَسائي- طاقت- هَلندي- هٿ پُهچ- هٿ ڊگهيرڙ- توانگري- حيثيت- آمَڙ- هَٿَ وَسُ. آڀاءُ- وسيلو.

- دَسْتَرْسِي: ث. دَسترس - پهچ - رَسائي - هَلندي.
- دَسْتِ شِفَا: ذ. صحت بخشيندڙ هَٿُ - حڪيم يا طبيب، جنهن جو علاج هميشه ڪامياب وڃي.
- دَسْتِ غَيْبُ: ذ. ظاهري وسيلي کان سواءِ آسماني - غيبي مدد - ڪناية. مفت جو مال - رشوت جو مال.
- دَسْتِ قُدْرَتُ: ذ. طاقت - قدرت - سگهه - قدرت جو هٿ - شڪتي - سمرٿي. قابو - اختيار - وَسُ.
- دَسْتَڪَ: ث. هٿ جو ڏَڪُ - دروازي تي هٿ سان ڏَڪُ - آواز - کَڙڪو - کڙڪاٽ - ٺَڪاءُ - تاڙي.
- دَسْتڪارُ: ذ. صفت. هٿ جو ڪاريگر - هنرمند - اهو شخص جنهن جي هٿ ۾ ڪو نه ڪو هنر هجي - هنر وارو.
- دَسْتڪارِي ۽ دَسْتڪارِيُون: ث. هٿ جي ڪاريگري - هٿ جو هُنر - هٿ جو ڪم - ڪاريگري - هنرمندي.
- دَسْتڪُ ڏِيَڻُ: دَرُ کڙڪائڻ - تاڙي وڄائڻ - ڪَڙو کڙڪائڻ - سڏڻ.
- دَسْت ڪَرَڻُ: هٿ ڪرڻ - حاصل ڪرڻ - لهڻ - قبضي ۾ ڪرڻ.
- دَسْت گَاهه: ث. مال ۽ اسباب، طاقت - زور - مدد - آڌار وسيلو - رسد - پُڄندي - قدرت - پُڄَتِ - مَقدُور - مهارت - مَشق.
- دَسْتگِيرُ ۽ دَسْتگِيرَ: ذ. [ف. دست = هٿ. گرفتن = وٺڻ]. صفت. هٿ وٺندڙ - ٻانهن ٻيلي - مدد ڪندڙ - واهرو - مددگار - سهائتا ڪندڙ - حامي - حمائتي - پشتيرو - مُعاوِنُ. بادشاهه پير حضرت عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جو لقب.
- دَسْتگِيرِي ۽ دَسْتگِيرِيُون: ث. هٿ وٺڻ - مدد ڪرڻ - پهچ - رسائي - مدد - سهائتا - بچاءُ.
- دَسْت لَڳَڻُ: ڏورو لڳڻ - هرهر پائخانو اچڻ - اسهال ٿيڻ.

- دَسْت مَال: ذ. هٿن صاف ڪرڻ جو رومال. انڊڙو ٽوال.
- دَسْت نِگَرَ: ذ. صفت. ٻئي جا هٿ تڪيندڙ - مُحتاج - حاجتمند - مفلس - تنگدست.
- دَسْت وَٺَڻُ: هٿ وٺڻ - دستگيري ڪرڻ - رهبري ڪرڻ - مدد ڪرڻ - حمايت ڪرڻ - حامي ٿيڻ - ڏک درد دفع ڪرڻ.
- دَسْتِيُ ۽ دَسْتِيُ: ذ. صفت. هٿ جو - هٿ وارو - هٿوهٿ.
- دَسْتِيَابُ ۽ دَسْتِيَابَ: ذ. صفت. هٿ آچڻ جهڙو - هٿ آيل - مُيَسَّرُ - موجود - حاصل. پيدا ڪرڻ جهڙو - ملي سگهڻ جهڙو.
- دَسْتِيَابُ ٿِيَڻُ: حاصل ٿيڻ - هٿ لڳڻ - ملڻ.
● دَسْتَارُ ۽ دَسْتَارُونُ: ث. پڳڙي - پَڳَ - عمامو - پٽڪو - لُونگي - پاڳَ - مولِهانو - مولهيو - ڦهڙَ.
- دَسْتَاربَنْدُ: ذ. صفت. پٽڪو ٻڌندڙ - پٽڪو ٻڌل.
- دستاربندي: وڏن ماڻهن جي هڪ رسم جنهن ۾ فوتي جي وڏي پٽ يا وارث کي پڳ ٻڌرائي وڃي. يا ديني علم مان فراغت لهڻ مهل شاگرد کي پڳ ٻڌائجي.
- دَسْتَارِ فَضِيلَتَ: ث. ديني علم ۾ فاضل ٿيڻ جو پٽڪو - عمامهٔ فضيلت.
● دَسْتَانُ ۽ دَسْتَانَ: ذ. (ف) نغمَہ - آواز - ڪهاڻي - آکاڻي - تواريخ - داستان - قصو - ساز جي چابي - ڏوڪو - دغا - فريب. رستم جي پيءُ جو نالو.
● دَسْتَاوِيزُ ۽ دَسْتَاوِيزَ: ذ. (ف) هٿ سان لکيل قبُوليت جو ڪاغذ - قبُوليت نامو - اقرارنامو - قبضُ - ضمانت نامو - لکيت - لکيو. حڪومت جي مهر سان لکيل ڪاغذ - تمسّڪ.
- دَسْتَاوِيزِي: صفت. دستاويز جو - دستاويز موافق - قبض پٽالدر.
● دَسْتَرُ: ذ. [ف] دسترخوانو - ماني رکڻ جو ڪپڙو.

Gul Hayat Institute

- دَسترخانُو ۽ دَسترخانا: ذ. مانيءَ رکڻ جو ڪپڙو - دسترخوان.

● دَسْتَرخَوانُ ۽ دَسْتَرخَوانَ: ذ. [ف. دَستارخوان. دستار= هٿيڪو، ڪپڙو+خوان= خونچو] کاڌي جو ڪپڙو جنهن تي ماني رکي کائجي - چادر - سُفرو - دسترخانو.

- دَسْتَرخوان جي ٻِلِي يا سَڪِ هُئَڻُ: کاڌي ۾ زوري شريڪ ٿيڻ.

- دَسْتَرخَوانُو ۽ دَسْتَرخَوانا: ذ. ميز پوش - ميز جو ڪپڙو - ماني کائڻ لاءِ وڇايل ڪپڙو - ڍاڪون ڍڪي ڪٽي وجهڻ وارو ڪپڙو.

● دَستو ۽ دَستا: ذ. [ف. دَستَه = هٿيو] هٿيو - هٿ - مُنيو - مُٺ - ڳَن - هٿيو. مُٺ - چنگل - چُروُن. لَپَ. مصالح وغيره ڪُٽڻ لاءِ ڏاڻو يا پٿر جو مُهرو - ڏَنڊو. جيئن "هاون دستو". فوج جو هڪ حصو. ننڍي پلٽڻ - جٿو. ماڻهن جي ٽولي - جماعت - گروهه. ڪاغذن جو ڪجهه انداز - ٢٤ پنن جو بنڊل - ٿهو - ڍِڳُ - سٿو. بدن جو هڪ حصو.

● دَسْتُورُ ۽ دَسْتُورَ: ذ. [ف. دست = زور، ور = هڪ صفتي پڇاڙي] طرز - رَوِشَ - رسم - رواج - ريت - پَرِ - اصول. ڍنگ - ڍَبُ - لهوُ - وٿيرو - طور - طريقو - عادت - چال - هلت - وَجهه - آٽ ويهه - ڍول - پرڪارُ - افعال - عادت - لڇڻ - لَلُ. قاعدو - قانون - نيم - آئين (ظرف). جيان - وانگيان - وانگر - طرح.

● دَسْتُورُالعَمَلِ: ذ. رواج - قاعدو قانون - ريت رواج - هلت چلت جو طريقو - آٽ ويهڻ جو ڍنگ. حڪومت جو سرشتو - سرڪاري حڪمن جو ڪتاب - هدايت نامو. ناهه نوهه - سنوار - ضابطو.

- دَسْتُورُ ٻڌَڻُ: قاعدو مقرر ڪرڻ - عادت وجهڻ - معمول ٺاهڻ.

- دَسْتُورُ جارِيُ ڪَرَڻُ: قاعدو ڪيڻ - رواج وِجهڻ.

- دَسْتُوري ۽ دَسْتُورِي: ذ. صفت. دستور موجب - رواج موجب - اصولي مطابق - رواجي -

هالوچالو. (ٺ) دلالي - لاٽ - هنب پاٿو - لاڳ - لاپو - ابواب - ڀانت. بالائي آپت - رشوت.

● دَسْتِي ۽ دَسْتِيُون: ٺ. [ف. دَسْت = هٿ] هٿ جو - هٿ ۾ ڪٽي وڃڻ جهڙو - زيور جو هڪ قسم، ڳچي يا ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور - چوڙو - ڪنگڻ - هولچي. هٿ ۾ جهلي پيئڻ جو حقو. چم جو دستانو، جنهن تي باز وهارجي. ترار جو مُٺيو - ڀالي جو هٿيو - مُٺ. ڪپڙي ۾ ٻڌل ڪاغذن جي هَڙَ - ٿهي - سٿي - بنڊلي. وَهَٽَ کي اڳين ٻن ٽنگن ۾ پيل ڏاڻُ - (ٽ). ڪُلهي وارو گوشت جو ٽُڪر.

● دستِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (بلوچ قوم جو هڪ قبيلو، جو دشت مڪران مان آيل آهي). تعلقي شڪارپور، تعلقي جيڪب آباد، تعلقي ميرپور ۽ تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَسْرو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ضلعي ۾).

● دُسَرِي ۽ دُسَرِيُونُ: ٺ. ڳَهَه جو هڪ قسم - ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه - ٻن سَرن جي دُهري (لس).

● دُسِڙَ (ٽ): ٺ. ڊُسِڙَ - کهٽي مٺي. خراب رستو.

● دسَ قُسَ: ٺ. ڌِڙ دونس - ڌ ٻالت - دٻ قس - زورا زوري - حڪمان حڪمي.

- دَسَ قُسَ ڪَرَڻُ: دٻ قس ڪرڻ - زوري ڪرڻ - دَٻالَت ڪرڻ.

● دَسَ ڪَرَڻُ (ڪ): ڪِيڻِ جو پنجهو ٽورو ٽورو ڪري هارڻ.

● دُسْڪِنُو ۽ دُسْڪِنا (ٽ): ذ. صفت. ٿلهو - دونسو. (ٺ. دُسْڪِنِي ۽ دُسْڪِنِيُون).

● دَسَ لَهَڻُ (ٽ): ڪورين جي اصطلاح ۾، پاڻ ۾ ڪندي سُواري ٽانيءَ مٿان آهستي آهستي گهمائيندو وڃڻ ۽ خيال ڪري ڏسڻ (ته ٽندون هڪ ٻئي کان ڌار ٿين ٿيون).

● دَسْمَرُ ۽ دَسْمَرَ: ذ. مٿڙيل جاءِ تي رکڻ لاءِ گيهه ۾ رڌل اٽي جي پونيسُ. ڦُرڙي تي رکڻ لاءِ ڳوهيل اٽو.

Gul Hayat Institute

● دسمَلُ ۽ دَسْمَلَ (ت): ذ. ڪنوار کي آڻڻ هٿڻ جو ڪم.

● دَسَڻُ: مصدر: [سن. دَسَنَ=دسڻ] ٻيئل شيءِ کي هيٺ ڪيرائڻ - ڪيرائڻ - ڊاهڻ - ليٽائڻ - هيٺان آڻڻ. جيئن "وڻ دسڻ وغيره." اٿلائڻ - چوهڻ - آوندو ڪرڻ - جيئن "وهٽ دسڻ وغيره." جيتڻ - غالب پوڻ. پائمال ڪرڻ. جيئن "دشمن دسڻ، ملڪ دسڻ وغيره."

● دَسڻُ: مصدر. ڪپ ۾ ڦاسڻ - ڪُپڻ - ڪچڻُ. داخل ٿيڻ - کوڙڻ.

● دَسو: اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

● دسو ۽ دُسا: ذ. [ف. دشال. سن. دوشاتَ]. اوڇڻ جو هڪ قسم - دُشالو - دُشو. ڪمبل. جيئن:

"دُسا پهرن ديس تي، مارُو ريتا ڪن." (هنر).

● دَسوانُ ۽ دِسوانَ (ت): ذ. [سن. دشن= ڏهه] ڏهون - بدن جي ڏهن عضون (جهڙوڪ ٻن اکين، ٻن نامن، ٻن ڪنن، وات، ڪَديا، آلت ۽ ڌارون) مان هرهڪ عضوو. دَسوون در- ڏهون در.

● دَسهڙو ۽ دَسهڙا: ذ. [سن. دَشرا: دشن= ڏهه + هر=مارڻ، ڪٽڻ، ١- ٽي ڏوهَ جسم جا: خون، چوري، زنا، ٢- چار ڏوهه زبان جا: گندي گفتگو، شوخ پوڻ، گلا ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ. ٣- ٽي ڏوهه مَنَ جا: پرائو مال تڪڻ، دل ۾ خراب خيال ڪرڻ، ايمان نہ ڌارڻ. هندن جي عقيدي موجب، جيڪڏهن هو گنگا ندي ۾ سنان ڪندا تہ سندن پاپ لهي ويندا.] هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جيٺ مهني جي ١٠ تاريخ جنهن ۾ هندو عقيدي موجب گنگا اشنان ڪري گناهہ ڌوتا وڃن، انهيءَ ڏينهن تي رامچند رشري، راوڻ کي شڪست ڏني ان ڪري ملهايو ويو وڃي) شڪَلُ پَڪش - ڪنديءَ پوڇڻ جو ڏينهن.

● دَسِي ۽ دَسيون (ت-ل): ث. چڙهت، رشڪ. خار - چڙ - ڪاوڙ. ناٽي جي چوٽ - کوٽ - راند ۾ ڏوڪي ڏيڻ لاءِ وڏي رقم جو داءُ.

- دسِي ڏيڻ: جيتڻ - ڪٽڻ - سوپ ڪرڻ - بازي ڪٽڻ. خار ڏيڻ - ساڙڻ - ڏوڪي لاءِ وڏي رقم داءُ ۾ وجهڻ.

● دَسِي هَڻَڻُ (ت): جوارين جي اصطلاح ۾ راند ۾ اوتَ تي وڏيڪ پئسا وجهڻ - راند ۾ اڳلي کي گهڻا پئسا وجهي پڇائڻ - راند ڇڏائڻ لاءِ رواجي چال کان وڌيڪ چال ڪرڻ لاءِ پئسا وجهڻ.

● دَسيونُ (ل): ذ. ڏاس جو اوچيدار ڏاڳو جو گهوٽ جي گهر ۾ ٻڌبو آهي - نانگ جيان ونيل ٽنگيو پيو هوندو آهي.

● دَشا ۽ دَشائون: ث. (سن) حالت. "ورشا."

- دَشا سَنَائِڻُ: پائخاني وڃڻ - رفع حاجت لاءِ وڃڻ.

● دِشا ۽ دِشائون: ث. [سن. دِش=طرف] طرف - ڏس - پاسو.

● دشالو ۽ دُشالا: ذ. [سن. دِوُ=ٻہ + سالو=شال] ٻٽي شال - ٻيٽي شال گڏ آٽيَلَ.

● دَشْتُ: ذ. [ف] صحرا - بيابان - رڻ پٽ - رَجَ - ميدان. جهنگل. اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ برساتي نديءَ جو نالو. رياست مڪران جو هڪ ضلعو.

دَشتِ بي دولتُ: اسم خاص. رياست قلات ۾ بولان دري جي سنهن وٽ هڪ ميدان (جو ڪرد قوم جي ملڪيت آهي).

- دَشت پيما: ذ. جهنگل، بيابان ۾ ڦرندڙ - آواره - پريشان - وانڊو.

- دَشت پيمائي: بيابانن ۾ رلڻ جي حالت - جهنگل جهڳڻ جي حالت.

- دَشت خاني: اسم خاص. ايران ۽ مڪران ۾ رهندڙ هڪ قوم جو نالو.

- دَشت نورَدُ: صفت. جهنگل ۾ رلندڙ - بيابان جهاڳيندڙ.

Gul Hayat Institute

▬ دَشتُ نَوَرَدِيُ: ث. جهنگل بيابان ۾ رلڻ ۽ دربدر ٿيڻ جي حالت.

● دَشتِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچستان جو هڪ قبيلو.

● دِشتِ: ث. [سن. دِرِشُ=ڏسڻ] نظر- نگاهه- درشٽ.

● دُشٽُ ۽ دُشٽَ: ذ. [سن. دُشٽ=ليا ڳُر. دُشُ=دشمني ڪرڻ] خراب- ڪنو- بڇڙو. ليا ڳو- چنبول- نحس. ظالم- بي رحم- پاپي. ڪوڙو- ڪوڙو. بدڪار- بدذات- بدچال.

▬ دُشٽتائيُ: ث. خرابي. بڇڙائي- بدڪاري. بُرائي- گناهه- پاپ.

● دُشڪارِيُ ۽ دُشڪارِيُونُ (ت): ث. الٽي- قيءِ- اوڪارو.

▬ دُشڪارِيُ اچڻُ: قيءِ اچڻ- الٽي آچڻ.

● دُشمَنُ ۽ دُشمَنَ: ذ. صفت. [ف. دُشمن: سن. دُشٽ=خراب+من=ويچار جي شڪتي] خراب نيّت وارو- بدخواه- ويري- مخالف- دشمن- شتُرو- غنيم- رِپَ- عَدُو- وِروڌِي. پنيان پيل- مَنگهرو- حريف- رقيب.

▬ دُشمَنائُو: ذ. دشمني- دشمنو.

▬ دُشمَنُ جانِيُ: ذ. صفت. جان جو دشمن- وڏي ۾ وڏو دشمن- قاتل دشمن- موتمار دشمن.

▬ دُشمَنُ مَرَنَئِيُ: جملو. پيار ڪي پاراتو ڏيئي دعا ڪرڻ.

▬ دُشمَنو: ذ. وير- عداوت- بدخواهي- وِروڌ- دشمني.

▬ دُشمَنُ هيٺ ڪَرَڻُ: دشمن کي زيربار ڪرڻ. دشمن کي فتح ڪرڻ.

● دُشمَنِيُ ۽ دُشمَنِيُونُ: ث. ويرُ- عداوت- وروڌ- ضد- خصومت. بُغضُ- دُشمني- زِنڪُ- ڪلفت.

▬ دُشمَنُ ۽ دُشمَنَ: ذ. دشمن.

▬ دُشمَنائُو ۽ دُشمَنائا: ذ. صفت. دشمن جو- ويرين جو- دُشمني وارو- دشمڪو.

▬ دُشمَنِڪو ۽ دُشمَنِڪا: ذ. صفت. دشمني وارو- دُشمني جو- دشمڻائو.

▬ دُشمَنِيُ ۽ دُشمَنِيُونُ: ث. دشمني.

● دَشنا: ذ. [ف] خنجر- تلوار- ڪٽاري.

● دُشنامُ: ث. [ف] گار- گارگند- خراب لفظ.

● دُشو ۽ دُشا: ذ. [سن. دُشا] اوني چادر جو هڪ قسم- دُشالو- مَليرُ- بوڇڻ. ديسي آنيل ڪپڙو- اڻ گهڙيو ڪپڙو. ٿلهو، کهرو، جاڏو، سادو (ڪپڙو). (هه. دُشا).

● دُشوارُ ۽ دُشوارَ: ذ. صفت. [ف. دُشُ= خراب+"وار" نسبت جي نشاني] ڏکيو- اهنجو- مُشڪل- سخت- ڪٺنُ.

▬ دُشوارِيُ ۽ دُشوارِيُونُ: ث. مشڪلات- ڏکيائي- اهنجائي- سختي- تڪليف.

● دُعا ۽ دُعائُونُ: ث. [ع. دَعا= هن سڏيو] گهُرَ- سَڏُ- خواهش- آرزو. گهُرج- ضرورت. درخواست- عرض- التجا- استدعا- مِنٿ- آرداسُ- سوال. خيرعافيت جي چاهنا- مُناجات- مَغفِرت. آسيسُ- آشيرواڏ- پراٿنا. نيڪي- ڀلائي- عافيت. برڪت- نعمت.

▬ دُعا دَفعا ڪَرائِڻُ: ڦيڻو وجهائڻ- تعويذ وٺڻ- تندرستي ۽ بخت جي بلندي لاءِ دعا گهرائڻ.

▬ دُعا دِل سانُ نہ لڳَڻُ: پڪ نہ ٿيڻ. اعتبار نہ اچڻ.

▬ دُعا ڪَرَڻُ: ڀلائي چاهڻ- نيڪي گهرڻ- خدا کي التجا ڪرڻ- آسيس ۽ عافيت گهرڻ.

▬ دُعا گُو ۽ دُعا گُو: ذ. صفت. ٻئي جي لاءِ دعا گهرندڙ- دعا ڪندڙ- خيريت گهرندڙ- خير گهرندڙ- ڀلو گهرندڙ- آسيس ڏيندڙ. خيرخواه- عرضدار- نيازمند- دُعاڳو.

▬ دُعاڳو ۽ دُعاڳو: ذ. صفت. ڏسو "دعاگو".

▬ دُعا گهُرڻُ: خداتعاليٰ کان ڀلائي گهرڻ- مراد گهرڻ- ڀلو گهرڻ- عافيت گهرڻ- حاجت روائي چاهڻ.

▬ دُعا لڳَڻُ: دُعا جو اثر ڪرڻ- مراد پوري ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- دُعائي خير: ث. درگاهہ باريءَ ۾ نيڪ دُعا. مٿي التجا برڪت - آسيس. نڪاح. فاتحہ.

● دَعوي ۽ دَعوائُون: ث. [ع. دَعا = هُن گهُر ڪئي] گهُر - طلب - تقاضا - چِڪ - طلبي - خواهش - مطالبو. مُعاملو - تڪرار - بحث - حَق. مقدمو - ديواني ڪيس - فرياد - دانهن - ڪُوڪَ - ٻُوڪار - ٻُڪار - قاعدي جي ڪاروائي.

- دَعوي ٻَڌَڻُ - مقدمو ٺاهڻ - مقدمو ڪرڻ. ڪنهن ڪم جو شرطيہ اعلان ڪرڻ.

- دَعوي ڇَمائِڻُ: مقدمہ ڇمائڻ - قبضو ڇمائڻ - حق ڇمائڻ.

- دَعوي داخِل ڪَرَڻُ: ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ - مقدمو ڪرڻ - گهُر داخل ڪرڻ.

- دَعوي دارُ ۽ دَعوي دارَ: ذ. صفت. دعوي ڪندڙ - فريادي - ٻُڪاريندڙ - مقدمہ ڪندڙ - حق گهرندڙ - عرضدار - دانهين - مُدعي - ڇڪيندڙ - تقاضا ڪندڙ. دشمن - رقيب.

- دَعوي گِيرُ ۽ دَعوي گِيرَ: ذ. صفت. گهڻيون دعوائون ڪندڙ - جهڳڙالو - تڪراري.

- دَعويدارُ ۽ دَعويدارَ: ذ. صفت. مُدعي - فريادي. رقيب. مُخالف - تقاضا ڪندڙ.

- دعوي ڪَرَڻُ: مُطالبو ڪرڻ - گهُر ڪرڻ - فرياد ڪرڻ - مقدمہ ڪرڻ - درخواست ڪرڻ.

● دَعوتَ ۽ دَعوتُون: ث. [ع. دَعا = هن سَڏُ ڏنو] ڪوٺَ - نينڊ - نوتو - سَڏُ. ڪاڌي جي ڪانئي شاديءَ جي ڪوٺ - مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ جو سَڏُ - نينڊهَنڊُ. ضيافت.

- دَعوتُ اِسلام: ث. اسلام ۾ اچڻ يا مسلمان ٿيڻ جي دعوت ڏيڻ. نصيحت وسيلي مسلمان ٿيڻ جو چوڻ.

- دَعوتِ تي وَڃَڻُ: ڪاڌي جي ڪوٺ تي وڃڻ.

- دَعوتُ ڏِيَڻُ: ڪاڌي يا مجلس لاءِ سڏڻ.

- دَعوتُ شيراز ڪَرَڻُ: دال مالي ڪارائڻ - تڪليف نہ ڪرڻ - جيڪي هجي سو ڪارائڻ - حال پريان نال ڪرڻ.

- دَعوتُ قبُول ڪَرَڻُ: ڪاڌي ڪائڻ جي استدعا منظور ڪرڻ - ڪوٺ وَرنائڻ.

- دَعوتُ ڪَرَڻُ: ڪاڌي ڪائڻ لاءِ اينڊ ڏيڻ - مجلس ڪرڻ.

دَعوتُ نامُو ۽ دَعوتُ نامَا: ذ. دعوت جو خط يا سَڏُ.

- دَعوتُ وَليمَہ: ث. شاديءَ جي موقعي جي دعوت - نڪاح جي موقعي تي ڪاني جي ڪوٺ.

● دَعِيُ مُدَعِيُ: ذ. صفت. فريادي ۽ جوابدار ٻئي - ڪيس جون ٻئي ڌُريون - مخالف ڌُريون. ظرف. آمهون سامهون - منهن مقابل - هڪ ٻئي جي روبرو.

● دَغا ۽ دَغائُون: ث. (ف. ع) ٺڳي - دلبو - دولاب - ڌوهو - ڌوڪو - دوڪو - دم - مڪر - فريب - ڪوٽ - ڪُپت - ڪُڌت - چِلُ - ڊوهہ - ويساهہ گهاتي - بي ايماني.

- دَغابازُ ۽ دَغابازَ: ذ. دغا ڪندڙ - دولاب ڪندڙ - دوکيباز - دلبو ڏيندڙ - ڌوڪيباز - دغلباز - دغائي - فريبي - ڪُپتي - ڊوهي. چِلُبازَ - مڪار. بي اعتبار.

- دَغا ڏِيَڻُ: ڌوڪو ڏيڻ - ٺڳي ڪرڻ - انجام ڪان ڦرڻ - وعدو ڪري ڦري وڃڻ - اصل شيءِ جي بدران بي شيءِ ڏيڻ.

- دَغا ڪَرَڻُ: ٺڳي ڪرڻ - فريب ڪرڻ - دولاب ڪرڻ.

- دَغا کائِڻُ: شڪ ٿيڻ - گمان اچڻ.

- دَغائي ۽ دَغائي: ذ. صفت. دغاباز - ڪوڙو - ڪُڌو - ڪُپتيو - داغ يا چِرَ لڳائڻ جي آجرت.

● دُغاڙو ۽ دُغاڙا (ت): ذ. صفت. جهَٽُ - جهَپُ - سُوٽو (ٻيڙي يا حقي جو) - ڪَشُ - چالاڪي.

- دُغاڙا هَڻَڻُ: حُقي جا وڏا سُوٽا هڻڻ - وڏا ڪَشَ پرڻ.

● دُغامُون (ت): ذ. ڪهوڙي جو هيٺاهون ٻند - دُگامون.

Gul Hayat Institute

▬ دَغدَغَا: هڪ قسم جي چوٽي ڦنڊيل - روشن - چمڪندڙ.

● دَغدغه=(ع) خوف - هراس - ڊپ. وڳوڙ - فساد - بکيڙو - خلل - بي آرامي. ڪيتڪيتائي.

● دَغزو ۽ دَغزا: ذ. پڪين ڦامائڻ لاءِ ڪاٺين ۾ ڪتل چاري.

● دَغَلُ دَغَلَ: ذ. (ع) مڪرُ - فريب - دغا - دولاب. ويساهه گهاتي. گوشت جو يا ڏونري جو ٽڪر - دڳل (ت).

▬ دَغلبازُ ۽ دَغلبازَ: ذ. صفت. دغاباز - ٺڳ ڏوکيباز - فريبي.

▬ دَغلبازُ ٿيڻُ: ٺڳ ٿيڻ - دغا ڪرڻ.

▬ دَغلبازي ۽ دَغلبازيون: ٺڳي - کوڙو - ڪپٽ - ريبُ - فريب - دغابازي - ويساهه گهاتي.

▬ دغلي ۽ دَغليون: ث. دغلبازي.

● دُغلو ۽ دُغلا: ذ. [ف] جنهن جو پيءُ ماءُ هڪ قوم مان نه هجن - گهٽ گهراڻي وارو - ڪم ذات - ڪمينو.

● دَفُ ۽ دَفَ: ذ. (ف) وڄائڻ جو هڪ ساز - ڪنجري - ڪنجري - دَقُ. سمهڻ وقت اوڍيل اوڇڻ (رلي - ڪنٿو، لوئي، بلازڪيٽ، سوڙ، رضائي وغيره).

▬ دَفائي ۽ دَفائي ذ. صفت. ڪنجري وڄائيندڙ - ڪنجري وڄائيندڙ - ٻاليدي - دَقائي.

● دُفُ ۽ دُفَ: صفت. دُق - چٽُ - نابود - ناسُ - ويرانُ - اجڙ - تابان - برباد - ختم. وڃايل - بگاڙيل - پيلاڙيل - نقصان ڪيل.

▬ دُفُ ڪرڻُ: وڃائي ڇڏڻ - چٽُ ڪري ڇڏڻ - برباد ڪرڻ - ويران ڪرڻ - ناس ڪرڻ - اجڙ ڪرڻ.

● دَفترُ ۽ دَفاترُ: ذ. (ف) آفيس جا ڪاغذ - حساب ڪتاب جا ڪاغذ - ڏيتي ليتي جا ڪتاب. رڪارڊ - چوپڙا. ڪاغذن جو بنڊل. دفتر رکڻ جي جاءِ - آفيس. آها جاءِ جتي حساب ڪتاب ڪيو وڃي. وڏو ڪتاب. ڊگهي ڳالهه - داستان - بيان. جيئن

"هُن جو دفتر ڪير پڙهندو."

▬ دَفترِ اعمالُ: ذ. اعمالن جو ڪتاب. زندگيءَ جي ڪارنامن جو احوال - اعمالنامو - اهو ڪتاب جنهن ۾ عمل لکيا ويا هجن.

▬ دَفتربندُ ۽ دَفتربند: ذ. صفت. دفترخالي جو سنڀاليندڙ - دَفتري - دفتردار.

▬ دَفترخانو ۽ دَفترخانا: ذ. دفتر رکڻ جي جاءِ - آفيس.

▬ دَفتردارُ ۽ دَفتردارَ: ذ. صفت. دفتر سنڀاليندڙ. ڪليڪٽر يا ڪمشنر جي ٻاران زمين وغيره جو ڪم ڪندڙ - ڪليڪٽر جو مددگار.

▬ دَفتر ڪُتا ڪٽبي وَڃڻُ: عقل ڇڏي وڃڻ - مت ڪنجي وڃڻ - سڀ ڳالهيون وسري وڃڻ - رواج ناس ٿي وڃڻ.

▬ دَفتر نويسُ ۽ دَفتر نويسَ: ذ. صفت. مُنشي - ليکڪُ - لکندڙ. ڪتاب لکندڙ.

▬ دَفتري ۽ دَفتري: ذ. صفت. دفتر جو - دفتر وارو. دفتر سنڀاليندڙ - دفتر ۾ داخل ڪرڻ يا لکڻ جو ڪم ڪندڙ. دفتر بند. آفيس جي عملي ۾ چپراسي ۽ ڪلارڪ جي وچ وارو عهدو - دفتر کي سنڀالي ترتيب سان رکڻ وارو.

▬ دَفتري ۽ دَفتريون: ث. ٿلهو ڪاغذ - پانو - جلدن ٻڌڻ ۾ ڪم ايندڙ ٿلهي ڪاغذ جو قسم - گتو. ڦڙڪو.

● دَفعُ: ظرف. (ع) پري - دُور - دَفانُ - الڳ. ختم - پورو - چٽُ - ناس - دَقُ. بچاءُ - نفرت - ڪراهت - ڌڪار. شڪست - هار. ناهُ - قوت - ڦيٽاڙو - ياڄ.

▬ دَفعُ الوَقتُ: ظرف. وقت ٽارڻ - ٽال مٽول ڪرڻ - حيلا بهانا ڪرڻ - وقت ٽپائڻ - موقعي کي ٽارڻ جي حالت.

▬ دَفعُ ٿيڻُ: پري ٿيڻ - دور ٿيڻ - هٽڻ، چٽُ ٿيڻ - ناس ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- دَفع ڪَرَڻُ: پري ڪرڻ - هٽائڻ - روڪڻ - ٽارڻ - ڪم ڪرڻ - دور ڪرڻ - پَڇائڻ - ھوٽني هٽائڻ - گُسائڻ. لاهڻ - آجو ڪرڻ. ناس ڪرڻ. چِٽُ ڪرڻ.

● دفعتاً: ظرف. [ع. دفعة = اوچتو] هڪ ئي دفعو - يڪبارگي، اچانڪ - ناگاهه - اوچتو - يڪدم - فوراً - ناگهان.

● دَفعو ۽ دَفعا: ذ. [ع. دَفعه = هڪ ڀيرو] هڪ ڀيرو. ڀيرو. گهمرو - وارو - ڦيرو. وَلو - گهُمِٽار - چَڪر - وَرُ - ڏ رائو - گردش - وَڪڙ. دَمُ - نوبت - دَوَر - پورُ - وقت - ويلو - ٽائو - ويرم - سَمو - ايام - زمانو - وِير - صاحبي - ايامڪاري. قانون جو فِقره يا نمبر - قانون جي قاعدي جي حد جو فقره - قلم - جيئن "دفعي فلاڻي موجب سزا ڏجي ٿي". درجو - جماعت - سَيا - ڪَلَرُ - چالڪ - وَلَرُ - دستو. ميڙ. ماڻهوءَ جو جسم - تن - بدن - جُسو. ذات - جنس - فِرقو.

- دَفعدارُ ۽ دَفعدارَ: ذ. صفت. هڪ درجي (جماعت) جو آفيسر - سپاهين جي ننڍي جٿي جو عملدار - پوليس ڪاتي جو سوار - گهوڙي سوار - پوليس هيڊ ڪانسٽيبل - جمعدار.

- دَفعي دَفعي: ظرف. هر ڀيري - ڀيري ڀيري - ڦيري ڦيري - گهمري گهمري. هَرهَر - گهڙي گهڙي - واري واري سان - وري وري. هر هميشه - هردم.

● دَفِنَڻُ: مصدر. [ع. دَفنَ = هن پوريو - ڏَڪيو] پُورڻ - لڪائڻ - ڍَڪڻ. مڙدي کي زمين ۾ ڍڪڻ - بند ڪرڻ - دَٻڻ.

- دَفنُ ۽ دَفنَ: ذ. زمين ۾ پورڻ جي حالت - پُورُ - ڍَڪُ. صفت. ڍڪيل - لڪايل - گُجهو.

- دَفناڻِڻُ: مصدر. قبر ۾ پورڻ - دفن ڪرڻ - لٽائڻ.

- دَفنَ ٿيڻُ: پُورجڻ - زمين ۾ بند ٿيڻ - مرڻ.

- دَفنَ ڪَرَڻُ: زمين ۾ پورڻ - قبر ۾ رکڻ. ڪفن ۾ دفن ڪرڻ.

- دَفِينُ ۽ دَفِينَ: ڍڪيل - پوريل - زمين ۾ داخل ڪيل.

- دَفِينو ۽ دَفِينا: ذ. پُوريل - دفن ڪيل - لڪل خزانو - دَٻايل مال - پوريل ناڻو - پوريل مال - گُپت ڌنُ.

● دَفُ ۽ دَفَ: ذ. [ع. دَفّ = دفُ] ساز جو هڪ قسم - دُهلَ جو قسم - ننڍو طَبلو. ڏِڦ - ڏِڦر - سَٽي - سَٽو. سمهڻ وقت اوڍڻ جو اوڇڻ - ٻه ٽي رليون گڏي اوڍيل - ٻه ٽي ڪپڙا گڏي اوڍيل.

- دَقُ دَقُ: ذ. دقَ جو آواز.

- دَقُ ڪَرَڻُ: هڪٻئي مٿان ٻه ٽي رليون اوڍڻ ته ٻاهرين هوا نه لڳي ۽ بدن گرم رهي.

● دِقِ (ڪ): ذ. پرت جو هڪ قسم.

● دُقُ ۽ دُقُ: صفت. سُڃَ ٿيل - تباهه ٿيل - چِٽُ ٿيل - دُفُ. غبار - رائو - ڪارهن (ت). نشان - داغ (ت).

- دُقَ ٿي بَندُ وڦُون چوڙَڻُ: خاطريءَ ڪانسواءِ ڪا ڳالهه چوڻ يا ڪا راءِ قائم ڪرڻ - ڏاهي تي ڪم ڪرڻ - ڌُڪا هڻڻ.

- دُقُ ڪَرَڻُ: لُٽي ڇڏڻ - ضايع ڪرڻ - آڏائي ڇڏڻ - چٽ ڪري ڇڏڻ - فضول خرچڻ - خلاص ڪرڻ - اجايو وڃائڻ.

● دُقانُ ۽ دُقانَ (ت): ذ. [ع. طوفان جي بگڙيل صورت] دوقان - طوفان.

● دَقُرو ۽ دَقُرا [ل. ڪ]: ذ. صفت. ٿُلهو - مَٽارو - ٻرتو. (ث. دَقُري ۽ دَقُريُون).

● دَقِري: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَقِڙڻُ: مصدر. ڦٿڪڻ - تڙڦڻ - تڙڪڻ.

● دَقِڙو ۽ دَقِڙا: ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار - ٻيڙيءَ جو جهلو.

● دُقَڪُ ۽ دُقَڪَ: ذ. پري کان نظر ۾ ايندڙ ڪو جسم، جو سُڃاڻي نه سگهجي (ل). آوندهه - غُبار - ڌُنڌُ (ل). جيئن "اڪين اڳيان رکي دُقَڪَ پئي ڏسجي". پَرڇٽ - غيرحاضري (ل).

- دُقَڪ سَودو: ذ. بنا شَيئن ڏسڻ جي سَودو يا مَٽا سَٽا.

Gul Hayat Institute

● دِقڻ (ل): تنگ ٿيڻ. جيئن "تو تـه مون کي مٿيءَ مان دِقي ڇڏيو آهي."

● دَقو ج دَقا: ذ. سخت هوا - طوفان - آنڌي. واچ. هير. ڇوڪرين جي راند جو هڪ قسم (ٿ).

● دُقي ج دُقيون (ک): ث. ڪاري جي رڇ جو هڪ عضوو (ڪاٺ جا ٽڪرا جي (مٿاڙ) جي چوٽيءَ جي مٿان پڌل ۽ پاسيءَ ۾ ٽري پيهندا آهن).

● دَقپلو ج دَقپلا: ذ. ڪنهن وهندڙ پاڻيءَ جو (اونهائيءَ ۾) وڃي وري مٿي اچڻ ۾ ٽيل وٽ، وَڪڙ وغيره.

● دِقُ: صفت. [ع. دَقَّ = هن ڪُٽيو - ڪُٽي سنهو ڪيو] سنهو - اپرو - سوڪيم - نازڪ. (ذ). پراڻو تپ - بخار جو هڪ قسم جنهن ۾ ماڻهو اپرو ٿي آخر مري وڃي - سِلهه. صفت. تڪليف ۾ آيل - هلاک - پريشان - ڪَڪُ - تنگ - بيزار - آزرده - وياڪُل - رنجيده - ناخوش.

- دِقُ تَپُ: ذ. گهڻو وقت هلندڙ تَپُ - سنهو بُخار - وڏو تپ - سِلَهه جو تپ.

- دِقُ ٿيڻ: دِق مرض جو شروع ٿيڻ. تنگ ٿيڻ - عاجز ٿيڻ - بيزار ٿيڻ - ڪَڪ ٿيڻ.

- دِقُ ڪرڻ: ڪِڪ ڪرڻ - تنگ ڪرڻ - حيران ڪرڻ - هلاک ڪرڻ - بيزارڪرڻ - پريشان ڪرڻ - ستائڻ - ڏکوئڻ - آزارڻ - ڏک ڏيڻ.

- دَقائِقُ ج دقائِقَ: ذ. [ع. دَقِيقَةٌ = منٽ] دقيق جو جمع - باريڪ يا سنها نڪتا. مِنٽُ.

● دِقّتَ ج دَقّتون: ث. [ع] سنهائي - باريڪي. مشڪلات - ڏکيائي - تڪليف - تنگي - بي آرامي - وياڪلتا - پريشاني - بيزاري - ڪپت - هلاڪي. مصيبت - زحمت.

- دَقيقُ ج دَقيقَ: صفت. باريڪ - پتلو - سنهو. نازڪ - ڪومل - سوڪيم. تمام ٿوري شيءِ - ذرو. مشڪل - ڏکيو - ڳوڙهو - منجهيل.

- دَقيقو ج دَقائِقُ: ذ. باريڪ نڪتو. مشڪل مسئلو. ڪلاڪ جو سٺيون حصو - مِنٽُ.

● دَقيانوسُ: اسم خاص. هڪ ظالم، بُت پرست، جابرُ ۽ تمام پراڻي بادشاهه فارس ۽ عرب جو ٿالو، جنهن جي خوف کان اصحاب ڪهف پنهنجو شهر ڇڏي، جبل جي غار ۾ وڃي لڪا هئا. صفت. نهايت پراڻو - پراچين - جهونو - اڳئين وقت جو - ڪُهنو. تمام پوڙهو - وڏيءَ عمر وارو.

- دَقيانوسي: ذ. صفت. تمام پراڻو - پراڻي زماني جو - آڳاٽو. قدامت پسند - پراڻن خيالن وارو.

- دَقيانوسي خَيال: ذ. پراڻا خيال.

● دَڪ: ذ. جنديءَ جي ڪم جو هڪ اوزار.

● دُڪانُ ج دُڪانَ: ذ. (ف) سودي وڪڻڻ جي جاءِ - واپاري جي ڪوٺي - هٽُ - هٽي - ڇاپَ - شاپَ هنر واري جو هٽُ (دُخان - دُڪاڻ. بگڙيل صورت ۾).

- دُڪانَ جي ڪَڏَ: ث. ڪوريئڙن جي اوزارن هيٺان وڏي کڏ، جنهن ۾ پير لهي وڃن.

- دُڪاندارُ ج دُڪاندارَ: ذ. صفت دڪان هلائيندڙ - دڪان جو مالڪ - هٽَ وارو - دڪان وارو.

- دُڪانداري ج دُڪانداريون: ث. دڪان جو ڪم - سودو واپار - ڏي وٺ - خريداري - وڪرو - واپار - ڏيتي لهتي - ڪِرت.

- دُڪانُ کولڻ: وڪڻڻ جون شيون کولي رکڻ - دڪان کيڻ - هٽُ کولڻ.

- دُڪانُ لڳائڻ: دڪان کولڻ - دڪان کيڻ.

- دُڪانُ وڌائڻ: وڪڻڻ جون شيون بند ڪري رکڻ - دڪان بند ڪرڻ.

- دُڪانُ هلڻ: خوب وڪرو ٿيڻ - چڱيءَ طرح ڏنڌو هلڻ.

- دُڪاني ج دُڪانيون: ث. لنڍڙو هٽُ - هٽاڙي. ڪاري جي وڏي پيڙي (واڻ) جو هڪ پاڳو ۽ پاڇيل طرف.

● دُڪاني ج دُڪانيون: ث دَڪي.

● دَڪڙَ ج دَڪڙَ (ڪ.ل): صفت. ميناج ڪانسواءِ - بي مواد - بي سود.

Gul Hayat Institute

● دَڪ دَڪِ: ث. [ع. دَقُ دَقُ] دل جي هلڻ جو آواز - ڌَڪ ڌَڪ - دَهڪو. ڌَآنُ ڌَانُ (مٽي جي) - ڌَوُنُ ڌَوُنُ (لوندڙيءَ جي).
- دَڪدَڪ ڪَرَڻُ: ڌَوُنُ ڌَوُنُ ڪرڻ - ڌَانُ ڌَانُ ڪرڻ - دَهڪو ڪرڻ. ڌَڪڻ - ڦٿڙ ڪَڻ.
- دَڪِدَڪو ۽ دَڪِدڪا (ت): ذ. ڳڻتي - آلڪو - خيال - فڪر. آسرو.
● دِڪ دِڪ (ک): ذ. (آواز) ٻاڪِيَنِ جو لفظ - پنهنجو مال پٺي مال ڪان ڌار ڪرڻ جو آواز.
● دَڪَلُ ۽ دَڪَل: ذ. گلاس جو هڪ قسم - شيشي جو هڪ قسم.
دَڪُو ۽ دَڪا: ذ. لوڏو - ڌوڏو - ڌَڌڪو - جهٽڪو، ڌَڪُ - صدمو - دِلِ جي چوٽَ - چَپَٽُ - ڪنٻُ.
● دِڪو ۽ دِڪا: ذ. جاءِ اڳيان ٿلهي ٿڪر - ٿلهو. سامان وغيره (گاڏي يا جهاز مان) لاهڻ جو هنڌ - زمين جو مٿاهون ٿڪر.
● دُڪو ۽ دُڪا: ذ. [سن. دُوِڪ] وزن جو هڪ قسم - رپئي برابر تور جو هڪ وزن - تولو - ۱۲ ماسا (تولي جيترو مُڪَڻَ جو ذرو (جو ننڍڙي ٻار کي کارائجي).
- دُڪو ڏِيڻُ: ٻار کي مقرر وزن جو مَکَڻُ کارائڻ.
- دُڪو کارائڻ: ننڍي ٻار کي مکڻ جو ذرو کارائڻ.
- دُڪي جي نِنڊَ: ٻار جو دُڪو کائي سمهي پوڻ.
- دِڪِيُ ۽ دِڪيُونُ: ث. مٽيري سندريل زمين جو ڪجهه حصو - ٿلهيُ - ٿلهو. چاڙهيءَ جو ڏاڪو. آسڻ. چبوترو - دُڪاني - آگاسي. دِٻَ - دَڙِيُ - ڏنو - ٽپو.
● دُڪَهُ: ذ. ارڙهن ماسا.
دُکِيُ ۽ دَکِيُونُ: ث. [سن. دِوِ: ف. دُ = ٻ] تاس جو هڪ پتو - ٻن داڻن وارو پتو - ٻِکَ - ٻِکِيُ.

● دِکِيَرَڻُ: (ل): مصدر. ڌار ڪرڻ - جدا ڪرڻ. جيئن "اڄ اسان پنهنجو مال قاسم جي مال دکيري ورتو آهي."
● دَکُ ۽ دَکَ: ذ. وڏو - قداور - ڳرو - ٿلهو، مگر بيڪار، نڪمي ٽولهه وارو - بيوقوف. ٻوڙهو - جهڳور (ت).
دَکُ ٻلو: موٽو مٽارو ٻلو - ٽاهو ٻلو.
● دِکَ ۽ دِکُونُ (ت) ث. باهه - آگ.
● دُکُ ۽ دُکَ: ذ. [پرا. دُکَّ. سن. دُهک]. درد - پيڙا - آداب - ڏک - عذاب - ڪَشَٽُ - سور. رنج - افسوس - غم - ارمان - ٻَرو - گُوندر - شوڪ. ڪشالو - جاکوڙ - محنت - دَرُد سَرِي. مرض - بيماري. اهنج - تڪليف. آلڪو - انتظار - اشارو - خبر.
- دُکائتو ۽ دُکائِتا: ذ. صفت. دُکَ وارو - سورائتو - ڏکويَلُ.
- دُک ڀوڳَڻُ: تڪليف سهڻ - دُکُ سهڻ.
- دُک دَائِڪَ: ذ. صفت. ڏک ڏيندڙ - صدمو پهچائيندڙ - ڏکارو - سورائتو - ڏکوئيندڙ - مشڪل ڏکيو - ڏکَ ڀَريو.
- دُک دَائِيُ: ذ. صفت. دک دائڪ.
- دُک ڏِسَڻُ: تڪليف ڀوڳڻ - پيڙا ڏِسڻ - ڪشالو ڏسڻ - جاکوڙا ڪرڻ - درد سَرِي ڪرڻ - عذاب ڀوڳڻ. ڪَشَٽُ سهڻ.
- دُکُ ڏِيَڻُ: تڪليف پهچائڻ - ستائڻ. آزارڻ - ايذاءُ پهچائڻ.
- دُکِڙو ۽ دُکِڙا: ذ. "دُکُ" جو اسم تصغير.
- دُکُ سُکُ ۽ دُکَ سُکَ: ذ. تڪليف ۽ راحت - عذاب ۽ خوشي - غم ۽ خوشي - رنج ۽ گنج - رنج ۽ راحت. محنت ۽ آرام - ڏک سُکُ.
- دُک لَڳَڻُ: مصيبت پوڻ.
- دُکِيُ ۽ دُکِيُ: ذ. صفت. ڏک وارو - ڏکِيُ - ڏکيو - ڏکويل - ڏکايل - غمگين. پيڙا م - مصيبت زده - درد مند - سُورائتو - عذابي. آرهو - رَنجيده - ناخوش - ناراض. پريشان - بيقرار - ڏُتڙِيَل. بيمار - مريض - آگهو.

Gul Hayat Institute

- دُکيارو ۽ دُکيارا: ذ. صفت. دُکي. (ث. دُکياري ۽ دُکياريُون).
- دُکيءَ هُجڻُ: رنجيده هجڻ - نهايت تڪليف ۾ هجڻ. مريض هجڻ - روڳي هجڻ.
- دُکيو ۽ دُکيا: ذ. صفت. دُکي.
● دُڪانُ ۽ دُڪانَ: ذ. ["دُڪان" جي بگڙيل صورت] دڪان - دخان - دڪڻ. ذ. ڪوريءَ جي آڏائي واري ڪنڌ. (ث. دُڪاني ۽ دُڪانيُون).
● دُڪاڻُ ۽ دُڪاڻَ: ذ. [ف. "دُڪان" جي بگڙيل صورت] دُخان - دڪان - هٽ - دُڪان. ڪنهن ڪاريگر (جهڙوڪ لوهار، واڍو، موچي وغيره) جي ڪم ڪرڻ جو هنڌ. ڪوريءَ جي آڏائي واري ڪنڌ.
- دُڪانيُ ۽ دُڪانيُون: ث. ننڍڙو دُڪان - دُڪاني - هٽڙي. دِکي - ٽليهي - ٽڙي. پيڙيءَ ۾ هڪ هنڌ ويهڻ جي جاءِ. جبل جو متانهون ياگو - آتوڙي (ڪ).
● دُڪائڻُ: مصدر. ذ. [سن. ڌُکش = دُکائڻ] باهه کي جاڳائڻ - ڏکائڻ - جلائڻ - ٻارڻ - مچائڻ (باهه). وَزمُ دُکائڻ - دونهون دکائڻ - حقو چِڪڻ. واسڻ - واسُ - ڌوپ ڪرڻ. چورڻ - جاڳائڻ - آٿارڻ - آيارڻ. هوشيار ڪرڻ - سجاڳ ڪرڻ - جوش ڏيارڻ - پڙڪائڻ. جهيڙو ڪرائڻ - ويڙهائڻ - چيڙڻ.
● دَکَرُ ۽ دَکَرَ (ڪ): ذ. دِڳُ - دِيرُ.
● دَکَنُ: ذ. [سن. داکشِڻ = ڏکڻ] هڪ طرف جو نالو - ڏکڻ - جنُوبُ. ڏکڻ هندستان. هندستان جو هڪ علائقو "دکن هندستان".
- دَکنيُ ۽ دَکنيُ: ذ. صفت. دکن جو - دکن وارو. ڏکڻ وارو - جنُوبي - ڏکڻ هندستان جو رهاڪو.
● دَکينو ۽ دَکينا (ل): ذ. صفت. چوتڙو ۽ تلهو متارو - ڦُڙُت.
● دَکينيُ ۽ دَکينيُ: ذ. تتر جو هڪ قسم (ڳاڙهو رنگ، اڇا چِٽا). وڏو ۽ پهلوان ڪڪڙُ.
● دُکَنُ ۽ دُکَنَ (ت): ذ. [ف. دُڪان = هَٽُ] ڪاريگرن جي ڪم ڪرڻ جو هنڌ - دُڪاڻ - دخان. ڪورين جي اصطلاح ۾ آڻاوت جي اوزارن جي هيٺين ڪنڌ.
● دُکَڻُ: مصدر. [سن. ڌُکُشَ = دُکڻ. سن. دَهُ] پوريءَ طرح باهه لڳڻ سبب دونهون اکرڻ. ٻرڻ - جاڳڻ - سڙڻ - کامڻ - ٻچڻ - ٻچرڻ - تپڻ. [سن. دُهک = ڏک] ايذاءُ ٿيڻ - دک ٿيڻ - ڏکڻ - ايذاءُ ڪرڻ - درد جڻ. شروع ٿيڻ - جاڳڻ - هوشيار ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.
● دُکوئڻُ: مصدر. [سن. دُهکَ = ڏکڻ] ڏک ڏيڻ - ڏکوئڻ. ايذائڻ - تڪليف ڏيڻ.
● دَکيُ ۽ دَکيُون: ث. ٽڪر جي ٿانءُ جو هڪ قسم - ننڍو ڪنگرُ - لوٽو ٽڪر جو - ٽيپو - لوٽيُ - ٽيپيُ - چؤنري (ٽڪر جي) - لاٽَ.
● دَکُ ۽ دَکَ (ت): ذ. دڳ - رستو - واٽ.
● دُڳاڙو ۽ دُڳاڙا (ت): ذ. حقي يا ٻيڙيءَ جو ٽڪڙو ۽ وڏو سُوٽو - وڏو ڪشُ - وڏي ڦوڪَ.
- دُڳاڙا هڻڻُ: ٻيڙي وغيره جا وڏا سُوٽا هڻڻ - ٻتاڪُون هڻڻ - ڍنگ ڍاهڻ.
● دُگامُ ۽ دُگامَ: ذ. [سن. دُوَ = ٻه + گمُ = هلڻ] گهوڙي جو ڏکيو پنڌ. ڊُگَ - ڊُگام - ڊوڙ - ڊاڪرُ - ڊُڪَ - ڀاڄَ.
- دُگامو ۽ دُگاما: ذ صفت. ڊِگُ ۾ هلندڙ گهوڙو - ٻيٺيون وکون هلندڙ گهوڙو - ڊوڙ هلندڙ گهوڙو.
- دُگامُون: ذ. صفت. دُگامو.
● دگانا: [ف. دو = ٻه + گانہ = ٻيرو - دفعو] ٻه دفعا - ٻه نفل - نفل جون ٻه رڪعتون.
● دُگجو ۽ دُگجا: ذ. پکين ڦاسائڻ جو رَڇُ.
● دُگدُگيُ ۽ دُگدُگيُون: ث. زناني زيور جو هڪ قسم (جو ڳچيءَ ۾ پائجي). دُهري ۾ ٻيل دُگليُ - دگدگي - ڪڙي - ڳلو - حلقُوم - سيني جي هڏي - سيني ۽ ڳچيءَ جي وچ واري ڪنڌ.
● دَگدُ ۽ دَگدَ: ذ. [سن. دَگدَهُ: دَهُ = ساڙڻ] چار - رَکَ - راک - خاڪ - چاري - ڦلهيار.

Gul Hayat Institute

● دِگَرُ: صفت. (ف) ٻيو - غير - ڌاريو.
- دِگِرانُ ۽ دِگِرَانَ (ت): ذ. صفت. ٻيائي رکندڙ - اندر جو ميلو - ڪينو وارو - دغاباز - ٺڳ. ڪميڻو. بُغضي.
- دِگَرُبار: ظرف. ٻئي وقت - ٻئي گهمري - ٻئي ڀيري.
- دِگَرُ پيشُ ڪَرَڻُ (ت): ضد ڪرڻ - بهانو ڪرڻ.
- دِگَرُ پيشيُ ڪَرَڻُ (ت): ضد ڪرڻ - وڙهڻ.
- دِگَرُگُون: صفت. ٻئي رنگ جو - رنگ بدليل. اُلٽ پُلٽ.
- دِگَرُگُونُ ٿيڻُ: بدلجي وڃڻ - هيٺ مٿي ٿيڻ - ٻيءَ حالت ۾ اچي وڃڻ.
- دِگِروُ ۽ دِگِرا (ت): ذ. صفت. دِگِرَانُ.
● دِگِرَانُ (ت): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. (تمام سهڻو ٿئي، چون ٿا ته سندس کنڀن جي چٽن مان قرآن شريف جي ڪن لفظن جو گمان ٿئي ٿو).
● دُگُنو ۽ دُگُنا: ذ. صفت. [ف. دُو = ٻه + گُنا = دفعا] ٻيڻو - ٻٽو - ڏهرو
"دگنا دام دلبر جا، وڃهن ڪُونڊَرَ ۾ ڪجلو" (ڪنڀار).
● دِگو ۽ دِگا: ذ. حڪم - آگيا - فرمانُ - ارشاد. اختيارُ. وَسُ - سَنَدَ - پرماڻ - دِڳو. زور - ٻل - طاقت - قوت - زُور - سگهه. چئوهه - ڏاڍ. ڏاڍائي.
● دَڳُ ۽ دڳ: ذ. شاهي رستو - وڏو رستو - مکيه لنگهه - سڙڪ - گهاٽو - رَنڌُ. واٽَ - راهَ - پَنڌُ - پيچرو.
- دَڳُ ڀُلجَڻُ: رستو ڀلجڻ - ڀٽڪڻ - گمراهه ٿيڻ.
- دَڳُ ڇڏِڻُ (ت): ڀُلجي وڃڻ. رستو ڇڏڻ - دوستي ڇڏڻ.
- دَڳُ ڏيکارَڻُ: رستو ڏيکارڻ - رستي لائڻ - رهبري ڪرڻ - واٽَ ٻُڌائڻ.
- دَڳُ سهيي ڪَرَڻُ (ت): احوال معلوم ڪرڻ - ارادو معلوم ڪرڻ - ارادو سمجهي وڃڻ.
- دڳُ لائِڻُ: واٽ ڏيکارڻ - سونهون ڪرڻ - نيڪ صلاح ڏيڻ - واٽ لائڻ. ڏس ڏيڻ - هدايت ڪرڻ - رهبري ڪرڻ - سمجهائڻ.
- دَڳُ لائي ڇڏَڻُ: ٺڳائڻ - ڌوکو ڏيڻ - ڀُرڻ "تو جهڙا هُنَ ڪيترائي دڳ لائي ڇڏيا."
- دَڳُ وٺائِڻُ: رستو وٺائڻ. روانو ڪرڻ. دربدر ڪرڻ.
● دِڳُ ۽ دِڳَ: ذ. [س. دِگڌُ = دِڳُ] ڄميل شيءِ جو ٽڪرُ - چڪو - ڳِپَلُ - ڳنڍو - ٻوڙو - چاپوڙو - روڙو. ڍِڳ - ڍِيرُ (سڻيءَ جو). ڏُونري جو (چڪو). آٽ - دوڳ. وڏو ڪانگهارو. ماسَ جو ٽڪر.
● دُڳِدگِيُ ۽ دُڳِدُگِيئُونُ: ث. زيور جو هڪ قسم - ڏهري ۾ پيل دُڳلي. ڏسو "دگدگي".
● دَڳِڙُ ۽ دَڳِڙَ (ل): ذ. اڳڙي - وڏي اڳڙي - وڏو ٽڪُر.
- دَڳِڙ دُليِ: ث. ٿُلهي متاري.
● دڳِلُ ۽ دَڳِلَ: ذ. [س. دَڳِڌُ = دِڳُ] ڪنهن شيءِ جو ٽڪر - گوشت جو ٽڪر - ڳِپلُ - وڏو ٽڪُر.
● دُڳِلوُ ۽ دُڳِلاَ (ل): ذ. دُهريءَ جو پَٽلو - دڳڳي. (ن). صفت ڇوٽڙو ۽ ٿلهو متارو. (ث. دُڳِلِيُ ۽ دُڳِليونُ).
● دِڳو ۽ دِڳا: ذ. حُڪم - فَرمان - ارشاد. اختيار - زور - طاقت - جَبَرُ - جَمَتِ. جيئن "توُن وري ويٺو آهين. دِڳو جمائڻ." آسرو - پِروسو "تنهنجي پالڻهار جي دِڳي سان." ڏاڍُ - دِڳو.
- دِڳو جَمائِڻُ: اختياري يا حڪومت جو بنياد وجهڻ - حڪم هلائڻ. زور مان مالڪ بنجي ويهڻ - رعب تاب رکڻ.
- دِڳهدارُ ۽ دِڳهدارَ: ذ. صفت. حاڪم - فرمانروا - راڄ ڪندڙ - حڪومت ڪندڙ - سردار - واليِ. ليڪڙو - فتيل.

● دِڳو دِڳو ڪَرَڻُ (ت): دڙڪا ڏيڻ.

● دَلَ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ تعلقي ڏکڙيءَ ۾ دِيهن جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

● دَلُ ع دَلَ: صفت. [سن. دَلَ = دِڳُبُ] گھڻو- جهجهو- جام- مَڻو- زياده- ٻَهڳون- وافر- تمام گهڻو- تمام جهجهو- آڪِيچار- بي شمار- بي اَنتُ- بي انداز- اَيلَ چيِپَلَ. (ذ). کوڙُ- دِڳُبُ- انبار- ميڙُ. ڪڪرن جو جهڳٽو- جيتن جو ميڙ- ساهه وارن جو انبوهه. گهڻو لشڪر- وڏي فوج- لشڪر- فوج- ڪَٽَڪُ- آڙُدُ- سيُنا- هشام. (چون ٿا ته دنيا ۾ ڪل اڍائي دل آهن. جنمان هڪ دَلُ مَڪڙن جو، ٻيو دَلُ ماڪوڙين جو ۽ اڌ دَل آهي باقي سمورن ساهوارن جو). تُلسيءَ جو پَنُ. ڪورين جي هڪ اوزار جو نالو (پنج فوٽ کن ڊگهو رسو جو پيڻ ڪندي تاڃيءَ جي مُنڍ ۾ مُنيءَ سان ٻڌل هو آهي). اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دَلَ: ذ. [سن. ڍيلا = اڪ جو تارو] اڪ- تارو.

● دَلّ: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ دِيهه جو نالو.

● دِلِ ع دِليونُ: ث. (ف) بدن جي هڪ رئيس عضوي جو نالو (جنهن جو ڪم آهي سڄي بدن ۾ رت پهچائڻ). قلب- هِردو- مَنُ- هِيانءُ- هِيُونُ- جگر- سينو- چِتُ- باطِنُ- اندرُ- منجهُ. هانُوُ. هِمّت- شُجاعت- دليري- طاقت- بهادري- جرئت. مرضي. خيال- راضپو- خواهش- مُنِ- ارادو- مطلب- مَنشا- نيّت. جيئن "منهنجي هينئر هلڻ تي دل ڪانهي". ڌيان- حوصلو- تَوَجُّه- رُخُ.

▬ دِل آب ٿِيَڻُ: ڀتو پاڻي ٿيڻ، دل نرم ٿيڻ- ارمان ٿيڻ- تمام گهڻو ڏُک ٿيڻ.

▬ دِلِ آرا: ذ. صفت. [ف. آراستن = سينگارڻ] دل کي وڻندڙ- دلبر. پريتم- پيارو- جاني- معشوق- محبوب- دِلِ گهُريو- دِلپَسند.

▬ دِل آرامُ ع دل آرامَ: ذ. صفت. دل کي آرام ڏيندڙ- دل کي راحت ڏيندڙ. پيارو- محبوب- مَنٺارُ- دِلِ ٺاريندڙُ.

▬ دِل آزَارُ ع دِل آزَارَ: ذ. صفت. دل دکائيندڙ- تڪليف ڏيندڙ- ڏک پهچائيندڙ- ظالم.

▬ دِل آزَارَڻُ: ڏکوئڻ- ستائڻ- تڪليف ڏيڻ.

▬ دِلآزَارِيُ: ث. ظُلم- سِتَم- ايذاءُ- رَنجُ.

▬ دِل آزُارُ: ذ. صفت. ناراض- ڪاوڙيل- رنجيده- ناخوش.

▬ دِل آوِيزُ: ذ. صفت. دل کي وڻندڙ- دلپسند.

▬ دِل آٿَڻُ: موج ۾ اچڻ- وَجُدَ جي حالت ۾ اچڻ- سُڌِ هئڻ- چاهَتَ هئڻ، ڪنهن ڪم لاءِ هڪدم تيار ٿي وڃڻ. چريو ٿيڻ.

▬ دِل آٿَڻ يا آٿِيُ وَڃَڻُ: بيزار ٿيڻ- محبت يا پيار نه رهڻ.

▬ دِل آنُڪائِڻُ: دل ڦاسائڻ- عشق ڳنڍڻ- دل لڳائڻ.

▬ دِل آنُڪَڻُ: عشق ٿيڻ. محبت ٿيڻ- نيچ ٻوڻ.

▬ دِلِ آچاٽ ٿِيَڻُ: جيءُ گهٻرائڻ. بيزار ٿيڻ- دل ڪَچِي وڃڻ.

▬ دِلِ آفتَادَهُ: ذ. صفت. دل شڪسته- بد دل- بيدليو.

▬ دِلِ افروز: ذ. صفت. دل کي روشن ڪندڙ.

▬ دل آفگَارُ: ذ. صفت. زخمي دل وارو- غمگين- رنجيده.

▬ دِلبَازُ ع دِلبَازَ: ذ. صفت. جرئت وارو- همّت وارو- دلير. بي شرمو. چالاڪ. هوشيار.

▬ دِل بَاغ بَاغ ٿِيڻ: نهايت خوش ٿيڻ- سرهو ٿيڻ- مَسَرّت حاصل ٿيڻ- گهڻي خوشي ٿيڻ.

▬ دِلِبَرُ ع دِلِبَرَ: ذ. صفت. دل ڪٺي ويندڙ- دل وارو- دل گهُريو. وڻندڙ- موهيندڙ- موهڻو- سندر- خاصو- سهڻو- حَسِينُ. پيارو- محبوب- معشوق- مُوهَنُ- سُپِرين- ساجَنُ- مُحِبُّ- پِرِين.

Gul Hayat Institute

- دِلبَري ۽ دِلبَريُون: ث. دل کڻي وڃڻ جي حالت - معشوقپڻو - پيار - محبت. دلي آڌت. دلداري - تسلي. خاطرتواضع - مهمان داري - آدرڀاءُ - آجيان - مرحبا - خوش آمديد.

- دِل بَستَه: ذ. صفت. عاشق - موهيت - آڪَن چڪن. ڏڪويل - رلجايل - پيڙيل.

- دِل بَندُ ۽ دِل بَندَ: ذ. صفت. جگر - فرزند - اولاد، دوست. دل جي برابر هئيون پياگو يعني ٻئي چيله. ڪان مٿي ڪلهن جو وچ، ٻنهيءَ جي ڪرنگهي جا ٻئي پاسا (ڪ).

- دِل بَهار: ذ. صفت. دل کي بهاري ڏيندڙ - دل کي فرحت ڏيندڙ.

- دِل بَهار بَهار ٿيڻُ: خوشي ٿيڻ - مسرت ٿيڻ.

- دل بهار ٿيڻُ: خوش ٿيڻ - مسرت ٿيڻ.

- دِل بَهلائڻُ: دل کي سير تماشي ۾ مصروف ڪرڻ يا رڌائڻ - ٻئي طرف دل لائڻ - دل وندرائڻ.

- دِل ٻڌڻُ: همت ڪرڻ - پڪو ارادو ڪرڻ. هانوڪار ڪرڻ. جرئت ڪرڻ.

- دِل ٻُڏڻُ: بي هوشي اچڻ - آهرجڻ - هانءُ لهي وڃڻ - پڪو ارادو نه ٿيڻ "اچا دل ٻُڏي تري ٿي".

- دِل پيجڻُ: بيزار ٿيڻ - ڪِڪ ٿيڻ - خفي ٿيڻ - ڪتو ٿيڻ - لهڻ - ورچجي هوڻ - دل شڪسته ٿيڻ. نفرت ٿيڻ - نه وڻڻ. نا اميد ٿيڻ - بي همت ٿيڻ - ڍرو ٿيڻ - بي ايمان ٿيڻ. دلگير ٿيڻ - دُکي ٿيڻ.

- دِل پيجڻُ: دل تي اثر ٿيڻ. قياس آچڻ - ڪهل پوڻ.

- دل پيجڻُ: بيدليو ٿيڻ پوڻ - دلچسپي نه وٺڻ.

- دِل پيجڻُ: بي همت ڪرڻ - ڪتو ڪرڻ - دلگير ڪرڻ - نا اميد ڪرڻ - مَن مارڻ - شوق لاهي ڇڏڻ - دل شڪسته ڪرڻ - ڍرو ڪرڻ. شرمنده ڪرڻ.

- دِل پرُجڻَ: تمام گهڻو ڏک ٿيڻ. ڪنهن جو ڏک ٻڌي روئڻ جهڙو ٿيڻ - ارمان ٿيڻ - ڏکارو ٿيڻ - رُنهارڪو ٿيڻ. افسوس ٿيڻ - رنج ٿيڻ - ڏکُ ٿيڻ. شرمنده ٿيڻ. ڍؤ ٿيڻ - اطمينان ٿيڻ - خوش ٿيڻ.

- دِل پرُجي آچڻُ: تمام گهڻو ڏکارو ٿيڻ - روئڻهارڪو ٿيڻ - ڏکُ ٿيڻ - اکين ۾ پاڻي تري اچڻ.

- دِل تان ڪرڻُ: دل کي پسند نه آچڻ - حقير ٿيڻ - پيار نه رهڻ - قدر نه رهڻ.

- دِل تان لهڻُ: وسرڻ - ياد نه رهڻ، نه وڻڻ.

- دِل تان لهي وڃڻُ: وسري وڃڻ - ياد نه پوڻ.

- دِل تپائڻُ (ت): ناراض ڪرڻ - رنجيده ڪرڻ.

- دِل تڙپڻُ: دل جي چاهت وڌڻ - بيتاب رهڻ - بيقرار ٿيڻ.

- دِل تَنگُ ۽ دِل تنگَ: ذ. صفت. سوڙهي دليو - تعصبي - ٿوري گجيءَ وارو - ڪُنڌو. ڪنجوس - بخيل - مکي چوس - پڪو. رنجيده.

- دِل تنگ ٿيڻُ: ڪِڪ ٿيڻ - بيزار ٿيڻ.

- دِل تنگ ڪرڻُ: ڪنجوسائي ڪرڻ.

- دِل تي: ظرف. مرضيءَ موجب - اختيار موجب - پسنديءَ موجب. خوشيءَ موجب. خيال تي - ارادي تي - نيت تي. دل سان جان سان.

- دِل تي بارُ پوڻُ: ڳٽي ٿيڻ - هاضمو خراب ٿيڻ.

- دِل تي تري آچڻُ: يادگيري اچڻ - ياد پوڻ - خيال ۾ اچڻ.

- دِل تي چڙهڻُ: خيال ۾ اچڻ - ياد پوڻ - اوچتو ياد اچي وڃڻ.

- دِل تي رکڻُ: ياد رکڻ - ياد ڪرڻ. تمام گهڻو پيارو ڀانئڻ - هروقت ياد رکڻ.

Gul Hayat Institute

- دِلِ تي اُڪرڻ ٿيڻ: ڪنهن ڳالهه جو چڀي وڃڻ - دل تي ويهي وڃڻ - پڪو اثر ٿيڻ.

- دِلِ تي هٿ رکڻ: خيال ڪرڻ - ويچار ڪرڻ. ياد ڪرڻ - قياس ڪرڻ - پنهنجي حالت تي قياس ڪرڻ.

- دِلِ ٿيڻ: چاهه وڌڻ - شوق پيدا ٿيڻ - مرضي ٿيڻ - دل کي وڻڻ - پسند اچڻ.

- دِل ٿيءُ وڃڻ: محبت ٿي وڃڻ - پيار ٿيڻ - عشق لڳي وڃڻ.

- دِل ٽپا ڏيڻ: خوشي ٿيڻ - بهار بهار ٿيڻ - خوشي حاصل ٿيڻ.

- دِل ٽٽڻ: همت هارڻ - بي همت ٿيڻ - مايوس ٿيڻ - نااميد ٿيڻ.

دِل ٽڪر ٿيڻ: سخت صدمو ٿيڻ - ڏک ٿيڻ.

- دِل لوڙڻ: نااميد ڪرڻ - همت ٽوڙڻ - بي همت ڪرڻ - شوق ٽوڙڻ - مايوس ڪرڻ - بيدل ڪرڻ.

- دِل ٽهڻ: دل ڀڄڻ - نفرت پيدا ٿيڻ.

- دِل ٽيڙون ٽيڙون ڪرڻ: دل هرڪڻ - روح جو ريلو ڏيڻ - آپهرائي ڪرڻ - سڌون ڪرڻ. انتظار هجڻ - ڳڻتي هجڻ - آلڪو هجڻ.

- دِلِ ٺارڻ: خوش ڪرڻ - مسرت حاصل ڪرڻ.

- دِل ٺرڻ: خوشي ٿيڻ.

- دِل ٺوڪڻ: اطمينان ڪرڻ - خاطري ڪرڻ.

- دلپاڪ ۽ دِلپاڪ: ذ. زناني زيور جو هڪ قسم (جنهن جو پٽلو ڇاتيءَ تي لٽڪيل هجي). سون يا چانديءَ جي پٽلي ۾ مڙهايل دعا - تعويذ.

- دِلپذير: صفت. دل کي وڻندڙ - دل آويز. ڪل مک - وڻندڙ - رلئو ملئو.

- دِل پريشان ٿيڻ: بي آرام ٿيڻ - حيران ٿيڻ.

- دِلپسند ۽ دِلپسند ذ. صفت. دل کي وڻندڙ - طبيعت کي وڻندڙ - ڀاءِ پوندڙ. مرضيءَ وارو - خواهش موجب - موافق.

- دِل پڪي ڪرڻ: دل مضبوط ڪرڻ - دل قابو ڪرڻ - دل کي ضابطي هيٺ رکڻ.

- دِلِ پلڻ: آسرو پلڻ - اميد لاهڻ. ڇڪ يا سڌ نه هئڻ - دلجاءِ ڪرڻ - خيال ٿي ڇڏي ڏيڻ.

- دِلِ جا آنڪور (ت): ذ. دل جا ڌڪ - دل جا سور.

- دِلجاءِ: ث. آسرو - اميد - خاطري - پڪ - تسلي - دلاسو - ويساهه - خاطر جمعي - آٿت - ڀروسو. همٿ - ٽيڪ - مدد. پرچائي.

- دِلجاءِ ڪر: جملو. هوش سنڀال - مغز ٽڪائي ڪر - هوشيار ٿي. پرواهه نه ڪر - دل نه لاهه - ماندو نه ٿي - تسلي ڪر - ڌيرج ڪر - فرحت ڪر - آرام ڪر - تازو ٿي - دم پٽ - خاطري ڪر - سڪ سان رهه.

- دِلجاءِ ڪرڻ: پڪ ڪرڻ - يقين ڄاڻڻ - يقين محڪم ڪرڻ - چيتو جاءِ ڪرڻ - ڀروسو ڪرڻ - اعتبار ڪرڻ.

- دِل جلڻ: دل سڙڻ - ماڙ لڳڻ - خار لڳڻ - ڪاوڙ لڳڻ. حسد ٿيڻ - رشڪ ٿيڻ - ڪروڌ ٿيڻ - خراب لڳڻ.

- دِلِ جليو ۽ دِلِ جليا: ذ. صفت. دل سڙيل - مظلوم.

- دِلِ جمع رکڻ: آرام ۾ ويهڻ يا رهڻ - سک ۾ رهڻ.

- دِلِ جمعي: ث. بي فڪري - تسڪين - آٿت - اطمينان - تسلي - خاطري - پڪ - دلاسو - ڏڍ.

- دِلِ جمعي ڪرڻ: خاطري ڪرڻ - تسلي ڪرڻ - پڪ ڪرڻ.

- دِل جو ۽ دِلِ جو: ذ. صفت. گهڻو خوش ڪندڙ. دل کي وڻندڙ - محبوب - پيارو.

- دِلِ جو اڇو هئڻ: اندر جو صاف هئڻ - ايماندار هئڻ - نيڪ نيت هئڻ - خيرخواهه هئڻ.

Gul Hayat Institute

- دل جو آرمان ڪيڻ: دل سان ڏک ڪيڻ - ساڙ ڪيڻ. جيڪي چوڻو هجي سو چئي ڏيڻ - دل ۾ حسرت باقي نه رهڻ.

- دل جو بادشاهه: ذ. صفت. مرضيءَ جو مالڪ - خود مختيار. آزاد.

- دل جو بخار ڪيڻ: دل مان ليڪل ڪاوڙ ڪيڻ - گهٽ وڌ يا بد شد ڳالهائڻ. جيڪي چوڻو هجي سو چئي ڏيڻ.

- دل جو دريا: ذ. صفت. سخي. وڏي دل وارو. فياض - فراخ دل.

- دل جو غبار نيڪرڻ: دل مان دغا يا ڪدورت نڪرڻ - دل منجهان غم غصو نڪري وڃڻ.

- دل جو قاضي ڪرڻ: ويچار ڪرڻ - خيال ڪرڻ - دل مان پڇڻ.

- دل جو ڪارو هئڻ: دل جو پليت هئڻ - کوٽو هئڻ - دغاباز هئڻ.

- دل جو ڪس لاهڻ (ڪ): دل جو ارمان دور ڪرڻ.

- دل جو گهاءُ چائڻ: ڳجهي صدمي کان واقف هئڻ.

- دل جو سڪ لٿائڻ: عشق ۾ گرفتار ٿيڻ - حسن تي حيران ٿيڻ - محبت ۾ مبتلا ٿيڻ - قرب ۾ ڦاسي پوڻ - دل ڦرائي ڇڏڻ.

- دل جون تندون وڄڻ: تمام گهڻو خوش ٿيڻ - رڳ رڳ ترڻ - ڳدڳد ٿيڻ.

- دل جون مڪيون دل کي لڳڻ (ت): پنهنجن عزيزن مان ئي نقصان رسڻ.

- دل جو هلڪو هجڻ: هلڪي طبيعت جو هجڻ. ڳنڀير نه هجڻ - بردبار نه هجڻ - راز جون ڳالهيون کولي ڏيڻ.

- دل جوئي: ث. دلداري - تسلي - ڏڏ - دلاسو - آسرو - تسڪين.

- دل جوئي ڪرڻ: دلداري ڏيڻ - تسڪين ڏيڻ.

- دل جي آڪ ۾ جاءِ ڪرڻ: تمام گهڻو وڻڻ - پيارو لڳڻ - محبوب بڻجڻ - منظور نظر ٿيڻ.

- دل جي آڪ ۾ سرمو پائڻ: من جي ميراڻي لاهڻ - الدر اجارڻ - دل جي دري کولڻ - قلب روشن ڪرڻ - حقيقت حاصل ڪرڻ - خدا کي سڃاڻڻ.

- دل جي دل ۾ رهجي وڃڻ: آميد پوري نه ٿيڻ - خواهش پوري نه ٿيڻ. حسرت رهجي وڃڻ.

- دل جي دل ۾ رهڻ: اميد جو پورو نه ٿيڻ - حسرت رهڻ.

- دل جي ڪنجي: همراز - صلاحڪار - مشير - همدم.

- دل جي لڳي: عشق - محبت - پريت.

- دل جمڻ: دل لڳڻ - جيءُ لڳڻ. ڪنهن ڪم ۾ توجه ڏيڻ. خيال هڪ هنڌ ڪرڻ.

- دل جهلڻ: همت ٻڌڻ - جرأت ڪرڻ - دل کي مضبوط ڪرڻ - مڙسي ڪرڻ - بهادري ڏيکارڻ.

- دلچسپ ۽ دلچسپ: ذ. صفت. دل لڀائيندڙ - دل کي پسند ايندڙ - دلپسند - وڻندڙ. سهڻو - خوبصورت - سلوڻو - من موهڻ - خوشنما. مزي جهڙو - مزيدار. شوق جهڙو.

- دلچسپي: ث. شوق - چاهت - مزو - لطف.

- دل چورائڻ: دل وٺڻ - دل تي قبضو ڪرڻ - ٻئي جي دل هٿ ۾ ڪرڻ.

دل چيڪي ڏيڻ: سڪ لڳڻ. دل چڪجڻ - آڪير ٿيڻ.

- دل خراش: ذ. صفت. دل ڏاريندڙ - دل چيريندڙ - جگر ڦاڙ. رنج پهچائيندڙ - جانڪاهه - دل کي صدمو ڏيندڙ.

- دل خسته: ذ. صفت. ٽٽل دل - پڳهل دل. رنجيده - غمگين - آفت زده - مصيبت زده - ڏکي.

Gul Hayat Institute

- دِلِ خَواه : مرضيءَ موجب - پسند يءَ موجب - دلپسند.
- دِلِ خُوشُ : ذ. صفت. سرهو - خوش - خوش مزاج.
- دِلِ خُوش ڪَرَڻُ : راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ - ريجهائڻ. ٻاڻ کي راضي ڪرڻ.
- دِلِدَارُ ۽ دِلِدَارَ : ذ. صفت. دل رکندڙ - دل وارو - دل کي وڻندڙ - پيارو - دلبر - محبوب - معشوق - جاني - يار - سڄڻ. مَنوهَرُ - دلچسپ - ڪشش ڪندڙ.
- دِلِدَارِيُ ۽ دِلِدَارِيُون : ث. دلاسو - آسرو - تسلي - دلبري - تسڪين - همدردي - ڏَڍُ - آٿَتُ. ٻرچائي.
- دِلِدَارِيُون ڏِيڻُ : ث. تسلائيون ڏيڻ - ڏَڍُ ڏيڻ. آٿت ڏيڻ - همت وڌائڻ.
- دِلِ دَٻِلِيُ ۾ رَکَڻُ : ڪوڙو آسرو رکڻ - اجائي اميد رکڻ. دلجاءِ ڪرڻ - تسلي ڪرڻ.
- دِلِ دَڪَ دَڪَ ڪَرَڻُ : دل ڌڙڪڻ.
- دِلِ دِڪِيُ ڪَرَڻُ : دل مضبوط ڪرڻ - دليا جي تڪليفن کان نه ڪهبرائڻ - مُستقِلُ مزاج بڻجڻ.
- دِلِ دُکَائِڻُ : رنج ڏيڻ - ڏکوئڻ - صدمو رسائڻ. آزارڻ.
- دِلِ دُکَڻُ : غم ٿيڻ - افسوس ٿيڻ - رنج ٿيڻ - تڪليف ٿيڻ.
- دِلِ دُکِيءَ ۾ رَکَڻُ : دلجاءِ ڪرڻ.
- دِلِدوزُ ۽ دِلِدوزَ : دل تي اثر ڪندڙ - دل کي چيندڙ - دل کي سيڙيندڙ - دل کي ڦاسائڻ وارو - جگر دوز - تکو.
- دِلِ دَهلَڻُ : خوف ڪرڻ - ڊڄڻ - دل ڌڙڪڻ - بي همت ٿيڻ.
- دِلِ ڏَٺَارَڻُ : دل وٺڻ - راضي ڪرڻ - رِيجهائڻ - ٻرپائڻ.
- دِلِ ڏُڙِڪَڻُ : دل جو ڌڪڻ - دل جو ڌَڪ ڌَڪ ڪرڻ. دل لُڏڻ - دل ڦِرڪڻ - دل ڪنبڻ (ڪنهن خوف يا صدمي سبب).
- دِلِ ڏِيرُ : ث. دلاسو - ڏَڍُ - تسلي - آسرو - ٽيڪ - دلداري - آٿت - آرام - اطمينان - فرحت - راحت - تسڪين.
- دِلِ ڏِسَڻُ : حوصلو يا دل جي ڪشادگي کي آزمائڻ.
- دِلِ ڏِيَڻُ : ڏيان ڏيڻ. عاشق ٿيڻ - دل ڦاسائڻ - محبت ڪرڻ.
- دِلِ ڍِيلِيءُ ۾ رَکَڻُ : دلجاءِ ڪرڻ - تسلي ڪرڻ.
- دِلرُبَا ۽ دِلرُبَا : ذ. صفت. دل ڇڪيندڙ - دل کسيندڙ - دل کي موهيندڙ - دل کي گدگد ڪندڙ - دل کي خوشي ڏيندڙ - پيارو - پرين. دلبر - معشوق.
- دِلرُبَائِي : ث. دل جي ڪشش - محبت - دلبري - معشوقي.
- دِلِ رِبهَڻُ : دل کي ريجهڻ - دل کي نڳڻ. دل کي رِيجهائي قبضي ۾ ڪرڻ.
- دِلِ زَدَه : ذ. صفت. غمزده - مايُوس - غم رسيده.
- دِلِ سَازُ ۽ دِلِ سَازَ : ذ. صفت. دل کي خوش ڪندڙ.
- دِلِ سَازِيُ ۽ دِلِسَازِيُون : خوشي - خورمي.
- دِلِ سَانُ ڪَرَڻُ : خوشيءَ سان ڪرڻ - شوق سان ڪرڻ - خيال سان ڪرڻ.
- دِلِ سَانُ لَڳَڻُ : وسهڻ ۾ اچڻ - ياد گيري اچڻ - ياد اچڻ - هُري اچڻ - اعتبار ۾ اچڻ - هنئين سان لڳڻ. معلوم ڪرڻ - سچ پالڻ - صحيح سمجهڻ - برابر ٿيڻ.
- دِلِسِتَان : ذ. صفت. دل کسيندڙ - دل جو چور - معشوق.
- دِلِ سَڙَڻُ : دل جلڻ. افسوس ٿيڻ - ڏک ٿيڻ - حسد ٿيڻ.
- دِلِ سوخته : ذ. صفت. دل سڙيل. صدمو آيل دل.

Gul Hayat Institute

ـ دلِ سوڙهي ڪرڻ: ڪنجوسي ڪرڻ ـ ڪنجوسائي ڪرڻ ـ ڪنجوسائپ ڏيکارڻ ـ بي همت ٿيڻ.

ـ دلِ سوزُ ۽ دلِ سوزَ: ذ. صفت. دل جلائيندڙ ـ دل کي ساڙيندڙ ـ دل پڄائيندڙ ـ دردانگيز ـ دل گداز ـ رقت انگيز.

ـ دلِ سوزي ۽ دلِ سوزيون: ث. دردمندي ـ غمخواري.

دلِ سيپاره: ذ. [ف سي = ٽيهه + پاره = ٽڪر] ٽيهه ٽڪرا ٿيل دل ـ سخت مجروح دل ـ شڪسته دل.

ـ دلِ شادُ ۽ دلِ شادَ: ذ. صفت. دل کي خوش ڪندڙ. خوش ـ سرهو ـ مگن ـ خورم.

ـ دلِ شاد ڪرڻ: خوش ڪرڻ ـ مسرور ڪرڻ.

ـ دل شاهدي نه ڏيڻ: اعتبار نه اچڻ ـ پروسو نه اچڻ.

ـ دلِ شڪستُ ۽ دلِ شڪستَ: ذ. صفت. دل ٽٽل ـ پڪل دل ـ بي وس ـ لاچار ـ مرضيءَ خلاف. ناآميد ـ مايوس. ناراض ـ رنج ـ غمگين.

ـ دل شڪستو ۽ دل شڪستا: ذ صفت. پڪيءَ دل وارو ـ ناآميد ـ بي دل. ناراض ـ رنجيده ـ آداس.

ـ دلِ شڪستگي: ناآميدي ـ دل شڪني ـ بي وسي ـ لاچاري.

ـ دلِ شڪني: ث. دل ڀڄڻ جي حالت ـ نامرادي ـ ناآميدي.

ـ دلِ شگفته: ذ. صفت. وڏيءَ دل وارو ـ کُليل دل وارو ـ ٽڙيل دڙ دلِ ـ خوشيءَ سان ڀريل دل.

ـ دلِ فروز: ذ. صفت. روشن دل وارو.

ـ دلِ فريبُ ۽ دلِ فريبَ: ذ. صفت. دل کي ٺڳيندڙ ـ موهيندڙ ڀائيندڙ ـ رِجهائيندڙ.

ـ دلِ فريبي ۽ دلِ فريبيون: ث. دل ليائڻ جي حالت. عاشقي ـ پريت ـ چاهنا.

ـ دلِ فگارُ ۽ دل فگارَ: ذ. صفت. ٽٽل دل وارو ـ آداس ـ غمگين ـ آپاٽڪو ـ عاشق.

ـ دلِ قاتڻ: ڪنهن ڏک واري ڳالهه ٻڌڻ سبب دل جو قابو ۾ نه رهڻ.

ـ دلِ قاسڻ: عاشق ٿيڻ ـ مائل ٿيڻ.

ـ دل قتيجڻ: ڏکارو ٿيڻ ـ غمزده ٿيڻ ـ ڏکدائڪ ٿيڻ ـ عاشق ٿيڻ.

ـ دلِ قيرڻ: بيزار ٿيڻ ـ ڏيو سبب توجه نه هجڻ. آلتي جو خيال ٿيڻ ـ دل ڦري وڃڻ ـ دل ماندي ٿيڻ ـ دل ڪچي ٿيڻ.

دل ڦيرائڻ: بيزار ڪرڻ. بي رخ ڪرڻ ـ برغلائڻ.

ـ دلِ ڪباب ٿيڻ: دل کي تمام گهڻو رنج پهچڻ ـ دل سڙڻ ـ دل پچڻ ـ اندر جلڻ.

ـ دل ڪتيجڻ: دل ڪاري ٿيڻ ـ دل ۾ پيائي ٿيڻ ـ دل ۾ ڪدورت اچڻ.

ـ دلِ ڪچي ٿيڻ: قئي اچڻ ـ آلٽي اچڻ ـ آپشو ٿيڻ ـ اوڪارو ڏيڻ ـ ڪراهت ڏيڻ ـ طبيعت خراب ٿيڻ ـ ارچ ٿيڻ. آپڙڪا اچڻ ـ بڇان لڳڻ.

ـ دلِ ڪيڻ: خواهش ڪرڻ ـ سڪ ٿيڻ ـ بي چين ٿيڻ ـ دل پرجي اچڻ ـ روح جو ريلو ٿيڻ ـ سڪڻ ـ چڪيون ڏيڻ. آڪنڊجڻ ـ آندا آٿلڻ ـ دل هرڙجڻ آسڪائڻ ـ تڙڦڻ. وياڪل ٿيڻ.

ـ دلِ ڪرڻ: همت ڪرڻ ـ جرأت ڪرڻ ـ بهادري ڪرڻ. سخاوت ڪرڻ ـ دل کولڻ.

ـ دلِ ڪڙهڻ: غم ڪرڻ. افسوس ڪرڻ ـ رنج ڪرڻ. جلڻ ـ پچڻ ـ سڙڻ (دل).

ـ دل ڪشُ ۽ دلِ ڪشَ: ذ. صفت. دل کي ڇڪيندڙ ـ موهيندڙ ـ ليائيندڙ ـ سهڻو ـ خوشنما ـ دلپسند ـ حسين.

ـ دلِ ڪشا: ذ. صفت. دل کي کوليندڙ ـ فرحت ڏيندڙ ـ دل روشن ڪندڙ.

ـ دلِ ڪشيده ٿيڻ: بيزار ٿيڻ ـ رنجيده ٿيڻ.

ـ دلِ ڪوسي ٿيڻ: ڏک ٿيڻ ـ ارمان ٿيڻ.

ـ دلِ ڪوسي ڪرڻ: ناخوش ڪرڻ ـ ناراض ڪرڻ ـ بدگمان ڪرڻ.

ـ دلِ ڪومائجڻ: سست ٿيڻ ـ بي همت ٿيڻ. ارمان ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- دِل ڪُتِي ٿِيَڻُ: ڪِ ٿيڻ - نااميد ٿيڻ. بيزار ٿيڻ - خفي ٿيڻ - آتو ٿيڻ. مزو نه اچڻ.
- دِل ڪُلَڻُ: دل جو حجاب لهڻ. سمجهه ٿيڻ.
- دِل ڪُليل: ٽ دِل ڪُليَل: ذ. صفت. وڏيءَ دل وارو - ڪشاده دل - فراخ دل. سخي - داتا - ڏاتار - فيّاض.
- دِل ڪُليل يا ڪُشادي هُئَڻُ: داتا يا دُولهه هئڻ.
- دِل کولَڻُ: ڳجهه ظاهر ڪرڻ - حال ٻڌائڻ - اندر جو احوال ڏيڻ.
- دِل کولي: ظرف. چڱيءَ طرح - بخوبي - بي ڌڙڪ.
- دِل کي آوِڙَڻُ: دل کي لڳڻ - دل سان لڳڻ. ساءُ اچڻ.
- دل کي دل جي ڪشش ٿيڻ: پيار ڪرڻ واري کي پيار ڪرڻ.
- دِل کي ڏِکو اَچَڻُ: ارمان ٿيڻ. دل جو ڳالهايو ٽُٽي پوڻ.
- دِل کي لَڳَڻُ: ياد اچڻ - ياد پوڻ - دل تي اثر ٿيڻ - يقين ٿيڻ - پڪ ٿيڻ - دل سان لڳڻ.
- دل کي هَٿ هَڻَڻُ: دل کي مضبوط ڪرڻ - ڏک جي وقت صبر ڪرڻ - رضا تي راضي رهڻ.
- دِل گاڏُون مَاٺُون ٿِيَڻُ: دل پريشان ٿيڻ - دل خراب ٿيڻ. ڳڻتيون ڪاڙهڻ. انتظار ۾ رهڻ.
- دِل گُداز: ٽ دِل گُداز ذ. [ف. گُداختن = پگهارڻ] صفت. دل ڳاريندڙ. دل ڀڄائيندڙ. رنجائيندڙ - ڏکوئيندڙ.
- دِل گَڏِجَڻُ: ميلاپ ٿيڻ - همراز ٿيڻ.
- دِل گيرُ ٽ دِل گير: ذ. صفت. اداس - مايوس - مَلُول - آباڻڪو. ڏکي - غمناڪ - شڪستو - ڏکويل - رنجايل - ايذايل - ڏک پريو - سوڳي - ڏکدائڪ - ڏُک جهڙو - مغموم - غمگين. حيران - پريشان.
- دِلگيرائي: ث. دلگيري - غمگيني.

- دِلگيرُ ٿِيَڻُ: آباڻڪو ٿيڻ - مايوس ٿيڻ - نااميد ٿيڻ - همٿ ڇڏي ڏيڻ.
- دِلگيرُ ڪَرَڻُ: نااميد ڪرڻ - مايوس ڪرڻ - آباڻڪو ڪرڻ.
- دِلگيرُ هُئَڻُ: مايوس هئڻ - نااميد هئڻ - خفا هئڻ - آباڻڪو هئڻ.
- دِلگيري: ث. افسوس - ڏک - غم - غمگيني - غمي - سوڳ. پريشاني - لاچاري. مَلُول لائي.
- دل کهُريو ٽ دِل کهُريا: صفت. مرضيءَ موجب - خواهش موجب - دل تي - کهريل - پسنديده - پيارو - محبوب.
- دِل لاهِڻُ: همت هارڻ. دل ننڍڙي ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ - اميد آسرو ڇڏڻ.
- دِل لاهي هَٿ ۾ ڪَرَڻُ: دل شڪستو ٿيڻ - دل ننڍڙي ڪرڻ. ڊپ ٿيڻ.
- دِل لائِڻُ: چت لائڻ - خيال ڏيڻ. محبت ڪرڻ - عشق ڪرڻ. ڪنهن ڪم سان دل لائڻ. دل و جان سان ڪم ڪرڻ.
- دِل لڳائِڻُ: لاڳاپو ڳنڍڻ. محبت ڪرڻ - عشق ڪرڻ. فدا ٿيڻ. ڪو ڪم ڌيان سان ڪرڻ - سچيءَ دل سان ڪرڻ - چاهه وٺڻ.
- دِل لَڳَڻُ: طبيعت جو مُتَوَجِہ ٿيڻ - روح جو رِ بلو ٿيڻ - چاهه ٿيڻ - شوق پيدا ٿيڻ. محبت ٿيڻ - عشق ٿيڻ - قرب پيار ٿيڻ.
- دِل لڳِي ٽ دِل لڳِيُون: ث. پيار - قرب - عشق - موهه - پيوند. مسخري - چرچو - کيل - پوڳ - کهپو.
- دِل لوڏو ڪائِڻُ: شڪ پوڻ - گمان پوڻ.
- دِل لوڏو نه ڪائِڻُ: پڪ هئڻ - ڳڻتي نه هئڻ - يقين هئڻ - خوف نه رکڻ.
- دِل لوڙَهڻُ: همت هارڻ - بي همت ٿيڻ - همت وڃائڻ - دل شڪستو ٿيڻ - دل لاهڻ - سَنڌهِ رو ڇوڙڻ. غمگين ٿيڻ.
- دِل لَهَڻُ: همت ڇڏڻ - نااميد ٿيڻ - آسرو لاهي ڇڏڻ. ڪنهن واقعي کي اڳوات سهڻ (ت). منجهه لهڻ.

Gul Hayat Institute

- دِل ۾ اچَڻُ: خيال ٿيڻ - ياد پوڻ - ياد اچڻ - ڪنهن ڳالهه جو دل ۾ تصور اچڻ.

دِلِ مارَڻُ: نفسياتي خواهش کان دل کي روڪڻ - طبيعت کي ڪنهن شوق کان هٽائڻ.

- دِلِ ماندِي ٿيڻُ: دل جو ڪيچ ڪيچ ڪرڻ. مولجهه ٿيڻ. بي آرامي ٿيڻ.

- دِل ۾ امنگ اٿڻُ: دل ۾ جذبات پيدا ٿيڻ - دل ۾ ولولا جاڳڻ - دل تي عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿيڻ.

- دل ۾ پرمَ وِجهڻُ: دل ۾ رحم پيدا ٿيڻ - ٻاجهه پنجي وجڻ - ترس کائڻ - قياس ڪرڻ - مهرباني لاءِ آماده ٿيڻ.

- دِلِ ۾ ٿيڻُ: خيال ٿيڻ. ڏک ٿيڻ. ارمان ٿيڻ.

- دِلِ ۾ جاءِ ڏيڻُ: پاڻ وٽ آڻڻ - وڏي حب سان آڻڻ.

- دل ۾ جاءِ ڪرڻُ: دل تي اثر ڪرڻ - دل ۾ وِيهڻ.

- دِل ۾ چُڀڻُ: دل تي اثر ڪرڻ.

- دِلِ ۾ چور وِيهڻُ: بدگماني ٿيڻ - شڪ پوڻ - دل ۾ فرق پوڻ.

- دِل ۾ رَکڻُ: لِڪَل رکڻ - ڳجهو رکڻ - مَخفي رکڻ. ظاهر نہ ڪرڻ - نہ سلڻ.

- دل مرڻ: سيني خواهشن تان دل کڄي وڃڻ.

- دِلِ ۾ ڪرڻُ: ڏک ڪرڻ - ارمان ڪرڻ - غم ڪرڻ. ويچار ڪرڻ - خراب محسوس ڪرڻ. ڪاوڙ ڌارڻ - غصو ٿيڻ - ڪاوڙ ڪرڻ - ناراض ٿيڻ. دل سان هنڊائڻ - ياد ڪرڻ - دل ۾ ٿيڻ.

دِل ۾ ڪڙهڻُ: اندر ۾ پچڻ - جلڻ - سڙڻ.

- دِلِ ۾ کُپڻُ: دل ۾ ويهي وڃڻ - دل ۾ گهرُ ڪرڻ - دل تي اثر ڪرڻ - دل ۾ گهڙڻ. پسند اچڻ.

- دِل ۾ گيدڙُ پوڻُ (ت): ڳٽي ٿيڻ - بي ايماني ٿيڻ - آلکو ٿيڻ.

- دِل ۾ گهرُ ڪرڻُ: دل ۾ ويهڻ - دل تي اثر ڪرڻ - پسند آچڻ. پاڻ کي وڻائڻ - پي جي دل وٺڻ. ليکي ڪرڻ.

- دِل ۾ گهڙڻُ: دل تي اثر ڪرڻ - دل ۾ ويهڻ. پسند اچڻ.

- دِل ميلڻُ: دلين جو گڏجڻ. ڪنهن سان ڏاڍي محبت ٿيڻ.

- دِلِ مَن ۾ پڇڻُ: پاڻ سان صلاح ڪرڻ - دل ۾ خيال ڪرڻ - سوچ ويچار ڪرڻ. خيال ڪرڻ. ڳڻ ڳوت ڪرڻ - اڳ ۾ پوءِ جاچڻ.

- دِلِ ۾ وِجهڻُ: ڪنهن ڳالهه کي دل ۾ پيدا ڪرڻ. خدا جي طرفان الهام ٿيڻ. ياد رکڻ - مغز ۾ ڳالهه ويهارڻ.

- دِل موهڻُ: دل لُڀائڻ.

- دِلِ ميري ٿيڻُ: قلب ڪارو ٿيڻ - اندر پليد ٿيڻ - دل ۾ دغا هئڻ - دل ۾ شڪ شبها جاڳڻ.

- دِل ميري ڪرڻُ: نيت بد ڪرڻ.

- دِلِ نہ پولائڻ: اعتبار ۾ ڳالهه ئي نہ اچڻ.

- دِلِ نشين: ذ. صفت. دل ۾ ويهندڙ - دل ۾ گهر ڪندڙ.

- دِل نشين ٿيڻُ: دل ۾ ويهڻ - دل تي چڙهڻ - ياد ٿيڻ.

- دِلِ نشين ڪرڻُ: دل ۾ ويهارڻ - ذهن نشين ڪرڻ - دماغ ۾ ويهارڻ. چڱيءَ طرح ياد ڪري ڇڏڻ. دل ۾ ڄمائڻ.

- دِل نشيني: ث. دل ۾ ويهي وڃڻ جي حالت.

- دِل ننڍڙي ٿيڻُ: نااميد ٿيڻ - مايوس ٿيڻ. ناڪامياب ٿيڻ - گهٻرائڻ - سست ٿيڻ. دل لاهڻ - مونجهارو حاصل ٿيڻ.

- دِلِ ننڍي ڪرڻُ: بي همت ٿيڻ - سُست ٿيڻ. ڪنجوس ٿيڻ - مکيي چوس ٿيڻ.

- دِلِ نوازُ ع دِلِ نوازَ: ذ. صفت. روح کي آرام ڏيندڙ - دل خوش ڪندڙ - محبوب.

Gul Hayat Institute

- دِل وارو ۽ دِل وارا: ذ. صفت. دل جو. دل کي وڻندڙ. بهادر - دلير - سورمو - سورهيه. سخي - فيّاض - ڏاتار.
- دِل وَٽان: ظرف. چاهه موجب - مرضيءَ موجب هئڻ - مَنَ گهُريو.
- دِل وٽان هُئڻ: مرضي مطابق هئڻ - دل کي وڻڻ - دل پسند هئڻ.
- دِل وَٺڻ: ڪنهن جي دل پنهنجي طرف مائل ڪرڻ - راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ - چِٽَ پَٽڻ - پرچائڻ - ڏاڏ راڻڻ - رِيجهائڻ - ناز برداري ڪرڻ - همدردي ڪرڻ - مرضي رکڻ - دل جوئي ڪرڻ - پيار ڪرڻ. موهڻ - عاشق ڪرڻ. بهادر ڪرڻ.
- دِل وَ جَانِ: ث. من ۽ بدن - تن ۽ من - جند جان - ساهه پساهه. هرطرح.
- دِل وَ جَان سَان: نهايت خوشيءَ سان - شوق سان - بخوبي. سچيءَ دل سان - سچائيءَ سان - صاف نيّت سان.
- دِل وَ دِمَاغ: ذ. سمجهه ۽ فهم - عقل ۽ اِدراڪ.
- دِل وَڌائڻ: همت ڀڏائڻ - دلير ڪرڻ. واهه واهه ڪرڻ - پڙڪي ڏيڻ - شاباس ڏيڻ - هشناڪي ڏيڻ.
- دِل وَڌَڻ: همت اچي وڃڻ - فراخ دل ٿيڻ - گستاخ ٿيڻ.
- دِل وڏِي وَڃَڻ: غروراچي وڃڻ - وڏائي ٿيڻ.
- دِل وِسامڻ: رنجيده ٿيڻ - مايُوس ٿيڻ - دل مُرده ٿيڻ.
- دِل وِندِرائڻ: دل خوش ڪرڻ (مشغول ڪرڻ). دل سان ٻي طرف ڌيان ڦيرڻ - غم ٽارڻ.
- دِل وَرڻ: دل جو لاڙو ٿيڻ.
- دِلُون دوُر ڪَرَڻ: وِساري ڇڏڻ.
- دِل هٽيجِي وَڃَڻ: برخلاف ٿيڻ - مقابل ٿيڻ. دل شڪستو ٿيڻ.
- دِل هٽڻ: دل ڪٽي ٿيڻ - بيزار ٿيڻ - شوق لهڻ - شوق ڀڄڻ - نفرت ٿيڻ.
- دِل هِچَڻ: دل گهُرڻ - دل لڳڻ - وِساهه اچڻ - اعتبار اچڻ.
- دِل هُئڻ: ڏسو: دليون هئڻ.
- دِل هول ۽ دِل هول: ذ. ڊپ - خوف - خطرو - انديشو - گمان - شڪ. وَسوَسو - ڳڻتي. گهٻراهٽ - ماند ڪائي - بيچيني - آلد ماند. سوداءُ - ماليخوليا - خفقان. بي همتي - نَسُن جي ڪمزوري. نااميدي - پريشاني - ڦِراسائي - دلگيري.
- دل هول ٿيڻ: سخت پريشان ٿيڻ - ماليخوليا جو مرض ٿيڻ - ڳڻتي ٿيڻ.
- دِليهيڙ ۽ دِليهيڙَ (ت): ذ. صفت. دلگير - غمگين.
- دِل ئي دِل ۾: ظرف. اندر ئي اندر ۾ - منجهه ئي منجهه - مخفي طرح - راز ۾ - ڳُجهي طرح.
- دِلِي ۽ دِلي: ذ. صفت. دل جو - دل وارو - جاني جگري. حُبّ وارو - قُرب وارو - پيارو. دل تي - مرضيءَ تي.
- دِليان: ظرف. دل سان - جان سان - پنهنجي مرضيءَ سان. دِليون - دل کان - دل سان - دلئون.
- دِليختم: [دل خام] دل شڪسته. ڪَڪِ.
- دِليختم ٿي پَوڻ: دل شڪسته ٿي پوڻ - ڪَڪ ٿي پوڻ.
- دِليوَن: ظرف. دل سان - مرضيءَ سان - رضا خوشيءَ سان - دليون جانيون. دليان. دل کَون - دل مَون - دل کان - دل سان - دلئون.
- دليُون ٻجانيُون: ظرف. وڏيءَ خوشيءَ سان - دل جان سان - دل جي صدقي ۽ سچائي سان.
- دِليُون جانيُون: ظرف. دليون - رضا خوشيءَ سان - مرضيءَ سان - خود خيال - دل جان سان - وڏي حب سان - قرب سان - چائي وائي - سمجهي ٻُرجهي.
- دِليُون هٽڻ: پَهه پَچائڻ - خيال ڪرڻ - ڳڻتيون ڪائڻ.

● دلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دُلارو ۽ دُلارا: ذ. صفت. [س. دُرلالَن] پيارو - لاڏو - معشوق. [ث. دُلارِي ۽ دُلاريُون].

- دِلاسو ۽ دِلاسا: ذ. ڏَڍُ- آسرو- دلجاءِ- تَسلِّي- تسڪين- آٿَتُ- دلداري. همت- فرحت- آرام.
- دِلاسائِي ۽ دِلاسائِيُون: ذ. صفت. فقط دلاسا ڏيندڙ.
- دِلاسو ڏِيَڻُ: تَسلِي ڏيڻ- تَشَفِي ڏيڻ- همت ٻڌائڻ- آٿت ڏيڻ- دلداري ڏيڻ- خاطري ڏيڻ- دل وڌائڻ- هوشياري ڏيڻ- ڪم ڪرڻ جو وعدو ڪرڻ.
● دِلاسي جِي ٻُڪَ نه هَڻَڻُ: رڳو هائو هائو ڪرڻ پر ڪجهه نه ڪرڻ- ڪوڙا وعدا ڪرڻ- ٽال مٽول ڪرڻ- ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.
● دَلالُ ۽ دَلالَ: ذ. [ع. دَلَّ = هن اڳواٽي ڪئي] رستو ڏيکاريندڙ- واٽ لائيندڙ- خريدار ۽ وڪڻندڙ جي وچ ۾ سودو ڪرائيندڙ- سودو ٺاهيندڙ- گماشتو- آڙهيتو- پلاوٽو. ٻن جي وچ ۾ ڳالهائيندڙ. ٽياڪر- وڪيل- ثاليث. گراڪ ڦاسائيندڙ- سودي باز- آصيل- ڪُٽڻ- وچڙُوئو- پڙوو- دَلو.
- دَلالِي ۽ دَلالِيُون: ث. دلال جو ڪم- پلاوٽي. ٽياڪري- ٽالشي. سودي ڪرائڻ جي عيوض وڪڻندڙ ۽ خريدار کان مليل معاوضو- ڪجهه سيڪڙو، جو خريد فروخت جي عيوض ڏبو آهي- دستوري- آجورو- ڪميشن- پلاوڻ. ڪنايتہً. حرام جي ڪمائي- پڙوت.
- دلالِي ڪَرَڻُ: ڪميشن وٺڻ- آجورو وٺڻ. پڙوت جي ڪميشن وٺڻ.
● دَلالَتُ ۽ دَلالَتُون: ث. [ع. دَلَّ. هن سونهون ڪيو] هدايت- راهنمائي. نشان- علامت- پتو- آثار- آهڃاڻ. دليل- ثابتي- شاهدي.
- دَلالَتُ ڪَرَڻُ: دليل هجڻ- ثابتي هجڻ.
● دَلان: اسم خاص. ڏاڙهياڙي جبلن مان وهندڙ هڪ نئين جو نالو.
● دِلاوَرُ ۽ دِلاوَرَ: ذ. صفت. [ف. دِلُ + آوردن = آڻڻ] دل وارو- ڇاتيءَ وارو- همت وارو- دِلير- بهادر- شُجاع- سُورمو- جوانمرد- سُور هيَر.

- دِلاوَرِيُ ۽ دِلاوَرِيُون: ث. شُجاعت- بهادري. جوانمردي. جرأت- دليري.
● دِلاوَرپُور: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
● دِلبَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● دِلبَرُ ۽ دِلبَرَ: ذ. [ف. دل+ بُردن = کڻڻ جو امر] دل کڻي ويندڙ- دل کسي ويندڙ- محبوب- معشوق.
● دِلبَرَ لَڪُ (ث): اسم خاص. چاچري پرسان سرڪاري ناڪو يا حدبندي لاءِ کوڙيل نشان.
● دَلبِيَڻُ: مصدر. [سن. دَلڀُ = دلبو] فريبڻ- ٺڳڻ- دغا ڏيڻ- دلبو ڏيڻ.
- دَلبو ۽ دَلبا: ذ. [سن. دَلڀُ] دولاب- دغا- ٺڳي- چَلُ- ترڪٽُ- گهات- کوٽ- ڪپٽ- مڪر- ڏنو- فريب- ڏَنڊُ- ڏوکو- ويساهه گهاتي. اڪيڏندي- بازي- پيچُ. هڪين ڦاسائڻ لاءِ ڪکن مان جوڙيل هڪي. باز کي شڪار تي هيرائڻ لاءِ ڏور ۾ ٻڌل ڪالوُ يا ڪڪڙ جا کنڀ (جن تي باز سڌُون ڏيندو آهي). بلبل کي ڏنل ڪاڏو- پيتي. پتو.
- دَلبائِي ۽ دَلبائِي: ذ. صفت. دلبو ڏيندڙ- فريب ڏيندڙ- ٺڳي ڪندڙ- دغاباز- ڏوکيباز- ڏناٽي- ڪپٽيو- دغاخور- چلباز- ترڪٽي- گهاتُو- کوٽو- فريبي- ڪوڙو- لچو- نَلُ- ٺيٽائي.
- دَلبو ڏِيَڻُ: ٺڳي ڪرڻ- دغا ڪرڻ- چلُ ڪرڻ- ترڪٽ ڪرڻ- فريب ڪرڻ- ڏوکو ڏيڻ.
● دِلپَاڪُ ۽ دِلپَاڪَ: ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ زيور. ٽڙ جو هڪ قسم (جو سوراخ ڪري ڌاڳي ۾ پوئي ڳچيءَ ۾ ٻڌبو آهي).
● دِلپُرِي: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● دِلِ پيچُ: ذ. ڪَنل جو هڪ قسم.
● دَلجِيءَ وَارو: اسم خاص. جبل جو نالو.
● دِلچَندُ: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● دُلدُلُ: اسم خاص. (ع) اسڪندريه جي حاڪم ڪان حضرت مقبول صلعم جن کي تحفہ طور مليل هڪ خچر جو نالو (جا وري حضرت علي ڪرم الله جن کي ملي)- ذوالجناح. گهوڙي جي شڪل جو هڪ تعزيه.

- دُلدُلُ سوارَ: ذ. حضرت علي ڪرم الله وَجهہُ جن جو لقب.

- دُلدُلُ ڪڍَڻُ: اهل تشيع جي دستور موجب محرم جي اٺين تاريخ حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جي ياد گيريءَ ۾ سينگاريل گهوڙو گهمائڻ.

● دِلشا تلاٽِي: اسم خاص. جسڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● دِلشاهُ دَائِروُ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِلفِين: اسم خاص. [انگ. ڊالفِين: ع. دِلفِين] سامونڊيءَ مڇيءَ جو هڪ قسم.

● دلق ۽ دلق: ذ. (ع) اڱڙين جي ٽڪرن مان ٺهيل فقيراڻو چوغو- فقير جو لباس- چتين لڳل جبو- گودڙي- خرقو- جيئن

"دلق ڍڪائج دل کي لائج ڪونہ لباس"

(روحل).

آدامي فقيرن جي مٿي ۾ پائڻ جو ڇهنبدار ٽوپ- ڪلنگيدار ٽوپي- ڪُلاهُ.

- دَلقُ پوش: ذ. صفت. گودڙي پوش- گودڙي پائيندڙ درويش- گودڙيو فقير- گودڙيو.

- دَلقُ جو ڏاڳو: ذ. ڄاڱوٽو.

● دلڪي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دَلَنڪُ ۽ دَلَنڪَ (ت): ذ. صفت. وڏو لچ- ڪاڪو- ٺڳ- چالاڪ- بدمعاش.

● دَلَڻُ: مصدر. [سن. دَلُ = ڏرڻ] ڏَرِڻ (اَنُّ دال وغيره) دالِ ٻڌائڻ- ڏرڻ- ڪنايتہً. تباهہ ڪرڻ- برباد ڪرڻ.

● دَلِڻُ ۽ دَلِڻُون (ت): ث. هارين جي جهنگ هٽڻ جو اوزار- کهيُ (ل).

● دَلوُ: ذ. [ع] لغوي معنيٰ ڏول يا دِلو. اسم خاص. آسمان جو يارهون برج- ڪُمپ (ڪُنڀُ).

● دلو ۽ دلا: ذ. صفت. [ع. دلال جي بگڙيل صورت] دلالي ڪندڙ- ڀڙوو- ڀڙوو- ڀانڊي- ڪُٽڻ- پڙوت وندڙ- بي غيرت- دلال- ڪنجر- چاڙتو- چور- بد معاش. بد افعال- دغائي- فريبي. (ث. دَلِي ۽ دَليُون).

● دِلو ۽ دِلاَ: ذ. [ع. دَلوُ = ڏول يا دلو] هڪ پاڻي رکڻ لاءِ مٽي جو ٿانو- گهڙو- لنيو مٽ. (ث. دِلِي ۽ دِليُون).

- دِلاَ پِرَڻُ: خدمت چاڪري ڪرڻ. ٻئي جي ڀاران ڪوشش ڪرڻ يا مدد ڏيڻ.

- دِلِي ۽ دِليُون: ث. ننڍو دِلو- گهڙيُ- ننڍي مٽي.

- دِلِي پِرَڻُ: شاديءَ رات جو دِلي پِرڻ جو سَنِتوَڻُ ڪرڻ.

● دِلِوارو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دَلَوائِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ضلعي ۾).

● دَلُوچو ۽ دَلُوچا: صفت. گهٽو- دِلُ- دُهرو- جهجهو (ل. ق). (ذ). مَلِيدو- ڪاڄُ- ڪورمو- قورمو- ستَ رَڇِي. (ث) لزاڪت- نازڪ ميزاجي- نازڪي، لطف- نفاست- مَلُوڪت (ل).

جيئن، دُانُ دَلوچا دل وٽيا، وٽي راضي ٿي (شاهہ).

● دِلو دِيرو: اسم خاص. تعلقي ماتليءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دُلهَنُ ۽ دُلهَنُون: ث. [سن. دُلهَنُ] ڪُنوار- ڪُنثار- وَلِيُ.

● دِلهِيرُ ۽ دِلهِيرَ: ذ. صفت. غمگين- دلگير.

● دَلِيُ: اسم خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

Gul Hayat Institute

● دِليِ ۽ دِليُون (ت): ث. مستيءَ وقت آڪ جي وات مان نڪتل ماسَ جي ٿيلهڙي.

● دَلِيِّادَلِي: ظرف. کُليو کُلايو - ظاهرظهور - شاه. شاهوڪاري - پڌري پٽ - صاف صاف - دِيناداستي - کولي ڪولي.

- دَليِّادَلِي چَوڻُ: کُليو کُلايو چوڻ - پڌري پَٽ چوڻ.

● دَلِپوتَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾).

● دِلِپوتَا: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَليجِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دليرُ ۽ دليرَ: ذ. صفت. [ف] وڏي دل وارو - ڇاتيءَ وارو. همت ڀريو - جُرأت ڀريو - وِيرُ - بهادر - سُورمو - سُورِهيه - پهلوان - جوڌو - پَلوان. بي ڊپو - بي خوف - بيباڪ - بيپرواهه - نِڊَرُ.

- دِليرانه: ذ. صفت. جرأت سان - دليريءَ سان - همٿ سان - بهادريءَ سان - بهادرانه.

- دِليرِيُ ۽ دِليرِيُون: ث. سورهيائي - بهادري - سورمائي. پهلواني - همت - جُرأت. بي ڊِپائي - بيباڪي - بيپرواهي. اِستِقلالُ - ڌِيرجُ.

● دِلَيرِي: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دِليڪُ ۽ دِليڪَ (ت): ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.

● دَلِيلَ ۽ دَليلُون: ث. واڪا - ڏورِ - سَهار. سِرِڪَڻِ - ڦاهي. آڪ جي سَنڄَ جو هڪ قسم - ناڪيليءَ ۾ بدل ليکيءَ جو ڪَڙو. (انگ. ڊرِل) ڪنهن فوجي يا پوليس جي ملازم کي ڏنل سزا - ميڪت - سختي - ڊرل.

● دَليِلُ ۽ دَليِلَ: [ع. دَلّ = هن وات ڏيکاري] رستو ڏيکاريندڙ - سُونهون - بحث - مباحثو - بيان. تقرير. سوال و جواب. ثبوت - ثابتي - مثال - بُرهانَ - ڪنهن ڳالهه جي ثابتيءَ ۾ ڏنل شاهدي. حُجت. سمجهاڻي. ويچار - خيال - رايو. گمان - وهم. جيئن

"دَرياهه جي دليل، لوڙهي لهوارا ڪيا"
(شاهه).

آسرو - ڏَيُ - وسيلو. ڏک - فِڪر - انتظار.

- دليل بازي ڪرڻ: بحث مباحثو ڪرڻ.

- دليل پيش ڪرڻ: ثابتي پيش ڪرڻ - ثُبوت ڏيڻ.

- دَليلُ ڊوڙائڻ: ويچار ڪرڻ - خيال ويڙاهڻ - سوچڻ - سمجهڻ. شڪ ڪرڻ. دماغ ۾ اجائي ڳالهه ويهي وجهڻ. جيئن

"تي ڊوڙائي دليل پنهونءَ ماڙهو موڪليو"
(شاهه).

بحث ڪرڻ - مباحثو ڪرڻ.

- دَليلُ قاطِعُ: ث. آخرين ثابتي - لڳيرو ڪندڙ ثابتي - صاف ثابتي.

● دَليلُ ديرُو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَليلُو ۽ دَليلا: ذ. [ع. دَليلُ = سُونهون] آئن جي هڪ سنج جو نالو (جو تَليي يا چڙي والگر ٿئي، جيڪڏهن آڪ ڪي بدل هوندو آهي ته آڪ جي ڳم تي وجهڻ تي ڏٽي ڪيس يڪدم الهيءَ آواز وسيلي ڳولي لهندو آهي). ڀانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (ت).

● دَمَ: ذ. (ع) خون - رَتُ - لَهو - لوهُو.

● دَمُ ۽ دَمَ: [ف]: ذ. پساهه - جيءُ - جانُ - پراڻ - ساس - جيءَ پو - حياتي - زندگي - روح - چوٿو - عمر - جيو - آتما. ساهه. يعني پنهنجي جان، جنهن ۾ ئي محبوب موجود آهي. جيئن

"دَمُ ته سُڄاڻن، دالهُون ڪن مُٺن جيئن"
(ف).

هڪ دفعو ساهه کڻڻ جي حالت - ساهه - ساس. درياهه جو ساهُ - درياهه جي ڦوڪ. درياهه جي ڇڪَ (سهٽي ڪرُ). جيئن

"دهشت دَمُ درياهه ۾، جت هيبت هلاچو"
(شاهه).

ڏکو ساهه - ڦوڪ - ڦيڻو - دعا - منتر - جادو (جو ٻئي تي ڦوڪارجي). حُقي يا چلم جي هڪ ڦوڪ - سُوٽو - وَزَمُ. جيئن "ٻيهه ته يار ٻه چار دم هڻي هلان ٿو" (ف. دَمَه). بيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ وڏا ساهه ٿيندا آهن - آپ ساهي - سَهڪو - دَم ڪشي، وڏو ساهه ڪڻي حواسن کي روڪڻ جي حالت (اڪثر پوڙهي دَمُ ساهي ڪيترائي ڏينهن جيئرو رهي سگهندا آهن). پَلُ - ساعت - گهڙي - لحظو - پَلڪ - مهل. جيئن "دلبر کي دل ڏيڻ ۾ دم دير نه ڪجي". دوکو - مڪر - فريب. ٺڳي. دلاسو - آسرو - ڏَڍُ. لَٻاڙَ - ٻَٽاڪَ - ڊاڙَ - لاف. مغروري - گهمنڊُ - ٺانءُ - هَٺُ - دماغ - غرور - فخر - مَڙڪُ. زور - طاقت - سگهه - سَتُ. طعام کي ڀُوريءَ طرح رڌڻ لاءِ هلڪي توءِ تي رکڻ جي حالت - هَنڌُ مارڻ جي حالت. ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي اڌ هٿ ۽ اڌ مٿي ٽيڻ تي ٺهيل خال. (ت). لڪڻ ۾ ٻيهڪ جي نشانين مان هڪ نشاني - پورو دَمُ (جنهن تي ساهه کڻجي). ٽوپين جي محاوري ۾ ڪُنڊيَ کي رليءَ وغيره سان ڍڪڻ جي حالت (ت).

- دَمادَمُ: ظرف. لاڳيتو - هڪ ٻئي پويان - ٻئي در ٻئي - گهڙي گهڙي - هر هر. هميشه - سدائين - هردم.

- دَماڻيڻُ: دَم ڏيڻ. ساهه کڻڻ جي فرصت ڏيڻ.

- دَمُ بازُ ۽ دَمُ بازَ: ذ. صفت. ٺڳ - دوکو - فريبي. دغاباز - ويساهه گهاٽ - ڪپٽيو. چالاڪ - حريف - ٽوپائي.

- دَمُبازي ۽ دَمُبازيُون: ث. ٺڳي - مڪاري - ٺڳي.

- دَمُ بخود: صفت. خاموش - ماڪيتُ - چُپ - مات - مُتحيّر - حيران - پريشان.

- دَمُ بدَمُ: ظرف. گهڙي گهڙي - هروقت - هر گهڙي - هر دم - هر لحظي - ذري ذري - ساعت ۾ - ٿوري ٿوري وقت ۾. دائما - هميشه.

- دَمُ بند ڪرڻُ: خاموش ٿيڻ - ساهه روڪڻ.

- دَمُ بهاء الحق ڪرڻُ: ملتاني فقيرن جو هڪ نعرو هڻڻ.

- دَمُبهو ۽ دمُبها (ت): ملتاني فقيرن جو هڪ نعرو. هنن سبب ٿي امان جي حياتي آهي، وحدانيت جو ڪلمه، حق جي تصديق ڪرڻ جو نعرو.

- دَمُبها هڻڻُ: توحيد جا نعرا هڻڻ - فقيريءَ جا دم ڀرڻ.

- دَمُ ڀرجڻُ: ساهه گهٽجڻ - وڏا ساهه کڻڻ - سهڪڻ - دم گهٽجڻ. ڏانءَ ۾ ڀرجي وڃڻ - هيٺ ڪرڻ - وڏائي ڪرڻ - ٽيڙي ڪرڻ - آڪڙ ۾ ٻوڙڻ - ڦولجي وڃڻ.

- دَمُ ڀرڻُ: ڦوڪ ڀرڻ - سُوٽو ڀرڻ - چلم جو سوٽو ڀرڻ - دونهو ڪيڻ. ساهه ڦوڪڻ. ٻٽاڪ هڻڻ - ڊاڙ هڻڻ - لباڙَ هڻڻ - ڪوڙا دلاسا ڏيڻ. هامَ ڀرڻ - اروار ٿيڻ - لياقت ظاهر ڪرڻ - جوهر ڏيکارڻ - قابليت ڏيکارڻ - دعوى ڪرڻ.

- دَمَ تي رکڻُ: ڇانورن جو ديگڙو ٻاهه تان لاهي، ان جي منهن تي ڍَڪُ ڏيئي، مٿس ٻار ڏيئي رکڻ (جيئن چانورن منجهان ٻاڦَ ٻاهر نه نڪري، ۽ باقاعدي رڌجي تيار ٿيڻ).

- دَمَ تي هجڻُ: چانور تيار ٿيڻ تي هجڻ.

- دَمُ ٽيڻُ: ساهه بندجي پوڻ. دمڪشي ٿيڻ - دَم جي بيماري ٿيڻ.

- دَمُ ٽٽڻُ: دم ڏيڻ - ساهه ٽٽڻ - مرڻ - انتقال ڪرڻ.

- دَمُ پٽڻُ: ساهه کڻڻ - ٿورو آرام وٺڻ - ساهي پٽڻ.

- دَمُ پُختُ ۽ دَمُ پُختَ: ذ. دم ۾ رڌل طعام - دَمِيلُ چانورَ - آٻاريلَ چانور. پُلاءُ جو هڪ قسم.

- دَمُ پُورَا ٿيڻَ: حياتي پوري ٿيڻ - مرڻ جو وقت اچڻ.

Gul Hayat Institute

- دَمُ جهلڻ: ساهه گهٽجڻ. پاڻ روڪڻ - پوساتڻ. صبر ڪرڻ - ماٺ ڪرڻ. همت جهلڻ. تحمل ڪرڻ. ٿانٿهر ڪرڻ.
- دَمُ چڙهڻ: ساهه چڙهڻ - ساهه گهٽجڻ - سٿهڪڻ - سٿهڪي مان پرجڻ. جلدي ساهه کڻڻ - تڪڙو ساهه کڻڻ.
- دَمُ خشڪ ٿيڻ: دم بند ٿيڻ - تمام گهڻو ڏجڻ - سخت ڏجي وڃڻ.
- دَمُ خم: ذ. تاب و طاقت - مضبوطي.
- دَمَ دلاسا ڏيڻ: آسرا ڏيڻ - دلداريون ڏيڻ.
- دَمُ دلاسو ۽ دَمُ دلاسا: ذ. اميد ۽ فريب - آسرو ۽ ڏڍ - تسلي - دلداري. ڪوڙي آسيد - ڪوڙو آسرو - ڪوڙي تسڪين - ڪوڙو ڀروسو - ڏوڪو.
- دَمُ دلاسو ڏيڻ: فريب ڏيڻ - ٺڳڻ - ڦُسلائڻ. رکو هانو ڪرڻ - ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.
- دَمُ دَمُ: ظرف. ذري ذري - ساعت ساعت ۾ - هَرُ هَرُ.
- دَمُ دَمڻ: مصدر. نعرو هڻڻ - ساهه کڻڻ.
- دَمُ ڏنڻ: مرڻ - فوت ٿيڻ - ٻساهه ڇڏڻ - وفات ڪرڻ - رِحلت ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ - جهان ڇڏڻ. شاهو ڏيڻ - چاڙهه ڏيڻ - ريسهڻ ربڻ - چڙهو ڏيڻ - گيلشو پٽڻ.
- دَمُ ڏيڻ: مري وڃڻ - وفات ڪرڻ - فوت ڪرڻ - ٻساهه ڏيڻ - رحلت ڪرڻ - رضا ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ - جهان ڇڏڻ - پُلائڻ - فنا ٿيڻ. شاهو ڏيڻ - گيلشو ٻٽڻ - چٽ پٽڻ - ڦُسلائڻ - ٺڳڻ - ڏوڪو ڏيڻ - دغا ڏيڻ - پنيلائڻ - ڊوهڻ. آهستي آهستي ٿهڪڻ لاءِ ڇڏڻ - ڪاڏي ڪي رَڌهي وڃڻ ڪان ٻوءِ سيجهڻ لاءِ بند ڪرڻ. ڌاڻيءَ جو هڪ اڌ هيٺ ۽ اڌ مٿي ڪرڻ (يعني خال ڌاڻ جنهن مان نار لنگهندي آهي).
- دَمُ ڏيئي وَڃڻ: ڪسائي ڀڄي وڃڻ - دلاسو ڏئي هليو وڃڻ.
- دميرُ ۽ دَميرَ: ذ. صفت. دم وارو - وڏائي وارو - دمباز - مغرور - هٺيلو.
- دَمزنيءُ ۽ دَمزنيون: ث. لاف - ٻٽاڪ - ڊاڙ - لپاڙ - ڦوند - ڊش. فخر - وڏائي - آپمان.
- دَمزنيون هڻڻ: ٻٽاڪون هڻڻ - ڊاڙون هڻڻ.
- دَمُ سائڻ: ساهه بند ڪرڻ يا گهٽڻ - ساهه گهٽڻ - جوڳين وانگي مڪر ڪرڻ - ٻوڪ پچائڻ. دَتُ هڻڻ - چپ هڻڻ - ساهه روڪڻ.
- دَمسازُ ۽ دَمساز: ذ. صفت. همراز - رازدار - حال محرم - همدم - حال ڀائي. گهاٽو دوست - گهرو دوست - جاني دوست - ٻڪ متُ يار. يار وِيسُ - دل گهريو - همدرد - دل وارو سنگتي - ساٿي.
- دَمسازيءُ ۽ دَمسازيون: ث. گهاٽو سٻند - ياراڻي - گهاٽائي ماٺيليءُ - دلي تعلقات.
- دَمُ سانُ دَمُ ڪڍڻ: پنهنجو بڻائڻ - محبت ڪرڻ - دل دل سان ملائڻ - رازدان بڻائڻ.
- دَمُ سڃاڻڻ: پنهنجي ساهه ۾ الله ٻسڻ. پاڻ کي سڃاڻڻ.
- دَمُ قدم: ذ. زندگي - حياتي - هستي - وجود - ظرف. هر حالت ۾.
- دَمُ قدمُ جو خير: جان جي سلامتيءَ جي دُعا - هر حال ۾ خير جي دعا.
- دَمُ ڪرڻ: ڪجهه پڙهي ڦوڪارڻ يا ڦوڪارڻ يا ڦوڪڻ - ڦوڪارو هڻڻ. جانور ٻلاءِ وغيره رڏي ٻچاڙيءَ جو دَمُ ڪرڻ يا ڏيڻ. دفع ڪرڻ - ختم ڪرڻ

"تون شافي تون ڪافي، تون دردن ڪرين دم"
(راضي).

- دَمُ ڪشيءُ ۽ دَمُڪشيون: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم - دم جي بيماري - آپو ساهه - دمُ - سٿهڪو - آپساهي.
- دَمُ گهٽجڻ: ساهه گهٽجڻ - گهٻرائڻ - مُونجهارو ٿيڻ - مُنجهي پوڻ.
- دَمُ گهٽڻ: ساهه روڪڻ - ڪنهن کي سخت وٺڻ - سخت پڪڙ پچاڙ ڪرڻ.
- دَمُ لڳائڻ: حقو پيئڻ - حقو چڪڻ - سوٽا هڻڻ - وڏا ڪش هڻڻ.

Gul Hayat Institute

- دَمُ ۾: ظرف. لحظي ۾ - گھڙيءَ ۾ - تمام جلدي - ٿوري وقت ۾.
- دَمُ مَکِڻُ: ڪورين جي اصطلاح ۾ آئَڻُ شروع ڪرڻ لاءِ ڪپڙي جي مُنهُن تي آلو لٽو ڳهائڻ سان تندن کي آلو ڪرڻ.
- دَمُ نِباهِڻُ: وقت ٽپائڻ يا وقت لنگهائڻ. هر حال ۾ ساٿُ ڏيڻ - آخر تائين وفاداري ڪرڻ - دوستيءَ جا حق" پورا ڪرڻ.
- دَمُ نـ دَميندَا: جملو. پلڪ به نه ترسندا.
- دمُ نِڪرَڻُ: ساهه نڪرڻ - مرڻ "دَمُ نِڪري يا غمُ نِڪري".
- دَمُ نه هُئَڻُ: عاجزي ڏيکارڻ - هرگز نه ڪُڇَڻ - بالڪل خوش رهڻ - پنهنجي طاقت جو اظهار نه ڪرڻ - پاڻ کي ڪجهه به نه سمجهڻ.
- دَمُ وَاپَسِيِنُ: ظرف. آخري دَمُ - مرڻ واري گهڙي - پويون پساهه.
- دَمُ واندو نه هُئَڻُ: هڪ گهڙيءَ جي فرصت نه هئڻ - هروقت ڪم ۾ رُڌل رهڻ - عَدِيمُ الفُرُصَتَ هئڻ - فارغ نه هئڻ - فرصت نه هئڻ - تمام گهڻي ڪم ۾ مشغول رهڻ. صوفين جي اصطلاح ۾ هرهڪ دَمَ سان ذِڪر ڪندو رهڻ.
- دَمُ وَٺَڻُ: ساهه کڻڻ يا آرام ڪرڻ - ساهي پٽڻ - فرحت وٺڻ - ٿڪ ڀڃڻ - ترسڻ - ٽِڪَڻ - دم پٽڻ - سَهڪڻ - ليهڻ - تازو توانو ٿيڻ.
- دَمُوِيُ: صفت. رت جو - رت وارو - خوني. خوني مزاج وارو ماڻهو - قهر جهڙو - ڪٺور - خونخوار.
دَمُوِيُ مِزَاج: وڏيل خون جي خطا وارو ماڻهو.
- دَمَهَڙو (ت): ظرف. ڪجهه دم - ٿورو وقت.
- دَمُ هَلاَئِڻُ (ت). خَفِيُ ذڪر ڪرڻ.
- دَمُ هَڻَڻُ: چرس يا حقو ڇڪڻ. ٻٽاڪ هڻڻ - پاڻ ساراهڻ - خود ثنائي ڪرڻ - لاَفِ هڻڻ - وڏائي ڪرڻ - هَڏَڻ - سَرڪَڻ - ڦونڊجڻ - ڊاڙ هڻڻ - دعويٰ ڪرڻ. همت ٻڌڻ.

- دَمِيُ يا دَمِيُ: ذ. صفت. هنيلو - تڪبر ڪندڙ - هوڏ ڪندڙ.
● دِرُ: اسم خاص. تعلقي سالگهڙ ۽ تعلقي موري ۾ دِيهن جو نالو.
● دُمُ يا دُمَ: ذ. (ف) پڇ - دُنبُ - ڇيڙو - پُوڇڙ - پوڇڙي - پَڇڙي - پڇاڙي.
- دُمدارُ يا دُمدَارَ: ذ. صفت. پُڇَ وارو - پڇڙيءَ وارو - دلبدار - هڪ تاري جو قسم.
● دَمَاچَ (ت) اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - ڏَماچ.
● دِمَاغُ يا دِمَاغَ: ذ (ع) مغز - ميجالو. مٿو - سِرُ - سِيسُ. سمجهه - عقل - فهم - ادراڪ - دانائي. اوسانُ - هوش - حواس. گهُمَنڊُ - تَڪَبر - وڏائي - باٺورُ - مغروري - آڪڙ - سيٺُ - غرور - بيهودگي. نشو.
- دِماغ آسمان تي هئڻ: پاڻ کي وڏو سمجهڻ - تَڪَبُرُ ڪرڻ - ڪنهن تي اک نه ٻُڏڻ - هيٺ نظر نه هئڻ.
- دِماغُ ڇَٽِڻ: ڪنهن جو مٿو کائڻ - بڪواس ڪرڻ.
- دِمَاغُ ڇَڙُهِيُ وَڃَڻُ: دولت جي نشي ۾ پاڻ ڀڏائڻ - مغرور ٿيڻ.
- دِمَاغُ جاءِ اچڻ: دماغ صحيح ٿيڻ - غرور ختم ٿيڻ - ٺاٺ وڏائي نه رهڻ - هوش ۾ اچڻ.
- دِمَاغُ خَالِيُ ڪَرَڻُ: اجايو مٿو هڻڻ - ٻَڪ ٻَڪ ڪري پريشان ڪرڻ - ڪنهن ڳالهه سمجهائڻ لاءِ پوري پوري ڪوشش ڪرڻ.
- دِمَاغ رَکَڻُ: وڏ ماڻهپائي ڏيکارڻ - مغرور ٿيڻ.
- دماغ سوزي ڪرڻ: وڏي دماغي محنت ڪرڻ - وڏي سمجهه ويڙهائڻ.
- دِمَاغ ڪَرَڻُ: وڏائي ڪرڻ.
- دماغ کائڻ: ڏسو "دَماغ چَٽڻ".
- دِمَاغ ۾ خَلَلُ هُئَڻُ: حواس درست نه هئڻ - چريو هئڻ - ماليخوليا هجڻ - جُنون هجڻ.

Gul Hayat Institute

- دِمَاغِيِ ۽ دِمَاغِيُ: ذ. صفت. مغز وارو- مٿي وارو- دماغ وارو- دماغ جو. فهم وارو- عقل وارو- سمجهه وارو. هٺيلو- هٺيلو- مغرور- فخر ڪندڙ. پاڻ کي ڪجهه سمجهندڙ.

● دَمَامو ۽ دَمَامَا: ذ. [ف دَمَامَه= نقارو] ڍول جو هڪ قسم- نغارو- نقارو- ٻيري. ڏڪڙ- طبلو- رونق- ڇهڇٽو- وڏو نشُ (خوشيءَ جي موقعي تي).

- دَمَامُون: ذ. هڪ ساز جو قسم- دمامو. خوشي.

- دَمَامَنِ (لس): ذ. واڄا- آواز- ڍول جو ڪڙڪاٽ- ڌامو

● دِمَامُون: اسم خاص. تعلقي مير پور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَمَانُ: (ف) طاقت وارو- سخت- ڪرڙو- خون خوار- تکو. تيز هلڻ وارو- تکڙو- شوخ. (ڀيلِ دَمانُ= تيز هلندڙ هاٿي).

● دَمَا وَنْد: اسم خاص. (ف) هڪ جبل جو نالو.

● دُمْبَاڙِڻُ (ت): مصدر. ذرا ذرا ڪرڻ- ڪپهه ڀڃڻ- ٽُڪْبِڻُ- لتاڙِڻ- ڀيڙڻ. مار ڏيڻ.

● دَمچَرُ ۽ دَمْچَرَ: ذ. گوڙ- گپوڙ- هُلُ- ڌمچر.

● دُمْچِي ۽ دُمْچِيُون: ث. (ف. دُمچي= پُوڇڙي). گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج- پُڇي- دُنبچي- پچڙنگ. اهو ڪپڙو جو هٿي يا پاکڙي جي پٺيءَ پاسن کان پَڏِي وَهٽ جي پُڇ هيٺان لنگهائي ڇڏجي.

● دَمْدَمو ۽ دَمْدَمَا: ذ. [ف. دَمْدمه] مٽيءَ يا واريءَ جي ڳوڻين مان ٺهيل قلعو- مورچو. مٽي چڙهيل رستو- مٽيرو- پَنْڊ- بَنْدُ. ريلوي يا پڇاءَ بند تان آمد رفت جي جاءِ. درياهه جي مٿان لنگهه لاءِ گهيڙ وٽ- وڏي بَنهَ تي چڙهڻ لاءِ لهوارو حصو- پُل- موري- ڦڙدو. ناموس- هاڪَ- شُهرت- گوڙ- هُل- غوغاءُ- بکيڙو- هنگامو.

- دَمْدَمو ٻڌَڻُ: ڪنهن جي برخلاف خراب صلاح ڪرڻ- مورچو ٻڌڻ- بَندُ ٻڌڻ- حملي لاءِ تياري ڪرڻ.

● دَمَرُ ۽ دَمَرَ: ذ. [سن. ڊَمَرُ] ڍُهل جو هڪ قسم- ڪنجري- ڪنجري. ناچ جو هڪ قسم- ڌَمالَ- ناچ- جهُمِرِ- همبوڇي (لس)- هَمْبوشي- بَغلِيُون هٽي ناچ ڪرڻ جو قسم.

● دَميڙا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دَميڙو ۽ دَميڙا (ت): ذ. ننڍڙو پٿر. ڪَڪَرو- ڪرڪيڙو.

● دَمْڙِي ۽ دَمْڙِيُون: ث. [ف. سن. دِرَمِ] اڳئين وقت جي سڪي جو هڪ قسم- پئسي جو اٺون حصو- ٽولي جو اٺون حصو. جوارين جي اصطلاح ۾ هڪ راند (ت). پرت جو هڪ قسم.

- دَمْڙِيءَ جِيُ دَالَ ٿيِ وقت چاڙهڻ: وَڏِيُ قناعت ڪرڻ.

- دمڙِيءَ جي دال ڇِڏي نہ ڪرڻ: اجائي ٻَڪائي ڪَرَڻُ.

- دمڙي نہ وڃڻ: سخت ٻڪائي ڪرڻ- ڪنجوسائي ڪرڻ "چمڙي وڃي تہ وڃي پر دمڙي نہ وڃي." چوڻي.

● دَمَشَق: اسم خاص. شام ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو.

● دَمَڪَ: ث. (د هہ. چَمَڪَ. سن. چَمَتْڪَ) چمڪ. شوبا رونق سونَ يا چَهُري جي.

● دَمَل: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهہ ۾).

● دَمِڻُ: مصدر. [ف. دَمِيدَنُ= ڦوڪڻ منجهان ورتل] ساهہ کڻڻ- دَم کڻڻ. ترسڻ- صبر ڪرڻ- دم دلاسو ڏيڻ. (سن. دَمن) طعام کي ٿوري تَوُ تي رڌڻ- آٻارڻ- جوش تي چانور رڌڻ- آب تي چانور رڌڻ- ڪاڏو يا ڀاڄي ٻاڦ تي رڌڻ- دَم ڏيڻ- پچائڻ رسوئي ڪرڻ.

● دَميهيَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● دِمِيءُ ۽ دِمِيئُون: ث. ڇوٽي موٽي شيءِ- ڳڙ جو وڏو ڇڪو (اٽڪل ٥ سير ڪن). ڊِمِيٽِي - ڇوٽو موٽو- ڇوٽڙي قد وارو ٿلهڙو ماڻهو. هڪ هندائي جو قسم- تراڪڙو- ويڪرو گيدرو. گول هندائو. ڪَدُو (جو ٽنبي لاءِ ڪم اچي). ڳڙ جي ٿيلهي (ت). پيٽن ڏاڍن وارو ڦورو (ت).

● دَنِ ۽ دَنيئُون: ث. [سن. دَنُ] اناج جو ڍير يا گُندي جنهن ۾ انّ جمع ڪري رکجي. گاهه يا ڪانن جو وڏو ڍِيرُ- ڍِڳُ- سٿي.

- دَنِ ڪَرَڻُ: ڍِڳ ڪرڻ- گدام ڪرڻ- ڍِير ڪرڻ. ڪارڪن جو ڍِڳ ڪرڻ (ت).

● دِنُ: ذ. [سن. دِن. پرا. دِڻ] ڏينهن- روز- وارُ. ڏهاڙو- موسم- رُتِ- مُنڊ.

- دِنُ بَدِنُ: ظرف. روزبروز- ڏهاڙي- ڏِينهون ڏِينهِين- هر روز- رفته رفته- ٿيندي ٿيندي- هلندي هلندي.

● دُنُ ۽ دُنَ: ذ. (سن. تُنُد) هڪ عضوو- پيٽ جي وچواري ڪَنڌَ- ناف- نانڙي واري جاءِ. ڪنهن ٿانوَ جي وچ ۾ مٿي آيريل ٻُوٽب- ڏيلڊي. ڪنهن به شيءِ جو پورو وچ. ظرف. وچ ۾- وچُ- گهٽو- انبار. جيئن ”مال گاهن جي دُن ۾ پيو چري“.

- دُنيرُ ۽ دُنيرَ: ذ. صفت. وڏي دُنَ وارو- وڏي نافَ وارو. وچ مٿي ٿيل ڪوبهه ٿانءُ.

● دُنَابُ ۽ دُنَابَ: ذ. ٿولهه- سوڄ. جيئن ”گهوڙي تي دُناب لڳا پيا آهن“.

- دُنَابُ ٿيڻُ: جانور جو ٿلهو ٿيڻ.

- دُنَابِي ۽ دُنَابِيُ: ذ. صفت. ٿولهه وارو- متارو- سُوٽل.

● دُنَاڙُ ۽ دُنَاڙَ: ذ. نڪ جو هيٺيون پاڳو- دُون- دُوناڙ.

- دُنَاڙَ پٽي وجهڻ: نَڪُ ڇٽي وجهڻ- مُنهن تي ڏڪ هڻڻ- سخت سزا ڏيڻ.

● دُنبُ ۽ دُنبُيُون (ڪ.ڪ): ث. دُنبَنِ ڪي پيرَنِ ۾ ٿيندڙ هڪ بيماريءَ جو نالو.

● دُنبَ ۽ دُنبُ: ذ. [ف. دُمُ = پڇ] دُم- پڇ- پُٺِ- اُٺي. پول- چيڙو- پچڙي. گهوڙي جي پول وارو حصو. گهوڙي جي هڪ سنج جو نالو (ت).

- دُنبِيرُ ۽ دُنبِيرَ: ذ. صفت. وڏي پچ وارو- پُچڙُ- دُميرُ. وڏن پُنبَڙن وارو.

● دُنبَا: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ دِيهه جو نالو.

● دُنبَارِ (ڪ): اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● دُنبَاڙِڻُ: مصدر. پيرن هيٺان چٿڻ يا لتاڙڻ- جهڳورڻُ. پيو پيرو ڪپهه صاف ڪرڻ- دوبارهه تُنبَڻُ- چانورن کي ٻيو دفعو ڇڙڻُ. زور سان ستڻ. ڪُٽڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ- پيچ ڪيڻ يا ڏيڻ.

- دُنبَارَ ۽ دُنبَارَوُن: ث. ڪپهه کي ٻيو دفعو پيچ- ستَ. چانورن جي ٻيو دفعو ڇڙَ. زور سان ستَ ڪُٽَ- مارَ- دُلباڙَ.

● دُنبَارِيُ ۽ دُنبَارِيُون: ث. پَڳَ- لُونگي- پٽڪو.

- دُنبَارِيُ ٻڌَائڻُ: پڳ ٻڌائڻ.

- دُنبَاڙَ ۽ دُنبَاڙُون: ث. ڏسو ”دُنبَارَ“.

● دُنبَالُ: ذ. [ف] چوپائي جانور جو پُڇُ- دُنبُ.

● دُنبَالو ۽ دُنبَالا: ذ. [ف. دُنبَالَهُ] پُڇ- دُنبُ. ٻيڙيُ يا جهاز جو پٺيون حصو يا ڇيڙو.

● دُنبَالوجا گيرُ: اسم خاص. تعلقي دِيري محبت ۾ هڪ دِيهه جو نالو.

● دُنبُ ٿيڻُ (ت): غرق ٿيڻ- شهر جو ويران ٿي ڀُورجي وڃڻ- عمارت ڪِري ڀوڻ- محل ويران ٿيڻ- دُفُ ٿيڻ.

● دُنبِچِيُ ۽ دُنبِچِيُون: ث. (ف). ڏسو ”دُمچِي“.

● دُنبِڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دُنبِڙِي ۽ دُنبِڙِيُون: ث. [ف. دُنبَل = ڦرڙي] ڦرڙِي- ڀِتِ- رت ڳڙُ- ڳڙُ.

● ڏُنْبو ۽ ڏُنْبا: ذ. صفت. [هہ. ڏُنَاب = ٿُلهو. اکرن جي مَٽ سَٽ ٿيل. ڏُناب = ڏُنبا = ڏُنْبو] ٿُلهو – موٽو – موٽَل – سُچيل – سَپَر – متارو. (ف). گهيٽي جو هڪ قسم، جنهن جو پُڇ ٿُلهو ٿئي – ٿُلهي پُڇ وارو – ڏُنبِ وارو. (ذ). گهيٽو. (ت. ڏُنْبي ۽ ڏُنْبيُون).

– ڏُنْبو بَڻائِڻُ: ٿُلهو ڪرڻ – سُجائڻ – متارو ڪرڻ. ماري ماري سُجائي ڇڏڻ – ڏاڍي ڪُٽَ ڪيڻ.

– ڏُنْبو ٿِيَڻُ: ٿلهو ٿيڻ – متارو ٿيڻ.

● ڏَنْبُورو ۽ ڏَنْبُورا: ذ. [ع. طَنْبُورو جي بگڙيل صورت] وڄائڻ جو هڪ ساز – پنجن تندن سان هڪ ستارَ – سُرندو – طَنبورو – هڪ تارو – تنبورو – جنبورو.

● ڏَنْبُوقَ: [”بَندوق“ جي بگڙيل صورت] بندوق – رائفل – تُفَنگ – توڦاقَ.

● ڏُنْبِ ۽ ڏَنْبِ: ذ. رِياءُ – ڏيکاءُ.

● ڏَنْجَ ۽ ڏَنْجُون (ت): ث. ڏَزَ – ڏُوڙ. [ڏَز > ڏَجَ > ڏَنْجَ].

● ڏَنْجهِ (ل): ث. ڏَنْجَ – ڏَز. ڏُوڙ – ڪنگهہ، (ڪنگهہ جو نمونو، جنهن ۾ ڪانگهارو نہ آئڙي رڳي ڇڙي سُڪي ڪنگهہ هجي).

● ڏُنْڊُ ۽ ڏُنْڊَ: (هہ) وڏو نقارو. شور. ظلم.

– ڏُنْڊُ ڏيَڻُ: شور ڪرڻ. ظلم ڪرڻ.

● ڏَنْداگيرُ ۽ ڏَنْداگيرَ: ذ. تمام ڏاهو – سياڻو – عقلمند – اڪابر – چالاڪ – ذهين – هوشيار – عاقل – سياڻپ وارو – تجربيڪار – آزمودگار – جهان ديدو، استاد – گوهر – ڪاريگر – ماهِرُ. جيئن ”ڪاڪ پڌيو ڪنبندا وڃن، دالهن دنداگير“.

– ڏَنْداگيرِي حَلْوو: ذ. [ف. دندان = ڏَندُ + گير = پڪڙيندڙ] حلوي جو هڪ قسم، جو ڏندن ۾ چنبڙي پوي – چاپُو حلوو – چنبڙُ حلوو.

● ڏَنْدانُ: ذ. (ف) ڏندُ – ڏَچَنُ.

– ڏَنْدان سازَ ۽ ڏَنْدان سازَ: ذ. صفت. ڏند ٺاهيندڙ – ڏندن جو علاج ڪندڙ – ڏندن جو ڊاڪٽر يا طبيب.

– ڏَنْدان سازِي: ث. ڏند ٺاهڻ جو ڪم.

– ڏنْدانْ شِڪَنْ: مُنهن ڀوڙ – ڏَلدَنْ ڀوڙ – بس ڪرائي ڇڏڻ وارو – زبان بند ڪرائڻ وارو.

– ڏَنْدانُو ۽ ڏَنْداليا: ذ. ڏَنْدو (ڪاراڻي وغيره جو). خط يا ڇيڻي جي مٿان ليڪو يا گهڪو.

● ڏَندَڻُ ۽ ڏَنْدَڻَ: ذ. [سن دندڻ = ڏراڙ] لَٺ رکندڙ – لَٺَ ڪڻندڙ – لَٺ وارو. مال ولڏي – پاڳيو. عملدار – عملي وارو – چوبدار – پهريدار ”تُنهنجي مُنهنجي ٽَڪ ٽَڪ ڏَڻُ ميڙئي ڏَندَڻَ جو“ چوڻي.

● ڏَنْڏو ۽ ڏَنْڏا: ذ. ڏانڊو – هنر – واپار – ڪِرت – ڪم. رهڻي ڪرڻي – رهايش.

● ڏَنْڏوڻِڻُ (ت): مصدر. ڏوڏارڻ – لوڏڻ – ڏوڻڻ – جهَنجهولڻُ – ڏانڊ ولڻ.

● ڏَنْڪَڻُ: مصدر. [سن. دا = چمڪڻ] ٻَرَڻ – ٻَڙڪَڻ. چمڪڻ – ڏَونڪڻ.

● ڏَنْگُ ۽ ڏَنْگَ: ذ. حد – سنڌو – سرحد – ڇيهہ – ڇيڙو – پڇاڙي – انتها. ميعاد – مُدو – عرصو. رستو – ڏَگِ. (ف) حيران – وائڙو – ديوانو – چريو – احمق – پريشان – ششدر – موڳو.

– ڏنْگ ڏَڙَڻُ: ڪاوڙ ۾ پير ڌرتيءَ تي هڻڻ – ڏَڙها هڻڻ. ميٽي آڻڻ.

– ڏَنْگَ ڏَڙو: ذ. حدُ – ڇيڙو – پڇاڙي. رستو – ڏَگِ.

– ڏَنْگُ رَهَڻُ: حيران رهڻ – وائڙو رهڻ.

– ڏنْگ رَهجي وڃَڻُ: هَڪو ٻَڪو ٿيڻ – سُنَ ۾ پئجي وڃڻ – بيحس ٿيڻ – هڪ هنڌ ڪُپي وڃڻ (فڪرات ۾).

– ڏنگ ڪَرَڻُ: پڇاڙي ڪرڻ – سنڌ ڪرڻ – حد مقرر ڪرڻ – چوٽيءَ تائين پهچڻ – چوٽي ڪرڻ – توڙ کي پهچڻ.

– ڏَنگو ۽ ڏَنْگا (ت): ذ. انتها ڪرڻ – حيران ڪرڻ. شڪارين جي اصطلاح ۾ سوئرن جي اچ وڃ لاءِ ٺهيل رستو.

Gul Hayat Institute

— ڏنگا ٽاهڻُ: جهنگ ۾ سوئرن جي اچڻ وڃڻ لاءِ رستا ٽاهي ڇڏڻ.
— ڏَنگئيُ ۽ ڏَنگئيُ: ذ. صفت. سرحدي - سرحد تي رهندڙ - پَرَ واري زمين يا جاءِ جو مالڪ.
— ڏُنگُ ۽ ڏُنگَ: ذ. (ف) شراب وغيره رکڻ لاءِ تمام وڏو ٺاهيل جو مَٽُ - شراب جو مَٽُ. شراب جو وڏو شيشو. شراب جو پيالو.
● ڏُنگُ پرَڻُ (ت): مَٽُ پرڻ. پيالا پرڻ. پرائو مال گهڻو کائڻ.
— ڏُنگَ چاڙهڻ: شراب جا مَٽَ پئي وڃڻ - حد کان وڌيڪ شراب پيئڻ.
— ڏُنگڙو ۽ ڏُنگڙا (ت): [ڏُنگَ جو اسم تصغير] ذ. شراب جو ننڍڙو مَٽُ.
ڏُنگڙيُ ۽ ڏُنگڙيون: ث. شراب جو ننڍڙو برتن - شراب رکڻ لاءِ ٺاهيل جو ننڍڙو مَٽُ.
— ڏُنگيُ ۽ ڏُنگيون: ث. شراب جو ٺانو - شراب جو شيشو. شيشو - بوتل.
● ڏَنگِ ٻيلو: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڏِيهه جو نالو.
● ڏِنگِ چاچڙ: اسم خاص. تعلقي کهونکيءَ ۾ هڪ ڏِيهه جو نالو.
● ڏَنگَلُ ۽ ڏَنگَلَ: ذ. پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ ۽ خوشي ملهائڻ جي حالت - گڏجي هُل هنگامو ڪرڻ جي حالت - ميڙ - ڪِرڙ - ڀِيڙهه - انبوهه - هشام - هُل - لڙ - گهمسان - ٻاڙيتال - شور. ميڙو - ملاکڙو - اکاڙو - ڪُشتيءَ جو مقابلو. عملو - ڏَنبلو - آنالو - چاڪر چوڪر.
● ڏَنگڻُ: مصدر. ٽپڻ - ٽپ ڏيڻ - هيٺ مٿي ٽپڻ - نچڻ. پرت جي اصطلاح ۾ ٽاڪڻ - سبڻ - ڏِ اڳڻ.
● ڏَنگوُ ۽ ڏَنگا: ذ. تڪرار - جهيڙو - ٻاڙيتال - فساد - هُل - هنگامو - معاملو - ٽنٽو - ٻکيڙو - جهڳڙو - ٽوٽو - بکاغو - گوڙ - خلل - ڦندو - لڙائي - شرارت.
— ڏَنگائيُ ۽ ڏَنگائيُ: ذ. صفت. فسادي - جهيڙاڪار - شرير - فتنہ انگيز - جهيڙاڪَرُ - ٻکيڙائي - جهڳڙائي - ٽنٽائي - رَڳڙائي - مُعاملائي - وِيڙهاڪو - جهٽائي - تڪراري.
— ڏَنگوُ ڪَرَڻُ: لڙائي ڪرڻ - فساد ڪرڻ - شور ڪرڻ.
— ڏَنگئيُ ۽ ڏَنگئيُ: ذ. صفت. ڏنگو ڪندڙ - فساد ڪندڙ - فسادي - جهيڙاڪَرُ - لڙاڪو - شرير.
— ڏَنگوُنا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ۾).
● ڏُنگيُ ۽ ڏُنگيون: ث. وڏيءَ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - وڏي ٻيڙي - سامونڊي ٻيڙي - ننڍو واپاري جهاز. جيئن
"ڏَنگي منجهه درياهُ ٻڏي ڪ آهڙي."
● ڏُنڊنگوُ ۽ ڏُنڊنگا (ل): ذ. صفت. ڏَٽو مٽو - ٿُلهو متارو - ڏاڍو.
● ڏنڱوُرُ ۽ ڏَنڱورَ (لس): ذ. ڏَور. ڊو. گهڻو - جهجهو - بي انداز.
● ڏُنيُ ۽ ڏُنيُ: ذ. صفت. [ع. ڏَنيُ = هو نيچ ٿيو] گهٽ - خسيس - نيچ - ڪميڻو - ڪمذات - اوڇو - ڪَرتُوتَن ڪِنو - بڇڙو - بي عزت - نالائق - پست همت - ڪوتو - گهٽ اخلاق وارو (ث). دنيا - ڏَنُ - دولت - مال - ملڪيت - ناڻو. جيئن
"جو تَن ستان جُتڪي، ڏُليي تُنهنجي دارَ" (شاهه).
● ڏُنيُ: ڏُن تي "ڪتيُ ڏُليي" ساڻوڻ جي حَد پُنيي." ساڻوڻ جي آخر ڏاري سج آيرڻي ڪان اڳ ڪتي (نکت) ستل ماڻهن جي ٻوري ڏُن تي هوندي آهي.
● ڏُنيا ۽ ڏُنيائون: ث. [ع. ڏَنا = هو ويجهو ٿيو] موجوده زمانو - جهان - جڳ - جڳت - ڪائنات - سنسار - لوڪ - عالم - وِسُ. زمين - پرٿوي - پرٿيُ - ڏَهر - ڀُون - ڌرتي. خلقت - مخلوقات - سرشٽي - ماڻهو - دنيا جا ماڻهو. دنيا جو سامان - دولت - ڏَنُ - مايا - ناڻو - پئسو - مال ملڪيت - خزانو.

Gul Hayat Institute

- دُنيا آميد تي قائم هجڻ: انسان جو آميدن جي آسري زندگي بسر ڪرڻ.
- دُنيا (اکين اڳيان) آولاهي ٿي وڃڻ: غمن ۽ ڏکن جو غلبو ٿيڻ.
- دُنيا پَر جُون ڳالهيون ڪرڻ: بيسود ۽ بي فائدي ڳالهيون ڪرڻ - بڪواس ڪرڻ.
- دُنيا پرستُ: دنيا ۽ دولت جو پوڄاري - لالچي - طمعي - هٻڇي.
- دُنيا جا جهڳڙا: دنياوي معاملات - زماني جون ضروري ڳالهيون (گهر، شادي، خوراڪ وغيره).
- دُنيا جا رنگ: دنيا جون ڦرندڙ گهرندڙ حالتون - دنيا جا بي بقا اظارا.
- دُنيا جا سبب قطع ڪرڻ: دنيا جي حُب دل مان ڪڍي ڦٽي ڪري ڇڏڻ.
- دُنيا جو جهانُ ڇڏڻ: فوت ٿيڻ - موجوده زالدگي ختم ٿيڻ.
- دُنيا جُون نوڪرون ڪمائڻ: ڏک ڏولاوا سهڻ - تڪليفون برداشت ڪرڻ.
- دُنيا جي اکين ۾ هجڻ: سڀني جي نظرن ۾ هجڻ.
- دُنيا جي تختي تان ڪڇي وڃڻ: زندگي ختم ٿيڻ - وفات ڪرڻ - مرڻ.
- دُنيا جي هوا لڳڻ: دنيا جي خواهشن ۾ لڳي وڃڻ - دنيا جي مزن ۾ ڦاسي پوڻ - زماني جي چال اختيار ڪرڻ - معاشرو متاثڻ.
- دُنيادارُ ع دُنيادار: ذ. صفت. پئسي وارو - شاهوڪار - امير - ملڪيت وارو - ڌن ڀٽي - دولتمند - وَنهيُون - تونگر - غني - هُوند وارو - ڀاڳيو - ساڻو - سکيو - ڏاتُ - ستابو - مالامال - ڀرپور - جوپُ - آسود و - لکاپتي - سٽيو.
- دُنياداري ع دُنيادار يُون: ث. دنيا سان تعلقات رکڻ جي حالت - زماني سازي - جهالگيري - لوڪ سازي - دنيا جي واقفيت - دنيا جي هلت چلت يا هلي چلي. تونگري - دولتمندي - ڀاڳيائي - آسودائي - ونهيائي.
- دُنياسازُ: دنيا جي معاملن ۾ ڀهرو وڻ وارو.
- دُنياسازي: دنيا ۾ سڀ سان سهٺا تعلقات قائم ڪرڻ جي حالت.
- دُنياسازي جُون ڳالهيُون: ظاهرداريءَ جون ڳالهيون - سياست جا معاملا.
- دُنيا کان پَري پيڃڻ: دنيوي تعلقات توڙي ڇڏڻ.
- دُنيا کي نوڪر هڻي ڇڏڻ: دنيا کي ترڪ ڪرڻ.
- دُنيا کي لت هڻي ڇڏڻ: دنيوي حرص و هوس کي ترڪ ڪري ڇڏڻ.
- دُنيا گذرگاهه هجڻ: دنياوي زندگيءَ جو عرصو ٿورو هجڻ.
- دُنيا مان هٿ ڌوئڻ: دنيوي ڏلذن تان دست بردار ٿيڻ - عيش کي ترڪ ڪرڻ.
- دُنيا منجهان سڌارڻ: دنيا منجهان ڪوچ ڪرڻ - وفات ڪرڻ - فوت ٿيڻ - مرڻ.
- دُنيا وَ آخرتُ: ث. دنيا و عُقبيٰ - هيءَ دنيا ۽ ٻي دنيا.
- دُنيا وَ ما فيها: ذ. دنيا ۽ جيڪي دنيا ۾ آهي - سنسار ۽ جيڪي ڪجهه آن ۾ آهي - سارو جهان - دنيا ۽ آن جا جمادات، نباتات، حيوانات ۽ انسان ۽ جن وغيره.
- دُنيا هيڏانهن جي هوڏانهن ٿي وڃڻ: وڏو انقلاب اچڻ.
- دُنيائي ع دُنيائي: ذ. صفت. دنيا جو - دنيا وارو - جهان جو - زماني جو - لوڪڪ - سنساري.
- دُنيوي: صفت. دنيا جو - دنيا وارو - دنيائي - دنيا مان لاڳاپو رکندڙ - سنساري - گرهستي - گهرٻاري - فاني.
● دَنيرُ ع دَنيرَ: ذ. صفت. [س. ڌ ينورُ] تمام ڪارو. ٿلهو - ٿلهڙُ - ڏڀڙُ - ڏلو - موٽو - ڌڌ متو - سپرُ - ڌُنبو. وڏو ٿلهو ٿانگ. ڇچي مار - مُهاڻو.
● دُنيءُ: ث. [ع. دُنيءُ] جڳُ - جهانُ - دنيا - سنسار. جيئن " هن دُنيءَ ۾ ڪئين آيا ڪئين ويا." زمين - ڀُونءِ - ڌرتي - ارض.

Gul Hayat Institute

- دُئيان پائيان نڪرڻ: حوصلي کان لڪري وڃڻ - دين دنيا کان وڃڻ. بي حيا ٿيڻ - ڪنهن به ڪم جو نه رهڻ.
- دُئيون پائيون ڪيرِي ڇڏڻ: دين دنيا کان ڪيڻ - ٻئي جهان وڃائڻ - صفا ڪاري ڇڏڻ - اصلاح جي اميد باقي نه ڇڏڻ.
- دُئيون پائيون نيڻ: نڪمو ڪرڻ - بيڪار ڪرڻ - صفا ڪاري خراب ڪرڻ.
- دُئيون پائيون وِيَلُ: بِنهُه ڇَتَ - لِڪار - لِڪمو - بي ڍلڳو - هرڳالهه کان وِيَلُ - بيڪار. دين دنيا کان نڪتل. دين ۽ دنيا ٻنهي کان خارج ٿيل.
- دُو: صفت. [ف. دُو: سن. دِوُ = ڏُون، ٻ] هڪ عدد جو نالو - ٻه - ڏُون - جوڙو. ٻيڻو - ڏونو - ٻٽو - دُهرو.
- دوآبُ ۽ دوآبَ: ذ. صفت. ٻن لهرن جي وچ واري زمين - دوآبو - دوآبو - دُوابو.
- دُوآبو ۽ دُوابا: ٻن لهرن جي وچ واري زمين.
- دوآبو ۽ دوآبا: ذ. صفت. ٻن ندين جي وچ واري سڪل زمين - دوابُ - دوآب - دوآبو. اسم خاص. حيدرآباد جي ڀرسان هڪ ڳوٺ جو نالو.
- دوآتيشو ۽ دوآتيشا: ذ. صفت. ٻن باهين مان نڪتل - ٻه دفعا ڇڪايل عَرَقُ.
- دوآنيِ ۽ دوآنيون: ث. هڪ سڪي جو نالو - ٻيانيِ.
- دوابو ۽ دوابا: ذ. صفت. ٻن لهرن جي وچ واري سُڪل زمين.
- دُوائي ۽ دُوائي: ذ. صفت. ٻن زبانن وارو - ڪُوڙو.
- دوبارُ ۽ دوبارَ: ذ. صفت. ٻه دفعا - ٻيو دفعو - ٻيو ڀيرو - ٻه ڀيرا - ٻه ڀيرا - وري وري. ڪهڙو (ل ق).
- دوبارهِ: ذ. صفت. ٻيو دفعو - ٻيو ڀيرو - وري وري.

- دُوبالاَ: صفت. ٻيڻو - ٻٽو - ٻيحد تمام گهڻو.
- دُوبيناڻي ۽ دُوبيناڻيون: ث. ٻه ڏسڻ جي حالت. دوئي - ٻيائي. دوئو - دائع جا ٻه دائا
"دوبيناڻي دُور ڪري، مَعرفت ملهاءِ" (شاهه).
- دُوتاَ: صفت. ٻٽو.
- دُوتارَ ۽ دُوتارَ: هڪ ساز جو نالو - ٻن تارُن وارو هڪ ساز.
- دُوتارو ۽ دُوتارا: ذ. دُوتار.
- دوتهو ۽ دُوتها: ذ. صفت. ٻن تهن وارو. ڄيڙو - جانئو - ڦوڙي - جُنگب. ڏتو مٿو - مٿرَ وتر - ڦوقانگ - مٽيڪو - ڏرگ.
- دُوپتو ۽ دُوپتا: ذ. ٻن پٽن واري چادر - اوڇي - رئو - ڳنڍي.
- دُوپسيتي ۽ دُوپسيتيون: ت. صفت. ڍڪي - ايٽ سان - ڳرڀڻي - حمل سان - حامله - ڳرڪٽڙي.
- دُوپهري ۽ دُوپهريون: ث. ٻه پهر - منجهند - ظهر - ٻپهري. (ذ). گل جو هڪ قسم (جو منجهند جو ڪلندو يا ٽڙندو آهي).
- دُوپيازهُ: ذ. ڪاڌي جو هڪ قسم، گوشت (رڌل) جو هڪ قسم (جنهن ۾ ٻه دفعا بصر وڌو ويو هجي).
- دُوجو ۽ دُوجا (ٽ): صفت. ٻيو (ث. - دُوجي ۽ دُوجيون).
- دوجهانَ: ذ. ٻه جهان - هيءُ ۽ هوءُ دنيا. موجوده ۽ آئنده واري دنيا.
- دُوچارُ ۽ دُوچارَ: صفت. ٻه چار - ڪُجهه - چندُ. (ذ). ميڙ - ملاقات - مجلس - ميڙ.
- دُوچار ٿيڻُ: مقابل ٿيڻ - سامهون ٿيڻ - مُٺ ڀيڙ ٿيڻ - مُنهن مقابل ٿيڻ.
- دُوچندُ: صفت. ٻيڻو - ٻٽو. دُوهرو - دُگنو - ڊبل - ٻه ڀيرا.
- دُوچوبو ۽ دُوچوبا: ذ. ٻن ڪاٺين وارو تنبو - ٻه سرخو (تنبو).

Gul Hayat Institute

- دُوچتي ۽ دُوچتيُون: ث. ٻن ڇتين يا ڪُنڊن واري جاءِ. ٻچتي - جاءِ ۾ ٿهيل طاق وانگي اڏ ڇت (سـت وغيره رکڻ لاءِ).
- دُو دَستو ۽ دُو دَستا: ذ. صفت. ٻن هٿن وارو - مضبوط - زبردست - اڻ گهڙيو - ٻي ڊولو - بدشڪل. اڏنگو - بيهودو - بدفضيلتو - ٽَرڙو. اناڙي - ڄڏو - بي هُنر.
- دودِلُ: ذ. صفت. ٻه دليو - ٻه چتو. ڦرلڙ گهراڻ ڦرڻو گهرڻو.
- ٻِڏيُو ڏاريو: ذ. ٻن ڏارين يا مُنهن وارو. هڪ واڍڪو اوزار.
- دُوراهو ۽ دُوراها: ذ. آها جاءِ جتان ٻه رستا لڪرن - ٻه واٽو.
- دُورُخو ۽ دُورُخا: ذ. صفت. دورنگو - دوطرفو - ٻيائي وارو.
- دُورنگو ۽ دُورنگا: ذ. صفت. ٻن رنگن وارو - ٻه رنگو - چٽڪمرو - چيٽ چيٽ. گهوڙي جو هڪ قسم - ڪارو - ابلق. ٻيائي رکندڙ - اندر هڪڙو ٻاهر ٻيو - مُنافِق - ڪوڙو - ٺڳ - ٻاڪندي - ڪپٽي.
- دُورنگي ۽ دُورنگيُون: ث. ٻيائي - ڪپٽ - دَغا - چَلُ - مَڪرُ - فريب.
- دُوزانُو: ظرف. ٻن گوڏن ڀر - جوڙن ڀر.
- دُوزانُو ويهڻُ: گوڏن ڀر ويهڻ - جوڙن ڀر ويهڻ - گوڏا کوڙڻ - جهڪڻ - هُشَڻُ (وهٽ جو) - ڪُنپُ کوڙي ويهڻ.
- دُوسالو ۽ دُوسالا: ذ. صفت. ٻن سالن جو - ٻن سالن وارو.
- دُوسيتي ۽ دُوسيتيُون: ث. وهٽ جي ٻن اڳين پيرن ۾ وجهڻ جو زنجير.
- دَوسرا: ٻه گهر - ٻه جهان.
- دُوشالو ۽ دُوشالا: ذ. ٻن پُڙن واري شال - دُوپٽو.
- دُوطرفو ۽ دُوطرفا: ذ. صفت. ٻن طرفن وارو - ٻنهي طرفن ڪان - ٻنهي طرفن جو - ٻه پاسو.
- دُوطرفي ۽ دُوطرفيُون: ث. ٻن طرفن واري - ٻن پاسن واري - ٻنهي پاسي. ڪين ٻه ٻن ڌرين جي پاڻ ۾ وڙهڻ جي حالت - نااتفاقي - اڻبڻت - جهيڙو - نِفاق - مُخالفت - ڪُلفت - ضِديت - دُشمني - وير - برخلافي - اختلافي.
- دوتا: صفت. ٻيڻو - ٻيو دفعو - مُٽڙيل - موٽيل.
- دوتا تيئنا: ث. گولين راند ۾ هڪ داءُ - اوتَ موتَ - ٻئي ٽئي - هرطرح.
- دُوناڙي ۽ دُوناڙيُون (ث): ث. ٻه نالي. ٻن نالين واري بندوق - دُونالي - دُنالي.
دُونالي ۽ دُوناليُون: ث. ٻه مُنهين - ٻن مُنهن واري بندوق - دُنالي.
- دُونيم: صفت. ٻه اڌ - ٻه ٽڪر.
● دَوُ: ذ. [سن. دَوُ: چمڪڻ] روشنائي - سوجهرو - اولڙو - روشني. ڇاچو - پرتوو - عڪس.
● دَوا ۽ دَوائُون: ث. (ع). سُٽي - ڦڪي - دارون - دَرمل - علاج - تَدارڪ - ڊَپُ - پُڪي. دَرمان - چاره - چارو. پَسار - جڙي ٻوٽي.
- دَواخانو ۽ دَواخانا: دوائن ملڻ جو هنڌ - دوا جو گهر - ويج گهر - طبابت خانو - درمل خانو - شفاخانو - اسپتال - مَطَبُ.
- دَوا دارُون: ذ. دوا دارو - علاج معالجو - سُٽي ڦڪي.
- دَواسازُ ۽ دَواسازَ: ذ. صفت. دوائون ٺاهيندڙ - دوائون رکندڙ - ويدُ - حڪيم - طبيب - ڊاڪٽر. دوا فروش - دوائون وڪڻندڙ - پساري.
- دَوافروشُ ۽ دَوافروشَ: ذ صفت. دوا وڪڻندڙ.
- دَوائي ۽ دَوائيُون (ت): ث. دَوا.
● دُوابو: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● دُواپو: اسم خاص. تعلقي جوهي تعلقي دادو ۾ ديهن جو نالو.
● دَواتَ ۽ دَواتُون: ث. (ع) مَسُ جي شيشي - مَسُ ڪُپڙي.

Gul Hayat Institute

● دُوآهَرُ: ذ. سن. هندو فلسفين جي حساب موجب زمالي جو ٽيون جُڳُ (جو ٨٦٤٠٠٠ ورهين جو آهي ۽ ان وقت ماڻهوءَ جي عمر هڪ هزار ورهيه هئي).

● دُوادَسِ: صفت. هڪ عدد جو نالو- ٻارهن.

- دُوادَسِي: ث. پَکَ جو ٻارهون ڏينهن- ٻارس.

● دُوارُ: ۽ دُوارَ: ذ. [سن] [ع. دارُ] گهرُ، اندر وڃڻ جو لنگهه- ٻاهريون دروازو- لنگهه- دَرُ- گلي- ٻَنيو. چائنٺ- آستان- آستانو. مُلڪ- ديسُ- هَنڌُ- پَٽُ. ڪين جو ڪُجهه تعداد- ٻُرٻلن جو وَلَر.

- دُوارُ پالُ ۽ دُوارُ پالَ: ذ. صفت. دربانُ دروانُ- رکوال- رکوالو- رکپالُ.

- دُوارو ۽ دُوارا: ذ. آستالو. دروازو- چائنٺ. دئارو. جيئن ”گُردُ وارو- ٺاڪردوارو“.

● دُوارا: ظرف. (ف) جي هٿان- جي وسيلي- جي ذريعي- منجهان- مان- معرفت- هٿان- هٿون- وسيلي- دُواران.

- دُوارانُ: ظرف. دُوارا.

● دُوارڪا: اسم خاص. ڀارت ۾ هندن جو هڪ مشهور تيرٿ.

- دُوارڪو ڪَرَڻَ: ڌاڻيءَ ۾ جهڪي ۾ رالڻ جا گوڙها هجن تن کي گڏي سوڌي اٿڻ. لائق ڪري ڀڪو هڪ گوڙهو ڪرڻ.

● دُوالُ ۽ دُوالَ: ذ. (ف). گهوڙي جو هڪ سنجُ- رڪيبن کي جهلڻ لاءِ چم جو ٽڪرو- چمڙي جي وَڌِي- چمڙي جو تسمو- پٽو.

- دُوالِي ۽ دُواليون: ث. [ف. دُوالُ = چمڙي جي وَڌي] ٻاڙن، تترن وغيره ڦاٿل ڪين کي پيرن ۾ ٻڌل سڳا (جي هٿن ۾ جهلجن). جيئن

”دامون دُواليون، پيچ جي پيڙ ۾“
(سنتار).

چاڪيءَ جي چم وارو پٽو. جيئن

”ٿوڙي دوني جو ٿو، دوالي ڏئي هڪ ست“
(لجفي).

- دوالي بند: دُوال ٻڌندڙ- ملازم- نوڪر- خدمتگار.

● دَوَامُ: ظرف. [ع. دَامَ = هُن جٿاءُ ڪيو] هميشه- دائم- سدائين- سدا- ليتُ- مُدام.

- دَوَامِي: ظرف. هميشه لاءِ- سدائين- هميشه جو- مُدامي.

● دِوَانِخانُو ۽ دِوانِخانا: ذ. [ف. دِيوانخانو] هڪ وڏي جاءِ- ڪورٽ- مُڙدن جي ويهڻ جو هنڌ.

● دَوَانُ ۽ دَوَانَ: ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنها چيلهَ، پُٺِ ڪاري، پيٽ اڇو، بدن ۾ گول، قد ڏيڍ ڪان اڌائي فوٽ).

● دوبدو: ظرف. [سن. دانڊ = دف. دُوبدو. سن. دُو يودُ ٻردُوي]. آمهون سامهون- منهن مقابل- دَعِي مُدَعِي- روبرو- سَنمُکُ- آڏو.

- دُوبدُو ٿيڻُ: هڪ ٻئي جي سامهون ٿيڻ- روبرو ٿيڻ- مُقابِل ٿيڻ.

- دُوبدُو چوڻُ: مُنهن تي ٻُڌائڻ- رُوبرو چوڻ.

- دُوبدُو ڪَرَڻُ: روبرو ڪرڻ- سامهون ڪرڻ- مقابل ڪرڻ.

● دُوبڙو ۽ دُوبڙا (ت): صفت. ٿلهو- ٿلهرو- متارو. ٿُلهي ڪاٺ جو ٽڪر- دوکُڙ.

● دُوبڻُ: مصدر. جهوڪڻ- باهه ۾ ڪاٺيون وجهڻ- باهه ڦوڪڻ. لتاڙڻ- لتون هڻڻ.

● دُوبو ۽ دُوبا: ذ. [سن. دُرَوَ = دُبو] هڪ سُرڪ- هڪ سُرڪي- هڪ ڍُڪ. هٿ جي ترِي تي پيل پاڻي ۾ گريل آفيم (موالين جي ترِي تي تماڪ جو ذرو ۽ پاڻي ملائي ڪائڻ لاءِ تيار ڪيل). مَس جو ڦُڙو- دُبو- ڇٽو.

● دُوتُ ۽ دُوتَ: ذ. [سن. دُوتَ = قاصد] پيغام پهچائيندڙ- قاصد- پيامبر- ايلچي- وڪيل. چغلخور- ڏُوتو. فرشتو- ملائڪ. جن- ڀُوت. (ث. دُوتِڻِ ۽ دُوتِڻيون).

Gul Hayat Institute

● دوٿ ۽ دوٿُون (ڪ): ٿ. ڪوڙي تُهمت - بُهتان - الزام - دوڏ.

● دوٿَرُ ۽ دوٿَرَ: ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن مان ٿورا ڪنڊا ٿينس، ڊيگهه فوٽ ڪان ڏيڍ فوٽ تائين) - ڪاري جو ٻچو. صفت. ٿلهو ماڻهو - موٽو - ڦيڦو.

● دوٿَرِيو ۽ دوٿَرِيا: ذ. دوٿَرَ جو ننڍو ٻچو.

● دوٿانيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - افغانن جو هڪ قبيلو.

● دوپَهَرِيءُ: ذ. گُل جو هڪ قسم.

● دوپيرُ ۽ دوپيرَ: ذ. وَهٽن جي اڳين يا پٺين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو زنجير.

● دُوجَ: ٿ. [سن. دو = ٻہ] پَکَ جي ٻي تِٿِ - ٻي تاريخ - ٻيج.

● دُوجُ ۽ دُوجَ: ذ. هندن جي پهرين ٽن ذاتين (برهمڻ، ڪتري، ونش) مان ڪنهن به ذات جو ماڻهو.

● دُودُ ۽ دُودَ: ذ. (ف). دونهون - ٻاڦ - ٻخار. وَزم - چلم جي ڦوڪ. سُوٽو - دمُ - ڪَشُ.

- دُودا: ذ. دونهان - غبار - ٻاڦ.

- دُودَ ۾ آچِلَڻُ (ت): دونهين ۾ آچِلڻ. تڪليف ۾ وجهڻ.

● دود: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دوداپُور: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دودال وَل: اسم خاص. ڪِرڙين ۽ ڪبڙن ۾ ٿيندڙ وَل جو هڪ قسم.

● دودائيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو).

● دودائيڪو: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دودائيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دُودِڙَيو ۽ دُودڙَيا: ذ. اجايا گوڙَ - لُڙهه - گوڙ - شور - هُل - ڳالهوڙو - ڪِتبراڳ - ڏاڪاڙ - ڪپتو - راڳ - ٻڪيڙو - ٻُو ٻڪڙ.

● دُودَسَتِيءُ ۽ دُودَسَتِيُون: ٿ. [ف. دُ = ٻہ + دست = هٿ] ٻنهي هٿن ۾ جهايل. وهٽ جي اڳين يا پوين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو زنجير - ٻڪهياڙي. جيئن

"دُودَستِي، دُوپير، سيني سنگهر رُڪَ جي" (شاهه).

● دودَ قُلَ: (ل: ٿ. ول جو قسم (ساوڻيءَ ۾ سيلابي زمين تي هڪ وَل جا ڪِبرڙن تي چڙهي جنهن ۾ اڇيون قُلڙيون ٿين جي ڪائجن).

- دودِ قُلو ۽ دودِ قُلا: ذ. دود قل وَل جون قُلڙِيون.

● دودَڪ قُلو: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

● دودِلو ۽ دودِلا (ل): ذ. ننڍين ٽنگن وارو ڪُڪڙ - تمام ڇوٽي ٽنگن ۽ ٿلهن بُڪين وارو مرد. (ٿ. دودِنِيءُ ۽ دودِنِيُون).

● دوداريءُ: اسم خاص. تعلقي لاري (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دودِپجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور ۽ نوابشاهه ضلعي ۾).

● دوڏُ ۽ دوڏَ (ت): ذ. ڪوڙ - دغا - ٺڳي - دولاب - ترڪٽ - ڪوٽُ - دغابازي.

- دوڏُ ٻَڌَڻُ: ڪوڙي مالڪي ڏيکارڻ - ڪوڙ ٻڌڻ - دولاب ڪرڻ.

● دُوڏَتُ ۽ دُوڏَتَ: ذ. گهُوگهٽ - گهُوگهاٽ. پاڻيءَ جو زور سان وَهڻُ جو آواز (ل).

● دُوڏو ۽ دُوڏا (لس): ذ. ڏِڳ. ظرف. زبردست - ڏمر ڏُمان - گهمر گهمان.

● دُوڏَ قُلِيءُ: ٿ. [هہ. دوڏَ + قلي: ڪير واري قُلِي] ٻوٽي جو هڪ قسم - ڪيڙُرول.

● دوڏَ ۽ دوڏوَنُ (ل): ٿ. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار - ڪوڏار جي ٻاهي مان اسيُون وغيره ڪيڻ جو اوزار.

● دوڏو ۽ دوڏا: ذ. [ف. دِيد >ديدو = دوڏو] چيرن الله رڏِ ڪيل اک جو گولو - اک جو وڏو ٽارو - وڏي اک - ڏيلهو ٽرڪڪڙجي ننڍي سڏي ڪڙهه - ٽُڪو - ڏُڪو. ٻڪيءَ جو هڪ قسم - وڏو ڪاڻاٽ).

Gul Hayat Institute

- دوڏا ڦوٽيارڻ: وڏيون اکيون ڏيکارڻ - اکيون ڦوٽارڻ - ڏيلها ڏيکارڻ - ڊيڄارڻ - اکيون ڏيکاري هيسائڻ.

● دورُ ۽ دَوْرَ: ذ. [ع] ڦيرو - گردش - چَڪَرُ - گهمرو - وارو - ڀيرُ - ڀيرو. درياءَ جو ڀيرُ - پاڻيءَ جو چَڪَرُ - درياءَ جو زور.
جيئن "دِلو دَوْرَ دَرِياهَ جي، ڪيو آزادي اڌَ". (شاهه).
ڪتاب يا سبق جي ٻي پڙهڻي - سبق جي آٿلاڻي - سبق کي ڀيرو، اوساريءَ جو هڪ ڦيرو - پٽ جي هاري. قرآن شريف جي وري پڙهڻي - تلاوت. ڪنهن محل ۾ شراب جي پيالي جو ڦيرو. چال - رفتار - روش - هلت - هلڻي. جيئن "زماني جا عجيب دَوْر آهن" وغيره. حڪومت جو وقت - زمانو - عرصو - مهل - نوبت - وارو - مدّت. انقلاب - تَغَيُّرَ. دِليل - خيال - پُور - پُدپُدو - مَن موج - رِيچَڪُ - لَهر - رِتا - پُودڪِي. خيال - قياس - فهم - سمجهه. درد - غم - ڏک - رنج - سُور.
جيئن "جي ويهين ڪڏ گوڏي تہ دوُر سٽائين دل جا" (شاهه).
وڏائي - هَٺِ - تڪبر - مغروري.

- دَوْرَانُ: ذ. صفت. گردش ڪندڙ - ڦرندڙ. وقت - زمانو - جُڳُ - عُمر - آوَستا. چڪر - ڦيرو - دورو - انقلاب.

- دَوْرِجَڻُ: مصدر. ڏڪِرجَڻُ - دوري جي بيماريءَ جو اثر ڪرڻ.

- دَوْرِجِيُ وَڃَڻُ: بي هوش ٿي وڃڻ - گمراهه ٿي وڃڻ.

- دَوْرِدرس جو: ذ. ديدار جي خوشيُ - درشن جي خوشي.

- دَوْر دَوْرُو: ذ. زمانو - وقت - عرصو - مدت. حڪومت - اقبال - اختيار - راڄ - عمل.

- دَور دَورو هئڻ: پورو قبضو هئڻ - اوج ۾ هئڻ.

- دَوْرُ ڪَرَڻُ: وري وري پڙهڻ - ياد ڪرڻ - ڦيرو ڏيڻ - اورڻ. ٻن ساٿين جو ويهي هڪٻئي کي قرآن شريف ٻڌائڻ - تلاوت ڪرڻ. حڪم هلائڻ.

- دَوْرو ۽ دَوْرَا: ڦيرو - وَرُ - چڪر - گهمرو - گَشتُ - سفر - سَيْر - شيْلِ - گهمتارِي - گردش - وارو. پُورُ - خيال. نوبَتُ.

- دَوْرو آچَڻُ: دوري جي بيماريءَ سبب بيهوشي اچڻ.

- دَوْرو ڪَرَڻُ: چڪر لڳائڻ - گشت ڪرڻ - چڪر لڳائي معائنہ ڪري اچڻ.

- دَوْرِيُ ۽ دَوْرِي: ذ. صفت. گڏ دؤ ڪندڙ. ڪلاسي - هم سبق - ساٿي درجي ۾ پڙهندڙ - ساٿي سبق وارو.

● دَوَرُ (ڪ): ذ. ڪاري جي وڏي پيڙي (واڻ) جو هڪ اوزار - لنگر ڪٽڻ واسطي هڪ وڏو ڪاٺ جو چڪر و.

● دُوْر: ظرف [ف. دُور: سن. دور = ڏُوْر] پري - ڏور - ڏورانهون - بعيد. علحده - جدا - الڳ - وِڇِڙِيُ.

- دُوْرافتادَہ: ذ. صفت. تمام پري ويل - پري رهندڙ - پري آچلايَلُ.

- دُوْرآنْدِيشُ ۽ دُوْرآنديشَ: ذ. صفت. اڳ ڀوءِ جو خيال ڪندڙ - ڊگهي نظر رکندڙ - اڳو پيڇو سنڀاليندڙ - ڳڻڀوپ وارو. اڳ وِيچارِيُ - سيانو - دانا - سُچيت - چِتَرُ - چالاڪ.

- دُوْرآنْدِيشِيُ ۽ دُوْرآنْديشِيُون: ث. اڳ ڳڻتي - ڊگهي نظر - سوچ ويچار - ڳڻڀوت - اڳ ڀوءِ جو خيال. دانائي - عقلمندي.

- دُوْرِباشُ: ندا. پري رهه - پري ٿي - خبردار. پري ٿي وَڃُ!

دُوْرِبِيُ: ث. [دوربيني جي بگڙيل صورت] پري ڏسڻ جو هڪ اوزار.
جيئن "دائما دُورِبِيءَ ۾، پَسين وِلاتَن وِتُ". (شاهه).

- دُوْرِبِيڻَ ۽ دُوْرِبِيڻُون: ث. پرانهين شيءِ کي ويجهي ڏسڻ جو اوزار - دوربين. درسي.

Gul Hayat Institute

- دُور بِيِنُي ع دُور بِيِنِيُون ٿ. دُوربين.
- دُور ڀَڄَڻُ: الڳ رهڻ - پري رهڻ. نفرت ڪرڻ.
- دُورُ ٿِيءُ: ندا. پري! پري هَٽُ! هليو وڃ!.
- دُور ٿِيَڻُ: علحده ٿيڻ - جُدا ٿيڻ - پري ٿيڻ. هٽڻ - سُرڪڻ - رڙهڻ.
- دُور دَرازُ: ظرف. تمام گهڻي مفاصلي تي - تمام پري - گهڻو پري.
- دُور دَسْت: ظرف. تمام پري - آها جاءِ جتي پهچڻ مشڪل هجي يا پهچي نہ سگهجي.
- دُورُ دِيرو ڪَرَڻُ: جدا ٿيڻ - پرديس ۾ رهڻ - لاڳاپا لاهي ڇڏڻ - تعلقات ٽوڙي ڇڏڻ - بي وفائي اختيار ڪرڻ.
- دُور رَهَڻُ: الڳ رهڻ - پري رهڻ - جدا رهڻ.
- دُور ڪَرَڻُ: پري ڪرڻ - جدا ڪرڻ - الڳ ڪرڻ - هٽائڻ. موقوف ڪرڻ - نوڪري کان برطرف ڪرڻ. غائب ڪرڻ - پوشيده ڪرڻ.
- دُورگو: ذ. [ف. دُور + گو (گفتن منجهان) ڳالهائيندڙ] پري کان آواز پڄڻ جو اوزار - ٽيليفون.
- دُورِي ع دُورِيُون: ٿ. پرانهين - پري پنڌ - وڏو مفاصلو - پريرائي. جدائي - وڇوڙو.
● دُوران (ل): صفت. تمام وڏو - شاهي. جيئن "مُڙس تہ دُوران لڳو پيو آهين".
● دُورانِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (پٺاڻ).
● دُوربِيِنِي ع دُوربِيِنِيُون: ٿ. [ف. دور = پري + ديدن = ڏسڻ] پري ڏسڻ جو هڪ اوزار - دُور دَرِشَڪ.
● دُورِ ڪِيلَ (ڪ): ذ. پڙيءَ جي چوٽيءَ وارو ٽُنڪ (جنهن مان وڏي سڙهہ جي چوٽيءَ وارو رسو ڪڍي هاڪارڻ وقت (گوس) لنگهائي ٻڌي ڇڏبو آهي).
● دَورَنگ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديہہ جو نالو.
● دَورَو (ڪ): اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● دَورَڻُ: مصدر. [ع. دَورَہ = ڦيرو] دَورُ يا گهمري ۾ آڻڻ (ل. ق) چارڻ لاءِ ڪاهڻ - پهرائڻ (مال وغيره). (ڪ).
● دُورو ع دُورا: ذ. صفت. پيارو - وڻندڙ - دادلو. مَنُوڪُ - سُهڻو.
● دُورِ پِلُو ع دُورِ پِلا (ٿ): ذ. صفت. ڪم عقل - بيوقوف - اناڙي - چِٽُ.
● دوڙَ ع دوڙُون: ذ. صفت. خسيس - نيچ - گهٽ - ادني - دُونُ. (ٿ). پالهي - گولي - خادم. تمام ٿلهي - متاري (ل).
● دَوڙدَلُڪُ ع دَوڙدَلُڪَ: ذ. صفت. جانٺو - جبرو - قوي - سگهارو - هيڪل - زبردست - طاقتور - مضبوط - ڏَنو مُٺو - بهادر - پهلوان - جامَرُدُ - ٿُلهو.
- دَوڙُد نُڪُوڙُ (ت): ذ. صفت. بلڪل ٿُلهو.
● دوڙِ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديہہ جو نالو.
● دُوڙِ ڪيِٽُونُ: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديہہ جو نالو.
● دوڙموڙُ: ذ. صفت. ڊول مول - بي ڊولو - خراب حصو - خراب ڀاڱو.
- دَوڙَ ع دوڙُونُ: ٿ. ڀَڄَ ڊُڪَ - ڊوڙ - ٽاهي (تُرا ڀِي).
- دَوڙائِڻُ: مصدر. ڊوڙائڻ - ڀَڄائڻ - ٽاهي ڪڍائڻ. موڪلڻ - روانو ڪرڻ.
● دَوڙَڻُ: مصدر. [پرا. ڌاوَڻَ. سن. ڌاوَنَ] ڊُڪڻ - ڊوڙڻ.
● دَوڙو ع دَوڙا: ذ. [ف. دَورَہ = دورو] ڦيرو - وارو - چڪر - گهمرو - گهمتاري. شتل - سفر - سيرُ. ذ. صفت. دوڙو ڪندڙ - قاصد - پانڌي. پيامبر. گهوڙي جي پنڌ جي چوٽ. غنيم جو گهوڙن سان حملو ڪرڻ جي حالت. لڳي - دابو (ل. ق). ضد - اڙي - حسد (ت).
- دَوڙو مَارَڻُ (ت): ضد ڪرڻ - دٻاءُ ڪرڻ - ڪنبائڻ. ضد ڪري ويهي رهڻ.

Gul Hayat Institute

● دُوڙهيو ﺔ دُوڙهيا (ل): ذ. ڏُوڙيو- ڏُوڙ جو وَسڪارو- لَتَ- ڏُوڙ- رُئيِ- مٽيءَ جو طوفان- انڌارِي.

● دوز: صفت. [ف. دوختن = سبڻ] سبندڙ- سبڻ وارو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ جيئن "ڪفش دوز، ڪفن دوز وغيره".

● دَوْزَانِ: اسم خاص. ڪراچي ضلعي ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

● دَوْزَخُ ﺔ دَوْزَخَ: ذ. (ف) گنهگارن کي سزا ڏيڻ لاءِ خدا تعاليٰ جو پيدا ڪيل عذابن جو گهرُ- جَهنَّمُ- نَرڪُ- نُرڳُ- پاتال- سقَرَ- سجِيِّنُ- نار- باھہ جو مَچُ- اوڙاھہ. (گنهگارن کي سزا ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيل ست طبقا).

- دَوْزَخِيُ ﺔ دَوْزخيُ: ذ. صفت. دوزخ جو لائق. سخت گنگهار- جَهنّمي- نُرڳي. پاپي- اپراڌي- ڏوهاري- بدڪار.

● دوسُ ﺔ دوسَ: ذ. [سن. دوش = ڏوھہ] ڏوھہ- گناھہ- اپراڌ- قصور- دوش. خطا- ڀُل.

- دوسِيُ ﺔ دوسِيُ: ذ. صفت. ڏوهي- گنهگار- اپراڌي.

● دوسُ ﺔ دوسَ: ذ. [ف. دوست جو مخفف] دوست- سنگتي- يار- سڄڻ- گهڻگهرو- محبوب. ڌيان- خيال. پيار- چاھہ.

- دَوْسَانُ: ذ. صفت. دوستان- دوستن جو.

- دوسَاڻُو ﺔ دَوسَاڻَا: ذ. دوستالو- دوستي- ياراڻي- سنگت. ميٽي- ناتو- لاڳاپو. ٻڌي. ايڪو- اِتِحَادُ- اتفاق.

- دوسَاڻِيُ ﺔ دوساڻِيُون: ث. دوستاڻي- دوستي- سنگت- ياراڻي.

- دُوسَاهُم! ايدا. اي دوست! اي دوس!

- دوسِدَارُ ﺔ دوسِدَارَ: ذ. دوستدار- محبُ- سڄڻ- محبوب.

- دوس ڏِيَڻُ: ڌيان ڏيڻ- توَجُّھہ ڏيڻ- خيال- ڪرڻ- غور ڪرڻ. پيار ڪرڻ.

● دُوسَاڻِيِ ﺔ دُوسَاڻِيُونُ (ڪ): ث. رلين سبڻ جي وڏي سُئِي.

● دوسْتُ ﺔ دوسْتَ: ذ (ف) لغوي معنيٰ، ڳنڍيل- لاڳاپيل. [ف. دُوُ = ٻہ + دَسْتُ = هٿ] ٻہ هَٿَ- ٻن ڄڻن جو هٿ سان- هٿ هٿ ۾ ڏيندڙ. سنگتي- يار- ميٽر- ساٿي- سڄڻ- حبيب خيرخواھہ- غمخوار پيار ڪندڙ- چاهيندڙ- مُحِبُ- محبوب- صَنَمُ- پِريِتمُ- معشوق. آشنا.

- دوسْتَالُو ﺔ دُوستَالَا: ذ. دوستي- ياري- ياراڻي- سنگت- آشنائي.

- دوستَاڻُو ﺔ دوسْتَانَا: ذ. صفت. دوست جو- سنگتيءَ جو- يار جو- سڄڻ جو- دوساڻو- دوستن وارو (ذ). دوستالو- ياري- دوستي- آشنائي.

- دوسْت بَنَائِڻُ: يار بنائڻ- همراز- بنائڻ- طرفدار بنائڻ.

- دوسْتِدَارُ: ذ. صفت. دوست رکندڙ- خيرخواھہ- همراز- مُشْفِقُ- هَمْدَرد.

- دوسْتدَارِيُ: ث. خيرخواهي- دوستي- مَروَّت- همدردي.

- دَوستِيُ ﺔ دوستِيُون: ث. ياراڻي- ياراڻي- ياري- ياراڻو- دوستانو. سنگت- مترتا، سڄڻائي- آشنائي. پيار- پريت- محبت. ميلُ- ناتو- ٻڌي- ايڪو. اِتحادُ.

- دوستِيءَ جو دَمُ هڻَڻُ: دوستيءَ جي دعويٰ ڪرڻ- وفاداريءَ همدرديءَ جي دعويٰ ڪرڻ.

- دوستِيُ هيڪ پاسِي رَکَڻُ: دوستي جي ڇڏڻ- تعلقات ٽوڙڻ- بيوفائي ڏيکارڻ. دوستيءَ ۾ دوست جي گلا ڪرڻ- دوست منجهان دشمن بنجڻ- مخالفت تي لاهي پاهي بيهڻ.

● دوستِلاَئيِ (ت) اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ڪومن جو پاڙو).

● دُوسڻُ: مصدر. زور سان وِجهڻ- اندر زور ڏيڻ- دٻڻ- دٻائڻ- ڦَسڻ- وجهڻ- ڏُوڪڻ- ٻُتِيڻ- ڏلهڻُ- پيَرڻ- ڏاٻوڻ- جهُوڪيڻ- گهيڙائڻ. هڙپ ڪرڻ- هپا ڪرڻ- هائُو هاڻو ڪري کائڻ.

Gul Hayat Institute

- دُوسَ ۽ دُوسُون: ث. زور سان الدر وڄهڻ جي حالت - دَٻ - ڦَس - دٻاءُ - ڌُوڪَ - جهوڪَ.

- دُوس دُوسان: ث. گهيس گهيسان - ڌوڪ ڌوڪان - گپاگيھ - دَٻَ ڦَسَ - پيڙ.

● دوسو: ذ. ڪجين سان نڪتل رَسُ - ڪارڪن جو رس.

● دُوسو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● دوش ۽ دوشَ: ذ. [سن. دوش=ڏوھ] ڏوھ - گناھ - دوس - پاپ - اپراڌ - قصور - جرم. عيبُ - ستمُ - نقصُ - خطا - ڀُل. حرف - ميار. (ف). ڪلھ.

- دوش بدوش: ظرف [ف]. ڪُلهوڪلهي سان - ڪلهوڪلهي سان لڳائيءِ اتفاق سان - ٻَڌيءَ سان - ساڳيءَ رفتار سان.

- دوشِي ۽ دوشِي: ذ. صفت. ڏوهي - خطاڪار - اپراڌي - گنهگار - دوسي - خاطي - عيبدار - قصوروار. حرفي - مياري.

● دوشا (ڪ): ڪجور جي چاش. (جا ڪارڪُن ڪي ڪاڙهي ٺاهين، ماڪي جهڙي ٿِي جنهن ۾ گيھ ملائي کائبو آهي).

● دوشنبہ: ذ. (ف). هڪ ڏينهن جو نالو - سومر.

● دوشيزه: ث. (ف). ڪنواري ڇوڪري - نوجوان حسين عورت.

- دوشيزگي: ث. ڪنوارپڻو.

● دوغُ ۽ دوغ: ذ. (ف). اَنَ جو جميل ڪيرُ - اونو ڏونرو - آست. ڏهي - جهڪيب - ڏُڌ - ڏهي - دوڳ.

● دوغلو: ذ. [ف]. جنهن جا پيءُ ماءُ ساڳي قوم جا نه هجن - ڪمذات - ڪمينو.

● دوغابَ ۽ دوغابُون: ث. ڪوتيل زمين. ران جو گوشت.

● دُوفانُ ۽ دُوفانَ: ذ. [ف. طُوفانُ جي بگڙيل صورت] سخت هوا - واچ - ڏوڙيو - طوفان - واچوڙو. وڏو ڪوڙ - ٻاڪ - ٻتڪ (ت). افواھ - هُل (ت). ڪپڙي جو هڪ قسم (ل).

● دوقَ ۽ دُوقُون (ل): ث. وڏو ڇيٽو - ٺاقَ - داقَ.

● دوقرَ (ڪ): ذ. ڪوڙي ڳالھ جو اُنائُ - هُل - افواھ.

● دوقَڙ (ت): ث. ٿُلهي ستاري - سوٽي - ڦيڦي - کهٽي ماس واري.

● دوڪُ ۽ دَوڪَ: ذ. ٻنجن سالن جي عمر جو اٺ (الهيءَ عمر ۾ اٺ کي ٻه ڏند اڪرندا آهن). ٻه ڏَلدو اٺ. ٽن سالن جي عمر جو گهوڙو.

- دَوڪي ۽ دَوڪيُون: ث. ڌوڪ واري حالت - دوڪ.

● دُوڪانُ ۽ دُوڪانَ: ذ. (ف) هَٽُ - هٽِي - دُوڪان. دُڪانُ.

- دوڪان کولڻ ويهڻ: سامان وڪري لاءِ تيار ڪري رکڻ. سڪجھ ٻاڙهت تي ظاهر ڪري رکڻ.

- دُوڪاندارُ ۽ دُوڪاندارَ: ذ. صفت. هٽ وارو - دوڪان وارو - دوڪان تي ڪم ڪندڙ.

- دُوڪانداري: ث. دوڪان جو ڪاروبار - خريد فروخت ڪرڻ وارو ڌنڌو - واپار يا تجارت جو پيشو.

- دُوڪان ڪيڏڻُ: هٽ ڪيڏڻ شاپ ڪولڻ. ڪورين جي اصطلاح ۾ ٿاليءَ کي آڻڻ لاءِ ڏکڻ منيءَ سان ٻڌڻ.

● دوکوُ ۽ دوکا: ذ. [سن. دُهڪ=دُک] ٺڳي - ويساھ گهاتي - ڪپَٽُ - دولاب - فريب - چَلُ - ڌوکو - مڪر - ميڪر. ٽالُ - ڍولڪ - ڪُوڙ. غلط فهمي - ڀُل. خطرو - خوف - ڊپ. نقصان - ڇيڻهو.

- دوکو ڏيڻُ: ٺڳڻ - فريب ڏيڻ - دغابازي ڪرڻ.

- دوکو کائڻُ: ٺڳجڻ - فريب ۾ اچڻ - دولابجڻ - ريبجي وڃڻ.

- دوکِيءُ ۾ دوکِيءَ: ذ. صفت. دوکو ڏيندڙ - دوکيباز- ٺڳ - ڪپٽيو - ويساهه گهاتُ. دُکي - پريشان - ڏجهارو- بي حال. ڪمبخت - شامت ماريو- خراب حال.

- دوکيباز ۾ دوکيبازَ: ذ. صفت. دوکو ڪندڙ - دغاباز - فريبي - ٺڳُ - ڪوڙو - مڪار.

- دوکي ۾ رَکَڻُ: ڪوڙي دلاسي ۾ رکڻ - رکو آسري ۾ رکڻ.

● دوڪامُ ۾ دوڪامُون (ت): ذ. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم - ڊُڪام - ڊُڪامون.

● دوڪلو ۾ دوڪلا (ت): ذ. [ف "دوغلو" جي بگڙيل صورت] ٽٽر جو هڪ قسم (جو سنڌي ماديءَ ۽ ايراني نر مان پيدا ٿئي) - دوڳلو.

● دوڳيءُ ۾ دوڳيون (ت): ث. ٿُلهو ڪاٺ - ٻُنڍ - دوڳي.

● دوڳُ ۾ دوڳَ: ذ [ف. دوغُ > دوڳ. سن. ستوڪ] اٽِ جو چمايل کير- آمت - دوغ - دوڳ - ڏڳل - ڏڌنرو. ڇانو- ڳنڍو - پنوڙو. گوشت جو ٽُڪر- سُڌي - ماهه. ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر- ٻُنڍُ - دوڳي. ڳچ جي پرت جو هڪ ڪُڻ - ٻنجيو.

- دوڳيءُ ۾ دوڳيون: ث. ڪاٺ جو هڪ ٿُلهو ٽڪرو - ڪاٺ جو ڳترو - وڏيل ٿنهي ڪاٺي - ٻُنڍُ. ٻار جي ڊينگهي جي ڪاٺي - اُٽ يا ڦيٿي جو ٿنڀو.

● دوڳلو ۾ دوڳلا (ت): پکيءَ جو هڪ قسم.

● دوڳڻُ: مصدر. سونو پاڻي چاڙهڻ - مُلمَّعو ڪرڻ - سونا ورق لڳائڻ. چلڪائڻ - زينت ڏيڻ. چٽي رکڻ - چٽيون هڻڻ - اِڪڙيون لڳائڻ. لوهار جو ڪوڏر ٺاهڻ وقت پٽيءَ کي اڏورو تيار ڪرڻ. واهه وغيره کي پيل ڪنڌ کي چيڪي مٽيءَ سان سخت بند ڪرڻ (ت).

- دوڳُ ۾ دوڳَ (ت): ذ. ڪوڏر سان ڪنيل آلي مٽيءَ جو لپو.

- دولهه: ث. مايا - ملڪيت - ڌن - ناڻو.

● دولابُ ۾ دولابَ: ذ. ٺڳي - ڌوڪو - دوکو - فريب - ڦوپو - دغا - ڪوٽ - ترڪٽ - چلُ - ڊوهه - گهات - ڪپٽ. مڪرُ - مڪرُ - ڪوڙ.

- دولابيءُ ۾ دولابيءَ: ذ. صفت. ٺڳُ - مڪريلُ - ڌوکيباز- دوکيباز- دوکائي - ڌوپائي - ڪوڙو - ڪاذِبُ - دغاباز - ڪوڙو - فريبي - دغاخور- ترڪٽي - ويساهه گهات - ڪُپٽيو - ڪپٽيو- ڊوهي - چلٻازُ.

● دولادَڪو (ت): ذ. صفت. ٻئي جي مت تي هلندڙ - پرمتيڙيو.

● دولاريءُ ۾ دولارِيءَ: ذ. جهنگلي گاهه - ڪانڊيندڙ هڪ ٻوٽي.

● دولالائيءُ: اسم خاص. بازيگرن جو هڪ قبيلو.

● دُولانُ ۾ دُولانَ (ل): ذ. صفت. ڏَنو مُٽو- ٿُلهو متارو- دوانسون- دَپڙدُلو.

● دولَتَ: ث. بخت- اقبال - نصيب - ڀاڳ. فتح - سوڀ. ملڪيت - زر- ناڻو- ڌن - مايا - مال - متاع - مُوڙي - لڇمي - نقدي - خزانو - دُرنگي- پئسا- ڏوڪڙ- ٽڪا. زر خريد ٻانهي. ملڪ - سلطنت - راج. "دولت ايران، دولت خداداد وغيره."

- دولَتِ آڏائِڻُ: اجايا خرچ ڪرڻ - فضول خرچي ڪرڻ - اِسراف ڪرڻ - حد کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.

- دولت پَناهُ: ذ. حڪومت جو اجهو يا پناهه - آسري جي جاءِ - آميد جي جاءِ - بادشاهن جو هڪ لقب.

- دولَت جو دامَنُ هَٿ اچڻُ: پئسي وارو ٿيڻ - امير ٿيڻ - شاهوڪار ٿيڻ - ڪنهن آسودي ماڻهو سان رشتو قائم ٿيڻ.

- دولَت خانو ۾ دولَت خانا: ذ. ڌن رکڻ جي جاءِ - شاهوڪار جو گهر. بادشاهن يا اميرن جي رهڻ جو هنڌ. محلات - عاليشان عمارت.

- دولَت خُداداد: ث. خدائي نعمت - اِلاهي ڏات - خدائي انعام - خدا جي ڏات.

Gul Hayat Institute

- دولَت سَرا ۽ دولت سَرائُون؟: ث. تعظيماً بادشاهن يا اميرن جي رهڻ جي جاءِ - دولت خانو.
- دولَت عُظمىٰ: ث. وڏي ۾ وڏي حڪومت - سلطنت - شهنشاهت.
- دولَت مَند ۽ دولت مَند: ذ. صفت. نصيب وارو - بخت وارو - بختاور. ملڪيت وارو - تَڪَن وارو - پئسي وارو - ماياوَند - شاهوڪار - ڏَنُو ندي - ڏَنوان - دولتوند - مالدار - لکاٽي - تونگر.
- دولَتونَد ۽ دولَتوَنَد: ذ. صفت. دنيادار - تونگر - شاهوڪار - ڌنوان - ملڪيت وارو - تَڪَن وارو - ڏَنُوَندي - دولتمند.
- دولَتِي ۽ دولَتِي: ذ. صفت. شاهوڪار - ڌنوان - دولتمند.
● دولَتپُور: اسم خاص. تعلقي موري، تعلقي ڪنڌڪوٽ، تعلقي ميرپورخاص، تعلقي آباوڙي، تعلقي ٽنڊو محمد خان، تعلقي کهوڙاباريءَ ۾ ديهن جا ناالا. سيوهڻ جي پر ۾ هڪ شهر جو نالو.
● دولڪاڻِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو. تاريخ بلوچستان).
● دُولَهه ۽ دُولَهه: ذ. صفت. سهڻو - سُٺو - عمدو - پَل پلور - ٺاهوڪو - سوڏو - ڏسڻ جهڙو - لطيف - نازڪ. فراخ دل - درياءدل - سخي - فياض - آدارچت. مردانو - بهادر - مڙس ماڻهو - همت وارو - همت پربو - پهلوان. بَنو - بَنرو - گهوٽ. اسم خاص. هندن جو هڪ ديوتا - جَل ديوتا - خواجه خضر - درياالعل. نَوَن ڪرهن مان هڪ گِرَهه - اپيچون. صفت. پيٽ وڏو - پيٽيرو - پيٽوڙي (ت).
- دُولَهه بَنجَڻ: گهوٽ ٿيڻ. سخي ٿيڻ.
- دُولَهه لعل: قلندر شهباز رح جو هڪ لقب.
● دولِي ۽ دولِيُون: ث. [س. دولاَ] ننڍي ديگ - اڌ ديگ.
● دُولِي ۽ دَولِيُون: ث. پٽن رالد جو هڪ قسم (جنهن ۾ هڪ هٿ ۾ ٤٢ اٽا هجن).
● دُوم: صفت. (ف) ٻيون. زيردست. سادو - گهٽ - هلڪو. (ث) بدبودار پراڻي ڪاٺ (ت).
- دُومِيسُوم (دُمَشُم): ظرف. سڀ گڏ - گڏوچڙ - اٽڪل روءِ - گول سول - صافي صاف - آڪودُڪو - مٿامٿا - هرسوڙي - مڙني مڙني - پَڪو - ٺُلهيي ليکي - ڪَسو ڪانڊو.
- دُومِيسُوم (دُمَشُم) ڪَرَڻ: ٺُلهو ليکو پَڌ ڻُ - نکيءَ سان پيٺو قرض اگاڙڻ - حساب ڪتاب سٺو نه ڏيڻ.
● دُون: صفت. [ع] حقير - ڪمينو - ادني - گهٽ - هيچ - هيٺ - هيٺاهين - تَحت. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ "دُون همت، دُون نواز، وغيره".
- دُونُ ۽ دُونَ (ت): ذ. اڪ جو هيٺيون ياگو - دُناڙ. مُنهن - بوٿ - دولاڙ.
- دُون نَي دُونُ ڪَٽڻ: مُنهَن وارا ڏڪ هڻڻ - لڪ ۾ مُڪون هڻڻ - سخت مارڪُٽ ڪرڻ.
- دُونارُ ۽ دُونارا (ت): ذ. بُوٿ - مُنهَن - دُولاڙ. وڏن وچن وارو نر سُوئر.
- دُونارو ۽ دُونارا: ذ. بُوٿ - مُنهَن - دوناڙ.
- دُوناڙ ۽ دُوناڙا: ذ. دُونار - بُوٿ.
- دُونُ بِڇڙو: ذ. صفت. بدشڪل. منهن ڪِنو - بڇڙو - نياڳو - نَڪ ڦِٽَل.
- دُونَ ڪِنو (ت): ذ. صفت. مُنهَن بڇڙو - بدشڪل. نياڳو.
● دُونابُ ۽ دُونابَ (ل): ذ. گوشت جو ڳنڍو - دَڳَل. ٿولهه - متارائي - گوشت جا تَهه. جيئن "گهوڙي تي دُناب چڙهيا پيا آهن."
● دَوناڙِڻُ (ت): مصدر. لتاڙڻ - پيڙڻ - ڪوشش ڪرڻ. ڳولا ڪرڻ. سخت ستائڻ.
● دُونبَڙُ ۽ دُونبَڙَ (ت): ذ. صفت. ٿلهو - متارو - دَوُنسو.
● دُوندَالِي ۽ دُوندَالِيُون (ت): ث. صفت. ٻُت ۾ پربل - ٿُلهي - موٽي - متاري.
- دُوندِي ۽ دُوندِيُون: ث. ٿوري ٿُلهيي - ٿُلهيري.
● دَونرو ۽ دَونرا (ڪ): ذ. آٽ جي رنگ جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

● دَونُس ۽ دَونُسُون: ث. گوڙ- هُل- آواز- ڌَمچَر- ڪَرگِل. ڪنگهه. خار- ماڙُ- ٻَچُ- ڪارَ. لهٽ- سيلاب- طغياني.

- دَوُنُساڙو ۽ دَوُنُساڙا (ڪ): ذ. گوڙ- گهمسان- ڌَمچَرُ- هُلُ. ڌام ڌوم.

● دُونَسِڻُ (ٿ): مصدر. زور سان مَهِڻ- آڏِڻ.

● دَونُسو ۽ دَونُسا: ذ. صفت. ٿلهو- متارو- ڏَتومُتو- ڊوٿَر - همت ڀريو- جان مَڙد- پهلوان- مضبوط- جانوڙ- مَٽِرُ- جَبرُو- جانٺو- ڦِوي- جُنگ- ڦوڦانگ- مَتَرُ مَتَرُ- مُتڪو- ڌِڳ- ٻت ۾ ڀريل- زبردست- سخت- تڪڙو- چست- چالاڪ- ڦڙت- جلد باز. لچو- بد معاش.

- دَوانُسائِي ۽ دَوانُسائِيوُن: ث. تَڪَڙ- چستي- چالاڪي. ٿلهائي- متارائي- لوجوالي- ڏتمتائي.

- دُوُنسو ۽ دُوُاسا (ٿ): ذ. باهه يا ٻتي ٻرڻ سبب چِٽ ۾ ڪڏ ٿيل ڪاراڻ يا ڪارو چارو.

● دَوانُڪَڻُ: مصدر. [سن. دُيُتُ > دِوُ = چمڪڻ]. ٽمڪڻ- ٿوري روشنائي ڏيڻ- ٿورو ظاهر ٿيڻ- ٻري ڪان ڏيکارجڻ. چمڪڻ- دَهڪَڻ- جهرڪڻ- تجلا ڪرڻ.

- دَوُنُڪَ ۽ دَونُڪُون: ث. ٿوري روشنائي- ٽِمُڪو- دَونڪو- چِمڪو- جهرڪو- تَجَلُو.

- دَولُڪو ۽ دَولُڪا: ذ. چلڪو- چمڪو- چمڪاٽ- جهرڪو- تَجَلُو- ڏيکاءُ.

● دُونگار ۽ دُولُگارُون (ل): ث. ڪنهن شيءِ جو ٿورو مَڪُ- لَغارَ- چَٽَ- چِٽِڪو. پَٽَ يا پوڙَ ڪي گيهه جي ٿوري لغارَ- داغ.

● دُونِگِي ۽ دُولِگيُون (ٿ): ث. (ف) بوتل- شيشي- شيشو- دُنگي.

● دُولُو ۽ دُولَا: ذ. [سن. دريُ = دونو] وڻ جي پنن مان ٺاهيل وَٽِي. (وڻن جهڙي) پَنَنِ جو ڪَپڙو- پاتل = پڙو.

● دُونهڻُ ۽ دُونهڻَ: ذ. [سن. دُومُ = دونهون] دُکندڙ- باهه مان نڪتل ڪارنهين- دُونهون- ڪارنهين- سياهي. جَهپِي- نوڪري.

- دُونُهارو ۽ دُونُهارا: ذ. صفت. دونهين وارو- دونهن جو- دونهون ڇڏيندڙ- دونهيرو.

- دُونُهاڙَ (ل): ذ. تمام گهڻو دونهون- دونهين جون لاٽون. جيئن "گهر مان الاجي ڪهڙا دونهاڙَ پيا نڪرن".

- دُونُهاٽِڪو ۽ دُونُهاٽِڪا: ذ. صفت. دُونهين ۾ خراب ٿيل- دُونهاٽِيَلُ.

- دُونُهيارو ۽ دُونُهيارا: ذ. صفت. دونهن وارو- دونهاٽِيَلُ- دونهارو.

- دُونُهيرو ۽ دُونُهيرا: ذ. صفت. دونهارو- دونهيارو.

● دُونُهاٽِڻُ: مصدر. [سن. دُوم = دونهون] دُونهين جهڙي اثر ڪري ڪارو ٿيڻ- دونهاٽجڻ.

- دُونُهاٽُ: ذ. دُونُهون- ڪاراڻ. دونهين جي اثر واري شيءِ. صفت. دونهين جي ڏَپَ وارو- دونهين وارو. (ذ) دونهين تي رڌل ڪاڌو کوهه مان نڪتل بخار- آبَ. دونهين واري فضا- دونهاڙ.

- دُونُهاٽِجَڻُ: مصدر. دونهين ۾ خراب ٿيڻ- دونهين جو اثر لڳڻ- ڪاراٽِجَڻ. دونهين سان ڀَرجڻ.

● دُونُهارو: اسم خاص. تعلقي ٻ کهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دُونُهون ۽ دُونُهان: ذ. [سن. دوم = دونُهون] دکندڙ- باهه مان نڪتل ڪاري هوا- دُونهون- دونهه- دُودُ. ڪاراڻِ- ڪارِنِ. ٻخار- ٻاڦ- آبَ. واسُ- ٻُوپ. ڪڪ- ڪَهَچَرَ ۽ مُڪَتلَ ڇيڻي جو باهه ڏنل ڍِڳُ. اسم خاص. تعلقي خير پور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.

- دُونُهان ڏَڳائِڻُ: مچ مچائڻ- باهيون ٻچڻ- ڪُورا پارڻ- دل ۾ درد پيدا ڪرڻ- عشق ۽ محبت ۾ گرفتار ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- دُونهانُ ڪيدِيُ چڊڻُ: ڪم يڪدم پورو ڪرڻ. حيرت ۾ وجهي ڇڊڻ. عبرت جهڙي ڳالهه ٻڌائي، ڪنَ مان دولهان ڪيدي ڇڊڻ.
- دُونهائڻُ: مصدر. دولهائڻ - دولهڻ وارو ڪرڻ.
- دُونهائجڻُ: مصدر. دولهن ۾ خراب ٿيڻ - ڪارائجڻ.
- دُونهائڻُ: ڪارائجڻ - دونهين ۾ ڪارو ٿيڻ.
- دُونهونُ دُکائڻُ: حرڪت سٿڻ - مٿمٿ مچائڻ - شروعات ڪرڻ.
- دُونهونُ دُکڻُ: باهه مچڻ. جهيڙو ٿيڻ - شرارت شروع ڪرڻ. محبت جو مچ پرڻ.
- دُونهِيُ ۽ دُونهِيُونُ: ث. دولهين واري ٿوري باهه. ڪک ڪهڙ ۽ ڇيڻن وغيره جو باهه ڏنل ڍِڳُ دونهين. جهيڻي باهه (جا ڪن مندرن ۾ سدائين ٻرندي رهي آهي. سنڌ ۾ ٺٽي ۾، دونهين وارو مندر مشهور آهي).
- دُونهِيُ دُکائڻُ: باهه ٻارڻ. باهه جو مچ مچائڻ. آستان ڪري ويهڻ. شروع ڪرڻ - راس ڪرڻ. ڏَرڻو ڏيڻ. جهيڙو ڪرائڻ - فتنو وجهڻ - ڪپُ ڪوڙي ويهڻ.
- دُونهِيُ دُکائي ويهڻُ: ڪپ ڪوڙي ويهي رهڻ - فقير ٿي ويهي رهڻ - ڌرڻو ماري ويهڻ.
- دُونهِيُ دُکڻُ: پٽ جي ٻڌرائي ٿيڻ - اولاد وارو هجڻ - وارثن وارو هجڻ - خاندان آباد هجڻ.
- دُونهِيُ واسڻُ: دُولهي جا ڳاڻ - باهه ٻارڻ.
- دُونهِينُ ۽ دُونهِيُونُ: ث. دُولهي.
- دُونهين جا ڪڪر آڏارڻُ: بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ - بيسود منصوبا رٿڻ.
- دولهين دڦو (ت): ذ. دولهين.

● دونهياري ۽ دُونهياريون: ث. ڪاڻ ڪنڇي - ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

● دُوهات: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٿرپارڪر ضلعي ۾).

● دوهتاري (ڪ): اسم خاص. ٻڪيءَ جو هڪ قسم - دوٺاري.

● دوهاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

● دُوهَرُ ۽ دُوهَرَ (ل): ذ. ڪنڙيُ جنڊي اڏيل ٻڪو (جنهن جا پاما زمين کي وڃها هجن).

● دَوهِرو ۽ دوهِرا: ذ. [سن. دو+ هَرا = ٻچاڙي] ٻن مصرعن جو شعر. ٻن سٽن وارو بيت - دوهو - دوهيڙو - ڏوهيڙو - دُراهو.

● دُوهَرِيُ ۽ دُوهَرِيُونُ: ث. ڳهه جو هڪ قسم - ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهڻ - دُهري. صفت. ٻيڻي - ڏوڙي. ٽاهي (ٿ).

● دُوهَڙُ ۽ دُوهَڙَ (ٿ): ذ. صفت. اڍ لڳو - بي ڍنگو - بي ڍ ٻو.

● دَوهيڙو ۽ دوهيڙا: ذ. [سن. دُوِ = ٻه + "هرا" ٻچاڙي. (٢) سن. دُوِيَدا]. ٻين سٽن جو شعر.

● دوهو ۽ دوها: ذ. سن. دِوُ = ٻه] جوڙو - جُٽ - ٻن مصرعن جو شعر - ٻه ٽڪو بيت. ڏوهيڙو - دوهيڙو.

● دُوءُ ۽ دُوئيُونُ: ث. لئي مڇيءَ جو هڪ قسم. سنهي مڇي - ڪرڙي.

● دُوئو ۽ دُوئا: ذ. [سن. دِوُ = ٻه] ٻه. ٻه داڻا - ڪوڏين جي چٽڪن ۾ ستالي راند ۾ ڏاري اچليل يا داءُ وڌل ۾ ٻه آهيُون پيل ڪوڏيون. راند جو هڪ داءُ.

● دوئي ۽ دوئيون: ث [سن. دِوُ = ڏُون] دُوئو جو مونث - ٻه. ٻيائي - نفاقُ - آڻ بڻت. علحدگي - جدائي - فرق. ڦيري - چڪر - مٽي جي ڦيري (ڪ). ڏاري راند ۾ هڪ داءُ.

● دُويت ۽ دُويتون: ث. دِوُ = ڏُون] ٻيڻ - دُئائي - ٻيٽائي - دُهرائي - ٻٽائي. ٻيائي - دٺائي - ڪوٺائي.

● دَهُ: صفت. [ف. دَهُ: سن. دَشَنُ = ڏَهَ.] هڪ عدد جو نالو - ڏهه. مرڪبات ۾ تعداد ظاهر ڪندڙ. جيئن دَهُ هزار، دهه لک، دَهَ ڪروڙ، دهه ارب، دهه پدم، دهه نيل وغيره.

Gul Hayat Institute

- دَهدار (لس): صفت. ڏهن رنگن وارو - ڳهڻن رنگن وارو.
- دَهہ دِسُ ۽ دَهہ دِسئون: ث. ڏهہ پاسا - ڏهہ ڏسائون - ڏهہ طرف. ظرف. چوگرد - چوڌاري - آسپاس.
- دَهہ دُور (ڏ): صفت. ڏهوڻو پري - سؤ ڪوهہ پري. تمام پري - ڏيهان ڏور.
- دَهہ دُورِي (ڪ): ث. پري پنڌ - پرالهين - ڏورانپي.
- دَهلو ۽ دَهلا: ذ. تاش جو ڏهن اشان وارو پتو - ڏهلو - ڏهو - ڏهہ خال - دَهو - ڏهي.
- دَهم: صفت. ڏهون (عدد قطاري).
● دِهہ ۽ دِهون: ث. [ف] زمين جو ٽڪر - ڳوٺ. بستي. جاگرافيءَ موجب ٻہ - چار سؤ لمبرن جي ايراضي. س. جسم - بدن - تن. [ف. دادن = ڏيڻ جو امر] ڏيندڙ. مرڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ. جيئن "آرام دِهہ = آرام ڏيندڙ، تڪليف دِهہ = تڪليف ڏيندڙ" وغيره.
- دِهہ بندي: ث. حلقي بندي - تفصيل بندي. دِهہ جي حد مقرر ڪرڻ.
- دِهيدارُ ۽ دِهيدارَ (ت): ذ. صفت. ديهہ جو مالڪ. زميندار - جاگيردار - وڏو ماڻهو - امير.
- دِهوارُ ۽ دِهوارَ: ذ. صفت. دِهہ دِهہ جو جدا تفصيل.
● دِهاتُ ۽ دِهاتَ: ث. [ف. دِهہ جو جمع] ڳهڻا ڳوٺ. ٻهراڙي - واهڻ - ڳام. ديهہ - قصبو.
- دِهاتي ۽ دِهاتي: ذ. صفت. ڳوٺاڻو - ڳامڙيو - ٻهراڙيءَ جو - دقيانوسي - پراڻن خيالن وارو - سادگي پسند - شهريءَ جو ضد.
● دَهانُ: ذ. [ف] وات - منهن - مک - سوراخ - خالُ. زخم - ٽنگ - وِٿي.
- دَهان بندُ ۽ دَهان بندَ: ذ. صفت. منهن بند ٿيل - جنهن ٿانءَ جو منهن بند هجي.
- دَهانو ۽ دَهانا: ذ. منهن - وات - مک. (درياءَ، مشڪ، ناليءَ وغيره جو). شروعات - اِبتدا - منڍ. لغام جو هڪ حصو. لغام - راڳ.

● دُهائي ۽ دُهائيون: ث. [هہ. دُهائي] قسم - ڏوهي - سنهن. فرياد - دانهن - پڪار.
● دَهر: ذ. زمانو - جڳ - وقت - عرصو - مدت - سمو. دُنيا - سنسار - جهان.
- دَهري: صفت. دنيوي - سنساري - جهان جو. لفساني رواني.
- دَهريہ (دَهريو): زمانی پرست - رکيو هن جهان جو قائل - خدا تعاليٰ جي وجود ۽ ان جي حڪمن جو منڪر - لامذهب - بي دين - مُلحِد.
● دُهرُ ۽ دُهرَ: ذ. [سن. دِوُ = ڏون] ٻيٽي چادر جا سياري ۾ بُت جي چوگرد ويڙهجي. صفت. ڏوڙو - ٻيٽو - ٽلهو - ٻيٽو.
● دُهرائڻُ: مصدر. [سن. دِوُ = ڏون] ٻيٽو ڪرڻ - ٻيتو ڪرڻ - ٻہ تهو ڪرڻ. ڦيرائڻ - ڳهرو ڏيڻ. دور ڪرڻ - وري چوڻ - وري بيان ڪرڻ.
● دُهرڻ (ل): هڪلڻ. آٿ جڏهين اوٺي هڪليندا آهن، تڏهين آٺن کي دُهريندا آهن.
● دُهرو ۽ دُهرا: ذ. صفت. [سن. دوُ = ڏون] ٻہ دفعا - ٻيٽو - ٻيٽو - ٻہ تهو - ڏوڙو. ٿلهو - ٿوٿانگ - ڏتومتو - ستر وتر - مٽڪو - دونسو - سخت - مضبوط. ڳورو - ثقيل - وزندار. ڳهٽو - جهجهو. جيئن

"زَهري زُلف زوردارَ توکي دُهرا دامَ پيا" (بيدل).

- دُهرا دامَ پوڻُ: چوکنيو ڦاسڻ - مضبوط زنجير ٿيڻ.
- دُهرو دُوشالو پائڻ: ٻيٽي ڪوشش ڪرڻ. ٻيٽي محبت ڪرڻ - ٻيٽو عشق ۾ گرفتار ٿيڻ. ٻيٽيون مصيبتون سِر تي سهڻ.
● دَهرم: ذ. بيقراري - اِضطرابُ - ڳڻتي - گهٻراهٽ. نقصان. اِيذاءَ. سنديهہ ۾ رهڻ ڪري ٿيل تڪليف.
- دَهرم ڏيڻ: سيڪت ڏيڻ - ڊ پائڻ - هيسائڻ.
● دُهرڻ (ل): مصدر. وٺي وڃڻ - ڪاهڻ (ڪنهن وهٽ کي).
- دُهر ۽ دُهرون: ث. آٺن ڪاهڻ جو آواز.

Gul Hayat Institute

● دُهُرِيُ ۽ دُهُتَرِيُونُ: ث. [سن. دِوُ = ٻه + سَرِيُ = ٻن سرن واري- ف. دُر = موتي] ڳهڻ جو هڪ قسم- ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جي موتين ڳتيي مالها. چالديءَ جي ڳاني.

● دُهيرِيارو: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

دَهَڙُو ۽ دَهَڙا (ل): ذ. صفت. ٿلهو- متارو. جيئن "تو جهڙو دَهڙو ته اسان کي الله ڏياري".

● دَهُشَتَ ۽ دَهُشَتونُ: ث. (ف) ڊپ - خوف- پَو - ڊج - ڏرُ - خطر - هراس. ڏکو- ڏيا - هَولُ هَيبَتَ - ڏهڪاءُ- حشمت.

- دَهُشَتَ انگيزُ: ذ. صفت. خوفناڪ- خطرناڪ- ڀوائتو- ڀيانڪ- مُهيبُ.

- دَهُشَت زَدَهُ: ذ. صفت. خوف جو ماريل- خوفزده- ڊنل - سَهُميَلُ.

- دَهُشَتناڪُ ۽ دَهُشَتناڪَ: ذ. صفت. خوف ڀَريو- خوفائتو- خوفناڪ- ڀيانڪ- ڀوائتو- ڊپ وارو. ڊيچار ڀندڙ - هيبتناڪ.

- دَهُشَتيُ: ذ. صفت. خوف وارو - ڊپ جهڙو- هيبتناڪ.

● دِهُقانُ ۽ دِهُقانَ: ذ. صفت. (ف. دِهُ = زمين جو ٽڪر + قان< قان = مالڪ) ديهه جو مالڪ- دهدار. زميندار. ڳوٺ جو مالڪ- رئيس- چڱو مڙس. ٻهراڙيءَ جو ڳوٺائو- هاري - ڪڙمي. جاهل - ڄٽُ - قصبو - ديهات - ٻهراڙي - واهڻُ.

- دِهُقانيُ ۽ دِهُقانيُ: ذ. صفت. ٻهراڙيءَ جو- واهڻي- ڳوٺائو- ڳامڙيو - ديهاتي. ڪڙمي - هاري - مزرعي- ٻني وارو. اڻ گهڙيو- گنوارُ- اڻاڙي - ويڙهيچو- ڄٽ- بي‌عقل- جهنگلي. "شهري" جو ضد".

- دِهُقانيُ آدَبُ: ذ. ٻهراڙيءَ جي ٻوڪَ.

● دَهُڪَڻُ: مصدر. (دل جو) آواز ڪرڻ - ڌڪ ڌڪ ڪرڻ - دَڪ دَڪ ڪرڻ- ڌڙڪڻ ڌڙڪڻ ڪرڻ. دل جو دوڙرو ٿيڻ. ڌَڪڻ - ڌَڙڪڻ- ڦَڙڪڻ.

- دَهَڪَ: ث. دِل جي دَڪ‌دَڪ- ڌَڪ‌ڌَڪ- ڌڙڪڻ ڌڙڪڻ.

- دَهُڪارُ ۽ دَهُڪارُونُ: ث. حشمت- خوف - رُعبُ تابُ.

- دَهُڪارو ۽ دَهُڪارا: ذ. دَهُڪار.

- دَهُڪائِڻُ: مصدر. دَٻائڻ - هيسائڻ. ڌڙڪائڻ.

- دَهُڪو ۽ دَهُڪا: ذ. دَڪ دَڪِ - ڌڪ ڦڪ - دل جي حرڪت - ڌڪو - آواز - دَهڪو (دل جو) - ڌڙڪن ڌڙڪن (لونڊڙيءَ جو) ڌَڙڪو (دل جو). لوڏو- ڌِڪو- ٿيلهو. ڇِرڪُ - ڇوَنڪارُ- ڊپ - هراس.

- دَهُڪو ٿيڻُ: ڇِرڪُو پوڻ - هراس پوڻ - ڊپ ٿيڻ.

● دَهَلُ ۽ دَهَلَ: ذ. ڪپهه جي ڦٽين جو وڏو ڍڳ - انبار- ڪوڙ- ڍڳ. جيئن "مڇيءَ جو دَهَل، ڦٽين جو دهل، ٻلهي جو دهل وغيره" آها جاءِ جتي مير بحر مڇي ماري ڪٺي اچي هڪڙي هنڌ گڏ ڪن جتان اِجاره دار مڇي نيلام ڪري.

● دُهُلُ ۽ دُهُلَ: ذ. [سن. ڍولُ: ف. دُهُلُ] ڍولُ- ساز جو هڪ قسم جنهن کي ٻنهي پاسن کان چمڙو چڙهيل هجي ۽ هڪ پاسي جو چمڙو ٿلهو ۽ ٻئي پاسي جو سنهو هجي.

- دُهُلارِيُ ۽ دُهُلارِيُ: ذ. دُهل وڄائيندڙ- ڍولڪي - ڪوازي - طبلچي. نقارچي. منگڻهار.

- دُهُلَ تي ڏَونڪو (ت): ذ. سخت بدنامي- بدناموسي - وڏي خواري يا شُهرت.

- دُهُل تي ڏَونڪو هڻڻ: وڏي واڪي ٻڌائڻ - پڙهو ڏيڻ - کُليو کُلايو مقابلو ڪرڻ.

- دُهل جو آواز پَري کان مٺو لڳڻ: پري جي ٻڌل ڳالهه چڱي لڳڻ.

Gul Hayat Institute

- ڌُهلڙِي ۽ ڌُهلڙِيُون ؛ ث. ڌُهل جو اسم تصغير - ننڍڙو ڌُهل. ڌُهل جو هڪ قسم - ٺڪواز - ڍولڪ - ڍيٻڪ - ڍيٻڪي - ڍولڪي. راند جو هڪ قسم (جا، ٻه ڄڻا مٿنڊيڙي وانگر ليڪا ڪيو رَمن).
- ڌُهَل ڳچيءِ ٻڌائِڻُ : هند هند پڌرائي ڪرڻ - مشهوري ڪرڻ. پڙهو ڏيڻ.
- ڌُهَل وڄائِڻُ : مشهور ڪرڻ - ڍنڍورو ڏيڻ. خوشيون ڪرڻ - شادمانا ڪرڻ.
- ڌُهَلَ وڄڻُ : خوشيون ٿيڻ.
● ڌُهلڻُ : مصدر. [سن. ڌرُ = ڊڄڻُ + هَلُ = ڏڪڻ] ڊڄڻ - خوف کائڻ - هراسجڻ - ڌُهلجڻ - پِيو ۾ اچي وڃڻ - هيراسجي وڃڻ. ڊپ کان ڏڪڻ - ڏڪڻ.
- ڌُهلَ : ث. دهشت - هيبت. حراس - هراس - ڊڄ - ڊيڄو - ڊپ - پِيو.
- ڌُهلائِڻُ : ڊيڄارڻ - ڏڪائڻ. چرڪائڻ - هيراسڻ.
- ڌُهلجڻُ : مصدر. ڌُهلجي وڃڻ - هيسجي وڃڻ - ڊپ ٿيڻ - ڊڄي وڃڻ - خوف ڪرڻ - خوف کائڻ - خوف ۾ اچڻ - ڪنبڻ - هراسجڻ. ڏڪي وڃڻ.
● ڌُهلوارو : اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڌُهليِ : اسم خاص. هندستان جي گاديءَ جو هنڌ، هڪ تمام پراڻي شهر جو نالو - راجا ڌُهلو جو وسايل شهر - دِلّي. (ف). چانئٺ - آستانو. ڏيڍي - ڌهليز.
- ڌُهليِوي : ذ. صفت. دهليءَ ۾ رهڻ وارو. دهليءَ شهر جو رهاڪو.
- ڌُهليزُ ۽ ڌُهليزُونُ : ث. چانئٺ - آستانو - ڏيڍي - چوڪٽ - ٿنڀين سان ڏيڍي. ٻن دروازن جي وچ ۾ جڳهه.
● ڌُهمانُ ۽ ڌُهمانَ : ذ. ڌڙڪو - دٻاءُ - ڌمڪي - رعب - ڇِمَت. ڪوڙا دليل - سن گهڙت دليل. دوڙ - ٻَڌ ٻَڌ. ڪوڙ - ٻُهتان. هيبت. ڪَڙَڪو. ڪَڙِڪو.
- ڌُهمانُ ٻَڌَڻُ : وڏو ڪوڙ ٻڌڻ - وڏي تهمت ڏرڻ - الزام مڙهڻ - دوڙ ٻڌڻ.
- ڌُهمانِي ۽ ڌُهمانِي : ذ. صفت. دٻائيندڙ - ڌمڪائيندڙ - ڇِمت رکندڙ. رعب رکندڙ - رعبدار - رُعب تاب وارو.
● ڌُهمڙُو ۽ ڌُهمڙُا : ڌهن مڙدن جي طاقت رکندڙ شيءِ. ڪناري تي ٻيڙيءَ ٻڌڻ لاءِ ڪُتل کانُ - لنگر.
● ڌُهَنُ ۽ ڌُهَنَ : ذ. [ف. دَهان جو مُخفف] وات - مُنهُن - مُک.
- ڌُهنَرُ ۽ ڌُهنَرَ : ذ. صفت. ٻهتوڙي - گهٽو کائيندڙ. کاڌي لاءِ وڏو وات پٽيندڙ.
● ڌُهوُ ۽ ڌُهوَا : ذ. [سن. دِوِ = چمڪڻ] ڌنو - اوليڙو - آرسيءَ جو تجلو. جهڪي روشنائي - تِرُورو. سج جي روشنائي. تيزڪو. چمڪاٽ - تجلّو - روشني - چِلڪو - چمڪو. خبر - سُرت - ٻوجهہ - سمجهہ - سَتِ (ت). حال - افعال (ت). جيئن "جيڪو ڌهو ڌوس، سو ٻه نڪري ويس".
- ڌهو ٻوَڻُ (ت) : سُڌ ٻوڻ - خبر ٻوڻ - سمڪ ٻوڻ. ٿورو ٿورو ڏسڻ ۾ اچڻ.
● ڌُهوڙَڻُ : مصدر. ڊيڄارڻ - خوف ڏيڻ. دهلڻ - هيبت ۾ ٻوڻ (ل. ق). پڇائڻ. ڦٿڻ - ڪهائڻ. جيئن
"اڪين جرم ڦِٿو ڪيو، جن ڌهوڙيا ٿيي دَلَ" (آچر).
- ڌُهوڙِجڻُ : مصدر. دهلجڻ - هيبت ۾ ٻوڻ.
● ڌُهي ۽ ڌهيُون : ث. [سن. ڌُهنُ = ڌُهڻ] چانور ڪير - ڏَڌُ - ڦوٽرو. [سن. ديهه = بدن] جسم - بدن - دِيهي.
● ڌُهي ۽ ڌهيُون (ت) ؛ ث. [سن. تُشُ = تُهُ] ڳاهڻ بعد انّ مان نڪتل تُهڙ - تُهي. ميتي - دِرِ. اسپنگر جون سنهيون سنهيون ڪنڊون.
● ڌُهيڻلا : ذ. (هندي) ڏهيرو - ڏکيو.

Gul Hayat Institute

● دَهيُون: ث. [سن. دَشنا = رِيڙَ اَگڙيءَ جي] ذَرِيون - ٽُڪريُون - ڀُرزِيون - ٽڪرا ٽڪرا - ذرا ذرا (ڪپڙي جي ٿان آڇڻ بعد سُٽ جا ٽچيل ٽڪر جي ٿاني ڳنڍڻ بعد ڪَپي ڇڏيندا آهن) - ڏَهيُون. جيئن

"اڇيو ٿيان لطيف چوي ڪارڻ دوست دَهيون"
(شاهہ).

- دَهيُون ٿيڻ (ت): ٽَڪريُون ٽُڪريُون ٿيڻ - ذريون ذريون ٿيڻ - ڀُرزا ڀُرزا ٿيڻ.

- دَهيُون ڪَيِري ڇَڏَڻ (ت): اِڳڙيُون ڪيڻ - نامس ڪري ڇڏڻ.

● دَءُ ۽ دَءَ: ذ. [سن. دِو = چمڪڻ] ليرت - نظر - نگاهہ - دَئو. چمڪو - ٽِمڪو - دَهو.

- دَئُڪارُ ۽ دَئُڪارَ: ذ. چمڪو - ٽمڪو. ڦوري ليرت - نظر.

● دُئاپُر: اسم خاص. [سن. دواپر] هندن جي چئن جُڳن مان ٽئين جُڳ جو نالو - دُواپُر.

● دُئارُ ۽ دُئارَ: ذ. [سن. دُوارَ = دروازو] دروازو - دَرُ - چائنٺ - ڏيڍِي. جاءِ - جڳهہ - هنڌ - مڪان. مُلڪ - شهر - دِيس. جيئن ("ناڪُردوارو، گردُوارو وغيره"). ڏينهن - روز - ڏهاڙو - وڏو ڏينهن - ٿِهاڙو - ٿِڻ - ڏِڻُ - ٻارهاماسو - ڏينهن - عيدَ. وَلَرُ - ٻُرِيلُيِن جو وَلَرُ.

- دُئارو ۽ دُئارا: ذ. فقيرن جي رهڻ جي جاءِ - اوتارو - ديوتا جو ٽِڪائو - مَندِرُ - دِيوِل - مَڙِهي - دائرو. بت - بوتو. جسم.

● دُئاستو ۽ دُئاستا: ذ. صفت. [سن. دِوُ = ٻه + سَتُ = رسُ] ٻه دفعا چِڪايَل (شراب وغيره). دوآتشو - ٻه ٻاهيو (جنهن کي ٻه دفعا ٻاهہ جي مَچَ ۾ ٻاريو وڃي).

● دُئالُ ۽ دُئالَ: ذ. [ف. دُوال = چمڙي جي وَدي] چمڙي جي پَٽي - وَدي. سَنجَ جو هڪ قسم (چمڙي جي اٽي جنهن جو هڪڙو ڇيڙو هني ۾ ٻيو ڇيڙو رڪاب سان ٻڌجي).

- دُئالِي ۽ دُئاليُون: ث. دُئالي جهڙي. پٽي واڳ - مضبوط ٻنڌڻ. جيئن

"ڏسي اڄرج ۾ اَيس، بي پرواهہ جيءُ چاليءُ،
سڏيو شهبازن کي، ٻانڌي ٻيرن دُئالي"
(جان علي).

- دُئالي بَنَدُ: ذ. صفت. رڪيب ۾ پير پائڻ لاءِ دُئال جهليندڙ - خدمتگار - مسڪين. ٽهليو - هروقت خدمت ۾ حاضر رهڻ وارو.

● دَئيتُ ۽ دَئيتَ: ذ. [سن. دَئيتَم = راڪاس] دَئيتُ - راڪاسُ - هندن کي ڌرم کان ڦريل بدروح - خبيث روح. تڪليف ڏيندڙ ماڻهو - بدمعاش.

● دَئَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهہ ۽ مڪر ۾).

● دَئِرجِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچيءَ ۾).

● دَئَرِيُ: ذ. هڪ شڪاري پکيءَ جو نالو.

● دَئِريتا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ خيرپور ميرس ۾).

● دُئڙڻُ: مصدر. ڀوڙ پائڻ - ڀوڙڻ - ڀُڪڻ - ڀوڙڻ - پِڄڻ. ٽڪو هلڻ - سَٽَ ڪٽڻ. شرط ٻڌڻ.

- دَئڙَ ۽ دَئڙُون: ث. ڀوڙ - ڀُڪ - ڀوڙ - پَڄ.

- دُئڙائِڻُ: مصدر. ڀُڪائڻ - ڀوڙائڻ - ڀڄائڻ - ڪنهن سبب ڀوڙڻ لاءِ چوڻ. سَٽَ ڏيارڻ. شرط ٻَڄائڻ.

● دَئِقَ (ت): ذ. صفت. بي سمجهہ - بي عقل - جاهل.

● دَئُڪُ ۽ دَئُڪَ: ذ. [سن. دِوُ = ڏون يا ٻه] ڪنهن وَهَٽَ جي ان ڏندن نڪرڻ واري چمار. پنج سالو آنڊ. ٻه سالو گهوڙو. دَوُتُ.

● دَئِنُ ۽ دَئِنَ: ذ. (ع) قرض - اوڌر - ڏڪڻو. جوابداري. احسان - مهرباني - وَڙُ - ٿورو. ڏَنَبُ - ٻَنڌَنُ.

● دَئُنِ: ث. [سن. دِوِ = چمڪڻ] چمڪو - دَوُ - دَهو - دَئو.

- دَئُنڪَڻُ: مصدر. ٽِمڪڻ - چمڪڻ - رڪي رڪي چمڪاٽ ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● دَڻو ۽ دَڻا: ذ. [سن. دِرو = چمڪڻ] سج جي روشني - تيزڪو. هلڪي روشني - دَهو - دَوُ - ٽيمڪو - چلڪو. روشنائي - سوجهرو. اولڙو - پاڇو - عڪس - سايو. خبر - سُڌ - سماءُ - پُوڏ.

ـ دَڻو پَڌڻُ (ت): اجايو قبضو ڪرڻ - ضد ڪرڻ - قُرڻ.

ـ دَڻو پَوَڻُ (ت): ٿوري نظر پوڻ - سماءُ پوڻ. سوجهرو پوڻ.

● دَڻُوسُ ۽ دَڻُوسَ: ذ. صفت. [ع. دَيُّوثُ] پنهنجي زال جو يڙوو - بي غيرت - بي حيا - مَتِجُو. اڀاڳو - نحس - بد بخت - چَنڊو.

● دَڻوڪُ ۽ دَڻوڪَ: ذ. [سن. دِرو = ڏون] ٻـ. ٻن ڏندن وارو آنُ يا گهوڙو - دَوڪُ.

● دَڻوڪِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● دَڻِيُ ۽ دَڻِيُونُ: ث. [سن. دَو = چمڪڻ] تجلو - روشني - چمڪو - شُعاع - دَهو. رواق - جوت - پَيڪو - شان - تَجَمل - تِيجُ - جَلُوو - سوپيا - جهلڪو - پڙڪي - ورتاب - ڏَما - ڀانيڊسُ. دڙڪو. ذرو - جرو - هَوَ - رَتِيُ - تمام ٿورو حصو. مٽي جي مچيءَ جو هڪ قسم (ڏيکهه ١-٢ انچ).

ـ دَڻِيُ ڪَرڻُ: ڊيڄارڻ - ڏمڪائڻ - ڏڪائڻ - ڏمڪائڻ - اک ڏيکارڻ - دڙڪو ڏيڻ - ٽاهڻ - ڊپائڻ - دَڙڀائڻ - ڏمڪي چاڙهڻ - ڏڏڪو ڪيڻ.

ـ دَڻُونُ ڪَرَڻُ: تابش ڪرڻ - چمڪڻ - ڀَهڪڻ - جهرڪڻ - جرڪڻ - تجلو ڏيڻ - آب تاب ڏيکارڻ - چلڪڻ - روشنائي جي ٻهار لائڻ - حشمت ڏيکارڻ. جيئن

”دائودي دَڻُون ڪري، رَنگَن ڪوهي رنگ“ (شاهه).

● دُٺِيُ: ث. [سن. دِرُ = ٻـ، ڏون. ف. دُوئِيُ = ٻيائي] ٻيائي - بي ايماني - ٺڳائي - بد نيتي - کوٽ - ڀالو - مَڪَرُ - ڊونگ - مڪيرُ.

ـ دُٺِيتَ: ث. دغا - ٻيائي - کوٽُ - دوئي.

● دَٺِيٺُ ۽ دَٺِيٺَ: ذ. صفت. [سن. دَٺِيه = راڪاس] دَٺيتُ - راڪاس - خطرناڪ.

● دِيُ: ظرف. (ف) گذريل - آخرين. گذريل ڏينهن - ڪلهه - ڪالهه.

ـ دِيُروز: ظرف. گذريل ڏينهن - ڪالهه.

ـ دِيُشَبُ: ظرف. گذريل رات - ڪالهوڪي رات.

● دَيَا ۽ دَيَائُونُ: ث. [سن. دَيَا. دَيَه = رحم ڪرڻ] رحم - ٻاجهه - ڪَهَل - قياس - تَرسُ. رحمدلي - همدردي. مهر - مهرباني - ڪرم - اِحسان - لطف - فضل - آسيس - ڪرپا. سخا. بخشش - عنايت.

ـ دَيَا دِرِشٽِيُ: ث. مِهرَ جي نظر - ڀلائي جي نظر.

ـ دَيَالُ ۽ دَيَالَ: ذ. صفت. ديا وارو - ٻاجهه وارو - دياوان - ديالو - رحم دل - ڪهل وارو - ترس کائيندڙ - نرم دل - رحمي - ٻاجهارو. سخي - مهربان.

ـ دَيَالُو ۽ دَيَالُو: ذ. صفت. دياوان - ديال. رحمدل - مهربان - ٻاجهارو.

ـ دَيَاوانُ ۽ دَيَاوانَ: ذ. صفت. ديال - ديالو - رحمدل - مهربان - ٻاجهارو.

ـ دَيَاوَنتُ ۽ دَيَاوَنتَ: ذ. صفت. ديال - ديالو - دياوان - رحم دل - مهربان - سخي - ٻاجهارو.

● دِيَارُ: ذ. [ع. دَيرُ = گهرُ ۽ دِيَارُ] ديسَ - ملڪ - ڏيهه - وطن - ماٿيهه - ماڳ - هند - جوءِ. ڀاڳو. [سن. دِيودار] هڪ قسم جو عمارتي ڪاٺ - دَيالُ - چِيڙُهُ - صنوبرُ.

● دَيَالُ ۽ دَيَالَ: ذ. [سن. دِيوار] وڻ جو هڪ قسم - چِيڙهَ جو وڻ - صنوبر جي وڻ جو قسم.

● دِيَانَتَ: ث. [ع] ايمانداري - سچائي - پَتِ - سُچَٽِيائي - دينداري - امانت - سالمي. گڻ - ليکي - خاصيت. ثواب.

”ديالت ڪو سڀ دُک هَئِي،
اديالت ڪو هَئِي راج“

- دَيانتدارُ ۽ دَيانتدارَ: ذ. صفت. ايماندار- سچار- ڀروسي جهڙو- صادق- آمين- سُپتيو- اعتبار وارو- پَتِ وارو. وفادار- خداترس- ڌرمي.

- دَيانتداري ۽ دَيانتداريون: ث. ايمالداري- سچائي- سُپتيائي- وِساھ- اعتبار- پَتيڪار- معتبري- يقين- پَتِ- ڀروسو.

● ديباچو ۽ ديباچا: ذ. ديباچه ديبا= پَٽَ جو ڪپڙو+”چه“ اسم تصغير جي نشاني. ٢. ديباج [ف. ديباه=ريشمي چوغو. اڳي ڪتابن جي پهرئين صفحي تي چِٽ ڪيا هُئا] ڪتاب جو مُنڍ- ڪتاب جو مقدمو- ڪتاب جي شروعات جي لکيت- مُنڍُ- شروعات- تمهيد- پُورڪا- مُهاڳ- مُقدّمہ- مَهنڊُ- اپاسُ- آڳَرَ.

● دِبَ ۽ دِبون (ل): ث. ڏاڍي مُڪ- دِبَ- مُٺِ- ٺَڪَ.

● دَيتُ ۽ دَيتَ: ذ. صفت. [س. دئيتيه= راڪاس] وڏي جسم وارو- راڪاس. دَئيت- دُئيتُ.

- دَئيتُ پَريتُ: ذ. جنّ ۽ ڀَريون.

● دِيَتَ: ث. [ع] خون بها- خون جي عيوض قيمت- قصاصُ- خونَ جو بدلو. جيئن

”دِيَتَ آهي دوسُ مارڳَ ۾ مُئين جي“
(شاھ)

● دِيپُ ۽ دِيپَ: ذ. [س. دَويپُ= ٻيٽُ، مُلڪُ، کنڊُ] اقليمُ- زمين جو ستون حصو- ٻيٽُ- جَزِيرو- ٽاپُون جيئن ”مالديپ- سنگلديپ وغيره“. مهاديپ- بَرِاعظمُ- دِيسُ- ڏيهُ- ملڪ. کنڊُ. دنيا- اقليمُ. (هفت اقليم =ست حصا زمين جا) ١. جمبو ٢. پلڪشا ٣. سلمالي ٤. ڪُشا ٥. ڪِراونڪا ٦. سڪا ٧. پشڪار) حڪومت- بادشاهت- راڄ. [س. دِيپ=ڏِيو] روشني- چمڪو- ڏيو (ڏيئو).

- دِيپ مالا ۽ دِيپ مالائون: ث. ڏيئن (ڏيئن) جي قطار.

● دِيپر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● دِيپڪُ ۽ دِيپڪَ: ذ. [س. ديپڪ=ڏيو (ڏيئو)] روشني- سوجهرو- تجلّو- جوت- شعاع- پرڪاش- سُجهند و- آجالو- سُهائو. ڏيئو- ڏيو- شمع- بتي- چراغُ. ڇهن راڳن مان هڪ راڳ جو نالو (ڀيرو، مالڪوس، هنڊول، سيري، ميگهه، دِيپڪ). ديپڪ راڳ، هندستاني موسيقيءَ جي تمثيلي تصوير مطابق، باهه والڪو چمڪات ڪندڙ ڪپڙا پهريل، ھاٿيءَ مان آڳ جا آلا نڪرندڙ، مست هاٿيءَ تي سُوار آهي، هي راڳ گرم مند ۾ ٻن پهرن يا شام جو ڳائجي، هن جي ڳائڻ مان باهه پيدا ٿئي ٿي. هن راڳ جون ڇهه راڳڻيون (١. چايانٽ ٢. هميرِ ٣. ڪلياڻ ٤. بهاڳ ٥. ڪيدار ٦. ايمن) آهن. آتشبازي جو هڪ قسم.

● دَيجُور: [ع. دَيجُور=اونداهي] اونداهي رات- خاڪي رنگ جي ڪاراڻ مائل مٽي- اولداهي- تاريڪي- انڌ چٽائي- گمنامي.

● ديجو ڪاراڻي: ذ. گدڙ جو قسم.

● دِيدَ ۽ دِيدون: ث. ذ. [ف. دِيدَن= ڏسڻ] اک. ڏسڻ جي حالت- ڏِسڻي. نظر- نگاھ- نرت. جوت- سوجهرو- روشني- ڏوُ- دَهو- دَئو. جيئن ”فلاڻي جي اکين جي ديد گهٽجي ويئي آهي.“ ڏيک- ڏيکاءُ- نظارو- لماءُ- جهلڪ- لقاءُ- ديدار- درشن. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن ”قابل ديد، چشم ديد وغيره“. لڄ- حيا- شرم- حجاب- سنڪوچ. سحابو- مرجاتا- لحاظ- مَرَمُ- پاسخاطري- ماجهي- سجاڻپ- مروّت. ڏڪا- ڏک- سُور- ڪشٽ (ڪ).

- دِيدَ جو آنڌو ٿيڻ: نظر نه پوڻ- بي حيا ٿيڻ- بي شرم ٿيڻ- بي شناس ٿيڻ- حيا شرم نه ڪرڻ.

- دِيدَ جَهاڪُ: ذ. صفت. بي حيا- بي شرم- بي مُحابو.

- دِيدو (دِيدَه): ذ. ف. اک- اک جو تارو- دوڏو- ڏيلهو. نظر- نگاھ. چشم- نيڻ.

Gul Hayat Institute

- دِيدُون وِجهَڻُ (ت): نظر ڪرڻ. خيال ڪرڻ، ديدار ڪرڻ - گهُورَ پائي ڏسڻ - عشق محبت جي نظر ڪرڻ.

● دِيدا: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

● دِيدارُ ۽ دِيدارَ: ذ. (ف). نظر - نگاهہ - نِرت - ڏسڻ جي حالت - ڏسٽي - ڏيکاءُ - ڏيک - ڏيکارو. درشن - درسَنُ - جلوو - شڪل - صورت - ڊول - رُوپُ - مُنهَن - مُهانڊو - مُکڙو. گڏجاڻي - مقابلو - ملاقات - ميلاپ. لقاءُ - تَماشو - جلُوو.

- دِيدارَبازِي ۽ دِيدارَبازِيُون: ث. ديدار ڪرڻ جي حالت - نظاره بازي - ڏيک ويک - ديکا ديکي. دَرشن. سرسري نظر. عشق بازي - اک جو اشارو. نگاهہ عشق محبت واري.

- دِيدار ڪَرَڻُ: درشن ڪرڻ - درسن ڪرڻ. جلوو پَسَڻ. مُنهَن ڏسڻ - صورت ڏسڻ. تماشو ڏسڻ - زيارت ڪرڻ.

- دِيدارِي ۽ دِيدارِيُ: صفت. ديدار جهڙو - ڏسڻ جهڙو - ڏيک وارو - مَنُوڪُ - سُهڻو - خاصو - ٺاهُوڪو.

● ديدَڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾).

● دِيدِڪِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِيدَهٗ: صفت. [ف. ديدن مصدر جو اسم مفعول] ڏٺو - ڏٺل.

- دِيدَهٗ دانِسْتَهٗ: ظرف. [ف. ديدن = ڏسڻ + دانستن = سڃاڻڻ] ڄاڻي واڻي - ڏسي وائسي - دِيدا دانستي.

- دِيدَهٗ دِلير: ذ. صفت. شوخ چشم - دلير - بهادر. بي پرواهہ - اکين جو پڪو - نظر جو پڪو.

- دِيدَهٗ دِليري: ث. ڏسي وائسي ڪو ڏاڍائي جو ڪم ڪرڻ.

● دَيَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر سکر، نواب شاهہ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

● دَيرُ ۽ دَيرَ: ذ. (ف). بتخانو - مندر - ٽِڪاڻو - مَڙهي. آتش پرستن جي مَڙهي. گَٽو - شراب خانو - ڪلال خانو.

● دِيرِ ۽ دِيرِيُون: ث. (ف). ڪِيسر - سيڙپ - ڇِرڪَ - اوير - اوسيڙو - ليٽ - سيڙهہ - ڪَمَهلائي. آهستگي - ڍِرائي - سُستي - ڍِلَ.

- دِيرِ بازُ ۽ دِيرِ بازَ: ذ. صفت. دير ڪندڙ - ڪيسر ڪندڙ - اوپرو. ڍِرو - سُستُ - آهستي هلندڙ.

- دِيرِپا: ظرف. گهڻي وقت تائين - جٽاءُ ڪندڙ - پائدار - هميشه لاءِ - مستحڪم - جهالُو - مضبوط.

- دِيرِ رَنْج: ذ. صفت. گهڻي وقت جو تڪليف ۾ آيل.

- دِيرِ ڪَرَڻُ: اوير ڪرڻ - وقت لڳائڻ - ڇِرڪُ ڪرڻ.

- دِيرِ لَڳائِڻُ: وقت لڳائڻ - ٽائيم لڳائڻ - گهڻو وقت خرچ ڪرڻ.

- دِيرِ هَضَمُ: صفت. دير سان هضم ٿيندڙ - ڳرو (کاڌو وغيره).

- دِيرِي ۽ دِيرِيُون: ث. اوير - ڇِرڪُ - ليٽ - دير. آهستگي - ڍِلَ.

- دِيرِينو ۽ دِيرِينا: ذ. صفت. گهڻي وقت جو - پراڻو - جهونو - ڪُهنو - قديمي. تجربيڪار - ڳڻ ڳوتي - گنڀير - سنجيدو - بُرد بار - ڪاند وارو - باري. بزرگ - چالاڪ - سياڻو.

● دِيرو ۽ دِيرا: ذ. [ف. ديره. ع. دائره. من. سُٿَيريہ] جاءِ - جڳهہ - هنڌ - ماڳ - مڪان - گهر - ڪوٺي. رهڻ جي جاءِ - منزل - ڊاپو - آستانو - ٺاڪ - ويسانهين - بستي - ڳوٺ. جيئن مرڪبات ۾ ڪن شهرن پٺيان آيل نالا "محبت ديرو، لٺون ديرو، رتو ديرو وغيره". ڪٽنب - خاندان - گهراڻو. حويلي - گهربار - زال - زوج - زنانہ خانو. جيئن "سيدن جو ديرو، ميرن جو ديرو وغيره". تپيدارن جي رهڻ جي جاءِ - اوطاق - منزل گاهہ - چاوڙي - تنبُو - خيمو - ڏيرو. لاباري بعد انّ پا وَلِ رکڻ جي جاءِ - پارِ - کَرو. مڪن جو

Gul Hayat Institute

گهرد وارو- مندر- ڏيرو. ڪاري جي وڏي ٻيڙي (واڻ) هاڪارڻ ۾ طرفن يا لڪڻن وغيره جي رهبري ڪندڙ اوزار- ڪمپاس.
- ديرو ڄمائڻ: هڪ هنڌ دائو ڪري ويهڻ- گهڻو وقت رهڻ- پڪي پختي رهائش ڪرڻ.
- ديرو دمائڻ: جاء هٿ ڪري ويهڻ. ڪپ کوڙي ويهڻ- منزل ڪرڻ- ٽڪڻ- ترسڻ.
- ديرو دمائي ويهڻ: پڪو انتظام ڪري ويهڻ- رعب تاب سان رهڻ- ڪپ کوڙي ويهڻ.
- ديريدار ۽ ديريدار: ذ. صفت. ديري وارو- ديرو رکندڙ- ديري جو مالڪ. گهر وارو- ٻارن ٻچن وارو. وڏيرو- سردار- ڳوٺ ڌڻي- ڪرڙي وارو- ٻاروارو- ڪرڙي جو رکوال. ٺيڪيدار.
- ديريداري: ث. ٺيڪيدار جي ديري سان ٻڌل زمين جو ٽڪر.
- ديري وال ٻٽيلو: ذ. ننڍڙي درياهي ٻيڙي جو هڪ قسم.
● ديرو ٻراڻو: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ديرو محبت: اسم خاص. هڪ شهر جو نالو- تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ديڙ ۽ ديڙ: ذ. مکڻ جو ڳنڍو- چاڻو- ٻنوڙو.
● ديڙو ۽ ديڙا: ذ. ٻت جو پرڀل ٻکي. ٻکيءَ جو هڪ قسم- ٻلبل. گوشت جو وڏو ٽڪر- دگيل. مٽيءَ جو ديپو (سارين ڏرڻ لاءِ). (ت). شريعت موجب هڪ ڏوهه جي سزا (ت). ڏمڪ.
● ديڙا هڻائڻ: سخت سيڪت ڏيڻ- ڏمڪ هڻائڻ- ڪنڌي چڙهڻ.
● ديز (ڪ): ث. جبلن جي قطار.
● ديس ۽ ديس: ذ. [سن. ديش؛ پرا. ديش. ديهو=ڏيهه] ڏيهه- ملڪ- راشٽر. صوبو- پرڳڻو- جنم جو هنڌ- علائقو- اباڻو ملڪ- وطن- ساٿيهه. طرف- ڏس. هڪ راڳ جو نالو جيڪو اڌ رات جو ڳايو ويندو آهي.

- ديستان ديس: ظرف. ملڪان ملڪ- هرهنڌ- سڀني ملڪن ۾.
- ديس به ديس: ظرف. ملڪان ملڪ- هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين.
- ديس بديس ڦرڻ: ملڪ ملڪ گهمڻ- سير ڪرڻ. ڀٽڪندو رهڻ- ٿاپا کائڻ.
- ديس ڀاشا: ث. ديسي زبان- پنهنجي ملڪ جي ٻولي- ڏيهي ٻولي.
- ديس ڀائي ۽ ديس ڀائي: ذ. صفت. هم وطن- هموطني- ساڳئي ملڪ جا رهندڙ.
- ديس پرديس: ظرف. پنهنجو ۽ پرايو ملڪ- هرهنڌ- سڄو جهان- جيتي ڪٿي.
- ديس چوري پرديس ڀکيا: نيچ ڪم ڪرڻ کان ڪٿي به شرم نه اچڻ.
- ديس ڇڏڻ: وطن ترڪ ڪرڻ- ملڪ ڇڏڻ.
- ديس دورا: ظرف. پرديس ۾- ٻئي ڪنهن ديس ۾- ڏورانهين ڏيهه ۾.
- ديس ديس: ظرف. ملڪ ملڪ- هنڌ هنڌ- ڏيهه ڏيهه- هرهنڌ.
- ديس ديسانتر: ظرف. ملڪان ملڪ.
- ديس گهاتڪ: ذ. صفت. ملڪ سان بغاوت ڪندڙ- راڄ ڌروهي- بغاوتي- غدار.
- ديس گهاتي: ذ. صفت. ملڪ سان ڌوهه ڪندڙ- راڄ ڌروهي- ديس ڌروهي- باغي- غدار- شترو.
- ديس ميتر ۽ ديس ميتر: ذ. صفت. وطن دوست- ملڪ جو خيرخواهه- محب وطن- ديش ميتر- ديش ڀڳت- وفادار.
● ديس ميترتا: ث. حب الوطني- وطن جو پيار- ديس جي حب. ديش ڀڳتي.
- ديس نڪالو ۽ ديس نڪالا: ذ. صفت. ديس نڪارو- ڏيهه نيڪالي مليل- ملڪ بدر ٿيل.
- ديس نيڪالي: ث. جلاوطني- ڏيهه نيڪالي- ملڪ نيڪالي- وطن يا ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت نه هئڻ.

Gul Hayat Institute

- دیس نيڪالي ڏيڻ: جلاوطن ڪرڻ. ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ.
- ديسي ۽ ديسي: ذ. صفت. پنهنجي ملڪ جو - ڏيهي - ملڪي - ڳوٺاڻي - وطني - ماڻهي. وطن ۾ پيدا ٿيل شيءِ. قدرتي - اصلي - ذاتي - ڳامٺو.
- ديسي هنر ۽ ديسي هنر: ذ. ملڪي ڌنڌا - وطني ڪاريگريون - وطن جا ڪارخانا - ملڪي صنعتون - خاص ملڪ جو هنر يا ڪاريگري.
● ديسڪار ۽ ديسڪار: [سن. ديشڪار: ديس ڪار] هڪ راڳڻي جو نالو (جا صبح جو ڳائجي).
● ديسي: ث. مالڪوس راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
● ديش ۽ ديش: ذ. [سن. ديش: پرا. ديهو=ڏيهه] ديس - وطن - ڄمڻ جو هنڌ.
● ديغ ۽ ديغون: ث. طعام رڌڻ جو وڏو ٿانو - ديگ - ديڳ.
● ديق ۽ ديقون (ت): ث. وڏو ڇيٽو - داڻ. هٿ سان ٺهيل ڇيٽو (جو ٻارڻ جي ڪم اچي).
● ديقر: ث. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.
● ديقڙي ۽ ديقڙيون (ت): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● ديڪار (ل): ث. (آواز) ٻڪرين جي ڪنڌ جي ويل ٻن ڌنن کي جدا ڪرڻ لاءِ ٻڪرار جو هڪ خاص آواز.
● ديڪ ديڪ (ل): ذ. (آواز) ديڪار.
● ديکڻ: مصدر. [سن. درشن: ف. ديدن = ڏسڻ. ديکاءُ.] ڏسڻ - نظر ڪرڻ - معائنو ڪرڻ. ڳولڻ - ڊونڍڻ - تلاش ڪرڻ. آزمائڻ - امتحان ڪرڻ. جاچڻ - پرکڻ - ملڻ.
- ديک ۽ ديکون: ث. ڏسڻ جي حالت - ديد - نظر - ڏيک. تکيءَ نظر سان ڏسڻ جي حالت - گهور. جهوه - جهوت. ٻاهريون ناهه لوهه - ديک - ڏيکارو.

- ديکاديکي: ث. ٻاهريون ڏيک - اجايو ڏيکاءُ - نکيءَ جو ناهه. هڪٻئي کي ڏسڻ جي حالت. حرص - رشڪ. نقل - آهل - پيروي. ملاقات - ميلاپ (ت).
- ديکاديکي ڪرڻ: هڪٻئي ڏانهن نهارڻ. آهل ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ. ملڻ - منهن مقابلي ٿيڻ.
- ديک ڀال: ث. سنڀال - جاچ جوچ. تلاش - ڳولا - جستجو.
- ديک ڀال ڪرڻ: جاچ جوچ ڪرڻ.
- ديک ڏيڻ (ت): هڪ جاءِ تي گهڻو وقت نظر ڪرڻ.
- ديکيندي ديدار کي:

"ديکيندي ديدار کي ڪل مڃاتو ڪين."

(شاهه).
● ديکيا ۽ ديکيائون: ث. [سن. ديڪشا = ڏرمي هدايت] سکيا - اپديش. نصيحت - ڌرمي هدايت - سمجهاڻي.
● ديگ ۽ ديگون، ديگيون: ث. (ف) کاڌي رڌڻ جو وڏو ٿانءُ - ٿانءُ جو وڏو ديگڙو - ديڳ. پيتا - خيرات - تيل ڦل - ڏڻي. چانور رڌي اذراني طور ڏال.
- ديگ تيغ جو مالڪ هئڻ: ڌنوان ۽ پلوان هئڻ - شاهوڪار ۽ طاقتمند هئڻ - وڏيرو ۽ ورير هئڻ.
- ديگ جي ڪرڙ هئڻ: وڏي خاندان سان رشتو هئڻ.
- ديگ چاڙهڻ: عام جام ڪري ڇڏڻ.
- ديگچي ۽ ديگچيون: ث. ٽامي ۽ پتل جو ننڍو ديگڙو - ديگڙي - ديڳڙي.
- ديگڙو ۽ ديگڙا: ذ. رڌ پچاءَ لاءِ هڪ برتن - ننڍي ديگ. (ث. ديگڙي ۽ ديگڙيون).
- ديگڙي چاڙهڻ: رڌي کائڻ - پنهنجي محنت ڪرڻ.
● ديگچيڻي ۽ ديگچيڻيون: ث. لوهه جا ننڍا پراڻا ٽڪر - سڙيل لوهه جا پراڻا ڪنيل ٽڪر - پراڻي لوهه جي پور.

Gul Hayat Institute

● ڏِيگَرُ: صفت. پيو- وڏيڪ- ڏِگر.

● ڏَيگمبرُ؛ ذ. [سن ڏِڪ>اگھاڙو- ناڱو] اگھاڙو- ناڱو. جين ڌرم جو اگھاڙو فقير. ملڪار جي ڇھنب. ملڪ- طرف.

● ڏِيڳ ۽ ڏِيڳُون، ڏِيڳيُون؛ ث. [ف. ديگ=ديگ] ديگ.

● ڏِيڳ ٻاسڻ: چانورن جي ديڳ تيار ڪرائي خيرات ڪرڻ. طعام جي خيرات ٻاسڻ.

- ديگ جي ڪُرِڙِئي ڪافي هئڻ: ڪنهن مال منجهان ٿورو حصو ٻہ ڪافي هجڻ.

- ڏِيڳڇِي ۽ ڏِيڳڇيُون؛ ث. ڏِيگڇي.

- ڏِيڳڙو ۽ ڏِيڳڙا: ذ. ديگڙو.

- ڏِيڳيِن؛ ظرف. ڏِيگين ۾.

● ڏِيڳَوڙو ۽ ڏِيڳَوڙا (لس)؛ ذ. ڪپڙ وڙو- ليسُوڙو.

● ڏِيڳين وارو؛ اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● ڏِيمَ ۽ ڏِيمُون؛ ث. فوج- لشڪر- سپاھ. ڳھٽ- ميڙ- انبوھ (ل- ق).

- ڏِيمَ ڪَرَڻُ: ڪنهن تعداد ۾ گڏ ٿيڻ. ھڏ ٻوھ ڪرڻ (ت).

- ڏِيمِي ۽ ڏِيميُون؛ ث. هڪ وڏي فوج- لشڪر جو ڪٽڪ- آن ڪٽُ خزانو.

● ڏِيمَاڪُ ۽ ڏِيمَاڪَ (ت): ذ. [ع. دماغ جي بگڙيل صورت] دماغ- مغز- مٿو.

● ڏِيمَڪُ ۽ ڏِيمَڪَ؛ ذ. آن جي هڪ سَنڌ جو عضوو- پلاڻ جي هونين حصي کي مضبوط ڪري جهلڻ وارو رسو- آڏ هيُ.

● دَيْنُ ۽ دَيْنَ؛ ذ. [ع. دَيْنُ=قرض] قرض- آڌار- ڪَٽَتِ- لَهڻو- ڏيتي. بخشش- عطيہ- احسان- ڪرم.

● دِيْنُ ۽ دِيْنَ؛ ذ. [ع. دَانَ=هن دين اختيار ڪيو] مَذهَب- مِلَت- ڌرم- پَنٿُ. ايمان- عقيدو- وِساھ- يقين- ڀروسو- نشچو- اعتبار. انجام- وچن- قول. عاقبت- آخرت.

- دِيْنَائِتو ۽ دِيْنَائِتا: ذ. صفت. دين وارو- دين جهڙو. ايمانداري واري حالت ۾- نيڪ نيت.

مذهبي- ڌرمي- ديندار- ڌارمڪ- خداپرستُ- مُتَّقِي- ڌَرمشٽُ- خداترس- عابد- پرهيزگار. عبادتي.

- دِيْنَائِي ۽ دِيْنَائِيُ: صفت. هم مذهبي- مذهبي- ساڳئي ڌرم وارو- ڌرمي.

- دِيْنُ اِيْمَانُ مَانُ ڪَيڊڻُ؛ مرضيءَ جي ابتڙ ڳالھ ڪرائڻ. مذهب جي خلاف ڪم ڪرائڻ.

- دِيْنُ ڀَائِي ۽ دِيْنُ ڀائِيُ؛ ذ. صفت. ساڳئي مذهب وارو- همُ مَذهَبُ.

- دِيْنُ پَرَسْتُ: ذ. صفت. مذهبي. مذهب کي مڃيندڙ- زاهد- عابد- دين جي پيروي ڪندڙ.

- دِيْنُ پَرْوَرُ؛ ذ. صفت. دين کي بچائيندڙ- دين جو راکو- مذهب جو مددگار.

- دِيْنُ پَنَاهُ: ذ. صفت. دين جو مُعاوِنُ- دين جو مُحافِظُ- مذهب جو آجهو- دين جو حامي.

- دِيْنْدَارُ ۽ دِيْنْدَارَ: ذ. صفت. دين وارو- ايماندار- دين جو پابند- ايڪ- دِينائتو. مذهبي- ديني- ڌرمي. مُتَّقِيُ- پرهيزگار- شَرْعَ جو پابند- جيڪو مذهب تي پورو هجي. آمين- ايڪ- سچار- راستُبَازُ.

- دِيْنْدَارِيُ: ث. دين واري حالت- دين جي پابندي- ايمانداري- امانتداري. سچائي- پرهيزگارِيُ- شريعت جي پابندي- پاڪائي- پارسائي- خداترسي- ديني.

- دِينَ دُنِيَا کَانَ وَڃَڻُ؛ ٻنهي جهانن کان رد ٿيڻ.

- دِيْنَ کي دَابُ ڪَرَڻُ؛ مذهبي اصولن تي قائم رهڻ.

- دِيْنَ سَلُوڪِيُ رَکَڻُ؛ پائيي پيٽيي رکڻ- دوستي رکڻ.

- دِينُ وَ دُنِيَا؛ ث. مذهب ۽ ملڪ. ديني حالت ۽ دنيوي حالت- دين جون ڳالهيون ۽ معاشري جون ڳالهيون. هوءَ دنيا- ٻئي جهان.

- دِيْنِيُ ۽ دِيْنِيُ؛ صفت. دين وارو- دين جو- مذهب جو- ڌرم وارو- ڌرمي- مذهبي- روحاني- آتمڪ.

Gul Hayat Institute

ــ دِينِيَاتَ: ث. دين سان تعلق رکندڙ ڳالهيون ـ دين جي اصولن جو علم ـ فِقهہ جا مسئلا.

● دِينُ ۽ دِينَ؛ ذ. [س. دِينَ = غريب] غريب ـ مسکين ـ ڪنگال ـ مُفلس ـ محتاج ـ گهرجائو ـ ويچارو ـ ڪِنْل ـ حاجتمند ـ سَچو ـ ڪٺو. مانيٺو. حليم ـ نيهٺو.

ــ دِينَانَاتُ: ذ. [س. دِينَ = غريب + ناتُ...] غريبن جو مالڪ. اِيشورُ.

ــ دِينَ بَندُو؛ ذ. صفت. غريبن جو دوست ـ پڳوان.

ــ دِينتا؛ ث. غربت ـ مسڪيني ـ ڪنگالپڻو ـ ڪنلائپ. هيناهين ـ ابو رَتَ (نِشرَتَ) ـ نياز ـ لهنائي ـ لمرتا ـ عجزُ.

ــ دِينُ دَيَالُ [دَيَالُ = مهر ڪرڻ وارو]؛ ذ. صفت. غريبن تي رحم ڪندڙ ـ غريب نواز ـ غريبن لاءِ رحمدل ـ مهربان ـ ٻاجهارو ـ نرم دِل ـ ديناٿ ـ دَيالو ـ رَحمانُ ـ رحيم ـ غريب پرور.

ــ دِينُنَاتُ ۽ دِينُنَاتُ؛ ذ. صفت. غريبن جو همدرد ـ مسڪينن جو اجهو ـ غمخوار. حاجتون پوريون ڪندڙ ـ دِينُدَيال ـ ٻاجهارو ـ دَيالو ـ رحمان.

● دِينَانُور؛ اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو، تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِينَاداسِتِيُ؛ ظرف. [ف. دِيدَهُ دَانِسْتَهُ] ڏسي وائسي ـ ڏٺو وائٺو ـ ڄاڻي واڻي ـ ڄاڻي ٻجهي ـ سوچي ويچاري. ڏٺو وائٺو ـ ظاهرظهور ـ اکين اڳيان ـ ٻڌري ٻٽ ـ ڏينهن ڏٺي ـ کُلي طرح ـ ڪُليو ڪُلايو ـ اَڇين ڪَڇين ـ سڀڪنهن جي ڏسندي ـ زبردستي ـ زور سَس ڪري.

ــ دِينَا داسِتِيُ چَوَڻُ؛ ظاهر ظهور يا کُليو کُلايو چوڻ.

ــ دِيناداسْتِيُ ڪَرَڻُ؛ ظاهرظهور ڪرڻ ـ کليو کلايو ڪرڻ. زوري زبردستي ڪرڻ ـ ڏاڍ ڪرڻ.

ــ دِينَارُ ۽ دِينَارَ؛ ذ. عربستان ۾ رائج ٿيل سونَ جي سِڪيءَ جو هڪ قسم.

ــ دِينَارِيُ ۽ دِينَارِيُ؛ ذ. گهوڙي جو هڪ قسم. (جنهن جي پٺيءَ تي دينار جيترا چٽا هجن).

● دِينَارِيُ؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (بگٽي ٻاڙو).

● دِينَبَارِيُ: اسم خاص. تعلقي ڏيري محبت ۾ هڪ دِيهہ جو نالو.

● دِينَ پَنَاهُ؛ اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِينَ پُور: اسم خاص. تعلقي ٺٽي محمد خان ۾ هڪ دِيهہ جو نالو. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. جتان جو هڪ بزرگ حافظ محمدصديق رحہ سنڌ جو مشهور اهل الله ٿي گذريو آهي.

● دِينْدَار (ل): ث. پارڪي مڃرن يا مکين ڪان بچاءَ لاءِ سهڻ وقت مٿان رکيل ڪاٺ جي گهوڙي (جنهن تي ڪپڙو وجهي چڏبو آهي). نندي سَچرداني ـ مُنهن رَکِي.

● دِينگُ ۽ دِينگَ: ذ. طعام رڌڻ لاءِ نکر جو ديگڙو ـ ڪنو.

● دِينگر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهہ ۽ اتر سرحه سنڌ ۾).

● دِينَ ڳَڙهُ: اسم خاص. تعلقي ٿَل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِينُورُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● دِيوُ ۽ دِيوَ؛ ذ. صفت. [ف. ديو. پرا. ديو، س. ديو، دُو: چمڪڻ]. ديوتا، پرٿ جيڏو ـ پوائتو. راڪشش ـ شيطان ـ اِبليسُ ـ خنّاس. پيُوتُ ـ جن ـ ڏائڻ ـ آدم خور ـ اگهوڙي. پَريُن جو مڙس.

ــ دِيوزادُ: ذ. صفت. دِيوَ جو اولاد ـ وڏي قَدَ ۽ جُثي وارو.

ــ دِيوسُتانُ: ذ. صفت. دِيوَنِ جي رهڻ جي جاءِ ـ واسو ڪيل جاءِ ـ ڳري جاءِ (جنهن تي دِيوَ يا جنَّ جو اثر هجي).

Gul Hayat Institute

● ديوُ ٿ ديوَ: ذ. [سن. ديوَ؛ دِوُ= چمڪڻ] چمڪندڙ- تجلي وارو. هندو ڌرم موجب پوڄا جي لائق- لائق پرستش. ايشور- ڀڳوان- ڌڻي- خدا- الله- مالڪ. ايشور جي حڪم سان سنسار کي هلائيندڙ خيالي جيوُ (جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته هو هن جهان جي جدا جدا ڪمن يا جدا جدا لوڪن جي نگهباني ۽ سنڀال ڪن ٿا، خراب ڪمن تي ناراض ۽ ڀڳتيءَ پرارٿنا تي خوش ٿيندا آهن). اوتار- پاڪ اوتار. ديوتا- بزرگ- مُقدّس- پاڪ.

– ديوَ ڀاشا: ث. ديوتائن جي مُقدّس زبان- سنسڪرت.

– ديوُتا ٿ ديوُتا، ديوُتائُون: ذ. پاڪ اوتار- ڀڳوان. پرميشر. بزرگ- مُقدّس. اهو مضمون جنهن جو ڪٿهن ويد جي منتر ۾ بيان ٿيل هجي.

– ديو رِشي: ذ. صفت. سالڪ- ڪهڙو- عقلمند- ڏاهو- مُڪهڙ. ديوتا سروپ- گياني رِشي. ليڪ پالهو- ساڌو- گياني- اولياءُ- پهتل شخص- عبادتي- رياضتي- سَنُتُ- مهاتما.

– ديورو ٿ ديوُرا: ذ. ديوَ جي رهڻ جي جاءِ- ٺاڪُرُ دُئارو- ڏيوُرو- ٽڪاڻو.

– ديوُلوڪ ٿ ديوُلوڪَ: ذ. ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ- هندن جو بهشت- سرڳ- جنّت- فردوس- عالمِ قُدُس. آپُ- آڪاس- آسمان.

– ديوماتا: ث. هندن جي عقيدي موجب ڀڳوان جي ماءُ.

– ديوُمالا ٿ ديوُمالائُون: ث. ديوتائن جو احوال- ديوڪٿا- ديوتائن جي وارتا. هندن جو ڌرمي ڪتاب- پراڻ.

– ديوُواڻي ٿ ديوُواڻيُون: ث. آڪاس واڻي- الهام- خدائي ڪلام. ٻڌراڻي- نئين خبر- بشارت- خوشخبري.

– ديوي ٿ ديويُون: ث. ديوتا جي زال- ديبي. "ڪالڪا، ڀواني، دُرگا، ڪالي وغيره. ماتا، هندن جي عقيدي موجب سنسار ۾ ايشور پاران ڪم سنڀاليندڙ خيالي عورت. عورت- زال- ناري- ڪنيا- ڪنواري- دوشيزه. راڻي- ملڪه.

– ديوِي جو دَرشن ڏيڻ: ماتا جي بيماري جو ٿيڻ. چيچڪ يا وڏي مائي نڪرڻ.

● ديوار ٿ ديوارُون، ديواريُون: ث. (ف) ڀِت- ديوال. ڀلڻو پڙو- پناهه- اوٽ- پردو.

– ديوارِ چين: اسم خاص. تاتار جي سرحد تي ۸۰۰ سؤ ڪوهه ڊگهي ٺاهيل ديوار (جا عيسوي سن کان ۲۱۴ ورهيه اڳ تاتارين جي حملي کان بچاءُ لاءِ ختاين ٺاهي هئي).

– ديوار ڪَٽڻ: ڀت ٺاهڻ- ديوال ٺاهڻ- ڀت اوسارڻ.

– ديوار قهقهه: اسم خاص. سڪندر ذوالقرنين جي ٺهرايل ديوار جا ياجوج ماجوج قوم جي روڪ لاءِ ٺاهي وئي هئي- سَدّ سڪندري. چيو وڃي ٿو ته آن سان هميشه کِلڻ جو آواز ايندڙ آهي ۽ جو به ماڻهو انهيءَ تي چڙهندو سو کلندو اندر ويندو.

● ديوال ٿ ديوالُون: ث [ف. ديوار= ڀت] ديوار- ڀت.

● ديوالي ٿ ديواليُون: ث. صفت. [سن. ديپاوَلي. ديپ= ڏيئو+ آوَلي= قطار] ڏياري- ڏياريءَ جو ڏڻ- ڏياريءَ جا ڏِيا.

● ديوان ٿ ديوانَ: ذ. (ع) شاهي دربار- ڪچهري- دربار- عدالت- انصاف جي جاءِ- عدالت گاهه- عدالتخانو. اپاءُ سڀا- عدالتي محڪمو- دفتر- آفيس- دفتر جو مالڪ- دفتر سنڀاليندڙ. آفيس جو وڏو عملدار- آفيسر- وڏو منشي- هيڊ منشي- مير منشي- رُڪنِ سلطنت- وزير- منتري. سڪرُ يا شريف ماڻهو. خزاني جو وڏو آفيسر- ڀنڊاري. ڪارخاني جو مهندار (ل. ق). غزلن جو ڪتاب (جنهن ۾ غزل، قافيه وار ٺاهي رکيل هجن). جيئن "ديوان حافظ وغيره". هندن جي هڪ ذات جو ناٺو (جي مسلمانن جي حڪومت ۾ روينيو کاتي جا وڏا عملدار هئا). جيئن "خيرپوري ديوان، حيدرآبادي ديوان وغيره".

Gul Hayat Institute

- ديوانِ اعلىٰ: ذ. وزيراعظم - وڏو وزير - پردان منتري.
- ديوان خانو ۽ ديوان خانا: ذ. ڪورٽ - عدالت خانو. آفيس - دفتر. اميرن جي ويهڻ جي جاءِ - بيٺڪ - ملاقات جو ڪمرو. مردن جي ويهڻ جو ڪمرو.
- ديوانِ عام: درٻار عام - ڪُليل ڪچهري (جتي سڀڪو اچي سگهي).
- ديوانگري: ث. ديوان جو ڪم - ڌندو.
- ديوانيءَ ۽ ديوانيون: ث. ديوان جي آفيس - ڪورٽ - مال ۽ جائداد جي رقم جو فيصلو ڪندڙ عدالت. پئسن جي ڏيتي ليتيءَ بابت ڪيس.
- ديواني دعويٰ: ث. جائدادي مقدمو - پئسن يا قرض بابت ڪيس - ڏيتي ليتي بابت فرياد.
- ديواني ڪورٽ: ث. ڏيتي ليتي جي معاملن بابت فيصلا ڪندڙ عدالت - سِول ڪورٽ.
● ديوانو ۽ ديوانا: ذ. صفت. [ف. ديوانه = چريو] مستانو - چريو - مست - سودائي - پاڳل - مجنون - خبطي - باولو - آئيل. بيوقوف - بيهودو - دعواسي. خفي - چيتو - هرڪلو. (ث. ديواني ۽ ديوانيون). اسم خاص. هڪ نشنين جو نالو.
- ديوانگي: ث. چرياڻي - بي عقلي - بي سمجهي - ساداڻي - جنون - مستي - پاڳلپڻو - چيتائي - خفو - بيوقوفي.
● ديوث ۽ ديوث: ذ. صفت. (ع) بي غيرت - بي حميت - ڀڙوو - ڀاڙي. بيشرم - بيحيا - نرلجو. ڀاڙي (جنهن کي پنهنجي ننگ جي غيرت نه هجي).
● ديوڪاري: اسم خاص. هڪ ڪاري ڍنڍ جو نالو.
● ديوڪنڌاري: ث. هڪ راڳڻي جو نالو - ديوڪنڌاري.
● ديول ۽ ديولون: ث. [سن. ديو + آليه = رهڻ جي جاءِ] ديو جي رهڻ جي جاءِ. ٺاڪرُ دوارو - مندر. عيسائن جي عبادت جي جاءِ - ڪرسٽ منڊلي - ڪليسا - گرجو. مڙهي - ٽڪاڻو.

- ديولي ۽ ديوليون: ث. ننڍڙو مندر - ڏيوري. ننڍي ديول - ننڍو گرجو.
● ديوناگري: ث. سن. هندي زبان (سنسڪرت الف - بي) ناگري زبان (جنهن ۾ موجوده سنسڪرت، هندي، مرهٽي وغيره ٻوليون لکيون وڃن ٿيون).
● ديوري ۽ ديوريون: ث. وڻ جو هڪ قسم. ولائتي ٻير.
● ديهه ۽ ديهون: ث. [سن. ديهه = بدن] بدن - جسم - بُت - سرير - ڍانچو - تن - ڪايا - جسو - ديدار، جيئن
"دلبر ديهه بدر جان، اٽلس آطلس جهڙا انگ"
(جلال).
[ف. ده = زمين جو ڪجهه ٽڪر] ٻوڪ واري زمين جي ڪجهه ايراضي - آبادي. تپي جو هڪ حصو. ڳوٺ - بستي - واهڻ - ڳام - قصبو - ڏهه. ننڍو علائقو. مجيءَ جو هڪ قسم.
- ديهات: ذ. جمع ديهه جو - گهڻا ڳوٺ - دهات - ديهون - ڳوٺ.
- ديهاتي ۽ ديهاتي: ذ. صفت. ديهه جو - ڳوٺ جو - ڳوٺاڻو - دهقاني - جهنگلي - جٽ - غيرمهذب - "شهري" جو ضد.
- ديهدار: ذ. صفت. ديهه ڌارڻ وارو - جاندار - سرير ڌرڪ. بدني - جسماني.
- ديهي ۽ ديهيون: ث. بدن - بُت - جسم - تن - قالب - چولو - وجود - سرير - ڪايا - انگ - جسو. آرو - سينو - ڇاتي. جيئن
"ڪشاد کي ميدان جي، ڏمن د پاٺي ديهي"
(سچل).
ڪنبارن جي اصطلاح ۾ پڪل ٺڪر (جنهن تي نيهائين يا آويءَ کي ترتيب ڏيڻ وقت ڪچو ٿانءُ ٻهاريو آهي). ذ. صفت. ڳوٺاڻو - ديهاتي - دهقاني.
- ديهي دتائن: اندر ۾ جاچڻ - پاڻ سڃاڻڻ - حقيقت حاصل ڪرڻ.
● ديهات: اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ديهاڻي: اسم خاص. ٻگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

Gul Hayat Institute

ڌ

● **ڌ**: سنڌي 'الف ـ بي' جو ويهون اکر ـ 'د ۽ ھ' جو گڏيل آچارُ (آچار 'ڌال'). ابجد موجب سنڌس عدد چار.

● ڌَ ذ. آوازُ ـ لئي ـ تالُ. ڇهين سر جو نالو. 'ڌَيْوَتُ' جو مُختَصَرُ ـ هندي راڳ جو ڇهون پَدُ (سا ـ رِي ـ گَ ـ مَ ـ پَ ـ ڌَ ـ ني').

● ڌا (ل)؛ ذ. وڏو ۽ ڳرو آواز.

● ڌابو ۽ ڌابا (ت)؛ ذ. ٽَرِي جو ٻالي.

● ڌاتِ ۽ ڌاتُون ـ ڌَاتيئُون؛ ث. [سن. ڌات] ٻنڌ ـ سَنڌ ـ وبرج ـ لطف ـ ويرھ ـ ٺڙدي. کاڻين مان کوٽي ڪڍيل مَوَادُ (جنهن ۾ ٻکهرجڻ جي خاصيت هجي، جهڙوڪ: سون، چاندي، ٽامو، شيهو، جست، ٻارو، ٽين وغيره) ـ ڌاتو. رستو ـ راھ ـ واٽ ـ مارِڳ ـ دستور ـ طرح ـ طرزَ ـ اصول ـ طريقو ـ عادت ـ هلت ـ چال ـ رفتار ـ ڍنگ ـ روش، جيئن

"ڪين ڌات ٻئو، هينئڙو لوھ سنداڻ جيئن
سنياري کي سڄڻين، ورچي تان ٽہ ويو."
(شاھ ڪريم).

"جي پائين پرينءَ سيڙان،
سيکُ چوراڻ کي ڌاتِ."
(شاھ).

ٿاٻت لفظ مي ـ ٻڌائي ـ ٻکائي. گرامر موجب لفظ جو بنياد ـ ٻاڙ ـ اِشتِقاقُ ـ ڌاتُو.

ـ ڌاتِ ڪِسَڻ؛ منيءَ جو وهڻُ.

● ڌَاتُ ۽ ڌَاتَ؛ ذ. [سن] زمين مان کوٽي ڪڍيل معدني شيءِ ـ ڌاتُو.

● ڌاتُو ۽ ڌاتُو؛ ذ. [سن. ڌَاتُ = بنيادي عُنْصرُ] کاڻين مان کوٽي ڪڍيل مواد (جنهن ۾ ٻکهرجڻ جي خاصيت هجي) ـ معدنيات ـ ڪچو ڌاتو ـ ڪُڪِري. جهڙوڪ: "سون، چاندي، ٽامو، لوھ، شيهو، جست، ٻارو، ٽين وغيره". لفظ جو اصل ـ مُول ـ بنياد ـ ٻاڙ ـ اشتقاق ـ مصدر.

ـ ڌاتوڪَ تَتو: ذ. کاڻين مان کوٽي ڪڍيل معدني شيون.

ـ ڌاتوڪَ وِديا: ث. ڌاتُن جو علم.

● ڌَاتُورو ۽ ڌاتُورا؛ ذ. زهريلي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽو. (هن جا ٣ قسم آهن: ١. چريو ڌاتورو ٢. ول ڌاتورو ٣. ڪارو ڌاتورو).

● ڌاتُوريا: اسم خاص. تعلقي شاھ بندر ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● ڌاتِ وَلِ (ث)؛ ث. ول جو هڪ قسم.

ڌاڻَ: مصدر. [سن. ڌَيہ = ڌاڻ] ڌاٻي وڃڻ ـ ڌاٻجڻ ـ ڌائجڻ ـ چوسجي وڃڻ. چوسجڻ ـ چوپجڻ ـ چڪڙجڻ.

ـ ڌاٻي وَڃَڻُ؛ سينهن ٻا ڍڳيءَ جو کير سندس ڦَرَ جو اِبي وڃڻ.

● ڌِاڄُ ۽ ڌاڄَ؛ ذ. [سن. ڌوھ = جهنبو، ڌاليہ = آنُ] تجمّل ـ ٺاٺ. انُّ ـ اناج ـ ڌالو ـ ڌارو. تور جو هڪ وزن.

● ڌاڇو ۽ ڌاڇا؛ ذ. صفت. ڌوُ = چمڪڻ] چمڪندڙ ـ پيڪي وارو. ڳيڙوءَ رتو ـ هيڊو رنگيل (ڪپڙو).

"اڄ ملينديس ماھ، ڌاڇا ڪنديس ڪپڙا"
(سُر آبري ـ شاھ).

ڍهلن جو ڪڙڪو ـ واڄو ـ ٺاڄو ـ ٺاهُو.

● ڏاچُورو ۽ ڏاچُورَا: ذ. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم- ڏايورو.

● ڏَاچُوڙ (ت): ث. ٻوٽي جو هڪ قسم.

● ڏَاچُ ۽ ڏَاچَ: ث. [سن. ڏاليہ = هرقسم جو آن". پرا. ڏاچُ=اناج] هرقسم جو آن". هرقسم جو سنُو. ڪنهن به قسم جي آپت - فصل - پيدائش - ٻوڪ. آن"- اناج - ڪڻو- داڻو. جيئن

"هَرُ اِ هٺي لور دين ڏ ڏرتي ڏاچ لي اِ ڪري" (ليم).

● ڏاچُو ۽ ڏَاچَا: ذ. طاقت - ستُ - ٻَلُ. ڪَلَ ڳاهہ جي ٻاڙ.

● ڏاچُورُ ۽ ڏاچُورَ: ذ. ڳاهہ جو قسم (وَس جو ڳاهہ، ڪَل ۽ ڇيهي جهڙيون لامون ۽ پن ٻر وڏيڪ سنهاِ ٻاڙ ۾ ڪول ڪاري خوشبودار ٻاڙ جنهن ڪي ڏاچورو چئجي، جو ڏُٺ طور ڪائجي. تيتر خاص طرح ڏاچورا کيدي کائين) ڏامُور (ث).

● ڏَاچُورو ۽ ڏاچُورَا (ت): ذ. [سن. ڏاليہ = اناج] ڳاهہ جو هڪ قسم جنهن جي ٻاڙ ۾ ٿيندڙ ڪول ڪارا ۽ خوشبودار داڻا ٿين جي ڏُٺ طور ڪم اچن (تيتر خاص طرح کوٽي کائيندا آهن). ميچيءَ جو ڪاڻ، جو سيٽياري ول جي ٻاڙ ۾ ٿين (ڪل ٿلهي). مٺي زمين تي سيٺهن جي پاڻيءَ تي چاول سنهڙي ڪل جي ٻاڙن جو لوڙهہ. [سن. ڏَجيان = رِ ٻڙُون] ليڙَ - ر يڙَ - چيٿڙ- ڏَهيِ - ذرو - پرزو.

- ڏَاچُورا ڪيڏ ڻُ: پرزا ڪيڻ - ليڙون ليڙون ڪرڻ. جناڪون ڪيڻ.

- ڏَاچُورا ليڪرِي وَڃڻُ: تمام گهٽي سيڪت اچڻ - چيٿجي رجڻ.

● ڏَاچُورِيُ: ث. [سن. ڏالتيہ] بارش ۾ پيدا ٿيل ڳاهہ جو هڪ قسم.

● ڏاڏاڪُ ۽ ڏاڏاڪَ: ذ. صفت. قداوَرُ- ڍگهو- جانٺو.

● ڏَاڏَرِ ۽ ڏَاڏَروُن: ث. چاپلوسي - چالبازي. ٻيرپَ - رِيبُ - رِپهَہ.

● ڏ ڏ رَائِڻُ: مصدر. ڙرِڙائڻ - رِيجهائڻ - رِبڻ.

● ڏاڏَڪُ ۽ ڏاڏَڪَ: ذ. صفت. ماهِر- جانٺو. پهلوان - سُورِهيہ.

- ڏاڏَڪُ نَاٿي جو: ٻسن جو ڍِڳَ - ٻڳوڙي ڍِڳَ - ڍِپرُ.

- ڏاڏَڪُ لاٿي جو هُٿَڻُ: وڏو يا گهڻو الداز ٻسن جو هڻڻ - وڏي رقم جو موجود هڻڻ.

ڏاڏِرو ۽ ڏاڏِرا: وڄت جو هڪ قسم.

● ڏارَ ۽ ڏارُون: ث. [سن. ڏَارَا = وهڪرو] ڪنهن پاڻياٺي شيءِ جي سنهي وَهڪَ - لارَ - لاتَ - ڳُوهو - رِيلو. وهڪرو - وَهڪُ - سيرو - وَهڪَ. ڪنهن هٿيار جي تکائي - تيزي - چوٽي - لوڪَ - ڪِنار - وَتِ. ٻيڙيءَ جي تختي جو چيرُ - وِتي. پاڻيءَ جي سطح اندر ڏاندو. واهڪي اوزار جو هڪ الو - رندي جو هڪ قسم.

● ڏَارُ: صفت. ظرف. ٻري - پرانهون - عليحده - الڳ - جُدا - خلاصو. ٻٺي لمولي - وِٿيرڪو - ليارو - آزاد و - نيجو.

- ڏَارا: ظرف. بنا - کان سواءِ - رِي - ٻاجهوڻ - ويجهو - قريب - نزديڪ - اوري - اوڏو.

- ڏَارَان: ظرف. کان سواءِ - بنا - بِن - بِکم - بي - بغير - ٻاجهون - ڏارون - ويجهو - چوڏاري.

- ڏارٻارَ: ظرف. جدافدا - الڳ - جُدا - عليحده. ڏاروڏار - بلڪل الڳ.

- ڏاروڏارُ: ظرف. جُدا - ڏار - ڏارَونڏار - الڳ - نيجو - ٻري - ڪوبہ تعلق نہ هجڻ جي حالت.

- ڏارونُ: ظرف. جُدا - ٻري - کان سواءِ - جداجدا - ڏارونڏارَ.

- ڏارونڏارَ: ظرف. ڏاروڏار - ٻري - جُدا جُدا - بلڪل الڳ - صفا بي تعلق - قطع تعلقات.

- ڏ ارَنٿُنُ: ظرف. جُدا - کان سواءِ - ڏاران - ڏارُون.

- ڏَارِي: ظرف. آس پاس - آتي - آتهين - آن هنڌ - وٽ - پاسي - پاس - قريباً - ويجهو - اوري. الڪل - تخميني - لڳ ڀڳ. جيئن "چنڊ ڏاري".

- ڏاري پاسي: ظرف. چوڌاري - سيني پاسي - چوگرد - چوڦير - چوطرف - آس پاس.
- ڏَرين: ظرف. کان سواءِ - جُدا - ڌاران - ڌارون - ڌارائن.

● ڌارا ۽ ڌارائون: [ث. سن. ڌارا] ڪنهن وهڪري جو مُنهن - ڌهالو. پاڻي وَهڻ جي جاءِ - وهڪرو - وَهڪَ. چشمو - آبشار - جهرڻو. جبل جو سلسلو - جبل جي چوٽي.

● ڌاراڙ ۽ ڌاراڙَ (ل): ذ. مال چاريندڙ - ڌنار - ڌراڙ.

● ڏارائڻ: مصدر. ٻُبو پيارڻ - کير پيارڻ - لَچ پيارڻ.

● ڏارڻ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڌارڻ: مصدر. [سن. ڌرِ = رکڻ] اختيار ڪرڻ - رکڻ - هٿ ۾ هجڻ - قبضي ۾ ڪرڻ. سنڀالڻ - جهلڻ - ڪٽڻ. سنڀال هيٺ رکڻ - پرورش ڪرڻ - پالڻ - ٻڌائڻ - تاڙڻ - سانڍڻ - هيرائڻ (جانور وغيره). حفاظت ڪرڻ - هلائڻ - مدد ڪرڻ.

● ڌاري ۽ ڌاري: ذ. صفت. [سن] رکندڙ - اختيار ڪندڙ. جيئن: "مايا ڌاري، ڀيک ڌاري".

● ڌاري ۽ ڌاريون: ث. [سن] ليڪ - ريکا - خط. صفت. جدا - علحده - اوپري - پرائي - غيرقوم واري.

- ڌاريندار ۽ ڌاريندار: ذ. صفت. ليڪن وارو - ليڪائون - پٽاپٽي.

● ڌاريجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ سکر ضلعي ۾).

● ڌاريجا چاچڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٻارهن پاڙا: ١. چِٽا ٢. جنگانند ٣. ٽورلڳ ٤. جوٽيجا ٥. ڏجڏيهه ٦. جوکياڻي ٧. حلوائي ٨ سڏائي ٩. متائي ١٠. جوالانا ١١. ڪتا.

● ڌارينڌڙو: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڌاريو ۽ ڌاريا: ذ. صفت. بيگانو - پرائو - پهو - تياڳڙ - اوپرو. اڻ سهنڊو - غير - لئون. اڪيلو - ڌُتل - نڌُل - پُڌل نه - ڏِٺل - غيرواقف - اجنبي. جيئن

"ڌُريائين ڌاريا، ميٺ مُئيءَ جا نه ٿيا"

(شاهه).

عجب جهڙو - عجيب - نادر - ويڳاڻو - پرديسي - وِديشي - بديهي - بديشي.

● ڌاريِنُو ۽ ڌاريِنا (ٿ): ذ. هٿيار جو هڪ قسم - ڀالو - نيزو.

● ڌاڙ ۽ ڌاڙون: ث. رَهزنن يا ڌاڙيلن جي ٽولي - ڦورن جي ٽولي - چورن جي ٽولي. ڌاڙيلن جي ڪاهه - ڌاڪو - ڦُر - لُٽ - ڌاڙو. حملو - ڪاهه - جُلهه - هلان. وڏو هُل - بغاغو - ڌالهن - هنگامو - گهوڙا گهوڙا (ت). منڇر وارن جي اصطلاح ۾ مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ پن وجهڻ وقت زور سان پٽل جون ٿالهيون وڄائڻ جي حالت.

- ڌاڙ ڌاڙ (ت): ث. گهوڙا گهوڙا. دانهون - رڙيون - واڪا - ڪوڪون.

- ڌاڙ ڌاڙ ڪرڻ: رڙيون ڪرڻ. دانهون ڪرڻ - ڦريا ڦريا ڪرڻ - پڪارڻ - مدد لاءِ پڪارڻ - وڏو شور مچائڻ.

- ڌاڙوائي ۽ ڌاڙوائي: ذ. صفت. ڦورو - لٽيرو - چور - رهزن - ڌاڙيل.

- ڌاڙويس: حرف ندا. گهوڙا - واڪو - واڪاڻ - واويلا.

● ڌاڙڪي ۽ ڌاڙڪيون: گودڙي - بڪري.

● ڌاڙو ۽ ڌاڙا: ذ. جماعت - گروهه - ٽولي - جٿو. چورن جو ٽولو - چورن جو حملو - چورن جي ڦرمار - ڌاڙ - لُٽ - لوٽ - ڌاڪو - رهزني - چوري - اوچتي ڦُرلٽ.

- ڌاڙا ڌاڙا ڪرڻ (ت): نقصان ڪرڻ - اجايو زيان ڪري ڇڏڻ - خرابي ڪرڻ - خرچي ڪپائي ڇڏڻ.

- ڌاڙائي ۽ ڌاڙائي: ذ. صفت. ڌاڙو هڻندڙ - ڌاڙيل - ڌاڙيلو - رهزن - ڦورو.

- ڌاڙو لڳڻ: ڦُر ٿيڻ - لُٽ ٿيڻ - اوچتو ڦرلٽ ٿي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏاڙو هَڻَڻُ: زوري ڦُر ڪرڻ - زوري چوري ڪرڻ - ڦُر ڪرڻ.

- ڏاڙيچو ۽ ڏاڙيچا: ذ. صفت. ڏاڙائـي - ڏاڙيل - ڏاڙيلو - ڏاڙيوال. ڏاڙي ۾ ڪنيل ملڪيت - ڦُرلُٽ جو مال - مالِ غنيمت.

- ڏاڙيلُ ۽ ڏَاڙيلَ: ذ. صفت. ڏاڙو هڻندڙ - ڏاڙئي. ڌاڪو - ڌاڙو - رهزن - ڦـورُو.

- ڏاڙي ۾: ظرف. ارزان - سستو - تمام ٿوري قيمت ۾ - مفت ۾ - سهانگو.

- ڏاڙيـوَالُ ۽ ڏڙيـوالَ: ذ. صفت. ڏاڙيـلُ - ڏاڙيچو.

● ڏِاڙِيُ (ت): ث. ڪاٺ جي سيپَر (جا رالد ۾ ڪينهون جهلڻ واسطي ڪتجي) - ٻڇاءُ - جهلاءُ.

● ڏاڪَ ۽ ڏَاڪُونُ: ث. ٽالو - ٽانءُ - ٽاماچار. ڏاڪو - هاڪَ - ناموس - شهرت - نيڪي - مشهوري - وڏائـي - پَڌَ - ساراهه - واڪـاڻ - پـڌرائـي - ڏوهُر. رِٽَ - افواهه - هل - هلاچو. هيبت - هڪل - ڏَيا - ڏَڪـو - ڏ ڀاءُ - ڏهڪاءُ. رعـب - خـوف - ڏِپ - حشمت. عزت - شانُ.

- ڏاڪو ۽ ڏَاڪَا: ذ. ڏاڪَ. نـالـو. هيبت - رعب - هل - هلاچو. ڏِپَ - ڏرُ - ناموس - شُهرت - ڏهڪاءُ.

- ڏاڪـو وِجهَڻُ: مشهور ٿيڻ - ناليرو ٿيڻ - رعب جمائڻ - سِـڪو جمائڻ - نـامـي ٿيڻ - نـالـو ڪيائڻ.

● ڏَاڪوڙو ۽ ڏَاڪوڙا (ل): ذ. چوپائي مال جي رڙ - ڪنهن ڍڳي يا مينهن جي ڦرَ لاءِ ڪيل رَڙِ.

● ڏَاڳَا: ذ. ڪپڙا - پوشاڪ - متبرڪ لبـاس - ڪنهن بزرگ يا ولي جا پاڻل ڪپڙا.

- ڏاڳا پائڻ: پوشاڪ پائڻ - ڪنهن بزرگ جـا ڪپڙا ان جي وفات کان پوءِ، ورسيءَ تي سندس جانشين جي پائڻ جي حالت - ڏاڳا ڍڪڻ - ڏاڳا ڪرڻ.

- ڏَاڳا ڌوئـڻُ: ڪپڙا ڌوئڻ - جسماني صفائي ڪرڻ - ٻاهرين پاڪائي رکڻ.

"اندر اڄو نہ ڪري، ڌوئي تو ڏاڳا"
(شاهه).

- ڏاڳا ڍَڪَڻُ: ڏسو "ڏاڳا پائڻ".

- ڏاڳا ڪَيَڻُ: اڌيرڻ - آڪيلڻ - تباهه ڪرڻ.

- ڏاڳا ڪَرَڻُ: ڏسو "ڏاڳا پائڻ".

- ڏَاڳا لاهـڻُ: ڪپڙا لاهڻ - بزرگ جـو لباس لاهي سانڍي رکڻ - پردو لاهڻ - عيب آگهاڙڻ - خوار ڪرڻ.

● ڏَاڳو ۽ ڏَاڳا: ذ. [سن. تارڪو. ڪ. ڏاڳو. هيو. ڏروڳ] سُٽ جي تندُ - سڳو - سُٽُ - تندُ - تندو - نڳو - تارَ. سُوٽلي - ڏورِ - ڏورو - ڏوري. پيچ - ورُ - وَڪَڙُ - سلسلو - ليـڙَ - رِيڙَ - لينگهہ (ٿ). سـڳـي - چوٽي (ٿ). فقير ڪي مٽي تي ويڙهيل سڳو - بيماريءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ پڙهيل سڳو.

- ڏَاڳو ٻَڌَڻُ: نشاني ٻَڌَڻُ (يادگيريءَ لاءِ).

- ڏاڳو ڪَيڻُ: (ڪورين جـو اصطلاح) اڏي تي تاڃي لاهڻ. تند وڪيڻ. اڃائي اڄ وچ ڪرڻ.

- ڏَاڳو ڪَرَڻُ: تعويذ ڦَل ڪرڻ. دعا ڪرڻ - سڳو وٽڻ - ڦيٿو پڙهڻ - جهاڙ رکڻ - جادو ڪرڻ - منتر ڪرڻ - فال وجهڻ.

- ڏاڳي ۾ ٿيـڻُ: آڳياڪاري ٿيڻ - معتقد ٿيڻ - فرمانبرداري ڪرڻ - چٺي ۾ ٿيڻ - وس ۾ ٿيڻ.

- ڏاڳي ۾ ڳنڍ هڻَڻُ: رانڊڪ هڻڻ - اٽڪ هڻڻ - ڀيڪڙي هڻڻ - مونجهاري جهڙو ڪم هڻڻ - معاملو سڌو نہ هڻڻ.

● ڏَالَڻُ: مصدر. ڏارڻ - هيرائڻ - پالڻ.

● ڏَالو ۽ ڏالاَ (ت): ذ. صفت. انڌي هولڊي ماءُ مري ويل جانور - هَٽَ هيرو ڦَرُ - هٿائڙو - هٿايو - دالو.

● ڏَامُ ۽ ڏَامَ: ذ. [ڏامُ = تجمّل] سوڀيـا - جلوو - رونق - تيـجُ - پرتاب - پڙڪي - ڪرامـتي - جهلڪو - ڍَالَڊِسُ - نَٽُ - تجمّل - ڀيڪو.

● ڏَامُ ۽ ڏَامَ: [سن. ڌَامَنُ = جاءِ] رهڻ جي جاءِ - هنڌ - گهَرُ - جاءِ - جڳهہ - آستانو. هندن جي تيرٿ جي جاءِ (جي مشهور چار آهن: ١. جگننات ڏام ٢. بدريناٿ ڏام ٣. رامنات ڏام ۴. دوارڪانات ڏام).

Gul Hayat Institute

● ڏامُ، ڏامو ۽ ڏامَ، ڏَامَا: ذ. [پرا. ڏامُ سن. ڏامن = پالڻ] ڪاڏو- پوڄَنُ.
● ڏَاماچي: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏَامامو ۽ ڏَامامَا (ٿ): ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم- دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽو- ڏاماهو.
● ڏَامٽَ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏَاميراهه (ٿ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَاميراهه: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏامڙَاهَا (ٿ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏاميَراهو: تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏَمڙو ۽ ڏَاميڙَا: ذ. ٺڪر جو ٺانءُ ڪيرءَ پائيءَ سان ڀريل (ترڙي ۾ ترن ٽيل هيٺان ڪير پاٽي وهندل. سري ويل جي ڪرياڪرم لاءِ گهر ۾ رکيل).
● ڏامَڻُ: مصدر. [سن. ڏامَنُ = پالنا] دعوت ڪرڻ- مهماني جهلڻ- ڪاڏو موڪلائڻ- ڪوٺ ڏيڻ. مجلس ڪرڻ. وِنڊُرَ ڪرڻ.
- ڏَامَ ۽ ڏَامُون: ٿ. دعوت- ڪاڏو- مهماني- ڪوٺ- نيِنڊ- مجلس- محفل- چوياري- منڊلي- جُڳِيءَ. ورُونڊهه- وِنڊُرَ- تماشو. وڏي دِل- ڪشادهه دلي- فراخ دِلي.
- ڏَامُ ۽ ڏَامَ: ذ. وڏو ڏينهن- سالياڻو ڏڻُ- خوشيءَ جو ڏينهن- عيد- آتسو. محفل ڪرڻ جو ڏينهن.
- ڏَامو ۽ ڏَامَا: ذ. ڪوٺ- دعوت- نينڊ- سڏُ. موڪلايل مالي- ڪاڄُ- ڪاڏو- ڪاٺو. مهماليءَ ۾ مليل ڪاڏو- ڪنهن برهمڻ کي ڏنل دعوت. ڪٺڪ جو ڀڳِيَلُ ڏارو (جنهن ۾ گيهه کنڊ وغيره پيل هجي).
- ڏَامُو ڏِيَڻُ: ساني ڏيڻ- ڪاڏو ڏيڻ. (هندن ۾) ڪرياڪرم بعد برهمڻ کي ڪاڏو ڏيڻ.
● ڏَامُور: ذ. ڳاهه جو هڪ قسم- ڏاڇُور.

● ڏامولو ۽ ڏامولا (ٿ): ذ. لوڏو- ڏوڏو- ڏِڏڪو- ٿيپڙُ- آڏِيڙو- ٽاٻو- ٽيلهو.
● ڏامپچا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏَانُ ۽ ڏَانَ: ذ. [سن. ڏاليُ = هر قسم جو اناج] اَنُ- اناج- ڏَاچُ.
● ڏنڏَارِيُ: اسم خاص. تعلقي گهوڙاٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏَانڏَانُ: [سن. ڏِوانُ = آواز] آواز جو هڪ قسم- ڏَڪ ڏَڪِ- ڏَهڪو- ڏَانُ ڏَانُ- ڏَوُن ڏَوُن- زُوُنُ زُوُنُ- آواز- گوڙ- هُل- ٺڪاءُ.
- ڏانُ ڏانُ ڪَرَڻُ: گوڙُ ڪرڻ- هُل ڪرڻ- هُلاچو ڪرڻ. ٺڪڙِ لائڻ. تنگ ڪرڻ- سختي ڪرڻ (ٿ).
● ڏانڊَلَ- ڏانڊَلِ ۽ ڏانڊَلُون- ڏانڊِليُون: ٿ. ڪيتراڳ- ڪِٽ ٻِٽ- رِيڙهه ٻيڙهه- چڪتاڻ- ڪِيهَلَ ڪيندڙَ- اجايو بَحثُ- رڳڙو- کَٿُوٻي- ٻاٽيتالُ- تڪرار- جهيڙو- جهڳڙو- لُڙ- آنتُ- جهنبي- ڪِروڌ. حجت- وَدَوَادُ. ڦِڏو- فساد. اجايو گوڙ- گهمسان- غوغاءُ- هنبس- ماچالڪ- غلغلو- هنگامو- بکيڙو- ڏمچر- ممڻ- خرخسو. بي ايماني- دغا- مَڪرُ- فريبُ- ٺڳي. ٺيڙڪُ- ٺيڪڙ- چالاڪي- جادوگري- چشم بندي. اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو (ٿ).
- ڏانڊِلائيُ ۽ ڏانڊلائي: ذ. صفت. ڏانڊل ڪندڙ- ريڙهه پيڙهه ڪندڙ- ٻاٽيتال ڪندڙ- ڦڏائي- فسادي- ڪيتراڳي.
- ڏانڊَلِ ٻَڌَڻُ: ڪيتراڳ ڪرڻ- ڪيهَلَ ڪرڻ- ڪِٽ ڦِٽ ڪرڻ- ڪِروڌ ڪرڻ. گهمسان ڪرڻ. اجايو بحث ڪرڻ.
- ڏانڊَلِ ڪَرَڻُ: ڪنهن ٻه ڳالهه کي ڏکيو ڪرڻ- ريڙهه پيڙهه ڪرڻ. گهمسان ڪرڻ- اعتراض وٺڻ- ڦڏو ڪرڻ- شورُ ڪرڻ- ٻاٽيتال مچائڻ- اجايو فساد مچائڻ. بي ايماني ڪرڻ- دغا ڪرڻ- جهڳڙو ڪرڻ- بحث ۽ تڪرار ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏانڊو (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏانڊولڻُ: مصدر. لوڏڻ - ڏوڏڻ. ڏوڙڻ - ڏڏڪائڻ - ڏولڏاڙڻ - ڇاڇولڻ - ڇولڻ. ڏڪائڻ - ٽڙڪائڻ. ڇڪتاڻ ڪرڻ - ڪسرائڻ - ڳوهڻ.

- ڏانڊولُ ۽ ڏانڊولئون: ث. لوڏو - ڏوڏو - ڏُوئي - ٽيڙڪو - ڏڏڪو - ڏولڏاڙ - لوڏَ. ڇاڪو - ڇاڇول - ڇڇڪو.

● ڏانئڻُ: مصدر. وهنجڻ - سنانُ ڪرڻ - مٿو ڌوئڻ - بُت تي پاڻي وجهڻ - ڏانئيڻُ - تڙُ ڪرڻ - غسل ڪرڻ.

● ڏانئورُ ۽ ڏانئورا (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم - ڏاڏرڪنئوري.

● ڏانئيقولُ ۽ ڏانئيقولَ: ذ. گل جو هڪ قسم. هڪ قسم جي وڻ جون سڪڙيون ۽ گلَ.

● ڏانئيڻُ: مصدر. ڏانئڻ - وهنجڻ - غسل ڪرڻ - ساري بدن تي پاڻي وجهڻ.

- ڏانئيڻُ ڏئيڻُ آڻڻُ: وير ڪان پوء خير سان گهمڻ ۽ ڪم ڪار ڪي لڳڻ - بيماري ڪان پوء صحت جو متي تي پاڻي وجهڻ. سڀ ضروري ڏاڪا طئي ڪري بيهڻ.

● ڏانيوالُ: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏانڱا: ذ. [سن. ڏانيہ = اناج] مصالح جو هڪ قسم. مصالح طور ڪم ايندڙ خوشبودار ٻوٽي جو هڪ قسم. ٻوڪ جو هڪ قسم.

● ڏانڪ: ذ. جادوگرن جو وڏو - ايسرُ - مهاديوُ.

● ڏانڪي: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏانئو ۽ ڏانڱا: ذ. [سن. ڏانيہ = اناج] مصالح جو هڪ قسم. ڪوتمير جو سڪل ٻج.

● ڏانئي ۽ ڏانيئون: ث. [سن. ڏانيہ = اناج] پڪل آنُ (جو پوچا مهل چڙهجي). مٺائيء جو هڪ قسم - اوباريل - سڪايل ۽ ڳڙ ملايل آنُ - ڳڙڏاڻي.

● ڏاواڇُ ۽ ڏاواڇَ (ل): ذ. صفت. ڏائيندڙ ڦرُ - ڪير پياڪُ ڦرُ. ڏائڪُ - ڪير ڏائڪ. (ڏگهي، مينهن، ٻڪري وغيره جو).

● ڏاوڻُ (ت): مصدر. (سن. ڏاوڻ = صاف ڪرڻ) وهنجڻ - ڌوڻ ڪرڻ. جيئن "زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ" (چ. ٽي). ڦرن جو ڏائڻ.

● ڏاوڙيو ۽ ڏاوڙيا (ت): ذ. ٻُبو - ڦڻُ - آرهٽ.

● ڏاءِ ۽ ڏائيئون: ث. [سن. ڏاتري = ڪير پيارڻ واري] ڏارئي ٻار کي آجوري تي ڪير پيارڻ واري عورت - ڏائي.

● ڏاءُ ۽ ڏاءِ: ذ. [سن. ڏاءُ = گيڙو رنگ] رنگ جو هڪ قسم - ڳاڙهو رنگ. ڪنيارن جي اصطلاح ۾ ڪچن ٿانون کي رڱڻ لاءِ گيڙوءَ جهڙو ڳاڙهو رنگ. جيئن.

"پالئيم ته پيلو، مون کي ڏاءَ ڏٌاريو"
(شاهه).

ڪاءُ - آواز - ڏ ڪاءُ - ڏڪ جو آواز.

● ڏائڪُ: ڏائيندڙ - ڪير ڏائيندڙ - ڪير پياڪ ڦرُ.

● ڏائڻُ: مصدر. ٻار يا ننڍي ڦر جو وات سان ٿڻي يا ٿڻ مان ڪير چوسي پيئڻ. چڱڙڻ - چوسڻ - چُوپڻ - ڏ ڳڙڻ - نچوڙڻ - چُسڪڻ. تڙُ ڪرڻ - غسل ڪرڻ - وهنجڻ (ت).

- ڏائي وجهڻُ: ڪير ڏيندڙ جانور مان سنهن ڦر جو ڪير پيئي وڃڻ.

● ڏائيُ ۽ ڏائيئونُ: ث. لوڙيءَ وڻڻ وقت ننڍي ۾ ڳنڍيل پيش، ڏپ، ڪجي يا مڇَ جي ڦرهن جي مُٺ - ڳُرُ - ڳُٽ - چٽُ. ٻن رسين کي ڳنڍيندڙ رسيءَ ٽڪر - ڳوپُ. (وارن جي) چوٽي. (قميص جي) ٻري. ٻن ڏرين جي وچ ۾ پرچاءُ ڪرائڻ جي رٿ.

- ڏائيُ وائيُ (ت): ظرف. فقط - رڳو - صرف.

- ڏائي وجهڻُ: ڳنڍڻ. ڳنڍڻ - چُنڻ. ڳوپُ ڏيڻ - ملائڻ. ڳنڍيندو هلڻ. پرچاءُ ڪرڻ. پرچائڻ (ل).

- ڏ ئيئون ڏار مڇ ڏار ڪرڻُ: هرهڪ جنس جدا ڪري ڏيکارڻ - حقيقت کولي ٻڌائڻ.

● ڏائيءَ ع ڏائيئون: ث. [مصدر. ڏاوڻ = وهنجڻ] وهنجڻ وقت پاڻيءَ جي هڪ رالد جو نالو- ڏائي راله.

- ڏائي پڄي ڪيڏن: پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي هڪڙي ڪي ڳولهڻ جي راله.

- ڏائيءَ رانڊ: ث. ڏائي راله.

● ڏُٻَ ع ڏُٻُون: ث. ڏڪڻي - ٿڙڪڻي - ڏوڏو- لوڏو- جُنبش- لرزش.

- ڏُٻاٽيءَ ع ڏُٻاٽيون: ث. ڏُٻڻي- ڏڪڻي- ڪنبڻي- لرزش. جُنبش- حرڪت- چُرپُر- لوڏو.

● ڏٻِ ڏٻِ: ث. (آواز) زور سان هلڻ جو آواز.

- ڏَٻِ ڏَٻِ ڪَرَڻُ: آواز ڪرڻ. هلڻ وقت پيرن جو زور سان آواز ڪرڻ. ٺڙڪو ڪرڻ- دڙها هڻڻ.

● ڏَپَرُ ع ڏَپَرَ- ڏَپَرُون: [ث. سن. ڏَوَلَ = سنيڻ] اڇي ڪتي يا لوٺي. جيئن
"بالله آهيان بند ۾، ڏنان ٿي ڏَپَرَ"
(شاھ).
پُرائين اکڙين مان نهيل ڪودَڙ- رلڪو- ٽپڙُ- ڪيدڙو- ڪيهنو- رَلي- آتَرُ- ڪودڙي. آڇو- سفيد.

● ڏَپِرُ ع ڏَپِرَ (ت): ذ. صفت. ڏَپن وارو- چٽن وارو- ڊبڪيائون- چِٽَن وارو. شڪارين جي اصطلاح ۾ سُوئر جو ننڍو ٻچو (جنهن جي بدن تي ڏَبا يا چِٽا يا داغ هوندا آهن).

● ڏَپڙاتُ ع ڏَپڙاتَ: ذ. (آواز) ڪنهن ڳري شيءِ جي ڪِرڻ جو آواز. ڌڪاءُ- ٺڪاءُ- ٺهڪو.

● ڏپڙ ڏُڪو ع ڏَپڙ ڏُڪا (ل): ذ. صفت. مضبوط- ڏاڍو. متارو- سوکهو- ٿُلهو- سَٽپو.

● ڏِپڙ ڏَلو ع ڏَپڙِ ڏَلا: ذ. صفت. جبرو- جالئو- قوي- جُنگُ- ٻُت ۾ پربل زبردست- ڏَنو مُٺو- ٿُلهو- ڦُوڦانگ- دوٿُرُ- متارو- مَتَرُ و تَرُ- ڊُلسو- مُڪو- ڏِڱُ- جاڏو- جهالو- ٻَڪو- سَدَرُ- سخت- چالاڪُ- ڦُڙت- پنهنجو مطلب پورو ڪرڻ وارو.

● ڏپڙِي ع ڏپڙِيُون: ث. ڪودڙي- رلي.

● ڏپِڪَڻُ (ث): مصدر. ڊڄي وڃڻ- هڻي وڃڻ- هيسجي وڃڻ.

● ڏَپِڪو ع ڏَپِڪا (ت): ذ. ٿورو لوڏو- ٿيلهو- اڏيڙو- ڪِرڻ جو آواز.

● ڏُپَڻُ: مصدر. [سن. ڏو= ڏڏڻ] ڏُڏَڻ- لُڏڻ- آلڙڻ- ڏَڪڻ- ٿڙڪڻ- ڪنبڻ. هيٺ مٿي ٿيڻ- لرزجڻ- لوڏا کائڻ.

● ڏُپَڻِ ع ڏُپڻيون، ڏُپَڻون: ث. [سن. ڏو= ڏُڏڻ] لچڪدڙ ۽ کهرِڪندڙ. پاڻياٺي زمين يا ڪپ جنهن ۾ ڪاٻ وزندار شيءِ هيٺون هيٺ پيهي وڃي- چِڪڻ- ڪپٽي- گهيچڻ- مَچرُ- کهرَڻ.

● ڏُپِٽي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَپو ع ڏَپا: ذ. داغ- نشان- چٽو. عيب.

= ڏَپو لڳَڻُ: داغ لڳڻ- نشان ٿيڻ. چٽو ٿيڻ. عيب لڳڻ- ڪلنڪُ لڳڻ.

● ڏتَ ع ڏَتُون (ت): ث. دپاءُ- دڙڪو- دهشت. منع- روڪ- تنبيهه.

- ڏَتِ ڏَتِ ڪَرَڻُ: ڏَپائڻ- هيساڻڻ.

- ڏَتِ ڪَرَڻُ: دپاءُ رکڻ- منع ڪرڻ- اک ڏيکارڻ- دڙڪو ڏيڻ- تنبيهه ڪرڻ.

● ڏُتَ ع ڏُتُون: ث. [سن. ڏُوُرت= ٺڳُ] ڏُتارَ- ٺڳي- ڏوهو- ورغلاءُ.

- ڏُتَرُ ع ڏُتَرَ: ذ. صفت. ڏُتارو- ڏُتاريندڙ- ٺڳ- ڏوهاٺي- رَماڪي.

- ڏُتو ع ڏُتا: ذ. ڏسو "ڏُتر".

● ڏُتارَڻُ: مصدر. [سن. ڏُوُرت= ٺڳ] ٺڳڻ- ريبڻ- دلبو ڏيڻ- ڏوکو ڏيڻ- فريب ڏيڻ- ڏُتڻ. ڀنيلائڻ- ڀِرمائڻ- برغلائڻ- ڦِسلائڻ- ڀُلائڻ- گمراهه ڪرڻ- ورغلائڻ. پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ. جيئن
"پانئيم ته پيلو، مون کي ڏاءَ ڏُتاريو"
(شاھ).
لالچائڻ- ڏاڏرائڻ- ريجهائڻ- راضي ڪرڻ- موهڻ- هرکائڻ- چترائڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏُتارَ ۽ ڏُتارُون: ث. ٺڳي - ريب - دڳو - فريب - ڏوھو - مڪر - رماڪ - ڏُتَ - پيرمُ - ٻرغلاءُ - چورَت - ڏاڏر - ٺڳارَ - لوپُ - موھَ - چٽرُ - ڏيکپيڙو.
- ڏتارو ۽ ڏُتارا: ذ. ڏُتاريندڙُ - ڏُتاريندڙَ - ريبيندڙُ - لڳيندڙُ - ريبي - ڏُوتڙُ - ڏوھائي - رماڪي. لالچائيندڙ - ھرڪائيندڙ - ڦيسلائيندڙ - ريجھائيندڙ. بڪيڙيندڙ.
● ڏُتِڻِ ۽ ڏُتِڻِيُون (ت): ث. جُوئر جو ھڪ قسم. صفت. دَليُ - ٻڙوِيُ - ڏُوتيِ - ڏياڪڙِ - وِڄ ڪُٽيِ - ڪُٽڻِ.
● ڏُتڻُ: مصدر. [سن. ڏُورُت = ٺڳ] ڏتارڻ - ٺڳڻ - ٻرغلائڻ.
● ڏُتو ۽ ڏُتا (ڪ). ذ. ٺڳي - فريب - مڪر - ڏوھو - بھالو. رماڪُ - ٻرغلاءُ - ڏُتَ.
● ڏَتورو ۽ ڏَتورا (ٿ): ذ. ٻوٽي جو ھڪ قسم - ڏاتورو.
● ڏُتيلُ ۽ ڏُتيلَ (ت): ذ. صفت. ھيسيل - ڪنبيلُ. عيب ھاڻو. ڪھتِ اٿي ٻيل.
● ڏَپَ ۽ ڏَپُون: ث. [سن. ڏُوپ] ٻانس - ٻُوء - بدبوء - خراب ھوا - چٽَ - واسُ - ڏمَ - ڏمڪَ - سڳنڌ - سُرھاڻ - ھَڳاءُ. چُسڪَ - چُسڪڻ جو آواز (ل).
- ڏَپ ٽوڙُ ۽ ڏَپ ٽوڙَ: ذ. صفت. ٻانس ڪاٽڪ - ٻانس ختم ڪندڙ.
- ڏَپَ ٻَوڻُ: ٻُوء اچڻ - ڏَپَ اچڻ. پتو لڳڻ - خبر ٿيڻ.
● ڏِپَ ۽ ڏِپُون (ٿ): ث. ڀت - ديوار - ديوال.
● ڏُپَ ۽ ڏُپُون: ث. [سن. ڏُوپ] سج جي تپش - گرمي - ڪاڙھو - آس - تپَتِ.
● ڏَپات ۽ ڏَپاتُون: ث. ڏولھين جي ڏَپَ. آواز. ڏَھو.
● ڏَپاڙَ ۽ ڏَپاڙُون (ت): ث. ڏوري خبر - پتو - معلومات - ڪُڙڪَ - ڏھو.

● ڏَپائِجڻُ: مصدر. ڏپجڻ - ٻانس ڪري وڃڻ - واسجڻ خراب ٿي وڃڻ. شڪار ڪرڻ ۽ شڪار جي سُڌ ٿيڻ - شڪار جي ٻُوء اچڻ. ڪيھلجڻ - ڪيھليو وڃڻ.
● ڏَپجڻُ: مصدر. "ڏپائجڻ".
● ڏَپڙُ ۽ ڏَپڙَ: ذ. ھڪ سال کان ٻن سالن تائين عمر جو آٺ - ڪنوات - ڳوارو (گورو) - اڏِيڪُ - جھُرتُ - ڪانگھارو (ٿ). ڏوھين کي سزا ڏيڻ جو ڪاٺُ.
● ڏپڙڻُ: مصدر. لنڍي ٻار يا سال جي لنڍي ڦر جو ٽڻن کي زور سان ڏاڻ - ٽيجُ ڏاڻ سان ڪير ڏاڻڻ.
- ڏَپڙُ ۽ ڏَپڙَ: ذ. آٺ جو ٻچو ڪير ڏاڻڪ - ڏاوچ - ڏاڻيڪُ.
- ڏپڙائِڻُ (ل): مصدر. ڳئون يا مينھن وغيره جي ڦرَ کي ڪير ڏارائڻ.
● ڏَپڻُ (ل): مصدر. ٻار يا مال جي لنڍي ڦر جو ٽڻ ڏاڻڻ مھل زور سان آواز ڪرڻ.
● ڏَپو ۽ ڏَپا: ذ. ٻوء - ٻانسَ - ڏَپَ - ٺڳي - ڏوڪو - دوڪو - ڏوھو. آسرو - اميد - آواز. اکين جي ڏوري لظر. (ت) ڏوري خبر. ڪاٽي - ٻھالو - عذر (ت).
- ڏَپا ڏِيڻُ (ڪ): ناسُون ھڻڻ - جھوتون ڏيڻ.
- ڏَپا ڪڻڻُ (ت): شڪاري ڪُتي کي جانورن جي ڏَپَ اچڻ.
- ڏپائيُ ۽ ڏَپائيِ: ذ. صفت. ڏوھو ڪندڙ - ٺڳ - ڏوڪيباز.
- ڏَپو پوڻُ: پتو پوڻ - خبر پوڻ - معلوم ٿيڻ. ٻُوء اچڻ.
● ڏَڄَ (ٿ): صفت. سڄي - تمام سڄي - عمدي - آڇي.
● ڏَڄا ۽ ڏَڄائُوي: ث. [سن. ڏَوُجا = جھنڊي] جھنڊو - ٻانڊُنُو - ڏڄا.
● ڏڄ ۽ ڏَڄُون: ث. (سن. ڏَڄَ = روشن] روشني - چمڪو - ڏَوُ - ڀَھڪَ. ٻاھ. روپ - شڪل - رنگ. ھوا. لباس - پوشاڪ -

Gul Hayat Institute

[سن ڌَوَجا=جهنڊي] ڀيڙيءَ جي جهنڊي- جهنڊي- بيرق - ڏڄا- ٻانٺو. جيئن
"ڏڄون ٿيون ڌَنُشڪَنِ، آيل ساموندين جون"
(خان زئي).

چنڊ جون ٻهريون پندرهن راتيون. ٿئون چنڊ.
[پرا. ڏاءُ<سن. ڏاتو] ميٺي- ڏُوڙ - دَز.
جيئن
"مون تي جا ميهار جي، سا ڪيئن ڏُڏان ڏَڄَ"
(شاهه).

وارَ.
● ڏَڄُ ۽ ڏَڄَ: ذ. صفت. [سن. دَجَ=روشن- چمڪندڙ] روشن- چمڪندڙ- ڀڪندڙ. سهڻو- ملوڪ- حسين- وڻندڙ- بهتر ين. پيڪي وارو- چولڊيل- ليجو. ذ. زنانو محاورو (ت) سولهن- حسن- خوبصورتي- ڻاهه نوهه.
"هَتَ سهڻل جي پَتَ جا ڳانا او!
موڙن لاتس ڏڄ ڙي، آبَل ڪُل مولا جوا!"
وارَ- چِتا- ڪيسُ. چنڊ جون ٻهريون پندرهن راتيون. ٿئون چنڊ. آواز- ڳاڻ. جيئن "ڪيچن جا ڏَڄَ."
- ڏَڄُ مَڄُ جهڙِي: ظرف. تمام سهڻي- نهايت حسين.
● ڏَڄا ۽ ڏَڄائون: ث. [سن. ڌَوَجَ= جهنڊي] ٻانٺي- بيرق- جهنڊي- جهنڊو- علم- روشنائي- تجلي- سونهن- سوڀيا- ڀڪو- چمڪو. خوشي (ت). دولت- ملڪيت- ناڻو- هاڪَ- ناموس.
- ڏَڄائون چاڙهڻُ: فتح جون جهنڊيون بلند ڪرڻ.
- ڏَڄايا: ذ. جهنڊي وارا.
● ڏڄڻُ: مصدر. وڏي آواز سان وَڄڻُ.
● ڏُڄڻُ: مصدر. لُڏَڻ- پلاڻڻ.
● ڏَڄو ۽ ڏڄا: ذ. رڳڙو- جهيڙو- جهڳڙو- تڪرار معاملو- فساد- ويڙهه. ڪيرو ڏرو ڏُنُ.
● ڏَڄِي ۽ ڏَڄيون: ث. ڏسو "ڏُڄَ".

- ڏَچيون آڏارِي چڏَڻُ: ليڙون ليڙون ڪري ڇڏڻ. ذرا ذرا ڪري ڇڏڻ. ناس ۽ نابود ڪري ڇڏڻ.
● ڏُڄُ ۽ ڏُڄَ: ذ. ڏُٿو- چولڊيندڙ- وائُرَ ڪندڙ- ڳالهه ڪي چنڊڻ چاڙهڻ وارو.
● ڏَڄاڻِي ڏَڄاڻيون: ث. [سن. ڏن=ڏڻ] ڏن واري- ڏڻ جي مالڪياڻي- مالڪياڻي- سائنڻِ- ڏياڻي- بيبي- واسطيدارڻ.
● ڏَچَ ۽ ڏَچَ: ذ. ٿلهو متارو پيلو- دَڪَ پلو- ڏڦرو- جهنگراڙ پلو.
● ڏَچرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَچرُ ۽ ڏَچرَ: ذ. حراس- خوف- ڊيڄو- ڊَپُ. گوڙ- شور- گهمسان. هوڪو- چتاءُ- تاڪيد- آگاهي- اڳ خبر- اطلاع- سُڌ.
● ڏَچُراپُور: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏچرُ پُلاهُ ۽ ڏَچرَ پُلاهَ (ڪ): ذ. پُلاهه جو هڪ قسم. گهڻن قسمن جي گڏيل اناج وارو مصالح دارُ پلاهُ- پلاءُ.
● ڏَچِرو ۽ ڏَچِرا (ت): ذ. صفت. ڏاڍو ٿاهو- جهروٽُ. ڪجهه وڏيرو.
● ڏچِرِي ۽ ڏَچِريون (ت): ث. ڊِگهي لَٺِ (انگل ۾ ٽي فوٽ ڊگهي).
● ڏچڙو ۽ ڏَچڙا: ذ. صفت. بدخواهه- مٺ گهرو- بي ايمان- اندر پليت- بدنيت. ويري- دشمن. حاسد- نياڳو- چنڊو.
● ڏچڪو ۽ ڏَچڪا (ل): ذ. ٿابو- آٿيڙو- آڏيڙو- ڏڪو- لوڏو.
● ڏَچو ۽ ڏچا: ذ. گوڙ- فساد- لُٽ- بکيڙو- هُل- هنگامو. جهيڙو. جيئن
"آءُ شرع تي سوءرا! مَ ڪر ڏُومَ ڏچا"
(ڪُلاڻ).
● ڏُچو ۽ ڏُچا: ذ. گولين رالد ۾ مخالف جي گوليءَ کي پيو دفعو ڏڪ هڻڻ- ساڙو- اوڏي موڏي.
● ڏچِين ۽ ڏَچِينَ: ث. صفت. [سن. دَشنَ آٺن] ڏندن جي سفيدي- چِلڪو. جيئن

"جب گوري گهنا ڪري تب نورا چيمو چيئين
ڪامڻ ڪنول ڪرِ يَل ڦل ڌهنون ڏچن ڏچين"
(خضر).

● ڏُڏُ ۽ ڏُڏَ: ذ. صفت. بهادر. ڏاڍو. قداور. متارو.

– ڏڏَ جهڙو: ذ. ڏڏو. ڏاڍو.

● ڏڏڙ ۽ ڏُڏڙون، ڏڏڙيون: ث. [سن. ڏُول=ڏُوڙ] رئيي – ميٽي ڌوڙ – ڏُسڙ – ڏزَ – پَس – لَٽ – پُسڙ – خاڪ – پَيٽو – ڏُميڙ – راڪ – ڏمس – ڏاڳ.

– ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ: اصل انڪار ڪرڻ. صحي حقيقت لاءِ پڌائڻ – لتاڙڻ – لياڪار ڪرڻ – ڳيڏيءَ ۾ منهن وجهڻ – لاهرائڻ – آلي وجهڻ.

● ڏڏڙو ۽ ڏڏڙا: ذ. ڪنهن ميوي وغيره جو سخت ڪل سان ٻج – ڪکڙو – ٽڏڙو.

● ڏُڏڙي ۽ ڏڏڙيون: ث. ان جي ورڪري تي ورتل محصول – اَڪٽ – ڏاڻ. ڀ ڏڙيون – ڻنج ميرِ.

● ڏڏڪڻ: مصدر. گجگوڙ ڪرڻ – گوڙ ڪرڻ – آواز ڪرڻ. ٺڪاءُ ڪرڻ. خوفناڪ رڙ ڪرڻ. ڏڏڪو ڪرڻ – ڪڙڪات ڪرڻ – گهوگهاٽ ڪرڻ – گجڻ – پڙڪڻ – هاٿيءَ جو ڪُڙڻ – رڙڻ – دانهون ڪرڻ.

– ڏڏڪ ۽ ڏڏڪون: ث. پيڪي – ڏمڪي – ڳاج – گجڪار – هڪل – رڙ.

– ڏڏڪار ۽ ڏڏڪارون: ث. ڏڏڪو – بندوق جو ٺڪاءُ – گوڙ جو ڏڏڪو – هاٿيءَ واري جهاز جو آواز. گهمسان – آواز – ڏڏڪو. هلچارو.

● ڏڏڪو ۽ ڏڏڪا: ذ. گجڪار. گجگوڙ – گوڙ – ڳاج. رڙ – گهوگهاٽ. ڏڏڪار – ڏڪو. دانهن – رڙ – ڪيڪڙاٽ. لڙ – هل – گوڙ. بندوق جو ٺڪاءُ – خوفناڪ آواز. لوڏو – غم – صدمو. هاٿيءَ جي جهاز جي هلڻ جو آواز.

– ڏڏڪو اچڻ: لوڏو اچڻ – ڌوڏو اچڻ.

– ڏڏڪي ۽ ڏڏڪيون: ث. پيڪي – ڏمڪي – هڪل – رڙ. گوڙ – اڪاءُ.

● ڏڏڻ (ت): مصدر. [سن. ڏُو=ڏُڏڻ] ڌوڏڻ لوڏڻ – چورڻ.

● ڏُڏو ۽ ڏڏا: ذ. صفت. ڏاڍو ڳرو ڀاري. جبرو – جانئو – قوي – جنگ – ڏُڏو – سٽو – ڦوڪاڳ – سترو تر – مٽڪو – ڏونس. ڏڳ – بهادر – برجستو – بانڪو. واڪي "الف – ب" جو ڏال.

● ڏُڏو ۽ ڏڏا: ذ. ڪوڙي تهمت – ڪوڙو الزام – ڪوڙو ڦڏو – رڏي – اڙي – ڏڪو – دوٿو – ٿوٿو.

● ڏڏِ ۽ ڏڏون (ت): ث. ضد. الڪل – ٽڪي – چيب.

– ڏڏ مارڻ: ضد ڪرڻ – هوڏ ڪرڻ.

● ڏُڏ ۽ ڏُڏيون: ث. بدن جي هڪ عضوي جو ٿالو – ڏُڏ. ڀاڙ – سنڌ – بنياد.

● ڏڏائڻ: مصدر. [سن. ڏُو=ڏڏڻ] لوڏڻ – چورڻ – ٽپڙڻ.

– ڏڏ ڏڏ: ث. لوڏو – ٿلڪو – ڏوٿو – ڏوٿو – ڏڏڪ ڏڏڪ.

● ڏڏرو ۽ ڏڏرا (ڪ): ذ. ڀڙڪي – ڌڀاءُ – رعب – تاب. هيس.

● ڏڏڪڻ: مصدر. [سن. ڏُو=ڏُڏڻ] ٿورو ٿورو لوڏو ڪائڻ – لڏڻ – ڌوڏو ڪائڻ – ڏڏڪو اچڻ – جهوٻو اچڻ – ڏُڏڻ. هيٺ مٿي ٿيڻ. جهولڻ – ڏٻڻ. ڏڪڻ – جهنجهوڙجڻ – ڪيندو جڻ.

– ڏڏڪ ۽ ڏڏڪون: ث. لوڏو – ڌوڏو – ڏڏڪو – جهوٻو – جهولو.

– ڏڏڪائڻ: مصدر. هيٺ مٿي ڪرڻ – لوڏائڻ. ڌوڏڻ – لوڏڻ جهنجهوڙڻ – ڌانڌولڻ – ڪيناڙڻ – ڏوٿڻ – ٿلڪائڻ. ڏولڏاڙڻ – چاچولڻ – چولڻ – ڇڪو ڏيڻ.

– ڏڏڪ ڏڏڪ: ڏڏڪو – ڏڏ ڏڏ – لوڏو – ٿلڪو – ڌوڏو.

– ڏڏڪو ۽ ڏڏڪا: ذ. ٿورو لوڏو – ڏڪو – ڌوڏو – لوڏو – جهوٻو – ڏوٿو – ڏوٻو. ڏولڏاڙ – ڪيناڙ – ٽاٻو – آڏيڙو – آٽيرو (ل).

Gul Hayat Institute

● ڏُڏُڻ: مصدر. [سن. ڏُو=ڏُڏَڻُ] هيٺ مٿي ٿيڻ - ڏڏڪڻ - لُڏڻ - ڏُبڻ - آلوڙڻ - ٿڙڪڻ. ڏڪڻ - ٿڙڪڻ - ٿيڙڻ. ڪنبڻ.

● ڌرِ ۽ ڌَرُون: ث [سن. ڌَرا=ڌرتي] ڌرتي - زمين - ڀون - ڀومِ - ارض - ڌرتي - ڀرٿوي. جيئن

"ڪوسا ٿين ڪکرا، دمدم تپي ڌَرِ"
(شاهه).

خاص جاءِ - آخرين مڪان. جهَلو - ٽيڪ - ٿنڀو - ٿُوڻي - پُسُٺي - آڌار - پَر - سهائتا - ٽڪيو - ٽُلُ - پيٺي - تاري.

- ڌَرِ تَتِي ۽ ڌَرِ تَتِيُون: ث. تتل ڌرتي - گرم زمين - ڌاڪَ منجهند - ڏينهن تتو - ڪاڙهو - ٻه ٻهر - ڏو ٻهر - سج جي گرمي - ڪاٻاري سج - ٽامڻي - تپش.

● ڌَرُ ۽ ڌَرَ: ذ. جهلو - ٽيڪ - ٿنڀو - ٿُوڻي - پُسُٺي - سهارو - آڌارُ - پَر - سهائتا - ٽڪيو - ٽُلَ - تاري - پيٺي.

● ڌِرُ ۽ ڌِرُون (ت): ث. همت - جُرأت - طاقت - دليري.

- ڌِرُ جهلَڻُ: همت ڪرڻ - جرأت ڏيکارڻ - دل جهلڻ.

● ڌُرِ ۽ ڌُرِيُون: ث [سن. ڌُرُ=پڇاڙي] حد - پڇاڙي - ڇيڙو - آخيرَ - ڇيڙو - دڳ. اصل - نسل - بنياد - بنا - ٿاهُ - ابتدا - شروعات - مُنڍ - مُنڍهن - ڪاس - آزَلُ - پاڙَ - جَڙَ. ظرف. الهيءَ هنڌ - آتي - ڀريان - ڀري. خود - ٻنڊ - پاڻ - ڌڻي - مالڪ. پاسو - طرف - رخ. ٽولي - جماعت - گروهه - جٿو. شخص - آسامي. فرد - هڪ - يڪو - اڪيلو - خاص. ڪُنڀارن جي اصطلاح ۾ آويءَ (ڀٽائين) ڪي باهه ڏيڻ جي دَرِيُ (ت).

- ڌُرانُ ڌُرُ: ظرف. آتي جو آتي - الهن وٽ - اصلي مالڪن وٽ - ڇيڙي وٽ - پڇاڙيءَ وٽ - آخر ۾ - پاڻ ڌڻين وٽ - خود وٽن - آخر تائين - ڇيهان ڇيهه - نيڌان.

- ڌُرائِتو ۽ ڌُرائِتا: ذ. صفت. ڌُرِ جو. بنيادي - ٻڌائتو - اصل نسل وارو. ٻهچ وارو - اهو ماڻهو جنهن جا قوي مددگار هجن.

- ڌُرِ چڙَهَڻُ: ظرف. چڙهڻ - پاسو چڙهڻ. آخر هنڌ تي چڙهڻ - منزل مقصود تي پهچائڻ.

ڌُرِ ڌڻِيُ: ذ. اصلي مالڪ - شروعاتي مالڪ - اڳيون ڌڻي.

- ڌُرُ ڪَرَڻُ: ڌُڻِڻُ - چونڊڻ - انتخاب ڪرڻ. جيئن

"دوستن جا ڌُرُ ڪئي،
سا صحيح پائيندا پنهنجي"
(اڄڻ شاهه).

- ڌُرُ ڪانُ: ظرف. اصل کان - مُنڍ کان - بنياد کان - پاڙ کان - جَڙ کان - شروعات کان.

- ڌُرِ وَڃَڻُ: آخر تائين وڃڻ - ڇيهه تائين وڃڻ - منزل مقصود تائين وڃڻ.

- ڌُرَوُن: ظرف. منڍ کان ئي - شروع کان ئي - ڌُرَئُونُ.

- ڌُرِ ئَا: ظرف. ڌُريان - مُنڍ کان - شروع کان.

- ڌُرُيَانُ: ظرف. مُنڍ کان ئي - اول ئي - ڌُر کان - اصل کان - پرينديئي - شروع ۾. جيئن

"پا لنگهائي لطيف چئي،
پا ڌُريان ڪري دالهن"
(شاهه).

- ڌُرُيَانُ ئِيُ: ظرف. اصل کان ئي - توڙ کان ئي. جيئن

"ڌُريان ئي ڌاريا، مِٺ مٽيءَ جا لا ٿيا"
(شاهه).

● ڌَرارُ ۽ ڌَرارَ: ذ. [سن. ڌَنُ=ڌڻ] چوپايو مال چارينڙ - مال جو راڪو - ڌڻارُ - ڌنار - ڌراڙ - گوهري.

- ڌراڙُ ۽ ڌَراڙَ: ذ. صفت. [سن. ڌَنُ=ڌڻ] ڌڻ وارو - ڌنار - ڌرار.

● ڌَرارَ ڪَٿُورِيُ: هڪ خوشبودار ٻوٽو - ڌنار ڪٿوري - سُرها موٿ.

● ڌراڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ڏرائي؛ ث. [سن. ڏر=رکڻ] رکت جو محصول - وياج - معاوضو. ڏڻ چارڻ جي عيوض مليل معاوضو - چارائي.

● ڏراوت ۽ ڏراوتون؛ ث. [سن. ڏر=رکڻ] امانت طور رکيل رقم - ڪنهن (شاهوڪار) وٽ رکيل پئسا - امانتي پئسا. لڪايل رقم - ميڙايل رقم.

● ڏرٻر (لس)؛ ث. ڳالهه ٻولهه - گفتگو - چرٻر.

● ڏرت ۽ ڏرتون؛ ث. ڌرتي - زمين - ڀون - ڀرتي.

● ڏرت ۽ ڏرتون؛ ث. عادت - عيلت - هير - چال - خوءِ - روش - شيوو - خصلت - سڀاءُ. ٻر - ريت - رسم - رواج. نمولو - ڏيک. اسم خاص. وڄت جو هڪ لمولو.

● ڏرتي ۽ ڏرتيون؛ ث. [سن. ڏرتو ري = جهلي بيهندڙ] ڀرتوي - ڀون - ڀٽ - ارض - ڀومي - ارتي. مٽي - سڪي - خشڪي - اوڪ جي زمين - ايراضي. ميدان - پٽ. جڳت دنيا - جهان - ملڪ - ديس. علم نجوم موجب نون (۹) گرهن مان هڪ گرهه جو نالو.

- ڏرتي آللي ٿيڻ؛ ڪجهه به نه هئڻ.

- ڏرتي ٽيڻ؛ زمين جي رنگ جهڙو ٿيڻ (ڪپڙو وغيره) - مٽي ٿي وڃڻ - ميرو ٿيڻ. خراب ٿيڻ - ڪينو ٿيڻ.

- ڏرتي ڀيرن هيٺان نڪري وڃڻ؛ سخت صدمو پهچڻ. وائڙو ٿيڻ - موڳو ٿيڻ. حيران ٿيڻ.

- ڏرتي جو لڏڻ؛ ڌرتيءَ جو ڏڪڻ.

- ڏرتي ڏڪڻ؛ ڌرتيءَ جو لڏڻ - زمين جو ڏڪڻ - زلزلو ٿيڻ - ڀون ڪمپ ٿيڻ - ڌرتي ڌڏڻ.

- ڏرتي ڏڏڻ؛ ڌرتي ڏڪڻ.

ڏرتي ڏي تڪڻ؛ زمين ڏانهن ڏسڻ - سوچ ويچار ۾ پئجي وڃڻ - خيال ڪرڻ - ڌيان ڪرڻ - حيرت ۾ پئجي وڃڻ.

- ڏرتي ڏلڻ؛ زمين سنئين ڪرڻ - هيٺ مٿالهين زمين کي هموار ڪرڻ.

- ڏرتي ڪاغذ ڪرڻ؛ تمام گهڻي تعريف ڪرڻ. جيئن

"ڌرتي سڀ ڪاغذ ڪريان، ليکڻ ڪريان وڻن"

(شاهه).

- ڏرتي ماتا؛ ث. هندن جي عقيدي موجب سڄي جڳت جي ماءُ.

- ڏرتي ليوار؛ ذ. [سن. ڏر=ڌرتي + لروار=بيان] ڌرتيءَ جو علم - ڀون ودياجاگرافي - جغرافي.

- ڏرتي ڪُتي نه ڪوڙڻ؛ لڳاتار ڊوڙندو رهڻ - ڪٿي به نه بيهڻ - ڪٿي به ٽڪ نه ڀڃڻ - سالڌهه مسافري ڪرڻ - تمام تڪڙو ڊوڙڻ - منزل جي پرواهه نه ڪرڻ.

● ڏرپت؛ ث [هه] راڳ جو هڪ قسم. ڳائڻ جو هڪ ڍنگ - ڏرپد. هندي شعر جو هڪ قسم (جنهن ۾ ۳۲ پد ٿين).

- ڏرپت پڌائڻ؛ ڪُتو جواب ڏيڻ - آڏو آهتو جواب ڏيڻ - سيڌي پڌائڻ - ڪري ڪري ڳالهه ڪرڻ.

- ڏرپتي ۽ ڏرپتيون؛ ث. [سن. ڏرپت] دوهي جو هڪ قسم. ست سري - ليچني (ڪاوڙ ۾ چئبو آهي).

● ڏرپت ۽ ڏرپت؛ ذ. آئينو - آرسي - درسني - ٽڪ. جيئن

"ڪوتل قابل وٽ، ويهي ڪر وصال،

چڏ ميا جو مامرو، مست ٿينو ڪر مال،

ڏوني ڏرپت جان ڪري، ساهه سينگارڻ سال".

(جلال).

● ڏرپد ۽ ڏرپه؛ ذ. [هه] راڳ جو هڪ قسم (جنهن جي هرهڪ مصرع ۾ ۳۲ رکن ٿين) - ڏرپت. ڳالهه جو هڪ ڍنگ (جنهن ۾ پهرين مصرع کي بار بار ڳائجي).

● ڏرڏپ (ل)؛ ث. ساٽ - گهٽ - ڌُهر - حالت.

● ڏرڙي ۽ ڏرڙيون (ت)؛ ث. خوف - هراس - ڊپ - ڀؤ - ڏڏو ساهه - سيسرات.

Gul Hayat Institute

● ڌُرڙيءَ آپڻُ: نفرت سبب دل کي ڌڪو اچڻ. بدن لُڏي وڃڻ. ٿڌو ساهه آپڻ.

● ڌَرُسَرُ: ذ. [ڌهسنامي جو لفظ] هڪ اکيءَ جو قسم - هُماءُ. جيئن

"ڌرسر ويهي نہ ورک تي، توڙي پيهل رات."

● ڌرمُ ۽ ڌَرَمَ: ذ. [پرا. ڌمّ. سن. ڌرمتا. ڌرُ=جهلڻ، پڪڙڻ] ايمان - عقيدو - وشواس - اعتقاد. مذهب - دِينُ - اُمّتَ - مِلّتَ - پنٿُ - سَتُ. انصاف. عدل. دينداري - خداترسي - پاڪائي. نيڪي - چڱائي - ثواب. لڇڻ - گڻ - خاصيت - وصف. ريت - رسم - پَرِ. احسانُ - مهرباني - وڙُ - ٿورو - حقُ - قبضو - اڌڪار. خيرات - دانُ - پُڃُ.

- ڌَرماتيما: ذ. [سن. ڌرم+آتما=روح] دين جو پابند - ديناٿتو - ديني - ڌرمسٽ - دیندار - مُتّقي - خداترس. مذهبي - ڌارمڪ. سنياسي - راهبُ - بزرگ. پاڪُ - نيڪ - فيّاض - سچار - ايماندار - سخي.

- ڌَرمُ اُپديشُ: ذ. [سن. ڌرم+اپديش= نصيحت] مذهبي وَعظُ - تبليغ - پرچار - ديني نصيحت. اخلاق - آدَبُ.

- ڌَرما ڌرمي: صفت. انساقسمي - قسم سان. بلڪل سچ - انصاف موجب. مذهب جو قسم کڻي ڪجهہ چوڻ.

- ڌَرمُ اوتارُ ۽ ڌَرَمُ اوتارَ: ذ. [سن. ڌرم+اوتار=پرچار ڪندڙ] ڌرم جو پرچارڪ - ڌارمڪ - نيڪ - مقدّس - پاڪ - پوتَر.

- ڌرماتِيو ۽ ڌرماتِيا: ذ. صفت. ڌرمي - مذهبي - دينهدار. خداپرستيءَ وارن اخلاقن ۾ - پاڪائيءَ واري اصولي ۾.

- ڌَرمائُو ۽ ڌَرمائُو: ذ. صفت. ڌرم وارو - ڌرم جو - خيري - خيراتي - دان ۾ ڏلل. بناپسي - صفت.

- ڌَرَمَ بِگاڙَڻُ: ايمان وڃائڻ - مذهب خراب ڪرڻ - بڇڙا ڪم ڪرڻ.

- ڌَرمُ پالُ: ذ. صفت. خيرات ڪندڙ - دالي پُرشُ - سخي.

- ڌَرَمُ پتني ۽ ڌَرمُ پتنيون: ث. [سن. ڌرم+پتني=زال] زال - عورت - جوءِ - گهرواري - بي بي - زَوجہ.

- ڌرمَ جا ڌڪا کائڻُ: پِٽڪڻ - رُلڻ - دربدر ٿيڻ. لِڪيو لوڙڻ.

- ڌَرَمَ جو پُٽُ: ذ. گود جو پُٽُ - دِين جو پُٽ - منهنبولو.

- ڌرمُ جو ڀيءُ: ذ. دين جو ڀيءُ.

- ڌَرمُ چاري: ذ. صفت. ڌرمي - نيڪ - نيڪوڪار - نيڪ بخت - دیندار - پاڪدامن - پارسا - صالحُ.

ڌَرمُ ڌُنُڻُ: ضمير جي سڏ تي مرڻ - اندر واري جي حڪم تي جان ڏيڻ. شهيد ٿيڻ. ڪنهن جي سچي نصيحت يا هدايت پويان مرڻ.

- ڌَرمُ ڍوهو ۽ ڌَرمُ ڍوها: ذ. صفت. مذهب جو دشمن - بي دين - ڪافر.

- ڌَرمُ راجُ: ذ. عادل ۽ منصف بادشاهہ - عدل ۽ انصاف واري حڪومت.

- ڌَرمُ راءِ: ذ. هندن ۾ مذهبي حڪومت ڪندڙ (يم ديوتا، پاتال ديوتا).

- ڌَرمُ راءِ جي وَهي: اعمال نامو - عملن جو حساب ڪتاب.

- ڌَرمُ رِيت: ث. مذهبي رسم.

- ڌَرمُسالُ: ث. [سن. ڌرم+شال=جاءِ] خيراتي گهرُ - ڌرمشالا - مسافرخانو - سراءِ - گروئانڪ جي فقيرن جي رهڻ جي ٺهيل جاءِ - آشرمُ - آستانو.

- ڌَرمُسالا ۽ ڌَرمُ سالائُون: ث. ڌرم سالُ.

- ڌَرمَ سانُ: ظرف. ايمان سان - سچُ پچُ.

- ڌرم سِبَنڌُ: ذ. ڌرم جو لاڳاپو.

- ڌَرمُ سڀا ۽ ڌَرمُ سڀائُون: ث. مذهبي ادارو - ديني انجمن.

- ڌَرمُ سماجُ ۽ ڌَرمُ سماجَ: ذ. مذهبي مجلس - ديني انجمن.

Gul Hayat Institute

- ڌَرَمُ شاستِرُ ۽ ڌَرَمُ شاستِرَ: ذ. [سن. ڌرم+شاستر> شاس=سيکارڻ] هندن جي مذهبي اصولن جا ڪتاب- شاستر- مُقَدَّس ڪتاب- پاڪ لِکِيَتَ- گِرَنٿُ- پوٿي.
- ڌَرَمُ شالا ۽ ڌَرَمُ شالائون: ث. (سن. ڌرم+شالا=جاءِ] خيراتي گهر- مسافرخانو- خيراتي سراءِ- ڌرم سالا.
- ڌرمشٽُ ۽ ڌَرمشٽَ: ڌرماتما- سچار- ايڪ- بزرگ. ايماندار. مذهبي- ڌرمي- ديني- دِيندار.
- ڌَرَمُ ڪَرَڻُ: ايڪي ڪرڻ. خيرات ڪرڻ- ثواب جهڙو ڪم ڪرڻ.
- ڌَرَمُ گِيانِيُ ۽ ڌَرَمُ گِيانِيُ: ذ. صفت. ڌرم جو عالم- پَنڊِتُ.
- ڌَرَمُ ليکِيُ: ظرف. خيرات جي ليکي- دان جي ليکي- ڌرمائُو- فِي سبيل الله.
- ڌَرمِيُ ۽ ڌَرمِيُ: ذ. صفت. ڌرمائتو- ڌرم جو- ڌرم سان واسطو رکندڙ- ڌرمشٽ- ديني- مذهبي- دينائتو- ديندار- ڌارمڪ. ڌرم ڪندڙ- ڌرمائُو- مُتّقي- خداترس- بزرگ- ايڪ- الله لوڪ- سنياسي- عبادتي- پرهيزگار- ايڪ ليٽ. عادل- سچار- انصافي. سخي- دالي- خيراتي.
● ڌَرِماهِي ۽ ڌَرماهِيُون: ث. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (پَٽي ڪارڙِي، پيٽ ڳاڙهو ۽ ڊيگهه اٽڪل ڏيڍ فوٽ).
● ڌَرَنِ ۽ ڌَرِنيُون: ث. [سن. ڌر=ڌرتي] ڌرتي- پُٽ- زمين- پَٽُ- ميدان. مُلڪ- دِيش. جسم- ڌڙ- بدن- دِيهِي.
- ڌَرَنُ ڌَڙِ ڪَرَڻُ: بدن ڍرو ڪرڻ- جسم ڍرو ڪرڻ.
● ڌرَنو ۽ ڌَرَنا: ذ. [سن. ڌر=رکڻ] ڪُپ ڪوڙي ويهي رهڻ جي حالت. جسم- ڌَڙُ- بدن.
- ڌَرِنو مارِي وِيهَڻُ: جمي ويهڻ- ڪُپ ڪوڙي ويهي رهڻ- جند نه ڇڏڻ.
● ڌَرَڻِ ۽ ڌَرَڻِيُون: ث. جان- جسم- جند- ڌَرَنِ.
- ڌَرَڻِ ڌَڪَڻُ: بدن ڪنبڻ- جسم ڍرو ڪرڻ- ڍچڻ- هيراسجَڻُ.
● ڌَرَڻُ: مصدر. [سن. ڌر=رکڻ] رکڻ- هيٺ لاهڻ- هيٺ رکڻ. سانڍڻ- بچائڻ. سنڀالڻ- پالڻ. روڪڻ- جهلڻ- منع ڪرڻ. ٽِڪڻ- رهڻ- ٺهرڻ- ترسڻ. سهڻ- جالڻ- جَٽاءُ ڪرڻ. قابو رکڻ- دٻائڻ. جمائڻ- ويهارڻ. ڪيرائڻ- ڊاهڻ- ليٽائڻ. وجهڻ- سَٽڙِهڻ.
● ڌرنو ۽ ڌَرنا: ذ. و هَٺَ- اِينڪ- نِشست. ڪُپ ڪوڙ وِهَٺَ. ضِد- هوڏ- بحث (ت).
● ڌرِنو ڏِيَڻُ: ڌرنو مارڻ.
- ڌَرِنو مارڻُ: ڪنهن گهر جي لاءِ ڪنهن جي در تي هڪ هنڌ جمي ويهڻ. ٻيٺڪ ڪرڻ. ڪيڏاهن به نه چُرڻ- ٻنڌي ڪرڻ- تڙپيڙ ڪرڻ- ڇِڪ تاڻ ڪرڻ- لاڳاپا لاهي ويهڻ. جم جمائي ويهڻ. ضد ڪرڻ- هوڏَ پڪڙڻ (ت).
● ڌَرِنو هڻِيُ وِيهِي رَهَڻُ: جم جمائي هڪ جاءِ تي ويهڻ- آتان نه چُرڻ- ڪُپ ڪوڙي ويهي رهڻ.
● ڌَرو ۽ ڌَرا: ؟. [سن. ڌر] آڏالي جي لَٽِ. ڦيٿي جي سَرائي- شيخ- سيخ- لَٽ- ڏنڊو. ڪام- دامو- لڙهو. بيل گاڏي جي منجي جو ٻئيون پاڳو (ت). صفت. بهادر- پهلوان- طاقت ور- سورهيه (ت). جوارين جي اصطلاح ۾ بيوقوف- پُٽڏُو- جاهل (ت).
● ڌرُو ۽ ڌرُو: ذ. [سن] قطب- زمين جي اتر ۽ ڏکڻ وارو نقطو. قطب تارو- ڌرو تارو.
● ڌَرِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ضلعي ۾).
● ڌرِيُ ۽ ڌريُونُ: ث. [سن. ڌرا] مَحوُرُ. لوهه جي سيخ جنهن تي ڦيٿو ڦِرِي- ڌُرِي.
● ڌرِيَا سَلارُ: ذ. هڪ راڳڻي جو نالو (جا سيَنهن وسڻ کان اڳ ڳائبي آهي).
● ڌَڙ: ث. تندُ. ڪمربند- سنهرو. چيلهه ڪِي. پيٽ- پيٽو- خُردم.

Gul Hayat Institute

● ڏَڙُ ۽ ڏَڙَ : [سن. ڏرُوَ = ڏڙ. ڏُرِ = جهلڻُ] سِر کان سواءِ بدن - ڍڍري - ڍَڍَرُ - ڍيپَرُ - لوٿُ - لاش - جسم - بدن - ڌ. [سن. ڌٽ] تورو - وزن - ماپو - پيمائش - ماڻ - پيمانو. ڪوڙ - آواز - ڏَڏِڪارُ (ٻاٽيءَ جو).

- ڏَڙَ لائِڻُ : ڪوڙ لائڻ - ڪڙڪو ڪرڻ (ٻاٽيءَ جو).

- ڏَڙُوائيِ ۽ ڏَڙُوالِيُ : ذ. صفت. ڏڙو ڪندڙ - ماڻُ ڪندڙ - الاج ماپيندڙ - تور ڪندڙ.

● ڏَڙڏَڙ : ظرف. يڪدم - آسالڪ. ڪنهن شيءِ جي لڳاتار ڪِرَڻَ يا ڪُٽڻ جو آواز. هڪٻئي جي مٿان.

● ڏڙامُ : ذ. (آواز). ڪنهن ڳري شيءِ جي ڪِرڻ جو آواز. جيئن ”هو ڏڙام ڪري اچي هيٺ ڪِريو.“

● ڏڙُڏَڙُ : ث. دَڪِ دَڪِ (دِل جي) دل جو آواز - هلڻ جو آواز. دَبُ دَبُ.

- ڏڙڏڙ ڪَرَڻُ : ڏَڪِ ڏڪ ڪَرَڻُ.

● ڏَڙِڪَ ۽ ڏڙِڪُون : ث. ڏيساور ڏاهن وينڌڙ مال - رَليِ ڏيَرِ (ت).

● ڏَڙِڪَڻُ : مصدر. [سن. ڏر = ڏُڏَڻُ] دَڪ دَڪ ڪرڻ - دَهڪڻ (دل جو). ڏَڪَڻ - ڪنبڻ - ٿَڙِ ٿَڙِ ڪرڻ - رڦڻ ٿَڙِ ڪَڻُ - ٿڙڪڻ. ڏُڏَڻُ - لُڏڻ - ٿَڙِهَڻُ - بيقرار ٿيڻ. ڊپ ۾ پرجڻ ڊڄڻ. سُپ ۾ آن وجهي چنبڻ - آنڊڙڻ. دَهلِڻ خوف کائڻ.

- ڏَڙِڪَ ۽ ڏَڙِڪُونُ : ث. ڦڙڪو - بيقراري - لوچَ - تَڙُپَ - آندساند. ڊَپُ - خوف پؤ.

- ڏَڙِڪوُ ۽ ڏَڙِڪا : ذ. دل جو دَهُڪو. دل جو آواز - ڏَڙِ ڏَڙِ - دَڪ دَڪ. ٿپو - ٿڙڪو - ڏوڏو - لوڏو - لرزش. ڊيڄو - خوف - هراس - ڊپُ.

- ڏَڙِڪيُ ۽ ڏَڙِڪيُونُ : ث. اڳڙين جي ٽُڪرين مان ٺهيل رلي - گودڙي - رلي.

● ڏَڙِ ڳُ ۽ ڏَڙِ ڳَ (ل) : ذ. ٻاهه جو مَچُ - آڙاهُ - پيپَڙُ.

● ڏَڙُلو ۽ ڏَڙُلا (ل) : ذ. کوٽائي - ڦٻن - خيانتَ - ٺڳي.

- ڏَڙُلو هَڻَڻُ : کوٽائي هڻڻ - ٺڳي ڪرڻ.

● ڏَڙو ۽ ڏَڙا : ذ. [سن. ڏرا] ٽولي - جماعت - جٿو - ميڙ. [سن. ڌٽ = وزن] بوجهو - بار. ساهميءَ جي ڪاڻ برابر ڪرڻ جو وزن. وزن - تور - تورو - ماڻ - پيمانو (جو اڪثر اڍائن، پنجن، ڏهن ۽ ويهن سيرن جو ٿئي). پنج سير - ڏڙي. هڪ پيرو تورڻ لاءِ ساهميءَ ۾ وڌل تورا - ٻار جي تورَ. تارازيءَ ۾ هرهڪ واري جي تورڻ جي ماپ. جيئن ”هڪ ڏڙو، ٻه ڏڙا، پنج ڏڙا وغيره“. اڌ مڻ جو ڏاڻ (ت). ڳاهل آنءَ جو (صاف ٿيل يا اڻ صاف) ڍِڳ - ڪوڙ - انبارُ.

- ڏڙا تورڻُ : مقرر ٿيل ڏڙي موجب تور ڪرڻ.

- ڏَڙو ٻڌِيُ ويهَڻُ : وارو وار ڪرڻ - وارا لائڻ - سنڀِري ويهڻ - مقابلو ڪرڻ.

- ڏَڙو ڍِڪِڻُ (ت) : آنءَ جي ڍِڳ مٿان گاهه يا ٽونو وجهڻ.

- ڏَڙو ڪَرَڻُ : ساهميءَ جي ٻنهي ڀُڙن ۾ ڪو وزن وجهي پورو ڪرڻ. ڳاهيل آنءَ ڪٺو ڪري رکڻ.

- ڏڙيُ ۽ ڏَڙِيُونُ : ث. پنجن سيرن جو وزن (اڍائي سيري ۽ ٻه سيري به ٿئي).

● ڏُڙو ۽ ڏُڙا : ذ. صفت. وڏو ماڻهو - اڳوان - شاهوڪار - امير - مُکي - رئيس - وڏيرو - سردار - نواب - حاڪم - خاص معتبر. مکيه - وڏو - خاص. هڪجهڙو - مَٽُ - ٿالي - ڳرو - ڏِنگو - معاملائي - ڦَڏائي.

● ڏَڙُوائيِ ۽ ڏَڙُوائيُ : ذ. صفت. [سن. ڏَٽ] ڏڙي وارو - ڏڙو ڪندڙ. (آنءَ جي) تور ڪندڙ - تور وارو - توارو. وزن ڪندڙ - ميئيندڙ - ماڻ ڪندڙ - ماپيندڙ. ٻنهي ڪندڙ - تورڻي سان آنءَ مَپڻ وارو.

● ڏَڙُهَڙَ : ث. درياءَ جي ڀِڪُڻِ ڪِرَڻ جو آواز. جيئن

Gul Hayat Institute

"ڏڙهڙ ڌَولس درياءَ ۾،
جت سوج ڪري سهاڻ"
(پيلا).

● ڏَڙُهيرَ (ت)؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَڙِي ۽ ڏَڙِيُون؛ ث. [سن. ڏلڪا] ڪپڙي جي رنگين ڪنار- ڪناري- پاهريون رنگين پٽو- ڪورَ. [سن. ڏَتِ=ڏَڙِي] پنجو سيرن يا اڍائي سيرن جو وٽ- تورو- ساڻ- وَزَنُ. زوراوري لت- زورائتو ڌَڪُ. ڌَڙَ- هَلُ. پڪيڙو- ڪچڪات- ڪوڙ. جيئن
"سارنگ سنبهي آيو، ڌو ڌو ڌم ڌڙيون"
(اشرف شاه).

ڳاهيل اناج جي ڍِڳي (ت).

- ڏَڙِي پئڻ؛ ڪوڙ ڪرڻ- هل پکيڙو ڪرڻ. ڪوڙيون ۽ ڪچڪات ڪرڻ. جيئن
"اصل پيدل ڪي دم دم دل تي،
درد پئي آهي ڏڙي"
(پيدل).

- ڏَڙِي ڏَسالَ پئڻ؛ هرهر اچڻ. وري وري چوڻ- پڪ پڪ لائي ڏيڻ- مٿو کائي وڃڻ- وڏا واڪا ڪرڻ.

- ڏَڙِيون لائڻ؛ زورائتا ڌڪ هڻڻ.

● ڌُڙِي ۽ ڌُڙِيون (ت)؛ ث. وسڪارو- ڏُوڙِيو- وِرڪا.

- ڌُڙي سچائڻ؛ وسڪارو لائڻ. جيئن
"ڪارين جي ڌُڙي سچائي ڏنائين."

● ڌُڙِيل ۽ ڌُڙِيلَ (ت)؛ صفت. ڏٺلهو- مٽارو- آڏيڪ.

● ڌُسِڙِ ۽ ڌُسِڙِيُون؛ ث. [سن. ڌوسر] ڌُوڙِ- ڌُڌِڙِ- مِٽي- دَزَ- دِمَسَ- غُبار.

- ڌُسِڙ ۾ پير هڻڻ؛ ٽارڻ- بهانا ڪرڻ- انڪار ڪرڻ.

● ڌُسو ۽ ڌُسا؛ ذ. [سن. دورش=اُن جو ڪپڙو] اوني پرت سان پريل ڪپڙو (جو ڪلهن تي رکجي) شالَ- چادر- اوڍڻي- ڌُشالو- بوڇڻ- بوڇڻي- ٻُوال- ڌُسو.

● ڏَڪُ ۽ ڏَڪ؛ ذ. [سن. ڏڪ] ڌَڪَ- سٽِ- ڌڪي هٿَ جو ڌَڪُ- ٺونشو ڦهڪو- سٽڪو. ٺوڪر- ليڪس- چهبڪَ- ڇهاڙَ ٺوڪَ- ٽڪرُ. زخم- ڦٽُ- رَهڙَ- ڪهاءُ. صدمو- نقصان- ڇيهو- زيان- تاوان. قسمت جو موچڙو- بربادي- نااميدي.

- ڏَڪُ اچڻ؛ صدمو پهچڻ- نقصان پوڻ.

- ڏَڪُ جهلائڻ: پيڙيءَ وارن جي اصطلاح ۾ ٽارڻ- پري ڪرڻ- باز رکڻ- دور ڪرڻ.

- ڏَڪُ جهلڻ؛ وارُ جهلڻ- مارَ يا چيٽ جهلڻ. پاڻ پرو ڏيڻ. نقصان برداشت ڪري وڃڻ.

- ڏڪرُ ۽ ڏَڪرَ: ذ. صفت. ڏڪ هڻندڙ- ويڙهاڪُ.

- ڏَڪُ کائڻ؛ ڌِڪو کائڻ. سيڪت سلڻ. نقصان ۾ پوڻ- ٽوٽي ۾ اچڻ.

- ڏَڪُ لڳڻ؛ هرج پوڻ- نقصان پوڻ. بي عزتي ٿيڻ- صدمو پهچڻ.

- ڏَڪُ سٽ؛ ث. ڏَڪُ سَٽَ- چنبو ٻچو- ٺڪ ٺنبڙ- هٿو پائي مار ڪُٽَ. ڇڪري- ماراماري- لڙائي- ٺيهو ٺونشو. چڪتان.

- ڏَڪُ نہ جهلڻ؛ جٽاءُ نہ ڪرڻ- پورائو نہ ڪرڻ- مقابلو نہ ڪرڻ- برابري نہ ڪري سگهڻ.

- ڏ ڪُ هڻڻ؛ سُڪَ هڻڻ. مارڻ- ڪُٽڻ. گهجهارت يا بيت جي پڇڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ چوڻ.

● ڌِڪَ ۽ ڌِڪُون؛ ث. اڳني زور- دبَ- آچلَ- ڌَمَ- لوڏ- تڙَ- ٽيلهو- ٺيلهو.

- ڌِڪ ڌِڪان؛ ث. دَبَ دَبان- ٺيلهہ ٺيلهان- ڪلهي ڪَس- ڌُنَ- ڌُمانُ.

● ڌِڪُ ۽ ڌِڪَ؛ ذ. ڌِڪو- ٽيلهو- لوڏو- اڏيڙو- آچلَ- ٽاٻو- ڦهڪو. [سن. ڌ شهہ=زخم] ڦٽُ- چوٽَ- زخم.

● ڌِڪارڻ؛ مصدر. [سن ڌِڪ=ڌِڪارڻ] نفرت سان پري ڪرڻ- ڇان آڻڻ- نفرت ڪرڻ. لوڌڻ- تڙڻ- هڪالڻ- ڌِڪڻ- پاهر ڪيڏڻ- پري ڪرڻ- ٺڪلي ڏيڻ. نہ ليکڻ- ڪين جهڙو ڄاڻڻ.

Gul Hayat Institute

- ڌِڪارَ ۽ ڌِڪارُونَ: ث. نفرت- لعنت- ڦٽڪارَ- نِندا- ملامت- لوڏَ- تَڙَ. عتابُ- ويڻ- مهڻو- ڏوراهو- طعنو. پاراتو- پِٽَ- سراپ.
- ڌِڪارَ ڪَرَڻُ: نفرت ڪرڻ- ٻِڇان ڪرڻ- ڪراهت ڪرڻ. هڪالڻ- ڪيڏڻ- ٽارڻ- ڌِڪارڻ.
- ڌِڪارِبلُ ۽ ڌِڪارِبَلَ: ذ. صفت. ڌِڪاري ڪڍيل. نفرت لائق- بڇڙو. لوڌِبَلُ- تڙيَلُ- هڪاليلُ.
● ڌِڪامَڻُ: مصدر. ڀڄي پوڻ. تباهه ٿيڻ- برباد ٿيڻ- ستياناس ٿيڻ- ٻيڙي ٻُڏڻ- ويران ٿيڻ- ناس ٿيڻ. پوئتي پوڻ- ڏيوالو ڪڍڻ- نادار ٿيڻ.
- ڌِڪائُو ۽ ڌِڪائا: ذ. صفت. ڪنهن ڌَڪَ سان ڀڳل- ٽُٽل- چُورُ- شڪست. ڌڪ لڳل- ڌڪيل- زخمي- گهائل. برباد- چَٽُ- ناسُ. پوئتي پيل- ڌِڪائيل.
● ڌَڪاءُ ۽ ڌَڪاءَ: ذ. [سن. ڌم] ڪنهن ڳري شيءِ جي هيٺ ڪِرڻ جو آواز- وڏو آواز- ٺَڪاءُ- ڦهڪو. بندوق يا توب جو ٺڪاءُ. ڊَپُ- خوفُ. انديشو- خطرو- هراس- ڏَرُ.
● ڌِڪائِڻُ: مصدر. ڌِڪا ڏيئي ڇڏڻ- هڪالڻ- هٽائڻ- پري ڪرڻ.
● ڌَڪِ ڌَڪِ: ث. [سن] دل جي هلڻ جو آواز- دل جي حرڪت- ٺَڪُ ٺَڪُ- ڌَڙُ ڌَڙُ. زور سان ڊوڙڻ جو آواز- ٺڪ ٺڪ- ڌب ڌب- ڌڦون ڌڦون.
- ڌَڪُ ڌَڪُ ڪرڻ: ڌڙ ڌڙ ڪرڻ.
- ڌَڪُ ڌَڪُ ڪَري وَڃَڻُ: جلدي ڪم پورو ڪري وڃڻ.
- ڌَڪِ ڌَڪِيُ: ث. دل جي چال. لرزش- ڌَڪَڻِيُ- ٺَڙُڪڻِيُ.
● ڌَڪَڙُ ۽ ڌَڪَڙَ: ذ. صفت. پاتو ڳالهائيندڙ- پاتو- هَڪَڙُ- هَڪيلو.
● ڌُڪَڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ت). تعلقي ڪوٽ ڏيجي، ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڌُڪَڙُ ۽ ڌُڪَڙَ: ذ. [سن. دُو=ٻه+ ڪُنڊ=ٿانءُ] ساز جو هڪ قسم. هڪ پاسي واري پکواز- طبلو.
- ڌُڪَڙَ تي آڱر لڳڻ: معاملو مچڻ- جهيڙو ٿيڻ. پکواز جي آواز کي جهڪي ڪرڻ لاءِ آڱر هڻڻ.
- ڌُڪَڙُ ٿيڻُ: ٿلهو ٿيڻ- بدن ۾ پرجي وڃڻ.
- ڌُڪَڙَ کي آڱر لائڻ: جهيڙو وڌائڻ- جهيڙو شروع ڪرڻ- ڪوبه ڪم شروع ڪرڻ.
● ڌَڪِڙَڻُ: مصدر. ڌَڪَ هڻڻ. منڊ يا ڪَڙڪيءَ کي متڪي سان ڌڪ هڻي سرڻون يا هڪڙ ڪرڻ. آڪريءَ ۾ چالورو جهي سُهريءَ سان ڪُٽڻ- ڇڙڻ- ڪُٽڻ.
● ڌَڪِڙو ۽ ڌَڪِڙا: ذ. ٽامون ۽ جست گڏي رجائي ٺاهيل ريهه. ٽامي ۽ پتل جي ٿانون کي ريهه ڏيڻ لاءِ جست ۽ ٽامي کي ملائي ٺاهيل پورو يا ريهه.
● ڌَڪِڻُ: مصدر. ڌڪ هڻڻ- زخمي ڪرڻ- گهائڻ- وڍ وڙڻ (نانگ کي).
● ڌِڪَڻُ: مصدر. [سن. ڌِڪ] ڌڪو ڏيڻ- ٺيلهو ڏيڻ- ٺيلهڻ- اڪيڻ. هلائڻ- پيڇڪَ ڏيڻ- ٺُلَ ڏيڻ. پري ڪرڻ- لوڏڻ- ڌَڪارڻ. نفرت يا ٻچان آڻڻ.
● ڌَڪو ۽ ڌَڪا: ذ. ڌِڪو- بندر تي جهاز جي بيهڻ ۽ مال لاهڻ جي جاءِ. اسٽيشن تي بار گاڏن مان مال لاهڻ جي جاءِ. ٿلهو- پليٽ فارم.
- ڌَڪي تي آڻڻ: جهاز يا ريل کي مال لاهڻ واري هنڌ تي بيهارڻ- بندر تي آڻڻ- پليٽ فارم تي آڻڻ.
● ڌَڪو ۽ ڌَڪا: ذ. [سن. ڌِڪ=ٺيلهو] ٺيلهو- ٺيلهو- لوڏو. وار- ڦيٽَ- ٺوڪَ- چوٽَ. جهٽپ- سٽَ. صدمو- ضرب ڪاري. نقصان- ٽوٽو- موڙي- گهٽتائي.
- ڌِڪا ڌُوڏان کائِڻُ: ڌڪ ڌاڪڙا ڏسڻ- ڌڪا ٿاپا کائڻ- دردر ڀٽڪڻ- بيحد تڪليفون سهڻ- دنيا جون لاهيون چاڙهيون ڏسڻ. تجربو حاصل ڪرڻ.

- ڏِڪا ڪائڻُ؛ ڏاڍا ڪائڻ - رُلڻ - آواره گهمڻ - ڀٽڪڻ.
- ڏِڪو ڏِيَڻُ: لوڏو ڏيڻ - ڌڪو ڏيڻ - نقصان رسائڻ - ڌوڪو ڏيڻ.
- ڏڪي وَهيڻو؛ ذ. صفت. ڏوراڻي ڏکي تي جهڙ ڪري پوندڙ - ضعيف - ڪمزور - پيرسن.
● ڏُڪو ۽ ڏُڪا؛ ذ. ڏکي لڪ - ٻالڪو - ڏنڊو - سوٽو. رخ تي ورتل نالو. اوٽ تي ڏٺل اهڃاڻ - تڪ - انڪل - ٽَل - الومان - قياس. سوراخن ڪڍڻ جو اوزار.
- ڏُڪائي ۽ ڏُڪائيُ؛ ذ. صفت. ڏُڪي وارو - ڏُڪا هڻندڙ - لٺ باز - ڏنڊائي - ڏنڊي باز - ويڙهاڪ - جهيڙاڪ. ٻنا سوچ ويچار جي ڳالهائيندڙ - ڪشائي - ڏڏائي - ٻٽاڪي. انڪل روءِ ڪم ڪندڙ - انوماني - انڪلي.
- ڏُڪو ڪشڻُ: ڏنڊو ڪڍڻ - لٺ ڪڍڻ - طرفداري ڪرڻ - پاسو وٺڻ. "ڳالهه ڪجي الله لڳ، ڏُڪو ڪڄي پاءُ لڳ."
- ڏَڪو هڻڻُ: ڏنڊو هڻڻ - سوٽو هڻڻ - لٺ هڻڻ - کهوپانو هڻڻ. ٽَل ڏيڻ - ڪٽ ڪرڻ. انڪل روءِ چوڻ - تڪ ڀڏڻ. انڪل ڪرڻ - اندازو ڪرڻ. سلڻ - ٻڌائڻ (پرولي). ٻنا ويچار جي چون - رخ تي نالو وٺڻ. غلط جواب ڏيڻ.
- ڏُڪئي ۽ ڏُڪئيُ: ذ. صفت. ڏُڪو هڻندڙ - ڏَڪائي - ڏَنڊئي.
- ڏُڪي بازَ ۽ ڏُڪي بازَ: ذ. صفت. ڏنڊي وارو - ڏنڊو هڻندڙ - ڏُڪائي.
- ڏُڪي بازيَ ۽ ڏُڪي بازِيون؛ ث. ڏنڊن سان ويڙهه - ڏنڊي بازي - لٺين سان جهيڙو - چڪري - ماراماري - مارڪُٽ - ويڙهه. انڪل روءِ - تخميني - اندازا.
- ڏُڪي بازِيُ هڻڻُ: ڏنڊن سان جهيڙو ٿيڻ - ماراماري ٿيڻ - چڪري لڳڻ.
● ڏُڪئي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَڪيڇو ۽ ڏَڪيڇا (ڪ)؛ ذ. ٻارن جو هُل - ڏَمچر - گوڙ - گهمسان - مستي.

● ڏِڪيَلُ ۽ ڏِڪيَلَ: ذ. صفت. [سن. ڏِڪُرَتُ] ٿيلهي ڪيل - ڏِڪي ڪيل - ڏڙيل - بيڪار - نڪمو.
● ڏِڪيلڻُ: مصدر. ڏڪو ڏيڻ - ٿيلهڻ - ٿيلهڻ - ريڙهڻ - سيرَڻُ.
● ڏڳلُ ۽ ڏَڳلَ؛ ذ. ڍڳ - ڍير - ٿهو - سٿو.
● ڏڳَ ۽ ڏَڳون؛ ث. [سن. د ڳت=دُڪيل] باهه جي تپش. باهه جو مچ - اُڙاهه. ذ. صفت. ڏُلهو - متارو - سَواڙُ (ٿ).
● ڏڳائا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَڳائڻُ: مصدر. [سن. دَڳ=دُڪڻ] دُڪائڻ. جلائڻ ٻارڻ - ٻچرائڻ.
● ڏڳڙَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏڳڙُ ۽ ڏَڳڙَ (ت)؛ ذ. صفت. ڦڙت - چالاڪ - طاقتور. احمق. لُچ.
● ڏَڳڙو ۽ ڏَڳڙا: ذ. صفت. فاحشه عورت جو يارُ - سهنڊو. ڏُلهو - متارو - سواڙ (ت). بيوقوف - جاهل - ابوجهه - بي سمجهه (ت). ٻين ماڻهن جو مال ۽ دولت زبان جي چالاڪيءَ سان هضم ڪندڙ.
● ڏَڳلُ ۽ ڏَڳلَ: ذ. ڍڳ - ڍِيرُ - انبوهه - گوڙُ - ڍِڳي - سٿو - ٿهو (پٺن جو).
● ڏڳڻ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَڳڻُ: مصدر. [سن. دَڳ=ڏَڳڻُ] تجليءَ سان ٻرڻ - تجلو ڪرڻ - روشن ٿيڻ - چمڪڻ - ٽمڪڻ - ٻڪڻُ. باهه جو آواز (ڏڳ ڏڳ) ڪري ٻرڻ - جلڻ - سڙڻ - ٻچڻ - ڪامڻ - ٻرڻ. دُڪڻ.

جيئن

"ڪٽ ڪڙهي، لوهه ٻري، ڏُوڏا جت ڏڳن"
(شاهه).

وڏو آواز ڪرڻ - گجڻُ - گوڙ ڪرڻ - وڏي سڏ ڳالهائڻ.
● ڏڳيُ ۽ ڏَڳيون (لس)؛ ث. ڪوڙ ڪِنڌوڻ.
● ڏڳُ ۽ ڏِڳ؛ ذ. صفت. مضبوط - پڪو - پختو - سوکهو - ڦاهو - سخت. قويّ - جٽڪ - جبرو - جانٺو - ڏنو مٺو - ڏُلهو - توانڪ - سَٽَرُ وَٽرُ -

ڦداوَر- دڦسو. پهلوان- سورهيه- بانڪو- ڀلوان- ٻهادر- جوڌو- جوان. تمام ڦٽلهو- ڳرو- ڏکهو- لنبو.

● ڏگائو ۽ ڏگاٽا (ڪ)؛ ذ. هُل- گوڙ.

● ڏگائو ڪيڏڻ (ت): شاديءَ وقت هڪ رسم ادا ڪرڻ (جنهن ۾ گهوٽتن کي ڪنواريتا اچڻ نہ ڏيندا آهن ۽ رستو روڪي بيهندا آهن گهوٽيتا اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوءِ جڏهن اندر وڃي نہ سگهيا تہ ڏنڊ ڏيندا.

● ڏگهي وارو: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● ڏگائي ۽ ڏگائي: ذ. صفت. بندوق جو باروت ٺاهيندڙ- گندرف ۽ شورو گڏي باروت ٺاهيندڙ- دارون ٺاهيندڙ.

● ڏلائڻ: مصدر. [سن. ڏول=ڏوڻڻ] ڏنارڻ (ڪپڙو وغيره)- ٻڏڻ.

● ڏلوت: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

● ڏم: ذ. ث. ڪرڻ جو آواز- ڦهڪو.

● ڏمَ ۽ ڏمون؛ ث. ٻانس- بوءِ- بُونءِ- ڌپ- واس- ڏمڪ- چٽ. سرهاڻ- خوشبوءِ- سُگنڌ. زور- زبردستي- جبر- ڏاڍ- دباءُ. خوف- خطرو- ڊپ. ڌڙڪو- دباءُ. چڙپ- چڪ- سٽ- دٻ. اثر- چيٽ- مارڪٽ- مهميز- سزا.

- ڏمون ڏيڻ: چڪون ڏيڻ- سٽون ڏيڻ. دڙڪا ڏيڻ. ڪوڙ ميٽڻ (ٿ).

● ڏمر ۽ ڏمون: ث. سوڙهائي- تنگي- ڪش- چڪ.

● ڏمَ ۽ ڏمون: ث. [سن. ڏوم=دونهون] رش- پيڙ- گوڙ- گهاڻٽ- پيهم- گهاگهيه- انبوهه هُل- شور- گوڙ- غوغاءُ- آواز- بغاغو. زور- چڪ- تڪڙ.

- ڏم ڌرازي ڪرڻ: ٻيهار جون ڳالهيون ڪرڻ- قرب ۽ محبت ونڊڻ- روح رهائيون ڪرڻ.

- ڏم ڏسا؛ ظرف. ڇهڇتي وارو- ٽٽ سان- ٽنومان سان.

- ڏمَ لائڻ: گهڻو زور رکڻ. گهڙي گهڙي چوڻ- ٻڪواس ڪرڻ. تنگ ڪرڻ.

- ڏمَ مچائڻ: زور رکڻ. گوڙ ڪرڻ.

- ڏمَ هڻڻ؛ شور هڻڻ- غوغا هڻڻ. نالو هڻڻ. ناموس هڻڻ- شهرت هڻڻ- واڪاڻ هڻڻ.

● ڏمر: صفت. گهڻو- اٿاهه- بي حد- تمام گهڻو- تمام وڏو. سخت. تکو. (ث) چيڙو- ٻجاڙي- حد.

● ڏما ۽ ڏمائون (ت)؛ ث. چمڪو- چلڪو- تجلو- روشني. حشمت- رونق. ٺاٺ- آڊمبر.

● ڏماچ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏماچ ۽ ڏماچ؛ ذ. [سن. دِيمجه] ڪمخواب يا زربفتي ڪپڙو.

● ڏماچائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٺٽي ڦيصر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏماچو؛ ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

● ڏماچو ڪيڙي ۽ ڏماچو ڪيڙيون؛ ث. ٽپ ڪڏ- ٽچڪو. گوڙ گهمسان- هُل هنگامو- شور. ٻارن جي ٻوڙ ٻڪ ۽ گوڙ گهمسان- شور شرارت- فساد- جهيڙو- ڪروڌ (ت).

- ڏماچو ڪيڙي لائڻ: گهڻو گوڙ ڪرڻ- لڙ ڪرڻ- فساد ڪرڻ- ڪروڌ ڪرڻ. هُل هنگامو ڪرڻ- ڪل مسخري لائي ڏيڻ.

- ڏماچو ڪيڙي مچائڻ: گوڙ گهمسان مچائڻ. هُل ڪرڻ.

● ڏماڌمَ: ث ستهه ڪٽ جو آواز- لڳاتار ڏڪڻ جو آواز- ڦهه ڦهه- سٽ سٽ.

● ڏماڌوم؛ ذ. وڏو ميڙ- انبوهه- ڌڻ- عملو- آنالو- ڊبلو. شان- پيڪو- ٺومان- آڊمبر- چوڄ- ٺاٺ- دبدبو. ڌام ڌوم. ٺاهه ٺوهه. گجگوڙ.

- ڏما ڌوم هڻڻ؛ وڏو ميڙ هڻڻ- انبوهه هڻڻ. پيڪو هڻڻ- دبدبو هڻڻ.

● ڏمار ۽ ڏمار: ذ. آواز.

● ڏماڙ ۽ ڏماڙون (ل)؛ ث. تمام وڏي- تمام ڳري. جيئن "چوڪريءَ کي اهڙي ڏماڙ پري تہ نہ ڪٺاهه."

● ڏَماڪو ع ڏَماڪا: ذ. زور سان آواز- ٻر جو آواز- وڏو ٺڪاءُ (بندوق يا توب وغيره جو).
● ڏَمالَ ع ڏَمالُون: ث. [ع. دمار] ٽَپَ- ڪُڏ- نچڪو. قلندري فقيرن جو ٽپڻ- نچڻ جو هڪ تارَ. شور گوڙ- هُل هنگامو. دهل جي وڄت جو هڪ تار. پيرن فقيرن جي درگاهن تي هڪ خاص واڄو.
ڏمالَ ڏَجُ وَڪَڻُ: دهل تي ناچ ڪرڻ ۽ عجيب ڇهڇٽو پيدا ڪرڻ.
- ڏمالَ ڪَيَڻُ: سخت جٺ ڦٺ ڪرڻ- مارَڪُٽ ڪرڻ.
- ڏمالَ وَڄڻُ: مقرر ٽيل وقت تي نغارو وڄڻ (پيرن جي درگاهن تي).
- ڏَمالُون هَڻَڻُ: آواز ڪرڻ- ٻانگون ڏيڻ- دَس هڻڻ- ڪُڪڙوڪُو ڪرڻ.
- ڏَمالِي ع ڏَمالِي: ذ. صفت. ڏمال وڄائيندڙ. فقير.
● ڏَمالَڻُ: مصدر. [سن. ڏمار= ڏَڪُ] ڦونڊاڙڻ- ڇاڇولڻ- لوڏڻ- ڏوڙڻ- ڏُوڏِڻ. مارڻ- ڪُٽِڻ- سَٽڻ- لَتاڙڻ- سزا ڏيڻ. سخت ڳالهائڻ.
● ڏَمامُو ع ڏماما: ذ. ننڍي دهل جو هڪ قسم- دمامو. خوشي ملهائڻ.
● ڏَمانُ ع ڏَمانُون: ث. [سن. ڏَمانُ < ڏام= تجمل] تجمل- ڀالُڊِس- ٺَٺُ- پيڪو. سوڀيا- جلوو- رونق. تيج- پرتاب- چِمَڪ- ڏَمَڪَ- تجلو- چمڪو- پَڙڪي- جهلڪو- رَوش- صورت- سُهائو.
- ڏمانُ لَهِڻُ وَڃَڻُ: منهن لهي وڃڻ (منهن جو)- چمڪ ڇڏي وڃڻ- مايوسي وٺي وڃڻ.
● ڏَمائِي ع ڏمائِي (ڪ): ذ. صفت. ٺڳ- دَلُٻائِي- ڏٻائي- مَڪارُ- فريبي.
● ڏَمُتَرُ ع ڏَمُتَرَ: ذ. صفت. [سن. دَڪُش] سياڻو- حريف- خبردار- سمجهُو- سُدبر- عقلي- هوشيار- ڏاهو. چالاڪ- پَڙُ- چترُ- انڪلي- حرفتي- ڪِهڙاري. ٺَڳُ- ڦورو- مڪار. ٺُلهو- متارو (ل). جتاءُ ڪندڙ- جاتائو (ل).

● ڏَمُتالُ ع ڏَمُتالَ: ذ. صفت. [سن. ڏَوُنتالُ < ڏَنُ + دَلُتَ = شاهوڪار] شاهوڪار- پئسي وارو- مالدار- ڏالولدي- ڏاتار- هوند وارو- همٿ ڦاڙ. جُنگ- قوي- جانٺو- جبرو- جاڏو- پڪو- جهالُو- سَدَرُ- ٽُوٽالڪ- ٿُلهو- زٽو- متارو- جٽو- يٽو- ڏَٽومُٽو- ڏِگُٽ- مُٽڪو- دُلسو- سَتَرُ و ٽَرُ- زبردست- مضبوط. بي ڊولو- بدزيبو- اڻ گهڙيو.
● ڏمَچُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَمُچَرُ ع ڏَمُچَرَ: ذ. گوڙ- شور- هُل- لُڙُ- گهمسان- پائيتال- غوغاءُ- ڪڙڪو- هَلڙ- ماچانگ- هَنُبَسُ- غلغلو- هلاچو- ٻڪيڙو- مَمَڻُ- خلل- ڏَمُچڪرُ.
- ڏمُچَرُ مَچائِڻُ: گوڙ ڪرڻ- هُل ڪرڻ- شور ڪرڻ.
● ڏَمُچَڪَرُ ع ڏَمُچَڪَرَ: ذ. هُل- گوڙ- گهمسان- غوغاءُ- ڪُڙٻڙ.
- ڏمُچَڪِري ع ڏَمُچَڪِرِيُون: ث. هُل- گوڙُ- ڇهڇٽو- رولق- رنگ.
● ڏَمُ ڏامِي: ذ. هُل- ٻڪيڙو- گوڙ- گهمسان.
● ڏَمَ ڏَڙِي ع ڏَمَ ڏڙِيُون (ت): ث. ذوق شوق- زورشور- جوش خروش. تڪڙ- جلدي.
- ڏَمُ ڏَڙِي لائِڻُ: ذ. ذوق سان ڪم ڪرڻ- دل لائي ڪم ڪرڻ. زور سان ڪم ڪرڻ- تڪڙ ڪرڻ. آندمانڌ پيدا ڪرڻ- بيتاب ڪرڻ.
● ڏَمَرُ ع ڏَمَرَ: ذ. دهل جو هڪ قسم- مگرمانو.
● ڏَمَڪَ ع ڏَمَڪُون: ث. پيرن جو آواز- آهَٽُ. هلڪو آواز. ڏَپَ- چِٽَ. بوء- باس- واسُ- سُرهاڻ- سُڳند- خوشبُوء. ڪلاڪ ڪن جي جهَڪَ.
● ڏَمَڪُ ع ڏَمَڪَ: ذ. لوهه جي تختي سان يا وزن دار شيء سان رستي جا پٿر ڪُٽجن يا هموار ڪجن- پٿرن پٽڻ جو اوزار.

Gul Hayat Institute

● ڏَمڪَڻُ: مصدر. ڊپ ڪرڻ - ڊڄڻ - خوف ڪرڻ - ڀؤ ڪرڻ - ڏَرُ ڪرڻ - هيسجڻ - ڊپجڻ - ٻهمجي وڃڻ. انديشو ڪرڻ - آڌڪو ڪرڻ. سُور ٿيڻ - إيذاءُ ٿيڻ - سورَ جي سوٽ آيرڻ. آواز ڪرڻ - ڦهڪو ڪرڻ. اچڻ - اچي سَهڙڻ - امي رَسَڻُ. ڪهڙي ڪن ٻهڻ - ترڻ - ٺهرڻ.

- ڏَمَڪَ ۽ ڏَمَڪُون: ث. ڊپ - ڊڄُ - خوف - وحشت - ڀَؤ - ڏَرُ. انديشو - آڌڪو.

- ڏَمڪائِڻُ: مصدر. ڊيڄارڻ - ڊپ ڏيڻ - هيسائڻ - دَٻائڻ - ڏيرائڻ - ڏمڪي ڏيڻ - ها ها ڪرڻ - چنبڪيڻ - چيڀڻ - چِڙٻڻ - ڏَمَ ڪيڻ - دَٻ ڪيڻ - دڙڪو ڏيڻ - اک ڏيکارڻ.

- ڏَمڪِجَڻُ: مصدر. هيسجڻ - دَهلجڻ - هيسجي وڃڻ - انديشو ٿيڻ - آڌڪو ٿيڻ. وهم ٿيڻ. ڊڄڻ - خوف ڪرڻ.

- ڏمڪي ۽ ڏَمڪيُون: ث. دڙڪو - داٻ - هاڪا ڦاڪا - ڏَڪو - ڀيڪي - دڙٻاٽُ - تنبيهه - جنٽ - چيڀٽَ - چِڙٻون. ڊَپُ - ڊاءُ - خوف - خطرو.

- ڏمڪي ڏِيَڻُ: دڙڪو ڏيڻ - هيسائڻ - ڊيڄارڻ - تنبيهه ڪرڻ.

● ڏمڪياڻي: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● ڏَمليِ ۽ ڏَمليُون (ل): ث. حَشَرُ - واويلا - ماتم - ڪهوڙا ڪهوڙا.

- ڏملي مَچائِڻُ: حشر برپا ڪرڻ - واويلا ڪرڻ - شهر مٿي تي کڻڻ.

● ڏمڻِ ۽ ڏَمڻيُون: ث. [سن. ڏمن] لوهارن جي هڪ اوزار جو نالو - ٻاهه کي هوا ڦوڪڻ جو اوزار - ڏَنوڻِ - ڏَنورِڻيُ - ڦوڪڻي. ڪهوڙي ڪاڏيءَ جو ڍَڪُ - ڇٽي.

- ڏَمڻي ۽ ڏَمڻيُون: ث. ٻاجهي جي هوا ڀرڻ جي پيتي - ڦڦڙن ۾ ساهه کڻڻ جي نلي - نبض.

● ڏَمڻُ: مصدر. [سن. ڏمن] واءُ ڀرڻ - هوا ڏيڻ - هوا ڦوڪڻ - ڏَنوڻُ - ڏنوڻ - زور سان ڏيڻ - ڦَسڻ - وجهڻ - دٻائڻ. زور ڏيڻ - زور لائڻ - چيڪڻ. هلائڻ - چورڻ. وڃائڻ - وڃڻ. ڪوڙ ڪرڻ.

- ڏَمَن ڏَميُ لائِڻُ: ڀڄ ڀڄان لائڻ. ساندهه ڪَڪِ ڪرڻ. ڀڪو ڪنهن ڳالهه کي وٺڻ.

- ڏَمَڻوارَ: ذ. ڏائڻ جي مهل - ڏمڻ جو وقت، جيئن

"ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وارَ، اڄ ڀڻ آڪِڙين جي" (شاهه).

صفت. ڏَنوڻَ وارو - هوا ڦوڪيندڙ - ڏَنيندڙ. هڪ ٻني ٻنيان ڏنءِ ڏنءِ - ڏمڻ جو ڦهڪو - ڏماڏم.

● ڏِمَڻَ (ت): ث. درياءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڏِمَڻُ: مصدر. سوڙهو ڪرڻ - تنگ ڪرڻ - ڪَشڻُ - چِڪڻ - ساهڻ. قابو ڪرڻ - پُختو ڪرڻ - ڏاڍو ڪرڻ - پڪو ڪرڻ.

● ڏُمڻِ (ت): ث. جُوئر جو هڪ قسم.

● ڏَمُورِني: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏميچا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو - ڏاسيچا - ڏاميچا.

● ڏَنُ ۽ ڏنَ: ذ [سن. ڏَنُ] چوپايو مالُ (ڍڳيون، مينهيون وغيره). ڏَنُ. نصيب - بخت - ڀاڳ. ملڪيت - نائو - دولت - مال - متاع - مايا - خزانو - دليا - زر - إملاڪ - ٽڪو - ٽُڪر - سُوڙي - ٻونجي - آجڪو - آجهالڪ - الٿهو تلٿهو. (هن وقت "ڏن" معنيٰ دولت، پر اصل معنيٰ هئي "ڏڻ وارو يا مالدار." وري جڏهن سون ۽ چانديءَ جا سڪا جڙيا ۽ ٻي ملڪيت ميڙڻ جو چسڪو پيدا ٿيو تڏهن "ڏن ۽ ڏڻ" لفظن جي معنائن ۾ به ڦير اچي ويو يعني "ڏني" معنيٰ ڏن وارو يا شاهوڪار ۽ "ڏني" معنيٰ ڏڻ وارو يا چوپائي مال يا ٻي ڪهڙي به ملڪيت جو مالڪ). ٻارهن راسِيُن مان هڪ جو نالو. قَوس - ڪمان. (ندا) جَس! شاباس! آفرين! واهه واهه! خوش رهه!

- ڏَنُ ڀاڳُ ۽ ڏَنُ ڀاڳَ: ذ. نيڪ بختي - خوش نصيبي - خوش حالي. (ندا) واهه واهه! شاباس! مرحبا!

Gul Hayat Institute

- ڏَلتَرُ ۽ ڏَلتَرَ: ذ. صفت. دولتمند - ملڪيت وارو - شاهوڪار - مالدار - زبردست - زوراور - سَرڪَشُ.
- ڏَنُ تِرِشنَا: ث. ڌنَ جي آج - لوڀُ - موهُ - لالچ - حرصُ.
- ڏَنپاتِرُ ۽ ڏَنپاتِرَ: ذ. صفت. دولتمند - ملڪيت وارو - شاهوڪار - دنيادار.
- ڏَنُ پتِيُ ۽ ڏَنُ پتِيُ: ذ. صفت. شاهوڪار - ڌن جو مالڪ - ڌن والد - دولتمند - دنيادار.
- ڏَنُ ڌَنُ: ذ. صفت. دولتمند - اقبال مند - سڀاڳو.
- ڏَنُ لوڀ ۽ ڏَنُ لوڀ: ذ. ملڪيت ميڙڻ جو حرص - لالچ - طمع.
- ڏنَنتَرُ ۽ ڏَنَنتَرَ: ذ. صفت. شاهوڪار - ملڪيت وارو.
- ڏَنوانُ ۽ ڏَنوانَ: ذ. صفت. ملڪيت جو مالڪ - مايا وارو - مالوندُ - مالدار - شاهوڪار - غني - اميرُ - دولتمند. خداترس - نيڪ.
- ڏَلوَنتُ ۽ ڏنوَنتَ: ذ. صفت. شاهوڪار - دولتمند.
- ڏَلوَندُ ۽ ڏَنوَندَ: ذ. صفت. ڌلوان - شاهوڪار - دولتمند.
- ڏَنيُ ۽ ڏَنِيُ: ذ. شاهوڪار - دولتمند - دولت وارو.
- ڏَليہ: ذ. صفت. سڀاڳو - نصيب وارو - خوش قسمت.

● ڏُنِ ۽ ڏُنون: ث. [س. ڏوَنِ = آواز] هوا - وائُ - پَوَنِ - باد. آواز - راڳ جو آواز - سُرُ - تانُ - تالُ - لئي. راڳ - گيتُ - ترالو. ڳائڻ جو هڪ خاص اصول. ڳائڻ جو نمونو. مکيہ سُرُ [س. ڏونم] ڪوڙهو ويچار - غورُ - غلطاني - اونهون خيال - گهري سوچ. ڪنهن هڪڙي ڳالهہ جو خاص خيال - هڪ طرفو رجحانُ - لاڙو - ڌيان - خيال - توجہ - تصورُ - لڳاتار فڪر يا غور - مستي - بيخودي. مُراقبو - چِلو - سرگرمي - انساهہ - شوق - آدر - پڙڪي - ڦلنڪَ. لنئو - عشق.

- ڏُنَ ڌيانَ ۾: ظرف. ڌيان ۾ مَحوُ.
- ڏُنَ لائڻُ: ڌيان ڏيڻ - مَحوُ ٿي وڃڻ.
- ڏُنَ لَڳَڻُ: ڌيان لڳڻ. لنئو لڳڻ. توجہ ڏيڻ - خيال ڏيڻ.
- ڏُنِيُ ۽ ڏُنِيُون: ث. هلڪو آواز - هڪ مِرد راڳ - سُرُ - آلاپ. مستي. مُراقبو. پِنبڻ - پِنڪو - پرڙات - روجُ.

● ڏَنارُ ۽ ڏ نارَ: ذ. صفت. [س. ڏَنَ = ڏَنُ] چوپايو مال چارڻ - ڌن وارو - ڌنارُ - ڌراڙُ.
- ڏَنارَنِ جا هَٿَ لَڳَڻُ (ت): مزا ڪائڻ - لتيون جهلڻ.

● ڏَنارَ ڪَتُوري: ث. گاهہ جو هڪ قسم (سَرهو گاهہ نازبوءِ جي بُوني ڪان ننڍو ٿيندو آهي ۽ ڪيئي ڪاٽيءَ جي پن جهڙا ٿين).

● ڏَناسِرِيُ: ث. [س ڏَناشري] هڪ راڳڻيءَ جو نالو (مالڪوس راڳ مان). آپتي سبتي ڳالهہ - هٿ جي چالاڪي - ڪيڏ - اٽڪل.

● ڏَنڄ ۽ ڏَنڄُون: ث. لَٽَ - دزَ - ڌُوڙ - مٽي.

● ڏ نچڪَرُ ۽ ڏ نچڪَرَ (ت): ذ. صفت. [س. ڪهنَ = جهڙ + چڪرَ = ڦيرو] مٿو ڦيرائي ڇڏڻ وارو - گهڻ ڳالهائو - بي وقوف - اڻ ڄاڻ - جاهل - چٽ.

● ڏُندُ ۽ ڏُندَ: ذ. [س. ڌوالہ و = ڌللہ] ميرُ - ميراڻ - ميرالجهہ - سنهن مير - آجهنه و - اولداهہ - ڪاراڻ - پنب - ڪهورُ. ڪوهيڙو - ڊونگر - غبار - لٽو - لڙاٽ - ڇاٽ - ماڪَ. راڻو - مٽي - دزَ. اکين جي هڪ بيماريءَ جو نالو - نظر جي گهٽتائي - ڇنجهہ - جهانوراڻي. هٺل - شور - گوڙُ - گهمسان. ظلم - انڌير - بيداد.
- ڏُنڌارو ۽ ڏُنڌارا: ذ. الڌارو - ميراڻ - ميرانجهہ - اولداهي. ڏُوڙ جو طوفان - ڪوهيڙو - لٽاٽُ.
- ڏُنڌُ چڙهڻُ: رءُ چڙهڻ - اونداهي اچڻ. ڪا شيءِ نظر ڪن گهر ٿيڻ. پردو چڙهي وڃڻ.
- ڏُنڌُڪارَ ۽ ڏُنڌُڪارُون: ث. آولداهہ - ميراڻ - نظر جي گهٽتائي. گهٽ روشنائي. ڏُنڌُ - ڏُلڌارو.

Gul Hayat Institute

- ڏنڊڪارُ ۽ ڏنڊڪارَ: ذ. تُوري اولداهي- اولدَه - الڏوڪار- ڪاراڻ. ڏوڙجي طوفان جي سبب - آسمان ۾ ڪارو ڏنڊ - غبارُ- لُڙاٽ. گهٽتائي. گهٽ روشنائي. گوڙ- شور.
- ڏلڊلو ۽ ڏنڊلاَ: ذ. آونڌَه - انڌيرو- تاريڪي صفت. دونهينُ جهڙو غيرشفاف - ميرو.
- ڏنڊ مچائڻُ: شور هُل ڪرڻ. ظلم ٻاري ڏيڻ.
- ڏنڊوڪارُ ۽ ڏنڊوڪارَ: ذ. مينهن جي طوفان سبب ڦيل ڪهاڻي اوندهه - الڏوڪار- الڏڪار- ٻنب اوندهه - انڌيرو.
● ڏنڊو ۽ ڏنڊا: ذ. [گ. ڏنڊو. سن. ڏنڊالَيَ] ڪم- ڪار- ڪرت- حاج - ڪسبُ- هُنر- پيشو- وَڪِنڊِيُ- مشغولي - ڪاروبار- وڻج واپار- ڪاجُ- روزگار- نوڪري.
- ڏنڊا چڙهي ڏيڻُ: ڪمال درجي تي پهچڻ- وڏيءَ حد تائين هئڻ.
- ڏنڊا لاهڻُ (ت): نقصان ڪرڻ- تنگ ڪرڻ.
- ڏنڊائيُ ۽ ڏنڊائيَ: ذ. صفت. ڏنڊي وارو- ڪم وارو- ڪاسبي- ڪنهن ڏنڌي وارو- ڪهڻ واسطو.
- ڏنڊو ڌاڙيُ: ذ. ڪم ڪار- ڪرت حاج- وڻج واپار- ڪاروبار.
- ڏنڊو ڌاڙيُ ڪرڻُ: ڪم ڪار ڪرڻ- ڪرت ڪي لڳڻ.
- ڏنڊوڙيُ ۽ ڏنڊوڙيُ: ذ. صفت. ڌنڌو ڪندڙ- واپار ڪندڙ.
- ڏنڊو وَڍڻُ: فيصلو ڪرڻ- جهيڙو چڪائڻ- واڳ ڪپڻ- نبيرو ڪرڻ. رقم چُڪائڻ- هٿ ڪيڻ- واسطو ٽوڙڻ.
● ڏنڊورڻُ: مصدر. ڪنهن شيءِ کي دُونهين سان ڪارو ڪرڻ- دولهائڻ- ڪارائڻ. بدنام ڪرڻ- ڪارنهن لڳائڻ.
● ڏنڊيُ ۽ ڏنڊيُون (ت): ث. [سن. دِونڊو = ڏنڊ] انڌيرُ- ظلم- بيداد. ڦُرِ- لُٽَ- زوري - دَٻاءُ.

- ڏنڊيُ ٻارڻُ: هرهر چوڻ- ڪَڪِ ڪرڻ. ڏونڪ ٻڌڻُ.
- ڏنڊيُ لاٿي ڏيڻُ: لڳاتار چوڻ- وري وري چوڻ.
● ڏنڊاليُ ۽ ڏنڊاليون (ت): ث. ڪاٺ جي هڪ اوزار جو نالو (ٻاهوڙي يا ڏاندري).
● ڏليرُوُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر سکر ۾).
● ڏنس: ث. (آواز) [گ. ڏنش. م. ڏونش] دهشت - ڏونس. جيئن
"ڏرهڙ ڏنس درياه ۾،
جت لهريون ڪن لوڙا"
(شاهه).
● ڏنشُ ۽ ڏنشَ: ذ. [سن. ڏنس] ڪمان- ڏنگ- ونگ - اَڪِيل.
● ڏنڪَ ۽ ڏنڪون: ث. [سن] ساڪَ- ٻاڪ- زري- ڪلابت. مٿيون ڳالهيون. ناز نخرو. ناز- چخن- لاڏ- چاڪ- ساڙو. هلڻيءَ جو هڪ نمونو- لوڏ- ڍار سان هلڻ. طعنو- چٽر- مسخري- نوڪ (ت). قوس- ڪمان- انڊلٺ- ڏلش.
- ڏنڪَ ڏيئي هلڻُ: لوڏ سان هلڻ- لوڏو ڏيئي هلڻ. ناز سان هلڻ.
- ڏنڪ وجهڻُ: مسخري وجهڻ.
● ڏنورَ ڦليُ (ت): ث. گاهه جو هڪ قسم.
● ڏنوڙيُ ۽ ڏنوڙيون (ت): ث. واڍڪي اوزار جو هڪ قسم- ڪمان ڪشو- اڪتر.
● ڏنوڙيُ: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
● ڏنوڻ ۽ ڏنوڻيون: ث. [سن. ڏمن] لوهارن جو هڪ اوزار- باهه ڏکائڻ جو اوزار- ڏمڻ- ڏوڻ- ڪَلَ- ڦوڪڻي- ڏمڻي.
- ڏنوڻيُ ۽ ڏنوڻيون: ث. [سن. ڏمن] ڏنوڻ- ڏمڻ.
● ڏنوڻُ: مصدر. [سن. ڏما = هوا ڏيڻ] ڏمڻ کي هلائڻ يا چڪڻ. ڦوڪڻيءَ کي هوا ڀرڻ يا ڏيڻ. ڏنڻين ڏنڻين ڪرڻ. ڏنڻن ڏنڻن ڪرڻ. نبض جو هلڻ. ڏمڻ- ڏوڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏَنڊُون (ل): ذ. وڏو ڦٽ- ڇَهِڪَرُ وڏو سوراخ.

● ڏَنڊُنڊُرو ۽ ڏَنڊُنڊُرا: ذ. چانورُ ڪيِر- ڏهي- دَهِي.

● ڏَنڊُرڪَ (ت): ذ. اَٽ جو هڪ قسم. پوري ۽ سائي رنگ جو اَٽ.

● ڏَنُهُ ڏَنُهُ: ذ. [سن. ڏَمُڏَمَا] ڏلوڻ جو آواز. ڏمڻ هلائڻ جو آواز. نغارن وغيره جو آواز.

● ڏَنڊَڻُ: مصدر. ڏَمڻَ ڪي هلائڻ- ڏمڻ سان ٻاهه ڏيڻ. ڏنهُ ڏَنهُ ڪرڻ- ڏان ڏان جو آواز ڪرڻ. ڦوڪڻ- پَرڻ. ڪوشش ڪرڻ. سَٽِڻ- ڪُٽِڻ- ڏڪ هڻڻ. ڳالهائڻ (ت).

● ڏڻُ ۽ ڏَڻَ: ذ. [سن. ڏن = ڏڻ] چوپائي مال جو ولر- وڳ- وَڳرُ- ڪَنُو- ڪَنُڌَرُ- ميڙ- مجموع- گوهر- چانگ- ڏولو.

- ڏَڻارُ ۽ ڏَڻارَ: ذ. صفت. چوپائي مال کي چاريندڙ ڏنار- ڌراڙ- چراهو.

- ڏَڻوڻڊِيُ ۽ ڏَڻواڻڊِيُ: ذ. صفت. ڏڻ وارو- مال وارو. چوپائي مال جو ڌڻي. سائو- سُکيو- آسودو- ڀاڳيو.

- ڏَڻِيُ ۽ ڏَڻِيُ: ذ. صفت. ڏڻ جو مالڪ- مالڪ.

- ڏڻيارُ ۽ ڏَڻيارَ: ذ. صفت ڏڻي.

● ڏڻَ ۽ ڏُڻُونُ: ث. چونڊ- انتخاب. قبوليت.

● ڏِڻائِڻُ (ڪ): مصدر. سنڀال ڪرڻ- بچاءُ ڪرڻ.

● ڏُڻائِيُ ۽ ڏُڻائِيُونُ: ث. ڪُهه ڪي پچڻ جي حالت. ڪُهه پچڻ جي مزوري.

● ڏَڻڪَ ۽ ڏڻڪُونُ: ث. ڪِڪ جو هڪ قسم- ڪريل ڪِڪ (جنهن جو داڻو ساڙ سبب ڪارو ٿئي).

● ڏڻِڪو ۽ ڏَڻِڪا: ذ. صفت. ڌڻيءَ وارو- ڏَڻيڪو. وارثن وارو- پنهنجي وڳر وارو. عزيزن وارو.

● ڏُڻڻ: مصدر. [پرا. ڏِڻڻ؛ سن. ڏوت] چونڊڻ- ڏولڇڻ- ڳولي ڪڍڻ- پسند ڪرڻ- منتخب ڪرڻ. ڪنڊ ڏوڻڻ- لوڏڻ. واٽرڻ- صاف ڪرڻ- ڇنڊڻ. جيئن

"ويهي وڏي ڏيڪ سان، ڏُڻي وجهج ڏوڙ" (شاهه).

ڳنهڻ- ولڻ ياد ڪرڻ- جپڻ.

● ڏُڻُو ۽ ڏُڻا: ذ. صفت. چونڊيندڙ- منتخب ڪندڙ- ڏُڻندڙ.

● ڏُڻِيُ ۽ ڏُڻِيُ: فعل. چونڊي- ڳولي- پسند ڪري.

- ڏُڻِيُ ڪَڍَڻُ: چونڊي ڪڍڻ- ڳولي ڪڍڻ- پسند ڪري ڪڍڻ.

● ڏَڻِيُ ۽ ڏَڻِيُ: ذ. صفت [سن. ڌَنِيُ] مالڪ- خاوند- آقا- سَرُوَرُ- آڪو- سوامي- والي- مختيار سائين. مالدار- دولتمند- ڀاڳيو- ڌنوان- دن ونت- گهر وارو- مڙس- ڀتار. اسم خاص. الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

- ڏَڻي تَعَالَيٰ: اسم خاص. الله تعاليٰ- خداتعاليٰ- آپانڍهار- پالڻهار.

- ڏڻِيڪو ۽ ڏَڻِيڪا: ذ. صفت. ڌڻيءَ وارو- مالڪ وارو- ڏڻيڪو- جنهن جو مددگار هجي. "نڌڻڪو" جو ضد.

- ڏَڻيَڪو ۽ ڏَڻيَڪا: ذ. صفت. ڌڻيءَ وارو- ڏڻڪو- مالڪ وارو.

- ڏَڻيڻڪو ۽ ڏَڻيڻڪا: ذ. صفت. ڏسو ڏَڻيَڪو".

● ڏُڻِيُ ۽ ڏُڻِيُونُ (ت): ث. مکيه هنڌ- مرڪز. جاءِ- هنڌ- ٽِڪ. پڙي. بيٺڪ- وِهَڪَ جو هنڌ- پاڙاري.

- ڏُڻِيُونُ جاچَڻُ: مقرر جايون ڳولهڻ- مکيه جايون تلاش ڪرڻ- پاڙاريون ڳولڻ.

- ڏُڻِيڻُونُ ٻاڻِيڻُونُ ڪَيڻُ: صفا ناس ڪرڻ- خواب ڪرڻ. ديس دليا ڪان ڪيڻ- تمام زبون حالت کي پهچائڻ.

● ڏُڻوارَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ڏُوُ: ظرف. ٻاڻيءَ ۾ ڪِرڻ يا ٽپ ڏيڻ جو آواز. ٺٺون - سڌو - سوڌو - سولو - برابر - ٺيڪ. ٺُورو ٺُورو - ٺٺون سڌو - ٺيڪ نشان تي - ان ئي هنڌ - پوريءَ طرح - تِز.

- ڏُوُ پارُ ۽ ڏُوُ پارَ: ذ. صفت. هن پار سڌو ويندڙ. هر ڪم مان پار پوندڙ - اڻ سوٽ - سدائين ڪامياب رهندڙ.

● ڏُوُ ٻِڪو ۽ ڏُوُ ٻِڪا (ٿ): ذ. ڌَڪُ - دَبَ - مُڪَ.

● ڏوبڻُ: مصدر. ڏوڏڻ - لوڏڻ. ڌڪو ڏيڻ.

- ڏوب ۽ ڏوبُون: ث. ڌِڏڪو - لوڏو. ڌِڪو. ٺيلهو.

- ڏوبُ ۽ ڏوبَ: ذ. صفت. ڏٻائيندڙ - ڏوڏائيندڙ - لوڏيندڙ.

- ڏوبوجِ ڏوبا: ذ. لوڏو - جهوبو - ڏوڏو - ڀونڪنپ - ڌرتيءَ جو ڏبڻ - زلزلو.

● ڏوبو ۽ ڏوبا (ٿ): ذ. ڀُڪ - لَپ - چُرون.

● ڏوبي ۽ ڏوبي: ذ. صفت. [سن. ڏاوڪ > ف. ڪاڌر=ڏوئندڙ] ڪپڙا ڌوئندڙ - ڪٽي - ٻريٽ - ٻرٽ. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

- ڏوبِڪو ۽ ڏوبِڪا: ذ. صفت. ڏوبيءَ جو - ڪتڪو - ڪتيءَ جو - ڏوبيءَ وارو.

- ڏوبيءَ جو ڪُتو: بيڪار - رولُ - بي گهرو - آواره.

- ڏوبيءُ گهاٽُ ۽ ڏوبيءِ گهاٽَ: ذ. ڪپڙن ڌوئڻ جو هنڌ - ٽڙ.

● ڏوتارو ۽ ڏوتارا: ذ. صفت. [سن. ڌورت] ڏتاريندڙ - ٺڳ - دغاباز.

● ڏُوُتارِيُ ۽ ڏُوُتارِيُون (ڪ): ث. آرسي - درسني - ٺِڪ - آهري - آئينو.

● ڏُوُتَپَ ۽ ڏُوُتَپُونُ (ڪ): ث. ڌوئڻ جو ڪم - ڌوپُ.

● ڏُوتپڻُ: مصدر. [سن. دُوتُ - قاصد] ڏوتهائي ڪرڻ - پَڙُوت ڪرڻ - ڪُٽنپو ڪرڻ. ٺڳي ڪرڻ.

- ڏُوتپَ ۽ ڏُوتپُونُ (ڪ): ث. پَڙُوتَ - ڪُٽنهو - ٻچاٻڙائي. لڳي.

- ڏُوُتِپاَئِيُ ۽ ڏُوُتِپاَئِيُونُ: ث. پڙوت - ڪٽنپو.

- ڏُوتِپَڻُ: ذ. پڙوت - ڪُٽنپو - دلالي.

- ڏُوُتِپڻُو ۽ ڏُوُتِپڻَا: ذ. پڙوت - ڪُٽنپائي. لڳي - بي ايمالي.

- ڏُوُتَپو ۽ ڏُوُتِپَا: ذ. پڙوت - ڪُٽنپو. دلالي.

- ڏُوُتَپو ڪَرَڻُ: ٺڳي ڪرڻ. چغلي هڻڻ. ڪُٽنپو ڪرڻ.

● ڏُوُتيرِ: ث. ڏُوتي - دَلي - پَڙوي - بدڪار عورت.

● ڏُوُتيرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏوتَلُ ۽ ڏوتَلَ: ذ. [سن ڌوت=ڏوتل] ڌوتي صاف ڪيل - ڌوبي ويل - ڌوتي چڏيل - آگهاريل.

● ڏوتو ۽ ڏوتا (ڪ): ذ. ٺڳي - فريب - دغا - دولابُ - ڪوٽ - ويسا گهاتي. ٺاپو - ڌِڪو - ٺيلهو - رولڙو - آڏيڙو. بدنظر - بدنظر ڪرڻ وارو. عيب جاچڻ وارو. ٺڳ - دغاباز.

- ڏوتا ڪائِڻُ: ڌِڪا ڪائڻ - ٺاپا ڪائڻ - رُلڻ.

- ڏوتائِيُ ۽ ڏوتائِيُ: ذ. صفت. ٺڳي ڪندڙ - ٺڳ - دغاباز. رولاڪ - رولو. گشائي - ٻٺاڪي.

- ڏوتو چورِيندَڙُ: ذ. صفت. فريب ڪندڙ - ٺڳي ڪيڙيندڙ.

- ڏوتو ڏِيَڻُ: برغلائي وجڻ - ٺڳي وجڻ.

● ڏُوتو ۽ ڏُوُتا: ذ. صفت. [سن. دُوُتَڪَ = قاصد] نياپو ڏيندڙ - خابرو - ٻالدي - ايلچي. ٺياڪڙ - ويچولو - ثالث - دلال - ڪُٽڻ - وچ ڪٽهو - ڪٽنپو ڪندڙ - پڙوو - پڙيو - پيٺو - دلبو ڏيندڙ - دغاباز - ٺڳ - عيار - مڪار.

● ڏُوتيُ ۽ ڏُوُتيُون: ث. ڏائڻ - بدنظر عورت - عيب جاچيندڙ عورت - ڪُٽنپو ڪندڙ عورت - پڙوي.

● ڏوُتيُ ۽ ڏوُتيُون: ث. [سن. ڌوتر] گوڏِ ٻڌڻ جو ڪپڙو - گوڏِ. اهو ڪپڙو جو هندو

Gul Hayat Institute

قوم جا ماڻهو سٿڻ جي بدران گوڏ واڱر ڪم
آڻين (اهو ڪپڙو جنهن جو هڪ ڇيڙو ڇلهه سان
۽ ٻيو ڇيڙو ڏنگن جي وچان لنگهائي پٺيان ڇيلهه
۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن). لانگ- منجهلو- تهبند
(تهمد)- ڏوت.

- ڏوت ج ڏوتيون: ث. ڏسو "ڏوتي".
- ڏوتير ج ڏوتير: ڏوتي پائڻ وارو- ڏوتي
ٻڌڻ وارو- واڻيو- ڪراڙ- مهتو- هندو.
- ڏوتي ٻَنڊ ج ڏوتي ٻَنڊ: ذ. صفت.
ڏوتي ٻڌندڙ- هندو- واڻيو- وڻجارو- مهتو.
- ڏوتي ڇوڙڻ: همٿ هارڻ- بزدل ٿيڻ-
ڊڄڻ- ڪيڏي ٿيڻ.
- ڏوتيءَ ۾ هٿ ٻير هڻڻ: ڍلو هڻڻ-
سُست هڻڻ.
- ڏوتيو ج ڏوتيا: ذ. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو-
ڏوتي. انگوڇو- انگوشو- ننڍڙي گوڏ- انگرکو.
● ڏوتر: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● ڏُوپ ج ڏُوپون: ث. [سن. ڏوپ=چمڪڻ]
سج جي روشني. اُس- ڪاڙهو- ڏُپ- تپت.
- ڏُوپ ڇانئو: ث. اُس ڇانئو. بدل سدل-
مٺ سٺ. ٿڌي ڪوسي.
- ڏُوپ ڇٽي ج ڏُوپ ڇٽيون: ث. اُس
کان بچاءَ جو ڍڪ- ڇٽي- ڇتري.
- ڏُوپ ڏيڻ: اُس ڏيڻ- تيز ڪو ڪاڻڻ- اُس
۾ تورو گرم ڪرڻ.
● ڏوپ ج ڏوپ (ٿ): ذ. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ
ڪاٺ يا پٿر جو تختو- ڦرهو- داٻڙو.
● ڏوپڻ: مصدر. [سن. ڏوپ=صاف ٿيڻ]
پاڻيءَ سان صاف ٿيڻ- ڌوئجي وڃڻ- ڌوپجڻ-
اُجرو ٿيڻ- اُجلو ٿيڻ- اڇو ٿيڻ- پاڪ ٿيڻ-
پوتر ٿيڻ. جيئن

"ڌوپي منجهه درياهه،
ته به اوجهه نه ڇڏي اوجهري"

- ڏوپ ج ڏوپ: ذ. ڌوئڻ جو ڪم. ڌوئڻ
واري حالت- ڌوئڻي- ڌوئپ- ڌوٻيءَ جي ڪمپ.
اشنان- غسل. ڪنهن شيءِ کي ڌوئڻ منجهان
پيدا ٿي- بچ. اُجِڻ- پوچي- سفيدي. چونو.
ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ پٿر يا ڪاٺ جو تختو (ٿ).
- ڌوپجڻ: مصدر. ڌوپڻ.
- ڌوپ ڪرڻ: ڪپڙا ڌوئڻ.
● ڏُوپڻ: مصدر. [سن. ڏُوپ] لوبان وغيره
جو دونهون ڪرڻ- واس ڏيڻ- واسڻ. خوشبوءِ-
سرهاڻ ڪرڻ.
- ڏُوپ ج ڏُوپ: ذ. واس- لوبان. سڳنڌ-
سرهاڻ- عطر- ڦليل. چؤ جو هڪ قسم
(جو جواهري يا سونارا زيور جي خالي ڏنگن کي
پُرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن).
- ڏُوپ داني ج ڏُوپ داليون: ث. ڏوپ
کي ساڙڻ جي ڪنجي.
- ڏُوپ واس: ذ. ڏُوپ ڏيڻ جي حالت-
لوبان ٻارڻ جي رسم.
- ڏُوپ واسڙو: ذ. 'ڏوپ واس' جو اسم تصغير.
مختصر طور ڏوپ ٻارڻ جي رسم.
● ڏوهو ج ڏوها: ذ. ٺڳي- ڪيڏي- دغا-
ڏوڪو- فريب- ڊوهه- دولاب. اٽڪل- ٺمولو-
ٺل- وڃهه- پيچ. ٺاهو- ڪُلٺو- جڙ هو- چٽ-
داڏر. پٽ- ڪشو- ڪوڙ- ٺڳاڪ.
- ڏوهالي ج ڏوهالي: ذ. صفت. ڏوهو
ڏيندڙ- ٺڳي ڪندڙ- دغاباز- ڊومي- دولابي-
ڪيڏيخور. ڪُلٺائي- چڙهيباز- چٽباز- ڏاڏراڻي-
ڪٺائي- ٺڳاڪي- ڪوڙو (ڪ).
● ڏوج ج ڏوج: ذ. [سن. ڏوجا=جهنڊو]
ڏوج- ڏاج- ڏجا- پرق- جهنڊو- علم.
● ڏوچڻ: مصدر. چوابڻ- ڏٺڻ- پسند ڪرڻ-
انتخاب ڪرڻ.
● ڏوڏ ج ڏوڏ: ذ. ظلم- انڌير- ناحق-
بيداد. الزام- بهتان. ٺڳي- دولاب- مڪر-
فريب.
- ڏوڏ ٻڌڻ: ڪوڙي رقم ٻڌڻ. تمام گهڻي
رقم جي دعوي ڪرڻ.
- ڏوڏ ڪرڻ: ظلم ڪرڻ- انڌير ڪرڻ. بهتان
مڙهڻ. ٺڳي ڪرڻ- دولاب ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏُوڏُٿيِ: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُوڏُڪَٽُ ۽ ڏُوڏُڪَٽَ: ذ. (آواز) درياءَ جي وهڪري جو آواز- ڏڏڪو- ڏڏڪارُ- ڪڙڪاٽُ.

- ڏُوڏ ڪَٽ ڪَرَڻُ: ڪڙڪاٽ ڪرڻ ڏڏڪار ڪرڻ.

● ڏُوڏِڙِيو ۽ ڏُوڏِڙِيا: ذ. افواهَ- سَنْسَنِيُ- آڏو- هَنُورُ- گپُ- کپوڙو- هُل- هاوانو.

● ڏوڏو ۽ ڏوڏا: ذ. ڏوهو- دوٿو- ٺڳي- دغا- ڊوهه- چَلُ- فريب- دوکو- دولاب- ٺڳيٽُ. ڪُوڙ- جُوٺ- ڪُساڪَ- دروغُ.

● ڏُوڏو ۽ ڏُوڏا: ذ. [پرا. دوڏءَ. سن درت] ٻاهه جو مچ- اُڙاهُ. ڪُورو. ڏالڊن جو ڍڳ. رَڪَ جو ڍِڳُ- ڏُلهار جي مُٺِ- ڪيرِيءَ جو ڀنوڙو- چارِ جو ليڙو. صفت. ٻاهه ڏکائيندڙ- ڏلوٺي هلائيندڙ.

- ڏُوڏُٺِيُ ۽ ڏُوڏائيُ: ذ. صفت. ٻاهه ٻارڻ وارا- مچ ٻارڻ وارا. ڏوڏن وارا.

- ڏُوڏِيُ ۽ ڏُوڏِيُون: ث. ڏلوٺي- ڏلوڻ- ڏَمڻ.

- ڏُوڏِيو ۽ ڏُوڏِيا: ذ. صفت. ڏَلُوڻَ وارو- ڏمڻ وارو- ڏَنُنڊڙ- ٻاهه ٻاريندڙ. لوهارن جي اصطلاح ۾ نئون ڪم سکندڙ- سوکڙاٽُ. (دستور آهي تہ جڏهن ڪو بہ نئين سر لوهارڪو ڪم سکندو آهي تہ ڪاريگر هن کي ڀريائين ڏَوَڻِ تي ويهاريندو آهي، جيستائين ڪم مان واقف ٿئي. هتي ڏُوڏي جي مراد آهي، نئون طالب، جو طريقت تي هلڻ چاهي ٿو. جيئن

"ڏُوڏا ڏيئُ مَ ڏارَ،

جم ڪچو رڪ ڪٿيون ٿئي"

(شاهه).

● ڏُوڏُوُ: (آواز) راڳ جي هڪ آواز جو قسم. ڏلوڻ جي ڦُوڪ جو آواز. آوز- گوڙ- ڪڙڪاٽ. ظرف. وچ ۾- اندر- منجهه.

- ڏُوڏُوڪارُ: ذ. گوڙ- ڪڙڪو- ڏُنڌُڪارُ- اولاهي.

● ڏوڏِيُ ۽ ڏوڏيُ: ذ. صفت. ظالم- ڪٺور- ڏهٽار- بي قياس- سنگدِل- ڪَٺِيِلُ- ڪاسائي- ستمگر.

● ڏِوڏِيلِيُ: اسم خاص. ول جو هڪ قسم (جنهن جي ڏالديءَ مان ڪير وَهي).

● ڏوڏڻُ: مصدر. لوڏڻ- جهوٻڻ- ڏونڌاڙڻ- جاجهولڻ- ڏيلهڻ- ڏِڪڻ. چورڻ.

- ڏوڏَ ۽ ڏوڏُون: ث. لوڏَ- لوڏو- جهولو- ڏونڌاڙ- آچل. ٻگاڙَ- آونڌپ- گمراهي. هوڏ- ضدُ- ڏُن- ڪيروڏ- کهپي. مناظرو- بحث مباحثو.

= ڏوڏَ ٻڌَڻُ: ٻڪ ماهيءَ ڏونڌاڙڻ- ٻڪو لوڏڻ. ڏُن ڪري ٻيهڻ- ڪروڏ ڪِري ٻيهڻ- ضدُ ڪرڻ- هوڏ ڪرڻ- بحث ڪرڻ. اڙي ڪرڻ.

- ڏوڏَ لائِڻُ: ڏوڏَ ٻڌَڻ.

- ڏوڏو ۽ ڏوڏا: ذ. لوڏو- ڏِڏِڪو- جهوٻو- چِلڪو- ڏِڪو- ڏيلهو- لِچڪو.

- ڏوڏو ڪائڻ: ڏِڪو کائڻ- ڏيلهو کائڻ- ڪنهن مان نڪرجي لوڏو کائڻ.

● ڏُوراڙو ۽ ڏُوراڙا: ذ. [سن. دورڻ] محل- محلات- عاليشان عمارت- قصر- بنگلو. راج مندرُ. دولت خانو.

● ڏُورائُو ۽ ڏُورائا: ذ. ڏسو "ڏُوراڙو".

● ڏُورِتُ ۽ ڏُورِتَ: ذ. [سن. ڌُورت] ٺڳُ- لُچو- بدمعاش- اوباش- حرفتي.

● ڏوروُ ۽ ڏورا: ذ. صفت. جميل ڪيِر- اڇو سفيد.

- ڏوروُ آلُبُ ۽ ڏورا آلُبَ: ذ. صفت. الب جو هڪ قسم- اڇو الب.

● ڏورِيُ ۽ ڏورِيُون: ث. عورت- زال. جانورن جو ميڙ.

● ڏورِيوُ ۽ ڏورِيا (ث): ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار- تُرِ کي جهلڻ لاءِ ڪاتي.

● ڏُوڙِ: ث. [سن ڌول=مِٽي] مِٽِي- دَزَ- ڏَڏَڙِ- ڊُسِڙِ- ڊِسَ- لَٽَ- ٻُسِڙِ- ڇائي- ڏُوڙڪَ- رُئِي- رَڪَ. ڪجهه بہ نہ.

- ڏُوڙِ پائڻُ: خراب ڪم ڪرڻ- بچڙائي ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ. بدفعلي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏوڙ جون ڏاٿيون (ت): ڪجهه به نه.
- ڏوڙ ڏاٿي ۽ ڏوڙ ڏاٿيون: ظرف. لت ۾ - ميٽيءَ ۾. اجايو ڪجهه به نه. ناس - برباد - نابود. زيان - نقصان - عدم - ڪم.
- ڏوڙ ڏاٿيون ڪري ڇڏڻ: ڦٽائي ڇڏڻ - خراب ڪرڻ - فنا ڪرڻ - نابود ڪرڻ - وڃائي ڇڏڻ - خرچي ڇڏڻ (پئسا وغيره).
- ڏوڙ ڏڪاءُ: ذ. طوفان جو آواز. وڏو آواز - ڪڄڪو ڙ.
- ڏوڙ ڏويو ۽ ڏوڙ ڏويا: ذ. صفت. ڏوڙ ڏوئيندڙ - سونارن جي ڪورن جي رک ٿوري لاءِ ۾ خريد ڪري، آن کي ڌوئي صاف ڪري آن مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندڙ.
- ڏوڙ ڏنو ۽ ڏوڙ ڏنا: ذ. صفت. ڏسو "ڏوڙ ڏويو".
- ڏوڙ ڏيکي ڪرڻ (ت): معاملو آجهائڻ - خلل متڻ.
- ڏوڙ ڪ ۽ ڏوڙ ڪون: ث. ميٽي - ڌُمڙ - ڏوڙ.
- ڏوڙ ڪمائڻ: ڪجهه به فائدو نه ٿيڻ - ڪجهه به نه حاصل ٿيڻ.
= ڏوڙ ڪيڙو ۽ ڏوڙ ڪيڙا (ت): ذ. صفت. ميٽيءَ هاڻو - ڏوڙ ڳنڍيل - ميٽيءَ ملي.
- ڏوڙو ۽ ڏوڙا: ذ. ڏوڙ سان ڀريل - لٽيل - ميٽيءَ هاڻو. جيئن

"ڏريائي ڏوڙا ٿيا، وريءَ وهاڻا"
(شاهه).

صفت. سفيد - اڇو (ٽ).
- ڏوڙ يالو ۽ ڏوڙ يالا: ذ. ڏوڙ يو - مٽي - مٽيءَ جو طوفان.
- ڏوڙيو ۽ ڏوڙيا: ذ. مٽيءَ جو طوفان - ڏوڙ يالو - جهڪ. صفت. چندو - لپاڪو. ڪنهن نه ڪم جو - بيڪار.
● ڏوڙ ڏيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏوڙيو ۽ ڏوڙيا: ذ. [س. ڏُولي = ميٽي] ڏوڙ - ميٽي - ڌمڙ - ميٽيءَ جو طوفان - ڏوڙيالو - جهڪ - انڌي. مٽيءَ جو وسڪارو - ڌس - ورڪا - آرانيو (ڳارين جو). اسم خاص. هنڌ جي هوليءَ جو آخرين ڏيون ڏينهن.
- ڏوڙيا لائي ڏيڻ: حد کان وڌي وڃڻ - گهڻي انداز ۾ يا وڏي زور سان ڪم ڪرڻ.
- ڏوڙيو ڪرڻ: ميٽيءَ جو وسڪارو ڪرڻ - ڪاهي پوڻ - مٽي اڏائڻ - ڦهڪو ڪرڻ - هيٺ ڪرڻ.
- ڏوڙيو وسائڻ: ڏوڙ وسائڻ - گهڻي دز اڏائڻ. گاريون ڏيڻ وسڪارو ڪرڻ.
● ڏوڙي ۽ ڏوڙي: صفت. [س. ڏريه] سن - جيئن - جهڙو - ثاني - برابر - سرتو - ميل - اڙو - تل - شريڪ - جوڙياڪ - مت - مثل - همسر - پيچي - سريڪو - هموزن - سمان - مساوي.
● ڏوڙيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏوس ۽ ڏوسون: ث. گهڻي تڪڙ - اٻهرائي - جلدي - تيزي.
● ڏوس ۽ ڏوس: ذ. ڏوڪ ڏوڪان. مٿي پٽ ڪرڻ. آسمان ۾ مينهن، گڙن جو ٿيڻ.
● ڏوڪ (ل): صفت. مضبوط - جهالائو - جٽادار - هنڊائڻ ۾ گهڻو وقت هلندڙ (ڪمڙو). ڏڪ (ڏڪڻ مان) - ٿيلهه (ٿيلهڻ مان) - مٿان کان هيٺ زور ڏيڻ جي حالت.
● ڏوڪر: اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.
● ڏوڪر ۽ ڏوڪر (ت): ذ. (آواز) ڪنهن شيءِ جي مٿان ڪِرڻ جو آواز - ڦهڪو، منهن تي ڇٽي ڏيڻ جي حالت.
● ڏوڪڙي ۽ ڏوڪڙي: ذ. صفت. ڏڪڙ وڄائيندڙ - دهلاري - لغارچي - طبلائي - طبلچي.
● ڏوڪڻ: مصدر [س. دوڪ] مٿان کان هيٺ زور ڏيڻ - دٻڻ - دٻ - سٽ ڪري ٺيلهي اندر وجهڻ يا اندر ڪرڻ. ڏوڻ کي ڦوڪڻ.
● ڏوڪڻ: مصدر. کوچڻ - جهوڪڻ - زور ڏيئي اندر ڪرڻ - ٺوڪڻ - دٻي وجهڻ - ڦسڻ - ڏٽڻ - ڪپائڻ. ڪاهي پوڻ - اڳتي زور سان وڌندو وڃڻ - ڪاهه ڪرڻ - زور سان اندر وڃڻ - ڏوڻ کي ڦوڪڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏُوڪَ: ث. اڳتي ڏڪڻ جي حالت - گهوچ - جهوڪ - دَبَ - ڦَسَ. ڪاهَ .. حملو - هلان - زُوُر (زُورٌ) - رُوسَڙُ.

- ڏُوڪارَڻُ: مصدر. ڏڪا ڏيڻ - زور پرڻ. زوري ڪاهي پوڻ.

- ڏُوڪ ڏُوڪانُ: ث. دَبَ - ڏڪَ - ڦَسَ. جلدائي - اپهرو. رُوسَڙُ - هلان - ڪاهَ. اٿڏ ڏنڪ. پيهه - گڙدي - زُورَ (زُورَ سان).

- ڏُوڪيندو وَجَڻُ: ڪاهينه و وڃڻ - تمام تڪڙو هلڻ - زورشور سان وڃڻ - اپهرائيءَ ۾ وڃڻ - زُور سان وڃڻ - رومڙ ڪري وڃڻ.

● ڏوڪو ۽ ڏوڪا: ذ. فريبُ - مَڪَرُ - دولابُ - دغا - ٺڳي - ويسا گهاتي.

- ڏوڪو کائڻُ: ٺڳجڻ - ويسا گهاتي ۾ وڃڻ - ٻئي جي فريب ۾ اچڻ. نقصان هيٺ اچڻ.

● ڏوڪي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾).

● ڏُولِ ۽ ڏُولُون: ث. ڏوڙ - مٽي - دَزَ - دِمَ.

● ڏُومِ ۽ ڏُومُوهُ: [سن. ڏوَنِ = آواز] هُل - شور - گوڙ - آواز - لُڙ - بکيڙو - گهمسان - پائيتال - غوغا - ڪرڪو - ماچانگ - هنبوشُ - غلغلو - هنگامو - هلَڙُ - ڏَمچر - ڏمچڪر - مَتَمَنُ - خرخسو. چوٻول - افواهه. شهرت - ناماچار - ناموس - هاڪ. سراسر ۽ سربستو زور - ڏوڪ - ڪاهه - حملو. تِڪ - زور.

= ڏُومِ ڏامُ: ذ. شان و شوڪت - زورشور - ڪَرُوفر. دٻدٻو - رُعب.

● ڏُومان ڏِيَڻُ: مخفي طرح ڳولا ڪرڻ - گهٽي مٽي ماري ڪرڻ.

● ڏُومَ ڪيتُ: ذ. چوٽيرُ تارو - پُڇرُ تارو.

● ڏُون (ت): ث. چولڻ - پسنديءَ کي انتخاب - ڏُچ - ڏُوڻ.

● ڏُولاڙَڻُ: مصدر. ڏسو "ڏُونڊاڙڻُ".

● ڏُولپ ۽ ڏُولپَ (ڦ): ذ. ڏسو "ڏُوپ".

- ڏُونپارو ۽ ڏُونپارا: ذ. صفت. ڏوپ وارو - واس ڪيل - واسيل.

● ڏُونپڪارِڻُ (ٿ): مصدر. ٻُسي يا ڏونرا رڌڻ - داغ ڏيڻ - پُچڻ (طعام وغيره).

● ڏُونچڻُ (ل): مصدر. ڏُوڻ ڪرڻ - چولڻ ڪرڻ - انتخاب ڪرڻ - مرضيءَ موجب ڪڍڻ.

- ڏُونچَ ۽ ڏُونچُون: ث. ڏُوڻَ - انتخابُ - چولڻَ - پسندي - سُڪياري.

- ڏُونچَ ڪَرَڻُ: چونڊ ڪرڻ - انتخاب ڪرڻ.

● ڏُونڊاڙِڻُ: مصدر. [سن. ڏو = ڏڏڻُ] لوڏڻ - ڏوڏڻ - جهوٻڻ - ڏڪائڻ. ڏوٻڻ - ٿڙڪائڻ. جهاڳوڙڻ - گيهلڻ - گيهل گينداڙ ڪرڻ - چانچولڻ.

- ڏُونڊاڙَ ۽ ڏُونڊاڙُونُ: ث. چڪتاڻ - گيهلَ - گينداڙ - لوڏ - ڏوڏو - لوڏو - ڏوٻو - جهوٻو - ٽلڪو - ٿڙڪو.

● ڏوڻُ ڏوڻُ: ذ. [سن. ڏُوَن = آواز، پڙاڏَمِ ڏسا] دڪ دَڪِ - ڏَڪ ڏَڪ - دهڪو - ٿڙڪ - ڏَمڻ کي ڦوڪڻ جو آواز.

● ڏَوانُرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَوارو ۽ ڏَوارا: ذ. صفت. اڇو - سفيد - کيرو - صفا - چمڪندڙ. ڪابه اڇي رنگ جي شيءِ. ذ. اڻ ولوڙيل جميل کير - کٿو ٿيل کير - پِٽو ڏڌ - ڏَهي - ڏِڪُ - ڍِڪُ. وهٽ (ڍڳي يا آڻ) جي رنگ جو هڪ قسم. ڍائيءَ ٻڪيءَ جو هڪ قسم. صفت. خراب - ميرو - گدلو.

- ڏَونرائڻُ: مصدر. ڏواري وانگر ڏسڻ ۾ اچڻ. اڇي رنگ جو ڏسڻ ۾ اچڻ.

- ڏَونرائي ۽ ڏَونرائيون: ث. اڇاڻ - سفيدي - جهرڪاڻ - چلڪاڻ.

- ڏَونرسارُ ۽ ڏَونرسارَ: ذ. صفت. اڇي ۽ ميري رنگ تي ڪپڙي جو هڪ قسم - زناني چُني - گندي - بکيڙو.

- ڏَونرسارَ چُنّيُ (ل): ث. زناني گنديءَ جو هڪ قسم - بکيڙو - بکُ (اها گندي جنهن کي چار گل ڪُنڊن تي ۽ هڪ گل وچ تي هجي ۽ تر کهڙي به رنگ جو هجي).

Gul Hayat Institute

- ڏَوَلرَسَرُ ۽ ڏَوَلرَسَرَ: ذ. صفت. اڇو ۽ ڪجھ سيرانجھڙي رنگ تي. اڇي ڳاڙهي رنگ وارو.
- ڏَوَنَرسِرو ۽ ڏَوَنَرسِرا: ذ. صفت. جنهن جي مٿي جا وار ڪَڪا يا سيرانجھڙي رنگ تي هجن. ڀُورن وارن وارو ۽ ڀور رنگين.
- ڏَوَنرو آڇو ۽ ڏَوَنَرا آڇا: ذ. صفت. وهٽ جي رنگ جو هڪ قسم - سفيد - اڇو.

● ڏَوارِيُ ۽ ڏَوارِيُون: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم. ٿليءَ جي بيماري - ڪاڻي - يرقان - ڪامڻ - ساوڪ - هيانچي جي بيماري. صفت. اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ واري.

● ڏَوَلس ۽ ڏَوَلسُون: ث. [سن. دَلش] دَهشَتانُ - دهشت - دباءُ - ڌڙڪو - تابُ - خوف - ڪاوڙ - غصو - تاءُ - ڇيڙ - هَڪَل هورَ - طَبَلُ - هَلُ - هنگامو - شورُ - غوغاءُ. رَوَش - هلت چلت - چال - ڍنگ ڍارُ - ٻَاڪَ. ڪاهَ - هلان - جَلهه - حملو ٽپي - مَڪَرُ.

● ڏَوَنڪَ: اسم خاص. هڪ لڏين جو نالو.

● ڏَوَنڪانِيُ: اسم خاص. تعلقي جوهس آباد ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● ڏَونڪَڻُ: مصدر. [سن. ڏور = دوڙڻ] آهستي آهستي ٻَرڻ. هري هري جلڻ. دُکڻ - ٻرڻ - سَڙَڻُ - ڪامڻ - ٻَچَڻُ. ٿورو ٿورو ڏلو ڪرڻ - ڏونڪڻ - ٽيڪڻ - جهرمرائڻ.
- ڏَوَلڪَ ۽ ڏَوَلڪُون: ث. ٻَچَرَ - چَلَ - ڪامَ - ٻَچُ - ساڙُ. ٽيڪو - چِڪو.
- ڏَوَلڪائِڻُ: مصدر. ٻارڻ - دُکائڻ - ٻچرائڻ - چلائڻ - ٻچائڻ.
- ڏَوَنڪ لائِڻُ (ت): ڪهنو چوڻ - کهڙي کهڙي چوڻ - ٽپائي ڏيڻ.

● ڏُونڪارَڻُ (ل): مصدر. تيار ڪرڻ.

● ڏُونشُونُ: ذ. نرتو - ڪُونو - ٻَنڌَ - ٻاتَ - ٻهڪُ - ٻِڪَ - مَتو - مت (فقيرن جو).

● ڏوڻ ۽ ڏوئيُون (ت): ث. [سن. ڏُولي = آواز] ٽالڪ يا ٻلا جو سُوساٽ - ڦُوڪ - شُوڪَ - شُوڪو.

● ڏَوَڻِ ۽ ڏَوِڻيُون: ث. [سن ڏولي = آواز] لوهارڪي اوزار جو هڪ قسم. باھ کي هوا ڏيڻ جو اوزار. ڌَمڻ - ڌَاُوڻ - ڦُوڪڻي - ڪلڙي - ڪَلَ.

● ڏَوِڻِيُ ۽ ڏَوِڻيُون: ث. [سن. ڏَولي = آواز] آواز - ڪوڙ - پڙلاءُ - پڙاڏو - ڳالهائڻ جو ڍَنگَ - سُرُ. دهل جو آواز. ڦوڪ - شُوڪ - شُوڪو (ٻلا وغيره جو). هوا ڀرڻ ۽ ڏالدن کي ڌُڪائڻ جو آواز - ڌَمڻِ - ڏَوَڻِ - ڦُوڪڻي - ڪلڙي - ڪَلَ (ل).

● ڏَوَڻُ: مصدر. [سن. ڏَوُن = آواز] ساڳي ڳالھ ورور چوڻ. ڪنهن ڪم جي ٻنيان ڏوَڙو رهڻ - مٿو هڻڻ - ڪنهن جي ٻنيان لاهي ٻاهي ٻوڻ - رُون رُون ڪرڻ.

● ڏُوَڻُ: مصدر. ڌوئڻ (ڪپڙا وغيره) - صاف ڪرڻ - زور سان لوڏڻ - ڌُوڻو ڏيڻ (وڻ وغيره کي).

● ڏُوڻِڻُ: مصدر. [سن. ڌُو = ڌُوڏڻ] لوڏڻ - ڏڏڪائڻ - ڏولڏارڻ - ڌوڏڻ - ڌانڌولڻ - چاچولڻ - ڏڏڪائڻ. ڏَڪائڻ - لڙڪائڻ - ڦڙڪائڻ. جهوٻڻ - ڇيبي ڏيڻ. [سن. ڌُوت] چولڻ - انتخاب ڪرڻ - چونڊي ڪڍڻ - پسند ڪرڻ.
- ڏُوڻَ: ث. زورائتو لوڏو. ڌوڏو - ڌانڌول - هلڪو ڌُوڻو - جهوٻو - ڇيبي. ڏ ڪڻي - لڙڪڻي - چاچولَ. چونڊ - پسند - مرضي - انتخاب - سُڪهاري.
- ڏُوڻِجَڻُ: مصدر. لوڏجڻ - ڌوڏجڻ.
- ڏُوڻَ ڪَرَڻُ: لوڏَ ڪرڻ - ڏڏڪائڻُ - ڏونڌاڙَڻ. پسند ڪرڻ - چُونڊ ڪرڻ - مرضي مطابق ڪڍڻ.
- ڏُوڻُو ۽ ڏُوڻا: ذ. زور سان لوڏو - جهوٻو - ڌوڏو. ذ. صفت. لوڏو ڏيندڙ - لوڏيندڙ (ڪنهن وڻ کي). ڌُوئيندڙ - ڳوليندڙ - پسند ڪندڙ - چوليندڙ - چُونڊ ڪندڙ.
- ڏُوڻُو ڏِيَڻُ: لوڏو ڏيڻ - ڌوڏو ڏيڻ.

● ڏُوڻِيُ ۽ ڏُوڻِيُون: ث. هري هري دُکندڙ باھ - دُونهين. فقيرن جو مچ - ڪنهن طعام کي ڏنل داغ - داڳُ (ل).

Gul Hayat Institute

● ڏُوهو: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُونِيڪ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڌوئڻ: مصدر. [سن. ڏاو=ڌوئڻ] ڌوئي صاف ڪرڻ - پاڻيءَ ۾ آگهارڻ - سيرُ ڪيڻ (ڪپڙن جو).

- ڏوئِجَڻُ: مصدر. ڌوپجڻ - ڌوپڻ واري حالت ۾ ٿيڻ.

● ڌُئارَڻُ: مصدر. [سن. ڌاوَن] "ڌوئڻ" جو متعدي بالواسطه. ڌوئڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ - صفا ڪرائڻ - اڇو ڪرائڻ - اُجرو ڪرائڻ - اُجلو ڪرائڻ.

- ڌُئارائي ۽ ڌُئارائيُون: ث. ڪپڙن ڌوئڻ جي مزوري - ڌوپ ڪرائڻ جو اُجورو.

- ڌُئارَٽي ۽ ڌُئارَٽيُون: ث. ڪپڙن ڌوئڻ جي مزوري.

- ڌُئائي ۽ ڌُئائيُون: ث. [سن. ڌاوَن] ڌُئارَٽي - ڪپڙن ڌوئڻ جي اُجرت.

● ڌُنپ ۽ ڌُنپُون: ث. ڪپڙن ڌوئڻ جي حالت - ڌُئارٽي - ڌوئڻي.

● ڌُئِجَڻُ: مصدر. ڌوپڻ.

● ڌِئَر ۽ ڌِئَرُون: ث. [سن. ڌُهِتَر=ڌيءَ] ڌيءَ - ايائي - ڇوڪري.

- ڌِئاٽُو ۽ ڌِئاٽا: ذ. صفت. ڌيءَ جهڙو. ڌِيئَن جو.

● ڌَنَن ڌَنَن: ذ. [سن. ڌَوَن=آواز] ڌَانڌَن يا ٻاهه ٻارڻ جو آواز.

● ڌَئِڻُ: مصدر. [سن. ڌَمَڻ=ڌَوَڻ] ٻاهه کي ڦوڪڻيءَ سان هوا ڏيڻ. ڦُوڪڻ جيئن

"ڌَڳايو مَ ڌَئِين، ڇيرو اندر جند ڙي"
(شاهه).

● ڌُئِڻُ: مصدر. [سن. ڌاوَن=وهنجڻ] پاڻيءَ سان صاف ڪرڻ - پاڪ ڪرڻ - اڇو ڪرڻ - مير ڪيڻ (ڪپڙي جي). وهنجڻ - سنان ڪرڻ - اشنان ڪرڻ. [سن. ڌُوَنَ] لوڏڻ - ڇنڊ ڪو ڏيئي مير يا ميل ڪيڻ - صاف ڪرڻ.

- ڌُنٽيِي ۽ ڌُنٽيُون: ث. ڌوئڻ واري حالت - ڌُنپُ - ڌوپ - ڌُئارٽيِي.

● ڌَنُورُو ۽ ڌَنُورا: ذ. جهاڙل ڪير - پٽو ڌَڌُ - ڏهي. وهٽ جي رنگ جو هڪ قسم. صفت. اڇو - سفيد (ڪ).

● ڌَليُوَتُ: ذ. ساز جي ستن سُرن مان ڇهون سُرُ.

● ڌِيانُ ۽ ڌيانَ: ذ. [سن. ڌيان=خيال] خيال - ويچار - سوچ - غور - تصوّر - ارادو - ڌُن - تَوَجُهه - ساڃاءَ وانيي - خوض. قياس - سمجهه - راءِ - رٽ - انڪل - تڪ. آتستو - ڳڻت - ڪنع. چاڻ - پروڙ - پوڙ - خبر - ڪل. ڳڻتي - فڪر - انديشو. تاڙ - تاڪ - سنڀال - لظرداري. طرفداري - عبادت - بندگي - پوڄا. مراقبو - لنئُون - سَحُو يِٽ.

- ڌِيانُ آچَڻُ: ياد اچڻ - ياد پوڻ. خيال اچڻ.

- ڌِيانَ تي چڙهڻُ: ذهن تي اچڻ - ياد پوڻ - ڪنهن ڳالهه جو خيال ۾ اچڻ.

- ڌِيانُ چڙهڻُ: ياد اچڻ. خيال ۾ اچڻ.

- ڌِيانُ ڏِيڻُ: تَوَجُهه ڏيڻ - خيال ڏيڻ - ڪو ڪم دلچسپيءَ سان ڪرڻ.

- ڌَيانُ رَهَڻُ: خيال رهڻ - تَوَجُهه رهڻ. يادگيري هجڻ.

- ڌِيانَ سانُ: ظرف. تَوَجُهه سان - خيال سان - سنڀال سان - يادگيريءَ سان - هوشياريءَ سان.

- ڌِيانُ ڪَرَڻُ: تَوَجُهه ڪرڻ - خيال ڪرڻ. سوچڻ. فڪر ڪرڻ - سمجهڻ. هوشياري ڪرڻ - سُرت ڪرڻ. سنڀال ڪرڻ.

- ڌِيانُ لَڳَڻُ: خيال ٿيڻ - تَوَجُهه ٿيڻ.

- ڌِيانَ ۾ آچَڻُ: خيال ۾ اچڻ - ذهن ۾ اچڻ.

- ڌِيانَ ۾ نَه آڻَڻُ: خيال ۾ ئي نه آڻڻ - تَوَجُهه ئي نه ڪرڻ - پرواهه ئي نه ڪرڻ.

- ڌِيانَ وارو ۽ ڌِيانَ وارا: ذ. صفت. ڌيان ڏيندڙ - خيال ڏيندڙ. ويچاروان - ساڃاوان - ويچارسيئُن - دورانديش - سوچيندڙ. هڪ ڌيالو - ايڪ سنو - هڪ منُو - هڪ چيتو - سُجهپ - مُتَوَجُهه - ساڃهه وارو.

Gul Hayat Institute

- ڌِياني ۽ ڌِهاني: ذ. صفت. ڌيان وارو - ويچاروان خيالي - مُفڪّر. نمازي - ڀڳت - ديندار - عارف عابد.

● ڌِياڻِي ۽ ڌِياڻِيُون: ث. "ڌڻي" جو مؤنث. مالڪياڻي - وارثياڻي - ڌڻياڻي - مالڪڻ.

● ڌِياءُ ۽ ڌِياءَ: ذ. [سن] باب - فصل - آڌياءُ - اسڪند - پرسنگ - پارت - ڀاڱو - ڀاڱ - حصو.

● ڌِيائِڻُ: مصدر. [سن. ڌيان] ڌيان ڏيڻ - خيال ڪرڻ - ويچارڻ - سوچڻ. وِهَڻُ - تور تڪڻ - رٿڻ - ارادو ڪرڻ. ڌيان ڪرڻ.

● ڌِيجَ ۽ ڌِيجُون: ث. آسرو - آڌار - آٿت - ڀروسو.

● ڌِيچاهو ۽ ڌِيچاها (ت): ذ. نقصان - لوٽ - سزا. ڏوڪو - ڪوڙو دلاسو.

- ڌِيچاهو ڏِيَڻُ: نقصان وجهڻ - سزا ڪارائڻ. ڏوڪو ڏيڻ - ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

● ڌِيچو ۽ ڌِيچا: ذ. تسلي - ڀروسو - پرجهلائي - ٽيڪ - دلداري - دلاسو - هيڻياري - آٿت - خاطرجمعي - ڌَڍ. سُک. اسودگي - آسائش.

● ڌِيرَ ۽ ڌِيرُون: ث. [جمع ڌِيرَه. سن. ڌيئرْيَم] ڌيرج - ماٺ - صبر - استقلال - ٿانهر - نهر. همٿ - جرأت - دليري. ڀروسو - دلداري - دلاسو - تسلي - آڌار - ڌَڍ - ٽيڪ - پرجهلائي - فرحت - آرام (ت).

- ڌِيرائِيتو ۽ ڌِيرائِيتا: ذ. صفت. ڌيرج وارو - تحمل وارو - صبر وارو - برد بار.

● ڌِيرُ ۽ ڌِيرَ: ذ. صفت. [سن. ڌير = سيائو] ڌيرج وارو - صبر وارو ٿانهر وارو - متحمل - صابر - اٽل. مضبوط - ڏاڍو - پختو. بهادر - پهلوان - همٿ وارو - جرأت وارو - دلير. سيائو - ڏاهو.

● ڌِيرائِڻُ (ل): مصدر. هضم ٿيڻ - ڦبي وڃڻ.

● ڌِيرَج: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾).

● ڌِيرَجُ ۽ ڌِيرَجَ - ڌِيرَجُون: ذ. ث. [سن. ڌيرْيَه = صبر] صبر - تحمل - سانت - ڪالهه. ماٺائي - خاموشي - ماٺار - اوائي. جرأت - دليري - همٿ - دل جي پختگي. سورت - ڪميا - لياز - لهائي. پڪو ارادو - قصد - اُهراءُ - اَرَنُ رَٿُ. پختائي - ثابت قدمي - پڪائي - دلاسو - دلداري - تسلي. فرحت - آرام.

- ڌِيرَجُ ڌارَڻُ: صبر ڪرڻ - ماٺ ڪرڻ.

- ڌِيرَجوانُ ۽ ڌِيرَجوانَ: ذ. صفت. ڌيرج وارو - سانتيڪو - ماٺيڙو. صبر وارو - تحمل وارو - پڪي ارادي وارو - برد بار - گنڀير - هيڪ منيو - ڪاهوڙو - اٽل - برقرار - ڪَٽُ ڪوڙ - ثابت قدم.

● ڌِيرَڪُ ۽ ڌِيرَڪَ: ذ. صفت. [سن. ڌيرڪهو = ڏکو] ڏکو - وڏو.

● ڌِيرو: اسم خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڌِيرو ۽ ڌِيرا: ذ. صفت. آهستگي وارو - آهستي هلندڙ - ڍرو - ڍِلو - ڍَبرو - سُست - ڪاهل - آلسي (آرسي) ديرينو - تونئي. ظرف. هوريان - هَري - آهستي.

- ڌِيرِي: ظرف. آهستي - هوريان - هري - ماٺ سان - هَرين - ڌِيمي.

- ڌِيرِي ڌِيرِي: ظرف. آهسته آهسته - هوريان هوريان - ڌيمي ڌيمي - هَري هَري.

- ڌِيرِي ڌِيرِي ڌَنئُنرو چَمَڻُ: آهسته آهسته ڪم ٿيڻ - درجي بدرجي ترقي ٿيڻ.

● ڌِيرِي ۽ ڌِيرِيُون: ث. ولوڙارو - ڀيرو.

● ڌِيڙُ ۽ ڌِيڙَ (ل): وڏو - مکيه.

● ڌِيڪِتِي مِيڪِتِي: ڦ. اولاد - ٻار ٻچا.

● ڌِيمو ۽ ڌِيما: ظرف. [سن. ڌيمون، منديم = هَرِين] هرين - آهستي - ڌيري - ڍرو - ڍلو. سست. ٿڌي سڀاءَ وارو. سستُ.

- ڌِيمو ڪَرَڻُ: آهستي ڪرڻ - ڌيري ڪرڻ.

- ڌِيمي ڌِيمي: ظرف. ڌيري ڌيري - هَرين هَرين - آهستي آهستي. ورلي - اڻ لڀ - ايڪڙ ٻيڪڙ (ت).

● ڌِيَنَ: ث. يادگيري - ڌيان.

— ڏينگاڻو: اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏينگالو ع ڏينگالا (ڪ): ذ. جهيڙو- مقابلو- دنگو- زورآزمائي.

● ڏينڻ ع ڏينڻون: ث. [سن. ڏينڻ = ڳنون] ڏکي- ڳنون- ڪانءُ. سُوليا مينهن يا ڳنون. ڪيرُ (ل).

— ڏينو ع ڏينا: ذ. صفت. ڪير ڏينهڙ ٻوڙ- ڏڏي ڏاني- مهيڙالڪ مال- ولوڙو. ڦ. جهجهو ڪيرُ.

● ڏينوڙ (ت): ث. آڏوڙ- اڏوڙي.

● ڏيءَ ع ڏينئون: ث. [پرا. ڏينيا، سن. دُهتا > دُهتر = ڌيءَ، دُهتر ڏُهڻ. اڳي ڌيئن تي ڪير ڏهڻ جو ڪم هوندو هو] مؤنث. اولاد- ٻالڪي- ڇوڪري- دُختر.

— ڏينٽاڻو ع ڏينٽاڻا: ذ. صفت. ڌيءَ جو- ڌيءَ جي پاسي وارو. ڇوڪرين جهڙو.

— ڏينٽڙي ع ڏينٽڙيون: ث. ”ڌيءَ“ جو اسم تصغير. ڇوڪري- ٻارڙي- ننڍڙي ٻالڪي.

— ڏيءُ جهڙو پٽ: ذ. ٻالڪيءَ جهڙو پٽ- غريب پٽ- لچارو پٽ- اشراف پٽ- شريف ڇوڪرو.

— ڏينٽو ع ڏينٽا: ذ. صفت. ڌيءَ وارو- جنهن کي ڌيءَ هجي- ڌيءَ جو پيءُ.

ڏ

● ڏ: ذ. سنڌي الف ب جو ايڪيهون اکر. ابجد موجب عدد ”٤“ (اچار ڏال).

● ڏاب ع ڏابون (ڪچ- ل): ث. ڌوتيءَ پلاند جو هڪ لوڙو. ڪُلهن تي ڪڙي وجهڻ جو هڪ لوڙو. لونگيءَ پلاند جو هڪ لوڙو (جنهن ۾ لونگيءَ کي ڪاهن ٿا ورائي، هٿ جهلهه تي ڪنڍ ڏيئي ٻڌي ڇڏجي). جهولي پوشاڪ ۾ ڪالر جي مٿان هڪ ڀردي، آڙ يا اڏ طور ٻڌل اڏ ڪوڏ. ڪوڏ لاڪ- منجهلو- پوتڙو- ڌوتي. لاک (ل). جيئن

”آءِ سهٽي سترسان سٿڻ، مٿي چادر جي ڏاب“ (ڪل).

جنهنب (ل). وهندڙ پاڻيءَ کي آنڪ- ڇاب (ل) جيئن ”پاڻيءَ ڪي هتي ڏاب آيل آهي.“ سنڌي لوار. جهڪي- ٻنج- ٻنڪ (ل). گهوڙي جي سنبن جو آواز (ل).

— ڏاب جي هوڻ: وهندڙ پاڻيءَ جو ڪنهن آڏيءَ ٻوهڻ. ڇاب اچڻ.

— ڏاب هڻڻ: جهڪي هڻڻ- ٺڪ ڪرڻ. ٺڪاءُ هڻڻ.

● ڏاهر ع ڏاهر (ل): ذ. ارڙن جو هڪ قسم. ٽامي يا جست جو هڪ سان گول ٻرتن- ڏاهورو- سُولڪو- دَهلو. نڪر جو ٽڪرو. ڪاهو- ڏاٿو- ڏهرو- ڏاوڙ (ت). واهه جي پاڻي سُڪي وڃڻ جي حالت

● ڏاهڙ ع ڏاهڙ (ل): ذ. صفت. ڪاهي يا ڏاٿي هٿ سان ڪم ڪندڙ- ڏاوڙ- ڪاهڙو- ڪاهڙو (ت). ڪاهو هٿ- ڏاٿو هٿ. وڏو ٻڪو (ت). [مرهٽي. ڏاهرا= ڪاهڙ].

ــ ڏاڍَڙ ڪتو: وڏي ڦه وارو ۽ وڏي سَنهن وارو ڪتو.

ــ ڏاڍَڙ ِبو ع ڏاڍڙِ يا؛ ظرف. ڏاڍي هٺ وارو- ياسرو.

● ڏاڍِلي ع ڏاڍِليون: ث ڪاٺ جي ٿلهي لنهڙي ڪول يا چوڪنڊي پيٽي- ناس وجهڻ جو رچ (برتن). دَٻلي- دَٻي- مولڪي (ل). پٽوڻي جو هڪ قسم (همشه سانو رهي، ارمات جي موسم ۾ ٻلا ڪل ۽ ڦرَ ڪول دٻلي والڪر ٿيئي، تنهن ڪري لنالو "ڏاٻلي ول" ان ڪهوني ڦٽن ڦرڙين تي رکجن). (ٿ).

● ڏَٻڻ (ت): مصدر. چيڪنب ڪرڻ- چهڻ. هيسائڻ- رعب جمائڻ.

● ڏاٻو ع ڏاٻا: ذ. صفت. ٿيرڙو- تر پڏو (جنهن جون اکيون ٿورو ڦريل هجن). ڏائو- ڪاٻو- ڪپو (ٿ).

● ڏاٻورو ع ڏاٻورا (ل. ٿ): ذ. برتن جو هڪ قسم- ٽامي يا جست جو ٺهيل ۽ ڪٽ سان ڪول برتن- داٻلو- ڏاٻرُ- سُولکو.

● ڏاتِ ع ڏاتيون، ڏاتيون: ث. [سن. دَات > دا = ڏيڻ] ڪابه ڏنل شئي- بخشش- خيرات- دان- سخا- ڏانُ- خدائي بخشش- خدائي عنايت- الاهي ڏاجُ- قدرت جي طرفان مليل غير معمولي طاقت جهڙي ت.

"اللّهُ پسون، لطيف چئي، ڪنهن ڏاتر ڏاتِ"
(شاهہ)

ڪشاده دلي- آدارتا- سخاوت- فرخ- انعام- عطيو- سوغات- تحفو- امداد- نذرانو. هندن جو لڏيءِ پوڄا وقت ڀانيءَ سان ٻڻ لاءِ ورهايل چرُ ون- لپ- مُرڪي- مُڪ- چرُون.

ــ ڏاتو ع ڏاتو: ذ. صفت. ڏينهڙ- ڏيڻ وارو. سخي- درياه دل- سخاوت ڪندڙ. هٿ ڦاڙ. ڏاتار- ڏاتر.

ــ ڏاتِ ونڻ: ڌرمي ڪريا ڪرم ۾ ڀانيءَ جو ڏڪ ڀڃڻ- آچمن وٺڻ.

ــ ڏاتِ وِجهڻ (ت): ٻارڻ کي دوا پيارڻ.

ــ ڏاتِي: ذ. صفت. ڏاتو.

● ڏاتا ع ڏاتا: ذ. صفت [سن. دَاتا = ڏيندڙ] ڏاتار- ڏاتر- داتا.

● ڏاتار، ڏاتار: ذ. صفت. [سن. داتر = ڏيندڙ]. ڏيڻ وارو، انعام ڏيندڙ- بخشش ڏيندڙ- رزق ڏيندڙ- داتا- ڏاتا- ڏاتر، وڏيءَ دل وارو- درياه دل- سخي- آدار چت- دالي. ٻختاور- خوش نصيب، "جنهن جي لالي لپا ڪي، تنهن جو ڏهنو ڪيئن ڏاتارلئي" خريه ڪندڙ- ڳراهڪ. خدا جو هڪ صفاتي نالو. جهولا ڳڙه ۾ جبل جي هڪ واديءَ جو نالو.

ــ ڏاتارِي ع ڏاتاريون: ث. سخاوت- آدارتا- فراخ دلي- درياه دلي- مروت- فرخ.

● ڏاتَر ع ڏاتَر: ذ. صفت [سن. داتر > دا = ڏيڻ] داتا- ڏاتا- ڏاتار.

● ڏاتِرو ع ڏاتِرا (ٿ): ذ. [سن. دَاتْرا] ڪاهه لڻڻ يا لاباري ڪرڻ جو هڪ اوزار- ڏاٽو.

● ڏاتو جمالي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاتِ ع ڏاتيون: ث. [سن. دَاتْرَ] ڪاهه لڻڻ يا لاباري ڪرڻ جو هڪ اوزار- ڏاٽو- ڏاٽو.

● ڏاتِرو: ذ. ڪاهه جو هڪ قسم.

● ڏاتِڙي (ت): ث. ڪاهه جو هڪ قسم.

● ڏَاٽو ع ڏاٽا: ذ. [سن. دَاتْرَ. پرا. دتّ] ڪاهه لڻڻ جو هڪ اوزار- ڏات- ڏاترو- ڏاٽو.

ــ ڏاٽو ڏَکهائڻ: ذ. ڏاٽي کي تکو ڪرڻ- ڏاٽي جا ڏَندا تيکا ڪرائڻ.

ــ ڏاٽو وِجهڻ: رَهَ وِجهڻ- سخت ڳالهائڻ. سڌو ڪرڻ- باڙوڻ ٿيڻ- هاتمو ڪرڻ.

ــ ڏاٽي ع ڏاٽيون: ڏاٽي جو مؤنث. ننڍڙو ڏاٽو.

ــ ڏَاٽي ڏِيڻ (ڪ): دَباڻڻ- ڪَهُرو ڳالهائڻ- تڙي ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏاتَ ۽ ڏاتُونْ: ث [سن. دَنشٽرا=ڏاتَ. دَنتُ=چڪ وِجهڻ]. ڏند جو هڪ قسم - وڏو ڏلهو ڏند - ڄاڙين ۾ سي وارو ڏاڙه - ڏوڙو ڏاڙه - ٻيٺو ڏند - ڪاڌو ڀڃندڙ ڏند - ڏاڙه - هوڙ - هنوڙ - ليش - سُنگهو. ڄاڙي.

- ڏاتَ چورَنُ: رشوت کائڻ شروع ڪرڻ - ناجائز فائدو وٺڻ شروع ڪرڻ.

- ڏاتَ ڏِيَڻُ: زبان درازي ڪرڻ - وڙهڻ - جهيڙو ڪرڻ - چَپُ ٿيڻ - گستاخُ ٿيڻ - چَباڙ ڻ - هيرڻُ.

- ڏاتَ ٿيِي نه ڏيڻ: ٻنا ڄاڙن جي کٻهي چڏڻ - هڙپ ڪرڻ - هضم ڪري وڃڻ - ڦٻائي وڃڻ - کائي وڃڻ.

- ڏاتِرُ ۽ ڏاتِرَ: ذ. صفت. ڏاتن وارو - وڏن ڏندن وارو - ڏاتيل - سُنگهارو - سُنگهرُ. ٻوڙهو. جهيڙاڪ - چڪُ پائيندڙ.

- ڏاتَ رسُ: ذ. صفت. مٺين شين جو شوقينُ.

- ڏاتَ ڦوڙُ ۽ ڏاتَ ڦوڙَ (ت): ذ. صفت. شڪارين جي اصطلاح ۾ هڪ سال جي عمر وارو سوئر.

- ڏاتَ گرم ڪَرَڻُ: رشوت کائڻ - رشوت کائڻ تي هيرڻُ.

- ڏاتُون ڏِيڻُ: سخت ڳالهائڻ - چيتو ڳالهائڻ - کائڻَ کي اچڻ - ٻشون ڏيڻ.

- ڏاتَ هيرَڻُ: ڪنهن سواد سان چاهه ٿيڻ - هري ٿيڻ - منائجي ٿيڻ - سوادُ اچڻ - چشڪو اچڻ - عادت پئجي وڃڻ - هيرَ پئجي وڃڻ.

● ڏاتو ۽ ڏاتا: ذ. [سن. تنتو=ڏکيو ريشو] تماڪ جي پنَ جي وچواري سُڪل ڏانڊي - گاهه يا ڪاني جو سخت چوٻو - ڪمند جي ڪُڙِيءَ وارو سخت ٽڪر. ڪانو - ڪنو - ڪاني - ڏانڊو - تندورو. گاهه جو هڪ قسم.

● ڏاتيَلُ ۽ ڏاتيَلَ: ذ. صفت. [سن. دَنشٽرا= ڏات]. ڏاترُ. نالي وارو - نالي چڙهيو - ناميو - نام ڪڍيو - نامي گرامي.

● ڏاپَ ۽ ڏاپُونُ: ث. چادر جا پَلوَ پلڻ يا ڳنڍ ڏيڻ جي حالت. (ل. ق).

● ڏاپڻ: مصدر. چادر جا پَلوَ ٻڌڻ.

● ڏاجُ ۽ ڏاج: ذ. [سن. دايَہ، دا=ڏيڻ] عورت کي شادي وقت مائٽن کان ڏنل سامان - ڏاجو - ڏيجُ - ڏيپُ. ورثو - حصو - ڀاڱو - قسمت - نصيب. ڪنهن جو لڄُ يا ذاتي ڪمالُ - خوبي - ڪاپئو. مَهرُ - نڪاح جي موقعي تي مليل شيون (ڪپڙا - ڳهڻا - گهر جو سامان - جائداد وغيره).

- ڏاجُ ڏِيَڻُ: نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ سامان ڏيڻ.

- ڏاجَ ۾ ملڻُ: ڏاج طور ملڻ - ورثي طور ملڻ - پنهنجي ذاتي يا اصلي شيءِ هئڻ.

- ڏاجو ۽ ڏاجا: ذ. ڪنوار کي گهوٽ توڙي ڪنوار پنهنجي طرفان مليل سامان - ڏاجُ - ڏيپُ - ڪاپئو - مَهرُ.

- ڏاجيلو ۽ ڏاجيلا: ذ. صفت. ڏاج ۾ مليل ڪا شيءِ - حصي ۾ ڏنل - ورثي ۾ آيل - شاديءَ ۾ ڏنل - ڪاپئو - ڏاجُ.

● ڏاجهَ ۽ ڏاجهون: ث. [سن. ده=ساڙڻ] ساڙُ - جلُ - ٻَچُ - ڪارَ - ٻچر. حسد - ڇاوت - ٻيائي - بدخواهي - بُغضُ - ڪينو. وِيرُ - دشمني - ايرکا - عَڪسُ - خصومتَ - رنجُ - ڏکُ - ڏنجهُ - تڪليف - اهنج - ايذا - مصيبت - ويلو - پانڌُ - ڏاڍَ. لوڀ لالچ - طمع - هٻچ - حرص - موهُ - هانءُ هانئو. ڏاجهو.

- ڏاجهو ۽ ڏاجها: ذ. ڏاجهَ.

● ڏاجهوڙو ۽ ڏاجهوڙا (ت): ذ. ٻهرين دفعي حمل - ٻهريون پيٽُ.

● ڏاچيري: اسم خاص. تعلقي مورو ٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاچلاَ (ت): ذ. (جمع ۾ ڪم ايندڙ) سُڪلَ ڇيڙ - ڳتيرا - ڪنچيون.

● ڏاچو ۽ ڏاچا (ت): ذ. آٺُ. صفت. قداور - ڏکو. بهادرُ. وڏي آواز سان ڳالهائڻ (ڪ).

● ڏاچيُ ۽ ڏاچيُون: ث. آٺَ جي مادي - آٺِ - آٺڻِ - آنٺيُ. توڏِيُ.

- ڏاچيءَ جي ڏيکارَ ڏِيَڻُ (ت): ڪڻڪ جي فصل جو پَڇِي ڳاڙهو رنگ ڏيکارڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏاڏِ ۽ ڏاڏِيُون: ث. [سن. دَهُ=ساڙڻ] ساڙُ - جَلُ - ڪارَ - ٻَچِرَ. ڇيڙيءَ جي هڪ بيماري - ڏَڍِ. منهن تي ڪارا داغَ - داغَ - ڏَبَ - داب داب - چانءِ.

● ڏاڏاهُہ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاڏَرِ ۽ ڏاڏَرُونَ: ث. دَڙڪو - تابُ - رُعبُ - سڪو دَڙ ڪو - گِدڙ ڀبڪي.

- ڏَاڏَرِ ڪَرَڻُ: ٺلهو دَڙڪو ڏيڻ - تاب ڪرڻ - هاها ڪرڻ - هيٺ مٿي ڪرڻ - گِدڙَ ڀَبڪي ڏيڻ.

- ڏاڏو ۽ ڏاڏا: ذ. [سن. تَاتِ=پالينڌڙ] پيءُ جو پيءُ - پيءُ جو چاچو. شيدِيَنِ جو هڪ رسمي خطابُ.

- ڏاڏاڻا: ذ. پيءُ جا مائِٽَ - ڏاڏِي جا مائٽَ - ڏاڏي جي آڪهِ - ڏاڏِي جا رشتہ دار.

- ڏاڏاڻڪو ۽ ڏاڏاڻِڪا: ذ. صفت. ڏاڏاڻو - ڏاڏِي سان واسطو رکندڙ.

- ڏاڏاڻڪِي: ث. ڏاڏي واري صفت - وڏن واري پِرَ - ابي ڏاڏي جا گڻ.

- ڏاڏاڻو ۽ ڏاڏاڻا: ذ. صفت. ڏاڏي جو - ڏاڏِي جي رشتي وارو - اباڻو - ڏاڏي جي آکهه جو - ڏاڏاڻڪو.

- ڏاڏَنگُ ۽ ڏاڏَنگَ: ذ. ڏاڏاڻي آڪهه - ڏاڏي سان تعلّق رکندڙ مائِٽُ. پيڙهي - بنياد. اصل نسل.

- ڏاڏِي پوٽو ۽ ڏاڏِي پوٽا: ذ. پيءُ يا ڏاڏِي جي عزيزن مان ڪو رشتہ دارُ - برادريءَ وارو - ٺُڪائي - ٺڪِرِيو.

● ڏاڏو: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاڏوڪيِ*: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَاڍُ ۽ ڏَاڍَ: ڏاڍُون: ذ. ث. [سن. دَرُڍِ= ڏاڍو] زور - ڏاڍائي - سختي - جَبرُ. زورآوري - سَبرائي - زبردستي - دَهِڙَ دُونسَ - بي داد - زوري - جورُ - جَفا - ظُلمُ - انڌِيرُ. بند - قيدُ. جيئن:

”ڏمر ڏک ڏاڍَ تنهنجا وجي ڳلين ۾ ڳائيندس“

(ظرف) گهڻو - ڏاڍو - زياده - مضبوط.

- ڏاڍَ مُڙسِي ۽ ڏاڍَ مُڙسِيُون: ث. زبردستي - سينہ زوري - زورآوري - ڏاڍائي - ظلم.

● ڏاڍو ۽ ڏاڍا: صفت. ظرف. [سن. دَرُڍَ= ڏاڍو] زور وارو - زور - مضبوط - قابو. پختو - سوگهو - پڪو - قائم - اڇل - برقرار - مَتڪَم - سخت - سگهارو. سوٽ - ٽاٽ - سوڪُ - چِڪِيَل. مُشڪل - ڪَٺَنَ - اؤکو - اهنجو. ڪَرڙو - ڪَنورُ - جَبرُو - جابر - ظالم. (ظرف) تيز - تکو. بي انداز. تمام گهڻو - بيحد - بلڪل.

- ڏاڍاڻِ ۽ ڏاڍاڻُون: ث. زور - سختي - مضبوطي.

- ڏاڍائِڻُ: مصدر. ڏاڍو ڪرڻ - سخت ڪرڻ - پڪو ڪرڻ - ٻِڍت ڪرڻ - لوهُ ڪرڻ - چمائي چڏڻ. جَبَر ڪرڻ - ڏاڍ ڪرڻ.

- ڏاڍائِي ۽ ڏاڍائِيُون: ث. زوري - سختي - مضبوطائي - ڏاڍُ. زبردستي - ڏاڍَ مُڙسي - ظلم - انڌيرُ - ڪنورپائي - راج هٺُ - آنڌو ڌُنڌُ - ڌوڌُ - بيداد - فرعونيت - بغداد - هيلائي - ڏلگائي.

- ڏاڍِيان: ظرف. مضبوطيءَ سان - سختيءَ سان - ڏاڍائي سان - زور سان - زبردستي - زوري. جبراً - زورائتو - قهراً - وڏي آواز سان - وڏي واڪي.

- ڏاڍِي جُٽ ٿيڻُ: وڏو وَيل ٿي وڃڻ - وڏي تعدي ٿيڻ - ڪم خراب ٿيڻ - مطلب پورو نہ ٿيڻ. ڪم جو دل وٽان نہ ٿيڻ. پريشاني حاصل ٿيڻ.

- ڏاڍِي جي هَلَڻُ: زور واري ماڻهوءَ جي مَڃتا ٿيڻ.

- ڏادي مُڙس کي مٿو ڏِيَڻُ: پاڻ کان زور واري سان مقابلو ڪرڻ. قرآن شريف قسم لاءِ مٿي تي کڻڻ.

● ڏارَ ۽ ڏارُون: ث. [سن. دَرُ=ڏرڻ] ڏَرِيَلُ (ڇِتِ، مٿر وغيره) - دَالِ - چِيرُ - ڦوٽِ - شِگافُ - سيرُ.

Gul Hayat Institute

● ڏارُ ۽ ڏارَ: ذ. وڻ جو هڪ حصو - وڻ جي وڏي ٽاري - ٽارُ، جبل جي چوٽي. پرت جو هڪ قسم (ڪ).

● ڏاراڙُ ۽ ڏاراڙَ: ذ. اُپرو انسان يا چوپايو مال. ڏُبرو - ضعيف - هيڻو.

● ڏاراڙِي ۽ ڏراڙِيون (ٽ): ث. چوپائي مال جي ڦرجڻ جي حالت.

● ڏارَتِ ۽ ڏارَتُون: ث. بُکَ - خواهش - سڌَ - اِڇا - ڏالَتِ.

● ڏار دَرِ (ٽ): ث. مصيبت - آرَسُ. ڪجهه بہ نہ هجڻ واري حالت.

- ڏارَ دري ۽ ڏارَ دَرِي: ذ. صفت. نپاڳو - وڏي مصيبت وارو.

● ڏارَڪَ (ڪ): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم - ڪنّنِ چيرِيلَ ٻڪري.

● ڏارَڻُ: مصدر. [سن. دَرُ = ڏَرَڻُ] پيڻ جو سَنڌو وجهڻ - چيرڻ - ڦاڙڻ - ڦوڙڻ - ڦوٽ وجهڻ - سيرَ وجهڻ - ٽوڙڻ. ٻہ اڌ ڪرڻ - جدا جدا ڪرڻ.

- ڏارُ ۽ ڏار: ذ. چيرُ - چِنُ - ڦوٽِ - ڦاڙُ - وَڍُ - ڪنهن ديوار جو چير - شگاف - وِٿي - ڦاڪُ - سيُرَ - ڪَڙڪاٽُ - سَرڙاٽُ - ڏارَ.

- ڏارائي ۽ ڏارائيون: ث. ڏارڻ جي اُجرت - ڦوڙائي - چيرائي.

- ڏارَ ڦاڙَ: ث. پائڻ جي پوشاڪ لاءِ ڪپڙي جي وِهٽَ - چيرڦاڙ - ڪَتَر سَتَر - رِيد ڦيد - پَٽَ ڪوهَ - چِنَ ڦاڙَ.

● ڏارو ۽ ڏارا: ذ. [سن. دَلَّ - دَرَّ = ڏرڻ] ڏُلهو پيٺلُ يا ڪُٽيَل اناج - اَڌُ ڏَريَل اَنُّ (جهڙوڪ، چڻا، مَتر، ڪڻڪ، چانور وغيره). جانورن يا ڪڻڪ جو ٿُلهو پيٺل اَٽو. سنهين داڻ - ڏَڏَرِ - ٻاٽُ. ڏريل ڪڻڪ ۾ ڳڙ وجهي رَڌل پَٽُ. ولجهہ وِٿي يا دَرِيُنِ راند ۾ شروع ٿيڻ وقت ٻنهي ڌُوڙِيَنِ يا هارِيُنِ جي هٿن جو هلائڻ يا ٽاڙِي. جنگ جو سڏُ. ٻاتو ڳالهاءِ. ڪيرِ ڪيرِ - ڪيرِ سيڙِي - واري. هڪ جهونو سِڪو (صفت). ڳالهائڻ جو ادِبُ ڪو. لُچو - لائگَ چوٽو - اوباش.

- ڏارو ڏِيَڻُ: وِهيٽَنِ ڪي آنُ ڏيڻ. دُرِيُنِ راند شروع ٿيڻ وقت وڏن پيچيُن جو پاڻ ۾ هٿ ملائڻ - ٽاڙِي هڻڻ. پڇي وڃڻ - ٽڪو پنڌ ڪرڻ (ٽ).

● ڏارِي ۽ ڏارِيُون: ث. [سن. دالَ = ڏارُ. گ: ڊاري. هر. ڏن. ڊالي] ڏارُ جو سُولڦ - ٽاري - شاخ - ڊالي.

● ڏاريا (ٽ): ذ. [سن. دَلَ = ڏرڻ] چڻا - پڪيڙا.

● ڏاڙَ دَرِي ۽ ڏاڙَ دَرِي (ٽ): ذ. [سن. دَرِيدَرُ = بي حال]. ڪُٺَلُ - مسڪين - ڪنگالُ - مفلس - غريب.

● ڏاڙَهہ ۽ ڏاڙهُون (ل): ث. [سن. دنشترا = ڏاٺَ] ڏند جو هڪ قسم - وات جي پاسي وارو ڏند - چاڙيءَ وارو ڏند - پيٺو ڏند - ڏاٺَ - هوڙَ - ڏاڙَ - ڏانٺ. سَنگهو - ليشُ - ڪٽلي - ڏَنگُ (ڪنهن جانور جو). رَلج - سُور - اهنج - ڏکُ - تڪليف - مشڪلات. لاچاري حالت - سوڙهہ - تنگي - پريشاني.

- ڏاڙهہ رَسُ ۽ ڏاڙهہ رَسَ: ذ. ڪنهن بہ شئي جو مزو - چشڪو - لذّت - مِيناج - سَواد.

● ڏاڙهُہ ۽ ڏاڙَهہ: ذ. [سن. دَنشٽرڪا = ڏاڙهي] وڏي ڏاڙهي.

- ڏاڙَهُرُ ۽ ڏاڙَهُرَ: ذ. (صفت) وڏي ڏاڙهي وارو.

● ڏاڙَهڻُ: مصدر. [سن. دِنُش = ڏَنگڻ]. ڪائڻ - چڪ پائڻ (ڪتي وغيره جو) - پَونڪڻ. ڦٽڻ - زخم رسائڻ - ڪاوڙ مان چڪَ پائڻ. وڙهڻ - ٽڪو ڳالهائڻ - بڇڙو ڳالهائڻ - چيڙ ۾ پُون ڏيڻ.

- ڏاڙَهہ ۽ ڏاڙهُون: ث. ڪتي جو چڪُ - پَونڪَ.

- ڏاڙهائڻ: چڪُ پارائڻ - بَچَ ڪرائڻ (ڪتي ڪان).

- ڏاڙَهہ ڏِيڻُ: ايذاءُ رسائڻ - چڪُ هڻڻ - ڪاوڙ ۾ ڳالهائڻ.

● ڏاڙهُون ۽ ڏاڙهُون: ذ. [سن. دادِم: پرا. داليم = ڏاڙهون] ميوي جو هڪ قسم - انار. سوپاري. آتشبازي جو هڪ قسم. ٽارُن ۽ چوٽيءَ جي وچ وارا وار يا چوٽيءَ جي اڳ وارا وار.

Gul Hayat Institute

پرت جو هڪ قسم (ث). (اسم خاص) تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڏاڙهُون چڙهائڻ: تارُون ۾ مٿان وار چڙهائڻ يا رڪائڻ.

● ڏاڙهي يا ڏاڙهيُون: ث. [سن. د نشٽرڪا = ڏاڙهي] سُونهاري - رِيش - پلاري. ٺاريل ڪوهي تي وارن جو ٻيٺل سُچو - پڪر جي ڪاڏيءَ هيٺان ڳِڪهن وارن جو سُچو.

- ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ: پرائي پروسي تي رهڻ - پاڻ ۾ همت نه سمجهي ڪم ٻئي جي حوالي ڪرڻ - ٻئي جو محتاج ٿيڻ. پنهنجي اختياري ٻئي کي سونپڻ.

- ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ: سچو قول ڪرڻ - پڪو انجام ڪرڻ - سچو وعدو ڪرڻ - دل سان اقرار ڪرڻ.

- ڏاڙهي ٺوڪڻ (ت): بنا مطلب جي پنڌ ڪرڻ - بي فائدو هلڻ - دَر دَر تي وڃڻ - گهڻا دفعا حاضري ۾ وڃڻ - هَر هَر اچڻ.

- ڏاڙهي پٽ ڪرڻ: جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ. پاڻ ۾ هٿين پوڻ - جانيوتا هڻڻ - بي عزتي ڪرڻ.

- ڏاڙهي پٽڻ: جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - ڦڏو ڪرڻ. سامهون ٿيڻ - وڙهڻ. بي عزّتي ڪرڻ.

- ڏاڙهي پٽي تيري ڪرڻ: سموري ڏاڙهي ڪوهڻ. سخت بي عزّتي ڪرڻ.

- ڏاڙهي پيٽ ۾ هئڻ: ننڍي عمر ۾ سياڻو ۽ ڏاهو هئڻ.

- ڏاڙهيءَ جو ٻچو: چپ جي هيٺان چاول وار - تِڏ - تِڏِي.

- ڏاڙهيءَ جي رهڻ هجڻ: شروعاتي ڏاڙهي چاول هئڻ - نوجوان هئڻ - جوانيءَ جي ابتدا هجڻ - ڦوهه جواني هئڻ.

- ڏاڙهي ڏسڻ: ذ. بي معنيٰ ڏسڻ - منجهيل پتو - اڻ چِٽو رستو.

- ڏاڙهي ڏسڻ ڏيڻ: منجهيل پتو ڏيڻ - اڻ چٽو رستو ڏيکارڻ - پورو پتو نه ڏيڻ. ڪنهن وڏي ماڻهو جو ڏسڻ ڏيڻ. بي دليو ٿي هنر ڏسڻ.

- ڏاڙهي ڏڪائڻ: ٻئي جي اڳيان عاجزي ڪرڻ - ذليل طريقي سان سوال ڪرڻ يا ڪجهه گهرڻ.

- ڏاڙهي ڏڪڻ: خوف ۾ ٿڙڪڻ سبب ڏاڙهيءَ جو لڏڻ.

- ڏاڙهي ڏيکارڻ: منهن ڏيکارڻ - ديدار ڪرائڻ - روبرو ٿيڻ - شخصي طرح اچڻ.

- ڏاڙهي ڏيڻ: پڪو انجام ڪرڻ - وعدو ڪرڻ - قول ڪرڻ - پرتگيا ڪرڻ - وچن ڏيڻ - ٻول ڪرڻ - اقرار ڪرڻ - سخن ڏيڻ.

- ڏاڙهي ڦڻي ڏيڻ (ڪ): ٻئي لاءِ سُونهاريءَ جو قسم کڻي اعتبار ڏيڻ - ساک ڏيڻ. پڪو انجام ڪرڻ.

- ڏاڙهي ڪوڙڻ: تعدّي ڪرڻ - ٻُچڙو ڪرڻ (عورتن جو مڙدن لاءِ هڪ طعنو).

- ڏاڙهي ڪوڙائڻ: خراب ڪم ڪرڻ - گلارو ڪم ڪرڻ - عيب وارو ڪم ڪرڻ.

- ڏاڙهي مان ڦڪو نه رهڻ: ڏاڍي بي عزتي ٿيڻ - ساري ڏاڙهي پٽجي وڃڻ - سموري عزت برباد ٿي وڃڻ - ڏاڍو خراب خوار ٿيڻ.

- ڏاڙهي مُڇ ۾، مُڇ ڏاڙهيءَ ۾ ڏيڻ: پٽي سٽي پوراڻو ڪرڻ - هٿي ڏٺي پوري ڪرڻ. جيئن تيئن ڪري ڪم سرانجام ڪرڻ.

- ڏاڙهي مُنڻ: ڏاڙهي ڪوڙڻ - ڏاڙهي ڪوڙي پڌر ڪري ڇڏڻ. ڪنهن سان دوکو ڪرڻ - دغا ڏيڻ - ٺڳي ڪرڻ - ڪنهن کي ٺڳڻ.

- ڏاڙهي منهن ۾ اچڻ: وڏو ٿيڻ - بالغ ٿيڻ - جوان ٿيڻ - ڇوڪري منجهان جوانمرد ٿيڻ.

- ڏاڙهي ۾ ڏانئد پٽڻ: خراب ڪرڻ. ضدّ ڪرڻ. ڏاڙهي پٽيرائڻ - ذليل ۽ خوار ڪرڻ.

- ڏاڙهي ۾ رسو وجهڻ: قابو ڪرڻ - سوگهو ڪرڻ - بيوس ڪري ڇڏڻ.

- ڏاڙهي ۾ ڪجهه نه هئڻ: بي همت هئڻ ۽ ڪابه لياقت نه رکڻ - بي غيرت هئڻ.

- ڏاڙهي وِڏيو ڪرڻ (ڪ): بدنام ڪرڻ - گلارو ڪرڻ - خوار ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏاڙِ هئيارُ ۽ ڏاڙِ هئيارَ: ذ. صفت. ڏاڙهي وارو- ڏاڙهيارو- ڏاڙهيالُ. پهلوان- جوڌو- بهادر- دليرُ- سورهيه- سُور وِيرُ- سورمو.

● ڏاڙهيارو: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● ڏاسَ ۽ ڏاسُون: ث. ٻڪريءَ جا وارَ يا ٻُجَ. گهٽيي يا رڍَ جي اُنَ.

- ڏاسِرُ ۽ ڏاسِرَ: ذ. صفت. ڏاسَ وارو- ٻُجيرُ- ٻُجَنِ وارو.

- ڏاسَ ڪاتِرو ۽ ڏاسَ ڪاتِرو: ذ. صفت. ٻڪرين جي ڏاسَ ڪترينڌڙ- ٻُڙُ- ڄَتُ- پِتونُشُ.

- ڏاسِيُ ۽ ڏاسِيُ: صفت. ڏاس جو- ڏاسَ وارو- ڏاس مان ٺهيل.

● ڏاسِڙو: ذ. ڏسو "ڏاسو" ("ڏاسو" جو اسم تصغير).

● ڏاسو ۽ ڏاسا: ذ. تازي چانول ڳاهي يا پاڏِي يا چيلي وغيره جو ڇيٽو. لنيڙي ٻار جو ڪاڪُوسُ- ڏاسِڙو.

● ڏاسُو ۽ ڏاسُو: ذ. صفت. ڏسُ ڏيندڙُ- سُولُهَونُ- دَکُ ڏيکاريندڙُ.

● ڏاسِيارِيُ ٽُنيُ: ٻَڪريءَ جو هڪ قسم.

● ڏاقَ ۽ ڏاقُونُ (ت): ث. سُڏي ترارِ. دِگهي لٺِ.

● ڏاقُ ۽ ڏاقَ: ذ. هٿيار جو هڪ قسم- ڏقو- ڀالو- نيزو.

● ڏاقِڙو: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● ڏاقڙ ۽ ڏاقڙَ: ذ. ڏاوَڙُ هَٿُ- ڏاٻڙ هَٿُ- کٻو هَٿُ- ڏائو هَٿُ.

● ڏاقِڙا (ث): اسم خاص. سينگهوارُن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏاقِيُ ۽ ڏاقِيئُونُ (ل): ث. ڪاٺ جي دِگهي ڳَنَ مان ڇِپَرُ- وڏي ڏوئي- ڏوئيلو- ڪائو- ڪُرِڇي- آنبِيو- هَٿِيي.

● ڏاڪَ ۽ ڏاڪُونُ: ث. [م. گ. ڊاڪَ. سن. دَڪَّا=ڊولڪيءَ يا ڊبڪيءَ جو قسم] ڪانيءَ جو (اٽڪل ۾ فوٽ) وَڏِيَل ٽُڪر- ڏڪَرُ- ڏانڊيو (جو ڏاڪَ چُمِڻي راند ۾ ڪم اچي). جَلائُو ڪانين جا وڏيل ٽُڪَر (جي ٻارڻ يا ٻئي ڪنهن ڪم ۾، جهڙوڪ قبر ۾ ساميءَ ڪي ڍڪڻ وغيره ۾ ڪم اچن). آلتي- قميءَ- آچِل- ڪنَڊَ (ت). ڏِڪو. ٻيڙو (ڪورٽ جو). ڊاڪَ- پوسٽ- ٽپال. مُنديءَ جي ٽِڪَ يا ٽيٽي هيٺان ڏنل رنگين پنيءَ ٽڪر (هـ. ڊاڪ) ساز جو هڪ قسم (جو ڏڪڙ نموني ٿئي ۽ ڏونڪي سان وڄائجي- ل). دُهَلَ وڄائڻ جو هڪ نمونو (ث). ناچ جو هڪ قسم- ڏانڊِيا. ڏيڏرن جو آواز. جيئن:

"ڏاڪَ ڏين ڏيڏر، سيڻ سُئيءَ جا سَرَ"

—(شاهه)

رَڙِ- دانهن- هُلُ. جيئن:

"اوچنگارن سان آڏ ڪيائين، ڏونگر ڏيهي ڏاڪَ"

—(حمل)

اوچنگار. ڏهڪار- ڏڪڻي- تڙڪڻي- هراس.

- ڏاڪَ پاٽِيُ پِيئِڻُ: پاٽيءَ جو ٿانءَ مٿي جهلي ٻُڪ ۾ پاٽي پيئڻ.

- ڏاڪَ چُمَڻُ: ذ. راند جو هڪ قسم- ڏاڪَ چمٽي.

- ڏاڪَ چُمُٽِيُ: ث. راند جو هڪ قسم- ڏاڪَ چُمِڻِ (اها راند جنهن ۾ وڻ هيٺ گول ليڪو ڪڍي ان جي وچ ۾ ڏاڪ (ڪاني) رکجي. پوءِ هڪ نگهبان بيهندو ۽ باقي ٻيا سڀ وڻن تي مٿي چڙهيل هوندا، جيڪو سيني ڪان اڳي وڻ تان لهي نگهبان کان بچي ان ڪانيءَ کي چمي وٺو ته پوءِ وري اهو نگهبان ٿيندو ۽ ٻيا وري وڻ تي چڙهندا).

- ڏاڪَ خانو ۽ ڏاڪَ خانا: ذ. ٽپال گهر- ڊاڪخانو.

- ڏاڪَ ڏِيَڻُ: مُنڊي وغيره جي ٻُڙِي کي هيٺان رنگ خاطر پَنِي ڏيڻ.

- ڏاڪَ گاڏِيُ ۽ ڏاڪَ گاڏِيُونُ: ث. ٽپال گاڏي- ڊاڪَ گاڏيُ- ايڪسپريس گاڏي.

- ڏاڪَ وجهڻ: ڪانيون وجهڻ (ٻاهه وغيره ۾).

- ڏاڪڻِ ۽ ڏاڪِڻيُون: ث. ماڻهوءَ جو ماس کائيندڙ هڪ عورت- ڏيڻِ- ڏائڻِ- ڏينوتيي- جادوگريائِيُ- ٻوٻي- ٻانڀَ.

Gul Hayat Institute

- ڏاڪڻي ج ڏاڪڻيون: ث. ڏاڪڻ - ڏائڻ.

● ڏاڪار ج ڏاڪارون: ث. کاڌي بعد پيٽ مان وات رستي نڪتل هوا ۽ ان جو آواز- اوڳرائي- اوگرائي- ڏڪار. آواز- گوڙ- گجگوڙ (شينهن جي گوڙ) (هہ. ڊڪار).

● ڏارڻ: مصدر. ٻڇڻ- هشڪارڻ.

● ڏاڪر ج ڏاڪرون: ث. ڪٽر ڪيل سڪل گاهہ- مال جي کاڌي لاءِ ڪٽر. ٻوڪ جا هٿ جيترا مٺا. ننڍي مڇيءَ جا ورا (ت). زبان کي تارونءَ مان هٽڻ جو آواز- ڳيٽيڪار- ٻڇ- هشي (ت).

- ڏاڪر ڪرڻ: ٻڇ ڪرڻ. هاها ڪرڻ. ڪاوڙ ڏيکارڻ.

● ڏاڪڙ ج ڏاڪڙ (ت): ذ. قي يا الٽي ڪرڻ جو آواز. ڍورن جي ويڙهہ ۾ ماريل جانور جي زور سان ڪيل رڙ- آنءِ جي رڙ- دانهون- رلپ.

- ڏاڪڙ ڪرڻ: دانهون ڪرڻ- واڪا ڪرڻ- رڙيون ڪرڻ- رنبڻ- الٽي يا قي ڪرڻ.

● ڏاڪڻ ج ڏاڪڻيون، ڏاڪڻون: ث. ڇت يا متي چڙهڻ لاءِ ڪاٺ يا سرن جي ٺهيل سيڙهي- ٻوڙي- چڙهڻي- چڙني- چاڙهي- ڏاڪڻي. ڏيڻ- ڏائڻ- ڏيڍوڻي (هہ. ڊاڪني).

- ڏاڪڻ ڪيڻ: دشمني ڪرڻ- ويساهي ڏڪ ڪيڻ. نقصان پهچائڻ.

● ڏاڪو ج ڏاڪا: ذ. ڏاڪڻ جي پير رکڻ لاءِ هڪ ڪاٺي- منزل جو هڪ پد- ڏاڪڻ جو هڪ طبقو. جبل جو چاڙهيڪو- لڪ.

- ڏاڪائتون: ذ. صفت. ڏاڪن وارو- پٽين وارو (دروازو).

- ڏاڪي تي وڃي ويهڻ: ڪوبہ ڪم پوري ڪرڻ تي اچڻ. ذري گهٽ اميد وڃائڻ- آئي واثي ڳالهہ تي بيهڻ.

● ڏاڪورو ج ڏاڪورا (ل): ذ. ڪاٺ جو سنهو ۽ ننڍو ٽڪرو- ڏاڪ.

● ڏاڪولو ج ڏاڪولا: ذ. [سن. ڊنڊڪا= ڏونڪو] ڪانيءَ جو ٽڪر- ڏاڪ- ڏانڊيو- ڏونڪو.

● ڏاڪي ج ڏاڪي (ت): ذ. صفت. گهٽو پيٽي.

● ڏاڪي ج ڏاڪيون (ت): ث. طاعون- وبا. موت.

● ڏاڪي ڏهر: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ آباد ٿيل ميدان جو نالو.

● ڏاڪ ج ڏاڪون: ث. ڪنڪ- ڪنهجر.

- ڏاڪر ج ڏاڪرون: ث. ڏسو "ڏاڪ".

● ڏاڪيڙو - ڏاڪيڙا: ذ. [سن. دهڪ= ڏڪ]. سخت تڪليف- جاکوڙو- محنت ڪشالو- مشڪلات- ڏوجهڙو- هلاڪي- دقت- پورهيو- جد وجهد. اهنج- ڏک- ڏک- ايذاءُ- سور- درد.

- ڏاڪيڙا ڪيڻ: سخت جاکوڙا ڪرڻ- وڏيون تڪليفون سهڻ.

● ڏاڪٽاهہ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏاڪٽو ج ڏاڪٽا: ذ. صفت. [سن. داڪشڻ، ڊڪشڻ= ڏکڻ] ڏکڻ جو- ڏکڻ وارو- ڏاکٽيون- ڏکڻ طرف جو- ڊکني- ڊکڻي.

● ڏاگيرو ج ڏاگيرا: ذ. جٽين ڏاهڻ جي ڪارب کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر.

● ڏاگو ج ڏاگا (ت): ذ. ڏاگهو- آنڊ- ڪرهو.

● ڏاگوري: اسم خاص. هڪ گهٽ ذات جو نالو. (ڇهڙو- ميهتر- ڀنگي- ٻالپيشاهي- جهاڙو وال- ڏڦير- شڪاري).

● ڏاگهہ ج ڏاگهون: ث. [سن. داهہ، دهہ= ساڙڻ- پرا. داگهہ. ف. داغ] باهہ جو وڏو منچ- چکيا. (هندن ۾) مردي کي ساڙڻ جي باهہ. منچ- داهہ- باهہ- آگ. سوز- ساڙو- پچ- جلن- ڪام- داغ- ڏلپ. ڪلنڪ- ڪارنهن- ٽڪو. جيئن:

"آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏيج ۾ ڏاگهہ"
(شاهہ)

سوري- سوني- ڏاهو- ڏاسي- ڏاهي (ل- ق).

Gul Hayat Institute

ـ ڏاگهہ چڙهڻ: چڪيا تي چڙهڻ ـ باهہ ۾ سڙڻ ـ هندڪي رسم موجب ستي ٿيڻ. ڦاهي چڙهڻ. مصيبت ۾ پوڻ ـ آزار ۾ پوڻ.

● ڏاگهہ ج ڏاگهہ: ذ. صفت. وِڪٽ ـ وِرالگهہ ـ پيرانگهہ ـ پيلانگهہ ـ قدم. ڊگهن ڄنگهن وارو جانور يا انسان. ڪونج پکي. بندرگاهہ تي جهازن ۾ مال لاهڻ يا چاڙهڻ جي مشين يا ڪَل. [هہ. ڊينڪا، ڊينڪَ > ڊيڱڪ > ڊِگ > ڊاگ > ڏاگهہ = ڊگهو].

ـ ڏاگهڙ ج ڏاگهڙ: ذ. صفت. ڊگهو ماڻهو ـ ڄانگهڙيل.

● ڏاگهڻ: مصدر. اڃائجڻ ـ پياس لڳڻ ـ ڏوگهڻ ـ وڏا وڏا ڍڪ پرڻ. اُڃ لڳڻ.

ـ ڏاگهہ ج ڏاگهون: ث. اُڃ ـ پياس ـ ٽيهہ ـ ڏوگهہ.

ـ ڏاگهو ج ڏاگها: ذ. اُڃ ـ پياس ـ ڏوگهو.

.. ڏاگهو لڳڻ: ڏاڍي اُڃ لڳڻ.

● ڏاگهو ج ڏاگها: ذ. قد جو وڏو ـ ڊگهو. ڊگهو اُٺ. اُٺ ـ ڪرهو ـ ليڙو ـ ڄانڪو ـ ميو ـ توڏو ـ موڏو ـ روڏو ـ بوتو ـ متارو. جوان اُٺ.

● ڏاگرو ج ڏاگرا: ذ. ڪاٺ جو وڏو ٽڪر ـ ڏسو "ڏانگورو".

● ڏاگوڙڻ: مصدر. سخت مار ڪيڻ ـ هڏ گُڏ ڀڃڻ ـ مار ڏيڻ ـ سٽڻ ـ ڪُٽڻ ـ سڙهڻ ـ ستيڪائڻ. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

ـ ڏاگور ج ڏاگورون: ث. ڏاڍي مار ـ سٽ ـ ڪُٽ ـ ڀڃ.

ـ ڏاگورو ج ڏاگورا: ذ. آلي ڪاٺ جو وڏيل ٽڪر.

● ڏالٽ ج ڏالٽون > ڏالٽيون: ث. [سن. دَرِدرَتا = ڪنگاليپڻو] هٻڇ ـ بانئيت ـ آلي ـ ڏاجهہ ـ وِيلو ـ هائو هائو. لالچ ـ لوڀ ـ ڏنڻ تِرِشنا. بُک ـ اڻ هوندَ ـ ڪُتيلائي ـ محتاجي ـ سڃ ـ غريبي ـ ڪنگاليپڻو ـ اِفلاس ـ وِيهائي ـ ڏُمي ـ گهٽتائي ـ مفلسي ـ ڪوتاهي ـ ڀوڻائي ـ اناٿِ ـ اوڏائي ـ آپرائي. تمام رَڏي شئي ـ لڪمي ـ بيڪار ـ بيڪمي نڪار ـ ڪنهن نڪم جي ـ ڏالڊ.

ـ ڏاليٺي ج ڏاليٺيون: ذ. صفت. هٻڇي ـ لالچي ـ لوڀي ـ بُکيو ـ بوکيڙو ـ ڏرو ـ پيٽو ـ پيٽ لٿو ـ مانيئُن ٽوڙ ـ پيٽوڙي ـ پيٽيڙ غريب ـ مسڪين ـ محتاج ـ ڪنگال ـ ڪُنُل ـ سڪڻو ـ سڃو ـ ڏالڊي.

● ڏالڊ ج ڏالڊون: ث. [سن. دَرِدرَتا = ڪنگاليڻو] ڏالٽ.

ـ ڏالڊي ج ڏالڊي: ذ. صفت. ڏالڊي.

● ڏاليوتن ج ڏاليوتن (ت): ذ. پنّن واري ڀاڄيءَ جو هڪ قسم ـ پنيروساگ.

● ڏاليهيي ج ڏاليهيون (ل): ڏسو "ڏالي".

● ڏالي ج ڏاليون: ث. [سن ڊلڪ] تحفو ـ سوکڙي پاکڙي ـ ڏيپ ـ سوغات. سوغات طور ڏنل ميوو مٺائي وغيره. وڪرو ڪيل اَنّ مان (يا ٻي ڪنهن ڀاڄيءَ مان) مقرر ڪيل اندازو يا وزن جيڪو تحفي طور ورتو يا ڏنو وڃي.

● ڏام ج ڏامون (ت): ث. داغداري ـ ڪلنڪ ـ ٽڪو ـ ڪارنهن ـ داغ ـ چٽو.

ـ ڏامائڻ: مصدر. داغدار ڪرڻ ـ ٽڪو لڳائڻ.

ـ ڏامچ ج ڏامچ: ذ. صفت. لُچ ـ بد معاش ـ بدڪار ـ ڏاميج.

ـ ڏامرائيتو ج ڏامرائيتا: ذ. صفت. ڪيروڙي ـ ضدي. ٽپيڻو ـ ٽامشي ـ جوشيلو ـ چيڙاٽو.

● ڏام ج ڏام (ت): ذ. [ف. دام = مُلهہ] آگهہ ـ دام ـ مُلهہ ـ قيمت ـ ناڻو.

● ڏامالو ج ڏامالا (ل): ذ. ڪارخالو. مڙهي.

● ڏامر: ذ. ڪوئلن مان ٺاهيل ڪاري رنگ جي روغن جو هڪ قسم (جو رستن ٺاهڻ جي ڪم اچي) ـ ڪارو روغن ـ ٽار ـ تار ـ ڊامر.

● ڏامرڪي: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏامڻ: ذ. گاهہ جو هڪ قسم ـ ڊامڻ.

● ڏاميج ج ڏاميج: ذ. [انگ. ڊيميج Damage] خسارو ـ ٽوٽو ـ نقصان ـ ضرر ـ هرج. صفت. نقصان ڪار ـ خيانتي. عيبدار ـ داغي ـ تهمتي ـ ملزم ـ لالچهو ـ لُچ ـ بد معاش ـ ڏنگو.

Gul Hayat Institute

- ڏامپيچُ ٿيڻ : ذ. صفت. داغدارُ- عيبدارُ- بد چالُ- بد افعال. نيڪالي مليل- موقوف ڪيل- بدنام ٿيل- رُسوا ٿيل- ذليل ٿيل.
● ڏامپيچ ۽ ڏامپيچَ : ذ. صفت. ڏسو "ڏامپيچُ".
● ڏانُ ۽ ڏانَ (ل): ذ. [سن. دا=ڏيڻ] دانُ- خيراتُ- ٻيڪ. انعام- بخشش- سوغات- ڏات ِ سُو ڪيڙي- ڏالي.
● ڏاناسُرُ ۽ ڏاناسُرَ : صفت. بي رحم- بي قياس- سخت دل- پٿر دِل- نِيرو يا- نِيروئي.
- ڏاناهي ۽ ڏاناهيئون (ل) : ث. اشارو- آهنج- اطلاع- ڄاڻُ. دَڙڪو- ڏَمڪي- ڏانائي- ڏهنائي. جيئن: "احمد ڏاڍيئون ڏاناهيئون پيو ڏي".
- ڏانائي ۽ ڏانائيئون : ث. ڏاناهي- ڏهنائي.
● ڏانڀُ ۽ ڏانڀَ (ت): ذ. صفت. نياڳو- نحس- ڪمبخت- بد نصيب.
● ڏانٽيرو ۽ ڏانٽيرا (ت): ذ. [سن. داتر=ڏاٽو] گاهه لُڻڻ لاءِ هڪ اوزار- ڏاٽو- ڏانٽو.
● ڏانٽيرو ۽ ڏانٽيرا (ل): ذ. سڄي سَٿڻ لاءِ ڪم آندل ڪَک (پَلالُ).
● ڏانٽو ۽ ڏانٽا : ذ. [سن. داتر=ڏاٽو] گاهه لُڻڻ جو هڪ اوزار- لاباري ڪرڻ جو اوزار- ڏاٽو- ڏانٽِرو.
- ڏانٽو پوڻُ : فصل ۾ لابارو پوڻ- ڪَٽَ ٿيڻ- ڪَٽَڻي يا گهٽائي شروع ٿيڻ- گهٽجڻ- ٿورو ٿيڻ.
● ڏانٽَ ۽ ڏانٽون : ث. [سن. دَنشٽرڪا= ڏاڙ] ڏَند جو هڪ قسم- ڏاڙ- ڏاڙهه- هَوڙ.
- ڏانٽَ ترانُ ڏيڻُ (ڪ): ڏسو "ڏاڙَ نَي نہ ڏيڻ".
● ڏانٽ ۽ ڏانٽَ (ت): ذ. صفت. رُکو- سخت.
- ڏانٽُ ڏيڻُ : تکو ڳالهائڻ- سخت ڳالهائڻ- خراب ڳالهائڻ.
● ڏانٽيري ۽ ڏانٽيريون (ت): ث. سنگن ِ جي وچواري ڪاني- ڏالي- ڏانڊِي.
● ڏانٽو ۽ ڏانٽا (ت): ذ. گاهه پن ڪاڻڻ ڪالپوءِ باقي بچيل ڪانا- پَتَن ِ بنا ڪانو.

● ڏانٽيي : ث. سڄيءَ جو هڪ قسم چلمن سان ٻت (دوتر) جهڙو رنگ مٿان ڪارو ۽ پيٽ اڇو. سردي ۾ تمام لذيذ، قد ڏيڍ فوٽ کان ٻہ فوٽ).
● ڏانجهہُ ۽ ڏانجهہَ : ذ. د گڌ=سڙيل] داغ- ڏَنڀ- ساڙُ. سور- درد- ايذاءُ- پيڙا- تڪليف- ڏَنجهہُ- دَرد سَرِي- ڪشالو- دِقت- جاکوڙو- ڏُکُ- ڏُکُ. وِياڪلتا- پريشاني- هلاڪي- آپاڌي- ڪاڪاهو. جنجالُ- آزار- زحمت- خرابي- گڙٻڙ- وِڳوڙ.
- ڏانجهو ۽ ڏانجها: ذ. ڏسو "ڏانجهہُ".
● ڏانجهو ۽ ڏانجها (ل): ذ. جوئر يا ٻاجهري جي ناڙ ۾ پيدا ٿيل ڪانا يا ٻاجهري جي ڦوڪ (جنهن ۾ ڦَلُ نہ ڪيو هجي).
● ڏانچُ ۽ ڏانچَ (ت): ٻنيءَ تي جهارَ هَڪلڻ لاءِ ٺاهيل پيهو.
- ڏانچي ۽ ڏانچيئون : ث. ننڍو ڏانچُ (ڪُنڊَ يا لانيءَ آندر ٺهيل پيهي، جنهن تي هَنڌَ، بِسترا، رِليون وغيره وِڇائي رکجن)- مَنجڻ.
● ڏانڊَ ۽ ڏانڊون : ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم- دوتر جو هڪ قسم (دوتر کان وڏي، وڏيڪ ويڪري، رنگ ڳاڙهو، کائڻ ۾ گهڻ لذيذ، ٻنيءَ تي آٽ وانگر ٿوهو).
● ڏاند ۽ ڏاند: ذ. [سن. بَلِي وَرد=ڍڳو] چوپائي مال جو هڪ قسم- ڍڳو- ٻيلُ- سانُ. مڇيءَ جو هڪ قسم- ڏاندَ (ڪ).
- ڏَنڊائي ۽ ڏَنڊائي : ذ. صفت. ڍَڳَن ِ وارو- ڍَڳَن ِ جو مالڪ.
- ڏاند ٻڌڻُ : ڍَڳَن ِ کي هَرَ يا گاڏيءَ ۾ ڍُڪائڻ.
- ڏانڊَ ٻُچو ۽ ڏانڊَ ٻُچا: ذ. جنهن جو ڏانڊَ ٻُچَ جهڙو ٻُچُ هجي- وِچُ ٿُلهو ٻاسا يا چيڙا سنها- گاؤ دُمُ- چهنبدارُ. اهو گهوڙو جنهن جو ٻچ ڏاند جي ٻچ وانگر هجي- عيبدار گهوڙو.
- ڏانڊُ ڏُهڻُ : بخيل مان ڪم ڪڍڻ- ڪنجوس مان فائدو وٺڻ- سَرچُوٽَ کي ٻہ نہ ڇڏڻ-

Gul Hayat Institute

ٿا آميد سان اميد پوري ڪرڻ ـ نامُڪين ڪي مُمڪن ڪري ڏيکارڻ ـ نہ ٿيڻ جهڙو ڪم ڪري ڏيکارڻ.

ـ ڏانڊُ ڏُهٺو ۽ ڏانڊَ ڏُهٺا: ذ. صفت. ڪنجوس ـ مَکي چُوس ـ مُوذي ـ شومُ ـ ڪِرپڻُ ـ ڪَمُ رَچُ ـ چَمُ چُوسُ ـ مَرچُوٽُ ـ بخيل ـ پيسي جو پُٽ.

ـ ڏانڊِڙو ۽ ڏانڊ ڙا: ذ. ڪچيءَ مٽيءَ مان ٺهيل ڍِڳي جي شڪل جنهن جي هندو ماڻهو بَڊِري مَهيني جي ستين تاريخ پوڄا ڪندا آهن. ڇيڙي جو وڏو مَڪُ.

ـ ڏانڊُ مُٿاڙو ڪَرَڻُ (ت): ٺڳي ڪرڻ ـ دولاب ڪرڻ ـ فريب ڪرڻ يا ڏيڻ ـ چالاڪي ڪرڻ ـ خراب اکر لکڻ ـ ليڪَن وانگر اکر لکڻ.

ـ ڏانڊُ مُٺٽو ۽ ڏانڊ مُٺٽا (ت): ذ. پرت جو هڪ قسم.

ـ ڏانڊ وڙِئو ۽ ڏانڊوڙِئا (ل): ذ. پيڳلُ مَٽَ يا ڪُني جو ڪنو (جو پار راند ۾ ڪم اَچن).

ـ ڏانڊُ وَسَڻُ: ڍِڳي جو ڇيٽو لاهڻ.

ـ ڏانڊِينَ مُڙِسين خَيرُ (ت): هر طرح جو خير ـ ڪلِ خيريت ـ هر طرح جي تسلّي ـ گهرَ وارن ۽ مال رزقَ جي سلامتيءَ جي دعا.

● ڏانڊارُ ۽ ڏانڊارَ: ذ. [سن. د نُت = ڏند] ڪاٺ يا لوهہ جو ڏندن وارو (ڪوڏر جي نمولي) هڪ اوزار (جنهن سان ڪک، ڪچرو، پيان، گاهہ، انّ وغيره ميڙِ جي) ـ پاهوڙو ـ سنبرڪتي ـ ڏاندارِي. ٿار يا هرلي جو هڪ قسم. ڪنوءَ جي مُنهنَ واري اوسارِي يا پڳ (ت).

ـ ڏاندارِي؟ ڪُلهي تي رَکَڻُ (ت): ڪجهہ بہ نہ ڪٺڻ ـ هٿين خالي ورڻ ـ خالي موٽڻ.

● ڏانڊاڙُ ۽ ڏانڊاڙَ (ڪ): ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ رسو ـ ڏانباڙ.

ـ ڏانڊگڙو ۽ ڏانڊاگِڙا: ذ. ڏانڊاڙُ.

● ڏانڊاڻُون؟: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏانڊاٺِي؟ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏانڊِرِي؟ ۽ ڏانڊِرِي؟: ذ. صفت. [سن. دَنُت = ڏند] ڏَند ڻ وڪٺدڙ ـ ڏاندڙيو ـ ڏانڊٽِي؟ ـ مِسُواڪُ وڪٺدڙ.

ـ ڏانڊِٽِي؟ ۽ ڏانڊِٽِي؟: ذ. صفت. ڏاندِرِي؟.

● ڏانڊَڙُ ۽ ڏانڊَڙَ: ذ. زيور جو هڪ قسم ـ نڪ ۾ پائڻ جو ڳِتِهُ.

● ڏانڊڙو ۽ ڏانڊِڙا: ذ. [سن. بَلِي؟ وَرُدَ = ڍِڳو] بڊي مهني جي ستين تاريخ تي هندن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جو ٺاهيل هڪ هترادو ننڍڙو ڍِڳو. ڍِڳي تي وهندڙ هڪ مَکِ ـ ڇيڙي جي وڏي مَکِ. اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏاندڙيو ۽ ڏاندڙيا: ذ. ڏَلدڻَ وڪٺڻ وارو ـ ڏاٿدارِي ـ ڏاندٽي.

● ڏانڊ ۽ ڏانڊُون؟ (ت): ث. [سن. دَنُد = ڏندو] ٻَن جي ٿُلهي نس ـ ڏانبِي ـ ڳِنرَ.

● ڏانبِ ۽ ڏانبِڍُون؟: ث. ٻَنَ جي ٿلهي نَس ـ ڏالبِي ـ ڳِنَرُ. ڳچيءَ جو پٽو ـ طَوقُ ـ ڳِٽُ.

● ڏانڊاڙُ ۽ ڏانڊاڙَ (ڪ): ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ رسو (آڏَ جي هيٺينءَ چوٽيءَ ۾ واءَ جي رُخَ موجب سڙه جي جهل واسطي ٻہ رسا، هڪ ننڍو ٻيو وڏو) ـ ڏانبا گِڙو.

ـ ڏانباڙو ۽ ڏانباڙا: ذ. ڏالُباڙُ.

ـ ڏانبا گڙو ۽ ڏانبا گِيڙا: ذ. ڏانباڙُ.

ـ ڏانڊِباڻِ ۽ ڏانڊباٺُون؟: ث. ڏَنباڙُ.

● ڏَنبا وِيرُهُ ۽ ڏَنڊا وِيڙَهُ: ذ. پٽو ـ ڪَمَر بَندُ ـ ڪَشو ـ تَسمو.

● ڏانڊو ۽ ڏَنڊا (ل ـ ت): ذ. مٿاهين پٽي يا زمين (جتي پاڻي مشڪل سان چڙهي يا بيهي نہ سگهي) [سن. دَنُڊ = ڏنڊو] ڏنڊو ـ ڏُڪو ـ لَٺِ. توري آنّ وارو سَنگُ. ڳئون يا مينهن جر پُڇُ. پاٻوڙِي جي ڏانبِي.

● ڏانڊِي؟ ۽ ڏانڊِيُون؟: ث. (سن. دَنُڊَ) گل جي مُکِڙِيءَ جي پاڙَ واري ٽاريءَ جو ٽُڪرو ـ ٻُونڊِي؟ ـ ڳِنر ـ ڪاني ـ ڪانو ـ ڳِني. ٻَنَ جو چيڙو ـ ٻن جي ڏُنڊي. ٽاري ـ ڳُونچُ ـ ٻونڊِ.

Gul Hayat Institute

نماڪ جو ڪَڏو (ت). ناچ يا راند جو هڪ قسم (ڪ ب). خاندان جي شاخ ـ بنياد ـ اصل نسل ـ خاندان.

● ڏانڊيو ۽ ڏانڊيا: ذ. ڏانڊو.

● ڏانڪرُ ۽ ڏانڪرَ (ل): ذ. تُورئي يا جانيي جو لُڦَلُ ناڙ.

● ڏانگَ ۽ ڏانگيون (ل ـ ت): ث. [سن. دَنڊ=ڏنڊو ـ هه. ڊانگ] ڊگهي ڪاٺي ـ ڊگهي لَٺ ـ وَڏي لَٺ ـ لَڪُڻُ.

ـ ڏانگرُ ۽ ڏانگرَ: ذ. ڊگهي لٺ ـ ڏانگ.

ـ ڏانگڙُ ۽ ڏانگڙَ: ذ. صفت. ڊگهو ماڻهو ـ تمام ڊگهو ـ لانَبٽ.

● ڏانگيڙو ۽ ڏانگيڙا (ت): ذ. آسمان ۾ برسات وقت ظاهر ٿيل رنگارنگي پٽو ـ اِندر لَٺ ـ اِندرَلَٺِ ـ ڏَنڪَ.

● ڏانگيُ ۽ ڏانگيي: ذ. صفت. بِلا ڪاڏَلَ ماڻهوءَ ڪي دَمُ ڪندڙُ ـ جهاڙُ رکندڙ. (اسم خاص). ٿر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏانگهه ۽ ڏانگهون: ث. وڏي لَٺ ـ ڏاڱرو ـ ڏاگهه [هه. ڊانگ > ڏانگهه=لٺ].

● ڏانگڻُ (ل): مصدر. ٽڪر ڪرڻ ـ ڏاڱ ڏاڱ ڪري وڻ وڍڻ.

ـ ڏانگُ ۽ ڏانگون: ث. ڪاٺ جو ٽڪر ـ ڊگهي ڪاٺي.

ـ ڏانگورو ۽ ڏانگورا: ذ. ڪاٺ جو وڏيل ٽڪر ـ دوڳ.

● ڏانورُ ۽ ڏانورَ: ذ. جيت جو هڪ قسم ـ ڪور پڙڙو ـ چيراڙو.

● ڏانورو: اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏانوَڻُ ۽ ڏانوَڻَ: ذ. اٺ ڪي اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ لاءِ رسو.

ـ ڏانوَڻُ ڪپڻُ: آزاد ڪرڻ ـ ڇوڙڻ ـ ڇڏي ڏيڻ.

ـ ڏانوَڻُ هڻڻُ: سوگهو ڪرڻ ـ ٻڌڻ ـ قابو ڪرڻ ـ جهلڻ.

● ڏانوڻُ: مصدر. شاديءَ جي هڪ سوڻ ۾ لاڙن تي ايندڙ گهوٽ کي آڏو هڪ مائي جو ورنجيڙيءَ ۾ ٻَٽَ جو سڳو ٻڌي ٻوءِ انهيءَ کي ڪوشش ڪري گهوٽ جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ.

ـ ڏانوڻ ڏانئڻُ: ڪنوارَ جي ڪوٺيءَ جي دَرَ جي ڪنڍي ۾ سَٽَ ٻڌي گهوٽَ جي ڀر جي آڱوٺن ۾ ست ڀيرا وَڪڙَ ڏيڻ.

ـ ڏانوِٽيي ۽ ڏانوٽيون. گهه جو هڪ قسم ـ ڏاٽي (چاندي يا سونَ جي هڪ قسم جي ويڪري زنجير جا وارن جي پٽي (سرڪنڊ) جي مٿان سينڌ جي ٻنهي طرفن کنن تائين گولائي تي ٻيهي؛ وچ ۾ ڪنيدو ٺَپيس جو مٿان سينڌ جي اڳئين ۽ ڏاٽوٽي جي وچ ڪي مٿي جهلي ٻيهي).

● ڏانهَن: ظرف. آن طرف ـ آن طرف ڏي ـ ان پاسي ـ ڏانهون ـ ڏانهين.

ـ ڏانهِس: ظرف. هن ڏالهن ـ ان طرف ـ الهي پاسي ـ ڏي ـ ڏانهن.

ـ ڏانهون: ظرف. ڏانهن.

ـ ڏانهين: ظرف. ڏانهن ـ ڏالهون ـ آن طرف ـ آن طرف ڏي. (ڪيڏانهين ـ اوڏانهين).

● ڏانءُ ۽ ڏالو: ذ. ڍَنگ ـ طرز ـ نمونو ـ طرح ـ ڊول ـ رواج ـ چالو ـ ٻَروٻهڙ ـ ٻَر ـ ٻَتَ ـ ڍبُ ـ ٻارَ ـ وَجهه ـ ويتر و ـ دَستور ـ هلاتِ ـ ڍارَ ـ ريت ـ قسم ـ پرڪار. لڇڻ ـ لَڇَ ـ عادت ـ افعال ـ ڇيهڙ ـ اٿڻ ويهڻ ـ شعور ـ ادب آنداز. اٽڪل ـ هنر ـ تجويز. ڏنگائي. ٽيڪي. ڏانيءَ. سبب ـ ڪارڻ.

ـ ڏانءُ آچڻُ: اٽڪل اچڻ ـ رمز اچڻ ـ اوت هجڻ ـ ڏاتي اچڻ ـ حرفت اچڻ ـ چالاڪي اچڻ ـ ڍنگ اچڻ ـ تجويز اچڻ ـ ڪري سگهڻ ـ سمجهه ۾ اچڻ ـ خيال ۾ اچڻ ـ ناهڻ ـ جوڙڻ ـ تيار ڪرڻ.

ـ ڏانءُ ڏانئڻُ: ڪونه ڪو بهانو ڪرڻ ـ فريب ڪرڻ ـ مڪر هلائڻ.

ـ ڏانءُ نه آچڻُ: مثال جهڙو نه ڪري سگهڻ ـ ڪري نه سگهڻ ـ (پسند نه پوڻ ـ ا. وڻڻ ـ ٻانءُ نه پوڻ).

ـ ڏانئي: ذ. ڏانءُ.

● ڏانٿڻُ: مصدر. ڊگهي رسي سان جانور کي ٻڌڻ ـ ڏالوَڻُ وجهڻ.

Gul Hayat Institute

"هن ۾ آلهي الاهه، ڪٿي گهوڙو ڏانيو ڳاهه ۾"
(چٽو ڪٿي).

شروع ڪرڻ - اٿڻ - تيار ڪرڻ.

● ڏانيي ۽ ڏانيي: ذ. ث. ڏَنُ يا ڍل پريندڙ - محصول پريندڙ - ڇهه آنڪي پريندڙ - زيردست - مُطيع - تابع - تابعدارُ - چيلو - مُريد - مڃيندڙ - ڏاڍُ.

● ڏاڻُ ۽ ڏاڻَ: ذ. [سن. دامن = رسي] جانورن کي (پڇڻ کان جهلڻَ لاءِ) اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جو رسو - ڏاوَڻُ - ڍيڙَرُ - سنگهرَ. [سن. دانَ. دا = ڏيڻ] عطا - بخشش - دانُ - عطيو - امداد - انعام. سوکڙي - سوغات - تحفو - وَٽ. ڪنهن بزرگ وٽان مليل مراد - نذرانو - سخا - ڏات.

"تو ڏان توتهي ڏاڻُ، هيي پلاڻ اتي مڱنون"
(شاهه ڪريم).

خيرات - پِنُ. ٻارن کي پيارڻ جو هڪ جلاب - دوا - سُتيي - اوٿيي (ت). وهيَڻ کي وجهڻ جو هڪ جلاب - ڊُڪُ. سُنگُ - محصول - ٽيڪس - چُونگي. مڇي ڦاسائڻ جو سَنُدُ - ڪُڙ - رَڇُ (ک). هڪ ڳهه جو نالو - نَٿَ کي سوکهي جهلڻ جو ڏاڳو يا زنجير - ڏاوِٽيي.

- ڏاڻُ ڏِيَڻُ: دانُ ڏيڻ - سخا ڪرڻ - احسان ڪرڻ - عنايت ڪرڻ - ٿورو ڪرڻ - مهرباني ڪرڻ - لائق ڪرڻ - وڏا پيالَ پرڻ. اوت وجهڻ - ڏانه وغيره کي تيل، گيهه يا ڪا پٽيِڙي شئي وجهڻ.

- ڏاٽيي ۽ ڏاٽيي: ذ. صفت. محصول ونندڙ - ڏانيي.

● ڏاٽابو ۽ ڏاٽابا: ذ. [سن. دا = ڏيڻ] ڏاڻَ جي رقم. سامان جو گهٽو اندازو - سامان سڙو. مُڏِيي. آڏالو - سواري - لَڏو.

● ڏاٽڻُ: مصدر. [سن. دامنيي = پاءِ بند: دامَنِ = رَسِيي] چوپائي مال جي اڳين ٽنگن ۾ رسو وجهڻ - ونگُ وجهڻ - ڏاوَڻ وجهڻ - ڏاڻُ وجهڻ - ٻڌڻ - قابو ڪرڻ - بند ڪرڻ - جهلڻ. روڪڻ - ڦاسائڻ - اٽڪائڻ.

● ڏاٿُو ۽ ڏاٿا (ک - ٿ)! ذ. [ف. دانہ = داڻو] اناج - داڻو - ڪڻو - ڪاڏو - ڦوتُ.

● ڏاٽيي ۽ ڏاٽيونُ: ث. [سن. دامَنِ = ڏاوڻ]. زيور جو هڪ قسم - نٿ جي ٻار جهلڻ لاءِ سوني زنجيري ڏاوِٽيي.

● ڏاو اڙو ۽ ڏاوَاڙا (ک): ذ. ڏاڪڙو - ڪشالو. جيئن:

"سونهٽي ڪهيڙِي سيهر ۾، جنهن ڪيو ڏاڍو ڏاواڙو"
(صاحبڏنو).

پيلاين جا ٻول.

● ڏاوَچ: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاوَڇَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏاوَرُ ۽ ڏاوُرَ: ذ. ڏنُوارُ - جيت جو هڪ قسم - ڪوريٽڙو.

● ڏاوَڙُ ۽ ڏاوَڙَ: ذ. صفت. ڏائيي هٿ سان ڪم ڪندڙ - ڏاٻَڙُ - ڪاپَڙُ. (ضد: ساڄڙُ ۽ ساڄڙَ).

● ڏاوَڻَ ۽ ڏاوَٽيونُ: ث. (سن. دامَنِ = رَسِيي]. ڏاڻُ - ڏاٽيي - ڏاوِٽيي.

● ڏاوَڻُ ۽ ڏاوَڻُ: ذ. [سن. دامَنِ = رسي]. چوپائي مال کي اڳين ٽنگنِ ۾ پيل رسو - ڏاڻ - نيڙُرُ - واڳهه، پيڙِيُون - آشڪول - پنئند. نٿ سوکهي ڪرڻ لاءِ ڪلابات جي ڪارن ڏاڳِن جو نهيل پٽو - ڏاڻُ - ڏاٽيي. شاديءَ جو هڪ ساٿ - ڏانوَڻُ.

- ڏاوَڻ ڏائِڻُ: شاديءَ جي رسم ۾ گهوٽ جو سرگس تان لهڻ وقت پير جو آڱوٺو ۽ هٿ جو آڱوٺو ڏاڳي سان ٻڌڻ. وري شروع ڪرڻ - نئين طرح شروع ڪرڻ.

- ڏاوڻُ ڪپڻُ: ننڍي ٻار جي پهرين هلڻ وقت مامي هٿان ٻنهي ٽنگن ۾ رسمي طور ڪچو ڏاڳو ٻڌي، وري ويڍائڻ جي رسم ادا ڪرڻ.

- ڏاوَڻ ويڻ: ڏاوَڻُ ڪپڻُ.

● ڏاوَٽيي ۽ ڏاوٽيونُ: ث. [سن. دامَنِ = رسي] ڏانٽوِٽيي - ڏاڻُ - ڏاٽيي - ڏاوَڻ.

- ڏاوڻي ٽڪي: ث. [پرا. داسڻي. سن. دامني] ڏاڻيءَ سان گڏ پيشاني تي ٻڌڻ جو هڪ زيور- پٽلو- آلي.

● ڏاهه: ظرف. ڏانهن- آن طرف- جي طرف- جي ڀاسي. جيئن:
"لالچي لڪ، لطيف چئي، هلي ڏاه حضور"
(شاهه).

- ڏاهه عهد: ظرف. عهد جي طرفان- ميثاقان- ميثاق ڪان- جيئن:
"جيڪس آيس ڏاهه عهد، سو پاري مٿند پاتارم"
(شاهه).

- ڏاهنئن: ظرف. آن طرف- اُنهيءَ طرف- انهيءَ ڀاسي.

● ڏاهه ۽ ڏاهون: ث. [سن. دش=ڏسڻ] ڏس- پتو آهڃاڻ- آهڃ- پرو. خبر- خبرچار- سڌ- سماءُ- احوال. سڻس- ڪڙڪ. جيئن:
"ڪتو جهڪي ۾ آئيئي، ڏجهڻ پئي م ڏاهه"
(خليفو نبي بخش)
چيتاءُ- آگاهي- اطلاع- ڄاڻ- واقفيت. گجهارت- پرولي- مام. [سن. دڪش=سمجهه]. سمجهه- عقل- هوش- فهم- ٻڌي- ڏاهپ- سياڻپ- سچيتائي- دانائي- چترائي- چالاڪي- هوشياري. [ف. داه: سن. داس=ٻانهو] زرخريد عورت- ٻانهي- گولي- نوڪرياڻي. ڏن ۾ ڏنل عورت. جيئن:
"جني سان مون ڏاهه، جي پنلي لکي لڄ"
(خانزئي)
ساڙو- تپش.

- ڏاهپ ۽ ڏاهپون: ث. سياڻپ- عقلمندي- هوشياري- چالاڪي- چترائي- زيرڪي- دانائي- سمجهه- فهم- گيان- ٻڌي- دور انديشي- ڏاهه.

- ڏاهه پهچائڻ: ڪنهن جي مرڻ جي اوچتي خبر وڃي سندس عزيزن ۽ مائٽن کي پهچائڻ- ڏاهه ڏيڻ- ڄاڻ ڪرڻ- موت جو پيغام پهچائڻ. اطلاع ڪرڻ.

- ڏاهه ڏورڻ: ڏس پڇائڻ- ڏس تي هلڻ- ڏس کي ڪاهڻ.

- ڏاهه ڏيڻ: ڏاهه پچائڻ- خبر ڏيڻ- سڌ ڏيڻ. پتاڪ هڻڻ.

- ڏاهه وجهڻ: هوڪو ڏيڻ- مشهور ڪرڻ.

- ڏاهي ۽ ڏاهي: ذ. صفت. ڏاهه ڏيندڙ- اطلاع ڪندڙ- چتاءُ ڪندڙ- سڌ سماءُ ڏيندڙ- خبرچار ڏيندڙ- آگاهه ڪندڙ- خادِرو. عقل مند- هوش وارو- ٻڌيوان. سمجهو- فهميدو.

● ڏاهه ۽ ڏاهه: ذ. [سن. داس=ٻانهو]. ٻانهو- غلام- گولو. ڏک- غم- شوڪ- ڳوند- دک- رنج- ڪشٽ. وڏو سڄ- گهٽي ٻاهه- آواهه (ل). پڄ- ساڙ- سوز- حسد. وير- دشمني- بغض. (صفت) وڏو- ڪشادو- ويڪرو- چوڙو. ڄجهو- گهڻو. اوچو- آتاهون- بلند. هنيلو.

● ڏاهاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (بلوچ قوم جو هڪ قبيلو).

● ڏاهر: اسم خاص. سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جي پوئين حاڪم جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏاهرجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏاهرڪي: اسم خاص. تعلقي ڳوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاهري: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. (صفت). چريو- بيوقوف- نادان- مورک- چسو- احمق- جاهل- ٻڙ- ڪم عقل- بي سمجهه.

- ڏاهري ڀڃڻ: چرپائي جا ڪم ڪرڻ.

● ڏاهڙو ۽ ڏاهڙا (ث): ذ. پنج ڪٽي.

● ڏاهلڻ: مصدر. چيرڻ- ڦاڙڻ- ڏارڻ.

● ڏاهلي: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاهو ۽ ڏاها: ذ. [سن. دڪش=سمجهو] عقل وارو- عقل مند- ٻڌوان- عاقل- مدبر- زيرڪ- سبوجهه- سڄاڻ- سياڻو- سمجهو- دانا- اڪابر. سنويرو- فهميدو- چترو- هوشيار- هوشائتو- گياني- چالاڪ- ڄاڻو- دور انديش-

جهاندِيدو. شريف ـ مانيٺو. حڪيم ـ طبيب ـ ويجُ.

ـ ڏاهاڻو ۽ ڏاهاڻا: ذ. صفت. ڏاهن وارو ـ سياڻن وارو. عقل جو ـ سياڻپ جو ـ ڏاهو ـ سياڻو ـ عقلمند ـ هوشيارُ ـ چالاڪ.

ـ ڏاهو ڪانءُ ۽ ڏاها ڪانءَ: ذ. عقل وارو.

ـ ڏاهو ڪانءُ ٻه ٽنگو ڦاسڻُ: حد کان وڌيڪ سياڻپ هلائڻ منجهان نقصان جو انديشو هئڻ.

● ڏاهيءَ ۽ ڏاهيُون: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ ڏائيءَ (چلر ڪارا ڏيگهه ۱ ڪان ۳ فوٽن تاءِ، وات ننڍو، سُڄن سان، سنن پرن سان، شڪل ٽيرِي مڇيءَ جهڙي).

● ڏاهيجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد، سکر ۽ اتر سرحد سنڌ ۾).

● ڏاهينءَ: ذ. پيرو ـ گهمرو ـ دفعو (هي لفظ اڪيلو ڪين ڪم آڻبو آهي، بلڪ اڳيان ضرور ڪو انگ گڏبو آهي، جيئن ته "ٻه ڏانهينءَ = ٻه پيرا".

● ڏاءُ ۽ ڏاءَ: ذ. نمونو ـ حالت ـ طرزَ ـ ڍنگُ ـ طريقو. شڪل ـ شباهت ـ هنر ـ ڪاريگري. چترائي ـ ڦڙتي ـ چالاڪي ـ ڏانءُ.

ـ ڏاءُ ڏِنگ ۽ ڏاءُ ڏنگ: ذ. چَلُ وَلَ ـ ٺڳي ـ مڪر ـ فريب ـ دولاب ـ ڏائي ڏَنڀيءَ.

● ڏائيڙَ ۽ ڏائيڙونءَ (ت): ث. ڪنهن ٻئي ڪم جي ڪرڻ لاءِ رِٿَ ـ تجويز ـ ڏانءُ.

● ڏائڪو ۽ ڏائڪا: ذ. [سن. ڏانڪا = ڏاڪو] ڏاڪڻِ جو هڪ ڏَڪَرُ ـ يا ڏاڪورو ـ ڏاڪو. پيڙيءَ جي تري ۾ لڳل ڪاٺ جو ڏَڪَرُ.

● ڏائڻُ ۽ ڏائڻ: ث. ڊؤل ـ طرزَ ـ نمونو ـ ڏانءَ.

● ڏائڻ ۽ ڏائڻيونءَ: ث. [سن. ڊاڪني = ڏائڻ]. هڪ خيالي ۽ خوفناڪ عورت جا تصوري طاقت سان نظر ملائي ٻارن جو هيانءُ کائي يا قبر مان مُڙدا ڪڍي کائي ـ جنڙيءَ ـ ڀوتڻ. جادوگرياڻي ـ بدصورت عورت ـ ٻانڀ. مڪار عورتَ ـ ڀوڳي ـ ڏوتي ـ ڏِيٺِ. ڪنايتاً، بندوقَ.

● ڏائڻُ: مصدر. [سن. دامني = رسي]. جانورن جو اڳيون ٽنگون رسي سان ٻڌڻ ـ وَڪڙُ ڏيڻ ـ قابو ڪرڻ ـ ڏانوڻُ وجهڻ ـ زنجير يا بيڙيون وجهڻ ـ ڪڙڻ ـ روڪڻ. شروع ڪرڻ ـ آرنڀ ڪرڻ ـ مهورت ڪرڻ ـ جوتڻ ـ مُنڍِڻ، ٻيرتُ ٻَرڻَ جي شروعات ڪرڻ (ٿ).

● ڏائو ۽ ڏائا يا ڏاوا: ذ. [سن. وامَ = ڪٻو] ڪٻو ـ کاٻو ـ ڏاٻو. کٻي پاسي وارو ـ کٻو پاسو. اُبتو ـ ڏِنگو. کاٻي پاسي کان پولينڊڙ تيتر (ل). جيئن:

"ڏائو ڏياري پريا مات پٽن ۾"

اپا گو ـ نپا گو ـ نحس ـ بدسوڳو. دغاباز ـ بي ايمان ـ بدِ نيت ـ گنهگار. بچڙو. هندن وٽ سون خاطر ڪم ايندڙ (ڏِيئي جي شڪل جهڙو) ٺڪر جو ٻوتو.

ـ ڏائو جهائو (ٿ): ذ. خراب هوا.

ـ ڏائيءَ ڪڙِيءَ ڏَنيڻ: بدنظريءَ ٽارڻ لاءِ ڏنڀَ ڏيڻ جو هڪ سوڻُ ڪرڻ.

ـ ڏائيءَ ڪڙِيءَ ۾ عقل هئڻُ: سمجهه جو گهٽ هئڻ ـ ٻي عقل يا ڪم فهم هئڻ.

● ڏائيءَ ۽ ڏائيونءَ: ث. نشاني طور ڪم آندل کاٻه شئي. سٽيءَ جي دَڙي (رستي جي نشان لاءِ) پيتَرَ آچليل (رستي ڏيکارڻ لاءِ). نديءَ ۾ پاڻيءَ جي ساپ لاءِ کوڙيل ڪاني. سودي جي مهل واپارين جو قميص جي پلاند جي هيٺان هڪ ٻئي کي قيمت ٻڌائڻ لاءِ ڏيکاريل آڱريون: نشاني لاءِ ڪم آيل جهنڊو يا جهنڊِيءَ. چتاءُ ـ اشارو ـ نشاني ـ آهنج ـ آجَ ـ آهڃاڻ ـ ڏهڻائي (ل). سَهڻَ. ورهاڱو ـ ورچَ. مقرري ـ جڳهه. انجام ـ نهرايل وقت. پاڻيءَ ۾ راند رهڻ مهل ٽٻيءَ ۾ ڏيکاريل ٻه آڱريون ـ ڪنڊرو. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ ڏاهيءَ.

ـ ڏائيءَ رانڊِ: ث. راند جو هڪ قسم ـ پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي، هٿ مٿي ڪڍي ٻه آڱريون ڏيکارڻ جي راند ـ ڪونڊرو ـ ڪونڊرَ (ل).

● ڏائي، ڏِنڀي، ج ڏائيئون، ڏنڀيون، : ث. چَلُ وَلُ - ڊوهه - دولابُ - ڪُپَتِ - ڏِنگي - ڏاءُ ڏِنيگُ.

● ڏايَارُ ج ڏايَارَ(ت) : ذ. صفت. [سن. وامَ = ڪاٻو]. ڏاٽي هٿ سان ڪم ڪندڙ - ڪاٻَڙُ - ڏاوَڙُ.

● ڏُٻرو ج ڏُٻرا (ت): ذ. صفت. [پرا. دُبَّلَ. سن دُرُ = خراب + بَلُ = طاقت] گهٽ طاقت وارو - ڪمزور - ٽَڪَلُ - هيٺو آپرو - ضعيف - ڏُٻرو.

● ڏَٻَ ج ڏَٻون، (ل - ت): ڏَٻي سِنگ وارِي، مينهن يا ڍڳي - هڪ بيمارِيءَ جو قسم. ڪل جي پاڙ.

● ڏِٻَ ج ڏِٻون، (ت): ث. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم (گاهه - گاهه جي پاڙ جا ماڻهو کائيِنِ).

● ڏِٻاڪو ج ڏِٻاڪا (ت): ذ. صفت. حريف - لالچي - لوڀي. خراب عادتن وارو - بدلڇڻو.

● ڏُٻاءَ ج ڏُٻائون، : ث. [سن. دَمَ =] دَٻَ مَهُميزَ - چوڪَ. جيئن ته:

"وِهِ وِڄائي پاڻ، ڏي ڏَٻائون ڏُڳرين"
(شاهه)

گهٽَ - جهوتَ. [سن. دُرُ = خراب + وائي = ڳالهه] عِتابُ - پاراتو - ڏوراپو - ڏواءُ - ڏُٻائي.

- ڏُٻائي، ج ڏُٻائيون، : ث. ڏُٻاءَ - ڏُوائِي.

● ڏَٻَرُ ج ڏَٻَرَ (ل): ذ. واٽرڪورس، ڪڙٽي يا واهه ڪي بندڻ بعد منجهس رهيل پاڻي - لٽل پاڻي - واهه جي لاٽَ. ماٺي وهڪ وارو پاڻي. موٽر جو ٻچو - پوندڙُ - پوندِڙي.

● ڏُٻرو ج ڏُٻرا: ذ. [پرا. دُبَّل. سن. دُرُ = خراب، گهٽ + بل = طاقت] ڪمزور - بي زور - ضعيف - آپرو - ڏَٻَلُ - لاغر. ناتوان - هيٺو - نِستو - نِبَلُ - پٽنگُ - يَڪتَهو - ٻاندِيو - ٻاندو - چينجهرو - ٽِينجهه. جهڙو - گريل - ٻوڏو - ڪُڙنگُ - سُڪل - ڍانگُ (ضد. سُٻرو ج سُٻرا). (ث. ڏُٻري، ج ڏُٻريون،).

- ڏُٻراڻِ ج ڏُٻرائون، : ث. ضُعفُ - ڪمزوري - نِستائي - آپرائي - ناتَواني - هيٺائي - نِبلتا.

- ڏُٻرائي، ج ڏُٻرائيون، : ث. ضُعفُ - ڪمزوري - نِستائي - هيٺائي - ضَعيفائي - دُرُبلتا - لانجهه - ڪم هستي - نبلائي - آپرائي - بي طاقتي - هَلڪِڙائي - پتلائي - هَلڪائي.

- ڏُٻرو آچارُ ج ڏُٻرا آچار: ذ. گهٽ ۾ گهٽ رِتَ يا تخمينو. آخري فيصلو. ساکَ - پَتِ - قسمُ.

- ڏُٻرو آچارُ هڻڻُ: ٿوري اٽڪل هڻڻ - نندي ڪٽ هڻڻ.

- ڏُٻرو آچارُ ڪَرَڻُ (ت): ڳِٽي ڪرڻ - فڪر ڪرڻ. پڇَڻَ جا خيال ڪرڻ - انجام ڪري ٿِرڻ جو گفتو ڪيڻ.

- ڏُٻرو هاٿِي، سَوا لَکُ لَهڻُ: سادِي ۾ سادُو امير ۽ غريب کان شاهوڪار هڻڻ.

● ڏُٻَلُ ج ڏُٻَلَ : ذ. صفت. [سن. دُرُ = خراب + بَلُ = طاقت] ڏُٻرو. بيماري مان تاز آٿيل - البت سڪر - صِحَّت پَذِيرُ.

- ڏُٻلائي، ج ڏُٻلائيون، : ث. ڏٻرائي. سڪرائي (ڪنهن بيماريءَ مان) - اِفاقه - نِمرائي - صحت يابي.

● ڏَٻو ج ڏَٻا: ذ. صفت. لڙيل سڱن يا ڪنن وارو (ڍڳو، يا پاڏو وغيره). هيٺ لِڙيل. جهُڪيل - لِميل - لڙڪيل - ڍُرڪيَل. آکُ ٻيٺيَل، - اک بند ٿيل - ڪاٺو (ت). ذ. ٽِينُ يا لوهه جو دَٻو. ريل جو بارگير گاڏو (ل).

● ڏَٻهه ج ڏَٻهون، (ل): ث. ڪاوڙ مان ڪيل جٺهه - هَلان - آلَر.

● ڏَٻِي، ج ڏَٻيون، : ث. مٿي ۾ پائڻ جي ٽوپي - ٽوپِڙي. ڪا پالي ٽوپي.

● ڏَٻِي، ٽوپِي، ج ڏَٻيون، ٽوپيون، : ث. لَڙيل ٽوپي - ٽيڙهي ٽوپي - جَمَنِي ٽوپي.

● ڏُيالُ ج ڏُيالَ : ذ. [ذ = ڏينهن + پالُ = آپالُ >آپار]. هڪ طرف جو نالو - اوڀر - آڀرُندو - مَشرِق.

● ڏ ڀڻُ: مصدر. [پرا. دَهَڻ. سن. دَهُ = سڙڻ] سَڙڻ - جلڻ. جيئن:

Gul Hayat Institute

"مَحبَّتَ سند و مَنَ ۾، ٻَرُ ٻِيالو جن،
پِيڻُ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏَپَن"
(شاهه)

تباهه ٿيڻ - برباد ٿيڻ - چٽ ٿيڻ - ناس ٿيڻ - ڦِٽڻ - پامال ٿيڻ - آبِتَرُ ٿيڻ - اُجَڙُ ٿيڻ - اُجاڙ ٿيڻ. سُجو ٿيڻ - ڪُٽي وڃڻ - لُٽجي وڃڻ.

● ڏُپڻُ: مصدر. [سن. دُهـ = ڏُهڻُ] جانور جي ٿڻن مان کير ڪڍڻ - ڏيڄڻ - ڏهڄڻ - لچوئجڻ (وهٽ جو) - چوسڄڻ - ڏيي وڃڻ. عذابُ ڪاٽڻ - پيڙ هڄڻ - ڏَجها ڏسڻ - ڪُنجهڻ - ڪُرُڪڻ - دانهون ڪرڻ.

● ڏَتِ ۽ ڏِتِيُون: ث. واندڪائي - اڪيلائي - فرصت - نسچنتتا - فرجو - وارڪائي - وارَ - فراغتَ - نِويڪلائي - ساڪنا. وَجهُ - وَقتُ - سَجهُ - ساچي - ٽِڻ - موقعو - سُو - سانگو. اعتبار - يقين - ويساهُ. انجام - وعدو - ٻولُ - وچن.

- ڏَتِ ٻَتِ: ث. قول - انجام - پرتگيا - واعدو - وَچَنُ - ٻِرَنُ - ٻولُ - ڳالهه - اقرار. ميلُ - ٺاهُ - صُلح.

● ڏَتُ ۽ ڏَتَ: ذ. [سن. دَتّهَ = بخشش: دا = ڏيڻ] مهرباني - احسان - ٿورو - وَڙُ - عنايت - بخشش.

● ڏِتِ ۽ ڏِتُون: ث. نمائي نظر - اک ٿوهه - ڏيت. شوق يا چاه سان نهارڻ جي حالت - قرب جي نظر. عادت - طريقو - رواجُ - هالُ - چال - هير - وَردُ - ريت - خوءِ - پر - روش - شيوو - خصلت - عِلت - رسم - راه - ريت - پرويز - هالو چالو. صورت - شڪل. مٿاءُ - بيهڪ. جيئن:

"سونَهن موتي صِفَ ۾، آهي تهڙي ڏِتِ ڏندن"
— (ملار).

ڏيا - ڏيڪاءُ - چلڪو - جهلڪو.

● ڏِتُ ۽ ڏِتَ (ٿ): ذ. سٿي وارو ڪاڏو.

- ڏَتَرَ سَنَوانُ هَئڻُ: ٺاهه يا سُلُوڪُ هئڻ - صلح هئڻ.

- ڏَتَرَ سَئِڻُ: شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ ۽ ڪُنوار جو لائُن وقت اناج جا ٻُڪَ پري

هڪ ٻئي ڪي ڏيڻ - ٽِرَ مَٺڻ - ٽِرَ پِرَڻ. وڙهڻ - جهڳڙو ڪرڻ.

● ڏُتِرجَڻُ: مصدر. پاڄي وڃڻ - گمراه ٿيڻ - اوجهڙجڻ - رولُ ٿيڻ. غريب ٿيڻ - مسڪين ٿيڻ - ڪنگال ٿيڻ. حالتن ۾ خراب ٿيڻ - تڪليف ۾ اچڻ - ڏُتڙِجڻ.

● ڏُتڙُ ۽ ڏُتَڙَ: ذ. [سن. دُرُ = خراب + تَٽُ = گهيڙ. پرا. دُتَرِيُ. سن. دُسْتَٿي، دُسُ: دُشُ = خراب. تٿي: تيتُ = ڪنارو]. ڏکيو گهيرو - خراب تَڙُ - خراب جاءِ - خراب هنڌ - ڪِنو ماڳُ - ڏُجَهڙُ - اوجهڙ - برباد - تباهه - ويران - ڦِتَلُ. (ضد. سُتَڙُ). (اسم خاص). سنڌونديءَ جي هڪ قديم بندر جو نالو (پارينگر تعلقي ٿنيءَ جي پاسي ۾).

● ڏُتِڙَڻُ: مصدر. [سن. دُرُ = خراب + تَٽُ = گهيڙ]. گهمراهه ٿيڻ - اوجهڙُ ٿيڻ - دربدر ٿيڻ - رُلڻ - ٿُلڪڻ غريب ٿيڻ - بي حال ٿيڻ - بد حال ٿيڻ.

- ڏُتِڙِجَڻُ: مصدر. ڏُترجڻ - ڏاڍو غريب ٿي وڃڻ - صفا نادار ٿيڻ.

● ڏِتَلُ واهُ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏتيڪُ ۽ ڏَتيڪَ: ذ. [سن. دُوِ = ٻ، ڏُونُ]. هندڪي سنبتَ ۾ ٽيئن سال ۾ (شمسي سال سان پوري ڪرڻ لاءِ) ڳنڍيل وڌيڪ مهنو (چاڪاڻ جو قمري سال، شمسي سال کان هر سال ڏهه ڏينهن اڳ ۾ پورو ٿئي ٿو). ڪَبِيسَهَ - لُنڊُ (مهنو) آڌڪُ - آڌِڪُ - پَرشوتمُ.

● ڏُٽُ ۽ ڏُٽَ: ذ. جهنگ جي گاهه مان پيدا ٿيل آناجُ - جهنگلي ڦل ڦولُ - جهنگ جو اَنُ - جهنگلي ڪاڏو - جهڙوڪ (ڏونئرا، ٿوهَ جو ٻج، سالئُون ٻُسي - مانڌاٺو - مڪئي، پُرُٽُ - ڪُوريُ، ڪِرنگهه، سنگها، مرٽ، ٻٽ بصر، ڪوڊير، گولاڙو، لَيَار وغيره) ڪک جن مان اَنُّ نڪري.

- ڏُٽُ ڪَرَڻُ: ڏُٽُ (جهنگلي اَنُّ) گڏ ڪرڻ - ڏُٽَ تي گذران ڪرڻ - جهنگ جي ڪاڌي تي گذران ڪرڻ.

- ڏُٽُ هلڻُ: ڏُٽُ چونڊڻ يا ڳولڻ واسطي هلڻ.

● ڏٽائي: اسم خاص. هڪ ذات جو لالو.

● ڏٽڪار ۽ ڏِٽڪارون: (آواز) ث. ٻڪرين ۽ رِڍُن وغيره کي هڪلڻ، ڀڄائڻ يا اٿارڻ جو.

● ڏَٽڻُ: مصدر دٻي ڀرڻ - زور سان ڀرڻ - ٺُنهائي تار ڪرڻ - ڀرڻ - دٻائڻ - ڦَسائڻ. ڪنهن بہ شئي جو ٻُوٽ يا وات بند ڪرڻ - ٻُنجو ڏيڻ - ٻُنجڻ - ٻُوچ ڏيڻ - ليڙو ڏيڻ - ڏَٽو ڏيڻ. ڪَڏَ ڪوٽي منجهس بند ڪرڻ - زمين ۾ پورڻ - دفن ڪرڻ. (هہ. ڏاٽنا).

- ڏَٽجڻُ: مصدر. ڏاڍو ڀرجڻ - ڪٺن ڪرَ ٽيٽ - چڱيءَ طرح ڀرجڻ.

● ڏَٽو ۽ ڏَٽا (ل): ذ. [سن. دانت]. گيهہ يا تيل سان ڀريل دٻي جي ٽنگ کي بند ڪرڻ جي ترڪيب (نوڙي جو چلو ناهي، سوراخ مٿان رکي مٿائنس ڪپڙي ٽڪر ڏيئي، ڪپڙي جي مٿان سوراخ کي ڪٽڪ جي اٽي يا گپ سان پرڻ) - ڪاٺ جو ٻُوچ - اگِڙيڻ جو ٻُوچ - ٻُنجو - ٻٽو - ليڙو. ميردنگ (پکواز) جي ڪشن چڪڻ يا سخت ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو گول ڊگهو ٽڪرو. نڙ ۽ گوءِ کي هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌڻ واري هنڌ تي اگِڙين جو ڳٽو (ت). ڪوڙو انجام - گشو - دلاسو - فريب - يٽ - زَٽ - ڪوڙ - ڦَڙ ڏ - ٻٽاڪَ. (آواز) جانورن کي هڪلڻ مهل وات جو آواز (ت). (صفت) ٿُلهو - موٽو - ٿُوٽو - همٿ ڀريو - سگهارو - جبرو - جانٺو - قوي - جنگ.

- ڏَٽائي ۽ ڏَٽائي ذ. صفت. ڏٽو ڏيندڙ - گشائي - ٻٽاڪي - زَٽيلي. ڪوڙو - دغاباز - ٺڳ.

- ڏَٽو ٻوزِي ۽ ڏَٽا ٻوزِيون (ت): ث. ٻٽاڪ - ٺڳي - ڊاڙ. چالاڪي - ڪوڙو دلاسو - فريب.

- ڏَٽو ڏِيڻُ: گشو هڻڻ - ڪوڙو دلاسو ڏيڻ. دغا ڪرڻ - فريب ڪرڻ - ٺڳي ڪرڻ. گهوڙي کي هڪلڻ لاءِ زبان سان ٺڪاءُ ڪرڻ - ڏاند يا ڪنن کي هڪلڻ - ڪتي کي هوشيار ڪرڻ (ت).

- ڏَٽومٽو ۽ ڏٽامٽا: ذ. صفت. ٿُلهو مٽارو - وَڳروٽو - جاڪستو - برجستو - همت ڀريو - زور ڀريو - سگهارو - ڏونسو - جانٺو.

- ڏَٽو سِلائڻُ: ڪوڙ ڳالهائڻ - ڪوڙو دِلاسو ڏيڻ - گشو ڏيڻ. ٺڳي ڪرڻ.

- ڏَٽئي ۽ ڏَٽئي: ذ. صفت. ڏسو "ڏَٽائي".

- ڏَٽي تي طَرُو چڙهڻُ (ت): اجائي وڏائي ڪرڻ - ٽيڙِي ڪرڻ.

- ڏَٽي ٻوزِيءَ تي ڪم هلائڻُ: دَم دِلاسا ڏيئي ڪم ڪيڻ.

● ڏَٽورِڪي ۽ ڏَٽورِڪيون (ل): ث. صفت. ٿلهي مٽاري - وَڳروٽي - جاڪستي - ڏونسي.

● ڏَٽي ۽ ڏَٽيون (ت): ث. ڪورين جو هڪ اوزار. ڪاٺ جي ٽڪري (جنهن ۾ تاڃيءَ کي سڳي سان ٻڌجي).

- ڏَٽيون ڏِيڻُ: ڦيرِيون ڪائڻ - چڪر هڻڻ.

● ڏِٺَ ۽ ڏِٺون: ث. [سن. دَرشَ = ڏسڻ]. نظر - ڏيکاءُ - جهلڪو - نظارو - چمڪو - نگاهہ - جاچ - غور - لقاءُ - منظر - ڏيک. راءِ - سمجهہ - مت - ويچار - ملاحظو - خيال. مطلب - مراد - منشا. ڳجهارت جو هڪ قسم (جا، سگهڙ ڪا شئي ڏسي ٺاهيندو آهي؛ مثلاً "لوهہ - کهنڊي، عضوو - ڪُڙِي" کهنڊي لڳي هئي تہ ڪُڙي ڪري وجي ڪاڏيءَ کي رسين ها. ڳجهارت - پرولي - معمّہ.

- ڏِٺپرولي ۽ ڏِٺپروليون: ث. ڳجهارت جو هڪ قسم - ڏِٺَ.

● ڏُٺُ ۽ ڏُٺَ (ڪ): ذ. ڦرڙيءَ جو سخت ڳوڙهو يا ڳنڍ و - ڊِبڙ.

- ڏُٺُ وُٺُ ۽ ڏُٺَ وُٺَ: ذ. شڪ - گمان - شُبهہ - آنومان.

● ڏِٺڻُ: مصدر. [سن. دَرشَن = ڏسڻ] ڏسڻ - پسڻ - ديکڻ - نهارڻ - نظرڻ.

● ڏِٺو ۽ ڏِٺا: "ڏسڻ" مان "زمان ماضي مطلق". پَسيو - نِهاريو - ديکيو - نظريو - تڪيو.

Gul Hayat Institute

- ڏِنو ٿيڻُ: پڌرو ٿيڻ- ظاهر ٿيڻ. بدنام ٿيڻ. لڄي ٿيڻ- شرمندو ٿيڻ- ڦِڪو ٿيڻ.
- ڏِنوڙو ٿ ڏِنوڙا (ٿ): ذ. صفت. واقِفُ- ڏِٺلُ- وائِنلُ- پَسيلُ.
- ڏِنو ڪَرَڻُ: ظاهر ڪرڻ- پڌرو ڪرڻ. (ٻين جي اڳيان) بي عِزّتو ڪرڻ- بدنام ڪرڻ- ٻِرُسڪارُ ڪرڻ- خراب خوار ڪرڻ- بي مانو ڪرڻ- ڀڄڙو ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ- لڄي ڪرڻ- ڦِڪو ڪرڻ.
- ڏِنو نَہ وڻَڻُ: ڪراهت اچڻ- نفرت ٿيڻ- ڏِڏُڪار اچڻ.
- ڏِنو وائِنو ٿ ڏِنا وائِنا: ذ. صفت. ڏِٺل وائِنلُ. ظاهِر ظُهُور- پڌري پَٽ- کُليو ڪلايو- عَلَي الاِعْلاَن. سُڃاتو ماڻهو- واقِف ڪار.
- ڏِنيِ مَکِ گِهڻُ: ڏسي وائسي هرج سهڻ- عيب جهڙو ڪم برداشت ڪرڻ.
● ڏُنيِ ٿ ڏُنيُونِ: ث. آڱرين جي هڪ بيماري- آڱر يا آڱوٺي ۾ ٿيل ڦُرڙي.
● ڏَپُ ٿ ڏَپَ: ذ. خاصِيَّتَ، جنهنڪري ڪا شئي وڻي، جيئن: زور- طاقت- سَتُ- جوهَرُ- ٻَلُ- قوّتَ. جيئن:
"ناهہ طاقت تاب تنهن جي ڏئي بيٺا ڏَپَ"
سُونهَن- حُسْن- سوڀيا- خُوبصورتي. جواني. چمڪو- چاڪو- روشنائي- آجلائي. مِنانُ- مِناسُ- مِيناجُ.
● ڏِپُ ٿ ڏِپَ (ٿ): ذ. ڪنهن ضَربَ يا ڏَڪَ سبب سُڄيل ماس جو ڳوڙهو- ڳنڍ و- ڏِٻو- ڊِٻڙ.
● ڏَپَڻُ: مصدر. مٿان هيٺ زور ڏيڻ- دَٻڻ.
● ڏِٻو ٿ ڏِٻا: ذ. ڪنهن ڏڪ سبب بدن ۾ سُڄيل ماس جو ڳنڍو- سوڄ- دِٻُ- دِٻَلُ. ڪنهن بہ شئي جو ڳڙڪايل ڳنڍو- ٻِنُ- ٻِنوڙو- چاڙو- ٽِپري.
● ڏُپَهُرو ٿ ڏُپَهُرا: ذ. [سن. دُو= ٻہ، ڏون + پَرُهَرَ= پَهَرُ] ٻن پهرن جو وقت- ڏُپَهرو- ٻِپَهر- ٻپهرو- منجهند.
- ڏُپَهُرو ڪَرَڻُ: منجهند (ٻنپهرن) جي ماني کائڻ ۽ آرام ڪرڻ- ٻِپَهرو ڪرڻ.
● ڏُجارِي ٿ ڏُجارِيُ (ٿ): ظرف. ڏکيو- اهنجو- ڏُجهاري- تڪليف ۾.
● ڏُجاڙَ ٿ ڏُجاڙوُنُ (ل): ث. خراب زمين- ٻَوائيتو هند.
● ڏِجَڻُ: مصدر. ڏيڻ ۾ اچڻ- ڏنو وڃڻ- ڏيئي ڇڏجڻ- ڏيڻ. ڏِنو- ڏِنلُ.
● ڏُجَڻُ ٿ ڏُجَڻَ: ذ. صفت. [سن. در= خراب + جن= جڻ، ڄڻيل، ماڻهو) خراب ماڻهو. جهيڙو پيدا ڪندڙ- جهڳڙو جاڳائيندڙ- ڏُڦيڙُ وجهندڙ- ڇيٽا ٻورُ- اِنفاقِي- بغاوتي- دشمن- وِيري. نياڳو- ڪمبخت. ڏُجَڻ.
● ڏُجَڻَ ٿ ڏُجَڻَ: ذ. صفت. [سن. دُرجَنُ= خراب ماڻهو] وِيري- دشمن. جيئن:
"چندن چُور ڪريندي رتو مَنہ ڪُهاڙَ،
سڄڻ ڏُجَڻُ لئہ ٿئي جي رُهي سَوارُ"
(شاهہ ڪريم).
(ضدّ. سَڄَڻُ ٿ سَڄَڻَ).
● ڏَجَهہ ٿ ڏَجُهونُ: قَرُضُ- لهڻو.
- ڏَجَهہ لَهَڻُ: قرض ادا ٿيڻ- قرض لهڻ.
● ڏَجَهڻُ: مصدر. [پرا. دَجَهڻَ: دَهَنَ. سن دَهَنَ: دَهہ= ساڙڻ]. سَڙَڻُ- ڪامڻ- ٻَچَڻ- جَلَڻ. ساڙي ۾ سَڙَڻ- حسد ۾ ٻرجڻ- اِير ڪا ۾ ٻرجڻ- رِيسَ ڪرڻ- تَسيو ڪرڻ. ٻوسِرڻ- ٻَجِرَڻ- اِيرِ ڪجڻ- رِيسجڻ. تڪليف ۾ اچڻ- ڏک ڏسڻ- والج ٿيڻ- هيڙ هجَڻ- ستائجڻ- ڏڪوئجڻ. تنگ ٿيڻ- بيزار ٿيڻ- خفي ٿيڻ- هُڙڪَڻ- ڪُرڪَڻ- ڪُڙَڻ- ڪونچائجڻ. رَڳِيڙجڻ- ڳهجڻُ- ڳسڻ- ڪاڄڻ. چيٽ ٻوڻ.
- ڏَجُهہ ٿ ڏَجَهہ: ذ. ٻَچُ- ساڙ- سوز- جَلُ- ڪام. جاڙُ- ڏک- درد- غم. جيئن:
"هڪ مک نہ ساريم سرتيون، ٻيو ڏکيس
ڏيرن ڏَجُهہ".
- ڏَجهارو ٿ ڏَجهارا: ذ. صفت. ڏکويل- ڏکارو- ڪُهيَلُ- مصيبت زَدَهُ- رَنْجيدَهُ.

Gul Hayat Institute

- ڏڄهو ۽ ڏڄها: ڏک - درد - رنج - عذاب - تڪليف. جيئن:
"جت ڏبر ڏيئي ويا متيءَ کي ڏڄهو."
(بيڪس)

- ڏجهو ڏسڻ: تڪليف ڏسڻ - ڏکن ۾ گذارڻ.
- ڏجهو ڏيڻ: دل کي ماڙڻ. دل کي گهاءُ ڪرڻ - صدمو رسائڻ. ڏک ڏيڻ - تڪليف ڏيڻ - آزارڻ - ستائڻ - مور ڏيڻ - ڪَک ڪرڻ - ايذائڻ - تنگ ڪرڻ. ڇڪينڊڙي پائڻ - ڇموتو وجهڻ - ڇيوٽ ڏيڻ.

● ڏجو ۽ ڏجا (ت): ذ. ڏڪار - آڏات.
● ڏچر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏچر ۽ ڏچر (ل): ذ. صفت. [سن. دُر = خراب + چر = هلڻ] خراب هلت وارو - اڏلڳي هلت وارو - بي آرڪانو - بدلڇڻو - بد افعال - بدتميز. بيوقوف. مسخرو - چرچائي - مسخرو. جوڪر.
● ڏچر ۽ ڏچر: ذ. صفت. [سن. دُرچر. دُر = گهٽ + چر = چرڻ]. چڪيءَ طرح نه چرندڙ جانور - ٿور چرو - ٿور کائيڪ. (ضد. سچر ۽ سچر). گهوڙن جو اصطلاح. ٿورو کاڌاڪ (گهوڙو) منچر (گهوڙو).
● ڏچڪو ۽ ڏچڪا (ل): ذ. [هـ. ڏچڪو] اپو ساهه - لوڏو - ڌڌڪو - هيڇڪو - ڇڪي - اڀساهي - ڌڌڪو - ٺپلهو. لقصان - زيان.
● ڏچڻ (ت): مصدر. ٽڪڙو ٽڪڙو ڪائڻ - هيچ مان ڪائڻ.
- ڏچي ڪائڻ: هيچ ڪري ڪائڻ.
● ڏچو ۽ ڏچا: ذ. فساد - گوڙ - گهمسان - لٿو - وگوڙ. آزار - وَبال - مصيبت - ڪُٽ - سچر.
- ڏچي جي متهل: ث. ڪُٽ يا مچر ۾ پين جيتن جي جانورن کي کائڻ جو وقت - سانجهي.

● ڏچو پرڻ: ڏوکهي بند ڪرڻ - ڏوکيڻ - ڏتيڻ - ڦسڻ - گهوچيڻ.
● ڏچليو (ت): ذ. هولي ڪانپوءِ ڏسمي جي ڏينهن وارو اپڪاٺو - ڏسليو.

● ڏڏر ۽ ڏڏرون (ت): ث. چمڙيءَ جي هڪ بيماري - ڏبر - ڏڏر. ڦرڙي - ڦٽ.
● ڏڏر ۽ ڏڏيون: ث. صفت. اڻپوري - اڌڙ - ناجائز - بيجاءِ - اڻ سهائيندڙ. نادرست - اڻ صحيح - آڪاريه - پلائتي. آبتي - اونڌي - آلٽي.
● ڏڏو ۽ ڏڏ: ذ. [پرا. دُدّ. سن. دُهه = ڏهڻ] ورلوڙيل کير - ولوڙي مکڻ ڪڍيل ڏونرو - لسي - مهي - جهڻ - ڇاڇ. چاول کير - ڏونرو - ڏهي - دهي.
- ڏڏو پوڻ: ڍڳي يا ٻڪريءَ جو ڦرجڻ.
- ڏڏو ڦوڪي ڪائڻ: حدّ کان زياده احتياط ڪرڻ.
● ڏڏر ۽ ڏڏر: (لڄيءَ جو) اڌڙ - سڪل اڌ ڪارڪ - ڏڏڙ. ٽڪر - ڏرو - سڙيل - جليل. متو - بيحال - ڏکي - دل شڪستو - ڏڏو.
- ڏڏر پڌرا ڪرڻ: ڪنهن جا پول پڌرا ڪرڻ - ڪوڙ ظاهر ڪرڻ - ڏوهه يا عيب پڌرا ڪرڻ - عيب جوئي ڪرڻ.
● ڏڏر (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏڏر: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.
● ڏڏڙ ۽ ڏڏڙ: ذ. ذرڙو پيڪل - پورو - پڪو - ٽڪر - ڏڏر. ڏڏر.
● ڏڏڙي: ث. چٽن يا مٽرن جون رڌل ڦريون - مٽري - چپ چٽيٽي - پڪيي.
● ڏڏل ۽ ڏڏل: ذ. صفت. [سن. دُکڌ] ڏکي ڏنل - ڏکويل - ڏڏو.
● ڏڏل ۽ ڏڏل: صفت. [سن. دُهه = ڏهڻ] کير ڏڏل - نچوئيل. پيڙي غريب ڪيل - ڪنگال.
● ڏڏو ۽ ڏڏا: ذ. صفت. ماريل - ستايل - ڏکويل - آزاريل - ڪشٽ ڏنل - رنجايل - دکي - سيتم زده - پيڙيل - ڏڏل. حاسد - ساڙي ڪاڏو - اڙڪائو - رسارو. اڏ پڪل آن.
- ڏڏا پوهر (ت): اڏوگابرو پڪل فصل - ڪچو فصل.

● ڏُڏو ۽ ڏُڏا: ذ. صفت. [سن. دُهنُ=ڏهڻ] "ڏُهڻ" مصدر جو اسم مفعول ـ کير ڪڍيل ـ کير نچوئيل ـ ڏُڏلُ.

ـ ڏُڏو کيرُ ٿڻن ۾ نه پوڻُ: گذريل وقت جو وري موٽي نه اچڻ ـ ساڳي حالت ۾ وري موٽي نه اچڻ ـ ساڳي حالت ۾ وري موٽي نه سگهڻُ.

● ڏَڏورُ ۽ ڏَڏورَ: ذ. صفت. [پرا. دَڏَ. سن. دَگڌَ+اور] ڏَڏلُ ـ سڙيل ـ مُتَلِ ـ رنجيده ـ ستايل ـ مصيبت زده. آڏَ رڏو ـ آڏ پڪو ـ آڏ ڪچي ـ آڏَ پڪيُ رَڏلَ جُوارِ يا ٻاجهري ـ ڏَڏَرُ ـ ڪوهرُ.

● ڏُڏ ٻليُ: ث. وَلُ جو هڪ قسم (سنهڙا پن جن مان کير نڪري) ـ کيرولَ (ت).

● ڏَڏُ ۽ ڏَڏَ: ذ. صفت. [ف. دَدُ=سِرُونُ] بي علم ـ اڻ پڙهيل ـ جاهل. آڻ ڄاڻُ ـ بي سمجهه ـ آناڙي ـ بي وقوف ـ نادان ـ مورِ ڪُ ـ ڄَٽُ. ڄڏو ـ ڄڏالُ ـ چٽُ ـ مُڏُ ـ مو ڳو ـ مو گشتُ ـ موڏنُ ـ مو ڳٽُ ـ ٺُٺُ ـ ٻوڙو ـ پسُون ـ ميڪيڙاتُ.

ڏَڏائيُ ۽ ڏڏائيُونُ: ث. بي وقوفي ـ مور ڪتائي ـ نادائي ـ ڄٽپائي ـ ڪُندُ ذهنيي.

● ڏُڏُ ۽ ڏِڏَ (ت): ذ. صفت. ڪچو ـ تمام ڪچو ـ آپڪُ ـ آڻ رسيلُ.

ـ ڏِڏائيُ ۽ ڏِڏائيُونُ ث. ڪچائي.

● ڏُڏُ[١]: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَڏَرُ ۽ ڏَڏرَ: ذ. چمڙيُ جي بيماريءَ جو هڪ قسم ـ ڏَڍُ ـ چاپاڪو ـ ڍڦڙُ ـ سُرڻو ـ دَبڙُ ـ ميتالگُ. سنگ ۾ اڏ ڪچو اڏ پڪو انَّ ـ اڌ رڌل ڪچو آنَّ ـ ڏڏورُ ـ پڪو مڙسِ ـ آڏڙوت. ڪرڙو ڏيُ (ت). ڪڙ ڪڙيو لانُونُ (ل).

ـ ڏِڏَرُ ٿيڻ: سنگنِ ۾ انَّ جو اڌو ڪابيرو پچڻ (ت).

ـ ڏِڏِرجڻُ: مصدر. چاپاڪي جي بيماري ٿيڻ ـ چاپاڪجڻ ـ دِ ٻڙجڻ ـ سُرجڻ.

● ڏَڏَرڻُ: مصدر. [سن. تَرُت: دَرُ دَرِهُ= ٽڪر ٽڪر ڪرڻ]. ڪنهن شئي کي اڏ ڪارو ڪٽڻ ـ اڏوراڻو ڪٽڻ ـ ڏڏرُ ڪرڻ ـ ڏارو ڪرڻ ـ ڏڏرڻ ـ پورِڻ ـ پُڪا ڪرڻ ـ ڏَريُون ڏَريُون ڪرڻ ـ ٽڪر ڪرڻ ـ زمين کي سادي طرح سڌو ڪرڻ ـ سنوارڻ.

ـ ڏَڏَرُ ۽ ڏَڏَرَ: ذ. صفت. اڏوڪارو ڪٽيل ـ اڏوراڻو ڪٽيلُ ـ ٿُلهو ڪٽيل ـ ڏَرِيلُ. (ذ) آڏُ ڏَريل آنَّ ـ ڪچو آنَّ (ت). ڏَڏَڙُ ـ ذرڙو ـ ٽُڪر ـ پُورُ ـ ڦڏر ـ پُڪو ـ ڏارو ـ چُورو.

ـ ڏَڏَرُ ڪرڻُ: اڏوگابرو ڪٽڻ ـ ٿُلهو ڪٽڻ ـ ڏَرِڻ.

● ڏَڏو ۽ ڏَڏا: ذ. ڪوڙي دعويٰ ـ دولاب ـ ڪوڙي تهمت ـ ڦڏو ـ ٺڳي ـ چالاڪي.

ـ ڏَڏو ٻڌڻُ: ڪوڙا ڏاهه ڏاهڻ ـ ڦڏو ٻڌڻ.

ـ ڏَڏو ڏَڪرُ: ذ. دهمان دڙڪو ـ رعب تاب ـ هائيتَڙ هُوئيتَڙ ـ هاها هوئيتَڙ.

ـ ڏَڏو ڏَڪرُ ڪرڻ: هائيتَڙُ هُوئيتَڙ ڪرڻ ـ دهمان ڪرڻ.

ـ ڏَڏوڙُ ۽ ڏَڏوڙَ (ت): ذ. صفت. ڪوڙو دعويدار ـ ڦڏَنيي.

● ڏُڏو ۽ ڏُڏا (ت): ذ. کيرو. شَلَ.

● ڏَٻُ ۽ ڏَٻُونُ: ث. [سن. دَدُرُ]. چمڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم ـ ڏَڍُ.

● ڏَٻُ ۽ ڏَٻَ (ت): ذ. ڏَڍُ.

● ڏَڍُ: ث. [سن. دَدُر=ڏَڍُ]. چمڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم ـ خارشي متلو.

● ڏَڍُ: ذ. [سن. دَرِڍَ=دلاسو]. آسرو ـ آڌار ـ ٽيڪو ـ دلاسو ـ دلجاءِ ـ ڀروسو ـ ڀرجهلو ـ سهارو ـ جهلو ـ ٽيڪ ـ ٿنڀو ـ ٿوڻي ـ ڀُستي ـ ڀرَ ـ تَلَ ـ تارِيُ ـ دَمُ ـ مدد ـ اميد ـ توڪل ـ سهائيتا ـ همراهي ـ حمايت ـ ڀُٽ ـ ڀُنيرائي ـ واهرَ. لُڪُ ـ لڄَ ـ بنياد. ڏاڍائي ـ همت. تسلي ـ آٿت.

ـ ڏَڍُ ڏِسڻُ: اميد هئڻ ـ آسرو هئڻ ـ احسان جي توقع هئڻ ـ مهرباني ۽ مروت نظر اچڻ.

ـ ڏَڍُ ڏِيڻُ: تسلي ڏيڻ ـ دلاسو ڏيڻ ـ دلداري ڏيڻ ـ آسرو ڏيڻ ـ آٿتِ ڏيڻ ـ مدد ڪرڻ جو آسرو ڏيڻ. همت افزائي ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏُڏَرِ: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

● ڏَرُ ع ڏَرَ. يا ڏَرُون: ذ. ث. [سن. درّ = چيرڻ] جيتن ۽ سرجتن وغيره جي رهڻ جو ڏَرُڙُ - تنگ - سوراخ - ٻِرُ - ٻرگهلُ - ڏورُ - سَلُ - ڇيدُ - ڦوٽَ - چيرُ - ڏارُ - ڦوڙ. ڪنهن جهنگلي جانور جي رهڻ جو ڪوتيل هنڌ - گدڙ جي رهڻ جي جاءِ - چُرَ - غارَ. آنّ ڏرڻ جي حالت.

"گيدڙ کي گتيءَ پوي، ته ڏَرَ ۾ وڃي لڪي".

-- (ڀهاڪو).

- ڏَرَ تي شينهن هڻڻُ: پنهنجي گهر اندر ڏاڍو هئڻ.

- ڏَراچَڙا ڪَرَڻُ: ڏَرِڻ چِتِرِڻ (آنّ) چنبَ ڦوڪَ ڪرڻ - وائُرِڻُ.

- ڏَرَ ڦَرَ ڪَرَڻُ: آڏو اُبتو ڪم ڪرڻ - جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ.

● ڏَرُ ع ڏَرَ: ذ. [پرا. دَرَ. سن. دَرَهُ = ڊپ] ڊِ جُ - ڊَپُ - ڀؤ - خوفُ - سَنڪوچُ - هيبَت - هيراس - حشمت - تابُ. اَدِڪو - انديشو - خطرو. [سن. دَرّ = چيرڻ] ڪپڙي جي ٿان يا تاڪيءَ مان ڏاريل ٽُڪر. جيئن "ٻه ڏرِي چادر، ته ڏرِي چادر وغيره". ڪپڙي جو ٻَرُ - عَرضُ - وِيڪَرِ. زريءَ جي پَرِڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽُڪر. ڦڪيءَ يا ٽوپيءَ جو هڪ پاسو يا پاڳو.

- ڏَرَ ڪَٽَڻُ: ڪپڙي جا ٻه وڏا ٽڪر پاڻ ۾ ملائي سِبَڻ.

● ڏُراچُ ع ڏُراچَ: ڏاڪڙو - ڏُکُ - تڪليف. جيئن "ڇڏي ڏک ڏُراچُ، هن پر مزا مائڻين" (خان زئي).

- ڏُراچو ع ڏُراچا: ذ. صفت. ڏکويل - ستايل.

● ڏَرائِڻُ: مصدر. [سن. دَرّ = چيرڻ] ڏَرڻِ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. اناج ٽُلهو پيهائڻ - جانور يا ماڻهوءَ جو ڏريو ڪرائڻ - ڏارو ڪرائڻ. چيرائڻ - ڦوڙائڻ (ڪاٺ وغيره). ڊپ ڏيارڻ - هيسائڻ - ڊيڄارڻ.

● ڏُرُت ع ڏُرُتَ: ذ. [سن. دُرِتَ]. مصيبت - آپدا - آفت - هَچا - غَضبُ. تڪليف - دِقّت - ڏُکُ - رنج - سور - غم - اهنج - ايذاءُ. سوڙهه - تنگي - مشڪلات - لاچاري. اِفلاس - بد قسمتي - نڀاڳ - بد نصيبي - پريشاني - ڏولائو - شامت - ڪمبختي. ڀؤ - خوفُ - ڊَپُ - ڊِجُ. ڏُڪارُ - ڪالُ - قَحطُ. سَهڪي - تَڪُ.

- ڏُرُتُ پَوَڻُ: قدرتي ڪا تڪليف پوڻ. قحطُ پوڻ - ڏڪار پوڻ - آفت سماوي نازل ٿيڻ.

- ڏُرُتُ ڏوس: ڏک و ڏاڪڙو - رَنج و غم - دُکَ دَردَ.

- ڏُرُتُ ڏولائو وڃڻ: ڏُڪار هليو وڃڻ - سُڪار ٿيڻ - هر جاءِ آسودگي ٿيڻ - سڀ دُکَ دَردَ دَفعَ ٿيڻ - ظلم ۽ فِتنو فساد نه رهڻ - هر جاءِ عدل ۽ انصاف ٿيڻ.

- ڏُرُتُ ڏُئارَ: ذ. آهنج آفتون - مصيبتون - ڏُکُ.

- ڏُرُتُ ڏِئَڻُ (ت): ڏک ڏئڻ - ظلم ڪرڻ يا پهچائڻ - ايذاءُ رسائڻ - رَنج ڏيڻ.

- ڏُرُتُ لَهَڻُ: ڏولائو لهڻ - آفت دفع ٿيڻ.

- ڏُرُتُ نِڪُرڻ: ڀؤ نڪرڻ - مصيبت ٽَرَڻ - ڏُڪار وڃڻ.

● ڏُرُتُ ع ڏُرُتَ (ڪ): ذ. ڏسو "ڏُرت".

● ڏَرِجَڻُ: مصدر. [سن. دَرّ = ڏَرَڻ] جنبُ يا جنبيءَ ۾ آنّ جو اڌڙ اڌڙ ٿيڻ يا ٽُٽهي لهڻ - ذرا ذرا ٿيڻ - چُورو ٿيڻ - ڀور ڀُڪو ٿيڻ. تڪليف ۾ اچڻ.

● ڏَرَڙَ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَرُڙُ ع ڏَرُڙَ: ذ. [سن. دَرّ = چيرڻ] زمين جو چيرُ - ڦوڙُ - ڏارُ - ڦاڙُ - شگافُ - دُرزَ - ٽُنگُ - سوراخُ. ڪنهن جيتَ يا سُرڻِيءَ جي رهڻ جو سوراخ. جهنگلي جانور جي رهڻ جي ڪَنڏَ - چُرَ - ڏَرُ - ڪَنڏَ. ذ. صفت. گهڻو ڪائيندڙ - ڀيٽيرُ - ڀيٽُو (ت).

● ڏَرِڙڪو ع ڏَرِڙڪا (ت): (آواز) نڪ ۽ وات جي مدد سان هڪ خاص قسم جو آوازُ - رَڙِڪو.

Gul Hayat Institute

● ڏَرِڙِي جاگِير: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَرِسَڻُ ۽ ڏَرِسَڻَ (ٿ): ذ. [ه. دَرشَنُ]. ڏيکائي - درسَنُ - ديدارُ ۽

● ڏَرِڪَلِي ۽ ڏَرِڪَلِيُون (ٿ): ث. جَهڪِي - ڪَڪِي.

● ڏَرِڪَڻُ (ٿ): مصدر. [سن. ڏَرِّ = چيرڻ] ڦاٽي پوڻ - ڏري پوڻ - چيرجي پوڻ.

= ڏَرِڪِي پوڻ: ڦاٽي پوڻ - چيرجي پوڻ - ڏَرِي پوڻ - ڏَرِڪَڻ.

● ڏَرِڪو ۽ ڏَرِڪا (ٿ): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● ڏَرڳَهڻُ: مصدر. ڏُبرو ٿيڻ - ڳَرڻ - آيرو ٿيڻ - ڪيِشڻَ ٿيڻ - پٽُو پوڻ - ڪُڙنگُ ٿيڻ - سُڪِي ڪاني ٿيڻ - ضعيف ٿي وڃڻ - نيربَل ٿيڻ.

● ڏُرُمَ: ذ. ڳِشتي - ڪَپت - خفو - ڪيچ. ڪُرڪو - ڪينجهه - ڪُرڪُر - ڪِل ڪِل. ڏُکُ - تڪليف - سختي - نفرت - ناراضپو - ناخوشي - آپرنيستا - ارهائي - رنجُ - بيدلي - ناراضگي - لاچاري. ڪاوڙ - غُصو - چِڙ.

● ڏُرمائيڻُ: مصدر. خفي ٿيڻ - ڪَڪ ٿيڻ - ڪُرڪڻ - جُهڻ جُهڻ ڪرڻ - ڪَپت ڪرڻ. ناراض ٿيڻ - ناخوش ٿيڻ - رنج ٿيڻ - آرهو ٿيڻ - بي مزي ٿيڻ. نَنهَن ڪرڻ - نتائڻ - ڪتائڻ - الڪار ڪرڻ (ٿ). ڏمرجڻ - ڪاوڙجڻ.

● ڏرمائجڻ: مصدر. "ڏرمائڻ" مان فعل مجهول. رنجيده ٿيڻ - ڏُکارو ٿيڻ.

● ڏَرَڻ: مصدر. [سن. دَرِّ = ڏرڻ. پرا. دَلَنَ. ف. دَريدَنُ = ڏرڻ] ٽُلهو پيهڻ (اناج وغيره) ڏريو ڪرڻ - ڏارو ڪرڻ. اڌو اڌ ڪرڻ - ٻه اڌ ڪرڻ - ٻَه ڦاڪُون ڪرڻ. ڦِٽڻ - ڦاٽڻ - ٽُڪر ٿيڻ - چيرجڻ. زور سان رُنڻ - رڙيون ڪرڻ - ڪُوڪڻ - رانيارُ ڪرڻ. [سن. دَرَهُ = ڊَپُ] خوف ڪرڻ - ڊجڻ - ڊَپُ ڪرڻ - خطرو ڪرڻ. گهڻو ڪانئڻ - ڏَليهڻ. سَلِيڻ (ڳجهارت).

● ڏُرَڻ: مصدر. ڏُلَڻ - ڏُولاون ۾ اچڻ - رُلڻ - خراب ٿيڻ - دربدر ٿيڻ - ڏِڪا ڪائڻ - ديس ڇڏڻ - پرديس وڃڻ. ڪِري پوڻ - آيرو ٿيڻ - لَهڻ (ل). جيئن:

"ڏِڳي ڏُرَندي وڃي پر چڙهي ڪانه ٿي".

ٻار جو هڪ ٻاسي لَڙَڻ - ڏِرَڻ - نيمَڻ - جُهڪڻ (ٿ).

● ڏَرِڏُو گهوڙو (ٿ). مڪڙ جو هڪ قسم - ڏِگهين ٽنگن سان مَڪڙُ (جو ويهندو آهي ته پيو لُڏندو آهي) - ٻيبيءَ جو گهوڙو (ٻه چوندا اٿس).

● ڏَرِڏِي ۽ ڏَرِڏيُون (ل): ث. [سن. دَرِّ = ڏرڻ]. رانيارَ جو آواز - شورُ - گوڙُ - پيهَ. ڏُوڙيو - وَسڪارو - ٺهڪو. جيئن:

"ڳارِيُنِ جي ڏَرڏِي پئي پئي".

● ڏَرو ۽ ڏَرا: ذ. [سن. دَرُ = ڏرڻ]. زمين ۾ ڪوٽيل وڏو ٽُنگ - سَلُ - سوراخ - پورُ - ڏَرڙُ - ڏوٽي وغيره ڪوڙڻ لاءِ زمين ۾ ڪوٽيل سوراخ - کوڏَ - کَڏو - کُوہو. ذ. صفت. گهڻو ڪائيندڙ - گهڻَ ڪائُو - پهُوڙِي - پهيِئيرُ - پهُوڙو - هَيچي - طُفيلي.

= ڏَرا ڏِئَڻُ: اڪين ۾ کَڏُون ٿيڻ - اکين جو اندر پيهِي وڃڻ. طاقت ۾ گهٽجي وڃڻ - آيرو ٿيڻ - لَهي وڃڻ - هَلڪو ٿي پوڻ - ڳَري وڃڻ - لَهڻ - ڍُرڪڻ - ڍِلڪڻ - ضعيف ٿيڻ - نِبَلُ ٿيڻ - نِستو ٿيڻ - سُسِي وڃڻ - ڪمزور ٿيڻ.

● ڏَرَهَ ۽ ڏَرَهُون: ث. [سن. دَرُ = ڏرڻ] کَڏَ - ٻاڏَ.

● ڏُرِهُر ۽ ڏُرِهَ: ڏُرِهُون: ذ. ث. خدا کي ڪنهن ظلم بابت ڪيل عرض - فرياد - دانهُن - ڪوڪَ - انصاف جي تقاضا - آهه - پِٽَ - پاراتو - التجا - مُناجات.

= ڏُرِهائڻُ: مصدر. رَنج ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - ناخوش ٿيڻ.

● ڏَرِيَ ۽ ڏَرِيُون: ث. [سن. دَرُ = ڏرڻ] پکي جو هڪڙو پُڙُ - پکي جو هڪ پاسو (ل). چپَرَ يا ڪِرڙ جو لام وارو پاسو (ڪ). تَڏِي جو ٽُڪر - چِيري - تَڏو (ل). ڪپڙي جي ڊگهي

Gul Hayat Institute

ڀتي - ڏَرُ - ڌاڪُ. جيئن "چوڏري (ستڻ وغيره)".
جبل جي گهاري ۾ وَٽَ. جيئن:
"اکيان سجهي سخت تي ڏولڪو ڏاه ڏَري"
(خان زئي).
زمين جي ٽُڪري (ت). ڪنوار کي شاديءَ تائين
گوشه نَشِيني ڪرڻ واري رسم - وَنواهه (ت).
گهوڙي جي سَنجن مان هڪ سَنُجُ - تڙِي -
تَنگُ (ت).
- ڏَرِيُ ڏوتو (ت): ذ. راند جو هڪ قسم.
● ڏَرِيو ۽ ڏَرِيا: ذ. [سن. دَرُ=ڏرڻ]
ڏَريَلُ اَن (ڪچو يا پڪو) - ڏَڏِريَلُ اَناجُ -
ڏَڏَرُ. ڏَڏِريلَ ڪڻڪ جو رَڏَلُ پيَٽُ - ڏارو.
● ڏَڙَ ۽ ڏَڙون (ت): ث. [سن. دَرُ=ڏرڻ]
ڪٿي جي ويهڻ يا رهڻ جو هنڌ - ڏَرِ.
● ڏڙو ۽ ڏَڙا (ڪ. ڪ): ذ. ڪهنوڙو - ڪهنهوڙو -
بالُ - ڏڙهو.
● ڏَڙَهه ۽ ڏَڙَهَ: ذ. ڳَنڊو - غير آباد زمين.
● ڏَڙَهڻُ: مصدر. چَڪُ هڻڻ - ڏاڙِهڻُ -
ڪاٽڻ - ايذاءُ رسائڻ. گوڙ ڪرڻ - هُلُ ڪرڻ.
- ڏَڙَهُ ڏَڙَهُ: ث. گوڙ شور - هُل. جيئن:
"کهڙي ڪٿي ڏڙه ڏڙه ڪئي اٿو".
- ڏَڙَهُ ڏَڙَهُ ڪري روئڻ: زار زار روئڻ -
گهڻا ڳوڙها وَهائڻ.
● ڏَڙهو ۽ ڏَڙها: ذ. ڪهنهوڙو - ڪهنوڙو -
ڪهنهون - ڪينُونُ - ڳينڊ - بالُ - ڏَڙو.
- ڏَڙهي راند: ث. بالَ راند - ڪهنهوڙي راند.
● ڏَڙِهيُ ۽ ڏَڙهيون: ث. ڪاوڙ مان ڪيل
هَڪَلَ - دَڙڪو - تاب - چِنڊَ - دَمڪي - دَبَ -
ڳالهائڻ - ڏَمالَ - تابَش - هَڏِي - چڙبَ - ڀيڙڪيُ.
تَنگَ جو هڪ قسم (ل). سوٽارن جو هڪ اوزار -
لَٺَ جي سارِيءَ جو ٽِپو (ت).
- ڏَڙِهيون ڏِيڻُ: دڙڪا ڏيڻ - دَمڪيون ڏيڻ.
● ڏَڙِيُ ۽ ڏَڙِيون (ت): ث. ڊوڙَ - ڪاهَ -
رُوڙِ - چوهه - اَلرَ - هَلان.
- ڏَڙِيُ ڪَرڻُ: ڊوڙ ڪرڻ - ڪاهه ڪرڻ.
- ڏَڙِيُ ڏوڙو: راند جو هڪ قسم.

● ڏَسَ (ت): صفت. [سن. دَشَنُ: ف. دَهُ=
ڏَهَه] ڏَهَه - ڏهَ.
● ڏَسَ: ث. پَتو - نشان - ٻُڌائڻ جي حالت.
- ڏَسَ ڪَرَڻ: ٻڌائڻ - اشارو ڪرڻ.
● ڏَسُ ۽ ڏَسَ: ذ. (سن. دَشِ=ڏَسڻُ).
نشان - پارُ - پتو - نشاني - اشارو. خبر - اطلاع.
سُونهَپَ - سُڌِ - سُهجاڻُ - سُهجاڻي - هدايت -
ڏَهنائي - سُرُ - مامَ - آهيجُ.
- ڏَسُ ٻَڌائڻُ: نشان ٻڌائڻ - پتو ڏِيڻ.
- ڏَسُ پَتو ۽ ڏَسَ پَتا: ذ. پار پتو - خبرچار -
سُڌِ سماءُ - سُڌِ - جاڻُ - نشانُ.
- ڏَسُ پتو ڏِيڻُ: خبر ڏيڻ - نشان ٻڌائڻ.
- ڏَسُ ڪُرُ ڪيڏائڻُ: پار پتو ڪيڏائڻ -
خبر چار وٺڻ - سُڌِ سماءُ لهڻ - حال احوال وٺڻ -
نشان پُڇڻ.
● ڏِسِ ۽ ڏِسُون: ڏِسيُون: ث. [سن.
دِشَ > دِشا=طرف] طرف - پاسو - جِهتُ - دِسَ -
سُوءِ - پهلُو - ڏِسا - سِمتُ. (چار ڏِسيُون:
اُتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه). ڏُرُ - پارُ. حاشيو.
قطب نما جيُ طرف ڏيکاريندڙ سُئي. ڏيهه -
مُلڪ.
● ڏِسا ۽ ڏِسائُون: ث. ڏِسِ.
- ڏِسِ ڪاري ڪرڻ: ڏيهه يا مُلڪَ کي
بدنام ڪرڻ.
- ڏِسِ ڪاٽيُ ڪرڻُ: ڪارِ پَتِ وڃائڻ -
اعتبار وڃائڻ - قرض ڪٿي پَچَڻ - پاڻ کي ڪِلارو
ڪرڻ - بدنام ڪرڻ.
● ڏَسا ۽ ڏَسائُون: ث. [سن. دَشا=حالت].
حالُ - حالت - صورت - سبب - نمونو. درجو. قسمت.
نصيب - ڀاڳُ - طالعُ - تارو - نيڪَتُ.
● ڏسارنو (ت): اسم خاص. هڪ ڏهر جو نالو.
● ڏَسا سُولُ ۽ ڏَسا سُولَ: ذ. [هه. دِساسُولُ]
آسمان جا خاص نشان، جي جنهن طرف هجن انهي
طرف سفر ڪرڻ نه گهرجي (اهل نجوم جي چوڻ
موجب هن جو اثر روزانو لَوَ گهڙيُون
تي ڪلاڪ ۽ ٽيهه منٽ سج لهڻ وقت رهي ٿو).

Gul Hayat Institute

الهيءَ حالت ۾ اهو جنهن طرف هجي، انهيءَ طرف سفر ڪرڻ باعث نقصان آهي. جيڪڏهن ڪاٻي طرف هجي ته پرواهه نه آهي. پٺيان هجڻ نهايت مناسب آهي. ليڪن سامهون ۽ ساڄي هٿ تي منحوس آهي).

● ڏَسائِڻُ: مصدر. [سن. دَشِ = ڏَسڻُ] ٻُڌائڻ ـ پار پتا ڏيڻ ـ سڌ سماءُ ڏيڻ ـ ڏَسُ پڇڻ ـ ٻڌائڻ.

"اڳڻ اسانجي سيئي آيا، جن تي ڏور ڏسائيو"
(سچل)

[سن. دَنشَ = ڏَنگڻ] ڏنگڻ ـ ڏنگ هڻڻ.

● ڏَسائو ۽ ڏَسائا: ذ. [سن. دَشْ = ڏَهه] قضيي ڪان پوءِ ڏَهون ڏِينهن ـ ڏَهو ـ ڏهين ڏينهن تائين ڪيل خيرات وغيره.

● ڏِسِجڻُ: مصدر. [سن. دَرشْ = ڏِسَڻُ] ڏسڻ ۾ اچڻ ـ پَسِجڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ حاضر ٿيڻ ـ معلوم ٿيڻ ـ ڀانئجڻ.

● ڏِسراڙو ۽ ڏِسَراڙا (ت): ذ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن ـ دَسهڙو.

● ڏُسڪڻُ: مصدر. (آواز). سُڏڪا ڀَرڻ ـ سُڏِڪَڻ. جهاڻي جهلي رئڻ. جيئن:

ڏڪويون ڏُسِڪَن، ڏُسِڪي ڪانهَ ڏکَ ريءِ،
وِلاڏو وَٽِين چڙهي ڏسڪيو جهلي ڏار.
(شاهه)

ـ ڏُسِڪو ۽ ڏُسِڪا: ذ. رئڻ جو هڪ نمونو ـ هِڇڪو ـ سُڏڪو.

● ڏَسَلِيو (ت): ذ. ڏسو "ڏَچَلِيو".

● ڏَسْمِيُ: ث. [سن. دَشْنُ = ڏهه] پَکُ (آونداهي يا سَهائي) جو ڏهون ڏينهن ـ ڏَسَنِئِن.

● ڏِسَنْدو ۽ ڏِسَنْدا: ظرف. [سن. درشن = ڏسڻ] هن ڪان پوءِ ـ ايندڙ ـ آئينده ـ ڏِسِيو. هلندڙ مهني ڪان پوءِ اچڻ وارو مهنو ـ مٿيون مهينو ـ ايندڙ (سال يا مهنو) پيو ـ پر وارو (مهينو وغيره).

● ڏَسَنِئِنُ: ث. [سن. دَشْنُ = ڏهه] قمري مهني جي ڏهين تاريخ ـ چنڊ ڏينهن تاريخ ـ ڏَسْمِيُ.

● ڏَسِڻُ: مصدر. [سن. دُرْشُ. دَشِ = ڏسڻ. پرا. ديک] ڏيکارڻ ـ ڏيان چڪائڻ. پتو ڏيڻ ـ ڏَسُ ڏيڻ ـ نشان ڏسڻ ـ پارَ ٻڌائڻ ـ اشارو ڪرڻ ـ سونهَپَ ڪرڻ. ٻُڌائڻ ـ اطلاع ڪرڻ. رستو ڏيکارڻ ـ دَڳُ لائڻ ـ طرف ڏيکارڻ. ظاهر ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ ـ ٻڌائڻ ـ چوڻ ـ سچي ڪرڻ. هدايت ڪرڻ.

ـ ڏَسِيُ ۽ ڏَسِيُون: ث. ڏَسُ ڏيندڙ ـ ڏيکاريندڙ ـ نشان ڏانهن اشارو ڪندڙ. هٿ جي آڱرين مان آڱوٺي جي ڀرسان ٻهريون نمبر آڱر ـ شهادت واري آڱر ـ شاهد آڱر ـ ڀَنوُتري آڱر.

● ڏِسِڻُ: مصدر. [سن. دَرشُ = ڏسڻ] نهارڻ ـ نظر ڪرڻ ـ پَسَڻ ـ جاچڻ ـ تَپاسڻ ـ وِيکڻ ـ وائِسَڻ ـ تَڪِڻ ـ ڀاسڻ ـ واچڻ ـ جُوچڻ. ديدار ڪرڻ. سمجهڻ. ملڻ ـ ملاقات ڪرڻ. معلوم ڪرڻ. آزمائڻ.

ـ ڏِسَڻُ جو ٿوهُ هُئَڻُ: ظاهري هڪڙو ۽ اندر ۾ ٻيو هئڻ ـ فقط ٻاهرين ڏيکاءُ وارو هئڻ ـ سُنهَن ۾ موچارو اندر ۾ ڪارو هئڻ.

ـ ڏِسِٺُو ۽ ڏِسِٺا: ذ. صفت. ڏسندڙ ـ جاچيندڙ ـ تڪيندڙ. ڏسڻ جهڙو ـ سهڻو ـ زيبائتو ـ ٻوشيدو. سمجهو ـ پارکو ـ سالم عقل. لائق ـ وَڙائتو ـ آڇَتُ ـ شايان ـ شائِستو ـ فضيلت ڀريو ـ ڏِسٺو وائسٺو ـ اشراف ـ ڪِلِمُڪُ.

ـ ڏِسَڻ وائِسَڻُ: جاچڻ جوچڻ ـ جاچي جُوچي ڏسڻ ـ نهارڻ. غور ڪرڻ ـ خيال ڪرڻ ـ ويچار ڪرڻ ـ سمجهڻ ـ سهي ڪرڻ ـ معلوم ڪرڻ ـ پڪ ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ.

ـ ڏِسِٺو ٺَنْيو ۽ ڏِسِٺا ٺَنْيا: ذ. نشاني لاءِ ڪوڙيل پٿر.

ـ ڏِسِٺُو وائِسِٺُو ۽ ڏِسِٺا وائِسِٺا: ذ. صفت. هر روز ملڻ وارو ـ چڱي طرح واقف ڪار ـ سُڃاتل ـ گاهِلُ مائِلُ.

ـ ڏِسٺو وائِسِٺُو هُئَڻُ: سڃاتل هُئڻ. فضيلت وارو هئڻ.

ـ ڏِسِٺِيُ ۽ ڏِسِٺِيُونُ: ث. ڏسڻ جو ڪم ـ نظر ـ تَڪَ ـ جاچَ. صورت ـ شڪل.

ـ ڏِسِيُ رَهَڻُ: انتقامُ وٺڻ ـ بَدِلو ۽ عيوض وٺڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏُسو ۽ ڏُسا (ت): ذ. ڏُک - اهنج - تڪليف - ڏَکجهو.

- ڏُسا ڏِيَڻُ: ڏُک ڏيڻ - آهنج ڏيڻ.

● ڏُسيرا: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُسيَلُ ۽ ڏُسيَلَ (ل): ذ. صفت. ڳَريَل - ميرو تيل - خراب تيل - ڪِنو تيل. جيئن:

"آءٌ ڏسيَل ڳِدُرو ڪونه کائيندس".

● ڏُسِٽُ ۽ ڏُشٽَ: ذ. [سن. دُشٽَ = پاپي] خراب - ڪِنو - بُڇڙو - بُرو - مَدو - بَدُ. خَبيثُ - شريرُ - لچو - حَرڪِتِي. وِيَلُ - تِيرِ ڀيلُ - چَٽُ - ساقِطُ - پُرشَتُ - پاپي - پاپاڻو - بَدُو - بدڪارُ.

- ڏُشٽائِي ۽ ڏُشٽائيونَ: ث. بڇڙائي - برائي - مَدائي - بَدِي - بدڪاري. پاپُ - گناهُ - ڏوهُ. شرارت - لچائي - حرڪت - ڏِنگائي. ڏاڍائي - زوري.

● ڏَقَ ۽ ڏَقُون (ت): ث. تيکي ٻُڪَ - ٻوڙَ.

● ڏُقُ ۽ ڏُقَ (ت): ذ. ڪورِيَنِ جو هڪ اوزار (اوني يا ريشمي ڪپڙي ڏاهڻ ۾ ڪم اچي).

● ڏُقاتِي ڏُقاتِيُون (ڪاڇو): ث. ٻن ڄاڻن تان ڦاٽندڙ - بندوق.

● ڏَقَرُ ۽ ڏَقَرَ (ت): ذ. صفت. ڏِکھو - لاتُبتُ - ڏِکھين تنگن وارو - چانگهڙُ.

● ڏَقِيٽِي ۽ ڏَقِيٽيُون: ث. لوهه جي ڏَقِي - ٽِڪِيٽِي - وَرائِي - وَرِٽِي.

● ڏَقو ۽ ڏَقا: ذ. هٿيار جو هڪ قسم - ميرون مارڻ جو هڪ هٿيار - لوهه جو ڇنبيارو هٿيار - ڀالي جو هڪ قسم. نيزو - بَڇِي - سانگُ - ٻرڇي.

- ڏَقِڙِيو ۽ ڏَقِڙِيا: ذ. صفت. ڏقو هڻندڙ - ڏَقائي. شڪاري.

- ڏَقِي ۽ ڏَقِيُون: ث. ننڍو ڏقو - ڀالو - ڀالو.

- ڏَقِيرُ ۽ ڏَقِيرَ: ذ. صفت. ڏقو هڻندڙ - ڏَقِڙِيو - شڪاري.

● ڏَقورُ ۽ ڏَقورَ (ت): ذ. صفت. بيوقوف - بي عقل - ناسمجهه.

● ڏَقِيٽِ ۽ ڏقيٽون (ت): ث. زمين کوٽڻ جي ڪاٺي.

● ڏَقِيرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. گهٽ ذات - ڪمذات - مينگهواڙ - ڪولهي - ڏِيڏَ - شڪاري - ڀيلُ - جهاڙُو وارو - ٻُهاري دارُ - ڀنگي - پالپشاهي - چُهڙو - ميهتَرُ - حرام خور - مُردار خور. بد افعالو - بي ڏِنگو.

● ڏُقِيرُ ۽ ڏُقِيرَ: ذ. جهيڙو - جهڳڙو - فساد - ٽنٽو - رَگڙو - مُعاملو - تڪرارُ. گوڙ - ڪَنِراڪَ - جهٽو - مانداڻُ. وروڌُ. مذهبي ڦوٽ - ڦوٽ - ڦيٽاڙو - رِفضُ - تفاوت - تَفَرقو - ڦيرُ - فرق - جدائي - اختلاف - اڻ ٻڻت. بغاوت - وِڳوڙ - لچائي - ڏنگائي. پريشاني - حيراني.

- ڏُقيڙُ ۽ ڏُقيڙَ: ذ. ڏسو "ڏُقيرُ".

- ڏُقِيڙِي ۽ ڏُقيڙِي: ذ. صفت. جدائي وجهندڙ - ڦيٽاڙو وجهندڙ - لِفاقُ وجهندڙ.

● ڏَڪُ ۽ ڏَڪَ: ذ. [سن. دَرُ گهرم = روڪ] ڪاٺ جو ننڍو ڪول ٽڪر (جو نار، هرلي، دَرَ يا پيهي ڏاهڻ ۾ ڪم اچي) - ڏاڪَ - ڏَڪرُ - ڏاڪورو. قبر جي لَحدَ مٿان جهلَ خاطر ڏنل ڪاٺ جو ٽڪر. ٽنب جي ٽيڪ لاءِ جهلو - ٽُوٽي - ٽنبو - آڌار - ٽَڏَ - سهارو - پَرَ - پَرَ جهلو. مدد - پُٺَ پرائي - همٿ - تسلي - ڏَڍ.

- ڏَڪُ ڏيڻ: ٽيڪ ڏيڻ - آسرو ڏيڻ - سَهارو ڏيڻ - جهلَپي بيهڻ.

● ڏُڪُ ۽ ڏُڪَ: ذ. لئين جوان ٿيندڙ ڇوڪريءَ جو ٻُبو - ننڍي ٻُبي - آرَهُ - ٿَنُ - ڇاتي - پِستان - ڏُڪو.

- ڏُڪِر: ث. صفت. ڏُڪَنِ واري ڇوڪري - نَو بالغ ڇوڪري - ڳَرُٽُ (ڪ).

● ڏَڪارَ ۽ ڏَڪارُونَ: ث. [سن. آدُ ڪارَ + آدُ = مٽي + ڪُرُ = سنهن ڪان نڪرڻ] معدي جي هوا (جا وات مان نڪري) - ڏاڪارَ - اوڳرائي - اوڳرائي. [هہ. ڏَڪارَ].

● ڏَڪارُ ۽ ڏَڪارَ: ذ. ڏَهڪارَ - خوف - ڏِپُ - ڊِڄُ - دَهشتَ - ڏَهڪو.

● ڏُڪارُ ۽ ڏُڪارَ : ذ. [سن. دُشڪالُ، دشت + ڪال = خراب وقت]. ڏکيو وقت. هر شئي (اناج وغيره) جي کوٽ يا کمي - اَڻ هوند - اَڻاٺ - کوٽ - کمي - قِلت. ڏُڪرُ - ڪاٽ - اوسرُ - بُک - گراني - مهانگائي وارو زمانو - مهانگائي، ڏُرتُ - وُيلُ. بيماري.

- ڏُڪارجَڻُ : ڏکار ۾ اچڻ - قحط ۾ اچڻ. اڻاٺ ۾ ٿيڻ - غريب ٿيڻ - سڃو ٿيڻ - پينگيو ٿيڻ - ڪنگال ٿيڻ - بُکيو ٿيڻ.

- ڏُڪارَ جو مارِيَلُ : ذ. صفت - ڏُبرو - آپرو - بُکايل - پينگلو.

- ڏُڪارِئو ۽ ڏُڪارِئا : ذ. صفت. ڏکار وارو - ڏکار جو - ڏکارِيَلُ - ڏُڪارِي - ڏُڪاريو. اَنّ گڏ ڪري مهانگو وِڪندڙ.

- ڏُڪارِيُ ۽ ڏُڪارِيُ : ذ. صفت. ڏُڪارِئو - واپاري، جيڪو مهانگي شئي وِڪڻي.

- ڏُڪارِيَلُ ۽ ڏُڪارِيَلَ : ذ. صفت. ڏُڪارَ ۾ وَرِتل.

- ڏُڪارِيو ۽ ڏُڪارِيا : ذ. ڏُڪارِئو.

● ڏَڪامالِيُ : ذ. هڪ پسارڪو وکر جو دوا طور ڪم اچي - ريالُ - ڏُوپُ - رالَ. چنبيليءَ جو سِيڻُ.

● ڏَڪائِڻُ : مَصدر. جلدي جلدي لوڏِڻ - تَڙقائڻ - تَڙپائڻ - ڏڪائڻُ - تَڙڪائڻ. سِيٺاڻُ وجهڻ - ٿڙڪائڻ - سيسائڻ و وجهڻ. ڪنبائڻ. لرزش ڪرائڻ - ڏُڏائڻ - ڏ ڏ ڪائڻ.

● ڏَڪڏڪَ (ت) ث. هر هڪ ٿِهڪُ سان ڪِلڻَ واري عادت.

● ڏَڪڏڪَندو ۽ ڏَڪڏڪَندا : ذ. صفت. جيئرو - ڏَڪندڙ - ڪنبندو - تازي ڦاسايل (مڇي، پلو وغيره).

● ڏَڪَرُ ۽ ڏَڪَرَ : ذ. ڪاٺ جو ننڍو سنهو ٽُڪر - ڏَنڊو. اِتي ڏڪر راند ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺيءَ جو ٽڪر. ننڍي سَنُونِئي يا ڏَنڊي مَرداني عضوو - آلت (ت). مڇيءَ جو هڪ نسم - ڪُرڙو (ت). مٽي جي ڦيريءَ سبب آيل لوڏو - چڪرُ - پنڊواڻي (ت). ٽُلهو - مضبوط - ڏَنو مَٽو.

● ڏُڪَرُ ۽ ڏُڪَرَ : ذ. [سن. دُشڪالُ = ڏُڪارُ] ڏُڪارُ - قحطُ.

- ڏُڪَرانو ۽ ڏُڪَرانا : ذ. صفت. ڏکر جو - ڏکار جو - مهانگو - گهٽي قيمت - چوٽ آگهه.

- ڏُڪَرالو ۽ ڏُڪَرالا : ذ. صفت. ڏسو "ڏکرانو".

● ڏِڪرو ۽ ڏِڪرا (ٿ) : ذ. پُٽُ - فرزندُ.

● ڏُڪِڙِيُ ۽ ڏُڪِڙِيُون : ث. وِيم مهل لِڪتيل پاڻيءَ جي دِلي.

● ڏِڪِلو ۽ ڏِڪِلا (ٿ) : ذ. ڪنهن شئي مان ڪَپِيَل ٽُڪر - ٽِڪرو. گيرَه - گيرانٺه.

● ڏَڪَڻُ : مصدر. ڪنبڻ - ٿَڙڪڻ - ڏَڪِئي ٿيڻ - ڏُڏڻ - لُڏڻ - ڏِڏِڪڻ - لرزڻ. سياٽجڻ - سياند جڻ - هُڙڪڻ. ڦرڪڻ - (اک جو). ڏَڙڪڻ - دَهڪڻ - ڏُبڻ - دَکَ دَک ڪرڻ. ڏوڙِجڻ ڏِرڻ - جهلڻ - چوٽ - رڙهڻ - ٿرڪڻ - ڪِسِڪڻ - ڪِسِڪڻ. ذ. ڪتي جي بيماريءَ جو هڪ قسم (ت).

- ڏَڪِئُو ۽ ڏَڪِيا : ذ. صفت. ڏَڪندڙُ - ٿَڙڪِيو - ڪنبيو - ڏَڏِئو - ٿَرڪيو. لُڏئو. ڊِڄيو - ڳيڙي - بُزدلُ.

- ڏَڪِئِيُ ۽ ڏَڪِئِيُون : ث. ٿَڙڪِئي - ڪنبِئي - لَرزِشَ. ڏَوڻَ - ڏُولڏاڙَ - ڏِڏِڪو - لوڏو - ڏوڏو. پَوَ - ڊِپُ - خوف - انديشو - هِراسُ.

- ڏَڪِئِيُ وَٽَڻُ : ڪنبڻ - ٿَڙڪڻ. سرديءَ سبب ڏَڪڻ. ڊَپُ وٺڻ - ڦِڦِڙِيُ پوڻ - خوفزده ٿيڻ.

● ڏِڪَ ۽ ڏِڪُون : ث. [سن. دکا: ديڪشا = ڏسڻ] شاديءَ جي هڪ رسم - شاديءَ واري ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار کي ڳاڙهو ڌاڳو هٿ ۽ پير ۾ ٻڌي ڇلي ۾ ويهارڻ جي رسم. شاديءَ کان اڳ گهوٽ ۽ ڪنوار جو سينگار - هار سينگار. شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ يا پوءِ ڪيل مجلس:

Gul Hayat Institute

"آيو سو آتوار جنهن ڏُکيُون ڏِکَ وهاريون".
هار سينگار ـ سُونهن ـ ڏِيکُ:
"صورت جا ساهڙ جي، ڏيل پهچي ڏِکَ".
(شاهہ)

ـ ڏِکَ ٿيڻُ: سينگارجڻ ـ ظاهر ٿيڻ.

ـ ڏِکيجڻُ: مصدر. شادي کان اڳ ۾ ڪنوار کي تيل لڳائڻ جي رسم ادا ڪرڻ ـ سينگارجڻ ـ تيار ٿيڻ.

ـ ڏِکَ مٿي چَڙهڻُ: ڪريا ڪرم کان اڳ ۾ ساٿَ سنوَٽَ ڪرڻ. هار سينگار ڪرڻ.

ـ ڏِکَ وِهارَڻُ: شاديءَ جي رسم (جنهن ۾ گهوٽ کي مَوڙ ٻڌائي لائڻ لاءِ تيار ڪري وهارڻ يا ڪنوار کي سيج تي وهارڻ ۽ گهوٽ کي ٻہ وهارڻ). شادِيءَ جو هِڪ سنوَٽ ڪرڻ ـ پرٽي کان هڪ رات اڳي گهوٽ کي منجيءَ تي وِيهارِي هيٺان ڏِيئو ٻارڻ، ڳانو ٻڌڻ ۽ ڪپ يا ڪاتي ٻيڙتِ ۾ هڻڻ. ڪنوار کي وناهہ ۾ وهارڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ
"آيو سو آتوارُ جنهن ڏُکيون ڏِکَ وهاريون".
(شاهہ).

ـ ڏِکَ ويٺل: وَناهہ ۾ ويٺل ڪنوار.

● ڏُکُ ۽ ڏُکَ: ذ. [پرا. دُکّ. سن. دُهُکَ = ڏک] سُورِ ـ دَرْدُ ـ عَذابُ ـ ايذاءُ ـ پيڙا ـ ڪَشْٽُ. رنج ـ غم ـ افسوس ـ ارمان ـ شوڪ ـ گوندر ـ دُکُ ـ اهنج ـ مشڪلات ـ سوڙہ ـ تنگي ـ تڪليف ـ سختي ـ اِفلاس ـ آپدا ـ مصيبت.

ـ ڏُکارو ۽ ڏُکارا: ذ. صفت. ڏک وارو ـ دکارو ـ ڏکوئيل ـ رنجايَلُ ـ غمگين ـ دردمند ـ رنجيده. ستايَلُ. رُنُّنهار ڪو.

ـ ڏُکائيتو ۽ ڏُکائيتا: ذ. صفت. ڏکارو ـ درد پِريو ـ سُوريتو.

ـ ڏُکَ ڀوڳڻُ: تڪليفون سهڻ ـ ڏُک ڏِسڻ.

ـ ڏُکَ پيئڻُ: ڏُکَن جون ڳالهيون ڪرڻ ـ دردن جا داستان ٻڌائڻ.

ـ ڏُکَ ڏاکڙو ۽ ڏُکَ ڏاکڙا: ذ. ڏُکَ ۽ تڪليف ـ محنت ـ مشڪلاتُ.

ـ ڏُکَ ڏوراپا ڪَيڻَ: سورُنِ يا ڏُکَنِ جو حال اورڻ. مِيارُون ڏيڻ.

ـ ڏُکَ ڏوَلائُون ڏاجُ آچڻُ: حياتي سورن ۾ گذرڻ ـ سُورَن جي سٽي پوڻ ـ ننڍي هوندي کانئي مصيبت ۾ گرفتار ٿيڻ ـ سدائين سورن ۾ هئڻ.

ـ ڏُکَ ڏِيڻُ: تڪليف پهچائڻ يا رَسائِڻ ـ آزارڻ ـ رنجائڻ. ايذائڻ.

ـ ڏُکِڙو ۽ ڏُکِڙا: ذ. "ڏُک" جو اسم تصغير. ڏک ـ دکُ غم ـ شوڪ ـ افسوس ـ رنج ـ ارمان ـ گوندر ـ سور ـ درد ـ وِيڏَنِ ـ روڏَنِ ـ ماتم.

ـ ڏُکِڙا ڏارِڻُ: سور سهڻ ـ تڪليفون ڏسڻ.
"اوهان ڀاڄهون سُپِرِيُنِ،
ويئي آءُ هت ڏکڙا ڏاريان"
(سچل).

ـ ڏُکڙا ڏَرَڻُ: ڏک ڏسڻ ـ تڪليفون سهڻ ـ سور سهڻ.

ـ ڏُکِڙو اوَرڻُ: سور بيان ڪرڻ ـ دردُ وَنڊڻ ـ حال چوڻ.

ـ ڏَکْڙِي ۽ ڏَکِڙِيُون: واريءَ ۾ منهِ ڀريءَ وانگي پکڙيل.

ـ ڏُکُ سُکُ ۽ ڏُکَ سُک ذ. رنج راحت ـ غمي شادي ـ ارمان خوشي. دانهن ڪوڪ ـ اهنج ايذاءُ

ـ ڏُکَ سُورُ ڀيئڻُ: ڏکن سورن جو احوال ڏيڻ ـ دردن جو داستان بيان ڪرڻ ـ ڏُکَ ونڊِڻُ ـ سُورَ اورڻ.

ـ ڏُکَنِ جو ڏَنڊُ پرڻُ: ڏک ڀوڳڻ ـ سور سختيون سهڻ.

ـ ڏُکَ وَنِڻُ: ڏک ونڊڻ ـ سور اورڻ ـ دَرْدَنِ جو داستان ٻڌائڻ.

ـ ڏُکَ هُجَڻُ: تڪليف هجڻ. ارمان هجڻ. غم هجڻ.

ـ ڏُکِيءَ ۽ ڏُکِيُ: ذ. صفت. ڏک وارو ـ ڏکائيتو ـ ڏُکارو ـ ڏک ۾ ـ غم ۾ ـ ڏُکيو ـ ستايَلُ ـ دردمند ـ دُکي ـ رنجيل ـ گهايَلُ ـ پيڙِيَلُ.

Gul Hayat Institute

پريشان - تنگ - وياڪُل - لاچار - حيران. ڏُجهارو - بي حالُ. (ضد، سُکيي ۽ سُکيي).

- ڏُکپيرو ۽ ڏُکپيرا: ذ. صفت. البت ڏکيو - ڏکوارو - غمگين - دردي - ڏُکيي.

- ڏُکيو ۽ ڏُکيا: ذ. صفت. ڏکوارو - ڏُکيي - درد وارو. ڏهلو - تنگ حال ۾ - ناخوش.

- ڏُکيو ڏينهن ٽارڻ: تڪليف دور ڪرڻ. رنج دفع ڪرڻ - آرام وٺائڻ - سُکيو ستابو ڪرڻ.

- ڏُکيو ڏَهيرو ۽ ڏکيا ڏُهرا: ذ. صفت. رَنجائيلُ.

● ڏُکائڻُ: مصدر. [سن. دُهکَ = ڏُکَ) ايذائڻ - سور ڪرائڻ - درد پهچائڻ. رنجائڻ - تڪليف پهچائڻ يا ڏيڻ - ستائڻ - ڏُکوئڻ - سور ڏيڻ - ڪاوڙائڻ.

● ڏُکيراڻ ۽ ڏُکيراڻيون: ث. ماکوڙيءَ جو هڪ قسم - ايذائيندڙ ماکوڙي - ڏکيراڻي - ڏکٽيهاري.

- ڏُکيراڻي ۽ ڏُکيراڻيون: ث. ڏُکيراڻ - ڏُکٽيهاري.

● ڏُکندو ۽ ڏُکندا: ذ. صفت. [سن. دُهکَ = ڏُکَ) دُکدائڪُ - ڏک جهڙو - سورائتو - دردمند. مشڪل - ڏُکيو. درد پريو - گهايلُ - ڦٽيل. ڏُکندڙ - سور ڪندڙ. درد - غم - الم - رنج - سورُ - ڏکُ - ايذاءُ. بيماري - مرض - ڏکندڙ عارضو - ايذائيندڙ مرضُ. جيئن:

"ڏکندو ٿي ڏيکار، تڪون تن طبيب کي"
(شاهه).

● ڏَکڻُ: ذ. [پرا. دَکڻ. سن. دَکشڻُ = ڏکڻ] هڪ طرف جو نالو - چئن طرفن يا ڏسين مان هڪ ڏس جو نالو - اتر جي سامهون وارو طرف - ڏَکڻُ - ڪاڇيلُ - ڏاکڻو پاسو - جنوبُ [سن. دَکشَ = ايرڻ] قديم آرين جي بستيءَ جي لحاظ کان (جي ميرو پربت يا اتر طرف رهندا هئا. جتي سج ڏکڻ طرف کان ايرندو نظر ايندو آهي). سج ايرڻ وارو پاسو ڏکڻ طرف جي هئا.

- ڏَکڻائڻُ: ذ. سورج جو ڏکڻ طرف جي آخرين حد تائين وڃڻ جو وقت يا گهيرو - راس الجديءَ - جديءَ گهيرو.

- ڏکڻ قطب: اسم خاص. ڌرتيءَ جي هيٺين پڇاڙيءَ وارو خيالي ٽپڪو.

- ڏَکڻو ۽ ڏَکڻا: ذ. صفت. ڏکڻ طرف جو - ڏکڻ طرف وارو - ڏاکڻو - جنوبي.

● ڏِکڻُ: مصدر. شاديءَ جي هڪ رسم ادا ڪرڻ - شاديءَ کان اڳ ۾ ڪنوار کي تيل لڳائڻ واري رسم ادا ڪرڻ. گهوٽ ۽ ڪنوار کي شاديءَ جي ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳ ۾ هٿ ۽ پير ۾ ڳاڙهو ڏاڳو ٻڌي چلهي ۾ ويهارڻ جي رسم پوري ڪرڻ. سينگارڻ - جوڙ جنسار ڪرائڻ.

● ڏُکڻُ: مصدر. [سن. دُهکَ = دکُ] ايذاءُ ٿيڻ - درد ٿيڻ - سور ٿيڻ - ڏک ٿيڻ - ڪشٽُ ٿيڻ - تڪليف ٿيڻ - شوڪ ٿيڻ - رنج ٿيڻ - غم ٿيڻ. پوسرائڻ - چڀڪڻُ.

- ڏُکڻو ۽ ڏُکڻا: ذ. صفت. ڏک ڏيندڙ - اهنجو - سورائتو - ڏکارو - دل پيڙلُ - دل کي لڳڻ جهڙو. نازڪ - ڪومَلُ - سوکيمُ - پتلو - ملائم - ضعيف - نفيس - نَرَمُ - نازڪڙو - ملوڪڙو. تنگ ميزاجُ - تنگ حواسُ - ستاسو.

- ڏُکڻي سُکڻي شئي: ث. تمام نازڪ ۽ قيمتي شئي. جهڙوڪ، زيور، شيشي جو سامان وغيره.

ڏُکڻي ڳالهه ڪَرَڻُ: ڏکوئيندڙ ڳالهه ڪرڻ، اثر ڪندڙ ڳالهه ڪرڻ.

● ڏَکڻا ۽ ڏَکڻائون: [سن. دَکشنا = ڏکڻا] هديو - تحفو - سوغات - سوکڙي - پاکيڙي. نَذرُ - نذرانو - پيٽا - پاسَ - نياز - سپيسا. خدا جي راه ۾ ڏنل خيرُ - خيرات - دانُ - پنجَ ڪٽي. ڪنهن ساڌو فقير کي ڏنل دانُ.

- ڏَکڻا ملڻُ: انعام ملڻ - سوکڙي ملڻ - تحفو ملڻ - سوغات ملڻ - نذرانو ملڻ - پيٽا ملڻ.

● ڏَکڻيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏڪڻهاري ۽ ڏڪڻهاريون: ث. [سن. ڏهڪ=ڏک]. جيت جو هڪ قسم- ماڪوڙيءَ جو هڪ قسم جنهن جو چڪ تمام سور ڪري- ڏکيراڻ- ڏکيرائي- ڏکيڻي.

● ڏڪيڻي ۽ ڏڪيڻيون (ڪ): ث. [سن. ڏهڪ=ڏک] ڏڪڻهاري.

● ڏڪو ۽ ڏڪا: ذ. [سن. ڏترش=] ڏپ- ڊڄ- ڀؤ- هراس- ڏر- خوف- ڏڙڪو- ڪڙڪو- ڪاوڙ- تاب. جيئن:

"ڏڪا ڏونگر جام! مر ڪر معذور ن تي" (شاهه).

اُولر- الار- جلهه- ڪاهه- الر. جيئن:

"ڏکيءَ کي درياهه جا ڏڪا ڪيم ڏيکار" (خان زئي).

هيبت- حشمت- دهشت- راڪاس. ڏکيو ڏک- ڏک- اهنج- ايذاءُ- تڪليف (ل).

- ڏڪو ڏيکارڻ: زور ڏيکارڻ- ڏپ ڏيڻ يا ڏيکارڻ- ڊيڄارڻ.

- ڏڪو ڏيڻ: ڊيڄارڻ- ڀؤ ڏيڻ- ڏپ ڏيڻ- ڏڪو ڏيکارڻ.

- ڏڪو ڪرڻ: ڏڙڪو ڏيڻ- اک ڏيکارڻ- تاب ڪرڻ- دهمان رکڻ- جمائڻ- رعب ڏيکارڻ- الر ڪرڻ. شوخي ڏيکارڻ. گوڙ ڪرڻ- هُل ڪرڻ.

- ڏڪو ويهارڻ: هيبت ويهارڻ- دهشت ويهارڻ- تابش ڪرڻ- هراسائڻ- ڏپ ويهارڻ- هيسڻ. سهمائڻ- چايا وجهڻ- ڊيڄارڻ.

● ڏڪوئڻ: مصدر. [سن. ڏهڪ=ڏک] سور ڪرائڻ- ڏکائڻ- درد ڪرائڻ- ايذاءُ پهچائڻ- رنج پهچائڻ- درد ڏيڻ. رنج ڪرڻ- رنجائڻ. ظلم ڪرڻ.

● ڏڪي ۽ ڏڪيون: ث. هار سينگار- ڏڪ- سينگار- سونهن.

● ڏکي ۽ ڏکيون: ث. [سن. ڏهڪ= ڏک] آهنج واري- تڪليف واري- ڏک ڏيندڙ- آهنجي- مشڪل.

- ڏکي لڳڻ: مشڪل لڳڻ- تڪليف واري محسوس ٿيڻ- رنج پهچڻ- ايذاءُ رسڻ- سيٺا ٻڌڻ- طعنا ٻڌڻ- شڪايت (پنهنجي) سُڻڻ.

● ڏکيو ۽ ڏکيا: ذ. صفت. [سن. ڏهڪ= ڏک]. اوکو- مشڪل- سخت- تڪليف وارو- درد وارو- سور وارو- اڙانگو- ڪٺن- اولو- اهنج- اهنجو- ڏهلو- آهکو. ڏکي- اهنجو- لاچار- ڏکائيتو- ڪمبخت- نسياڳو- بيحال. ناخوش- آرهو. اداس- پريشان. آتر- آتاس. ڏکيرو.

- ڏکيائي ۽ ڏکيائيون: ث. آهنجائي- مشڪلات- تڪليف- لاچاري.

- ڏکيو ڏهرو ۽ ڏکيا ڏهرا: ذ. صفت. رليل- ڏتڙيل.

- ڏکيو ڏينهن ٽارڻ: تڪليفون دور ڪرڻ- رنج دفع ڪرڻ. روح کي راحت بخشڻ- جدائي ڪان ڇڏائڻ- ملاقات ڪرڻ. ڌن ۽ دولت ڏيڻ- آرام ڏيڻ يا وٺائڻ- سکيو ستابو ڪرڻ.

● ڏگ ۽ ڏگ: ذ. صفت. [سن. تنگا= تنگ] ڏکو- لنبو- قداور- جانگهڙ- لانبٽ- ڏگهو.

● ڏگر ۽ ڏگر: ذ. ڪپڙي جو وڏو ٽڪر يا سوراخ- ڏگهر.

● ڏگري ۽ ڏگريون: ث. ڪنهن ڏاتوءَ يا ڪاٺ جي ٿانءَ کي لڳل چتي- ٽڪري. ڪاٺ جي ٽنگ ۾ لڳل ڦٽيل- جهل- ٽيڪ- ڏگهڙي. چيٽي.

● ڏگڙ ۽ ڏگڙا (ٿ): ذ. پٿر- پٿوٽو- پهڻ.

● ڏگلي ۽ ڏگليون (ٿ). ڪپهه وڏل آنگر ڪو.

● ڏڳڻ (ل): مصدر. ڀڄڻ- ٽٽڻ- ڪسڻ. ڪسڪڻ. جيئن:

"ڪاني جتي رکيل هئي، اتيئي رکي آهي،
ذرو به ڏڳي ڪانهي."

● ڏڳيڻو ۽ ڏڳيڻا (ٿ): ذ. صفت. روح رسيڪڻو. سيڪڻو. بد فضيلتو- بد لڇڻو.

Gul Hayat Institute

● ڏگو: اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُگو: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُگي ؛ ڏُگيون: ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (گول، ڊگهي، بنا ڏندن، چلرن سان (مرري) جهڙي مگر ان کان وڏي، قد اٽڪل اڌ کان ڏيڍ فوٽ).

● ڏِگيو ؛ ڏِگيا (ٿ): ذ. صفت. بد اچڻ - بد اخلاق - بدفضيلتو - آڏنگو.

● ڏَگو ؛ ڏَگا: ذ. پيڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍي درياهي پيڙي.

● ڏَگهه ؛ ڏَگهه: ذ. صفت. [سن. تنڪا = تنگ] وڏين ڏنگن وارو - ڇالگهڙ - ڊگهو. وڏي قد وارو - قداور - لنبو - ڏاگو - لنبوس. اجايو وڏو ۽ ڊگهو ماڻهو. وڏي عمر وارو پر بي عقل ۽ ڏَڏُ. جاهل - اناڙي - بيوقوف - چٽ - چسو - اڻ ڇاڻ - پٺوڪ. نيڪر جو وڏو دِلو (ٿ).

- ڏُگهچڙ ؛ ڏَگهچڙ (ٿ): ذ. صفت. لنبو - تمام ڊگهو.

- ڏَگهلو ؛ ڏَگهلا: ذ. صفت. ڏَگهه.

● ڏَگهر ؛ ڏَگهر (ڪ): ذ. ڪپڙي جو تنگ يا سوراخ (قاتل) - ڏَگر.

● ڏگهري ؛ ڏَگهريون: ث. ڏگري - ڏَگر - ليڙو - ڇتي - گند.

- ڏَگهري لهڻ: ليڙو لهي پوڻ - اندر ظاهر ٿيڻ - بي حيا ٿيڻ - بي شرم ٿيڻ - واهيات ٿيڻ - بدفضيلتو ٿيڻ - اخلاقي پابندي کان ٻاهر وڃڻ. اجايو ڳالهائڻ.

● ڏَگهڪي: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَگهو ؛ ڏَگها: ذ. ڏُک - ايذاءُ - تڪليف - اهنج.

● ڏُگهو ؛ ڏُگها: ذ. ڏِنگو - ميهڻو - طعنو. جيئن: ”ڏُنگا ڏاڍي ٻولين، ڪين ڏِلا، ڪي ڏِين.“ (شاهه).

● ڏَگ ؛ ڏَگ: ذ. [سن. ڊنڊڪ =] ٻارڻ جو ڪاٺ - ٻنڊ.

- ڏَگري ؛ ڏَگريون: ث. ڪاني - ٻنڊي.

● ڏُگنو ؛ ڏُگنا: ذ. صفت. ٿُلهو - موٽو - متارو - ڏُنبو - رُڏُ - متارو - پرتو - پريل - ڏَگر - وَٽر - سٽر. جبرو - جانٺو - قوي - جُنگ - ڏَنو - مٽو - ٿوقانگ - دُونسو - مُتڪو - ڏِگ. سني حالت ۾ - سنو - موچارو - چڱو.

● ڏُگرو ؛ ڏُگرا: ذ. [سن. دنڊڪ + روه] ٻير يا ڪنهن ٻوري ڪاٺ جو گول ٽڪر جنهن کي هٿيو ٺهيل (ڪڙمي ماڻهو هن سان ڏَپ ڪٽيندا آهن ۽ لوهار پڻ مُتڪي طور ڪم آڻيندا آهن).

- ڏُگري ؛ ڏُگريون: ث. ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڏنڊو يا ڏنڊي - ستونٺي - ڏُونگري.

● ڏَل ؛ ڏَل: ذ. [سن. دَل = پَنُ] پَنُ - ورق. ٿلهسيءَ جي ٻوٽي جو پن. ڊوُ. علاج.

● ڏَل ؛ ڏُلون: ث. پريشاني - حيراني.

● ڏُلائڻ: مصدر. [سن. دُل = لڏڻ] پريشان ڪرڻ - ڏولائي ۾ وجهڻ - تڪليف ۾ وجهڻ - سڃو ڪرڻ.

● ڏِلاهه: ذ. [ڏينهن + لاهه] هڪ طرف جو نالو - ڏينهن پوري ٿيڻ وارو طرف - الهندو - مغرب.

● ڏُلڻ: مصدر. [سن. دُل = لڏڻ] دربدر ٿيڻ - ڏِڪا کائڻ - ديس ڇڏڻ - پرديس وڃڻ - ديس بدر ٿيڻ - ديس نيڪالي واري حالت ۾ اچڻ - خانه بدوش ٿيڻ - پيڪڻ - بي ٺانيڪو ٿيڻ - ري نيڪالي ٿيڻ. غريب ٿيڻ - ٻُڪيو ٿيڻ - هيڻ - رُلڻ. حيران ٿيڻ - ٻه چيتو ٿيڻ - پريشان ٿيڻ.

● ڏَلو ؛ ڏَلا: ذ. مٽي وغيره ڪڍڻ لاءِ تيلين جي چلي - ڏَلهو. کيڻ جو ٻنجو هڪ جاءِ تان کڻي ٻي جاءِ تي رکيل (ڪ).

- ڏَلپوان ؛ ڏَلپوان: ذ. صفت. ڏَلهو (ٻيگ بسترو - چلي وغيره) کڻندڙ - حمال - ڪولي - مزور.

Gul Hayat Institute

● ڏَلهُه ۽ ڏَلهَه: ذ. بي طاقت - ڪمزور. دل خالي. سُڃو.
- ڏُلهائي ۽ ڏَلهائيُون: ث. سُڃائي - پينگيائي - اڻ هُوندَ - مُفلسي - ناداري.
● ڏِلهه ۽ ڏِلهه (ت): ذ. زورُ - دابُ - آڪِرِي.
● ڏَلها (ٿ): اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏَلهَرَ ۽ ڏَلهَرَوُن (ٿ): ث. سَوَڙِ - پَٽِرائِي - وڇاڻ.
● ڏَلهَڻُ: مصدر. ڀرڻ - ڀرپُور ڪرڻ - ڌُوسي وجهڻ - گهُوچڻ - جهوڪڻ - ڌُوسڻ - ڦُوسڻ. ڪاٺڻ - ڀيٽ ڀرڻ - ڍؤ ڪرڻ. گهڻو ڪاٺڻ - زورسان ڪاٺڻ - نڪ تائين ڀيٽ ڀرڻ. ڪنهن ڪي احسان هيٺ يا قرض هيٺ ڪرڻ.
- ڏَلِهجَڻُ: مصدر. ڍَئجڻ - رَڄ ٿيڻ - ڀَرجڻ - راضي ٿيڻ - پرپور ٿيڻ - ڪاٺي ڀُورُ ڪرڻ - ڦَٿڻ. جوڳرجڻ. ڪَنو ٿيڻ - ٽَڪجڻ.
● ڏَلهو ۽ ڏَلها: ذ. [سن. ڍَلڪَم = ٽوڪري] ٽوڪريءَ جو هڪ قسم - لئي جي سنهين ڪاٺين جو ٺهيل ٽوڪرو (جو مٽي وغيره ڍوئڻ يا ٽانون وغيره رکڻ جي ڪم اچي). ٽوڪرو - ڪارو. وڏو پيٽ - ڍِڍُ. (ث. ڏَليهي ۽ ڏَليهيُون). واهه جي ڪاٺيءَ وقت ڪم ڪندڙ مزدورَ. ڪم لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن جو ميڙ.
- ڏَلهو ڪَڻُ: مصدر. مزوري ڪرڻ - ٽوڪري ڪڻڻ - ٽوڪريون ڍوئڻ.
● ڏَليهو: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏَمَ ۽ ڏَمُون (ٿ): ث. مادِيُ آنِ (جنهن تي پاڪڙو رکي سواري ڪجي).
● ڏَمُ ۽ ڏَمَ: ذ. صفت. ڀونڊي - هيرِيَلُ - هيرايل - هيراڪُ - هٽايو - هٽ هيرو - سِهڪاريل - پاڙهيَلُ - سِکيَلَ (ڍڳو وغيره جنهن تي سواري ڪجي). مصيبت - ڏَجهو. شُومُ. (اسم خاص) سُهڻي (ميهار جي مَعشوق) جي مڙس جو نالو.

● ڏِمَ ۽ ڏِمُون (ت): ث. سِيڪُ - ٽاٽارَ - ٽاڪوڙَ - ٽاڪورَ - ٽَڪورَ - سيڪو.
- ڏِمَ ڪَرَڻُ: ٽاڪورَ ڪوڻ - سيڪُ ڪرڻ - ٽَوَ ڏيڻ - سيڪو ڏيڻ.
● ڏُمُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏَمُيرو ۽ ڏَمُيرا (ت): ذ. درياهه جي مڇيءَ جو هڪ قسم - ڪُرڙو - وڏو ڪُرڙو.
● ڏُمَدُ ۽ ڏُمَدَ: ذ. پيٽَ ۾ ٿيندڙ ڪيئڻون - سِيڪِيُ - ڏُمَنُدُ.
● ڏَمُرَڻُ: مصدر. [سن. ڍَمُرَهُ = دانهُون ڪري ڏَڪائڻ] ڪاوڙڻ - ڪاوڙجڻ - چِڙَڻ - ڪروڌ ڪرڻ - غصو ڪرڻ - ناراض ٿيڻ. رنج ٿيڻ.
- ڏَمُرُ ۽ ڏَمُرَ: ذ. ڪاوڙ - غُصو - چِڙ - ڪِروڌ - وِڏوڻ - جذبو - قهر - تيڪ - تاءُ - جوش. ناراضپو - ناراضگي - رنج - رنجيدگي.
"ڏمر پاسو، ڏک سين ڪانڌ ڪٺوري هوءِ" (شاهه).
- ڏَمُرائيتو ۽ ڏَمُرائيتا: ذ. صفت. ڏمر وارو - ڏمرجو - ڪاوڙيل - غصي وارو - جوشيلو - تپيلو - ڪِروڌِي - چِڙِيو - جوشي - جوش ڀَريو - تامشي - ڏمريَلُ - وِڏوٺو - رَنجُ - غصي ۾ - ڏک وارو.
- ڏَمُرائِڻُ: مصدر. ڪاوڙائڻ. ناراض ڪرڻ - غصو ڏيارڻ - چِڙائڻ - چِڙَ ڏيارڻ - چِڙخاني ڪرڻ - آپي ڪان ٻاهر ڪيڏڻ - جوش ڏيارڻ. رنجائڻ - ڏکوئڻ - ناراض ڪرڻ.
- ڏمُرِجَڻُ: مصدر. ڪاوڙجڻ - چِڙڻ يا چِڙڻ - غُصي ٿيڻ - جوش ۾ اچڻ - غصي ۾ اچڻ. ناراض ٿيڻ - رنج ٿيڻ - ڏکوئجڻ.
- ڏَمُرُ ڏوٺُ: ذ. غصو - ڪاوڙ. رَنجُ - ڏُکُ.
- ڏَمُرُ ڏوٺُ ٿيڻ: چِڪتاڻ ٿيڻ - ناراضگي ٿيڻ - شَڪَرُ رنجي پيدا ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - رُسامو پيدا ٿيڻ.
- ڏَمُرِيَلُ ۽ ڏَمُرِيَلَ: ذ. صفت. ڪاوڙيل - وڏوٺو - غُصي - ناراض - رَنجُ - چِڙيَلُ - رنجيده - غصي ۾ تيمتارُ.

Gul Hayat Institute

● ڏَمْرِي ع ڏَمْرِيُونُ (ل): ث. ننڍي سنهي ڪَڪِرِي ـ مهڙ (جهڙ جون ڏمريون, مڪڙن جون ڏمريون).

● ڏمڙِيَا: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏَمْڪِيُ: ذ. پرت جو هڪ قسم.

● ڏُمَنْڍُ ع ڏُمَنْڍَ: ذ. معدي ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيئن جو هڪ قسم ـ آنڊي ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيئون. چَپ وارو ڪيڙو ـ سَپولو ـ سِيانتو ـ سِيڪو ـ ڏُمو.

● ڏَمَڻُ: مصدر. پوئتي ڪرڻ ـ هَٽَ هيرو ڪرڻ ـ هٽيرو ڪرڻ ـ ڏومَڻُ. ڏَپڻ. پاڻيءَ جي چَنبَ ڏيئي ڪپڙا هڪ ٻئي مٿان ويڙهي رکڻ.

● ڏِمِڻُ (ت): مصدر. لپريءَ جي سوجَ مٿان آهستي آهستي ٿاڪورڪرڻ ـ ٿَڪورَڻُ. ٿاڪورڪرڻ.

● ڏِمُڻُ ع ڏِمُڻَ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڏُمُو ٻنجڻُ (ت): وِڏُ وڄڻ ـ ڪاوڙجڻ ـ ڏَسِرِجَڻ.

● ڏَمُونڱِيو ع ڏَمُونڱِيَا (ٿ) ذ. صفت. نحس ـ چنبڙو ـ نپاڳو ـ بد نصيب ـ ڪمبخت ـ اڻ سَهو ـ مَسَهو.

● ڏِمِهوڳِيُ ع ڏِمِهوڳِيُ (ٿ): ذ. صفت. ڏَمُونڱِيو.

● ڏَنُ ع ڏَنَ: ذ. [سن. دا, دَنڊُ = ڏيڻ] خراج ـ ڍَلَ ـ محصولُ ـ رائِرـ ڏاڻُ. فقير کي ڏنل خيرات ـ دانُ ـ پِنج. هر ڪنهن سال ڪنهن فقير يا مرشد کي ڏنل ڪجهہ پئسن جو الداز ـ لاڳو ـ لاڳُ ـ نذرانو ـ پيتا ـ مُريداڻو ـ ٻنداڻُ ـ ماليانو ـ نُڪَ ـ پيراڻي وَنڍِي ـ مُرشداڻِي ڦوڙي ـ چُوتِ. ڏاتِ.

ـ ڏَنُ پَرو: ذ. صفت. ڏَنُ ڀريندڙ ـ تابعدار ـ زيردست. باجگذارُ جيئن آنِڪِي ڀريندڙ ـ ڍَلَ ڀَرُو. مُرِيدُ.

● ڏِنُ ع ڏِنَ (ٿ) ذ. [سن. دَڪشِ = آپڻ] روز ـ ڏِينهَن ـ ڏِهاڙو ـ يوم.

● ڏُنُ (ت): ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ ماتا ـ لاڪيڙو ـ چيچڪ.

ـ ڏُنُ نِڪَرَڻُ: ماتا نڪرڻ ـ چيچڪ نڪرڻ.

● ڏُنبُ ع ڏُنبَ (ت): ذ. پاڻيءَ جو چشمو.

● ڏَنبُرَلُو: اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏَنبِيرو ع ڏَنبِيرا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم ڳاڙهيري گلابي رنگ جي ٿورن ڪنڊن ۽ ڏندن سان). (ث. ڏَنبِيرِي ع ڏَنبِيرِيُونُ).

ـ ڏَنبِيرو هَٿَ ڪَرَانُ وَڃَڻُ: ڇڳو ڇوڪو ڪادو نہ ملڻ ـ خوشامند جو دروازو بند ٿيڻ ـ ڦُرَنُ ڪائڻ جي اميد باقي نہ رهڻ ـ آسُودِي آسامِي هٿن مان وڃڻ.

● ڏَنبِرِيو: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏَنبِڻُ: مصدر. ڏَنبُ ڏيڻ ـ داغِڻَ ـ داغ ڪرڻ ـ ٽِڪو لڳائڻ ـ نشان ڪرڻ ـ ٽُڪوڏِيَڻُ ـ (ڪنهن ٽتل شئي سان). ساڙڻ ـ جلائڻ ـ ڪائِيڻ (ڪامڻ مان). تڪليف ڏيڻ ـ ضرب هڻڻ ـ عذاب ڏيڻ ـ پيڙهيڻ ـ چيچِلائڻ ـ ستائڻ ـ آزارڻ ـ دَقُ ڪرڻ ـ هلاڪ ڪرڻ ـ ڪَڪِ ڪرڻ ـ ڏڪوئڻ ـ ڏڪائڻ. سخت ڳالهائڻ.

ـ ڏَنبُ ع ڏَنبَ: ذ. ساڙُ ـ داغُ ـ داڳُ ـ ڦَلُ ـ ٽَڏو ـ مڙيل هنڌ جو نشان ـ ساڙ جو نشان. ٽُڪو ـ ٽِڪو ـ چٽو. چاپُ ـ نشان ـ ڪِلَنڪُ.

ـ ڏَنبِيائِڻُ: داغ ڏيارڻ ـ دا ڳائڻ ـ داغائڻ ـ ساڙائڻ.

ـ ڏَنبُ ڏِيَڻُ: داغ ڏيڻ ـ ساڙڻ ـ چٽو ڏيڻ. عذاب ڏيڻ ـ سور ڏيڻ.

ـ ڏَنبِڻِي ع ڏَنبِڻِيُونُ: ث. اهو لوهہ جو ٽڪر جنهن سان داغُ ڪجي ـ ڏَنبِڻِ ڏيڻ وارِي لوهہ جي ڪاني ـ ڏنبڻ جاوزارُ ـ ڪُرِپي ـ ٽِقِٽِي.

● ڏَنتُ ع ڏَنتَ (ت): ذ. [سن. دَنتُ = ڏَندُ] ڏَندُ.

ـ ڏَنتَارِيُ ع ڏَنتَارِيُونُ: ث. ڪاٺ جو ڏندن سان هڪ اوزارُ (ڪَک ڪچرو ميڙڻ لاءِ) ـ ڏانڊارِي ـ ڏِنڊارِي.

Gul Hayat Institute

- ڏَنْتَڻُ ج ڏَنْتَڻَ : ذ. ڏَنْدَڻُ - مِسْواڪُ.
- ڏَنْتو ج ڏَنْتا : ذ. ڦٽي وغيره جو ڏَلدو.
- ڏَنْتِي ج ڏَنْتِيُون : ث. ڪَنِگي - ڦٽِي.
- ڏَنْتِي ڏِيَڻُ : وارن کي ڦٽي ڏيڻ.
● ڏَنْتِيرُو ج ڏَنْتِيرا (ت) ذ. ڳُڙَ جو هڪ قسم.
● ڏَنْجُ ج ڏَنْجَ : ذ. بيماري - مرض - ڏوارُ - اگهائي - ناچاڪائي - ناچڱائي - روڳ - ڏوک - ڏُجهندو - لِڱائي - آزارُ - بي مزائي. سورُ - درد - آهَنْجُ - ايذاءُ. ڏُکُ - افسوس - شوڪُ - غَمُ - ارمان. تڪليف - ڏولائو - لاچاري. حسد - ساڙو. ڏَنْجهه. جيئن:

"ڏُجهڻ ڏيئي ڏَنْجُ، مونکي مجهڻ ميڙئين"
(خليفو نبي بخش).

- ڏَنْجائِڻُ : مصدر. ڏُکوئڻ - ايذائڻ. رَنْجائِڻ.
● ڏَنِجَڻُ : مصدر. بيواه ٿيڻ - وڌوا ٿيڻ - رنَ زال ٿيڻ - رَنڙِي ٿيڻ - ڏُهاڳُ اچڻ. چڙو ٿيڻ - وانڊو ٿيڻ - رَنَڙُ ٿيڻ.
● ڏَنْجهه ج ڏَنْجهَ : ذ. [سن. دهيتي: ٻرا. دِجهئي = ڏکيو] ڏانجهو - ڏُکُ - ڏولائو - اهنج - ايذاءُ - تڪليف - دردُ - سورُ - رَنْجُ. بيماري. دشمني.
- ڏَنْجهه ڏيڻ : سُورَ ڏيڻ - ايذاءُ پهچائڻ - صدما ڏيڻ.
- ڏَنْجهَڻُ ج ڏَنْجهَڻَ : ذ. ڏَنْجهه.
- ڏَنْجهو ج ڏَنْجها : ذ. تڪليف - سورُ - سختي - تنگي - ڏُکيائي. ايذاءُ. آهنجُ - دَرْدُ - سورُ - ساڙو.
● ڏَنْدِ ج ڏَنْدُونِ، ڏَنْدِيُونِ : ث. وَٽِ - آنْدِ - ڪِنار - ڪنارو - ڪنارَي - پڇاڙي - ڇيڙو - ڪَپَرُ جبل يا ٽڪري وغيره جو. پَٽکي جي ڪِنارَ (ل). جبل جي چوٽيءَ جي ڪِنار (ڪ). پرَتَ جو هڪ قسم (جو ڪپڙي جي ڪناريءَ تي پرجي (ڪ)).
● ڏَنْدُ ج ڏَنْدَ : ذ. [سن. دَنْتَ : دَشَنَ ف. دَندان = ڏندُ] وات ۾ چبارڻ لاءِ هڏن جي ٽڪرن مان هڪ ٽُڪر - دَچَنُ.

- ڏَنْدَ آچا ڪَرَڻُ : ڏَنْدَ صاف ڪرڻ - ٽورو ڪير ڏِکُ پيڻُ.
- ڏَنْدارُ ج ڏَنْدارَ : ذ. صفت. ڏَندَن وارو - ڏَندائُون. (ذ). ڪاٺ جو ڏَندَن سان هڪ اوزار (جنهن سان ڪِنُ ڪيچرو ميڙجي) - ڏاندارُ.
- ڏَنْدارِي ج ڏَنْدارِيُون : ث. ڏسو "ڏَنْدارُ".
- ڏَنْدالُ ج ڏَنْدالَ (ت): ذ. ڏاندار - ڏندار - ڏانداري.
- ڏَنْداوِيٽِي ج ڏَنْداوِيٽِيُون : ث. ڪاٺ چيرڻي.
- ڏَنْدائِتو ج ڏَنْدائِتا : ذ. صفت. ڏندن وارو - ڏَندِرُ. ڏندن جو. اهو ٻارُ جنهن کي ڏند نڪرڻ شروع ٿين (ڪ).
- ڏَنْدائِجَڻُ : مصدر. ڏند جَڻ - ڏَنْدَ ٿيڻ - ڏَنْدَ اچڻ - ڏَنْدَ نڪرڻ - ڏَنْدائتو ٿيڻ.
● ڏَنْدائِڻُ : مصدر. ڪنهن اوزار (جهڙوڪ: ڏاٽي وغيره) جي ڏندن کي سِراڻِ تي تيز ڪرائڻ.
- ڏَنْدَ پِيچَڻُ : ڏند ڪيڏڻ - سار ڏيڻ - مزا ڏيڻ - عاجز ڪرڻ.
- ڏَنْدَ پِيچائِڻُ : ڏند زور سان بند ڪرڻ - ڏند پِيڙِڻ.
- ڏَنْدَ پِيڪوڙَڻُ : ڏَندَ پِيڙَڻُ.
- ڏَنْدَ پِيڙَڻُ : ڏَندَ پِيچائڻ. چُپ ڪرڻ - مات ڪرڻ - خاموش رهڻ.
- ڏَنْدَ تي رَکڻُ : چَکَڻُ - سَوادُ وٺڻ.
- ڏَنْدَ ٽيڙَڻُ : ڏاڍي کِلڻُ - وڏا ٽهڪَ ڏيڻ - اجايو کِلَڻ. واهيات ٿيڻ.
- ڏَنْدَ ٺاهِڻُ : مَصنوعي ڏند بنائڻ.
- ڏَنْدُ ٽُڙِڪو ج ڏَنْدَ ٽُڙِڪا : چرڙاٽُ - ٽُڪ ٽُڪ. ٻَڪَ ٻَڪَ - سَگهو رعب تاب - ٽورو دَڙڪو (ت).
- ڏَنْدَ ٽُڙڪو ڪَرَڻُ : ڪجهه نه ڪجهه ڪائڻ - وات چورڻ - وات هلائڻ - چَبَڻُ - سَگهو رُعب تاب رکڻ (ت).

Gul Hayat Institute

- ڏَنڊَ ٽَهڪائِڻُ (ت): ڏند ڪڙڪائڻ - ڏِکو ڳالهائڻ - ڏند ڏيڻ. چيڙ پيئُون ڏيڻ.

- ڏنڊ پِيهَڻُ: ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرٽيڻ - ڪاوڙ ڏيکارڻ - ڏند پيهَڻ - ڏند ڪرِٽيڻ. خار کائڻ.

- ڏَنڊَ پيِهَڻُ: ڏند پِيهَڻُ - ڏند ڪَرٽيڻ - خارَ کائڻ.

- ڏَنڊَ چَپَن سَانُ لَڳَڻُ: حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پوڻ - وِسمي ۾ پوڻ - هائس ۾ پوڻ.

- ڏَنڊَ چَرُچو ۽ ڏَنڊَ چَرُچا: ذ. خبر چار - واءُ سُڌ - حال احوال - ڳالهه ٻولهه. گَپُ شَپُ - کِلَ چَرچو - ٺِٺَ ٺَٺَ.

- ڏَنڊُ چَڪُ ڪَرَڻُ: وِڙهڻ جهيڙڻ - واتور جڻ - وات ڏيڻ - گهٽ وڌ ڳالهائڻ - جانيو ٽجڻ.

- ڏَنڊَ چِيِڪَ ۽ ڏَنڊَ چِيڪُون (ت): ث. ڏند شيڪَ - محبت - سِڪَ - قُربُ - ڪاڏو - چِڪَ. کِلَ - ڀوڳُ - مَسخري.

- ڏَنڊَ چِيڪَ ڪَرَڻُ: اجايو کِلڻ - ڏندَ ڪڍڻ. کيڪارڻ - آدرڀاءُ ڪرڻ.

- ڏنڊَ ڏِسَڻُ: چمار ڏسڻ - عمر جاچڻ (جانورن جي) "جَمَ جي واقف جا ڏند کهڙا ڏسجن".

- ڏَنڊَ ڏَنڊَنُ سَانُ ميڙَڻُ: بيهوش ٿيڻ - ڏَنڊَڻَ پوڻ.

- ڏَنڊَ ڏِيکارَڻُ: ڏند ظاهر ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ - رنج ظاهر ڪرڻ. ڊيڄارڻ. کِلڻ.

- ڏَنڊَ ڏِيَڻُ: وات سان ٽُڪو ڏيڻ (ڏاڳي وغيره کي) - چَڪُ پائڻ - چٻاڙڻ. ايذاءُ رسائڻ. مُنهن ڏيڻ - مهاڏو اٽڪائڻ - تڪرار ڪرڻ - رَدُ ڏيڻ - گهٽ وڌ ڳالهائڻ - وات ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - هوڏ جڻ - وڙهڻ.

- ڏَنڊِرُ ۽ ڏَنڊِرَ: ذ. صفت. ڏندن وارو - وڏن ڏندن وارو - ڏندن سان - ڏندن آڏيل - ڏند ٻاهر نڪتل - ڏَندوُ - ڏَندِرو.

- ڏَنڊِرو ۽ ڏَنڊِرا: ذ. صفت. ڏندِرُ - ڏندو.

- ڏَنڊرو چَڪِرو ۽ ڏَنڊِرا چَڪرا (ت): ڏند چَڪُ ڪندڙ - وٺ پڪڙ ڪندڙ - محنتي - چالاڪ - هوشيار - هرطرح ڪم ڪرڻ وارو - سڀ طريقا اختيار ڪرڻ وارو.

- ڏَنڊَڙُ ۽ ڏَنڊَڙَ: ذ. ڏندن صاف ڪرڻ جي ڳهڙيل ڪاٺي - ڏَندڻُ.

- ڏَنڊ شيڪَ ۽ ڏَنڊَ شيڪُونُ: ث. ٿورا ڏند ڪڍي کِلڻ جي حالت - ٿوري کِلَ. ڏند ٽيڙ - ناراضگي - مخالفت - دُشمني. مٺاچري دوستي - چَل چِلائو ياري - خوشامَدَ واري سنگت (ت).

- ڏَنڊ شيڪَ ڪَرَڻُ: ڏِکو ڳالهائڻ - ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ.

- ڏَنڊَ شيڪَڻُ: کِلڻ. ڪاوڙجڻ. لڄي ٿيڻ - ڦِڪو ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ. ڏند ڏيکارڻ.

- ڏَنڊَ ڪَٿَا ۽ ڏَنڊَ ڪَٿَائُون: ث. بي بنياد ڳالهه - خيالي قِصو - بناوٽي ڳالهه - مَن گهڙَت ڳالهه - قياس آرائي - ڪوڙو قصو. ٽوٽڪو - پراڻي ڳالهه - وارتا - حڪايت - آکاڻي - ڪهاڻي - روايت - سمرتي - اِتيهاسُ.

- ڏَنڊَ ڪَڍَڻُ: ڏند ظاهر ڪرڻ - بنا مطلب جي ڏند ڪڍي کِلڻ - ڪوڙي کِلَ کِلڻ. ٽهڪ ڏيڻ - خوش ٿيڻ. ڦِڪو ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - لَڄي ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ.

- ڏَنڊَ ڪَرُٽَڻُ: ڏند گَسائِڻُ - ڏند پِيهَڻُ. ننڊ ۾ ڏند گَهَڻُ. ڪاوڙ ۾ ڏند گَسائِڻ. سخت ڪاوڙجڻ.

- ڏَنڊَ ڪَائِيُ چَپَنُ سانُ لَڳَڻُ: ڪُراڙو جهُور ٿيڻ - تمام پوڙهو ٿيڻ. نالائقي ڏيکارڻ. سڀ مال ملڪيت کائي کپائي ڇڏڻ.

- ڏَنڊَ ڪَٽَا ٿِيَڻُ: بيزار ٿيڻ - ڪَڪ ٿيڻ - منهن پيت سان لڳڻ - تمام شرمندو ٿيڻ - ڏاڍو ڦِڪو ٿيڻ.

- ڏَنڊَ ڪَٽَا ڪَرَڻُ: بيزار ڪرڻ - عاجز ڪرڻ - ٽَڪائڻ - ڪَڪِ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - واتور جڻ.

- ڏَنڊَ ڪُٽڙُڪو ۽ ڏَنڊَ ڪُٽڙُڪا: ذ. ڏندن جو ٽَڪاءُ - ڏندن جو آواز. ڇِٻَڙڪو - چٻاڙو. دَڙڪو - دَهمان - دَٻ - ها ها. گِدڙ ڀَڀڪي.

Gul Hayat Institute

- ڏَنڊَ ڪَڙِڪو ڪَرَڻُ: آهستي آهستي ڪا شئي چباڙڻ. دڙڪو دهمان ڪرڻ - ڏورو رعب تاب ڏيکارڻ.

- ڏَنڊَ ڪَڙِڪَڻُ: سيءَ سبب ڏند وَڄڻ. ڪا شئي ڪائڻ جو آواز ٿيڻ.

- ڏَنڊَ ڪيڪائڻُ (ت): هرو ڀرو جهيڙو ڪرڻ - واتورجڻ - منهن ڏيڻ - تڪرار ڪرڻ.

- ڏَنڊَ ڪَوٽڻُ: ڏندن مان قاتل ڪاڏي جا ذرا ڪيڻ - ڏندن کي صاف ڪرڻ.

- ڏَنڊَ کوٽڻ لاءِ ڪک نہ بچڻُ: ڪجھ بہ نہ بچڻ - سارو مال متاع تباھ ٿيڻ.

- ڏَنڊَ ڪوٽيڻي ؏ ڏَنڊَ ڪوٽيڻيون: ث. ڏندن ڪوٽڻ جو اوزار - ڏَنديرِي - ڏَندِ ڀلي - چِنگھہ.

- ڏَنڊَ ڪيڪَرَ ڪَرَڻُ: ها ها ڪرڻ - جِٺ ڪرڻ - ڪتھرو ڳالهائڻ - گهٽ وڌ چوڻ - دٻائڻ.

- ڏَنڊَنِ تي وِهَ چڙهڻُ (ت): تمام ناراض ٿيڻ - سخت ڪاوڙجڻ.

- ڏَنڊَنِ جِي ڀِرِيتُ: ث. ڏوري گهٽي ڪَ - ڏورو گهٽو قُرب - پيار - محبت. آشنائي - دوستي.

- ڏَنڊَن جهي وِچَ ۾ زِبان وانگر رَهَڻُ: دشمن جي وچ ۾ سلامت رهڻ.

- ڏَنڊَنِ کي ڪاني ڏِيَڻُ: صبر ڪرڻ - مات ڪرڻ.

- ڏَنڊَن ۾ آڱُر ڏِيَڻُ: حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پوڻ.

● ڏَنڊَڻُ: مصدر. ڪنهن ڏندن واري اوزار (جهڙوڪ: ڦَٽي، ڏاٽي ياڏانداري) جا ڏندا ڪيڻ.

● ڏَنڊَڻُ ؏ ڏَنڊَڻَ: ذ. ڏندن صاف ڪرڻ لاءِ وڻ (نِم، ٻٻر، ڪِنڙ يا ٻئي ڪنهن وڻ) جي تازي يا سُڪل ڪاني - مسواڪ - ڀرياٽي - ڀرياٽيو. ڏندڻ پوڻ جي هڪ بيماري - بيهوشي.

- ڏَندڻَ پيَڃڻُ: ڏندڻ پيل (بيهوش ٿيل) جو وات کولڻ - سرجيت ڪرڻ - هوش ۾ آڻڻ - پيچيل ڏند کولڻ.

- ڏَنڊَڻَ پوَڻُ: ڏندن جو پاڻ ۾ ميڙڻ - ڏندن جو چِپيا ٽجڻ - ڏندِ ٽِجڻ - ڏَلڏ ٻيڙجي وڃڻ - بيهوش ٿيڻ - ڍِڪيرِجڻ.

- ڏَنڊِ ٽجڻُ: بيهوش ٿيڻ جي حالت ۾ ٻنهي جاڙيون پاڻ ۾ پيچجي وڃڻ.

- ڏَنڊَڻَ ڪڍڻُ: پيچيل وات کي آهڻ يا کولڻ - بيهوش ٿيل ماڻهوءَ جون جاڙيون کولڻ - ڏندڻ ڀڃڻ - پيچيل ڏند کولڻ.

- ڏَنڊو ؏ ڏَنڊا: ذ. (ڪنهن مشن جي چڪري، ڦَٽيءَ، ڏانداري، ڪاراٽي وغيره جو). ڦٽيءَ جي هڪ ڦاڪَ. نارَ يا هرلي جي چڪر جو آرو. ڦٽيءَ ۾ جُوٽيڻ ڪيڻ لاءِ ٻڌل ڏاڪو (ت). ڪينار - وَٽ - مٿالهين زمين (ت).

- ڏَنڊو ؏ ڏَنڊُ: ذ. صفت. وڏن ڏندن وارو - ڏندر.

- ڏَنڊوري ؏ ڏَنڊوريون (ڪ): ث. ڪِرِ ڪِرِ ڪِلِ ڪِلِ - ڪِٽِ ڦِٽِ - جهيڙو - فساد - کهپي.

- ڏَنڊُ هيرَڻُ: ڏات هرڻ - عادت پوڻ - چسو پوڻ.

- ڏَنڊُ هڙڪو (ت): ذ. سرديءَ سبب ڏندن جو ڪڙڪو.

- ڏَنڊَ هيٺ ڪَکرو آچڻُ: غيرت اچڻ.

- ڏَنڊِي ؏ ڏَنڊِيون: ث. ڏَنڊَ جو چڪُ. چيڙبَ - هڏِي.

- ڏَنڊِي پوَڻُ: ڏَنڊڻَ پوڻ.

- ڏَنڊِي ڏِيَڻُ: تڙي ڏيڻ - هڏي ڏيڻ. ڪاوڙ ڪرڻ - اک ڏيکارڻ - کهرو ڳالهائڻ.

- ڏَنديرِي ؏ ڏَنديرِيون: ث. ڏندن واري - ڏندن جي. ڏند ڪوٽيڻي - ڏَندِ ڀلي - چِنگھہ.

- ڏَنڊِيَلُ ؏ ڏَنڊِيَلَ: ذ. صفت. ڏَنڊَ ڏَنڊَ - ڏندن وارو - ڏَنداٽو - ڏَانڊِر - ڪنڊن وارو.

- ڏَنڊِ ڀلي ؏ ڏَنڊِ ڀليون: ث. ڏَنڊَ ڪوٽيڻي - ڏَنديرِي - چِنگھہ.

Gul Hayat Institute

- ڏنڊِين آڱريون اچي وڃڻ: عجب ۾ پوڻ. حيرانيءَ ۾ پوڻ- حيرت کائڻ- عجب کائڻ.
- ڏَنڊِين ڏانڊ ۽ ڏَنڊِين ڏاند: ذ. پنهنجي مڙسيءَ وارو- مڙسان مڙس- مڙس ماڻهو- پنهنجي همت وارو- آپي سمرث- ٻچڻ جوڳو- همت ڀريو- دليرُ- بهادر- ڏڍو- جنگ.
- ڏَنڊِين ڏانڊ هڻڻ: پنهنجي مڙسيءَ وارو هڻڻ- ٻئيءَ جي ٻچڻ لائق. همت وارو هڻڻ.
- ڏَنڊِيو ۽ ڏَنڊِيا: ذ. صفت. ڏندن وارو- ڏٽي- ڏڏوتو- ڪنگهو.
- ڏَنڊِي وَرائي: ث. ڪارائيءَ جي ڏندن ورائڻ جو اوزار.
● ڏنڊِيي ۽ ڏَنڊِيون: ث. ڇچيءَ جو هڪ قسم.
● ڏَنڊو: اسم خاص. ٽنڊي باگي، مجاول، بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو. هڪ ريلوي اسٽيشن ۽ شهر جو نالو.
● ڏَنڊِي ۽ ڏَنڊِيون: ث. [سن. دات=ڏند] وارن مان ٻٿو، ڇانهين ۽ جوئين ڪيڻ لاءِ ڏٽي جي ڏندن ۾ ڏنل ڏاگهو. ڪناري- وٽ- آنڊي- ڏَنڊ. اشون ڦنل گاهه- ڇوڪو (ت).
- ڏَنڊي ڏِيَڻُ: ڏٽي جي ڏندن ڪي ڏاگهي مان ٻڌي (جوئين يا ٻڦي) ڪيڻ لاءِ ڏڍي ڏيڻ.
● ڏَنڊِيو ۽ ڏَنڊِيا: ذ. ڪارِي جي مڇيءَ جو هڪ قسم.
● ڏَنڊو: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏَنڊِيسار (ٿ): اسم خاص. مينگهواڙ جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏَنڊ ۽ ڏنڊون: ڪپڙي جي وَٽِ- ڪناري. ڪچ جي پرت جو هڪ نالو.
● ڏَنڊُ ۽ ڏَنڊَ: ذ. [سن. ڏَنڊ=ڏَنڊُ] ڪيل ڏوهه جو عوض- عوضو- جرمانو- تاوان- تاوان- هرج- مصيبت- چٽي- سزا- سيڪت. محصول- ڏنُ. سزا جو هڪ قسم (روڪڙا پئسا وصول ڪرڻ يا سڱ عوض ۾ وٺڻ). جاهلو ڪر جو سڱ (جو وڃائڻ جي ڪم اچي)- نادُ- ڪوڏ- سينگ- سينڪ- نفيلُ. ڏونرو- ڏورو- ٽوڻ ڪان مٿيون ٻانهن جو حصو. ڪسرت يا ورزش جو هڪ نمونو. ڏنبو- ڏُڪو- لٺ- حملو. راڄ نيتي جي چئن سزائن مان آخرين سزا "- شام، ۲- دانُ، ۳- ڀيل، ۴- ڏنب". (ذ. صفت) ٿلهو- متارو- سيتيل (ل) جيئن:
حرام جو کائي ڏنڊ ٿيو آهين".
- ڏَنڊُ ڀرڻُ: جرمانو ادا ڪرڻ- ڪيل ڪرمن جي سزا ڀوڳڻ. ورزش ڪرڻ.
- ڏَنڊُ پوڻُ: چٽي پوڻ- هرج پوڻ- جرمانو پوڻ.
- ڏَنڊُ ڏيڻ: جرمانو ڏِيَڻُ.
- ڏَنڊُ وِجهڻ: تاوان وجهڻ- هرج وجهڻ.
- ڏَنڊُ ۽ ڏُنڊَ: ذ. ميوي ۾ لڳل ڪاڻيءَ جو ٽڪر- چنبي- ڏُنبي.
● ڏَنڊَرُ ۽ ڏَنڊَرَ: ذ. صفت. بي خوف- بي ڊپو- بي ٻؤ- نِڊَرُ- نِرڀؤ- بهادر- دليرُ- بي پرواه- الغرضو- کهپلو. ٿلهو- متارو- پريل- کائي پي ڍؤ ڪيل.
● ڏَنڊَڻُ: مصدر. [سن. دَنڊه=ڏنڊ وجهڻ] ڏنڊ وجهڻ- ڏنڊ رکڻ- جرمانو ڪرڻ- چٽي وجهڻ. سزا ڏيڻ. محصول وجهڻ- زبردستي اڳاڙڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ (ٿ). جيئن ته:
"الٽو چور ڪوتوال کي ڏنڊي".
● ڏَنڊو ۽ ڏَنڊا: ذ. [سن. ڏَنڊَ: پرا. ڊنڊو= ڏنڊو] ٿلهو لڪڻ- سوٽو- ڏڪو- سانٽو- کهوٻاٽو- ڏگرو. لٺ- لوڙهه- ٻانٽو- وڏو لڪڻ- ڏانگهه. شيءِ گهوٽڻ لاءِ ڪاٺ جو گول ٽڪر- دستو- ٻهرو- گهوٽو- ملهڙو. (ذ. صفت). ٿلهو- متارو- مضبوط. جيئن:
"فلاڻو ڏنڊو لڳو پيو آهي".
(ث. ڏَنڊِي ۽ ڏَنڊِيون).
- ڏَنڊائي ۽ ڏَنڊائِي: ذ. صفت. ڏنڊا هڻندڙ- ڏکيارُ. جهيڙاڪ. ڏاڍو مڙس- مٿيرُ.

Gul Hayat Institute

- ڏنبو ڪٽڻ: ڪنهن شئي جي بلڪل سختيءَ سان نگراني ڪرڻ. هوشيار ٿيڻ. ڪن ڦيرڻ. مقابلو ڪرڻ.
- ڏنبو مٿو ۽ ڏنبا مٿا: ذ. صفت. ٿلهو متارو- سٿر و تنر- ڏگرُ وَگرُ.
- ڏنبو مڇائي وِهڻ: بي پرواه ٿي وهڻ. مقابلي لاءِ تيار وِيهڻ.
- ڏنبو هڻڻ: ٽاڏل يا پنگ گهوتڻ. ڏڪ هڻڻ- موُنتو هڻڻ.
- ڏنبي تي هڻڻ: خرچڻ ڪپائڻ (پئسا وغيره). ناس ڪرڻ- دمق ڪرڻ- اُڏائڻ.
- ڏنبي جي زور تي هلڻ: ڏاڍَ تي هلڻ- زورَ تي هلڻ. ظلم ڪرڻ.
- ڏنبي ڪونبي هيٺ لنگهائي ڇڏڻ: فضول خرچيءَ ۾ پئسو اُڏائي ڇڏڻ.

● ڏنبوتِ ۽ ڏنبوتون: ث. [سن. ڏنبوت: ڏنب=ڪاٺيءَ جو ٽڪر + وت= وانگر=ڪاٺي وانگر سڌو]. مٿي ٽيڪڻ جي حالت- جهڪي ڪيل سلامُ (جو هندو پوڄاري پنهنجي معبود کي ڪري)- هيٺ نمڻ واري حالت- سجدو- نمسڪار- ڪورنش -- مُجرو- ڪُرنشي- آدابُ.
- ڏنبوتِ ڪرڻ: سجدو ڪرڻ.

● ڏنبئي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏنبري ۽ ڏنبريون: ث. ميوي ۾ آنڪيل وڻ جي ڪاٺيءَ وارو ذرو- پُنبڙي- چنبڙي- پُنجي- پُونب- پُونب- پُولبي- پُونبِ- ڏانبِري- ڳنر- ڳني (ڪنهن ٽاريءَ جي ميوي سان اٽڪيل).

● ڏنبيو ۽ ڏنبيو: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم- (مڇي (ڪسيءَ جي) رنگ تي، گرميءَ ۾ مٽري، ڊيگهه ٣-٤ انچ، ٣ قسم: ڪارو، ناپرتو، ناهارو، ناهارچو، ١- هيٺا پٽڪ، ٢- صاف اڇو، ٣- نائين رتو، چئيو ڏلبيو ڪارو، پٽڪ هيٺا ڇپن وٽان ۽ اڪ وٽان هيٺا پٽا).

● ڏنري ۽ ڏنريون (ت): ث. لئي جي وڻ جي بيماريءَ جو نالو.

● ڏنڪو ۽ ڏنڪا (ٿ): ذ. (آواز) آواز.

● ڏنڪڙ ۽ (ل): ذ. ڪاٺ جو ڏڪڙ- ڏڪ. ٿلهو متارو ماٺهو.

● ڏنگ ۽ ڏنگ: ذ. [سن. ڏنش=ڏنگ] وهٽن کي ڏنگيندڙ جيت جو هڪ قسم- وڏو مکو- وڏي مک. ڪاڏو- چارو (وهٽن لاءِ). وزن (دوا وغيره جو). ڪارڪ جو هڪ قسم- اڌ نرم ۽ اڌ سخت ڪارڪ.
- ڏنگ پوڻ: ڪارڪن جو ڏونڪن ڪان وڏيڪ پچڻ.
- ڏنگيجڻ: ڪجيءَ جو اڌ پڪي ٿيڻ.
- ڏنگ ڪرڻ: ڏولڪن سان پچي اڌ ڪارڪون ٿيڻ.

● ڏِنگ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِنگ ۽ ڏِنگون (ڪ. ت): ث. نراڙ جي ڪنڌ لوئي جي مٿان وارو حصو- ٽپڻ- ڪيڙي.

● ڏِنگ ۽ ڏِنگ: ذ. وَرُ- وَنگ- جهڪ- موڙ- چڪرُ- ڦيرُ- ڦيرو- لاڙو- وڪڙُ- وَٽُ- پيچ. سڄ ڪان ڦٽڪڻ واري حالت. ڪوڙ- ڪپٽ- گيڍي نڱي. ارڏائي- لچائي- بد معاشي- ڏنگائي. برخلافي- ورود- مخالفت- وِڪُهن- دشمني- رَدُ ڪدُ.
- ڏِنگائي ۽ ڏِنگائيون: ث. ٽيڙائي- ڦڏائي- نورائي- ٽيڏائي- اڻ سڌائي. حرڪت- لچائي- مستي- شرارت- بدمعاشي- ارڏائي- ڏاڍائي- اڙبنگائي. ڪپٽ- نڱي- دلبو. ضد.
- ڏِنگ ڏِنگائي (ل): ث. پاراٿي هڪ راند جو نالو. ڏڪن اچلڻ جي هڪ راند جو نالو.
- ڏِنگو ۽ ڏِنگا: ذ. صفت. ڦڏو- مڙيل- وريل- اڻ سڌو- ٽيڏو- وِنگو- ٽورو- پيچدارُ- خمدارُ- آڏو ٽيڏو- ٽنگ وِڏنگو- آڏو ترڇو. برو- بڇڙو- شرير- لچو- حرڪتي- مستي خور- ڪپٽائي- ارڏو- شيطان.
- ڏِنگا ڏِينهن ڏِسڻ: تڪليف وارا ڏينهن ڏسڻ يا ڪاٽڻ.

Gul Hayat Institute

- ڏنگو ڪڙو ج ڏنگو ڪڙا: ذ. صفت. ونگو- ڏنگو- ڦڏو- مڙيل- وريل- پيچدار- خمدار- ور وڪڙ وارو.
- ڏنگ ونگيڙو ج ڏنگ ونگيڙا ذ. صفت. ڏنگو ڪڙو.
- ڏنگي ج ڏنگيون: ث. صفت. ڏنگو جو مؤنث.
- ڏنگي ليڪ: ث. اڻ سڌي ليڪ- مڙيل ليڪ.
● ڏنگاچي ج ڏنگاچيون (ل): ث. صفت. ٿوري ڪار واري ڪارائي (زمين).
● ڏنگاري ج ڏنگاريون (ڪ): ث. ڏانءُ جو هڪ قسم- ٻنگاري. تغاري- تگاري. ڪنجي- ڪنهي.
● ڏنگير ج ڏنگير (ت): ذ. صفت. وهڙو (ڍڳو) جو ڳتون تي نه پوي- ڪُٽ- اڻ وڌو- خصي.
● ڏونگر ج ڏونگر: ذ. جبل- پهاڙ- ڏونگر.
- ڏونگر جام ج ڏونگر جام: ندا. اي جبل جا جام! اي ڪوهيارا! اي پنهون! جيئن ته:
"ڏکا ڏونگر جام! ڪر متعذور ن تي".
- ڏونگر ڌڻي: ذ. صفت. جبل جو رهاڪو- ڪوهيارو- پنهون.
● ڏنگراڄ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏنگرو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ڏنگري ج ڏنگريون: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. (اسم خاص) تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏنگيري ج ڏنگيريون: ث. لار يا هرلي جي ننڍي چڪر جو ارو- ڏنگڙي.
● ڏنگيڙو (ت): ذ. پرت جو هڪ قسم.
● ڏنگيڙي: اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏنگيڙي ج ڏنگيڙيون (ت): ث. نار جو هڪ عضوو- ڪاٺيءَ جو وريل ٽڪر.

● ڏنگڻ: مصدر. [س. دنشن=ڏنگڻ. پرا. ڊنسڻ] وڇونءَ، نانگ يا ڪنهن زهريلي جيت جو چڪ پائڻ- ڏنگ هڻڻ- ڪکڻ- گهائڻ- ڪاپائڻ- درد رسائڻ- ڦٽڻ- زخمڻ. ڪيل ۽ اوزار وغيره سان زخم ڪري رت ڪيڻ. زهر پريو ڳالهائڻ- ڪاوڙ ڪرڻ- تونڪڻ.
- ڏنگ ج ڏنگ: ذ. ڪنهن بلا يا نانگ، وڇونءَ يا زهريلي جيت جو چڪ- چهٽ- جهڙپ- چيڪو- وڍ- گهاءُ. وڇونءَ جي پڇ ۾ چيڙي وارو ڪنڊو- نيش- نشتر- ڪک. ڏکيو ڳالهاءُ- مهڻو- طعنو- اولاڀو- چڙپ- هڏي.
- ڏنگائڻ: مصدر. ڏنگ هڻڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ.
- ڏنگجڻ: مصدر. ڪنهن زهري جيت وغيره کان ڪکجي پوڻ- ڪائجڻ.
- ڏنگ ڏيڻ: ڏوراپو ڏيڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.
- ڏنگير ج ڏنگير: ذ. صفت. ڏنگ هڻندڙ- ڏکيندڙ- ڏنگيل- ڪکيل.
- ڏنگيٺو ج ڏنگيٺا: ذ. صفت. ڏنگير.
- ڏنگيٺي ج ڏنگيٺيون: ث. ڏنگڻ جو طريقو يا نمونو. اسم جنس. گاهه جو قسم جنهن ۾ سارنگ جهڙا ڪنڊا ٿين. صفت. اها شيءِ جا ڏنگ هڻي. ماکي لاهيندڙ تي حملو ڪندڙ ماکيءَ جي مک.
- ڏنگو ج ڏنگا: ذ. چڪ- چيڪو- وڍ- گهاءُ- ڏکو.
- ڏنگ هڻائڻ (ت): جنڊ آهوڙائڻ.
- ڏنگ هڻڻ: ڏنگڻ- چڪ هڻڻ. مهڻا يا طعنا ڏيڻ- جهيڙو ڪرڻ- اوپالا ڏيڻ.
● ڏنگيٺا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏنگيٺي ج ڏنگيٺيون: ث. [س دنشن= ڏنگڻ] ڪپڙن کي ڇهنٽي پوندڙ گاهه جو هڪ قسم. جيت جو هڪ قسم (ڏنگيندڙ). لوهارن جو هڪ اوزار، جنهن سان ڏانٽي وغيره جا ڏندا ڪڍجن- ڪنهي- ڪڪرلي.

Gul Hayat Institute

● ڏَنگو ع ڏَنگا: ذ. ٻيڙيءَ ۾ تن يا چيرُ- سوراخ- سِرلگهه- ڏونگ- ٿيندي. آفير يا امل جو ٿورو ذرو- لغار- ڌهارَ- چٽَ- منکَ. مٽي زمين ۾ ڪلر جو ڳورو ٽڪرو- کاري زمين جو ٽراڪڙو- زمين جو ڪلرائو ٽڪُر- مٽاچرو- ٽانگهڙو- ٽراشو. لوهارن جي اصطلاح ۾ لوهه کي وَڍَ جو نشان (ل)- نشان- سنهي ليڪ- وَڍُ- گهاءُ. جيئن ته "ڪاٺيءَ کي ڏنگا ڏي ته جلد سُڪي." گهمڻ ۽ هلڻ چلڻ ۾ آزادي- چالاڪي- چستي- ڪڙائي- جهانجهرائي.

- ڏَنگو چاڙهڻُ: آفير ڪاٺي لشي ۾ ٿيڻ- خمارجڻ- آفير کائڻ- لشيءَ ٿيڻ- لشي ۾ مست ٿيڻ.

- ڏَنگو ڏيڻُ: لغار ڏيڻ- چٽَ ڏيڻ. ٻاٽيءَ جي چٽڪار ڏيڻ.

- ڏنگو ڪيڻُ: سرنگهه ڪيائڻ.

- ڏَنگو ڪرڻُ: اوچتو ٽنگ ٿيڻ (ٻيڙيءَ ۾)- ٿيندي‍ءَ جو اوچتو لڪرڻ.

- ڏَنگو ڪڍڻُ: (ڏينهن جو) گرم ٿيڻ- تپڻ- ڪوسو ٿيڻ- جلڻ- سڙڻ- ٻچڻ- باهه ٿيڻ.

- ڏَنگيدارُ ع ڏَنگيدارَ: ذ. صفت. مٽيءَ زمين ۾ ڪلر وارو ٽڪر. جيئوَ وارو وهٽ- ٻاٽيائو- تيکو- پتلو- سنو. چالاڪ- چست- ڪڙتڙو- جهانجهرو.

● ڏِنگو: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُنگو ع ڏُنگا: ذ. ڏاڙَهه- چيڙبَ- تبابُ- دڙڪو. جيئن ته:

"هڪ ڏُنگا ڏاڏاڻا، ٻيو موٽيو تان نه مينڊرو"

(شاهه).

طعنو- مهڻو- ڏوراپو- اوپالو. (ت).

● ڏَنگيءُ ع ڏَنگيءُ: صفت. ڏنگي جو سون (جو تمام سٺو سمجهيو وڃي ٿو). (سون وغيره جي) لٽِ- لسيرِيءُ. ريشي- چڪيءُ- سِرَ (چانديءَ جي).

● ڏَنگهجا: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِنگهه ع ڏِنگهون (ڪس)؛ ث. ڪوڙيل مٽر- ٽوڙ- روڏَ.

● ڏُنگهو ع ڏُنگها: ذ. ناريل جي کَنلَ جو لسو آڌُ- ڏونگهو. جيئن ته:

"پرڻ چيو ڏُنگهي کي ته هل ڙي ته ٽنگا"

(چوٽي).

(ذ. صفت) وريل- چپو- ڏوڙو (ت).

● ڏَنگَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏُنگَرُ: اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏَنڻ: مصدر. ڦنڪا هڻڻ- چهبڪ هڻڻ- نيٽ هڻڻ- لڪڻ مسان مارڻ- سَٽڻ- سٽڪو لڳائڻ. ڏنا ڪرڻ- ٻنا ڪرڻ. گوڏن ڀر ڪرڻ. رنجائڻ- ڏکوئڻ- تڪليف ڏيڻ- ڪاوڙائڻ- چيڙائڻ- ڪلپائڻ- هلاڪ ڪرڻ- دق ڪرڻ- ستائڻ- خفي ڪرڻ- آزارڻ. هيسڻ. لاڳ وٺڻ- ڏن وٺڻ- خيرات تي گذران ڪرڻ. (زالَ جي) مڙس جو مري وڃڻ (ل).

● ڏَنوُ ع ڏَنوَ: ذ. حسد- ساڙو- اير ڪا- جلن- بغض- ٻيائي- ساڙُ- ٻچ- جٽرَ- دشمني- عداوت- ڪينو.

- ڏَنوَ چڙڻُ: ٻِڄڻ- ٽهڻ- چيرڪڻ. لڄ ٿيڻ- شرم ٿيڻ- حجاب ٿيڻ- منڪوچ ٿيڻ.

- ڏَنوَ ڏارُ ع ڏَنوَ ڏارَ: ذ. ڊَپُ- خطرو- ڀؤ.

● ڏَنو ع ڏَنا (ل): ذ. چهبڪ، نيٽ يا لڪڻ جي ڏَڪَ جو نشان- ٻنو- ڦٽڪو- نيل- نشان- وَڍُو- داغُ- ٻنُ- ليڪو- ليڪ- ٻنو- ٻني- گهاري. کُسَلُ- سُک. سريڪَ- ڪناري. مٿاهين زمين- دڙو- ڍِبو- مٿان- پيٽ- ڍِبَ (ل). ٽڪري- ڏوڙو- ٽاڪرُ- لوڙهائو- جبل جي چوٽي. ڪورين جو هڪ اوزار- مٽي ٽنگيل رولُ جنهن ۾ نوڙيون ٻڌ بيون آهن، جن ۾ وري آڏاٽو ٽنگيل هوندو آهي (ت).

- ڏَنگا ڏونگَرُ ٿيونَ: ذ. جبلن جا چاڙها ۽ لاها- مٿيان ۽ هيٺاهان ٽڪر.

- ڏَنا ڏونَ: ظرف. مٿي هيٺ- هيٺاهون مٿانهون.

Gul Hayat Institute

- ڏِنا نُنوڻَ: ڏ. ڏِنا ڏُوڻَ.

= ڏِنو وَراڻُ (ت): ڪورين جي هڪ اصطلاح موجب تاڪيءِ تاڪيءِ ڪانپوءِ ٽوڻ ڪي گسڻ جي ڏِپَ ڪان ڦيرائڻ.

● ڏِنو ۽ ڏِنا: [سن. دا=ڏيڻ] (ڏيڻ مصدر مان) ڏِنل- ڏيئي ڇڏيل.

- ڏِنو ڀِنو: خيرات جو نيڪ قل- اجورو.

- ڏِنو ڀنو ٿيوڻُ: خيرات جي ڪري، آخرت، سوڇاري ٿيڻ- خير و خيرات قبول پوڻ ڪنهن مصيبت ڪان ڇٽڻ.

- ڏِنو وَرتو: ڏ. اَجورو- قل- جزا.

● ڏَنُوَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَنُوَرُ ۽ ڏَنُوَرَ (ت): جهت جو هڪ قسم- ڏانُو رُ- ڏاوَر- ڪوريٽڙو.

● ڏَنورو ۽ ڏَنورا: ڏ. ڪرڙ جي وڻ ۾ ٿيل ڦَلُ.

● ڏِنو ماڪُو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِنهَه (ڪ): ڏ. گاهه جو هڪ قسم.

● ڏِنهَرُ: ڏ. گاهه جو هڪ قسم.

● ڏَنهَنَ (ت): ڏ. گاهه جو هڪ قسم.

● ڏَنهَنَ: ظرف. طرف ڏي- ان طرف- ان پاسي.

● ڏِنهَنُ ۽ ڏِنهَنَ: ڏ. [سن. د ڪش=اپرڻ] رات ڪان پوءِ پارهن ڪلاڪن جو عرصو- روز- تاريخ- وار- ڏينهُن- ڏِنُ- تيتَ- يَوم- ڏِينُهن.

- ڏِنهَنڪُ ۽ ڏِنهَنڪَ: ظرف. هڪ ئي ڏينهن ۾- انهيءَ ئي ڏينهن.

- ڏِنهُو نِڏِنهَنُ: ظرف ڏينهن پنيان ڏينهن- جيئن پوءِ تيئن- روزانو- ڏيهاڙي.

- ڏِنهوڪو ۽ ڏِنهوڪا: ظرف. صفت. اڄوڪي ڏينهن وارو- ڏِينهَن وارو- ڏينهن جو- ڏينهاڙڪو. ڏينهوڪو (ل).

- ڏِنهُوڙڪو ۽ ڏِنهُوڙڪا: ظرف. ڏنهوڪو- ڏينهاڙڪو.

- ڏِنهوٽو ۽ ڏِنهوٽا: ظرف. صفت. ڏنهوڪو- ڏنهوڙڪو- ڏينهالڪو.

● ڏِنهيِ (ت): ث. گاهه جو هڪ قسم.

● ڏَنُءُ ۽ ڏَنءَ (ل): ڏ. [سن. دَنڊ=] -اڙ- ڀَچ- جَلُ- دامَ- پڇڙ. ڏنڊ- سزا- ميکٽ. ڏڪ- عذاب- ڏنجهه. جيئن:

"اي ڏنءُ ڏي ڏير پاٽا پراهان ويا".
(شاهه).

پارڻ- ڏانڊو (ل).

- ڏَنُءُ ڇڏَنُ: ڀڄڻ- ٿهڻ- ڇرڪڻ. شرمندو ٿيڻ- لڄي ٿيڻ.

- ڏَنُءُ ڏائيڻُ: ڏکيو ڪم شروع ڪرڻ.

● ڏَنُءُ ڏارُ ۽ ڏَنُءُ ڏارَ: ڏ. آنٽيرو يا هٽرو ڇوڪرو- حرڪتي پارُ- (جيڪو رالد ۾ ڪپڙا ڦاڙي اڇي).

● ڏَنٽرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَنٽرو ۽ ڏَنٽرا: ڏ. ڪيرڙ (وڻ) جو ڪچو ڦلُ.

● ڏَنٽوڙا: ڏ. ڪِهَه جو هڪ قسم- سوليءَ ڏاٿيءَ جو ۽ شاخون جي ڪنن ۾ آنيڪنڊيون اهن.
(نئين زندگي، فيبروري ١٩٥١ع، ص ٣٥).

● ڏَنيِ ۽ ڏَنيون: ث. [سن دنت] ڪنڌي- ڪنارو- ڪنڌو- ڪنڌ- ڪنو- ڪپرُ- پتر- ماحيل- ڪپ (ندي وغيره جو) جيئن ته:

"سڪي ڏَنيِ سرين، پيو مڙوئي تار".
(شاهه).

ٻڪيءِ جي وَٽَ (ل). جبل جي اتانهين تي ماتري يا مٿالهون هَٽ- جبل ۾ زمين جي پٽي (ڪ) پلاڻ جي پچڙيءَ واري ڪالي.

● ڏَنيِ ۽ ڏَنيون: ث. صفت. وڏوا- رَنَ زالَ- پيوهڻ- ڏيل- ڏهاڪڻ- ڦلاوَنتي.

- ڏَنِيل ۽ ڏَنيلون: ث. صفت. وڏوا- بيواهه- ڦلاوَنتي- ڏَنيِ.

● ڏِنيِ: اسم خاص. ٺٽي جي لزديڪ ڪنهن قديم واهه يا ذات جو نالو. جيئن ته:

"وَسي واسي منهن جيئن ڪري هند هيڪا،
ٿهڙو ملي ٿوڻ ۾ تهڙو ڏِني ڏانهن."
(مخدوم محمد هاشم).

Gul Hayat Institute

● ڏَنِّيَرُ ۽ ڏَنِّيَرَ: ذ. صفت. وڏو ۽ ٿلهو ٿانگ ـ دَنْيَرُ.

● ڏِڻُ ۽ ڏَڻَ: ذ. گاهه جو هڪ قسم (جنهن مان مادا رسا ٺهن) سَرَ ـ ڪانا يا ڪانيهن ـ ڪيپَ ـ ڏَبَ ـ ٻيڻشَ.

● ڏِڻُ ۽ ڏِڻَ: ذ. [سن. دِنَ: پرا. دِڻو= ڏينهن] ڏينهن ـ وڏو ڏينهن ـ خوشيءَ جو ڏينهن ـ وارُ ـ ٻارنهن ماهو ڏينهن ـ جشن ملهائڻ جو ڏينهن ـ پربُ ـ خوشيءَ جي ڏينهن تي پنهنجي ڏيءَ يا ڀئي ڪنهن عزيزياڻيءَ کي موڪليل سوکڙي.

ـ ڏِڻائيتو ۽ ڏِڻائيتا: ذ. صفت. ڏِڻَ وارو ـ ڏِڻَ جو.

ـ ڏِڻُ وارُ ۽ ڏِڻُ وارَ: ذ. ڏينهن وار.

● ڏِيهَنُ (ل): ذ. بيابان ـ سَيَجَ. جيئن ته:

"ملڪ سارو ڏِيهَنُ لڳو پيو آهي".

● ڏوهه ۽ ڏوهه: ذ. [سن. دهه= ساڙڻ] حَسَدُ ـ ساڙو ـ ايرکا. رِيسَ ـ هَوَسُ. ڏُکُ ـ دَرْدُ (ت). ڪامَ ـ جَلَ ـ هَجْرَ ـ ٻاهه ـ ٻَوُ ـ سِڪُ.

ـ ڏوهُ لَڳَڻُ: باهه لڳڻ. حَسَدُ ٿيڻ.

● ڏَواڄَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

ـ ڏواخ ۽ ڏَواخُون (ت): ث. پوڙهي مائي ـ ٻڍي عورت ـ ڀانپ.

● ڏُوارُ ۽ ڏُوارَ: ذ. ڏُکُ ـ آهنج ـ ڏُنارُ ـ مصيبت ـ چِتي ـ تڪليف ـ هَنجَا (ل). جيئن ته:

"ڪاڏي پيتي سنربون، نه ڪر ڏُکَ ڏنار"

(خانزئي).

مرض ـ بيماري ـ اگهائي. جيئن ته:

"آئي وِڙم ڏُکن جي، ڏولي ڏوار سان"

(لطف).

● ڏَواڻِ (ل): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڏُواءُ ۽ ڏُوائُون: ث. [سن. در= خراب+ وائي= ٻولُ] بددعا ـ پِٽَ ـ آهَ ـ سِراپَ ـ پاراتو ـ ويڻ ـ عتابُ مهڻو ـ ڏوراپو ـ طعنو ـ وِيارُ.

ـ ڏُوائيي ۽ ڏُوائيُون: ث. خراب وائي واري ـ نپاڳي ـ نڀوري ـ ڏُکي.

● ڏُواءُ ۽ ڏُواءُ (ل): ذ. [سن. دُر= خراب+ وايو= واءُ] خراب هوا ـ اڻ وڻندڙ هوا ـ ناپسند هوا.

● ڏوبتو: اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُوَ ٻاسو ۽ ڏُوٻاسا: ذ. اوپالو ـ مهڻو ـ ڏوراپو.

"ڏوٻاساڏيو، ور ڪيئي ٿو ولهيون".

● ڏُوٻاڪڙُ ۽ ڏُوٻاڪڙَ (ت): ذ. صفت. بدچال ـ بدلڇڻو ـ ڪُلڇڻو. لالچي ـ لوڀي ـ طمعو.

● ڏوٻاڪِ ۽ ڏوٻا ڪُون: ث. صفت. تمام ايري ۽ پوڙهي.

● ڏوٻرِ ۽ ڏوٻرُون: ث. [سن. در= خراب+ ٻل= زور] ڏٻرائي ـ ڏٻلائي ـ ڪمزوري ـ هيڻائي. ڪسيءَ وغيره ۾ آخري بچيل ٻالي (ت).

ـ ڏوٻرِ ڪرڻُ: ضعيف ٿيڻ ـ ڪمزور ٿيڻ. ليٽ جي ٻائيءَ جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ـ وَهڪ نه ڪرڻ.

● ڏوٻرُ ۽ ڏوٻرَ (ٽ): ذ. مٽيءَ جو ٿانءُ ـ ٺڪر جو ٿانءُ (هه. ڊوبرا).

● ڏوپُ ۽ ڏوپَ: ذ. [سن. دَهڻ= ڏهڻ] مال جي ڏهڻ جو وقت ـ ڏهائيءَ جو ٽالو ـ ڏهائي. ڪنهن کير ڏيندڙ مال جو هڪ وِيم ۾ کير ڏيڻ وارو عرصو (ت ـ ل). جيئن ته:

"مون ڏِکي پَم ڏوپَ ڏڏي آهي".

● ڏوتُ ۽ ڏوتَ: ذ. صفت. سن. ڏُورت=] گهٽو ڪائيندڙ ـ گهٽڪاپاڪُ ـ جهجهو ڪائيندڙ ـ گهٽڪائو ـ پيٽ لَٽُ ـ مانين ٺوڙ ـ هبڇي ـ پيٺوڙي ـ ڏُنيتُ ـ دُنيتُ ـ پيٺو ـ آڪَالُ (ع) ـ ڏرو. ڪُلڇڻو ـ بدعادتو ـ بدفضيلت ـ بهي ارڪانُ. ڏورت ـ ٺڳ. پليت ـ پريت ـ شر. جيئن ته:

"اَرڪ سرڪ سيد چئي، لڳيس ڏوت ڏهي"

(شاهه).

دنيا ۽ دُنيوي بندڻن کان فارغ ـ آڌُوت (هندو فقيرن جو هڪ فرقو جي ڌرمي ڪريا ڪرم تي ڌيان ڏين، اڪثري سندن افعال پڇڙا هوندا آهن ۽ ڪاڏي پيتي جا گهوٽرا هوندا آهن).

Gul Hayat Institute

بي ڊؤلو (ت). [سن. دُوت=قاصد] قاصد - پيامبر - دُوت.
● ڏُوتڙِي: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏُوتو ۽ ڏُوتا: ذ. ڪمائي - آپراسو - آوَت - آمدني - آپت. ٿوت - ڪاڌو. جيئن ته:
"جيڏا بوتا تيڏا ڏوتا" (پهاڪو).
● ڏوتي ۽ ڏوتي: ث. ڪاري جي پيڙيءَ ۾ (جود) ۽ (ڪڙي) جي رسن کي ڳنڍيندڙ ڪاٺ جو ٿلهو ٿوت ڪن ٽُڪر - درياءَ جي پيڙيءَ ۾ (گيلي). ڏامَ جي ويڙهي (ڪ).
● ڏوتيُ ۽ ڏوتيُ: ذ. صفت. ڏٿَ تي گذران ڪندڙ - جهنگل جي شين تي پيٽ پاريندڙ - ڏٿ کائيندڙ سارو ماڻهو - جهنگلي - غريب. ڏٿُ (جهنگلي انُ) وڪڻندڙ - مارو ٿَڙا. جهڙن ته:
"آدا ڙ ِي ڏوتي، آءُ پڇان تو ٿيِ"
(شاهه)

پنهنجي ڪم ۾ ايماندار - آدمي - اتساهي - سرگرم - تسڪو - خفتي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.
● ڏوٿو ۽ ڏوٿا (ٿ): ذ. ٿلهو لڪڻ - سَونٽو.
● ڏوٿيُ ۽ ڏوٿيئون: ث. حقي جي نڙ کي گوهه سان ڳنڍيندڙ ٿونٽي. زنالي زيور جو هڪ قسم. (ث. صفت). ڏَونٽي - ڏَٿي مٺي - وَگر وَٽي - چوٽي موٽي - ٿاهي متاري - سگهي سگهڻي - ڪڙي تڙي.
● ڏوٽ ۽ ڏوٽَ (ت): ذ. ڏوراپو - طعنو - عتاب - مهٽو - ميارَ. ڪاوڙ - رَنج - غصو. تڪليف - ڏک - بار. (سن. دُٺ=ڏَئيتُ) بي ترس - بي رحم - ظالم - ڪنور - سنگدل. (ديوان فاضل، ص ١٦٩).
- ڏوٽُ ڏوراپو ڏِيَڻُ: طعنو ڏيڻ - ڏوراپو ڏيڻ - مهٽو ڏيڻ. ڪاوڙجڻ - ڪاوڙجي سختي ڪرڻ.
● ڏُوپارُ (ل): ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم.
● ڏوجُ ۽ ڏوجَ: ذ. مرض - بيماري - روڳ - اڱهائي. اها بيماري جنهن ۾ گهوڙيون سنڊ ٿيو پون (ويامڻ کان رد ٿيڻ واري حالت).

- ڏوجيرُ ۽ ڏوجيرَ: ذ. صفت. اڱهو - روڳي - بيمار - مريض - مرضيل.
● ڏوجيرو ۽ ڏوجيرا: ذ. ڏکُ رَنجُ - تڪليف - سورُ - سُهمو - انتظاري - ڳڻتي - ڏوجهرو.
● ڏوجو: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏوجهَ ۽ ڏوجهَ (ٿ): ذ. ڪير - ڪير ڏيندڙ مال جو ٿر وارو عرصو ڪير ڏيڻ واري حالت - ڏوبُ. ٿَڻُ.
- ڏوجهارو ۽ ڏوجهارا (ث)؛ ذ. صفت. ڪير ڏُهڻ وارو - ڏهندڙ - ڏوهو.
● ڏوجهرو ۽ ڏوجهرا: ذ. ايذاءُ - دَرْدُ - پيڙا - ڏولائو - ڏوجهرو. ڏکُ - رَنْجُ - تڪليف - سُورُ - سُهمو. ڳڻتي - فڪر - چِنْتا - انتظار - اوکيا ۽ کيا - آدڪو - وسواسُ - آنديشو - سانگو - اونَ - اوسيڙو - چوُنرا ڪتولرا - آڻ تڻ. بيماري - روڳ - مرض.
● ڏوجهو ۽ ڏوجها (ت): ذ. صفت. ڏکيو - تڪليفن ۾.
● ڏوچيلاَ (ٿ): ذ. جمع ۾ ڪم ايندڙ. مهڻُ، چيڙن وغيره جا سُڪايل اڌ ٽڪر - ڪچيرِيئون.
● ڏوچڻُ (ت): مصدر. سيٽَ ڪرڻ - جٽ ڪرڻ - چينبَ ڪرڻ. ڪرڪو ڪرڻ.
● ڏوڏ ۽ ڏوڏُونُ (ل)؛ ث. [سن. دُهُ= ڏهڻ] گهڻن قسمن جو ڪير. ڪير ڏيڻ جي حالت - ڏهائي - ڏوبُ. ڏڏل ڪير - خيرات ڪيل ڪيرُ - ڪير جي خيرات.
- ڏوڏِ تي ڏِيَڻُ: چارپ تي مال ڏيڻ. (جنهن موجب ڏراڙُ مالُ جو ڪير ۽ پاڻ استعمال ڪندو آهي).
- ڏوڏِپائيُ ۽ ڏوڏِپائيئونُ: ث. ڪيرَ وڪڻڻ جو ڌندو - ماهيو - ڏوڏِپڻ - ڏوڏپو - ڏوڏِپُهو.
- ڏوڏِپَڻُ ۽ ڏوڏِپَڻُ: ذ. ڏوڏپائي - ڏوڏِپو - ڏوڏپُر - ڪير وڪڻڻ جو ڌندو.
- ڏوڏِپو ۽ ڏوڏِپا: ذ. ڏوڏ پائي - ڏوڏ پڻ - ڏوڏڪو - ڪير وڪڻڻ جو ڌندو.

Gul Hayat Institute

- ڏوڏ ِٿيو ۽ ڏوڏ ِٿيا: ذ. ڏوڏ پائي - ڏوڏ ڀڻ- ڏوڏ ِيو - ڏوڏ ِڪو - ڪير وڪڻڻ جو ڌنڌو.
- ڏوڏ ِي ُ ۽ ڏوڏ ِي: ذ. صفت. ڏڏ ڪير وڪڻندڙ - ڪير وارو ور ِيسَر ُ - پاڪيو - ماهيڙ ُ - ماهيڙ ُ.
● ڏوڏ َڪ ُ ۽ ڏوڏ َڪ: ذ. هيري يا موتيءَ ۾ پيل داغ ُ (جيئن هڪ رنگ ۾ ٻئي رنگ جو داغ). داغ ُ - چيٽو - ٽيڪو - عيب ُ. رُڪاوت - رَلِبڪ- اٽڪاءُ. (ذ. صفت) ڪنهن ڪم ۾ اٽڪاءُ وجهندڙ.
● ڏوڏو ۽ ڏوڏا: ذ. ڪيرو (ان ّ جي سنگن جي جهلڻ واري حالت). ڪير وارو ڪچو انّ جهليل سنگ (پ ُڊيءَ واري حالت کان پهرين حالت).
● ڏوڏ ِي ُ ۽ ڏوڏ ِيون ُ: ث. ڀوڙ ۾ ڪٺائي ڪري وجهڻ لاءِ گڏيل اٽو ۽ پاڻي - لاس َ.
● ڏوڏ ِيلي ُ (ٿ): ث. گاهه جو هڪ قسم (زمين تي پکوندڙ جهن جو ڪير ُ دوائن ۾ ڪم اچي).
● ڏوڏ ِيٽڙو ۽ ڏوڏ ِيٽڙا: (ٿ) ذ. جيت جو هڪ قسم (جو آڏامي ڏ ُڏ َ ۾ پولدو آهي).
● ڏوڏا (ٿ): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏ ُو ُڏ ُر ۽ ڏ ُو ُڏ َرو ُن ُ (ٿ): ث. سيتانڪ جو مرض - چاپاڪو - ڏ ُڏ ر ُ.
● ڏ ُو ُڏ ُو ُ ۽ ڏ ُو ُڏا: ذ. [هـ. ڊوڊا] پست جي ٻج جو ڪوپو - ڏيلهو - ڏينهو - ڏوڏي. ٻڻ جو ٻج - سُڪل ٻيٽيءَ جو ٻيج ُ - ٻڻ - ڏوڏي. آگر جو پهريون سَنڌ ُ - ٽٽي. اک جو تارو - دوڏو - ڏيلهو - (ث. ڏوڏي ۽ ڏوڏ ِيون). ڳچيءَ جو هڪ قسم - ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو تعويذ - ڪارڪ - قُل. کجور - ڪَتَل - ڏونڪو - هليلو.
● ڏوڏ ِهار ُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏوڏ ِي ُ ۽ ڏوڏ ِي: ث. اسم. [سن. تُنڊ ُ] پست جو ڦُل ُ، جنهن مان آفيم لڪري ٿو.
● ڏوڏ ِي ُ: اسم خاص. تعلقي گوني‌ءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏوڏ ِيٽڙو ۽ ڏوڏ ِيٽڙا: ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.
● ڏ ُو ُڏيو ۽ ڏ ُو ُڏيا (ٿ): ذ. چالاڪ ُ - هوشيار - عيار - زيور جو هڪ قسم - ڪنن ۾ پائڻ جو وڏو والو.
● ڏور َ ۽ ڏ ُورُون: ذور ِيُون ُ؛ ث. [پـرا. دور َ. سن. دور: ڊور: ڊور = ڏور] ڌاڳي جو هڪ قسم - وٽيل ڌاڳو - ٿلهو ڌاڳو - سُٽ َ جي سنهڙي رَسي - ڏور - ڏوري - سوتلي (جا انڊ هلائڻ، لغز آڏائڻ، لانون ڦيرائڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ ڪم اچي). اڳٽ - پنهڙ (ل. ٿ).
- ڏور َ تي هلڻ َ: پاسو وٺڻ - همدرد ٿيڻ.
- ڏور ِڪيي ُ ۽ ڏور ِڪيُون ُ (ٿ): ث. ڏور - ڏوري.
- ڏورو ۽ ڏورا: ذ. ٿلهي ڏور - وٽيل مضبوط سُٽ َ جو تندو. (ث. ڏوري ۽ ڏور ِيُون).
- ڏور ِ واڳ ۽ ڏور ِ واڳُون ُ: ث. و َهٽ َ (گهوڙي وغيره) کي بيهارڻ لاءِ لغام ۾ وڌل رَسي - واڳ - مهار َ - دَليل َ - ٻڌائڻ - سرڪشي - ڦاهي. اختيار - عام مختياري. حق ۽ واسطا. ڇڙواڳي - آزادي - خودمختياري.
- ڏور ِ وجهڻ ُ: ڦاسائڻ - اٽڪل ويڙهائڻ. جيئن ته:

"ڏور ِ وڌي تو ڏاهي"

(سچل).

- ڏور ُ ۽ ڏور َ: ذ. معمي يا ڳجهارت جو هڪ قسم (جو ڏوهيڙن ۾ ٿيندو آهي).
● ڏ ُو ُر ُ: ظرف. [سن. دُور = پري] پري - دوُر ُ - ڏورانهين ُ - چيٽو - چيٽو - پرانهين ُ - وٿيرڪو - پنڌ تي - جُدا - پرتي - گهڻو پري - آڳاهون - گهڻو مفاصلو - پرَپرو - جو و پجهو نه هجي.
- ڏ ُورا: ظرف. ڏ ُوراڻ ُ - پري کان.
- ڏ ُوراڏو ۽ ڏ ُوراڏا: ظرف. ڏ ُورانهون ُ - پرانهون - پري جو - ڏ ُور ُ - پري.
- ڏ ُو ُراڻ ُ: ظرف. پريان - پري کان.

- ڏُورانهُون ۽ ڏُورانهان: ظرف. پريرو- ڏورو پري- ڏُورُ- دُور- پرانهون- تمام پري- دوران دُورُ- پري وارو- دُوريءَ وارو- آڳاهُون- ڏوري مفاصلي تي- پري پري جو- وڇيرڪو- ڇيٺو.
- ڏُورانهين: ظرف. پري واري- ڏور واري- پري پنڌ واري- دُوريءَ واري- پرپرائي- ڏورنهن.
- ڏُوراڻِ: ث. دُوري- ڏوري- پر پرائي.
- ڏُورانسو ۽ ڏُورانسا: ظرف. پري جو- ڏُورانهُون.
- ڏُورانتي ۽ ڏُورانيُون: ث. دُورائي- پرپرائي- ڇيتائي- دوري- مفاصلو- پنڌ. پري جو- پري کان.
- ڏُورِ تانهُون: ظرف. پري کان- ڪچ پنڌ تان- گهڻي مفاصلي تان- مفاصلي کان.
- ڏُورَڙو: ظرف. ڏورو پري- پرپرو- پري- دور.
- ڏُورِ لڳَڻُ: ڏکيو لڳڻ- آهنجو لڳڻ- دل کي نه وڻڻ.
- ڏورَهين: ظرف. پري کان- مُفاصلي تان.
- ڏورِيو ۽ ڏورِيا: ظرف. صفت. پري وارو- ڏور وارو- دورِيءَ وارو. پري- دور- ڏور- ڏورانهين- وڇيرڪو- پرانهون- ڏورانهون- بَعيدُ. دور دَسْتُ.
● ڏوراهَڻُ: مصدر. ڏوراهو ڏيڻ- عتاب ڏيڻ- مهڻو ڏيڻ- طعنو هڻڻ- ويڻ ڏيڻ- گِلا ڪرڻ- شڪايت ڪرڻ- شِڪوو ڪرڻ.
- ڏوراهائيتو ۽ ڏوراهائيتا: ذ. صفت. مهڻي گور- اهو ڪم جنهن سان ڏوراهو ملي- ڏوراهي وارو- ڏوراهي جو- مهڻي جو جو- گِلا وارو- شڪايت وارو- شڪوي وارو.
- ڏوراهِجَڻُ: مصدر. ڏوراهي وارو ٿيڻ- ڏوراهو ملڻ- مهڻا جهلڻ- عتاب سهڻ- ويڻ برداشت ڪرڻ- طعنا جهلڻ- ڏوراهي هاڏو ٿيڻ- طعنه هاب ٿيڻ- ميار دارُ ٿيڻ.

- ڏوراهو ۽ ڏوراها: ذ. شڪوو- گلا- دانهن- شِڪايتَ- عتابُ- ويڻ- مهڻو- طعنو- وِيارُ- اوڀالو- مَيارَ- حرفُ. ڇينڀ- جهِڙڪَ.
- ڏوراهو ڏِيَڻُ: طعنو هڻڻ- مهڻو ڏيڻ- اوڀالو ڏيڻ- عتاب ڏيڻ- ميارَ ڪرڻ. شڪايت ڪرڻ.
● ڏوراڇُ ۽ ڏوراڇَ: ذ. آڏ ڍؤ- اڏورو.
- ڏوراڇو ۽ ڏوراڇا (ل): ذ. صفت. اهو چوپايو مال جنهن کي گاهه پاڻي گهٽ ملندو هجي- آڏُ ڍاوَلُ- آڏورو. ايرو- ضعيف- ڏُبرو. وِيڪارو- نفرت ڪندڙ. (ث. ڏوراڇي ۽ ڏوراڇيُون). گدلائي کان پاسو ڪندڙ- صفائي پسند ڪندڙ. سوگيارو. ث. سوگياري "ڏوراڇي گهوڙِي".
● ڏوراڙو ۽ ڏوراڙا: ذ. ماڇين جي محاوري جو لفظ. مهتو- واٺيو- ڪيراڙُ.
● ڏورائِڻُ: مصدر. آٽڻ مهل پيٽو ڏاڳو ڪرڻ. هڪ دفعو ڍارو سِڌو نه پوي ته وري ٻيو دفعو آڇڻ. گهوڙيءَ کي ڦرائِڻ (ٿ)
● ڏُورُتَ (ڪب): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏورِڙو ۽ ڏورِڙا: ذ. [سن. دور = ڏور] ڏوري جو اسم تصغير ڏاڳو- ڏورو- ڏوري. هڪ هندڪي رسم- ٻڌي مهني جي چوڏهين تاريخ ڏونري يا ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌڻ جو ڳاڙهي رنگ جو ريشمي ڏاڳو. زيور جو هڪ قسم- بازو بند- ٻانهن رَکِي (ل). ڀرت جو هڪ قسم (ل).
● ڏورَ ڦَرَهو ۽ ڏور ڦرها: ذ. هي هر چورس نوَ انچ ڪن ٿيندو آهي جنهن ۾ هڪ فوٽ ڪن ڳن ٿيندو آهي، جنهن تي ڦانون کي ڏوربو آهي.
● ڏورمائِڻُ: مصدر. ڪنهن ٻئي جي ڳالهه جو نه وڻڻ. ڪم کان ڪيبائڻ- اهرائڻ.
● ڏورَڻُ: مصدر. ڪنهن به شئي جي پٺيان ڳولا ۾ رلڻ- ڳولڻ- ڳولا ڪرڻ- ڍونڍڻ- وانڍڻ- وڙڻ- ولاڙڻ- سُوجهڻ- هٿ ڪرڻ- پنهان پوڻ- ڳولهڻ- ڦولهڻ- پڇڻ- جهاڳڻ- رُلڻ- رَمڻ- ڀٽڪڻ- گهمڻ- پٿڻ- ڀَٽڻ- لَٽڪڻ- ڀرمڻ- آجهڙڻ- ڪوجڻ. گهُمڻ- چاهڻ. لڳائڻ- منڍڻ-

ناهڻ- شروع ڪرڻ- ٻڌائڻ (سودو، واپار وغيره) (ل). جيئن ته ”مون عبدالله سان سؤدو ڏوريو آهي.“ ٻ- آڏ ڪرڻ. لياڻ چيڪڻ. آڏ گهڙيو ڪرڻ. گهوڙي جو گهوڙيءَ تي چڙهڻ (ٽ).
- ڏورِ ع ڏورُون؛ ٿ. ڳولا- ڦولها- ڪوجنا- تلاش- آهوڙ- جاچ- ڊوڙ- رولڙو.
- ڏورِيُ ع ڏورِيُ: ذ. صفت. ڏوريندڙ- ڳوليندڙ.
- ڏورِي ڏِسڻُ: هلي ڏسڻ- پڇڻ يا پڇائي هٿ ڪرڻ.
● ڏورَڻُ ع ڏورَڻ (ڪ- ل): پاچاريءَ جو پاهريون ڪيلو (ڏکڻ جون ڳچيون قابو ڪندڙ) ڏورڻو.
● ڏورِڻو ع ڏورِڻا: ذ. پاچاريءَ جو پاهريون ڪيلو (ڏکڻ جي ڪَنڌ مضبوط ڪرڻ لاءِ)- ڏورڻ (ڪ). آٽ جي گاهي ڪي پڌڻ جي رَسي يا نوڙي- ڪَشڻ- ڏور (ل).
- ڏورِڻا ڏِيڻُ: مدد ڪرڻ- ڏُک سُک ۾ پائيوار ٿيڻ- پاڻ ڪي پڌل رکڻ- وِکون وجهڻ- زور ڏيڻ.
- ڏورِڻي تي ڪِرڻُ (ٽ): پاسو وٺڻ- رِياءُ رکڻ.
- ڏورِڻي تي هلڻُ: رايو رکڻ- مرضي موجب هلڻ.
- ڏورِڻيچوڙُ ع ڏورِڻيچوڙ: ذ. صفت. ڏورڻو چوڙڻ وارو يا چوڙيندڙ- پاچاريءَ جا ڪِلا ڪڍندڙ. ختم ڪندڙ- ڪم بند ڪندڙ- آجو- واندو. پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ.
- ڏورِڻيچوڙُ اچڻُ (ٽ): مڙو اچڻ- بنا روڪ ٽوڪ اچڻ- بي حجاب اچڻ.
● ڏورو ع ڏورا: ذ. [سن. دور: ٻور=ڏور] سُٽ جو وَٽيل ٽُلهيرڙو ڌاڳو- ڏور- ڏوري. ٿلهو سُٽ- سڳو- سنهي نوڙي (جا لغڙ آڏائڻ وغيره ۾ ڪم اچي). زريءَ يا مقيش واري پٽي- پانڪ- پامڪ- ڏوري. ميندي- چڙو- سڳي. پانهن جو مشڪ وارو مٿيون حصو- ڏونرو. انچ جو اٿون حصو- سُوت. ٻٽون- ڳوٿري- ٿيلهي. ڳيت جو هڪ قسم (ٽ). ڏُک- فڪر- ڳڻتي- وِماس. زور- ظلم- زبردستي- ڏاڍائي.
- ڏورو وَهائڻُ (ٽ): پرت پرڻ.
- ڏورِي تي هَٿُ هڻڻُ: ٻُچڙائي ڪرڻ- لاهي پاهي ٻيهڻ- تيار ٿي ٻيهڻ- وڙهڻ لاءِ آماده ٿيڻ.
● ڏورَهو ع ڏورَها (ٽ): ذ. اهنج- مشڪل- تڪليف. ساهه جي مونجهه. ڏکيو موت.
● ڏورِيُ ع ڏورِيُون: ٿ. [سن. دور: ٻور=ڏور] سنهي سٽ جي وَٽيل رَسيُ- سڳو- ڏورِ- سنهي رَسيُ- ڏورو. پاڻي ڪڍڻ لاءِ رَسيُ. ڪاٺ ڪي چيرڻ وقت ليڪ ڪڍڻ لاءِ ڪم ايندڙ لوڙي. رازڪي ڪم ۾ اوساريءَ جي سِڌائي لاءِ ڪم ايندڙ نوڙي. چاريءَ واري ڪپڙي جي چيڙن تي سِبيل ڌاڳو. ڪپڙن سڪائڻ لاءِ پڌل رسيُ- رَس. نٽ جي جهلڻ لاءِ ڪاري سُٽ يا پٽ جو پٽو. ڪپڙي جي ڪنار تي زريءَ جو لڳل پٽو- پٽي- پانڪ- پامڪ. چوٽي- سڳي- ميندي. واڳ- اختياري.
- ڏوري ڏِيڻُ: اختياري ڏيڻ- حڪومت ڏيڻ- واڳ ڏيڻ.
- ڏورِيءَ ۾ بند هڻڻُ: محبت ۾ مبتلا هئڻ- عشق جي دام ۾ گرفتار هئڻ- قرب ۾ قابو هئڻ- پريت ۾ پيوند هئڻ.
- ڏورِيءَ ۾ ٻڌل رَهڻُ: چئي ۾ هئڻ- حڪم هيٺ هئڻ- فرمان ۾ هئڻ.
● ڏوريو ع ڏورِيا: ذ. [سن. دور=ڏوري] ڪپڙي جو هڪ قسم- سنهڙين ڏورين وارو سنهو ڪپڙو- ڌاريدار ململ- ليڪن واري ململ- پٽاپٽي ململ- رنگين شبنما. ڊانڊي پکيءَ جو هڪ قسم [چهنب ڪاري ۽ ويڪري، ٽنگون وڏيون ۽ ڪاريون). لوڙي- رَسيُ- ڏورو (ٽ).
● ڏورِڙ ع ڏورڙون (ٽ): ٿ. سُوئر يا ميرُون جي اڳين ٽنگ يا چنگهه.

Gul Hayat Institute

● ڏوڙُ ۽ ڏوڙَ (ل): ذ. پاسو - پلاند - ڪناري - وٽ (ڪپڙي وغيره جي).

● ڏوڙاڪيِ بَرِي ۽ ڏوڙاڪيون بَريون: ث. بريءَ ٻڪريءَ جو هڪ قسم (بدن تي اڇا ۽ ڪارا ٽڪا: اهو نالو انڪري پيو اٿس ته جڏهين سنڌس ٻيءُ هڪ ۽ ساهُ جو پيو قسم، جڏهن ڪارو ڪلهو پڪر بَريءَ ٻڪري سان لڳ ڪندو آهي تڏهن هي ڏوڙاڪيِ بَرِي پيدا ٿيندي آهي، ڪمس "پسري" بہ چئبو آهي، يعني ٻن جي ڏيءَ؛ ۽ جهيري بہ چئبو آهي، جيئن گهوڙو ۽ گڏهہ لڳ ڪندا آهن تہ خچر پيدا ٿيندو آهي، تيئن ڪاريءَ بَرو پڪر ٻيو تہ ڏوڙاڪيِ بَرِي پيدا ٿيندي آهي).

● ڏَوڙَڻُ (ث): مصدر. ڊوڙڻ.

- ڏوڙَ ۽ ڏوڙُون: ث. ڊوڙَ. گوڙ - آواز - رڙ - رَنپ - دانهن - ڪوڪ.

- ڏوڙِي ۽ ڏوڙِيون: ث. تيز هلڻ ڪري ڪنهن جانور جي پيرن جو آواز. سوار جهي سيڪاريل اٿَ جي ڊوڙ.

- ڏوڙِيون هڻڻ: آواز ڪرڻ - گوڙيون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - رنپون ڪرڻ.

● ڏوڙو ۽ ڏوڙا: ذ. صفت. پيٺو - پٺو - بہ پوت - ڏولو - بہ دنعا. ڪٺي جو هڪ قسم (بہ پوتو) وريل - ڦڏو - ڏنگو وڏو ڳرو. مٺو - ٽلهو - متارو (ڪ). (ث. ڏوڙي ۽ ڏوڙيون). سڳو - ڏاڳو - جهاڙ - ڦيٽو. ڦيرو. جيئن تہ:

"ڏڪ ڏيئي ويو ڏوڙو".

● ڏوڙهو ۽ ڏوڙها (ت): ذ. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قِسم.

● ڏوڙِي (ت): (ث). رڍَ جو هڪ قسم. سونٽَرَ جي هلڻ جو آواز. ڪَرَ نہ چيريل جانور جي هلڻ جو آواز.

● ڏوڙُ ۽ ڏوڙَ (ڪ): ذ ڪُڪِڙ جي هڪ بيماري. پچ جي مٿان هڪ جوڙ جي دائي جيڏو گوشت جوداٿو نڪري جنهن سان ڪڪڙ آنا ڏيڻ بند ڪندي آهي ۽ وري ان گوشت جي ڏري ڪهڻ سان ڪڪڙ آنا ڏئي).

● ڏوسَ (ث): صفت. [سن. دَشَن = ڏَهہ] هڪ عدد جو نالو - ڏَهہ.

● ڏوسُ ۽ ڏوسَ: ذ. [سن. دوشَ = ڏوهہ] گناهہ - ڏوهہ - قصور - پاپ - اپراڌ - دوشُ - ڪُڪَرمُ. چوڪَ - ڀُل - غلطي - عيبُ - سَقمُ. ڏُکُ - پيڙا - عذاب - ڪَشٽُ - ڪليش - وِ پنا. عتابُ - ڪاوڙ - قهر - تاب. جيئن تہ:

"تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ ڪونہ سهندو اُن ري" (شاهہ).

پَرِي يا جن جي ڇانوَ جو اثر. (ث).

- ڏوساٺو ۽ ڏوساٺا (ث): ذ. صفت. جنَ يا پَرِيءَ جي ڇانوَ جي اثر هيٺ آيل ماڻهو.

● ڏوسو ۽ ڏوسا (ث): ذ. وڏي عمر وارو مرد - پوڙهو لُنڌُ - ڪُراڙو - جهولسو - ٻڦُ - ٻڍو. بخيل - ڪنجوسُ - مکيچوسُ - چوڙهو (ڪ). ڏاڻيُ - چنبو - واتَ ڪارو - نياڳو (ت). زال جو پردي پويان مرد جهڙي پولي ڪري ڪيلائڻ واري حالت (ث).

● ڏوڦو ۽ ڏوڦا (ث): ذ. بيوقوف - بي سمجهہ - ابوجهہ.

● ڏَڪارو ۽ ڏَڪارا (ث): ذ. (آواز) وَهڻ هَڪلڻ جو آوازُ.

● ڏوڪو ۽ ڏوڪا (ت): ذ. [سن. ڍَڪا.] ڍهيلَ وڄائڻ لاءِ ڪم ايندڙ سنهيرڙي ڪهڙيل ڪاٺي - ڏونڪو. اڻ پَڪل ڪارڪ - ڪچي ڪارڪ (جنهن مان اوٽي ڪارڪ ٿهي). جوئر جو وَسَ وارو ڪانو - ڳنو (ث).

● ڏوڪي ۽ ڏوڪيون (ت): ث. ڪانيءَ ٽُڪر - سنهڙيءَ ڪانيءَ ٽُڪر. ڪوهہ جي پُل هينان ڏنل ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي.

- ڏوڪيِ جهلڻ: سيڌي ڪاٺي جهاڻ. زور آزمائڻ.

● ڏوڪاڄُ ۽ ڏوڪاڄَ (ڪ): جيت جو هڪ قسم (رنگ سائو، ٽنگون وڏيون، سائي وڻ ۾ گهڻو ٿئي، جو ٻڪري وغيره کي اتفاق سان گاهہ سان گڏ پيٽ ۾ وڃي تہ اهو وهٽ بيمار ٿي پوي).

Gul Hayat Institute

● ڏوڪاهُو ۽ ڏوڪاهَا: ذ. [سن. دُهڪَ = ڏُکَ] مصيبت ـ ويڌن ـ سختي ـ آپدارن. جيئن تہ:
"وهيان ٿين وٺاڻ ڏوڪاهي هئان جي"
(شاهہ).

ـ ڏوڪاهيِ ۽ ڏوڪاهيِ: ذ. صفت. ڏُکُ يا ڏُکيائي ۾. سُڃو ـ ويران.

● ڏوڪيڙو ۽ ڏوڪيڙا: ذ. [سن. دُهڪَ = ڏُکُ] سُور ـ درد ـ دُکُ ـ ڏُکُ ـ اِيذاءُ ـ اهنج. تڪليف ـ مشڪلات ـ جاکوڙ ـ ڪشالو ـ دردسَري ـ محنت ـ ڏاکڙو ـ ڏنجهہ ـ ڏوجهرو ـ مصيبت ـ آزارُ ـ هَلاڪي. دُرگتي ـ ڳَرو دُکُ ـ بُرو حالُ ـ پريشاني ـ ڪَمبختي ـ ڏولو ـ ڏوکڙو.

ـ ڏوڪيڙائتُون ۽ ڏوڪيڙائتان: ذ. صفت. ڏُکائتو ـ اهنجائتو ـ هلاڪ ڪندڙ ـ ڪپائيندڙ ـ تڪليف ڏيندڙ ـ ڪٺهُ ـ ٽڪائُو ـ ٽَڪائتو. محنت طلب ـ ڏُکيو ـ اوکو ـ اڙانگو ـ آٺ ڪائيو.

● ڏوڪُو ۽ ڏوڪا (ت ـ ٿ): ذ. [سن. دُهڪَ = ڏُکُ] اِيذاءُ. بيماري ـ اگهائپ.

● ڏوڪيئو ۽ ڏوڪيئا: ذ. [سن. دهک = ڏُکُ] غم ـ شوڪ ـ ڏُکُ ـ گوندر ـ ڏنج ـ سوسُ ـ افسوس ـ ارمان ـ رنجُ. سورُ ـ درد ـ ڪَليش ـ ويڌن ـ تڪليف ـ مصيبت ـ دُکُ. ماتم ـ روڄَڻ. ڏُکيو

● ڏوکيِ ۽ ڏوکيِ: ذ. صفت. [سن. دُهُک = ڏُکُ] ٻئي کي ڏک ڏيندڙ. ٻئي جو ڏک معلوم ڪندڙ ـ ٻئي جو ڏک پاڻ تي هموارُ ڪندڙ. ڏُکَ وارو ـ ڏُکُ سهندڙ ـ تڪليف برداشت ڪندڙ ـ دُکي. سخت محنت ڪندڙ. جيئن تہ: "هڏ ڏوکي" وغيره.

● ڏوگَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (خاص ڪري ٺٽي جي نواب شاهہ ۽ لاڙڪاڻي ۾).

● ڏُوگَرُ: اسم خاص تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏوڳاهو ۽ ڏوڳاها: ذ. ڏولاهو ـ ڏَنجهُ ـ ڏُکُ ـ تڪليف ـ ڏولائو. جيئن تہ:
"ڏور ڏوڳاها پَڄُ جو مينهن مُنڊائتو آيو"
(خليفو نبي بخش).

● ڏوگهَرُ: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏوگهلو ۽ ڏوگهلا (ل): ذ. نيڙي ـ ليڙ گهوٽو.

● ڏوگهڻُ: مصدر. هَرَ هَر پاڻي پيئڻُ ـ گهڙي گهڙي پاڻي واپرائڻ ـ گهڻو پاڻي پيئڻ ـ مُسَلسل پاڻي پيئڻ ـ ڏوڪَڻُ. ڀَڪُ ساهي پاڻي ئي وجهڻ. گهڻي اُڃَ لڳڻ ـ سخت اُڃائجڻ.

ـ ڏوگهہ ۽ ڏوگهون: ث. پاڻي پيئڻ جي اوتَ اوتان ـ گهڙي گهڙي پاڻي پيئڻ واري حالت ـ ڏوڪَ ـ گهڻي اُڃَ ـ آساٽَ ـ اُليِ ـ ڏوگهو.

ـ ڏوگهہ ڏوگهان ڪرڻ: گهڻي اُڃَ ڪري گهڻو پاڻي پيئڻ ـ ڏوڪَ ڏوڪان ڪَرَڻُ ـ پاڻيءَ جي اوتَ اوتان ڪَرَڻُ.

ـ ڏوگهيرُ ۽ ڏوگهيرَ: ذ. صفت. ڀَڪُساهي پاڻي پيئندڙ ـ گهڻي اُڃَ وارو ـ جهجهو پاڻي پيئندڙ ـ اُليِ وارو ـ اُڃايَلُ ـ ڏوڪيرُ.

ـ ڏوگهو ۽ ڏوگها: ذ. گهڻيِ اُڃَ ـ اُليِ ـ ڏاڍيِ اُڃَ ـ پياسَ ـ ڏوڪَ ـ ٿِره ـ تِههَ.

ـ ڏوگهيِ ۽ ڏوگهيون: ث. اُڃَ ـ پياسَ ـ خشڪي ـ تِههَ.

● ڏوگهو ۽ ڏوگها (ٿ): ذ. وَڏيِ اَکِ ـ دوڏو ـ ڏيلهو ـ ڊِڀُڊو. ڦوٽارِيَلُ.

ـ ڏوگها تاڻَڻُ: نظر تيز ڪري هَر هَر ـ نَهارَڻُ ـ گهورڻ ـ تڪڻ ـ جوهڻُ.

ـ ڏوگهرُ ۽ ڏوگهرَ: ذ. صفت. اکين ڦوٽاريل ـ دوڏِرُ ـ ڊِڀُڊَرُ.

● ڏولُ ۽ ڏولَ: ذ. [سن. دول = لُڏَڻ. سن. ڏُلُ < مٿي ڪرڻ. ع. دَلو] جهولو لڏڻ جو ـ پينگهہ ـ پينگهو. (کوهہ وغيره مان) پاڻي ڀري ڪڍڻ جو برتن ـ باڙدي ـ باردي ـ بالٽي. لوهہ جو ٺانءُ ـ دَٻو ـ ڏٻو ـ ٽين ـ ٻوڪو. خوف ـ ڊَپُ ـ ڀَوُ (ت). فساد ـ بدامني ـ جهيڙو ـ فتنہ انگيزيِ (ت). ڏولو ـ ڏولائو ـ ڏنجهہ ـ ڏکُ. مصيبت ـ آپدا. ڏوڪارُ ـ ڏڪارُ ـ قحطُ (ت).

Gul Hayat Institute

- ڏولُ وِجهَڻُ: فساد مچائڻ - هِراسُ وجهڻ - خوف پيدا ڪرڻ. ڏڪار وِجهَڻُ.

● ڏُولُ ۽ ڏُولَ (ل. ٿ): ذ. [سن. دُل = لُڏَڻُ] ناسُ - برباد - تباهہ - چَٽُ - سُڃ. جيئن ته:

ڪهڙي هيسيَلُ ڪندو هَولُ،
ڏاوڙ رن تہ ڏِيسرو ڏُولُ،
مڙس مُئيءَ تي هَرهَر هولُ.
(چام خان).

- ڏولُ ڪَرَڻُ: برباد ڪرڻ - ناسُ ڪرڻ - چَٽُ ڪَرَڻُ.

● ڏولاڪو ۽ ڏولاڪا (ل): [سن. دُلُ = لُڏَڻُ] ڏولو - ڏولائو - رولو - مصيبت - پريشاني.

● ڏولائو ۽ ڏولائا (ل): ذ. [سن. دولا. دُلُ = لُڏَڻُ] ڏڪُ - ڏاڪڙو - ڏوجهرو - رولڙو - ڏکو - تڪليف - آهنج - دربدرائي - ڏُکُ - رَنجُ - دردُ - مصيبت. ٿرٿلو - هِراسُ - ٽاڪوڙو - ڦڙڦوٽ - هاها ڪارُ - هائيدوس - ڏهڪاءُ - ڊپ - ڦڙڦڙ - ولوڙو - واچٽ - گوڙ شور - هَلچَل - بَکيڙو - وڳوڙ - تڪرارُ - بَحثُ - ڏکُ بُکَ - ڏُڪار - ڏُڪر - ڏولاڪو.

- ڏولائي مانُ ۽ ڏولائي مانَ: ذ. صفت. ڏِڪائَلُ - تَرين پَرُ.

● ڏوليچي ۽ ڏوليچيُون (ل. ت): ث. چِڙي جو ٿانءُ پاڻي پِرڻ لاءِ چَم جو دہو يا ٻالٽي - دَلُوچو - ٻوڪو - چڙهي - ڪوس. بندوق رکڻ لاءِ چِڙِي جي ڍ گهي ڳوٿري.

● ڏولَڻُ: مصدر. ڳولڻ - ڦولهڻ - تلاش ڪرڻ. ڏورڻ - پٺيان وڃڻ - پويان ڀوڻ - پُٺڪڻ. پڇا ڪرڻ. لوڏڻ - ڏولائي ۾ وجهڻ - پريشان ڪرڻ.

● ڏولو ۽ ڏولا: ذ. [سن. دُلُ = لُڏَڻ] دُرگتي - ٻرو حالُ - ڪمبختي - شڪست حالي - جو ڪڙو - ڏولائو - ڏوجهرو - ڏکُ - رَنجُ - تڪليف - دَربدَريُ - پريشاني.

● ڏوليهہ ۽ ڏوليهہ (ل): ذ. [سن. دُلُ = لڏڻ] پاڻيءَ ڪڍڻ جو ٿانءُ - ڏولُ.

● ڏوليهو ۽ ڏوليها (ت): ذ. ٻترجي وچ وارو ڪانو.

● ڏولَهڻُ: مصدر. ڏَلَهڻُ.

● ڏولهي ۽ ڏولهيُون (ل): ث. [سن. دُلُ = لُڏَڻُ] ڏولي.

● ڏولي ۽ ڏوليون: ث. [سن. دولا: دُلُ = لڏڻ. پرا. ڊولا] پرده دار عورتن جي سواري لاءِ هڪ جهولو يا مانڊو - ننڍو ڪجائو (جنهن کي ماڻهو ڪلهي تي کڻندا آهن) - پالڪي محفو - لوڏي - ڇڻو ڏولُ. لاش وغيره کڻڻ لاءِ کٽ جو هڪ قسم. پاڻي پيئڻ لاءِ ٺڪر جو ننڍو ٿانءُ - چِلَ ڪيپي - ڪُوڄي (ت).

- ڏولي وَڻڻُ: گهوٽيتن جو ڪنواريتن وٽ وڃي ڪنوار کي وٺي اچڻ.

● ڏُومَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - گهمنڊڙ گويَن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏُومُ ۽ ڏُومَ: ذ. [سن. ڊُومَ] ڏُوم ذات جو هڪ فرد - چارڻ - ڀاٽُ - ڀَٽُ - مَنگتو - مڱڻهار - ڊاڍي - پينو - لنگهو. (ت. ڏوميڙِي ۽ ڏوميڙِيُون). نياڳو - بد نصيب - رولو. رُڪو - بي سَوادُ (ت).

- ڏُومڪا ڪُونُهان (ت): ذ. صفت. چِرڙ - چِڙا چانڊَ - رولَ.

- ڏُوميي ۽ ڏُوميي (ت): ذ. صفت. نياڳو - بد بخت - بد نصيب.

● ڏُوماڻُو: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏوماڻي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏوماڻي الهنڊي: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏُومَڻُ: مصدر. ڏَمَڻُ - پوني ڪرڻ - هٽيڙو ڪَرَڻُ - هَٽَ هيرُو ڪرڻ. ڏَهَڻُ - ڪپڙا هڪ ٻئي تي پاڻيءَ جي چنڊ ڏيئي رکڻ.

● ڏميوالي: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏُونُ ۽ ڏُونَ: ذ. باھ - آگ - آڳ - اگني - ڄيرو - ٻارڻ عذابُ - ڏک - اهنج - ساڙو.

Gul Hayat Institute

● ڏُونُ: صفت. [سن. دُوَ=ٻہ] ٻہ هڪ جي ٻيڻ- ٻِڪَ- دُونو- جوڙي- ٻِيالهہ- ٻَڏي- ٻٽو.

● ڏوناٿيُ آيرُنڊِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏُونٻَرَ ۽ ڏُونبرَ: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

● ڏَوُنٽُو ۽ ڏَوُنٽَا: ذ. صفت. [سن. دَشَهُ=غُرُورُ] جبرو- جاٺو- قوِيُ- مضبوط- بهادرُ- جنگ- ٽلهو- متارو- ڏتو سٽو- دَونسو- مُنڪو- ڏِڱُ- سَتَرُ وَتَرُ- ڦو ڦانڪُ. جهنگلي- وَحشي- اڻ گهڙيو- ٻُز- خون خوار. شوخ- بي آدبي.

● ڏَوُنٽيُ ۽ ڏَوُنٽيُون: ث. [سن. ٻُڊَ=ٻُونڊَ] ٻَبي يا ٽڻ جي چوٽي- چُنڊي- ڏُنڊي- ٽَوڻيُ- ڏوٽي- ٻُنڊِ- ٻُونڊِ. حقي يا ٽڙَ جي ٽونٽي- ڏوٽيُ.

● ڏونٽُ ۽ ڏونٽَ (ث): ذ. صفت. شوخ مياڻ جو ماڻهو- ڪَهرو- رُڪو.

● ڏُونجهو ۽ ڏُونجَها (ل): ذ. اهنج- ايذاءُ- تڪليف- دردُ- ڏُڪُ.

● ڏُونجَڻُ (ث): مصدر. چيڀڻ- چٽ ڪرڻ- ملامت ڪرڻ.

● ڏُونڊِ ۽ ڏُونڊِيُون. ث. [سن. ٻُڊَ=ٻُونڊ] ميوي جا گل جي ڏانڊي- ميوي ۾ اٽڪيل ڪاٺيءَ ذرو- ڏنڊِيُ- ٻُونڊِ- گِنَرُ- گِنو. ٻبي جي چوٽي- ڏُنڊِي- چُوليڙِيُ (ل).

● ڏُنڊِڙو ۽ ڏُونڊِڙا: ذ. صفت. عضون سوڙهو- ٽوندڙو- ڪَرُونڊڙو- ٻُونڊِڙو- رُونٽيڙو- ٻانٻوٽيل. ويڙهيل سيڙهيل- وَٽيل سَٽيل- موٽڙو- سونٽڙو- سِيَلُ- سوڙهو- جُهڪيلُ.

● ڏُونڊِڙو ٿيڻَ: ڪَرُونڊِڙو ٿيڻ- چُڪڻ- چِهڻ مارڻ- ٻَهيُ پوڻ- ڪِري پوڻ.

● ڏُونڊِڪيُ ۽ ڏُونڊِڪيُون: ث. ٻري ڪان اڀلهي ڏڪ هڻڻ وارو سوٽو.

● ڏونڊِيُ ۽ ڏُونڊِيُون: ث، ٽوٽي- ٽونٽي- ٽُن- ڏُنڊِيُ- ٽُنيُ- ڦوهارو- نيسارو- ڏوٽيُ.

● ڏَوُنرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَونرو ۽ ڏَونرا: ذ. ڪيرڙ جو ڪچو ڦرُ يا ڦَلُ- ڏِبلهو- ڏِيٺهون، ڪلهي ۽ لونڪ جي وچ وارو ٻانهن جو مشڪي حصو- ڏورو. (صفت) ننڍڙو. (هہ. ڊَنڊ).

- ڏَونرو ٺوڪڻُ: وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ- جهيڙي لاءِ آماده ٿيڻ. بهادرِيءَ جو ڏاڪو وجهڻ.

● ڏَونڙو ۽ ڏَونڙا: صفت. [سن. دُوَ=ٻہ] ڏوڙو- ڏوٽو- ٻيٽو- جهجهو- گهڻو- زياده (ديوان فاضل ۴۹).

- ڏَونڙا ڏِيچَ ڏِيڻُ: ٻيٽي مهرباني ڪرڻ- تمام وڏو احسان ڪرڻ. جيئن تہ:

"ڏِيچ ڏوٽا ڏيوم ڏات ڏيار"

(فاضل).

● ڏونڙُ ۽ ڏونڙَ (ل): ذ. اُٺ جي بيماريءَ جو نالو (جنهن ۾ انن جي رحم ۾ ڳوڙهيون ٿي پونديون آهن).

● ڏَونڪو ۽ ڏَونڪا: ذ. نغاري يا دهل وڄائڻ جي هڪ سنهيري ننڍي گهڙيل ڪاٺي- ڪاٺ جي رنگيل ڳٽي- ڏانديو. ڪجيءَ جو هڪ داڻو- تازي ڪجي- اڌ ٻڪل ڪارڪ- هليلو- ڏوڏو. (هميشه جمع ۾ "ڏونڪا" چئبو آهي).

- ڏَونڪا ٿيڻُ: ڪجيءَ جي ڦر جو رسجي وڃڻ- هليلا ٿيڻ.

- ڏَونڪا رَهڻَ: گوشن مان ڏونڪا پٽڻ.

- ڏَونڪانٽُون ۽ ڏَونڪانٽَانُ: ذ. صفت. ڏَونڪَنُ وارو- ڏونڪن جو. رنگيل ڪاٺي گهنگهرا ٻڌل راند ۽ ناچ جي ڪم ايندڙ- دُهل وڄائڻ جي ڪاٺيءَ جو.

- ڏَوُنڪا هڻڻُ: ڏانڊين تي ناچ وجهڻ. (جنهن ۾ وچ ۾ دهلاري بيهندو آهي جو بہ جوندو آهي ۽ ٻيا ماڻهو چوڌاري ٻہ ٻہ ڏونڪا کڻي دُهلَ جي سُرَ تي ٺڪاءُ ڪندا آهن).

- ڏونڪائي ع ڏونڪائي: ذ. صفت. ڏونڪن وارو- ڏولڪن جو- ڏونڪن سان راند ڪندڙ راند يڪر.

- ڏونڪو لڳڻ: ڪنهن ڳالهه جو اطلاع ملڻ- جنگ جو ڏونڪو لڳڻ- نغارو وڄڻ.

- ڏونڪو وڄائڻ: نالو ڪڍائڻ- مشهور ٿيڻ- نامي گرامي ٿيڻ- ناموس ڪڍائڻ- هاڪارو ٿيڻ- ناميارو ٿيڻ- نالپيرو ٿيڻ. رعب تاب وجهڻ.

- ڏونڪو وڄڻ: نالو ٿيڻ- مشهوري ٿيڻ- ناموس ٿيڻ. ڏوم مچڻ.

- ڏونڪي چاچي: ذ. صفت. تماشي ڏسڻ وارو- تماشبين- ساکي- درشڪ. فقط نالي ماتر ڪم ڪري ميڙ يا مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ.

- ڏونڪي چاچي ٿيڻ: ڪم مهل ڪم نه اچڻ، باقي خوشيءَ مهل اچي شريڪ ٿيڻ.

● ڏونڪي ع ڏونڪي (ٿ): ذ. صفت. سنگهيرو- سنگيرو.

● ڏونگر (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏونگر ع ڏونگر: ذ. [سن. اوبگ: پرا. ڊونگري = ڏونگر] ننڍو جبل- پهاڙي- ٽڪر- ٽڪري- ٽوڙهو. پهاڙ- جبل- پاهڙ- چپر- پربت- ڪوهه- روهه.

- ڏونگر ڏارڻ: جبل ٽاڪڻ. سخت محنت ڪرڻ- تڪليفون سهڻ.

- ڏونگر ڏورڻ: جبل جهاڳڻ- تڪليفون سهڻ.

- ڏونگر هارڻ (ت): گهڻو روئڻ- هنجون هارڻ.

- ڏونگري ع ڏونگريون: ث. جبل جي ننڍي چوٽي- ننڍو ٽڪر- ننڍڙي ٽڪري- ڏنو- ٽوڙهو.

- ڏونگري ع ڏونگري: ذ. صفت. ڏونگر جو- جبل جو- جبل وارو- جابلو- ڇاپرو- پهاڙي- پربتي.

- ڏونگريا!: حرف ندا. اي ڏونگرا. اي ڏونگر يا جبل جا رهاڪو! پنهون!.

- ڏونگرين ڏنگ هڻڻ (ڪ): ڇتو ٿيڻ- ڇريو ٿيڻ- اوڙي پاڙي کي ڏکوئڻ ۽ ستائڻ.

- ڏونگريو ع ڏونگريا: ذ. صفت. جبل وارو- ٽڪر وارو- جابلو- ٽاڪيرو- پهاڙي- ڇاپرو- ڏونگري.

● ڏونگر راءِ: اسم خاص. ڪڇ جي هڪ راءِ جو نالو.

● ڏونگيرو: اسم خاص. گڊڙي ۽ بارمير جي وچ ۾ هڪ ٽڪر جو نالو.

● ڏونگري ع ڏونگريون: ث. اوپڙ جو هڪ قسم- بصر- پياز. ڪهڙن وغيره سٽڻ لاءِ ڪاٺ جو اوزار- سوئٽي- ڏگري. ڏينپوءَ جو هڪ قسم (ڪ).

● ڏونگها (ت): وڇن جي سڃاڻپ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ. جالورن جي سڱن جي بيهڪ جو هڪ خاص نمونو.

● ڏونگهو ع ڏونگها: ذ. ناريل جي خالي ڪوپي جو هڪ اڌ (جنهن سان پاڻياٺ وغيره ڪڍجي)- رڏٽي- ڪيوي- ڏوئي- ڪرنڊي- ٽيپڙي- ٽيپري. ڏونگهيءَ جيترو ماڻ يا وزن. ٽولهو- پڻ جي ٽولهي. طعنو- مهٺو- اوپالو. ٽيڪو- عيب- داغ. (ذ. صفت) اونهو- آونهو ۽ ورپل- عميق- اٿاهه.

- ڏونگهن سان ڏلهڻ: طعنا ڏيڻ- مهٺا ڏيڻ.

● ڏونگهي ع ڏونگهيون: ث. ناريل جي گولي جو سڪايل اڌ- ناريل جي ڪنل جو اڌ- ڪوپرو.

- ڏونگهيءَ جو تيل: سڪل ناريل جو رس يا سٽ- ڪوپري جو تيل.

● ڏونڻ ع ڏونڻون (ڪ): ث. ڪتن جي گهاٽي پونڪ.

● ڏونڪ ع ڏونڪون (ت): ث. زنجير- نيهٺر- ڏاڻ.

- ڏونڪ پوڻ: زنجير پوڻ. قابو ٿيڻ- سوگهو ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

● ڏُونهين: ظرف. ڏانهين.
● ڏُونهون ﴿ ڏُونها (ت)؛ ظرف. اونهو- ڏونگهو- عميق- اٿاهه. پري- دور.
- ڏُونهو ڏيهه ﴿ ڏُونها ڏيهه: ذ. پري وارو ملڪ- پرانهون مُلڪ- ڏُور ڏيس.
● ڏُوڻ: صفت. [سن. دُو = ڏُون، ٻه] ٻيڻ- ٻيڻو- ڏوڻو- ڊُهرو- ڏوڙو- ٻِٽِيلُ- ڊَبلُ- ٻڻو.
- ڏُوڻا: صفت. ٻڻا- ٻيڻا- ڊُهرا- گهڻا- جهجها.
- ڏُوڻائڻ: مصدر. ٻڻائڻ- ٻيڻو ڪرڻ- ٻڻو ڪرڻ- ٻيڻو ڪندو وڃڻ- ڏوڻو ڪرڻ- ڊُهرو ڪرڻ.
- ڏُوڻائي ﴿ ڏُوڻائيون: ث. ٻيڻائي- ٻڻائي- ڏوڻائي- ڊُهرائي.
- ڏُوڻو ﴿ ڏُوڻا: صفت. ٻيڻو- ٻڻو- ڊُهرو- ڏوڙو- ڊَبلُ. گهڻو- جهجهو.
● ڏوهه (ت): صفت. [سن. دَشَن = ڏهه] هڪ عدد جو نالو- ڏَهه- ڏَهه.
● ڏوهه ﴿ ڏوهه: ذ. [سن. دوش، دُش = خطا ڪرڻ، ڏوهه] گناهه- پاپ- تقصير- اپراڌ- قصور- جُرم- دوش- الزام. خطا- ڀل- چوڪ- غلطي- عيب- سُقم. عتاب- ميار- حرف.
- ڏوهاري ﴿ ڏوهاري: ذ. صفت. ڏوهي- ڏوهه جو ڪو. تقصير وارو- پاپي- عاصي- بدڪار- ڪُڪرمي- اپراڌي- قصور وارو- گنهگار. خطاوار- مُجرم. حرفي- عتاب جوڳو- مياري.
- ڏوهائتو ﴿ ڏوهائتا: ذ. صفت. ڏوهه وارو- ڏوهه جو- ڏوهي- ڏوهاري- گنهگار- عيبدار- حرفي- مياري- عتاب جوڳو.
- ڏوهه ٻاسڻ ﴿ ڏوهه ٻاسون: ث. قبوليت- مڃتا- اقرارنامو- سچي (ڪنهن ڏوهه جي).
- ڏوهه ٻاسڻ: قبولدار ٿيڻ- (قصور) قبول ڪرڻ- (خطا) مڃڻ- هائوڪار ڪرڻ.
- ڏوهه ٻاسڻو ﴿ ڏوهه ٻاسڻا: ذ. صفت. ڏوهه ٻاسيندڙ- قصور مڃيندڙ- قبولدار- قراري.
- ڏوهه ڏيڻ: الزام لڳائڻ- خطاوار ڪرڻ. عيب لڳائڻ.
- ڏوهه ڍَڪڻ: عيب ڍَڪڻ- خطاپوشي ڪرڻ- گناهن کي ظاهر نه ڪرڻ.
- ڏوهه مٿو هڻڻ: (ٻئي کي) خطاوار ٺهرائڻ- ڏوهه ڏيڻ (ٻئي تي) گناهه ٿڦڻ.
- ڏوهي ﴿ ڏوهي: ذ. صفت. ڏوهه وارو- ڏوهه ڪندڙ- ڏوهاري- گنهگار- پاپي- مجرم- اپراڌي- تقصير وارو. مياري- حرفي- عتاب جوڳو.
- ڏُوهاڳ ﴿ ڏُوهاڳ: ذ. مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو- ڏُهاڳ.
● ڏوهٽ (ت): اسم خاص. ٺڪرن يا راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏوهٽو ﴿ ڏوهٽا: ذ. [پرا. دوهٽ. سن. دوهتر = ڌيءَ جو پٽ] ڌيءَ جو پٽ- ڌيءَ جو مذڪر اولاد.
- ڏوهٽاڻ: ذ. ڌيءَ جو اولاد- ڌيءَ جي پُٽهائي- جيئن ته:
"ڏوهٽاڻ ڌ ٻيٽاڻ، جيئن وڏي ٽيڻ ويري" (چوٽي).
- ڏوهٽاڻو ﴿ ڏوهٽاڻا: ذ. صفت- ڏهٽن جو- ڏهٽن وارو- ڏوهٽاڻ.
● ڏوهٽي ﴿ ڏوهٽيون (ت): ث. ميناڻيءَ جي هڪ چڪي- ٽڪي.
● ڏوهٽ (ت): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
● ڏوهڻ (ت): مصدر. پسند نه ڪرڻ.
● ڏوهر ﴿ ڏوهرون (ت): اوچڻ جو هڪ قسم- کيس- ڪٿو- لوئي.
● ڏوهيري ﴿ ڏوهيريون (ت): ث. هيٺاهين زمين- ڏَهر.
● ڏوهيڙو ﴿ ڏوهيڙا: ذ. ٻه سيٽو بيت- دوهو- دوهيڙو- ڏوهيڙو.
● ڏوهيلو ﴿ ڏوهيلا (ت): ذ. گهر جو وڏو صفحو- وڏي ڪوٺي.

Gul Hayat Institute

● ڏوهو ۽ ڏوهَا: ذ. صفت. [سن. دوهيُ = ڏهندڙ] کير ڏهندڙ - ڏوپُ ڪندڙ - ڏُهائي ڪندڙ - ڏُهندڙ. کيرَ ڏُهڻ جو ٿانوُ - وڏي دَکيي - چونٺري (ت). [سن. دوها = ڏوهيرو]. ٻن سٽن جو بيتُ - ڏوهيڙو - دوهو.

● ڏوُهُورُ ۽ ڏوهورَ (ت): ذ. ٻن دڙن جي وچ وارو ميدان - ڏَهَرُ.

● ڏوهيتيرو ۽ ڏوهيترا (ت): ذ. [سن. دَوُهيتر = ڏوهيتو] ڌيءَ جو پُٽُ - ڏُهتو - ڏوهيتو.

● ڏوهيڙو ۽ ڏوهيڙا: ذ. [سن. دوها = ڏوهيڙو] ٻن سٽن جو بيت - دوهو - ڏوهو - ڏوُئو - بيت - دَوڙو - ڏوهيڙو - لوڙائو (ٻليتس). (هڪ جهونو ۽ مقبول عام، پراڪرتي ۽ هندي ٻولين جو بحر وَزَن جو شعر - ٻن تڪن وارو، هرهڪ تُڪ (٢٤) ماترائن واري ٿئي (پليتس).

● ڏوُنيڙُ ۽ ڏوُنيڙَ (ت): ذ. وِکَ - قدم. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم - ڏوڏلُ.

● ڏوُنيڙو ۽ ڏوُنيڙا (ت): ذ. [سن. دَرُوِيُ = ڏوُئي] ڪاٺ جو چمچو يا ڏوئي - ڏوئلو.

● ڏوُنيلُ ۽ ڏوُنيلَ: ڏوئلُون: ذ. ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي چهنب ڏوئي وانگي آهي ۽ مڇي ماري کائيندو آهي).

● ڏوئلو ۽ ڏوئيلاَ: ذ. [سن. دَرُوِيُ = ڏوئي] ڪاٺ جي وڏي ڏوئي - ڏوئي - وَڏلي - ڪپِورِيُ - چَمچو - ڪفگيرُ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم - ڏوئيلُ.

● ڏوئيليُ ۽ ڏوئيليُون: ث. [سن. دوليڪا = ڏولي] پالڪي - ڏولي.

● ڏُوئو ۽ ڏُوئا (ل): ذ. سُرو (ڪاٺ کي کائيندڙ جيتُ). بيماري - ڳارو - ڳارانجهو - جهجهڻ - جهوري - جهوراٿو. ذ. صفت. پيٽو - گهڻ کائو - مڇي - مُفتخورُ - چُهنڊڙُ - ٽڪيرِيلُ - پيٽُ لٽ - مائين توڙُ - پيٽوڙي.

● ڏوئيُ ۽ ڏوئيُون: ث. [سن. دَرُوِيُ = ڏوئي] طعام رڌڻ جو اوزارُ - ڪاٺ جو وڏيرڙو چَمچو - ڪفگيرُ - ڪپگيرُ - ڪپورِيُ - ڏوئلو.

- ڏوئيءَ ڍَڪڻُ ڪيهُهُ ٿيڻُ: ڪجهه به نه حاصل ٿيڻ - فائدو ٿيڻ. (ڪناية) سڀ خراب ٿيڻ - نقصان ٿيڻ - ڇيهو ٿيڻ.

● ڏوئيلو ۽ ڏوئيلاَ: ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ اڇو، قد ڏيڍ فوٽ، چهنب ڪاري ڏوئيلهي جهڙي، ڍنڍ ۾ ٿئي) - ڏوئيلُ.

● ڏويارُ ۽ ڏويارَ (ڪ): ذ. پاڻيءَ جي هڪ پکيءَ جو نالو يا قسم.

● ڏويڙُ ۽ ڏويڙَ (ت): ذ. ڏِنگُ - خرابي.

● ڏويو ۽ ڏويا (ل): ذ. [سن. دَرُوِيُ = ڏوئي] وڏي ڏوئي - ڏوئلو.

● ڏَهَہ: صفت. [سن. دَشَنُ: ف. دَهُ = ڏَهَہ. پرا. دَسَ] هڪ انگ يا عدد جو نالو - نون (٩) کانپوءِ ايندڙ انگ (١٠) - پَنجَ واڌو پَنجَ - ڏهن ايڪن جو جوڙُ - هڪ ڏهاڪو - دَهُ.

- ڏَهَہ آگرِيُون ٻاري ڏيئا ڪرڻ: فضول خرچ ڪرڻ - اجايو خرچ ڪرڻ.

- ڏَهَہ ڏِسيُون: ث. ڏَهَہ طرف (١- مشرق = اڀرندو ٢- مغرب = الهندو ٣- شمال = اتر ٤- جنوب = ڏکڻ ٥- تحت = هيٺ ٦- فوق = مٿي ٧- آگني ڪون = ڏکڻ اڀرندي جي ڪُنڊ ٨- نَيرُت = ڏکڻ الهندي جي ڪنڊ ٩- ٻائب = اتر الهندي جي ڪنڊ ١٠- ايسان = اتر اڀرَندي ڪُنڊ) آصفيه.

- ڏَهَہ سانُٺَنُ: هڪ عدد جو نالو - هزار سنک برابر ڏَهَہ سانُٺَنُ.

- ڏَهَہ سَنُکَ: صفت. هڪ عدد جو نالو - هزار نکرب برابر ڏَهَہ سَنُکَ.

- ڏَهَہ سَٿيُ ۽ ڏَهُہ سَٿيُ: ث. ڏهن تندن وارو ڪپڙو (جنهن ۾ ڏهه سٿو تندون تاڃيءَ ۾ هجن.

- ڏَهَہ ڪُنڊو ۽ ڏَهَہ ڪُنڊا: ذ. (جاميٽري وغيره ۾) ڏهن ڪنڊن واري شڪل.

- ڏَهَہ مُکِيُ ۽ ڏَهُہ مُکيُ: ذ. صفت. ڏهن واتن وارو - راوڻ جو لقب.

- ڏَهَہ نِکَرُبُ: صفت. هڪ عدد جو نالو - هزار ارب برابر ڏَهَہ نکربَ.

Gul Hayat Institute

- ڏَهون: صفت. قطار ۾ ڏهين نمبر ڪانپوءِ ايندڙ نمبر.

- ڏَهوڻ: ث. صفت. ڏَهہ دفعا وڌيڪ هجڻ جي حالت - ڏَهہ دفعا - ڏَهہ ڀيرا. (ظرف) گهڻو وڌيڪ.

- ڏَهوڻائي ۽ ڏَهوڻائيون: ث. ڏَهوڻ.

- ڏهوڻو ۽ ڏَهوڻا: صفت. ڏهہ دفعا وڌيڪ - ڏهہ ڀيرا زياده. (ظرف) گهڻو - زياده.

- ڏَهوڻو ڏاڻُ ۽ ڏَهوڻا ڏاڻَ: ذ. جهجهو انعام - تمام گهڻي بخشش.

- ڏَهوڻو ڏاڻُ ڏيڻُ: جهجهو انعام ڏيڻ - تمام گهڻيون سوغاتون بخشڻ.

- ڏَهہ ويري: ذ. ڏهہ دُشمَنَ. (١- نفس ٢- شيطان ٣- زال ٤- پُٽُ ٥- پيٽ ٦- آڄَ ٧- شهوت ٨- تڪبر ٩- ننڊ ١٠- ڏَمرُ) جيئن تہ:

"ڏهن ويرين وچ ۾ آيو آ انسان،
پهريون ويري پنهنجو نفس نحس نادان،
ٻيو ويري تنهن سين شامل آ شيطان،
ٽيون ويري ويرو محبت زال زيان،
چوٿون ويري ٿيا چون بيٽو (پٽ) بي فرمان،
پنجون ويري پيٽ آ جو نت نت گهري نان،
ڇهون ويري آ آڄَ جو لئي پاڻيءَ پريشان،
ستون ويري شهوت آ جنهن ڪيا هزارين حيران،
اٺون ويري آڪرو تڪبر تولان،
نائون ويري ننڊ آ غفلت جو گذران،
ڏهون ويري ڏمر آ جهل وڏو جولان،
انهن ڏهن ويرين وچ مان جو ڪٽي جنگ جوان،
آءٌ سر ڪريان قربان تنهن سورهہ تان ساهو چوي.
(ساهو).

- ڏهين: صفت. ڪيترا ڀيرا ڏهہ. بيشمار - بي انداز. جيئن:

"ساهڙ سٿاءِ صدقو، ڏَهين ڏَمَ ڏيانءِ"
(شاهہ).

● ڏَهُ: ظرف. ڏانهن - طرف ڏي.

● ڏهہ ۽ ڏِهہَ: ذ. [سن. ديشُ = ڏِيهُ] ڏِيهُ - وطن - ملڪ - ديش.

- ڏِها ڏِهُ: ذ. ڏيهان ڏيهہ - ملڪان ملڪ - هر هنڌ.

- ڏِهائي ۽ ڏِهائيي: ذ. صفت. ڏِيهي - ملڪي - ديسي.

- ڏِهُڙاڳُ ۽ ڏِهُڙاڳَ (ت): ذ. صفت. ديس نيڪالي ڏنل - بدنام.

● ڏُهاڄَ ۽ ڏُهاڄون: ث. ڦلاڻيءَ عورت يعني ڏوهہ پرڻيل - هڪ مڙس تان ٻيو ڏوهہ مڙس ڪندڙ عورت (هہ. ڏهاجو).

● ڏُهاري ۽ ڏهاري: ذ. صفت. [سن. دَوشُ = ڏوهہ] ڏوهہ ڪندڙ - ڏوهي - مجرم - گنهگار - پاپي - خاطي - ڏوهاري.

● ڏِهاڙو ۽ ڏِهاڙا: ذ. [سن. دِوُ = چمڪڻ + "ڙو" اسمَ تصغير جي علامت. دِوَس = ڏينهن] ڏينهن ۽ رات جو عرصو - هڪ ڏينهن يوم - ڏور - وار - تِٿ. زمانو - سمون - وقت. اولياءَ جي ختمي جو ڏينهن.

- ڏِهاڙِي ۽ ڏهاڙي: ظرف. ڏور - هر روز - روزانو - روزمره - نت نئون - تاريڪ - هميشه - سدائين. هڪ ڏينهن جي مزوري. هڪ ڏينهن جي ڪير مان نڪتل مکڻ. مٽي تي پدڻ جو بوڇڻ وغيره.

● ڏَهاڪو ۽ ڏَهاڪا: ذ. صفت. [سن. دَشَنُ = ڏهہ] ڏهن ايڪن جو جوڙ - ڏهن جو مجموع - ڏهن جي لڳ ڀڳ - اٽڪل ڏَهہ - ڏَهہ ڪن. قضئي (موت) ڪانپوءِ ڏهون ڏينهن ۽ ان تي ڪريا ڪرمُ.

● ڏُهاڳُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

- ڏُهاڳُ ۽ ڏُهاڳَ: ذ. [سن. دُرُڀاڳيہ = بڇڙو + ڀاڳيہ = ڀاڳ] بد بختي - نياڳائي - ڪم نصيبي - اڀاڳ - زحمت. وڇوڙو - جدائي - فراق - ڦوڙائو - ڏک - مصيبت - تڪليف. مڙس جو وڇوڙو. ڪنهن زال کي طلاق ملڻ واري حالت يا مڙس جي مري وڃڻ جي حالت - رنوڙ پڻي - رَنڊاپو - رنهڻ - طلاقَ. مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو يا اڻوڻت. (ضد. سُهاڳُ ۽ سُهاڳَ).

- ڏُهاڳڻ: مصدر. ڏُهاڳ ڏسڻ. رنڙ ٿيڻ- بيوهَ ٿيڻ.
- ڏُهاڳ ڏيڻُ: رنڙ ڪرڻ- اڪيلو ڪرڻ يا ڇڏڻ- ڏک ڏيڻ.
- ڏُهاڳ ڏُور ٿيڻ: سهاڳ سڙڻ- ليهاڳ هليو وڃڻ- ميهر وارو مڙس ملڻ- گهر جو سک نصيب ٿيڻ- عيش و آرام حاصل ٿيڻ.
- ڏُهاڳڻِ ۽ ڏُهاڳڻيُون: ث. مڙس مري ويل عورت- مڙس جي ڌڪاريل عورت. بيوه- رَانڊِ- رَنڊ ڙَ- وِڌوا- ڏنيسل- ڏُنِي- ڦِٽلا ونتيي. ليا ڳي- ڪمبخت.
- ڏُهاڳي ۽ ڏُهاڳيِ: صفت. ڏهاڳ وارو- ڏهاڳ هيٺ آيل- جدا ڪيل- ڌڪاريل- نڙٻل. حرفي- عتابي- مياري.
- ڏُهان: ظرف. ڏانهن- ڏي- ان طرف ڏي- ايڏانهن- ايڏانهين- ڏُهون.
- ڏُهائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- ڏِهائي: ظرف. ڏِهاڙي.
- ڏُهائڻ: مصدر. [سن. دُهَ= ڏُهڻُ] ڏهڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ.
- ڏُهائو ۽ ڏُهائا: ذ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ. ڪاٺ جو ٿانءُ جنهن ۾ ڏاچيءَ جو کير ڏهجي- ساڙهو- گهاگهر. ڏوپ- ڏهائي- ڏوڻ (ل). (صفت). ڏهندڙ- ڏوهو. جيئن ته:

"ڪي ڏهائي ۾ ڏوهه، ڪي ساڙهي ..انگيڙي" (چوٽي).

ڏڪيو- ڏهايو- ڏوليو. (ضد- سهائو).
- ڏُهائي ۽ ڏُهائيون: ث. ڏوڻ- ڏوپ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ. کير ڏهڻ جي اجرت.
- ڏُهائي ڪرڻُ: کير ڏهڻ- ڏوپ ڪرڻ.
- ڏُهائي ۽ ڏُهائيون: ث. [سن. دَشَن= ڏَهه] ڏُهون حصو- ڏُهائس. علم رياضي موجب ڪنهن به عدد جي ڏهين پتي.
- ڏُهائي جي ليشاني: ث. ڊيسيمل "؟".
- ڏُهيترو ۽ ڏُهيترا (ت): ذ. [سن. دُوُهتر= ڏُهيتو] ڌيءَ جو مذڪر اولاد- ڌيءَ جو پٽ يا فرزند- ڏهيتو. (ث. ڏُهيتري ۽ ڏُهيتريُون).
- ڏُهيتو ۽ ڏُهيتا: ذ. [سن. دُوُهتر= ڏُهيتو] ڌيءَ جو مذڪر اولاد- ڌيءَ جو پٽ- ڏُهيترو.
- ڏُهيتاڻِ ۽ ڏُهيتاڻيون: ث. ڌيءَ جو اولاد.
- ڏُه ڏِيڻُ: ڪجهه بيان ڪرڻ- ڀيد کولڻ- راز ظاهر ڪرڻ.
- ڏُهَرُ: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ڏُهَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ستن پاڙن ۾ ورهايل) ١- برهماڻي ٢- پني ٣- دوداڻي ٤- جنگاڻي ٥- ڪانجا ٦- ڪاپڙي ٧- راڄڙي.
- ڏُهَرُ ۽ ڏُهَرَ: ذ. سنڌيءَ راڳڻيءَ جو هڪ نالو- بيتن جو هڪ قسم- تعريف جا بيت- سُريلا بيت جي دعا يا ذڪر خاطر ملتان جي غوث بهاوالدين ۽ مخدوم نوح جا مريد وڏي آواز سان پڙهن. مصرع ڪَلِي- اندرو- ٻند. ڪوتا- شعر- نظم- ڇند. ٻن واريءَ جي دڙن ۾ ڦهيل ماٿري يا ميدان (جتي زمين پڪي هجي ۽ سال بسال برسات پوڻ تي آبادي ٿئي، جيئن هيڪل ڪوريءَ جو ڏُهرُ). هيناهون ميدان جتي پاڻي گڏ ٿئي. (هه. ڊُهرُ= ڊِهر). ڪپهه جو هڪ قسم (ت).
- ڏُهراج: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪبر لاڙڪائي- نواب شاهه ۾).
- ڏُهرڪي: اسم خاص. هڪ ديهه جو نالو.
- ڏُهه رِنگ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.
- ڏُهرو ۽ ڏُهرا: ذ. بتخانو- بُتڪده- ڏيرو- مندر- ديرو- دير (رسالو عام راهه).
- ڏهري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (صفت). بيوقوف- جاهل- اڻاڙي.
- ڏُهرُ ٻجا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَهس نَامون ۽ ڏَهس نَامان: ذ. [سن. دَشَن = ڏَهہ + نام = نالو] سنڌي شاعري ۾ سگهڙ ڀائي جو هڪ نمونو - شاعرانہ فن - اهڙو بيت، جنهن ۾ ڏهن مختلف ٻولين جا يا ڏهہ ئي معنيٰ مختلف ڏکيا لفظ استعمال ڪيل هجن - اهڙو بيت، جنهن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ٻين ٻولين جا انوکا لفظ استعمال ڪيل هجن. جيئن رات جي ڏهن نالن لاءِ ڏَهسنامون: تڪبي، توهياري، تامني، تمهر، تامس، مس، شب، رين، رجني، ليل هئي. (نم شاعر).

● ڏَهيستو ۽ ڏَهيستا: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي پيني ۾ هڪ هزار تندون هجن).

● ڏَهڪار ۽ ڏَهڪار: ڏَهڪارون: ذ. ث. [سن. دَمشيہ] هراس - ڊپ - ڊپ جو - داءُ - ڀيالڪ حالت - ڀئو - ڏر - ڏڪڻي - خوف - ڊڄ. ٽاڪوڙو - ٿرٿلو - ٿرٿلو - هاهاڪار - دهشت - هانيدوس - ڏهڪو - ڏاڪو - دَهڪو - دَهمان - ڏهڪاءُ - چيرڪو - چيرڪ - ٽاهہ.

● ڏَهڪاءُ ۽ ڏَهڪاءَ: ذ. ڏاڪو - ڏاڪ - هيراس - وسوسو - دهشت - رعب - تاب - ڊپ - خوف. حشمت - دٻدٻو - اقبال. نالو - ناموس - پدرائي - وڏائي.

- ڏَهڪاءُ پوڻ: ڏاڪو وهڻ - رعب وهڻ. ڊپ وهڻ.

- ڏَهڪائيجڻ: ڏهڪڻ - ڏهڪجڻ.

● ڏَهڪڻ: مصدر. ڊڄڻ - ڀؤ ڪرڻ - ڊپ ڪرڻ - خوف ۾ اچڻ - ڏڪڻ - رڦڻ - ڪنبڻ - ڏرڻ - هراسجڻ - دَهلجڻ - خوف کائڻ - ڪٺؤ ڪرڻ.

- ڏَهڪجڻ: مصدر. ڊڄڻ - هراسجڻ - ڊپ ڪرڻ - خوف ۾ اچڻ - ڏهڪڻ.

● ڏهڪاڄ ۽ ڏهڪاڄ (ڪ): ذ. جيت جو هڪ قسم (سائي رنگ جو جيت، جنهن ڪي جيڪڏهن مال کائي ته مال هڪدم مري وڃي) - ڪارو واءُ.

● ڏَهڳ ۽ ڏَهڳ: ذ. [سن. دُرُ = خراب + ياڳيه = ياڳ] ڏاڳ.

● ڏَهل ۽ ڏَهل: ذ. وڏو ٿانءُ - وڏو ٿالهہ - وڏي ٿالهي. ڪاٺي سان خوب پريل برتن - پاٽوڙو - چهبر. (صفت) گهڻ ڪاياڪ. وڏو ڏرڙ - پير گهل. ڏلهي جيڏي پيٽ سان (ل).

● ڏَهل (ڪ): ث. گاهہ جو هڪ قسم.

● ڏُهل ۽ ڏُهلون (ڪ): ث. صفت. [سن. دُهہ = ڏُهڻ] ڏوڏ وغيره تي ڏلل يا ورتل چوپايو مال.

● ڏَهيلو ۽ ڏَهيلا: ذ. [سن. دَشَن = ڏهہ] پتن يا تاس راند کيڏڻ ۾ ڏهن داڻن وارو پتو - ڏهو - ڏهيلو - ڏهہ خال - دَهلو - دَهيلو - دَهلي - دَهيلي - دَهو.

● ڏِهلو ۽ ڏِهلا (ل): ذ. ديرو - ڏيرو - ڏِهرو. جيئن ته:
"اسين فلاڻي جي ڏِهلي تي وياسين".

● ڏُهلو ۽ ڏُهيلا (ل): ذ. [پرا. دُهيلہ؛ سن. دُهڪت + دُهلي + دُهڪ = ڏُک] ڏُک وارو - ڏُکيو - تڪليف وارو - سورائتو - ايذايل - ڏُهيلو - ڏهيرو. ڏکيو - مشڪل - اهنجو. جيئن ته:
"ڏينهن ڏُهيلا ڏَم سين، آهيان اوهان ڌار" (شاهہ).
ڏکيو گذران ڪندڙ. سنهڙو - اپرو - ڏٻرو - لاغر - ضعيف - ڪمزور - هيڻو - نستو - ٻوڙو. هڙيل - ڏِنگو.

- ڏُهلائي ۽ ڏُهلائيون: ث. درد - ڏک - تڪليف - ڏکيائي - ڏهيرائي.

● ڏُهلي ۽ ڏُهيليون: ث. [سن. دولَ = لڏڻ] ڏولو - ڪجاوو - محمل - محافو - ڏولي.

● ڏَهن: ظرف. ڏانهن - طرف ڏي.

- ڏَهنئن: ظرف. ڏانهن - ڏَهن.

● ڏهنائي ۽ ڏَهنائيون: ث. ڳالهہ ۾ ڪنهن کي اشارت ڳالهہ جي ڏيڻ واري حالت - اشارو - آڄ - آهڃاڻ - ڏس - نشاني - آهنائي. چتاءُ - اطلاع - ڄاڻ - خبر - سُڌ - ڏوراپو - طعنو.

Gul Hayat Institute

- ڏَهنائِيُ ڏِيَڻُ: ڏَسُ ڏيڻ - نشاني ڏيڻ - اَهڃاڻُ ڏيڻ. ڏوراپو ڏيڻ - طعنو ڏيڻ.
- ڏَهنايُون ڏِيَڻُ: وِيڻ ڏيڻ - طعنو هڻڻ - مِهڻا ڏيڻ.

● ڏهنُورُ: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏَهَڻُ: مصدر. [سن. دَهَہَ = ساڙَڻُ] ساڙي ۾ مڙڻ - مڙڻ - جاڻ - پڇڻ - پچرڻ - ڏجهڻ. جيئن تہ

"ڏادي ذات جتن جي، ويئي ڏِيلُ ڏَهيُ" (شاهہ).

"اوَ يارِي عميق جو ڏکيءَ ڏيلُ ڏَهيُ" (خان زئي).

ڏکوئڻ - رنجائڻ - پيڙڻ - آزارڻ - ايذاءُ رسائڻ - ويڌن ڪرڻ - ستائڻ - چيڀلائڻ - عذاب رسائڻ. خفي ڪرڻ - چڙ ڏيارڻ - چورڻ - خار ڏيڻ. ڏکڻ - ڊڄڻ - خوف ڪرڻ - راند ڪندي بال کي جهلڻ - روڪڻ - جهلڻ - گسائڻ. ڦرڻ - ڪسڻ - وڻڻ - نڳي ڪرڻ (ت).

● ڏَهي ڇڏَڻُ: برباد ڪرڻ - تباهہ ڪرڻ. نابود ڪرڻ - ناس ڪرڻ.

● ڏَهڻُ ۽ ڏَهَڻَ (ت): ذ. وڻ جو ٽارُ - ڏارُ.

● ڏُهَڻُ: مصدر. [سن. دُهُ = ڏُهَڻُ. پرا. دُهَڻَ: دوهَڻَ. سن. دوهَنَ] کير ڏيندڙ جانور مان کير ڏهڻ يا ڪڍڻ - کير ڏهڻ - ڏوپُ ڪرڻ - ڏهائي ڪرڻ - نِچوئڻ - سِچوئڻ - نِپوڙڻُ - چوڪڻ. ميڙڻ (ت). ڪم ۾ وهائڻ. ڦرڻ - آهستہ آهستہ ڦرڻ - ڦري سڄو ڪرڻ - صفا خالي ڪرڻ.

- ڏُهڻُو ۽ ڏُهڻا: ذ. کير ڏهڻ جو ٿانءُ.
- ڏُهيُ ڇڏَڻُ: خالي ڪرڻ - سڪائي ڇڏڻ - ٺلهو ڪرڻ - سڄو ڪرڻ - ڪنگال ڪرڻ - ڦري ڇڏڻ. ناس ڪرڻ - چٽ ڪرڻ - ويران ڪرڻ - برباد ڪرڻ - اجاڙي يا اُجڙ ڪري ڇڏڻ.

● ڏَهو ۽ ڏَها: ذ. [سن. دَشَنُ = ڏهہ] ڏهن ڏينهن جو عرصو - ماه محرم الحرام جا پهريان ڏهہ ڏينهن - ڏهن ڏينهن جو چيلو (رمضان جي منهي ۾) ڏهن ڏينهن جو روزو. موت کان پوءِ ڏهون ڏينهن. راند جي پٽن ۾ ڏهن داڻن وارو پٽو - ڏَهلو - دَهلو. انگن ۾ ڏَهہَ - ڏهن ايڪن جو جوڙ - ڏهاڪو - دَهو. ڪورين جي اصطلاح ۾ سورهي کان ٽورو ٺلهو سُٽُ (ت). سور - درد - غم - دکُ - ڏکُ (ل). صفت. ڏهن وارو - ڏهن جو.

- ڏَهوتَرُ ۽ ڏَهوتَرَ: ذ. ۽ ڏَهہَ - ڏهن سان.
- ڏَهوتِرو ۽ ڏهوترا: ذ. هڪ سئو جي پويان ڏَهہَ - ڏَهہَ سيڪڙو - ڏهہ فِيُ صدِيُ.
- ڏَهو ڏِيَڻُ: سيڪجهہ چورائي ڪٺي وڃڻ - ڦري وڃڻ - لٽي وڃڻ.
- ڏَهو ڪڍَڻُ: هڪ هندو گوشائتو ويهي ڏَهہَ ڏينهن خدا جي عبادت ڪرڻ يا خدا کي ياد ڪرڻ - ڏهن ڏينهن جو چلو ڪڍڻ.

● ڏِهو ۽ ڏِها: ذ. [سن. دِيشُ = ڏيهہُ] ڏِيهہُ - ملڪ - وطن - دِيسُ - ساڃهہُ - دَيارُ - وِلايتَ.

● ڏَهوتَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَهوچ ۽ ڏَهوچَ (ڪ): ذ. صفت. لانبٽ - ڊگهو ماڻهو.

● ڏَهُونُ: ظرف. ڏَهان - ڏانهن - ڏي - ان طرف - طرف ڏي - ايڏانهين.

● ڏَهيُ ۽ ڏَهيُونُ: ث. [سن. دَدِ: پرا. دَهِيُ = ڏَهيُ] جميل کير - ڏَونرو - گهاٽي لَسِيُ - ڏُڌُ - دِگُ - دِگِلُ. [سن. دَشا = ڏِهيُ] ڪچو ڌاڳو - تند - لُونُ - ليڙُ. اڻ وٽيل سٽ - تاڪيءَ مان پچاڙي ۾ بچيل سٽ - تاڃيءَ جو چيڙو. ذرو - پرزو.

- ڏَهيُ توڙَڻُ: گنبذ يا جوڙ چنڻ - ناتو چنڻ - تعلقات ٽوڙڻ.
- ڏَهيَنُ تائِين اَئڻُ: پڇاڙي تائين ڪم پورو ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.
- ڏَهيَنُ سوڌو اَٽڻُ: توڙ يا حد ڪرڻ - پڇاڙي ڪرڻ.
- ڏَهيُ وارو ۽ ڏَهيُ وارا: ذ. صفت. ڌوڌي - وِيسَرَ - کير وارو - کير وڪڻندڙ - ماهيڙُ.

- ڏَهيڻُون نڪرڻُ: ڪپڙي جي ڦاڙي ڦيڻ۔ ٻوچڙيون نڪرڻ - صفا ڦاٽي وڃڻ - ليرون ٿيڻ. ٽڪجي پوڻ.

● ڏُهيِ ع ڏُهيڻُون: ث. ٻاجهريءَ جا ٿُهَ - ٿُهيِ - ٻُهِيُ - ٻُرِيُ. ٽاڄيءَ کان ٻاهر نڪتل ٽِتل ڏاڱا.

● ڏَهيَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏهيٺُ ع ڏَهيٺَ (ٿ): ذ. صفت [سن. دَئيٺيڻُ =] بدن ۾ مضبوط طاقت وارو - همٿ ڀريو - سگهارو - پهلوان.

● ڏَهيٽرَو ع ڏهيٽَرا (ٿ): ذ. مناٺيءَ جو هڪ قسم - ڪنڊ چڙهيل ٽِڪي - ٽِڪي.

● ڏَهيٺِي: اسم خاص. تعلقي ڊ گهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏُهيرو ع ڏُهيَرا: ذ. صفت. [سن. دُهڪ = ڏک] ڏهيلو - ڏُهيلو - ڏکيو - دردِيلو. بي سرو سامان - سڃو. آپالو - ميرو - گدلو. جيئن ته:
"پيش او هانجي آهيان پيئي، متان ڏيئين ڏهاڳ ڏهيري"
(جانعلي لغاري).
ڪمزور - ضعيف. نياڳو - ڪمبخت - اياڳو - ڏهيرو.
- ڏُهيرائِيُ ع ڏُهيرائيُون: ث. ڏهيلائي - ڏهلائي - ڏکيائي - مشڪلات - بي آرامي. ڏُک - رنج - درد - دُکُ - آپرائي - ڏُهرائِيُ.

● ڏُهيڙو ع ڏُهيڙا: ذ. [سن. دِوُ = ٻه + واي = وائِيُ] ٻه سٽو بيت - ڏوهيڙو - دوهو - دُراهو.

● ڏَهيسَرُ ع ڏَهيسَرَ: ذ. صفت. [سن. دَشَنُ = ڏَهه + سَر = سُٺو] ڏهن مٿن وارو - مٿيرُ - پهلوان - بهادر. سخي.

● ڏهيل (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏُهيلو ع ڏهيلاَ: ذ. صفت. [سن. دُهک = ڏک] ڏهيرو - ڏُهيلو - ڏُکيو - دَرُدِيلو - تڪليف ده. وزندارُ - ڳرو - بار وارو. اپرو - ضعيف. نياڳو - بدنصيب - ڪمبخت.
- ڏُهيلائِيُ ع ڏُهيلائيُون: ث. ڏکيائي - تڪليف - آهڻجائي - ڏُهيلائِيُ.

● ڏَءُ ع ڏَءَ: ذ. [سن. دَهُ = سڙڻُ] حسد - ساڙو - ڪام - پڇ - ابهرڪا - هُوسَ - رِيسَ - سَڌَ. شڪَ - گمان - بدگماني - خدشو - غيرت.

● ڏِئَاتَ ع ڏِئَاتُون: ث. [سن. دِوُستا: دِوُ = چمڪڻ + ستا = بيهڻ] ڏيئي جي روشنائي جي لاٽَ - آماڙيءَ جي ٻرندڙ باهه. ڏئائِيُ - ڏِئائِيُ - مشعَلُ - مَشعالُ - ڪڙڳي - ڏِيو. ٻتي رکڻ جي جاءِ.
- ڏِئَاتِيُ ع ڏِئَاتِيُون: ث. ڏئات.

● ڏُئَارُ ع ڏُئَارَ: ڏُئَارُون: ذ. ث. [سن. دشڪال: دش = ڏکيو + ڪال = وقت] بيماري - مرض - ناچڱائي - روڳ - پيڙا - ڏُوار - اگهائي - ڏوج - لڱائي - خرابي - ڏکندو - ڏُجهندو - بي مزائي - ناچاڪائي. ڏُکُ - سختي - اوکائي - تڪليف. عيبُ. ڏُڪارُ - وِيل - چٽ (ل). ڪپوٽُ ماڻهو (ٿ).
- ڏُئَارِيُ ع ڏُئَارِيُ: صفت. بيمار - مريض - ناچاڪُ - اگهو.

● ڏِئَارَڻُ: مصدر. [سن. دَا = ڏيڻُ] وڻي ڏيڻ - ڏيڻ - ڏِيارڻ - ٻئي جي هٿان ڪنهن کي ڪا شئي ڏيارڻ يا حوالي ڪرائڻ - سپرد ڪرائڻ - ميلائڻ.
- ڏِئَارِي مُنُجڻُ: روانو ڪرڻ - موڪلي ڏيڻ - ڊوڙائڻ - پَلَٽڻُ - مُنُجڻُ.

● ڏِئَارِيُ ع ڏِئَارِيُون: ث. [سن. دِيپ مالا = ڏِيَنَ جي سر يا قطارَ] هندن جو هڪ وڏو ڏڻهن - رام جي بن مان موٽڻ واري ڏڻهن تي خوشي ملهائڻ جو وار يا ڏڻهن - آسو مهني هندن جو هڪ پَوِتر وارُ (جنهن ۾ گهر گهٽيون ڏِيَنُ سان روشن ڪندا آهن) - ڏِيارِيُ.

● ڏِئَالُ ع ڏِئَالَ: ذ. [سن. ديپ =] ٻتي رکڻ جي ڪاني - ڏيئي رکڻ جي ڪاني. ٻتيءَ جو هڪ قسم - شمعدان - ٻتي - ڏيئو - ڏِيو. اولياءَ جي مقبري يا مسجد ۾ ٻرندڙ ڏيئو - ڏِئات.

● ڏِئَالِيُ ع ڏِئَالِيُون: ث. ٻدَڪَ جو هڪ قسم - جهالي - ڏِيالي.

Gul Hayat Institute

● ڏُنَاءُ ۽ ڏُنَاءِ: ذ. مرض ـ بيماري ـ اگهائي ـ ڏنارُ ـ ڏواءُ.

● ڏِنَتُ ۽ ڏِنَتَ (ل): ذ. صفت. [سن. دا = ڏِيَڻُ] ڳهربل رقم لاءِ انجام ڪندڙ ـ ڏيندڙ ـ ڏِنهارڪو.

● ڏُنَلِيُ ۽ ڏُنَلِيُون: ث. [سن. دولڪا = ڏولي]. پالڪي ـ ڏولي ـ محافو. هندورو. محلات.

● ڏَنُنُ ۽ ڏَنَنُ: ذ. ڊول ـ دستور. ڍنگ.

ـ ڏَنَنُ ڏائِڻُ: ڪم شروع ڪرڻ.

● ڏِنَڻُ: مصدر. [سن. دا = ڏِيَڻُ. ف. دادن] حوالي ڪرڻ ـ آڇڻ ـ قبضي ۾ ڪرائڻ ـ سپرد ڪرڻ ـ بخشڻ ـ ڏِيڻ ـ مڃائڻ.

ـ ڏِنُّاتُ ۽ ڏِنُّاتَ: ذ. ڪابہ ڏيڻ جوڳي شئي. جيڪي ڏجي.

ـ ڏِنُّو ۽ ڏِنُّا: ذ. صفت. ڏِنڻ جوڳو ـ جيڪو ڏنو وڃي ـ قرض.

ـ ڏِنَڻُ وَنَڻُ: ڪار وهنوار ڪرڻ ـ ليکو لهڻو پرڻ ڪرڻ.

ـ ڏِنُّو ڪَرَڻُ: ادا ڪرڻ ـ ڏيڻ ـ آچڻ ـ لاهڻ ـ پرڻ ـ پيارڻ ـ ڏيڻ لائق ڪرڻ.

ـ ڏِنُّو ڪَهَڻُ ۽ ڏِنُّا ڪَهڻا: ذ. جمع واصل ـ ڏيتي ليتي.

ـ ڏِنُّو لَهڻُو: ذ. ڏنڻ ونڻ. ڪار وهنوار ڪرڻ.

ـ ڏِنُّو وَنُّو ۽ ڏِنُّا وَنُّا: ذ. صفت. ڏيڻ ونڻ جوڳو.

ـ ڏِنُّبيُ ۽ ڏِنُّبيُون: ث. حوالي ڪرڻ يا ڏيڻ جو ڍَنگُ ـ حوالي ڪرڻ.

ـ ڏِنُّبيَاتُ ۽ ڏِنُّبيَاتَ: ذ. ڪابہ ڏيڻ جوڳي شئي. ڪنوار جو پيءُ يا ٻيا عزيز جي ڪنوار کي ڏاج وغيره ڏين. ڏيندڙ. قرضدارُ.

ـ ڏِنُّبيدارُ ۽ ڏِنُّبيدارَ: ذ. صفت. جنهن کي قرض واپس ڪرڻو هجي ـ ڏيندڙ ـ لهڻيدارُ.

ـ ڏِنيُ ٻيهَائِڻُ: پاڻ کي جوکي ۾ وجهڻ.

ـ ڏِنيُ وَنيُ رَهَڻُ: ڪنجڻ. طاقت نہ رهڻ.

● ڏَنُّو ۽ ڏَنُّا: ذ. [سن. دَهہ = سڙڻ] ڏَءُ ـ حسد ـ ساڙو ـ ايرڪا ـ جلن ـ ٻچر ـ ڪامَ ـ ڪينو ـ بُغض ـ وِرودُ ـ ٻيائي ـ ٻيائي. دشمني ـ وِيرُ ـ خارُ ـ ضديت.

ـ ڏَنُّونُ ۽ ڏَنَّانُ: ذ. ڏنو ـ ڏؤ.

ـ ڏَنِيَارو ۽ ڏَنِيَارا: ذ. صفت. دشمن ـ ويري ـ حاسد ـ ساڙوندو.

● ڏِنُو ۽ ڏِنَا: ذ. [سن. دِيپُ] نيڪر جي وَتِي (جنهن ۾ ڪڙو تيل پري) ـ ٻتي ـ تيل جي ڏِئائي ـ ڏِيئو.

ـ ڏِنهِي ٻَرَنهِي: ظرف. سانجهيءَ جي سهل ـ تماشام وقت ـ ڏيئي ٻرڻ جي مهل ـ سنجهالو ـ سج لٿي.

ـ ڏِنهِي تي وَتُ رَکَڻُ: شام ٿيڻ.

● ڏُنُو ۽ ڏُنَا (ل): ذ. قرندڙ گهرندڙ هوا ـ چوماسو واءُ ـ خراب هوا.

● ڏَنُوتُ ڏَنُوتَ (ل): ذ. صفت. [سن. دَئِيتِيہ = ڏَنُوتُ] گهڻو کائيندڙ ـ پيٽُرُ ـ پيٽوري ـ ڏنيتُ. خرابُ ـ خوفناڪ ـ پيَانڪُ ـ بدصورت.

● ڏَنُّو وو ۽ ڏَنُّووا: ذ. گجراتي زبان جو شعر (جو گهڻو ڪري ڪولهي ۽ مينگهواڙ ڳائيندا آهن).

● ڏَئِيتُ ۽ ڏَئِيتَ: ذ. [سن. دَئِيتِيہ = ديوُ ـ جن ـ ڀوتُ ـ راڪاسُ ـ راڪشش ـ دائِيتُ ـ راڪِسُ ـ سخت دلُ ـ بي رحم ـ بي قياسُ ـ بي دل ـ قهارُ ـ ظالم. خونخوارُ ـ درندو ـ وحشي. پيٽُرُ ـ هيڇي. وڏي جسم وارو ـ توتانگ.

● ڏُئِيڙُ ۽ ڏِئِيڙَ (ت): ذ. پکيءَ جو هڪ قسمُ (اڇي رنگ، ڊگهين ٽنگن ۽ چهنب سان گاهہ ۽ مڇي کائيندڙ).

● ڏِي: ظرف. ڏانهن ـ ڏَهُونُ ـ طرف.

● ڏِيَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَيَا ۽ ڏَيَائُونُ: ث. [سن. ڏيو يا = حشمت ـ دهشت ـ دٻدٻو ـ ڌَڪو ـ ڊَپُ ـ خوف ـ هيبت ـ ڌهڪاءُ ـ ڀؤ ـ ڏَرُ ـ روبُ ـ رُعبُ.

طاقت - زور. مشيا - جوت - تجلي. الاهي نورُ. قسمت - نصيب - ڀاڳ. [سن. ديا] سخاوت.

- ڏيَالُ ج ڏَيَالَ: ذ. صفت. ڏيا وارو - ڏيا وانُ - تجليدارُ - ڏهڪي وارو - مشيا وارو - سخي - داتا - مهربان - رحمدل.

● ڏِياتُ ٻَهُ: اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِيَاٽِي ج ڏِياٽِيونُ: ث. [سن. دِيپُ = ڏِيئو] ننڍو ڏيئو - مشعلو. ڏيئي جي وٽ جي روشنائي - لاٽ. ڏيئي رکڻ جي گهوڙي (ت). ڏِئاٽي.

● ڏِيَاڄُ ج ڏِيَاڄَ: ذ. صفت. [سن. دا = ڏيڻُ] ڏيندڙ. (اسم خاص) هڪ سخي راجا جو نالو - راءِ ڏياڄُ.

● ڏِيَارَڻُ: مصدر. [سن. دا = ڏيڻ] ڏيڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ - وٺي ڏيڻ - ٻئي جي معرفت وٺي ڏيڻ.

- ڏِيَارِي مُڪَلڻُ: مصدر. ڏياري موڪلڻ - روانو ڪرڻ (ڪا شئي، ڪنهن ڏانهن).

- ڏيَارِي موڪلڻُ: روانو ڪرڻ - موڪلڻ - اُڪلائڻ - روانگي ڪرڻ.

● ڏِيَارِي ج ڏِيَارِيُون: ث. [سن. دِيالي = ديپ + آولي = ڏِيئڻ جي قطار] ڏِيئن جي قطار - ديپ مالا. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن يا ڏڻ (جنهن تي تمام گهڻي روشني ڪندا آهن - ڏِيا ٻاريندا آهن - ڏِئارِي - ديوالي.

"ڏئي ڏياري، سامُوندِيُنِ، سِيڙهَ سَنباهيا" (شاهه).

● ڏَيِّالُ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏيبُ ج ڏِيبَ: ذ. [سن. دا = ڏيڻ] ڏاجُ - ڏاجو - ڏِيجُ. انعام - ڏاڻ - بخشش. ڏيڪاءُ (ت). وارو - گهرو. جيئن ته:

"مليو قسمت ۾ جڏهن، ڏُکن جو ڏِيبُ" (نجفي).

- ڏِيبُو ج ڏِيبُو (ت): ذ. صفت. ڏيکاءُ وارو - ڏيکاءُ جو.

● ڏِيبَائِي ج ڏِيبَائِيُونُ (ت): ث. ڪنهن ديوتا جي نالي ڪيل ٻڪري - باسيل ٻڪري - ڏِيبَٽِي.

● ڏِيبَٽِي ج ڏِيبَٽِيُون (ت): ث. صفت. ڏِيبَائِي.

● ڏِيبَڪَ ج ڏِيبَڪُون: ث. ڪمر ٻڌي ٻڌڻ جو هڪ لمونو. وَرُ - ڪُنُجهُ - ٽِپَڪَ.

● ڏَيتُ ج ڏَيتَ: ذ. [سن. دَئيتيَ] دَيتُ - دَئيتُ - ڏِئيتُ - ڏَئوتُ.

● ڏِيتڪِي: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِيتِي ج ڏِيتِيُون: ث. [سن. دا = ڏيڻ] ڏيڻ واري - ڏيڻ جهڙي (رقم - شئي وغيره) - ڏيڻ لائق - ڏيڻي.

- ڏِيتِي ليتِي ج ڏِيتيُون ليتِيُون: ث. ڏيڻ وٺڻ جي حالت - ڏي وَٺُ - وهنوارُ - ليکو - حسابُ ڪتابُ - خريد فروخت - ڪاروبارُ - سودو واپار - لڙهه وچڙُ - واهپو - وهي واتَ. هندن ۾ ڪنواريتن جو گهوٽيتن کي روڪڙ يا زيور، ڪپڙا ڏيڻ واري هڪ رسم.

● ڏِيٿا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۽ تعلقي حيدرآباد ۽ تعلقي جيڪبآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

● ڏِيٿِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِيٿِي ج ڏِيٿِيونُ (ت): ث. آنَّ، مُٽُ، ڀتَ وغيره ويڙهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽڪر. اِٽي ڏڪر راند ۾ ڪم ايندڙ اِٽِي - گِلِي.

- ڏِيٿِي ڏَڪرُ ج ڏِيٿيُون ڏَڪرَ (ت): ذ. اِٽِي ڏڪرُ - گِلِي ڏڪرُ.

- ڏِيٿِي ڏَڪرُ ڪيڏَڻُ (ت): ٻاڻ ۾ سخت وڙهڻ.

- ڏِيٿيُون ڪيڏَڻُ (ت): (وڙهڻ وقت) وار ٻڌڻ.

● ڏيهٽِ ج ڏيهٽُون: ث. [سن. د رشٽا. ٻرا. دِٺِي = ڏسڻ]. ڏسڻ جي حالت - ڏيکاءُ - نظر -

Gul Hayat Institute

نِڪاهه. ملاقات - مڪاميلو - مُهاڪيڙو - گڏجاڻي.
واقفيت - سُڃاڻ - سُڃاڻپَ - ڄاڻ سڃاڻ - پڇاڻ -
واقفي - پَرچو - سهيپو - لِڳ لاڳاپو. سار سنڀالَ.
مجلس - ڪچهري - رهاڻ - ماڪو. سَٿڀِيءَ. دوستي.
- ڏيکاهي (ت): ظرف. تخميني - اٽڪل موجب -
ڏسڻ موجب - اٽڪل روءِ.
- ڏيکارو ع ڏيکارا: ذ. صفت. ڏيکارو - ڏيکاءُ -
ڏيٺ - واقفيت - ملاقات. (ظرف) ڏٺو وائٺو - کليو
کلايو - ظاهر ظهور.
- ڏيکارِيو ع ڏيکارِيا: ذ. صفت. ڏيٺ وارو -
واقف - ملاقاتي - دوست. ڏِٺل - وائٺل.
- ڏيکائي ڏيٺ: صفت. نظاري ڏسڻ - حسن
ڏسڻ.
- ڏيٺ ويٺ ع ڏيٺون ويٺون: ث.
ڄاڻ سڃاڻ - واقفڪار - منهن لڳائي.
- ڏيٺ ويٺ هُئڻ: واقفيت هئڻ - سڃاڻپ هئڻ.
- ڏيٺي ع ڏيٺيون: ڏيٺ - ڄاڻ - سڃاڻ -
واقفيت - ڏيٺ ويٺ - ملاقات. جيئن ته
"آهي عنايت الله چئي ڏکن سان ڏيٺي".
- ڏيٺي ع ڏيٺي: ذ. صفت ملاقي - ملاقاتي -
واقف - سڃاڻو. (ظرف) مقابل روبرو - منهن سامهون.
● ڏيکارو ع ڏيکارا: ذ. [سن. دَرشنا: پرا.
دِٺيءَ = ڏِسڻ] چمڪات - سوجهرو - روشنائي -
جهلڪو - تجلو - اوجل - جرڪو - ڀڪو. ڏيکارو
[جن يا غيبات وغيره جو] جن جو اثر - جن -
ڀوتُ - پاڇُو - جُوجائو. دپُ - خوف - ڊاءُ -
ڇرڪُ - حراسُ.
- ڏيکارو ڏِسڻُ (ت): رات جو ڪنهن ڪنهن
جن ڀوت وغيره جي ڀيانڪ شڪل نند ۾ ڏسڻ.
- ڏيکارِي جو حِسابُ: ذ. لڳت جو حسابُ -
جن ڀوتُ جو اثر.
● ڏيپارُچا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو -
ڏيپارچا. تعلقي ميرواه ۾ هڪ ديهه ۽ هڪ ڳوٺ
جو نالو.
- ڏيپارچا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو -
ڏيپارچا.

● ڏيپارجا جاگيرُ: اسم خاص. تعلقي موري ۾
هڪ ديهه جو نالو.
● ڏيپالجي ع ڏيپالجيءَ (ڪ): ذ. شاگرد -
ٻالڪو - چيلو. مريد.
● ڏيپر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏِيپَرَ ع ڏيپَرُون: ث. جوئر جو هڪ قسم.
● ڏِيپِلو: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه
جو نالو.
● ڏيپَڻُ (ث): مصدر. ٽانڊي تي ڪيهه وغيره
وجهڻ سان لاٽ نڪرڻ.
● ڏِيجُ ع ڏِيجَ: ذ. [سن. دايه > دا = ڏيڻ]
عورت کي شاديءَ وقت مائٽن کان مليل سامان -
ڏاجُ - ڏاجو - ڏيجو - جَهيزُ - استري ڏَنُ - مَهرُ.
لڌو - ڏيتي ليتي. جيڪي ڏجي - بخشش - عطا -
سَخا - ڏات - دانُ - انعام. جيئن ته:
"ڏِيجُ ڏونوا ڏيوم ڏات ڏيار"
(فاضل شاهه).
چوپائي مال کي ڪارايل مکڻ وغيره. پاڳو -
حِصو - ورثو.
- ڏيجامُ ع ڏيجامَ: ذ. ڏاجُ يا ڏيجُ سان
ڪڏ ويندڙ ماڻهو - ڏاجو ڪٽي ويندڙ ماڻهو.
- ڏيجگرُ ع ڏيجگرَ: ذ. احسان مند - ٻئي
جي مهرباني هيٺ آيل - مرحون منت - ممنون -
ٿورائتو. قرضي - قرضدارُ - مقروض - ڏڻات - ڏيبو -
تابعدار.
- ڏيجوانُ ع ڏيجوانَ: ذ. گهرجائو - محتاجُ.
- ڏيجي ع ڏيجيءَ (ل): ذ. صفت. ڏيجَ ۾
مليل ڪابه شئي - ڏيج وارو - ڏاجيلو.
● ڏيچاوَڙِ ع ڏيچاوَڙون (ت): ث. ٻجڙي عورت -
لانگ چوٽي - ويڇڙي.
● ڏيڍَرُ ع ڏيڍَرَ: ذ. [سن. دَرُ دَرُ = ڏيڊر.
ف. غوڪ] پاڻيءَ جو هڪ ننڍڙو جانور ميڊڪ.
ڏوري واري مُشڪَ - پاڻهن جي مشڪ تي
ڏَڪُ هڻڻ سان ڳوڙهو.
- ڏيڍرِي ع ڏيڍرِيون: ث. ننڍو ڏيڍر -
ڏيڍر جو مؤنث.

Gul Hayat Institute

- ڏيڏريءَ کي زُڪامُ ھُئڻُ: خَسِيسُ ماڻھوءَ جون ڪنھن عمدي ڪم مان ويڪُون ڪيڻ. هيٺيئي کي جوش آچڻُ.

● ڏيڏر ٽپي: ذ. پرت جو هڪ قسم.

● ڏيهڏِڪيُ ۽ ڏيڏِڪيُون (ڪ): ث. ٻاجهيءَ جو هڪ قسم- توري. وَل جو هڪ قسم (ٿوهال وَلِ جهڙي، ڦرُ ڇَپر جيڏو جنهن تي ننيڙا ڪنڊا ٿين جو جلاب طور ڪم اچي)- گوسانو (ت).

● ڏيڏو ۽ ڏيڏا: ذ. وَولٽَنُ جي ٻوٽي جو ڦرُ- گوگڙو- ڏينو- ڏيلهو. پست جو ڏوڏو. (لس).

● ڏيڏِيڻا (ث): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏيڍُ: صفت. [سن. آڌيَرڌ] هڪ سڄو ۽ ٻئي جو اڌ- ٻن مان اڌ گهٽ.

- ڏيڍ چنگهُ (ت): صفت. هڪ تنگ ڪان عاجز- منبو.

- ڏيڍ چانئورَ ڌار رَڌَڻُ: پاڻ کي اختياريءَ وارو سمجهڻ. خود مختيار ٿيڻ.

- ڏيڍَ سيرِيُ: ث. رازن جو اصطلاح- اوساريءَ جو هڪ قسم.

- ڏيڍُ گِنڊُ ۽ ڏيڍَگِنڊُون: ث. رسي وغيره کي گنڊ ڏيڻ جو هڪ لمولو- هڪ سڄي گنڊ ۽ ٻي اڌوري ڏنل گنڊ.

- ڏيڍُنئُونُ: ظرف. ڏيڍُوڻو.

- ڏيڍو ۽ ڏيڍا: ذ. صفت. هڪ سڄو ۽ اڌوارو- ڏيڍُ.

- ڏيڍوترو ۽ ڏيڍاترا: ذ. هڪ سڄو ۽ ٻيو اڌ سيڪڙو- ڏيڍ سيڪڙو- ڏيڍ في صدي.

- ڏيڍُونٽُو ۽ ڏيڍُونٽا: ذ. صفت. هڪ سڄو ۽ ٻئي جي اڌ جيترو.

- ڏيڍُوڻِ ۽ ڏيڍُوڻيُون: هڪ سڄو ۽ ٻئي جو اڌ مقدار- ڏيڍ دفعو وڌيڪ.

- ڏيڍُوڻُو ۽ ڏيڍُوڻا: ذ. صفت. ڏيڍو- ڏيڍُونٽُون.

● ڏيڍيو ۽ ڏَيڍَ: ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ گهه- وڏو والو. ٻڪواز جي وڃڻ جو هڪ قسم. (صفت) ڏنگو- ٻاسيرو- ٽيڙو- ٽيڏو- ڦريل.

- ڏيڍو ڳالهائڻُ: سڌو نه ڳالهائڻ- آڏو ڳالهائڻ- رُڪو ڳالهائڻ.

- ڏيڍيُ ٻُڌائڻ (ڪ) ابتو جواب ڏيڻ- ڪاوڙ ۾ آڏو جواب ڏيڻ. ٻررو جواب نه ڏيڻ.

- ڏيڍِيُ ميٺِريُ (ت): ث. مٽي جي وارن ويڙهڻ جو هڪ نمونو.

● ڏيڍِيُ ۽ ڏيڍيُون: ث. [هند. ڊيورهي. پرا. ديوڊي. ف. دهليز. سن. ديهَلِي]. ڪليل دروازو- گهر جو دروازو (آصفيہ). گهر جي ٻاهرئين دروازي اڳيان ڪاٺ يا سرن جي ڏنل پٽ (جيئن دروازي مان اندر نگاه نه پهچي سگهي). پردي وارو دَرُ- حويليءَ جو مُهڙ- ڍڪيل ٻنيو- پيش دالان- آوسارو. زال جي گهر ڏي وڃڻ جو دروازو- زالن جي رهڻ جي جاءِ- زالن جي ڪمري کي اڳيان ڏنل ننڍي پٽ. دربان جي رهڻ لاءِ دَرَ جي ٻاهران ٺهيل ڪوٺي- پيش خانو- پهرين ڪوٺي. تتر جي پولڻ جو هڪ نمونو (ل). کجيءَ جو هڪ قسم (پيڏر وانگر ٿيندي آهي، کائڻ ۾ تمام لذيذ ۽ ڪڙهه واري کجي کان پيو نمبر (ت)). کوهه جي اها مالهه جنهن ۾ ٻارنهن ايرڙيون هڪ جيتري مفاصلي تي وِجهي وڃ ۾ ڪجهه وڌيڪ مفاصلو ڇڏي وري ٻه ايرڙيون هڪ جيتري مفاصلي تي هجن (ت). هُرلي جي هيٺئين چڪر واري لٺ. لوه کي ٽنگ ڪرڻ جو هڪ اوزار (ت).

- ڏيهڍِيُوانُ ۽ ڏيهڍِيُوانَ: ذ. صفت. دربان- دورانُ- دئارپال در راکُوئو.

● ڏيهرُ ۽ ڏيرَ: ذ. [سن. دِيور>دِوَ= راند ڪرڻ: راند پائي- ساٿي (٢) دِوُ= ٻه+ ور= مڙس= ٻيو مڙس] زال جي مڙس جو ڀاءُ- ديورُ.

- ڏيرِپو ۽ ڏيهرِپا: ذ. ڏير جو سڳ.

- ڏيهراڻيُ ۽ ڏيهراڻيُون: ث. ڏيهر جي زال- ڏيرياڻي.

- ڏيهرياڻيُ ۽ ڏيهرياڻيُون: ث. ڏيهراڻيُ.

Gul Hayat Institute

- ڏيهروٽُ ۽ ڏيهروٽَ: ذ. ڏيهرَ جو پٽُ.
● ڏيَرُ ۽ ڏيَرَ: ذ. [ف. زاخل] گاھ جو هڪ قسم پاڻيءَ جو. "رکن ڏير سان ڏا پکڙيو هيلپ" (مهراڻ).
- ڏيرُ سڄيي پوتيي: ث. ڏيرُ گاھ جو هڪ قسم (جنهن مان پکا وغيره ٺهن).
● ڏيرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڏيَرا: اسم خاص. تعلقي واره ۽ تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏيراڇُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.
● ڏيرانُ: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏيرا وَرَ: اسم خاص. شهداد پور تعلقي ۾ مير صاحبن جي رهائش لاءِ ٺهرايل جدا جدا ڪوٽ. ڏيره جات. جيئن ته:

"تڏهن مير سان جي هر داستان،
ڏيرا وَر جي جانب ڏي ٿيا اوروان".

● ڏيرا وڙو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏيَراهُ: اسم خاص. تعلقي فيض گنج (خيرپور رياست) ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
● ڏيرو ۽ ڏيَرا: ذ. [ف. ديرَهُ=جاءِ: ع. دائرَهُ=هند. سن. ديو=بت خانو) رهڻ جي جاءِ- گهر- هند- ماڳ- مڪان- حويلي- آستان- ديرو. مسافري ۾ جنهن هند ترسجي- ڏاهو- منزل- منزل گاھ- چانوٽي. جيئن "هن لشڪر الور ۾ ڏيرو ڪيو" ڳوٺ- گامُ- راجَ (ل). [سن. ديو آليه: پرا. ديولُ] هندن جو مندر- مڙهي- ٽڪاڻو. جين ڌرم وارن جو مندر. جيئن ته:

"فلاڻي وٽ ٻن هزارن جو ڏيرو آهي".

- ڏيرو ڏيڻُ: منزل ڪرڻ- بت خانو ٺاهڻ- مڙهي ٺاهڻ.
- ڏيرپدارُ ۽ ڏيرپدارَ: ذ. صفت. ديري وارو- ڪري وارو- ديري ڌڻي. سردارُ- وڏيرو- قومي مهندارُ- پانڌپ. ڪنهن ڳوٺ جو چڱو مڙس- ڀٽيل- مکي- رئيس- پڳدارُ.

● ڏيڙو ۽ ڏيڙا (ث): ذ. ساندارو- پخالَ- ڪلي. (ث. ڏيڙي ۽ ڏيڙيون).
● ڏيهہ ۽ ڏيهہَ: ذ. [سن. ديش=ڏيهہُ. پرا. ديهو] ديس- ملڪ- وطن- ڏيهہُ.
- ڏيهسارُ ۽ ڏيهسارَ: ذ. پرانهون ملڪ- دور ديش- غير ملڪ- ڏاريون ملڪ- پرڏيهہُ- پرديسُ- ولائت- ڏيساوَرُ.
- ڏيهسارُو ۽ ڏيهسارا: ذ. صفت. ڏيهساوَرَ وارو- غير ملڪي- پرڏيهي. ڏورانهون- پرانهون- ڏاريو- ورديشي- ولائتي.
- ڏيهساري ۽ ڏيهساريون: ث. ڏيساوَر- دُورُ ملڪ- پرانهون ملڪ.
- ڏيهسانڊَرُ ۽ ڏيهسانڊَرَ: ذ. [پرا. دِيسنتَرهِ. سن ديشانتَرَ. دَيش=ملڪ + انتَرُو= پيو] ڏورانهون ملڪ- پرديسُ- ولائت- ڏيساوَرُ. ديس- ملڪ- ڏيهہُ. نظارو- منظر- ڏيکاءُ- نماءُ.
- ڏيهسانڊَرُ پاڻڊُ: ظرف. پرديس ڏانهن- ولايت طرف- پرڏيهہ ڏانهن.
- ڏيهساوَرُ ۽ ڏيهساوَرَ: ذ. [سن. ديشاپَرَ. ديش=ملڪ + اَپَرَ=پيو] ڏورانهون ملڪ- پرديسُ- ڏاريو ملڪ- وديشُ- ولائت- پيو ملڪ- ڏيهان ڏورُ- ملڪان پري- ڏِيسَ کان ٻاهر. اهو شهر جو ڪارخاني واري هنڌ کان گهڻو پري هجي، جتان مال گهرائجي ۽ موڪلجي. ڏيهہ- ملڪ- ديسُ. (ث. ڏيساوَري ۽ ڏيساوَريون).
- ڏِيسُ نيڪارو ۽ ڏِيسَ نيڪارا: ديس نيڪالي- شهر نيڪالي- جلا وطني- ديس بدري- بنواس- نيڪالي- پرواس.
- ڏِيسُ نيڪالو ۽ ڏِيسَ نيڪالا: ڏيس نڪارو.
- ڏِيسيُ ۽ ڏِيسِي: ذ. صفت. ساڳئي ملڪ جو- پنهنجي ملڪ جو- ڏيهي- وطني- ملڪي- ديسي.
● ڏِيسَرُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي ۽ ٿرپارڪر ۾).
● ڏِيسِيُ (ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ڏيڪرُ ۽ ڏيڪرَ (ل): ذ. ڌَهڪاءُ ـ ڌهڪاءُ ـ ڊَپُ ـ خوف. جيئن:
"ڏَڏو ڏيڪرَ" وغيره.

● ڏيڪيرو ۽ ڏيڪيرا: ذ. ڇوڪر ـ نينگرُ ـ ڇوڪرو.

● ڏيڪو ۽ ڏيڪا: ذ. پکي جو وچ وارو ٽنبُ ـ ٽوٽي ـ ضامن.

● ڏيکارڻُ: مصدر. نظر ڪرائڻ ـ جاچڻ ـ معائنو ڪرائڻ. ڏَسڻُ ـ اشارو ڪرڻ. ٻڌائڻ ـ آگاهه ڪرڻ ـ ٻڌائڻ ـ سمجھائڻ. ظاهر ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ. پيش ڪرڻ ـ روبرو ڪرڻ.

ـ ڏيک ۽ ڏيکَ: ذ. نظارو ـ لقاءُ ـ ڏيک ويک ـ ديدارُ. ٻاهرين يا ظاهري شڪل و صورت. ٺٺُ ـ ٺپڪو ـ ٺاهه ٺوهه ـ ٺڙڪو ڦڙڪو ـ ٽيپ ٽاپُ ـ اڊمبر ـ ٺاسُ ـ ٺاٺُ. نماءُ ـ جهنسار ـ بناوٽ ـ سينگار. ويسُ ـ لباسُ.

ـ ڏيکارو ۽ ڏيکارا: ذ. نظر ـ نگاهه ـ نرت ـ ڏسٽي ـ بصارت ـ درشٽِ ـ جوتُ ـ ديدُ. نظارو ـ ليماءُ ـ تماشو ـ لقاءُ ـ ديدارُ. پڌرائي ـ ظاهرائي ـ پرڪاش ـ ظهور ـ وِکني ـ ڏيکاري ـ ڏيکائي ـ اگهڙ. رَوش ـ هلت ـ ڍنگ ـ ورتاءُ. شڪل ـ صورت. ڏيکارو.

ـ ڏيکارا ڏيڻُ: ڏيکائي ڏيڻ ـ ڏيکاري ڏيڻ ـ اَڏو اچڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ درپيش اچڻ.

ـ ڏيکاري ۽ ڏيکاريُون: ث. ڏيکارو ـ ڏيکاءُ ـ ديدارُ ـ ڏيکارو.

ـ ڏيکاري ڏيڻُ: پرگهٽ ٿيڻ ـ نازل ٿيڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ ڏسڻ ۾ اچڻ ـ نظر تي چڙهڻ ـ حاضر ٿيڻ.

ـ ڏيکاءُ ۽ ڏيکاءَ: ذ. ديدارُ ـ نظارو ـ نمائش ـ بناوٽ ـ ٺاهه ٺوهه. ظاهري ٺٺُ ـ ڏيکارو.

ـ ڏيکائيتو ۽ ڏيکائيتا: ذ. صفت. ڏيک وارو ـ ڏسڻ جهڙو. موچارو ـ سٺو. مهانڊي وارو ـ ڊولائتو ـ شڪيل ـ مهانڊي پريو ـ سهڻو. سينگاريل ـ آراسته ـ رنگين ـ زينت پريو. وڻائتو ـ لائق ـ اڇت ـ ڏسڻو.

ـ ڏيکائيڻُ: مصدر. ظاهر ٿيڻ ـ پڌرو ٿيڻ.

ـ ڏيکائي ۽ ڏيکائيُون: ث. ڏسڻ ۾ اچڻ جي حالت. نمائش ـ نظارو. ٺاٺ ـ تجمل.

ـ ڏيکائي ڏيڻُ: نظر اچڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ پڌرو ٿيڻ.

ـ ڏيک پسندُ ۽ ڏيک پسندَ: ذ. صفت. نمائش بين ـ شوقين ـ ڏيکرُ.

ـ ڏيکدارُ ۽ ڏيکدارَ: ذ. صفت. ڏسڻ جهڙو ـ ڏيکائتو. ديداري. چمڪيدارُ ـ چمڪيلو ـ رونقدارُ ـ طلسمي. ٺاسي ـ اڊمبري ـ لباسي ـ ڏيکرُ ـ ڏيکي.

ـ ڏيکرُ ۽ ڏيکرَ: ذ. صفت. ڏيک وارو ـ ڏيکائتو ـ ڏيک پسند ـ اڊمبري ـ ٺاٺ پسند ـ ڏيکي ـ ڏيکدارُ.

ـ ڏيکڙو ۽ ڏيکڙا (ڪ): ذ. سنو ڏيک ويک ـ ٺپڪو ـ ٺاٺُ ـ ٺاهه ٺوهه.

ـ ڏيکڻُ: مصدر. ڏسڻ.

ـ ڏيک ويک ۽ ڏيک ويکَ: ذ. ظاهري ڏيکاءُ ـ ڏيک ـ ٻاهريون ٺٺُ ـ ٺاسُ ـ اڊمبر ـ ٺپڪو ـ ٺڙڪو ڦڙڪو ـ ويسُ ـ ٺاهه ٺوهه. لقاءُ ـ نمائش ـ تماشو ـ نماءُ ـ ڏيکاءُ.

ـ ڏيک ويک رکڻُ: ٻاهريون ٺٺُ رکڻ.

ـ ڏيک ويکيو ۽ ڏيک ويکيا: ذ. صفت. ڏيکائتو ـ ڏيکي ـ اڊمبري ـ چمڪيلو ـ نمودارُ ـ ديداري ـ ڏيکرُ.

ـ ڏيکي ۽ ڏيکي: صفت. ڏيکائتو ـ اڊمبري ـ چمڪيلو ـ نمودارُ ـ ديداري ـ طلسمي ـ ٺپڪيدارُ.

● ڏيلُ ۽ ڏيلَ: ذ. [هه. ڊيل.] بدن ـ جسم ـ ديهه ـ پيري ـ جثو ـ ڏيهي ـ ديهي ـ بت ـ تن ـ سَرِيرُ ـ ڪايا ـ ڊِڊُ ـ پيٽُ. بدن جي بيهڪ ـ هاٺي ـ قد ـ ڪاٺي ـ قدَ بُت ـ قد قامت. اندر ـ من ـ دل. اندازُ ـ ڪاڇو ـ ماپ ـ ڪٿ ـ ٿڪ ـ آڪارُ ـ مقدارُ. ٻاهرين بناوٽ ـ تجمل (ت). ڊَپُ ـ خوف هراسُ. (ت) گاهه جو هڪ قسم ـ ڏيرُ (ت).

ـ ڏيلُ ڏرڻُ: گهڻو پئو ٿيڻ ڊپ ٿيڻ ـ بدن ڪنبڻ ـ ٿڙڪڻ (ڊپ سبب).

- ڏِيڻُ ڏَڪَڻُ: هيڻيُون ڪنبڻ - دِلُ ڏڙڪڻ - تمام گھڻو ڊڄڻ - حد کان زياده خوف طاري ٿيڻ - ڏيلُ ڏرڻ.

● ڏِيلو ۽ ڏِيلاَ (ٿ - ت) : ذ. [ف. دِيرَهُ : ع. دائِره = ڏِيرو] ڏِيرو (ث. ڏِيلِي ۽ ڏِيلِيُون).

● ڏِيلِهو ۽ ڏِيلِهَا : ذ. ڪرڙ جو ڪچو ڦرُ - ڏونئرو - پَڪو - ڏينو - ڏينهو.

● ڏِيلَهہ ڏُڪِي ۽ ڏِيلهہ ڏُڪِيُون (ت): ث. سن بلوغت کي پهتل ڇوڪري - بُراڪَ. ننيڍڙن ٻين واري ڇوڪري.

● ڏيلهُون ڏِسڻَ (ت): ڏک ڏسڻ - تڪليف ڏسڻ - تڪليف اچڻ.

● ڏِيڻُ ۽ ڏِيڻَ : ذ. صفت. [س. دِيڻُ = غَرِيبُ] غريب - مسڪين - گهرجائو.

● ڏِينڀُو ۽ ڏِينڀُو : ذ. [ف. زنبور] زهريلي جيت جو هڪ قسم - ڪکر - ڇيلانو - ڇُونئِيُن - (ٻہ قسم ١- قنداري ٢- سنڌي).

● ڏِينڀُوڙِي ۽ ڏِينڀُوڙِيُون : ث. تيرو ڪيڙي - سيڙي - تلڪڙي - تيلڪُ (جو اڪثر هندو عورتون سونهن خاطر ڪيائينديُون آهن).

● ڏِينچُ ۽ ڏِينچَ (ٿ): ذ. سَنجَڻ - پيهي (هندن رکڻ لاءِ).

● ڏِينگَسِڙُ ۽ ڏينگَسِڙَ (ٿ): ث. اجايا پَٽَ - پاڻ پڌائڻ واري حالت - ٻاڪون هڻڻ.

● ڏِينگيو ۽ ڏِينگيَا : ذ. ڏنگو لڪڻ - مٽي کان گول وريل هٿ جو اڪڻ - ٽينگيو - ڏونگيو (پليٿس). (ھ. ڊِينگا).

● ڏِينو ۽ ڏِينَا : ذ. ڏينهو - ڦَلُ (ونڻن يا ڏاتوري وغيره جو) ڏيلهو - گوگڙو - ڏوڏو - ڪنهن ٻوٽي (ڏاتوري - آڏيري - ڪرڙ وغيره) جو ڦر.

● ڏِينهڪِڻِ ۽ ڏِينهِڪَٽِيُون (ٿ): ث. ڳهوٽ ڪنوار جي سات سڳڻ جي جاءِ - ڏيوا ڪوٽي - لڳن منڊپ. شاديءَ وقت پٽ ۾ ڪيڏيل چورس چٽ.

● ڏِينهُن ۽ ڏِينهن : ذ. [س. دِوسَ : پرا. دِنهو = ڏينهن] سج اڀرڻ کان سج لهڻ وارو، ١٢ ڪلاڪن وارو عرصو - سج جي روشنائي وارو عرصو - روز - يومُ - تاريخ - تٿ - وارُ - ڏيهاڙو - ڏِنُ - سَمون - وقت - زمانو - دَور - ايام - پرهه - فجر - صبح. نصيب - طالع - قسمت. حياتي. گاهه جو هڪ قسم (ڪ).

- ڏِينهَاڙِي : ظرف. روزمره - روزانو - هر روز - ڏهاڙي.

- ڏِينهَان ڏِينهَن : ظرف. روزانو روز - هر روز - ڏينهاڙي.

- ڏِينهَن آچَڻُ : موسم اچڻ - رُت اچڻ. وقت اچڻ - مقرر وقت اچڻ. وارو اچڻ - زمانو اچڻ.

- ڏِينهَن ٻہ ڏينهن : ظرف. روز بروز - هر روز - روزمره. آهستہ آهستہ - رفتہ رفتہ.

- ڏِينهَن ٻَڌَڻُ : ڏينهن مقرر ڪرڻ (مڱڻي، پَڪي، شادي وغيره جو) - ڏينهن مقرر ڪرڻ.

- ڏِينهَن پرجَڻُ : مقرر ڪيل وقت ويجهو اچڻ - مدو پورو ٿيڻ.

- ڏِينهَن ٿيڻَ : صبح ٿيڻ - باک ڦٽڻ، وارو اچڻ.

- ڏينهَن ٽَرَڻُ : مقرر ڪيل وقت جو ٽري وڃڻ.

- ڏِينهن ٽارڻُ : ٻن پهرن جو آرام ڪرڻ - ڪاڙهي تتي آرام ڪرڻ - ساهي کڻڻ يا ٻکهر ٽارڻ (آسَ ۾) - آسَ ٽارڻ.

= ڏِينهَن ٽَرِڻي : ظرف ڪاڙهي تتي ڪانپوءِ - ٻنپهرن ڪانپوءِ - وِچين مَهِلَ - سج لڙئي.

- ڏِينهُن نَڪاءُ تي آچَڻُ : پَڌَر ٿيڻ - ذرتني ٿيڻ.

- ڏِينهَن پُڄَڻُ : حياتي کٽڻ - عمر پوري ٿيڻ. مدو ختم ٿيڻ.

- ڏِينهَن پَڪا ڏاڙهُون گَهرڻُ : تريءَ تي بهشت گهرڻ - ڪنهن ڪم کي يڪدم پوري ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ.

- ڏِينهَن پُورا ٿيڻُ : عمر گذرڻ - حياتي ختم ٿيڻ.

ڏِينهَن پُورا ڪَرَڻُ : وقت گذرڻ - وقت ڪاٽڻ. حياتي جيئن تيئن پوري ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– ڏِينھَنُ پَوڻُ: عرصو پوڻ – وقت پوڻ.

– ڏينھَن جا تارا ڏيکارَڻُ: سخت سزا ڏيڻ يا سختي ڪرڻ جو اکين اڳيان ترورا اچي وڃن – ملامت ڪرڻ. ڦيھ ڪيڻ – مار ڪيڻ. خوب سيکت ڏيڻ – سخت مصيبتون ڏيڻ – عقوبتُون ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ. عجب ڏيکارڻ.

– ڏينھن جا تارا ڏسَڻُ: حواس باختہ ٿيڻ.

– ڏِينھَنُ جو ڏِيئو بارَڻُ: ڏيوالو ڪيڻ – ڪوٽ ڪيڻ – پاڻ کي ڪنگال ظاهر ڪرڻ – ناداري ڏيکارڻ.

– ڏينھن چِٽا ڪَرَڻُ: تت ٻڌڻ – ڏينھن صاف يا ظاهر ڪرڻ. ڏِينھَن ٻڌَڻ.

– ڏِينھَنُ چڙَهَڻُ: سج ڪافي مٿي چڙهڻ – ٻَپَهَرَ ٿيڻ. عورت کي حَمَلُ رهجي وڃڻ.

– ڏِينھَنُ چَڙهئي: ظرف. سج اڀرئي ڪان دير سان – صبح جو دير سان – سج مٿي اچڻ ڪانپوءِ.

– ڏِينھَنُ ڏِڪَڻُ: مصيبت جي ڏينھن کي ٽارڻ – ڏکيو وقت گذارڻ.

– ڏِينھَنُ ڏَونرو ۽ ڏِينھَن ڏَونرا: ذ. چٽو يا صاف ڏينھن – صفا صبح.

– ڏينھَن ڏِٺي: ظرف. ڏينھن جو – سج بيٺي، ظاهر ظهور – ٻڌري پٽ – کليو کلايو – عام مشهور.

– ڏِينھَن ڏِسَڻ: وارو ڏسڻ – زمانو ڏسڻ – دؤر ڏسڻ.

– ڏِينھَنُ ڏِهاڙو ۽ ڏِينھَنُ ڏِهاڙا: ذ. ڪوبہ ڏينھن. وڏو ڏينھن – ڏِڻُ – ڏهاڙو.

– ڏِينھَنُ ڏِيَڻُ: انجام ڪرڻ – وعدو ڪرڻ – قَوْلُ ڪرڻ. شاديءَ وغيره جي تت ڏيڻ. حياتي ڏيڻ – زندگي ڏيڻ.

– ڏينھَنُ رات جو فَرَقُ: ذ. تمام گھڻو تفاوت – زياده فرق. جيئن تہ ”هنن ٻنهي ڀائرن جي اخلاقن ۾ ڏينھن رات جو فرق آهي.“

– ڏينھَنُ رات جو فرق هُئَڻُ: وڏو تفاوت هئڻ – گھڻي ڦيرڦار هئڻ.

– ڏِينھَنُ رات هِڪَ ڪَرَڻُ: هرڪا ممڪن ڪوشش ڪَرَڻُ.

– ڏينھَن سان هجڻ: ٻيٽ سان هجڻ.

– ڏِينھَنُ شِينھَنُ هُئَڻُ: ڏينھن ڏٺي جو سڀ ڪجھ ڏٺي سگھڻ.

– ڏِينھَنُ ڦرَڻُ: سٺا ڏينھن اچڻ – ڀاڳ ورڻ – نصيبُ ڪاڻ. نياڳ ڪانپوءِ سياڳ اچڻ – تنگدستيءَ کانپوءِ خوشحاليءَ جو وقت اچڻ.

– ڏِينھَنِڪُ: ظرف. هڪ ٻئي ڏينھن ۾ – هڪ ڏينھن لاءِ – ساڳئي ڏينھن جو – روزانو – ڏينھون ڏينھن – انهي ڏينھن.

– ڏِينھَنُ ڪاٽَڻُ: حياتي گذارڻ – ڏکي سکي زندگي بسر ڪرڻ – وقت پاس ڪرڻ – ٽائيم پورو ڪرڻ – عرصو لڳهائڻ (تڪليف ۾).

– ڏِينھَنُ ڪَرَڻُ: تمام گھڻو عرصو لڳائڻ – وقت لڳائڻ. صبح ڪرڻ – سج اڀارڻ.

– ڏِينھَنُ ڳِرا ٿيڻُ: سخت ڏِينھَنُ ٿيڻ – تڪليف جا ڏينھن ٿيڻ.

– ڏِينھَنُ ڳڻَڻُ: انتظار ڪرڻ – وقت گذارڻ.

– ڏِينھَنُ لاهِڻُ: گھڻي دير ڪرڻ – ڏينھن لائڻ – تمام گھڻو وقت ٻاهر رهڻ – مدت ڪانپوءِ اچڻ يا موٽڻ.

– ڏِينھَنُ لائِڻُ: ڏينھن لاهڻ – گھڻو وقت لڳائڻ – جلد واپس نہ اچڻ.

– ڏِينھَنُ لَٿي: ٻپهرن کانپوءِ – وچينءَ وقت – ڏِينھَن لٿڻ ڪانپوءِ.

– ڏِينھَن لَڳَڻُ: گرميءَ جي چمڪ اچڻ.

– ڏِينھَنُ مانُ رات ٿيڻُ: سکيءَ مان ڏکي ٿيڻ – ڦرڪو ڦري وڃڻ.

– ڏِينھَنُ لِڪَرڻُ: سج لڪرڻ – صبح ٿيڻ – پيرہ ڦٽڻ.

– ڏِينھَنُ وَڃَڻُ: ڏِينھَنُ ٽَرَڻُ.

– ڏِينھَنُ هُجَڻُ: حياتي هجڻ.

– ڏِينھُونُ ڏِينھَنُ: ظرف. هرهڪ ڏينھن بعد – جيئن پوءِ ٿيئن – ويران ويرُ – هڪ ٻئي پٺيان، لاڳيتو – جلدي جلدي.

– ڏِينھوڪو ۽ ڏِينھوڪا: صفت. ڏينھن وارو – ڏينھن جو. ڏينھن ڪان وٺي.

Gul Hayat Institute

- ڏينھونو ج ڏينھوٽا: ذ. صفت. ڏينھوڪو- ڏينھَنَ جو.
- ڏينھَنئي آھو ڪَرَڻُ: وري نہ ڪرڻ.
● ڏينھنچي ج ڏينھنچيون (ٿ): ث. رلين يا بسترن وغيره رکڻ لاءِ مٽيءَ جي پيھي.
● ڏينھونئي (ت): ذ. گاھ جو ھڪ قسم.
● ڏيَڻُ: مصدر. [سن. دَدَنِ > دا = ڏيڻ. ف. دادَن = ڏيڻ] حوالي ڪرڻ- سونپڻ- ڇڏڻ- رکڻ (ڪا شئي ٻئي وٽ). عطا ڪرڻ. بخشڻ- دان- خيرات ڪرڻ. امداد ڪرڻ. پيش ڪرڻ- نذر ڪرڻ. ادا ڪرڻ- چڪائڻ.
- ڏِلَل تَڪري آڏي اچڻُ: ڪنھن نيڪيءَ سبب تڪليف کان بچڻ.
- ڏيَڻُ وَٺَڻُ: ذ. ڏيتي ليتي- ڏنو ورتو. (مصدر) قرض وغيره ڪٽڻ. ادا ڪرڻ- حساب ڪتاب لاھڻ.
- ڏيڻُو ج ڏيڻا: ذ. ڏيڻ جوڳو- ڏيڻ جھڙو. قرض- ادائي.
- ڏيڻيدارُ ج ڏيڻيدارَ: ذ. صفت. ڏيڻات- قرضي.
- ڏيڻي وَٺي ج ڏيڻيون وَٺيون: ث. ڏيڻ وٺڻ جي حالت- قرض- اوڌر- قرض ھکو.
● ڏيڻُ ج ڏيڻَ: ذ. ماڻھن جا ھيڻان ڪيدي ڪائيندڙ ھڪ خيالي مرد- ڏائڻُ- ڇنڊاڻُ- ڀوت- جادوگر- ٻانڀُ- ساحرُ- ڪامڻگور.
● ڏيوُ ج ڏيوَ: ذ. [سن. دِيوَ > دِوُ = چمڪڻ] دِيوُ- ديوتا. ڏتي- جوتي سروپُ. جيئن تہ:

"سو ڏيوُ ڏنائين ڏيھہ ۾"
(سامي).

"تو جو ڏيو ٻانيو، سا سورج سھائي"
(شاھ).

- ڏيوِتا ج ڏيوِتائون: ذ. ديوتا- ديويءَ جو مڙس- مٿاھون پرش.
- ڏيوِي ج ڏيوِيون: ث. ڏيوُ جو مؤنث- ديوي.
- ڏيوِيءَ جو دَرسَنَ ڏيَڻُ: ماتا يا سيتل نڪرڻ.
- ڏيوِي ڏارِين ڏارِئين نِڪرَڻُ: تُوري ماتا نڪرڻ.
- ڏيھُرو ج ڏيھُرا: ذ. [پرا. ديوَل. سن. ديوالَيَہ. ديو = ديوتا + آلَيَہ = جاءِ. ديوتائن جي جاءِ] ڏيوتا جي بت رکڻ لاءِ تمام ننڍي جڳھہ- ٺڪاڻو- مندر- شوالو- ٺاڪُر- دوارو- مڙھي. ديول.
- ڏيھُري ج ڏيھُريون: ث. ھندن جو مندر- ٺڪاڻو- مڙھي. سماڌ- يادگار- نشاني. ڏيھري.
● ڏيو ج ڏِيا: ذ. [سن. دِيپ = ڏيو] ٺڪر جو ڪُپڙو جنھن ۾ تيل وجھي ٻارجي- ٺڪر جو چراغ- ڏيئو.
- ڏيو ٻارَڻُ: سوجھرو ڪرڻ- مڙسي ڏيکارڻ- ڀوڏو ٻارڻ.
- ڏيو اُجھَڻُ: ڏيو وسامڻ- ڏيو اجھامڻ.
- ڏيو گُل ٿيَڻُ: ڏيو وسامڻ- ڏيو اجھامڻ.
- ڏيو گُل ڪَرَڻُ: ڏيو وسائڻ- بتي اجھائڻ.
- ڏيو وَڏو ٿيَڻُ: ڏيو اُجھڻ- ڏيو وسامڻ.
- ڏيوِي ج ڏيويُون: ث. ڇڻن ڪنڊن وارو ڏيئو- چراغي.
- ڏيو وَڏو ڪَرَڻُ: ڏيو اجھائڻ.
● ڏيوارِ ج ڏيوارُون: ث. ديوار- ديوال- ڀت.
● ڏيوارَڻُ: مصدر. [سن > دَدَنِ دا = ڏيڻ] ڏيارڻ- بخشڻ- عطا ڪرڻ.
● ڏيواڙي ج ڏيواڙيون (ت): ث. ھندن جو ھڪ وڏو ڏڻ- ڏياري- ديواري.
● ڏيواسِري ج ڏيواسِريون (ڪ): ث. ماچيس جي تيلي.
● ڏيوا ڪوني ج ڏيوا ڪونيون (ٿ): ث. ڳوٺ ۾ ڪنوار جي سانت سڳڻ ڪرڻ جي جاءِ- ڏينھڳڻ.
● ڏيوالِ ج ڏيوالُون: ث. ديوار- ڀت- ديوالِ.

Gul Hayat Institute

● ڏيوالُ ﻉ ڏيوالَ: ذ. [سن. دِيُوتَ = نقصان] ناداري - ڪنگالي - ڏيوالپڻو - ڏيوالائي - ڏيوالو.

- ڏيوالئي ﻉ ڏيوالئي: ذ. صفت. ڏيوالي ۾ ويل.

- ڏيوالپڻو ﻉ ڏيوالپڻا: ذ. ڏيوالي واري حالت - ڏيوالو.

● ڏيوالو ﻉ ڏيوالا: ذ. [سن. دِيُوتَ = نقصان] ٽوٽو - نقصان - هرج - خسارو - گهاٽو - ناداري - ڪنگالي - سڃائي - پينگيائي - مفلسي - سڃ - پينگ هڪ دستور هو تہ جڏهن ڪنهن بہ دڪاندار کي ڏاڍي ۾ نقصان پوندو هو تہ دُڪان ۾ ڏينهن جو ڏيئو ٻاري ٽيڙ اٿلائي پٽلائي ڇڏيندو هو، جنهن مان خبر پوندي هئي تہ ڪجهہ بہ وٽس باقي نہ آهي).

(هہ. دِوالا = ديوا + بالا = ڏيو ٻارڻ).

- ڏيوالو ڪَڍَڻُ: مفلسي جو اظهار ڪرڻ - واپار ۾ ٽوٽ پوڻ سبب قرضدارن ۽ سرڪار کي قرض جي ادائگي کان مجبوريءَ جو ثبوت ڏيڻ - ڪورٽ ڏيڪارڻ - اڻ هوندَ جو هوڪو ڏيڻ - ڪني وڃڻ - ٽوٽ هيٺ اچڻ - ڪني پوڻ. بڪيوٽيڻ - پينگو ٿيڻ.

- ڏي وَٺَ ﻉ ڏي وَٺون: ث. ڏيڻ وٺڻ واري حالت - ڏيتي ليتي - حساب ڪتابُ - متاسٽا - وهنوارُ - ليکو چوکو. واپار. معاملو.

- ڏي وٺِ ڪَرَڻُ: ڏيڻ وٺڻ. وهنوار ڪرڻ. واپار ڪرڻ. هڪ ٻئي کي سنگ ڏيڻ - مٽي مائٽي ڪرڻ.

● ڏيوڍِي ﻉ ڏيوڍِيُون (ت): ث. گهر جي اڳيان دروازي تي ڏيڍي يت - پناهہ - ڏيڍي.

● ڏيوار ﻉ ڏيوارَ: ذ. ڏيو - ڏيئو.

● ڏيوَرِي: اسم خاص. تعلقي آوباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏيوَنُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڏيوَنمَلائي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏيوِري: ث. ماتا جي بيماري.

- ڏيوِري جو دَرشَنُ ٿيڻُ: ماتا جي بيماريءَ جو اچڻ.

- ڏيوِري ڏِسَڻُ: ماتا جي بيماري جو اچڻ.

- ڏيوِري ڏاريِن ٽاريِن هَئَڻُ: ماتا ٿوري انداز ۾ نڪرڻ.

- ڏيوِري جيِ موج هَئَڻُ: ماتا گهڻي نڪرڻ.

- ڏيوِري جو ڪيِرُ پيٽُ پَرَڻُ: ماتا جي بيماري جو ڇڏي وڃڻ.

● ڏيوين لَڳَڻُ: ٺهي ٻيهڻ - ٺهڪي بيهڻ سيبائڻ - شان و ٺان هجڻ - پاڻ ۽ پوڻ - وڻڻ - پسند اچڻ. قبول ڪرڻ - مڃڻ - اقرار ڪرڻ.

● ڏيهُ ﻉ ڏيهہ: ذ. [سن. دِيش: . ف. دِه = ملڪ] دِيسُ - ملڪ - ڏيسُ - دِيش. پنهنجو شهر - ڳوٺ - گامر (ل). وطن.

- ڏيهارو ﻉ ڏيهارا: صفت. وطن وارو - ڏيهي - ڏيهاڻو.

- ڏيهان ڏورُ ملڪان پري: ظرف. تمام پري - بلڪل دورُ - گهڻي مفاصلي وارو.

- ڏيهان ڏوٽو هارُ: ذ. ڏيهہ کان پيٽو - پنن کان پيٽي کان پيٽي مُلهہ جو.

- ڏيهاڻو ﻉ ڏيهاڻا: ذ. صفت. ڏيهي - دِيسي - مُلڪي - وطني.

- ڏيهائيتا ﻉ ڏيهائيتا: ذ. صفت. ملڪي - ڏيهي - ڏيهاڻو - دِيسي - وطني. ملڪي رواج موجب.

- ڏيهہ تان ڏُرتِ لَهَڻُ: ملڪ مان ڏڪار ٽري وڃڻ - ملڪ تان مصيبت دُورُ ٿيڻ.

ڏيهہ پَهاجَ ﻉ ڏيهہ پَهاجُون: ث. جنگ جي جوءِ.

- ڏيهہ ڏارِي ﻉ ڏيهہ ڏارِيُون ث. صفت. بکهڙ زالَ - چنڊي - جهيڙاڪ زال - ٽونڪِي - رنوڙ.

Gul Hayat Institute

- ڏيهه ڏاليءَ ڪرڻ: ملڪ تابع ڪرڻ - ملڪ کي ڏنءُ ڀريندڙ ڪندڙ - ملڪ تي قبضو ڪرڻ - ملڪ جو حاڪم ٿيڻ.
- ڏيهه ڏاليءَ هڻڻ: سردار هئڻ - ملڪ ۾ وڏي عزت وارو هئڻ - جڳ محتاج هئڻ - هزارن مريدن جو مرشد هئڻ.
- ڏيهه ڏورڻ: پرديس ڦرڻ - دَرِ دَرِ رُلڻ - تمام وڏي مسافري ڪرڻ - جدا جدا ملڪن ۾ گهمڻ.
- ڏيهه ڪارُ ۽ ڏيهه ڪارَ (ڪ): ذ. صفت. ملڪ ڦٽائيندڙ - تباهي آڻيندڙ.
- ڏيهن جي پهاجَ: ث. بدڪار عورت - جهيڙاڪ عورت.
- ڏيهه ليڪارو ۽ ڏيهه ليڪارا: ذ. ڏيس ليکالي - ڏيس بدري.
- ڏيهي ۽ ڏيهي: ذ. صفت. ساڳي وطن يا ڏيهه جو - هم وطن - ملڪي - ڏيهاڻو. پنهنجي ملڪ جو (ماڻهو). شراب جو هڪ قسم - سينڌي - ڪنٽيري.
- ڏيهي حسابُ ۽ ڏيهي حسابَ: ذ. ملڪي حسابَ.
- ڏينهن ۽ ڏينهن: ذ. [سن. دِوَس: پرا. دِڻهو = ڏينهن] ڏينهن. وقت - زمانو - دور. قسمت - بخت - نصيبُ.
- ڏينهاڙو ۽ ڏينهاڙا: ذ. ڏينهن - ڏينهاڙو.
- ڏينهاڙي ۽ ڏينهاڙيون: ث. روزانو - روزمره - هميشه. آهو مکڻ جو مقدار جو روزانو لهي.
- ڏينهائي: ظرف. ڏيهاڙي - روزانو - روزمره - هر روز - ڏهاڙي.
- ڏينهر (لس): ذ. گاهه جو هڪ قسم - ڏيرُ گاهُ.

- ڏيهرو ۽ ڏيهرا (ٿ): ذ. ڏيرو.
- ڏيهي ۽ ڏيهيون: ث. ڏيلُ - بدن - جسم - تن - ديهيءَ. جيئن:
"جاڳائج جانعلي چوي، ڏيهيءَ منجهه ڏاڍو" (جانعلي لغاري).
- ڏيهيءَ ۾ سرو لڳڻ: جسم ۾ خرابي پيدا ٿيڻ.
- ڏيءُ ۽ ڏيءَ: ذ. [سن. دِيوَ > دِوَ = چمڪڻ] پهودين جو خدا. جن ڀوت - ديو - راڪس. ديوتا - مهاپرش - ڏيوءُ.
- ڏيٺا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- ڏيپنڊي ۽ ڏيپنڊيون: ث. ڏيڍي.
- ڏيٺرو ۽ ڏيٺرا (ٿ): ذ. سالدارو - پخالَ. (ث. ڏيٺري ۽ ڏيٺريون).
- ڏيٺيڙا: اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
- ڏيٺڻ: مصدر. [سن. دا = ڏيڻ] ڏيڻ. (ڏلو - ڏيندو - ڏنل).
- ڏيٺي پجهائڻ: بحث ۾ لاجواب ڪرڻ.
- ڏيٺي وني پيهڻ: زور لڳائي ٿڪجڻ - سخت ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ - ڪک ٿيڻ. همت هارڻ.
- ڏيٺي وني وهڻ: همت ڏوئي وهڻ - آسرو لاهي ڇڏڻ - بي آبرو ٿيڻ - خالي ٿي وڃڻ - دل واري يا قيمتي شئي گم ڪرڻ - سخت بيمار ٿيڻ.
- ڏيئو ۽ ڏيئا: ذ. [سن. دِيپ: پرا. دِيوَ = ڏيئو] ٺڪر جي ننڍي ٿانءِ جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهه جي وٽ وجهي ٻارجي - ڏيو - ڏئو.
- ڏيٺي پرٺي: ظرف. رات جو - سانجهيءَ جو وقت - مٽنهن اونداهي.

Gul Hayat Institute

ڊ

ڊ : ث. [ھ] سنڌي 'الف ب' جو پاويھون ڪر ۽ ھنديءَ جو تيرھون اکر. ابجد موجب عدد ۴ ۽ آواز 'ڊِي'.

● ڊابيري ۽ ڊابرِيُون (ل): ث. صفت. وڏي پيٽ واري.

● ڊابَ ۽ ڊابُون: ث. [سن. دُرَوُيَہ =] ننڍي سِڪي جو ھڪ قسم - ننڍڙو سڪو. ٽاپُو راند ۾ ڪم ايندڙ ٺڪر جو ننڍڙو گول چڪرو - ڊَپُو - تيزي. سارين ڏَرڻ لاءِ مُنيءَ مان ٺهيل ڊيبي جو مٿيون حصو. ڏُڏڙ - سِڻي - دَزَ - رئيي - ڊُمڙ - ڏُوڙ (ت).

● ڊابُ ۽ ڊابَ: ذ. [ع. درم] سِڪي جو ھڪ قسم - پائي يا پيسي جھڙو ھڪ سِڪو - ڊِم - ڊبُ، جيئن:
"جي خزانا سو لُٽي ڪو، اھل دنيا جو ھزار،
تاھ تھڙو جوڙو ڏي، مسڪين تو ھڪڙو ڊابُ"
(گُل).

● ڊاباڙو ۽ ڊاباڙا (ت): ذ. ٻه ٽي ڏينھن ھُسائي رکيل شيءِ.

● ڊابڙو: اسم خاص. ٿر ۾ ھڪ ڳوٺ جو نالو.

● ڊاپِڻُ (ت): مصدر. گھڻو مَڪُ ڏيڻ.

● ڊاپو ۽ ڊاپا: ذ. ٽِڪ پيچ - وِسرام - ڊھو - آسائش - اَجھاپو - مالجھاندو - ساھي - دم پٽ - سُکُ - قرار - ٺورو آرام. ٽيڪ - آڌار - فراغت - ويساھين - ٺَھر - ھَبَڪَ - بيھڪ. ڍِوُنڪو - جھُوٽو - ھِنڪي (ننڊ). ڊاسڙ زمين - ڏُڏڙ - ڏوڙ - دَزَ - رئيي (ڪ).

- ڊاپو ڪَرَڻُ: آرام ڪرڻ - قرارڻ. ٽِڪ پيچڻ - جوڳڙو پيچڻ - ساھي پٽڻ - دم پٽڻ - وِسرام ڪرڻ - منزل ڪرڻ - ويساھي ڪرڻ - لھڻ - ٺھرڻ - بيھڻ - ترسڻ.

● ڊاپھاڙو ۽ ڊاپھاڙا (ت): ذ. وھٽن کي ڏيڻ لاءِ گوار يا ڪٽڪ جو ھُسائي رکيل ڏارو. اُن کي بيماريءَ جي حالت ۾ (لوڻ، ڳُڙ ۽ ڪٽڪ جو ڏارو ھسائي) ڏنل ڪاڏو.

● ڊاپي ۽ ڊاپيُون (ل): ث. ڳُڙ واري شيءِ.

● ڊاپَري: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڊاپَڙو ۽ ڊاپَڙا (ت): ذ. سن. [دُرپ] گاھ جو ھڪ قسم - ڊِپ.

● ڊاپِنُٽُون ۽ ڊاپِنُٽان: ذ. صفت. [سن. دَرْپ] ڊِپن وارو - ڊِپن جو - ڊِپن ھالو. ڊاپو.

● ڊاپِنُٽُون: اسم خاص. تعلقي ساماري ۽ تعلقي ننگرپارڪر ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڊاپو ۽ ڊاپا: ذ. صفت. [سن. درپ] ڊِپن وارو ھنڌ - ڊِپن واري زمين. گھڻا ڊِپ.

- ڊاپوڙ ۽ ڊاپوڙُون - ڊاپوڙيُون (ت): ث. گھڻن ڊِپن واري پٽي - گھڻن ڊِپن واري زمين.

- ڊاپُوڙو وِياءُ (ت): ذ. ڏيءَ - نياڻي - ڇوڪريائو اولاد.

- ڊاپِنُون ۽ ڊاپِنان: ذ. صفت. ڊِپ وارو - ڊاپنٿون.

● ڊاپي ۽ ڊاپيوُن (ت): ث. [سن. درپ] واري سخت زمين - ڊاپوڙ. اسم خاص. ڪوٽڙي، ديري محبت، رتي ديري ۽ ڊگھڙي تعلقن ۾ ديھن جو نالو.

● ڊاپيرو ۽ ڊاپيرا: ذ. صفت. [سن. درپ] ڊاپنٿون - ڊِپن وارو.

● ڊاپيلي ۽ ڊاپيليون (ت): ث. [سن. درپ] ڊِپن واري سخت زمين - ڊاپي - ڊاپوڙ.

● ڊاٽري: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڊاٽَ ۽ ڊاٽُون - ڊاٽيُون: ث. پيچَ - ڊاھَ - ڪَسَ.

- ڊاٽَ ڪَرَڻُ: ڊاھ ڪرڻ - پيچ ڪرڻ - ميسارڻ.

● ڊاپِ ڊاپِ ڪَرَڻُ (ت): خوشامد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ڊاپِچَڻُ (ت): مصدر. ڪڪ ٽيڻ.
● ڊابَ ۽ ڊابُون (ت): ث. تمام وڏي ڪهوڙي. (اسم خاص) تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊابِرِيُ: ڪاري ۽ مٽي جي ڪالڪٽ جو هڪ قسم.
● ڊابَ ۽ ڊابُونُ - ڊابِيُونُ (ل): ث. وڏي آچنڪار. رڙ- دانهن- وڏي آواز سان ڳالهائڻ.
● ڊابُ ۽ ڊابَ (ل): ذ. وڏو مچ - پَيَڙُ.
● ڊابَرِ ۽ ڊابَرِيُونُ (ڪ): ث. ننڍي بندوق.
● ڊابَرُ ۽ ڊابَرَ (ت): ذ. صفت. ٿلهو - مضبوط.
● ڊارلِنگُ: صفت. [انگ. Darling] پيارو- پريتم- محبوب.
● ڊارونُ: اسم خاص. [انگ] هڪ مشهور عالم حيوانات. سياحت، فلسفہ ۽ اصول ارتقا جو موجد (جنهن جي خيال موجب انسان پهريائين بالدر هو ۽ پوءِ ترقي ڪري موجوده منزل تائين پهتو آهي).
● ڊاڙَ ۽ ڊاڙُونُ: ث. وڏائيءَ جو بيان - ٻٽاڪ - لاف- ڦُوندِ. هَل- بي بنياد ڳالهہ - گشو- پَٽُ- زَٽُ. ڦسيٽ- لَباڙ- زبان خوري- اجائي بَڪَ. ٺٺولين زمين.
- ڊاڙَ ڇِڪَڻُ (ت): ٻٽاڪ هڻڻ- پٽ شٽ هڻڻ.
- ڊاڙُونُ هَڻَڻُ: ٻٽاڪون هڻڻ- لَباڙون هڻڻ.
- ڊاڙِيُ ۽ ڊاڙِيُ: ذ. صفت. ٻٽاڪون هڻندڙ- ٻٽاڪي - لباڙي.
- ڊاڙِيُونُ ڊِسُيُونُ هَڻَڻُ (ت): ڪِلِ مسخري ڪرڻ.
● ڊاسُ ۽ ڊاسا: ذ. واريا سو هنڌ- ڊُمڙ.
● ڊاسوڙيُ ۽ ڊاسوڙيُونُ: ث. واريا سو هنڌ- ڊاسو- ڊُمڙ. (اسم خاص) تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊاسولُ ۽ ڊاسولَ (ڪ): ث. صفت. پَرائي ڦَرَ تي ميڙيندڙ مال.
● ڊاهِ ڊوشِ (ٿ): اسم. آڏرياءُ- خوشامد- عزت.

● ڊافَڙُ ۽ ڊافَڙَ (ت): ذ. صفت. اجايو وڏو- بي ڊولو.
● ڊاڪُ ۽ ڊاڪَ: ذ. ڊپ- خوف.
● ڊاڪَ ۽ ڊاڪُونُ: ث. [اردو] ٽپال- خط پٽ.
- ڊاڪُ خانُو ۽ ڊاڪُ خانا: ذ. ٽپال آفيس- پوسٽ آفيس.
- ڊاڪُ گاڏِيُ ۽ ڊاڪُ گاڏِيُونُ: ث. ٽپال کڻڻ واري گاڏي.
● ڊاڪُ بَنگلو ۽ ڊاڪُ بَنگلا: ذ. سرڪاري مسافرخانو.
● ڊاڪٽَرُ ۽ ڊاڪٽَرَ ذ. [انگ. Doctor] علاج ڪندڙ- طبيب- ويد- ويج- جراح- حڪيم- علم حڪمت جو ڄاڻو. عالم - فاضل - فيلسوف - محقق.
● ڊاڪَرُ ۽ ڊاڪَرَ: ذ. ننڍو ڳهوڙو- ٽَنٽُون- ٽوري مُنهن وارو ڳهوڙو- ڊَڊو. جيئن:
"ڊَڊو ڊاڪر وڪٽي ڌڻ رڍن جو ڌار".
● ڊاڪُو ۽ ڊاڪُو: ذ. صفت. [اردو] ڌوروُ- رهزن- ڌاڙيل - لُٽيرو- چور- بدمعاش- قزاق.
● ڊاکَ ۽ ڊاکُونُ: ث. [هہ. ڊاکُ. سن. درڪشا] هڪ وَلِ ۽ ميوي جو نالو- انگور جو ننڍو قسم- ڪشمش- انگور- ڳئون جو نالو (ڪ).
- ڊاکَ جو سَنَهُنُ: ذ. چِٽ تي چڙهيل ڊاک جي وَلِ- انگورستان.
● ڊاکَاڻُو: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊاکَائِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊاکَرُ ۽ ڊاکَرَ (ت): ذ. اپرو- ضعيف- ڏٻرو. بلڪل پوڙهو- جهُورُ.
● ڊاکِڻُو ۽ ڊاکِڻا: ذ. صفت. [سن. تَڪشَڪَ] ڊِکڻ وارو- واڍڪو.
● ڊاگُو ۽ ڊاگا (ٿ): ذ. نرم پٽيي - آهار واريا سي زمين، جتي نديءَ جي پاڻيءَ جو وهڪرو ڊِرو ٿئي ۽ پڪڙي.

● ڊاڪَ ۽ ڊاڪُون (ت): ٿ. دز- ڌوڙ- رَئِي.

● ڊاڳو ۽ ڊاڳا (ٿ): ذ. تمام گهڻي واريءَ وارو هنڌ (جتي مشڪلات سان هلي سگهجي). گسر. (اسم خاص) تعلقي گهوڙڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊاڳوڙَڻُ (ت): مصدر. مٽي ڪوٽڻ. ڏاڍي سار ڏيڻ- جهاڳوڙڻ. هارين جي اصطلاح ۾ وٽڻ جي فصل جو چوندو خراب نموني ۾ ڪرڻ، جيئن: "چونڊن وٽڻ ڊاڳوڙي ڇڏيا آهن."

● ڊالَڻُ: مصدر. [هه. ڊالنا = وجهڻ. سن. تَلَنَ] وجهڻ- اوتڻ- اندر لاهڻ. ڀلٽڻ- هارڻ.

- ڊال ڊالان: ظرف. پاڻي يا ڪنهن ٻي شيءِ جو تمام گهڻي الداز ۾ ٿانون ۾ وجهڻ جي حالت- اوت اوتان- جهوڪ جهوڪان.

● ڊالَرُ ۽ ڊالَرَ: ذ. آمريڪا ۾ هلندڙ هڪ سڪي جو نالو.

● ڊاماهو ۽ ڊاماها: ذ. دوا طور (خارش جي بيماريءَ ۾ وهنجڻ لاءِ) ڪم ايندڙ هڪ ڪنڊائين ٻوٽي جو قسم.

● ڊامان ڊولُ (ڪ): ظرف. هيٺ مٿي- بي ترتيب- آلٽ پلٽ.

- ڊامان ڊولُ ڪَرَڻُ: هيٺ مٿي ڪرڻ- الٽ پلٽ ڪرڻ (شين يا سامان کي)- ڦيٽائڻ- بگاڙڻ.

● ڊامڙا ڪامڙا: ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ. ٽپڙ ٽاڙي - سامان سڙو- ٽامڙا ٽومڙا- ڪامڙا ٽامڙا- ٽڪر ٽوڪر.

● ڊامڻ ۽ ڊامڻَ: ذ. گاهه جو هڪ قسم (ڪارو يا اڇو سنگ ٿئي ۽ مال لاءِ طاقت بخش آهي. غريب ماڻهو هن جون پاڙون ڏَٿُ ڪري کائين).

- ڊامڻُ ساٽُ ۽ ڊامڻَ ساٽَ (ل): شاديءَ جو هڪ سوڻ (جنهن ۾ پنج يا اٺ آلين ڪائين جا ٽڪرا ڪٽي کهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿي تي رکجن ۽ گيت پڙهجن)- جيئن:

"ڊامڻ لٽڙيون رانيون ڙي، اسان ونيءَ گهر آيون".

(—).

● ڊاميٺي ۽ ڊاميٺيون (ڪ): ٿ. گاهه جو هڪ قسم.

● ڊاميش ڪَرَڻُ (ت): وڃائڻ- خراب ڪرڻ.

● ڊانبُ ۽ ڊانبَ (ڪ): ٿ. هيٺاهين زمين- ڪَسُ. هيٺاهين زمين وارو جهنگ.

● ڊانبو ۽ ڊانبا (ڪ): ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو- ٻيٺيرُ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، رنگ ڳاڙهو قد چار يا پنج انچ).

● ڊانبورَ ۽ ڊانبورون (ل): ٿ. وڙهڻ لاءِ تياري- ڪاهه- جُلهه- هلان.

- ڊانبورجڻُ: ۽ مصدر. ڪاوڙجڻ- آڪڙجڻ. آلر ڪرڻ- ڪاهه ڪرڻ.

● ڊانبڙُ ۽ ڊانبڙَ (ٿ): ذ. ڪنهن جيت وغيره جي چڪ ڪان جسم تي ٿيل ڳوڙهي- ڌَڦڙُ.

● ڊانڊِرَڻُ (ل): مصدر. پيٽ جي پرتي ٿيڻ- بدهضميءَ سبب آڦري ٿيڻ- آڦرجڻ. ڦوڪجڻ- پرجڻ.

- ڊانڊَرَ ۽ ڊانڊَرون: ٿ. پرتي- آڦري.

- ڊانڊَرِجَڻُ: مصدر. آڦرجڻ- پرجڻ- ڦوڪجڻ.

● ڊانڊَس- ڊانڊَشُ ۽ ڊانڊَسون- ڊانڊَشون: ٿ. وڏائي- فخر. آڪڙ- چڙ. ڏيکاءُ- سينگار.

- ڊانڊَسِ ڪرڻ: وڏائي ڪرڻ. سينگارڻ. آڪڙ ڪرڻ.

● ڊانڊَڻَ (ڪ): ٿ. مٽي جي سڄيءَ جو هڪ قسم.

● ڊانڊو ۽ ڊانڊا (ل): ذ. [هه. سن. دانڊا= ڏِڪو] ڏِڪو- ٻيل.

● ڊاندورو ۽ ڊاندورا (ل) ذ. هيٺاهين- لهندي- لاهي- جهوڪَ- جيهرَ- نيوڻ.

● ڊانڊيُ ۽ ڊانڊِيون: (ل) ٿ. لٺي جو هڪ قسم. وڻ يا ڳاٽڻ جي طرز. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ڪ).

● ڊانڊهُ ۽ ڊانڊهَ: ذ. باهه جو مچ- وڏو- آڙاهُ. آلو- شعلو- پنسيت- پيَتڙُ- لاٽَ- جيي.

- ڊانڊُ ڪَرَڻُ (ت): واڌارو ڪرڻ ـ ترقي ڪرڻ. همٿ ڪرڻ ـ مڙسي ڪرڻ.

● ڊانڊِرو ۽ ڊانڊِرا (ت): ذ. [هه. ڍنڍورا = پڙهو] پڙهو ـ اعلان ـ ڍنڍورو.

- ڊانڊِرو ڪَرَڻُ: خواري ڪرڻ ـ بدنامي ڪرڻ.

● ڊانڊو ۽ ڊانڊا: ذ. [هه. ڊانڊا =] ڏڪو ـ ٻوڙهو ڏڪو ـ ٻيل (ل. ڪ). (صفت) جهڪو ـ هيٺ ـ امَيل. پڪل ڍلو ـ پانڊو.

● ڊانڊِيڙو ۽ ڊانڊِيڙا (ت): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● ڊانڱ ۽ ڊانگُون (ت): ث. ڏگهي ڪاٺي ـ ڄانگهه ـ ڏانگهه. (اسم خاص) تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊانگَرُ ۽ ڊانگَرَ: ذ. [هه] چوپايو مال ـ ڍور. احمق ـ بيوقوف.

● ڊانگيرو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊانگيرِيُ ۽ ڊانگيرِيُون (ل): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڊانواندول ۽ ڊانواندول: ذ. صفت. [سن. ڌاوَنَ + ڌولَنَ] هيٺ مٿي ـ اُلٽ ـ پُلٽ ـ اُبتو سُبتو ـ اَڌ ڙ ڦڌ ڙ ـ اونڌو سونڌو ـ ڪُرو مرو ـ درهم برهم. خراب ٿيل ـ بگڙيل ـ ڪريل ـ منهجيل ـ وڳوڙيل ـ بگاڙيل ـ مُنجهايل ـ ڦِٽل ـ برباد ـ ناس ـ ابتر ـ زبون. پريشان ـ گمراهه ـ رولو ـ رمتو.

- ڊانوان ڊولُ ٿيڻُ: هيٺ مٿي ٿيڻ ـ اُبتو سبتو ٿيڻ. بگڙڻ ـ ڦِٽڻ ـ چٽ ٿيڻ ـ زبون ٿيڻ.

● ڊانهَرُ ۽ ڊانهَرَ (ت): ذ. [هه. ڊال = ڏار] وڻ جو ڏار ـ ٽارُ.

● ڊانءُ (ت): ث. هڪ پاراڻي راند ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺيءَ جو ٽڪر ـ ڏاڪ.

- ڊانءُ ٿيڻُ: ٽڪجي پوڻ ـ هَڄُ ٿي پوڻ.

● ڊانءُ ڊُون: ث. اجائي وڏائي ـ ٽانءَ ـ ٽين ٽُون ـ آڪڙ ـ ٽيڪو ـ سيٺ ـ وڏائي.

● ڊانٺيرُ ۽ ڊانٺيرَ (ل): ذ. صفت. ڊڄڻو ـ گيدي ـ بُزدل ـ ڪاٺر.

● ڊاٺابُو ۽ ڊاٺابا: ذ. اهـا ملڪيت جنهن تي ڏاڻ (ڏڻ) ورتو وڃي.

● ڊاهڻُ: مصدر. [هه. ڊانا = ڊاهڻ. سن. ڌوَنس] ڪيرائڻ ـ ڦِٽائڻ ـ پيچڻ ـ پورڻ ـ ناس ڪرڻ ـ بگاڙڻ. مٿان ڪيرائڻ ـ لاهي هٽ ڪرڻ ـ هيٺ آڇلڻ ـ ڦِٽو ڪرڻ ـ هيٺ ڇڪڻ. مسمار ڪرڻ ـ ميٽڻ ـ ميٽائڻ ـ ميسارڻ ـ ڪيرڙڻ. ليٽائڻ ـ اونڌو ڪرڻ ـ دَمڻ.

- ڊاهَ ۽ ڊاهُون: ث. پيچڻي ـ ڪيرائڻي ـ ڦِٽاءُ. ڊاٽَ ـ سَهٽ سَهٽ ـ ميسارَ.

- ڊاهَ پاهَ: ث. ڊاهه ڊوهه ـ پيچ گهڙ. ڪُرڙسُرڙ.

- ڊاهَ پاهَ ڪَرَڻُ: ڊاهڻ ـ ڦِٽائڻ ـ ڊاهڻ ڊوهڻ.

- ڊاهِڻُ ڊُوهَڻُ: ڦِٽائڻ.

- ڊاهو ۽ ڊاهو (ت): لاڳيتي ڊَهي پوڻ جي حالت.

● ڊاهوُ ۽ ڊاها: ذ. پيلي مان رستو ـ ڪَسُ ـ پيچرو ـ واٽ ـ سَڙڪ ـ لَنگهُه ـ ڊَهو. درياءَ جو غيرآباد پيٽ. (اسم خاص) تعلقي ٺل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊاهيُ ۽ ڊاهيُون (ڪ): ث. انجام ـ وعدو ـ ٻول ـ وچن ـ ڊاٺي. تيتِ.

- ڊاهيُون ڪَرَڻُ: وعدو ڪرڻ ـ انجام ڪرڻ. جيئن: ”چور پڇن، ڊاهيون ڪن.“

● ڊاءُ ۽ ڊاءَ: ذ. [سن. درَ = اِيذاءُ رسائڻ] ڊپ ـ ڀؤ ـ خطرو ـ ڏَرُ ـ ڊچ ـ هيراس. سنڪوچ. انديشو ـ اَڌڪو. تاب ـ دهشت ـ هيبت ـ ڌڪو ـ دَهڪو.

● ڊائيرِي ۽ ڊائيرِيُون: ث. [انگ] روزاني ياداشت ـ روزنامچو ـ روزمرهه.

● ڊائيرِيڪٽَرُ ۽ ڊائيرِيڪٽَرَ: ذ. [انگ] هدايتڪار ـ هدايت ڪندڙ ـ مُکُ. انتظام ڪندڙ ـ منتظم.

● ڊائيفرَمُ: ذ. [انگ] پيٽ جو هڪ پردو ـ پيٽ ڇِهُه.

● ڊائيل ؏ ڊائيلَ: ذ. [انگ] گهڙيال يا واچ جو انگن وارو پاسو.

● ڊائيمنڊ ؏ ڊائيمنڊَ: ذ. [انگ] هيرو- الماس.

- ڊائيمنڊ جُبلي: ث. سٺ سالہ جشن.

● ڊائي ؏ ڊائيون- ڊايون: ث. وعدي تي ملڻ جو هنڌ- مقررجاءِ- تت- پٽي- ماڪ. قول- انجام- ٻڪ- ٻول- وچن- ڪڻ- جاٽڙ- ٺهرايل وقت. وارو- ڳهمرو- پيرو. دلبري- ڏنو- خوشامد (ت). لوهارن جو هڪ اوزار.

- ڊائي ٻڌوڻ (ت): ڊپ ٻوڻ- ياچ ٻوڻ.

- ڊائيون ڏيڻ: انجام ڏيڻ- ٻول ٻڌڻ. دلبريون ڏيڻ- خوشامد ڪرڻ- ڏٽا ملائڻ- خوشامد طور وڏائي ڪرڻ- چاڙهيون ڏيڻ(ت).

● ڊَٻ ؏ ڊَٻّ: ذ. [پرا. دبّ. سن. درويہ] دَوا- دارُون- علاج- ڊپ. جيئن:

”تون حبيب، تون طبيب، تون ئي ڊٻن ڊَٻ“ (شاه).

گم- غائب (ت).

- ڊٻّ ٿيڻ وڃڻ: گم ٿي وڃڻ.

● ڊَٻرو (ڪ): ذ. سمنڊ جي ڪناري تي ٿيندڙ گاهہ جو هڪ قسم.

● ڊَٻيل ؏ ڊَٻيلَ: صفت. [انگ] ٻٽو- ٻيڻو- ڏهرو. ٿلهو.

- ڊَٻل روٽي ؏ ڊَٻل روٽيون: ث. خميري جي تنورَ ۾ اُٻاريل ٽڪي.

● ڊَٻڻ: مصدر. پرڻ- گهڙڻ- کهوچڻ.

● ڊِٻ ؏ ڊِٻون: ث. واريءَ جو دڙو يا ڍِڪ- مٽيءَ جو ڍير- دڙو- ٽيٽَ. هڪ قسم جي گاهہ جي ٻاڙ (جا غريب ماڻهو ڪاڏي طور ڪائيندا آهن). ڏنو- ٻٽو- لوڙهہ. ٻٽوري- اروڙي (ڪ). اسم خاص. تعلقي خيرپور، تعلقي ميرپور ۽ تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڊَٻ چڙهي (ت): ٻاراڻي راند جو هڪ قسم- گهوڙيءَ راند.

● ڊَٻڻ (ت): مصدر. تمام تڪڙو ڪاهي وڃڻ.

● ڊِٻ ڏيتري: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڊَٻ ڊَٻ: ذ. (آواز). جاهہ جي ڪيرڻ جو آواز- دپ دپ.

● ڊَٻ ڊَٻي ؏ ڊَٻ ڊَٻيون: ث. ٻڪين ڦاسائڻ جو دام- دٻلي- ڪوڙڪي- ڪاري.

● ڊَٻڙ ؏ ڊَٻڙَ: ذ. جيت جي چڪَ يا ڏڪ جي سبب بدن تي ٿيل ماس جي ڳوڙهي- نشان- ٻٽو- نيل.

● ڊِٻڙ ؏ ڊِٻڙَ: ذ. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڊِٻ طُولان: اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڊِٻڪڻ (ت): مصدر. ٻهر جي وڻ ڪي ڏوڙڻ- ڏوڻَ ڏيڻ.

● ڊُٻڪڻ ؏ ڊُٻڪڻون (ت): ث. ٿورو کير ڏيندڙ جانور (ٻڪري، مينهن ۽ ڍڳي وغيره).

● ڊَٻڪو ؏ ڊَٻڪا (ت): ذ. ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز- ڦهڪو- ڏڪاءُ.

- ڊَٻڪو ڪرڻ: وڏي آواز سان ڪرڻ- ڦهڪو ڪرڻ.

● ڊُٻڪي ؏ ڊُٻڪيون (ث): ڪنهن وهٽ جا اڳيان ٻهر رسيءَ سان سوڙهيرا ٻڌڻ جي حالت.

● ڊِٻ ميٺو: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڊِٻ موريو: اسم خاص. تعلقي ڳوٺي خيري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ڊُٻڻ (ت): مصدر. سياري ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ ٻاڻ ڪي چڱيءَ طرح ڪپڙن ۾ ويڙهڻ. سوگهو ڪرڻ.

● ڊَٻو ؏ ڊَٻا: ذ. [هہ. ڊِٻّا] وڏو ڏول- دَٻو.

● ڊَٻُو ؏ ڊَٻُو: ذ. [سن. ڏموٻٽ، ڏمو = ۽ + ٻٽ = ٿلهو] ٿلهو ماڻهو- ٻي ڊولو آدمي.

Gul Hayat Institute

● ڏَبَٽيي جو ٽوٽُ (ج): اسم خاص. ڏاڙهياڙي جبل جي هڪ حصي جو نالو.

● ڏَبِي ۽ ڏَبِيُون: ث. پڪين ڦاٽڻ جو دام- چار- ڏبي.

● ڏَبُ ۽ ڏَبَ: ذ. [هہ. ڏَبُ. سن. دَرْبَ. پرا. ڏَبّ] ٻوٽي يا گاهہ جو هڪ قسم (هر ڪنهن قسم جي زمين ۾ ڦٽندڙ ۽ ٽوڙين وَٽڻ جي ڪم ايندڙ). [سن. دُرْدِيَہ] اکين وجهڻ جي ڳهرو دوا، چَوَڙن، رَسوَل، سُرخيءِ وغيره مان ٺاهيل- دارون- ڦُڙو- سُٽي- علاج.

- ڏَبَ جهڙي نوڪ لڳڻ: ٿورو ايذاءُ رسڻ- معمولي نقصان ٿيڻ.

- ڏَبَ چمڻ: گهڻو وقت لڳڻ- دير ٿيڻ. گهڻو وقت سيڙجڻ- سيڙاپو ٿيڻ.

- ڏَبَرِ ث. ڏٻين واري زمين- ڏَبِرو.

- ڏبرو ۽ ڏبرا: ذ. ڏٻين واري زمين- ڏبر.

- ڏَبري جو ڪمي هُئڻ: بيڪار زمين جو مزدور هئڻ. مفت ۾ ڪمائيندڙ هئڻ- بيڪر ۾ هئڻ- دربدر ٿيڻ- ڏتڙيل هئڻ- نڌڻڪو هئڻ.

- ڏَبِڙا ڏِڪائڻ: ميٽيءَ ۾ لٽڻ (تَن جو مٿان ڏب جمي وڃڻ) سخت تڪليف سان آزمائڻ.

- ڏَبَ مورجي وَڃَڻُ (ت): اجائي عمر گذري وڃڻ.

- ڏَبُورو ۽ ڏَبُورا: ذ. صفت. ڏٻين جهڙو.

- ڏَبُوري ۽ ڏَبُوريُون: ث. صفت. ڏٻين جهڙيون. جيئن: ”ڏِبُون ڏبوريون آهن“. جي اُنّ جي مقابلي ۾ ڏب والگر ڏک ٻک ۾ ٻه وڏي وڏيون ٿينديون آهن.

● ڏَبَاني: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِبَرِ ۽ ڏَبَرُون (ل): ث. [سن. دَرْبُ = ڏَبُ] ڏب جو هڪ قسم- ڏبورُ- ڏَبُوري.

● ڏِبَرُ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏِبَرو: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۽ تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه. هڪ شهر جو نالو.

● ڏَبيري: اسم خاص. تعلقي هالا ۽ تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو- تعلقي هالا ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● ڏَبّڻ: مصدر. اکين ۾ دوا وجهڻ- ڏَبُ وجهڻ- ڦُڙو وجهڻ- دارون وجهڻ.

● ڏَبُورِ ۽ ڏَبُوريُون (ل): ث. ڏَبَرِ.

● ڏَبُوري ۽ ڏَبُوريُون (ل): ث. ڏب جو هڪ قسم. ڏبر ڪنڊو- سُونو- ڪنڊڙو.

● ڏٻهڙو ۽ ڏٻهڙا (ت): ذ. ڏب ڪان ٻاج- ٺاهہ.

● ڏَٻي ۽ ڏَٻيُون (ل): ث. ملاحن جو اصطلاح هوڙي جي آڏل جهلڻ لاءِ ٻن ڪاٺن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌل ڏنگو ڪاٺ جو ٽڪر.

● ڏِٽُ ۽ ڏِٽَ- ڏِٽُون (ڪت): ذ. ث. ضد- هوڏ- بحث. هاٺ دَتُ- هپُ. (اسم ذات) ماٺ- ضديت.

- ڏِٽُ هَڻَڻُ: بحث ڪرڻ- ضد ڪرڻ. چُپ ڪري ويهڻ- جواب نہ ڏيڻ. دَتُ هڻڻ.

● ڏَٽرُ ۽ ڏِٽرَ (ت): ذ. صفت. ٽٽر- ضدي- ماڻيٺو. دَتُ هڻندڙ.

● ڏَٽڙ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏُٽيڙو: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

● ڏَٽَلُ ۽ ڏَٽَلَ: صفت. ٻَٽ تي ٻيل- ڪيريل- ڍهيل. زبون ٿيل- چٽ ٿيل.

● ڏَٽو ۽ ڏِٽا: ذ. صفت. [سن. درشت = هوڏي. پرا. ڏِٽّ] ضدي- هوڏي- نيٽر- مَٽَرُ- آٽَرُ- وڙنڪو- الوٺو- شيدّتي- ليرجو- بي شرم- اکين جو ٻڪو- بي ديدو. آهند- دُشٽ- اڙٻنگ- ڏاڍو- ارڏو- گمراهہ- وِيَلُ- بگڙيل.

- ڏِٽائي ۽ ڏِٽائيُون: ث. [پرا. ڏِٽّر. سن. ڌرشتا. ڌرُ = رکڻ] ضد- هوڏ- بحث- مچلائي- ڌوڏ- ٽٽرائي- ڍيٺائي. دشائي- ڏنگائي- ڪج بحثي. بي شرمي.

● ڏَپُ ۽ ڏَپَ: ذ. [هہ. دَرُ = خوف. سن. دُرس = ڏڪائڻ] ڊاءُ- ڀؤ- خوف- ڊڄ- ڏَرُ- ڊپو- خطرو- هراس. آڌڪو- انديشو- سنڪوچ. تاب- دهڪو- دهشت- هيبت. ڏڪو.

Gul Hayat Institute

● ڊَهائيتو ۽ ڊَهائيتا: ذ. صفت. ڊَپ وارو- ڊَپ جو- ڊپ جهڙو. خوفائتو- پوائتو- هيبتناڪ.
- ڊَپُ ڪَرَڻُ: ڊڄڻ- ڀوُ ڪرڻ. انديشو ڪرڻ.

● ڊِپارٽمينٽُ: ذ. ث. [انگ. Department] محڪمو- کاتو.

● ڊِپازِٽ ۽ ڊِپازِٽُونَ: ث. [انگ. Deposit] امانت- ڌراوت.

● ڊِپٽيِ ۽ ڊِپٽيِ: ذ. صفت. [انگ. Deputy] نائب.

● ڊِڄڻُ (ل): مصدر. [هہ. ڊرنا = ڊڄڻ] ڊڄڻ.

● ڊڄُ ۽ ڊِڄَ: ذ. [هہ. ڊَرُ = ڊپ] ڊپ- خوف.

● ڊِڄڻُ: مصدر. [هہ. ڊرنا = ڊڄڻ. سن. ڊچڪڻي = ڊڄڻ] ڊپ ڪرڻ- ڀوُ ڪرڻ- خوف ڪرڻ- ڏرڻ. ڪنبڻ- ڌهلجڻ- ڪوُ ڪرڻ- ڇرڪڻ.
- ڊِڄڻُو ۽ ڊِڄڻا: ذ. صفت. ڊڄندڙ- ڊپ ڪندڙ- ڊيڄو- گيدي- بزدل. ڏاهڙ- ڏهڻو- ڀڄڻو

● ڊڇو ۽ ڊڇا (ت): ذ. صفت. ڪُٻو- ڪُبرو- ڇيلهہ ڏِنگو.

● ڊَڊُ ۽ ڊَڊِ: ذ. صفت. نالائق- بيڪار- نڪمو- نڪار. گڻ هيڻ- وڙواندُ- ناخلف- نامراد- ڪسيرڪُ- ڪمينو- بيهودو.

● ڊَڊِ گوليِ (ڪ): ث. پاراٽي رانــد جو هڪ قسم- ٻارن جو هڪٻئي کي ڀُٽن تي کڻي ڊوڙڻ.

● ڊُڊُ ۽ ڊُڊ (ت): ذ. صفت. ٿلهو- مضبوط. پيٽ وڏو- پيٽيرُ. ڄٽ- اڻ پڙهيل- جاهل- موڳو.

● ڊَڊِڻِ ۽ ڊَڊِڻيُون (ل): ث. مال- ڌڻ.

● ڊَڊو ۽ ڊَڊا: ڪم قيمت يا ڪمذات وارو گهوڙو- جڏو گهوڙو. گهوڙو. ننڍو گهوڙو- ٽٽون.
- ڊَڊا ڊوڙَ ۽ ڊَڊا ڊوڙُون: ث. گهوڙن جي ڊوڙ. ڀڄ ڊُڪَ- ڪوشش.
- ڊَڊو ڊُڪائڻُ: سخت ڪوشش ڪرڻ- چاپلوسيءَ طور پٺيان لڳو رهڻ.
- ڊَڊِي ۽ ڊَڊِيُون: ث. ننڍي قد واري گهوڙي.
- ڊَڊِي ڊوڙَ ٿيَڻُ: گهڻن مهمانن جو اچڻ.
- ڊَڊِي ڊِيڪَ ڪَرَڻُ (ت): ڪنهن وٽ هر هر ۽ اجايو سجايو وڃڻ.

● ڊُڊو ۽ ڊُڊا (ت): ذ. صفت. اندر جو پليد- اندرڪارو- منافق- بدنيت. ٺڳ- دولابي- فريبي- مڪار- ڄٽ- جاهل. موڳو- ڪند فهم.
- ڊُڊائيپَ ڪَرَڻُ: منافقت ڪرڻ- ٺڳي ڪرڻ.

● ڊُڊِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).

● ڊُڊِي ۽ ڊُڊِيُون: ث. بدن جو پٺيون پاسو- پُٺ- ٻُٺي- ڊُڊي.
- ڊُڊِي ڏِيَڻُ: پُٺ ڏيڻ- پُٺي ڏيڻ- پُٺيءَ تي کڻڻ.

● ڊُڊِيِنَ: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم- ڪوڙي ميندي (اڪثر باغيچن ۽ پارڪن ۾ ٻيت جي بجاءِ پوکيندا آهن).

● ڊَڍُ ۽ ڊَڍَ- ڊَڍُون: ذ. ث. تغاري يا دهل جي وڄت جو هڪ قسم (جو ماتم جي وقت وڄائجي).

● ڊِڍُ ۽ ڊُڍَ (ل-ت): ذ. [هہ. ڊينڊا = وڏو پيٽ] وڏو پيٽ- پيٽ واري عورت جو پيٽ- حامله عورت جو پيٽ- معدو. اوجهري- گجي.
ڊِڍرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊِڍو ۽ ڊِڍا: ٻوڪ جو اهو سنگ جو اهان ٻن ۾ ويڙهيل هجي ۽ ظاهر ٿيل نہ هجي- ٻن ۾ ويڙهيل ڪچڙو سنگ- ڊُڍيو. ٻاهر نڪتل پيٽ- ڊِڍُ. ڪاغذ جي لغڙ جو وچ وارو حصو.
- ڊِڍِي ٿيَڻُ (ت): ٻوڪ جو نسرڻ- سنگ جو ظاهر ٿيڻ.

● ڊُڍو ۽ ڊُڍا (ڪ): ذ. ڊِڍو.
- ڊُڍِي ٿيَڻُ: ڊِڍِي ٿيڻ.

● ڊُڍِيو ۽ ڊُڍِيا (ڪ): ذ. ڊِڍو.

● ڊَرَ ۽ : ذ. هڪ قسم جي بلا.

Gul Hayat Institute

● ڊرامُو ج ڊراما: ذ. [انگ] دلچسپ واقعو. ناٽڪ - کيل - تماشو.

● ڊرائيوُرُ ج ڊرائيوُرَ: ذ. صفت. [انگ] هلائڻ وارو - هلائيندڙ - گاڏي هلائيندڙ؛ جيئن: موٽر ڊرائيور - انجن ڊرائيور وغيره.

● ڊرائينگ ج ڊرائينگون: ث. [انگ] گُلڪاري - چٽسالي - مصوري.

● ڊَرڙاٽُ ج ڊَرڙاٽَ (ٿ): ذ. (آواز) اٽٽ ڦيرڻ يا ڪنهن چڪري هلڻ جو آواز. ٽيٽَ جو آواز - ڀَرڙاٽ - ڦرڙاٽ.

● ڊَرڪارَڻُ (ل): مصدر. وات سان ٽٽول طور ڊر ڊر جو آواز ڪرڻ.

● ڊُرڪو ج ڊُرڪا: ذ. (آواز) وات سان "ڊَرڊَر" جو ڪيل آواز. ريڍار جو رڍ کي سڏ ڪرڻ جو آواز.

● ڊرگ روڊ: اسم خاص. فيڊرل ايريا ڪراچي ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.

● ڊرلَ ج ڊرلون: ث. [انگ] فوجي قواعد - صف آرائي - قواعد - پريڊ - پريڊ.

● ڊَرَمُ ج ڊَرَمَ (ت): ذ. [انگ. Drum] ڪورين جو تاچي ڪيڏڻ جو هڪ اوزار (جنهن تي تندون ٻه ويڙهيون ويندڙيون آهن ۽ پيڻ ٻه چڙهندو ويندو آهي).

● ڊَرنگيانا: اسم خاص [يوناني] بلوچستان جي الهندي حصي يعني سيستان ۽ زابلستان جو قديم نالو (اهو نالو مشهور يوناني جاگرافي دان "استرابو" پنهنجي تصنيف ۾ ڄاڻايو آهي). (تاريخ بلوچستان ص ۱۲).

● ڊريائي (ڊيائي): ذ. صفت. [ڊرن = واري > ڊرن + ائي = واريءَ جي طرف جا] سنڌ جي انن جو هڪ قسم - ٿر ۾ اڇڙي جي ٻاسي جا اٽ.

● ڊَڙَ ج ڊَڙون: ث. مٽاهين زمين. ڏاڍي مارَ - ڦيهه - سَٽ ڪُٽ. مينهن جو زور سان وسڪارو. ٻڪرين ۽ رڍن جو برساتن ۾ گهٽي انداز ۾ ڦرجڻ جي حالت.

● ڊِڙُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِڙُ ج ڊَڙَ (ل): ذ. گهوڙن جو طبيلو - ڪڙهه - ٿاڻ.

● ڊَڙا ٻاشيءَ هَٽڻُ (ت): پٺاڪون هٽڻ - ڪچهري ڪرڻ - رهاڻ ڪرڻ.

● ڊَڙاشُ ج ڊَڙاشون (ت): ذ. ڍڪ - گهٽو - جهجهو.

● ڊَڙاسُون ج ڊَڙامان: ذ. ڊوڙندڙن جي پيرن جو آواز - آواز - ڌڪو. ٺاهه ٺوهه - بند و بست.

● ڊَڙجڻُ: مصدر. ڪِرڻ - ڌِڪڻ. گهايل ٿيڻ - زخمي ٿيڻ - ڦٽجي پوڻ (جهڳڙي وغيره ۾). موچڙا کائڻ - ڪُٽجڻ - سٽجڻ. ونجڻ - ڦاٿو ٿيڻ (بيماري وغيره ۾).

- ڊَڙجي پوَڻُ: سٽجي پوڻ - ونجي پوڻ (بيماريءَ ۾). مري وڃڻ.

● ڊَڙَڻُ: مصدر. سٽڻ - ڪُٽڻ - ڳاهڻ - ڏاگورڻ - سڙهڻ - جهڳورڻ. سخت مار ڏيڻ - ڌڪ مٽ ڪرڻ - ڌڪ هڻڻ - پيچ ڏيڻ - پيچ ڪيڏڻ - مار ڏيڻ - گُڏڻ. ڪپهه، ڏاس يا پشم کي سنهن لَٽڪڻ سان سٽي ڪُٽي صاف ڪرڻ - ٽپڻ - پچڻ (ڪ). چالهين يا گدرن جي واڙيءَ سان ڳاهه يا ڪانڊيرا ڪيڏي صاف ڪرڻ (ل). ڊاهڻ - ڪيرائڻ - ڦيٽائڻ - ناس ڪرڻ (ت).

- ڊَڙي رَکَڻُ: سٽي رکڻ - ڪُٽي ڇڏڻ. سخت مار ڪيڏڻ - جهڳور ڪيڏڻ.

● ڊِڙو ج ڊِڙا (ل): ذ. مٽيءَ جو دڙو - ڊَبَ - دَڙو.

● ڊَڙُهه ج ڊِڙُهو: ذ. صفت. مضبوط - پڪو - اچلُ - اِستِرُ - اٽلُ - پُختو - ڏاڍو - قابُو - سوگهو - قائم - ڪپ ڪوڙ - ثابت قدم.

- ڊِڙُهتا ج ڊِڙُهتائون: ث. مضبوطي - پختائي - پڪائي - ڏاڍائي. سوگهائي - برقراري - ثابت قدمي.

● ڊِرزائين ج ڊرزائينون: ث. [انگ]. نقشو - خاڪو - نمونو - بيهڪ - اڏاوت.

● ڍَسَ ۽ ڍَسُونُ: ث. مِٽيءَ جو غبار- ڌوڙ- ڌَرَ- رٽي (ت). بَددعا- پِٽَ- پاراتو- اولانبو (ڪ).

● ڍُسَ ۽ ڍُسُونُ (ل): ث. ڍاسڙ زمين- وارياسي زمين- ڍَسڙُ- ڌُوڙ واري زمين- ڀُسڙُ.

● ڍَسْتَرُ ۽ ڍَسْتَرَ: ذ. [انگ] بورڊ صاف ڪرڻ جو ڪپڙو.

● ڍِسٽرڪٽ: ذ. [انگ] علائقي جو حصو- ضلعو.

● ڍَسڙَ ۽ ڍَسڙُونُ: ث. ڪجهه واري گڏيل چيڪي يا ڪهري مٽي. ڀُيڙ- ڌُڌڙ- ڀُسڙ- ڌُوڙ. وارياسي زمين.

● ڍُسڙِ ۽ ڍُسڙُونُ: ث. وارياسي زمين- ڍَسڙُ.

● ڍَسڪڻُ (ت): مصدر. ڪهلجڻ- ڪيهرڪڻ- ڪيري پوڻ. ڏڪو ڪائڻ- ٺاپو ڪائڻ.

- ڍَسڪو ۽ ڍَسڪا: ذ. ڪيرڻ جو آواز. ڌَڪ هڻڻ جو آواز- ٺهڪو.

- ڍَسڪو مَچائڻُ: گوڙ ڪرڻ- هُل ڪرڻ- جهيڙو ڪرڻ.

● ڍِسمس: ذ. [انگ] خارج- معزول- برطرف- نيڪالي- رخصت- جواب (نوڪريءَ کان).

- ڍِسميسُ ڪَرَڻُ: خارج ڪرڻ- نوڪريءَ مان ڪيڍڻ.

● ڍِسمبرُ: اسم خاص. [انگ] عيسوي سال جو ٻارهون مهينو.

● ڍُسڻُ (ڪ): مصدر. ڍاهڻ- ڦيٽائڻ- ٻاٻود ڪرڻ.

● ڍُسيُ ۽ ڍُسيُونُ (ت): ث. ڍڳيءَ جو سڱن سان ڌڪ ٽيلهو- ٺونو- ڍِڪو.

● ڍَسپڙَڻُ (ت): مصدر. زور سان ڪيرائڻ- ٽيلهو ڏيڻ.

● ڍِشُ ۽ ڍِشَ (ت): ذ. ڍِڳِڪ- ڍِڍِيرُ.

● ڍِشُ: ث. [انگ] ٿالهي- پليٽ- رڪيبي- طباخ.

● ڍِشٽنانگُ ۽ ڍِشٽنانگُ: ذ. [سن. د رشتانت] مثال- ننڍي ڳالهه- آکاڻي- قصو.

● ڍِشيُ ۽ ڍِشيُونُ (ڪ): ث. پِٽ- پاراتو- سراپ- اولانبو.

● ڍِفرُ ۽ ڍِفرَ: ذ. صفت. [انگ] بند- خراب- ڪينو- اجايو- نڪمو- بيڪار (ت). لاٽون راند ۾ لاٽون ۾ ڦيرڻ جي حالت.

● ڍِقَ ۽ ڍِقُونُ (ت): ث. ڍِڳِ- ڍِڍيرُ. پٺيءَ يا مٽي تي ڏنبي وغيره جي ڌَڪَ لڳڻ جو آواز. ڪنهن شيءِ جي هيٺ ڪرڻ جو آواز.

- ڍِقِ ڪَرَڻُ: ڍهي پوڻ- ڪيرڻ- ٺهڪو ڪرڻ.

● ڍَقُرُ ۽ ڍَقَرَ: ذ. بيماريءَ جو قسم- چاپاڪو- ڏَڏَرُ.

- ڍَقيرجڻُ: مصدر. چاپاڪي جي بيماريءَ ۾ ورجڻ.

● ڍِڪَ ۽ ڍِڪُونُ: ث. گهوڙي جي پند جو هڪ قسم- گهوڙي جي خراب هلڻي- ڍِگَ- ڍِگِ ڍِگِ ڍُڳي- ڍِڪو- ڍَڪي. ڪپڙي جو هڪ قسم. نرم زمين. ڪاري جي رڇ جو هڪ قسم. (رسي کان ٿلهين تندن وارو).

- ڍِڪَ ڍاهڻُ (ت): پٽاڪون هڻڻ. خراب ڳالهيون ڪرڻ. افواه اڏارڻ.

● ڍِڪُ ۽ ڍِڪ (ڪ): ذ. وڏي مڇي ڦاسائڻ جو هڪ رڇ.

● ڍِڪَ ۽ ڍِڪُونُ (ڪ): ث. رنبو- رڙ (ڪنهن جانور جي). ڪينجهه- ڪُرڪَ. ڍِڪَ.

● ڍُڪَ ۽ ڍُڪُونُ: ث. [ف. تگ = سن. دوکر =] ڊوڙ- ڍُڪَ- ڀاڄ- ڀڄ- ٺاهي- سَٽَ- لُوهَه.

● ڍُڪَ ڊوڙ ۽ ڍُڪُون ڊوڙُون ث. ڀڄ ڍُڪَ- ڀڄ ڀڄان- وٺ پڪڙ. ڪوشش- سعيو.

- ڍُڪَ ڊوڙَ ڪَرَڻُ: ڀڄ ڀڄان ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ- سعيو ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ڊَڪائِڻُ: مصدر. [سن. ڍوڪر = ڊُڪڻ] تکو هلائڻ- سِٽَ ڪڍائڻ- ڊوڙ پائڻ- تاڪي ڪڍائڻ- ڀڄائڻ- ڊوڙائڻ- ڊُڪائڻ.

● ڊِڪرِيُ ۽ ڊِڪرِيُون: ث. [انگ] ڪورٽ جو حڪم- عدالت جو فرمان. ديواني ڪورٽ جو قرضدار جي ملڪيت تي ضبطيءَ جو حڪم- ڊگري- ضبطي.

● ڊِڪشِنرِيُ ۽ ڊِڪشِنرِيُون: ث. [انگ] لفظن جي معنائن جو ڪتاب- لُغت- لُغات- ڪوش.

● ڊَڪڻُ: مصدر. ڊُڪڻ- ڊُڪ هلڻ. ڊُڪڻ- ڊيڪَ ڻ- ترندو وڃڻ- ترڻ.

● ڊِڪَڻُ: مصدر. ٻڪريءَ جو آواز ڪرڻ.

● ڊُڪَڻُ: مصدر. [سن. ڍوڪر = ڊوڙڻ] تمام تکو هلڻ- ڊوڙ پائڻ- ڊوڙڻ- تاڪي ڪڍڻ.

- ڊُڪيتُو ۽ ڊُڪيتا: ذ. صفت. ڊُڪندڙ- ڊوڙندڙ- ڀڄندڙ. تکو- تيز- چوهو- جلد- تکڙو- ڊوڪو- ڊوڪڻو- چُوت- چانگهو- وکڙيو- تيزرو- هلڻو- پلو- چاندو- جَل ڦاڪو.

● ڊَڪو ۽ ڊَڪا (ل-ت): ذ. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم- گهوڙي جو ڏکيو پنڌ- ڇوُباز.

- ڊَڪئي ۽ ڊَڪئي: ذ. صفت. ڊَڪي وارو- ڏکيو پنڌ- هلندڙ گهوڙو- ڊَڪي.

- ڊَڪي ۾ پَوَڻُ: گهوڙي جو ڏکيو پنڌ شروع ڪرڻ. اجايو وات هڻڻ- بَڪَ ڪرڻ. ڪينا لفظ ڳالهائڻ- ڪَچُ مٽڻ.

● ڊِڪاءُ ۽ ڊِڪاءَ (ڪ): ذ. نظرداري- سنڀال- چوڪسي- ڊوڪاءُ.

- ڊِڪاءُ ڪَرَڻُ: نظر ڪرڻ- ڊوڪاءُ ڪرڻ.

● ڊَڪَڻُ ۽ ڊَڪَڻَ: ذ. صفت. [هہ. تر ڪان سن. تَڪشَڪ] ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ- واڍو- وِ گهامَل- مِستار- سُوتار- سُوتارُ- سُوتُهڙُ. (اسم خاص) سکر، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ هڪ ذات جو نالو. شهدادڪوٽ، شڪارپور ۽ ٺل تعلقي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

- ڊَڪَڻُ پَکيُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم- ڪاٺ ڪُٽو- هُد هُد.

● ڊُڪَ ۽ ڊُگُون: ث. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم- گهوڙي جي هلڪي ڊوڙ- تور- رفتار- ڊِگ ڊِگ- ڊُڙڪي. راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ هڪبئي جي پٺن کي پٺ هٿيا آهن).

- ڊُگِرُ ۽ ڊُگِرَ: ذ. صفت. ڊِگ ۾ هلندڙ وهٽ- ڊِگ وارو.

- ڊُگ ۾ پَوَڻُ (ت): خراب لفظ ڳالهائڻ- بَڪَ ڪرڻ.

● ڊُگامُ ۽ ڊُگامَ: ذ. [ف. دو = ٻه + گام = قدم] گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم- گهوڙي جو ڏکيو پنڌ- ڊِگ- ڊُڙڪي.

● ڊُگانِيُ ۽ ڊُگانِيُ: ذ. صفت. چَٽُ- ويل- لونيو- بدمعاش- ڪالينگهو- شودو- اوباش- ابتر- بدتر.

● ڊُگائِڻُ: مصدر. گهوڙي کي ڊُگ پنڌ هلائڻ- ڊوڙائڻ- ڊُڪائڻ- ڀڄائڻ- هلائڻ- هڪلڻ- ڊيڪائڻ- تورڻ.

● ڊِگَرُ ۽ ڊَگَرَ: ذ. وڏو چڙو- ساليٽر.

● ڊِگَرِ ۽ ڊَگَرُون (ت): ث. وڏائي- مغروري- ٽيڙ ي.

● ڊَگِرو ۽ ڊَگِرا (ل): ذ. اٺ وٺندڙ آواز وارو مِترُ- پکل چڙو- ٻي سرو چڙو مترُ.

● ڊِگِرِي ۽ ڊِگرِيُون: [انگ] حڪم- فيصلو. فتح- سوڀ- جيت. قرض ثابت ٿيڻ جو سرڪاري فيصلو- ڊگري- ضبطي- درجو- منزل. ڪاميابيءَ جي سَنَد.

- ڊِگِرِيُ وَٺَڻُ: درجو حاصل ڪرڻ- سَنَد وٺڻ.

● ڊَگلو ۽ ڊَگلا: ذ. [هہ. دَگلا] ڪپهہ وارو پهراڻ- گبلو.

● ڊُگڻُ: (ل): مصدر. ڊگ هلڻ- ڊوڙڻ- ڊُڪڻ- ڀَڄڻ.

● ڏگوشُ ۽ ڏگوشَ: ذ. ڍانيڍي پکيءَ جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

● ڊِگوشيءُ ۽ ڊِگوشيئُون (ت): ث. ڊِگوش.
● ڊَکِيءُ ۽ ڊَکِيئُون: ث. صفت. بد چال عورت.
● ڊَکِڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڊَکِڙُ ۽ ڊِکِڙ: ذ. ڪڻڪ جي اٽي مان ٺهي ڦلڪا ماني - روڊلو - روٽلو - ڊوڊو - ٻنا گيهه ماني. ڦلڪا مانيءَ جو هيٺيون ڀاڱو ياڪل (ت).
- ڊَکِڙِيءُ ۽ ڊَکِڙِيُون: ث. ڪڻڪ جي سنهي ڦلڪا ماني - ڦلڪو - چپاتي.
● ڊکھَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو تعلقي سڪرنڊ، تعلقي ٽنڊي باگي ۽ تعلقي ماتلي ۾ ديهه جو نالو.
● ڊِ ڪهَ ۽ ڊِگھون: ث: [سن. ديرگهه = ڊيگهه] ڇڏِ - واڙِ - ڀاڙِ - ڊيگهه.
- ڊِ گَهرِس: ث: رَسيي ڊگھي ڇڏڻ جي حالت - ڇڙواڳي - آزادي. اختياريءَ جي ڀڇ. ڀاڙَ - واڳ.
- ڊِ گهرُ ۽ ڊِ گهرَ: ذ. صفت. ڊگهو - ڇانگهڙيل - ڇانگهو.
- ڊِ گهرَ ڪَرَڻُ (ت): شڪارين جو هڪ اصطلاح - ٻولڪ واڙِ سان ٻڌڻ.
● ڊِ گهرُ ۽ ڊِ گهرَ: ذ. صفت. [سن. ديرگهه = ڊيگهه] ڊگهو.
● ڊِ گهارڻُ: مصدر. [سن. دِيرگهه = ڊيگهه] ڊگهو ڪرڻ.
● ڊِ گهائيءُ ۽ ڊِ گهائيئُون: ث. [سن. ديرگهه = ڊيگهه] ڊيگهه - ڊگهارڻ - ڊگهائي - لمبائي - طول. اوچائي - مٿاهين - بلندي - لام.
- ڊِگهائيءُ ڦاڪَ ۽ ڊِ گهائيءُ ڦاڪُون: ث. ڌرتيءَ تي آتر قطب کان ڏکڻ قطب تائين ٻيل خيالي ليڪ (جا ڌرتيءَ کي ٻورا ٻه اڌ ڪري ٿي ۽ ڊگهائي ڦاڪڻ ڪُل ٣٦٠ آهن).
● ڊَکيھرائيين: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊِ کَهڙِي: اسم خاص. تعلقي ڏکڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِ گهلُ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڊگهو ۽ ڊگها: ذ. صفت. [سن. دِيرگهه = ڊيگهه] ڀانت ۾ وڏو - لمبو - لامبو - ٽينگ - ٽينگو - ڊگهه - طولُ - مٿي - اُتاهون - اُچو - اُتم - اعلي - وڏو - صدر.
- ڊِ گهاڻِ ۽ ڊِ گهاڻيُون: ث. ڊيگهه.
- ڊِ گها هَٿَ هُئَڻَ: ڀڄندي کهٽي هئڻ. ٻري جي ڀڄ هجڻ - طاقت هئڻ - اثر رسوخ هئڻ. ٻري جي دوستي هئڻ.
- ڊِ گهو ڏيَڻُ (ت): ڀاڻ کي معتبر سمجهڻ - وڏو ٿيڻ.
- ڊِ گهو رَسو ڏيَڻُ: ڍر ڏيڻ - آزادي ڏيڻ - ڇڙواڳي ڏيڻ. هر هڪ ڪم ۾ پوري اختياري ڏيڻ.
- ڊ گهو مَنڊرو چوَڻُ: بد شد ڳالهائڻ - ڦٽڪارڻ - جُٺ ڪرڻ. گهٽ وڌ چوڻ - لنڊڻ.
- ڊگهو گول ۽ ڊگها گول: ذ. آني جهڙي شڪل جو بيضوي گول.
- ڊگهيءُ ۽ ڊِ گهيئُون: ث. صفت. "ڊگهو" جو مؤنث.
- ڊگهي جهُلَ (ت): ث. لڪل عيب.
- ڊِ گهيءُ واڳَ هُئَڻُ: مرضيءَ جو مالڪ هئڻ (ٿوري وقت لاءِ) - آزاد هئڻ - خود مختيار هئڻ.
● ڊِ گهوشُ ۽ ڊِ گهوشَ: ذ. ڏسو "ڊِ گوشُ."
● ڊِ گهيرَڻُ: مصدر. [سن. دِيرگهه = ڊيگهه] ڊگهو ڪرڻ - ڊيگهه ڏيڻ - اينگهائڻ - ڊگهارڻ - وڌائڻ - لمبو ڪرڻ - طول ڏيڻ. ڦڪيڙڻ - ڦهلاءُ ڪرڻ - ڀسارڻ - وستار ڪرڻ. کولڻ - آکولڻ - آکوڙڻ - آکيڙڻ - و ڇائڻ - ڦٽڻ.
- ڊِ گهيرَ ۽ ڊِ گهيرُون: ث. ڊيگهه - اينگهه - طول - وڌاءُ - ڦڪيڙ - ڦهلاءُ - وستارُ.
- ڊِ گهيرَ ڪَرَڻُ: اينگهه ڪرڻ - وڌاءُ ڪرڻ. ڊيگهه ڪرڻ. گهڻن سان نانو وڪڻ - مائٽي وڌائڻ.
- ڊگهيرڙو ۽ ڊگهيرڙا: اسم تصغير. ڪجهه وڏيرڙو - اوچيرڙو.

Gul Hayat Institute

- ڊِکهيرو ۽ ڊِکهيرا: ذ. صفت. ڪجهه ڏکو- ڪجهه وڏو- ٽورو لمبو- وڏيرڙو- ڪجهه قداور. ڪجهه اوچو.
- ● ڊِکهيڙَڻُ: مصدر. [سن. دِيرگهه=ڊيگهه] ڊِکهيرڻ.
- ● ڊَلِ ۽ ڊَليُون (ت): [هه. دَلُ=لشڪر] ماڻهن يا ساهوارن جي وڏي ٽولي.
- ڊَلڙِ ۽ ڊَلڙُون: ث. ڊَلَ.
- ● ڊَلُ ۽ ڊَلَ: ذ. صفت. [انگ. Dull] بي سمجهه- ڪم عقل- ڪند ذهن. موڪو.
- ● ڊُلَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾).
- ● ڊُلُ ۽ ڊُلَ (ت): ذ. وَجههُ- داءُ- وارو- ٻُلُ.
- ● ڊُلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾).
- ● ڊِليوَرِي ۽ ڊِليوَرِيُون: ث. [انگ] تقسيم- ورهاست- ونڊ- ورڇ.
- ● ڊَمُ ۽ ڊَمَ: ذ. [ف. درم] سڪي جو هڪ قسم- درم- درهم.

"پنجين ڊمين دم، ڪڍجي ڪي سڄڻين"
(شاهه ڪريم).

ڏوڪڙ- پيسو. بدن تي ٽيل گهوڙهي- ڊَپڙُ. [انگ] وڏو دٻو- ڏول- پمپُ (لوهي). ٽاڪي ڪيڻ جو هڪ ڪورڪو اوزار- ڊرم.

- ● ڊَمُ ڪَرَڻُ: دفع ڪرڻ. ختم ڪرڻ.

"تون شافي تون ڪافي، تون دردن ڪرين ڊم"

- ● ڊَمبَڪَ ڊَمبو: ذ. (آواز). ڍُهل جو آواز- ڊَمُ ڊَمُ.
- ● ڊُمنِيُ ۽ ڊُمنِيُ: ذ. صفت. [مر. دمگهٽ] ٿلهو، ٻر قد جو بيندرو- ڊِمڪِي- ڊِمي- کهڪهڻي- ڊينبو.
- ● ڊَمُ ڊَمُ: ذ. (آواز). ڍُهل جو آواز- ڊمبڪ ڊنبو.
- ● ڊَميرِ ۽ ڊَميرِيُون: ث. هڪ قسم جي تمام ٿلهي ڇهه يا ست فوٽ ڪن ڊگهي بلا، جا اڪثر سارين جي ٻوڪ واري پاڻيءَ ۾ رهي.
- ● ڊَمرا: ذ. ڳاڙهي رنگ جون پٿريون (جي فقير پُوئي ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن)- حجرالدم.
- ● ڊَمڙا: ذ. ٻج جو هڪ قسم (رنگ ڳاڙهو ۽ شڪل مهريءَ جي داڻن جهڙي).
- ● ڊِميڪنُو ۽ ڊِميڪنا (ڪ): ذ. صفت. ڊمني.
- ● ڊَمنِ ۽ ڊَمنِيُون: ث. لانگ جو هڪ قسم- ڳاڙهي رنگ جي وڏي ۽ ٿلهي بلا.
- ● ڊَمنُ ۽ ڊَمنَ: ذ. گاهه جو هڪ قسم.
- ● ڊَمِيُ ۽ ڊَميُون: ث. ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم.
- ● ڊِنارَنس: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (شترمرغ جهڙو پکي، جو نيوزيلنڊ ۾ رهي ٿو. هو قد ۾ تيرهن فوٽ ڊگهو آهي. ڊنارس جو مطلب آهي "هيبتناڪ").
- ● ڊَنبَ ۽ ڊَنبُون (ڪ): ث. ڊوڙ جو هڪ نمونو. ماڻهن جو ميڙ- ڊنبلو- انبوهه- ٽولو.
- ● ڊَنبُ ۽ ڊَنبَ: ذ. ماڻهن جو ميڙ- مجموعو- ٽولو- اٽالو.
- ● ڊَنبِ ڊَنباڙو ۽ ڊَنبِ ڊَنباڙا: ذ. ڍڍبو.
- ڊَنبِ ڊَنباڙي سان: ظرف. ڍڍبي سان.
- ڊَنبُ ڪَرَڻُ: ميڙ ڪرڻ- ٽولو ڪرڻ.
- ڊَنبهو ڪَرَڻُ: گڏجي ڪوشش ڪرڻ- اچي سڄي ڪرڻ.
- ● ڊَنبرُ ۽ ڊَنبرَ: ذ. وڏو ۽ پراڻو چڙو- ڪرڪو.
- ڊَنبيرو ۽ ڊَنبيرا (ل): ذ. ڊنبرُ.
- ڊَنبرُ هجَڻُ: پوڙهو هجڻ.
- ● ڊَنبيڪو ۽ ڊَنبيڪا (ت): ذ. ٽاڪوڙو.
- ● ڊَنبلو ۽ ڊَنبلا: ذ. [سن. ڊنبر=ميڙاڪو] ماڻهن جو گوڙ- انبوهه- مجموعو- ميڙ- ڪٺُ- پينڊَ- گوڙ- خلق- پيڙ- مچو- هشام- پيهه- گَنڌر- ڇانگ- ٽولي.

Gul Hayat Institute

- ڊَنڀيلو ڪَرَڻُ: ميڙ ڪرڻ - ڪوڙ ڪوڻ - انبوهه ڪرڻ - گڏ ٿيڻ. ولر ڪرڻ - ٽولو ڪرڻ - گُلَرَ ڪرڻ.

● ڊَنڀُورو ۽ ڊَنڀُورا (ت): ذ. ڊنبرو.

● ڊَنڀُ ۽ ڊَنڀَ: ذ. [سن. دَنڀَ] ڏيکاءُ - وڏائي - مغروري - اهنڪار - پاکنڊ - مَڪر - ڪُپٽ - دَغا - فريب. چورائي ٽولي.

● ڊَنڀو ۽ ڊَنڀا (ڪ): ذ. پُنيسرو ڏَڪُ - چنبو - ڏڪ جو آواز.

● ڊَنڀُورُ ۽ ڊَنڀُورَ (ت): ذ. صفت. ڏکيو - ڪٺن - سخت - مشڪل. تيکو - تيز.

● ڊِنڀجاڙُ ۽ ڊِنڀجاڙَ (ت): ذ. صفت. بلڪل وڏو - طويل - لمبو.

● ڊَنڊ روٽيءَ: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊَنڊَڻَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊَنڊَمَرهياريءَ: اسم خاص. تعلقي ٽني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊَنڊَ ۽ ڊَنڊُون: ث. [هه. ڊَيا = ڍنيڍ] ڍنيڍ - پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ. گهڻو پاڻي - اجهاڳ پاڻي.

● ڊِنڊِڪَڻُ (ل): مصدر. روئڻ - شيءِ گهرڻ لاءِ ٻار جو روئڻ.

- ڊِنڊِڪَرَ ۽ ڊِنڊِڪَرُونءَ: ث. اوچنگار - ٻاڏ.

- ڊِنڊِڪو ۽ ڊِنڊِڪا: ذ. روڄ - پڪو - اوچنگار.

● ڊَنڊورو ۽ ڊَنڊورا (ل): ذ. [هه. ڊَنڊورا = پڙهو] پڙهو - اعلان - هوڪو - اشتهار.

● ڊَنڊولَڻُ (ت): مصدر. [هه. ڍُونڍَڻُ = ڳولڻ] ڳولڻ - تلاش ڪرڻ - ڍونڍڻ. ڪوشش ڪرڻ.

● ڊِنرُ ۽ ڊِنرُونءَ: ث. [انگ] کاڌو - ضيافت - دعوت.

● ڊَنگ ۽ ڊَنگُونءَ (ت): ث. واريءَ جي ڊِبَ جي چوٽي. بدنامي - گلا. چغلي.

- ڊَنگ ٿيڻُ: بدنامي ٿيڻ - گِلا ٿيڻ - شهرت ٿيڻ.

- ڊَنگَ ڊاهڻُ: ڪُوڙ هڻڻ - اجايون ڳالهيون ڪرڻ - افواهه اُٿارڻ - ٻٽاڪون هڻڻ.

● ڊِنگُ ۽ ڊِنگَ: ذ. صفت. [مر. ڍانڪل. سن. ڊِينَ. ڊِي = آڪاس ۾ وڃڻ] وڏو ماڻهو - شاهوڪار - امير. وڏو - جُنگُ. شوخي - وڏائي. پکين جو وَلرُ.

- ڊِنگبرُ ۽ ڊِنگبرَ: ذ. صفت. وڏو ماڻهو. آتاهون - آچو - مٿاهون - اعليٰ.

● ڊَنگ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ضلعي ۾).

● ڊِنگاڙو: اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِنگرالو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊُنگيُ ۽ ڊُنگيُونءَ (ڪ): ث. ٻار جي پينگهي مٿان ٻڌل نوڙي يا ڪاٺي (جنهن تي کڙو وجهبو آهي ته ٻار جي مُنهن تي مکيون نه وِهن).

● ڊِنگهرُ ۽ ڊِنگهرَ: ذ. پير يا ٻني ڪنهن ڪنڊائين وڻ جو ٽارُ.

● ڊَنُو ۽ ڊَنا (ڪ): ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

● ڊِنو ۽ ڊِنا: ذ. صفت. [هه. ڊَرُنا = ڊڄڻ] "ڊڄڻ" مصدر جو ماضي - ڊڄيو - ڊڄي ويو - هراسجي ويو.

- ڊِلو ٿيڻ (ت): چپ ڪري ويهڻ - ميسوٽو ٿيڻ.

- ڊِنُو ڀَهُ ڪَرَڻُ: دورانديشي ڪرڻ - اڳواٽ آپاءُ ڪرڻ.

- ڊِنُو ڊَپُ ڪَرَڻُ: دورانديشي ڪرڻ - اڳواٽ آپاءُ ڪرڻ.

● ڊِنيُ ۽ ڊِنيُونءَ: ث. ڊِبَ - ڊِڙو - ڏلو - ٽپو - لوڙهه. راهَ - ڪندو - ٿهو - ڍِڳ - لوڙُ - ڍيرُ - انبوهه - ڍِڪي - دَڙو.

● ڊَٿانڀو ۽ ڊَٿانڀا: ذ. وڏو خرچ - بي فائدو خرچ.

Gul Hayat Institute

● ٻڻ ٻڻ ڪَرَڻُ: تنگ ڪرڻ.

● ٻُٺُو ﺻ ٻُٺَا: اڻ ڪليل سِپَ ـ وڏي ڪوڏي (ل). ڪاٻر گول شئي ـ ٿلهي شئي ـ گولو ـ ڳوڙهو. ٻُوٺو.

● ٻٺولبُ ﺻ ٻٺولبَ: ذ. وڏي ڪَڏ پاڻيءَ سان پريل ـ تلاءُ جو وچ.

● ٻُٺِيُ ﺻ ٻُٺِيُونُ: ث. گولي.

● ٻُوَبارَڻُ (ت): مصدر. مٿان پٽڻ ـ اڏوگابرو پٽڻ (گاهه وغيره).

● ٻَوُبيڪَيُ: اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات جو نالو، جيڪب آباد ۾ رهن ٿا.

● ٻوتُ ﺻ ٻوتونُ (ڪ): ث. ڪيڪار ـ مرحبا ـ چَسي.

ـ ٻُوت ڏِيَڻُ: هٿ ملائڻ ـ ڪيڪارڻ ـ چَسي ڏيڻ.

● ٻوتيرُ ﺻ ٻوتيرَ (ل): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. هڪ پکيءَ جو نالو.

● ٻوڏِ ﺻ ٻوڏُون (ت): ث. ڪوپري ـ ڪيپراٽي ـ روڏِ.

● ٻوڏو ﺻ ٻوڏا (ت): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. وڏو جابلو ڪانءُ.

● ٻوٻُ ﺻ ٻوٻَ (ت): ذ. ٻوهه ـ دغا ـ مڪر ـ فريب.

ـ ٻوٻ ڪَرَڻُ: ٻوهه ڪرڻ ـ دغا ڪرڻ.

● ٻوٻَ اِٽيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ٻوٻِ ٻلارو ﺻ ٻوٻِ ٻَلاَرا: ذ. صفت. ڪوجهو ـ بي زيبو ـ بدصورت ـ روپ هيڻ ـ دَوَڙُ ـ مَوَڙُ ـ ڪُروپُ ـ بدشڪل. بڇڙو ـ خراب ـ ڪنو ـ مڪروهه ـ نفرت انگيز.

● ٻوٻو ﺻ ٻوٻا: ذ. خواري ـ بدنامي.

ـ ٻوٻو ڪَرَڻُ: بدنام ڪرڻ ـ خواري ڪرڻ.

● ٻوٻِيَڻُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ٻوٻو ﺻ ٻوٻا: ٿُلهي ۽ اٽي ماني.

● ٻوَراٽَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٿرپارڪر ضلعي ۾).

● ٻوڙُ ﺻ ٻوڙا: ذ. ڏاڙو ـ ڦُر ـ لُٽ.

ـ ٻوڙو ﺻ ٻوڙا (ت): ذ. مال جو ڏاڙو.

● ٻوڙڻُ: مصدر. [هه. دوڙنا: سن. ٻ روَڻ = ٻ وڙڻ] ٻوڙ پائڻ ـ تکو ڀڄڻ ـ ڊُڪڻ. هڙي ڪرڻ (ت).

ـ ٻوڙَ ﺻ ٻوڙُونُ: ث. ڀَڄَ ـ ڊُڪَ ـ لُوهَه ـ ڇُهي ـ ڀاڄ. ڀڄ ـ ڀڄندي؛ جيئن:
"ڪوڙي جي ٻوڙ ڪُڏ تائين."

ـ ٻوڙائِڻُ: مصدر. جلدي هلائڻ ـ تکو هلائڻ ـ ڀَڄائڻ. جلد موڪلڻ. روانو ڪرڻ. ٿَڪائڻ ـ محنت ڪرائڻ. حيران ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ ـ ٿڪائڻ.

ـ ٻوڙَ ڊُڪَ ﺻ ٻوڙُون ڊُڪُونُ: ث. ڀڄ ٻوڙ ـ ڀڄ ڊُڪ ـ وٺ پڪڙ ـ هڻ وٺ ـ وٺ ڀڄ ـ اچ وڃ؛ جيئن:
"شاديءَ جي ڊُڪ ٻوڙ ۾ لڳا پيا آهيون".
اجائي تڪڙ ـ تڙ تڪڙ ـ هنگ تيرڪان ـ هٻڙ هٻڙ ـ ٻربلائي ـ سيکهه ـ جلدائي. هنبوس ـ گوڙ ـ گهمسان ـ هُلُ. ڦتڪو ـ تڙق ـ ڦڙڪو ـ بي آرامي ـ بيقراري. آزي نيزاري ـ ميڙ منٿ. ڪوشش ـ سعيو ـ حيلو حوالو. بند و بست ـ انتظار.

ـ ٻوڙ ڊُڪ ڪَرَڻُ: ڀڄ ٻوڙ ڪرڻ ـ ڪوشش ڪرڻ ـ تڪڙ ڪرڻ.

ـ ٻوڙَڻُ ڊُڪڻُ: ڪوشش ڪرڻ ـ ڀڄڻ.

● ٻوسيڪو ﺻ ٻوسيڪا (ت) ذ. پِٽَ ـ روڄ ـ راڙو ـ ماتم ـ واءِ ويلا.

● ٻُوسَڻُ ﺻ ٻُوسَڻَ (ل): ذ. صفت. تمام ٿُلهو.

● ٻوشُ ﺻ ٻوشَ (ڪ): ذ. [سن. دروهه = دغا] بڪواس ـ واهيات گفتگو. ٻوهه ـ دشمني. (ت) مهانڊو ـ صورت ـ شڪل.

ـ ٻوش ڏِيَڻُ (ڪ): بڪ بڪ ڪرڻ ـ واهيات ڳالهه ڪرڻ.

● ٻوشڪَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾).

● ٻوڪَ ﺻ ٻوڪُونُ (ت): ث. صفت. گهٽو پٽڙو ـ چڊو ـ ڀاڪو ـ ڀاهو (پيٽ يا پوڙ وغيره).

Gul Hayat Institute

● ڊُوڪَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊُوڪَانُ: ث. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (منهن آڌو ڊيڍ فوٽ جو سگ، جنهن جي پنهي پاسي چوٽين ۾ اکيون، قد ٽن ڪان پنج فوٽ ۽ سندس ٻچي جو نالو انٽڙي).

● ڊوڪَانڊُ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊُوڪَارَڻُ (ل): مصدر. آواز ڪرڻ - پڪارڻ - سڏڻ.

- ڊُوڪَارَ (ل) ۽ ڊُوڪارَڻُ: ث. وات سان ڪيل آواز - سڏُ - پُڪارَ.

● ڊوڪَڻُ: مصدر. [هہ. دوڙنا: سن. د رَوَڻَ = دوڙڻ] تکو پڄڻ - ڊُڪڻ - ڊوڙڻ.

- ڊوڪَ ۽ ڊوڪُونَ: ث. ڊوڙ - ڊُڪ - ڀاڄ - ڇهي - هڙي (ت).

- ڊوڪائِڻُ: مصدر. ڊوڙائڻ - ڀڄائڻ - ڊُڪائڻ - تکو هڪلڻ.

- ڊوڪَ پائِڻُ: ڊوڙ پائڻ - تکو ڊوڪڻ - ڊُڪڻ - ڀڄڻ.

- ڊوڪيٽُو ۽ ڊوڪيٽَا: ذ. صفت. ڊوڙڻو - ڊُڪڻو - ڀڄڻو. تکو - ڇهو.

- ڊوڪو ۽ ڊوڪَا: ذ. صفت. ڊوڙڻو - ڊڪڻو - ڀڄڻو - تکو ڊوڙندڙ - تکو - ٽڪڙو - تيز - جلد باز - چوٽ - ڊوڪڻو.

● ڊوڪيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊوڪيَا: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ واهه جو نالو.

● ڊوڪرُ ۽ ڊوڪَرَ (ت): ذ. صفت. بيڪار - نڪمو. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

● ڊوڪَڻُ (ڪ - ل): مصدر. ڏسڻ - اسڪڻ - جاچڻ - نظر ڪرڻ.

- ڊوڪَ ۽ ڊوڪُون: ث. سماءُ - سڌ - خبر - نظر - نگاهه.

- ڊوڪَا ۽ ڊوڪَائُونَ: ث. نگاهه - نظر - نهار. جاچ - خبر. پتو - نشان.

- ڊوڪَا ڪَرَڻُ: نظر ڪرڻ - جاچ ڪرڻ.

- ڊوڪَائُ ۽ ڊوڪَاءَ: ذ. ڊوڪا.

● ڊُولَ: اسم خاص. تعلقي لُنل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊَولُ ۽ ڊَولَ: ذ. [سن. دروري = سينگار] ڍنگ - نمونو - وجهه - ڍب - ريت - طرح - قسم - وانگر. طور - طريقو - رستو - طرز - گهاٽ گهاڙ. شڪل - صورت - ڏانءُ - روپ - ويس - حالت - دستور. رواج - چالو - روش - پرويز - وٿيرو - پَرَ. اڪشو - خاڪو - اڏاوت - بيهڪ - ڏيک - ويک - سجاوت.

- ڊولائيتو ۽ ڊولائيتَا: ذ. صفت. ڊول جو - طور وارو - طريقي وارو - نموني وارو. دستور وارو - پَرِ وارو - ڍنگ وارو - ريتائتو. سٺي بيهڪ وارو - سهڻي نموني وارو - ڏيک ويک وارو - زيبائتو - مورتوند - ڻاهوڪو - سجائتو. سهڻو - سوچارو - شڪيل - خاصو.

- ڊوليبازُ ۽ ڊوليبازَ: ذ. صفت. نمونو ڪندڙ - ڍنگباز - هنري - ٺڳ - دولابي - دوکيباز - چالباز. حرفتي - هوشيار - چالاڪ.

- ڊوليبازِي ۽ ڊوليبازيُونَ: ث. نموني بازي - ڍنگبازي - چالبازي - دوکيبازي - ٺڳي - مڪر - فريب - چالاڪي - حرفت - اٽڪل - هوشياري.

● ڊُولُ ۽ ڊُولَ (ل - ت): ذ. چلم يا حقي جي ڦل يا ٽوپيءَ کي ڍڪڻ لاءِ لوهه جو مخروطي نموني جو ڍڪ. مڇيل پوت - سُوٽل مُنهن - شڪل - مُهانڊو.

- ڊُولُ ٻِلاڙو ۽ ڊُولُ ٻِلاڙا (ڊُولُ ٻِلاڙو ۽ ڊُولُ ٻِلاڙا): ذ. صفت. ڪوجهو - بدزيبو - بدصورت - بدشڪل - بدنما - روپ هيڻ - دَوَڙُ - مَوَڙُ - ڪُروپ. بڇڙو - خراب - ڪينو - مڪروهه - نفرت انگيز.

- ڊُولُ شڪِلِ: ذ. صفت. ڊُوَل جهڙو - مخروطي - گانءِ پڇو.

- ڊُولُو ۽ ڊُولا: ذ. صفت. مُنهن سُوٽل - پُوٽ سُوٽل - چپن ٿلهو - چپن لڙيل - بدشڪل.

Gul Hayat Institute

- ڊُولا ڪَرَڻُ (چَپَ): چَپَ سُڄائڻ - منهن ٻُچڙو ڪرڻ - مُنهن سُڄائڻ.

● ڊُولا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊوليا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊولِيئڙُ ۽ ڊولِيئڙَ (ل): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● ڊُوُمُ ۽ ڊُوُمَ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - ليڪِڙو - لکنڊڙ - دوم. (اسم خاص) ميراثي - وڄت وارو - کهٽ ذات وارو ماڻهو.

● ڊومُبرِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لوابشاهه ضلعي ۾).

● ڊُومُبڪيُ: اسم خاص. بلوچ قوم جي هڪ ذات جو نالو (جنهن جا ڏهه پاڙا آهن: ١. ميرازئي ٢. آدماڻي ٣. پڻافي ۴. بوزدار ٥. گشڪوري ٦. گولاٿا ٧. گدواڻي ٨. گِبول ٩. گجاڻي ١٠. لُنڊ، جي اتر سرحد سنڌ ۽ سکر ضلعي ۾ رهن ٿا).

● ڊُوُميڪيُ: اسم خاص. ڊومبڪي.

● ڊوُمَڻُ ۽ ڊوُمَڻَ (ڪ): ذ. برتن - ٿانءُ.

● ڊوُمَڻُ واههُ: اسم خاص. حيدرآباد شهر ۾ هڪ گندي پاڻيءَ جو واهه، جو شهر جي ننڍين ڪسين ۽ نالين جو گندو پاڻي ڪٺي وڃي ڦليليءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

● ڊُومَڻُ (ڪ): ذ. وڻ جو هڪ قسم.

● ڊُونُبُ ۽ ڊُونُبَ (ت): ذ. صفت. تمام وڏو - ڊگهو - لمبو.

- ڊُونُبَڪُ ۽ ڊُونُبَڪَ: ذ. صفت. 'ڊُونُبُ' جو اسم تصغير. ڪجهه وڏو - وڏ پرڙو.

- ڊُونُبَڻُ ۽ ڊُونُبَڻَ: ذ. صفت. ڊُونُبُ.

● ڊُونُبِڪيُ ۽ ڊُونُبِڪيُون (ت): ث. خوشيءَ مان ٽپ يا ڇال - ٺينگ.

- ڊُونُبِڪيُون هڻڻُ: خوشيون ڪرڻ - ڇال هڻڻ - ٺينگ ڏيڻ.

● ڊُونُڊُ ۽ ڊُونُڊَ: ذ. [سر. ڊونسي. سن. درونِي = ٻيڙي] دريائي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - وڏو ٻيڙو - ڊُونُڊو. وڏو پيٽ - ڍِڍُ (ل).

● ڊُونُڊا (ت): اسم خاص هڪ ذات جو نالو.

● ڊُونُڊِڙو ۽ ڊُونُڊِڙا: ذ. صفت. ڇيلهه ڪُبو - ڪُبڙو - ڏِنگو - نميل.

- ڊُونُڊِڙو ٿيِ چڙهَڻُ: ڪُبڙو ٿي چڙهڻ - ريڙهيون پائي چڙهڻ - گسري چڙهڻ - لِڪي چڙهڻ.

● ڊُونُڊِڪيُ ۽ ڊُونُڊِڪيُون (ڪ): ث. پيري يا ڪمزوريءَ سبب ڪُبائي - ڪُبڙائي - ڏنگائي - ڊونڊڙائي.

- ڊُونُڊِڪيُن پِر هلَڻُ: هٿن پيرن تي رڙهڻ - مس مس رڙهڻ. تمام پيرسن ٿيڻ - هڏ لاچار ٿيڻ.

● ڊُونڊَڻَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور رياست ۾).

● ڊُونُڊو ۽ ڊُونُڊا (ل): ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍڙي ۾ ننڍڙو مڇوڻو (جنهن ۾ ٻه ماڻهو ويهي سگهن). مڇي مارڻ جي ٻيڙي. وڏو ٻيڙو - ڊُونُڊُ. (صفت) وڏي پيٽ وارو ماڻهو. ٿُلهو ماڻهو. وڏو - قداور - پهلوان. ڏِنگو - ڪُبڙو - ڊونڊڙو (ت). پيچل سگهن وارو ڍَگو - سوڏو ڍِگو. [هه. ڊُونڊو = موڏو].

● ڊُونُڊِيُ ۽ ڊُونُڊِيُون (ڪ-ت): ث. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍڙي ٻيڙي - زورق. بار ڪڻڻ واري ننڍي ٻيڙي - ننڍي ٻيڙي (واڻ) - ماڻهن لاهڻ لاءِ مددگار ٻيڙي. جيئن: "ٻيڙيءَ" لاءِ هوڙيئين واڻ جي "ڊونڊي". ڪتار - ننڍي ڪوٽل.

- ڊُوُنڊَيارو ۽ ڊُوُنڊَيارا: ذ. صفت. ڊولڊي هلائيندڙ - ناکئو.

● ڊُوُنڊِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊُوُنڊُ ۽ ڊُوُنڊَ: ذ. ڪينُ - گند - ڪچرو. مُئل جانور.

- ڊُوُنڊِيُ ۽ ڊُوُنڊِيُون (ت): ث. ڊونسي.

● ڊُوُنَڊَڻُ: مصدر. ڳولڻ - ڦولڻ - ووڙڻ - واڻڻ - جاچڻ - کوجڻ - سوجهڻ - ڏورڻ - تلاش ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● ٻَوُنٿو ع ٻَوُنٿا (ت): ذ. صفت. جنگهن ڦريل - ڦيڏو. ڦد جو ننڍو ۽ ٿلهو - گهمٽي - ٻمٽي.

● ٻَوُنگُ ع ٻَوُنگ: ذ. ٻتاڪ - لٻاڙ - ٻاڙ.

- ٻَوُنگيُ ع ٻَوُنگيُ: ذ. صفت. ٻتاڪي - ٻاڙي - لٻاڙي.

● ٻَوُنگا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (هندن جي تاريخ ص. ٢١١).

● ٻُوُنگَرُ ع ٻُوُنگَرَ: ذ. ٻسُنبد - دوکي.

● ٻَوُنگَلُ ع ٻَوُنگَلَ: ذ. اجايو ڳالهائڻ - ٻڪواس - واهيات ڳالهه - ڊونگل.

- ٻَوُنگَلُ آچِڻُ: اجايا لفظ ڳالهائڻ - ڊيڪ ڏيڻ.

- ٻَوُنگَلُ هَڻَڻُ: بيهودو ڳالهائڻ - ڊيڪ ڏيڻ - اجايا ٽٽ ڏيڻ - ٻڪواس ڪرڻ. ٻتاڪ هڻڻ - ٻاڙ هڻڻ.

● ٻَوُنگيلي ع ٻُوُنگيلي: ذ. صفت. ڏسو 'ٻَوُنگيُ'.

● ٻونگيجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ضلعي ۾).

● ٻُونمَڻُ ع ٻُوُنمَڻَ: ذ. ٽولو - ٿان - ٻرتن - ڪشڪول.

● ٻوٿو ع ٻوٿا: ذ. ٻُت تي موچ سبب ٿيل ڦوڙهو - ڦوڙهي - ٻٿو.

● ٻُوُهَہُ ع ٻُوُهَ: ذ. آتر طرف هڪ تاري جو نالو - تارو. (صفت) هڪ هنڌ بيٺل - غيرمتحرڪ - نيسُچل - آچَلُ - اسٿر - ٿانئيڪو - ماڳائتو - هندائتو - ٿانئتو - قائم.

● ٻُوهاڙ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ٻوهڙو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ٻوهَڻُ: مصدر. [سن. دورهه. پرا. دوهه] ڪوٽ ڪرڻ - دغا ڪرڻ - ٺڳڻ - ويساهڻ - ڦسلائڻ - ٻلائڻ - پنپ لائڻ - پلائڻ - گمراهه ڪرڻ - ڀرمائڻ - وَرُمائڻ - ڳدي ڪرڻ.

- ٻوهَہُ ع ٻوهَ: ذ. ٺڳي - دغا - فريب - دولاب - حرفت - مڪر - ڪوٽ - ڪپٽ - ترڪٽ - دوڪو - چِل - چِلُ وَلُ - ويساهه گهاتي. دشمنيءَ جو تعويذ ڦٽل. گُهٽ - آڳم - (ڪ).

- ٻوهَہُ ٿيڻُ: ٺڳي ٿيڻ - دغا ٿيڻ. ڪامڻ ٿيڻ.

- ٻوهَہُ ڏِيَڻُ: دغا ڏيڻ - ٺڳي ڪرڻ.

- ٻوهَہُ ڪَرَڻُ: ٺڳي ڪرڻ - فريب ڪرڻ - دولاب ڪرڻ - ڪامڻ ڪرڻ - پڙهيا وجهڻ.

- ٻوهَہُ وِجهڻُ ڪامڻ وجهڻ.

- ٻوهو ع ٻوها: ذ. صفت. ٺڳ - دغا باز - دلبائي - چلباز - دولابي - ترڪٽي - ڪپٽيو - مڪرباو - فريبي - ڦند باز - چنبباز.

- ٻوهيُ ع ٻوهيُ: ذ. صفت. ٺڳ باز - مڪار.

- ٻوهيون ع ٻوهيا: ذ. صفت. ٻوهو.

● ٻوهڻُ: مصدر. بار کڻڻ - بار کڻي وڃڻ - هڪ هنڌان ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ - کڻڻ - نيڻ - ڍوئڻ.

● ٻُوُهڻُ: مصدر. ٻوهه ڏيئي ڇڪي کڻي وڃڻ (اصطلاحاً - کائي وڃڻ) جيئن:
"امانت ڌرتي ۾ نہ ٻُوهي".
زور سان ڇڪڻ - ڪينچڻ - ڪسڻ. زور سان پٽڻ. آڇلڻ - ڦٽو ڪرڻ.

- ٻُوُهہ ع ٻُوُهون: ث. ڪشش - ڇڪ - ٽاڻ. سوٽَ. ٻتاڪ. ٻوڙَ - ٻُڪ - ڇُوهَ - لُوهَ - جهڙپ. ملهه وڙهڻ جو هڪ انگ. خراب هوا - طوفان - رنو - راڻو.

- ٻُوُهہ ڏِيڻُ: ڪوڙ هڻڻ - ٻتاڪ هڻڻ - ٻاڙ هڻڻ - ڳالهه وڌائي ڪرڻ. تيل لائي هٿ جي تريءَ سان مهٽڻ - آڏڻ.

- ٻُوُهہ ٻُوُهان ڪَرَڻُ: ڏاڍو زور ڀرڻ. گهٽو ڇڪڻ.

● ٻوهو ع ٻوها: [سن. دُروهَ =] ميينهن جي موسم ۾ تيز ٽڪو - برسات جا آثار - آڳم - جهُڙ (ڪ). دڙو - ڍڳ - ڍوئي (ت - ل).

Gul Hayat Institute

● ڊوهيُ ۽ ڊوهيئون: ث. قسم - سَنهن - سوڳند - واسطو - ساک [هہ. دهائيُ]. قسم ڀڃڻ - جهل روڪ. ڳنڍ جو ڊير - ڪچري ڳنڍ ٿيڻ جي جاءِ - ڊوئي.

- ڊوهيُ وجهڻ: قسم ڏيڻ - سَنهن وجهڻ - سوڳند وجهڻ.

● ڊوَيارُ (ت): ذ. وڻ جو ٿلهو ٽڙ.

● ڊوِيڙَنَ ۽ ڊوِيڙنون: ث. [انگ] ملڪ جو پاڳو - علائقو. حصو.

● ڍَهَ ۽ ڍَهون: ث. [سن. دَمبُ = ڏِڪو] هلان - ٽيلهو - ڏِڪو. ڍڳيءَ جي ڪير ڏهڻ وقت لت - متي جو ٽڪرُ - ڍِبهه - ڍِهَ (ت) ٽُونو. پارن ڪي ٽيندڙ دستن جي بيماري - دست (ت). (اسم خاص) فيڊرل ايريا ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڍَهَ نه جهلڻ: ڏڪ نه جهلڻ - ٽيلهو به نه سهڻ.

● ڍِهَ ۽ ڍِهون: ث. [سن. دَمبُ = ٽيلهو] ڄُلهه - ڪاهہ - حملو - هلان. سڱن سان هنيل ڏڪ - ٽَڪر - ٽونو. ڏڪ - ٽيلهو - آڪلَ.

- ڍِهون ڏيڻ: ڪاهون ڪرڻ - سٽون ڏيڻ - زور ڏيڻ.

● ڍِهُ ۽ ڍِهَ (ت): ذ. ڍِڳُ - ڍِيرُ - انبارُ. ٽُونو.

● ڍَهَا (ت): اسم خاص هڪ ذات جو نالو.

● ڍَهَجڻُ: مصدر. ڍهڻ. ڪِرڻ - ڪري پوڻ - ڍانڍڄڻ. ناس ٿيڻ - چَٽُ ٿيڻ.

● ڍَهيجڻُ (ت): مصدر. رسڻ - پهچڻ - ملڻ - ڍَهڻ.

● ڍَهہ چُورِ (ڪ): ظرف. آمهون سامهون ٻانهن ۾ ڳنڍجي وڃڻ جي حالت - ڳنڍجي - جانيوتجي. هٿين پئجي.

● ڍَهرُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڍَهڪَلُ ۽ ڍَهڪَلَ (ل) ذ. مينهن جو ڪڄهه وسڪارو.

● ڍَهيلڻُ (ت): مصدر. ڪسڻ - ڦرڻ - ڦٽڻ - چيڙڻ.

● ڍَهينڊيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڍَهڻُ: مصدر. [سن. ڌونه] ڪري پوڻ - ڪِرڻ - ڍڄي پوڻ - ڀَٽَ تي ڪِرڻ - ڍهي پوڻ - سهڻ - ليٽڻ - اونڌو ٿيڻ - ورلڻ. نابود ٿيڻ - چٽ ٿيڻ - ويران ٿيڻ - ختم ٿيڻ - برباد ٿيڻ - پڙڻ - ميٽجڻ - ميسارجڻ.

- ڍَهي پوڻُ: ڪري پوڻ - ڍَهڻ - ڍيري ٿي پوڻ. پڄي پوڻ - پِري پوڻ - ميڙجي وڃڻ.

● ڍَهڻُ: مصدر. ملڻ - عطا ٿيڻ - پلئه پوڻ.

● ڍَهو ۽ ڍَهَا (ل - ڪ): ذ. ٿوري پاڻيءَ واري ڳڏ - ڇَڏو - ڏُهو. ڍِبَ - ڏڙو - ڏَنو - ٽُهو - لوڙهَہ. (اسم خاص) تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڍَهَا وَهڻُ: پتڙا دست ٿيڻ (ننڍڙن ٻارن ڪي).

● ڍِهو ۽ ڍِهَا: اسم خاص. اتر سنڌ ۾ هڪ قبيلي يا ذات جو نالو - تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● ڍَهوڍَهہ (ت): ظرف. آمهون سامهون - روبرو - ڍوبدو.

- ڍَهوڍَهہ ٿيڻُ: روبرو ملڻ - ڍوبدو ٿيڻ. اتفاق سان ڳڏجڻ.

- ڍَهومُ ڍَهيُ (ڪ): اوچتي ڳڏ جائي - اوچتي ملاقات - اوچتو ميلاپ.

● ڍُهيُ ۽ ڍُهيئونُ (ل): ث. اَٽ جي وِهڻ جي جاءِ پاڄهريءَ جي ٿهيءَ - ٿُهہ.

● ڍُهيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نوابشاهہ ضلعي ۾).

● ڍُنُو ۽ ڍُنَا (ڪَ): ذ. ڍَهو.

● ڍُنُون ڍُنُونُ (ل): آواز. ڍُهل جي وڄڻ جو آواز.

● ڍُنيءَ ۽ ڍُنيُون (ل): ث. جُونڙ جي پوک جي لاباري ڪان پوءِ ڪانن جو وري ڦوٽهڙو.

Gul Hayat Institute

● ڊرِٻَ ۽ ڊرِٻُون (ل): ث. پُٺن ۾ هنيل ڏاڍي مُڪَ - ڌڪَ.

● ڊرِٻڪَ ۽ ڊرِٻڪُون: ث. [سن. ڊرِنُڊِمِ] مدارين يا بازيگرن جي ننڍي ڊڪواز - ڊُهلڙي - ڊبڪي.

- ڊرِٻڪِي ۽ ڊرِٻڪِيُون: ث. ڊرِٻڪ.

● ڊرِٻو ۽ ڊرِٻا (ل): ذ. سارين ڏرن جي جنڊ جو ڪلر مان ڏهيل هينيون پڙ - ڊبو. (اسم خاص) تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊرِٻوڙِي: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊرِيتَ تيسَ (ت): جين پوت ڏسڻ.

● ڊرِيٺو ۽ ڊرِيٺا (ت): ذ. صفت. ٻيندرو - ڊٺي.

● ڊرِيٺُ ۽ ڊرِيٺَ: ذ. صفت. [سن. درشت = هوڏي] بهادر - همت پريو - دلير - بي ڊپو - بي پڙ - چاتيءَ وارو - بيباڪ - نِڊرُ - بي پرواهه. شوخ - گستاخ - بي ادب - اُرلچو - بي ساڳاهو. مَنترُ - اتُرُ - نيترُ - هوڏي.

- ڊرِيٺائِي ۽ ڊرِيٺايُون: ث. بي ادبي - شوخي - گستاخي. نترائي - ڪَڏ - بهادري - دليري.

● ڊرِيڀو ۽ ڊرِيڀو: ذ. [انگ] واپار جو هنڌ - دڪان - ڪوٺي.

- ڊرِيڀو لڳِي وَڃَڻُ: عام جام ٿيڻ - گهڻي انداز ۾ ٿيڻ - سُڪار ٿيڻ. جيئن:
"هر هنڌ مال جا ڊيپو لڳي ويا آهن".

● ڊرِيڄارَڻُ: مصدر. [سن. در = ڊڄڻ] ڊپ ڏيارڻ - خوف ڏيارڻ - ڌهڪائڻ - ڏرائڻ. تاهڻ - ڏڪائڻ - ڪنبائڻ. دڙڪو ڏيڻ - دمڪي ڏيڻ - هيسائڻ - ڏَيائڻ.

● ڊرِيڄو ۽ ڊرِيڄا: ذ. ڊڄ - ڊپ - ڀؤ - ڏرُ - سنڪوچ - پيتا. تاب - آڌڪو - هراس - انديشو. دهشت - هئبت - ڏڪو.

- ڊرِيڄيڙو ۽ ڊرِيڄيڙا: ذ. خوف - ڊپ - ڀؤ - بارائي بيماري، جنهن ۾ ٻار گهڻو روئي - چيرڪَ.

= ڊرِيڄو ۽ ڊرِيڄو: ذ. صفت. ڊڄڻو.

● ڊرِيداتا (ت): اسم خاص. ڀيلن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڊرِيدِسَتوُ (ت): اسم خاص. هڪ ڍور جو نالو.

● ڊرِيدڪِي: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊرِيڊَ: اسم خاص. هندن جي هڪ گهٽ ذات جو نالو - شڪاري.

● ڊرِيڊُ ۽ ڊرِيڊَ: ذ. ڀاليدي پکيءَ جو هڪ قسم (ڳيري جهڙو، رنگ ميناڻون ۽ ڪلُ جي پُونن ۾ رهي) - ڊيڊڙو (ل). مُردار ڪائيندڙ - شڪاري - ئوري.

● ڊرِيڊِي ۽ ڊرِيڊِيُون: ث. هُرلي جو هڪ عضوو - پانديءَ جو مهڙو (ل). گهوڙي گاڏيءَ جو هڪ عضوو - قيٺي ۾ سرائيءَ کي جهليندڙ ڪاٺ جو ٽڪر - تر (ت). لوهه جو چورس يا گول ننڍڙو اوزار (جنهن تي ڪا لوهي شيءِ رکي سَلُ ڪيو وڃي) - ئَٺُ (ت).

● ڊرِيرُ ۽ ڊرِيرَ: ذ. رهڻ جي جاءِ - ڊيرو - ديرو - ڏيرو.

- ڊرِيرو ۽ ڊرِيرا: ذ. ديرو - ڏيرو.

● ڊرِيرانبو ۽ ڊرِيرانبا: بيزاري - ڪاهارو - ورچ - ڪپت - ڪاسارو - خفو - ڪرڪسو - ڪيٽپٽ. پتوڙ - پچاڙ - گينداڙ - دقت - گهَل - پريشاني - گنتي - فڪر.

● ڊرِيرڙو ۽ ڊرِيرڙا (ت): ذ. طبيعت جو هلڪو - هلڪڙو - ترڙو. ڪميڻو - نالائق.

- ڊرِيرڙائِي ۽ ڊرِيرڙائِيُون: ث. هاڪائي - ترڙائي - نالائقي - ڪميڻپ.

● ڊرِيڙَ ڏيڻُ (ڪ): ٻَٽاڪ هڻڻ - ڊاڙ هڻڻ - لاف هڻڻ - ٽَٽ ڏيڻ - وڏائيءَ جو ڳالهائڻ. پنهنجي ناموس ڪرڻ.

● ڊرِيسڪَ ۽ ڊرِيسڪُون: ث. [انگ] ننيڙي ميز.

● ڊرِيشَ ۽ ڊرِيشُون: ث. [سن. درس = ڳالهائڻ] ٻٽاڪ - ڊاڙ - لپاڙ - لاف - ڦوند.

ڏولڪل - ڀتو - زتو - ڪشو. ٽانءَ جو هڪ قسم - ڏام چيني واري ننڍي ٿاري - پيالي.

- ڏيڻشرو ۽ ڏيڻشرَ: ذ. صفت. ٻٽاڪي - ڏاڙي - لپاڙي - ڦوندڙو. گشائي - زٽائي.

- ڏيڻش هڻڻ: ٻٽاڪ هڻڻ - ڏاڙ هڻڻ - لپاڙ هڻڻ - لاف هڻڻ.

● ڏيڻشڪ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏيڻڪارو: اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏيڻڪا مالي: ذ. ريال جو ڏوپ (جو گرڊينيا - ليوسيڊا ۽ ٻيا پيدا ڪن).

● ڏيڻڪڻ: مصدر. [س. ڏنڪ = ڏڪڻ] ڏوڙڻ - ڏڪڻ - پڄڻ. هلاڪ ٿيڻ - تڪليف ۾ اچڻ. راند ۾ گهڻو وقت آگ ڏيڻ - ٿيڪڻ - ٽڪجي پوڻ - ورچي پوڻ. ٿيت ڏيڻ - ڪوڙ ڳالهائڻ.

- ڏيڻڪ ۽ ڏيڻڪون: ث. ڏڪ - ڏوڙ. ست - جهٽ.

- ڏيڻڪ ڏيڻڪ: ث. پيچ ڏوڙ - آت ويهه - هل هلان.

- ڏيڻڪ ڏيڻڪ ڪرڻ: هيڏانهن رلڻ - اجايو رلڻ.

- ڏيڻڪ ڏيڻڪان: ث. ڏوڙ ڏڪ - هل هلان - اڄ وڄ. سخت محنت.

- ڏيڻڪوڙو ۽ ڏيڻڪوڙا: ذ. ڀاڄ - ڏوڙ.

● ڏيڪو ۽ ڏيڪا (ڪ): ذ. ڇت جي ڪام ڪي وري هيٺان ڏنل ڪاٺي - ضامن.

● ڏيڻگل: اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڏيگهه ۽ ڏيگهون: ث. [س. ڏيرگهه = ڏيگهه] ڏگهاڻ - ڏگهائي - لمبائي - واڌ - وڌاءُ - اينگهه - طول. وڏائي. اوچائي.

- ڏيگهه ٿيڻ: واڌ ٿيڻ - وڌاءُ ٿيڻ - اينگهه ٿيڻ.

- ڏيگهه ڏيڻ: واڌ ڏيڻ - ڏگهو ڪرڻ - اينگهه ڏيڻ. رعايت ڪرڻ - ڇوٽ ڏيڻ.

- ڏيگهه ڪرڻ: وڌاءُ ڪرڻ - اينگهه ڪرڻ.

- ڏيگهي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏيل ۽ ڏيلون: ث. پکيءَ جو هڪ قسم - مور جي مادي. ٽاس جا ٽٽي سا ڳيا پٽا (ت).

● ڏيلڻ (ڪ): مصدر. ڇڏڻ.

● ڏيلي: ظرف. [انگ] روزانو - ڏهاڙي - هر روز - روز - روز روز.

● ڏيڻماڪ ۽ ڏيڻماڪ: ذ. دماغ - هٺ - غرور - وڏائي - سرڪشي (ڪتاب مومل مينڌرو. صفحو ۸۴).

● ڏيڻميڪڙو ۽ ڏيڻميڪڙا: ذ. صفت. قد جو ننڍو ۽ بدن ۾ ڀريل - ٿلهو ۽ بندرو. گهڪهٽو - ڏينبو - ڦوسو - ڇگهٽو.

● ڏيڻ: ث. انڊلٺ - ڏلڪ - قوس قزح.

● ڏينڀ ۽ ڏينڀون: ث. چينڀ - طعنو - ڏمڪي - چنڊ - دب - ڳالهه. ڏاڍي مار - ڦيهه - جهڪور - پيچ.

● ڏينباڙ ۽ ڏينباڙون: ث. سزا - مار - سيڪت - ڦيهه.

- ڏينب ڏيڻ: مار ڏيڻ - ڦيهه ڏيڻ - ڏاڍي مار ڏيڻ.

- ڏينب ڪيڻ: چيڀڻ - چڙٻڻ - جهٽڪڻ - چنڊ ڪيڻ - دب ڪيڻ - ڏمڪائڻ. مار ڪيڻ - ڏينب ڏيڻ.

● ڏينب ۽ ڏينب (ت): ذ. صفت. ٿلهو - ٿلهڙ - ڏمتي - ڏينبو. تمام وڏو.

- ڏينباڙ ۽ ڏينباڙ: ذ. صفت. ڏينب - ڏمتي - تمام ٿلهو.

● ڏينبيٽو ۽ ڏينبيٽا: ذ. صفت. بندرو - ڏينبو.

- ڏينبڙ ۽ ڏينبڙ: ذ. صفت. تمام ٿلهو - بندرو - ڏينبو.

- ڏينبيڙو ۽ ڏينبيڙا: ذ. صفت. بندرو - ڏينبو - ٿلهڙو.

- ڏينبڻ ۽ ڏينبڻ ذ. صفت. ٿلهڙ - ٿلهو - ڏينب.

- ڏينبو ۽ ڏينبا: ذ. ننڍي قد ۽ ٿلهي بدن وارو - بندرو - ٿلهڙ - ٿلهو.

Gul Hayat Institute

● ڊينبو ۽ ڊينبا: ذ. ڪيڙيل زمين جي وچ ۾ هر ڪان رهجي ويل زمين جو ٽڪر (ت).

● ڊينبُ ۽ ڊينبَ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم- ننڍڙي مڇي (قد هڪ انچ ڪن ۽ چلر سنهڙا ۽ سفيد).

● ڊينڍ واڙو ۽ ڊينڍ واڙا: ذ. خواريءَ جو اعلان يا پڙهو.

● ڊِڻ ڊِڻ: ث. (آواز) ٽيٽ جو آواز.

● ڊينگَ ۽ ڊينگُون: ث. آڪڙ - سيٽَ - ٽينڊَ - وڏائي.

- ڊينگَ ڪَرَڻُ: آڪڙ ڪرڻ.

● ڊينگُ ۽ ڊينگَ: ذ. صفت. نامور - ناليرو - پهلوان.

● ڊينگارو: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊينگاروجاگيرَ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊينگاريو: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊينگاڻُ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڊينگاڻ وَڃَڻُ: تمام بري وڃڻ.

● ڊينگاڻ پُرگيڙي: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊينگاڻ پَليُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊينگسرَ (ٿ): ث. هُل - گوڙ - شور - غوغاءُ.

● ڊينگهرُ ۽ ڊينگهرَ (ل - ث): ذ. ڪنڊن وارو سڪل ٽارُ - ڊنگهرُ.

● ڊينگهو ۽ ڊينگها (ڪ): ذ. ٽارَ يا هُرلي جو هڪ عضوو - ڊينگو.

● ڊينمارڪ: اسم خاص. يورپ کنڊ ۾ هڪ ملڪ جو نالو.

● ڊينُو ۽ ڊينُا؛ (ل - ت): ذ. صفت. ڊينبُ - ڊينبو.

● ڊيوٽي ۽ ڊيوٽيون: ث. [انگ] فرض - رکيل ڪم. نوڪري. محصول - ناڪو.

● ڊيهَ ۽ ڊيهون: ث. ڪنهن جانور جو ٽڪرُ - ٽونو - آکل - ڊِهُ (ل - ت). کهٽي واريءَ وارو هنڌ (ٿ).

● ڊيهَ ۽ ڊيهون: ث. ڀاڄ - ڊوڙ - ڊُڪ - ڊِيڪَ.

● ڊيها: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊيهاڙَ ۽ ڊيهاڙون (ل - ت)؛ ث. ڀاڄ - ڊوڙَ - ڊيڪَ - ڊُڪَ.

● ڊيهڙَ ۽ ڊيهڙون (ت): ث. هڪيئي پنيان لاڳيتو اچڻ جي حالت - قطار - ڳهٽائي.

- ڊيهڙَ رکڻُ: هڪيئي پنيان لاڳيتو اچڻ - ڳهٽائيءَ ۾ اچڻ.

● ڊيهڙو ۽ ڊيهڙا: ذ. ڀاڄ - ڊُڪَ - ڊوڙَ.

- ڊيهڙو ڀَڏڻُ: ڊوڙَ ڀڏڻ.

- ڊيهڙو ڀَوَڻُ: ڊوڪون ڀائڻ.

● ڊيهو ۽ ڊيها (ڪ - ڪ): ذ. ڊپ - ڊڄ - ڀؤ - خوف. چِرڪُ - ڏاهُ.

● ڊيهوڙُ ۽ ڊيهوڙَ: ذ. ڀاڄ - ڊوڙ - ڊُڪَ. ڏاهُ. ڊِڳ - اٻاڙ - ميڙ.

● ڊيٺا: اسم خاص. ٿر جي هڪ ڀاڳي جو نالو.

● ڊينسرُ ۽ ڊينسرَ: ذ. صفت. [انگ] پيارو.

Gul Hayat Institute

ڏ

● ڏ ث. سنڌي الف ب جو ٽيهو ڀهَون اکر - ابجد جي حساب موجب سندس عدد چار - اَچار "ڏال".

● ڏابَ ۽ ڏابُون (ل): ث. راند ڪرڻ جو هڪ اوزار - ٺيڪر يا لوهه يا ڪنهن ٻي ڌاتوءَ جو گول چڪرو. جو ٽاهو راند ڪرڻ ۾ ڪم اچي. پکين ڦاسائڻ جي ڦاهي - ڪُڙهي - چار - چارِي.

● ڏابَرو ۽ ڏابَرا (ٿ): ذ. برتن جو هڪ قسم (ردي ٿنا ڪُٺي، ان ۾ ڪؤنر ملائي ۽ ميٺ ملائي ٺاهيل بَرتن) مٽيءَ جو ٺهيل برتن.

- ڏابَرِينُو ۽ ڏابَرِينَا (ٿ): ذ. ڏابرو.

● ڏابِڙو: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاٽ: اسم خاص. ٿر ملڪ جي هڪ حصي جو نالو.

- ڏاٽِڪي ۽ ڏاٽِڪيُون: ث. ڍَٽَ جي ٻولي - ڏاٽِي ٻولي.

- ڏاٽِي ۽ ڏاٽِي: ذ. صفت. ڍَٽَ مُلڪ جا رهاڪو - ڍَٽ مُلڪ جا وِيٺل - ڍَٽ وارو - ڏاٽيئڙو.

- ڏاٽيئَڙو ۽ ڏاٽيئَڙا: ذ. صفت. ڏاٽي.

● ڏاٽِي ۽ ڏاٽِي: ذ. صفت. ڏاٽ يا ڍٽ جو اسم جنس. سنڌي اٺن جو هڪ نسل ڏاٽ جي طرف جو اٺ، شڪل ۾ ڏگهو ۽ سهڻو ۽ پَندَ جو سوڪو. هڪ سنڌو ۽ پَلو اٺ (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

● ڏاپَڻَ: مصدر ر. [سن. تَرپ = راضي ڪرڻ] ڍؤ ڪرڻ - ڌوت ڪرڻ (ڪاڻڻ مان) بسر ڪرڻ - سُنهن ڪيڻ - پيٽ ڀرجڻ - ڏائجڻ - ڍُر ٿيڻ - ڍَرجڻ. خوش ٿيڻ - راضي ٿيڻ.

● ڏادَ ۽ ڏادُون: ڏادِيُون (ت): ث. وڏي واڪي دانهن - رَڙِ. رُنَڻ جو آواز.

- ڏادَ ڪَرڻُ: وڏي واڪي رُنَڻ - رَڙ ڪرڻ.

● ڏادَرَ: اسم خاص. هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

● ڏادَرِ: اسم خاص. تعلقي سيهڙ ۽ تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو. بلوچستان ۾ هڪ شهر جو نالو.

● ڏاڍورو ۽ ڏاڍورا (ت): ذ. ڍَنڍورو - پڙهو. مشهوري.

- ڏاڍورو ڏيَڻُ: گـلارو مشهور ڪرڻ - ڍَنڍورو ڏيڻ.

- ڏاڍورو ڪَرَڻُ: خوار ڪرڻ - بدنام ڪرڻ.

● ڏادولُو ۽ ڏادولا (ٿ): ذ. ڏَڏِي - ٿَنِي - پُٺ.

- ڏادولُو ڪَٺَڻُ: ٿَنِيءَ تي چاڙهڻ (ٻارن کي).

● ڏادِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - کَماچ ۽ سُرندي تي ڳائيندڙ فقيرن جي ذات - مڱڻهارن يا لنگهن جي هڪ ذات.

● ڏادِي ۽ ڏادِيُون (ت): ث. لٺي جي جلائو ڪاٺي. (ت) آها لٺي جي ڪاٺي جا آلي به جلد ٻري وڃي.

● ڏارَ ۽ ڏارُون: ث. [مر. ڏال. سن. ڌارا. سن. ڌوَلُ = هلڻ] نمونو - طريقو - ڍَنگ - ڍَنگ - ڍِب - ڍار - طرح - وَجهه - وتيرو - ڍَرِ - دَستُور - هلت - رِيت - ڍَرڪار - ڍؤلُ - طرز - لَنهي - ڏانءُ - عادت - هلت - حال - چال - هير - دَرڏ - خَوءِ - رَوِشُ - شيوو - خصلت. عيلت - سياءُ. راهه ريت - ڀرويز - مَرجاتا. استعمال. اجهو - پناهه - پنڌ پناهه. اوٽ - اولو - اوڏَرَ - اڙ. امن - سلامتي - حفاظت - بچاءُ - رکيا - سَرن - پنارو. حمايت. آڌار - آسرو. جيئن:

"اڏن پيهون، تن ۾ ويهون، رهن ڏِلگر جي ڏار" (ڪبير شاهه).

Gul Hayat Institute

لاڙوُ - آروُ. سُر - لئي - اهستگي. جيئن:
”بيت ڏار سان پڙهڻ گهرجن“.
پنڌ - پيچرو - مارگ - رستو. جيئن:
”ڏول تنهين جي ڏار، هيناهون هلن جي“
(شاهه).
ڏکهي رَسيءَ ۾ پڌل ۽ ڳاهه چرنڌڙ وهٽ واري حالت - پاڍَ (ل). (ظرف) وٽ - پَر ۾ - پاسي ۾ (سُر ماروي). جيئن:
”هن مُڌَ مارُو سنڌرا، ڏنگرَ ڏارَ رهن“
(شاهه).

● ڏارُ ۽ ڏارَ: ذ. تلوار جي ڌار - قَرُ.

● ڏارڪيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏارڻُ: مصدر. [سن. ڌارَڻَ. ڌَرُ = جهلڻ] هيٺ لاهڻ - هيٺ ڇڏڻ - هيٺ آڻڻ. آهستگيءَ سان هيٺ آڇلڻ. ڦٽو ڪرڻ. آڇلائڻ. ڏرڏيڻ - ڏرو ڪرڻ - اوتَڻ - پساڻڻ - ليٽائڻ. وساڻڻ - وڙڪا ڪرڻ - وسڪارو ڪرڻ - چوڙڻ - ڪوڙڻ. مٿان ڪپڙو وجهڻ - لڪائڻ - گهونگهٽ ڪرڻ. جهلڻ. روانو ڪرڻ (ت).

- ڏارَ ۽ ڏاروُن: ث. هيٺانهين - لاهين - جهم - جهوڪَ - نوڻ. آهستگي - ڌيرج - هَرائپيُ.

- ڏاري آڇڻُ (ت): روانو ڪري اچڻ.

- ڏاري ڏاري: ظرف. آهستي آهستي - هَري هَري - ڌيمي ڌيمي.

● ڏارو ۽ ڏارا: ذ. [سن. دُرڪُش] چوپڻ وغيره رانڌ رهڻ لاءِ ٺهيل سان هڪ ساري - داڻو - ڇڪو. گيڙي - گهوڙي. داءُ (رانڌ جو). علم رمل ۾ قسمت جي حساب لهڻ جو هڪ اوزار. ٿورو وقت آرام ڪرڻ جو هنڌ - ڏاهو - منزل (ت). ظرف. [سن. ڏوَلَ = هلڻ] پاسي - طرف. (ذ - صفت) جهڙو - يڪسان - جهڙو - وانگر - طرح.
”رنگ هڪ ڏارو ڏيڻ گهرجي.“

- ڏاروُ ڏارَڻُ: منزل ڪرڻ - جهوڪ ڪرڻ - ڏاهو ڪرڻ - مانجهادو ڪرڻ.

- ڏاروُ ڏِيَڻُ: فتح هجڻُ - ڪٽڻُ - ڪامياب ٿيڻ - فتح ياب ٿيڻ - فائدو ملڻ - نفعو پرائڻ - جيتڻ - سوڀارو ٿيڻ. ڀاڳ ورڻ - نصيب کلڻ - سٺو نصيب ٿيڻ.

- ڏاروُ ڪرڻُ (ل): اڇي لهڻ. ٽيڪڻ - ترسڻ - ڏاروُ ڏارڻ.

- ڏاروُ لڳڻُ: اوچتو فائدو ٿيڻ - ڀاڳ ورڻ - فتح ٿيڻ - جيت ٿيڻ. داءُ کيڏڻ - قسمت آزمائڻ - نصيب آزمائڻ - هار جيت جو فيصلو ڪرڻ.

- ڏاروُ وجهڻُ: فال وجهڻ - اڳڪٿي ڪرڻ.

- ڏاروُ هڻڻُ: ڏاري سان راند ڪرڻ - جُوا ڪرڻ - ڇڪا هڻڻ. علم رمل موجب حساب ڪري ڪجهه جو احوال ٻڌائڻ.

● ڏاروڙو ۽ ڏاروڙا: ذ. سانوڻ جي مهيني جا آخرين اوهيرا - وقتي وسڪارا.

● ڏار ويسنُ ۽ ڏارويسون: ث. ڪڪائين جهوپڙيءَ جو هڪ قسم.

● ڏاڪَ ۽ ڏاڪون: ث. بدن جو هڪ حصو - ستر جي چيڙي وارو (چيلهه سان ڳنڍيل) وڏو هڏو - ڍونگريءَ جو هڏو - ڏڍ.

- ڏاڪَ تي چاڙهڻُ (ت) نقصان پهچائڻ - موقعو ڏسي ڇيهو وجهڻ.

- ڏاڪ تي ڪٽڻُ: ملهه ۾ ٻلهڻ ڏيئي مٿي آڇلائڻ - وارو ڪٽڻ.

- ڏاڪ ڏيڻُ: موقعو ڏيڻ - ٻلهڻ ڏيڻ - ملهه جو وارو ڪرڻ يا انگ ڪيڏڻ.

- ڏاڪَ ڪنان ڦاٽڻُ (ت): اوچتو ظاهر ٿيڻ.

- ڏاڪَن ڏِروُ ۽ ڏاڪن ڏِرا: ذ. صفت. اسٽي چيلهه وارو - سست - ڪاهل - ٽوٽيُ - ڪانٽ - آرسي - سنڌيوسات - عاري - ڪرڪوسُ - ڪرچور.

- ڏاڪَن ڏِروُ هُئَڻُ: سست يا آليسي هئڻ.

● ڏاڪيلو: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڏاڪو ۽ ڏاڪا: ذ. وڻ جي ٽارين جو جهنجهٽ - ڳاهٽ - ڪوڙهو - جهڪ - جهنٽو - جهڳٽو - مهڙُ (وڻن جو). ليڪن جي جاءِ - لڪل جاءِ. لنارَ يا هُرلي جو هڪ قسم. ربيع فصل کي ريج ڏيڻ جو هڪ نمونو. نار يا هُرلي

Gul Hayat Institute

جي ڀاڱيءَ تي آباد ٿيل زمين. ڏوري جو نالو- واھ. (ت) سنڌ جو ھڪ حصو (ت).

● ڏاڪُون ۽ ڏاڪُون: ذ. ٿانءَ جو ھڪ قسم- ڏَڪَ سان ٿالھي- ڏَڪَ وارو ٿانءُ- ڏاڪُون.

- ڏاڪُونئيي ڀَڃَڻُ: ڪنھن ۾ ڪنھن بہ ڪم يا فائدي جي اميد نہ رکڻ.

- ڏاڪُونئيي ڀَڪو: جملو. سڀني ڪان موڪلائي. ڀڙا ئي ڀار- فتح - جيت - ڪاميابي. ڪامراني. فضل وغيره ڀڪو يا آبادي ٿي. ڪم يا فائدي جي اميد نہ رھي.

● ڏاڪُنُون ۽ ڏاڪُنُون: ذ. ٿانءُ جو ھڪ قسم- ڏاڪُون.

● ڏاڪُنُون ۽ ڏَڪُنُون: ذ. ڏاڪُون- ڏاڪُنُون.

- ڏاڪُنُڻ ۾ ڏَڪيجيي اچَڻُ: سئو طعام اچڻ. ڪجھ بہ نہ ملڻ.

● ڏاڪيئو ۽ ڏاڪيا: ذ. ڪپاٽ جو ھڪ قسم- شيشي جو ھڪ ڪٻٽ، جنھن ۾ پيل سامان ظاھر ڏِسڻ ۾ اچي. ڪنھن ننڍي ٿانءُ کي ڏَڪڻ لاءِ اڌ گول برتن- ڏاڪُون (ت).

● ڏاڳ ۽ ڏاڳُون (ڪ): ث. ڏَڳن جو وَلَرُ- گوھَرِ (فقط نَر ڏَڳن جي).

● ڏاڳيِ ۽ ڏاڳيُون: ث. ڏورو- واھ. نار- ھُرلُو.

● ڏالَ ۽ ڏالُون: ث. [سن. ڏالم] جنگ يا لڙائيءَ وقت تلوار وغيره کان بچاءُ جو ھڪ اوزار- ڀُڙ- سپَرَ- ڪيڙِي. پناھ- بچاءُ. سنڀي جي مڇيءَ جو ھڪ قسم (بنان چلرن جي، پر ڪنڊا کلين وٽان، رنگ سفيد، قد فوٽ ڪن).

- ڏالَ تُولُو ڀڌَنُ: انعام ڪٽڻُ.

● ڏالُوءِ اسم خاص. تعلقي ٺٽي الھيار ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڏاليٽَ (ت): اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● ڏاليچا (ت): اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● ڏاليئو ۽ ڏاليا: ذ. ڪٻٽ جو ھڪ قسم- سينگارجي سامان رکڻ لاءِ شيشائين پيتي. سينگاريل ڪٻٽ- سينگاردان- جانئرو.

● ڏامُرانَ (ت): اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● ڏامَڻُ (ٺ): ذ. گاھ جو ھڪ قسم- ڊامڻُ.

● ڏانٽَڻُ: (ت): مصدر. دٻائڻ- ھيسائڻ- دَڙڪا ڏيڻ- چيڀڙڻ.

● ڏانچُو ۽ ڏانچا: ذ. قالب- بدن جو ھڏائون ڍڳرو. آٽ تي رکڻ لاءِ رواجي ڪاٺين مان ٺھيل ڪجائو (ٺ).

● ڏانڊُ ۽ ڏانڊا: ذ. باھ جو وڏو مَچُ- وڏي باھ- آڙاھ- ڪُھرُ- مَچُ. باھ جو شعاعُ. تيجُ- رونق. جلوو- سوڀيا- ڪِرانتي- جھلڪو- پَڙڪو- پرتاب- ڏما. پَيَڪو- تجمل- نَٽُ- ڏانڊسُ (ڪنھن گھر جو). سڪل ڪَلَ يا چَمُ.

- ڏانڊُ ٻارَڻُ: مَچُ ٻارڻ- آڙاھُ ٻارڻ. محبت جو جوش پيدا ڪرڻ.

● ڏانڊَسُ ۽ ڏانڊَسَ: ذ. رونق- تيجُ- جلوو- سوڀيا- ڪرانتي- جھلڪو- پَڙڪو- پرتاب- ڏَما- پَيَڪو. تجمل- نَٽُ (ٻاھرين).

● ڏانڊَڻُ ۽ ڏَنڊَڻُ: ذ. ڀاڱيءَ ٽي ٿينڌڙ ھڪ گاھ جو قسم.

● ڏانڊو ۽ ڏانڊا: ذ. پوڙھو ڏڳو. ڏڳو. وڏي قد وارو گھوڙو (ت). ھڏن جو ڍڳرو- قالب.
جيئن:

”ھُيون نہ حاضر جن، پري نہ اکڙين ۾،
ٿلھا ڏانڊا سَڪَڻا، ھيئن جاڙ جين“
(شاھ ڪريم).

نِڪر جو وڏو ٿانءُ- پڳل ٿانءُ. نار يا ھُرلي جو ڍڳرو (ت). ٺوھر جي ٿاري (ڪ). اسم خاص تعلقي گوليءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● ڏانڊارو ۽ ڏانڊارا (ت): ذ. ڏَنڊورُو- ڀڙھو- مشھوري. گِلا- غيبت.

● ڏانڊِي ۽ ڏانڊِيُون: ث. ھلڪي ۽ ننڍي حُقي جو ھڪ قسم.

Gul Hayat Institute

● ڊانڊِ يشتَڙو (ت): ذ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

● ڊانگَ ۽ ڊانگُون: ث. غفلت- سُستي- ڍِلَ. مَاڪَ (جا صبح جو پوي ۽ ماڻهوءَ کي سست ڪري).

- ڊانگ ڍَرِيُ: ث. ماڪَ جي مهل- صبح جو وقت فجر- صُبح.

- ڊانگو ۽ ڊَانگا: ذ. صفت. سُستُ- غافل- ڪمزور- آرس- ڏِٻَلُ. اپرو.

- ڊانگا ٿيڻُ: سُستُ ٿيڻ. ڪمزور ٿيڻ- بي طاقت ٿيڻ.

● ڊانگُ ۽ ڊانگَ: ذ. صفت. سنهڙو- آپرو- پتنگُ- لاغر- پانڊيو- ڏٻرو- ليڱنجهو. جهيڙو- رَڳارو- لِڙُ- سنهو- پتلو- چيڱنجهرو- سُوڪيمُ. بارِيڪ- ڪاغذي- هلڪو. پتڙو- چيرو- چيڙو- پاهو- پاڪو- چڊو- چڊرو.

- ڊانگَ ٿيڻ: آپرو ٿيڻ- ضعيفُ ٿيڻ- ڏبرو ٿيڻ.

- ڊانگرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊانگِرو ۽ ڊانگيرا: ذ. ڪارِي جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن وارو، رنگ اڇو، منهن سنهو، پُٺ ٿلهي، سنئون (ويڪرو)، ڦوٽي سان).

● ڊانگهير: ث. ڪنڊن وارن وڻن جو ويڙهه.

● ڊاڻُ ۽ ڊاڻُون (ت): ث. عادت- سياءُ.

● ڊاٿِيُ ۽ ڊاٿِيُون (ت): ث. ٽنيڊو ڳوٺ سهرائي- وَسِيُ- واهڻُ.

● ڊاوَلُ ۽ ڊاوَلَ: ذ. صفت. ڍَوُڪيَلُ- پيٽ پريل- ڍڪو- رَڄُ- ٽيهَتُ- تيرهَتُ. خوش- راضي.

● ڊاهَرُ ۽ ڊاهَرَ (ت): ذ. ڪنڊي جي وڻ (يا ڪنهن ٻه وڻ) جو ڏارُ.

● ڊاهو ۽ ڊاها (ت): ذ. مٿاهين زمين- دڙو.

● ڊائڻُ: مصدر. ڍؤ ڪرائڻ- پيٽ پرائڻ- پرڻ- پُر ڪرڻ- ڍَئڻ. راضي ڪرڻ- دل خوش ڪرڻ. خاطري ڏيڻ. ملڪيت ڏيڻ.

- ڊائيجڻُ: مصدر. [من. ترپ = راضي ڪرڻ] ڊائڻ- پرجڻ- پُر ٿيڻ. ملڪيت ملڻ.

● ڊائِيُ ۽ ڊائيُون: ث. ڊائِيُ- الجام- وعدو- ٻولُ- اقرارُ. سَنڌُ- سَمَنُ. جيئن:

”ڊائِي ڍَتَ ڏاري، آهم آئي ميهري“
(شاهه).

● ڊايَلُ ۽ ڊايَلُ: ذ. صفت. ڍَؤ ٿيل- ڍَوَلُ.

● ڊابُ ۽ ڊابَ: ذ. [مر. ڊب. من. وَهُ = ڊلک] ڍَنگُ- پَتِ- پهارُ- طرح- وَجهه- ويترو- رِيت- نمونو- قسم- ڍَوُلُ- آچار- طريقو- طور- طرز. دستور- مِرِ- هَلَتِ- رَوش- ڊار- چال. لڇڻ- لَلُ- ڪِرُ- سياءُ- عادت- افعال- چِهَڙُ- پرڪارُ- آڻ- وهڻ- ادبُ انداز و- هير- شهورُ. هنر- فَنُ- ڪاريگرِيُ- ڪارسيتَانيُ. ڏانءُ- اٽڪل- تجويز- حڪمت- رِٿَ- حيلو- تدبيرُ. آسرو- اميد- سَڌَ. ڪَسَبُ- ڌندو- پيشو. شڪل- صورت- گهاٽ- رُوپُ- حالت- ڏيک. وِيسُ- ٻانو- هَڪَرُ. ٻڪين ڦاسائڻ جي چاري- دامُ- ڍَبِيُ. بند ٿيل جاءِ- آس وارو گنهرُ (جنهن کي دري وغيره نه هجي). مقرر ٿيل جاءِ- ٽٽ (ٽ). جاءِ جي ٽڪرڻ جو آواز.

- ڍَبَ ڊارڻُ: آسرو يا اميد رَکَڻُ. ٻڪين ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو منڊڻ.

- ڍَبِيتَرُ ۽ ڍَبِيتَرَ: ذ. صفت. ٻکي ڦاسائيندڙ- ساري- شڪارِي- ٽَنِڪُ- ليبي- تَرِيناڪُ- دَغا خور- فريبي- ٻو هو- گيڊِ پَرُ.

- ڍَبِيُ ۽ ڍَبِيُ: ذ. صفت. حرفتي- حڪمتي- اٽڪلي- کيڏارِي- حاضر- تد بير- ڳڻ پريو- لائق وارو- سُگهڙُ- نِپَڻ- فضيلت وارو- ڪرائتو.

● ڍِبَ ۽ ڍِبُون (ڪ- ل): ث. ڪچرِي جو ڍِڪَ- آروڙِيُ. ڍَڙو- ڍِبَ. پيٽَ.

● ڍِ ٻَرِ ۽ ڍَ ٻَرونُ (ت): ث. ڪرنگهي جي پڇڙيءَ واري هڏي- ڍُمچيُ.

● ڍَ ٻَرو ۽ ڍَ ٻَرَ (ل): ذ. هڏو. عضوو. سُڪي ويل واهه جي تر ۾ بچيل پاڻي- بي زور پاڻي (ل). (ذ. صفت) ٻوڙو- گهبرو- ڪنن ڪان گهٽ (ل) جيئن:

”فلاڻو ڪنن کان ڍَ ٻَرُو ٿي پيو آهي“.

Gul Hayat Institute

- ڊَپَرُ ڊِرا ٿيڻُ: حوصلا خطا ٿيڻ - طاقت ڇڏي وڃڻ.

● ڊِپري ۽ ڊِپريُون (ت): ث. ڀيچُ - اِسڪُروُ.

● ڊِپري ڦاٽُ ٿيڻُ: ڀيچ قابو ٿيڻ، مغروري ۾ پوڻ.

● ڊَپڻُ: مصدر. ڊيپي يا ڪوڙڪي ۾ (پکي) ڦاسائڻ - جهلڻ - قيد ڪرڻ. ڊَڪڻ - لڪائڻ.

● ڊِپو ۽ ڊَپا: ذ. ڊَنگُ - نمونو (ڪ). عادت - هيرِ (ل). مٿاهين زمين - دَڙو - دِڙِبَ (ت).

● ڊَپو ۽ ڊَپو (ت): ذ. ڦامي جو سيڪو.

● ڊَپي ۽ ڊَپيُون: ث. پکين ڦاسائڻ جي چاري - مانداڻو - ڊَبُ - عادت - هيرَ (ت).

- ڊَپي آڏڻُ: پکين ڦاسائڻ لاءِ چاري يا مانداڻو آڏڻ.

- ڊَپيءَ ۾ ڊيرُ ٿيڻُ: چار ۾ ڦاسجڻُ - ڪري پوڻ - مري وڃڻ.

● ڊَتُ: ذ. [هه. ڊَتُ = هَڪَلَ] هاٿيءَ کي هڪلڻ جو آواز - هاٿيءَ کي هَڪَلَ ڪري ٻيهارڻ. ٻيهي رهڻ لاءِ يا سمهي رهڻ لاءِ آواز.

● ڊَتَ: اسم خاص. ٿَر جي هڪ حصي جو نالو. وارياسو ڀاڱو - بَرپَٽ - ريگستان. جيئن: "ڊَتِ ۾ وَڃيج ڊولَ! ڪاٺياري ڪاڪِ ڪَري". (شاهه).

● ڊُتَ ۽ ڊَتُون (ت): ث. چوري.

- ڊُتَ ڪَرَڻُ: چوري ڪَرڻ.

- ڊُتُ هٽيءَ وِهڻُ: جواب نه ڏيڻ - چپ ڪري وِهڻ - دَت هڻڻ - نيٺرُ ٿيڻ.

● ڊُتو ۽ ڊُتا: ذ. صفت. چاڙو - تيز فهم - هوشيار - حرفتي - تکو - سياڻو - ڦڪو - سَمجهو - چالاڪُ - چُستُ - چرڪُنڊُ - ٺڳ پرو. تريٺاڪُ. چور - چرو تو - آڙاهه چورُ.

- ڊُتيڪا ڪَمَ ڪَرَڻُ: چوراڻا ڪم ڪرڻ.

● ڊِنو ۽ ڊِتا (ت): ذ. ليٺرُ - بي ڇيو - کپيرو. ضدِيُ.

● ڊَڊَ ۽ ڊَڊُون: ث. وَڄتُ جو هڪ قسم (جو خاص ڪري عاشورن ۾ وڄائبو آهي). پَڙهو - منادِي - دُهل (ت). گِلا - دانهن - خوارِي (ت).

- ڊَڊَ ڏِيڻُ: خوارِي ڪرڻ - بدنام ڪرڻ.

- ڊَڊَ ڪَيَ لاَئيڻُ (ت): دُهل وڄائي مشهور ڪرڻ - خواري ڪرڻ - گِلا مڙهڻ.

● ڊِڊُ ۽ ڊِڊَ: ذ. [سن. آدُوُڊ] ٻاهر اڪتل پيٽُ - وڏو پيٽ - ڏيلُ.

- ڊَڊَرُ ۽ ڊَڊَرُ: ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو ماٺهو - وڏو پيٽو - پيٽيرُ - ڊُوڊي - ڊُڊِيءُ - نوسِيُ. ڊُونڊِيُ - ڊُونڊ وارو (ل).

- ڊُڊِيُ ۽ ڊُڊِيُ: ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو - گهٽي ڪائڻ وارو - ڏلهو - ڏٿيتُ.

● ڊِڊَرُ ۽ ڊَڊَرَ: ذ. بدن جو سِرُ ۽ ٽنگن جي وچ وارو حصو - ڌَڙُ ۽ ڪنهن شي جو وچُ. ڪنهن ڏانوَ جو ٻاهر نڪتل پيٽ. ڪاٺ يا وڻ جو اندريون پورُ. لَٺ جو وِچوارو پُورُ (جنهن ۾ چڙُ پرجي). تلوار جو پورو ڳنُ. پاڻيءَ جي جهاز جو ڍانچو.

● ڊَڊَرَ ڊِرا ٿيڻُ: سُستُ ٿيڻ - همت هارڻ - ٻُتَ جو ساهه ڇڏڻ - بي همت ٿيڻ - ڪجهه ڪري نه سگهڻ - هيسجيُ وَڃڻ - بزدِل ٿيڻ - سَتُ ڇڏي ڏيڻ - تنگ دل ٿيڻ - نااميد ٿيڻ - ساهه سڪي وڃڻ - آپاڻڪو ٿيڻ - حيران و پريشان ٿيڻ.

● ڊَڊِرا: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِڊَروُ: اسم خاص. تعلقي عمر ڪوٽ ۽ تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِڊوُ ۽ ڊِڊا: ذ. ڪنهن اناج جو ٻَنڊُ ٿيل سنگ - ڦوڪ ۾ نڪچي ان جي حالت.

● ڊُڊيُ ۽ ڊُڊِيُونُ: ث. لنڊي ڀار جو پيٽُ - ڀار جو نڪتل پيٽُ. جوئر جو هڪ قسم.

● ڊِرَ ۽ ڊَرُونُ: ث. [سن. شٿِيلَ = ڍلو] ڍِلَ - ڇُوٽَ. آزادِيُ - مهلت. سُستِي - ڪاهلي -

Gul Hayat Institute

ڊلائيِ. ڦِلهڙائيِ. نذرانو- سوکيڙي - تحفو (ت).
جهول - هيٺاهين - نَوڻ - نمڻ.

- ڊَرَ ٻَڌَڻُ: ڪورين جي اصطلاح ۾ ڊرين تندن کي ڦلهڙو ٻڌڻ (جيئَن اٽڻ ۾ پوري انداز ۾ ڇڪجن ۽ ڪپڙو خراب نه ٿئي).

- ڊَرُ تَاڻِ ۽ ڊَرُتاڻُون (ٽ.ل): ث. هيٺائين- جيهم - نِوَڻِ. سلامتيءَ واري لاهيِ.

- ڊَرَ ڏِيَڻُ: ڍِلَ ڏيَڻُ. آزادي ڏيڻ - ڇوٽ ڇڏڻ. ڪجهه وقت مهلت ڏيڻ. زورُ نه ڀَرڻ.

- ڊَرَ ڊَرَڻُ (ت): نذرانو ملڻ - بخشش عطا ٿيڻ - خدائي رحمت جو وَسَڻُ. مفت ۾ ملڻ.

- ڊَرَ ڪَشَڻُ: ڪورين جي اصطلاح ۾ جهول تندون اٺاوت ۾ برابر انداز ۾ ڪرڻ.

● ڊِرَ ۽ ڊِرُون: ث. [سن. شٿلَ = ٿڌو] ٿڌائيِ - لَرمائيِ. ڍِلَ - ڍلائيِ - ڊرائيِ. سُستيِ - غفلت. ڪمزوري. ضعيفائيِ. ماٺائيِ - آهستگيِ. هلڙائيِ. دِيرُ - اويرَ - چيرڪ. مهلت - ڇوٽِ - آزاديِ.

- ڊِرَ ڏِيَڻُ: ڍِلو ڇڏڻ - ڊارَڻُ - ڊِرو ڪَرَڻُ. سُستيِ ڪرڻ - غافلائيِ ڪرڻ. ٿڌو ماٺو ٿيڻ - تَڙ ڀڄ نه ڪرڻ - بي اونو ٿيِ وِهڻُ. ڇڏي ڏيڻ. ڇيڪُ ڇڏَڻ. مهلت ڏيڻ - ويهي ڏيڻ.

- ڊِرَ وِجَهڻُ: ڍِلَ وِجهڻُ. ديرَ ڪرڻ - ديرو وجهڻ.

● ڊِراڻُ ۽ ڊِراڻُون: ث. [سن. سِٿلُ = ٿڌائي] ڊِرَ - ڊرائيِ - ڍلائيِ. ماٺائيِ - آهستگيِ. سُستيِ - ڪاهلي - غفلت. ڪمزوريِ.

● ڊِرائِڻُ: مصدر. [سن. شٿلُ = ٿڌو] ڊرو ڪرڻ - ڍلو ڪرڻ. سُسُت ڪرڻ - ڪاهل ڪرڻ. غفلت ڪرڻ - ڍِلائيِ ڪرڻ - ڪمزور ٿيڻ - طاقت ڇڏڻ. ماٺائيِ ڪرڻ.

- ڊِرائتو ۽ ڊِرائتا: ذ. صفت. ڊِرَ وارو - ڊرو - ڍلو - گهر گهلو - ڦلهڙو. آڇاترو - آهستو - ماٺو. سُسُت - ڪَاهلُ - ٽوٽيِ. چرڪو - ڊار سان - وِستو. چڙيل - ڪَاهيل - الڳ. آزاد - ڇيڪُ.

- ڊِرائيِ ۽ ڊِرائيُون: ث. ڍِلائيِ - ڍِلَ - ڊِرَ - ڊراڻ. ڪاهليِ - سُستيِ - غفلت. ڪمزوريِ - ضعيفائيِ - ٿڌائيِ - مَٺائيِ - هلڙائيِ. آهستگيِ - ديرَ - اويرائيِ. چرڪائيِ - چلهائيِ. گيرگيلائيِ - موڪرائيِ.

● ڊَرُڙو ۽ ڊَرُڙا: ذ. صفت. ڊَرِي جو اسم تصغير. ڍِلڙو - ڦلهڙو. سُسُت - ڪاهل.

- ڊَرُڙائيِ ۽ ڊَرُڙائيُون: ث. ڍلڙائيِ - ڍلائيِ. ڦلهڙائيِ - گهر گهلائيِ.

● ڊِرڙو ڊِيڪُ: ذ. جانور جو هڪ قِسم - آٺ پکي - شُترُ مُرغ.

● ڊِرُڪَڻُ: مصدر. آهسته آهسته هيٺ ڪرڻ - هيٺ ڪري ٻَوَڻُ ۽ گهلبو وڃڻ - هيٺ ڏي رِڙهڻ - ڪِسڪڻ - گهرڪڻ ڦِسڪَڻ - گسڙڻ - سرڪَڻ - ڳڙڪڻ. پوئتي سرڻ - پوئتي رهجي وڃڻ - پوئتي پوڻ - پاهون پوڻ. ٽيڙڻ - گهرَڻ. ڍِلوٽيِ ٻَوڻ (بدن جو) - لَڙڪَڻ. (مريض وانگي) - ڊرو ٿيڻ - تمام گهڻو ڊرو ٿيڻ. وينل ماڻهوءَ جي ٻُت جو هيٺ لڙڻ - ڪنڌ جو هيٺ لڙڻ. بيماريءَ سبب ضعيفُ ٿي وڃڻ - بدن جو ساهه ڇڏي وڃڻ - نيستو ٿيِ پوڻ - بي هوش ٿي وڃڻ - ساٺو ٿي ڪري پوڻ. طاقت ڇڏڻ - ڪمزور ٿيڻ - نِربَل ٿيڻ - ضعيف ٿيڻ. مرڻ - وفات ڪرڻ - رحلت ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ. تمام گهڻو ٿڪجي پوڻ - آهستي آهستي رفتار سان هلڻ - لوڏ سان هلڻ - جيئن:

”هلڻ چاڻ حبيب جو، جيئن ڊِرڪڻ ڊيلُون ڊار“.

- ڊِرُڪَ ۽ ڊِرُڪُون: ث. آهسته هيٺ ڪرڻ جي حالت - گهيلَ - گهرڪَ - ڪِسڙَ. ڪمزوريِ - بي طاقتي. بي هوش. آخر وقت - پڄاڙي.

- ڊِرُڪُونُ ۽ ڊِرڪُونُ: ذ. صفت. ڊرڪندڙ - ڊرڪي وارو. بيماريءَ سبب ضعيف ٿيل - ساٺو ٿيل - تمام گهڻو ٿڪلُ - ٿڪَلُ ٽُٽَلُ - هَجيَلُ - ڇينَلُ - ڪُٺَلُ - بلڪل سُسُت - سِٿَلُ - ڍِلو - وِساٺو - ڪَاهيل - ٽوٽيِ - آرسِي. سومتي. پورو ٿيل - ختم ڪيل.

Gul Hayat Institute

- ڊَرڪي ٿيڻُ: ڍِلو ٿيڻُ - ڍِرو ٿيڻُ - بي طاقت ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ - هيڻو ٿيڻ. سُست ٿيڻ. بيهوش ٿي وڃڻ. ٻونٽي موٽڻ.

● ڊَرڪو ۽ ڊَرڪا (ڪ): ذ. (آواز) وات سان ڪيل هڪ آواز - پڄڪار - ڪُوڪار - سڏ - (ڪنهن جانور وغيره کي).

● ڍَرَڻُ: مصدر. هيٺ لهڻ - هيٺ اچڻ - آترڻ - لڙڻ - لهڻ - لهي وڃڻ. ڍرو ٿيڻ - ڍر ڪڻ - ڍر ڪرڻ. اندر ٻهچي وڃڻ - کهڙي وڃڻ. وَهڻُ - اوتجڻ (ڪا ٻاٽيات وغيره ٿانءَ مان). ڪنهن تي پيار ڪرڻ - قرب ڪرڻ - محبت ڪرڻ. عزت ڪرڻ - مان ڏيڻ. لوڏڻ - ڏوڏڻ - ڏوٽڻ. ڍر ڏيڻ. ڍارڻ - جهپائڻ. ڍرو ڪرڻ - ڇوڙڻ - کولڻ. ايرو ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ. ڪِرَڻُ - ڍَهڻُ. ترسڻ - ڊاہو ڪرڻ.

- ڍَرِي پوڻُ (ت): لَهڻُ - لڙڻُ. لهي پوڻ - ترسڻ - منزل ڪرڻ - ڊاہو ڪرڻ - روانو ٿيڻ - آسهڻ.

● ڍِرَڻُ: مصدر. ڍرو ڪرڻُ - آهستہ ڪرڻ - ڍرائڻ - ڍرو ٿيڻ - ڪَٽڻ - گهٽ ڪرڻ - گهٽائڻ - گهٽجڻ. ڍَرَڻ - لنگهڻ - اندر وڃڻ - پيهي وڃڻ - منجهہ ٿيڻُ (ل).

● ڍُرَڻُ: مصدر. [سن. ڌري. مر. ڍلڻي. ٻرا. ڍَل. سن. ڪشر] ڍَرڻ - لنگهڻ - پيهي وڃڻ - اندر ٿيڻ. گيڙگڻ - هارجڻ - هيٺ ڪرڻ. گسڪڻ - ٽڙڻ - ڍر ڪرڻ - هيٺ ڪرڻ - ڪمزور ٿيڻ.

● ڍَرو ۽ ڍَرا: ذ. صفت. [سن. شٿل - ڍرو] ٿڌو - مانو - نرم. ڍلو. ڍرڙو - ڍرائتو. آهستو - ڍار سان - نرميءَ سان - هوريان - ڌري - ڌيمي. ٿلهڙو - ٿلهو - گهر گيهلو. خلاصو - ڇِٻلو - ويڪرو - (ڪپڙو وغيره). غافل - سُست - ڪاهل - ٽوٽيي - آرسي - آلسي. بيڪار. ڍير ڪندڙ - ڍيرينو - ڇيرڪو - وِسٽو - ٿيلو - ڇلهو - سڙهہ. ڪمزور - ٻيل - هيڻو - ايرو - ضعيف. آلڙيل - لڏندڙ. موڳو - جهڪو - آپاٽڪو - پريشان - وائڙو.

● ڍَڪَ ۽ ڍَڪُون: ث. [سن. ستڪ = ڍَڪَڻُ] لڪائڻ جي حالت - لِڪ - ڇِپَ. پردو - اجهو - پناه. ڪنهن ڏوه جي ڪم جي لِڪَ. حفاظت - سنڀال.

- ڍَڪَ ڪَرَڻُ: ڪنهن عَيبَ يا ڏوه جي ڪم جي لِڪَ ڪرڻ.

- ڍَڪي ۽ ڍَڪيُون: ث. لِڪَل ڳالهہ - راز. لِڪل عيبُ - ڳُجهہ. لِڪ - ڇِپ. پردو - ڍَڪَ.

● ڍَڪُ ۽ ڍَڪَ: ذ. [سن. ستڪ = ڍڪڻ] ٻُڙُ - پوش - پردو - اوڇڻ. اجهو - پناه. اوٽ - اولو - گبرو - ڍارَ - اوڍَرُ - آڙ - بچاءُ. ڪنهن ٿانءُ ڍڪڻ جو ٿانءُ - ڍَڪَڻُ - ٻُڙُ. رُولو چوپائي مال کي بند ڪرڻ جي سرڪاري جاءِ - مال جو ترم.

- ڍَڪُ مُنشيُ ۽ ڍَڪُ مُنشيُ ذ. ڍَڪَ جي سنڀال ڪندڙ مُلازم.

● ڍِڪَ ۽ ڍِڪُون: ث. ماهي مال جي رڙِ - ڪنجهہ ڪارَ - ڪُڪَڪ. رَنڀَ - رڙِ - راڙِ - دانهن - رانڀَ. چِنگهہ - ڪُسڪو.

- ڍِڪَ تي ڍَڪَ لائِي ڏِيَڻُ: دانهن تي دانهن ڪرڻ - رَڙو رَڙِ لائڻ.

- ڍِڪَ ڪَيَڻُ (ت): دانهن ڪرائڻ - سخت مار ڏيڻ.

- ڍِڪُون ڪرائڻُ: چِنگھُون ڪيائڻ - رڙيون ڪرائڻ - دانهون ڪرائڻ. تڪليف ڏيڻ - اڻ ميجائڻ - تابع ڪرڻ.

● ڍُڪُ ۽ ڍُڪَ: ذ. سُرڪُ - سُرڪي - سُرڪو - ڍيتَ - چِڪَ - پِيڪَ - آرڪ. چُڪو - ڪَٽپَ - چِروُنُ.

- ڍُڪُ پيَرَڻُ: سُرڪيُ پيرڻ. ڍُڪُ ڍُڪ ڪري پيڻ. صبر سان سهڻ - برداشت ڪرڻ - سهڻ - ڀوڳڻ. واڪاڻڻ - ساراهڻ - جَس ڳائڻ - تعريف ڪرڻ. مدد ڪرڻ. هَمدرديُ ڪرڻ - واهر ڪرڻ. ڌِڪَ ڪائڻ ڪان پوءِ گهِهِ ۽ ڪنڌ ملائي سُرڪي پيڻ.

- ڍُڍُ پيڻُ: ڪاوڙ گهٽ ڪرڻ. صبر ڪرڻ. برداشت ڪرڻ - سهڻ.

Gul Hayat Institute

- ڍُڪُ وِجھڻُ: چوپائي مال کي بيماريءَ سبب تيل، کيھ يا دوا جي اوتڙي ڪرڻ.

● ڍَڪائِڻُ: مصدر. ڀرائڻ - ڀرائڻ - اوڊائڻ - چوڙائڻ.

ھنبائڻ. پناه ۾ ڏيڻ - اجھي ۾ ڪرائڻ - لڪائڻ - بند ڪرائڻ - قابو ڪرائڻ. پورائڻ - دفن ڪرائڻ.

● ڍِڪائِڻُ (ت): مصدر. ماري مڃائڻ - دٻائڻ - ھيسائڻ. دانھون ڪرائڻ. تڪليف ڏيڻ.

● ڍُڪائِڻُ: مصدر. ڀيٽ سان ڪرڻ - حَمل واري ڪرڻ - گرڀڻي ڪرڻ - ڏُو ھُستيءَ ڪرڻ - ڳِيرَ ڪُرِي ڪرڻ - ڦَرائڻ. آڻڻ - رھائڻ - سھڙائڻ - رمائڻ - ڀڄائڻ. گھوڙي يا ڏاند کي گاڏيءَ ۾ جوٽڻ - ٻڌڻُ - ٻلائڻ - سنبرائڻ - تيار ڪرڻ. ڊوڙائڻ.

- ڍُڪائِيُ ۽ ڍُڪائِيُونُ: ث. ڍُڪي ھئڻ واري حالت - ڀيٽ ۾ ٻچي ھئڻ واري حالت.

● ڍُڪِجَڻُ: مصدر. ڍُڪي ٿيڻُ - ڀيٽ سان ٿيڻ - ڳَپُ ٿيڻ - گَرِبُ ٿيڻ - لڳجَڻُ - ڦرجڻ.

● ڍَڪُرَڻُ: مصدر. بي ھوش ٿيڻ - غش ٿيڻُ - مورڇا ٿيڻ. وِساميڄڻ. ماندو ٿيڻ - ساٿو ٿيڻ - اونگھجڻ. ڪنھن سخت ڌَڪَ يا صدمي سببُ ٻُڌي وڃڻ (بيھوش ٿيڻ).

- ڍَڪرُ ۽ ڍَڪرَ: ذ. غَشيُ - مورڇائيُ - بيھوشيُ. وِسار - ماند ڪائي - ساٿائيُ - اونگھ. ڳٽيُ - فڪر - سُونجھَ.

- ڍَڪَرَ اَچَڻُ: بيھوش ٿيڻ - غَشيءَ ۾ پوڻ. ننڊ جا جھوٽا اچڻ.

- ڍَڪِرِجَڻُ: مصدر. بيھوش ٿيڻ - غش ٿيڻ - مورڇا ٿيڻ. وسامڻ - ساٿو ٿيڻ - ماندو ٿيڻ. اونگھجڻ.

- ڍَڪَرَ ڪَائِڻُ: ماندو ٿيڻ. آرمالجڻ - ڳٽيءَ ۾ ھئڻ. وسھوڙو ٿيڻ. ڌُڪُ ڪرڻ - غم ۾ ٻڏي وڃڻ - شوڪ ڪرڻ. جھوٽا کائڻ - لنبا ڪيرو ٿيڻ. وڪڙ کائڻ. ليلائڻ - عاجزِي ڪرڻ.

- ڍَڪَرَ لَڳَڻُ: وسار ٿيڻ - سُونجھَ ٿيڻ - ٻوڏوڙو ٿيڻَ - بي ھوشي ٿيڻ.

- ڍَڪرَ وٺي وَڃَڻُ: سخت صدمو پھچڻ.

- ڍَڪَرَ وَٺَڻُ: غشيُ ٿيڻ - بي ھوش ٿيڻ - مونجھ ٿيڻ - وِسامجڻ.

● ڍُڪڙو پِئڻ: شراب ورتائڻ.

● ڍُڪَلَ ۽ ڍُڪلُونُ: ث. صفت. ڀيٽ سان - ڍُڪيُ - گَرِبَ وارِيُ - ٻچي وارِيُ - ڳَپيلَ - ڳَپَ وارِيُ -

● ڍَڪَڻَ (ت): اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● ڍَڪڻُ ۽ ڍَڪَڻَ: ذ. [سن. سٿڳ = ڍَ ڪَڻُ] [سن. ڍَڪّڻَ] ڍَڪُ - پوش - ڪنھن ٿانءُ جي بند ڪرڻ لاءِ ٿانئُو. (ث. ڍِ ڪڻي ۽ ڍَڪڻيون). بار - غُبار، جيئن:

"دلين تي ڍَڪڻ چڙھيا پيا آھن".

● ڍَڪَڻُ پِيَچَڻ: شاديءَ جي رسم ۾ گھوٽ جو لائڻ وقت. ڪنوار جي گھر وڃڻ وقت. (ڪنوار جي) در تي (سوڻ طور) رکيل ڍڪڻ کي لَتَ ساڻ ڀڃڻ. جيئن:

"ھُوچا ڏِٺم ھير، ڍَڪڻ مٿي ڍول جا"

(شاھ).

- ڍَڪَڻُ ٿيڻُ: پرده پوشيُ ڪرڻ. ڪنھن جا عيب لڪائڻ - ڍڪڻ ھار ٿيڻ.

- ڍَڪَڻُ لَھَڻُ: ڪنھن لِڪل عَيب جو ظاھر ٿيڻ - خواري ٿيڻ - گِلا ٿيڻ - بدناميُ ٿيڻ. جيئن:

"ڍوليا ڍَڪڻ ٿيءُ، تہ سونھان سرتين وچ ۾".

- ڍَڪَڻ ۾ ڍُڪُ پائي ٻُڏَڻُ: شرمسارِي سبب منھن ڏيکارڻ جھڙو نہ ٿيڻ. شرم ۾ ٻڏي مرڻ.

- ڍِڪڻِيُ ۽ ڍَڪِڻيُونُ: ث. ڍَڪڻُ جو مؤنث - ننڍو ڍَڪُ.

● ڍَڪَڻُ: مصدر. [سن. سٿگ = ڍَڪَڻُ] ڍَڪُ ڏيڻ - پَڙ ڏيڻ - پوش ڏيڻ. بند ڪرڻ - پُورڻ - دفن ڪرڻ. لڪائڻ - ڇپائڻ. (ڪنھن ڪپڙي وغيره ۾) ويڙھڻ - لَپيٽَڻُ - لَٽڻ. بچاءُ ڪرڻ - بچائڻ. آس ڪان بچائڻ - ڇانءُ ڪرڻ. ڀرڻ - اوڍڻ - پائڻ - چوڙڻ - ھنبائڻ (ڪپڙو). جُھنڊ ھڻڻ. رولو چوپائي مال کي ڍَڪَ ۾ ھڻڻ - ڍَڪ ۾ بند ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- ڊَڪَنُهارُ ۽ ڊَڪَنُهارَ : ذ. صفت. ڊڪيندڙ- اڪائيندڙ- ڇپائيندڙ (عيب وغيره). جيئن :
"ڍڪيئن ڍَڪڻ هارِ ڏيئي پاند پناه جو"
(شاهه).

● ڊِڪَڻُ : مصدر. رَنبڻ (ڍڳيءَ يا مينهن وانگر)- ڪُنڪڻ- ڪجهڻ- ڪُرڪڻ. ڇِنڪهڻ- ڪُسڪڻ- ڪِنجهڪار ڪرڻ.

● ڍُڪَڻُ : مصدر. [س. ڍَئُوڪَ] پهچڻ- سهڙڻ- رسڻ. اچڻ- تشريف آڻڻ- وارد ٿيڻ. دستياب ٿيڻ- ملڻ- هٿ چڙهڻ- پُڄڻ. وات سان ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئڻ- سڏڪيون پرڻ.

● ڊَڪَڻي ۽ ڊَڪَڻيُون : ث. [س. سَٽڪَ= ڍَڪَڻُ] ڍَڪ جو مونث. ڪنهن ٿانوَ وغيره جو ننڍو ڍَڪ. ڳوڏي جو مٿيون هڏو. تلوار جي مُٺ جي چوٽيءَ تي لڳل گول ٺِڪر. بنگال جي هڪ ننڍيءَ ٻٽيءَ جو هڪ قِسم. گاهه جو هڪ قِسم (اس).

● ڍِڪيڻي ۽ ڍِڪيڻيون (ت): ث. ڍِڪَ ڪندڙ جانور- مينهون.

● ڍِڪيڻي مڪڻي نه هُجڻ : نه مينهون نه ٻڪري هجڻ. ڪجهه به نه هجڻ. ڪوبه ڪم يا ڪاساري جهڙو ڪم نه هئڻ- واندو هئڻ.

● ڍَڪي ۽ ڍَڪيُون : ث. [س. سَٽنگ= ڍَڪَڻُ] ڇَپ- لِڪ- لِڪڻ جي حالت. سج جي روشنائيءَ کي ڍَڪُ آيل وقت- سج لٿي کان سج اڀرڻ تائين وقت- پَسِهي پرک- منهن ميرُ- صبح صادق- ٻِره ڦٽي- پنُيرڪو- پيچ ڦٽي- صبح سوير- پرڀات- فجر- صبح آسر. (ث. صفت) بند ٿيل- لِڪل- ڇپيل.

● ڍُڪي ۽ ڍُڪيُون : ث. صفت. پيٽ سان- حامِلَه- گرڀڻي- گرڀوَنتي- ڳيڻ- دُوهستي- ڳَرَ ڪُڙي- ڳوڙهاري- اميد واري- ٻن جيئن سان. ڍُڪيلَ- ڍُڪائي. ڦَرِيلَ (جانورَ).

- ڍُڪياڻي ۽ ڍُڪياڻيُون : ث ڍڪي ٿيڻ واريءَ حالت- پيٽ- گرڀ- گرڀتا- ڍُڪلائي- اميد واري- ڳر ڀڙائي.

● ڏَگَرُ ۽ ڏَگَرَ (ت): ذ. وڏائي- آڪڙ- غرور.

- ڏَگَرَ ڪَرَڻُ : وڏائي ڪرڻ- آڪڙ ڪرڻ.

● ڏَگِروُ ۽ ڏَگِرا (ت): ٻُنڊڙُ- ٻُنڊَڻُ.

● ڏِگيلي ۽ ڏِگيليُون (ت): ث. ڏِڳ- ڏِير- ڏِڳي. راند جو هڪ قسم.

- ڏِگيلي ٿيڻُ : ڏِيري ٿيڻ. مري وڃڻ.

● ڏِڳ ۽ ڏِڳ : ذ. [س. دِهه. مر. دِهڪَ] (ڪنهن به شيءَ جو) ڪَٽُ- ميڙُ- انبارُ- گَندُ- ٿهو- ڪوڙُ- انبوهُ- ڏيرُ- ڏِڳي- ڪوڙ ڪيا- سٿو- گدام. دَڙو (اناج وغيره جو)- راهه- ڪرو. ٽولو- جماعت. (ذ. صفت) گهٽو- بي انداز- جام.

- ڏِڳ جهڙو ۽ ڏِڳ جهڙا : ذ. صفت. ٿلهو- متارو (ماڻهو).

● ڏَڳِڙُ ۽ ڏَڳِڙَ : ذ. مانيءَ جو هڪ قسم- دَڳِڙُ.

● ڏَڳيلو ۽ ڏَڳيلا (ت): ذ. ڪُڙتي جو هڪ قسم- ڪَهِڻُ وارو ڪُڙتو- ڏڳيلو- ڳدلو.

● ڏُڳِڻو ۽ ڏُڳِڻا : ذ. ڊانڊِي پکيءَ جو هڪ قسم.

● ڏَڳو ۽ ڏَڳا : ذ. چوپائي مال جو هڪ قسم- ٻهل- ڏاند- ڍانڊو. (ذ. صفت) وائڙو- احمق. (ذ) ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (نهايت مضبوط ۽ بنا سيڙهه ۽ شيخلي جي، ڪالاباغ ۽ مٿڻ ڪوٽ طرف، جبل واري ڪناري لاءِ لهايت موزون).

- ڏَڳائي ۽ ڏَڳائي : ذ. صفت. ڏَڳن وارو- ڏڳن جو مالڪ- ڏڳا ڌاريندڙ- ڏڳا وهائيندڙ.

- ڏَڳَنِ وانگُر وَهَڻُ : سخت پورهيو ڪرڻ- گهڻي محنت ڪرڻ- رات ڏينهن وَهڻ- ڪم ۾ رڌو رهڻ- ڳِهَڻُ. ڍانڍيءَ وانگر ڪم ڪرڻ.

- ڏَڳِي ۽ ڏَڳِيُون : ث. ڳَئُون- ڳانءِ- ڳئون- ڍانڍي.

- ڏَڳِهي وانگِهي وَهَڻُ : رات ڏينهن ڪم ۾ رُڌو رهڻ- ڳِهڻُ :

● ڏِڳِي ڄ ڏِڳِيُون: ث. ڪنهن بہ شَيءِ جو ڪوڙ - سَتِي - ڪوڙِي. ٽهي - ڏِيرُ - ڏِڳُ.

● ڏُڳِيتو ڄ ڏُڳِيتا: ذ. درياهي سِجيءَ جو هڪ قِسم (شڪل ۾ چِلِي، جهڙي ٻنا چِلرن جي، وات وڏو مُڇن سان، سنهڙا ڏَنڊَ، پوله سنهون، رنگ ڪارانجهڙو، ڊيگه اڌ فوٽ ڪن).

● ڏَلَ ڄ ڏَلون: ث. ڪنهن آبادِي واري زمين جو محصول - ڏُولُ - سُنُڪَ - رَڪَبُ - آڪِاڙِي. ڏاڻ - ٽڪس - آنڪي - ڏَنُ - رانُر - چوٽ - خِراج. مسواڙ - پاڙو - ڪِرايو. جزيو - ڏاوان - ڏَنڊُ.

- ڏَلائِيتو ڄ ڏَلائِيتا: ذ. صفت. ڏَلَ وارو - ڏَل جو - جنهن تي ڏَل هجي. ڏَل ڏيڻ جوڳو. پاڙي وارو - ڪرائيدارُ. ڏن پَرُوُ - خِراجِي.

- ڏَلَ پَرِي آڇَڻُ: ڪاڪوس ڪري اڇڻ - قضا حاجت ڪري اچڻ.

- ڏَلَ پَرَڻُ: ڏن ڏيڻ - خراج ڏيڻ - رانيرو پَرَڻ. سُنُڪَ ڏيڻ - آڪِاڙي.

- ڏَلَ وِجَهڻُ: مسواڙ مقرر ڪرڻ - جزيہ جو اندازو مقرر ڪرڻ - محصول مقرر ڪرڻ.

● ڏَلُ ڄ ڏَلَ: ڏَلُون: (ت): ذ. ث. ڪيڙيل زمين ۾ ٻنن ٺاهڻ جو هڪ اوزار - ڪيڙيل زمين کي سِڌو ڪرڻ جو اوزار - ڪِيڻ - تَرُ - سِينارَ.

● ڏِلَ ڄ ڏِلُون: [سن. سُتِلَ = ٽَڏو] ٽِڏائي - مَٺائي - نَرمائي. گِيسَرُ - سِيڙَپَ - اوسيڙو - انتظار - سِلِ وِلَ. چِرِڪَ - دِيِر - اوِيرَ - ڪَهلائي. گَهل - سُستِي - گِهر - غفلت. ڍِيگه - ڇڙواڳِي - مهلت - فرصت - جهولَ.

- ڏِلائِي ڄ ڏِلائِيون: ث. ڏِرائِي - ڏِرَ. سُسِتي - غفلت - ڪاهلي - گِهلَ - گِهرَ. اوِيرائِي - دِير. سوڪائِي.

- ڏِلَ ڏِيَڻُ: ڏِرَ ڏِيَڻُ - ڏارائڻ - ڍِرو ڇڏڻ - ڏَرڻ - جَهپائڻ - ڍِرو جهلڻ (لغڙ کي آڏائڻ وقت). ڍِيگه ڏيڻ - ڇڙواڳِي ڏيڻ. مهلت ڏيڻ.

- ڏِلَ ڪَرَڻُ: سُستِي ڪرڻ. دير ڪرڻ - چِرڪَ ڪرڻ.

- ڏِلَ وِجَهڻُ: ڍِرو ڇڏڻ. ڇڏي ڏيڻ. دير ڪرڻ - اويِر ڪرڻ (ڪنهن بہ ڪم کي) انگهائڻ. سيڙپَ ڪرڻ. سستي ڪرڻ - غفلت ڪرڻ.

● ڏُلُ ڄ ڏُلَ (ت): ذ. وارو - وَجُهي. آٽُ - ڏِنڪُ - ڪَپائي. ڏُونڪو.

- ڏُلُ ڏِيَڻُ: وَجُهي ڏيڻ - موقعہ ڏيڻ ارو ڏيڻ.

- ڏِلِجَڻُ: مصدر. سُستي ڪرڻ. جيئن:
"ڏِلِيُون پيو ڏِلِيج".

● ڏُلِڪَڻُ (ت): مصدر. تور سان هلڻ - تِيلڻُ - سهڻي رفتار سان هلڻ. هيڏو ٿيڻ.

- ڏُلِڪَ ڄ ڏُلِڪُون: ث. سهڻي رفتار سان هلڪ - ٽيلارو - ٽورَ - رفتار.

- ڏُلِڪَارُ ڄ ڏُلِڪَارُون: ث. ٽور - رفتار. جيئن:
"بغدادي آئيا بوڙيون ڏِيئي، ڏاتي ڪري ڏُلڪار".

● ڏَلَڻُ (ت): مصدر. سنون ڪرڻ. ڪڙو ٿيڻ.

● ڏِلُو ڄ ڏِلا: ذ. صفت [سن. شُٿَل = ٽڏو] ٽوري رفتار وارو - آهستو - ڌيمو - ڍِرو. ڪِرگلو - موڪرو - ويڪرو (ڪپڙو وغيره). سُسُت - ڪاهل - غافل. ڪَجِڙَ (زمين). گهٽ آبادي ڪندڙ - غير مُشمَرُ - غيرآباد - ويران - ٽسقل. غريب - ٻُڪيو - سُڃو - ويچارو - ٽلهو - نڌر - مسڪين. گهٽ - ڪَسُو - ٻُڇڙو - خراب - عيبدار.

- ڏِلائِي ڄ ڏِلائِيون: ث. گهٽتائي - خرابي - ٻڇڙائي - عيب - مدائِي.

● ڏَلُو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڏَلِي ڄ ڏَلِيُون (ت): ث. ڪيڙيل زمين کي سَنئين ڪرڻ جو اوزارُ - ڪِيڻ.

- ڏَلِي ڏِوُرَڻُ (ت): دلگير ٿيڻ - همت ڇڏڻ.

● ڏِلِيارِ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ڏِلِّياري ۽ ڏِلِّياريُون (ل)؛ ث. ٻير جو سڏو سنئون وڻ- ڪابولي ٻير (ت).

● ڏِمَبُو: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● ڏِمَنِ ۽ ڏِمَنِيُون: ث. ٿوري واريءَ ۽ ٿوري چيڪي گڏيل (زمين).

● ڏِنبري ۽ ڏِنبريُون: ث. وڏي چڙي.

● ڏِنبيري ۽ ڏِنبيريُون (ت): ث. وڏو چڙو- ڏِنبرُ- سانير.

● ڏَنڊَ ۽ ڏَنڊُون: ث. [هہ. تل] بيٺل پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ- سَرو وَرَ. هَوَدُ- حوضُ- چَهچهو- ڪانڌو. چيٻري لاسَ وارو پوڙُ. وَڄت جو هڪ قسم- محرم جي عاشورن وقت دُهل يا نغارن جي وڄت- ماتمي وَڄت (اڳي ڪنهن امير، رئيس يا حاڪم جي مرڻ تي وڄندي هئي)- ڏِڏَ.

- ڏَنڊَ ٿيڻُ: پاڻيءَ جو اچي هڪ هنڌ ڪٺو ٿيڻ.

- ڏَنڊَ پِٽڻُ: نغارن يا دُهل جي ڏِڏَ (وڄت) تي پٽڻ.

- ڏَنڊَ ڪَرَڻُ: درياه جو جهول، پاڻيءَ جو چڙهي وڃڻ.

- ڏَنڊ ڪُڪڙُ ۽ ڏَنڊَ ڪُڪڙَ: ڏنڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم (رانگ سيرانجهڙو ڪڪڙ والڪر، چهنب نوڪدار، ننگسون ڊگهيون ۽ سايون، پيرن ۾ پردو ڪولہ ٿئي).

- ڏَنڊَ وَڄڻُ: ڏِڏَ وڄڻ- ماتم جي وڄت وڄڻ. پِٽَ پوڻ- ماتم ٿيڻ.

- ڏَنڊِين ڀِڄڻُ: مشهور ٿيڻ- ناميارو ٿيڻ- نامي گرامي ٿيڻ- نالي وارو ٿيڻ- هر ڪنهن جي وات تي هجڻ- عام تي وڃڻ. گهڻائيءَ سستائي هئڻ.

- ڏَنڊِين ڏِيرُ ۽ ڏنڊين ڏيرَ: ذ. سِيوڪِجهه. جهجهائي- گهڻائي- سُڪُرُ- سُڪار- سَرِمائي- اڪثريت- ميڙ- گنج- شُڪر وارو سال.

- ڏَنڊِين ڏيرُ لڳڻُ: بي انداز ٿيڻ (اناج وغيره). سيوڪجهه ٿيڻ- سُڪر لڳڻ- سُڪار ٿيڻ.

● ڏُنڊُو ۽ ڏُنڊَ: ذ. ڏُونڊُو- مُردار- سَڙهه- سُڙُو. مئل جانور جو لاش. گند- ڪچرو.

● ڍَنڊَ شاڪيراڻي: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڍَنڊ ڪَرَ ۽ ڍَنڊِ ڪَرُونَ (ت): ث. زور سان روئڻ جو آواز- اوڇنگار- ڏاڍ- رڙ- ڪُوڪَرَ.

- ڍَنڊ ڪَرَ ڏِيڻُ: وڏي آواز سان رُئڻ- اوڇنگارون ڏيئي روئڻ.

● ڍَنڊ ڪَرَمپُورُ: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڍَنڊَڻُ ۽ ڍَنڊڻَ (ت): ذ. وڏو جانور- پوڙهو جانور- ڪراڙو جانور- ڍانڊو.

● ڍَنڊو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڍَنڊورو ۽ ڍَنڊورا: ذ. [سن. ڊِرِم ڊِرِم = هڪ دهل]. نغاري جي چوٽ يا دهل جي آواز تي عام اعلان- عام اطلاع (ماڻهو واتان) اعلان- تشهير. پڙهو- منادي. (اسم خاص) تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- ڍَنڊورائي ۽ ڍَنڊورائي: ذ. صفت. ڍنڊورو ڏيندڙ- پڙهو يا منادي ڏيندڙ- عام اطلاع ڪندڙ- سڏ ڏيندڙ.

- ڍَنڊورچي ۽ ڍَنڊورچي: ذ. صفت. پڙهي وارو- ڍنڊورائي- ڍنڊورو ڏيندڙ.

- ڍَنڊورو پِٽائڻُ: پڙهو ڦيرائڻ- اعلان ڪرڻ- عام اشتهار ڪرائڻ- عام اطلاع ڪرائڻ. مشهوري ڪرائڻ- ظاهر ڪرائڻ- پڌرو ڪرائڻ.

- ڍَنڊورو ڏيارڻُ: پڙهو گهمائڻ- اشتهار ڦيرائڻ- عام اطلاع ڪرائڻ (دهل تي).

- ڍَنڊورو ڏيڻُ: پڙهو گهمائڻ- مشهوري ڪرڻ- اعلان ڪرڻ- هرهڪ جي ڪَنَ تائين ڳالهه پهچائڻ.

- ڍَنڊورو گهمائڻُ: ڍنڊورو ڦيرائڻ- پڙهو ڏيارڻ- منادي ڪرائڻ (ڪا ڳالهه)- مشهوري يا عام ڪرڻ.

● ڍَنگُ ۽ ڍَنگَ: ذ. [سن. ڌنپ. ڌنپ = ڏيکاءُ ڏيڻ] نمونو- طرز- ڍَبُ- پَارُ- طرح-

پَٽ - ڏانءُ - طريقو - وَجھہ - ويتيرو - دَستورُ - پَرِ - ڍارَ - ريت - قِسم - پرڪارَ - ڍؤلُ. چلت - چَال - ورتاءُ - وضع قطع - هلت - رَوَش - رويو. لڇڻُ - لَلُ - ڪيرُ - عادت - افعال - چيھَڙ - آٿڻو ھڻ - لِشِسِتَ برخواست - شِيھورُ - ادب اندازو - سيرت - سليقو - خصلت - حَالُ. رَستو - ورجَسُ - ترتيبَ - قرينو. هُنر - فَنُ - ڪُشسُلتا - چترائيِ - حڪمت - مھارت - ڪاريگريِ - قابليت - استاديِ. رِٿ - تجويز - اٽڪل - ترڪيب - حرفت. طبع زاد - جوڙ ٽوڙُ - اِيجادَ - ڪَلَ.

- ڍَنڱائِتو ۽ ڍَنڱائِتا: ذ. صفت وارو - ڪِرائتو - طريقي وارو - چڱي نموني وارو - شانائتو - بُلند اِخلاق - سلڇو - عزت ماب - ڍولائتو.

● ڍِنڱُ ۽ ڍَنڱُ (ل): ذ. صفت. بھادرُ - جوانُ - سورهيہ - پھلوان - شيردِل.

- ڍِنڱن ڪي ڍاھڻُ: وڏن ماڻھن کي شڪست ڏيڻ.

● ڍُنڱُ ۽ ڍُنڱُ: ذ. پہ. شيون - پہ لنگ - پہ داڻا - جوڙو - جُٽ - جوڙِي - ٻيٽُ. سَلَهڙُ (جانورن جو). گھوٽ ڪنوار - ونو وَنيِ - دَمُ پنيِ ھٿو - بَندَ - ڪشو - ڪمربند.

● ڍَنڱَرُ ۽ ڍَنڱَرَ: ذ. [سن. جھانجھي. مر. جھانڪو] وڻ جو - ڪنڊن وارو ٽارو - سنھون جھنڪُ - ڍَنڱرُ. اپرو جانور (جھڙو هڏن جو پڃرو) ڏُھرو ڍوُرُ. [سن. تشڪر. مر. دَبن] ماڪ. سينھن تي پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ٻاجي.

- ڍَنڱَرَنَ تي آنو هارَڻُ: اجائي محنت ڪرڻ.

- ڍَنڱيرِيَ ۽ ڍَنڱيرِيُون: ث. ڪنڊنِ واري ٽارِيَ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم. (ث. صفت) - ڪمزور.

● ڍُنڱيريُ ۽ ڍُنڱيرِيُونَ: ث. [سن. ڏُوُمڪُ + رِيُ] ماڪَ - ڏُنڌ - غُبار - ڪوھڙو.

● ڍِنڱمُتَرُ ۽ ڍِنڱمُتَرَ: ذ. ڏڙڪي وارو ٻالھاءُ - ڏڙڪو داب - دَرٻات - ٽابش - ڏمڪيِ - ڏاڪو.

● ڍَنڱڻُ: مصدر. ڪير ڏيندڙ مال (ڍڳيءَ يا مينھُنَ) کي ڏُھڻ وقت پويَن ٽنگن ۾ رسو ٻڌڻ - ونگ وجھڻ - ونگڻ.

- ڍَنڱُ ۽ ڍَنڱَ: ذ. مينھُن يا ڍڳيءَ کي ڪير ڏھڻ وقت پوين ٻن ٽنگن ۾ ٻڌلَ رسو - وَنڱُ - نُوڙي.

- ڍَنڱُ جي مَھلَ: ث. ڏُهائي جي مھل - سانجھيُ - شام.

- ڍَنڱُ وجھڻُ: ڪير ڏيندڙ چوپائي مال کي وَنڱُ وجھڻ - ڏهائي ڪرڻ.

● ڍَنڱھرَ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

● ڍَنڱھرُ ۽ ڍَنڱھرَ: ذ. ڍَنڱرُ.

- ڍَنڱھرُ ڍارَڻُ: پناھ ڪرڻ - بچاءُ ڪرڻ - اجھو ڏاھڻ.

- ڍَنڱيھرِيُ ۽ ڍِنڱيھرِيُونُ: ث. ڍَنڱيري.

- ڍِنڱھري چاڙھڻ: رن زال يا مري ويل ماڻھو جي گھر جي ڀاتين کي خوشيءَ جي موقعي (جھڙوڪ عيد وغيره تي) تي سيون رڌي ڏيڻ، ٻئي نمولي سنڀال لھڻ.

● ڍَنُوائِڻُ: مصدر. ڍؤ ڪرائڻ - ڍوائڻ - پيٽ ڀرائڻ - رَڄُ ڪرائڻ - خواھش پوري ڪرائڻ.

● ڍَنُّنُ ۽ ڍَنُّنَ: ذ. ڍؤل - نمونو - طريقو - طرحِ - رستو - طرز - ڏانءُ. رواج - چالو - پَروِڀُڙِ وَتيرُو - پَرُ. شڪل - صورت - گھاتَ - رُوپُ - ڍِنڱُ - آچار. وِيس - بانو. پَٽ - ڍَبُ - وَجُھہ - دستور - هلت - ڍارُ. لڇڻ - افعال - عادت - لَلُ - ڪيرُ - چيھَرُ - عادت - شَھُورُ. قرِينو - ترتيبَ - تجويز - اٽڪل - واٽ - هُنر - فَنُ - ڪاريگرِي ڪارُسُتاليِ. آرُ - رَمزَ - حڪمت - فِراسَت - عقل - چترائي - ڏاھپَ - سياڻپ - هوشيارِي - قابليت.

● ڍَوائِتو ۽ ڍَوائِتا: ذ. صفت. ڍولائتو - سُھڻين وصفن وارو - سھڻو - خوبصورت. باسيرت - با اخلاق - خَليق - با ادب - اديب - صالح. (ظرف) سھڻي نموني - سٺي ڍِنڱَ سان - سٺي طرز سان.

Gul Hayat Institute

● ڏُوُپَ ۽ ڏُوُپُونُ (ڪ): ث. صفت. وڏي عمر وارِي- پوڙهي- پُڏِي.
● ڏُوُپُ ۽ ڏُوُپَ (ت): ذ. خراب ڳالهه- گار.
- ڏُوُپَ ڪَڍَڻُ: گاريون ڏيڻ- خراب ڳالهائڻ.
● ڏوُڏا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏوُڏارَ ۽ ڏوُڏارُونُ (ت): ث. ڪَپڙ جي وَڻَ جي ٻاڙَ.
● ڏوُڏارُ: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڏُوُڏِرِي ۽ ڏُوُڏِرِيُون: ث. ٻُوٽي جو هڪ قسم.
● ڏوُڏوُ (ت): ذ. گِلا- بدنامي- خواري.
- ڏوُڏوُ ڪَيُ لائِڻُ: بدنامي ڪرڻ- گِلا ڪرائڻ.
- ڏوُڏوُ ڪَرَڻُ: خواري ڪرڻ- بدنام ڪرڻ.
● ڏوُڏوُ ۽ ڏوُڏا: مانيءَ جو هڪ قسم- ٿلهي ماني (جوئر يا ٻاجهريءَ جي)- رڍولو- روٽلو- ڍَڪِڙُ- ڍَڪِڙِي- روٽ. مرچ مصالح ۾ ٿلهي مالي (گل قند).
"توڙي وجي روم، تہ بہ ڏوڏي متي توم".
- ڏوُڏا ڏِيَڻُ: تپائڻ- تنگ ڪرڻ. رُلائڻ.
● ڏُوُڏُوُرِيُ ۽ ڏُوُڏُوُرِيُونُ: ث. گاهه جو هڪ قسم- هڪ ٻوٽيءَ جو نالو.
● ڏوُرُ ۽ ڏوُرَ: ذ. [ک. ڏورَ. سن. ڏؤريمہ < ڏُرُوَهَ = ڏور] جانور- چوپايو. گهَرُو چوپايو مالُ (سڱن وارو)، جهڙوڪ: ڏڳيون، ڏَڳا، مينهُون، گابيون، وَڇُون، وَهڙا وغيره. مالُ- مويشي. بار ڏوئيندڙ جانور- وهٽ. نهر- ڏورو. سمنڊ- درياهہ. (صفت) بي سمجهہ- اڻ ڄاڻ- اڻبوجهہ- بي عقل- موکو- ٻُڏوُ- ٻُکهلُو. ڏيو- مانڊُو- چَرياڻ- گگدام.
- ڏوُرُ ڏَنگَرُ ۽ ڏوُرَ ڏَنگَرَ: ذ. چوپايو مال- سڱن وارو مال- ڏور ڏڳو- وهٽ وانو- مال مويشي.

● ڏوُرَڻُ: مصدر. اڻَ مان ڪِڻُ، ڪچرو، مِٽي وغيره صاف ڪرڻ- چنڊڻ- ڇاڻڻ- واڻرڻ. جدا ڪرڻ- ڌار ڪرڻ- الڳ ڪرڻ- علحدو ڪرڻ- وِ ڪرائڻ- وڇوڙڻ. هارَڻُ- وِ ڀُٽَڻُ. ڪيرائڻ- ڌِڪو ڏيڻ.
● ڏوُروُ ۽ ڏوُرا: ذ. هيٺاهين زمين (جتي پاڻي بيهندڙ هجي) ڪَڏَ- جهَڪائي- جهَڪاڻ- هيٺاهين- ڏورِي- ترائي- قدرتي تلاءُ- جهنو. نيڏڙي ڏنڍ- چَنبُ. وادِي- ماٿري. خالُ- اونهاڻ- ٻُورُ. پاڻيءَ جو هيٺانهون ڪَڏو- پاڻي جو چشمو- ڍَهو- جهڪتو. ٿڌي واهہ يا درياهہ وغيره- ڦِٽو. واهُ- ڪَسِي. (ث. ڏورِي ۽ ڏورِيُون). سَمنڊ. مڪان يا نهر جو نالو. (اسم خاص) تعلقي ڏِگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڏوُروُ وِجهَڻُ (ت): ٽَڪَلَ وَهَٽَ ڪي آثارڻ لاءِ رَسو وجهڻ يا رسو ۽ ڪاٺي ڪرائڻ.
● ڏوُرِيُ ۽ ڏوُرِيُونُ: ث. [سن. ڌار] ڏورو جو مونث. هيٺاهين زمين (جتي پاڻي اچي ڪَڏ ٿئي)- ڇَنِ- نيڏو تلاءُ- نيڏڙي ڏنڍ- ترائي. ليڪو- ليڪَ- پٽو- پٽي- گهاري (تلوار جي ڦَر جي وچ ۾ خال والکي گهُپُ وغيره).
(اسم خاص) تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- ڏوُرِيُ چَڙَهَڻُ (ل): گهٽي مايا چڙهڻ. گهڻو متارو ٿيڻ.
- ڏوُرِيُ هَڻَڻُ: سگهارو ٿيڻ- طاقتوارو ٿيڻ- ٿلهو ٿيڻ- متارو ٿيڻ- تازو توانو ٿيڻ- سَيرو ٿيڻ- ڏ ٽوسٽو ٿيڻ (چوپائي مال جو).
● ڏوُرِيُو ۽ ڏوُرِيا (ت): ذ. ڪتولو- ڪَتَ- مَنجُو.
● ڏَوَڙُ ۽ ڏَوَڙَ (ل): ذ. ڏَئو. جيئن تہ: "پٽَ جا ڏَوَڙَ لڳا پيا آهن".
● ڏوُسَ ۽ ڏوُسُونُ (ت): ث. پِٽَ- سَٽَ ڪُٽَ.
- ڏوُسَ سَچائِڻُ: گهڻو پِٽڻُ- سَٽڻ ڪُٽڻ.
● ڏوُڪُ ۽ ڏوُڪَ (ڪ): ذ. ورُ- وَڪڙُ- ڏِنگُ. جبل جو وَرُ- لٺ وغيره جو وَرُ.

Gul Hayat Institute

● ڊوڪارَڻُ (ڪ) : مصدر. ھُوڪارڻ ـ وڙھڻ لاءِ سڏ ڪرڻ.

● ڊوڪارِيُ (ٿ): اسم خاص. ھڪ ڏھَرِ جو نالو.

● ڊوڪاٿِيُ (ٿ): اسم خاص. ھڪ ڀِٽَ جو نالو.

● ڊوڪَرَ ۽ ڊوڪَرُون (ت) : ٿ. سَخا جو خُونيچو ـ ڊاڪئون. مهرباني ـ بخشش (ت).

● ڊوڪِرِيُ ۽ ڊوڪِرِيُون : ٿ. ماليءَ جو ھڪ قسم ـ ڀلو يا مڇيءَ اندر وجهي پچايل ماني يا ڊوڊو ـ ڇھري روٽي مؤٺ ڀيل ٿُولُو (ت) ـ آڀاريل ٿُلهي ڪوڪي يا ماني (ٿ). (ٿ. صفت) رلندڙ ـ ڇِرڙُ ـ آواره ـ نُوسڻي ـ لالچڻ ـ بي ماني (ت).

● ڊُولَ : اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● ڊولُ ۽ ڊولَ : ذ. صفت. [سن. ڏُوَ + "لُ = پچاڙي] مِٺڙ ـ لَڏڻ ـ پَڻِ ـ لالَڻ ـ ساجن ـ پرينُ ـ محبوب ـ ڊولڻ ـ دلبر ـ دوست ـ يارُ ـ ميترُ ـ سَڄڻ ـ ڊولو ـ ڊوليو ـ دوسُ ـ دلدار ـ منٺار ـ معشوق ـ دل گھريو ـ ساھ سيباڻو. سُوِس ـ پِٽار. (ذ. صفت) دادلو ـ لاڏلو ـ ڇُڇلو ـ ڪوڏ نپنو ـ انگيلي. مَلُوڪُ ـ موچارو ـ سُٺو ـ سھڻو ـ ٺاھوڪو ـ عاليشان ـ مَن ملوڪ. خدا تعاليٰ. [سن. ڊول = ڍُھل] وڄت جي ھڪ ساز جو نالو ـ ڍُھلُ ـ ڊولَڪَ.

ـ ڊولَ ڊِلا ٿيڻُ : همت ڇڏائڻ.

ـ ڊولِيُ ۽ ڊولِيُ (ٿ): ذ. صفت. ڍُھل وڄائيندڙ ڊول وارو ـ ڍُھلارِي.

ـ ڊوليو ۽ ڊوليا : ذ. ڊولُ ـ ڊولَڻُ ـ ڊولو ـ سڄڻ ـ دوست ـ پيارو ـ محبوب. رب تعاليٰ. جيئن :

"ڊوليا ڏکڻ ٿي، ڏيئي پاند پناھ جو" (شاھ).

● ڊُولُ ۽ ڊُولَ (ڪ): ذ. حُقي يا چلم جي ٽوپيءَ جو ڍَڪُ ـ مخروطي لوھي ٽوپ ـ ڊُولُ.

● ڊولَرُ ۽ ڊولَرَ (ٿ): ذ. پکيءَ جو ھڪ قسم.

● ڊولِڙِيُ ۽ ڊولِڙِيُون (ٿ): ٿ. پَٽوچا ھاٿ ۾ ڪم ايندڙ نڪر جو ھڪ ٿانءُ (جنھن تي ٿالڊا رکي گيھ وجهي ساڙجي).

● ڊولَڪَ ۽ ڊولَڪُون : ٿ [سن. ڊولِڪا ڊولَڪَ. ف. ڍُھلڪ. سن. ڊول] وڄائڻ جو ھڪ ساز ـ ننڍو ڍُھل (جو اڪثر زالون سھرن ڳائڻ وقت وڄائين) ـ ڍُھلڪي ـ ڍُھلڙي ـ ھڪواز ـ ڊِبِڪَ ـ ڊِبِڪڙي ـ ڊولڪي.

ـ ڊولَڪَ وَڄائِڻُ : ڍُھلڙي يا ڍُھل وڄائڻ.

ـ ڊولَڪُون وَڄائِڻُ : ڏُکيو ڪم ٿي نہ سگھڻ. سَولو ڪم ڪرڻ.

ـ ڊولِڪِيُ ۽ ڊولِڪِيُون : ٿ. ننڍو ڍُھل ـ ڍُھلڙي ـ ڊولَڪَ ـ ڊِبِڪَ ـ ڊِبِڪي ـ ھَڪواز.

● ڊولِڪِيُون ۽ ڊولِڪِيا : ذ. صفت. ڊولڪ وارو ـ ڊولڪ وڄائيندڙ ـ لنگھو ـ طبلائي ـ ڍُھلاري ـ ڏوڪڙي. مارواڙ ملڪ ۾ رائج، رپئي برابر ھڪ سڪو.

● ڊولَڻُ ۽ ڊولَڻَ : ذ. صفت. ڊولُ ـ يارُ ـ محبُوب ـ دلدارُ ـ منٺار ـ دلرُبا ـ معشوق ـ ڊولو ـ ڊوليو ـ دوست ـ پرين ـ پيارو. ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ڳِنھ جو ھڪ قسم ـ ڊولڻو ـ ڪارڪ. ڳاٽءَ جو ھڪ قسم.

● ڊولِڻو ۽ ڊولِڻا : ذ. ڳَنھ جو ھڪ قسم ـ ڳچيءَ ۾ پائڻ ۽ چانديءَ يا سون جي دلِيءَ ۾ بند ٿيل تعويذ ـ ڪارڪ. پيارو.

● ڊولِٿِيُ ۽ ڊولِٿِيُون (ڪ ـ ٿ): ٿ. (ڪڇ) کٽ ـ ڊولِيُ ـ مَنجي ـ چارپائي.

● ڊولُو ۽ ڊولا : ذ. پيارو ـ محبوب ـ دلبر ـ جاني ـ دل گھريو ـ ڊول ـ دوست ـ ڊولڻ. ڪالڻ ـ گھوٽ (ٿ). (اسم خاص) ڊوليو ـ مومل جو عاشق. پسار ـ چوڪَرُ ـ پُٽُ. ھڪ راڳڻيءَ جو نالو. راڳ جو ھڪ قسم.

● ڊولِيُ ۽ ڊولِيُون : ٿ. سنڌ جي مينھن جو ھڪ ٻَڻُ يا وَڙُ ـ ھَنَڌَ جي مضبوط ۽ سھڻي مينھن.

● ڊولِيا (ت): اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ڊُوُمَا ۽ ڊُوُمائُون: [پرا. ڊُمَ. سن. پُر مُ] ناڪامياب ڳولا - اجايا ڏِڪا - ٺاپا - رولڙو ٺولڙو - ڏوما. جاچ - ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ خالي رولڙو - تاڙ - جُستجُو - اُمُوس - ڳولها.

- ڊُوُمَانُ هَڻَڻُ (ت): جاچ ڪرڻ - ڳولا ڪرڻ - بيڪار رُلڻ - ناسُون هڻڻ - تاڙ ڪرڻ - ڪوشش ڪرڻ.

- ڊُوُمَائُونُ ڪَائِڻُ: اجايو رُلَڻُ - ٺاپا ڪائڻ - خواه مخواه ڏِڪا ڪائڻ - اجايو رولڙو ڪرڻ - ڏوما ڪائڻ - ڪنهن شيءِ جي ناڪام ڳولا ڪرڻ. ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ ناڪامياب ٿيڻ - ٺاٺُون ڪائڻ - اجايو دربدر ٿيڻ.

● ڊُوُمَڻُ ۽ ڊوُمَڻَ (ڪ - ت): ذ. ٿانءَ جو هڪ قِسم.

● ڊُوُمِڻُ (ت): مصدر. ڳولڻ - ڪوشش ڪرڻ.

- ڊُوُمِين ڊُوُمِين: ظرف. ورلي - ڪٿي ڪٿي.

● ڊُونڊُ ۽ ڊُونڊَ: ذ. ڪنهن مري ويل جانور جو ڪجهه عرصي کان پيل مڙهه (جو ڏپ ڪري وڃي) - مردار جانور جو مڙدو - ڪنو گوشت - لوٿ. ڪرڦتي - گندڪِي - ڪن ڪچرو - گند.

● ڊُونڊَڻُ ۽ ڊُونڊَڻَ (ث): ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم. ٻوه وڻ جو ڏِنيهُون.

● ڊُونڊڻُ: مصدر. [سن. ڊُونڊَنُ، ڊُنڊَنَ] تلاش ڪرڻ - ڳولڻ - نهارڻ - ڳولا ڪرڻ - ٻچا ڪرڻ - ڏورڻ - جُستجُو ڪرڻ - ڦولهڻ - جاچڻ - کوج لڳائڻ - ڏسڻ.

- ڊُونڊَ ۽ ڊُونڊُون: ث. ڳولا - ڦولها - تفتيش - ووڙ - کوج - تلاش.

● ڊُونڊُو ۽ ڊُونڊا (ت): ذ. صفت. نيوڙيَلُ - ڪُبو - ٽُوليڙو - ڊُونڊو.

● ڊَون ڊَونُ: ث. (آواز) آواز. دهل جي وڄت جو هڪ قِسم. گوڙ - گهمسان - پَٽخي - جهڪي.

● ڊَونڪو ۽ ڊَونڪا: ذ. ٺوري ننڊ - ننڊ جو جهوٽو - گهيرٽ - جهوٽو - جُهٽڪو - نينڊڙي - سوپو - سوهڙو - اک ٻُوٽ - ٻِنڪي. (ث. ڊَونڪي ۽ ڊَونڪيُون).

- ڊَونڪو آچِڻُ: ٿوري ننڊ اچڻ - اک لڳڻ.

- ڊَونڪو ڪَرَڻُ: ٿوري ننڊ ڪرڻ - اک ٻُورڻ.

● ڊَونڪَ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊَونڪَ ۽ ڊَونڪَ: ذ. [گ. ڊونڪَ. سن. دَنڀَ. دَنڀُ = ڏيکاءُ ڪرڻ] ميڪرُ - ڦندُ - ڦاڪنبڊ - فريب - ٺڳي - دولاب - دغا - ترُڪَٽُ - چلُ - ڪُپت - کوٽ - گهات - سِنهڻ - ڪيڪُ - تيتالُ - بهانو - عُذر - ٽالُ - ٽار - چِندُ. تجويز - اٽڪل بازي - حرفت - پَرپَنچُ - چالاڪي. ڪِپل - هُنر.

- ڊَونڪَ رَچَائِڻُ: مڪر ڪرڻ - بهانو ڪرڻ - ڪوڙ ڪرڻ.

- ڊَونڪِي ۽ ڊَونڪِي: ذ. صفت. ڊونڪَ ڪندڙ - مڪريلو - چندائتو - فندِي - چَنڊباز - ٺڳُ - حرفتي - چالاڪ. تيتالو.

● ڊُونڪَرُ ۽ ڊُونڪَرَ (ڪ): ذ. [سن. ڏومَڪَ. "دي" ٻچاڙِي] ماڪ جو ڪَڪَرُ - ڪوهيڙو - ڊِنڪِري.

- ڊُونڪَرِي ۽ ڊُونڪَرِيُون: ث. مَاڪَ - مات - ٽيڙ. غبار - ڏنڊ.

● ڊُونڪِرو ۽ ڊُونڪِرا: ذ. ٻنيءَ جو هڏو يا ڪنڊو - ڪرنڪهو. ٻني. مڇيءَ جو هڪ قِسم (سينڪاري مڇيءَ جهڙي ۽ اڇي رنگ سان هڪ مڇي).

● ڊُونڪِرِي ۽ ڊُونڪِرِيُون: ث. بدن جو هڪ عضوو - نهائين.

● ڊَونڪَلُ ۽ ڊَونڪَلَ: ذ. ٽنولي - چِٽَرَ - لوڪ - کِلَ - چهڙ. اٽڪلُ - وِچارا. طعنو - مهڻو - گِلا - اجايو گفتو - خراب ڳالهائُ.

Gul Hayat Institute

- ڍَونڪَلُ اُڇلَڻُ: واهيات جملا استعمال ڪرڻ - ڪنهن جي اڳيان سان ناسخاطري ڪرڻ - طعنو هڻڻ - مهڻو ڏيڻ. پرائيءَ ڳالهه ۾ ٽپي پوڻ.
- ڍَونڪَلُ ڏارَڻُ: طعنہ زني ڪرڻ - ٺٺولي ڪرڻ (ڪنهن تان) - مسخري ڪرڻ - ڪِلَ ڪرڻ - چرچا يا چِٺرون ڪرڻ. ويڪون ڪيڻ. ڪسرون ڪيڻ - ظلم ڪرڻ.
● ڍَونڪَل ڦيٽا ڪَرَڻُ: ڍيڪَ ڏيڻ.
- ڍَونڪَلُ هَڻَڻُ: چٿر ڪرڻ - ڪِلَ ڪرڻ - ٺٺولي ڪرڻ. ٽوڪ هڻڻ - نقل ڪرڻ - ويچارا ڏيڻ.
- ڍَونڪَليُ ۽ ڍَونڪَليِيَ: ذ. صفت. ڍونڪل اڇلائيندڙ - طعنہ زن - مهڻائي.
● ڍُونڪَڙُو ۽ ڍُونڪَا: ذ. ڦِنبڻُ - چُنڊُر - ڦُنبڙ - ڍُڏُو - ويهڪَ جي جاءِ - تڙو. ڪُنجڙو - ڍُڏُ. ڦُنو - ڦُنا - ڦُنيءُ - ڦُنيءِ وارو ڪنبو - ڪرنگهو - ڍاڪ جو هڏو - ڍَونڪَرِيُ (ل).
● ڍُونُو ۽ ڍُونا (ت - ل): ذ. ڀيٽ - سوکڙي - نذرانو - سوغات - تحفو. لوهار يا ڪنڀار جو شاديءَ جي موقعي تي سوکڙي طور آندل ڏاڻ يا اوزار.
● ڍَووُ ۽ ڍَوا: ذ. مينهَن پوڻ جا نشان - خراب هوا - ڪُواءُ - ڍَوءُ.
- ڍَووُ ڪُٽَڻُ: آسمان جو صاف ٿيڻ - مينهَن جو ڪجهي وڃڻ.
● ڍَوهُو ۽ ڍَوها (ت): ذ. ڏڙو - ڀيٽَ (جنهن تي گاهه نہ اُڀري).
● ڍَوَ ۽ ڍَوَ: ڀيٽ پرائيءَ - رَڄ.
- ڍَوَ پيارڻُ (ت): هيسائڻ - ڊڄائڻ - ڀڄائڻ.
- ڍَوَ ڪَرَڻُ (ت): ڪُڪُ ٿيڻ - ڊڄي وڃڻ.
● ڍَوءُ ۽ ڍَوءَ: ذ. خراب هوا - طُوفاني هوا - برساتي هوا - رَوَ - رئو - ڍَووُ.
- ڍَوءُ ڪُٽَڻُ: صاف ٿيڻ (هوا جو) ظاهر ٿيڻ (آسمان جو).
● ڍُوئِڻُ: مصدر. ر. [سن. ڍَوڪَ > ڍَهَڻُ: ووڍَ. سن. ڍوڻ] هڪ هنڌان ڦيرائي ڪري ٻارُ کڻڻ - وري وري کڻڻ - ڦيرڻُ - کڻي وڃڻ.
ڀڄائڻ - رَسائڻ - لَڏڻ (سامان وغيره) - ويجهو ڪرڻ - کڻي وڃڻ. جيئن تہ:
"سُٺڙ سي ڍوئي جي تڙ تَوائيي سَڪُڙا" (شاهہ).
(ڪورين جو هڪ اصطلاح) ڪم ڪي ختم ڪرڻ.
- ڍوءُ ۽ ڍوئُون: ث. ڪٺائي - ڪشت - ڍُڏائي - منتقلي. ڍوئڻ جي مزوري - ڪٺائي - ڍُڏائي - حمالپ.
- ڍوئُنُو ۽ ڍوئُنِيا: ذ. ڍوئيندڙ - ڪڻندڙ - حمال.
ڍوئِيُ ۽ ڍوئِيون: ث. سامان، ڪهري، وغيره جي گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ - اروڙيءَ - ڍِڳِيءَ.
- ڍوئِيُ ڪَرَڻُ: اَنُ يا ڀاڻ وغيره هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ ڍُڪو ڪرڻ. گڏ ڪرڻ - ڍِڳِيءَ ڪرڻ.
● ڍوئِيو ۽ ڍوئِيا: ذ. شاديءَ يا ٺهر جي خوشيءَ جي موقعي تي راڄ جي ڪاسبين جهڙوڪ لوهارن، ڪنڀارن، طرفان مبارڪ يا انعام لاءِ ناهيل سندن تحفو - سوکڙيءَ طور ڏنل ميوو يا مٺائي وغيره. سوغات - سوکڙي - ڏاليءَ - ڀيٽا - نذرانو - عطيو - بخشش - ڍوٺو.
- ڍَهِيٽ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڍهينڊَ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ڍَهِنڊِيُ: اسم خاص. تعلقي ساماري، تعلقي گوني ۽ تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڍُهيُ ۽ ڍُهيُونَ (ت): ث. ڪرلڪهي جي ڀڄاڙيءَ واري هڏي - هنگڻ هڏي (ت).
- ڍُهيُ هَڻَڻُ: سيريُ اچڻ - رڙهي اچڻ.
● ڍُڏائڻُ: مصدر. [سن. ڍَهُ = ڍوئڻ] هڪ هنڌان کڻائي ٻئي هنڌ رکائڻ - گهمرا ڪري ڪٺائڻ - ڍوئائڻ - ڪٺائڻ - ڀڄارائڻ.

Gul Hayat Institute

- ڊُٺائِي ج ڊُٺائِيُون: ث. ڪنهن شيءِ جي ڪٺائڻ يا ڊوٺڻ جي مزوري - سامان وغيره ڪٺڻ يا ڪٺائڻ جو عيوضو - ڊُٺائِي - ڪٺائِي.
- ڊُٺائي ج ڊُٺائِيُون: ث. ڊُٺائِي - ڪٺائِي - مزوري.

● ڊِءُ ج ڊِءَ: ذ. ڊِئِسو - ڊِؤ - رَجُ - تيرپٽ - قرار - خوشِي.

● ڊِءُ جهلڻُ: پيٽ ۾ ماپڻ - سمائڻ. برداشت ڪرڻ - منو جهلڻ.

- ڊِءُ ڪرڻُ: قرار ڪرڻ - بس ڪرڻ (ڪاڏي ڪان).

● ڊِئِجڻُ: مصدر. ڪانئي پرجڻُ - ڏِئِجڻُ - ڌِلهجڻ - رُجُ ٿيڻ - تپت ٿيڻ. راضي ٿيڻ - خوش ٿيڻ - پرجڻ - پُر ٿيڻ - ڍاپڻ.

- ڊِءُ ڏيئي ڇڏڻ: تنگ ڪرڻ.

ڊِئِڻُ: مصدر. ڊِؤ ڪرائڻ - پيٽ پرائڻ - ڏِئڻُ - ڌلهڻ - گهڻو ڏيڻ.

- ڊِئِي ڇڏڻُ: خوش ڪرڻ - مالا مال ڪرڻ. ملڪيت بخشڻ. ڊِؤ ڪرائڻ (طنز طور) ڪجهه به نه ملڻ.

● ڊُئو ج ڊُئا: ذ. جُهڙُ - آڪُر.

- ڊُئي جيِ اوڪڙَ: آڪُرَ يا جُهڙَ واري ڏينهن اپرندي ڪان لڳندڙ هوا.

● ڊِئُون ج ڊِئُون: ث. اٽڪل - تجويز - ڊَنءَ. جيئن ته:

"نڪو ڊِئُون ڏيري جو، مون ڏڪن ڪان ڏانٺي"
(جام خان).

● ڊِئُونڪو ج ڊِئُونڪا: ذ. ٿوري نِنڊَ - پِنڪي - جهوٽو.

● ڊِئُونگُ ج ڊِئُونگ (ڪ): ذ. مڪرُ - بهانو - ڪوڙ - نٽائڻ يا ناڪار واري حالت.

- ڊِئُونگُ ڪرڻُ: نٽات ڪرڻ - نخرو ڪرڻ - ٽاٽڻ - گهه ڪرڻ.

● ڊِيِپرُ: ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج ايڪڙ جي ٻج کان ٿورو وڏو، چيلهه جي سور لاءِ مفيد ٿئي).

● ڊِيپِرو ج ڊِيپرا: ذ. هندن جي ٻچايل ٿلهي مانيءَ جو قسم - ڊوڊو - ڊوپِرو - روٽ.

● ڊِيپِري ج ڊِيپِرِيُون (ث): ث. لنڊي ڪانيءَ جو ٽڪرُ (ڪنهن ٽنگ ۾ اٽڪايل).

● ڊِيِٻَڪَ ج ڊِيِٻَڪُون: ث. [سن. ڊِنڊِمَ] ساز جو هڪ قسم - ڍُهلڪي - ڍُهلڙي - پڪواز. ڍُهل تي هٿ هڻڻ يا ڍُهل وڄائڻ وقت نڪرندڙ آواز.

- ڊِيِٻڪڙِي ج ڊِيِٻڪڙِيُون: ث. ڍُهلڙِي - پڪوازَ - ڍهلڪِي.

- ڊِيِٻڪِي ج ڊِيِٻڪيُون: ث. ڊِيِٻَڪَ - ڍُهلڙِي - ڊولڪ - پڪواز

- ڊِيِٻڪِي وڄائِڻُ: ڍُهلڙي وڄائِڻُ.

● ڊِيِپو ج ڊِيپا: ذ. سارين ڏرڻ جي جنڊ جو ڪلر مان ٺهيل هينئُون پُڙ - ڏرٽِي - پرڙو (ل-ت). واريءَ جونٺيو ڏڙو - ڊِڳڙي - ڊِپَ.

● ڊِيِچَڪَ ج ڊِيِچَڪِ: ذ. ٻهاري - سهاري - ميڙ سيڙ - صفن صفائي. مهاڙو. لڪڙو.

● ڊِيدَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڊِيدُ ج ڊِيدَ: [هند. ڊيڙه] گهٽ ذات وارو - چمڙي جو ڪم ڪندڙ - مردار مال کائيندڙ.

- ڊِيدُوڙو ج ڊِيدُوڙا: ذ. ڊيد.

- ڊِيدُواڙو ج ڊِيدُواڙا: ذ. گندو پاڙو - خراب جاءِ - گندي جاءِ - غليظ هنڌ - ڪن - ڪچرو.

- ڊِيدُوڙو هَئڻُ: گندو پاڙو هئڻ - غليظ هَنڌُ هئڻ.

● ڊِيدانو: اسم خاص. تعلقي ميرواه (خيرپور ضلعي) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڊِيدِي ج ڊِيدِيُون: ث. هُرلي يا لارَ جو هڪ عضوو - سرائي جي ٻڄاڙيءَ وارو حصو. هڪ لوهارڪو اوزار - ٻُلتي.

● ڊِيرُ ج ڊِيرَ: ذ. [سن. ڊَرَڻَ] گند ڪچري وغيره جو ٿهو - ڍڙو - ڍِڳ - انبار - ڍِڳي - ڪوڙِي - ڪوڙو - ڪوڙُ - البوهه - ميڙ. (صفت) ججهو - گهڻو - گهڻل - سرس - سوايو - جال - ٻهون - هشامُ - هجوم - مجموعو.

Gul Hayat Institute

- ڍيرُ ٽيڻُ: ڍِڳ ٿيڻ - ڪن شين جو ميڙ ٿيڻ. ڪِري پوڻ - ڍَهڻُ - مَرَڻ.
- ڍيرُ ڪَرَڻُ: ڍِڳ ڪرڻ - جمع ڪرڻ. مارڻ - ڊاهڻ. ميٽيءَ جو ڍِڳ ڪرڻ.
- ڍيروُ ڍيرُ: صفت. گَندن مٿان گَند - ڍيرن جا ڍيرَ - ڍِڳن جا ڍِڳ - حد کان وڌيڪ - تمام گهڻا - بي انداز - ڪوڙا - هَشام.

● ڍيرِيُ ۽ ڍيرِيُون: ث. ڍِڳ - ڍِڳي - سٿي - ڪوڙِي.
- ڍيرِيُ ٿيڻُ: ڍِڳ ٿيڻ. ڪِرِي پوڻ - ڍَهڻ - ڍَهِي پوڻ. ضعيف ٿيڻ - بيهوش ٿيڻ - فرش ٿيڻ. ٽيرين پَر ڪرڻ. سجدو ڪرڻ.

● ڍيرِڪِيُ ۽ ڍيرِڪِيُون: ث. وڻ ٻڪل انبُ - شاخَ.

● ڍيروُ ۽ ڍيرا: ذ. ڏاڳن جو ڦورو - ڏاڳن جو وِيڙهو - ڏاڳي يا ڏور جو ويڙهيل گولو. آنَّ ونڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺين جا ٻه ٽُڪر (وچ ۾ ڏل).

● ڍيڪُ ۽ ڍيڪَ: ذ. وَرُ - وَنگُ - ڏنگُ - جهڪُ - موڙُ - ڦيڏو - وَڪڙُ - وَنگوڙو - چيپُ.

● ڍِيڪُ ۽ ڍِيڪَ: ذ. واهيات گفتگو - ڪاوڙ ۽ ناگواري پيدا ڪندڙ لفظ - بڪواز - بڪوات - ٻَڪ ٻَڪ - ٻخيُ - رِبَ - ٻَڙ ٻَڙ - جهَڪ - گپڙشپڙ - ڦسڙ - ٽيتُ - ڍوُنگلُ. وڏي ٻَڪاڪَ. بي عقليءَ جو ڳالهاءُ. ميهڻو - طعنو - ڏوراپو - اولانڀو (ڪ). وڏو ڍِڪُ - وڏي سُرڪِيُ - ٻَڪهڙُ (ڪ).
- ڍِيڪَ چِڏَڻُ: ڍونگل هڻڻ - واتان وَهائِڻ - طعنا هڻڻ - بي تڪي ڳالهه ڪرڻ - ڪَٽو ٽيتُ ڏيڻ - بي موقعي گفتگو ڪرڻ - اياڻپ جي ڳالهه ڪرڻ - اجايو ٻَڪَڻُ. شيخي ڏيکارڻ.
- ڍِيڪُ ڏِيڻُ: واهيات ڳالهائڻ - ٻَڪ ٻَڪ ڪرڻ - اجائي ٻخيي هڻڻ - رَبَ ڪرڻ - بڪواز ڪرڻ - بي سوچي سمجهي ڳالهائڻ - پرائي ڳالهه ۾ دخل ڏيڻ. ڪنهن جي خلاف ڀري مجلس ۾ بهتان مڙهڻ - غليظ دليل ڏيڻ. مهڻا ڏيڻ - اولانڀو ڏيڻ.

● ڍيڪِڻِيُ ميڪِڻِيُ ۽ ڍيڪِڻِيُون ميڪِڻِيُون (ت): ث. ڍيڪ ڏيندڙ جانور - ڍِڪِڻِيُ (مينهن يا ڳئون وغيره). آسرو. وارث - ميٽُ مائٽ.
- ڍيڪِڻِيُ نه ميڪِڻِيُ: ث. ڪجهه به نه هُئڻ واري حالت - سُڃ - سُڃائپ - سڪڻائِيُ.

● ڍيڪُو ۽ ڍيڪا: ذ. [هند. ڍوُڪ = ويجهو وڃڻ] (جماع وقت) ڏنل لوڏو - ٺِپَڪُ - ٺپڪو. ٽڪر - آڪَلُ - ٽيڏو - ٽُونُو.
- ڍيڪُو هڻَڻُ: ڦُرج ۾ آلت وجهي هڪ ڀيرو زور سان هڻڻ.

● ڍيڪِيُ ۽ ڍيڪِيُون: ث. ڪَتڻ جي چَرخي يا اٽَن جي ڪاٺ جي گهوڙي - چرخي جو ڪانوڙو - چرخي جي ترِي جو تختو.

● ڍيلَ ۽ ڍيلُون (ت): ث. پکيءَ جو هڪ قِسم - مور جي ماديِ - ڍيلَ.

● ڍِيلَ ۽ ڍِيلُون: ث. ڪِيسَر - سيڙَپَ - دير - سِيل وِل - چرڪ - اوير - ڍِرَ - ڍلائِيُ - اوسيڙو - غفلت.
- ڍِيلَ ڪَرَڻُ: سيڙپ ڪرڻ - دير ڪرڻ - چرڪ ڪرڻ - اوير ڪرڻ - ڍِلَ ڪرڻ - ڍلائڻ.
- ڍِيلُو ۽ ڍِيلا (ت): ذ. صفت. ڍِلو - ڍرو - آهستو - ڌيمو. دير ڪندڙ - چرڪ ڪندڙ - سُسُت - غافل.

● ڍيلا ڍيلا: ندا. امر. ڍار - هيٺ ڪَرِ - هيٺ ڇڏ - آهستي آهستي ڦٽو ڪر. شاديءَ وغيره يا ڪنهن خوشيءَ جهڙي موقعي تي گهورَ ملڻ وقت مڱڻهار جي صدا - ڏيلا ڏيلا.

● ڍيلَڪُور (ڪ): ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم. (ٻنا ٻنن، ڦقط ڪندن ۽ اڇن گلن سان).

● ڍيلَڻُ: مصدر. [سن. سُٿل. هه. ٿميلنا. سن. ٿَلَنَ = هڻَڻ] ڇڏڻ. ڌِڪڻ - ڌِڪارڻ - ٽيلهڻ. دِل تان لاهڻ - وسارڻ، جيئن ت:

"ڍوليا ڍيلَ مَ مُون"

(شاهه).

Gul Hayat Institute

رُلڻ - رمڻ - ڀٽڻ - ڀٽڪڻ - ڀنوڻ - ڀنڻ - ڏرِ ڪا ڪائڻ - ٿاپا ڪائڻ - آواره گردي ڪرڻ - غفلت ڪرڻ - وِسر ڪرڻ - گهيلائپ ڪرڻ.

- ڊِ يليٺو ۽ ڊِ يليٺا (ت): ذ. صفت. واندو - ڀٽڪندڙ - رولُ - ٿلڪندڙ.

● ڊِ يلي ۽ ڊِ يلي (ٿ): ذ. صفت. غريب مسڪين - ڪنگال - مکٽو - ٿلهو.

- ڊِ يلي ٿيڻ: غريب ٿيڻ - ڪنگال ٿيڻ.

● ڊِ يمپين ڊِ يمپين: ظرف. گاهي گاهي - بعضي بعضي - ڪڏهن ڪڏهن - اتفاق سان - ڪنهن ڪزانيي - ورلي - قضانيي - مس مَرڪي - موادِ ي. آهستي آهستي - ڏيري ڏيري. توري ٿوري. ٿڙيل ٿڪڙيل - هيتي هُتي - هيڏانهن هوڏانهن.

● ڊِ ينبو ۽ ڊِ ينبا (ت): ذ. ناڙيءَ ۾ ٻنيءَ ڪرڻ جي حالت. زمين اوڙ جو ٿورو ڀا گو - بغير ٻيج جي رهائڻ واري حالت.

● ڊِ ينپ ۽ ڊِ ينپون (ت): ث. ڀڙ - ڀيتَر - ڪڙهو.

● ڊِ ينڊو ۽ ڊِ ينڊا (ت): ذ. صفت. قد جو ننڍو - بندرو - چوٺو - ڀٽيڪو.

● ڊِ ينڪ ۽ ڊِ ينڪ (ٿ): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● ڊِ ينگ ۽ ڊِ ينگ: ذ. صفت. [سن. دُرادِنگ. دُرُد = مضبوط ٿيڻ + آنگ = عُضُوو. ڊِ ير گهه = ڊگهو] وڏو - قداور - پربت - ڊگهو. مٿاهون - آوچو. (ذ) ڪوٻ وڏو جيسم - ڪاٻ تمام وڏي شيءِ. ڊِ يو جهڙو سڙس - راڪاس - ديو - تيسينگ. وڏو يا سکر ماڻهو - معتبر ماڻهو - امير - شاهوڪار. پکيءَ جو هڪ قسم - وڏو پکي - گڏهه پکي. وڏو جهاز - جهاز جو هڪ چڪرو، جنهن تي رسا ويڙهجن. وڏائي - هَٺ - آڏنبر - ٺٺاڪ - ڊِ ونگل. ڪوڙ ٻَدوڙ. ڦوروُ.

"جتي ڊِ ينگ ڊَرن، تتي تاري تنهنجي"

- ڊِ ينگ ڊَڙڻ: وڏا وڏا (ماڻهو) مارڻ جيئن:

"هن ڪاڪ ڪڪوريا، ڪيترا،
هت ڪيئي ڊِ ينگ ڊڙيا!"
(بيدل).

- ڊِ ينگ ڊَرِيا: جملو. وڏا جهاز آيا - غوراب آيا (شاهه).

- ڊِ ينگ رَڙڻ: وڏن پکين جون دانهون ڪرڻ - وڏيون رڙيون ڪرڻ. ڀڏر يا سُڃي جاءِ ۾ گذارڻ - تڪليفون ڪاٽڻ - سختيون سهڻ. سُڃ هُجڻ - بيابان هجڻ (ت).

- ڊِ ينگ مَتَرُ (ت): ذ. صفت. ڊگهو ۽ ٿلهو - گول مول - بي ڊولو - اڻ گهڙيل.

● ڊِ ينگل ۽ ڊِ ينگل (ڪ): ذ. ٺٺاڪ - شوغان. دُوُقان - هُوگان. ڊِ يڪ (ل).

● ڊِ ينگر ۽ ڊِ ينگر: ذ. [هه. ڊينگر = ڪنڊن واري وڻ جو ٿار] (ٻير، ٻير، ڪنڊي وغيره جو) ڇهو - ڊِ نگر. (صفت) ڪمزور - ڏٻرو - ضعيف - اڀرو.

● ڊِ ينگڙو ميينگڙو (ت): ذ. صفت. تمام رَدِ ي - اجايو - سادو.

● ڊِ ينگس ۽ ڊِ ينگس: ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.

● ڊِ ينگلو ۽ ڊِ ينگلا: ذ. ڪچ مُلڪ جو سِڪو - ٻن پئسن جي قيمت وارو سِڪو - ٽڪو - ٽڪڪ. گهاٽ - چؤنڪي. عهدو - نوڪري - جڳهه. ڊِ يڇڪ.

● ڊِ ينگيلي ۽ ڊِ ينگيليون (ڪ): ث. نار جو هڪ عضوو - چڪري کي جهلڻ لاءِ ڪاٺ ۾ ٻيل ڪاٺيءَ جو ٽڪرو.

● ڊِ ينگو ۽ ڊِ ينگا: ذ. هُرلي يا نار جو تنڙ وارو چڪرو - پانبڙي. اٺ جو چڪرو. آئٽ - چرخو (ت).

- ڊِ ينگو ڊِ يري ٿيڻ: برباد ٿيڻ - ناس ٿيڻ - تباه ٿيڻ - ويران ٿيڻ - چٽ ٿيڻ - بَس ٿي وڃڻ - ڪُٺي وڃڻ - ڏکن ۾ اچي وڃڻ - خانو خراب ٿيڻ - رقم ٿي گل ٿيڻ.

- ڊِ ينگو ڊِ يري ڪرڻ: خراب ڪم ڪرڻ - ڊينگو ڊاهڻ.

● ڊِ ينگهر ۽ ڊينگهر: ذ. ڪنڊائين وڻ جو ٿار - ڊِ نگر. اڀرو - ضعيف - ڏٻرو. (ث. ڊِ ينگهري ۽ ڊِ ينگهريون).

Gul Hayat Institute

- ڊِينگَهرُ تِي وَڃَڻُ: ڏُبرو ٿيِ وَڃَڻُ- ڪمزور يا ضعيف ٿيِ وَڃَڻ- لاچار ٿيِ وَڃَڻُ- هيٺو ٿي وڃڻ.

● ڊِينگَهرَ جي ڊارُ رَهَڻُ: ڊِنگَهرن جي آسري تي رهڻ. غريباڻي نموني رهڻ.

- ڊِينگَهرَنَ تِي آئو هَارَڻُ: اڻ لائق سان لائق ڪرڻ. اجايا ڪم ڪرڻ- بي فائدا ڪم ڪرڻ.

● ڊِينگهوُ ۽ ڊِينگهَا (ت): ذ. نار- هُرلو- چرخو- اڏٽ.

● ڊَيوُ ۽ ڊَيَا: ذ. صفت. ڊاڻو- ڊاوَلَ ٿيو- ڊَڏو ڏنو نہ جيئن تہ:

"ڪوهُ نہ جُهارِئين جَڪيرو،
جَنهين ڏيہَ ڊَيا ڏيئي"
(شاهہ).

● ڊِيئِي ۽ ڊِيئِيُون؛ ث. گڏجڻ جو واعدو- ملڻ جو انجام- ڊائي.

● ڊِييَاڻَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

ذ

ذ: ث. (ع) سنڌي الف ب جو چوويهون، عربي الف ب جو ٺائون ۽ فارسيءَ جو اڪر. ابجد موجب عدد (٧٠٠).

● ذابِحُ ۽ ذابِحَ: ذ. صفت (ع) ذبح ڪندڙ- ڪُهندڙ- ڪاساٿي.

● ذاتِ ۽ ذاتُونَ؛ ذاتيُونَ: ث. صاحب- مالڪ- ڌڻي. جيئن: "ذات الجنب، ذات الريه وغيره." شيءِ جي حقيقت- ماهيت- اصليت- بنياد- پيڙهہ. سرشت- خلقت. طبيعت- بناوت. جوهر- تَتُ- مايو- مول- مادو- خمير- عرق- مغز- عطر. فطرت- قدرت. جسم- وجود- ديهي- بدن- سرير. جيئن: "هن جي ذاتِ مان آميد نہ لاهبي." قسم- نمونو- ڀالت- وَجهَ- جنس. جيئن: "سڀ ننگ هڪڙي ذات جا آهن." [ع. ذات: سن. جات] فرقو- ڪوفو- پَنٿُ- پَڪُ- مَتُ- جاتي- قوم- خاندان- گهراڻو- قبيلو- پاڙو- وَنشُ- بَنسُ- نُکَ- ڪُرم- نيات. آکهہ- ڀائي- ٻوچ. جوڙ جو هڪ قسم (اڻ تمام مٺو).

- ذاتِ ڀِ ڏاڍوُ واتُ ڀِ ڏاڍوُ هُئَڻُ: وڏي خاندان جو ۽ چالاڪ هئڻ.

- ذاتِ تِي ڏاتِ نہ هُئَڻُ: خدا تعاليٰ جي مهرباني ڪنهن خاص ذات يا ڪٽنب تي مدار نہ ٿي رکي.

- ذاتِ ڀائِيُ ۽ ذاتِ ڀائِيُ: ذ. صفت. ساڳيءَ ذات وارو- هڪ فرقي وارو- همذات- هم قوم. شريڪ.

- ذاتِ پاتِ: ث. سلسلہ خاندان- حسب نسب- پيڙهي- ڪٽنب. قوم.

- ذاتِ پِتائِڻُ: قوم جي گِلا ڪرائڻ. قوم کي بدنام ڪرڻ يا ٽِڪو لائڻ.

- ذاتِ پاتُ جا پَنڌڻَ: ذ. ذات جي روڪ پابندي. ڪنهن خالدان جون ريتون رسمون وغيره. هلي چلي- رسم و رواج.

- ذاتِ پاتِ نہ پُڇَڻُ: ڪُٽنب يا خاندان جو فرق نہ رکڻ.

- ذاتِ ڏاڍو هُئَڻُ: ڪنهن اوچي خالدان جو فرد هئڻ- وڏي ڪٽنب وارو هئڻ.

Gul Hayat Institute

- ذاتِ ڪانُ ڪيڏڻُ: قوم مان خارج ڪرڻ - ڦالهيئون لاهي ڇڏڻ.
- ذاتِ مانُ ڪيڏڻُ: قوم ڪان خارج ڪرڻ.
- ذاتِ وارُ: ظرف. ذاتين جي ورهاست موجب - هرهڪ ذات جدا جدا.
- ذاتِ وارو ۽ ذاتِ وارا: ذ. صفت. هم قوم - ڀائي - شريڪ.
- ذاتيِ ۽ ذاتيِ: ذ. صفت. ذات جو - ذاتيرو. حقيقي - اصلي - فطرتي - قدرتي - طبعي. شخصي. سر جو - سند س - وجود ي - ديهڪ - بدني - پنهنجو. نيج. سياويڪ - عين بين - هوبهو - پراڪرت. سهج - ضروري - مکيه. فلسفه جي اصطلاح ۾ ازل ڪان ابد تائين موجود ۽ قائم رهندڙ جوهر - الله تعاليٰ. حق ۾ حل تي حق بنجي ويل وجود.
- ذاتيِ تعلقُ: ذ. شخصي لاڳاپو - خاص معاملو.
- ذاتيِ جوهرُ: ذ. شخصيت ۾ موجود جوهر - اصلي خوبي - قدرتي گڻ - فطرتي سڀاءُ.
- ذاتيِ حيثيتَ: اصلي سرمايو - پڇڻدي. شخصي لياقت. خاص قابليت.
- ذاتيرو ۽ ذاتيرو: ذ. صفت. سُٺي ذات وارو - آڇي ذات وارو - چڱي حسب نسب جو - آدي بنيادي - پيڙهيائتو - عالي نسب - اصيل - خانداني. مٿيون - بالا - اعليٰ - وڏو - آتم - آچو - بيش - سرس - آتر - بهتر - عمدو - فائق - سَجيهہ - برتر - سرشيٽ - ڀلارو - خاصو - چوکو. ذات ذات جو - گهڻن قسمن وارو - قسمين قسمين - ڀانت ڀانت جو - طرحين طرحين - نموني جو.
- ذاتيِ لياقتَ ۽ ذاتيِ لياقتون: ث. پنهنجي قابليت - اصلي جوهر - اصلي قابليت.
- ذاتيِ معاملو ۽ ذاتيِ معاملا: ذ. خانگي معاملو - خانگي وهنوار - شخصي وهنوار. خانگي جهيڙو - خانگي ڪم.
- ذاتيون صفاتون ڇڏڻ: وڏو ماڻهپو ڦٽو ڪرڻ. پاڻ کي گهٽ ذات وارو سڏائڻ. ليچ ذلڊو اختيار ڪرڻ.

● ذاتُ البُرُوجُ: ذ. اُڀون آسمان. عرش ڪرسي.
● ذاتُ الجَنبُ: ذ. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم - ڦڦڙن جي پردي جي سوج - ڦڦڙي - سرسام.
● ذاتُ الرِيہ: ث. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم - ڦڦڙن جي سوج - ذاتُ الجنب.
● ذاتُ الصدرُ: ذ. (ع) هڪ بيماريءَ جو قسم - ڇاتيءَ جو سُور. ڦڦڙن جي پردي جي سوج - ڦڦڙي - ذات الجنب.
● ذاتلُ ۽ ذاتل: ذ. (ع. ذاتُ الجنب = پاسي جو سور) پاسي جو سور - ذات الجنب.
● ذاڪرُ ۽ ذاڪر: ذ. صفت. [ع. ذڪر = احوال ڪيو] ذڪر ڪندڙ - ياد ڪندڙ - خدا جي عبادت ڪندڙ - عابد.
● ذالُ ۽ ذالَ: ذ. ڪڪڙ جو سوڙ - چوٽي - تاج.
● ذائقو ۽ ذائقا: ذ. [ع. ذائقه = سواد] چکڻ جي حظ - سواد - مزو - لذت - ساءُ - لاءُ لطف - مقاءُ - رَسُ - رمنا - چٽ - چکي - چشڪو - چش - چشي - چسڪو - چاتي. شوق.
- ذائقو وٺڻ: مزو وٺڻ. سواد حاصل ڪرڻ.
- ذائقيدارُ ۽ ذائقيدار: ذ. صفت. سواد وارو - سوادي - مزيدار - لذيذ.
● ذبحُ: ذ. (ع) ڪند ڪپڻ جي حالت - قتل - ڪوس - گهات. شرعي طرح ڪُهڻ جي حالت - حلال - تڪبير. قرباني. بلدانُ - صدقو - مينڌ - ڳالهه - خونريزي - خون.
- ذبح ڪرڻُ: حلال ڪرڻ - ڪند ڪپڻ. قرباني ڪرڻ - صدقو ڪرڻ - ٻَلُ چاڙهڻ. گهات ڪرڻ - قتل ڪرڻ - ماري خون ڪرڻ. وڍڻ - ڪُهڻ.
● ذَبيحُ ۽ ذَبيحَ: ذ. صفت. [ع. ذَبحَ = ان ذبح ڪيو] ذبح ٿيل - ڪٺل - شرعي طور تي ذبح ڪيل جانور - حلال ڪيل. قربان ٿيل.
- ذَبيحُ الله: ذ. خدا جي نالي تي قربان ٿيندڙ. حضرت اسمٰعيل عليه السلام جن جو لقب.

Gul Hayat Institute

● ذَخيرُو ۽ ذَخيرا: ذ. [ع. ذخيرَةٌ: ذَخَرَ = هن گڏ ڪيو] خزانو- لڏي. گڏ ڪري رکيل مال- سرمايو- موڙي- پونجي. گدام. ڀنڊار- انبار- ڍير- سَٿ- گُنڊ- سَرُ تڻ- موجودات. ميڙو ساماڻ- سمر- سامگري- ڪاڏو- توشو- رسد- مئو مال. ڪيچَ- دَلَ. ڪنهن وقت لاءِ رکيل مال. بندوبست- بلو- تدبير.

- ذَخيرُو ڪَرَڻُ: ڍير لڳائڻ- آئنده لاءِ سامان گڏ ڪرڻ- گدام ڀرڻ.

● ذَرا: صفت. تمام ننڍڙو داڻو- ٿورو- ٿوري- ذريُ. جيئن:

"ذَرا ڳالهه ته ٻڌجو".

● ذَرا رِيحُ: ذ. جيت جو هڪ قسم جو ڪنڪ جي ٻوڪ ۾ وهي، رنگ ڪارو، ڳاڙهاڻ تي مائل.

● ذَرڙو ۽ ذَرڙا: ذرو جو اسم تصغير. ڪنهن شي جو ٿورو حصو. تمام ننڍڙو ٽڪڙو- پرزو- ذرو- ريزه- هَوَ جيترو. (ث. ذَرڙِي ۽ ذَرڙيُون).

● ذَرو ۽ ذَرا: ذ. لغوي معنيٰ ۾ ماڪوڙي. آهي ذرا جي آس ۾ دَز وانگر ڏسبا آهن. جهَوَ جي سَوين ڀتي- تمام ٿورو حصو- ٿورو ذرڙو، هَوَرَتي- جزو- پرماڻو- آٽو- تيرُ- ليک (صفت) ٿورو- گهٽ- ننڍو- لاٺو- لاٿارو- ڇوٽو- قليل- ڪجهه- جزوي- ڪُجھ ڪجھ- ڪجهه ڪجهه.

- ذَروُ پُرزوُ ۽ ذَرا پُرزا: ذ. ٿورو گهٽو. سڀڪجهه- رهيل سهيل- هرچيز.

- ذَروُ ذروُ ۽ ذَرا ذَرا: ذ. ٿورو ٿورو- ڪجهه ڪجهه.

● ذُرو ۽ ذُرا: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم- هڪ شڪاري پکي.

● ذَرَّه نَوازِيُ ڪَرَڻُ: ناچيز کي چيز بنائڻ. نااهل کي اهل بنائڻ.

● ذُرِيَّتُ ۽ ذُرِيَّتُونُ: ث. (ع) ماڻهوءَ يا جن جو نسل- پونئير- اولاد- سنتان- ٻار ٻچا. ٻجندي- طاقت- پهچ- وسعت.

● ذَرِيُ ذَرِي: ظرف. هَرَ هَرَ- لحظي به لحظي. وقفي وقفي بعد- جلدي جلدي- ٿوري ٿوري- وري وري- گهڙي گهڙي- منٽ منٽ ۾.

● ذَرِيعو ۽ ذَرِيعَا: ذ. [ع. ذرِيعَهُ] وسيلو- واسطو. معرفت- دُواران- طفيل- بدولت. باعث- ڪارڻ. اپاءُ- رستو. هوند- پهچندي. جميعت- وسعت.

- ذَرِيعو پيدا ڪَرَڻُ: وسيلو پيدا ڪرڻ- ڪو سبب ڪڍڻ.

● ذِقّ ۽ ذِقّون (ت): ث. ڪلي- دپي (جنهن ۾ گيهه هجي).

● ذَقَنُ: ث. (ع) منهن جو هڪ حصو- ڪاڏي- چاڙي.

● ذَڪا: ث. (ع) ذهن- فهم. طبيعت جي تيزي- دانائي- هوشياري.

- ذَڪاوتُ ۽ ذَڪاوَتُونُ: ث. ذهانت- هوشياري- دانائي.

● ذَڪَرُ ۽ ذَڪَرَ: ذ. (ع) عضوو مخصوص (مردالو)- آلت- لِنگ.

● ذِڪرُ ۽ ذِڪرَ: ذ. [ع. ذَڪَرَ = هن ياد ڪيو] يادگيري- ياد. سارَ- سَمَڪَ- سنڀارَ- سارولي- هُرَ. بيان- تنات- تذڪرو- گفتگو- ڳالهه- چرچا- ٻچار- ڳالهه ٻولهه. مرسلو- وارتا- وائي- چَوَوٺ- چَوٻچو- چو ٻولو- سٽيدي- ڏلد چرچا. قرآن شريف جو دَوُر. ياد- يادِ خدا- جاپ. ثنا- صفت (خدا جي).

- ذِڪرُ اچَڻُ: ڪنهن شيءِ بابت ڪا ڳالهه ٿيڻ- تذڪره ٿيڻ.

- ذِڪرُ اذڪارُ: ذ. ڳالهه ٻولهه- خبرچار- گفتگو.

- ذِڪرَ جيُ وادِيُ وِيڙهَڻُ: گهڻي احوال کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ- درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ.

- ذِڪرُ ڇيڙَڻُ: ڳالهه ٻولهه شروع ٿيڻ- گفتگو ٿيڻ- ڳالهه ٿيڻ.

- ذِڪرُ ڇيڙَڻُ: ڳالهه شروع ڪرڻ- ڳالهه ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- ذِڪْرُ خَيْرُ: ذ. چڱائي يا نيڪي واري ڳالهہ - ذڪر اذڪار - ڳالهہ ٻولهہ.
- ذِڪْرُ ڪَرَڻُ: بيان ڪرڻ - ڳالهہ ڪرڻ. خدا جو نالو وٺڻ. وظيفو پڙهڻ. خدا جي ياد گيري ڪرڻ.
- ذِڪْرُ مَذْڪُورُ: ذ. ڳالهہ ٻولهہ - خبرچار - حال احوال - گفتگو.
- ذِڪْرُ نِڪْرَڻُ: ڪنهن شخص بابت ڪا ڳالهہ هلڻ.
- ذِڪْرُ هَلَڻُ: ڪنهن شخص بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ.

● ذِڪْرِيُ: اسم خاص. غوشي ذات جو هڪ ٽاڙو (حضرت امام مهدي کي "مهدي ٻيا" ڪري ياد ڪندڙ)، اهي گهڻو ڪري مڪران جا رهاڪو هوندا آهن، ڪراچيءَ ۾ بہ اچي رهيا آهن.

● ذَڪِيُ ۽ ذَڪِيَ: ذ. صفت (ع) ذهين - هوشيار - تيز فهم - سمجهو - عقلمند - داناءُ.

● ذُگُو ۽ ذُگا (ٿ): ذ. ڊاڙ - ٽپاڪ.
- ذُگا هَڻَڻُ: ڊاڙون هڻڻ - ٽپاڪون هڻڻ.

● ذِلّ (ت): ث. ذِلّت - خواري. تڪليف. مصيبت.

● ذَلالَتُ ۽ ذَلالَتُونُ: ث. [ع. ذَلّ = هو خوار ٿيو] ذليل هجڻ جي حالت - ڪميڻائي - ليچ ڀائي. بي حيائي. خرابي - ابتري.

● ذِلّتُ ۽ ذِلّتُونُ: ث. [ع. ذَلّ = هو خوار ٿيو] خواري - رسوائي - بد نامي - بد ناموسي. بي عزتي - هتڪ - فضيحت - توهين - بي مالائي - ايجس - اپمان. نفرت - حقارت. آزار - مصيبت - ڏکڙي - ڦِڪَتَ. گلا - عيب - لڏا - ڪميڻائي - ٻُڇڙائي - ليچڪائي.
- ذِلّتُ ٿيڻُ: بد نامي ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.
- ذِلّت جي مَيْدانَ ۾ سَرُگردانُ ڪَرَڻُ: خوار ڪَرَڻُ. ذليل ڪرڻ.
- ذِلّتِ ڪٽڻ: مصيبت ڪٽڻ. پريشاني سهڻ - آزار ڪٽڻ. بي عزتي سهڻ - خواري سهڻ.

● ذَلَلُ ۽ ذَلَلَ (ت): ذ. نقصان - هرج - جوکو - ٽوٽو - خسارو.

● ذَلِيْلُ ۽ ذَلِيْلَ: ذ. صفت. [ع. ذَلّ = هو ڪميڻو ٿيو] خوار - رسوا - بدنام. نيچ - ڪمينو - ڏڪاريل - خراب. بي عزت - ڪين جهڙو - ڏڪار لائق. ڦيٽ ٻيل - مٺو - ڪوٽو. ڪم ذات - گهٽ - حقير. ارلچو - بي غيرت - بي شرم. گنهگار. لماڻو - مسڪين.
- ذِلِيْل ٿِيَڻُ: بدنام ٿيڻ - بي عزت ٿيڻ - حقير ٿيڻ.
- ذَلِيْل ڪَرَڻ: بدنام ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ.

● ذُمُ: ذ. تکائي - تيزي - زور - چوٽ.

● ذَمَاتَ ۽ ذَمَاتُونُ: ث. ڪٽنب - قبيلو - ڪڙم. (ممڪن آهي تہ "ذ" "ج" مان تبديل ٿي هجي - جيئن "ذات ذَمات".)

● ذَمُڪَانيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

● ذِمّو ۽ ذِمّا: ذ. [ع. ذِمّہ = هن ذُو هي ڪيو] انجام - عهد - قول - ٻول. ضمانت - جوابداري - سپردگي - قبضو - حوالو - چارج - سونپ - سنڀال. ڀروسو - ويساهہ - اعتبار - ڀرتيت - ساک پت. سونو - بار - سٿو. يقين - توڪل. ڪَنْڌو - اوڳر - چيٽو - حساب ڪتاب (ت).
- ذِمّو ڏِيَڻُ: جوابداريءَ جو يقين ڏيڻ - ضامن ڏيڻ. انجام ڏيڻ.
- ذِمّو ڪَرَڻُ: پنهنجي جوابداري تي کڻڻ - نفعي نقصان جو بار کڻڻ. جوابداري کڻڻ.
- ذِمّو کَڻَڻُ: جوابداري کڻڻ - پنهنجي جوابداري ڏيکارڻ - حامي ڀرڻ - اقرار ڪرڻ.
- ذِمّو وَٺَڻُ: انجام وٺڻ. جوابداري وٺڻ - ضامن وٺڻ.
- ذِمّہ دارُ ۽ ذِمّہ دارَ: ذ. صفت. جوابدار - جوابده.
- ذِمّہ دارِيُ ۽ ذِمّہ دارِيُونُ: ث. جوابداري - جوابدهي. ضمانت.
- ذِمّہ وارُ ۽ ذِمّہ وارَ: ذ. صفت. اعتبار وارو - جوابدار - منتظم - رکن. سنڀاليندڙ.

Gul Hayat Institute

- ذِمي بَرُدارُ ۽ ذِمي بَرُدارَ: ذ. صفت. جوابدار- ضامن - پڌل. سپ بار کڻندڙ. ذميوارُ - ذِميدارُ.
- ذِميبَرُدارِي ۽ ذِميبَرُدارِيُون: ث. جوابداري - ضمانت - ذمه داري - ذميواري.
- ذِميدارُ ۽ ذِميدارَ: ذ. ضامن - کولائندڙ - کَفِيلُ - ضامنگير - ذميبردارُ.
- ذِميدارِيُ ۽ ذِميدارِيُون: ث. جوابداري - ذمو - جوکو - سونو - جوکم - خطرو - بازپُرس - ذميبرداري.
- ذِمي کَرَڻُ: حوالي کرڻ - سونپڻ - سپرد کرڻ. جوابداري هيٺ ڏيڻ.
- ذِميوارُ ۽ ذِميوارَ: ذ. صفت. جوابدار - ضامن - کَفِيلُ - ضمانت ڏيندڙ - ٽلهي - کولائندڙ - پلهي.
- ذِمي وارِيُ ۽ ذِميوارِيُون: ث. جوابداري - ضمانت - خبرداري. سونپ.

● ذِميُ ۽ ذِميُون (ت): ث. کورين جي هڪ اوزار جو نالو.

● ذِمّيُ ۽ ذِمّيُ: ذ. صفت. [ع. ذِمّه] اسلامي حڪومت ۾ غير مسلم جزيه ڏيل پريندڙ.

● ذَنْبُ ۽ ذَنْبَ (ت): ذ. وڏو ڪِرَهُه - ڪِرانهُه - ڳِيتو - نيوالو. (ع) گناهه.

● ذِنْبُ ۽ ذِنْبَ: ذِنبُون (ل): ذ. ث. مينهن جو وڏو ۽ تمام سخت ڳنڍيو - مير جو ٽڪر - جِنْبَ.

- ذِنْبَرُ ۽ ذِنْبَرَ: ذ. ذِنْبُ.

● ذُوُ: ذ. (ع) ڌڻي - مالڪ - صاحب - خداوند. (صفت) وارو - جو. مرکبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "ذُوالجلال، ذُوالنُّورين" وغيره.
- ذُوالجَلالُ: ذ. صفت. صاحب جلال - شوڪت، عزت ۽ دٻدٻي وارو - جليل القدر - وڏي وڏائي وارو - معزز. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.
- ذُوالجَناحُ: ذ. صفت. ٻن پرن وارو. (اسم خاص) حضرت امام حسين عليه السلام جن جي گهوڙي جو نالو.

- ذُوالحَجُ: ذ. حَجَ وارو - حَجَ جو. هڪ مهيني جو نالو. هجري سن جو هڪ مهينو.
- ذُوالفِقار: ث. ٻن پاسن واري (تلوار) حضرت علي عليه السلام جن جي تلوار جو نالو.
- ذُوالقَدرُ: ذ. صفت. زور وارو - زوردار - سگهارو - سگهائتو - سڌانسو - زبردست. قرارو - جبرو - بهادر - طاقتمند - پهلوان - شهه زور - همت پريو.
- ذُوالکَرامُ: ذ. صفت. عزت وارو - معتبر - شريف.
- ذُوالقَرنَيْنُ: ذ. صفت. ٻن سڱن وارو (ذ) سڪندر يوناني جو لقب.
- ذُوالمِنَنُ: احسان ڪندڙ. (ذ) ڌڻي تعاليٰ - خداوند.
- ذُوالنُّورَيْنُ: ذ. ٻن نورَن وارو. (ذ) حضرت عثمان رضه جن جو لقب.
- ذُوالوقارُ: ذ. صفت. عزت وارو - قدر و منزلت وارو.
- ذُوفُنُونِ: ذ. صفت. گهڻا فن ڄاڻندڙ - فن وارو - هُنر مند.
- ذُومَعْنِيُ: ذ. صفت. ٻن معنائن وارو - گهڻن معنائن وارو. ٻه ٽيي (ڳالهه).

● ذُوالحَجُ: ذ. (ع) حج وارو مهينو. هجري سال جو آخرين مهينو.

● ذُوالفَقارُ: ث. (ع) ٻن پاسن واري (تلوار). (انهيءَ تلوار جو نالو، جا عاص بن منبه جي جنگ بدر ۾ مارجي وڃڻ تي حضور جن جي هٿ آئي ۽ وري حضرت علي ڪرم الله وجه جن تائين پهتي).

● ذُوالقَرنَيْنُ: ذ. (ع) ٻن سڱن وارو. (سڪندر بادشاهه جو لقب. مختلف روايتن موجب، يا ته ٻن چوٽين هئڻ سبب، يا ته ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي کان بزرگ هو، يا ته مشرق کان مغرب تائين فتوحات سبب، يا ته هن نور ۽ ظلمت ٻنهي جو سير ڪيو هو انهيءَ سبب، يا ته هن ڪي تاج ۾ دنبي جا سڱ لڳل هئا، انڪري اهو نالو پيو).

Gul Hayat Institute

● ذُوالقعدُ: اسم خاص. (ع) هجري سن جي يارهين مهيني جو نالو.

● ذُوالنونُ: ذ. [ع. نون=مڇي] مڇيءَ وارو. (ذ) لقب، حضرت يونس عليہ السلام جو (جنهن کي مڇي ڳيهي ويئي هئي ۽ ست ڏينهن مڇيءَ جي پيٽ ۾ هو.)

● ذُوفاليِ: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ذَوقُ ۽ ذَوقَ: ذ. (ع) چکڻ جي قوت. ذائقو - لذت - مزو - سواد - حظ - ساءُ - لاءُ. شوق. چاهنا - چاڙي. خواهش - آمنگ. لطف - خوشي - سرهائي - موج - آنند - فرحت. عيش - نشاط. اختيار - مرضي - پسندي. رَسُ - رسنائپ - چشڪو - چش. وندر - وندنا. سِڪَ - چِڪَ.

- ذَوقيِ ۽ ذَوقيِ: ذ. ذوق وارو - شوقين - موجي. سکي - آسودو - خوش. عيشي جيئڙو - سهجي ٻراٽي. راضي پرسن - نهال - سرهو. نشنبل - نٿو - خوش سزاج - ڪلائيندڙ - کلڻو - آچڪ. بختاور - بخت وارو - ڀاڳ وارو.

● ذُوڪنُ: ذ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

● ذَهبُ: ذ. (ع) سونُ - زَرُ - ڪُندن - طِلا - ڪَنچنُ.

"چهرو چمڪيو، چيءَ چپي،
ڪيو زيبَ ذَهبَ ڪي زد"
(حمل).

● ذُهرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ذِهنُ ۽ ذِهنَ: ذ. (ع) ياد ڪرڻ جي قوت - حافظو - سارَ - يادِ - يادداشت - ياد گيري (چڱيءَ طرح) سنو حافظو - دماغُ. ڄاڻ - سمجهہ - ادراڪ - فهم - عقل - ذڪاوت. استعداد - لياقت - قابليت - هوشياري - فراست - فهميدگي. دانائي - سياڻپ - ذڪاءُ.

- ذِهنُ ڪُلڻُ: سمجهہ کلڻ - عقل جو تيز ٿيڻ - حافظو سُٺو ٿيڻ.

- ذِهنَ نشينُ ڪرڻُ: سمجهڻ - چيتو ڪرڻ - ڄاڻ رکڻ - ياد ڪرڻ - ياد رکڻ - سمجهہ ۾ آڻڻ.

سمجهہ ۾ وهارڻ - عقل ۾ وهارڻ - سمجهائڻ. سمجهائڻ. ٻڌائي ڇڏڻ. يادگيري ڏيارڻ - ٻڌائڻ - ڄاڻ ڪرڻ.

- ذِهنُ وِيڙهائِڻُ: سوچڻ - سمجهڻ - ويچار ڪرڻ - خيال هلائڻ.

- ذِهنيِ ۽ ذِهنيِ: ذ. صفت. ذَهن وارو - هوشيار. ڪاوڙيل - چيڙاڪ - شوخ (ت).

● ذِهبيِ ۽ ذِهيُون (ت): ث. ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي ٻڇاڙي (جا اوچ هيٺ نہ اچي) - ذَهيِ.

● ذَهينُ ۽ ذَهينَ: ذ. صفت. [ع. ذِهن] سٺي حافظي وارو - ذهن وارو. سياڻو - سڄاڻ - عقلمند - ذڪي - تيز فهم - عقلي - سمجهو.

● ذِيِ: ذ. (ع) مالڪ - صاحب - ڌڻي. (صفت) جو - وارو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "ذِيِ اختيار، ذِيِ وقار" وغيره.

- ذِيِ اختيارُ: ذ. صفت. اختيار وارو - صاحبِ اختيار - مرضيءَ وارو - مختيار. حڪومت وارو - رتبي وارو.

- ذِيِ الحجُ: ذ. حج جو مهينو - هجري سال جو آخري مهينو - ذُوالحج.

- ذِيِ حياتُ ۽ ذِيِ حياتَ: ذ. صفت. حياتيءَ وارو - زنده - ذِيِ رُوحُ.

- ذِيِ رُوحُ ۽ ذِيِ رُوحَ: ذ. صفت. روح وارو - ساهہ وارو - جاندار - زندهہ.

- ذِيِ شانُ ۽ ذِيِ شانَ: ذ. صفت. شان وارو - دٻدٻي وارو - رعبدار - ٻيڪي دار.

- ذِيِ عزتُ: ذ. صفت. عزت وارو - آبرو وارو - مانائتو. اشراف - سڪر - چڱو - خاصو - سوچارو.

- ذِيِ قعدُ: ذ. جنگ وجدل کان پاسو ڪري ويهڻ جو مهينو - هجري سال جو يارهون مهينو - ذُوالقعد.

- ذِيِ وقارُ ۽ ذِيِ وقارَ: ذ. صفت. عزت وارو - معزز.

- ذِيِ هوشُ: ذ. صفت. هوش وارو - هوشيار - سمجهو - فهيم - ذڪي - ذهين.

Gul Hayat Institute

● ڏِيابِيٽِسُ: ذ. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم - پيشاب ۾ کنڊ اچڻ جي بيماري - مِٺو پيشاب.
● ڏَيلُ: ذ. [ع. ذال = هن هڪ ڏگهو جامو پاتو] دامن - ڪنارو - پالَد - پلَئُہ. هيٺاهون حصو. (ظرف) هيٺ - هيٺان - هيٺئون - هيٺتي - هيٺ ڏَنل.

ر

ر: ث. [ع. ف] سنڌي 'الف ب' جو پنجويهون، عربيءَ جو ڏهون، فارسيءَ جو ٻارهون ۽ هندي 'الف ب' جو ستاويهون اکر آهي. ابجد جي حساب موجب عدد ٢٠٠.
● رابطو ۽ رابطا: ذ. [ع. رَبُطُ > رابطه] ڳانڍاپو - لاڳاپو - تعلق - واسطو.
● رابعُ: ذ. صفت [ع. اربع = چار > رابع] چوٿون.
● رابعَهُ: اسم خاص. [ع] هڪ فقيه ۽ زاهده عورت جو نالو (جا بصره شهر جي وينل هئي جنهنڪري کيس "رابعه بصري" چون).
● رابُون: ذ. مينهن جو هڪ رنگ.
● راپيلُ ۽ راپيلَ: ذ. هڪ قسم جي وَل ۽ گل جو نالو.
● راپِـو: ذ. رب جهڙي گپ - تمام نرم گپ. راپڙو - رب - رپڙو - رپڙي - چِڪ - راڦ - راڦو.
● راپڙو: ذ. رب جهڙو - پڙو - پترو - رب - نرم (پَٽ) هڪ قسم جي ڪڙهي جا اٽي ۽ ڏڌ سان ٺاهين (ث) - راپڙيو.
● راپڙيو: ذ. ڏسو "راپڙو".
● راتِ ۽ راتيئُون: ث. [س. راتيرَ راتري = رات: پرا. رَتِ] سج لٿي کان سج اڀرڻ وارو عرصو - شب - ليل - سانجهي - سنجها. اونداهه - ڪاراڻ.

- رات اکين ۾ گذارڻُ: سڄي رات جاڳڻ - اوجاڳو ڪرڻ - سڄي رات انتظار ڪرڻ - ساري رات ننڊ نہ ڪرڻ.
- راتاهو ۽ راتاها: ذ. رات وارو - شب خون. رات جي ڦُر.
- راتاهو ڏِيڻُ: شب خون هڻڻ - رات جو ڦُر ڪرڻ.
- راتاهو ڏيئي وَڃڻُ: رات جو ڦُري وڃڻ - الهو تلهو ڦُري وڃڻ.
- راتاهو هڻڻُ: رات جي وقت حملو ڪرڻ - شب خون هڻڻ.
- راتِ پَڪا جَوَ گهُرَڻُ: تيريءَ تي بهشت گهرڻ - ڪنهن ڪم جي اُهہ پهہ تڪميل چاهڻ. اجائي تڪڙ ڪرڻ.
- راتِ جو پيٽ وَڏو هُئڻُ: رات جي اونداهيءَ ۾ گهڻيون ڳالهيون لڪي وڃڻ.
- راتِ جو پَڙَهڻُ: رات جا پچايل خيال لکڻ.
- راتِ جي مَناءُ (ث): محاورو. اونداهي - اونده - اندارو.
- راتِ ڏِينهَن: ظرف. اٺئي پهر - هر وقت - هر مهل - روزانو - هميشه - سدائين.
- راتِ رَهُوُ: ذ. هندن جي هڪ رسم (جنهن ۾ مُردي جي رَکَ درياءَ ۾ آڇڻ کان اڳ هڪڙي رات رکندا آهن.)

Gul Hayat Institute

- راتِ گَذيل: محاورو. صبح ٿيڻ کان اڳ وارو وقت - پويون آسر - ڏِکي - باک ڦٽي.
- راتِ گَذيـَلَ هَـُنڻُ: اڃان رات جي اونده هئڻ - پنيرکي جو وقت هئڻ.
- راتوڏو: ظرف. ڏسو "راتو واهہ".
- راتوُ راتِ: ظرف. رات وچ ۾ - رات جي عرصي ۾ - رات گذرڻ کان اڳ ۾.
- راتوڙو ۽ راتوڙا (ت): ذ. صفت. رات جو چوري مال ڪاهيندڙ.
- راتوڪو ۽ راتوڪا: ذ. صفت. رات وارو - (گذريل) رات جو - راتوٺو. رات جو بچيل (کاڌو) - پاروٿو.
- راتوڪِيُ راتِ: ث. فقط هڪڙي رات - گذريل يا ايندڙ هڪڙي رات.
- راتوُنُ راتِ: ظرف. ڏسو "راتو رات".
- راتوُنُو ۽ راتوُنا: ذ. صفت. راتوڪو - رات وارو - گذريل رات جو. پاروٿو.
- راتو واهہ: راتو رات - رات جي وچ ۾ - رات جي پيٽ ۾ - اڌ رات جو.

● راتِبُ: ذ. [ع] هڪ ڏينهن جو کاڌو - روزينو. وِرو. روز جو مقرر ٿيل کاڌو - ٻتاڻ. ڳوئِنُ (گهوڙن لاءِ) - گهوڙي جو مقرر داڻو. گاهہ ۽ داڻو.

● راٺوڙَ: اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● راٺوڙُ ۽ راٺوڙَ: ذ. راٺوڙ قوم جو هڪ فرد. (صفت). سگهارو - پهلوان - جاٺو - بهادر - ڏَنو مٺو - جبرو. جنگجو.

● راجُ ۽ راجَ: ذ. [سن. راج > راجن = راجا] راجا - بادشاهہ - حاڪمِ مُلڪ - ڏيهہ - راڄ. حڪومت - بادشاهي - بادشاهت - راجائي. حاڪمي - اختيارات.
- راجَ آستانُ ۽ راجَ آستانَ: ذ. [سن. راجن + استان = جاءِ] شاهي محل - قصر سُلطاني. دارالحڪومت - تخت گاهہ - گاديءَ جو هنڌ - دارالسلطنت.

- راجَ بَنُسِيُ: ذ. [سن. راج + ونش = گهراڻو] شاهي خاندان جو فرد. خانداني - پيڙهياڻو. راجپوتن جي هڪ قوم.
- راجَ ڀَنُڊارُ: ذ. شاهي خزانو - بيت المال.
- راج پَـنُگ ٿيـَڻُ: بادشاهي ناس ٿيڻ.
- راج تِلَڪُ: ذ. [سن. راج + تلڪ = نشان] هڪ قسم جي رسم (جنهن ۾ راجا ٿيڻ يا ولي عهد ٿيڻ وقت هڪ رسم موجب پيشانيءَ تي هڪ تلڪ هڻندا آهن) - تاج پوشي.
- راج تِلَڪُ ڏِيَڻُ: گادي نشين ڪرڻ - تخت تي ويهارڻ - تاجپوشيءَ جي رسم ادا ڪرڻ.
- راج پَتِيُ: ذ. [سن. راج + پتي = مڙس] راجا راجڪمار.
- راج پِرُجا: ث. رعايا - رعيت.
- راجپُوتُ ۽ راجپُوتَ: ذ. [سن. راج + پُوت <پُتُرَ = پٽ] راجا جو پٽ - راجا جو اولاد - راجڪمار - شهزادو. (اسم خاص) هندن جي هڪ قوم جو نالو. هڪ ذات جو نالو.
- راجپُوتانا: اسم خاص. هندوستان جي هڪ علائقي جو نالو (جنهن ۾ راجپوتن جون ڪيتريون ئي رياستون اچي وڃن ٿيون).
- راج دَرُبار: ث. [سن. راج + ف. دربار] شاهي دربار.
- راج دَرُشَنُ: ذ. [سن. راج + درشن] درباري - حاضرين - ملاقاتي.
- راج دُلارو ۽ راج دُلارا: ذ. راجڪمار - شهزادو. (ث) راج دُلاري ۽ راج دُلاريون.
- راج دُوارُ: ذ. شاهي محلات جو ٻاهريون دروازو - باب عالي.
- راج ڌانِيُ: ث. گاديءَ جو هنڌ - تخت گاهہ - دارالحڪومت.
- راج ڌَرَمُ: ذ. [سن. راج + ڌرم = طريقو - دستور] شاهي حڪم. سرڪاري فرض.
- راج رَکُشا: ث. [سن. راج + رکشا = حفاظت - حڪومت جو بچاءُ.

Gul Hayat Institute

- راجِسٿانُ: ذ. [سن. راج + آسٿان = جاءِ] راجپوتن جي رهڻ جو هنڌ. هندوستان جو هڪ علائقو (جنهن ۾ راجپوتن جون ڪيتريون ئي ذاتيون آباد آهن.)
- راجِسِي: ذ. صفت. راجا جو- راجا وارو- راجائي- حاڪماڻو- باد شاهي. خانداني- پيڙهياڻو- وڏگهراڻو. باد شاهي شان وارو. سهڻو- زيباڻو.
- راج ڪُلُ: ذ. شاهي خاندان- شاهي ڪٽنب- راجائي گهراڻو.
- راجڪُمارُ ع راجڪُمارَ: ذ. [سن. راج + ڪُمار = شهزادو] راجا جو پٽ- شهزادو. (ث) راجڪماري ع راجڪماريون.
- راج ڪَنُوَرُ: ذ. راجڪمارُ- شهزادو.
- راج ڪَوِي: ذ. درباري شاعر- شاعرن جو سرتاج.
- راج گَدِي: ث. گادي- تخت- مَسنَد.
- راج گهاتُ: ذ. بادشاهه جو قتل- بغاوت- غداري.
- راج گهَتَڪُ: ذ. صفت. بادشاهه جو قاتل. غدار- باغي.
- راج گهاتِي: ذ. صفت. ڏسو "راج گهاتڪ".
- راج مَنٽرِي: ذ. [سن. راج + منتر = صلاح ولڻ] راجا جو صلاحڪار- وزير- وڏو وزير.
- راج وَنسِي: صفت. [سن. راج + ونش = ڪٽنب] شاهي نسل جو- شاهي گهراڻي جو- راجائي ڪٽنب جو- راج بنسي.
- راجِيندَرُ: ذ. مهاراجا- شهنشاهه.
● راجا ع راجا، راجائُون: ذ. [سن. راج؛ هه. راجا] راج يا راڄ ڪندڙ- بادشاهه- حاڪم- رائُ- سلطان.
- راجا پرجا: ث. ڏٽي ڏوٽي- ڏٽي سائين.
- راجاپَڻُ: ذ. راجائي- حاڪمي- باد شاهي.
- راجا پڻُو: ذ. ڏسو "راجاپڻُ".
- راجا جي گهَرِ موتِيَنُ جو ڪالُ ته هُئَڻُ: سڀڪجهه موجود هئڻ- ڪنهن به شيءِ جي ڪمي نه هئڻ.
- راجا ڌَراجُ: ذ. مهاراجا- شهنشاهه.
- راجا رِيتِ: ث. راجا جو رعيت تي مقرر ڪيل ڏَنُ. رسم- هلي چلي- رواج.
- راڄاڻو ع راڄاڻا: ذ. صفت. شاهاڻو- شاهي- باد شاهي. خانداني- اميراڻو- وڏگهراڻو.
- راڄائِي: ث. باد شاهي- تاجداري. سلطنت- حڪومت. (صفت) راڄا جو- راڄائن وارو- بادشاهي- حاڪماڻو.
● راجبيوِري: ث. مصالحي جو هڪ قسم.
● راجِحُ: ذ. صفت. (ع) بهتر- غالب- فائق.
● راجِسِي ع راجِسِي: ذ. صفت. [انگ. Rogers] 'راجرس' ولايتي ڪارخاني جو ٺهيل چاقو (جو تمام آڇو ۽ سٺو سمجهيو وڃي).
● راجسيِن پوتا: اسم خاص. ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.
● راجِعُ: رجوع ڪندڙ. پيش ٿيندڙ اڳيان حاضر ٿيندڙ.
● راجڪرا: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾).
● راجنپلي: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر جيڪب آباد ۾).
● راج هَنسُ: ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (اڇو هنج پکي، جنهن جون ٽنگون ۽ چهنب ڳاڙهي ٿئي).
● راڄُ ع راڄَ: ذ. [سن. راجن؛ پرا. راج] رعيت- رعايا- عام ماڻهو- پرجا. قوم. آبادي. بادشاهي- صاحبي- حڪومت. مُلڪ- علائقو.
- راڄاڻُ ع راڄاڻَ: ذ. راڄيو- راڄا.
"تو جو پاتيو پانهنجو، سو ريساڻو راڄاڻُ"
(شاهه)
- راڄاڻو ع راڄاڻا: ذ. صفت. راڄوٽو- راڄ جو.
- راڄائِيتو ع راڄائِيتا: ذ. صفت. راڄ وارو- راڄائي- شاهي.
- راڄُ پاٽُ: ذ. حڪومت- سلطنت- بادشاهي- راڄ.
راڄُ پتنگ: ذ. حڪومت جي بربادي- بادشاهيءَ جو خاتمو.
- راڄ تِلَڪُ: ذ. تاجپوشيءَ جي رسم ادا ڪرڻ وقت نراڙ تي تلڪ هڻڻ.
- راڄيدارِي: ث. [سن. راجن + ف. دارُ < داشتن = رکڻ] رعيتي راڄ- جمهوريت. راڄوٽي- راڄنيتي.

Gul Hayat Institute

- راڄڌاني: ث. گاديءَ جو هنڌ - تخت گاهہ - دارالحڪومت.
- راڄَ ڊوهو ۽ راڄ ڊوهَا: ذ. صفت. [سن. راڄن + ڊروهہ] حڪومت جو دشمن. غدار - باغي.
- راڄَ ڊوهي ۽ راڄَ ڊوهيُ: ذ. صفت. ڏسو "راڄ ڊوهو".
- راڄَ راڻي ۽ راڄَ راڻيون: ث. ملڪہ - پَٽ راڻي.
- راڄَ راهُو ۽ راڄَ راهُو: ذ. صفت. راڄ سان رهائيندڙ - صلح پسند.
- راڄ سڀا ۽ راڄ سڀائون: ث. شاهي دربار - شاهي مجلس - دربار - ڪچهري.
- راڄُ ڪاڄُ ۽ راڄَ ڪاڄَ: ذ. شاهي معاملات - سرڪاري معاملات. پنچاتي فيصلو - راڄوٽو فيصلو.
- راڄُ ڪرَڻُ: حڪومت ڪرڻ - صاحبي ڪرڻ - بادشاهي ڪرڻ. حڪم هلائڻ. عيش ڪرڻ. آسودو رهڻ. سکيو رهڻ.
- راڄڪو: ذ. صفت. راڄ جو - حڪومت جو. راڄوٽو - پنچاتي.
- راڄُ مَهاڄڻُ: ذ. مسلمانن ۽ هندن جي گڏيل جماعت.
- راڄنيت: ث. ملڪي قانون.
- راڄنيتي: ث. ملڪي قانون. حڪومت جو آئين. ملڪي جوڙجڪ.
- راڄ واڙو ۽ راڄ واڙا: ذ. هڪڙي راڄا جي هٿ هيٺ ملڪ، ڳوٺ يا شهر. راڄ - قوم - عوام.
- راڄوٽو ۽ راڄوٽا: ذ. صفت. راڄائي. راڄ جو - راڄ وارو. نياتَ جو. پنچاتي. قومي. خانگي.
- راڄوٽي: ث. راڄ جو - نياتي - پنچاتي - راڄوٽو - برادرانہ - برادريءَ جو. راڄوٽي هٿ - پنچاتي فيصلو.
- راڄي: ذ. صفت. راڄ جو - راڄوٽو. راڄوٽي. (اسم خاص) هڪ عورت جو نالو.
- راڄيو ۽ راڄيا: ذ. راڄا - حاڪم.

● راڄاريِ پَٽ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● راڄپَرُ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
● راڄڙُ ۽ راڄڙَ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
● راڄمَهيلي: ث. انَّ جو هڪ قسم.
● راڄواهہ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● راڄڻُ (ت): مصدر. راڻڻ - مڃڻ - قبولڻ - ٻاسڻ.
● راچڻُ: مصدر. خوش ٿيڻ - محبت سان رچڻ.
● راچڻِ ۽ راچڻيون: ث. پيڙي - ڊونڊي.
● راچِيُ ۽ راچِيُ (ت): ذ. صفت. اسباب وارو.
● راحَ: ث. [ع] هٿ جون ترِيون. شراب. خوشي - سرهائي.
● راحَتَ ۽ راحتُون: ث. [ع. روح] خوشي - سرهائي - فرحت - سُک - چَين.
- راحَتَ جانِ: صفت. [ع. راحت + ف. جان = ساهہ] دل کي آرام ڏيندڙ - دل کي خوش ڪندڙ. پيارو - محبوب.
● راحيلُ ۽ راحيلَ: ذ. صفت. [ع. رَحَلَ = هو روانو ٿيو] ڪُوچ ڪرڻ وارو - راهي ٿيندڙ - لڏيندڙ.
● راحيمُ ۽ راحيمَ: [ع. رَحَمَ: هن مهرباني ڪئي] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. رحم ڪندڙ - رحيم - ٻاجهارو.
● راخالُ (ت): ذ. اوڌر - رڪت - قرض.
● راڌا: اسم خاص. شري ڪرشن مهراج جي هڪ گوپيءَ جو نالو.
● راڏارو ۽ راڏارا: ذ. شاديءَ وغيره جي موقعي تي رڌ پچاءُ جو ڪم ڪندڙ.
● راڏا ويڏُ ۽ راڏا ويڏَ: ذ. ڌڙڪو داٻ. دلاسو. فيصلو - نهراءُ - صلح.
- راڏا ويڏي: ث. (ڪنهن سودي ۾) واپاري ۽ خريدار جو پاڻ ۾ ٺاهُ.

Gul Hayat Institute

- راڏا وِيڏِيءَ ڪَرَڻُ: ڦاهُه ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ. ٻرچاءُ ڪرڻ.
● راڏ ڻَ: اسم خاص هڪ ذات جو نالو.
● راڏَڻ ۽ راڏَڻُون: ث. رڏ پچاء- رانڌڻ- مانُجَڻ. (اسم خاص) دادو ضلعي ۾ هڪ شهر ۽ ريلوي استيشن جو نالو.
● راڏ ڻُ: مصدر. ٻوڪڻ- ٻج ڇٽڻ- تخم ريزي ڪرڻ.
- راڏِيءَ (ت). ٻوڪ.
● راڙِ ۽ راڙِيُون: ث. رڙِ- دانهن- ڪُوڪَ- ڪُوڪارَ (جهنگلي جانورن جي)؛
"راڙيون رڇن جون ٿيون، هاپا هَل حشر"
(حفيظ).

رڙيون- روج- (اسم خاص) ڪيري جي آتر ۾ هڪ پيٽ جو نالو.
- راڙِ ڪَرَڻُ: رڙيون ڪرڻ- روئڻ- روج راڙو ڪرڻ.
● راڙو: ذ. [هـ. راڙِ = جنگ؛ سن. رات] جنگ- ويڙهه- لڙائي؛
"عليءَ پُٽ اميرَ، ڪڏا راڙو رُڪ سين"
(شاهه).

روج- رودن.
● راڙَهه: ث. ڏسو "راڙ".
● راڙهُو: ذ. ڏسو "راڙو".
- راڙهُو ڪَرَڻُ: روج ڪرڻ- ماتم مچائڻ.
● رازُ ۽ رازَ: ذ. [ف. راز = ڳُجهه] ليڪل ڳالهه- ڳُجهه- ڀيدُ- اسرار. ليڪَ. مَنجهُه.
- رازدارُ ۽ رازدارَ: ذ. صفت. [ف. راز + دار، داشتن = رکڻ] رازدارو- راز کان واقف- همراز- حال محرم- حال ڀائي. دوست- همدرد.
- رازدارِيءَ: راز جو ليڪُ.
- رازِ دانُ ۽ رازِ دانَ: ذ. صفت. [ف. راز + دان، دانستن = ڄاڻڻ] رازدار- ڀيدي.
- راز فاش ڪَرَڻُ: ڳُجهه ظاهر ڪرڻ- ليڪل ڳالهه ظاهر ڪرڻ راز کولڻ.
- راز مَحْرَمُ ۽ راز مَحْرَمَ: ذ. صفت. رازدار- رازدان- حال ڀائي.

- رازُ نيازُ- رازُ و نيازُ: ذ. [ف] محبت جون ڳجهيون ڳالهيون- ڳجهي رهاڻ.
- رازنيازَ جُون ڳالهِيُون: محاورو. پيار ۽ قرب جون ڳالهيون.
● رازِقُ: ذ. [ع] الله تعالى جو هڪ صفاتي نالو. رزق رسائيندڙ- پالڻهار.
● رازو ۽ رازا: ذ. رازڪو ڪم ڪندڙ- جايون ٺاهيندڙ- معمار- اوساري ڪٺندڙ.
- رازڪو ۽ رازڪا: ذ. صفت. رازي جو (ڪم يا اوزار).
● راسُ، راسِ: صفت. [ف. راست = برابر] درست- برابر- پُورو- مڪمل. صحيح. تيار.
- راسِ پاسِ: هم صلاح- راضي- تهيل. مڪمل.
- راسِ ڪَرَڻُ: پورو ڪرڻ- مڪمل ڪرڻ (ڪم). نبيرڻ. پُڄائڻ.
- راسِ هُجَڻُ: موافق هجڻ- خوش هجڻ- راضي هجڻ. مڪمل هجڻ.
● راسِ ۽ راسيُون: ث. [ع. رائس = رئيس = چوٽي] چوٽي. مٿو. چيڙو- پچاڙي- بلندي- اوج. مُوڙي- پُونجي. گڏ ڪري رکيل مال- ملڪيت- ميراث. علم رياضي موجب سُور ۽ وياج جي گڏيل رقم. هڪ گرهه جو نالو (جو هرهڪ برج ۾ تيرهن مهينا رهي ٿو). علم نجوم موجب تارن جي هڪ خاص شڪل- نکٽ- برج. جاگرافيءَ جي اصطلاح ۾ خشڪيءَ جو چهنبيارو حصو جو پاڻيءَ ۾ هجي. [ف] رستو- راهه. گهوڙي جي واڳ. وهٽ جي مٿي ۾ ٻڌل رسي. اها رسي، جنهن سان نانڙيءَ کي هرَ سان ٻڌجي (ث). اها روشنيءَ جي ليڪ جا سج اڀرڻ وقت آسمان تي ڏسجي. پانجاريءَ کي ٻڌڻ جي رسي (ل).
- راسُ الجَدِيءَ: ث. جدي گهيري جو اهو ليڪو، جتي سج پهچڻ سان سيارو شروع ٿئي ٿو- ڏکڻائڻ.
- راسُ چَڪَرُ: ذ. سج جو مدار- اهو دائرو جنهن تي ٻارهن برج آهن- طريق الشمس- سورج منڊل.

Gul Hayat Institute

- راس ڏاري: ذ. ڪرشن مهراج جي گوپين جو کيل ڪندڙ.
- راسُ السرطانِ: ث. سرطان گهيري جي اها جاءِ، جتي سج پهچڻ سان گرمي شروع ٿئي- آترائڻ.
- راسُ المالِ: ذ. تجارت جو سرمايو- واپار جي مُوڙي. مُلڪي قرض.
- راس ليلا: ث. ڪرشن مهراج جي گوپين سان رچايل راڳ ۽ ناچ جي محفل.
- راس منڊل: ذ. راس چڪر- برجن جو ميڙ.
- راس و ذنب: ذ. اهي ٻه تارا، جن سبب چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ ٿيندو آهي- راهو ۽ ڪيت.
● راساڙو: ذ. اجائي بڪواس- ڊيگهه- جهاجهه.
● راسائتو ۽ راسائتو: صفت. رسائتو.
● راستُ: ذ. صفت. [ف] ساچو- سڌو- سنئون. درست- صحيح- برابر. سچو- صادق. پورو- نيڪ. موافق- سازگار. (ذ) سچ- حق.
- راست باز: ذ. صفت. [ف. راست + باز < باختن = کيڏڻ] سچو- سچ چوندڙ- صادق. ايماندار. ديانتدار. بي رياءُ.
راست بازي: ث. سچائي- صداقت. ايمانداري. بي ريائي. ديانتداري.
- راست بينُ: ذ. [ف. راست + بين < ديدن = ڏسڻ] حقيقت شناس. بي رياءُ. امين.
- راست سخنُ: ذ. صفت. [ف. راست + سخن = گفتگو] سچار- سچو. ايماندار. بي رياءُ.
- راست گو: ذ. [ف. راست + گو < گفتن = ڳالهائڻ] سچو- سچ ڳالهائيندڙ. حق گو.
- راست گوئي: ث. سچ ڳالهائڻ. راستي- صداقت- سچ.
- راستي: ث. سچائي- راست بازي- صاف گوئي- سچ- صداقت. ايمانداري.
● راسخُ: ذ. صفت. [ع] پڪو- پختو- مضبوط- ثابت قدم.
● راسڙو ۽ راسڙا: ذ. هندن جي ورن ۽ سورمن جي تعريف ۾ چيل هڪ ڏکو لظم- راسوڙو.

● راسڻ: مصدر. راسيون ڪيڻ- سج يا چنڊ جي اڀرڻ وقت اُفق سان روشنيءَ جون ڌارون نڪرڻ.
● راسو ۽ راسو: صفت. مڪمل- تيار- پورو.
● راسوڙو ۽ راسوڙا (ث): ذ. هڪ قسم جو لظم (جو ڪولهي وغيره هندوڪيو طور يا ناچ ۾ ڳائين، جنهن ۾ انهن جي ورن ۽ سورمن جي تعريف هجي.
● راسي ۽ راسيون: ث. سج اڀرڻ يا لهڻ مهل اُفق تي روشنيءَ جو پٽو.
● راشدُ ۽ راشدَ: ذ. [ع. رشد] سڌريل هدايت مڃيندڙ- مذهب جو پابند- سنئين رستي تي هلندڙ. خدا پرست. نيڪ سچو.
● راشدي: اسم خاص. سنڌ ۾ ساداتن جو هڪ خاندان- پير صاحب پاڳاري جو خاندان.
● راشنُ: ذ. [انگ. Ration = ڪاڌو] رسد- راتب. ڪاڌي جو مقرر انداز- ورو. فوجي خوراڪ.
- راشن بندي: ث. راشن جو سرشتو- ملڪ ۾ ضرورت جي شين جي تقسيم.
● راشو: ذ. صفت. عام- سادو. معمولي. رواجي.
● راشي ۽ راشي: ذ. صفت. [ع] رشوت ڏيندڙ- عام معنيٰ ۾ رشوت وٺندڙ- رشوت خور- رشوتي.
● راضُ: ذ. [ع. رضا] خوشي- مرضي- رضامندو. مهرباني- ٻاجهه.
- راضپو: ذ. رضامندو- خوشي- مرضي. پسندي. اختيار. راضپو.
- راضي: ذ. صفت. [ع. رضا] خوش- سرهو. خواهان- خواهشمند. شاڪر. آماده. تيار. چڱو ڀلو. چاق.
- راضي برَضا: صفت. رضا الاهي تي خوش- خدا جي حڪم تي خوش. تسليم ڪندڙ.
- راضي ٿيڻ: رضامند ٿيڻ. خوش ٿيڻ- سرهو ٿيڻ.
- راضيپو ؛ رضامندو. خوشي. مرضي. آماد گي. قبوليت- مڃتا. راضپو.

Gul Hayat Institute

- راضيِ ڪرڻُ: خوش ڪرڻ. رضامند ڪرڻ. آماده ڪرڻ. مڃائڻ- قبول ڪرائڻ.

- راضيِ نامو ۽ راضي نامَا: ذ. پاڙت ۾ ڪيل فيصلو- رضا نامو- ناهه- پرچاءُ- صلح نامو. اقرار نامون. قبوليت.

● راعيِ: ذ. [ع] ذنار- ذراڙ. بادشاهه.

● راغِبُ: ذ. [ع. رَغَبَ = مائل ڪندڙ] رغبت ڏياريندڙ- چاهه ڏياريندڙ- لاڙو رکندڙ. خواهشمند.

- راغِبُ ڪرڻُ: مائل ڪرڻ- متوجهه ڪرڻ- رغبت ڏيارڻ.

● رافِضِيُ: اسم خاص. [ع] سپاهين جو اهو گروهه جو پنهنجي سردار کي ڇڏي ڏئي- جنگ جمل ۾ حضرت علي جو سات ڇڏي ويندڙ جماعت- اهل شيعة جو اهو فرقو جنهن زيد بن علي بن حسين رضي الله عنهه جي هٿ تي بيعت ڪرڻ کان پوءِ چيو ته اوهين حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق تي تبرا ڪريو ته اسين اوهان سان سات ڏيون مگر حضرت زيد رضي الله عنه انڪار ڪيو ۽ فرمايو ته آءٌ انهن کان ڇو نفرت ڪريان جيڪي نانا سائين جا مدد گار ٿي رهيا آهن. پوءِ زيد رضي الله عنه انهن کي ڇڏي ڏنو. ان وقت کان پوءِ اهو گروهه "رافضي" سڏجڻ لڳو.

● رافِعُ: ذ. صفت. [ع] بلند ڪندڙ- مٿاهون ڪندڙ- ڪڍندڙ.

● راقَ: ث. مينهن جو پٽڙو ڇيٽو.

● راقُ ۽ راقَ: ذ. راقو- ڪَپ- ڇيڪ- ڪارو.

● راقو ۽ راقا: ذ. ڪپ- ڪارو- پٽڙو ڪارو. راپڙو. مينهن جو پٽڙو ڇيٽو.

● راقِمُ ۽ راقِمَ: ذ. [ع] لکندڙ- ڪاتب. مصنف.

- راقِمُ الحُرُوف: ذ. [ع] اکر لکندڙ.

● راڪاسُ ۽ راڪاسَ: ذ. [سن. راڪشس] تمام وڏي قد بت ۽ تمام گهڻي طاقت وارو خيالي ڪردار (جو هميشه آکاڻين ۾ اچي). ڀوت- ظالم- وحشي. خبيث- پليتُ. (ث) راڪاسياڻي ۽ راڪاسياڻيون.

- راڪاسُ گهمي وڃڻُ: ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ نه اچڻ (شهر وغيره ۾)- ڪا پهر نه هجڻ. سڃ ٿي وڃڻ.

● راڪاسي ۽ راڪاسِي: ذ. صفت. راڪاس جو- راڪاس وارو.

- راڪسِي ۽ راڪسِي: ذ. صفت. راڪاس جي- ديو جي.

● راڪِيبُ: ذ. [ع. رڪيبَ = سوار ٿيو] سُوار- سواري ڪندڙ.

● راکو ۽ راکا: ذ. صفت. [رکڻ > راکو] رکوال- رکپال- محافظ- پهريدار- چوڪيدار- واهي. بچائيندڙ.

● راڳُ ۽ راڳَ: ذ. [هه. راڳ] علم موسيقي موجب سُرن جي لاهه چاڙهه جو هڪ مقرر ماڻ. امروهي کان آروهي تائين ۽ آروهي کان امروهي تائين مقرر سُرن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل خاص آلاپ (راڳ هنن ستن سُرن مان ٺهندو آهي: ١- سمرج ٢- رکب ٣- گندار ٤- مدم ٥- پنچم ٦- ديوت ٧- نکار. هن وقت تائين سُرن جي لحاظ کان هي راڳ قائم ڪيا ويا آهن: ١- ڀيرو ٢- مالڪوس ٣- هنبول ٣- سري راڳ ٥- ميگهه ٦- ديپڪ. راڳ جي ڄاڻن، هرهڪ راڳ جي ڳائڻ جو وقت ۽ موسم مقرر ڪري ڇڏيا آهن؛ جيئن ته: ڀيرو، صبح جي وقت، مالڪوس، آڌي رات تائين؛ سري راڳ، ٻن پهرن جو؛ ميگهه، شام جو؛ هنڊول، صبح جو ۽ ديپڪ شام جو ڳائجي. وري موسمن جي لحاظ کان ڀيرو، اسو ۽ ڪتي مهينن ۾؛ مالڪوس، مانگهه ۽ ڦڳڻ ۾؛ سري راڳ، ناهري ۽ پوهه ۾؛ ميگهه، سانوڻ ۽ بڊي ۾؛ هنڊول، چيٽ ۽ ويساک ۾ ۽ ديپڪ، جيٺ ۽ آکاڙ ۾)- موسيقي- سنگيت- ڳائڻ. نغمو- سُرود. گانو. ذڪر- بيان- قصو. جذبو- ڀُور- ريجهه. مسخري. رڳڙو. ڪتراڳ.

Gul Hayat Institute

- راڳائيي ۽ راڳائيي: ذ. صفت. راڳ ڳائيندڙ - راڳي - راڳيندڙ - ڳويو.
- راڳ بڌائڻ: بهانو ڪرڻ - عذر ڏيڻ.
- راڳ بڌڻ: مسخري ڪرڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ. ٺڳي ڪرڻ - مڪر ڪرڻ.
- راڳ ڏيڻ: دوکو ڏيڻ - فريب ڏيڻ - ويساهڻ.
- راڳ رنگ: ذ. ڳائڻ وڄائڻ - راڳ روپ - ناچ گانو - کيل تماشو. عيش عشرت.
- راڳ روپ: ذ. ڳائڻ وڄائڻ. راڳ رنگ. عيش عشرت. جشن. محفل. خوشيون - مزا.
- راڳ روپ ڪرڻ: ڳائڻ وڄائڻ ڪرڻ. خوشيءَ جي مجلس ڪرڻ. ساز ۽ سرود جي محفل مچائڻ. عيش ڪرڻ.
- راڳ ڪيڏي ويهڻ: اجائي ڳالهه ڪرڻ - خواهه مخواهه ڊگهي ڳالهه ڪرڻ - بڪواس ڪرڻ.
- راڳ ڪرڻ: ڳسائڻ - ٺٺائڻ - بهالا ڪرڻ.
- راڳ مالا، راڳ مالها: ث. راڳ جي اصولن تي لکيل ڪتاب - راڳ بابت ڪتاب. ٻارن جي ونڊر جو هڪ ساز (ڏک هڻڻ سان مختلف آواز ڪيندڙ).
- راڳڻي ۽ راڳڻيون: ث. ڪنهن به راڳ جي هڪ شاخ (علم موسيقي موجب هرهڪ راڳ ڇهن راڳڻين ۾ ورهايل آهي) - راڳڻي.
- راڳڻي ۽ راڳڻيون: ث. ڏسو "راڳڻي".
- راڳ ويراڳ: ذ. ڳائڻ وڄائڻ - گانو بڄانو.
- راڳي ۽ راڳي: ذ. صفت. راڳائي - راڳيندڙ - ڳائڻو - ڳويو - ڪلونت.
- راڳيندڙ ۽ راڳيندڙ: ذ. صفت. ڳائڻو - راڳي. ڳويو.

● راڳڻ: مصدر. راڳو ڏيڻ - لنبڻ - ليپڻ - ڳاري جو ليپو ڏيڻ.
- راڳائيي ۽ راڳائيي: ذ. صفت. راڳو ڏيندڙ - ليپو ڏيندڙ. (ذ) رازو (ک).
- راڳو ۽ راڳا: ذ. ليپو - لنب - ڳاري جو استر.

● راگهٽ (ت): ذ. ريهٽ - دانهن.
● راڱڻ: مصدر. رنگ ۾ ٻسيل ڏور سان (ڪاٺ کي چيرڻ لاءِ) نشان ڪرڻ - رنگ سان ليڪا ڪيڻ.
- راڱي ڇڏڻ: رڱي ڇڏڻ. ليڪا ڪيڻ. خراب ڪرڻ. ڳاڙهو ڪري ڇڏڻ.
● راڱڻ ۽ راڱڻ: ذ. شينهن جو هڪ قسم.
● راڱو ۽ راڱا: ذ. [هه. رانگا] رازڪي يا واڍڪي ڪم جو اوزار. اهو ڌاڳو يا ڏورو، جو رنگ مان ٻوڙي ڀت يا ڪاٺ تي سنوت لاءِ ليڪون ڪيڻ ۾ ڪم اچي. ڳاڙهي رنگ ۾ ٻسيل ڏور سان (ڪاٺ چيرڻ لاءِ) ڪاٺ تي ڪڍل ليڪو - داغ - ليڪو (رنگ جو). ڪتي جو هڪ قسم (ميرانجهڙن اکين ۽ سليٽي ليڪڙن وارو). شينهن جو قسم (پيلائي شينهن، جنهن جي بدن تي ڳاڙهي رنگ جهڙا پٽا تين)؛
"ٻرَ ۾ ٻلائون ٻچڙيون، راڱا ڪن رهاڙ"
(حمل).
جابلو وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ميوو ڳاڙهو ٿئي). (صفت) رڱيندڙ.
- راڱا ڪرڻ: ليڪا وجهڻ. رڱي ڇڏڻ (گهڻي برسات ۾ وڻن تي ڳاڙها ليڪا پئجي ويندا آهن). قهر ڪرڻ - ظلم ڪرڻ - ويل وهائڻ. قرلٽ ڪرڻ.
● رال: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (ڪؤنر جو هڪ قسم، جو ٽانڊي تي رکي ڌوپ واس ڏيڻ جي ڪم اچي) - ڌوپ - ريال.
● رام: اسم خاص. آڳاٽي زماني ۾ ايوڌيا جي راجا 'دسترت' جو وڏو پٽ "شري رامچندر" (جو پنهنجي زال سيتا سان گڏ چوڏهن ورهيه بنواس ويو ۽ راوڻ کي مارياڻين. هندو کيس بطور اوتار پوڄيندا آهن. هندن جي عقيدي موجب رام، وشنو جو ستون روپ آهي). تر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات. (صفت) وڻندڙ - سهائيندڙ. موهيندڙ.
- راماننديءِ: ذ. هندو فقيرن جو هڪ گروهه.

Gul Hayat Institute

- رام پنچن: ذ. رام جي تعريف ۾ چيل گيت.
- رام پتيي ۽ رام پتيون: ث. ٺڳي - فريب - دولاب.
- رام رام: ذ. هندن جو سلام.
- رام رس: ذ. رام جي نالي جپڻ جو مزو. لُون - لمڪ.
- رام ست: ذ. رام رام.
- رام رام تي هلڻ: گدجي مان ڏيڻ.
- رام ريجهائڻ: خدا کي راضي ڪرڻ.
- رام ڪهاڻي: ث. شري رامچندر جي ڪهاڻي. رامائڻ. وڏي آکاڻي - ڏکو قصو.
- رام ڪهاڻي ٻڌائڻ: پنهنجي باري ۾ ڪا ڏکي ڳالهه ٻڌائڻ.
- رام ليلا: ث. شري رامچندر جي فتحيابي ۽ لڙائيءَ جي نقل جو ناٽڪ، جو هميشه اسوءَ واري مهيني ۾ الهيءَ يادگيريءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. ڏسهڙي جو ميلو.
- رام منيي: ث. رام جي سيڪ ۾ ماريل.
- رام لومي: ث. شري رامچندر جي ڄمڻ جو ڏينهن (چيٽ جي ناٺين تاريخ جا هندو ملهائيندا آهن).

● راما نهو (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● رامانڻ: ذ. گوڙ - شور - هُل - ہائيتال - واويلا. روج راڙو - ماتم. جهيڙو. جنگ - لڙائي. راماٽو. هنبس - هنگامو.

● راماٽو ۽ راماٽا: ذ. هُل - شور - گوڙ. هنبس - هنگامو. لڙائي - جنگ. روج - ماتم.

"ترپارت ترنگ رڻ ۾ راماٽا ڪري"
(خليفو نبي بخش).

خوشي - مزو. ڏڻ. تماشو.
- راماٽا ڪرڻ: خوشيون ڪرڻ. مزا مائڻ. موجون ڪرڻ. لڙائي ڪرڻ.

● رامائڻ: اسم خاص. شري رامچندر جي احوال جو ڪتاب (جو پهريائين سنسڪرت ٻوليءَ ۾ والميڪ رشي منظوم ڪيو ۽ ان کان پوءِ تلسيداس هندي ٻوليءَ ۾ لکيو).

● رامبائيد: ذ. جاميٽريءَ جي اصطلاح ۾ اهو پوروچوٽ چوڪنڊو جنهن جا امهان سامهان پاسا ۽ آمهون سامهون ڪنڊون برابر هجن).

● رامبس: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (هٿ جيترو ٿئي، منجهس سنهي ڪُٽ ٿئي؛ ڪنوڻن مارڻ لاءِ گهرن ۾ ساڙجي ته ڪنوڻ کي خارش ٿيندي ۽ مري ويندا).

● رامبس: ذ. [انگ. Rhombus] اهو چورس جنهن جا چارئي پاسا پاڻ ۾ برابر هجن ۽ آمهون سامهون ڪنڊون به پاڻ ۾ برابر هجن.

● رامتو ۽ رامتا (ک): ذ. ڪاري جي رڇ جو هڪ عضوو (ڪاميٽ ۾ لڳل جهنڊو جو پري کان رڇ جو نشان ڏئي).

● رامپوري ۽ رامپوري: ذ. (ڪُڪڙ جو هڪ قسم جو قد جو ننڍو ۽ سهڻو ٿئي).

● رام جاڳو: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ مشهور درويش "رام جاڳو" جي درگاهه.

● رامچنداڻي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● رامچندر: اسم خاص. قديم هندستان جي راجا دسرت جي وڏي پٽ 'رام' جو نالو جنهن کي هندو اوتار ڪري سڃيندا آهن.

● رام ڏيو: اسم خاص. هندن جي هڪ پير ۽ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ۾).

● رام رکياڻي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● رامش: ث. [ف] سرهائي - خوشي. راڳ. خوشيءَ ۾ ڳائڻ.
- رامشگر: ذ. صفت. عياش. گويو.
- رامشي: ذ. گويو.

● رام قل: ذ. سوي جو هڪ قسم - آمرقل.

● رام ڪتوري ۽ رام ڪتوريون: ث. ٽڪر مان نهيل هڪ قسم جي جمني - ڀيالي.

Gul Hayat Institute

● رام ڪَلِيءَ: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. شاهه ڀٽائي رحمة الله عليه جي رسالي ۾ هڪ سُر جو نالو.

● راموتيو ۽ راموتيا (ت): ذ. رانديڪو.

● رانُ: صفت. [ف] سنڀاليندڙ. مرڪب لفظن ۾ صفاتي طور پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "ڪامران وغيره".

● رانَ ۽ رانُون: ث. [ف] ٽنگ جو گوڏي کان مٿيون حصو- سٿر- جوٽَ.

● رانڀاهُه ۽ رانڀاهَ: ذ. ڏڳيءَ جي رَڙِ- ڊِڪَ. سُوئر جي رڙ.

● رانڀاهڻ (ت): مصدر. سُوئر جو وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ- هُڙڪڻ.

● رانپياتُ ۽ رانپياتَ: ذ. وڏي رڙ- رنپ- دانهن- ٻوڪرُ. چوپائي جانور جي رنپ (ت).

- رانپيات ڪَرَڻُ: وڏيون رڙيون ڪرڻ- رنپون ڪرڻ.

- رانپيات هڻڻُ: ڏسو "رانپيات ڪرڻ".

● رانپِٽُ ۽ رانپِٽَ: ذ. رنپ- ڊِڪَ. رانپياتُ.

● رانپڪو ۽ رانپڪا (ڪ): ذ. رنپ- دانهن.

● رانپڻُ (ت): مصدر. رنپڻ- ڊڪڻ.

● رانپوتو ۽ رانپوتا: ذ. هٿ جي آڱرين سان جهپ هڻي روڙڻ جي حالت- جهانپوتو. رهڙ. رهنڊ.

- رانپوتا هڻڻُ: راهڙون ڏيڻ. جهانپوتا هڻڻ.

● رانپوڙيو ۽ رانپوڙيا (ڪ): ذ. رڙ- واڪو. ٻڪاٽُ.

● رانت ۽ رانتيون (ت): ث. راند.

● رانتيو ۽ رانتيا (ت): ذ. رانديڪو.

● رانٽَ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رانجها: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● رانجهاپور: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رانجهنُ: ذ. پارڪي وڪر جو هڪ قسم (لاڪ سان ٺهيندا آهن، لاڪ جهڙو ٿئي ۽ اڪثر ونجهار ڪم آڻين). اسم خاص. رانجهو.

● رانجهو، رانجهو: اسم خاص. پنجاب جي هڪ مشهور عشقيه قصي جو هيرو (جو تخت هزارا شهر جي رئيس جو پٽ هو. سوداگريءَ سانگي جهنگ سيال ۾ آيو. رتني ڪنيار جي ڏيءَ هيرَ ڪي ڏسي، مٿس عاشق ٿي پيو. سوداگريءَ جو سامان وڪڻي آتي ٿي مينهون چارڻ لڳو. هيرَ ساڻس روز ملڻ لاءِ ندي آڪري، هُن پار ويندي هئي. هڪڙيءَ رات نديءَ ۾ ٻڏي ويئي). سنڌ ۾ مرد جو نالو. (صفت). پيارو- محبوب.

● رانجهو باگيراڻي: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رانڊِ ۽ رانڊِيون: ث. کيل- بازي- کيڏ. رونشو- وندر. تماشو. ٺينگ ٺپو. پٽي راند (جوا). ساهه (ت). سولي ڳالهه.

- رانڊِ جهلڻُ: راند روڪڻ. راند هارائڻ.

- رانڊِ رهڻ: راند ڪرڻ- راند ڪُڏڻ- کيڏڻ.

- رانڊزيو ۽ رانڊزيا: ذ. رالديگر. راندجوماهر.

- رانڊِ ڪُڏَڻُ: راند رهڻ- راند کيڏڻ.

- رانڊِ ڪَرَڻُ: کيڏڻ. وندرڻ. رونشو ڪرڻ.

- رانڊِ ڪَٽڻُ: بازي ڪٽڻ. آڳ ڏيڻ.

- رانڊِ کٽڻُ: بازي جيتڻ- ميل مارڻ. راند کٽڻ.

- رانڊِ کيڏڻ: راند رهڻ- راند ڪُڏڻ.

- رانڊِ لڳائڻُ (ت): راند ڪرڻ. مسخري مچائڻ. بهانو ڪرڻ.

- رانڊِ وجهڻُ (ت): راند جي اصطلاح ۾ گيجن ڳائڻ جي خيال کان زناني محفل ڪوٺائڻ. مسخري وجهڻ. ڏمچر مچائڻ.

- رانڊِيڪَرِ (ت): ث. صفت. ڳائڻ وڄائڻ ۾ ٻرڪ عورت- راند وجهندڙ (زال).

- رانڊِيڪَرُ ۽ رانڊِيڪَرَ: ذ. صفت. راند يڪر.

- رانڊِيڪو ۽ رانڊِيڪا: ذ. راند رهڻ جي شيءِ (جنهن سان ٻار رانه رهن يا وندرن)- کيڏونو طوق پتلو.

- رانْدِيْڪوْ تيي رَهڻُ: مڪمل تابعدار ٿي گذارڻ. حڪم جو ٻڌو ٿي رهڻ - طوق ڳچيءَ ۾ پيل ٿي رهڻ.
- رانْدِيْڪَرُ ۽ رانْدِيْڪَرَ: ذ. صفت. راند ڪندڙ - ڪيڏاري - رانديڪر. بازيگر - مداري.

● رانْدڙِيُون: ث. عورتن جي ڳائڻ جو قسم.

● رانْدهُ: صفت. [ف] نڪتل - تڙيل - لوڌيل.

- رانْدهُ دَرگاهہ: صفت. دربار مان تڙيل. درگاهہ الاهي مان لوڌيل. ملعون.

● رانْڌَ ۽ رانْڌُون: ث. جهڳڙو - بکيڙو - ٽنٽو - فساد - ڦڏو.

● رانْڌائُو ۽ رانْڌاوا، رانْڌائُو (ت): ذ. صفت. [رڌڻ >رنڌڻ>رانڌائُو] رڌيندڙ - رانڌو - ٻورچي.

● رانْڌو ۽ رانْڌا (ت): ذ. ٻورچي - رڌيندڙ - راڌائُو.

● راندي ۽ رانديون (ت): ث. صفت. ڪراڙي - پوڙهي.

● رانڪَ ۽ رانڪُون: ث. قبر جي مٿان اڏيل قبو - مقبرو.

● رانْڪ ۽ رانْڪُون (ٿ): ث. اها ٻني جا ڏکڻي کهٽي هجي ۽ ويڪر ۾ سوڙهي هجي.

● رانگا ٽيڱا ڪرڻ (ل): گوڏنات ڪرڻ - ٽڪائڻ - هڪ جي ٻئي ڪرڻ.

● رانگڙُ ۽ رانگڙَ (ٿ): ذ. صفت. پهلوان - بهادر - دلير.

● رانْگيڙِي (ت): ث. ڇيڊي ٻوڪل ڪٽڪ.

● رانْگيي: ذ. ٿرپارڪر ضلعي ۾ رهندڙ ميگهوارن جي هڪ ذات جو نالو.

● رانْوُ (ت): ذ. مهاڻن جي اصطلاح ۾ چاريءَ جي هيٺين آڪَن ۾ ڦاسائڻ جي لوڙي - رانُءُ.

● رانْوَتيي: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● رانْوَسَ، رانْوَسَ ڇيري (ڪ): ث. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● رانْوَڪَ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● رانْوَلُ ۽ رانْوَلَ: ذ. دوست - محبوب - پرين.

- رانْوَلَ ديس: ذ. پرينءَ جو ملڪ.

● رانْوَليي: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● رانْهَانُ: ذ. هڪ قسم جو اناج - چؤنرا.

● رانُءُ ۽ رانْئُون (ڪ): ذ. [پرا. راءُ] رڇ جو هڪ عضوو - چاريءَ کي پاسن کان جهلي بيهڻ لاءِ آن جي آڪَن ۾ وڌل ٽُلهو رسو - رانْوُ.

● رانْئْتيي ۽ رانْئْتيُون: ث. ننڍو تنبو.

● رانْئِڻُ: مصدر. ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ماڻهن جي مٿان رنگ هاري ڏڻ ملهائڻ. رڱڻ. ڳاڙهو ڪرڻ. خوشي ڪرڻ. خوش ڪرڻ - راضي ڪرڻ - ريجهائڻ. سينگارڻ. هار سينگار ڪرائڻ.

● رانْئِين جهائِيڻ (رانءِ جهانءِ) ڪَرَڻُ: گهرو ڪم ڪار ڪرڻ.

● رانْئِيُون لاهڻُ (ڪ): مورا وڍڻ - جهنگ هٽڻ - جهنگ ڪپڻ.

● راڻُ ۽ راڻَ (ڪ): ذ. راڻو - راجا - راءُ؛ "مٿي راڻَ ڪان جيٺرو ڪانءُ پلو" (چوٽي).

● راڻا: اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● راڻارُو: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻاسَر (ٿ): اسم خاص. ننگر پارڪر جي پرسان هڪ تلاءَ جو نالو.

● راڻا واهہ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻاهُ: اسم خاص. تعلقي ميرواهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻاهُو: اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻڪ ڏَهَرُ: اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻڪ ڏيو: اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● راڻَڻُ: مصدر. رانْئَڻ. ڏتارڻ. گمراهہ ڪرڻ.

"حق پاڪ امن ڏي هاٿي،
شيطان شقي تو راڻي."

Gul Hayat Institute

● راڻو ع راڻا: ذ. [پرا. راڻ؛ هہ. رانا] ننڍو راجا. ننڍڙي علائقي جو والي. جاگيردار. راجپوت راجائن جو لقب. (اسم خاص) سومرا گهراڻي جي پوئين حاڪم همير سومري جو مينڌري نالي هڪ وزير (جو ذات جو "سوڍو" هو؛ مومل ۽ راڻي جي مشهور عشقيہ قصي جو هيرو).

● راڻو: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻو بَنڌُ (ٿ): ذ. پرت جو هڪ قسم.

● راڻو راهڙُ: اسم خاص. تعلقي آوباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻونا: اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● راڻيي ع راڻيئون: ث. [هہ. راني] بادشاهہ جي زال - ملڪہ. هندو عورتن جي نالي پٺيان خطاب طور ڪم ايندڙ لفظ. مسلمان عورت جو نالو.

راڻيي جو ٿانُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راڻيڊَترَ: اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● راڻيي هار: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راوُ ع راوَ: ذ. [هہ] شهزادو راجڪمار. راءُ - راجا.

● راوان: ذ. صفت. [ف] موڪرو - ڪشادو - ويڪرو.

● راوَتُ سَرُ: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● راوُٽيي ع راوُٽيئون: ث. راڻٽي - لسنڊڙو تنبو.

● راوَرُ: ث. ڍل - راڻر.

● راوِ روُ ع راوِرا (ل): ذ. صفت. بنا ڪنهن روڪ جي - چوٽ - چڙواڪ.

● راوَڙَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● راوِڙوُ ع راوِڙا: (ت) ذ. صفت. تيز - سخت. بهادر. چالاڪ.

● راوَلُ ع راوَلَ: ذ. [سن. راجن = راجا] شهزادو. حاڪم. سردار. راجا - راءُ. جوڌو - جهونجهار - بهادر. ساجن - پرين - دلبر - محبوب - معشوق. (اسم خاص).

- راوَل ديسُ: ذ. محبوب جو ملڪ. هندن جي عقيدي موجب عالم ارواح.

● راوليا: ذ. هڪ ذات جو نالو.

● راوَڻُ: اسم خاص. [سن] آڳاٽي زماني ۾ لنڪا جو هڪ حاڪم، جنهن شري رامچندر جي زال سيتا کي زوريءَ کڻي ويو هو ۽ پارهن مهينن کان پوءِ رامچندر، راوڻ کي ماري، سيتا کي آزاد ڪيو.

● راوِيُ ع راوِيُ: ذ. صفت. ڏٺل يا ٻڌل - بيان ڪندڙ - مقصد ٻڌائيندڙ.

● راوِيُ: اسم خاص. سنڌو نديءَ کي پورتيو ڪندڙ هڪ شاخ جو نالو (جا پنجاب ۾ آهي).

● راهہ ع راهون: ث. [ف] رستو - سڙڪ - واٽ - ڏگ - لنگهہ. ريت - طريقو.

- راهبَرُ: ذ. صفت. [ف. راهہ + بر > بردن = کڻي وڃڻ] رستو ڏيکاريندڙ - واٽ ٻڌائيندڙ - سونهون - رهبر - رهنما.

- راهبَرِيُ: ث. رهبري - سونهپ - اڳواڻي.

- راهہ تَڪَڻُ: واٽ ڏسڻ - انتظار ڪرڻ.

- راهہ تي آڻڻُ: گمراهہ کي صحيح واٽ تي آڻڻ - سُڌارڻ.

- راهہ تي اچڻُ: سنئين رستي تي اچڻ - سڌرڻ.

- راهہ پيدا ڪَرَڻُ: رستو کولي ڪڍڻ. طريقو کولي لهڻ.

- راهِ خدا: الله جي راهہ ۾ - خدا جي واٽ ۾.

- راهہ خَرچُ: ذ. رستي جو خرچ - مسافريءَ جو خرچ پکو. سفر خرچ.

- راهدارُ ع راهدارَ: ذ. [ف. راهہ + دار > داشتن = رکڻ] رستي جو نگهبان - رستي جو محصول وصول ڪندڙ. ڌاڙيل - رهزن (ت).

- راهيدارِيُ ع راهيدارِيون: ث. رستي تان لنگهڻ جو پروانو. ڪنهن عملدار جو لکيل پروانو

Gul Hayat Institute

(جنهن جي آڌار تي رستي تان لنگهندڙ مال کي ڪوبه پيو عملدار روڪ نه ڪري).

- راههَ ڏِسڻُ: رستو ڏسڻ - واٽ نهارڻ - انتظار ڪرڻ.

- راههَ ڏيکارَڻُ: رستو ڏيکارڻ - سڌيءَ راهه تي آڻڻ. سونهپ ڪرڻ. رهبري ڪرڻ.

- راههَ رَدُ ڪرَڻُ: رستو بند ڪرڻ - واههَ بند ڪرڻ.

- راههَ رَسمَ: ث. [ف. راهه + رسم] رسم رواج - هلي چلي. دعا سلام.

- راههِ رَسُولُ: نبيءَ جي نالي - رسُول جي صدقي.

- راهَروُ: ذ. صفت. [ف. راهه + رو > رفتن = هلڻ] مسافر - راهي - پانڌي - راهگير - واٽهڙو.

- راههَ رِيتِ: ث. [ف. راهه + ريت = لمولو] رسم رواج - هلي چلي.

- راهزنُ + راهزَنَ: ذ. صفت. [ف. راهه + زن > زدن = هڻڻ] رستي تي ڦُر ڪندڙ - ڌورو - ڌاڙيل.

- راهزَنيِ: ث. رستي تان ڦُر - ڦُر لُٽَ.

- راههَ ڪَيڏَڻُ: رستو ڳولي ڪيڏڻ - تدبير ڪرڻ.

- راهگُذَرُ: ذ. [ف. راهه + گذر > گذشتن = لنگهڻ] لنگهه - رستو - واٽ.

- راهه گُناهه: ظرف. هرو ڀرو - خواهه مخواهه - دادي نه ايستادي - نه ڏيڻ نه وٺڻ - بي گناهه - بنا سبب جي.

- راهگِيرُ: ذ. صفت. [ف. راهه + گير > گرفتن = وٺڻ] واٽهڙو - مسافر.

- راههَ لائِڻُ: دڳ لائڻ - رستو ٻُڌائڻ - رهنمائي ڪرڻ.

- راههَ ۾ رَسَڻُ: اوکيءَ ۾ مدد ڪرڻ - همراهه ٿيڻ - مدد ڪرڻ.

- راهمارُ: ذ. صفت. ڌورو - رهزن.

- راهمارِيِ: ث. ڦُر - رهزني.

- راهه مُسافِرُ: ذ. صفت. [ف. راهه + ع. مسافر] واٽ ويندڙ - واٽهڙو - مسافر - راهگير؛ "راهه مسافر سِڪو، ڪونه ڏنوسين هٿ ڏيهي" (شاهه).

- راههَ ميلَڻُ: رستو ملڻ - گس ملڻ - واٽ هٿ اچڻ.

- راههِ نيجات: ث. [ف. راهه + ع. نجات] بخشش جو رستو - ڇوٽڪاري جو ذريعو.

- راهنُما: ذ. [ف. راهه + نما > نمودن = ڏيکارڻ] رستو ڏيکاريندڙ - رهبر - رهنما. اڳواڻ.

- راهنُمائيِ: ث. رهنمائي - رهبري - سونهپ. اڳوائي.

- راهِوارُ: ذ. [ف] گهوڙي جو هڪ قسم - تازي گهوڙو. جنگي گهوڙو.

- راهِوارِيِ: ث. گهوڙي جي هڪ هند.

- راههَ وَٺَڻُ: گس وٺڻ - رستو وٺڻ - روانو ٿيڻ.

- راهوُنُ رَدِ: صفت. سڀني پاسن کان نا اميد - جتان ڪٿان ٺٺڙيل. نڪمو. نپاڳو.

- راهوُنُ رَدِ ٿِيَڻُ: هر طرف کان نااميد ٿيڻ.

- راهوُنُ رَدِ ڪرَڻُ: سڀ واهون بند ڪرڻ - هر طرف کان نااميد ڪرڻ.

- راههَ وِيندُو ۽ راههَ وِيندا: ذ. صفت. واٽ ويندڙ - مسافر - واٽهڙو. بي گناهه - بي ڏوهي.

- راههَ وِيندُو ڦاسَڻُ: بي گناهه ڦاسڻ - بي ڏوهي جهلجڻ.

- راههَ وِينديِ: ظرف. ناحق - بي ڏوهي - نه ڏيڻ نه وٺڻ - خواهه مخواهه - بي سبب.

- راهيِ ۽ راهيِ: ذ. صفت. واٽهڙو - واٽ ويندڙ - مُسافر.

- راهيِ ٿيِـَڻُ: روانو ٿيڻ - پنڌ پوڻ - آسهڻ - وڃڻ.

● راهه: ث. ڳاهيل انُ جو ڍِڳُ (جو اڃا ڪري ۾ پيل هجي ۽ ٻُهُي ٿيل نه هجي) - صاف ٿيل انُ - ڪري ۾ پيل انُ. ٻوڪ - آبادي.

- راههِ تانُ ڪڪَ لاهڻُ: راز ظاهر ڪرڻ - ڳجهه کولڻ.

● راهِبُ ۽ راهِبَ ذ. صفت. [ع] دنيا کي ترڪ ڪري گوشه نشين ٿي الله جي عبادت ۾ مشغول رهندڙ- گوشه نشين- تارڪ الدنيا. زاهد. ديول (عيسائين جي عبادت گاهه) ۾ ويهي عبادت ڪندڙ (جنهن پنهنجي سڄي عمر ديول جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي هجي).

● راهَڙَ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. پرت جو هڪ قسم.

● راهَڙَ ۽ راهَڙونُ (ت): ث. وڏي رڙ- دانهن- ڪُوڪَ.

● راهَڪُ ۽ راهَڪَ (ت): ذ. صفت. [سن. راڌ = راهڻ، پوکڻ] راهي ڪندڙ- پوک ڪندڙ- هاري- ڪڙمي- آبادگار.

- راهَڪِيُ ۽ راهَڪِيُونُ: ث. پوک جو ڌندو- ڪڙمت- هارپو- آبادي- کيتي.

- راهَڪِيُ ڪَرَڻُ (ت): پوک ڪرڻ- پني پارو ڪرڻ- آبادي ڪرڻ- هارپو ڪرڻ.

- راهِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● راهَما: اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● راهَمورُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● راهِمونُ: اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● راهِنُ راهِنَ: ذ. صفت. [ع. رَهَنَ = گروي رکڻ] ڪا مقرر رقم ورياج طور وٺڻ جي شرط تي آڌاري طور رقم ڏيندڙ- گروي رکندڙ. وياج خور. وياج تي پئسا ونندڙ.

● راهِڻُ: مصدر. رهائڻ- نباهڻ- وفا ڪرڻ. ترسائڻ- ٽِڪائڻ. پٽي ڇڏڻ. پوکڻ- پوک ڪرڻ.

● راهُوُ: ذ. [پرا. راهُ؛ سن. راهه] هندو فلسفي موجب اهو ديوتا جو سج ۽ چنڊ کي جهلي گرهڻ ڪرائي (هندن جو عقيدو آهي ته اهو ديوتا سج يا چنڊ کي جڏهن گِهي ٿو تڏهن گرهڻ ٿئي ٿو). هڪ لکٽ جو نالو- ذَنَبُ [ع]. هڪ تاري جو نالو. (اسم خاص) هالا ۽ سڪرنڊ تعلقن ۾ ديهن جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● راهُو ۽ راها: ذ. صفت. رهاڪو- رهواسي

"نه ڏسجي راهه رائي ۾- هتا هو روهه جا راها"

(احمد ملاح).

● راهُو ۽ راهُو: ذ. صفت. رهائيءَ وارو- هلندي پڄنديءَ وارو- سپ ڪنهن سان رس رهاڻ سان هلندڙ. راڄ سان رهائيندڙ (چڱو ماڻهو) رهاڪو- رهندڙ.

● راهيوائي (ت): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● راهُوٽِ: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● راهُوجا: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. سکر، شڪارپور، خيرپور ناٿن شاهه ۽ رتيديري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● راهُوڪيڙا (ڪب): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

راهُوڪِي: هالا ۽ حيدرآباد تعلقن ۾ ديهه جو نالو. هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

● راهُوم: اسم خاص. بگٽي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● راهُونٽُ: اسم خاص. هالا شهر کان هڪ ميل اوڀر طرف هڪ تڪيو (جتي مخدوم امين محمد پڪا اڏي وڃي زهد ۽ عبادت ڪئي. انهيءَ تڪيي کي پڪا به سڏيندا آهن).

● راهُونٽُڙو: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● راهُوئي (ت): ث. رهائي- رسائي- هلندي- رسوخ- پهچ. مهرباني- ٿورو- احسان.

● راهيجا: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● راهيُر: اسم خاص. تعلقي ڪولڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● راھ: ث. رايو – رٿ – تجويز. مشورو – صلاح. خيال – مرضي – خواهش. پترائين زمين.

– راھ ڏيڻ: صلاح ڏيڻ – مشورو ڏيڻ. تجويز ٻڌائڻ – اٽڪل ٻڌائڻ.

– راھ وٺڻ: صلاح وٺڻ – مشورو وٺڻ.

● راءِ: ذ. ڏسو ”راءِ“.

● راءِ ﷼ راءِ: ذ. [پرا. راڻا؛ سن. راجن، راجا] راجا – حاڪم. هندو حاڪمن جي نالي پٺيان ڪم ايندڙ لفظ – معزز هندو کي سرڪار طرفان مليل خطاب ”راءِ بهادر“.

● رائيتو ﷼ رائيتا: ذ. [هہ] ڏڌ ۾ مصالحي مان ٺهيل هڪ قسم جي ڪڙهي.

● رائيٽ: صفت. [انگ. Right] صحيح – درست – برابر.

● رائيج: صفت. [ع] هلندڙ – جاري – مروج – چالو. رسمي – دستوري. معمولي – عام.

– رائيج الوقت: صفت. هلندڙ وقت جو – مروج – چالو – رواج ۾.

– رائيج ٿيڻ: رواج ۾ اچڻ – چالو ٿيڻ – مروج ٿيڻ.

● رائيج ڪرڻ: رواج ۾ آڻڻ – عمل ۾ آڻڻ.

● رائيرُ، رائرُ: ذ. ڏنڊ – ڏل – سُنگ اهو محصول، جو بادشاهه پنهنجي تابع مُلڪن يا سردارن کان وٺي

”نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾“
(شاهه).

سمنڊ – بحر.

– رائيرو رائرو: ذ. صفت. محصول جو گهو.

● رائيفل ﷼ رائيفلون: ث. [انگ. Rifle] بندوق جو هڪ قسم.

● رائڪ: پيت شاهه ويجهو هڪ مڪان جو نالو.

● رائيڪو (ٿ): ذ. ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ خاص نشان.

● رائيڪان: ذ. صفت. [ف. رايگان] رستي ۾ ڪري پيل (شي) – ويل – اجايو – مفت ۾ – ضايع.

– رائيڪان ٿيڻ: ضايع ٿيڻ: برباد ٿيڻ. اجايو وڃڻ – بي فائدو وڃڻ.

– رائيگان ڪرڻ: برباد ڪرڻ – ضايع ڪرڻ.

● رائيل ﷼ رائيلون: ث. ڪونج

”رائيل رهي نه روهه ري، توڙي هجي پرلوءِ“
(راهل).

● رائيلو: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

● رائيلبي: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● رائيملائي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات.

● رائين (ڪ): ث. چار جي ڪنارين واري ٿلهي رسي.

● رائڻ: [سن. رانجن] ريجهائڻ – ريجهائڻ – راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. ڳائڻ (ٿ)؛

”ويني رالول رائيان، جو ڳي اندر جيءُ“
(دلپت).

● رائو: ذ. [سن. ريتم = واري] تمام سنهي ريتي. واري. ڪڪري. هوا ۾ اڏامندڙ ميٽي

”رائي پيچ مر رلي، رڙهي روحاني سسئي“
(شاهه).

– رائو ڪرڻ: خراب ڳالهائڻ – بد الفاظ چوڻ.

– رائو ڏيڻ (ڪ. ڪڇ): دالهن ڏيڻ. ڪنهن به ڳالهه جو روبرو مقابلو ڪرڻ – دوبدو ٿيڻ.

● رائوڙ: اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● رائون (ل): ذ. چوپائي مال جو هڪ رنگ – مينهن جو هڪ اخص رنگ، جو پورانجهڙو هجي.

● رائي: ث. پوڙ وغيره (خاص ڪري دال) ۾ کيهه ۾ ٺهڪايل ٿوم وجهي ڏنل داغ. ريتي يا واريءَ جو داڻو. تيلي ٻج جو هڪ قسم – آهر.

– رائي ڏيڻ: کيهه يا تيل ۾ ٿوم وجهي دال کي داغ ڏيڻ. مشهوري ڏيڻ – نالو ڪرڻ (ٿ). بدنام ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ (ڳالهه ۾).

– رائي ڪرڻ (ٿ): بي انصافي ڪرڻ. واسو وٺڻ – رياءُ ڪرڻ.

● رائيٽو (ٿ): ذ. صفت. جنهن ۾ مصالحو وجهي، کيهه جو داغ ڏيئي تاهيل ڪڙهي.

Gul Hayat Institute

● رائيٽ (ڪ): ث. ريتيءَ واري زمين - ريتائين زمين.

● رائين (ڪ): ث. گاهہ جو هڪ قسم - ٻُوٽائي - ٻُوٽاڙي. (اسم خاص) شاهبندر ۽ ماتلي ۽ ٽنڊي محمد خان تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.

● راياسو (ت): ذ. صفت. وارياسو.

● رائگان: ذ. [ف] ڏسو "رائگان".

● رايو ۽ رايا: ذ. [ف. راي>رائي = ويچار، نظريو رکڻ] راءِ - خيال - مرضي - رٿ. فيصلو. صلاح.

- رايو رکڻ: لحاظ ڪرڻ - ٻاسخاطري ڪرڻ - پاسو وٺڻ.

● رَبّ: اسم صفاتي. [ع] پالڻهار - پروردگار - رزاق - ڌڻي تعاليٰ.

- ربّ العالمين: [ع] سڀني جهانن جو پاليندڙ - ڪُل ڪائنات جو پروردگار - الله تعاليٰ.

- رَبّاني: صفت. ربّ تعاليٰ جو - الاهي - خُدائي. ربّ ڏانهن مائل. (اسم خاص) سنڌ جي هڪ مشهور ديني عالم "مولوي عبدالحق رباني" جو لقب.

- رَبّ کي ٻُهچڻ: مري وڃڻ - وفات ڪرڻ.

- رَبّنا: ندا. اي اسان جا پروردگار! اي اسان جا ڌڻي!

- رَبُوبيت: ث. ربّ جي صفت. خدائي - الوهيت. خدا جي ڪل ڪائنات.

- رَبّي اَمرُ: خدائي حڪم - خدائي فرض. موت جو سڏ - انتقال.

● رُبّ: ث. [ع] رَسُ - شربت. ڪڙهيل عرق. ميوي وغيره خصوصاً ڏاڙهونءَ جو ڪڙهيل گهاٽو رَسُ - چاش. پت - قوام. پڪو ٿيل شربت "رُبّ سُوس، رُبّ انار" وغيره.

- رُبّ انار: ذ. ڏاڙهونءَ جو شربت.

- رُبّ سُوس: ذ. ٻهارڪي وَڪَر جو هڪ قسم (جو مٺي ڪاٺيءَ جي عرق مان ٺهي) - مٺي ڪاٺيءَ جو عرق.

● رُبا: صفت. [ف. رَبُودَن = ڦُرڻ] ڦُريندڙ - کسيندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ صفاتي ٻجاڙي طور ڪم ايندڙ "آهن رُبا، دلرُبا" وغيره.

● رَباب ۽ رَباب: ذ. [ع] هڪ قسم جو ساز (طنبوري جهڙو ۽ منجهس چار تارون ٿين، مگر لس ٻيلي ۽ ڪيچ ڏانهن رباب پنجن تارن وارو ٿئي). (ڪناية) راڳ. ميڇيءَ جو هڪ قسم، منگرو.

- رَبابي: ذ. صفت. رباب وڄائيندڙ - ڳائڻو. هڪ قوم جو نالو.

● رُباعي ۽ رُباعيون: ث. [ع. رُبع = چوٿون] هڪ قسم جو چئن مصرعن جو بيت (جنهن ۾ پهرين، ٻي ۽ چوٿين مصرع هم قافيہ هجي).

● رَبط ۽ رَبط: ذ. [ع] ڳانڍاپو - لاڳاپو. ميلاپ. محبت. دوستي. سلسلو.

- رَبط ضبط: ذ. ميل ميلاپ - ميل جول. ضابطو - انتظام. توازن.

● رُبع: ذ. [ع] چوٿون. چوٿون حصو - چوٿين پتي - چوٿو.

- رُبع مسڪون: ذ. [ع. ربع + مسڪون < سَڪَنَ = هو رهيو] دنيا جو آباد ٿيل چوٿون حصو. دنيا - جهان.

● رَبُود: ظرف. [ف. ربودن = ڦُرڻ] ڦُريل - کسيل. ڇڪيل. هيرايل - پاليل.

● رَبيعُ: ذ. [ع] بهار جي موسم. بهار جو فصل. بهار ۾ لڻل اناج. زراعت جي اصطلاح ۾ هڪ موسم ۽ ان موسم ۾ ٿيندڙ فصل (جو آڪٽوبر ۽ نومبر ۾ پوکجي ۽ مارچ ۾ لُڻجي. هن فصل ۾ ڪڻڪ، سرهه، ڄانبو وغيره ٿئي) - چيٽ.

- رَبيعُ الاوّل: ذ. هجري سال جو ٽيون مهينو - عرس وارو مهينو.

- رَبيعُ الآخر، رَبيعُ الثاني: ذ. هجري سال جو چوٿون مهينو - ٻارهينءَ وارو مهينو.

- رَبيعُ لہ خريف هُئڻ: ڪو به واسطو نہ هئڻ - ڪجهہ به نہ ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

● رَبِيڻَ ۽ رَبِيڻُون: ث. [انگ. Ribbin] سوٽي يا ريشمي ڪپڙي جي رنگين پٽي (جا زالون وارن ۾ ٻڌن يا ڪپڙي تي سونهن خاطر هڻن). ورن وڪڙن واري پٽي (جا مرد شلوار جي پانچن تي هڻائين).

● رَبِيڻَ: ث. [سن. رو + 'اين' ڀڄاڙي] سج "تلنگ تليهر تين، وڌ سورج ڪان سهڻا پرين، ڪڍُن ليڻ خمار مان، متي ليڻ نڪين، سَهه ڪِجي، ڪَتَ ڪيسري، اهڙي روءِ رَبينَ" (عارف شاهه).

● رَبَ ۽ رَبُون: ث. چانورن، ڪڻڪ، جوئر ٻاجهري يا ڪنهن ٻئي ان جو رڌل ڏارو. تمام پتڙو پَتُ. گهٽي ٻائيءَ وارو پَتُ. پيجي - پيچ - اچَ - آشَ. (صفت) تمام نرم - پتڙو - ڪنڙرو.

- رَبَ پيچَ: ث. سادو کاڌو. غريباڻو کاڌو.

- رَبَ روٽيلو کائڻُ: سادو کاڌو کائڻ - غريبيءَ ۾ گذارڻ - دال ماني کائڻ.

- رَبَ روٽو (ٿ): ذ. سهپيشوري قوم ۾ ڪنوارپڻ کي ڪارايل آخرين ويلو.

● رَٻارِي (ٿ): اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● رَٻارِيو: اسم خاص. تعلقي عموڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِبَڙُ: ذ. [انگ. Rubber] هڪ خاص قسم جي وڻ جو رَسُ (جنهن کي سڪائي ان مان ڪيترن قسمن جون شيون ٺاهيندا آهن).

● رَبِڙِي ۽ رَبِڙِيُون: ث. مٺائيءَ جو هڪ قسم (جا کير ۽ کنڊ کي ڪاڙهي، ماٺي والگر پتڙو ناهين). کيرڻي. اتي ۽ جهڻ مان ٺهيل هڪ قسم جو کاڌو (ٿ).

● رِبِسمَڙِ (ٿ): ث. گهاٽي ٻاٽيٺ (رب وغيره).

● رَبِلَ ۽ رِبِلُون (ت): ث. پراڻي ۽ ڪتل وليي.

● رِبَڻُ: مصدر. بي معنلي ڳالهائڻ - اجايو ڳالهائڻ. ٻڪڻ. وقلڻ. ٻاتو ڳالهائڻ. ذري ذري چوڻ. جهيڙو ڪرڻ (ت).

- رِبَ ۽ رِبُون: ث. ٻڪڻاڪ - لپاڙ - ڊاڙ. ٻَڪ ٻَڪ - ٻڪواس - لپ لپ. چيچلو ڳالهائڻ - ٻاتائڻ - هڪڙائڻ. (صفت) ٻڪواسي - لپڙاتي - ڳالهيرُ - ڊاڙي.

- رِب رِب ڪَرڻ (ت): ٻَڪڻ - ٻيبڻ - وِلڏڻ - ناراضپو ڏيکارڻ - ناراض ٿيڻ - راڄ ٿيڻ - غصو ڪرڻ - ڪاوڙ ڪرڻ.

- رِبَڪو ۽ رِبَڪو - رِبَڪا: ذ. ڪلڪل - وِلڏ - چوُ چوُ - ڪپتو - وِلڏڪو - ڏاڏُوَ - ڪِرڪِر - ڪِروڌ - ڳُهپي.

- رِبِٽو ۽ رِبِٽا: ذ. صفت. ڪِپَتَرُ - تيسيرُ - رِب رِب ڪندڙ - ڪِروڌي - وِلڏُو - گهپي خور - ڪِرڪِريو.

● رِبَ (ٿ): ظرف - وِ کَ وِ کَ - پيرُ پيرُ - قدم قدم - آهستي - هري - هوريان - هورڙيان (ت). اندي وِ کَ - لنيو قدم - ننڍي پيرالکهه.

● رَبِنُ: ذ. [سن. رُو + ان = پڇاڙي] - سج "پيڪ، پدمين، پليوري، تي هيرن حال هلي راڳ رين جو روپ سان، ڪيو مات منڊ ملي (ڪنپار).

● رُبِڻُ: مصدر. رُنبڻ - مشغول ٿيڻ - لڳڻ (ڪم ۾).

- رُبائڻُ: مصدر. "رُبڻ" مان متعدي بالواسطه. رُنبائڻ - مشغول رکڻ - ڪم ۾ لڳائڻ.

- رُبِجَڻُ: مصدر. "رُبڻ" مان فعل مجهول. ڪم ۾ مشغول ٿيڻ - جنبجڻ - لڳي وڃڻ.

● رَتِ: ث. [سن. رتم] محبت - پيار - پريت.

● رَتُ: ذ. [پرا. رتّ؛ سن. رَڪتُ = رت] خون - لهو. عزت - مانُ. نسل - اولاد. سڳهه - سَتُ - زورُ. تولهه - ساج. سُونهن - مُنهن جي رونق - تازگي. ڳاڙهاڻ - لالائي. ڪپڙا - حيض. (صفت) ڳاڙهو - رتو - سُرخ. ڪاوڙيل - غصي ۾. وِرتل - بيزار.

- رَت آچَڻُ: رت نڪرڻ - رت وهڻ. مُنهن ۾ رت وَرڻ - عورت کي ماهواري اچڻ.

- رَتا وِڇوڙڻ: عزيزن ڌريبن يا ويجهي تعلق وارن جي وچ ۾ نفاق وجهڻ. سڳا مائٽ جدا ڪرڻ.
- رَتا وِڇوڙِي: ذ. صفت. عزيز جدا ڪندڙ- وڇوڙو وجهندڙ.
- رَت بيگڙڻ: ڦيٽڻ- رت خراب ٿيڻ. ڪاوڙ اچڻ- جوش اچڻ.
- رت پوڙَ: ث. سوري- پيچش (جنهن ۾ پيٽان رت اچي). خونريزي- رتو ڇاڻ- قتل عام.
- رَت پَريو واتُ هڻڻ: فوتيءَ جي ڏک ۾ هڻن- سو گوار هڻڻ.
- رت ٿيڻ: رت ۾ ٻرجڻ- رت ۾ ڳاڙهو ٿيڻ- زخمي ٿيڻ. سڱ ڪرڻ- مائٽي ڪرڻ- گڏجڻ. ٻرچڻ. ڪڪ ٿيڻ- بيزار ٿيڻ- ورچڻ.
- رت ٿيي وڃڻ: وڇڙيل عزيزن جو پاڻ ۾ ناهه ٿڻ- ٻرچي وڃڻ. سڱاوتي ڪرڻ- مائٽي ڳنڍڻ.
- رت ٽهڪڻ: ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ. ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيڻ.
- رت پِت: ذ. رت ۽ بلغم- بدن مان نڪتل.
- رت پُونءِ: ث. غلاظت ۽ روڳ- رت- پِتَ.
- رت پُونءِ جو پورهيو: محاورو. سخت ڪمائيءَ جو آجورو- پگهر جو پورهيو- حق حلال جي ڪمائي.
- رت ڀوڻ: بدن ۾ رت وڌڻ- سگهارو ٿيڻ. متارو ٿيڻ- ٿلهو ٿيڻ. منهن ۾ رونق اچڻ. رت نڪرڻ.
- رت ڀوُٽائي: ث. رت جي گهٽتائي. هيڻائي- ڏٻرائي.
- رت پياڪ؛ ذ. صفت. رت پيئندڙ. ظالم- قاتل- خوني.
- رت پيئَڻُ: رت چوسڻ. خون ڪرڻ- قتل ڪرڻ. تباهه ڪرڻ- برباد ڪرڻ. بدلو وٺڻ- وير وٺڻ. آزارڻ- بيزار ڪرڻ.
- رت جا پارا هڻڻ: حسد سببان اندر ۾ ڦت هڻڻ- ساڙ سببان اندر سڙڻ.
- رت جا دست ٿيڻ؛ پيٽان رت اچڻ. ڏاڍو حسد ٿيڻ. سخت صدمو پهچڻ.
- رت جا ڍُڪ پِڙڻ: صدما سهڻ. ڏک سهڻ- صبر ڪرڻ.
- رت جو پَهو: محاورو. تازو چاول پارُ- ڪچڙو پارُ.
- رت جون مانيون جمڻ: صدما پهچڻ- پريشانيون ٿيڻ. ظلم ٿيڻ.
- رَتَ جُونُ مانيُونُ، سُورَنُ جا ماڳ هڻَڻُ: پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيندي سُور سختيون سهندو رهڻ (ت)- خراب هلت جي ڪري ذليل زندگي بسر ڪرڻ- ڏکيو وقت ڪاٽڻ. روزيءَ جي تنگي هئڻ. رت جون مانيون ڪارائڻ. سخت بيزار ڪرڻ- تنگ ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ.
- رَتَ جُونُ نَدِيُونُ وَهائِڻُ: گهڻي رتوڇاڻ ڪرڻ- خونريزي ڪرڻ- قتل عام ڪرڻ.
- رَتَ جِيُ اَلٽِيُ: ث. وات مان رت جي قئي- هڪ قسم جي بيماري.
- رَتَ جِيُ بُوءِ اچَڻُ: صفا سُڄ تي وڃڻ- تباهي ٿيڻ- خونريزي ٿيڻ.
- رَتَ چُوسُ: صفت. رت چُوسيندڙ- رت پيئندڙ- ظالم. ڪنجوس.
- رَتُ چُوسَڻُ: رت پيئڻ. ٿوري آجوري تي گهڻي محنت ڪرائڻ- پيڙڻ. رشوت وٺڻ.
- رَتَ ڇاڻ: ث. خونريزي- قتل عام- رتوڇاڻ.
- رَتُ ڇاڻَڻُ: رت وهائڻ- خونريزي ڪرڻ- رتو ڇاڻ ڪرڻ- قتل عام ڪرڻ- ڪوس ڪرڻ.
- رَتُ دانڪيءَ تي وَرَڻُ: مائٽيءَ جو احساس ٿيڻ- رت جي ڇڪ اچڻ.
- رَتُ ڏِيِيُ رُميِي هڻَڻُ: سَوَڙ سارو پير ڊگهيرڻ- حال سارو هلڻ.
- رَتَ رو هيُونُ ڪَرَڻُ (ل): ڪاڌو ڪاٺڻ (عورتون ڇيڙ ۾ چونديون آهن، مثلاً: "ڇڏيو تہ رت روهيون ڪري وڃان").
- رَتُ روئَڻُ: رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ- تمام گهڻو روئڻ- زار زار روئڻ. سخت صدمو رسڻ. گهڻو ڏک ڪرڻ. هنجون هارڻ. سخت پشيمان ٿيڻ- شرمسار ٿيڻ.

– رَتُ رِيلا ڏِيڻُ: تمام گهڻو رت وَهڻ – خونريزي ٿيڻ.

– رَتُ سَتُ؛ ذ. سکه ۽ صحت – تندرستي ۽ طاقت.

– رَتُ سَتُ ڏِيَڻُ: سڀ ڪجهه ڏيڻ – سڄي عمر جي طاقت ڏيڻ – سموري زندگي خدمت ڪرڻ.

– رَتُ سُڪَڻُ: بيماري وغيره سبب رت گهٽجڻ. رت خشڪ ٿيڻ. ڪمزوري ٿيڻ. ڊپ يا ڳڻتيءَ ۾ همت نه رهڻ. اپرو ٿيڻ – ڏپرو ٿيڻ. تمام گهڻو ڊڄڻ. ڳڻتيءَ ۾ پوڻ.

– رَتُ ڪَتُورو ڏِيَڻُ: گذران واسطي سخت پورهيو ڪرڻ. رت ولوڙڻ. ڪشالو ڪڍڻ. جفاڪشي ڪرڻ.

– رَتُ ڪَڍائِڻُ: سير چوڙائڻ. چورون ڦٽائي ڪينو رت ڪڍائڻ. جهيڙي وغيره ۾ پاڻ ڪي زخمي ڪرائڻ.

– رَتُ ڪَڍَڻُ: سير چوڙڻ. زخمي ڪرڻ. چٽي وجهڻ. پيڙڻ – ناجائز نفعو وٺڻ.

– رَتُ ڪَرَڻُ: زخمي ڪرڻ (سخت پورهئي يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾). ڏاڍي مار ڏيئي بدن رتو رت ڪرڻ. ٿڪائڻ (سخت ڪم يا سزا ۾). ڏاڍي مار ڏيڻ. هلاڪ ڪرڻ – ڪک ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ – آزارڻ. چيڙائڻ – ڪاوڙائڻ.

– رَتُ گَنڌائِڻُ (ت): برادريءَ ۾ قوت وجهڻ – راڄ ڦٽائڻ. پنهنجن ۾ وير وجهڻ.

– رت ڳَتِڙُ يا رَتَ ڳَتِڙَ: ذ. چمڙيءَ جي هڪ بيماري (بدن جي ڪنهن به حصي تي رت جي خرابيءَ ڪان سوڄ ٿئي جا رت سان ڀريل هجي) ڳتڙُ.

– رُتَ ۾ راتِ ڪَرَڻُ (ت): سخت بيزار ڪرڻ – آزارڻ. جيئڻ حرام ڪرڻ.

– رَتَ ۾ رولو پَوَڻُ: گهر ۾ دشمني ٿيڻ. پنهنجن ۾ نفاق پوڻ.

– رَتُ واتَ کِي لَڳَڻُ (ت): قضيو ٿيڻ. ڪنهن عزيز جي وفات سبب سُوڳ ۾ هجڻ.

– رَت واهِڻُ يا رَتَ واهڻ: ذ. رت نلي – شيريان.

– رَتوچاڻِ: ث. رت چاڻ – خونريزي – قتل عام – ڪوسُ.

– رتوچاڻ ڪَرَڻُ: تمام گهڻو رت وهائڻ – خونريزي ڪرڻ – قتل ڪرڻ – ڪوس ڪرڻ. سخت زخمي ڪرڻ.

– رَتو رَتُ: صفت. رت ۾ ڳاڙهو – رت ۾ ٻڏل – رت سان ڀريل. سخت زخمي.

– رَتو رَت ڪَرَڻُ: سخت زخمي ڪرڻ – رت ۾ وهنجارڻ – رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ.

– رَتَ وَرنو يا رَتَ وَرنا: ذ. صفت. رت جهڙو – ڳاڙهو رتو.

– رَت وَرنو يا رَت وَرنا: ذ. صفت. رت ورنو.

"سج آلتي سئي، رت ورنو روه"

(شاهه).

– رَتُ ولوڙڻ: سخت محنت ڪرڻ – جفاڪشي ڪرڻ. ڪشالو ڪڍڻ.

– رَتُ وِلوڙي پيتُ ڪَرَڻُ: محاورو. سخت پورهيو ڪرڻ – محنت سان روزي ڪمائڻ.

– رَتُ وَهائِڻُ: خون وهائڻ – رت چاڻ ڪرڻ – قتل ڇڏڻ.

– رَتَ وِهنتو ڪَرَڻُ: رتو رت ڪرڻ – رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ – سخت زخمي ڪرڻ.

– رَتُ هَڏُ هُجَڻُ: تندرستي هجڻ. سگهائي هجڻ. ويجهي عزازت هجڻ – سڳي مائٽي هجڻ.

● رُتِ يا رُتيُون: ث. [سن] مُند – موسم – فضائي تبديل جو عرصو (هر هڪ علائقي يا مُلڪ ۾ جدا جدا مندون ٿين ۽ انهن جو عرصو به مختلف ٿئي. سنڌ ۾ سال ۾ چار مندون ٿين؛ سيارو، بهار، اونهارو ۽ سرءُ). ماهواري – حيض. نمونو (هلڻ جو) – رفتار. بيهڪ – بناوت – شڪل.

● رُتِ بدلجڻ، ڦيرڻ: موسم ۾ ڦيرو اچڻ – موسم بدلجڻ – آب و هوا ڦيرڻ.

● رَتا: اسم خاص. ڪاري ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو.

● رَتاتِيڻِ: ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم ڳاڙهي رنگ جي ڪاني جا دوا طور ڪم اچي.

Gul Hayat Institute

● رَتالُو ع رتالُو: ذ. ميوي جو هڪ قسم. ٻاجهيءَ جو هڪ قسم- چيني پٽاٽو.
● رَتامُ: ذ. انبن جو هڪ قسم- ڳاڙهي رنگ وارو انب.
● رَتانُ: ڳاڙهي رنگ جو صندل جو ڪاٺ (جو سُرهو ٿئي ۽ دوائن ۾ ڪم اچي). هڪ قسم جو ڳاڙهو پٿر.
● رَتَبُ ع رَتَبَ: ذ. ڏانديءَ پکيءَ جو هڪ قسم (ڇهنب ڳاڙهي لعل ۽ مٿو به ڳاڙهو ۽ بدڪ جهڙو، پر الهيءَ کان ٿلهو ۽ ڳرو)- رَتبو.
● رَتبو ع رتبا: ذ. ڏانديءَ پکيءَ جو هڪ قسم- رتب.
● رُتبو ع رُتبا: ذ. [ع. رُتبه] درجو- مرتبو- عهدو. عزت- شانُ.
- رُتبو حاصِلُ ٿيڻُ: مٿاهين درجي کي رسڻ- اوج تي پهچڻ.
- رُتبو ميلڻُ: وڏو درجو ملڻ. گهڻي عزت ٿيڻ.
● رتڙُ (ت): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور ۾). تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● رَتڙو، رَتڙو ع رَتڙا: ذ. صفت. [سن. رَڪتَ = رت + ڙو] رت مان رڱيل- رت وارو. رت جهڙو. ڳاڙهو- رتو- سُرخ- لال. (ث) رتڙي ع رتڙيون.
● رَتڙِيُ، رَتڙِيُ ع رَتڙِيُون: ث. تيلي- ٽيهي. جُوئر جي هڪ جنس- ڳاڙهي جُوئر. ڳاڙهي رنگ جي ٻڪري (ث). ٻوڪ جو هڪ مرض.
● رَتڙِيا: ذ. جانورن جي هڪ جنس (ڳاڙهي ٿڃ وارا اڇا ۽ ٻلا سڳداسي جانور).
● رَتڪو ع رَتڪا (ڪ): ذ. آواز- ٻولاءُ.
● رتڪي ع رتڪيون (ث): ث. ڳاڙهي رنگ جي ٻڪري.
● رَتَلُ ع رَتَلَ: ذ. صفت. ڳاڙهو- لال- سُرخ. پڪل- پچي ويل (ميوو وغيره). رڱيل- رچي ويل (الاهي عشق ۾). ڏانڊ جو هڪ قسم (ث).

● رُتَلَ: ث. جُوئر جي هڪ جنس- ڳاڙهي جُوئر- رتڙي. (اسم مفعول) روئبو ڪيل- روئبيل- وِنُرَ ڪيل- وِنُراج ڪيل.
● رَتَنُ ع رَتَنَ: ذ. [سن. رتن] هڪ قسم جو قيمتي پٿر- هيرو- ماڻڪ. ڪابه قيمتي شيءِ. اک جو تارو.
رَتَنُ مالا ع رَتَنُ مالائُون: ث. هيرن جو هارُ.
● رَتَنُ جُوتِ: ث. ٻوٽي جو هڪ قسم (گلابي ۽ اڇي رنگ جا سهڻا گل ٿين. هي دوا طور به ڪم اچي).
● رَتنيِي: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● رَتڻُ: مصدر. [سن. رَڪتَ = رت] رڱڻ- ڳاڙهو ڪرڻ.
● رَتو ع رَتا: ذ. صفت. رت جهڙو- ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل- رتل- ڳاڙهو- سُرخ- لال. پڪل- رچي ويل. مينديءَ لڳل. (اسم خاص) مرد جو نالو.
- رَتو ٽڪو ع رَتا ٽڪا: ذ. سونو ٽڪو (سڪو). مُهر- اشرفي.
- رتو راس ٿيڻُ: ڪابه سٺي ۽ نئين شيءِ ٿي مڪمل ٿيڻ؛
"تيسين ٻڳوني پير، جيسين رتو راس ٿئي" (شاهه).
مطلب حاصل ٿيڻ.
- رَتو ڳاڙهو (ڪ): ذ. اٽ جو هڪ رنگ- گهاٽو ڳاڙهو- گهوڙهو ڳاڙهو.
● رَتو ٽرڙو: اسم خاص. تعلقي ننل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● رُتو جُتو (ت): ذ. صفت. مشغول- رُڌل.
● رَتو ديرو: اسم خاص ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تعلقي، تپي، ديهه ۽ شهر جو نالو.
● رَتو ڪوٽ: اسم خاص. تعلقي ڪهڙي ۾ سمن جي دَور جو هڪ شهر. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ تپي جو نالو.
● رُتو ڪُتو (ت): ذ. صفت. آباد.

Gul Hayat Institute

● رَتيءُ ۽ رَتيئون: ث. صفت. [س. رَڪْتَ = رت > رتي] رت جهڙي - ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل - ڳاڙهي. (ث) ڳاڙهاڻ. چيٽونيءَ جي وڻ جو ٻج (جو ڳاڙهي رنگ جو ۽ سخت ٿئي، هيرن، سون، چاندي ۽ دوائن تورڻ ۾ ڪم اچي). چيٽوني، لالڙي. ماسي جو اٺون حصو - چئن مڱن يا جَون جو وزن - تمام ٿورو حصو - ذري - اٽي. ٻوڪ جو هڪ مرض. (جو هوا جي ڦيري سبب ٿئي ۽ ڪڪ ۽ مارين جي سنگن کي ڪارو ڪري ڇڏي). ڳاڙهي ڪهڙي مان نهل فراسي (ت). رت - زور - سگهه - طاقت. پريت - عشق. ڀاڳ - نصيب.

- رَتيءُ راتِ: ث. رات جو ٻهاڙيءَ وارو تمام ٿورو حصو.

- رَتيءُ ڦُلُ: ذ. شراب جو هڪ قسم.

- رَتيءَ جيءُ رِهاڻِ: ٿوري وقت جي ملاقات - محبت جو ميلاپ - محبوب جو وصال؛

"رتيءَ جي رِهاڻ، جيءُ اڙايم جتن سين"
(شاهه).

- رَتيءَ ماتَرُ: رتيءَ جيترو - تمام ٿورو ذرو - ننڍي ماتر - ذرڙو.

- رَتيءَ وارو ۽ رَتيءَ وارا: ذ. صفت. رت وارو - سگهارو - پهلوان. بدن ۾ پريل. ڀاڳو - خوش نصيب.

● رَتيهاڪُ ۽ رَتياڪَ: ڊانڊي پکيءَ جو هڪ قسم.

● رَٿُ ۽ رَٿَ: ذ. آڳاٽي زماني جي هڪ قسم جي ٻه ڦيٿي گاڏي (جا گهوڙا ڇڪيندا هئا؛ رَٿَ اڪثر جنگين ۾ ڪم ايندا هئا). بادشاهي سواريءَ جي گاڏي.

- رَٿوانُ، رَٿيانُ: ذ. صفت. رٿ هڪليندڙ.

● رِٿَ ۽ رِٿون: ث. ٻُڌ - تجويز - صلاح. اٽڪل.

- رِٿَ رِٿڻُ: سِٽ سٽڻ - تجويز ڪرڻ - صلاح ٻيهارڻ.

● رِٿڻُ: مصدر. رِٿ ڪرڻ - صلاح ڪرڻ - ٻُڌ ڪرڻ - تجويز ڪرڻ. خيال ڪرڻ. ڪٿ ڪرڻ. اٽڪل ويڙهائڻ. ليٽ ڪرڻ.

● رَٽُ ۽ رَٽَ (ت): ذ. سخت - ڏاڍو - ٽاٽُ.

- رَٽُ ٿيڻُ: سخت ٿيڻ - سوٽ ٿيڻ - پيچڻ. چڪجڻ.

- رٽُ ٻَٽُ: ظرف. هٽ مٿي - ڪڙٻڙ. سڄَ.

● رِٽَ ۽ رِٽون: ث. ليڪَ - هَسوَ - ذري. راڻو. مَڇُٽَ جو هڪ قسم. سوچ - ٽوٽر.

● رِٽُ ۽ رِٽَ (ت): ذ. صفت. ڪنهن ڪم ۾ نہ ايندڙ - لڪمو - بيڪار. دغاباز. اجايو - بي فائدو.

- رٽُ مٽُ (ت): ذ. صفت. بي فائدو - اجايو.

● رُٽُ ۽ رُٽَ: (ٽ): ذ. ٽَلهو - متارو - ڦِڳ. ڪارو رُڏ.

● رَٽُ ۽ رَٽَ (ٽ): ذ. گهٽو سيءُ - پارو.

● رُٺُ: ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺ] رُٺل - رُسيل - ڪاوڙيل.

- رُٺ مُنهَوَن: ذ. صفت. رُٺو روح - ناراض. مُنهن سُڄل.

● رُٺَلُ ۽ رُٺَلَ: ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺل] ناراض ٿيل - رنج ٿيل - ڪاوڙيل. "پرٺل" جو ضد.

- رُٺل رُوح: ذ. صفت. ڪاوڙيل - ناراض. رُڪ مُنهون - پوريءَ طرح مُنهن نہ ڏيندڙ.

● رُٺو ۽ رُٺا: ذ. صفت. [مصدر. "رُسڻ" > رُٺو] رُسيل - رنج ٿيل - ناراض - ڏُکويل - ڪاوڙيل.

- رُٺا پَرچائِڻُ: رُٺل پرچائڻ - وڇڙيل ملائڻ ۽ پرچائڻ - ڪن ٻہ ڌرين جي وچان رنجش ختم ڪرڻ.

- رُٺن جا پاڳا مينا هجڻ: جيڪو رُسي وڃي، تنهن جو پاڳو ڪاٺي وڃڻ آسان هئڻ.

● رَپُ ۽ رَپَ (ت): ذ. جبل جي سخت ۽ هيٺاهين زمين (جنهن ۾ پوک نہ ٿئي).

● رِپَ ۽ رِپُون: صفت. [س. رِپُ = دشمن] دشمن - ويري. آفت - مصيبت. ڇپ. ڳرو. ٽلهو. چالاڪ - هوشيار. اسم خاص. سالڪڙ دادو،

Gul Hayat Institute

خيرپور ناٿن شاهه، شڪارپور، روهڙي، جيمس آباد ۽ ميروخان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

- رِپَ هُجَڻُ: وڏي چِپَ هجڻ. آفت هجڻ. تمام چالاڪ هجڻ.

- رِپَ مٿان رِپ: محاورو. ڏاڍي ڪان ڏاڍو. چورن مٿان مورُ.

● رَهِڙَ (ٿ): ٿ. وَلِ جو هڪ قسم (گول پَنَ ۽ زمين تي پکڙندڙ ٿني).

● رَهِڙُ ۽ رَهِڙَ: ذ. ڪِڙُ - سڃيل ماس. ڪَرَنڊُ. واهو. چٺو - داغُ - نشان (جانورن جي جسم تي) - وَڍُ - وَڍو (وڍرو) - ڏَنو - ڊِمُ (ڊِرَمُ). ڌَڙَپُ - دڙڪَ - چيٽُ - چٺو. (اسم خاص) تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (اسم خاص) مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (ميرپور بٺوري تعلقي ۾).

● رِهڙ: اسم خاص. ٽنڊي الهيار ۽ شاهه بندر تعلقن ۾ ديهه جو نالو.

● رَپَ ڪيچي: اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِپَ ميرداد: اسم خاص. تعلقي ٺُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِپَ ناري: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رُپو ۽ رُپا: ذ. [سن. رُپو يم = چاندي] هڪ قسم جو قيمتي ڌاتو - چاندي - روپ - سيم. چانديءَ مان ٺهيل هڪ سڪو - رُپيو.

● رَپوٽ، رَپورٽَ ۽ رَپوٽون، رَپورٽون: ٿ. [انگ. Report] اطلاع - ڄاڻ - لکيل ڪارگذاري. لکيت. خبر.

- رَپوٽَرُ، رَپورٽَرُ: ذ. صفت. اطلاع ڏيندڙ - خبرون پهچائيندڙ - نامه نگار.

● رُپيو ۽ رُپيا: ذ. [سن. رُپو يم > روپُ > رُپيو] چانديءَ مان ٺهيل هڪ سڪو - هڪ سؤ پيسن وارو سڪو.

- رُپيو پَيچائڻُ، ڪولائڻُ، مٽائڻُ: رُپئي کي ننڍن سڪن ۾ تبديل ڪرائڻ - رُپئي جو ريزو وٺڻ.

● رُپيٽَڙو (ڪ. ل): ذ. پَرت جو هڪ قسم.

● رَجُ: ذ. [پرا. رَيَ؛ سن. رَجَسُ > رَجَ = مٽي، اٽو] گل جي وچ واري اڇي يا ٽِڪي داڻ داڻ - گل جي پٺونگر. گل جي وچ ۾ اٽي جهڙو مادو.

- رَجُڪوشُ: ذ. [هه] اهو ڪوپ، جنهن ۾ گل جو "رَجُ" بند هجي.

● رَجا: ٿ. [ع. رجا] آميد - آسرو - ڀروسو. خوشي. (صفت) ڏاول - رَڄ. آسودو.

- رَجائيت: ٿ. آميد واري حالت. آسرو - آميد.

● رُجات: ٿ. [ع. رُجُوعاتِ > سنڌي. رُجات] لاڙو - مريدن مرشد ڏانهن لاڙو. مقبوليت. فيض. اعتقاد.

● رِجال: ذ. [ع. رَجل ۽ رِجال] مرد. ماڻهو - انسان - آدم.

- رِجالُ الغَيب: ذ. غيب جا ماڻهو - غيبي انسان.

● رَجَبُ: ذ. [ع. رَجَبُ] هجري سال جو ستون مهينو (جنهن کي زالون "لڪانو" چون). (اسم خاص) مرد جو نالو.

- رَجَبُ المُرَجَّبُ: هجري سال جو ستون مهينو - رجب.

● رَجپُوت، رَجپُوت: ذ. ڏسو "راجپوت".

● رَجپُوتُ ۽ رَجپُوتَ: ذ. ڏسو "راجپوت".

● رُجحانُ: ذ. [ع] لاڙو - ميلان - رغبت.

● رَجزُ ۽ رَجزَ: ذ. [ع] علم عروض موجب هڪ بحر.

● رجِسٽَرُ ۽ رجِسٽَر: ذ. [انگ. Register] دفتر - داخلا جو ڪتاب. پوسٽ آفيس طرفان مقرر ٿيل في وٺڻ بعد رجسٽر ۾ داخل ڪيل ٽپال.

● رَجُعَتُ ۽ رَجُعَتُون: ٿ. [ع. رَجَعَ] واپسي - موٽ. عورت کي رجعي طلاق ڏيڻ بعد، مرد جو اُن طلاق ڏيڻ کان باز رهڻ جو ارادو.

Gul Hayat Institute

- رَجْعَتْ پَسَنْدُ: ذ. صفت. جهونن خيالن وارو- قدامت پسند.
● رَجْمُونُ (ث): ذ. نالڪ جو هڪ قسم.
● رَجْمينْٽَ ۽ رجمينْٽُونُ: ث. [انگ. Regiment] آٺ سؤ يا هڪ هزار سپاهين جو دستو. پلٽڻ جو هڪ حصو.
● رَجْنِيُ: ث. [پرا. ريڻي؛ سن. رَجْنِيُ] رات- ليل- شب.
● رِجَڻُ: مصدر. ڳَرَڻ- آئُٽڻ- وِڳهرڻ- وِڳرڻ- پگهرڻ. ڪنهن ڌاتوءَ جو باهه تي ڳرڻ. پنڙو ٿيڻ- پاڻي ٿيڻ.
- رِجائڻُ: مصدر. پگهارڻ- ڳارڻ- وِڳهارڻ- آئٽارڻ. پاڻي ڏيڻ- ريج ڏيڻ.
● رَجْواڙو ۽ رَجْواڙا: ذ. راجا جو ملڪ- راجائي- رياست.
- رُجُوعُ: ذ. صفت. [ع. رَجَعَ] موٽ- واپسي. لاڙو. (صفت) راغب- مائل- متوجه.
- رُجُوعاتَ: ث. رُجوع- لاڙو- رغبت. توجه- ڌيان.
- رُجوع ڪرڻ: پيش ڪرڻ- حاضر ڪرڻ (عدالت ۾)- چالان ڪرڻ. حوالي ڪرڻ- سپرد ڪرڻ. توجه ڪرڻ- ڌيان ڏيڻ.
● رَجيپار (ٿ): ث. ليڪ- هَوَ- تورو- ذرو.
● رَجِيمُ: صفت. [ع] مردود- ترڙيل- ڌڪاريل. سرڪش- مغرور. پنيلائيندڙ. (ذ) شيطان جو هڪ نالو.
● رِجَ: ث. ڍؤ. خوشي.
● رَجَڻُ: مصدر. [سن. رَجَ = خوش ٿيڻ] ڍَئڻُ- ڌلهڻ. پرڻ (پيٽ). ڪائي پرجڻ- ڍؤ ڪرڻ. خوش ٿيڻ. آسودو ٿيڻ. ريج اچڻ.
● رَجُ ۽ رَجَ: ذ. ڍؤ. خوش- سرهو. (ظرف) ڍؤ تي- چڱيءَ طرح. گهڻو.
- رَج ٿيڻُ: ڍئجڻ- سيراب ٿيڻ- پيٽ پري ڪائڻ.
- رج چڱو ماڻهو: محاورو. ڀلو ماڻهو. ليڪ ماڻهو- اشراف ماڻهو.
- رَج ڪَرَڻُ: ڍؤ ڪرڻ- پيٽ پري ڪائڻ.
● رَجو ۽ رَجا: ذ. صفت. رڇيل- ڍاوَل- ڍاپَل- پيٽ پريل. راضي- خوش.
- رَجو ڪجو هجڻُ: پيٽ پريل هجڻ- ڍاول هجڻ. خوش هجڻ- راضي هجن- آسودو هجڻ- سائو هجڻ.
● رَجِواڙو ۽ رجِواڙا: ذ. [هه. رجواڙا] راجائي حڪومت. رياست.
● رَجواڙي ۽ رَجواڙِي: ذ. صفت. بد پيشه ڪندڙ- زاني.
● رُجهه ۽ رُجهون (ڪ): ث. [سن. رُج = چمڪڻ] روشنائي- سوجهرو- سُجهندو- سُهائو. چمڪاٽ- جرڪو.
● رَجهڻُ: 'رڌڻ' سان فعل مجهول. [سن. رَڌَ = رڌڻ] ڳرڻ (ڪاڌو). باهه تي پچڻ. سڙڻ- ڪامڻ (اندر ۾). گرميءَ يا ڪاڙهي ۾ پچڻ. ڪاڙهي ۾ ڪڙهڻ.
- رَجهه: ث. رڌجڻ جي حالت. باهه- چيرو. رُگهه- گهٽ. ڪاڙهه. ردن ڪي ٿيندڙ هڪ بيماري.
- رَجهه ٿيڻُ: اُپس ٿيڻ- گهٽ ٿيڻ- گرمي ٿيڻ.
- رَجهڻُ: اُپس- گرمي- ساڙو- پچ- گهٽ- رَجهه- رُگهه.
● رُجهڻُ: مصدر. رُڌجڻ- رُڌل رهڻ. رُنيجڻ (ڪم ۾). جونجڻ. گوشت جو ڀانيءَ ۾ ڪري ملي وڃڻ. نوبيل ڪن يا نڪ جي سوراخن جو پورجي وڃڻ.
- رُجهائڻُ: مصدر. "رجهڻ" سان "متعدي بالواسطه". رُنيائڻ- لڳائڻ (ڪم ۾).
● رُجَ ۽ رُجون: ث. [سن. آدئِه] بيابان ۾ اُس تي نظر ايندڙ ڪوڙو ڏيک- سراب (ماڻهو توڙي جانور رُج کي پاڻي سمجهي اوڏانهن ڊوڙندا آهن ۽ آخر پاڻي لاءِ ماڻ ڪري مري ويندا آهن). مارو ٿل. رڻ پٽ- بيابان- صحرا- سُڃ- ويراني.

Gul Hayat Institute

● رَچُ ۽ رَچَ: ذ. [سن. رَنُجُ = رڱڻ] روپي
ڳھہ تي چڙھيل سونو پاڻي - ملمعو. ڱولچ.
اکين جي ڇپر ۾ ٿيل داڻ داڻ - ڇاليون.

● رَچائڻُ: مصدر. [ھ. رچانا؛ سن. ١- رَنُجُ =
رڱڻ؛ ٢- رَچُ = ٺاھڻ] رڱ ۾ ٻوڙو ڏيارڻ -
رڱائڻ. ڳاڙھو ڪرڻ. خوشبوء يا رنگ تر
ڪرڻ. چوڙ رالد ۾ ساري وچ واري ڇيلي ۾ آماڻڻ.

● رَچنا ۽ رَچنائُون: ث. [سن. رَچنا]
ٺاهپ - بناوت جوڙ - خلقت.

- رَچنا ڪندَڙُ: صفت. بنائيندڙ - خلقيندڙ -
جوڙيندڙ - ٺاھيندڙ - رچيندڙ.

● رَچَڻُ: مصدر [سن. رَنُجُ = رڱجڻ؛ ھ.
رَچنا = رڱجڻ] رڱڻ - رنگ ڏيڻ. رچي لال ٿيڻ.
الاهي محبت ۾ محو ٿيڻ. ڪنهن درويش جي صحبت
مان فيض پرائڻ. [سن. رَچُ = ٺاھڻ] ٺاھڻ -
سيڻڻ. رٽڻ. بنائڻ (خاڪو). لکڻ (ڪتاب).

- رَچِيُ مَچِيُ وڃَڻُ: ھم خيال ٿي وڃڻ -
ملي ھڪ ٿيڻ. ٺھي وڃڻ.

- رَچيندَڙُ: ذ. صفت. رچنا ڪندڙ - ٺاھيندڙ -
جوڙيندڙ. خلقيندڙ - آپائيندڙ.

● رُچَڻُ: مصدر. [پرا. رُچُ؛ سن. روچن.
رُچ = چمڪڻ، پيار ڪرڻ] سُھائڻ - پسند پوڻ -
وڻڻ - سٺو لڳڻ؛

"تو دس ڏيان مڱڻا، روح رُچندا دان"

(شاھ).

موافق اچڻ - برابر اچڻ. رَچڻ - رڱجڻ - ڳاڙھو
ٿيڻ. فرحت اچڻ. خوشي ٿيڻ.

● رُچَ: ث. خواهش - منشا - مرضي - حب - شوق.
اکير. ڏِڏُ - رَچُ.

- رُچَ ٿيڻ: دل ٿيڻ - مرضي ٿيڻ - شوق ٿيڻ.

● رُچائڻ: مصدر. راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ.
پسند ڪرائڻ - وڻائڻ. ميچائڻ.

● رِچو ۽ رِچا (ڪ ب) ذ. ڪين ڪچرو - ڪک
ڪانا - ڦانگا - ڀانجھا (ت). ڀالگا.

● رِڇُهَرُ: اسم خاص. تعلقي ساڪرڙ ۾ ھڪ
ديھہ جو نالو.

● رُچِي ۽ رُچِيُون: ث. جبلت - لاڙو - رُجحان.

● رَچَ (ت): ث. حجامڪي ڪم جو ھڪ اوزار -
پاڪي.

● رَچاني ۽ رچانيون (ل): ث. سنوارت جي اوزارن
وجھڻ جو بجڪو - پاني - ڪِسبت (ت).

● رَچُ ۽ رَچَ: ذ. [سن. رچرا = زنجير] مڇي
ڦاسائڻ جو ڄار. ڪورڪي ڪم جو ھڪ اوزار -
تندن کي ھيٺ مٿي ڪرڻ جو فريم (تاڃي ڀريائين
رَچ مان نڪري پوءِ ڦٽيءَ مان نڪري). ڪوٻہ
اوزار. نڪر جو ڪوبہ ڏانءُ. لچڻ - ڪيرُ - لَتَل.

- رَچُ پَرَڻُ: ڪورين جي اصطلاح ۾ سڄي
تاڃيءَ جي تندن ۾ سُٽ جا ڪڙا وجھڻ. ڪاٺيي
پيٽ پرڻ - رچ ڪرڻ. ڪو وڏو ڪم ڪرڻ.
(طنزاً) پورو پارڻ. تمام ڳھٽو روئڻ. ڪين ڪرڻ.

- رَچَ ۾ ڪِينَ هُجَڻُ: ڪوبہ افعال نہ ھجڻ -
ڪوبہ لَتَلُ نہ ھئڻ.

- رَچُ نہ ڏُهَڻُ: بي پرواهيءَ سان هلڻ. آڪڙ
سان هلڻ. خراب ڪم ڪرڻ - بڇڙائي ڪرڻ.

- رَچُ ويھارَڻُ: تاڃيءَ کي ڪتڙن ۾ وجھڻ
کان پوءِ پيڪوڙي سوکھو ڪرڻ.

● رِڇُ ۽ رِڇَ: ذ. [پرا. رِڇُ؛ سن. رِڪش؛
ف. خرس = رِڇُ] جھنگلي جانور جو ھڪ قسم
(ڪاري رنگ جو ۽ وڏن وارن سان جنهن کي
اڪثر ڪھيري يا شڪاري پالي راند ڪرائيندا آھن).

- رِڇُ پولُو ٿيڻ (ت): خراب ٿيڻ. آپي مان
نڪرڻ. بڇڙو ٿيڻ - خوار ٿيڻ.

- رِڇ ڪُڏائِڻ (ت): لُچائي ڪرڻ. لٺون ڪم
شروع ڪرڻ. رُڌل رهڻ - مشغول رهڻ. پنهنجي
مطلب جي ڳالھہ ڪرڻ.

● رُڇُ ۽ رُڇَ: ذ. دم ڪٽڻ جو ھڪ اوزار.

● رَچوڙَڻِ ۽ رَچوڙَڻيون (ت): ث. واڍڪي
ڪم جي اوزارن رکڻ جي پيٽي.

● رَچِيُ ۽ رَچِيُون (ت): [پرا. رَمي؛ سن.
وِرشڻيُ] ڏاتوءَ ۾ سوراخ ڪيڻ جو ھڪ اوزار.
جنديءَ جي ڪم جو ھڪ اوزار. آھا ڪَنڌَ جا
ٺئين ڪوٽيل ڪُوھہ جي اوساريءَ کان پوءِ پاھرئين

طرف ٿئي. بند يا واٽرڪورس جي ڪپ واري پنيءَ جي ڪوڏائي. آها رِڍ يا ڳهيٽو جا ڀارهن مهينن بعد اَنُ ڏئي- ڇاڙي (ڪ). رڍ. مسافري- لڏپلاڻ. روانگي- ڪُوچ. اُٺ جو پاڪڙو يا ڪجاوو.

● رِحۡلَ ۽ رِحۡلُونَ: ث. [ع] ڪاٺ جي ننڍي کهوڙي (جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهڻ ۾ آسائي ٿئي).

● رَحَلُ ۽ رَحَلَ (ت): ذ. ڏسو "رِحۡلَ".

● رِحۡلَتَ: ث. [ع. رَحَلَ = هن ڪوچ ڪيو] ڪوچ- روانگي- لاڏاڻو- چالاڻو- موت- وفات.

- رِحۡلَتَ ڪَرَڻُ: وفات ڪرڻ- مرڻ- گذاري وڃڻ.

● رَحۡمُ ۽ رَحۡمَ: ذ. [ع] ڪهل- ٻاجهه- قياس. رحمت. مِهرُ- وَرُ.

- رحۡمانُ: [ع] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. مهربان. اسم خاص. حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ ٿرپارڪر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

- رَحۡمانِيُ: ذ. صفت. اِلاهي- خدائي. قدرتي- ٻاجهارو.

- رَحۡمائِيُ: ذ. صفت. رحم وارو- رحيم- ٻاجهارو.

● رَحۡمَتَ ۽ رَحۡمَتُونُ: ث. [ع] فضل- ٻاجهه- ڪهل. ڀلائي- مهرباني- بخشش. سُکُ. آرام. (ڪناية) مينهن- برسات.

- رَحۡمَةَلِلۡعَالَمِينُ: سڄي دنيا لاءِ رحمت. حضورجن جو هڪ صفاتي نالو.

- رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ: جملو. شل انهيءَ تي الله تعاليٰ جي ٻاجهه هجي!

- رَحَمۡدِل: ذ. [ع. رحم + ف دل] ٻاجهاري دل وارو- قياس وارو. ٻاجهارو- مهربان.

- رَحَمدِليُ: ث. مهرباني- قياس- ڪهل- ٻاجهه.

- رَحَمُ ڪَرَڻُ: قياس ڪرڻ- ڪهل ڪرڻ- ٻاجهه ڪرڻ.

- رَحۡمُ کائِڻُ: ترس کائڻ- رحم ڪرڻ- قياس آڻڻ.

● رَحيمُ: صفت. [ع]. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو- بيحد رحم وارو- مهربان.

● رِحۡمُ ۽ رِحۡمَ: ذ. [ع] ٻچي داني- ڪُڙِهه (عورت جي). عورت جي پيٽ ۾ اهو هنڌ جتي ٻارُ سِرجي.

● رَحَمَڪاڻيُ: اسم خاص. مري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● رَحَمَلاڻيُ: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● رَحيلُ: صفت. لڏيندڙ- ڪوچ ڪندڙ- اُسهندڙ. قافلي جو اڳواڻ- سرواڻ.

● رَحيمُ آباد: اسم خاص. ٽنڊي ۽ جيڪب آباد تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● رَحيمُ واهه: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رُخُ: ذ. [ف] مُنهن- چهرو- صورت- شڪل. ڏِسَ- طرف- جانب- پاسو. نمواو- ڍؤل- ڍالڪ. شطرنج راند جو هڪ مُهرو- اُٺ- ڏينڪي.

- رُخ بدلائڻ: مُنهن ڦيرائڻ- مُنهن مٽائڻ. پاسو مٽائڻ- طرف ڦيرائڻ. مُنهن مٽڻ- رُسڻ. ارادو بدلائڻ.

- رُخ تي چڙَهڻُ: مُنهن سامهون ٿيڻ- روبرو ٿيڻ- گڏجڻ- ملڻ.

- رُخ رکڻ: مُنهن ڪرڻ- ڪنهن پاسي روانو ٿيڻ.

- رُخ ڦيرائڻ: مُنهن ڦيرائڻ- مُنهن مٽائڻ. پاسو بدلائڻ. طرف ڦيرائڻ. ناراض ٿيڻ- رنج ٿيڻ.

- رُخ ڪَرَڻُ: ڌيان ڏيڻ- توجهه ڏيڻ. مائل ٿيڻ- راغب ٿيڻ- رُجوع ٿيڻ- لاڙو ڪرڻ.

● رَخۡتُ: ذ. [ف] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو. سُٺي پوشاڪ- خلعت. ريختو. اسباب- سامان- مڏي. لٽڙو. ذخيرو- ڪاٺي جو سامان.

- رَخۡتِ سَفَر: ذ. سفر جو سامان. سفر ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺو وغيره.

● رَخۡتو ۽ رخۡتا: (ت): [ف. ريخته] ڪپڙي جو هڪ قسم.

● رُخۡسارُ ۽ رُخۡسارَ: ذ. [ف] ڳِٽو- ڳلُ- مِٽَ.

● رَخْشُ: ذ. [ف. رَخشيدن=چمڪڻ] چمڪو- روشني- چمڪات. رواق- ڀهڪو- شانُ- تجمّل. (اسمِ خاص) رستمِ پهلوان جي گهوڙي جو نالو.

● رَخْشانُ: ذ. [ف. رخشيدن > رخشان] چمڪندڙ- روشن- ڀهڪندڙ. ڀڙڪيدار- رونقدار.

● رُخْصَتَ ۽ رُخْصَتُون: ث. [ف] موڪل- ڇوٽي- اِجازت. موڪلائي- وِداع.

- رُخْصَتَ اِتفاقِي: ث. ريزڪي موڪل- ڇوٽي موڪل.

- رُخْصت ٿيڻ: روانو ٿيڻ- وداع ٿيڻ- وڃڻ. لاڏائو ڪرڻ- گذاري وڃڻ- مَرڻ.

- رُخْصَتَ ڏيڻ: اجازت ڏيڻ- موڪل ڏيڻ.

- رُخْصَتَ ڪَرَڻُ: روانو ڪرڻ- وداع ڪرڻ. برطرف ڪرڻ- موقوف ڪرڻ (نوڪريءَ تان).

- رُخْصَتَ مِلڻ: اجازت ملڻ- موڪل ملڻ- ڇوٽي ملڻ. موقوف ٿيڻ (ملازمت تان).

- رُخْصَتَ وٺڻ: اجازت وٺڻ- موڪل وٺڻ. ڇوٽي وٺڻ. روانو ٿيڻ- وڃڻ.

● رُخْنو ۽ رُخْنا: ذ. [ف. رُخنه] سوراخ- چير- سِير- شگاف. ڀاڄ- ڀيچ ڊاهه. رنڊڪ. ڦوٽ. ڦيٽارو- اختلاف.

- رُخْنَہ اَنْدازُ ۽ رُخْنَہ اَنْدازَ: ذ. صفت. [ف. رُخنه+انداز> انداختن=ڦٽو ڪرڻ] ڦوٽ وجهندڙ. رنڊڪ وجهندڙ. نقصان ڪار.

- رُخْنَہ اَنْدازِيُ: ث. مزاحمت. خلل- فساد.

- رُخنو پوڻ: اٽڪ پوڻ- رنڊڪ پوڻ.

● رُخنو وِجهَڻُ: خلل وجهڻ. اٽڪاءُ وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ.

- رُخو ۽ رُخا: ذ. [ف. رُخ] شطرنج راند جي هڪ ساري- هاٿي.

● رَدُ: ذ. [ع. رَدُ] منسوخ- ناقبول- نامنظور- ٽاريل- هٽايل. دليل سان ختم ٿيل. ٽاريل. (صفت) ردي- خراب. نڪمو- بيڪار. ڇَڏيلُ- ورِيَلُ.

- رَدِ باطِلُ: ذ. [ع] باطل جو رد. ڪُوڙ کي غلط ثابت ڪندڙ. (ڪنايةً) سچ- حق.

- رَد بَدَلُ: ذ. [ع] اٿل پٿل- ڦير گهير- الٽ پلٽ- تبديلي. متامتا. ڏي وٺ. رد قد. تڪرار- ريڙهه پيڙهه.

- رَدِ بَلا: مصيبت کي ٽاريندڙ.

- رد ٿيڻ: نامنظور ٿيڻ- منسوخ ٿيڻ- غلط ثابت ٿيڻ.

- رَد جَوابُ: ذ. جواب جو جواب. سوال جواب.

- رَد قَدُ: ذ. [ع. رد] بحث مباحثو- دليل بازي. زباني تڪرار. سوال جواب.

- رد قد ڏيڻ: بحث مباحثو ڪرڻ- سوال جواب ڪرڻ- دليل بازي ڪرڻ.

- رَدُ ڪَرَڻُ: نامنظور ڪرڻ- منسوخ ڪرڻ- ختم ڪرڻ. ڪاٽڻ- ترڪ ڪرڻ. واپس ڪرڻ- موٽائڻ- ڦيرائڻ. ڪوڙو ثابت ڪرڻ. ترديد ڪرڻ. خراب ڪرڻ. نڪمو ڪرڻ.

- رَدِيُ ۽ رَدِيُ: صفت. بيڪار- خارج. اڇلائڻ جهڙو. خراب.

● رِدُ: اسمِ خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. ڪُتي کي ٿيندڙ هڪ بيماري.

● رِدا ۽ رِدائُون: ث. [ع. داء] چادر- اوڍڻي- پوتي.

● رِدائِيُ: اسمِ خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● رَدائِڻُ: مصدر. [ع. رَدّ > ردائڻ] نشان ڪسائڻ- ڏڪ ڪسائڻ- گوهي ڏيئي پاڻ بچائڻ.

● رُدْراسُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻسارڪو وڪر- ڪُوٺي جا داڻا.

● رَدَڪُ ڪَرَڻُ (ت): ڪارڪون سُڪائڻ. ڪارڪن جا اڱڙ ڪرڻ- آڱيا ڪرڻ.

● رِدو ۽ رِدا: ذ. [سن. مرديه= مَنُ] دِل- هينيون- قلب. پيتو. ڪِپُ- مغز. بهادري. (صفت) رِجيَل- ڳکهريل.

● رَدِيْف ۽ رَدِيْفُون: ث. [ع. رَدَفَ= گهوڙي تي پٺيان چڙهيو] شعر ۾ مصراعن جي آخر ۾ قافيي جي پٺيان وري وري ايندڙ لفظ.

Gul Hayat Institute

● رِڌِ ۽ رِڌِيُون (ت): ث. واڌ - گهٽائي.
چڙهندي - سَرسِي. ڏ نُ - ڏاڻو. سُڪر. لڇڻ.
- رِڌِ سِڌِ: ث. ڏن دولت. مال اسباب. سک
سڻائي.
● رُڌُ ۽ رُڌَ (ک): ذ. ٻوڏ هيٺ اچي، وري
سُڪي ويل ميدان.
● رَڌَڻُ: مصدر. [سن. رَنڌَنَ = رَڌَڻُ]
ڪنهن ڏاڻي ۾ وجهي، باهه تي ٺهڪائڻ. طعام
ڏاهڻ. تيار ڪرڻ.
- رڌلُ ۽ رَڌَلَ: ذ. صفت. رڌ جي تيار ٿيل -
پڪل. سَلِبي ۾ ورتل. ڪِنو ٿيل (ميوو).
- رَڌو پڪو: ذ. ٺهيل ڪاڏو. رڌ پچاءِ جو ڪم -
ساڃڻ. (صفت) ٺهيل ٺڪيل.
- رَڌو رَڪيو هُئڻُ: سڀ ڪجهه مفت ملڻ.
(طنزاً) محنت ڏاران ڪجهه به نه ملڻ - بنا تڪليف
جي ڪجهه به حاصل نه ٿيڻ.
- رَڌي پَڪِي: ث. رڌ پچاءِ. ٺهيل ٺڪيل
ڪاڏو. ٺهي ٺڪي.
- رَڌي ڪي رَڌَڻُ: وري وري ساڳي ڳالهه
ڪرڻ - ورجائڻ - هر هر چوڻ. ڏکويل کي هيڪاري
ڏکوئڻ - مُئل کي مارڻ.
● رُڌائڻُ: مصدر. [سن. رُڌ = مشغول] ڪم ۾
لڳائڻ - رڌايائڻ.
- رُڌلُ ۽ رُڌَلَ: ذ. صفت. رڌيل - مشغول -
لڳل (ڪم ۾).
● رَڍُ ۽ رَڍَ: ذ. صفت. اڙٻنگ - اڙو - اهنڊ -
ڏِنگو. ضدي - بحثي. بي عقل - مورک. بي رحم -
بي قياس. بيڪار - نڪمو.
- رَڍَ ڪُڏائِڻُ: هوڏ ٻڌڻ - اِٽ هٽي ٻيهڻ -
ضد ٻڌڻ.
- رَڍَ ڪُڏائيُ وِڙهَڻُ: خواهه مخواهه
وڙهڻ - بنا سبب جهيڙو ڪرڻ.
● رِڍُ: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو
نالو.
● رِڍُ ۽ رِڍَ: ذ. صفت. ڪچو - اڻ پڪل.
ٺي اولاد. ڏکيو - مشڪل.

- رِڍُ هيڙَڻُ: اڻ ٿيڻي ڳالهه ڪرڻ.
● رِڍُ ۽ رِڍَ: ذ. ٺُلهو - ڏونسو - متارو. تمام
ڪارو. ٻڇڙو - بدشڪل. ڪُدلو. اڻ پرٽيل.
- رِڍَ ڪَرَڻُ: ناس ڪرڻ - ڪاٽي چٽ ڪرڻ -
تباهه ڪرڻ. هضم ڪرڻ.
● رِڍو ۽ رِڍا (ت): ذ. چم آٽلائڻ لاءِ ڪم
ايندڙ هڪ ڪاٺي.
● رِڍو ۽ رِڍا (ت): ذ. دل - هيانءُ -
قلب.
● رِڍو ۽ رِڍا (ت): ذ. هٿين ڪنان معذور -
لُولو - رُونٽو. ڏکيو - مشڪل. لٽر - ضدي.
● رِڍِي ۽ رِڍِيُون: ث. لٽر پائي - ضد. گهي -
اڙي. اهنڊائي - ارڏائي.
- رِڍِي ڪَرَڻُ: ڦڏو ڪرڻ. ضد ڪرڻ -
گهيي ڪرڻ. گوهي ڪرڻ. اڙي ڪرڻ.
● رِڍَ ۽ رِڍُون: ث. چوپائي مال جو هڪ
قسم - گهيٽي.
- رِڍَ جانُ هنبوچا هُئڻُ (ڪ): سهڪڻ. سخت
گرمي لڳڻ.
- رِڍَ جهڙو: ذ. صفت. ساده سودو - ڀڄو.
ڀالو ڀولو. بيوقوف.
- رِڍَ جي پُڇَ ۾ چنبڙڻُ: ڪمزور ۽ بيوقوف
ماڻهوءَ تي ڀروسو رکڻ.
- رِڍَ جي لَتَ پيڊيءَ تائين: ڪمزور ماڻهوءَ
مان گهٽ نقصان پهچڻ جو انديشو.
● رِڍو ۽ رِڍا (ت): ذ. ٻينل - هڪ هنڌ ڪُتل -
ڪڙو ٿيل. ٻُنڊ.
● رَذالَتَ: ث. [ع. رذالت] ڪميڻپ -
بي حيائي - ٻڇڙائي.
● رَذِيلُ: ذ. صفت. [ع] ذليل - ڪميڻو -
ليچ. بي شرم. ڪِريل - بداخلاق.
● رَرَدوئِي (ت): ث. بيماريءَ جو هڪ قسم -
يرقان.
● رَرُڪو ۽ رَرُڪا (ت): ذ. وَرُ - ڦيرو -
گهيرو.

Gul Hayat Institute

● رَڙِ ۽ رَڙيُون: ث. دانهن - رڙهه - ڪيهه - چيخ - ڪُوڪ. واڪو - هَڪل - سَڏُ.
- رَڙِ نه ڪرڻ: ايذاء يا ڏک سبب دانهن لڪرڻ. عجب مان دانهن نڪرڻ. تمام گهڻي حيرت ڪرڻ. تمام گهڻو افسوس ڪرڻ.
- رُڙو رَڙِ: ث. دانهن ڪُوڪ - چيخ پُڪار. هُل هنگامو.

● رَڙائڻُ: مصدر ”رڙڻ“ مان متعدي بالواسط. دالهون ڪرائڻ - واڪا ڪرائڻ. روئاڙڻ (ٻار کي). ڪَڪ ڪرڻ - ستائڻ - آزارڻ. رُلائڻ.

● رَڙُڪاٽُ: ذ. ڏندن سان ڪا سخت شي ڪُرٽڻ جو آواز. پنگ يا ٽاڏل گهوٽڻ جو آواز.
- رَڙُڪاٽَ ڪَڙُڪاٽَ (ت): ذ. گوڙ گهمسان - شور ۽ هُل.

● رَڙُڪَڻُ: مصدر. ڏندن سان ڪا سخت شي ڪُرٽي کائڻ - ڪُرٽڻ - ڪائڻ. کائي وڃڻ - ٿپائڻ - د ٻائڻ - ڳِهڻ - هيسڻ.
- رَڙُڪو ۽ رَڙُڪُو (ت): ذ. صفت. کائي ويندڙ - هبچي - لالچي. رشوتخور.
- رَڙُڪي وَڃڻُ (ت): کائي وڃڻ - کائي چَٽ ڪرڻ.

● رَڙُڪو ۽ رَڙُڪا: ذ. رَڙِ - دانهن - ڪُوڪَ - واڪو - ڪيهه. سڏ - هوڪو - هڪل. گوڙ - ڏمچر.

● رڙُلِيُ: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رڙَڻُ: مصدر. دالهن - دانهون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ. واڪا ڪرڻ. ٻاڪارڻ. روئڻ (ٻارجو). رنيڻ. سڏ ڪرڻ. ٻاڏائڻ. ليلائڻ.

● رڙو ۽ رڙا: ذ. سني ٻاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم - ڪڳو (ٻنا ڇارن، ٻُٽيءَ ۾ ٽِي وڏا ڪنڊا ۽ ٻن وڏين مُڇن سان). مُنگ جو سخت داڻو - مُنگ يا مٽر جو ڪريل داڻو.
”رڙا ڪين رَجهن، توڙي ٻارڻ ٻرن ته ٻرا“
(صفت) سخت - ڏاڍو.

● رِڙهڪَڻُ: رِڙهڻ - سيرڪڻ - هٽڻ.

● رِڙهَڻُ: مصدر. سيرڻ - چُرڻ - کسڪڻ. ريڙهيون ٻائڻ. آهستي آهستي هلڻ.

● رَڙِهِي: ث. اِٽَ - اڙِي - رَڏِي. (اسم خاص) مغليبن جي پرسان هڪ ڳوٺ جو نالو (جتي ماڻهو ڪنهن زماني ۾ تمام شاهوڪار هئا، جيئن اڄ ڪائين چوندا آهن ته ”تون ته رڙهيءَ جو شاهوڪار آهين“).

● رَڙِي: ث. ڪڻڪ جو هڪ قسم (داڻو ننڍو ۽ سخت، رنگ ڳاڙهو). اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَزُ: ذ. [ف] انگور. (دُخترِ رَزُ = انگور جو شراب).

● رَزّاقُ: اسم خاص. [ع. رَزَقَ = هُن ڪاڏو ڏنو] رزق ڏيندڙ - روزي رسائيندڙ - کاڌو ڏيندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
- رَزّاقِيُ: ث. روزي ڏيڻ جي صفت.
- رِزْقُ: ذ. [ع] روزِي - خوراڪ - چُوڻُو - روزينو - کاڌو. داڻو پاڻي. ڌن دولت. نصيب - ڀاڳ.
- رِزْقُ پُهچائڻُ: روزي ڏيڻ - کاڌو موجود ڪري ڏيڻ.

● رِزالو ۽ رِزالا (ت): ذ. [ع. رِذالة > ريزالو > رِزالو] ذليل - رذيل - ڪميڻو - بداخلاق - بد چال.

● رِزَلْٽُ ۽ رِزَلْٽُون: ث. [انگ Result] نتيجو - ڦَل. امتحان جو نتيجو.

● رَزْمُ: ث. [ع] لڙائي - جنگ - ويڙهه.
- رَزْمگاهه: ذ. جنگ جو ميدان - لڙائيءَ جو هنڌ.
- رَزْمگوئِي: ث. جنگي شعر.

● رَسُ: صفت. [ف] رسندڙ - پهچندڙ. عموماً مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ: ”دسترس، فرياد رس، داد رس“.

● رَسِ ۽ رَسيُون: ث. [سرا. رَسَن؛ سن. رَشْمِ؛ ع. رَسَن] رَسي - نوڙي - واڄهه. پيڙياتن جي اصطلاح ۾ گيرڻ واري رسي. ڌاڄيءَ کي ڇڪڻ جو نوڙ (ت).
- رَسِ چِڪَڻُ: پيڙيءَ جي گيرڻ واري رَسي ڇڪڻ.

Gul Hayat Institute

● رَسُ ۽ رَسَ: ذ. [سن. رَس = ميٺاڻ] پاڻي - عرق. پاڻيٺ - پتڙي شيءِ. پتڙي مٺي شيءِ. شربت. ڳاڙ - نچوڙ. چاش - وَت. سواد - ذائقو - لذت - چَسَ - چَشڪو. ميناج. مزو - لطف (تماشي يا رهاڻ جو). لئي (ڳائڻ جي). صلح. قرب - محبت. وهڻن جي هڪ بيماري (عموماً گهوڙي يا گڏهه کي ڪُرن ۾ ٿئي).

- رَسالُ ۽ رَسالَ: ذ. رس پريو - مٺو - ذائقيدار.

- رَسائيتو ۽ رَسائتا: ذ. صفت. رس وارو - سوادي - مٺو - گهڻي رس وارو.

- رَس پيئهارَڻُ: راڳيندڙ جو راڳ ۾ اثر پيدا ڪرڻ - لئي ڪرڻ.

- رَس پرَيو ۽ رَس پرَيا: ذ. صفت. رسدار - رس وارو - مٺو - سُريلو.

- رَس پلائيڻُ: رس رهائڻ - رس رکڻ. پلائي ڪرڻ. نباهڻ.

- رَس رَساوَتَ ڪَرَڻُ (ت): راضي ڪرڻ. رسائي ڪرڻ. رشوت ڏيڻ.

- رَس رَهائيڻُ: قرب سان هلڻ. دوستن يا پائرن جو پاڻ ۾ صلح قائم رکڻ.

- رَس ڪَرَڻُ: ماکيءَ جي مکين جو ماناري ۾ رس گڏ ڪرڻ. محبت ڪرڻ - پريت ڪرڻ. پاڻ ۾ صلح ڪرڻ.

- رَسُ لَڳڻُ: رس پيهڻ - راڳ جو اثر ٿيڻ.

- رَسُ هارڻ: بيمار ٿيڻ - اکهو ٿيڻ.

- رَسيلائيي: ث. ميناج - مزيداري. سواد. لئي.

- رَسيلو ۽ رَسيلا: ذ. صفت. [سن. رَسُ = پچڻ] رس وارو - رسائتو. گهڻي رس وارو. لذيذ - سوادي. مٺو (آواز) - وڻندڙ:

”اڄ پڻ رسيلا رنگ، بادل ڪيو با برجن سين“
(شاهه).

”سڳر سونائون، ٿيا رسيلا رحمان سان“
(شاهه).

● رَسا: صفت. [ف] پهچندڙ. مٿي ٿيندڙ. پري ويندڙ.

- رَساڪارُ: ذ. صفت. پهچائيندڙ - توڙ پهچائيندڙ. تجربيڪار. برجستو - پڙ. لائق.

- رَساڪاريُ: ث. رسائي - پهچ - پُڄندي.

● رَسال (ل): ث. وَٽ - ريج (زمين کي).

● رِسالَتَ: ث. [ع. رسالة < رَسَلَ = هن نياپو موڪليو] پيغامبري - سفارت. نبوت.

- رِسالَتُ پَناهُ: ذ. پيغامبري جو محافظ.

● رِسالوُ ۽ رِسالا: ذ. [ع. رسالة ۽ رسائل] ننڍو ڪتاب. خط. ڪنهن مضمون تي مشتمل ڪتابڙو. مضمونن جو مجموعو - مخزن. بيتن جو ڪتاب - ”شاهه جو رسالو“. گهوڙي سوارن جي فوج جو دستو. فوج جو هڪ حصو.

- رِسالدارُ ۽ رِسالدارَ: ذ. صفت. [ع. رساله + ف. دار > داشتن = رکڻ] رسالي جو آفيسر. هڪ فوجي عهديدار. (اسم خاص) تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ننڍي ديهه جو نالو.

- رِسالداري: ث. رسالدار جو عهدو يا آفيس.

● رَسائيڻُ: مصدر. [ف. رسانيدن] پهچائڻ - ليئڻ - پُڄائڻ. توڙ ڪرڻ. نبيرڻ. نباهڻ. پورو ڪرڻ - راس ڪرڻ. آماڻڻ - موڪلڻ.

● رَسائيي ۽ رَسايُون: ث. [ف] پهچ - پُڄت - پُڄندي. ڪنهن عملدار جي گشت تي اڪرڻ تي ان جي زيردست عملي جو رسد وغيره پهچائڻ جو انتظام - آفيسر جي منزل جو بندوبست.

- رَسائيي ٿيڻ: پُڄت ٿيڻ. انتظام ٿيڻ.

- رَسائيي ڪرڻ: بندوبست ڪرڻ - انتظام ڪرڻ.

● رَساين، رسائين، رَسائڻ: ث. [هـ] ڪيميا. ڪيميائي اتصال.

- رَساين گهرُ: ذ. تجربيگاهه - ڪيميا گهر.

- رَساين ميلُ: ذ. ڪيميائي جوڙ - ڪيميائي مرڪب.

- رَساين وِديا: ث. علم ڪيميا - ڪيمسٽري (Chemistry).

- رَسايني: ذ. ڪيمياگر. دواساز. دوافروش.

● رَسْتخيز: ث. [ف] مسلمانن جي عقيدي موجب الله تعاليٰ جو هرهڪ بندي کان سندس

Gul Hayat Institute

اعمالن جي حساب ڪتاب وٺڻ جو ڏينهن - قيامت - آخرت.

● رَستيگار: ذ. [ف] رهائي حاصل ڪندڙ - آزاد - ڇٽل - ڇڙيل.

- رَستيڪاري: ث. آزادي - ڇوٽڪارو - رهائي.

● رُستم: اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ مشهور پهلوان جو نالو (جوزال بن سام جو پٽ هو ۽ عيسوي سن کان اٽڪل نوَ سؤ ورهيه اڳ ٿي گذريو). (ڪناية) پهلوان - سورهيه - ٻالڪو - بهادر. تعلقي سکر ۾ هڪ تپي ۽ ديهه جو نالو.

- رُستمي: ث. بهادري - شجاعت - دليري. طاقت - همت. ڏاڍ مڙسي - زوراوري.

● رُستماڻي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

● رَستو ۽ رستا: ذ. [ف. راسته] سڙڪ - واٽ - راهه - لنگهه - گس. ڍنگ - طريقو - نمونو. قاعدو. اٽڪل - ڀهه. اٽ ويهه - اچ وڃ. سنگت. عزازت.

- رَستو ٻڌائڻ: رستو ڏيکارڻ - ڏس ڏيڻ. نمونو ڏيکارڻ.

- رَستو ڏسڻ: انتظار ڪرڻ - اوسيئڙو ڪيڻ.

- رَستو ڏيکارڻ: واٽ ڏيکارڻ. هدايت ڪرڻ. سڌارڻ.

- رَستو ساڀڻ: اندازو لڳائڻ. ڏسڻ - سڃاڻڻ - رکڻ.

- رَستو وٺڻ: روانو ٿيڻ - هلڻ - ٻنڌ پوڻ. طريقو معلوم ڪرڻ - رهبري حاصل ڪرڻ.

- رَستو وهڻ: رستي تي تمام گهڻي آمدرفت هجڻ.

- رَستو هجڻ: اچ وڃ هجڻ. ماڻٺي ميٺي هجڻ. لاڳاپو هجڻ.

● رَسجڻ: فعل مجهول. پچڻ (ميوو) راس ٿيڻ. رسڻ. پهچڻ.

● رَسد ۽ رسد: ذ. حصو - ڀاڱو - پتي - وَلڊي. قسمت - ڀاڱ. اناج جي جنس. لشڪر يا قافلي سان گڏ کاڌي جو ذخيرو. راشن - راتب - خوراڪ - کاڌو. سيڌو سامان (جو فوج لاءِ هجي).

- رَسد پهچائڻ: لشڪر وغيره کي خوراڪ جو سامان پهچائڻ.

- رَسد رسائڻ: اناج پهچائڻ. کاڌو پهچائڻ. رسائي ڪرڻ. سامان پهچائڻ.

● رَسڪپور: ذ. [سن. رَس = پارو + ڪرپور = ڪافور] پاري وکر جو هڪ قسم (زهريلي دوا). پاري جو جلاب.

● رِسڪڻ: مصدر. سرڪڻ - رڙهڻ - سرڻ - هٽڻ - کسڪڻ.

- رِسڪڻ (کسـ): ث. سرڪڻ (گينڊ).

- رِسڪو ۽ رِسڪا: ذ. ريڙهو - کسڪو - کسڪو.

● رَسم ۽ رَسمون، رُسوم - رسومات: ث. [ع. رَسم = هُن نشان ڪيو] نقش - نشان. لکيت - تحرير. دستور - قاعدو. رواج - ريت - هلي چلي. عادت - هلت - روش.

- رَسم الخط: ذ. لکڻ جو نمونو - طرز تحرير - لکٽي.

- رَسم و رواج: ذ. هلي چلي - قاعدو قانون.

- رَسمي ۽ رَسمي: ذ. صفت. رواجي - معمولي. هالو چالو - عام - مروج. هميشه استعمال ٿيندڙ.

● رَسن: ذ. [ف] رسو - نوڙي. ڦاهي.

- رَسن باز: ذ. بازيگر.

● رَسنا ۽ رَسنائون: ث. [سن. رَسنا = زبان، ڳالهه] ڳالهه ٻولهه. مٺ محبت. پيٽ. شوروو - رَس، ذائقو - سواد.

- رَسنائون وٺڻ: چشڪا وٺڻ - مزا وٺڻ. سواد وٺڻ. ڇهرون ڪرڻ. تارون ۽ ۾ ڪيتڪيتايون ڪيڻ. ڪنهنکي خوش ڪرڻ.

● رَسڻ: مصدر. [ف. رسيدن = پهچڻ] پهچڻ - پڄڻ. پڄڻ. سهڙڻ. راس ٿيڻ - تڪميل ٿيڻ. پچڻ (ميوو) تيار ٿيڻ. پڪو ٿيڻ.

● رُسڻ: مصدر. [هـ. رُوسنا، رُسنا] ڪاوڙجڻ - رلج ٿيڻ - ناراض ٿيڻ. تنگ ٿيڻ - خفا ٿيڻ. سُنهن مٽڻ.

Gul Hayat Institute

- رُسِنْڌُو ۽ رُسِنْڌا: ذ. صفت. رُسندڙ. زود رنج. چيڙاڪ - چڙنو.

● رَسو ۽ رَسا: ذ. [ف. ريسمان، سن. رَشِيم، رَسنا=نوڙي] لوڙ- واجهه- ورت.

- رَسو پيچڻ: رسو ڏاهڻ- رَسو وَٽڻ.

- رَسو وَٽَڻُ: رَسو پيچڻ.

● رُسوا ۽ رُسوا: ذ. صفت. [ف] ذليل- بيعزت. خوار- بدنام.

- رُسوا ٿيڻ: بدنام ٿيڻ- خوار ٿيڻ.

- رُسوا ڪرڻ: بدنام ڪرڻ- خوار ڪرڻ.

- رُسوائي: ث. بدنامي- خواري.

● رُسُوخ: ذ. [ع. رسخ = هو پڪو ٿيو] مضبوطي- پڪائي- استقلال. پهچ- هلندي. اعتبار- ڀروسو.

● رَسوڙو ۽ رسوڙا (ڪ- ڪ): ذ. بورچيخانو- رڌڻو.

● رَسُوَل: ث. [هه. رَسوت] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (دوا ۾ ڪم ايندڙ ڪارو رس، جو اکين جي اُٿڻ ۽ ٻرهال جي بيماريءَ ۾ ڪم اچي).

● رَسُولُ ۽ رَسُولَ: ذ. [ع. رُسل= موڪليل] خدا تعاليٰ جي طرفان موڪليل اهو نبي سڳورو جنهن تي ڪتاب نازل ٿئي. قاصد- پيغامبر. ايلچي.

- رَسُوليِ: ث. پيغمبري- نبوت- رسالت.

- رَسُوليت: ث. نبوت- پيغمبري- رسالت.

- رَسُول آباد: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَسوئي ۽ رَسوئيون: ث. [سن. رَس= رڌڻ] ڪاڌو- ماني- طعام. رڌڻو- بورچيخانو.

- رَسوئي ڏاهڻ ڪرڻ: ڪاڌو تيار ڪرڻ- ماني ڏاهڻ- طعام رڌڻ.

● رسُويو ۽ رَسُويا: ذ. صفت. [هه. رسويا] ماني ڏاهيندڙ- بورچي- راڌو.

● رَسِي ۽ رَسيون: ث. [سن. رَشمِ؛ ف. ريسمان= نوڙي] لوڙي (سڄ- سڻ يا ڏاس جي). ٻيڙيءَ ڇڪڻ لاءِ رسو.

- رَسِي جهلو ٿيڻ (ت): مددگار ٿيڻ- حامي ٿيڻ- ٻانهن ٻيلي ٿيڻ. چوريءَ جي مال کپائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.

- رَسِي ڇڄڻ: قيد مان نڪرڻ. لڄات ملڻ. واسطو ٽٽڻ. ڇڙواڳ ٿيڻ. ٻاڳ ڀڙائڻ- نصيب ياوري ٿيڻ.

- رَسِي ڇڪڻ: ٻيڙياتن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ کي اوپاري وهڪري تي رسيءَ کان وٺي ڇڪي هلڻ.

- رَسِي ڍري ڪرڻ: مهلت ڏيڻ. ڪجهه نه چوڻ. ڇوٽ ڇڏڻ- واسطا توڙڻ.

- رَسِي ڪترائڻ: ڀڄي وڃڻ- ٻنا موڪلائي وڃڻ. مري وڃڻ.

- رَسِيُون وَٽَڻ: بيفائدو ڪم ڪرڻ. واندو ويهڻ. ڪوبه ڪم نه ڪرڻ.

● رَسِيدَ ۽ رَسِيدُون: ث. [ف. رسيدن= پهچڻ] پهچ- پهچڻ جي لکيت- وصوليءَ جي تحرير.

- رَسِيدَ ڏِيَڻ: پهچ جو ڪاغذ ڏيڻ.

● رَسِيدَهُ: ذ. صفت. [ف. رسيدن= پهچڻ] پهتل- رَسيل. خدا سان پهتل.

● رَسِيلُ ۽ رَسِيلَ: ذ. صفت. [ف. رسيده= پهتل؛ سن. رَس= پچڻ] پڪل- پڪو (ميوو). رَس وارو. تازو (ميوو). سامائل- بالغ. وَهِيَ چڙهيل.

● رَش: ث. [انگ. Rush] هجوم- انبوهه- پيهه.

● رِش: ذ. [ع] چِمڪار- ڦڙو- ڇنڊو.

● رِشا (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● رِشتو ۽ رِشتا: ذ. [ف. رشته= ڌاڳو، تند] مائٽي- عزازت. پنهنجائي- پنهنجائپ. ناتو- لاڳاپو- تعلق.

- رِشتو ڪرڻ: مائٽي ڪرڻ.

- رِشتو ناتو: ذ. پنهنجائي- عزازت مائٽي.

- رِشتيدار ۽ رِشتيدار: ذ. صفت. مائٽ- سڳيو- عزيز- پنهنجو. لاڳاپيل.

- رِشتيداري: ث. مائٽي- سڳائپ- عزازت. لاڳاپو- برادري- ڀائپي.

Gul Hayat Institute

● رُشْتُ پُشْتُ: ذ. صفت. بدن ۾ پريل - ڏَنو مُتو - ٿُلهو متارو. سگهارو.

● رُشْدُ: ذ. [ع. رَشَدَ = هو نيڪ راهہ تي هليو] سچائي - صداقت. ايمانداري. هدايت - رهبري.

● رَشْڪ: ث. [ف] حسد - رِيس - ساڙو. عداوت - دشمني - وير - رقابت - غيرت - شرم - لَڄَ.

- رَشْڪ انگيزُ: ذ. صفت. [ف. رشڪ + انگيز > انگيختن = ڪڙو ڪرڻ] رِيس ڏياريندڙ - حسد پيدا ڪندڙ. پڙڪائيندڙ.

- رَشْڪ پَرِيُ: ذ. اهڙو سهڻو، جنهن کي ڏسي حُور کي بہ رِيس ٿئي - تمام سهڻو.

- رَشْڪِ حُور: ث. رشڪ پري.

● رَشْڪو: ذ. گاهہ جو هڪ قسم.

● رُشْوَتَ ۽ رُشْوَتُونُ: ث. [ع. رشي = هن رشوت ڏني] ڪنهن ڪم جي عيوض ناجائز طور ڏنل خرچي - وڍي - لب.

- رُشْوا ۽ رُشْوائُونُ: ث. رشوت جو بگڙيل لفظ.

- رُشْوَتْخورُ ۽ رُشْوَتْخورَ: ذ. صفت. [ع. رشوت + ف. خور > خوردن = کائڻ] رشوت کائيندڙ - رشوتي - راشي.

- رُشْوَتْخورِيُ: ث. رشوت کائڻ جي حالت.

- رُشْوَتَ ڏِيَڻُ: ڪنهن ڪم جي عيوض ناجائز طرح خرچي ڏيڻ - لب ڏيڻ - وڍي ڏيڻ - پاڙ ڏيڻ.

- رُشْوَتْسَتانِيُ: ث. [ع. رشوت + ستاني > ستودن = وٺڻ] رشوتخوري - رشوت وٺڻ جي حالت.

- رُشْوَتُ کائِڻُ: ڪنهن ڪم جو ناجائز معاوضو وٺڻ - رشوت وٺڻ.

- رُشْوَتُ وَٺَڻُ: رشوت کائڻ.

- رُشْوَتِيُ ۽ رُشْوَتِيُ: ذ. صفت. رشوت وٺندڙ - رشوت کائيندڙ - رشوتخور.

● رِشيُ ۽ رِشيِ: ذ. [سن] ويدن جا شبد ڳائيندڙ - سنت - تپسيا ڪندڙ. درويش (هندن جي عقيدي موجب قديم زماني ۾ ست وڏا رشي ٿي گذريا آهن: ١- ڪشپ، ٢- آتري، ٣- ريپ، ٤- آگستيا، ٥- ڪسيڪا، ٦- وسشٽا ۽ ٧- وياسوا).

● رِشپيُ ۽ رِشپيي (ت): ذ. صفت. فريبي - مڪريل - ٺڳ - انڪلي.

● رَشيدُ: ذ. صفت. [ع. رَشَدَ = هن هدايت هٿ ڪئي] هدايت ڪيل - سڌي رستي لڳايل. تربيت ورتل - تعليم يافتہ (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

● رَشيدائِي: اسم خاص هڪ ذات جو نالو.

● رَشيد ڪپبرُ: اسم خاص. تعلقہ هالا ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● رَشيدُ وَڳَنُ: اسم خاص تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● رَصَدُ: ذ. [ع] تارن جي گردش ڏسڻ جو منارو - جنتر منتر.

- رَصَدُ گاهُ: ذ. تارن جي گردش جاچڻ جي جاءِ.

● رَضا ۽ رَضائُونُ: ث. [ع. رضي - هو خوش ٿيو] خوشنودي - رضامندي - خوشي. ارادو - مرضي. موڪل - رخصت. حڪم - امر (خدائي). ڀالالو - مرڻو. تقدير. بندي جو خدا جي مرضيءَ تي راضي رهڻ جي حالت (ڀوءِ رنج هجي يا خوشي).

- رضا الله جي ڪَرَڻُ (ت): مسلمان ماڻهوءَ جي عذرخواهي ڪرڻ - فاتحہ پڙهڻ.

- رَضا جو سودو هڻڻ: خوشيءَ جو ڪم هڻڻ - خوشيءَ سان قبوليت هڻڻ.

● رضا راڻو: ذ. صفت. مرضيءَ جو مالڪ - خود مختيار.

- رَضاڪارُ ۽ رَضاڪارَ: ذ. صفت. [ع. رضا + ف. ڪار > ڪردن = ڪرڻ] خوشيءَ سان ڪم ڪندڙ - معاوضي کانسواءِ قومي خدمت ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

– رَضاڪارِي: ث. بِنا اجوري ملڪ جي خدمت.

– رَضا ڪَرَ ڻُ: مرڻ – مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.

– رَضَامَنْدُ ۽ رَضامَنْدَ: ذ. صفت. [ع. رضا + ف. مند = وارو] راضي – خوش. اقراري – آماده.

– رَضَامَنْدِيُ: ث. خوشي – پسندي – مرضي. قبوليت – مڃتا. آمادگي. رغبت.

– رَضانامُو ۽ رضاناما: ذ. [ع. رضا + نامہ = دستاويز] ٺاهہ – پرچاءُ – صلح. قبوليت نامو.

– رَضانامو ڪرڻ: ٺاهہ ڪرڻ – پرچاءُ ڪرڻ. صلح ڪرڻ.

– رَضائي ۽ رَضائِي: ذ. رضا وارو – پنهنجي مرضيءَ وارو – خود خيال – خود مختيار.

● رِضائِي ۽ رِضائِيُون: ث. [ف] پنيرائي – طول. گاديلو. سوڙ.

● رِضْوانُ ۽ رِضْوانَ: ذ. [ع] بهشت جو داروغو – هڪ فرشتي جو نالو (جو فردوس برين جو دربان تصور ڪيو وڃي ٿو). بهشت. رضامندي. خوشنودي.

– رضواني ۽ رضواني: ذ. صفت. بهشتي – جنّتي.

● رِضْوِيُ: صفت. [ع] حضرت موسيٰ علي رضا جي خاندان سان نسبت رکندڙ.

● رَضِيُ: صفت. [ع. رَضِيُ = هو راضي ٿيو] خوش – راضي.

– رَضِيَ اللهُ تَعاليٰ عَنْهُ: انهيءَ کان الله تعاليٰ راضي ٿيو.

– رَضِيَہ: ذ. صفت. [ع. رَضِيَ = هو خوش ٿيو] ساراهہ جوڳو – تعريف لائق.

● رَطْبُ: صفت. [ع] پُسيل – تار – آلو – گهميل. تازو. نرم.

– رَطب ويابِس: ذ. صفت. تر ۽ خشڪ – سُڪل ۽ آلو. چڱو مٺو – نيڪ بد.

● رَطَلُ ۽ رَطَلَ: ذ. [ع] شراب جو جام. اڌ مير جو وزن – رتل.

● رُطُوبَتَ ۽ رُطُوبَتُون: ث. [ع] آلاڻ – پوسل – نمي – تري – هاٺيڻ.

● رطولُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● رَعايا: ث. [ع. رَعِيَّت ۽ رعايا<رَعَيَ = هن ڪاڌو ڪارايو – حفاظت ڪئي] ڪنهن حاڪم جي فرمان ۾ رهڻ وارا ماڻهو – پرجا – محڪوم.

● رِعايَتَ ۽ رِعايَتُون: ث. [ع. رَعي = هن سنڀال ڪئي] نگهباني – سنڀال – حفاظت – ٻر گهور. لحاظ – سانگو – مروت – طرفداري. مهرباني – عنايت. ڪمي (اگهہ يا قيمت ۾) – تخفيف.

– رِعايَتَ ڪَرَڻُ: طرفداري ڪرڻ – لحاظ ڪرڻ. مروت ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ (قيمت).

– رِعايَتِي ۽ رِعايَتِي: ذ. صفت. رعايت ڪيل – مروتي. لحاظ ڪيل.

● رُعْبُ ۽ رُعْبَ: ذ. [ع. رَعَبَ = هو ڊنو] ڊپ – خوف – ڀؤ – هيبت – هراس – ڏڪو. چمت. دٻدٻو – ڌاڪو. حشمت – دهشت.

– رُعْبُ تابُ: ذ. دٻدٻو – تجمّل – ڌاڪو. شان شوڪت. حشمت.

– رُعْب ڇائِنْجَڻُ: خوف غالب پوڻ – ڊپ ويهڻ – دهشت ويهڻ.

– رُعْبُ دابُ: ذ. دٻدٻو – تجمّل – ڌاڪو – شان شوڪت. حشمت.

– رُعْبدارُ ۽ رُعْبدارَ: ذ. صفت. [ع. رعب + ف. دار> داشتن = رکڻ] رعب وارو – حشمت وارو. هيبتناڪ – ڊپ وارو – ڀوائتو.

– رُعْبُ وِيهارَڻُ: چمت ڪرڻ – حشمت ويهارڻ – اثر ويهارڻ – ڄمائڻ – ڏيڇارڻ – ڊپ ويهارڻ.

– رُعْبُ ويهَڻُ: ڊپ ويهڻ – حشمت ويهڻ. ماڻهن تي تمام سٺو ۽ شاناٺتو اثر ويهڻ.

● رَعْدُ ۽ رَعْدَ: ذ. [ع] وڄ جو ڪڙڪو – گوڙ – گاج (ڪڪرن جي). ڪڪرن کي هلائيندڙ فرشتي جو آواز.

Gul Hayat Institute

”سٿيو رڙ رَعد جي، ڪليون ٿيون ڪنبن“ (شاهہ).

قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو.

● رَعْشو: ذ. [ع. رَعْشَہ'] ڏڪڻي- ٿڙڪڻي- ڪنبڻي. لرزش- بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ هٿ پير ڏڪن).

● رَعْنا: صفت. [ع] سينگار سان رهندڙ- ٺٺوٺون- رَنگيلو. دلچسپ- خوشنما. گل جو هڪ قسم (اندران ڳاڙهو ۽ ٻاهران زرد ٿئي).

- رَعنائي': ث. سينگار- ٺاهہ ٺوهہ - آرائش. دلچسپي. ڇڪ- ڪشش (سونهن جي).

● رَعو'نَتَ: ث. [ع] غرور- هٺ - گهمنڊ. سرڪشي.

● رَعيّتَ ۽ رَعيتُون': ث. [ع. رَعَيَ = هن سنڀاليو] رعايت ٿيل ماڻهو- ڪنهن حاڪم جا ماتحتي ماڻهو- محڪوم- پرجا- رعايا- راڄ.

- رَعيّت پَرْوَرْ: ذ. صفت. [ع. رعيت + ف. پرور> پروردن = پالڻ] رعيت جي سنڀال ڪندڙ- حاڪم- بادشاهہ.

- رَعيّت' پَرْوَرِي': ث. رعيت جي سنڀال- رعيت جي پوئواري.

- رَعيّت' نَوازْ: ذ. صفت. [ع. رعيّت + ف. نواز> نواختن = نوازڻ] رعيت کي آسودو ڪندڙ- راڄ کي خوشحال ڪندڙ (حاڪم).

- رَعيّت' نَوازِي': ث. رعيت تي مهرباني.

- رَعيّتي' ۽ رَعيُّتِي': ذ. صفت. رعيت جو- راڄ جو- راڄوٽي- قومي- ملڪي. مطيع- تابع- هٿ هيٺ- ماتحت.

- رعيّتي' راڄ: ذ. ماڻهن جي حڪومت- عام جي حڪومت- عوامي حڪومت- جمهوري راڄ.

● رَغامُ ۽ رَغامَ: ذ. رنج. شڪ- گمان. مٽي لڳل.

● رَغبت ۽ رَغبتُون': ث. [ع. رَغَبَ = هو مائل ٿيو] لاڙو- رخ- چاهہ- خواهش. ڇڪ- ڪشش. ڌيان- توجہ. شوق.

- رَغبتَ ڪَرَڻ: مائل ڪرڻ- لاڙو ڪرڻ. پيار ڪرڻ- چاهڻ.

● رَفْ: صفت. [انگ. Rough] ٻاٿ وارو مسودو. بيڪار- ردي.

● رفاقت': ث. [ع. رَفَقَ = هو شامل ٿيو] همراهي- سنگت- مدد- معاونت. دوستي- ياري. واقفيت- سڃاڻپ- ڏيٺ ويٺ.

- رفاقت' ڪَرَڻ: گڏ رهڻ- همراهہ ٿيڻ. ياري ڪرڻ- دوستي ڪرڻ. مدد ڪرڻ.

● رِفاهُ: ذ. [ع] آرام- چين- سک- قرار- عام جي ڀلائيءَ جو ڪم- ڀلائي- بهبودي. راحت.

- رِفاهِ عام: ذ. عام ماڻهن جي ڀلائي.

● رفتارَ: ث. [ف] چال- هلڻي- پنڌ. تيزي- تکڻ. ڍنگ- ريت- روش.

- رَفتار و گفتارَ: ث. هلت چلت- رهڻي ڪهڻي- آت ويهہ.

● رَفتہ: صفت. [ف. رفتن = وڃڻ > رفتہ] ويل. گذريل. اڳاٽو. مئل.

● رَفتہ رَفتہ: ظرف. [ف] ويندي ويندي- هلندي هلندي. ٿيندي ٿيندي. آهستي آهستي- بتدريج.

● رَفْرَفْ: ذ. [ع] جارو- طاق. طنبو. سائو ڪپڙو. (اسم خاص) آسمان تي حضرت اسرافيل جي رهڻ جي جاءِ. آها سواري جنهن تي نبي صلي الله عليه وسلم جن معراج جي رات سدرة المنتهيٰ کان بارگاهِ الاهي تائين ويا هئا. (صفت) تيز رفتار- تکو. روان- جاري.

● رَفعُ: ذ. [ع. رَفَعَ = هن بلند ڪيو] چاڙهو- واڌارو- ترقي- اضافو. اوچائي- مٿانهين- بلندي. ختم- پورو- مڪمل. پري ڪيل- برطرف.

- رفع ٿيڻ: وڃڻ- پري ٿيڻ- هٽڻ.

● رفع دفع ڪرڻ: پري ڪرڻ. ختم ڪرڻ. ڊاهڻ. لئي متي ڪرڻ.

- رفع ڪرڻ: ٽارڻ- پري ڪرڻ. ختم ڪرڻ (معاملو).

Gul Hayat Institute

● رَفعَتُ: ث. [ع. رَفعَ] چاڙهو - واڌارو - ترقي. اوچائي - بلندي - عروج. وڏائي - بزرگي. شان. شرافت. درجو - قدر.

● رَفُوُ ۽ رَفُوُ: [ع. ف] ڪپڙي جو تُنَ - پُورُ. تُنگ ڏيل ڪپڙي ۾ ڌاڳي سان مڙهت جو ڪم.

- رَفو ڪرڻ: تُن پرڻ - پور پرڻ.

- رَفُوگَر: ذ. صفت. پور پريندڙ. ڦاٽل ڪپڙن جي مرمت ڪندڙ.

● رَفُو چَڪَرُ: ظرف. گم - غائب.

- رَفُو چَڪَرُ ٿيڻ: تڪڙو هليو وڃڻ - اکين اڳيان ٽرڻ. گم ٿيڻ - ڀڄي وڃڻ.

● رَفيِعُ: ذ. صفت. [ع. رَفعَ = هن بلند ڪيو] بلند - اوچو - مٿاهون - اعليٰ.

- رَفيعُ الدّرُجاتُ: ذ. وڏي درجي وارو - وڏي شان وارو - عظيم.

● رَفيِقُ ۽ رَفيِقَ: ذ. صفت. ع. [رفيق ۽ رفقاء<رَفقَ] ساٿي - سنگتي - يارُ - دوست. گڏ هلندڙ - همسفر - همراهه - ٻيلي - مدد گار.

- رفيِقيِ: ث. دوستي - ياري - سنگت.

● رَقاٽيِ (ت): ث. ڏڪڻي.

● رقتاڙ ۾ پوڻ (ت): ٻَڪ ڪرڻ - واهيات ڳالهائڻ - بد شد ڳالهائڻ.

● رَقرَق (ڪ): ث. ڌڪ ڌڪ (دل جي).

● رَقيِرو ۽ رَقيِرا (ٿ): ذ. صفت. ڪُلڇڻو - بد افعالو.

● رَقڻُ: مصدر. ڏڪڻ - ڪنبڻ - ٿڙڪڻ. سهڪڻ.

- رَقبي: ث. ڏڪڻي - ڪنبڻي.

● رِقڻِ (ل): ث. ڪپ - راڙو - چِڪڻ - چيڪَ.

● رَقابَت: ث. [ع] دشمني - وير. بغض - حسد - ساڙ - مخالفت. محبت ۾ شراڪت.

● رَقاصُ ۽ رَقاصَ: ذ. صفت. [ع. رَقَصَ = هو نچيو] ناچ ڪندڙ - نچندڙ - ناچُو]

- رَقاصہ: ث. ناچُو عورت - ناچڻي.

● رَقبہ: ذ. [ع] ايراضي - پکيڙ. زمين جو ٽڪر. پسگردائي واري زمين.

● رِقَّتُ: ث. [ع. رَقَّ = هو سنهون ٿيو] ڪنئرائي - نرمي - نرمائي - پتلائي - هٽڙائڻ. سنهائڻ - باريڪي. روڄ. حال - وَجد. رحم - قياس - ترس. همدردي - رحمدلي.

- رِقَّت آميز: ذ. صفت. [ع. رقت + ف. آميز < آميختن = گڏڻ] ڏک ڀريو - افسوسناڪ.

- رِقَّت انگيز: ذ. صفت. [ع. رقت + انگيز < انگيختن = ڪڙو ڪرڻ] دکدائڪ - ڏک ڀريو - افسوسناڪ.

- رقصُ: ذ. [ع] ناچ - نرت. آچَل - ٽپ.

- رَقصِ طائوسُ: ذ. [ع. رقص + ف. طائوس = مور] مور جو ناچ - ناچ جو هڪ قسم.

- رَقص و سُرُودُ: ذ. [ع. رقص + ف. سرود = واڄو] راڳ ناچ - ڳائڻ وڄائڻ.

● رُقعو ۽ رُقعا: ذ. [ع. رُقعَة] لکيل ڪاغذ - خط - چِٺي.

● رَقَمَ ۽ رَقَمُونُ: ث. [ع. رَقَمَ = هن نشان ڪيو يا لکيو] لکيت - لکيو - تحرير. مُهر - نشان - ڇاپو. انگ - لکڻ ۾ رومن جي انگ ظاهر ڪرڻ لاءِ خاص نشان. (عدد > عہ = ١، عا = ٢، سے = ٣، للعہ = ٤، صہ = ٥، ے = ٦، سعہ = ٧، سلے = ٨، لعہ = ٩، عے = ١٠). جنس - قسم. مال - دولت. قيمتي شئي.

- رَقَمَ ٽوبيري ۾ هُٿڻُ: هڙ مُوڙي وڃڻ - پيسا ناپود ٿيڻ.

- رَقَمَ پُوري ٿيڻ: پيسا ختم ٿيڻ. سيڪجهه چٽ ٿيڻ.

- رَقمِ پيارڻ: پيسا جمع ڪرائڻ.

● رَقَمَ ڏيڍِي ٿيڻ: ڦُر جي وڃڻ. رقم ٻُڏڻ. نقصان پوڻ.

- رَقَمَ ڪرڻ: لکڻ - تحرير ڪرڻ.

- رَقَمَ ڪي شيِوءَ: محاورو. نه ميلڻ جهڙيءَ رقم جي اڳيان ٻُڙي ڏيڻ. حساب ڪتاب ختم - رقم ٻڏڻ.

- رَقَمَ ۾ تنگ ٿيڻ: پيسا ڪُٽڻ - کوٽ پوڻ.

- رَقمِوارُ: ظرف. سلسليوارُ. جنس بہ جنس - درجي بدرجي.

Gul Hayat Institute

- رَقَم وارڻ: پئسن ماڻ ڦي بنديءَ ۾ اها رقم اَڳِت ڪري ان کي ٻڙي ڏيڻ.
- رَقم ٿيي آڳَت ٿيڻ: پئسا برباد - رقم ڇٽَڻ.
● رقُود ۽ رَقُود: ذ. صفت. [ع] سمهندڙ - غافل - لا غرض.
● رَقِيبُ ۽ رَقِيبَ: ذ. صفت. [ع] نگهبان - راکو - محافظ. چاري - جاسُوس حريف - هم پيشه. دشمن - ويري. مخالف. معشوق جو ٻيو عاشق. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
● رَقِيقُ: ذ. صفت. [ع] پاڻيءَ جهڙو - پتڙو - ڇِڊو. نرم - ڪُنڙو. نازڪ. سنهون - باريڪ. اِيرو.
- رَقِيقُ القَلْبِ: ذ. صفت. نرم دل - رحمدل - ٻاجهارو.
● رَڪُ ۽ رَڪَ: ذ. صفت. [سن. رَنْڪَ] سخت - ڏاڍو - ستائو. مشڪل - ڏکيو. مُشڪل. سخت دل. بي رحم. سخت ڪنجوس - بخيل. سخت جان. بي اثرو

"تنهنجي مريدن مان ڪُهن،
رڪ روسيه سي نا رهن"

(حمل).

احمق. لُچُ:

"رَڪُ مان رمضان ڇٽي، آهي هرگز زيان"
(رمضان).

(اسم خاص) مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
● رُڪُ: ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم. ماريل لوهه - فولاد. رُڪ مان ٺهيل ڪو به اوزار (جهڙوڪ تلوار، ڪٽاري، ڪاتي وغيره). جنگ - لڙائي. (صفت) پختو. قابو. مضبوط. (اسم خاص) گهوٽڪي ۾ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ ديهه جو نالو.
- رُڪائتُون: ذ. صفت. رُڪ جو - فولادي - رُڪ مان ٺهيل.
- رُڪَ پيالو: ذ. ترارين يا ٻين هٿيارن جو جوهر (جنهن کي "آب" چون). ٻاهراڙيءَ جا لوهار انهيءَ کي "رُڪ جو پاڻي" چون ٿا.
- رُڪُ پيالو چکڻُ: ترار مان شهيد ٿيڻ.

- رُڪَ جا چڻا چبڻُ: سخت محنت ڪرڻ - ڪشالو ڪڍڻ.
- رُڪَ جي دانگيون چڙهيون پئيون هُجَڻُ: تمام گهڻو خرچ هئڻ. ڏُکار پوڻ.
- رُڪُ چڻنڪا ڏِيَڻُ: تڪليف ڏسڻ ۾ اچڻ.
- رُڪُ راڙون ڪَرَڻُ: ڏاڍو مشڪل ڪم نظر اچڻ.
- رُڪُ رَجهَڻُ (ت): سخت تڪليف ڪرڻ.
- رُڪَ رَنيُ: ث. ترار جو چمڪو. جنگ - لڙائي.
- رُڪ ڪَرَڻُ (ت): قابو ڪرڻ - سوگهو ڪرڻ.
- رُڪُ هُجَڻُ (ت): قابو هجڻ - سوگهو هجڻ.
● رِڪابَ: ث. [ف] وڏو پيالو - وڏي ٿالهي - رڪيبي.
- رِڪابدار: ذ. صفت. هوشيار ٻورچي.
- رِڪابيُ ۽ رِڪابيُون: ث. ٿالهي - رڪيبي.
● رڪابُ ۽ رِڪابَ: ذ. [ع. رَڪَبَ = هو سُوار ٿيو] گهوڙي جي زين جي ٻنهي پاسي لڙڪندڙ لوهي پيرڙيو - رڪيب - پاڳوڙو
- رِڪابدارُ ۽ رِڪابدارَ: ذ. صفت. [ع. رڪاب + ف. دار > داشتن = رکڻ] رڪيب جهليندڙ - اهو نوڪر جو پنهنجي مالڪ کي گهوڙي تي چاڙهڻ ۾ مدد ڪري. خدمتگار.
- رِڪابَ ۾ پير پائڻُ: مسافريءَ لاءِ روانو ٿيڻ. مقابلو ڪرڻ - همسري ڪرڻ.
- رِڪابُ وَٺَڻُ: نوڪر ٿيڻ - خدمت ڪرڻ.
● رُڪاتَ ۽ رُڪاتُون: ث. روڪ - رنڊڪ - رُڪاوٽ

"روڳي رُڪاٽن ۾، اوري ٿا اڙجن"
(غلام حيدر ڪنڊڙي وارو).

● رِڪارڊُ ۽ رِڪارڊَ: [انگ. Record] ياداشت. دفتر. فائيل (ڪاغذن جو). گراموفون تي وڄائڻ جي ٿالهي) جنهن ۾ آواز ڀريل هجي).
● رُڪاوَٽَ ۽ رُڪاوَٽون: ث. اٽڪ - روڪ - ڇيڪڙي - رخنو - رنڊڪ.

Gul Hayat Institute

● رَڪَبُ ۽ رَڪَبِ: ذ. محصول - سنگ. زميندار جو هاريءَ تي پانداڻ - لاڳ.

● رِڪَتَ ۽ رِڪَتُونَ: ث. تڪليف. ڪاوڙ. اٽڪت. ناراضگي. ضد. حسد. حياءُ - شرم.

رِڪَتِيُ ۽ رِڪَتِيُ: ذ. صفت. رنڊڪوجهنڊڙ. ڪاوڙيل. حاسد.

● رَڪَتَچَنْدَنُ: ذ. [سن. رَڪْتَ=رَتُ + چندن] ڳاڙهي صندل جو ڪاٺُ.

● رَڪَعْتَ ۽ رَڪَعَتُونَ: ث. [ع] ڏِنگ (چيلهه جو) - جهڪاءُ - وَرُ - نماز جو (اڌ يا چوٿون حصو) هڪ رڪن (جنهن ۾ هڪ رڪوع ۽ ٻه سجدا اچي وڃن).

● رُڪَنَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● رُڪْنُ ۽ رُڪْنَ: ذ. [ع] ٿنڀ - ٿنڀو - پايو - پيلپائو - ستون. ڪنهن ٻه جماعت جو ڪارڪن. مصرع جو هڪ حصو - وزن.

● رُڪَڻَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● رُڪَڻِ (ت): ث. ڪچيءَ جي هڪ ذات (جنهن جو ڏونڪو هيٺو ۽ ٻندرو ٿئي).

● رُڪَڻُ: مصدر. ترسڻ - بيهڻ. اٽڪڻ.

● رُڪَنَپُورِ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رُڪُوعُ ۽ رُڪُوعَ: ذ. [ع. رَڪَعَ = هن پاڻ کي جهڪايو] عاجزيءَ سان جهُڪڻ جي حالت - نماز جو چوٿون فرض (جنهن ۾ قيام ۽ ويهڻ کان پوءِ گوڏن تي هٿ رکي جهُڪي ۽ پوءِ سجدي ۾ وڃجي).

● رِڪِيُ: ث. ڪُونهن - ڪرفتي.

● رِڪِيبُ ۽ رِڪِيبَ: ذ. [ع. رَڪَبَ = هو سُوار ٿيو] زين، هني يا پاکڙي جي دوال ۾ لٽڪندڙ لوهي ڪڙو (جنهن ۾ پير رکي گهوڙي تي چڙهجي يا سُواريءَ مهل پير وجهي ويهجي) - رِڪابُ - پاوڙي - پاگوڙو - پيرڙي - پيرڙيو.

- رڪيب ڏيڻ: ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ. همراهي ڪرڻ.

- رِڪيب ۾ پير هجڻ (ص) تيار هجڻ. آهرو هجڻ. تکڙو هجڻ.

● رِڪيبي ۽ رِڪيبيون؛ ث. [ف. رڪابي] ٿالهي - رڪابي - طباخ - پليٽ.

● رَڪِيڪ: صفت. [ع] سُست. ضعيف - اپرو - ڏٻرو - ڪمزور - سنهون - باريڪ. ذليل - حقير - انڌي.

● رَڪَ: ث. [هه. رَڪَ = روڪَ] روڪ - پناهه - سنڀال - آڏ. رکڻ جي حالت. رکيل گاهه. رکيل وڻ ٽڻ. چوپائي مال جي چرڻ لاءِ حفاظت ۾ رکيل گاهه واري ايراضي - وڙيءَ. پرهيز - ڪيري. [هه. راک] ڪنهن شيءِ جي سڙيل خاڪ - ڦلهار - چارِ - ڪيرِي. جهنگ جو اهو ٽڪرو، جتي مالڪ ڪانسواءِ ٻيو ڪو شڪار ڪري نه سگهي. انُ جي راهه جي پاهران ڪيل ليڪو - ڊوهي (ت).

- رَڪَ ٿيڻُ: خاڪ ٿيڻ - ڀسم ٿيڻ - ڦلهار ٿيڻ. سڙي وڃڻ.

- رَڪِپالُ ۽ رَڪِپالَ: ذ. صفت. راکو - رکوال - واهي - چوڪيدار - نگهبان.

- رَڪِپاءَ: ث. حفاظت - رکوالي - چوڪي.

- رَڪِ رَڪانُ: ث. لحاظ - مروت - پاسخاطري.

- رَڪِ رَڪانُ ڪَرَڻُ: ڪجهه وقت لاءِ مهلت وٺڻ. لحاظ ڪرڻ - مروت ڪرڻ.

- رَڪِ رَڪائِيُ: ث. سنڀال - خبرداري - حفاظت. لحاظ - مروت.

- رَڪَ رَڪاءُ: ذ. رک رکائي. اوڌر (ت). مهلت.

- رَڪَ رَڪَڻُ (ت): پرهيز ڪرڻ - ڪيرِي ڪرڻ.

- رَڪَ سان ڌاروُنُ ڪَڍائڻُ (ت): خالي موٽائڻ - ڪابه شيءِ نه ڏيڻ - ڪجهه به نه ڏيڻ. پار کي ريزش جو سوڻ ڪرائڻ.

- رَڪَ ڪَيَڻُ (ت): انُ جي راهه جي چوڌاري ليڪو ڪيڻ - ديري ۾ رکيل انُ کي ٿپي چوڌاري ليڪو ڪيڻ.

Gul Hayat Institute

- رَکَ کيڏي وَٺڻُ (ت): سخت سزا ڏيڻ - سخت مار ڏيڻ.
- رَکَواڙو ۽ رَکَواڙا (ت): ذ. صفت. سنڀال ڪندڙ - رکپال - رکوال.
- رَکَ وِجهَڻُ (ڪ): ڪنهن ڏور جي جهنگ ۾ رهجي وڃڻ تي ڪنهن مُلان يا پير فقير کان دعا پڙهائڻ (جيئن ڏور کي ڪو به نقصان نه پهچي).
● رِکَ ۽ رِکُونُ (ڪ): ث. ذرو - ذرڙو - ذري - ليک - هوَ.
● رَکاتَ: ث. اوڌر - رَکَت - رکالَ "وجهن ڪرت ڪپار ۾، هت ناهي ريت رکات" (خليفو نبي بخش).
● رَکالَ: ث. اوڌر - قرض - رکت. ٻنيءَ جو گاهه وارو چڙيل تڪر (جنهن ۾ مال نه چري) - وِڍيءَ - سيند (ل).
رُکاڻ: پ. رُکائي. سوڪَ. اٺيائي. رُکَ مُنهائي.
● رُکاڻو (ت): ذ. رُکي ساني - ڏُڏُ، کير وغيره مُيسر نه هجڻ جي حالت.
- رُکاڻو رَکڻُ: ٻُکَ ڪيڏڻ - لنگهن ڪيڏڻ.
● رَکائڻُ: مصدر "رکڻ" مان متعدي بالواسطہ. ڪٽڻ (اوڌر). ڪا شيءِ ڪنهن هنڌ ڇڏڻ.
● رُکائيُ: ث. [سن. رُکشيہ] رُکاڻ. سوڪ - خشڪي. اٺيائي. بي رُخي - سرد مهري. رُکَ مُنهائي. بي لحاظي.
● رَکَت ۽ رَکتيون: ث. [رکڻ > رکت] بچت - ميڙا چوڙيل. اوڌر - رکال - قرض.
- رَکَتِ ڪرڻُ: اوڌر ڪرڻ - قرض ڪڻڻ.
● رَکجڻُ: مصدر. "رکڻ" مان فعل مجهول. ڏرجڻ. ملتوي ٿيڻ.
● رَکيڙي ۽ رَکيڙيون: ث. [هہ. راکي] رلگين ڌاڳن مان ٺهيل ڏورو (جنهن کي ڳنڍيون ڏنل هجن، هندو ڌرم موجب، ڀيڻ ڀنهنجي ڀاءُ جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌلدي آهي. هندو اها رسم ساوڻ مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ تي ملهائيندا آهن). ڳاڙهي سُٽ مان ٺهيل ڳانو، جو گهوٽ کي ٻالهن ۾ ٻڌجي (ٿ).
● رُکيڙپالُ (ت): ذ. صفت. سودائي - ڀورالو. وهمي - وسواسي.
● رَکشا: ث. [سن] حفاظت - پناهه - آجهو - بچاءُ. سنڀال - نگهبالي.
- رَکشا ڪرڻُ: بچائڻ - محفوظ رکڻ - پناهه ڏيڻ.
● رَکڻُ: مصدر. [پرا. رَکڻ: سن. رَکشڻ] هڪڙي هنڌ ڇڏڻ - ڌرڻ - ٽيڪائڻ - رکي ڇڏڻ. بچائڻ - سنڀالڻ - حفاظت ڪرڻ - سانڍڻ. روڪڻ "خدا رکي وغيره". گڏ ڪرڻ. هٽڻ (الزام). رکڻ (ڪم). ڇڏڻ - ملتوي ڪرڻ. پُورڻ (قبر ۾). ٻيهارڻ (نوڪريءَ ۾).
- رکشهارُ: ذ. صفت. سنڀاليندڙ - رکو - رکپال - رکوال - نگهبان - محافظ.
- رَکيٽيُ ۽ رَکيٽيونُ: ث. رکڻ جي حالت. رکڻ جو نمونو. نيهارَ - خيال. ڀالڪو - لحاظ.
- رَکي ڇڏڻُ: هڪ هنڌ ڇڏي ڏيڻ. بچائي رکڻ. ملتوي ڪرڻ. تاري ڇڏڻ.
● رُکو ۽ رُکا: ذ. صفت. [سن. رُکش = رُکو] سُڪل - خشڪ. اٺيو - اليو ڳوٺ. سادو (ڪاڏو) - ٻاجهي، گيهه يا ڇهراڻ ڪانسواءِ (ڪاڏو). بي مروت - سُولبد مُنهُون - بي مُحابو.
- رُکو جوابُ ڏيڻُ: انڪار ڪرڻ - نفي ۾ جواب ڏيڻ - نااڪار ڪرڻ.
- رُکو روحُ: ذ. صفت. تند مزاج - سخت طبيعت وارو.
- رُکو سُڪو ۽ رُکا سُڪا: ذ. صفت. اٺيو. جهڙو تهڙو - سادو سُودو (ڪاڏو).
- رُکو سُڪو کاڌو کائڻ: سادو کاڌو کائڻ. غريبيءَ ۾ گذارڻ.
- رُکو سُکو ۽ رُکا سُکا: ذ. صفت. رُکو سُڪو.
- رُکو کائڻ: ڪسُ ڀائڻ - نقصان سمجهڻ.
● رَکُوالُ ۽ رَکُوالَ: ذ. صفت. سنڀاليندڙ - محافظ - رکوالو - راکو.

Gul Hayat Institute

- رکوالو ۽ رکوالا: ذ. صفت. رکوال - رکپال.
- رَکوالِي: ث. چوڪيداري - نظرداري - نگهباني - سنڀال.
● رَکِيا: ث. [سن. رکشا] حفاظت - بچاءُ - پناهه. سنڀال - نظرداري - نگهباني. امن.
● رَگ: ث. [ف] نَسَ - نار - رَڳ - نبض - تند - ڌاڳو.
- رَگِ جان: ث شاهه رڳ - شريان.
- رَگ وريشه: ذ. اصل نسل - بنياد.
● رَگ ۽ رَگون (ت): ث. کهيتي يا رڍ وغيره جو آواز - رلپ.
● رِگائڻ (ت): مصدر. ڪم کان لتائڻ. اِينگهائڻ - ڏيکھ ڪرائڻ.
● رَگِزَ ۽ رَگِزون (ڪ): ث. وارو - ٻَل - وٽ - وڪڙ - ڦيرو.
● رَگڻ (ت): مصدر. رنڀڻ (ڪنهن جانور جو) ٻاڪارڻ.
● رِگڻ (ت): مصدر. ورجائڻ - هر هر چوڻ - وري وري چوڻ - رنگڻ.
- رِگُو ۽ رِگا (ت): ذ. صفت. ورجائيندڙ - وري وري چوندڙ - هرهر چوندڙ - ونڪڻو.
● رگ ويد: اسم خاص. [سن] هندن جو هڪ ڌرمي ڪتاب. چئن ويدن ۾ پهريون ويد (رگ ويد، سام ويد، يجر ويد ۽ اٿر ويد).
● رَڳ ۽ رَڳون: ث. [ف. رَگ] رت جي نلي - رت واهڻ. نس. نبض - ناڙَ - شريان. عادت - خصلت - هير. نسلي خاصيت. مردانو مخصوص عضوو.
- رَڳارو ۽ رَڳارا: ذ. صفت. جنهن جي جسم جون نسون ڏسڻ ۾ اچن. اپرو - ضعيف.
- رَڳ ڀڄائڻ: (ڪنهن کي) چڱيءَ طرح سڃاڻڻ - ڄاڻڻ - سمجهڻ - (ڪنهن جي) ڪمتائين يا ڪمزورين جي چڱيءَ طرح خبر هجڻ.
- رَڳ چيڪڻ: پيروي ڪرڻ - نقش قدم تي هلڻ - آڏو وڃڻ - عادت تون پرائڻ. مائٽاڻي عادت پرائڻ.
- رَڳُرُ ۽ رَڳرَ: ذ. صفت. رڳن وارو - رت وارو - زور وارو - طاقتور - سگهو.
- رَڳ رَڳ ٺَرڻ: تمام خوش ٿيڻ - اندر ٺرڻ.
- رَڳ رَڳ کان واقف هئڻ: چڱيءَ طرح سڃاڻڻ - (ڪنهن جي) عادتن جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئڻ.
- رَڳ سڃي ڪرڻ: انگل کان واقف ٿيڻ.
- رَڳُن ٺُٺو ۽ رَڳُن ٺُٺا: ذ. صفت. سُست - بيڪار - نڪمو - ٺوٺي.
- رَڳن ٺُٺو هئڻ: سُست هئڻ - بيڪار هئڻ - نڪمو هئڻ.
- رَڳُن ۾ پيهي وڃڻ: وٺي وڃڻ - دل ۾ گهيڙي وڃڻ - سيبائڻ - پسند اچڻ.
● رِڳ ۽ رِڳون: ث. صفت. ٻنيان لڳي پوندڙ - چنبڙندڙ - چهٽندڙ - پنبڙ - جيجا - گِڳ. ڪيتائي - ضدي. لالچي - حريص - طامع. بيڪار - نڪمو. (ث) طمع. بيماري (ت).
- رِڳُو ۽ رِڳا: ذ. صفت. چنبڙ - گِڳ. لالچي - حريص - طامع. رونٺو.
● رَڳُڻ: مصدر. [سن. گهرشڻ] ڪي ٻه شيون پاڻ ۾ زور سان گسائڻ - مهٽڻ - مَلڻ - گهٽڻ - گسڻ - گهرڙڻ - رهڙڻ. ماڃڻ - مَلڻ - صاف ڪرڻ (برتن وغيره). گهوٽڻ (ڀنگ). ڪُڪ ڪرڻ - تنگ ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ.
● رَڳُڙ ۽ رَڳُڙون: ث. گهسڪو - گِسڪو. رهڙَ - ڇيلَ. مالش. هلڪي رهڙ. گسڻ جو نشان.
- رڳڙجي وڃڻ (ت): گهونجي وڃڻ - پيسجي وڃڻ. تڪليف هيٺ اچڻ - نقصان هيٺ اچڻ.
- رَڳيڙو ۽ رَڳيڙا: ذ. ڏنڊي جو ڪونڊي ۾ زور سان گهڪو - رهنو - رهڙو - گهوٽو.
● رَڳيڙو ۽ رَڳيڙا: ذ. جهيڙو - جهڳڙو - ٽنٽو - ڪرهه - معاملو - تڪرار - ريڙهه پيڙهه - ڏانڊل.
- رَڳيڙائيءَ ۽ رَڳيڙائيءَ: ذ. صفت. جهيڙائي - جهڳڙائي - ٽنٽائي - معاملائي - فسادي - ڦڏائي.

Gul Hayat Institute

- رَڱيڙو لَڱائِڻُ: خواه مخواه تڪرار ڪرڻ- ذالذل ڪرڻ.
● رِڱڻُ (ت): مصدر. رنج ٿيڻ- ڏک ڪرڻ. ناراض ٿيڻ. غصو ڪرڻ- ڪاوڙ ڪرڻ.
● رُڱڻُ: ظرف. رُڱو- ليلو- فقط.
● رُڱئو: ظرف. ڏسو "رُڱڻ".
● رُڱو ؟ رُڱا: ذ. صفت. اڪيلو- ڇڙو- نِرو- فقط- رڱئو.
- رُڱو پُڱو ؟ رُڱا پُڱا: ذ. صفت. رُڱو- رڱو ئي.
● رُڱهَ ؟ رُڱهون: ث. اونهاري ۾ هوا بند ٿيڻ جي حالت- گهُٽ- ٻُٽ- اَڪرس- آٻس- آمس. مُونجهه- ٻُوسات. گرمي- رَجهَ.
- رُڱهارو ؟ رُڱهارا: ذ. صفت. گرميءَ وارو- گهُٽ وارو. ٻُوساٽيل. آٻس وارو. هوا کان بند.
- رُڱهائيتو ؟ رُڱهائيتا: ذ. صفت. رُڱهارو- رُڱهه وارو- هوا کان بند.
● رُڱهنو، رُڱهني (ت. ل): ذ. صفت. قد ۾ ننڍو، پر ٻُٽ ۾ پريل- ٺُلهو- متارو. مکهارو.
● رُڱهو ؟ رُڱها (ت): ذ. ڪاٺيءَ جو ڇهنبيارو ٽُڪر.
- رُڱهو ڏِسَڻُ: ڪاٺيءَ جو ڇهنبيارو ٽُڪر چُڀائڻ- چوڪ ڏيڻ. چُونڊ ڏيڻ. طعنا هڻڻ. اشاري سان خبردار ڪرڻ.
- رُڱهو لڳَڻُ: ڪاٺيءَ يا جُونر جي سَنڍيءَ جي نوڪ جو پير ۾ لڳڻ يا جسم ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ لڳڻ.
- رُڱهو هَڻَڻُ: ڪاٺيءَ جو ڇُهنبيارو ٽُڪر هڻڻ.
● رُڱهيي ؟ رُڱهيُون (ل): ٽٻي- غوطو پاڻي ۾.
● رَڱَ ؟ رَڱَ: ذ. [سن. رَنْگَ] رنگ- روغن. ورن. چِٽُ- نقش. حيض- ماهواري.
- رَڱَ اچڻ: فائدو ٿيڻ- مالا مال ٿيڻ. حيض اچڻ.
- رَڱائيڻُ: مصدر. "رڱڻ" مان "متعدي بالواسطہ". رڱ ڪرائڻ- رنگائڻ.
- رڱائي، رڱائي: ث. رنگ ڏيارڻي- رنگائي- رڱاوت.
- رَڱاوَتَ ؟ رڱاوتون: ث. رڱ ڏيڻ جو ڪم- رڱڻي- رڱائي- رڱائي.
● رَڱجَڻ: مصدر. رَڱڻ مان فعل مجهول. رنگجڻ- رنگ اچڻ. فائدو ملڻ. فيض حاصل ٿيڻ.
● رَڱڻُ: مصدر. [سن. رَنْگ] رنگ ڏيڻ- رنگ چاڙهڻ- رنگ ڪرڻ. ملمعو چاڙهڻ- چِٽسالي ڪرڻ. ڪپڙي وغيره تي رڱ چاڙهڻ. مصالحو وغيره ڏيئي ڇڙو نه ڇاهڻ. فيض ڏيڻ- رچائڻ (محبت الاهيءَ ۾).
- رَڱيڻي ؟ رَڱيڻيون: ث. رنگ ڏيڻ جي حالت- رڱائي- رڱاوت.
● رَڱو ؟ رَڱا: ذ. آهو ڏاڳو، جنهن سان واڍا ڪاٺ تي ليڪو ڪڍن- راڱو.
● رَلائڻُ: مصدر. گڏائڻ- ملائڻ- گڏ وچڙ ڪرڻ.
● رُلائڻُ: مصدر. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائڻ- دربدر ڪرڻ- ڌِڪا کارائڻ. ستائڻ. هَلائي هَلائي ڪڪ ڪرڻ. اجايو هلائڻ. گهٽي اچ وڃ ڪرائڻ.
● رِليجَڻُ: مصدر. "رِلڻ" مان فعل مجهول. گڏجڻ- گڏ وچڙ ٿيڻ.
● رَلڪو ؟ رَلڪا: ذ. [سن. رَلَڪَ] ٻارن لاءِ ننڍو گاديلو- ننڍي رَلي.
● رَلَڻُ: مصدر. [سن. لَلَنَ] ملائڻ- گڏائڻ. هلڻ- رمڻ.
● رِلڻُ: مصدر. ميلڻ- گڏجڻ. گڏ وچڙ ٿيڻ.
- رِلَڻُ ميلَڻُ: ميلڻ- گڏجڻ. مُسجڻ. ملي وڃڻ. اچڻ وڃڻ. رِلي ميلي وڃڻ- چڱيءَ طرح گڏجي وڃڻ- گهاٽل مائل ٿيڻ.
- رِلئو ميلئو ؟ رِلئا ميلئا: ذ. صفت. خوش اخلاق- سهڻيءَ طرح سان ملندڙ- هر ڪنهن سان هاڻو ماڻو- چڱي نموني پيش ايندڙ.
- رِلئو ميلئو هُئڻ: خوش مزاج هئڻ- گهاٽل مائل هجڻ- هاڻوماڻو هجڻ.
- رِليي ميلِيي هَلَڻُ: سڀڪنهن سان سٺي نموني هلڻ- خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ. گڏجي هلڻ.

Gul Hayat Institute

● رُلَڻُ: مصدر. [سن. لُلَنَ] ڪنهن مطلب کان سواء هيڏانهن هوڏانهن ڏِڪا کائڻ- ڀٽڪڻ- اجايو هلڻ- بيفائدو ڊوڙڻ ڊُڪڻ- بيڪار ڦيرڻ. اوجهڙ ٿيڻ. ڀاڄڻ- گمراهه ٿيڻ. وڇڙڻ- جُدا ٿيڻ.

● رَلو ۽ رَلا: ذ. گهوڙي جي ڀنڊ جو هڪ نمونو- گهوڙي جو وچڙو ڀنڊ (جنهن ۾ سوار کي تڪليف نه ٿئي) "گهوڙو ته رَلو، نه ته هٿيس ڪلو". وڏي رَلي- گودڙُ (ڪ). (صفت) ڳرو- وزني (ڪ).

● رِلهيڪو ۽ رِلهيڪا (ت): ذ. ڏسو "رلڪو".

● رِلهي ۽ رِلهيون (ت): ث. رَلي- گودڙي- گندي. (صفت) ڊڇڻو- کيدي.

● رَلي، رِلي ۽ رَليون، رَليون: ث. [سن. رَلڪَ] اگهڙين ٽڪرين مان ٺهيل هڪ قسم جو اوڇڻ- گندي (ت)- ڏڙڪي (ل).

- رِلي تائڻ: رلي وجهي سمهي رهڻ. بيمار ٿيڻ.

- رَلي ڪُلهي تي رکڻ: رُسي وڃڻ. روانو ٿيڻ.

● رَليو: ذ. قسمت- ڀاڳ- نصيب- لکيو. (صفت) قسمت ۾ آيل- تقدير ۾ مليل.

● رَمُ: ذ. [سن. رَمَ=وار، ڏج] وار- بدن جا وار- رؤن- ڏج. ڀُرَ. جواليءَ جي وقت جا چِلاوان وار يا ڀانهن جي ڀُرَ.

● رُمَ ۽ رُمون (ڪ): ث. ڊوڙ- ڊُڪَ- ڀاڄ.

- رُمَ ڪرڻ: ڊوڙڻ- ڊُڪڻ- ڀڄڻ.

● رُمُ ۽ رُمَ (ت): ذ. ڳَڙُ. بدن تي ڪارو نشان (ڏڪ وغيره جو). ڪارائڻ.

● رَماڪُ ۽ رَماڪَ (ل): ذ. ڏَنُو- دلبو- ڪوڙو آسرو.

- رَماڪ ڏيڻ: ڏَنو ڏيڻ- دلبو ڏيڻ- ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

- رَماڪي ۽ رَماڪي: ذ. صفت. دلبائي- مڪارُ- ڪوڙو- ڪشٽي- ڏٽائي.

● رَمالُ ۽ رَمالَ: ذ. صفت. [ع. رَمَل = واريءَ تي ليڪا ڪيدي اڳڪٿي ڪندڙ- رَمَل جو حساب ڄاڻندڙ- اڳڪٿيون ڪندڙ. فال وجهندڙ- رملي.

● رَمانڊ (ل): ذ. صفت. ڪوڙو- بناوتي. ٺٺ ڳڏيل (سون).

● رَمائڻُ: مصدر. "رمڻ" مان متعدي بالواسطه. [هه. رمانا] گهمائڻ- ڦيرائڻ- روانو ڪرڻ- موڪلڻ- رخصت ڪرڻ. ڀڄائڻ- ڊوڙائڻ. چوريءَ ڀڄائڻ. گم ڪرڻ- وڃائڻ- لمائڻ. ڀُلائڻ- مُنجهائڻ. [سن. رَم=راند ڪرڻ] کيڏائڻ- راند ڪرائڻ.

● رَمَتَ (ت): ث. راند.

● رَمْتُو ۽ رَمْتُو: ذ. صفت. رمندڙ- هلندڙ- گهمندڙ- سيلاني (فقير). جوڳي- سادو- بيڪاري- ڀينو- گدا- گداگر. هر جاءِ حاضر- حاضر ناظر.

- رَمْتُو جوڳي: ذ. گهمندڙ فقير- سيلاني فقير.

● رِم رِم جهِم: ث. [هه] ٻُوند ٻُولد- ڦڙ ڦڙ- ٽِم ٽِم (مينهن جي). مينهن جي ڦڙين جو آواز. برسات جي اها حالت جا طبيعت کي فرحت بخشي. فرحت- خوشي- بهاري.

● رَمْدانُ: اسم خاص. تعلقي ٻ گهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَمْدائي: اسم خاص. جمالي قوم جو هڪ پاڙو.

● رَمْڙِيا: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَمْزَ ۽ رَمْزون: ث. [ع] اکين، ڀِرن يا چپن جو اشارو- آهِجَ- غمزو. نشاني- آهڃاڻ- علامت. ڳجهارت- لِڪل ڳالهه. ذو معني ڳالهه. اٽڪل- تجويز- ڏَنگ- کيڏَ. ڳُجهه- راز.

- رَمْزَ بازِيُ ۽ رَمْزَ بازِيون: ث. اشارو. اٽڪل بازي- حرفت- چالاڪي- کيڏَ.

- رَمْزَ پِروڙڻُ: اٽڪل سهي ڪرڻ- اشارو سمجهڻ- راز معلوم ڪرڻ.

- رَمْزَ چڪائڻُ (ت): اشارو ڏيڻ- اهڃاڻ ڏيڻ. ڏکو ڏيڻ.

- رَمْزَ شناسُ: ذ. صفت. [ع. رمز + ف. شناس > شناختن = سڃاڻڻ] اشارا ڄاڻندڙ- اٽڪلي- چالاڪ. ڏاهو- عقلمند.

- رَمْزَ وَٺَڻُ: هلت اختيار ڪرڻ- اٽڪل سان هلڻ- نمونو اختيار ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

"زماني رمز سا ورتي، جا آهي راءِ حاڪم جي" (سانگي).

- رَمْزَ هَلَڻُ: اشاري سان ٻڌائڻ. اٽڪل هلڻ- ڪيڏ ڪيڏڻ - چالاڪي ڪرڻ.

- رَمْزِيُ ۽ رَمْزِيُ: ذ. صفت. اٽڪلي - ڪيڏاري - حرفتي - چالباز.

● رَمْضانُ: اسم خاص. [ع] قمري سال جو نائون مهينو (مسلمانن جو روزن رکڻ وارو مهينو)- روزن وارو مهينو - ماهِ صيام. مرد جو نالو.

● رَمْضان پُور: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَمَلُ: ذ. هڪ علم جو نالو جنهن ۾ فرد لقط (.) ۽ زوج، ٻن نقطن (-) وسيلي غيب جي خبر ٻڌائجي (هيءُ علم حضرت دانيال ڏانهن منسوب آهي. چون ٿا ته جبرئيل، خدا جي حڪم سان واريءَ تي ڪجهه نقطا ڪڍي اهو علم کيس سيکاريو. علم عروض موجب هڪ بحر جو نالو. (جنهن ۾ 'فاعلاتن' جو رڪن اٺ دفعا اچي).

- رَمْلِي ۽ رَمْلِي: ذ. صفت. رمال - اڳڪٿي ڪندڙ. اٽڪل باز. ڏُڪائي.

● رَمَنْدُ: ذ. قلعي گر يا ٽينائي جي دڪان مان نڪتل گند (جنهن ۾ لوهه جا ٻچيل ٽڪرا هجن). ڪِن - ڪچرو - رماند.

● رُمَڻُ: مصدر. [پرا. رَمْبِ؛ هه. رَمْنا؛ ف. رميدن = هلڻ] گهمڻ - ڦرڻ - گشت ڪرڻ - سير ڪرڻ. هيڏانهن هوڏانهن هلڻ - پَسار ڪرڻ. ٽهلڻ. وڃڻ - هلڻ. روانو ٿيڻ. کِسڪڻ - چُرڻ. رُلڻ - ڀٽڪڻ - ڀٽڻ.

[ف. رَمُ] ڀڄڻ - ڀاڄ کائڻ.

[س. رَمَڻَ > رم = راند ڪرڻ] راند ڪرڻ - ڪيڏڻ (ٿ).

- رَمَنْدُو رَهَڻُ: هلندو وڃڻ - پنڌ ڪرڻ - سفر ڪرڻ. جلد روانو ٿيڻ.

● رَمِيِّيُ ۽ رَمِيِّيُونُ: ث. سهڻي عورت - سوهيندڙ عورت - وڻندڙ زال. (صفت) حسين - خوبصورت - سوڀياوان. هلڻي - چال - رفتار.

● رُمون ۽ رُمانُ: ذ. ڪَدُو (جنهن جي شاخ سان بدن مان رت ڪيڄي). چؤرن هٿڻ ڪان پوءِ نڪتل رت گڏ ڪرڻ جو پيالو. رت ڪيڻ جي سِڱي.

● رُمُوزُ: ث. [ع. رمز ۽ رموز] رمزون - نشانيون - اهڃاڻ - اشارا. اٽڪلون - ڪيڏون - حرفتون - چالاڪيون. ڀيد - راز.

● رَمُونُ: ذ گاهه جو هڪ قسم.

● رَمِيُ ۽ رَميُونُ: ث. [انگ] ڀتن جي هڪ راند جو قسم.

● رُمِيُ ۽ رُمِيُون: ث. رت ڪڍڻ جي سِڱي.

"رت ڏسي رُمي هنجي".

● رَميُونُ: اسم خاص. تعلقي مڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَنَ ۽ رَنُونُ: ث. [س. رَنْڊ] مڙس مري ويل عورت - ڏهاڳڻ - ڦلانتي - ڏَنِي - ڏَنيل - بيوهه - رَنڙَ. ڪنهن عورت کي ڇاراتي طور چوڻ جو لفظ.

- رَنَ آهِر کَي لِهِ مِڙَڻ: ڏولائو ٿيڻ - تڪليفون اچڻ - تباهي ٿيڻ.

- رَنَاپَڻُ: ذ. ڏهاڳپڻو - رناپو - ڏهاڳ.

- رَناپو: ذ. رناپڻ - رناپڻو.

- رَنَ پُٽُ ٿيڻ (ت): تمام غريب ٿيڻ - مسڪين ٿيڻ. بيواهو ٿيڻ - يتيم ٿيڻ.

- رَنَپَڻُ: ذ. رناپو - ڏهاڳ.

- رَنَ چورُ: ذ. صفت. رَن جو چور - پرايون زالون تڪيندڙ - زاني.

- رَنَ ذاتيڙِيو (ت): صفت. زنانن ارڪانن وارو - زنانو - رَنَ ذاتيو - ماديءَ مُهُونُ.

- رَنَ ذاتيو، رَنَ ذاتيرو: ذ. صفت. زنانو - نامرد - ماديءَ مُهون.

- رَنَ رودِڙِيُ (ت): ث. سادي سُودي زال - هيٺي عورت - غريب زال.

- رَنَ روڳِڙِيُ: ث. ڏاري عورت - واهيات عورت.

Gul Hayat Institute

- رَنَ زالَ ع رَنُون زالون: ث. مڙس مري ويل زال - بيوه - ڏَنيل - ڏهاڳڻ.
● رَنَ مُرِيدُ ع رَنَ مُرِيدَ (ت): ذ. صفت. زال جي چوڻ موجب هلندڙ - زن مُريد - زال جو مڄُو - زال جو پاڙيو.
● رَنْبَلُ ع رَنبَلَ (ت): ذ. وڏو گيراهه - ڳتو - نيوالو.
- رَنْبَل هَڻَڻُ (ت): وڏا گيراهه کائڻ - ڳتا هڻڻ.
- رُنْبَڻُ: مصدر. [سن. روهڻ = پوکڻ] هڪ هنڌان سَلو پٽي، ٻئي هنڌ لڳائڻ - روت ڪرڻ - رونبو ڪرڻ - روتڻ - وَهرَڻ - وهراج ڪرڻ. هڻڻ - لڳائڻ - ڪوڙڻ (ٻوٽو، ٽڏو وغيره). دَسڻ - کيرائڻ - پرڙڻ - سِٽيءَ وغيره ۾ ڦَسڻ.
- رُنْبَ: ث. وهراج - روت - رونبو. سزا - مار - پيچ - ڏاگور.
- رُنْبَ ڏِيَڻُ: زور سان دَسڻ - مٿان چڙهي ويهڻ. مار ڏيڻ - سزا ڏيڻ - جهاڳوڙڻ - سَتڻ - ڪُٽڻ - پيچَ ڪيڏڻ.
- رُنْبَ ڪَيڏَڻُ: مار ڏيڻ - سيکت ڏيڻ - پيچَ ڪيڏڻ.
- رُنْبيڪو ع رُنْبِڪا (ت): ذ. زور سان زمين ۾ دسڻ جي حالت. ڏِکو - ڏيلهو.
● رَنْبو ع رَنْبا: ذ. گاهه ڪيڏڻ يا زمين وغيره کوٽڻ جو هڪ لوهي اوزار - کُرپو. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار - ڪاٺ ۾ سَل ڪيڏڻ جو اوزار (چيٽيءَ جهڙو).
- رَنْبو پَتَاسُ: ذ. رنبي جو هڪ قسم.
- رَنْبو رَکَڻُ: ڀاڙ ڀتي ڇڏڻ - ڀاڙ کپڻ. ٽڏاري ڇڏڻ.
● رَنْبِي ع رَنْبِيُون: ث. اوزار جو هڪ قسم (جو ڇپر جهڙو لوهه مان ٺهيل ڪاٺ جي ڳَنَ سان ٽِڪي، واڍڪي ڪم جو اوزار آهي ۽ ڪاٺيءَ ۾ سَلَ ڪيڏڻ يا چِٽ ڪيڏڻ ۾ ڪم اچي ۽ موچي چمڙي وڍڻ ۾ ڪم آڻين). گاهه ڪيڏڻ جو هڪ اوزار.

- رَنْبِيءَ مُنهُون (ت): ذ. صفت. سنهي مُنهن وارو - چِتو ڀِٽيءَ مُنهون.
● رَنْبِ ع رَنْبُون: ث. [سن. رَبُ = آواز ڪرڻ؛ رَمْبِ] وڏو آواز - دانهن. ٻاڪارَ - رَڙِ. وڏي آواز سان سَڏُ يا هَڪَلَ. ريهاڙ. جانور جو آواز (خصوصاً مينهن ۽ ڍڳيءَ جو) - آوازَ - ڊِڪَ - ٽاڏَ.
- رَنْبُون ڪَيائِڻُ: دانهون ڪيائڻ. رڙيون ڪيائڻ. سخت سيکت ڏيڻ. گهڻو بدلام ٿيڻ.
- رنْبُون ڪَرَڻُ: دانهون ڪرڻ - رلِيڻ. روئڻ. سزا پوڳڻ.
● رَنْباتُ ع رَنْباتَ: ذ. ڳئون يا مينهن جي رنڀ - ڊِڪَ - دانهن.
● رَنْباڙُ ع رَنْباڙَ: ذ. وڏي دانهن - رڙ.
● رَنْبَڻُ: مصدر. [سن. رَبَ] ڪنهن چوپائي جانور جهڙوڪ: ڳئون، مينهن وغيره جون دانهون ڪرڻ - ٽَڏَڻ - ڪوڪارڻ - ٻاڪارڻ. ڪنهن شئي لاءِ گهُر گهُر لائي ڏيڻ - ورجائڻ - رلڪڻ - گهپي ڪرڻ.
● رُنْبَڻُ: مصدر. [پرا. رُنْبَڻُ؛ سن. رودن. رُڌ = اٽڪڻ] مشغول ٿيڻ - ڪم ۾ لڳي وڃڻ - ڳنڍجي وڃڻ (ڪم ۾).
- رُنْبَ: ث. مشغولي - رُڌ - ڪم ۾ لڳڻ جي حالت.
- رُنْبائِڻُ: مصدر. "رُنبڻ" مان متعدي بالواسطہ. ڪم ۾ لڳائڻ - مشغول رکڻ. رلبڪ وجهڻ (ڪم ۾).
- رُنْبِجَڻُ: مصدر. "رُنبڻ" مان فعل مجهول. لڳڻ (ڪم ۾) - رُڌل رهڻ.
● رُنْبو ع رُنْبا: ذ. گرمي - ڪاڙهو - گهٽَ. ڪُٽ (ڪاٺيءَ جي). وڏي ڇپَرَ.
● رَنْبو ع رَنْبا (ت): ذ. چم وڍڻ جو اوزار - رَنْبِي.
● رَنْجُ: ذ. [ف] ڏک - درد - افسوس - غم - الم. محنت - تڪليف. رنجش - ڪاوڙ. آزار - بيماري. (صفت) ڏکويل - ڪاوڙيل - ڏُهريل - وڏوٺو - چِڙيل - ناراض - ناخوش.

Gul Hayat Institute

- رَنجائيِ: ث. صفت. رنج واري - ڏکن واري.
- رَنجائيتو ۽ رَنجائيتا: ذ. صفت. رنجيده - ڏکويل. آزاريل. هلاڪ - بيزار. ستايل. تنگ - عاجز - ڪاوڙيل.
- رَنجُ ڏيڻ: ڏکوئڻ - ايذائڻ - ستائڻ - آزارڻ.
● رنجِ: ذ. ث. صفت. ڏکويل - ڪاوڙيل. ڏمريل - وڏوٺو - چيڙيل - ناراض - ناخوش.
- رنجائڻ: مصدر. [ف. رنجيدن] ڏکوئڻ - آزارڻ - ناراض ڪرڻ - چيڙائڻ - ڪاوڙائڻ.
- رَنجِ ٿيڻ: ڏک ٿيڻ - افسوس ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ.
- رَنجِ ڪرڻ: غم ڪرڻ - افسوس ڪرڻ - ڪاوڙائڻ - ناراض ڪرڻ.
● رَنجِشُ ۽ رَنجِشُون: ث. [ف] غم - ڏک - افسوس. ناخوشي - ناراضگي - آزردگي - ڪاوڙ.
- رَنجِشُ آميز: ذ. صفت. [ف. رنجش + آميز > آميختن = گڏڻ] ڪاوڙيل - ڏمريل - ناراض.
● رَنجڪَ ۽ رَنجڪُون: ث. بندوق جي دارون رکڻ جو ڪيسو (سياڳ يا گوٿري).
- رَنجڪَ چَٽيِ وَڃڻ: رنجڪ جو دونهون ڪري رهجي وڃڻ - بندوق جو نه چُٽڻ.
- رَنجڪدانُ ۽ رَنجڪدانَ: ذ. بندوق ۾ رنجڪ رکڻ جي پيالي.
● رَنجڪو: ذ. گاهه جو هڪ قسم.
● رَنجُورُ: ذ. [ف] ڏک - رنج - غم. (صفت) ڏکويل - سورائتو - ڏُجهارو - غمگين. آزاريل. بيمار - مريض.
- رَنجُورِي: ذ. صفت. ڏکويل - رنجيده. بيمار - مريض
"سکهن سُتَ نه سُور جي، ٿا رنڪن رنجوري" (شاهه).
● رَنجُولُ (لس): ذ. صفت. ڏسو "رنجور".
● رَنجيدگيِ: ث. [ف] رنج - رنجش - ڏک. ڪاوڙ - ناراضگي.
● رَنجيدَهُ: صفت. [ف] ڏکويل - غمگين - مغموم. دلگير - آزرده - آداس. ناراض - بيزار.
- رَنجيدهُ خاطِر: صفت. ناراض - ناخوش - ڏکويل.
- رَنجيدهُ ڪرڻ: خفا ڪرڻ - ناراض ڪرڻ - ناخوش ڪرڻ. ستائڻ. ڏک ڏيڻ.
● رِنجهِ ڪِنجهِ: ث. ڪنجهڪو - ڪرڪو - ڪِل ڪِل - گُهِي - ڪِيت ڦِت. هڪ نه ٻي بيماري - مرض.
- رِنجهِ ڪِنجهِ نه ڇڏڻ: هڪ نه ٻي بيماري نه ڇڏڻ - سدائين بيمار هجڻ.
- رِنجهه ڪِنجهه هڻڻ: ڪِل ڪِل هڻڻ. هميشه اکهو رهڻ.
● رَنچڪ ماترَ: ث. صفت. [سن. رنچڪ = ذرو + ماتر > ما = ماپڻ] گهٽ ۾ گهٽ - ٿوري ۾ ٿورو - نالي ماتر - تمام ٿورو.
● رَنڊُ رَنڊَ: ذ. [سن. ١. رِنڊر = چير، خال. ٢. رَنتَ = رستو] ڪوهستان يا پڪي زمين جي وات. گس - پيچرو - دڳ.
- رَنڊ ڏيڻ (ت): ڏکوئڻ - تنگ ڪرڻ - تڪليف ڏيڻ - چيچلائڻ.
- رَنڊن ۾ رُلائڻ: رولڙي ۾ وجهڻ - ڏاکڙن ۾ وجهڻ. تڪليف ڏيڻ.
- رَنڊن ۾ رُلڻ: تڪليف ۾ اچڻ - سورن ۾ پوڻ - مصيبت ۾ پوڻ - دربدر ٿيڻ - ڏِڪا کائڻ.
● رِنڊَ: اسم خاص. بلوچ قوم جي هڪ ذات جو نالو (جنهن جا ڪُل ١٩ پاڙا آهن:
١. جلالاڻي ٢. بوزدار ٣. بجيراڻي ٤. چاڪراڻي ٥. چانگ ٦. گودري ٧. هيسباڻي ٨. جلباڻي ٩. جروار ١٠. خشڪ ١١. ڪولاچي ١٢. لنجواڻي ١٣. مشوري ١٤. مستوئي ١٥. لوتڪاڻي ١٦. نولداڻي ١٧. نوحاڻي ١٨. نظاماڻي ١٩. سيهه ڦَدِ. ڪوٽ ڏيجي ۽ آوباوڙي تعلقي ۾ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● رَنُڊُ ۽ رِنُڊ: ذ. صفت. [ف. رِنُد = لشائي، موالي] شرابي. عياش. زاني. بي دين - بي عقيده - شرعي حڪمن جو منڪر - آواره . مست - مجذوب. بي پرواهه . صوفي. رند قوم جو هڪ فرد. (ذ) ڏک (ت).

- رِنُڊِيءُ: ث. عياشي - زناڪاري بي پرواهي. بي ديني - شرعي حڪمن کان انڪار. فقيري. مستي.

● رِنُڊِڪو (ت): ذ. چوپائي مال جي سڄاڻپ جو داغ.

● رِنُڊڪِي: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَنُڊَڻُ: [سن. رَدَنُ: هه. رَنُڊنا] رَندي سان ڇيلڻ - رَندو هڻڻ. ڇيلڻ. وَڍُ وجهڻ (ڪنهن ڏاتو ۾). ڪُنبڻ.

- رَنُڊو ۽ رَنُڊا: ذ. [ف. رنده] ڪاٺ ڇلڻ جو هڪ اوزار. رَلدُ - ڪنڊُ - ڇيد. اَکِ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪل سڄي ڦاٽي پوي ۽ اَن سان ڪند وهي. انهيءَ بيماريءَ ۾ اکيون ڦر ڇنڊي ڇڏين).

- رَنُڊو هڻڻُ: ڪاٺيءَ کي رندي سان لسو ڪرڻ. ڪرڙڻ - ڇلڻ.

● رَنُڊڻُ: مصدر. [سن. رَڌ = گارڻ: پرا. رنڌڻ] رڌڻ - تهڪائڻ - اوٻارڻ - تيار ڪرڻ (ڪاڌو). مارَ ڪيڻ - ڇچ ڪيڻ (ت).

- رَنُڊَ ۽ رَنُڊُونُ (ت): ث. رَڌ - رڌڻ جي حالت. رڌڻ جو ڪم. مارَ - ڇچ - ڇاڳور - جهاڳور.

- رَنُڊائِي: ث. رڌائي - رَڌڻ جي اُجرت.

- رَنُڊائو ۽ رَنُڊائُو (ت): ذ. صفت. رڌيندڙ - راڌائو - بورچي.

- رَنُڊڻو ۽ رَنُڊڻا: ذ. رڌڻ پچائڻ جي جاءِ - رڌڻو - بورچيخانو.

- رَنُڊِڻِيءُ: ث. رڌڻي - رڌڻ جو نمونو. چُلهه - سيگري.

- رَنُڊڻِي ۾ رولو هڻڻُ: گهر ۾ جهيڙو هڻڻ - پنهنجائي ۾ نااتفاقي هڻڻ.

- رَنُڊِي ڇڏڻ (ت): رڌي ڇڏڻ - گاري ڇڏڻ. ڇيٽي ڇڏڻ - ڏاڍي مار ڏيڻ.

● رَنُڊولِ ۽ رَنُڊوليُونُ (ت): ث. صفت. رَلَڙُ زال - بيوهه عورت.

● رِنُڊُ ۽ رِنُڊ: ذ. ٿلهي جُونءِ - وڏي بوڙُ جُونءِ.

● رُنُڊُ ۽ رُنُڊُونُ: ث. سُڪا - سَنُڪلپُ - پرڻُ - مڃتا - مڃت - منَتَ - باس - سيسا - نياز - نذر - لذرانو - ڏَنُ - وَچنُ - انجامُ - پرتگيا - واچا - وعدو.

● رُنُڊُ ۽ رُنُڊ: ذ. [سن. رُنُڊ = ٻُنُڊ] ٻُنُڊ (وڻ جو ٽُڙ ٽارين ڪانسواءِ] ڪاٺ جو ٿُلهو ٽُڪر - دوکي - لاهُه.

- رُنُڊُ ڪَرَڻُ: دَسڻ - ڪيرائڻ - ڊاهڻ - ڀڃاڙڻ - سٽڻ.

- رُنُڊُ مُنُڊُ ۽ رُنُڊَ مُنُڊَ (ت): ذ. صفت. ڇڙهو - بي اولاد - والڊو - ٻُنُڊ جو ٻُنُڊ.

● رلُڊاروڙَڻُ: ٽاهو ڪٽڻ.

● رَنُڊَڻُ: مصدر. روڪڻ - اٽڪائڻ - ٻَهلڻ - ٻيهارڻ. نهرائڻ - ٽيڪائڻ - ترسائڻ - رهائڻ. رنڊائڻ - پيچڪڙي وجهڻ - وَکهڻُ وجهڻ - گاله وڌڻ - وچ ۾ پوڻ - هِنڊ وجهڻ - رُخنو وجهڻ - رُڪاوٽ وجهڻ - اَٽڪاءُ وجهڻ. ٻُورڻ - جهلڻ - بند ڪرڻ - ٿمڻ - ڦيرڻ - آڏو اچڻ - برخلاف وڃڻ - سامهون ٿيڻ. مقابلو ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - جهگڙو ڪرڻ.

- رَنُڊَ ۽ رَنُڊوڻُ: ث. رنڊڪ - اٽڪاءُ - وِکهڻ - رُخنو - جهَلَ - ٻَلَ - منع - بندش - پيچڪڙي - برخلافي - نهر - ٽيڪاءُ - ڦيرو - رُڪاوٽ.

- رَنُڊائِڻُ: مصدر. رلڊڻ - روڪڻ - ٻيهارڻ - ٻُورائڻ - بند ڪرائڻ - جهلائڻ - ترسائڻ - نهرائڻ - ٿمائڻ - اٽڪائڻ - هِنڊ وجهڻ - پيچڪڙي وجهائڻ - رُخنو وجهائڻ - برخلافي ڪرڻ - منع ڪرائڻ - بندش وجهائڻ.

- رَنُڊجڻُ: مصدر. رنڊ پوڻ - اٽڪ پوڻ - روڪ سبب بيهڻ - اٽڪاءُ ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

- رَنڊ جيءُ ويهڻُ: روڪجي ويهڻ - ويهي رهڻ (مڙس جي مرڻ سبب بيوهه ٿيڻ) - وڌوا ٿيڻ.

- رَنڊ روڪُ ج رَنڊ روڪَ: ذ جهَلَ پَلَ - منع - اٽڪاءُ - رُخنو - وِگهن - پيچڪڙي.

- رَنڊڪَ ج رَنڊڪون: ث. اٽڪ - روڪ - جهَلَ - چيڙڪُ - بندش - رُخنو - رُڪاوٽ - ڳنڍ - پاڇو - رنڊ - سيڙ - ميڙپ - هِنيَ - پَنگُ - پيچڪڙي - اٽڪاءُ - ڪج بحثي - تڪرار - ڦڏو.

- رنڊو ج رَنڊا (ت): ذ. جهل - پل - رنڊڪ - بندش. دباءُ - زور - زَبَرَ - زوربارُ.

● رُنڊو ج رُنڊا: ذ. صفت. منڊو - ليمو - ڪُند. سادو سُودو - پورڙو - وَسُوڙَلُ - ڪم عقل - ڳالهائڻ جو ٿُلهو. آڳرين پڳل ماڻهو - رُولڻو - لُولهو (ت).

● رَنڊِيءُ ج رَنڊيون: ث. [س. رَنڊا = عورت] زال - ناري - نار - استري - عورت. فاحش عورت - بد چال زال - بي حيا عورت - ڏيهَن جي پَهاج. ويشوا - ڪيري - ڪسبياڻي - چاترِ - بيسوا - ناچڻي - نچڻي - رقاصه - طائفه.

- رَنڊِيبازُ ج رَنڊِيبازَ: ذ. صفت. عيشي - عيش پرست - عياش - زالي - زنا خور - زنا ڪارُ - لانگ چوتو - چڪلائي. ڌوتو - ياڙيو - پيٽُو - پَڙوو - حرامي - ڪُتڻ - دَلالُ.

- رَنڊِيبازيءُ ج رَنڊِيبازيون: ث. عياشي - زنا - زنا ڪاري - زنا خوري - بد پيشه - حرامخوري.

- رنڊي خور ج رنڊي خور (ت): ذ. صفت. زاني - عياش - زنا خور - زناڪار - بد پيشه ڪندڙ مرد - لانگ چوتو - چڪلائي.

● رُنڊِيَ ج رُنڊيونَ (ل): ث. ٿڻن خراب ٿيل چوپايو مال.

● رُنڊُ ج رُنڊَ (ت): ذ. (س. رُنڊُ = بُنڊُ) ٿُڙُ - بُنڊ - رُنڊُ. (ذ. صفت) چِڙو - واليڊو - اڪيلو - هيڪلو (ت).

- رُنڊُ وانڊُ ج رُنڊَ وانڊَ (ت): ذ. صفت. رُنڊُ.

● رَنڊو ج رَنڊا: ذ. ٿُلهو اڻ وَڻيل ڏاڍو - روڙهو. ڏاڍو - سڳو - ڏورَ - ڏوري - تَنڊُ - سُوٽلي. نوڙي - رَسي - رَسو - نوڙهو - واجهه - ڪاٻارُ - جونو - نوڙُ. معاملو - تڪرار - ڦڏو - فَسادُ - جهيڙو.

- رَنڊا روڙَهڻُ: ڪپهه مان ڳنڍيون ڪڍڻ - سُٽ سمجهائڻ.

- رَنڊو روڙهو ج رَنڊا روڙها: ذ. ڳنڍيون ڳوڙها (سُٽ جا).

● رُنڊو ج رُنڊا (ت): ذ. صفت. هٿن نيڊڙو ٿُنڊو - رُونڊو - آڱرين ڪپيلُ.

● رَنڙَ ج رَنڙونُ: ث. صفت. (س. رَنڊا = عورت) بيوه عورت - ڦَلاوَنڻيءُ - ڏُهاڳڻ - رَنَ - ڏَنيَلُ - رَلوڙَ - رنڙيءُ.

- رَنڙُ ج رَنڙَ: ذ. صفت. زال مري ويل مُڙسُ - ڦلانڊو - ڏَنيَلُ - وانيڊو - رَنڊَڙُ - رَنوڙُ - رَنڊو.

- رَنڙِيءُ ج رَنڙيونُ: ث. بيوه عورت - رَنڙَ - رَنوڙَ.

● رَنڪُ ج رَنڪَ: ذ. صفت. غَريبُ - مسڪين - دَرُ دَرِيءُ - نِڌرُ - تِهيءُ دَستُ - ڪُنَلُ - آٻالو - آتايو - ڏُتڙيَلُ - محتاج - گهرجائو - نماڻو. گدا - پينارُ - فقير - پِنُو - بيڪاريءُ - گداگَرُ - پِنٽو - سُواليءُ. (ضِدُ. راجا ج راجا).

* رُنڪڻُ: مصدر. رِنڪڻُ - ليلائڻ - ڪِنجهڻ - ڪُرڪڻ. دانهون ڪرڻ - رُونءُ رُونءُ ڪرڻ - رينگات ڪرڻ - رينگٽا ڪرڻ - ڪُنڪڻُ - چنگهڻُ.

● رُنگَ ج رُنگون (ڪ): ث. حصو - پتي - ڀاڱو. لالچ - لَبُ. کير جو گوهُو - سيڙهه - ڏار. جيئن "ٻڪريءَ ۾ هاڻي کير جي رُنگ به ڪانهي". ٻوڙڻ يا هلڻ جو هڪ نمونو (هلڻ جا چار قسم, ڊَنبَ, ڊُڪَ, چُلَ, رُنگَ).

● رُنگُ ج رُنگ (ڪ): ذ. صفت. چِڙو - چڙو چانڊ - اڪيلو. ڪنوارو - لوڻيو - اڻ پرڻيل.

● رَنگروٽُ ج رَنگروٽَ: ذ. (انگ Recruit = رنگروٽُ) نئون ڀرتيءُ ٿيل سپاهيءُ -

Gul Hayat Institute

لئون پَرتي ڪيل مُلازمُ- سيکڙاتُ- سيکڙائُو- سِکندڙُ. (ذ. صفت) نا تجربہ ڪارُ- آنا ڙِيُ- نا آزمود گارُ- جَتُ- پُوڪُ- آڻ ڄاڻُ- جاهِلُ.

● رَنگڙو ۽ رنگڙا: ذ. پکيءَ جو هڪ قِسمُ.

● رِنگيلُو ۽ رنگيلاَ (لس): ذ. آڻُ- ڪَرهو- ڏاگهو- توڏو- مَيو.

- رنگڻُ: مصدر.]ف. سن] رنگ ڏيڻ- رنگ ڪرڻ- رنگ چاڙهڻ- رَنگَڻُ- وَرُن ڏيڻ- فام ڪرڻ- ونگو ڪرڻ- وَرُنو ڪرڻ- رُوپ ڏيڻ- رنگدارُ بنائڻ. (ڳاڙهو، ساڻو، ڪارو وغيره ڪوبہ) رنگ ڏيڻ. روغن ڪرڻ- وارنش ڏيڻ- مُلمعو ڪرڻ. هَمرنگُ ڪرڻ- ہاڻ جهڙو ڪرڻ. ڳاڙهو ڪرڻ- رَتو ڪرڻ- رتول ڪرڻ- رچائڻ. چِٽَ ڪيڻ- چٽسالي چاڙهڻ- رنگين ڪرڻ- سُهڻو ڪرڻ- خوبصورت ڪرڻ. رَونق وڌائڻ- سُکيو ڪرڻ- آسُودو ڪرڻ.

- رَنگُ ۽ رَنگَ: ذ. رَنگَ- هَلڪو وَرِنُ- هلڪو رَنگُ. وکر جو هڪ قِسم- (ڪنهن ڪپڙي يا شئي کي ڏيڻ جو) رنگ. چِٽُ- چِٽسالِيُ- نَقشُ- چِٽاڻ. رَتو- رَنگو- وَرَنو- رُوپُ- رَوُنَقُ- چهرو. براج- سوڀيا- حُسنُ- خُوبِيُ- سُوڀهن- خوبصورتيُ- سُهڻائِيُ- جوڀَنُ. ڪَهيُ- جواني- ڦُوهہ- ڀُوهہ- ڦُولار- لعلائي- تازگي. چِيشِڙُ- افعال- عادت- ڪِرُ- لَلُ- لَڇڻ- شَعُور- شعُورُ- نشست برخواست- چال- چلگت- چِنَهَ- آٽ ويهہ- ادب اندازو. ناچُ- گانو- سانگ- پِکِت- راند رُوند- رَوُنشو- ڪيلُ- خوشِيُ- رَهسو- مَزو- موج- وِرُونهہ- وِنُدرَ- تَماشو- تفريح- منڊل- شغل- محفل- مجلس- ڪچهري- ناٽڪُ- ڪيلُ. وَرجَسُ- رَستو- قَرِينو- ترتيبُ- ڍَنگُ- لمونو- آڏڪل- وَتيرو- شعُورُ- ڍَبُ- ڍارَ- هَلت- دَستورُ- پِتَ- ہارُ- وَجهہ- طرح. حالت- گت. ذات- ڀانت- جِنسَ- قِسمُ. پتي راند ۾ حُڪمُ- تُرپُ (ڪارو، لالُ، ڦلُو، چوڪِڙيُ). سُهاورو- شدَ مدَ- حرف- اکر- اِظهار- رَقم-

ڪالڪُ- اصطلاح- رَوشُ. صورت- رُوءِ- مُهانڊو- چَهرو- شڪل- شبيهہ- مُنهن جو پَنو- روپُ. ڏيکُ- ڏيک ويک- ٺَٽُ- ڏُوهہ- ٺاهُ. رُخ- طرف- پاسو- پارُ- پَرُ. عبارت- لَقبُ- خطابُ. نِشانيُ- آهيجَ- آهيڃاڻُ- نِشانُ. آبرو- عزت- مانُ- شانُ- تعظيم. گڻُ- خاصيتَ. حيثيت- پُڄتَ- پُڄندِيُ- وَسِعتَ. سيرتُ- خصلت- سُڀاءُ- ميزاج- منُو ڀاءُ- چِت وِرُتِ. آرُتُ- صيغو- آصول- مَتو. اوَشڪتيُ- قدرت- سِرشتيُ- دُنيا جي جوڙَ. رَڻُ- جنگ جو ميدانُ. جابلُو بَکيرِيُ. جهنگليُ ڍَڳو. عجب- تعجب- حيرت- آچرج- وِسمَيہ- حيراني- عبرت. ڪَرامت- آچمبو- اِسرارُ- معجزو- ڪَمالُ. طاقت- زُورُ- وِتُ- قُوتَ.

- رَنگُ آميزُ: ذ. صفت. رنگ ٿيل- رنگدار- رنگين. رنگ ملائيندڙ- رنگ ڪندڙ- نقاش- مصور- رنگريز.

- رَنگُ آميزِيُ: ث. رنگ ڏيڻ جو ڪم- رنگاوت- رنگ سازي- مصوري- نقاشي- چِٽسالي. گلڪاري.

- رَنگُ آچڻُ: رنگ چڙهڻ- رنگ وَٺڻ- رنگجِيُ وڃڻ.

- رَنگُ آڏامڻُ: رنگ جو ڪَچِيُ وَڃڻ- رنگ جهڪو ٿيڻ- رنگ لَهِيُ وَڃڻ. ڦِڪو ٿيڻ- شرمنده ٿيڻ- لَڄِيُ ٿيڻ- شرمسارُ ٿيڻ. مُنهن جو پَنو لَهِيُ وڃڻ- مُنهن جي رَوُنق ڇڏي وَڃڻ- هِراسجِيُ وَڃڻ- خوف ۾ پِرجِيُ وَڃڻ- ڍِجِيُ وڃڻ.

- رَنگا رَنگُ: ذ. صفت. گهڻن رنگن وارو- گهڻرنگو- رَنگِينُ- رنگارنگِيُ- رنگُ بہ رنگِيُ- گُونا گون- ڀَتاڀتي. گهڻن روپن وارو- قسمين قسمين- طرحين طرحين- نَمُوني نموني.

- رَنگا رَنگيُ: صفت. رنگا رنگ- رنگ بہ رنگي- رنگين رنگين. قسمين قسمين- ڀانتين ڀانتين- طرحين طرحين. مُختلفُ- ڌاتيُرو- نانا پرُ ڪارن جو- وڻ وڻ جي ڪاٺي.

- رنگ آفشاني ڪرڻ: رنگ ڇنڪارڻ - رنگ ڏيڻ - ملمع چاڙهڻ - رنگين بڻائڻ - رنگين ڪرڻ. چيٽ ساليءَ ڪرڻ - گلڪاريءَ ڪڍڻ - نقش ڪڍڻ.
- رنگاوت ۽ رنگاوتون (ل): ث. رنگ ڏيڻ جو ڪم - رنگائي - رنگائي - رنگسازي - چيٽسازي - رنگ آميزي.
- رنگائڻ: مصدر. رنگڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ - رنگ ڏيارڻ - رنگ ڪرائڻ - رنگ چاڙهڻ - رنگائڻ - رنگائي ڪرائڻ.
- رنگائي ۽ رنگائيون: ث. رنگائڻ جي مزوري - رنگائي - رنگائي. رنگ ڏيارڻ جو ڪم. رڱاوت.
- رنگ بدڪيڏڻ (ت): چوپڙ راند ۾ ٻن ڄڻن جو آڻ آڻ سارين سان راند ڪرڻ.
- رنگ بدلڻ: رنگ ڦيرائڻ. نمونو بدلائڻ - حالت بدلائڻ - رويو ڦيرائڻ.
- رنگ برنگ: صفت. ظرف. جدا جدا قسم - نمونو نمونو - طرح طرح.
- رنگ برنگي: صفت. گهڻن قسمن جي رنگن وارو - گهڻن رنگن وارو - رنگين. چٽڪمرو - ڀتاڀتيءَ، نموني وارو.
- رنگ بگڙڻ: رنگ پسرڻ - رنگ خراب ٿيڻ (ڪپڙي جو) - رنگ جا ڌبا ڌبا ٿيڻ يا ٽڪا ٽڪا ٿيڻ (ڪپڙي تي يا ڪاغذ تي) بدرنگ ٿيڻ. حالت خراب ٿيڻ. نمونو ڦرڻ. ڪاوڙجڻ - ناراض ٿيڻ - غصي ٿيڻ - چڙڻ.
- رنگ پيرمائڻ: رنگ رچائڻ. جيئن:

"سڄڻ سانگي سانگ تي آيو،
رنگ جوڙي تان رنگ پرمايو"
(نانڪ يوسف).

- رنگ پرڻ: ڪنهن تصوير وغيره کي رنگ لڳائڻ - چيٽ ڪڍڻ - نقش پرڻ - چٽسالي ڪرڻ. سهڻو بڻائڻ - حسين ڪرڻ - خوبصورت بڻائڻ.
- رنگ ٻنگ ڪرڻ: مزو ورچائڻ - لطف پڪاڙڻ. تماشي وغيره ۾ رکنو وجهڻ - راند ۾ اتڪاءُ وجهڻ.
- رنگ ڀومي ۽ رنگ ڀوميون: ث. تماشي جي جاءِ - کيل جي جاءِ - ناٽڪ ڪرڻ جي جاءِ - تفريح گاهه - ورندر گاهه - سئنيما - ناٽڪ.
- رنگت ۽ رنگتون: ث. رنگ - فام. روپ - ورڻ - شڪل - شبيهه - صورت. حالت - ڪيفيت. چمڪو - چلڪو - تيج - چمڪار - جلوو.
- رنگ جمائڻ: رنگ چاڙهڻ - رنگ ٻڌڪو ڪرڻ. تماشي جو بنياد وجهڻ - محفل جو بنياد وجهڻ - راڳ روپ شروع ڪرڻ.
- رنگ جمڻ: رنگ چڙهڻ - رنگ زور وٺڻ - رنگ ٻڌڪو ٿيڻ. رونق دار ٿيڻ - زينت وارو ٿيڻ - سهڻو ٿيڻ. محفل جو زور وٺڻ - تماشي جو مزو اچڻ.
- رنگ چاڙهڻ: رنگ ڏيڻ - رنگڻ - رنگدار ڪرڻ - رنگين ڪرڻ - رنگ وارو ڪرڻ (ڪنهن ڪپڙي يا ڪاٺ وغيره کي). جنديءَ جو ڪم ڪرڻ. نقشبندي ڪرڻ - چٽسالي ڪرڻ - گلڪاري ڪرڻ.
- رنگ چڙهڻ: رنگ اچڻ - رنگجڻ. وارنش ٿيڻ - روغن چڙهڻ. نشو چڙهڻ - خمار جڻ - نشي لڳڻ.
- رنگدار ۽ رنگدار: ذ. صفت. رنگ وارو - رنگين - رنگيل.
- رنگ ڏاڙهيءَ کي: ندا. واهه واهه! شاباس! آفرين! - جس! - مرحبا!.
- رنگ ڏاڙهيءَ کي هڻڻ: شاباس هڻڻ - آفرين هڻڻ - مرحبا هڻڻ - جس هڻڻ.
- رنگ ڏسڻ: تماشو ڏسڻ - کيل ڏسڻ - مزو ڏسڻ. ٻن جي ويڙهه ڏسڻ - جهڳڙو ڏسڻ. نتيجي تي نظر وجهڻ - حالت ڏسڻ - ڪيفيت ڏسڻ.
- رنگ ڏيکارڻ: تماشو ڏيکارڻ - ناٽڪ ڏيکارڻ - راند ڏيکارڻ. هنر ڏيکارڻ - ڪرتب

Gul Hayat Institute

ڏيکارڻ - مزو ڏيکارڻ - شعبده بازي ڪرڻ. حالت ڏيکارڻ. جوبن ڏيکارڻ - نکار ظاهر ڪرڻ. بد عادت ظاهر ڪرڻ - بد افعالو ٿيڻ. جهيڙو ڪرڻ - جهڳڙو ڪرڻ. انتقام وٺڻ - ويرُ وٺڻ.

- رَنگُ ڏيَڻُ: رنگ چاڙهڻ - روغن هڻڻ - رنگڻ - رنگڻ - ملمع چاڙهڻ - رنگدار ڪرڻ - رنگين بنائڻ. لطف ڏيڻ - مزيدار ڪرڻ - وڻندڙ بنائڻ. ڪنهن ڳالهه کي وڌاءُ ڏيڻ - پنهنجي مطلب موجب ڳالهه کي موڙڻ - ڳالهه کي رنگين بنائڻ.

- رنگُ ڍَنگُ ۽ رَنگُ ڍِنگُ: ذ. اٽڪل سٽڪل - وَرُ وَڪڙُ - فند فير - مڪرُ فريبُ. طور طريقو - نموني بازي - نمونو - طرز. رسم - رواج - هلي چلي - هلت چلت - آٽڪ وهَٽڪ - رَوَيو - آٽي وپٽي - چال چلت. عادت - خصلت - افعال - ارڪان.

- رَنگُ ڍِنگُ ڏِسڻُ: حال احوال معلوم ڪرڻ - سُڌ سماءُ وٺڻ - خبر چار وٺڻ. هلت چلت ڏسڻ - نمونو ڏسڻ - طور اطوار ڏسڻ - آٽي وپٽي ڏسڻ.

- رَنگُ راسُ ٿيڻُ: ڪنهن ڪم جو بهترين نموني م تيار ٿيڻ - مڪمل ٿيڻ - پورو ٿيڻ.

- رَنگُ رَتولُ ۽ رَنگُ رَتولَ: ذ. چٽسالي ٿيل جاءِ - نقاشي محلات - رنگ محل - لال بنگلو.

- رَنگُ رچائڻُ: محفل ڄمائڻ - تماشو شروع ڪرڻ - مجلس مچائڻ.

- رنگُ رَچڻُ: رنگ جو چڱيءَ طرح اثر ڪرڻ - رنگ لڳڻ - رنگ چڙهڻ - رنگ وهڻُ - رنگ ڄمڻُ - رنگدارُ ٿيڻ - رنگين ٿيڻ.

- رَنگُ رَسُ: ذ. عيش عشرت - کيل تماشو - محفل - وندرَ - يوڪ شوڪ - چرچو گهٻو.

- رَنگُ رلائڻُ: مزو ڪرڻ - خوشي ڪرڻ - لطف اندوز ٿيڻ - عيشُ ڪرڻ - رنگ رليون ملهائڻ.

- رنگُ رُوپُ ۽ رنگ رُوپَ: ذ. رنگ روغن - شڪل شبيهه - حليه - صورت - منهن مهانڊو. حسن جمالُ - سونهن - سوبيا - چمڪ دمڪ - زينتَ.

- رَنگُ روغَنُ ۽ رَنگُ روغَنَ: ذ. رنگ روپ - چمڪ دمڪ.

- رَنگرِيزُ ۽ رَنگرِيزَ: ذ. رنگ ڏيندڙ - رنگيندڙ - رنگيندڙ - ڪپڙا رنگيندڙ - ڪنهباٽي - نيروٽي. نقاش - مصور - معمار - ڪمانگر.

رَنگُ زَرُدُ ٿيڻُ: شڪل جو رنگ پيلو ٿيڻ - منهن هيڊو ٿيڻ (بيماري يا شرمساريءَ سبب). شرمسار ٿيڻ - ڦيڪو ٿيڻ - لڄي ٿيڻ - شرمنده ٿيڻ. ڊڄي وڃڻ - ڀؤ م پرجي وڃڻ - هراسجي وڃڻ. خوفزده ٿيڻ.

- رَنگُ سازُ ۽ رَنگُ سازَ: ذ. صفت. رنگ بنائيندڙ - رنگ ڏيندڙ (سامان وغيره کي) - رنگ ڪندڙ - نقاش - مصور - معمار - ڪمانگر.

- رَنگُ سُفيدُ ٿيڻُ: چهري جو رنگ ڦيڪو ٿيڻ - رنگ زرد ٿيڻ - منهن پيلو ٿيڻ (بيماري يا شرمساريءَ سبب).

- رَنگُ فروشُ ۽ رَنگُ فروشَ: ذ. صفت. رنگ وڪڻندڙ.

- رَنگُ فقُ ٿيڻُ: رنگ اُداسي وڃڻ - رنگ ڇڏي ڏيڻ - رنگ م ڦيڪو ٿيڻ (چهري يا ڪنهن ب شيءِ جو).

- رَنگُ ڦِٽائڻُ: بي رنگ ڪرڻ - رنگ مٽائڻ - رنگ لاهڻ.

- رَنگُ ڦٽائيندڙُ چُورو: رنگ لاس ڪندڙ دوا.

- رَنگُ ڦيڪو ٿيڻُ: رنگ جو جهڪو ٿيڻ - رنگ اُداس ٿيڻ - رنگ فق ٿيڻ - رنگ اُڏامڻ - رونق گهٽجڻ - منهن پيلو ٿيڻ (شرم يا غيرت کان). بي لطف ٿيڻ - سونهن ڇڏي ڏيڻ - سوبيا گهٽجي وڃڻ - نزاڪت لهي هڃڻ - خوبصورتي وڃائڻ.

- رَنگُ ڪَيَڻُ: رنگ چٽو ڪرڻ - رنگ ظاهر ڪرڻ - نيڪرڻ - نکار ڪرڻ - صاف ٿيڻ - رنگ کلڻ. سهڻو ٿيڻ - سلوڪ لڳڻ - حسين ٿيڻ - خوبصورت ٿيڻ - جوڀن ظاهر ٿيڻ - چهرو ٿيڻ - منهن م پاڻي اچڻ.

Gul Hayat Institute

- رَنگُ ڪَرَڻُ: رنگ ڏيڻ - رنگ ڀرڻ - رنگين ڪرڻ - رنگدار ڪرڻ - رنگ چاڙهڻ. مزو ڪرڻ - تماشو ڪرڻ - راند روند ڪرڻ - وِندر ڪرڻ - خوشي ڪرڻ. محفل ڪرڻ - ڪچهري ڪرڻ - مجلس ڪرڻ. گُونهاندي ڪرڻ - ڏيج ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ. ڀَتي راند ۾ حُڪم ڪرڻ - رنگ وارڻ - حڪم ٻولڻ (ت).

- رَنگُ کُلَڻُ: رنگ ظاهر ٿيڻ - رنگ پڌرو ٿيڻ - رنگ چٽو ٿيڻ - رنگ صاف ٿيڻ (مُنهن يا ڪنهن شيءِ جو). جوڀن ڪِڏڻ - نِکارُ ڪرڻ. سَرهو ٿيڻ - خوش ٿيڻ.

- رَنگُ لائڻُ: رنگين ڪرڻ - رنگ لڳائڻ - رنگدارُ ڪرڻ. تماشو ڪرڻ - رؤنشو ڪرڻ - مسخري ڪرڻ. ٺَرائي ڪرڻ - ٺُچڙائي ڪرڻ. ناراض ٿيڻ - غُصي ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - ڪاوڙ ڪرڻ. فساد مچائڻ - جهڳڙو پيدا ڪرڻ - فِتنو وجهڻ - ڪُلفت وجهڻ - تڪرار بر پا ڪرڻ - مصيبت پيدا ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ - دِقت پهچائڻ. فريب ڪرڻ - دغا ڪرڻ - ڪوڙ ڪرڻ - ڪُپت ڪرڻ - بيماني ڪرڻ. پنهنجي اصلي حالت تي پهچڻ.

- رَنگُ لڳڻُ: مزو مچڻ - تماشو ٿيڻ - وندر ٿيڻ - چهر ٻهر ٿيڻ. محفل ٿيڻ - مجلس ٿيڻ - ڪچهري لڳڻ. سازُ سُرودُ جي محفل لڳڻ - ڳائي بجائي جي مجلس لڳڻ.

- رَنگُ لهڻُ: روغن لهڻ - رنگ گهٽجي وڃڻ (ڪنهن شيءِ تان). مُنهن جو ٻَنو لهڻ - حَشمت چِڙي وڃڻ - بي آبرو ٿيڻ - بي آبرو ٿيڻ - بي عزت ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ - ڦِڪو ٿيڻ - لَڄي ٿيڻ. خوفزده ٿيڻ - هراسجي وڃڻ - ڊِڄي وڃڻ - خوف ۾ پرجي وڃڻ. ڏيکاءُ گهٽ ٿيڻ - چِمڪ لهڻ - ملمعو لهڻ - ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ.

- رَنگ ۾ ڀَنگ پَوَڻُ: خوشيءَ ۾ رنڊڪ پوڻ - خوشيءَ ۾ رُخنو پوڻ - خوشيءَ ۾ رنج پوڻ - خوشيءَ جي وقت ۾ ڪنهن اوچتي دردناڪ واقعي سبب لطف ۽ مزو نڪري وڃڻ - مجلس ۾ رنڊڪ پوڻ. ميل ۽ ناهه نه ٿيڻ.

- رنگُ ۾ رَتو رَهڻُ: هر ڪنهن حالُ ۾ خوش هُجڻ - پنهنجي مَستيءَ ۾ مگن هُجڻ - پنهنجي حالَ ۾ پُورو هُجڻ.

- رنگُ ۾ رنگُ آچڻ: فائدي پٺيان فائدو ٿيڻ - نفعي ۾ نفعو ٿيڻ.

- رنگُ مَٽائڻُ: اَصليت ڇڏڻ - بدلجڻ - مَٽجڻ - صورت بدلائڻ - شڪل ڦيرائڻ - نمونو تبديل ڪرڻ.

- رنگُ مَٽڻُ: رنگُ بدلڻ - آصليت مَٽڻ - صُورت ڦيرائڻ - شڪلَ ڦيرائڻ - ٻيو روپ ڪرڻ. نمونو بدلائڻ. ڍنگ بدلائڻ - عادت ڦيرائڻ.

- رَنگُ مَحَلُ ۽ رَنگُ مَحَلَ: ذ. عيشُ جو گهرُ - عياشي جو گهرُ - عشرتگاه. اُها جاءِ جنهن ۾ آمير يا بادشاهه عيشُ ڪَن. سينگاريلُ جاءِ - نقاشي محلات - رَتولُ.

- رنگُ وِجهڻُ: رنگُ آچلائڻ - هڪ ٻئي تي خوشيءَ جي موقعي تي رنگدار پاڻيءَ هارَڻُ.

- رَنگوائِي ۽ رَنگوليُون: ث. (گُجراتي) رنگ ڏيڻ جو هُنر - ڪمانگريءَ - رنگسازِيءَ - رنگاوتَ جو ڪمُ.

- رَنگُ هارِجڻُ: مُنهن جو پيلو ٿيڻ - مُنهن جو ٻنو لَهيِ وڃڻ (شرم ڪان يا ڊپُ ڪان). مَلوُلُ ڏِسڻ ۾ آچڻ - فڪر وارو ٿيڻ - ڏُکايل ڏِسڻ ۾ آچڻ - رنگ فَقُ ٿيڻ - رنگُ زردو ٿيڻ - رنگ ڇڏي ڏيڻ - رنگُ لَهيِ وَڃڻ (ڏُک ۾ يا فِڪر ۾).

- رَنگُ هارَڻُ: رنگُ ڇنڊڪارَڻُ - رَنگُ آچلائڻ. شاديءَ جي موقعي جي هڪ رَسم جنهن وقت ڪنواريتا گهوٽين تي ڳاڙهو رنگ آچلائينُ.

- رَنگيِ ۽ رَنگيِ: ذ. صفت. رنگُ وارو - رنگدارُ - رنگينُ - رنگيلو - طرح طرح جي رنگن وارو - رنگُ برنگيِ.

- رَنگيلو ۽ رَنگيلا: ذ. صفت. رنگُ وارو - رَنگينُ - رنگدارُ - رنگُ برنگيِ. رنگين مزاج - عَياشُ طبع - عياشيِ - عيشيِ جيڙو - نَٽُئون. رنگين لباسُ پهريل - شوقين. تَرڙو - هلڪي.

Gul Hayat Institute

طبع وارو. (ث. رنگيلي ع رنگيليُون). وَنگيِلُ - لَعلُ - رَتَلُ - رَچِيَلُ - راسُ تيَلُ (هر يہ جي رنگ ۾). ڏُوتو - ياڙيو - وِچ ڪُٽيو - پيِنٽُو - ڪَچَرُ - دَلو - حرامِي - پَڙوو. لنگو تاڙو - لُچو - آوُباشُ - لوفَرُ - بدمعاش - بد تهذيبُ - لُفنگو.

- رَنگيلِي ع رَنگيلِيُون: ث. صفت. ڪَسُبَڻ - وَيشئا - رَنَ - ڪَچِرِي - ڪَسُب ياٽِي - چَڪلائِڻ - بيِسوا - بَديشي عورَت - رَنڊِي. پَڙوِي - دَلِي ڏُوتِي - وِچ ڪُٽِي - ڪادوڙ. لُچِي - تيرهن تالي - اوُباش - بدمعاش - لُفنگِي - حَرامزادِي - لَنڊِي - لنگو تاڙِي.

- رَنگيِنُ ع رَنگيِنَ: ذ. صفت. رَنگِيلُ - رنگ وارو - رنگدارُ - رنگ چڙهيَلُ - رَنگ ڪَيَلُ - رنگارنگي - رَنگيلو - رنگ بِرنگ - گُونا گُونُ - ملمعي ڏِنَلُ. گلڪاري ڪَيَلُ - سينگارِيَلُ - گُلُ ڦُلُ نِڪتل.

- رَنگيِنُ رَنگيِنُ: ذ. صفت. رنگارنگِي - گُونا گُونُ - چِتڪَمرو - وِچِترُ - چِٽُ چِٽُ - ڦُلڦُليو. طرحين طرحين - قسمين قسمين - نمونيِ نموني - پانڻت پانڻت.

- رَنگين عِبارَتَ ع رَنگين عِبارَتُون: ث. آها لِکِتِي جنهن ۾ نَثرُ مُسجع هُجي - مُقفيٰ وَ مُسجَّع عِبارَتُ - دلچسپ عبارت - وڻندڙ عبارت. دلچسپ مضمون.

- رَنگيِن مِزاجُ ع رَنگيِن مِزاجَ: ذ. صفت. خوش مِزاج - کِلمُکُ - خوش طبع - زنده دلُ. عياشُ - عياش طبعُ - عياشِي - عيشِي جِيئڙو.

- رَنگيِنِي ع رَنگيِنيُون: ث. رنگاوَتَ - رَنگاوَتَ - رَنگائِي. چِٽسالِي. سينگار - آراستگِي - نمائش - ٺاهه ٺُوهه - ٺَناءُ سينگارُ. خوش طَبعِي - خوش مِزاجِي.

● رِنگڻُ: مصدر. ڪُرڪڻُ - ڪِنجهڻُ - چِنگهڻُ. دانهون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - واڪا ڪرڻ. هَري هَري رُئڻ - هَنجُون هارَڻُ. پِٽِڪَڻُ - پِٽ پِٽ ڪرڻ - چِپڻُ ۾ ڳالهائڻ. ڦڏو ڪرڻ. آنَ جو آواز ڪرڻ - آنُ جو رِڙَڻُ - دالهون ڪنه و هلڻ - چِنگهِندو هلڻ. وَجڻُ (ڪنهن بَرتن وغيره جو). گوڻتات ڪرڻ - نَتُ نَتاءُ ڪرڻ - نتائڻ - گسائڻ.

- رِنگَ ع رِنگُون: ث. رُوئڻ جو آوازُ - سنهو روجُ - رِينگو - رِينگَتَ. گهَپِيُ - ڪِلڪِل - ڪِنجهڪو - ڪُرڪو - ڪُرُ ڪُرُ. آنِ جو آواز.

- رِنگائِڻُ: مصدر. رَڙائِڻُ - روڏن ڪرائڻ - رُئاڙڻ. گهپِي ڪرائڻ - ڪِلڪِل ڪرائڻ - ڪُرڪو سَچارائڻ. ڪَتَ تي ويهِي ٽنگون لوڏڻُ (ڪ).

- رِنگائِي ع رِنگائِي: ذ. صفت. ڪِرڪِريو - گهَپيِرُ - رِينگائِي - گهپِيَ خور.

- رِنگ چِنگهَ ع رِنگُون چِنگهَون (ت): ث. سُور سببان دانهن - ڪُٽڪَ. بيمارِي - مَرَضُ.

● رِنگڻُ ع رِنگڻَ: ذ. ڪارِي جي مڇِيءَ جو هڪ قِسم (منهن سٽيلو. پُڇ سنهون، ڊيگهه ۲-۴ فوٽ).

● رُنگڻُ: مصدر. تورِي زياده جي گهُرَ ڪَرڻ - رِينگَ ڪرڻ - گِهلَ ڪرڻ. رونگ گهرڻ - جيڪي مِلي تنهن کان ڪجهه وڌيڪ گهُرڻ.

● رُنگَ ع رُنگُون: ث. جيڪي مِلِي تنهن کان تورو زياده جي گهُرَ - سَوائِي - وَزن کان وڌيڪ. ذرو - ٿورو - پيچڪڙو - چُڪو - ڦڙِي - چُٽڪِي - ٽيپو - هَوَ. پَتِي - حِصو - ڀاڱو (ڪ).

- رُنگُو ع رُنگا: ذ. صفت. زياده گهُرَ ڪندڙ - ڪُرڪُريو - رِنگو - گهَپِي خورُ - ڪِرِڪِريو. لالچِي - هَبڇِي - طَمعِي.

● رِنگوائِي (ت): اسم خاص. ڪوستَن جي هڪ ذاتِ جو نالو.

● رَنگيِون: اسم خاص. تعلقي گونِيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِنگهه ع رِنگهون: ث. روجُ - راڙو - روڏن. فرياد - دانهن. شِڪايت - گِلا. ڪُرڪو - ڪِنجهڪو - چِنگهه. ٽيِسو - خَٿو - ڪَپَتَ -

Gul Hayat Institute

کَسارو (ٻارُ جو بيماريءَ کان) - بيزاري.
ڪِروڌُ - کَهِپي - ڪيڪَيل.

- رِنگهتَ ٻِنگهتَ ۽ رِنگهُون پِنگهُون (ٿ): ٿ. جِسم ۾ ٿوري بيماري جي حرارت. ڪنهن ڳالهه ۾ خاطري جهڙي فيصلي نه ٿيڻ جي حالت ۾ هرهر ذِڪرُ.

- رِنگهي چِنگهتَ ۽ رِنگهُون چُنگهُون: ٿ. رِنجهڪو - ڪِنجهڪو - ڪُرڪو. کهپي - ڪيڪيل - رِنگهتَ رِنگهتَ - رنجهه ڪنجهه.

● رنگهه رِنگهتَ ۽ رِنگهُون رِنگهُون: ٿ. (ٻارُ جو بيماري سبب) چِنگهتَ - ڪِنجِهڪو. هُڙڪي.

● رَنگڻُ: مصدر. [سن. ف. رَنگ] رنگ ڏيڻ - رنگ چاڙهڻ - رَتڻُ - رَچائڻ - ملمع لڳائڻ - رنگ ڪرڻ - رنگڻ (رنگيو - رنگيندو - رنگيل).

- رَنگُ ۽ رَنگَ: ذ. رنگُ - روغن - وَرنُ - مُلمع. صورت - نقش - شڪل - مُهانڊو. چِٽُ - چِٽسالي - گلڪاري - رَنگداري.

● رِنتمَلُ ۽ رِنتمَلَ: ذ. صفت. ڀوليو - پيارو - دِلبر - جاني - سڄڻ. يارُ - دوست - سنگتي - ساٿي - همراه - همرازُ (ڀولـ - مارئي).

● رَنوائڻُ: مصدر. (ڪنهن ڪم جو) نيڪال ڪرڻ - آڪلاءُ ڪرڻ ختم ڪرڻ - پورو ڪرڻ - سَمابت ڪرڻ - سَمپُورن ڪرڻ. نبيرو ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ.

● رَنوتو ۽ رَنوتا: ذ. صفت. آهو ماڻهو، جنهن جي زال مري ويئي هجي - رَنڙُ - رَنوڙُ - رَنڊو - ڏَنيَلُ - ڦَلاوَنتو. ڪُنوارو - وانڍو - ڇڙهو.

- رَنوڙَ ۽ رَنوڙوَن: ٿ. رَنَ زال - مڙس مري ويَل زال - ڦَلاوَنتي - رنوڻي - ڏَنيَلُ - ڏُهاڳڻ. ٿُونڪي - ڪَتلهه - جهيڙائڻ. چَندري - نياڳي - ليدوري. ٻگهڙ زال.

- رَنوڙُ ۽ رَنوڙَ: ذ. رَنڙُ.

- رَنوڙو ۽ رَنوڙا: ذ. صفت. رَنڙُ - رَنوتو.

● رَنيءَ ۽ رَنيُون (ت): ٿ. صفت. (سن. راندّ = عورت) مڙس مري ويل زال - رَنَ زال - بيوه.

- رَنيءَ ٿيڻُ (ت): مڙس مري وڃڻ - بيوه ٿيڻ - رن زال ٿيڻ.

● رَنيءَ ڪوٽُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● رَڻُ ۽ رَڻَ: ذ. ٿ. (سن. رَڻ = جنگ) جنگ - جَدل - جهيڙو - جهٽو - مقابلو - ويڙهه - رَزمُ - يُدَ - جُدُ - لڙائي - معرڪو - ڪاهه. عظيم جنگ. جنگ جو ميدان - لڙائيءَ جو ميدان - رَڻُ ڀُومِ - رَڻُ ڀُومِي - ميدان جنگ. جيئن:

"رَڻُ گجي راڙهو ٿيو"

(شاهه).

- رَڻُ ڀُومَ: ٿ. ميدان جنگ - لڙائيءَ جو ميدان - رڻ - رَڻ پومي.

- رَڻُ ڀُومِي ۽ رَڻُ ڀُوميُون: ٿ. جنگ جو ميدان - رَڻ ڀُونءِ - لڙائيءَ جو ميدان - يُدَ جو ميدان - رَڻ ڀُومِ.

- رَڻُ جيتُ ۽ رَڻُ جيتَ: ذ. صفت. فاتح - سوڀارو - فتحمند - ڪٽيل.

- رَڻُ کيتَرُ ۽ رَڻُ کيتَرَ (ٿ): ذ. ميدان جنگ - رَڻ ڀُومِ - رَڻ ڀُومِي.

- رَڻمَلُ ۽ رَڻمَلَ: ذ. صفت. جنگ بهادر - سورهيه - جهونجهار.

● رِڻُ ۽ رِڻَ: ذ. (سن. آرِڻيه > رَڻ = رِڻ پَٽ) صحرا - بيابان - ويرانو - اُرهُ - آوازُ - جابانُ - دشت - برپٽ - ٿَرُ بَرُ - سُڃ. غيرآباد - آجاڙ - ڀينگ - بيابانِي - ويراني. بربادي - تباهي - تاباني. ظلم - قهرُ - انڌيرُ - ناانصافي - بي انصافي - هاڃو - ناحق - ستياناس - ضرر - خرابي - هرجُ - نقصان - زيان - وِناس - فنا - شَرُ - مصيبت - آپدا. ڇيهُ - کهٽُ - ڏَڪُ - رَٽو.

- رِڻُ پارَڻُ: ظلم ڪرڻ - انڌير ڪرڻ - قهر ڪرڻ - بي انصافي ڪرڻ. تباهي ڪرڻ - برباد ي ڪرڻ - ويراني ڪرڻ - سُڃ ڪرڻ - آجاڙ ڪرڻ - ڀينگ ڪرڻ - تاباني ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- رِڻُ ٻارِي ڏيَڻُ: رڻ ٻارڻ - ظلم ڪرڻ - قهر ڪرڻ - بي انصافي ڪرڻ - انڌير ڪرڻ.

- رِڻُ ڪَرَڻُ: ظلم ڪرڻ - انڌير ڪرڻ - قهر ڪرڻ - بي انصافي ڪرڻ. ڏاڍ ڪرڻ - زبردستي ڪرڻ. سُڃ ڪرڻ - ويراني ڪرڻ - تباهي ڪرڻ - تاباني ڪرڻ.

- رِڻَ ۾ راتِ پَوَڻُ: تڪليف ۾ اچڻ - مصيبت ۾ پوڻ - آزار ۾ پوڻ - مشڪلاتن ۾ پوڻ.

- رِڻَ ۾ رُلائِڻُ: دربدر ڪرڻ - پريشان ڪرڻ. دَغا ڏيڻ - وقت تي ڌوڪو ڏيڻ - اڌ ۾ ڇڏي هليو وڃڻ.

- رِڻَ ۾ رُنارَڻُ: هيجر ۾ هنجون هارائڻ - جُدائيءَ ۾ بيقرار ڪرڻ - وڇوڙي ۾ وايُون ڪرائڻ.

● رُنيجهَہ ۽ رُنيجهُون (ت): ث. يادگيري - ياد - يادگيرو.

● رُڻ جهُڻُ: ث. ڳالهه ٻولهه - گفتگو - گفتار - چُونڪار - جهُونڪار - لاتَ - آلاپَ - سِنو آواز - وٽند ڙ گفتگو. آهستي آهستي ڳالهه ٻولهه - ڦُس ڦُس - سُس ٻُس - چُڻ پُڻ. مينهن جي وسڪاري جو آواز. جهر جهنگ (پيلا).

● رُنڪَڻُ: مصدر. ڪُرڪڻ - ڪِنجهڻ. سُس ٻُس ڪرڻ - پُڻ پُڻ ڪرڻ - پُٽڪات ڪرڻ - چِڀَن ۾ ڳالهائڻ. چِهڪو ڏيڻ - لوڏو ڏيڻ - ڌوڏو ڏيڻ - جهوٻو ڏيڻ - ڏُونداڙ ڏيڻ. (رُنڪيو - رُنڪند و - رنڪيل).

- رُنڪَ ۽ رُنڪُونُ: ث. ڪِنجهڪو - ڪُرڪو - چِنگهڪار. دانهن - رڙ - واڪو. آڻ جو ڪِنجهڻ (ت).

- رُنڪارَ ۽ رُنڪارُونُ (لس): ث. رڍ جو آوازُ - ٻِيڪار.

- رُنڪو ۽ رُنڪا: ذ. ڪُرڪو - ڪنجهڪو - سُس ٻُس - پُڻ پُڻ - پُٽڪات - پِڪو - چِهڪو - لوڏو - ڌوڏو - جهوٻو - ڏُونداڙ.

● رِنو ۽ رِنا: ذ. ويراني - سُڃَ - پينگ (ت). اٽالو - ڪُڙم - ڍَنبلو (ت). قرض - اوڌر - لهڻو - ڏيتي. جيئن:

"رِنهي ۽ رائر جو، مڏ جنهن ڪي هوء"
(گل قند).

- رِنُو وِجهَڻُ: کهُبُ وجهڻ - جيبُ وجهڻ. چيٿڻ - چيٿارڻ - کهوٽڻ.

● رِنيُ: اسم خاص. تعلقي مير پور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَوُ ۽ رَوُ: ث. (ف. رَوِيدَن = وهڻ) وهڪرو - وَهڪ - ريلو - پاڻيءَ جي ڌار. سيلاب - پاڻيءَ جي نيئُن. جوش - ولولو - غُصو - ڪِروڌ - چِڙ - غضب - تيسو، جيئن ته "رَوُ ۾ ڳالهه نڪري ويئي". رستي تان هلڻ جو خيال - ڌُن - موج - فوج - لشڪر - سينا - ڪٽڪ - آڙ ماڙ - ڀلڻ. (ذ) وهندڙ پاڻيءَ ۾ گدِيل مَيِل - مِٽي - لَٽ - راٺو - وارِي - ريت - ميراڻ - ميراڻي. لاڙو - رغبت - جهڪاءُ - خيال - ويچار. سارين جي پوک ۾ قسمين قسمين گاهه (ت).

- رَوُ ڪَيَڏَڻُ (ت): سارين جي پوک مان گاهه ڪيڏڻ - سارين جي پوک ۾ گُڏ ڪرڻ.

- رَوُ ڪَرِي مارَڻُ: ضد ڪري مارڻ - هروڀرو مارڻ - بي گناهه مارڻ. جيئن:

"نه مارج مون ڪري تون رَوُ،
اتي صاحب سندي ماڪ"
(فاضل شاهه).

- رَوُ ڪَرِي وِڙهَڻُ: هَروڀَروُ وڙهڻ - خواه مخواه وڙهڻ - بي گناهه وڙهڻ - ضد ڪري وڙهڻ.

● رُوُ ۽ رُوُ: ذ. (ف) چهرو - مُنهن - مُهانڊو - شڪل - مُکڙو - رُخُ - صورت - شبيهه - وَجهَ - مُهڙ - مُک - مُهاڏو. مٿانهين - مٿاڇرو - سطح، جيئن: "رُو زمين وغيره". (ظرف) سامهون - اڳيان - مقابل - پيش - روبرو - منهن سامهون.

- رُوُبَرُو ۽ رُوُبَرُو: ظرف. آمهون سامهون - مُنهن سامهون - مُنهان مُنهن - مُنهن مُقابل - منهن تي - مهندان - مهند - اڳيان - سَنڪُ - پيش.

- رُوُبَرُوُ اچَڻُ: سامهون اچڻ - اڳيان اچڻ - منهن سامهون ٿيڻ - منهن مقابل ٿيڻ - مهندان اچڻ - آڏو اچڻ.

Gul Hayat Institute

- رُوبَرو آڻَڻُ: سامهون آڻڻ ـ اڳيان آڻڻ ـ پيشُ ڪرڻ ـ حاضر ڪرڻ ـ سَهنُدان ڪرڻ ـ مُنهن مقابل ڪرڻ ـ آمهون سامهون ڪرڻ.
- رُوبَرُو ٿيڻُ: سامهون ٿيڻ ـ اڳيان ٿيڻ ـ آمهون سامهون ٿيڻ ـ منهن تي ٿيڻ ـ پيشُ ٿيڻ ـ حاضر ٿيڻ. صورت ڏيکارڻ ـ شڪل ڏيکارڻ ـ مُهالبو ڏيکارڻ ـ مُکڙو ڏيکارڻ.
- رُوبَرو ڪَرڻُ: سامهون ڪرڻ ـ اڳيان ڪرڻ ـ مُنهن مقابل ڪرڻ ـ آمهون سامهون ڪرڻ ـ پيشُ ڪرڻ ـ حاضر ڪرڻ ـ مُنهن تي ڪرڻ ـ موجُود ڪرڻ. شڪل ڏيکارڻ ـ صورت ڏيکارڻ.
- رُوبَڪارَ ع رُوبَڪارُون: ث. ڪنهن جي اڳيان ٿيل ڪاروائي ـ سامهون ٿيل فيصلو ـ رُوبرو ٿيل ڳالهه. حالت ـ ڪيفيت ـ اوستا ـ گتي ـ دَشا ـ صورت.
- روپوش ع رُوپوشَ: ذ. صفت. منهن لڪايلُ ـ مخفيِ ـ گم شُد ـ پوشيده ـ ڳُجهو ـ لِڪَلُ ـ ڇپيَلُ ـ گُمُ ـ مَفرورُ ـ ڀڳلُ ـ غير حاضر ـ ڀَڄيِ وِيَلُ ـ رَفُو چڪرُ.
- رُوپوشُ ٿيڻُ: پنهنجو منهن لڪائڻ. لِڪڻُ ـ ڇِپڻُ ـ گُمُ ٿيڻ ـ غائبُ ٿيڻ ـ لِڪِي وَڃڻُ. ڀَڄڻُ ـ فرار ٿيڻ ـ آلُوپُ ٿيڻ ـ ڀڄي وَڃڻ.
- رُوپوش ڪَرَڻُ: لِڪائڻ ـ ڀَڄائڻ ـ فَرار ڪرڻ ـ گُم ڪرڻ ـ غائب ڪرڻ ـ مخفي ڪرڻ ـ پوشيده ڪرڻ.
- رُوپوشيِ ع رُوپوشيُون: ث. لِڪَ ـ ڇِپَ ـ گُم شدگيِ ـ ڳُجهَ. ڀاڄَ ـ فَراري.
- رُوداد ع رُودادُون: ث. اڪين ڏٺو احوال ـ رُوبڪار ـ ڪيفيت ـ حالت ـ حقيقت ـ حال احوال. ڳالهه ـ قصو ـ بيان ـ واقعو.
- رُوسياهُ ع رُوسياهَ: ذ. صفت. منهن ڪارو ـ ڪار مُنهون ـ گنهگارُ ـ پاپيِ ـ ڏُهاريُ ـ ذليلُ ـ بَدڪارُ ـ خَطاوارُ ـ بڇڙو ـ بَد اعمالُ. بد نصيبُ ـ نياڳو ـ چنڊو ـ بَد بَختُ ـ نِڀاڳو. بي عزت ـ بي مانُ ـ بي آب.

- رُوسياهُ ٿيڻُ: ڪار مُنهون ٿيڻ. بد نامُ ٿيڻ ـ ذليل ٿيڻ. بَدڪارُ ٿيڻ ـ گُنهگار ٿيڻ ـ پاپِي ٿيڻ ـ ڏُهاري ٿيڻ.
- رُوسياهيِ ع رُوسياهيُون: ث. ڪار مُنهائيِ. بدنامي ـ ذلّتَ ـ ذلالتَ ـ رُسوائيِ ـ بي عزتيِ ـ بي آبيِ ـ بي مانيِ. گنهگاريِ ـ خطا ـ خَطا واريِ ـ ڏوهُ.
- رُوشناسُ ع رُوشناسَ: ذ. صفت. واقفڪارُ ـ ڄاڻ سُڃاڻ ـ سُڃاڻو ـ ڄاڻندڙ ـ سُڃاڻپ وارو ـ واقفيت وارو ـ ڏِٺل وائِٺلَ. مشهور شخص ـ ناليرو ـ نامِيارو ـ ناميورُ.
- رُوشناسيِ ع رُوشناسيُون: ث. واقفيت ـ سُڃاڻپ ـ ڄاڻ سُڃاڻ ـ مُلاقات ـ صاحب سَلامت ـ واقفيِ ـ ڏيٺ ـ عَليڪَ سَليڪَ.
- رُونَما: ظرف. ڏسجڻ ۾ ايندڙ ـ ظاهرُ ـ پَڌرو ـ کُليلُ ـ عامُ ـ مشهورُ.
- رُونَمائيِ ع رُونَمائيُون: ث. مُنهن ڏيکارڻ جي حالَت ـ ديدارُ ـ ڏيکائيِ. شادي ءَ جي هڪ رسم.
- رُونَمائيِ ڏِيَڻ: ڏيکائيِ ڏيڻ ـ ڏيکارو ڏيڻ.
● رَوا ع رَوائُون: ظرف. [ف. روانُ = جاري] لَسَ ـ سڌو ـ سنئون ـ بنا رنڊڪ ـ بنا اٽڪ ـ بنا هٻڪ. (ث) پڙهڻ جو هڪ نمونو ـ بنا هيج جي پڙهڻي ـ لَسَ پڙهڻي ـ رَوانُ. ڪتاب يا قرآن شريف جي بنا معنيٰ پڙهڻي.
- رَوا پَڙهَڻُ: لس پڙهڻ ـ بنا هيج جي پڙهڻ. بنا معنيٰ پڙهڻ ـ روان پڙهڻ.
● رَوا ع رَوا: ذ. صفت. (ف. رَوان = جاري، هلندڙ). رائج ـ مُروّج ـ جاري ـ چالُو ـ وهندڙ ـ هلندڙ ـ حَقِي ـ جائز ـ حَقائتو ـ حَلالُ ـ حَلالِي ـ رِهندو ـ حق حلال جو ـ قانوني ـ شرعي ـ باقاعدي ـ دُرست ـ برابر ـ صحيح ـ اصل ـ هُورو ـ واجب ـ جڳائتو ـ لائق ـ نهندو ـ لائق لڳو ـ مُباح ـ ٺيڪ ـ رِهائيندو ـ مُناسب ـ چڱت جهڙو.
- رَوادارُ ع رَوادارَ: ذ. صفت. قبول ڪندڙ ـ جائز سمجهندڙ ـ مڃيندڙ ـ ڀانئيندڙ ـ اقراري ـ

Gul Hayat Institute

قبولدار - رضامند. چاهيندڙ - گهرندڙ - پيار ڪندڙ. خيرخواهه - ڀلو گهرندڙ - همدرد - خير انديش. طرفدار - ساٿي - ٽيڪو ڏيندڙ - مددگار - واهرو - سهائتا ڪندڙ - همراهه - ھٿيرو - حمايتي - پاسو وٺندڙ - بدلو ڪٺندڙ - وَتِ ڪٺندڙ. پنهنجو ڏوهه پاسي، ٻئي کي ڦاسائيندڙ - سرڪاري شاهد.

- رَوادارِي ۽ رَوادارِيُون: ث. مدد - واهر - سهائتا - اوٽ - حمايت - ھٿيرائي - همراهي - پرجهلو - بَدلو - پاسو - وَتِ. منظوري - اقرار - قبوليت - مڃتا - هائوڪار.

- رَوا رَکَڻُ: جائز رکڻ - مباح سمجهڻ. جاري رکڻ - چالُو رکڻ - هلندو رکڻ - مُروج رکڻ. منظور ڪرڻ - قبول ڪرڻ - اقراري ٿيڻ - رضامند ٿيڻ - اجازت ڏيڻ - موڪل ڏيڻ.

- رَوا سَمجهَڻُ: مُباحُ سمجهڻ - جائز سمجهڻ - حقي سمجهڻ - صحيح سمجهڻ - دُرست ڄاڻڻ - ٺيڪ سمجهڻ - برابر سمجهڻ.

- رَوا ڪَرَڻُ: جائز هجڻ جي فتوا ڏيڻ - جائز ٺهرائڻ - مباح ڪرڻ - لازمي ڪرڻ - حقي ڪرڻ.

● رُوا ۽ رُوا (ل): ذ. رُئڻ جو آواز - رُڏات - روڄ - رُواءُ.

- رُواتُ ۽ رُواتَ: ذ. رُوا - رُواءُ.

● رَواتَڻُ: مصدر. گَهَڻُ - ڪُرڙڻ - گَسائڻ - لَسو ڪرڻ - سِڏائيءَ تي بيهارڻ - سنئون ڪرڻ.

- رَواتُ ۽ رَواتَ: رَواتُون: ث. لوهارڪي اوزار جو هڪ قسم - رَواتِي - تڪوري - سونهڻ.

- رَواتِي ۽ رَواتِيُون: ث. لوهه کي لَسي ڪرڻ جو هڪ لوهارڪو اوزار - رَوات - تڪوري - سُولهڻ.

● رواجُ ۽ رَواجَ: ذ. (ع. رَاجَ = آساني سان وِڪرو ٿيندڙ هو). عام دستور - راهه ريت - هلي چلي - ريت - رَسم - ھرويو - ٻَرَ. مَرجاتا - وَتيرو - استعمال. ڍنگ - پِتَ - ڍَبُ - ڀارُ - طرح - وَجههُ - دستور - هلت - ڍار - لمولو - قسم - پرڪار - ڍؤل - گيراهڪي - ورتاءُ - مُحاورو - چَلت - طريقو - رَوش - سرشتو - قانون - قاعدو. معمول، وات - طور - طرز.

- رَواجُ ٿِيَڻُ: رسم پوڻ - جاري ٿيڻ - رائج ٿيڻ - عام ٿيڻ - عمل ۾ اچڻ - دستور ۾ اچڻ - سرشتو پوڻ.

- رَواجُ ڏِيَڻُ: جاري ڪرڻ - چالو ڪرڻ - مروج ڪرڻ - عامُ ڪرڻ - استعمال ۾ آڻڻ - عمل ۾ آڻڻ.

- رَواجَ ۾ آڻَڻُ: (ڪنهن رواج) وجهڻ - شروع ڪرڻ - جاري ڪرڻ - چالو ڪرڻ - عام ڪرڻ - مروج ڪرڻ. (بِلُ) پيش ڪرڻ. ڪابه نئين رسم سماج ۾ اندر آڻڻ - گهڙڻ - وجهڻ - داخل ڪرڻ.

- رَواجِي ۽ رَواجِي: ذ. صفت. رواج ۾ آيل - هميشه جو - معمولي - دستوري - رِيتائتو - مُروجُ - دستور موافق. اڪثر - عموماً - گهڻو ڪري - عام - چالُو - استعمالي - رسمي - قانوني - حقي. ساڌارڻ - اهڙو جهڙو - هالُو چالُو - ڀُورو ڀُنو. خسيس - ڪين جهڙو - هلڪو - ٿوري مُله، وارو - سادو.

- رَواجِي طَرَحَ: ظرف. عام نموني - هميشه وانگر - عام طرح - هُونءَ - دستور موافق - گهڻو ڪري - معمول وانگي.

● رَوازُ ۽ رَوازَ: ذ. اِسم. رِياءُ - ڀاسخاطري - وَتپَ - ڀاسخاطر - لحاظ - رعايت - ڀاسو - مَرُوَت. خاص شوق - ڏاڍي دل - حُب - لاڙو - رغبت - پيار - قرب - عشق - موهه. بَڪ شَڪ - بَڪواز - لَباڙ - واهيات گفتگو. مسخري - چَرچو - گهٻو - مشڪري (ڪ). چربي - سٿپ - تنت مال - روغن - چڪنائي.

- رَوازِي ۽ رَوازِي: ذ. صفت. رِياءُ ڪندڙ - رِيائي - ڀاسو ڪندڙ - ٻَڪَ ڀاتِي - ٻه اکيو - رِيائي - رِياءُ خور - ڀاس ڪندڙ - رِعايتي - لحاظي - ڀاسخاطر ڪندڙ - تنهه دار - حمايتي - ھٿيرو - هڪ طرفو ڳالهائيندڙ - ڀاسداري ڪندڙ - بي انصاف. ٺڳُ - ڪُوڙو - ويساهه گهاتي - بدمعاش.

● رَواش ع رَواشَ ؛ ذ. لذيذ کاڌي جو هڪ قسم- مَليدو- ڪاڄ کورمو- سترچيي.

● رُواڪيي ع رُواڪيون (ڪ): ث. ٻڪيءِ جو هڪ قسم- رُوئاڪيي.

- رَوان ؛ صفت. [ف. رَوان = هلندڙ] جاري- وَهندڙ- هلندڙ. مُروّج- چالُو- وَرتمان- لَبالَب- ڇڪندڙ (ڦَٽ). عام- رواجيي- ساڌارڻ- معموليي- هڪجهڙو. تيز- تيکو- جَلد- ڇُوهو- جهٽ پٽ- ٻجليي- هڪدم. (ث) ٻنا معنيٰ ڪتاب يا قرآن شريف پڙهڻ جي حالت- ٻنا هيج پَڙهڻ جو هڪ نمونو- لَس پڙهڻي- سِڌي پڙهڻي- رَوا.

- روان ٿيڻ: جاري ٿيڻ- وَهڻ. هلڻ- راهيي ٿيڻ- رَوانو ٿيڻ- نڪرڻ- آسهڻ- لَڏڻ- چِڏڻ- ڦِرڻ- ٽَجڻ- ٽِيا ڳَڻ- جُدا ٿيڻ- موڪلائڻ. تيز ٿيڻ- ڇُوهو ٿيڻ- جلد ٿيڻ- جهٽ پٽ ٿيڻ- تَڪڙو ٿيڻ. زبان تي چڙهڻ- ڏُور ٿيڻ- مشق ٿيڻ- وِرد ٿيڻ. ياد ٿيڻ- ٻرزبان ٿيڻ (سبق وغيره).

- رَوان پَڙهڻ: لَس پَڙهڻ- ٻَڪساهيي پڙهڻ- رَوا پڙهڻ- لَسُو پڙهڻ- ٻنا آنڪ پڙهڻ- سَوَلائي سان پڙهڻ- ٻنا هَڄڪ جي پڙهڻ- ٻنا هيجيي جي پڙهڻ.

- رَوان ڪَرڻ: جاري ڪرڻ- هَلندو ڪرڻ- چالو ڪرڻ- مُروّج ڪرڻ. روانو ڪرڻ- آسهڻ- راهيي ڪَرڻ- موڪل ڏيڻ. تيز ڪرڻ- تِکو ڪرڻ- ڇُوهو ڪرڻ.

- رَوانگيي ع رَوانگيون: ث. ٻاهر وڃڻ جي حالت- ڪُوچ- آسهڻ- موڪلائيي- نيڪاس- نِهڪال- لِيڪَٽ- موڪَل- آمائُپ. چالائُو- رِحلَت. ٻاهر ويندڙ سامان- ٻئي مُلڪ ڏانهن ويندڙ مال.

- رَوانو ع رَوانا: ذ. صفت. هَليو- موڪِلايو- آمائُپ- روانگيي- آسهپ- ڪُوچ.

- رَوانو ٿيڻ: ڪنهن منزل ڏانهن وڃڻ شروع ڪرڻ- وَڃڻ- رُخصت ٿيڻ- آسهڻ- رَوان ٿيڻ- هَليو وڃڻ- هَلڻ. موڪِلائڻ- چالائو ڪرڻ- لاڏائو ڪرڻ- مَري وڃڻ- فوت ٿيڻ- ٽِيا ڳَڻ.

- رَوانو ڪَرڻ: مُنجڻ- موڪلڻ- ٻوڙائڻ- آسهائڻ- پيڄڻ- آمائڻ- ارسال ڪرڻ- رخصت ڪرڻ. آڪلائڻ- نِيبيڙڻ.

- رَوانيي ع رَوانيون: ث. هَلَنديي- وَهَڪَ- وَهڪرو. تيزِي- تيڪَ- ڇُوهائيي- تِکائيي- جَلدائيي.

● روائِتو ع رَوائِتا: ذ. صفت. پُورالو- خشڪيي- رِيُچڪيي- لَهري- تَرنيڪيي- وَهميي- لَهرائِتو- مَن مَوَجي- خشڪِيي- مزي جهڙو- خام خياليي- دِلوالو- مَتلون.

● رَوايَت ع رَوايتون: ث. (ع) ڪنهن جي ڳالهه جو نقل- ڪنهن جي چيل ڳالهه. تَواريخَ- اِتهاس- ورتانت. ڪيفيت- بَيان- داستان- نامو- آکاڻي- قِصو- ڪهاڻيي- ڳالهه- حڪايت- ڪَٿَنَ- ڪَٿَهات- نقل- ڳالهه- ساکيي- ڏَندڪٿا- سِيمرتيي- آفسانو- چَوَڻيي- چَوَتَ.

● روباهَ ع رو'باهَ: ذ. [ف] جانور جو هڪ قسم- لُومڙ- لُوڪڙ.

- روباهَ بازِي ع روباهَ بازِيون: ث. مَڪاريِ- ٺڳيي- دغا- فريب- بدمعاشي- ويساهه گهاتيي- عيّارِي.

- رو'باهيي ع روباهيون (ت): ث. دغا- دوکو- ٺڳي- مڪارِي- فريب- ويساه گهاتي.

- رو'باهيي ڏِيڻ: دَغا ڪرڻ- دوکو ڏيڻ- فريب ڪرڻ- ويساه گهاتي ڪرڻ- ٺڳي ڪرڻ.

● رُوبَڪار ع رُوبَڪارُون: ث. [ف] ڪنهن جي اڳيان ٿيل ڪاروائي- سامهون ٿيل فيصلو- روبرو ٿيل ڳالهه. حالت- آوسٿا- گَتيي- دَشا- رُوئداد- حال- ڪيفيت- صورت- حقيقت. اسڪيل حڪم- فرمان.

- رُوبَڪارِي ع رُوبڪارِيون: ث. قاعدي جي ڪاروائي- مقدمي جي سَماهَت- ڪارگذاري- حقيقت- سماچار- سُڌ سماءُ- احوال- فيصلو- بيانُ- سمجهاڻي. حڪمنامو- فرمان.

Gul Hayat Institute

● رُوپاڙَ ج رُوپاڙُون: ث. رُونب.
● روپو ج روپا: (ل. ت): ذ. تڪليف ـ ڏُک ـ دقت ـ اٽڪ ـ مُونجهه ـ مصيبت ـ ڏکيائي ـ مشڪلات ـ پريشاني.
● روتُ ج روتَ (ت. ڪ): نيدا. ڪنهن جي مسلسل سڏن ڪان ڪڪ ٿي، ڪاوڙ ۾ ڏنل جواب ـ پوڏ ـ قوت.
● روتَڻُ (ت): مصدر. ڪنهن پوک جا سلا يا ٻيجو، هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ ـ ٽڊارڻ ـ رُلبڻ ـ وِهرڻ ـ وَهراج ڪرڻ ـ رونبو ڪرڻ.
ـ روتَ ج روتيُون: ث. هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ لڳايل سَلو ـ وَهراج ـ رُنب ـ رونبو ـ وِهَر.
ـ روتِ هَڻَڻُ: پوک جا ننڍا سَلا يا ٻيجو، هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ ـ وِهراج ڪرڻ ـ رونبو ڪرڻ ـ وِهَر ڪرڻ.
● روتَ ج روتُون: ث. صفت. رُڏُ ـ دُنبو ـ ٿُلهو ـ سَپر ـ مُٽڪو ـ دوٿر ـ سٿر وٿر ـ دُدَستو ـ لوتَ (ث) زمين ۾ هنيل يا گڏ پوکيل ننڍن ٻوٽن جو ٿورو انداز. گهڻائي ـ گهاگيهه ـ مٿاست ـ وَلر ـ هَشام ـ انبوهه ـ بيشمارُ ـ ڍَڳ ـ سَٿو. جيئن: "مکڙن جي روتَ لڳي پئي آهي".
● روتُ ج روتَ: ذ. وڏي ماني ـ ٿُلهي ماني ـ روڍلو ـ روٽيلو. ڳُڙُ ۽ اٽي مان تيار ڪيل مٺي ۽ ٿُلهي ماني. ديوتائن کي نظرالي ڏيڻ لاءِ هندن جي تيار ڪيل مالي. پنيي، گڏ ڪيل اٽي مان پچايل ماني. جيئن: "بهاؤالدين جو روتُ، شاهه پنجي جو روتُ، وغيره".
ـ رُوتُ ڪَرَڻُ: هندن جو واڏاڻ يا ڪنهن ٻئي موقعي تي مَهاديو جي نالي سنا لولا ورهائڻ. مسلمانن جو ڪنهن اولياءَ "شاهه پَنجي يا غوث بهاؤالدين ملتاني" جي نالي مانيون خيرات ڪرڻ.
ـ روٽيلو ج روٽيلا: ذ. ٿُلهي ماني ـ وڏي ماني ـ روتُ ـ روڍلو ـ ڍوڍو ـ نانُ.

ـ روٽو ج روٽا (ت): ذ. ٻاهه جي اندر پچايل اٽي جو گول ننوڙو ـ ڪوڪي.
ـ روٽي ج روٽيون: ث. ٿلهي ماني ـ وڏي ماني ـ روٽلو ـ ڍوڍو. ماني ـ نانُ ـ ڦُلڪو ـ ڊُڳڙي ـ چپاتي. رزق ـ کاڌو ـ قُوت ـ چُوٽو ـ داڻوڪٽو.
ـ روٽيءَ تانُ ٿابو اچڻُ: نياڳُ لڳڻ ـ بُرائي چڙهڻ ـ بدقسمت ٿيڻ ـ بدنصيب ٿيڻ ـ بدبخت هجڻ ـ ڪَمَهري اچڻ ـ آيو رِزق موٽڻ. نقصان پوڻ ـ چيهو پوڻ ـ ٽوٽو پوڻ.
ـ روٽيُ ٽاٽوُ (ت): ذ. مانيءَ جي سهل ـ منجهند ـ پيهر ـ پيهرو.
ـ روٽيُ ٽاهڻُ: ماني ٽاهڻ ـ کاڌو تيار ڪرڻ ـ رَسوئي ڪرڻ.
ـ روٽيُ ڪپڙوُ: ذ. ماني گندي ـ کاڌ خوراڪ ۽ گندِي ڪپڙي جو خرچ. ضرورت جو سامان.
ـ روٽيُ ڪَرَڻُ: روٽي پچائڻ ـ ماني ٽاهڻ ـ رَسوئي ڪرڻ. ڪنهن جي دعوت ڪرڻ ـ ماني موڪلائڻ.
● روٺُ ج روٺَ (ت ـ ث): ذ. صفت. سخت ـ ڏاڍو ـ سٽاٺو ـ سوٽُ. سڪل ـ ٺوٺ ـ سُڪو. هيڪَل ـ بهادر ـ پهلوان ـ جوڌو ـ سورمو ـ دلير ـ وِيرُ ـ قَوي ـ جُنگُ. اڻ ٽَڪ ـ اڻ ورچُ ـ آوِرچُ.
ـ روٺُ مُنهِنُ: ذ. صفت. خُشڪ طبع ـ سُوٽو مُوٽو ـ رُکَ مُنهون.
ـ روٺو ج روٺا: ذ. صفت. روٺُ.
ـ روٺي ج روٺيُون: ث. روٺُ. سوپارين جو هڪ قسم ـ روٺيون سوپاريون.
● روپُ ج روپَ: ذ. (س. روپُ=چاندي) ڌاتوءَ جو هڪ قسم ـ چاندي ـ رُپو ـ سِلورُ. روپو برتن ـ روپو سِڪو.
ـ روپو ج روپا: ذ. صفت. چانديءَ جو ـ چانديءَ جهڙو ـ چانديءَ مان ـ چانديءَ وارو.
ـ روپَهرو ج روپَهرا: ذ. صفت. رُپهي جو ـ رُپهي وارو ـ چانديءَ جو ـ چانديءَ وارو.

Gul Hayat Institute

- روپيو ۽ روپيا: ذ. چانديءَ جو هڪ سڪو (جنهن جو مُلهه ١٦ آنا آهي) - رُپيو.
- روپيو پيسو ۽ روپيا پيسا: ذ. دولت - ناڻو - مال اسباب - ڌنُ - ملڪيت - پئسو ڏوڪڙُ - روڪڙ.
- ● رُوپُ ۽ رُوپَ: ذ. [سن. رُوپُ = سُنهن] سُهانڊو - سُڪ - سُگهڙو - سُهڙُ - پُوتُ. ڍَولُ - آڪارُ - گهاٽُ - ڍَنگُ - آچارُ - ويسُ - بانو - نمونو - ريت - طرح - طريقو. سُونهن - خُوبيءَ - حُسنُ - سوپيا - خوبصورتيءَ - خوبيءَ - نيزاڪتَ - سُهڻائيءَ - جمالَ - شُوپا - جوڀنُ. رنگ - رنگت. رَوَنقُ - چمڪو - جلوو - جوتُ - روشني - جهلڪ. صُورتَ - تصويرَ. سانگُ - بهُروپُ - بناوتي صورت. حالت - سمان - حالَ.
- رُوپارو ۽ رُوپارا (ت): ذ. صفت. روپارو - روپوانُ - سُهڻو - حسينُ - سوپياوانُ - سَلُوڪُ. (ث. رُوپاري ۽ رُوپاريُون).
- رُوپُ انترتا: ث. اختلاف شڪل - بهُروپيءَ - ويسُ ڌارِي.
- رُوپُ بدلڻُ: ويسُ بدلڻ. شَبيهه بدلڻ - صورت بدلڻ - شڪل بدلڻ. بهروپي ٿيڻ.
- رُوپُ بگاڙڻُ: شڪل خراب ڪرڻ - بد صورت ڪرڻ.
- رُوپُ ڌارڻ: ڪابه صورتَ اختيار ڪرڻ (جيئن هندن وٽ ديوتا ڪا شڪل وٺندا آهن). صورت ٺاهڻ - شڪل ٺاهڻ. سانگ ڪرڻ - بهُروپيءَ ٿيڻ - ويسُ ڌارڻ.
- رُوپُ ڏيکارڻُ: صورتَ ڏيکارڻ - شڪل سُهانڊو ڏيکارڻ - ديدار ڪرائڻ - سُگهڙو پسائڻ.
- رُوپ ساگرُ ۽ رُوپَ ساگرَ: ذ. حُسنُ جو سمنڊ - بيحد حُسنُ - تمام گهڻي سُونهن. (صفت) حسينُ - سُهڻو - سوپياوانُ.
- رُوپُ سينُ: ذ. صفت. روپوان - سوپياوانُ - سُهڻو - حسينُ - سَلُوڪُ. جيئن:
"ڪاڪل ڪالهه ڏٺم رُخسارن تي رُوپُ سين"
(شاهه)

- رُوپُ ڪيڏنُ: رَنگُ ڪيڏڻ - جوڀنُ ڪيڏڻ - نکارُ ڪيڏڻ - جوانيءَ ۾ آچي حسينُ ڏيکائي ڏيڻ. چمڪڻ. ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ.
- رُوپ مٽائڻُ: شڪل ڦيرائڻ - صُورت بدلائڻ. ڇمڙا پوش ڪرڻ.
- رُوپُ نِڌانُ ۽ رُوپَ نِڌانَ: ذ. حُسنُ جو مَڪانُ - سُونهن جو گهرُ - آٿاهه حُسنُ - بيحد سُونهنَ.
- رُوپَ وانُ ۽ رُوپَ وانَ: ذ. صفت. روپوَنت - سوپياوان - خوبصورتُ - حسينُ - سُندرُ - سُهڻو - سَلُوڪُ.
- رُوپُ وَنتُ ۽ رُوپَ وَنتَ: ذ. صفت. روپوان - سوپياوان - صورتوند - خوبصورت - حسينُ - سُندرُ - سُهڻو - عُمدو - ٺاهوڪو - سوچارو. سُدرشنُ - زينت پريو - نيزاڪت وارو.
- رُوپُ وَنتيُ ۽ روپَ وَنتيُون: ث. صفت. روپوان - حسينُ - سُهڻي - سندرُ - سلُوڪُ - حسينه.
- رُوپيُ ۽ رُوپيُ: ذ. صفت. روپوان - شڪل وارو - حسينُ - سُهڻو. ڦرندڙ گهيرندڙ خيالن وارو - سَوَدائيءَ - خفقانيءَ - آڌ مغز يُ(ت).
- ● رُوپا ۽ رُوپا: ذ. [ف. روباهه = لومڙ] جانور جو هڪ قسم - لُومڙُ - لُوڪڙُ - لُومڙِيو.
- رُوپامڪي: ث. پساري وکر جو هڪ قسم (چانديءَ کي ڳارڻ وقت ڪوٺاريءَ ڪي لڳل چانديءَ جو فاسد مواد).
- ● روپاهُ: اسم خاص. تعلقي ٺٽي الهيارِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ● روپاهيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (بلوچستان جي روپاه شهر مان آيل هندو).
- ● رُوپڪُ ۽ رُوپڪَ: ذ. [سن. رُوپ + شڪل] تمثيل - قصو - ڪهاڻيءَ - آکاڻيءَ - ڪٿا - ڳالهه - نقلُ - نظيرُ - ورتانتُ - بيانُ.
- رُوپڪُ مئي: صفت. تمثيليءَ - بي بُنياديءَ - جُڙتو - هٿراڌيءَ - بي بُنيا - واهيات - مَن گهڙت.

Gul Hayat Institute

● رُوُپُ مجنون ٺ رُوُپَ مَجنانُ: ذ. ڪُلَ جو هڪ قِسمُ.

● روُپَهَرُ: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُٻَهُروُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُپَهُرِيُ: اسم خاص. تعلقي ۽ گهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُجيُ ٺ روُجيِئُونُ: ث. (ف. روزي جو بگڙيل آچار) روزي - رزق - چوٽو - داڻو - کاڌو - ان داڻو - چوٽو پاڻي.

● روُجُ ٺ روُجَ: ذ. (سن. روجن > رُدُ = رُئڻ) رودن - رُئڻ - راڙو - راڙه - گِريه - زاري - ماتم - پِٽڪو. دانهن - فرياد - ڪُوڪ - ڪِهڪ - رِڙهه - ڪِيڪڙاٽ - ڪُوڪڙاٽ - واويلا - آه و فغان.

- روُجاتُ ٺ روُجاتَ (ت): ذ. روجُ - رودن - راڙو.

- روُجُ راڙوُ ٺ روُجَ راڙا: ذ. رُئڻ جو آواز - دانهن ڪُوڪ - آهه و زاري - روج - رودن - راڙو - راڙه. دانهون - ڪُوڪُون - فرياد - ماتم.

● روُجهُ ٺ روُجهَ: روُجهُونُ: ذ. ث. (پرا. روجهو: سن. رَشيَ) جانور جو هڪ قسم - جابلو هَرڻ جو هڪ قسم - چؤسڱو هَرڻ - اڇن پيرن سان ڦاڙهو. ڳئُون جي شڪل تي هڪ ڦاڙهو - نيلي ڳئُون. (هي هرڻ حب نديءَ جي پاسي گهڻا ٿين، ماڻهن جي ڊپ کان اڪثر رات جي وقت لديءَ مان اچي پاڻي پيئن). جيئن:

"روجهه ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾" (شاهه).

● روُجهامُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾).

● روُجهاڻُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُجهائيُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُجهوُ ٺ روُجها: ذ. صفت. ڪڪ رنگو چهرو - ڪَڪو رنگ - ڪَڪوريل - پُورو. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم. (ث. روجهي ٺ روجهيُون).

● روُچيُ ٺ روُچيِئُونُ: ث. (ف. روزي جو بگڙيل آچار) روزانو کاڌو - روزينو - روزي - گذران - رزق - چُوٽو - خورش - ان پاڻي - داڻوڪڻو. جيئن:

"آئي تہ روچي، ٽري تہ بَلا" (چوٽي).

● روُحُ ٺ روُحَ (ارُواحَ): ذ. (ع) ٿڌي هوا - خُنڪي - ٿڌاڻ. خوشبو. فرحت - تازگي - آسائش. علم حڪمت جي اصطلاح ۾ "لطيف ٻاڦ" جا دل ۾ پيدا ٿي، باعث حياتي بڻجي - آتما - جانُ - جيوُ - جيءَ - پرانُ - ساهه - سانس - دَمُ - جياپو - حياتي - جِندُ - جانُ - زندگي - ساسُ - نفس الامر - امر اِلاهي. دِل - قلب - هِردو - هِنيون - هيانءُ - مَنُ. سَت - عرق - نِچوڙ - جوهر - خلاصہ - تَت. مرضي - خيال - اندروني خواهش - لاڙو - رغبت - نِيَّت - اِرادو. جيئن: "روُح جو لاڙو" وغيره.

- روُحُ اعُظَمُ: ذ. اعليٰ روح - وڏي هستي - بزرگ هستي - پاڪ هستي - سڀ کان مٿاهون.

- روُحِ افزا: ذ. صفت. فرحت وڌائيندڙ - مفرح. تازگي ڏيندڙ - تراوت بخشيندڙ - دل کي قرار ڏيندڙ.

- روُحُ الاَميِنُ: امانت دار روح - حضرت جبرئيل جو لقب (جو خدا تعاليٰ جو پيغام رسول مقبول صلي الله عليه و سلم جن وٽ، جيئن جو تيئن پهچائيندو رهيو).

- روُحُ اللهِ: ذ. الله تعاليٰ جو روح - حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو لقب (جو بنا پيءُ پيدا ٿيل هو).

- روُحُ اِلاهيُ: ذ. خدائي روح - اِيشوري آتما.

- روُحُ القُدُسُ: ذ. پاڪُ آتما - پاڪ روح - پاڪ قلب (مسلمانن وٽ حضرت جبرئيل عليہ السلام ۽ عيسائين جي اعتقاد موجب خدا تعاليٰ جي اها

Gul Hayat Institute

حالت، جڏهن هو روحن کي هدايت بخشي نيڪي جي ترغيب ڏئي ٿو).

= رُوحانِي ۽ رُوحانِيُ: صفت. روح جو - روح وارو - روح مان واسطو رکندڙ - آتمڪ - رحمالي - آڌيہ آتماني - غير جسماني - لِير آڪارُ - غير فاني - آسريرو - آصورت. اندرولي - اندريون - باطني - ڳُجهو. پاڪُ - صافُ - مقدس - پوترُ - سچورو.

● رُوحانيّتَ: ث. رُوحِي قُوّتَ - رُوحانِي قُوّت - دِل جي صفائي - دِل جي سچائي - مَن جي پاڪائِي.

= رُوحانُو ۽ رُوحانَا (ت): ذ. صفت. رُوحُ جو - دِل جو - رُوحانِي.

= رُوحانُو لُولُو ۽ رُوحانَا لُولا (ت): ذ. مَرِي وِيل مائٽن جي رُوحَنُ جي اِيتَ ڏلل مالِي - ونڊُ جي ماني.

= رُوحُ پِنيڪَنُ: روح جو هيڏانهن هوڏانهن ڦِرڻ - ڪنهن شئي ڏسڻ لاءِ پريشان ٿيڻ - واجهائڻ - ڳولڻ - نِهارَڻُ - تڪليف ۾ مبتلا ٿيڻ. رلڻ - دربدر ٿيڻ - پِنڪڻ - خوار خراب ٿيڻ.

= رُوحُ پَروازُ ڪَرَڻُ: ساهُ نڪرڻ - دَمُ نڪرڻ - مَرڻ - وفات ڪرڻ - پراڻُ ڇڏڻ - چالاڻو ڪرڻ - لاڏاڻو ڪرڻ - ڏيهه تيا ڳڻ - فَوْتي ٿيڻ.

= رُوحُ پَرْوَرُ: ذ. آتما کي پالينڌڙُ - روح جي پَرْوَرِش ڪندڙ.

= رُوحُ خَبِيثُ ۽ رُوحَ خَبِيثَ: ذ. شيطانِي روح - ناپاڪ رُوحُ.

= رُوحُ رَچندو ۽ رُوحَ رَچندا: ذ. صفت. دِل گُهريو - مرضيءَ سوافق - خواهش پٺاندر - دِل تي - دِل پَسندُ - دِل کي وڻندڙ - مَن گُهريو - مَرضيءَ موجب - دِل خوشُ.

= رُوحَ رَوانُ: ذ. صفت. دِل کي تحرڪ ۾ آڻيندڙ - دل کي ڇِڪَ ڪندڙ - پسند ايندڙ - وڻندڙ.

= رُوحُ رِيٺو ۽ رُوحَ رِيٺا: ذ. دِل جو لاڙو - دِل جي ڇِڪَ - قُربُ جو ڪادو - مَنَ جي اڪيڙَ - آڪَنڊَ - حُبَ - تَابُ جي ڪشش - هيو دي جي ڇِڪَ.

= رُوحُ رِيٺو ڊِيَڻُ: دِل ڪَيَڻُ - چاهڻُ - تَڙُ قَڻُ - اُسڪائڻ - دِل هُڙڪڻ - آنڌا آتڻُ - (ساهَ جا) - سِڪَڻُ - دِل ڇِڪيُون ڏيڻ - آڪنڊجڻ - دِل پِرَجي آچڻ - دِل جي ڪشش ٿيڻ - دل جو لاڙو ٿيڻ - مَنُ جو سوه ٿيڻ - رغبت ٿيڻ.

= رُوحُ فَرْسَا: ذ. صفت. روح کي ناسُ ڪندڙ - روح کي ستائيندڙ - روح کي مارينڌڙ - روح کي تڪليف پهچائيندڙ - افسوسناڪ - دِل پيچائيندڙ.

= رُوحُ ڪَيَڻُ: روح قبض ڪرڻ - ساهُ ڪيڻ - مارَڻُ - پراڻ ڪيڻ - سَتُ ڪيڻ - جوهَرُ ڪيڻ - نِچوڙُ ڪيڻ - عرق ڪيڻ - تَتُ ڪيڻ.

= رُوحُ مُتَحَرِڪُ: ذ. سارو بَدنُ - جِسمُ - ديهُه - پِڊَرُ.

= رُوحُ نَبَاتِي: ذ. نباتات جو رُوحُ - زمين مان آپرندڙ شين جو جوهَرُ.

= رُوحُ نِڪرڻُ: ساهُ نڪرڻ - مَرڻُ - فوتُ ٿيڻ - ڏيهه تيا ڳڻُ - پِراڻ ڇڏڻ - دَمُ نڪرڻ - وَفاتي ڪرڻ. عَطرُ نڪرڻ - سَتُ نڪرڻ - جوهَرُ نڪرڻ - نِچوڙُ نِڪرڻ - عرق نڪرڻ - تَتُ نڪرڻ.

● رُودُ ۽ رُودَ (ڪ): ذ. ڪاري جي پيڙيءَ ۾ ڪَپِينُ اندر ڦِرندڙ لوهه يا ڪاٺُ جا گول ٽُڪر - گِرٽِي - گِيرٽو - ڪَپِي - چَرخِي.

● رُودُ ۽ رُودَ: ذ. گار - بَدسُخن - بَدڪَلام - بَدالفاظ. شودپائِي - بدمعاشي - ڪالينگهائِي - لُچائِي - حَراميائِي - حرڪتبازِي.

= رُودِ بَار ۽ رُود بارون: ث. (ف. رود = نهر + بار > باريدن = وَسَڻُ) گهڻين نَهرن جي جارِي ٿيڻ جي جاءِ. وڏي لڏي.

= رُود مَنڻُ: گاريون ڏيڻ - بدسُخن ڳالهائڻ - بدالفاظ ڪيڻ - بَدڪلام ڪيڻ. گارگند ڪرڻ. شودپائي ڪرڻ - بدمعاشي ڪرڻ - ڪالينگهائِي ڪرڻ.

● روُدالُ ۽ روُدالَ (ت): ذ. خراب گوشت - ڪِنو گوشت.
- روُدَڙِ ۽ روُدڙِيُون (ت): ث. بي ڍ کو - خراب - ڪِنو - ٻِڇڙو - بَدُ - گندو.
● روُدنُ ۽ روُدنَ: ذ. (سن. روُدَن) روڄُ - راڙو - رودن - واڪا - دانهون - فرياد - ماتم - نالو - آھ و فغان. ڳَهُپِي - ڪِلڪِل - جهيڙو.
- روُدَنُ ڪَرَڻُ: روڄُ ڪرڻ - رُئڻ - رودن مَچائڻ - رُئڻ پِٽڻ - واويلا ڪرڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ - هنجون هارڻ - لُڙڪ وهائڻ. جهِڄَڻ - جهُرڻ - تپِڻ - نيٽڻ - ڳِڙڻ.
● روُدِنائِي: اسم خاص. هڪ ذات جو الو "ڪومن جو پاڙو".
● روُدوُ ۽ روُدا: ذ. آنڊو - گِهڇو - پيٽڪ - آنتو - انترو. نار - زهَ.
- روُدوُ ۽ روُدا: ذ. صفت. اندروني - خانگي - گهرو. ذ. هڪ قسم جو ساز.
- روُدينِي (ڪ): اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.
● روُدَ ۽ روُدوُنُ (ڪ): ث. رولو. عذاب. مصيبت - تڪليف - ڏکُ - پريشاني - تنگي. ڦيٽارو - ڏمُير.
- روُدَ ڏِيَڻُ (ڪ): رُلائڻ - عذاب ڏيڻ.
● روُدَنُ ۽ روُدنَ: ذ. (سن. رودَنُ = روڄ) روڄُ - راڙهو - راڙو - رودن - هُلُ حشر - واڪو - دانهن - ماتم - فرياد - نالو - آه وفغان - روڄ پيٽڪو - واويلا. هنجون - لُڙڪ.
● روُڏِ ۽ روُڏِيُون (ت): اسم. وار ڪوڙيل مٿو - ٺوڙهه - گنج. ڪوپري - ڪوپري - ڪيرائي.
- روُڏوُ ۽ روُڏا: ذ. صفت. (پ. روڏا) مٿي ڪُوڙيل - مٿي مُنايل - ٺوڙهو - گنجو - موڏو. لَسُراتُ اَٺُ - ڳُولرو - ڏاڪو - تَوڏو "وٺ چڙهيا روڏا". هڪ قسم جو هڪي - ڪوڙيُ هڪي، وٽن جي سنهڙين لامن جي چوٽين ۾ مُرليءَ جي مثل ڪکن جا حيرت انگيز آکيرا ٺاهيندڙ.
- روُڏِيءِ خيرُ (ت): دُعائيه جملو. گنجيءَ جو خير - سڀ لاهه چڱائي.
● روُڏُ ۽ روُڏَ (ت): ذ. ٿر جو وڏو ڪانسگ.
● روُڊُ ۽ روُڊَ: ذ. (انگ. Road = رستو) وڏو رستو - سڙڪ - سٽڪ - شارع عام - لنگهه - گذر - واٽ - گَسُ - راهه - دڳ - گهاٽو.
● روُڙِ ڪالِيَ: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، مسي دائين جي شاخ.
● رُوڙَڻُ: مصدر. (گ. روڙوُن. هه. رولنا) ڍُهڙڻ - لاهڻ - ڪوهڻ - پِٽڻ - چِٽڻ - ٽوڙڻ - ڏار ڏار ڪرڻ - جُدا ڪرڻ - چِلڻ - ڪرڙڻ.
- روُڙَ ۽ روُڙوُنُ: ث. ڍُهڙ - پَٽَ - چِين - ڪوهه - ڪَرڙ.
- روُڙَ ڪَرَڻُ: پَٽَ ڪرڻ - چِٽڻ - ڪوهڻ. گهٽا پيسا ميڙڻ - گهڻي شيءِ گڏ ڪرڻ.
● رُوڙَڻُ (ت): ذ. مصدر. گيدڙ يا ڪتي جو آواز ڪرڻ - ڪُوڪ ڪرڻ - اونائڻ - ڪُوڪارڻ.
- رُوڙَ ۽ رُوڙوُنُ (ل): ث. ڪنهن جالور جي دانهن - آوناٽي - رڙ - ڪُوڪ - ڪيڪ - هوهاڙ - ڪُوڪار.
- رُوڙوُن ڪَرَڻُ (ت): رڙيون ڪرڻ - اونايون ڪرڻ - ڪُوڪون ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - ڪُوڪارون ڪرڻ - هوهاڙ ڪرڻ.
● روُڙوُ ۽ روُڙا: ذ. ڳنڍو - پِنوڙو - روڙهو جيئن ته "اصل جو روڙو". بهانو - عُذر - ڏَنو - ڪيشو. ڪُوڙُ - جُوٽ. رنڊڪ - رڪاوٽ - روڪ. هڪ قسم جو سارين جو مرض.
- روُڙا روُڙَڻُ: جهڙو تهڙو سُٽُ ڪتڻ - ٿُلهو سُٽُ ڪتڻ - رَنڊا روڙڻ.
- روُڙوُ لڳَڻُ (ت): سارين جي پوک کي مرض جو لڳڻ.
● رُوڙوُ ۽ رُوڙا: ذ. صفت. (هه). چڱو - ڀلو - نيڪ - سٺو - اوگهو - اڇو - موچارو - عمدو سگهرو - چوکو - شَٽ. تندرست - چڱو ڀلو - چاڪ - نيڪ - سگهو. سارين جي پوک جو هڪ مرض. رُوڙو.

Gul Hayat Institute

- رُوڙو پَلو ۽ رُوڙا پَلا (ٿ): ذ. چڱو ڀلو - چاڪُ - سُکيو - تندرست - ٺيڪ.
- روڙِي ۽ روڙِيُون: ث. (گ. روڙِي) نيڪ زال - عورت - سٺي عورت - اشراف عورت - سُگهڙي - گُڻونتي - گُڻوان - سيلوانُ:

"مَرڪي مَر ماتا، روڙِي راء ڏياچ جي" (شاهه).

● رُوڙهه ۽ رُوڙهه (ل): ذ. تمام پوڙهو ۽ اڀرو گوشت.
- روڙهي ۽ روڙهيُون (ت - ل): ث. صفت. ڪُراڙي - پوڙهي - ٻُڍِي.
● روڙهو ۽ روڙِها (ل): ذ. (هه. روڙا = گنيدا) گُنيدو - پيتَرُ - زنبُ - زلبوٽو - جِنبُ - جينبوٽو - ڪَڙهو. سر جو ٽُڪر. ٿِر - ٿَهڻُ. پيرن ۽ سُنهن جي بيماري (مال جي) - مُهاڙو.
- روڙهو کائڻُ: آفيم جو گُنيدو کائڻ - نشي ۾ ڀرپور هجڻ.
- روڙهو وَٺڻُ: روڙهو کائڻ.
● روڙهي ۽ روڙهيُون (ٿ): ث. سنهو ٻيهُ.
● روڙيو ۽ روڙِيا (ٿ): ذ. ڄڃ کي سامهون ويندڙ ماڻهو.
● روزُ ۽ روزَ: ذ. اسم. (ف.) ڏينهن - يوم - وارُ - ٽِيتِ - ڏِهاڙو - تاريخ. سمون - وقت - زمانو - عرصو - تائيم. سڄي ڏينهن جي مزوري - روزينو - يوميه. ظرف. هر روز - ڏهاڙي - تاريڪ - نِت - هميشه - سدائين - سدا - دائما.
- روزُ افزونُ ۽ روزُ افزونَ: ذ. صفت. (ف. روز + افزون > افزودن = وڌڻ) ڏينهون ڏينهن وڌندڙ - ڏينهون ڏينهن وڌيڪ - ڏِهاڙي وڌيڪ - روزانو ترقي ڪندڙ. هميشه ترقيءَ جي راهه تي هلندڙ.
- روزانو ۽ روزانا: ذ. صفت. (ف) ڏِهاڙي - هر روز - روزُ - روزمره - تاريڪ - روزروز - روز بروز - نِتُ - مُدام - هميشه - سدا - سدائين.
- روزُ بروزُ ۽ روزَ بروزَ: ذ. (ف) ڏِهاڙِي - روزانو - هَر روزُ - ڏينهن بہ ڏينهن - ڏِهاڙِي - ڏينهون ڏينهن - دِنُ بَدِنُ.
- روزُ پُڄيئُون پُڄي کائڻُ؛ روز گوشت پُلاءُ کائڻ - هر روز سٺو کاڌو کائڻ. کاڄ قورما کائڻ - لذيذ طعام کائڻ.
- روزُ تي لَتَ ڏِيَڻُ؛ ڪنهن جو روزگارُ وڃائڻ - روزگارُ بَندُ ڪرائڻ.
- روزِ جزا: ذ. [ف. روز = ڏينهن. جزا = اجورو] قيامت جو ڏينهن - ٻُڇاڻي جو ڏينهن - انصاف جو ڏينهن - اعمالن جي حساب جو ڏينهن - يوم الحِسابِ - روز حسابُ - روز حشرُ.
- روزِ حِسابُ: ذ. [ف. روز = ڏينهن + حساب = ڳاڻاٽو] ٻڇاڻي جو ڏينهن - قيامت جو ڏينهن - روزِ حشرُ - روزِ جزا - يوم الحِسابِ.
- روزِحشرُ: ذ. [ف. رو = ڏينهن + حشر = گڏ ڪرڻ] حساب ڪتاب ۽ ٻڇاڻي جو ڏينهن - قيامت جو ڏينهن - روزجزا - روزحِسابِ - يوم الحِسابِ - روزمحشرُ.
- روزِ دادُ: ذ. [ف. روز + داد = انصاف] انصاف جو ڏينهن - عدالت جو ڏينهن - ٻڇاڻي جو ڏينهن - قيامت جو ڏينهن - روزحِسابِ - روزحشرُ - روز جزا - روز محشرُ - اعمالن جي حساب ڪتاب جو ڏينهن.
- روزدارُ ۽ روزدارَ: ذ. [ف. روز + دار = وارو] روزَ تي ڪم ڪندڙ - روزاني معاوضي تي ڪم ڪندڙ - روزاني پگهار تي ڪم ڪندڙ - روزُ تي ٻڌل مزورُ. عيوضي ڪاريگرُ.
- روزُ رليلُ هُئڻُ: نصيب ڦِٽَلُ هُجڻ - ڀاڳُ اُٺانو هُجڻ - نياڳُ هُجڻ.
- روزُ روزُ: ظرف. [ف]. روز بروزُ - ڏهاڙِي - ڏِهاڙِي - هر روز - روزانو - نِتُ - روزمره - هميشه - هر هميشه - هردمُ - سدامُ - سدائين - دائما.
- روزُ روشنُ: ذ. [ف. روز + روشن = چمڪندڙ] علي الصُّبح - فجر - ٻِره ڦُٽيُ - ٻاڪ ڦُٽيُ - صُبح صادِقُ.

Gul Hayat Institute

- روز روشن ٿيڻ: ڏينهن ٿيڻ - صبح ٿيڻ - سج اڀرڻ - سورج نڪرڻ.

- روزِ سياه: ذ. [ف. روز + سياه = ڪارو] مصيبت جو ڏينهن - تڪليف جو ڏينهن - بدنصيبي جو وقت - بُرائيءَ جي گهڙي.

- روزِ شُمار: ذ. [روز + شمار > شمردن = ڳڻڻ] پڇاڻي جو ڏينهن - قيامت جو ڏينهن - جزا جو ڏينهن - آخرت جو ڏينهن - روز حساب - روز حشر - روز محشر - روز داد - روز قيامت.

- روزِ قيامت: ث. [ف. روز + ع. قيامت > قيام > قام = بيٺو] قيامت جو ڏينهن - روز جزا - روز آخرت - روز حساب - روز حشر - روز داد - روز شمار.

- روزِ گار ۽ روزگار: ذ. [ف] نوڪري - ملازمت - پيشو - شغل - ڪم - ڌنڌو - ڪرت. گذران - پيٽ قوت - تنخواه - آدر پورنا - آجيوڪا - ملازمي - نفري - مشغولي - هاج - پيليپيٽو - پورهيو - مزوري - مزدوري - زمانہ سازي. زمانو - وقت - سمو - عرصو. دنيا - جهان - جڳت - سنسار. مدت - عرصو - فرصت - مهلت.

- روزگار ڪرڻ: نوڪري ڪرڻ - ملازمت ڪرڻ - ڌنڌو ڪرڻ - ڪم ڪرڻ - مشغولي ڪرڻ - پيشو ڪرڻ - ڪمائي ڪرڻ. ڪو واپار يا هنر ڪرڻ - ڪرت ڪرڻ. مزوري ڪرڻ - مزدوري ڪرڻ - پورهيو ڪرڻ. زمانہ سازي ڪرڻ.

- روزگار لڳڻ: نوڪري لڳڻ - نوڪري ملڻ - ڌنڌو لڳڻ - ڪم لڳڻ - ڪنهن ڪرت سان لڳڻ - ڪنهن مشغوليءَ ۾ لڳڻ - مزوري لڳڻ - مزدوري لڳڻ - ڪنهن پورهئي سان لڳڻ.

- روزگاري ۽ روزگارپڻو: ث. ڪمائي - نوڪري - ڌنڌو - پيشو - ڪرت - ڪم - مشغولي. چاڪري. روز جي مزدوري.

- روز محشر: ذ. [ف. روز + ع. محشر > حشر = گڏ ڪرڻ] قيامت جو ڏينهن - پڇاڻي جو ڏينهن - آخرت جو ڏينهن - روز جزا - روز حساب - روز داد - روز حشر - روز شمار.

- روزمرہ: ذ. ظرف. هر روز - روز روز - روز بروز - ڏهاڙي - تاريڪ - ڏهاڙي - هر ڏينهن - سدائين - نيت - هميشه - دائما - ٻارو هي - سدا - سرودا. محاورہ - ٽڪيہ ڪلام.

- روزِ ميدان: ذ. [ف. روز + ميدان = لڙائي جو هنڌ] جنگ جو ڏينهن - لڙائي جو ڏينهن - روز جهاد.

- روزمئيل ۽ روزمئيل: ذ. [ف. روز + ميل > ميلڻ = گڏ ٿيڻ] روزمره جي آمدني. روڪڙ ۽ ڏيتي ليتي داخل ڪرڻ جو واپارين جو ڪتاب - وهي - بندي - ڪاتو - ڪرڙو.

- روزناميچو ۽ روزناميچا: ذ. [ف. روز + نامچہ = ننڍڙي بندي] واپارين جو روزاني حساب رکڻ جو ڪتاب - روزاني ڪارگذاري جي داخلا جو ڪتاب - واپارين جو روزاني ڏيتيءَ ليتيءَ جو ڪتاب - ڪاتو - روزنامو - ڪارگذاري - ڊائري.

- روزنامو ۽ روزناما: ذ. (ف. روز + نامہ = لکيل شيءِ) روزنامچو - واپارين جو روزاني حساب يا ڏيتيءَ ليتيءَ جو ڪتاب. ڊائري - روزاني ڪارگذاري. روزاني اخبار - هر روز نڪرندڙ اخبار.

- روزو ۽ روزا: ذ. (ف. روزه) ڏينهن جو ڪجهه به نہ کائڻ پيئڻ جو فرض، خدا جي طرف کان عائد ڪيل - ورت.

- روز و شب: ذ. (ف. روز + شب = رات) ڏينهن رات - هر روز - روزمره - هميشه - سدا - نيت - ٻارهوئي - دائما - مدام.

- روز ولادت: ذ. (ف. روز + ولادت > ع. وَلد = هو ڄميو) ڄمڻ جو ڏينهن - جنم جو ڏينهن - جنم جي تاريخ. سالگره.

- روزي ۽ روزيون: ث. (ف. روز + ي = روز جو کاڌو) روزانو کاڌو - روزمره جي خوراڪ - روزانو گذران. کاڄ - کاڌو - کڻ - طعام - آهار - غذا - خوراڪ - قوت - گذران -

Gul Hayat Institute

خورش ـ رزق ـ آذوقو. روزگار ـ نوڪري ـ ڌنڌو ـ ملازمت.

ـ روزي خوارُ ۽ روزي خوارَ: ذ. (ف. روزي + خوار > خوردن = کائڻ) روزانو ماني کائيندڙ ـ روزي تي گذران ڪندڙ. روزانو مزد وريءَ تي هلندڙ.

ـ روزي رسانُ: ذ. صفت. (ف. روزي + رسان > رسانيدن = پهچائڻ) روزي ڏيندڙ ـ روزي ڏيڻ وارو ـ روزي پهچائڻ وارو ـ رزق پهچائيندڙ ـ اسم پاڪ. رزاق ـ پروردگار ـ پالڻهار.

ـ روزيءَ کي لت هڻڻُ: پاڻهي پنهنجي روزي بند ڪرڻ. ڌنڌو ڇڏڻ ـ نوڪري ڇڏڻ ـ ملازمت بند ڪرڻ ـ مزوري نہ ڪرڻ.

ـ روزينو ۽ روزينا: ذ. (ف). روزاني اجرت ـ هڪ ڏينهن جو پگهار ـ روزانو پتو ـ روز جي مجرائي. وظيفہ. روزمره جو کاڌو. ذ. صفت. روزمره جو ـ روزانو.

● رَوزَنُ. ذ. (ف) ڳڙکي ـ دري ـ سوراخ ـ روشندان. ٽُنگ ـ لوگهو ـ ٻير گهل ـ ڳتو.

ـ روزنِ ديوارَ: ذ (ف. روزن + ديوار = ڀت) ڀت ۾ دري يا ڳڙکي.

● روزڻائي (ت): اسم خاص. جکراڻي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

ـ روزائيتو ۽ روزائتا: ذ. صفت. روزي وارو ـ روزيدار ـ روزي سان.

ـ روزو پيچڻُ: روزي ۾ ڪجهہ کائڻ يا پيئڻ (جنهن جي ڪفاره ۾ سٺ ماڻهن کي کاڌو کارائڻو پوي).

ـ روزو چوڙڻُ: روزو کولڻ ـ پوري ٽائيم تي ماني کائڻ. روزي جي حالت ۾ روزي جي وقت بعد کائڻ ۽ پيئڻ.

ـ روزو رکڻُ: صبح کان سج لهڻ تائين روزي جي نيت سان کاڌي پيتي کان پرهيز ڪرڻ ـ وِرت رکڻ ـ آپواس رکڻ.

ـ روزو کائڻُ: روزو نہ رکڻ ـ بي روزائتو هجڻ.

ـ روزو کولڻُ: روزو افطار ڪرڻ ـ روزو چوڙڻ ـ ورت کولڻ ـ سڄي ڏينهن جي پرهيز کان پوءِ کاڌو کائڻ ـ آپواس چوڙڻ.

ـ روزه دارُ ۽ روزه دارَ: ذ. (ف. روزه + دار > داشتن = رکڻ) روزي رکيل ـ روزي وارو ـ روزيدار ـ روزائتو ـ روزي سان.

ـ روزه خورُ ۽ روزه خورَ: ذ. (ف. روزه + خور > خوردن = کائڻ) روزو نہ رکندڙ ـ بي روزائتو.

ـ روزه ڪشائي ۽ روزه ڪشائيون: ث. (ف. روزه + ڪشائي > ڪشودن = کولڻ). روزه کولڻ جي تقريب ـ روزي چوڙ. افطار ـ افطاري.

● روسَ ۽ روسون (ل ـ ت): ث. ناراضگي ـ ڦوڪ شوڪ ـ رسامو ـ ڪاوڙ ـ رنجُ.

ـ روسامو ۽ روساما: ذ. ناراضگي ـ ڦوڪ شوڪ ـ ڪاوڙ ـ رنج ـ روسُ. رڳڙو ـ جهيڙو ـ ڪلهہ ـ معاملو ـ جهڳڙو ـ ڦڏو ـ رڏو ـ رڏي. (دوست طرفان) غلط فهمي ـ خواه مخواه جي ڇيڙ.

ـ روسو ۽ روسا: ذ. صفت. رُسڻو ـ رُسندڙ. تيسائي ـ تيسر ضدي ـ هٺيلو ـ چڙٽو ـ ادوٺو ـ زود رنج ـ ڏاڍيءَ ٽهڻو.

ـ روسُ ۽ روسَ (ت): ذ. گندگي ـ خرابي ـ ڪين ـ ڪچرو. ٿلهي ماني ـ روٽ ـ روٽلو. رذل گوشت جو هڪ قسم.

● رُوسُ: ذ. اسم خاص. اتر ايشيا جي هڪ ملڪ جو نالو. رشيا.

● روسواڙَ: اسم خاص. قديم زماني ۾ گوتم ٻڌ جا پوءِ لڳ ۽ منڌ جا رهاڪو.

● رَوَشُ ۽ رَوَشون: ث. هلت ـ چلت ـ چال ـ ڍنگ ـ نمونو ـ ورتاءُ ـ چلگت ـ اچرن ـ رفتار ـ هلٽي ـ طريقو ـ برتاءُ ـ وهنوار ـ انتظام ـ جوڙجڪ. ارڪان ـ افعال ـ اوساڻ ـ آڏي ويٽي ـ رهڻي ڪهڻي. مشابهو ـ چهرو ـ صورت ـ شڪل ـ شبيهہ ـ ڍوش. خاصيت ـ وصف ـ اوچهہ.

ـ رَوَشُ سُدارُ ۽ روشُ سُدارَ: ذ. صفت. هلت چلت کي سڌاريندڙ ـ افعال سڌاريندڙ ـ اخلاق سڌارُ.

Gul Hayat Institute

● روشُ ۽ روشَ (ڪ): ذ. نانگو - اگهاڙو - ننگو - بيرهنه.

● روشنُ: صفت. صافُ - پڌرو - ظاهر ظهور - ويڪت - آشڪار - چمڪندڙ - جهرڪندڙ - تجلائي - چمڪيو - چلڪيو - منور - تاباڻ - نوراني. نِشانبرَ - پرسِدَ - مشهور - ظاهر - عَيانَ. ڪليل - ڪشادو. چهرو - آبدار - اوجل - تيکو - ملو چڱو. عاليشان - شاندار - عمدو - پڪيدار - ڏٽُ وارو.

- روشن آخترَ: ذ. [ف. روشن + اختر = تارو] سڀاڳو - بخت وارو - بختاورَ - ڀاڳين ڀريو - ڀاڳيوانُ - خوشنصيبُ - قسمت وارو. سدورو

- روشنائي ۽ روشنائيون: ث. سوجهرو - نُورُ - جوت - شُعاع - پرڪاشُ - سُجهندو - آجالو - آهاءُ - سهائيُ - چمڪو - فجرُ - پره ڦٽيُ - ڀاڪَ. ڏيئو - بتيُ. مشهوري - پڌرائيُ - ظاهري. ليکڻ جي مَس.

- روشنُ ٿيڻُ: سوجهرو ڪرڻ - چمڪڻ - شعاع ڪرڻ - تجلو ڪرڻ - آجالو ڪرڻ - پرڪاش ڪرڻ - سُجهندو ڪرڻ - چمڪو ڪرڻ. جلڻ - ٻرڻ - سڙڻ. کُلڻُ - ظاهر ٿيڻ - معلوم ٿيڻ - خبر پوڻ - ڄاڻ ٿيڻ. صاف ٿيڻ - چٽو ٿيڻ.

- روشندانُ ۽ روشندانَ: ذ. [ف. روشن + دان = رکڻ جي جاء] روشني اچڻ جي دريُ - لوگهو - جارو - بادبانُ - روزن. جاء ۾ ڏني رکڻ جو جارو. بتيُ - فانوسُ - ڏيئو - مشعل.

- روشنُ دِماغُ ۽ روشنَ دِماغَ: ذ. صفت. [ف. روشن + دماغ = ذهن] اعليٰ دِماغ - هوشيارُ - ذهينُ - فهيمُ - سمجهُو - ڪُليل دِماغُ - ڏاهو - سياڻو - عاقلُ.

- روشنُ ضميرُ ۽ روشنَ ضميرَ: ذ. صفت. [ف. روشن + ع. ضمير = اندرُ] صاحب ڪشفُ - روشن دل - صاحب دل - صاحب ادراڪ - اهلِ دل. گياني - هوشيار - عاقل - داناءُ - ماهرُ.

- روشنُ قياسُ: ذ. صفت. [ف. روشن + قياس = غور - خيال). صاحب عقل - قياسوندُ - قياسمندُ.

- روشنُ ڪتابُ: اسم خاص. (ف) پاڪ ڪتاب. قرآن مجيد.

- روشنُ ڪرڻُ: چمڪائڻ - چلڪائڻ. صاف ڪرڻ - ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ. جلائڻ - ٻارڻ - ساڙڻ.

- روشني ۽ روشنيون: ث. روشنائيءَ - سوجهرو - آجالو - سُهائو - سُجهندو - سُهائيُ - چمڪو - جهلڪيُ - تجليُ - جوتَ - نورُ - شُعاع - پرڪاشَ. بتيُ - ڏيئو - شمعدانُ. فجرُ - پره ڦٽيُ - ڀاڪَ. پڌرائيُ - ظاهرائيُ - مشهورائيُ. بينائيُ - دِيدَ - اکين جي نظرَ.

- روشني ڪرڻُ: جوتَ جاڳائڻ - شُعاع ڪرڻ - سُجهندو ڪرڻ - آجالو ڪرڻ. بتيُ ٻارڻ.

● روشنائيُ: اسم خاص. تعلقي گُوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- روشنائيُ جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي گُونيءَ ۾ هڪ ديهه.

● روضو ۽ روضا: ذ. (ع. روضة). (ڪنهن بزرگ جي) لوڙهه - قبر - مقبرو - تُربت - قُبو - درگاه - آستانو - مزارَ. (اسم خاص) آن حضرت صلعم جن اجو مزار مبارڪ. باغ - باغيچو - چمنُ - گُلستان - گُلواڙيُ - گُلستانُ.

- روضه خوانُ ۽ روضه خوانَ: ذ. [ع. روضه + ف. خوان > خواندن = پڙهڻ] مرثيا پڙهندڙُ - مرثيه خوان - ماتمي.

- روضهء رضوانُ: ذ. (ع) بهشت - سرڳ - جنتَ - فردوسُ.

- روغنُ ۽ روغنَ: ذ. (ف). تيلُ - سنيپ - گيهه - عرقُ - چيڪنائي. ڪاشيُ - چمڪو - چمڪو ڏمڪو - ظاهريُ ڀپڪو - ملمعو - باهرين ٽيپَ ٽاپَ. (اسم خاص) رياست لس ٻيلي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو. ٻيو نالو "روگهان".

- روغنِ بلسان: (ف) مون ٻوٽيءَ جو تيلُ.

● روغنِ تلخ: [ف. روغن + تلخ = ڪڙو] ڄانيءَ جو تيلُ - ڪڙو تيلُ. ڪارو تيل.

Gul Hayat Institute

- روُغَنُدارُ ۽ روُغَندارَ: ذ. صفت. (ف. روغن+دار>داشتن=رکڻ) روغني ـ تيلي ـ وارنشي ـ سٿيو ـ چيڪنائي وارو.
- روُغَنِ زردُ: (ف. روغن+زرد=پيلو ـ هيدو) مکڻ مان تيار ڪيل گيهه.
- روُغَنُ فَروشُ ۽ روغَنَ فروشَ: ذ. (ف. روغن+فروش>فروختن=وڪڻڻ) تيل جو واپاري ـ تيلي ـ تيلائي ـ تيلُ وارو.
- روُغَنِ قازَ مکَڻُ: (ف) خوشامد ڪرڻ ـ زمانہ سازي ڪرڻ ـ يارُ بَنائڻ ـ دوست ڪرڻ ـ سنگتي ڪرڻ.
- روُغِني ۽ روُغِني: ذ. ث. (ف) تيل وارو ـ سٿيو ـ چيڪنو ـ سٿپ لڳل ـ وارنشي.
- ● روُفُ ۽ روُفُون: ث. (انگ. Roof) ڇتِ.
- ● روُفَ جوُ ڪارَبُ: ذ. ڇِتَ جي سِرن وِچهڻ جو هڪ ڪارب ـ سِرن وجهڻ جو سانچو.
- ● روُڪَ ۽ روُڪَ: ذ. صفت. (سن. روڪ) روڪڙا ٽڪا ـ نقد. ظرف. بروقت ـ آنهيءَ مهل ـ بنا دير ـ جهٽ پٽ ـ جلد.
- روُڪَ ٺوڪَ: ث. روڪَ ـ روڪڙ ـ روڪڙو ـ لقد ـ نقدي ـ ظرف. بروقت ـ ٺڏي تي ـ آنهيءَ مهل ـ هيڪدم.
- روُڪَڙِ ۽ روُڪَڙوُن: ث. نقدي ـ لقد ـ پئسا ـ حاضر پئسا ـ ڪلدار. پئسن جي حساب جو ڪتاب ـ وَهي ـ ڪچو ـ ڪئيش بُوڪ.
- روُڪِڙوُ ۽ روُڪِڙا: ذ. صفت. نقد ـ روڪُ ـ روڪڙ ـ ڪلدار ـ پئسا. ظرف. بروقت ـ آنهيءَ مهل ـ هڪدم ـ بنا دير ـ جهٽ پٽ. پئسن نہ ڏيڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ (روڪڙا ڏ ناڻيس = نہ ڏ ناڻيس).
- روُڪِڙوُ جَوابُ ۽ روُڪِڙا جَوابَ: ذ. رُکو جواب ـ اِنڪار ـ ناڪار ـ نابري ـ نانُ. تُرت جواب ـ يڪدم جواب.
- روُڪِڙوُ جَوابُ ڏِيَڻُ: ناڪار ڪرڻ ـ انڪار ڪرڻ ـ رُکو جواب ڏيڻ ـ نابري واري ـ نانُ ڪرڻ.
- روُڪِڙِي ۽ روُڪِڙِيُون: ث. نقدي ـ روُڪَ ـ روڪڙ.
- ● روُڪَڻُ: مصدر. اٽڪائڻ ـ ٻَڌڻ ـ رنڊڻ ـ رنڊائڻ ـ جهلڻ ـ ٻيهارڻ ـ ٺارڻ ـ ترسائڻ ـ اٽڪاءُ ڪرڻ ـ ٿَمڻ ـ مَنڊڻ ـ سيڙائڻ ـ نِوارڻ ـ وارڻ ـ اوراٽڻ. واڙَ ڏيڻ ـ اوٽ ڪرڻ ـ پردو ڪرڻ ـ اجهو ڪرڻ ـ بچاءُ ڪرڻ ـ بچائڻ ـ محفوظ رکڻ. منع ڪرڻ ـ باز رکڻ ـ جهلڻ.
- روُڪَ ۽ روُڪُون: ث. ٻَل ـ جهَل ـ منع ـ نِيورتي ـ پابندي ـ ضابطو ـ سيڙاهو ـ نظربندي ـ سَنڪَتُ ـ وکهن. رنڊڪ ـ اٽڪ ـ اٽڪاءُ ـ آڏ ـ رُڪاوٽ ـ بندش ـ ممانعت ـ انسداد ـ احاطہ بندي ـ ڪَج بحثي. چِڊڪ. گتهہ.
- روُڪَ ٿامَ: ث. بندش ـ ممانعت ـ جهَل پل. رُڪاوٽ ـ پابندي ـ احاطہ بندي.
- روُڪَ ٺوُڪَ: ث. منع ـ آڏ ـ رنڊڪ ـ اٽڪ ـ جهَل پَل ـ ممانعت ـ انسداد ـ بندش.
- روُڪِي رَکَڻُ: ترسائڻ ـ جهَلي ڇڏڻ. پڪڙي ٻيهارڻ ـ بند ڪرڻ ـ بندي ڇڏڻ ـ بندش هيٺ رکڻ.
- روُڪِي روُڪِي: ظرف. تَرسائي تَرسائي ـ ٻيهاري ٻيهاري ـ جهلي جهلي ـ آهستي آهستي ـ ڌيري ڌيري ـ احتياط سان.
- ● روُڳُ ۽ روُڳَ: ذ. (سن. روگ = گندگي) روڳ ـ گندگي ـ پُون ـ پَسُ ـ گَندُ. سڙيل رَت ـ رَت پُون ـ ڦَٽَ مان وهندڙ گند. بيماري ـ مرض. ڏُوار ـ اگهائي ـ ناچڱائي ـ ڏوجُ ـ ڏُجهندو ـ لڳائي ـ ڪُمهرائي ـ آزار ـ بي مزائي ـ رنجوري ـ ناچاقائي ـ پيڙا ـ تڪليف. باهہ. ڏُک. عشق ـ محبت.
- روُڳائيتوُ ۽ روُڳائيتا: ذ. صفت. اگهو ـ بيمار ـ ناچڱو ـ لڳو ـ ناچاق ـ سُڪالو ـ روڳ وارو ـ روڳي ـ جيءَ جنڊو ـ ڏُجهارو ـ مَرضيل ـ مَريض ـ ڪيرڪيڻو ـ رِڳت ـ رِڳُ ـ رِڳو ـ ڏُڏاري. پُون وارو ـ گند سان پريل. ڏُکيو ـ تڪليف وارو.
- روُڳُ ٿِيَڻُ: بيماري ٿِهلجڻ ـ مرض ٿيڻ ـ اگهائي پوڻ.

Gul Hayat Institute

- روڳُ لڳَڻُ: بيماري ٿيڻ - بيماري ٿيڻ - مرض جو ٿيڻ - اڳهائي ٿيڻ. جهڳڙو ٿيڻ. عشق لڳڻ.

- روڳَ مَنجهِہ رُلَڻُ: گُناهن ۾ گرفتار هئڻ - ٻُڇڙن ڪمن ۾ ڦاسڻ - ڪُڌن ڪرتوتن ۾ ڦاسڻ. مرض ۾ مبتلا هجڻ - دائم المريض هجڻ - سدائين بيمار رهڻ.

- روڳِيُ ۽ روڳِيِ: ذ. صفت. (هہ. روڳي = روڳِيي > سن. روڳيي = روڳِي) بيمارُ - اڳهو - مرض وارو - مرضيل - اڻ سُکهو - ناچڱو - لڱو - روڳائتو - سُڪالو - ڏُٺاري - رِ ڳَت - جيءِ جَڏو - ڏُڇارو - دائم المريض. گَند ڀِتَ سان ڀريل - رَتُ پُونءِ سان ڀريل - ڪِنو - گَندو - خراب - ٻُڇڙو - گڊاو. سُست - آرسي - ٺوٺي - ڪاهل - ڍاڪُن ڍِلو - عاري - ڪَم ڪوس - سليو ساٺ - آرسائتو - وِساٺو - ڍِرڪو - ڳَمُ. معذور - لاچار.

● روُگهانُ: ذ. اسم خاص. رياست اس ٻيلي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو. ٻيو نالو "روغن".

● رُولُ ۽ رُولَ: ذ. (انگ) قاعدو - قانون - ٺهرايل حڪم - ضابطو - دستور - رواج - طريقو - سرشتو. ليڪُن ڪڍڻ جو ڪاٺ جو گول اوزار - ليڪٺو - گول فتيل. لوهہ جو وزن دار ٻُورو چَڪرو، رستن يا ميدان کي هموار ڪندڙ - لوهو ساٺيرُ. (ت) هڪ قسم جو ڪورين جو اوزار، هڪ گول لَٺ سُٺن کي ڳنڍيندڙ پَٽن جي وچ ۾ ڦرندڙ. هڪ ڪپڙي جو قسم.

- روُلُ پِنسِلَ ۽ روُلُ پِنسِلُون: ث. (انگ) پينسل. سُرمي جو قلم. نقاشي جو قلم.

- روُلَرُ ۽ روُلَرَ: ذ. (انگ). لوهو سنهور، پٽرن کي پيچڻ جو اوزار.

● روُلَڻُ: مصدر. رُلائڻ - رولو - دربدر ڪرڻ - رولو وجهڻ - اڌ ۾ ڇڏي ڏيڻ - ڦِٽائڻ - خراب ڪرڻ - ڦَڏو وجهڻ - ڦيٽاڙو وجهڻ - وکهَن وجهڻ - ڇيڙڪ وجهڻ - رنڊڪ وجهڻ - غفلت ڪرڻ - سستي ڪرڻ - ڳَمُ ڪرڻ - ڪَيهلَ ڪرڻ.

- روُلُ ۽ روُلَ: ذ. بي ٺائُنيڪو - بي ماڳو - بي هنڌو - آوارو - ٺلڪائتو - رولاڪ - روُلُو - روهہ رُليو - ٺولاڪڙ - ڀنوار - ٺِرڦابڙيو - ڪاٺ - رولاڪڙ - ڌِڪا کائيندڙ - اجايو گهمندڙ - واهيات ڦيرلدڙ. لانبڙ - لُنبُ - لُفنگ - مَنگتو - ٻُنٽو - پينانگ - ٺُوهُو - ڀِنندڙ - بيکاري - فقير - پيناڪ. سُست - ڪاهل - ٺوٺي - آرسي. مُلازمن جي نالي جي فهرست - حاضريءَ جو ڪتاب - داخلا جو ڪتاب.

- روُلِڙوُ ۽ روُلِڙا (ت): ذ. بي ٺائُنيڪائي - رولو - ڀَنواري - بي ماڳائي - بي هنڌائي - دقت - تڪليف - هَلاکي - پريشاني - مصيبت - جاکوڙو - ڪَشالو - ڪَشِٽُ - ڏُک - ڏُکُ - ڏُکيائي - ڏُکائي.

- روُلُو ۽ روُلا: ذ. سونجهارو - گڙٻڙ - لُٽو - گهمسانُ - ڀائيتالُ - ٻَکيڙو - وڳوڙُ - جهيڙو - ڦڏو - دنگو - جهڳڙو - فساد. گهَمگوڙ - گند گوڙ - جَنجل. ڦيٽاڙو - خلل. دربدري - تڪليف - ڏُک - بي آرامي - بي قراري - حيراني - پريشاني. الله ڏنة - باد شاهہ گردي - بد انتظامي - ابتري. فڪر - ڳڻتي - انتظار - اوسيڙو. ڀولو - غلطي - چُڪ. وائڙائي.

- روُلُو پَوَڻُ: حساب ڪتاب ۾ ڀُل ٿيڻ - چُڪ ٿيڻ - غلطي ٿيڻ.

- روُلُو ڪَرَڻُ: فساد ڪرڻ - ٻکيرو ڪرڻ - شورش مچائڻ - ڦَڏو ڪرڻ - دنگو ڪرڻ - بغاوت ڪرڻ.

- روُلُو وِجهَڻُ: مونجهارو پيدا ڪرڻ - گڙٻڙ پيدا ڪرڻ - بي انتظامي وجهڻ - ابتري پيدا ڪرڻ.

● روُلُو ۽ روُلُو: ذ. ٻيڪانو - پِنڪندڙ - پينانگ - رولاڪ - ٺلڪائو - روهہ رُليو - رولُ - ٺولاڪڙ - ٺڙٺاٻڙيو. بي ٺائُنيڪو. لُنب - لفنگ - لانبڙ - آوارو - ٺوهُو. اوپرو - ڌاريو - اوپِٽو - اڻ واقف - اپُومي - اڻ سونهون. مسافر - پرديسي. خانہ بدوش - هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رهندڙ.

● روُليها (ٿ): اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ ميگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● رومُ: ذ. اسم خاص. اٽليءَ جي گاديءَ جو هنڌ. قرآن شريف جي هڪ سوره جو نالو.
- رومَنُ ۽ رومَنَ: ذ. رومُ مُلڪ جو رَهاڪو. انگريزي حرفن ۾ لکيل ٻي ٻولي.
- رومَنُ ڪئٿلڪ: ذ. (انگ) عيسائين جو هڪ فرقو.
- رومَن ڪئريڪٽر: ذ. (انگ). انگريزي حرفن ۾ لکيل.
- رومِي: ذ. رومُ ملڪ جو رهاڪو- تُرڪ- تُرڪي. هڪ مشهور بزرگ ۽ شاعر مولانا جلال الدين جو لقب.
● رُومَ (ث): ذ. ٻڪَ جا وارُ- جِسم تي وارُ- ٻُرَ.
- رُوماچَ: ث. آڀا وارَ- ڪَڙا ٿيل وار- ڪانڊاريل وارُ.
- رُوماچِتُ: ذ. بَدنَ جا ڪَڙا وارَ- آڀا ٿيل وارَ- ڪانڊاريل وارَ- رُوماچَ. ظرف. گَدگَد- هَرشِتِ- نِهال- راضِيُ- خوش- پَرَسَن- جوُپ.
- رُوماوَلِيُ ۽ رُوماوَلِيُون: ث. پيٽُ تي وارن جي قطارَ.
- رُومَ رُومُ: ذ. وارُ وارُ- رَڳ رَڳ- عضوو عضوو- انگُ انگُ- ذرو ذرو- جسم جو هرهڪ عضوو.
- رُومُ رُومُ ڏَڪَڻُ: سڄو بدن ڪالڊارجي وَڃِڻ- سڄو بدن ڏَڪڻ- وارُ وارُ ڏَڪَڻُ- جسم جو هرهڪ عضوو ٿَڙڪَڻُ. گهڻو هِراسجَڻُ- خوف ۾ پرجي وَڃڻ.
● رُومالُ ۽ رُومال: ذ. اِسم. [ف. رو= منهن + مال > ماليدن = مهٽڻ) مُنهن وغيره صاف ڪرڻ لاءِ ننڍو ٽُوالُ. هٿَ ۾ کڻڻ جو ننڍڙو ڪپڙو. انگوڇو- پوتيڙو- نائيڪينُ- ميز پوشُ.
- رومال ۾ ويڙهيل پادَرُ هڻَڻُ: ڳجهيُ طرح سان بي عزتي ڪرڻ- ڳُجهيُ طرح سان ڏَڪُ هڻڻ.
- رومالِيُ ۽ رومالِيُون: ث. (ف). عورتن جي مُٺي جي ٻَنڌَڻُ جو هڪ ڪپڙو- بُرقعي جو اڳيون حصو.

● رُومزَ ۽ رُومَزُون (ت): ث. ڪاهَ- حَملو- آلَر- ڌوڪَ- جُلهَ- سَٽَ. غلبو. لاڙو.
- رُومَزَ ڪَرَڻُ: ڪاهَ ڪرڻ- آلَر ڪرڻ- جُلهَ ڪرڻ- حَملو ڪرڻ- سَٽَ ڏيڻ- ڏوڪي آڻڻ. اوچتو سَنبتَ ڪرڻ.
- رُوميڙوُ ۽ رُومَڙا (ت): ذ. بي خوفُ- بي ڊَپو- دِليرُ- بَهادرُ- ويرُ- سُورِمو.
● رومَڻُ: مصدر. (ت). ڪورين جو هڪ اصطلاح. سُٽَ ڪِي وَرِيُ ٻنهنجي مرضيءَ موجب ويڙهَڻُ.
● رُونُ: آواز (سن. رو) هڪ آواز جو قِسمُ- سَنهو آواز- رِينڪَٽُ- رِبهاٽُ- چِيچاٽُ- چِيچٽُ- رِينگو- رُنڻ جو سَنهو آوازُ. سَنها وارَ- رُومُ- ٻُرَ (ث).
- رُونُ رونُ: هڪ قسم جو سنهو آواز. نارُ جو رِينگَٽُ. سُرندي جو آوازُ. ڪَپاه صاف ڪرڻ جو آوازُ- ڪنهن بارُ جي رُنڻ جو آوازُ. چرخي جو آواز. ڀُون ڀُونُ- ڀڻ ڀڻ- جهونڪارَ- هُونُ هُونُ- رِينگو- رِينگاٽُ- رينگيڙو.
● رونبو ۽ رونبا: ذ. ڪنهن ٻوٽي جي ساٿَنِ ڪي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ جو ڪم. روت- رُنبَ- رونبَ- وِيڙَر- وِهراجُ. (ث. رونبِيُ ۽ رونبِيُون).
● رُونبَ ۽ رُونبُون: ث. رُومَڙَ- جُلهَ- ڪاهَ- حَملو- ڏوڪَ- آلَر.
● رُونٽَ ۽ رُونٽون (ل): ث. اسم. ٺونٺَ ڪان ڪُپيلُ ٻانهن.
- رُونٽو ۽ رُونٽا: ذ. ٺونٺَ ڪان ٻانهن ڪَپيَلُ ماڻهو- ٻانهن پِڳَلُ. (اسم خاص) ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قِسمُ.
● رُونجَنِ جا ڪيرِڻا: ذ. انساني جسم ڪي چڪاسَڻ جا ڪرڻا- ايڪس ري.
● رُونجهَ: اِسم خاص. (رياسَت) خيرپور ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.
● رُونجها: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● روُنجهاڻيُ: اسم خاص. (رياست) خيرپور ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.
- روُنجهوُ ۽ روُنجها: ذ. اسم. پکين جي ڪُلل وارن وارو- ڪُلل پنجرن ورو. چنجهو- ننڍين اکين وارو- چوچو. جهرو. (اسم خاص) تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● روُنڊڙوُ ۽ روُنڊڙا (ڪ): ذ. رُهنڊو- جانيوتو- راليوتو- رُهنڊڙو.
● روُنڊوُ ۽ روُنڊا: ذ. صفت. هٿن پيرن کان بيڪار ماڻهو- رونتو- ٽُنڊو- جڏو- ڏُونو- ٽُوانو- اُولهو- رُنڊو.
● رَوُنسيُ وجهڻُ (ڪچ): ڪُهڻُ.
● رَونشوُ ۽ رَونشا: ذ. کيل خوشي- مزو- وندر- ويار- بازي- کليول- کيل- چرچو- تماشو- راڳ روپُ- پيڪت- مزيداري- ناٽڪ- رنگ- مسخري- مشڪري- سانگ. لطف- مزو- خوشي.
- رَوُنشائنُون ۽ رَوُنشائنان: ذ. صفت. کيلارو- کيل جهڙو- کيلائيندڙ- مسخري جهڙو. عجيب. حيرت جهڙو.
- رَوُنشائيتوُ ۽ رَوُنشائيتا: ذ. ضمير. صفت. خوشيءَ جهڙو- مزي جهڙو- رونشائي- کيل جهڙو. رونشائنون. کيل مُنهون- کيلڻو- کيلائيندڙ- مسخرو.
- رَوُنشائيءُ ۽ رَوُنشائيي: ذ. خوش مزاج- خوشي ملهائيندڙ- رونشو ڪندڙ- چرچائي- خوش طبع- پوکائي- وندرائيندڙ- راللديکر.
● رَوُنقَ ۽ رَوُنقوُن: ث. اسم. چهرو- روپ- رنگ- وَرَڻُ- صُورت. سونهن- خوبي- حُسن- سوڀيا- خوبصورتي- زينت- زيب- سُهائي- سُنڌرتا- ليزاڪت. لُطف- مزو- راحت- عيش. ولدر- چهچٽو. تيجُ- جلوو- ڪرانتي- جهاڪو- پڙڪي- پرتاب- ڏمَا- بيراج- تجلو- جوت- چمڪو- پيڪو- تجمل- ٺٺ- ڏانڊس. شان- جاه وجلال- شان شوڪت- وقار- دٻدٻو- رُعب- تاب- حشمت. تازگي- آبادي. بهار.

- رَوُنقَ آفُروُزُ: (ف. رونق + افروز > افروختن = وڌائڻ). رونق وڌائڻ وارو- جلوه گر- جلوه فرما- تشريف فرما- قدم رنج فرما.
- رَوُنقُ آفُروُزُ ٿيڻُ: جلوه افروز ٿيڻ- تشريف فرما ٿيڻ- براجمان ٿيڻ- اچڻ. ڪنهن جي لحاظ سان يا ڪنهن لحاظ ڪري عزت وارو ٿيڻ.
- رَوُنقَ آفزا: ذ. صفت. (ف. رونق + افزا > افزودن = وڌائڻ) رونق کي وڌائيندڙ- رونق وڌائڻ وارو- رونق افروز.
- رَوُنقُ آفزا ٿيڻُ: تشريف فرما ٿيڻ- جلوه فرما ٿيڻ- براجمان ٿيڻ.
- رَوُنقدارُ ۽ رَوُنقدارَ: ذ. (ف. رونق + دار > داشتن = رکڻ). رونق وارو- چمڪيدار- تجليدار- تيرڪيدار- ڀڀڪيدار- شاندار- عاليشان. حسين- سُهڻو- سوڀياوان- خوبصورت- پُرلُطف- پُربهار- مزيدار.
● رَوُنڪوُ ۽ رَوُنڪا: ذ. وَونڪو.
- روُنڪوُ ۽ روُنڪا (ل): ذ. رُنڻ جو نمونو- روجُ- روُن روُن- رينگت- رينگات.
● روُنڪَ ۽ روُنڪُون (ٿ): ث. مرضي- پسند- خواهش- اِڇا- سڌَ. (راءِ).
● روُنڪيڙوُ ۽ روُنڪيڙا (ٿ): ذ. وَڻُ- درخت.
● روُنگَ ۽ روُنگُون: ث. وڏيڪ حاصل ڪرڻ جو مطالبو- رُنگ- ڪُرڪ. ٿوري وڌيڪ ڏري (ڪنهن شيءِ جي).
● روُنگاتُ ۽ روُنگاتَ (ت): ذ. روُن روُن- رينگت- نار جي هلڻ جو آواز. سُرندي جي وڄڻ جو آواز. گوليءَ جو آواز. بيمار ماڻهوءَ جي چينگهه جو آواز- روُنگڙو- رينگڙو.
● روُنگاڻَ ۽ روُنگاڻُون (ک): ث. ٻنيءَ جي وات- گس- پيچرو.
● روُنگها: اسم خاص. سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
● روُنگهاتُ ۽ روُنگهاتَ: ذ. روُن روُن- رينگاتُ- روُنگاتُ- رينگڙو.

Gul Hayat Institute

● روُنڪهڏيُ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُنوُ: اسم خاص. حيدرآباد سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

● روُنهارو ج روُنهارا (ک): ذ. ڏينهن جي پکيءَ جو هڪ قسم.

● روُنهڙو ج روُنهاڙا (ت): ذ. رولهارو.

● روُنهارو ج روُنهارا (ل): ذ. رونهارو.

● روُڻِ ج روڻيون: ث. واهه مان ڪڍيل هڪ ڳجهي شاخ. زمين کي پاڻيءَ جي گهاري مان ڏنل ڳجهي ڪاڏ - سوراخ - ٽُنگ - ٻيرڙ - ڏَرُ - ڏَرڙ. ڪنهن واه وغيره مان تيل سيم. بنيءَ ۾ هَرُ ڪاهڻ کان اڳ ڏنل جام پاڻي - ريڄ. سرنگهه - نڙو - ٻمبو.

● رَوَڻُ: مصدر. (ف. رفتن = هلڻ) خوشيءَ مان ڦيريون پائڻ - جهمريون هڻڻ - ٽينگ ٽپا ڏيڻ. خوش ٿيڻ - سرهو ٿيڻ - راضي ٿيڻ - نيهال ٿيڻ - پرسن ٿيڻ. هلڻ.

● رُوَڻُ: مصدر. رُنَڻُ - روئڻ.

● رُوِڻ ج رُوِڻون (ت): ث. ڳالهه - گفتگو - گفتار.

- رُوِڻ پوُڻ (ت): ث. ڳالهه ٻولهه - گفتگو - ٻچار - گفتار - چوُ ٻولُ.

● رُوڻو: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- روڻي ج روڻيون: ث. آباديءَ کان اڳ ۾ زمين کي ڏنل ڀريون پاڻي - ريڄ.

● رُوڻي: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُهُ ج روُهَ: ذ. (سن. روشڻ) جبلُ - ٽڪرُ - جبرُ - ڪوهُ - پهاڙُ - ڏونگرُ - پربت - ٽوڙهو. مڪڙن جو جهنڊُ - روُٽُ - مڪڙن جو ولرُ - مڪڙنُ جي فوجَ - مڪڙن جو ڪٽڪُ. ڪاوڙُ - غصو - ڏمر - ڪرودُ - وڏوڻ - چڙ - ڪوپُ - غضبُ - تيجُ - قهرُ. (ڪ) سخت گرمي - ڪاڙهو - تپشَ - لُڪَ - رَجهه.

- روُهاڪي ج روهاڪيُ: صفت. هڪ پکيءَ جو قسم، جبلن ۾ رهندڙ - پربتي. ذ. صفت. جابلو - جاهر.

- روُهُ پرڻُ (ڪ): تڪليف اچڻ - مصيبت ڪڙڪڻ - مشڪلات اچڻ.

- روُهَ تي چڙهڻُ: جبلُ تي چڙهڻ. تڪليفون سهڻ - مشڪلاتون پوڳڻُ - مصيبت ڪڙڪڻ.

- روُهُ رَلا (ج): ذ. جبلنُ جو رولو - مصيبتون - مشڪلاتون - ڏکڻ ئي ڏکَ.

- روُهُ رَلا متي ڪَلا (ج): ذ. هميشه مصيبتون - سدائين مشڪلاتون - مسلسل ڏاکڙا. سدائين مسافري.

- روُهه رُليو ج روُهه رُليا: ذ. رولاڪُ - پنڌوارُ - ڀهرُ ڀيرو - بي ماڳو - بي ٺاڪو - بي هنڌو - آوارو - اُلڪائو - رولُو - ٿولاڪڙُ - ٿڙ ٿاڙيو. ڦيٿهڙُ - لُفنگُ - لُنبُ - لوفرُ. سُستُ ڪاٺُ - ٿونيُ - آرامي - ڪاهلُ.

- روُهُ رُليو هڻڻُ: هميشه ڏکنُ ۾ هڻڻ - سدائين ٿولاڪنُ ۾ هڻڻ. لوفر هڻڻ - لُفنگُ هڻڻ. سُست هڻڻ - ٿونيُ هڻڻ.

- روُهڙ (ڪ): ث. ننڍڙيون پٿريون - ڪنڪريونُ - پٿيونُ.

- روُهيڙو ج روُهيڙا (ت): ذ. پٿرائون هنڌ - جابلو هنڌ. ذ. صفت. جابلو - جاپروُ - ٽڪرائيتو - ٽاڪيرُو.

- روُهيڙي ج روُهيڙيونُ: ث. ڪڪري - پٿي - پٿري - پٿرڙي. ڪوهه ۾ پاڻيءَ جي مٿان سخت پٿڻ جو ڊڪُ.

- روهُ لڳڻُ (ڪ): جبل جي ٿڌي هوا لڳڻ. آتر جي ٿڌي هوا لڳڻ. پارو پوڻُ - سيءُ پوڻ.

- روُهَ ۾ رُلائڻُ (ت): آڪَ ۾ چڏي وڃڻ - مصيبتن ۾ وجهي وڃڻ - مشڪلاتن ۾ ڇڏي وڃڻ.

- روُهيُ ج روُهيونُ: ث. (سن. روشڻ) هڪ قسم جو جبل جو ڪارو پٿرُ. اوزارن کي تيکي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ. ڪرڙُ - ڪرلُ -

Gul Hayat Institute

ميراڻ - توهيِ. (ت). سوئر جي وات ۾ مٿين ڄاڙي ۾ ڏندن ٽڪي ڪرڻ جو هڪ عضوو. ٻار ڄمڻ بعد عورت جي پيٽ تي رکڻ ۾ ايندڙ ٻڙ. رڻُ - سيڄَ - ٻرپٽُ - ويرانيِ - صحرا. رڃَ.

- روُهيِ تي وَڃائِڻُ (ت): ڪرو ڪري وڃڻ - خاصو ڪري وڃڻ - سٺو ڪري وڃڻ - ڏاهي ٽوڪي وڃڻ - سوچيِ سمجهي وڃڻ - خيال سان وڃڻ.

- روُهيِ ڏِيَڻُ (ت): ڄڃيءَ جو ترو ڏاهي سٽ يا ڏور سان بند ڪري روهيِ هيٺان رکڻ.

- روُهيلو ۽ روهيلاَ: ذ. صفت. ڪوهستانيِ - ڏونگريو - پهاڙيِ - ڄاپرُوُ - ٽاڪرو. ذ. ڄاهلو ماڻهو. هڪ پکيءَ جو قسم - ڄبل جو ڪاڻءُ - رواجي ڪاڻءُ کان ٿورو وڏو. هڪ ڪيٽري جو قسم.

● روُهيڙَنَ ۽ روُهڙَنُون (ت): ث. ٻاجاريءَ جي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ پڌل رسيِ.

● روُهيڙو: ث. اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۽ تعلقي ديره محبت ۾ ديهن جو نالو.

● روُهڙيِ ۽ روُهڙِيُون: ث. هڪ جبلن ۾ پيدا ٿيندڙ جهنگلي ڦل جو قسم - ڏٽ. هڪ وڻ جو نالو. هڪ جبل جو نالو.

● روُهيڙيِ: اسم خاص. سکر ضلعي جي هڪ شهر جو نالو. تعلقي روُهيڙيِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُهيلانيِ: اسم خاص. ٻگٽيِ بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● روُهيلڙيِ: اسم خاص. تعلقي ميٺيِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● روُهَڻُ: مصدر. (سن. روذن) روڪڻُ - رنڊڻ - رنڊي ڇڏڻ. سوڙهو گهٽڻُ - بندُ ڪرڻ - سنڀڻُ. منع ڪرڻ - جهلڻ - روڪڻ. ٻوهڻُ - ٽڪڻُ - ويساه گهاتي ڪرڻ - ۴۲. ڪرڻ - ٺڳي ڪرڻ.

● روُهو ۽ روُها: ذ. ڏک - درد - تڪليف - روپو - روُلو - ڏاڪڙو - آهنج - ايذاءُ - مشڪلات - مصيبت - پريشانيِ - دَربدريِ - ٽولاڪو. ساڙ - رنج - غصو - ڪاوڙ.

- روُها پيئائِڻُ: تڪليفون ڏيڻ - مصيبتون ڏيڻ - ڏاڪڙا ڪيائڻ - مشڪلاتون ڏيڻ - پريشان ڪرڻ - دربدر ڪرڻ.

- روُها پَسَڻُ: تڪليفون سَهَڻُ - مصيبتون سَهڻ - ڏاڪڙا ڪيڻ - پريشاني ڏسڻ - دربدر ٿيڻ.

- روُها ڏيڻ: تڪليفون ڏيڻ - مُصيبتون ڏيڻ. ٺڳيون ڪرڻ - دغائون ڪرڻ. نقصان ڏيڻ - ٽوٽو وجهڻ - ڪوتَ ڪرڻ.

● روُهيڙو ۽ روُهيڙا (ت): ذ. ترُ جو هڪ وڻ، خصوصاً ٻاهڙمير جو، ڪنهن ڪاٺ لاءِ ڪارائتو. لوهيڙو.

● روُهيڙيِ ۽ روُهيڙيُون (ت): ث. ترُ ۾ ٿيندڙ - هڪ وڻ جو گل.

● روُهيلُ (ڪ): اسم خاص. هڪ لڪ جو نالو.

● روُهيلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● روُءِ: ذ. اسم. (ف. روُ = مُنهن) مُنهن - مُک - مُهڙ - مُهانڊو - چهرو - شڪل - صُورت - حُسن - سُونهن - رونق - سُهڻائي - سوڀيا - شوڀيا - خوبصورتي - مٿاچرو - مَٿُ - سَهاتُ - ترُ - سطح. ڏيکاءُ - لقاءُ - نظارو - ديدار. رُخ - طرف - پاسو. نمونو - طريقو. راءِ - مَتو - خيالُ - ويچار - سوچ. ميل - لاڙو - رَغبت. حالت - حال - درگتي. هلي چلي - مَرجاتا - رسم - رواج - طور - اطوار. ظرف. روبرو - مُنهن تي - آمهون سامهون - اڳيان - منهن ۾ - مُهڙ ۾.

- روُءِ رِعايَتَ ۽ روُءِ رِعايَتُون: ث. (ف) طرفداري - پاسخاطري - پاس - پاسخاطر.

- روُ سُفيدُ: (ف). معزز - عزت وارو - مان وارو - ممتاز - سڳورو - لائق - فائق - برتر - مُعزز ترين. دولتمند - شاهوڪار - غني - امير.

- روُڪَشُ ۽ روُڪَشَ: ذ. (ف). شرمنده ڪندڙ. شرمائيندڙ - شرمسار ڪندڙ. مُقابل - لنظير.

- روُئانيِ ۽ روُئانِيُون: ث. مُنهن - مُک - مُهڙ - مُهانڊو - چهرو - شڪل - صورت. منهن جي رونق.

Gul Hayat Institute

- رونانيءُ ڦري وڃڻُ (ت): شڪل مٽجي وڃڻ - مُهانڊو تبديل ٿي وڃڻ - صورت ئي ڦري وڃڻ. مُنهن جي رونق لهي وڃڻ.

- روءِ بگڙيو ۽ روءِ بگڙيا (ت): ذ. صفت. بدصورت - شڪل بگڙيو - بدشڪل - مُنهن بگڙيو - ڪوجهو.

- روءِ بہ روءِ: ظرف. روبروءُ - مُنهن تي - سامهون - اڳيان - پيش - آمهون سامهون - مُهڙ ۾ - مُنهن سامهون.

- روئيت ۽ روئيتون: ث. (ع. رويت: ڏسڻ) صورت - شڪل - روءِ - مُهانڊو - چهرو. مُهڙ - مُنهن - مُک. ڏيک - ڏسڻي - نگاهہ - نظر - نيرت - بصارت - درشٽ - جوت - ديد. نظارو - نماءُ - درشن. لقاءُ - تماشو - ديدار - ڏيکاءُ. مُلاقات - ڏيٺ - ڏيٺ ويٺ - ميل جول.

- روءِ پوشُ: ذ. ظرف. (ف. روءِ + پوش < پوشيدن = ڍڪڻ) ڳجهو - لڪل - ڇپيل - خفيہ - گُمنام - عدم پيدا - گُم - لاپتہ. پيچل - رفو چڪر.

- روءِ پوش ٿيڻُ: پٺجي وڃڻ - رفو چڪر ٿي وڃڻ - گُم ٿي وڃڻ - لڪي وڃڻ - عدم پيدا ٿيڻ - لاپتہ ٿي وڃڻ - گمنام ٿيڻ.

- روءِ خندانُ: ذ. (ف. روءِ + خندان < خنديدن = کلڻ) کِلندڙ منهن - کِلمُک - کِلڻو - خوش گُفتار - مُرڪيلو.

- روئدادِ ۽ روئدادون: ث. (ف). اڪين ڏٺي حالت. حال - روئداد - روبڪار - احوال - خبر - سُڌ - سماچار - ڄاڻ. ڪٿي - دَشا. هلڻي چلڻي - راڄا ريت - رسم و رواج. اگهہ ڀار. نمونو - قسم.

- روءِ زمينِ: سڄي زمين - ساري دنيا - سڄو جهان - ڪُل ڪائنات. سڄي مخلوقات.

- روءِ سُخنُ: (ف). ڳالهہ جو منهن - سُخن جو خطاب. ڪنهن ڳالهہ جي ابتدا - شروعات - مُنڍ - مُهڙ.

- روءِ سوءِ: ظرف. (ف. روءِ + سوءِ = طرف) پنهنجي سر - پاڻ مُهاڙو - پنهنجي منهن - پاڻ مُرادو - پنهنجي خيال - خود خيال - پاڻيهي.

- روءِ سوءِ ڪمُ ڪرڻُ: پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ - پنهنجي مُنهن ڪم ڪرڻ - ڪنهن جي صلاح وٺڻ کان سواءِ ڪو ڪم ڪرڻ. پاڻيهي ڪم ڪرڻ - پاڻ مرادو ڪم ڪرڻ.

• روئڻُ: مصدر. رُئڻ - روڄ ڪرڻ - روڏن مچائڻ - راڙو ڪرڻ - رڙ ڪرڻ - گريہ ڪرڻ - اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ - هنجون هارڻ. افسوس ڪرڻ - ارمان ڪرڻ - ڏُک ڪرڻ - ماتم ڪرڻ - شوڪ ڪرڻ - غم ڪرڻ. رڇڻون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - پاڪارڻ - واويلا ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - ڪُوڪڻ.

- روئيڙا روئڻُ: پٽڻا پٽڻ - ڏُک ظاهر ڪرڻ - ظلم جي شڪايت ڪرڻ.

- روئڻو ۽ روئڻا: ذ. صفت. رُئندڙ - روڏن مچائيندڙ - روڄ ڪندڙ - روئڻهارڪو. رنگڻو - ڪرڪيريو - ڪهپير - ڪِل ڪِل ڪندڙ. گيدي - بُزدل - ڊڄڻو.

- روئڻ هارڪو ۽ روئڻ هارڪا: ذ. صفت. رُئڻ جهڙو - رُئڻ ڏانهن مائل. غمگين - آداس - شرمسار - شرمنده.

- روئڻي هوڻُ: رُئڻ - اکين مان آب وهائڻ - ڳوڙها ڳاڙڻ - هنجون هارڻ - روڏن ڪرڻ - روڄ ڪرڻ - رُئڻ هارڪو ٿيڻ. ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ. غمگين ٿيڻ - آداس ٿيڻ - ڏُک ۾ پرجڻ.

- روئيءُ ڏيڻُ: رُئڻ اکين مان آب وهائڻ - ڳوڙها ڳاڙڻ - هنجون هارڻ. عاجز ٿيڻ - تنگ ٿيڻ - ڪِڪ ٿيڻ - بيزار ٿيڻ.

- روئيءَ رت هارڻُ: تمام گهڻو رُئڻ - روڄ راڙو ڪرڻ - روئي نيڻ نيچوئڻ - اکين مان آب وهائڻ - هنجون هارڻ.

- روئيءُ روئيءُ آڪيون سڄائڻ: تمام گهڻو رُئڻ - روئيءَ رت هارڻ.

Gul Hayat Institute

- روئي روئي رَڃُ پَرَڻُ: انجام تان ڦِرَڻُ - بهانا ڪرڻ - عُذر ڪرڻ - نَٽَڻُ نَٽاءُ ڪرڻ.

- روئي ڪِنُ ڪَرَڻُ: تمام گهڻو رُئڻ - رودَنُ سَچائڻ - واويلا ڪرڻ.

- روئي روئي گهَرُ پَرَڻُ: تمام گهڻو رُئڻ - روئي روئي گهَرُ مٿي تي کَڻَڻَ.

- روئي گُذارَڻُ: ڏُکيو ڪاٽَڻُ - مصيبت سان گُذارڻ - تڪليف ۾ رَهڻ - تمام مشڪلات سان وقت گذارڻ.

- روئي وِهَڻُ: روئي ڏيڻ. مايوس ٿي وِهڻ - نااُميد ٿيڻ - نِراس ٿيڻ - بي آسرو هجڻ.

● روڙو ج روڙا (ل): ذ. سارين جي پوڪ جو هڪ مرض. انَ ڪي ساڙي ڇڏيندڙ، سنگ کي ڪيرائي وجهندڙ - روڙو.

● رَوِي ج رَوِي: ذ. اسم خاص. سِجُ - سُورج - شمسُ.

● روُيا ج روُيائُون: ث. (ع.) خوُاب - سُپنو. عڪس - خيال - ويچارُ - نظر - بصارت - ڏِسٽي - نِرت - نِگاهه. دَرشن - دِيدار - درشني - مشاهدو. جِنُ - ڀوت. آڀاس - ڇايا - ڇاپو - سايو - پاڇولو.

- روُياءِ صادِقہ: (ع). سچو خواب - حقيقي سُپنو.

- روُيَتَ ج روُيَتُون: ث. (ع). ديدار - دَرشن - مُشاهدو - ڏِسٽي.

- روُيتَ هِلالُ: ذ. (ع). ڀهرين تاريخ چنڊ جو نظارو - چنڊ جو ديدار - ڀهرئين ڏينهن چنڊ جو مشاهدو.

● رِوِينيُو: ذ. (انگ. Revenue) ڍل وصول ڪندڙ کاتو: ث. ڍَلَ.

● رَوِيو ج رَوِيا: ذ. تارن جو ميڙ. راس چڪرُ - مَنطقتہ البُرُوج.

● رَوِيتو ج رَوِيتا: ذ. چال چلگت - هَلڻي چَلڻي - اُٿي ويٺي - برتاءُ - چالَ چلتَ - نِشستِ وَ بَرخواستَ - دُنيا سازِي - رَوِشَ. طريقو - دستورُ - قاعِدو - قانونُ - رِيتِ - رَسمَ - نمونو. ظابطو.

● رَهُ ج رَهُون: ث. (ف). رَستو - راهَ - سَڙڪَ - واٽَ - دَڳُ - گَسُ - پيچرو - لنگهُ - گُذَرُ - گهاڙو. مرتبو - دَفعو - وارو - گهمرو - ڦيرو. نمونو - طريقو - دستورُ. قانونُ - قاعِدو. نغمو - آوازُ - سُرودُ - واڄو. (ت). اوزار جي ڌارَ - تيزائي.

- رَهبَرُ ج رَهبَرَ: ذ. (ف. رَه + بر > بردن = نيڻ - وٺي وڃڻ) رستي سان وٺي هلندڙ - رستو ڏيکاريندڙ - رستو ڏيکاريندڙ - دڳ لائيندڙ - واٽ ڏيکاريندڙ. سُونهون - ڀُوميو - رَهنِما - هدايت ڪندڙ - پيشوا - مَهندارُ - سَردارُ. مددگارُ - حامِي - حِمايتِي - واهِرُو. رهبارو - قاصِدُ - نياپو رَسائيندڙ. مرشد - هادي - گُرو.

- رَهبَرُ ٿيڻُ: رستو ڏيکاريندڙ ٿيڻ - رهبر ٿيڻ - سونهون ٿيڻ - هادِي ٿيڻ - رَهنمائي ڪرڻ.

- رَهبَري ج رَهبَريُون: ث. (ف). رَهنِمائي - سُونهپَ - اڳواڻي - پيشوائي - هِدايتَ. مَهندارِي - سَردارِي. آسانائي - مُشڪل ڪُشائي - حِمايتَ - مَددَ - واهِرُ - مددگارِي

- رَهبَرِي ڪَرَڻُ: رَستو ڏيکارڻ - واٽَ لائڻ - سُونهپَ ڪرڻ - سُونهون ڪرڻ - هِدايت ڪَرڻ. پيشوائي ڪرڻ - اڳواڻي ڪرڻ. مهنداري ڪرڻ - سَردارِي ڪرڻ.

- رَهِدارُ ج رَهِدارَ: ذ. صفت. (ف) "مسافريءَ تي يا ڪنهن ڪَمُ تي" سَنبِريَلُ - تيارُ ٿيل - روانو ٿيل - آسَهيلُ.

- رَهرُو ج رَهرُو: ذ. (ف. رَه + رو > رفتن = وَڃَڻُ) وانهڙو - واٽ ويندڙ - مُسافِرُ. پرديسي - بديشي - آيُومِيو.

- رَهرَوانُ ج رَهرَوانَ (ت): ذ. (ف. ره + روان > رفتن = وڃڻ) مُسافِرُ - واٽَ ويندڙُ - پرديسِي - بِديشِي - آيُومِيو - آڻ سُولهون. قافلي وارو - ڪاروانُ وارو.

- رَهزَنَ ج رَهزَنَ: ذ. (ف. ره + زن > زدن = هڻڻ). واٽ هڻن کي ڦريندڙ - مسافرن کي

Gul Hayat Institute

لُٽيندڙ- ڦورو- لُوٽُو- ڌاڪُو- ڌاڙيلُ- لٽيرو- واٽمارو- رستي تان ڦُرڪندڙ- راه ويندي مُسافرن کي ڦُريندڙ. بدمعاش- شاهي- لُچو- چرلو. ٺڳ. بدچالُ. بي ايمانُ- خيانت وارو- دغاباز- ڪُميتيو- ويساه گهاتي.

- رَهزني ع رَهزَنيُون: ث. (ف). واٽ ويندڙن سان ڦُر- ڦُرمار- هَٿُ ڪَسَ- لُٽَ- ڦُرَ- راهزَني- ڌاڙو- قزاقي- ڌاڪُو.

- رَهگُذَرُ ع رَهگُذرَ: ذ. (ف. ره. گذر < گذشن = لنگهڻ) عام رَستو- شاهراهُ- سٽيڪَ- شارعِ عام- لَنگهُ- گسُ- دَڳُ- گهاٽو- واٽَ- راهَ- سڙڪَ. لانگهائو- واٽهڙو- واٽَ ويندو- مُسافرُ- پانڌيڙو.

- رَهگُذَرُ ٿيڻُ: لانگهائو ٿيڻ- واٽهڙو ٿيڻ- وَٽان لنگهڻُ- گُذري وَڃڻُ- رَستو وٺي وَڃڻ- پانڌيڙو ٿيڻ. وانجهڻُ- رَوانو ٿيڻ- موڪلائيڻُ- آسهڻُ.

- رَهنُما ع رَهنُما: ذ. (ف. ره + نما < نمودن = ڏيکارڻ) واٽ ڏيکاريندڙ- رستو ٻڌائيندڙ. سُونهون- رَهبَرُ- پيشوا- اڳرو- اڳئو- رَهنمائي ڪندڙ. هادي- هدايت ڪندڙ- وَسيلو- مُرشِدُ. مهندارُ- سردارُ. حامي- حمايت ڪندڙ- حمايتي- مددگارُ- واهرو- پٺڀرو.

- رَهنُمائي ع رَهنمائيُون: ث. (ف). سُونهَپَ- هدايتَ- اڳوائي- پيشوائي- رهبري- اڳرائي. مهنداري- سرداري. حمايت- مدد- مددگاري- پُٺڀرائي- واهرَ.

- رَهوارَ: ث. گهوڙي جو هڪُ پنڌ.

- رَهوارُ ع رَهوارَ: ذ. (ف). قدم بازُ گهوڙو- تيز رفتار گهوڙو- تکو گهوڙو.

- رَهوَرُ ع رَهوَرَ: ذ. (ف). رهبر- رهنما.

● رَهِ ع رَهيُون (جبل): ث. عادت- هيرَ- عِلت- پانڌاڻ.

- رَهِ ڪَٽڻُ (ل): عادت پوڻ- هيرَ ٿيڻ- عِلت پوڻ.

● رِها ع رِها: ظرف. (ف). آزاد- خلاص- ڇُٽل- ڇڏيل- نجات يافته- ٻَري- ڇُٽواڳ- آجو. ع رِهائُون (ت): ث. ٻچڙ ڏاچي.

- رِها ڪَرَڻُ: آزاد ڪرڻ- ڇڏي ڏيڻ- ٻَري ڪرڻ- نجات ڏيڻ- بند خلاص ڪرڻ. ڇُٽواڳ ڪرڻ.

- رِهائي ع رِهائيُون: ث. (ف). ڇوٽڪارو- ڇوٽڪو- ادائي- آزادي- ڇُٽواڳي- نجات- بند خلاصي- خَلاصي- آجائي- فراغت- ٻَريت- مُڪتي- موڪَ. موڪل- رُخصت. مَعافي. آرام- فرحت- قرار. داد رسي. ٺاهر- ماٺ- سانت.

- رِهائي ڏِيَڻُ: آزادي بخشڻ- ڇڏڻ- آزاد ڪرڻ- نجات ڏيڻ- ڇوٽڪارو ڪرڻ- مُڪتي ڏيڻ- ڇٽواڳ ڪرڻ- آجائي ڪرڻ- بَندُ خَلاص ڪرڻ.

● رُهاڙَ ع رُهاڙُون (ل): ث. برسات جو هڪ قسم. لَسَ- رُهي.

● رِهاسَتَ ع رِهاستُون: ث. (هـ). رهائش- سڪونت- قرار- ماڳ- ٺڪاڻو- هنڌ- جاء- جڳهه- مڪان- آستانو.

● رَهاشَ ع رَهاشُون: ث. رهاشت- رهائش- گهرُ- رهڻ جي جاء- ماڳُ- مڪان- سُڪونت- قيام- آستانو- ٺڪاڻو.

- رَهاشَتَ ع رَهاشتُون: ث. رهاش- رهائش- گهرُ- رهڻ جي جاء- ماڳ- مڪان- قيام- آستانو- ٺڪاڻو- هنڌ. مُلڪ- وطن- ديس.

- رَهاشو ع رَهاشو: ذ. رهاڪو- ويٺل- رهائشي- قيام پذير.

- رَهاڪُو ع رَهاڪُو: ذ. رهاشو- رهواسي- ويٺل- باشنده.

● رَهانُ (ت): اسم خاص. هڪ قسم جي خريف جي ٻوڪ.

● رَهانو ع رَهانا (ل): ذ. خيال- شوق- چاه- چاتي- موهه- پيار- محبت. لاڙو- رغبت.

● رِهاڻِ ع رِهاڻيُون: ث. (سن. رُڏ). رُنّ جهنّ- وڻندڙ ڳالهه ٻولهه- مزيدار- گفتگو-

Gul Hayat Institute

ڪَپَ شَپَ - ڪچهري - ڪچهرو - خوشيءَ جي
ڳالهه ٻولهه - مجلس - وندر - چهر ٻهر. ٻِڌاڪ سِڌاڪ -
صحبت - ورونهه - لڳنڪو چڳنڪو. محبت - قرب -
پيار. دوستي - سنگت - ياري - آشنائي - سينڌ سڃاڻ -
واقفيت - سڃاڻ - ڏيٺ ويٺ - ملاقات - اثر رسوخ.
پَنِ جو هڪ قسم، تڏن ناهڻ جي ڪم
ايندڙ.

- رِهاڻيءُ ۽ رِهاڻِيءَ: ذ. ساڙڪي - مجلسي -
ڪچهري ڪندڙ - هم ڪلام. صحبتي - محبتي -
دوست - يار - آشنا - پيارو.

● رَهاوَلِزَئِي: اسم خاص. مري بلوچن جي
هڪ قبيلي جو نالو.

● رَهاوِيءُ: ذ. (ف). فارسي راڳ جي ٻارهن
سُرن مان ٻهرئين سُر جو نالو.

● رَهائِڻُ: مصدر. ترسائڻ - ٽِڪائڻ. وفاداري
ڏيکارڻ - دوستي وڌائڻ - محبت قائم ڪرڻ. رسائي
ڪرڻ.

- رَهائِشَ ۽ رَهائِشُون: ث. (ف). سڪونت -
مسڪن - قيام - گهر - جاءِ - جڳهه - ماڳ - هنڌ -
ٽِڪاڻو - ٽِڪاڻو - آستانو.

- رَهائُو ۽ رَهائُو: ذ. وينل - باشندو -
رهاڪو - رهواسي - رهندڙ. رهاشو. قيام پذير -
ٽِڪيل.

● رِهائِڻُ: مصدر. (س. آرَهَ). حقي هجڻ -
جائز هجڻ - روا هجڻ. مُباح هجڻ. سُونهڻ -
ٺهڻ - جڳائڻ - سِڀائڻ. لائق هجڻ - واجب هجڻ.
ڏِسارڻ - لاڃائڻ - رِيڻ - ٺڪڻ - ڦَسلائڻ.

● رُهبانُ: راهب جو جمع: ذ. (ع). عيسائين
جو زاهد - راهب - پادري.

- رُهبانيت ۽ رُهبانيتُون: ث. (ع).
ترڪ دنيا واري حالت - بنواسي ٿيڻ جو طريقو -
بيراڳ پڻو - ويراڳ - لاطمعي. عبادت - بندگي -
رياضت - پُوڄا.

● رَهبيلي ۽ رَهبيليُون: ث. هڪ قسم جو
گُل. ”ٻاريءَ منجهه ٻهڪن هيون رهبيليون
رنگدار“.

● رَهپَٽَ ۽ رَهپَٽَ (ل): ذ. پِٽڙيءُ ڪَپَ -
پٽڙو گارو - راڙو - چِڪڻ - راڙ يو - رَپڙو.

● رَهَتِ ۽ رَهَتِيُون: ث. باقي - ٻاڇي -
بچت - رَهيلُ - بقايا - چِڏيلُ. لڇڻ -
لَڇُ - ڪِيرُ - عادت - افعال - چيهڙ - آڌي - ويٺيءَ -
نشست برخواست - ادب انداز - رهڻي ڪهڻي -
عادت - خصلت - شيوو - رَوِشَ - طريقو - نمونو -
سڪونت - ڍنگ - سڀاءُ - اخلاق. ٻهار - طرح -
وجه - دستور - ڊار - ريت - قِسم - نمونو - ارڪار.
ڊَوَلُ - خَوءِ - وَتِيرُ - ڍَبُ. واقفيت - جاڻ سڃاڻ -
آشنائي - ڏيٺ ويٺ. دوستي - سنگت - ياري -
سيڻپ. رَد ٿيل - منسوخ ٿيل - ڪاٽا - ختمُ -
ڪُٽِيلُ هڪ چال جو قِسمُ - سُوري ۽
سُوڙيءُ چال - سُٺي رفتار - خوش رفتار.

- رَهتِ ڪَرَڻُ: ڪُجهه چِڏڻُ - بقايا رکائڻ -
ڪُجهه بچائڻ - ٻاڇي ڪرڻ. ڪا شيءِ
ڇڏي ڏيڻ - تياڳڻُ - ٽَيڻو ڪرڻ - تَجڻ - اُچلڻُ.
ٻاڙ رکڻ - ٻَري ڪرڻ. نااميد ڪرڻ - بي آس
ڪرڻ. ڪسڻ - ڦرڻُ.

- رَهتيوانُ ۽ رَهتيوانَ: ذ. صفت. سُلڇڻو -
نيڪ عادت - نيڪ افعال - نيڪ شعور - نيڪ
خصلت - فضيلت وارو - سڌا ٽورو - شائستو -
تهذيب - ستري - ادب وارو - بااخلاقُ.

● رَهَتِ: صفت. هيٺو - بي واهو - بي واهُ -
لاچارُ - آپالو - ڏنڊ ڏيڪو - ڏَتيڙ يَلُ - ابتر حال -
يتيمُ. خالِيءُ - سکڪو - تلهو - ٻاليهو - واندو.
حرف جر. بنا - بي رِيُ - ڪاالسواءِ - سواءِ. ظرف.
ٻريان - ٻرئين پاسي - هنَ پارِ - ٻَرپرو.

● رَهتِ ڪَرَڻُ: اڻ ٽڪون ڪرڻ - بيگانو
ڪرڻ. غضب ڪرڻ - ڦرڻُ.

● رَهَتَ ۽ رهتُونُ (ل): ث. ٿوري گاهه
جي ساوڪ - سائي وَڙَڪ.

● رَهَتَڻُ (ل): مصدر. رهڙڻ - ڪتنهڻ -
رهتون ڏيڻ - ڪرڙڻ. ڪنهار ڪرڻ. ليڪا
ڪڍڻ. گهوتڻ - ڪِتڻ - سٽڻ. سارڻ -
جانگورڻ - پيچڻ.

Gul Hayat Institute

- رَهَتَ ع رَهَتُون (ل): ث. کَرَڙو ـ رَهَتو ـ رَهڙو. کنهارَ. جهڙڪَ ـ سخت ڪلامي ـ تنبيهه ـ جُٺَ ـ ڦِٽ.
- رهَت ڏِيَڻُ (ل): رَهَتَڻُ ـ جهڙڪَڻُ ـ تنبيهه ڪرڻ ـ جُٺ ڪرڻ. سخت ڪلامي ڪرڻ.
- رَهَتُو ع رَهَتا (ل): ذ. وَهَتَ ـ تنبيهه ـ جهڙڪَ. بُجو ـ پُونبو.
- رَهَتُو ڪَيَڻُ: رَهَتَڻُ.
● رَهُپَهَ: ث. هڪ پَسارڪي وَکر جو نالو.
● رِهيچ ع رِهيچُون (ت): ث. تنبيهه ـ جُٺَ ـ ڦِٽَ ـ ملامتَ ـ جهڙڪَ ـ سخت ڪلامي.
● رَهيراس ع رَهيراسيُون: ث. سِکَنَ جي شام جي بندگي ـ خالصن جي سانجهيءَ جي عبادت.
● رَهه رِيتِ ع رَهه رِيتيُون: ث. راهه رِيتَ ـ رَسَمَ ـ رِيتَ ـ پَروِيزَ ـ پَرَ ـ هَلِي چَلِي ـ مَرجاتا ـ وَتيرو ـ استعمال. عادَتَ ـ حالُ ـ چال ـ هيرَ ـ وِرُدُ ـ خُوءِ ـ پَرَ ـ غِذا ـ رَوَشَ ـ شيوو ـ خَصلتَ ـ عِلتَ ـ مارَ ـ حالتَ ـ دَشا ـ اوستا. لِباسُ ـ وِڳُ ـ پَهرِڻي ـ پوشاڪَ.
● رَهَڙُ ع رَهَڙَ (ل): ذ. آتَ جو آواز. ناخوشيءَ جو وقت ـ غَمي جو وقت ـ افسوسُ جو موقعو.
- رَهڙڪِي: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● رَهِڙَڻُ: مصدر. رُهندا پائڻ ـ رُهِنبڊَڻُ ـ نُهِنبڊَڻُ ـ ڪَتِرَڻُ ـ رَهِنَڻُ ـ جانُيوتا پائڻ. کنهڻ ـ کنهار ڪرڻ. تڙو ڪم ڪرڻ ـ جلدائي ۾ ڪم ڪرڻ ـ اُبهرو ٿيڻ ـ جلدباز ٿيڻ. لِيڪُها ڪيڻ ـ لِيڪا ڪيڻ. بودا ڪيڻ ـ ڪِنا اکر لِکَڻُ. اَنکل سان ٻئي ماڻهو جو سامان هضم ڪرڻ ـ ڳڙڪائڻ ـ ڦباڻڻ ـ ڍُوهَڻُ. ڦُرَڻ ڪائڻ. روڙَڻُ ـ پَٽَڻُ ـ چِنَڻُ ـ تُوڙَڻُ ـ جُدا ڪرڻ.
- رَهَڙَ ع رَهَڙُون: ث. لِينڪهو ـ رُهِنبو ـ رَهَنبُ ـ رَهتو ـ رَهَتَ. جسم سان ڪنهن شئي جي ڪُهڪِي اچڻ ڪري ٿيل نشانُ ـ زخمُ. ڏُوڪَ ڏُوڪان ـ اُبهرائي ـ جلدائي ـ تکڙِ ـ اَتاولِي. چِرِ چِرِ ـ چِرِڙاتَ ـ چِيچاتَ (قلم جي). دَڙڪو ـ دَباءُ ـ چَمَتَ ـ رعب ـ دَهمانُ. مارَ ـ موچڙا ـ ڪُٽَ ـ سَٽ ـ چاگور ـ دَرِباڙَ ـ پِيچَ. وَهَندڙ وستو ـ گهاڙُو رَستو ـ سَڙَڪَ ـ دَڳُ. (اسم خاص) اتر سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.
- رَهڙَ ڏِيَڻُ: چِيڙُ ڏيڻ ـ چِيهه ڏيڻ ـ چَهڪُ ڏيڻ. رُهنبو پائڻ ـ رَهَتَ ڏيڻ ـ رَهڙَڻ. دَباءُ رکڻ ـ چمت رکڻ ـ دَبائِڻُ ـ رعب رَکَڻُ.
- رَهڙَ سَهڙَ ع رَهڙُونُ سَهڙُونُ (ت): تمام تکڙِ. اُبهرائي ـ جلدائي ـ سيگهه ـ اَتاوِلائِي ـ هنگَ ترڪان.
- رَهڙَ ڪَيَڻُ: چِڙِٻڻُ ـ چِيڻِيَڻُ ـ سِنَڻُ ـ جهڙڪَڻُ ـ چِنبَ ڪيڻ ـ ڍِيسَبَ ڪَيَڻُ ـ ڏَمڪائِڻُ ـ دَبَ ڪيڻ ـ ڳالهائڻ ـ ڏَمڪِي چاڙهڻ ـ ڌَمال ڪيڻ.
- رَهڙُو ع رَهڙا: ذ. رهڙَ ـ رُهِنبو ـ رَهتو ـ رَهَنبَ ـ رَهِتَ. خارش ـ کنهار ـ آتشڪ. جلدائي جو ڪم ـ اُبهرائي جو ڪم. اُبهرائي ـ تَکڙَ ـ جلدائي ـ تعجيلَ ـ هَٿيِڙَ هَٿيِڙَ ـ تا ٺُوتُ ـ آترو پلا ـ وٺُ پَکڙَ ـ سيگهه ـ آتاوِلائي. کَهتُو ـ کِسکو ـ کَهڪو. پَتاڪَ ـ داڙَ ـ ڏَتو ـ لَباڙَ. واتَ ـ کَسُ ـ رَستو ـ دَڳُ ـ سَڙڪَ ـ گهاڙُو. مَاهه يا ڪُشتيءَ جي وڙهڻ جي هڪ ڪِيڏُ.
- رَهڙُو ڪَيَڻُ (ت): چِيڻِيَڻُ ـ ڏمڪائِڻ ـ چِنبَ ڪيڻ.
● رَهِڙُو ع رَهِڙُو: ذ. ڏوهائي ـ ڏوڪيباز ـ دَلبائي ـ حرِيفُ ـ ويساهه گهاتي ڪندڙ ـ ٺگُ ـ ڏَتائي ـ ڏَليباز ـ ڪشتِي.
● رَهڙِي (ک ـ ل): ث. هڪ پَرتُ جو قِسم.
● رُهڙِي ع رُهڙِيُون: ث. لَسو پَٿرُ ـ پَهڻي ـ لَسو پَٿرُ ـ عَينڪي پَٿرَ. طاقُ هَٿينڪ.
● رَهَزُ ع رَهَزَ (ل): ذ. گهرُ ۾ گُونَ جي ٽَڪَرُ ۾ سِبيَل ڳاهُ جي پَري، سُولهن لاءِ رکيل.

Gul Hayat Institute

● رَهزادِي: ث. جُوئر جو هڪ قسم.
● رَهزارِي ۽ رَهزارِيُون (ت): ث. اسم خاص. ڳاڙهي ان ۽ ٿُلهي واري جُوئر جو هڪ قسم.
● رَهسَڻُ: مصدر. (س. رهسيہ) خوش ٿيڻ - سَرهو ٿيڻ - سُهجو ٿيڻ - بهار ٿيڻ - آنند ۾ اچڻ - پَرسن ٿيڻ - نِهال ٿيڻ - راضي ٿيڻ. سُکي ٿيڻ - آسودو ٿيڻ. ڀختاور ٿيڻ - ڀاڳ وارو ٿيڻ - ڀخت وارو ٿيڻ - سَدورو ٿيڻ - ڀاڳوان ٿيڻ - سدا ٿُورو ٿيڻ - خوش نصيب هجڻ - قسمت وارو ٿيڻ.
- رَهَس ۽ رَهَسَ: ذ. (س. رهسيہ) خوشي - لُطف - عيش - رهسو - پوڪ - حَظُ - مَزو - فرحت - لَذت - آنند - پرسنتا - ٻَهاري - سُهجائي. وند ر. ڀَختاوري - سَڀاڳائي - سَدورائي - ڀاڳوانِي - خوشنصيبي. رازُ - ڳُجهہ - ڀيد. حِرص - طَمع - لالچ - موهُ - حَرَصُ.
- رَهَسائِڻُ: خوش ڪرڻ - راضي ڪرڻ - نِهال ڪرڻ - پَرسن ڪرڻ - سَرهو ڪرڻ. حِرصائڻ - لالچائڻ - طمع ڏيارڻ - موهُ پيدا ڪرڻ - هوس آڻارڻ.
- رَهُسو ۽ رَهُسا: ذ. کِيلَ خوشي - مَزو - رَوُنشو - وندر - لُطف - قرار - سرهائي - پرسنتا - راضپو. فرحت - آرام. حِرص - لالچ - طمع - هَوَس.
● رَهَڪ ۽ رهَڪُون (ت): ث. وِهڻ جي جاء - رهڻ جي جاء - سڪونت - قِيام گاهہ - ماڳ - مڪان - ٽِڪاڻو - رهائش - جاء - جڳهہ.
● رَهَلُ ۽ رَهَلَ: ث. ڪنهن مذهبي ڪتاب رکي پڙهڻ جي لاء ٻن ڪاٺ جي تختين مان ٺهيل مَنجي.
● رَهلو ۽ رَهلا (ت - ل): ذ. سنگت - دوستي - ياري - صحبت - آشنائي. ميلاپ - گڏجاڻي - ملاقات. گهوڙي جي هِنڌ جو هڪ قسم - رَلو (ت).
● رَهنُ: ذ. (ع. رهن. گروي رکڻ) گروي - ڪَفالت.
- رَهنِ ارضِي: ث. (ع). زمين يا جائداد جي گِروي.
- رهنِ انتَفاعِي: ث. (ع). فائدي ڏيڻ واري گِروي.

- رَهنِ اِجتَماعِي: ث. (ع). مشترڪ گِروي.
- رَهن دَرَ رَهن: ذ. هڪ ماڻهوءَ وٽان گِروي ٿيل شيء ڇڏائي، ٻئي وٽ گِروي رکيل - گِروي جي مٿان گِروي.
- رَهن مُطلَق: (ع). هٿو هٿ گِروي.
- رَهن مُتَمادِي: (ع). ڪنهن مقرر مدت تائين گِروي.
- رَهن نامو ۽ رَهن ناما: ذ. (ع. ف). آهو دستاويز، جو گِروي رکڻ وقت لکي ڏجي - ڪفالت نامہ - گِروي نامہ.
- رَهَنتَ ۽ رَهَنتُون: ث. ماٺ - ٺهرَ - آرام - شانتي - امن - ماٺت - قرار - سالت - ٺانهر. ساهي - آسائش - چَينُ - سُکُ - آسودگي - راحت - ڌيرج - جميعت. سهولت - سهنجائي - سولائي - آساني. لئبہ - آرام.
- رِهَندو ۽ رِهَندا: ذ. صفت. باقاعدي - حَقي - سَچو - جائز - قانوناً وَ شرعاً جائز - حقائتو - برحق - حَق حَلالي - رَوا.
● رَهَندِ وَهِندِ ۽ رَهَندُون وَهَندُونُ (ڪ): ث. ٺٺول واري رهاڻ - آوڏايون دُهرائي ڪيل مسخري - ٺٺول - ٺوڪَ - ڏَنَڪَ.
● رُهِنبَڻُ (ت): مصدر ٺُهن مان رَهڙون ڊائڻ - رانيُوٽا هڻڻ - رُهنبا ڊائڻ - رُهڙڻ - رونبڙا ڊائڻ - رونبڙا هڻڻ - جهانيُوٽا ڊائڻ - ڪُرڙڻ - ڪُرچڻ. ڇنبا هڻڻ.
- رُهنبَ ۽ رُهَنبُونُ: ث. رُهنبو - رهڙ - رانيُوٽو - چَنبو - رالبُوڙو - رونبڙو - جهانيُوٽو. چِيرَ - وَڍَ.
- رُهَنبو ۽ رُهَنبا: ذ. رُهَنبَ.
- رُهِنڪارَ ۽ رُهَنڪارُون (ڪ): ڍِڳَ يا مارَ سبب ڪيل دانهن - رَنڀَ - وڏي دانهن - رَڙ - ڀاڪار - ٻَيڪ - ٻوڪارَ.
- رُهَنڪو ۽ رُهَنڪا (ڪ): ذ. سنهڙو آواز - رُنڪو - ٺُنڪو - ٻُنڪو - ٻُڪاٽُ.
● رَهَڻُ: مصدر. ترسڻ - ٽِڪڻ - ٺهرڻ. ٺمڻ - آٻهڻ - ٻيهڻ - ٻيهي وڃڻ. صبر ڪرڻ - ماٺ ڪرڻ -

چُپ ڪرڻ. بَچڻ- بَچِي پوڻ- رهجي وڃڻ. قائم هجڻ. برقرار هجڻ. گُذارڻ- جيئڻ- جيئرو هجڻ- گهارڻ- قيام ڪرڻ- ڪاٽڻ. ڪيڏڻ (راند). باز اچڻ- پاسو ڪرڻ- ڪِناره ڪَشي ڪرڻ- ڇڏڻ- ٽَرڻ- ٽارو ڪرڻ (ڪنهن ڪم ڪان). بيت يا گُجهارت جو نه پڄڻ. بند ٿيڻ.

- رَهُجِيءُ وَڃَڻُ: پٺيان رهڻ- پوئتي رهڻ- پُٺتي رهڻ. ٽِڪي پوڻ- ترسي پوڻ- رَهڻ- ٽِڪڻ- قيام ڪرڻ. بچڻ- پاڇي پوڻ- باقي رهڻ- بقايا ٿيڻ. قائم رهڻ- موجود رهڻ. ڍلوٽي وڃڻ- ڍرو ٿي وڃڻ.

- رَهَڻُ ڏيَڻُ: پٺيان ڇڏڻ- بقايا ڪرڻ- پاڇي ڪرڻ- بچت ڪرڻ. هٿ نه لڳائڻ- خاموش ڪرڻ- ماٺ ڪرڻ- چُپ ڪرڻ- سانت ڪرڻ. قائم رکڻ. ڇڏي ڏيڻ.

- رَهُڻِي ۽ رَهُڻِيُون: ث. آٽ وهه- نشست برخواست- آٿي ويٺي- شَهُور- ادب اندازو- هَلت- چَلت- مرجاتا. ڍَنگ- پَٽُ- ڍَبُ- ٻارُ- طرح. لَڇڻ- لَلُ- ڪِرُ- عادت- افعال- عمل- فعل- ڇيهڙ- ارڪان- ڪَرتُوت. مهملي- روڪ- بندش- روڪ ٿام- ٺَهر- ٺانهَر- ٿَمَ- ترسڻي- ٽِڪڻي- موڙٺي- ٿمڻي. سهن شڪتي- آڌار- آسرو- ٽيڪ. حياتي- زندگي- عمر- ڄمار- ڇوٽا- آجِيوڪا.

- رَهُڻِي ڪَهُڻِي ۽ رَهُڻِيُون ڪَهُڻِيُون: ث. آٿي ويٺي- هلت چلت- آٽ ويهه- رسم ورواج- افعال- ارڪان- ڪرتُوت- ڪم- لَڇڻ.

● رَهِيُو (ڪ): اسم خاص. ٻارڻ لڳ هڪ جبل جو نالو.

● رَهُو ۽ رَها (ت): ذ. شورو- پوڙ جي لاس- گيريي- رَسُ- شوربو- شُورو- لاڳُ.

- رَهُو ڪَيَڻُ: تڪليف ڏيڻ- آزارڻ- ستائڻ- مصيبتون ڏيڻ. ڪَڪ ڪرڻ- بيزار ڪرڻ- پريشان ڪرڻ- سخت ڪم وٺڻ.

● رَهُو ۽ رَهُو: ذ. اسم. رَهواسي- رهاڪو- رَهندڙ- قيام پَذير- باشندو.

- رَهَواسِي ۽ رَهَواسِي: ذ. رَهاڪُو- رَهُو- رهندڙ- رهيل- ويٺل- باشندو- قيام پذير.

● رَهَوالُ ۽ رَهَوالَ (ت): ظرف. شروع ٿيل- شُروعاتَ ڪيل. ذ. صفت. هوشيار- داناءُ- ڏاهو- عاقِلُ- سياڻو- چالاڪُ.

- رَهَوالُ ڪَرَڻُ: شروع ڪرڻ- شروعات ڪرڻ. روالو ڪرڻ. آسهائڻ- موڪلڻ- پيڇڻُ.

● رَهُوائِي: اسم خاص. سنڌ ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● رَهوائڻُ: (ت): مصدر. آبادي ڪرائڻ- پوکائڻ- آباد ڪرائڻ- پوکَ ڪرائڻ.

● رُهِي ۽ رُهيُون: ث. اِسم. کهِيَلُ هوا- سَرلو. ٿَڌُ- سِيءُ- سَردِي- ٺارُ- سِيانڊڙو- سِياٽو. سِياري جي برسات- جهَڙ- ڪَڪَرُ- مينگهُ- سَاهارُ- جهَڙالو- ڪَڪرُ ڇانئو (ڪ). لرزش- ڏَڪڻي- خوف- ڊَپُ- ڊيڄو- ڊِڄُ- پَوُ. (ٿ). سُڪَلُ- ڏَهَرُ.

- رُهِي ٿِيَڻُ (ٿ- ڪ): سِياري جو مينهن پَوَڻُ.

- رُهِي ڪَرَڻُ: آسمان جو سياري ۾ جهَڙُ ڪرڻ- برسات وَسڻ جي تياري ٿيڻ- برسات آچڻ- مينهن جو پَرجي آچڻ.

● رَهِيجِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَهيڪُ ۽ رهيڪَ (ڪ): ذ. صفت. هيراڪُ- عادتِي- عِلتِي.

● رَهيلو ۽ رَهيلاَ (ت): ذ. صفت. وَهِيٽ جو سُکيو پَنڌُ- رَلو- رَهِيلو.

● رَهِيڻ: ذ. صفت. (ع. رهن = گروي). گروي ٿيل- گِروِي رَکيل- گِروتَ. ظرف. تابع- ماتحت- زيردَستُ- هَٿُ هيٺُ.

- رَهِيڻُ ۽ رَهِيڻَ: ذ. تعلق- لاڳاپو- ڳانڍاپو.

- رَهِيڻِ مِنَّتَ ۽ رَهِيڻِ مِنَّت: (ع. رهن. منت = شڪر گذاري). اِحسانمندُ- شُڪر گُذارُ- مَمنُونُ.

Gul Hayat Institute

● رَهيو سَهيو ج رَهيا سَهيا: ذ. صفت. باقي مانده - بَچيل - بَچت - پاڇيو - بقايا - پوئتي رهيل - پُٺيان ڇڏيل - اوگهه سوگهه - باقي.

- رَهيو کُهيو ج رَهيا کُهيا: ذ. صفت. بَچت سَچت - باقي - بقايا - رهيل کُهيل - آقي باقي - پاڇيو - سڀ جيڪي بچيل. رَهي کُهي - باقي مانده. کَرڙ سُرڙ - اوبر سوبر - اوگهه سوگهه.

● رَءِ: ظرف. (ف. راست). حقي - سچو - صحيح - برصواب - پوريءَ طرح - ٺيڪ - پورو - تحقيق - بلاشڪ - بيشڪ - برابر - پورڻ - درست - واجب راس - اصل - حق ڪري. ج رَئيُون: ث. ڪاتَ - تخفيف - ڪَتَ ڪُوتَ - ڇانڊ. (ف. راءِ) نتيجو - راءِ - خيال - ويچار - قياس آرائي.

- رَءُ ج رَئُون: ث. هور - رِمجَڪُ - جهَجهڪِي - بُدُ بُدو - بُدڪي - بُودِڪي - لَهرو - ترنگ - وَهَم - خيال - مَنُ مَوج - دَور - لهَر. ڪُڏُ - شوق - دِل - موهُ - پيار - آڪَنجهرُ - آڪَنڊ - پريت - پيار - پاوَ - محبت - سنيهه - آرواح. لاڙو - رغبت. حِرص - لالچ - طَمعَ. تلوار جو ڪنو - مُنهن - ڌار. هٿيار کي ڌِنل پائي - تيکائي - تيزائي - ڇوهَ - ڇوهائي. لَتَ - دَزَ - مِٽي - رِيٽُ. لَتَ - وَهڪري واري مِٽي - وارِي رِيٽي - ڇانُو. ڪُوهُ جي پاسي مان پاڻيءَ ڪان هيٺان آيل واري. آرِڙ. گهوڙي جي تيز هلڻ جو هڪ نمونو.

- رَءُ ڪَهڻ: وَڏَڻ نه ڏيڻ - روڪ ٿامُ ڪرڻ - بندش ڪرڻ.

- رَءُ ڪَيڍَڻُ: سوئيڻ - ڪَکَ چوَلبڻ - سوُئي صافُ ڪرڻ. گَدَ ڪرڻ.

- رَءُ ج رَوَ: ذ. صفت. لاڏلو - چلولو - انگلي - چچلو - چنچل - ڇچ وچلو.

- رِءِ: حرف جر. ري - رِي - ڪالسواءِ - ڌاران - ڌاڄهون - سواءِ - بي - بغير - بيڪَر - بيلا - بين.

● رِءُ ج رَءِ (ت): ذ. رِياءُ - پِطرفي. ڪُوڙي چانڊي - مَٽ.

- رُءِ ج رُئيُون: ث. حالت - آوستا - آوَستا - گَتي - دَشا - رُوئيداد - رُئيداد - صُورت حال. دَرجو - شان - مان - رُتبو - عِزت - مَرتبو - وَڏائي. حشمت - فَلَڪ - دَبدَبو - رُعب - لاٽ. خوشي - مزو - فرحت - لذت - ذَوق - لُطف - وندر - عيش. موج - مَرضي - پَسَندِي - خواهش - اِڇا - آرزو - چاهه - سَنڪَلپ - واسنا - اِرادو نيت. مُنهن - مُک - مُهانڊو - چهرو - شڪل - صورت مُهڙ - پوٿ - دُوناڙ - مُهُرو - مُونار. رُوءِ - سَطح - سُبتو - پاسو. اختيار.

● رُئارَڻ: مصدر. روج ڪرائڻ - رودَن ڪرائڻ - رَڙيُون ڪرائڻ - افسوس ۾ وِجهڻ - گِريه ڪرائڻ. آزارڻ - ايذاءُ ڏيڻ - ڏُکوئڻ - تڪليف ڏيڻ.

● رِئاءُ ج رِئاءَ: ذ. مهرباني - عَطيه - ڀَلائِي - نوازش - عنايت - اِپڇيو - آنَ گيره - تورو - احسان - چڱائي. پاسخاطري - رِعايت - رِياءُ - وَٽَپ. ڊِنٽِي - پاڪَنڊ. لحاظ - مروت. (ت) بي انصافي.

- رِئاڪارُ ج رِئاڪارَ: ذ. صفت. (ف. رياءُ + ڪار > ڪردن = ڪرڻ) ٻَه رُوهِي - ڪهٽيو - پاڪَنڊِي - مُنافِق - مَڪرِيلو.

- رِئائي ج رِئائيُون: ث. پاسخاطري - رعايت - رياءُ - وَٽَپ - هڪ طرفائي. مهرباني - عَطيو - ڀلائي - تورو - لوازش - عِنايت - اِپڇيو - احسان. ج رِئائي: ذ. صفت. رياءُ ڪندڙ - پاسو وٺندڙ - پاسخاطري ڪندڙ. (ت) بي انصاف.

- رَئيجَڻُ: مصدر. ٿرجَڻُ - لَٿيجَڻُ - رَءُ چڙهڻ - رِيٽيجڻُ - مِٽيءَ چڙهڻُ. هُورجڻ - دِڪيجَڻُ.

● رُئيدادِ ج رُئيدادِيُون: ث. حالت - رُوئيداد - حالَ - رُوبڪار - اوستا - گَتي - دَشا.

● رَئيڪيٽَ ج رَئيڪيٽُون: ث. (انگ. Racket) ٽينس راند ڪيڏڻ جو هٿيو.

● رَئينَ ج رَئينُون: ث. اِسم (انگ. Reign = قبضو رکڻ). گهوڙي جي لغامَ جي.

● رُئُن ۽ رُئُنڊُونُ: ث. (انگ. Rouned = ڦيرو) چوڪيدارن يا سپاهين جو گشت – چونڪي – پهرو – شب گرد – چڪرُ – ڦيروُ – گهُمرو – وارو – گهُميتاريُ – دَوُرو – ڦيرِيُ. ظرف. چوگرد – چوطرف.

● رُئڻُ: مصدر. ڳوڙها ڳاڙڻ – روج ڪرڻ – رودن ڪرڻ – آنسون وهائڻ – اشڪ باري ڪرڻ – لڙڪُ وَهائڻ – هنجُون هارڻُ – ڏيهڻُ – افسوس ڪرڻ – رَڙُ – دانهون ڪرڻ – ميڻ ڏيڻُ – شوڪُ ڪرڻ. ماتمُ ڪرڻ – گريه ڪرڻ – زاريُ ڪرڻ. شڪوه ڪرڻ – گلہ ڪرڻ – هاءِ هاءِ ڪرڻ – آه ڪرڻ.

– رُئڻُ اچڻُ: هنجهُن هارڪو ٿيڻ – اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي اچڻ – دل ڀرجي اچڻ – افسوس ٿيڻ – ڏک ٿيڻ.

– رُئڻا رُئڻُ: شڪايت ڪرڻ – فرياد ڪرڻ – ڪُرڪڻ – جهڳهڙڪڻ. ڏوراپا ڪيڻ – طعنا مهڻا ڏيڻ.

– رُئيڻائيُ ۽ رُئيڻائيُ: ذ. اسم. رُئيڻو – رُئندڙ – هر ڳالهہ تي رُئڻو. رُئڻهارڪو – ڏيان طلب.

– رُئڻُ پيٽڻُ: روج راڙو ڪرڻ – آه زاري ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – هاءِ هاءِ ڪرڻ – ڳهوڙا ڳهوڙا ڪرڻ – ماتم ڪرڻ – شوڪُ ڪرڻ – آهون دانهون ڪرڻ – حشر ڪرڻ – حشري مچائڻ – واويلا ڪرڻ – فرياد ڪرڻ – پيٽڻ ڪوهڻ – رليڻ – رَليون ڪرڻ – رانيات ڪرڻ – رانيڙ ڪرڻ – رڙڻ – رڙيون ڪرڻ – رودن ڪرڻ – شور ڪرڻ – گريه زاري ڪرڻ – آه پڪار ڪرڻ – آه و فغان ڪرڻ – نالہ ڪرڻ. افسوس ڪرڻ.

– رُئڻُ ڪائڻُ: ننڍو هئڻ – معصوم هئڻ – بي سمجهہ هئڻ – ٻالڪ هئڻ – صغير هئڻ.

– رُئڻَ ۾ چيڪڻُ: رُئڻ شروع ڪرڻ – گهڻو رُئڻ – رودن مچائڻ – رُئڻ ۾ پوڻ – روجُ مچائڻ – ڳوڙها ڳاڙڻ – هنجون هارڻ.

– رُئندُو ۽ رُئندا: ذ. صفت. رُئندڙ – ذري ذري رودن مچائيندڙ – ٿوري ڳهٽي تي روج ڪندڙ – جهٽ پٽ رُئندڙ. مرچُوٽ – شُوم – ڪنجُوس – چمچُوس – چيچي مار – بخيل – ڊڄڻو – گيدي – بزدل – ڊرپوڪ – ڊڄندڙ – ذ. شڪايت – گلا.

– رُئڻهارڪو ۽ رُئڻهارڪا: ذ. صفت. رُئڻ تي مائل – رُئڻهابُ – رُئڻ وارو – آب ديدو. غمگين – ڏکارو – ڏکويل.

● رَئو ۽ رَئا: ذ. عورت جو مٿي تي پائڻ جو ڪپڙو – پوتي – ڪنڍري – سري – آبيڇٽي – مٿاڙي – چُني – ٻالڏي – ڏهتو. اوڇڻ – پوتڙو – چادر (ل). اجرڪ. (ڪ). پوڙ جو شوروو. گهر جي اولي ۾ گڏ تيل پڪهرَ جو ڍِڳ.

● رَئوفُ ۽ رَئُوفَ: ذ. (ع). تمام مهربان. اسم پاڪ. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

● رَئِيُ ۽ رَئيُونُ – رَيُونُ: ث. اسم. (پرا. رَئيُ. سن. رُهيُ). ڳهوڙي جي يا ڪنهن وهٽ جي ڊوڙڻ سان آڏامندڙ ڌُوڙ – دز – لٽ – غبار – ميڻءِ جبا ڪڪر – ڊسو – سُبس – ڀُسڙ – ڌوڙيو – ڌوڙ – ڪسُ – سنهي خاڪ – چمڪو – چمڪاٽ – تجلو – تجلي – جهلڪو – چمتڪارُ (تلوار يا ڪنهن ٻئي هٿيار جو). ڏڏر ڪيل چانور – چانورن جي پور. ظرف. (سن. رَيہ) چٽُ – خلاص – پورو – ختم – تمام – آخر – پڄاڻي – چيهہ – چيڙو. (ڪ). روالو – راهي.

– رَئيُ آسمانُ هيڪُ ڪرڻُ: تڪڙو ڊوڙڻ – تيز وڃڻ – تکو ڀڄڻ – چوهوٽي وڃڻ – چوٽ وڃڻ.

– رَئيُ ٿيڻُ: چٽُ ٿيڻ – ناس ٿيڻ – فنا ٿيڻ – تباهہ ٿيڻ – برباد ٿيڻ – ويران ٿيڻ – آجاڙ ٿيڻ. ڪبي وڃڻ – ختم ٿڻ – پورو ٿي وڃڻ – خلاص ٿيڻ – تمام ٿيڻ – پڄاڻي ڪرڻ – چيهہ ڪرڻ – چيڙو ڪرڻ. دز ٿيڻ – ڌوڙ ٿيڻ.

– رَئيُ پٽيُ رات: ث. اونداهي رات – ڪاري رات – ٻاڏ اوندهہ – پينب اوندهہ.

– رَئيُ ڏِيڻ: وڏي زور سان دانهون ڪرڻ – واءِ ويلا مچائڻ – گهوڙا گهوڙا ڪرڻ – حشر مچائڻ – حشري ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- رَئيِي رَئيِي: ظرف. تمام گهڻي تڪليف سان- وڏي مشڪلات سان- ڏاڍن ڏکن سان- ڏاڪڙن سان- لاچار- ڏکيو- آهنجو- مُشڪِل.

- رَئيِي رَئيِي سوبَ پائڻ: وڏي تڪليف سان سوبَ پائڻ- مشڪلاتن سان فتح حاصل ڪرڻ- ڏاکڙن سان جيئڻ.

- رَئيِي ڪَرَڻ: دَزَ ڪرڻ- ڏُڌَڙ ڪرڻ- لَتَ ڪرڻ- مِٽِيءَ جو غُبار ڪرڻ- چِٽَ ڪرڻ- خلاص ڪرڻ- ختم ڪرڻ- کَپائڻ- پُورو ڪرڻ. تباه ڪرڻ- برباد ڪرڻ- سُجَ ڪرڻ- آجاڙَ ڪرڻ- ويرانيِي ڪرڻ.

- رُئيِي ۽ رُئيِيُون: ث. ڏُنڌ- لُڙاٽ- چاتَ- لُڙ- ڪوهيڙو- ڊُونگرُ- غُبار- ماڪَ- دونهون- رُهيِي. مُونجهارو- پريشاني. پڇيل ڪپهه.

● رَئيِمزائيِي: اسم خاص. بُگٽِي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● رئيِس: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رَئيِسُ ۽ رَئيِسَ: ذ. (ع). معزز ماڻهو- امير- وڏو- سردار- پرڌان- دڳيدار- اڳوان- اڳواڻ- اڳرو- مهندار- ڏُرو- سَرُوَر. هادِي- رَهَبرَ- پيشوا- رهنما. چوڌري- نواب- راج- وَڏيرو- پڳدار. فرمانرَوا- حاڪم. ڳوٺ جو مالڪ- چڱو مڙس- پَلُ مالِس- هَٽِيل- وڏو ماڻهو- پُوتار- صَدَرُ- خاص. (ث. رئيسياڻيِي ۽ رئيسياڻيُون).

- رَئيِس عَضَوا: بدن جا مکيه عضوا. "جهڙوڪ جگر، دل، ڦڦڙ، مغز وغيره.

● رئيِسُ واهُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- رِي: حرف جر. بنا- ڌاران- سِواءِ- پاجهُون- ڪانسواءِ- جي سواءِ- بِي- بِغير- بِگَر- بِلا- بِنِ- حرف ندا. سڏ ڪرڻ وقت ڪم ايندڙ لفظ- اڙي- او- اي.

- رِي ڀُڪيِي پاجهَ ڏيِڻ: دوا ڪان سواءِ چڱو ڀلو ٿيڻ- بنا مزدوري جي پئسا هَٿ اچڻ- بنا تڪليف جي آجُورو مِلڻ.

- رِي تَعميِل: ظرف. بنا ڪنهن سَرانجامي جي- بنا بَجا آورِيءَ جي- بِنا ڪارروائي جي- بنا ڪنهن ڪار سِڌي جي. بِنا تعميل جي- بِنا پُهَچَ جي.

- رِي پاڙُو ۽ رِي پاڙا (ت): ذ. صفت. بي بُنياد. رو لُو- واهيات- بيڪالو- اوچو. (ت).

- رِي پاڻِ ۽ رِي پاڻيُون: ث. بي ڌِياني- ڪَن لاڏار- بي پَرواهِي- غفلت- لاڏار.

- رِي پاڻ ۽ رِي پاڻَ- ذ. صفت. پاڻ مختيار- آڻ پَليو- پاڻ هُرتو- رُوءِ سُوءِ- آڻ جهَليو- خود مختيار.

- رِي پاڻيو ۽ رِي پاڻيا: ذ. صفت. بِنا پاڻِي- سُڪَل- سُڪو- خُشڪ- ڌوت. آساڻيَل. سَڪٺو- رُکو- ڪورو- آپو ڳو- ليسو- گِسو- ڪُجَسو.

- رِي پيرو ۽ رِي پيرا: ذ. صفت. آڻ پيرو- آڻ لَتاڙِيَل- آڻ چِپيَل.

- رِي چِيُو ۽ رِي چِيا: ذ. صفت. رِي ڪوڻيو- آڻ اينڊو- آڻ سَڏيو- بي دَعوَتيو. آجهَل- بيِلغامو- بي مُهار- آراوَندو. بي فرمان- بي چيو- بي ادب- نافرمان. سَرڪَش- فَسادِي- مُنهن سِر- مُنهن زور- لَچس- هوڏِي- ڪَپاتَر- عاق. ضِدِي- هَٺيلو- مَغرور.

- رِي حُڪم: ذ. صفت. رِي موڪَل- بِنا اختيارِيءَ- بِنا اجازت- بِنا پَروانِي- بِنا هُجِي- ازخود- پاڻمرادو- پنهنجي مَرضِيءَ- پاڻ مير.

- رِي ڏاڙِهيُو ۽ رِي ڏاڙهيا: ذ. صفت. بنا ڏاڙهيءَ. ڪُسيرو. لاميار- لَسات- لاميڙاٽ- لَسڙو- ڪِپيرو- ڏاڙهي ڪُوڙ. زَنانو- عورتن جهڙو. ذ. ڪدڙو- هيجڙو- مخنث.

- رِي ڪَمُو ۽ رِي ڪَما: ذ. صفت. نِڪَو- ناڪار- لِڪار- نِڪارو- بي روزگار- اڪارو-

Gul Hayat Institute

ليڪارو - بي روزگار - نڪمو - ري ڌنڌي. بيڪارو - بيڪار - ٺٺو آجايو - فضول - اَڪيارٿو - ورٿو - رائيگان - ورتو - فاليتو - خالي. ويٺل - پالهو - فارغ - والدو. آجايو. مفت - ناحق - خالي پيلي - بي فائدو - جاڙ. رولو - آوارو.

- رِي ڪيئتائيتو ج رِي ڪيئتائيتا: ذ. صفت. بي قاعدي - بي قانون - ڏوهه جهڙو.

- رِي گناه: ظرف. بي ڏوهه - بي قصور - بي خطا - ناحق - هروڀرو - راه گناه - بي گناه - بي سبب - بناڪارڻ - مفت - خالي پيلي - اجايو - بنا چوڪ جي - سواءِ الزام جي.

- رِي مُلهو ج رِي مُليها: ذ. صفت. مُفت - آهينئين - بنا پئسي - بنا آجوري - قيمت کان سواءِ - اڻ مُلهو - ري قيمت - بنا قيمت - بنا ڪنهن عيوضي. املهه - بي بها - قيمتي.

- رِي واتو ج رِي واتا: ذ. صفت. اڻ واتو - بي واتو - بي گس - ڀٽڪيل - مُنجهيل - گمراهه - اڻ سُونهون - ناواقف - اڻ ڄاڻو - اڻوميي.

- ريِ هشيارو ج ري هشيارا: ذ. صفت. بي هشيار - هشين خالي - چريو - سڪٺو - ڪلهيءَ ڪمر - شُستر هيڻ.

- ريِ هشيو ج ري هشيا: ذ. صفت. بي هشيار - هشين خالي - سڪٺو.

● رِي (ت): حرف اضافت. جي - سندي. "هيءَ ٽوپي هُن رِي آهي". ج رِيُون (ڪ): ث. عادت - علت.

● رِيءَ ج رِي: ذ. اسم. ڏرياءَ جي چڏ يل ريٽ - رَءُ.

● رِيا ج رِيا: ذ. (ع. رياء) طلسم - ٺڳي - ڪيڪٽ - مَڪَر - فريب - دوکو - ڏوکو - ڪپٽ - ريائي. ڏيکاءُ - بچاوٽي - دل ۾ هڪ پاهر ٻي - ظاهرداري - زمانه سازي. ٻيچ واري ڳالهه.

- رِياڪار ج رِياڪار: ذ. ٻهه روئي - ڊَٻيي - بگلو ڀڳت - منافق - اندر ٻهريون - مڪار - زمانه ساز - فريبي - ريائي ڪندڙ - ڪپٽيهو دغاباز - دوکيباز - پاکنڊي - ڪپٽي.

- رِياڪاري ج رِياڪاريون: ث. مڪاري - فريب - نفاق - ريائي - مَڪَر - پاکنڊ - دوکو - ٺڳي - ڪپٽ - کوٽ - دَغا. پاسخاطر - رايو - رعايت - پاسو - طرفداري. لحاظ - مُروت.

- رِياءُ ج رِياءَ: ذ. (ع). ميکر - پاکنڊ - مَڪَر - ڍونگ - پاهريون ڏيک - ڪيڪٽ. پاسخاطري - طرفداري - پاسداري - رعايت - پاسو. بي انصافي. ڪوڙ. ڏيک - ظاهري نماءُ - پاهريون ڏيک. لحاظ - مروت. بدلو - بدر.

- رِياءُ رَکڻ: پاسو وٺڻ - طرفداري ڪرڻ - رعايت ڪرڻ - پاسداري ڪرڻ - رايو رکڻ. بدلو وٺڻ. لحاظ ڪرڻ - مروت ڪرڻ.

- رِياءڪاري ج رِياءڪاريون: ث. رِياڪاري - رِياءُ.

- رِيائي ج رِيائي: ذ. (ع). رِياڪار - فريبي - ٻهروپي - مَڪار - رِياءُ ڪندڙ - طرفداري ڪندڙ - پاسو وٺندڙ - پاسداري ڪندڙ. بدلو ڪٺندڙ. ڏيک ڪندڙ - ظاهري نماءُ ڪندڙ - پاهريون ڏيک ڪندڙ.

● رِياڙي: ذ. اسم خاص. بگٽي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو - شهباڻي.

● رِياز ج رِياز (ت): ذ. محبت - پيار - قرب. لاڙو. چاهه. خوشي - مرضي - ارادو - ليت.

● رِياستَ ج رِياستون: ث. ڏيهي راڄ - ڏيهي سرڪار - ڪنهن وڏي حڪومت جي ماتحت ننڍي حڪومت. حڪومت - حڪمراني. عملداري - سرداري - آفيسري - اِمارت. اعليٰ حوصلو - اعليٰ همت.

- رِياستَ جمهُوريه: ث. ماڻهن جي زير اختيار حڪومت - رعيتي راڄ - خودمختيار راڄ.

● رِياضُ ج رِياضَ: ذ. (ع). محنت - مشقت - جفاڪشي - ڪشالو - ڏاکڙو. علم هندسه - حساب جو علم - علم عدد. اسم خاص. سعودي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ.

- رِياضَتَ ج رِياضتُون: ث. (ع). محنت مشقت - سختي - جفاڪشي - ڏاکڙو - ڪشالو -

Gul Hayat Institute

جاکوڙو. پَرهيزُ- آلپَ آهار- ڪِري- پاسو- رَڪَ. تَپسيا- جَپُ- تَپُ- بندگي- عبادت- زُهدُ- نفس ڪَشِي- جوڳُ. لَهرائي- سادگي- پورهائِي- موڳائِي. ڪسرتَ- ورزش. مزدوري- پورهيو- ڏنڊو- مَزوري.

- رِياضَتَ ڪَرَڻُ: محنت ڪرڻ- مشقت ڪرڻ- جفاڪشي ڪرڻ- ڪشالا ڪيڻ. مزدوري ڪرڻ- پورهيو ڪرڻ- مزوري ڪرڻ. پرهيز ڪرڻ- ڪري رَکڻ- رَڪَ ڪرڻ. تَپسيا ڪرڻ- عبادت ڪرڻ- بندگي ڪرڻ- جَپُ تَپُ ڪرڻ.

- رِياضَتَ ڪَشُ ⇐ رِياضَتَ ڪَشُ: ذ. (ع. رياضت + ف. ڪَشُ > ڪَشيدن = ڇڪَڻُ). محنتي- سخت تڪليف وٺندڙ- جفاڪشي. پورهيتُ- مزدور- مزورُ. پرهيزگارُ- عابِدُ- عبادتي.

- رِياضتِيُ ⇐ رِياضتِيُ: ذ. (ع) پرهيزگارُ- عبادتي- عابِدُ- عبادت گذارُ- بندگي ڪندڙ- نيڪَ ٻانهون- تپسيائي- جَپُ تپُ ڪندڙ- ويراڳي- بيراڳي- جوڳي- سنياسي- رشي- مُني. جفاڪشُ- جفاڪشي- محنتي- تَنَ کي تسيو ڏيندڙ- ڪشالا ڪيندڙ. پورهيتُ- مزدورُ.

● رِياضِيُ: ث. اِسمِ. حڪمت جي ٽين علمن مان انگن، عددن، نجوم، موسيقي، مناظره، جبري، مقابلي، جرثقيل وغيره وارو علم، وجود خارجي ۾ مادي جو محتاج- حسابن جو علم- ڳڻت وديا.

- رِياضِيدانُ ⇐ رياضيدانُ: ذ. صفت. علمِ رياضي جو ماهرُ- حسابن جي علم جو ڄاڻو. ڳڻتَ ڪياليُ- حسابن جو ڄاڻو.

● رِيالَ ⇐ ريالونُ: ث. (سن. رالَ) ڏُوپَ- رالَ- لوبانُ- واسُ.

● رِيالَ ⇐ رِيالَ: ذ. ذ. (ع). هڪ عربي سِڪو- تقريباً ٽن پاڪستاني رپين جي قيمت وارو- عربي ڊالر. اڄڪلهه جي ڇڙَ جو ڊبلي وارو ڳول- ڊبلي وارو ڇِٽ.

- رِيالَ وَڻُ: پيسا ڪَڏَ ڪرڻ- لوٽ وَڻُ- پيسا ميڙڻُ.

● ريالِي ⇐ ريالِيُ (ل): ذ. ڪُوڙو- جُونو. جهڙو تهڙو- سادو.

● رِيبَڻُ: مصدر. ڏُتارَڻُ- لالچائڻ- ڏاڍارائڻ- پيرمائڻ- دَلبو ڏيڻ- ريجهائڻ- برغلائڻ. وَرغلائڻ. حيرصائڻ- لَبَڻُ- دِل سُرڪائڻ- لوڀائڻ- لوبَڻُ- هيرڪائڻ- چَٽ پئڻ- تاتيرائڻ- پيرپائڻ- ڦسلائڻ. آتارَڻُ- چِترائڻ- چاڙه ڏيڻ- شاهو ڏيڻ- ريڱهَڻُ- ڳِلتو پئڻ- چِڙهو پئڻ- رِيڇَڻ. ٺڳڻ- فريب ڪرڻ- ٺڳارڻ- دَلبو ڏيڻ- ڦَنڊ ڪرڻ. موهَڻُ- مسحور ڪرڻ.

- ريبُ ⇐ ريبَ: ذ. (ع. شڪ) جِرَ هو- پيرُ لوبَڻُ- لَبُ- لالچ- چَٽَ- ريڇُ- ڏُتارَ- پيرُ لوپُ- ڏُتَ- فريب- ڏاڍر- موهُ- هيرڪَ- لوپُ- آتارُ- ڦسلاءُ- دَلبو. دولاب- ٺڳي- ويساه گهاتي- دوکو- ڪَپِٽَ- دغا. شَڪُ- وَهمِ- گمانُ- پَرمُ- شُبهو- سَنسو- انديشو.

- ريٻائيتو ⇐ ريٻائيتا: ذ. صفت. ظرف. ڏُتاريندڙ- ڏُتيرُ- ريٻِيُ- موهيندڙ- هيرڪائيندڙ- پرلوڀِيُ- لالچائيندڙ- برغلائيندڙ- ورغلائيندڙ- ڦسلائيندڙ- ڳِلتائيُ- ڏاڍرائيندڙ- ٺڳيندڙ. چِترُ. موهيندڙ- مسحور ڪندڙ.

- ريٻِي ⇐ ريٻِيُ: ذ. صفت. ڏُتاريندڙ- ڏُتيرُ- برغلائيندڙ- لالچائيندڙ- ڦسلائيندڙ- ورغلائيندڙ- هيرڪائيندڙ- دلبائيُ- مَڪارُ- فريبيُ- خراب ڪندڙ. زناڪارُ- لانگ چوٺو- چِڪلائي. (ڪب): ذ. هڪ راڳُ جو قِسمُ.

●ريهارا: اسم خاص. اوٺين جي هڪ ذات جو نالو.

● ريهارو ⇐ ريهارا: ذ. قاصِدُ- پاراٻيُ- پيغام پُهچائيندڙ- نياپو پُهچائيندڙ- ايلچي- ٽپاليُ- خطُ رَسانُ. وڪيلُ- عيوضي- نائب- خاص- پاران. (ث. ريهاري ⇐ ريهاريُون).

● ريهارِي ⇐ ريهارِيُ: ذ. جهنگلي- وَحشِيُ- بُوزانُ- بُوشُ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● ريپڙو ۽ ريپڙا (ت): ذ. پترو پَٽ – چِبا رُڏلُ چانورُ.

● ريپاڻ جاگير: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ريپَڙُ ۽ ريپَڙَ (ت): ذ. بي مُندائتو پيدا ٿيل گِدرو – وانڊن جي فَصل ۾ پيدا ٿيل گدرو. هڪ وڏي ڇَپَڙُ جو قِسم.

– ريپِڙِيُ ۽ ريپِڙِيُون: ث. خريف جي موسم ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گدري جو قِسم – ڪنڊوتِرِيُ.

● ريپَڻُ: اسم خاص. تعلقي ڪِپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيتَ: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● رِيتِ: ذ. ث. (ف. ريگ=واري). وارِي – ريگ – رِيتي.

– رِيتِ اچڻُ: پيشاب ۾ ڪَڪري اچڻ – پٿري جي بيماري هئڻ.

– رِيتيُ: ث. جبل جي سنهي مِٽي – رائو – سُوهڻ – رِيت – وارِي – ريگ. هڪ قسم جو وارياسو پٿر. درياءَ جي ڪناري واري وارياسي زمين. (ٿ). هيٺاهون رستو – ترائي. هڪ لوهارڪو اوزار – رَواتي – سُوهڻ – ٽِڪوري. (اسم خاص). تعلقي جيڪب آباد ۽ آباوڙه ۾ ديهن جو نالو.

– رِيتيدانُ ۽ رِيتيدانَ: ذ. واريءَ رکڻ جو ٿانءُ. واريءَ جي ماپ جي ٽِڪي. واريءَ جو ڪَهڙيال.

– رِيتيلو ۽ رِيتيلا: ذ. صفت. وارياسو – واريءَ وارو. ريگستاني – صحرائي.

– رِيتيلِي ۽ رِيتيلِيون: ث. صفت. وارياسي رِيتيءَ وارِي – ڪَڪريلي – ريگستاني – صحرائي.

– رِيتيلِي زَمين: ث. وارياسي زمين – ريتيءَ واري زمين.

● رِيتَ ۽ رِيتون (ت): ث. مٽيون پاسو ڪَسائي وڏو ٽڪنگ ڪيل ڪوڏِي – تيلاهين ڪوڏِي.

● رِيتِ ۽ رِيتيون (ت): ث. (س. ريتي) رَسم – راه ريت – پروهز – پَرَ – هَلِي چَلِي – مَرجاتا – وَتيرو – وَرتاءُ – وَرتارو – هَلت – رواج – دستور – سرشتو – ليڪو – ڍَنگُ – پَٽُ – ڍَبُ – پارُ – طَرحُ – وَجهه – ڍارُ – نمونو – قِسم – پَرڪار – ڊؤل – طريقو – قاعدو – قانون – برتاءُ – چال – چلت – اٽڪل – تجويز – وضع – طور طريق – تدبير – ترڪيب. عادت – عِلت.

– رِيتائِتو ۽ رِيتائِتا: ذ. صفت. ظرف. رواجي – معمولي – دستوري – استعمالي – هميشه موجب – هميشه وانگي – عام طرح. ريت وارو – ڍنگ وارو – طريقي وارو – رسم و رواج وارو. قاعدي موجب – قانون موجب – باقاعدي.

– رِيتائِتي طَرحَ: ظرف. چڱي نموني ۾ – سهڻي طريقي سان – ڍَنگ سان – وضع سان – طور طريقي سان. قاعدي موجب – قانوناً – باقاعدي.

– رِيتِ رَسَمَ ۽ رِيتون رَسمون: ث. رسم و رواج – هلي چلي. شاديءَ ۾ عورتن جا سَوڻَ – پَنڌَڻ. قاعده قانون.

– رِيتِ کانُ ٻاهِرُ: ظرف. خلاف قاعده – قانون کان ٻاهر. دستور جي خلاف – رسم ورواج کان آبتڙ – بي نياتي – طور طريقي کان ٻاهر.

– رِيتيُ ۽ رِيتيِ: ذ. ث. رِيت وارو – رِيتائتو – ڍَنگائتو – رَسَم وارو – دستوري – نياتي – رسم و رواج تي هلندڙ.

● رِيتَ: ذ. رِڃ جا وڏا وار. اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيتُ ۽ رِيتَ: ذ. ڪِنارو – ڪَپُ – پَر – ڪَنڌي – ڪَپَرُ – لَسَ – وِڪرُ. ڪچي جي زمين – درياءَ جو ڇڊيل لَٽُ – درياءَ جي ڇڊيل زمين – درياءُ جي ڇڊيل رَءُ. (ٿ). اڇي وارياسي زمين. (ڪ). سنهي پٿر جو قسم. (انگ. Rate). اگهه – ٻَها – نرخ – قيمت – مُلهه – نائو. ذ. صفت. پڪو – پَڪو.

● رِيتَڪو ۽ رِيتَڪا (ٿ): ذ. رؤنشو – مزو – وِندر.

Gul Hayat Institute

● ريٽڻُ: مصدر. چشم پوشي ڪرڻ - نظر انداز ڪرڻ - ڍِلڻ - خيال ۾ نہ آڻڻ - نہ ليکڻ - حساب ۾ نہ آڻڻ - وساري ڇڏڻ - ريٽي ڇڏڻ - آخر ۾ نہ آڻڻ - رد ڪرڻ - منظور نہ ڪرڻ - نہ قبولڻ - انڪار ڪرڻ - نہ مڃڻ - جهلڻ - بند ڪرڻ - روڪڻ - منع ڪرڻ - پلٽڻ - بندش ڪرڻ - رُڪاوٽ ڪرڻ. ميسارڻ - ڊاهڻ - ڦٽائڻ. موٽائڻ - واپس ڪرڻ.

● رِيتو ۽ رِيتا: ذ. کهوٽ ڪي شاديءَ جي موقعي تي ڪُلهي تي رکڻ جو ڳاڙهو بوڇڻ - رَتولُ - حُلواڻ جو ڪپڙو. ڳاڙهو ڪپڙو. (ت). تمام ڳاڙهي رنگ وارو ڏاندُ. (ت). ڳُلڻ سان هڪ پوتيءَ جو قسم. ذ. صفت. ڳاڙهو - لالُ.

- رِيتُو ٿيڻُ: ڳاڙهو ٿيڻ - لالُ ٿيڻ - رَچڻ - پچڻ. اِلاهي عشق ۾ رنگجي وڃڻ.

● رِيپَ ۽ رِيپُون (ڪ): ث. ڪَپَ - ڳارو - رهڻو - رَپڙو - ڪچلاڻِ - راپڙو - پُسيلُ ميٽيي.

● رِيپُ ۽ رِيپَ (ڪ): ذ. ڪاريءَ جي پيڙيءَ جو مُهري وارو سڙهُ.

● رِيپَبلڪ (انگ. Re-public): ذ. جَمهُوري - رَعيتيي - ماڻهن جيي پنهنجيي - عواميي.

● رِيجڻُ: مصدر. زمين ڪي کيڙڻ کان اڳ پاڻي ڏيڻ. ڪير سان ٿڻن ڪي پُسائي پوءِ ڏهڻُ.

- رِيجُ ۽ رِيجَ: ذ. (ھ. رُجُ) آباديءَ کان اڳ ۾ زمين ڪي ڏِنلَ پاڻي. پوسَلَ - اُلاڻِ - آلائيي - گهيمَ. دَرياءَ جي ريتيي - پاڻيءَ جي واري - ريٽُ - رَءُ. پاڻيءَ جي پيچ - پيچو. مالُ جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

- رِيجائو ۽ رِيجائا: ذ. صفت. رِيجُ ڏِنلُ - وَتَ ڏِنل - رِيجائيتو: ذ. زمين ڪي آباديءَ کان اڳ ۾ ڏنل پاڻي. رِيجُ وارو گاهُ. اسم خاص. هڪ مڪانُ جو نالو.

- رِيجائيتو ۽ رِيجائيتا: ذ. صفت. رِيجائو - پاڻيءَ ڏِنلُ - وَتَ ڏِنلُ - رَچايَلُ - رِيجُ ڪيلُ.

- رِيجيجڻُ: زمين ڪي پاڻي اچڻ. مال جو، مندس ٿڻن جي ڪير سان پُسڻ بعد، ڏيڄڻ.

- رِيجُ ڏيڻُ: زمين ڪي آباديءَ لاءِ پاڻي ڏيڻ - زمين ڪي مائو ڪرڻ - پوک جي تياري ڪرڻ.

- رِيجُ ڪَرَڻُ: رِيجُ ڏيڻ.

● رِيجالو ۽ رِيجالا: ذ. صفت. زبان جو گندو - بد زبان - گاريالُ - غليظ زبان - خراب ڳالهائيندڙ. واهياتُ - بد افعالو - ڪينو - گندو - ڪميڻو - بي شرمو. ڪچو - بي فضيلتو - بيهودو - بي حيا. ٽرڙو - هلڪيءَ طبيعت وارو. بيوقوف - احمق - نادانُ - بي عقلُ - جاهِلُ - جَتُ.

● رِيجو: ذ. (ف. ريزه = ٽڪرا) ننڍا سِڪا - ريزگاري - ريزگيي - چِٽَلُ پئسا - ڇوٽڪو پئسا - ڪَچرو - خُردو. پگهارڻ لاءِ ڌاتن جا گڏ ڪيل ٽُڪرا. ۽ رِيجا: ذ. سون چاندي رِجائڻ لاءِ لوهہ جو اوزار - قاليبُ - ڪارَبُ.

● رِيجيمينٽِ ۽ رِيجيمينٽون: ث. (انگ. Regiment) فوجَ جو دستو - فوجَ ۾ سپاهين جو مقرر انداز. پلٽن - فوج.

● رِيجهڻُ: مصدر. (سن. رُڌ > ھ. رِيجهنا) راضي ٿيڻ - خوش ٿيڻ - نِهال ٿيڻ - پرسن ٿيڻ - خوشنود ٿيڻ - سرهو ٿيڻ - گَدگَد ٿيڻ - هَرشِيت - بهار ٿيڻ - آنند ۾ اچڻ - موج ۾ اچڻ - فرحت ۾ اچڻ - بود ۾ اچڻ. مڃڻ - قبول ڪرڻ - اقرار ڪرڻ - رضامند ٿيڻ. پرچڻ - سرچڻ. مائل ٿيڻ - راغب ٿيڻ. نهي وڃڻ.

- رِيجهَ ۽ رِيجهون: ث. (ھ. ريجه = خوشي). خوشي - پاپوهہ - محبت - پيار - قرب. لاڙو - ڪاڏو - رغبت - ميل - ميلاپ - ميل جول. چاه - چاهت - قربت - عشق - لنءُ - دل جي ڇڪ. لطف - مزو - موج - رس - فرحت - لذت - ذوق. ڀوڳ ٻلاس - عيش - عيش پسندي - آنند - جشن - وِروند - وِندر - وِروندهہ. تِرپتي - خاطري - دلپسندي - راضپو - پسندي. منظوري - قبوليت - اقرار. هائوڪار - مڃتا - مڃوتي. اختيار - مرضي - پريپ - ٺاهہ - رضامو. رهاڻ - ڪچهري - مجلس. عادت - علت - خو - پرويز.

Gul Hayat Institute

- رِينجهاڻو ۽ رِينجهاڻا: ذ. صفت. رِيڏو - رِيڏل - راضي - راضي ٿيل.
- رِينجهائڻ: مصدر. (هہ. رِجهانا). راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ - مسرور ڪرڻ - نهال ڪرڻ - پَرسن ڪرڻ - گَد گَد ڪرڻ - ٻوڌ ۾ آڻڻ - پرپائڻ. مَنائڻ - تسائڻ - ٺارڻ - مچائڻ - قبول ڪرائڻ - قائل ڪرڻ - ڳالهہ تي بيهارڻ. ضد تان لاهڻ. مائل ڪرڻ - راغب ڪرڻ - موهہ ۾ ڦاسائڻ. وندرائڻ - وِروُنهڻ. لُڀائڻ - موهڻ - هيرڪائڻ - لالچائڻ. پرچائڻ - سرچائڻ - ڏاهڻ.
- رِينجهہ رَس: ذ محبت - قُرب - پيار - عشق - موهہ - سَنيهہ - چاهت. رَضا - خوشي - قبوليت - اقرار - هائوڪار - رضامندي - رضانامو - ميچتا - ميوتي.
- رِينجهہ ڪ ۽ رِينجهہ ڪون: ث. رغبت - لاڙو - ڪاڍو - دل جي ڇڪ - ميل - چاهہ. خوشي - سرهائي - آنند - بهار - پرسنتا - مؤج.
- ● رِيچ ۽ رِيچ (ت): ذ قُرب - محبت - پيار - عشق. فريب - دغا - ٺڳي - ويساهہ گهاتي - ڪپٽ.
- ● رِينچڪ ۽ رِينچڪ: ذ. ڀُور - ٻُڌ ٻُڌو - جهُجهڪي - ٻُڌڪي - ٻُوڌڪي - لهرو - وَهم - ترنگ - خيال - دُور - من سوج - رَءِ - لهَر - اوچتو خيال - اوچتو ارادو - اوچتو نيڪرو - اوچتو ڦيرو (ت). اجايو. ڪيتو - بنا سبب جهڙو - اجائي ڪيت ڦيت. مزو. رؤنشو - وندر هٿ چُراند - حرڪت - مستي. ظرف. ري حساب - اِن ڏيندي نہ وٺندي.
- رِينچڪ اچڻ: اوچتو خيال اچڻ - اوچتي ٻُودڪي اچڻ - لهرو اچڻ - ڀُور پوڻ - اوچتو ارادو ٿيڻ - اوچتو ڦيرو اچڻ.
- رِينچڪ ڪوڏائڻ (ت): حرڪت بازي ڪرڻ - مستي ڪرڻ - هٿ چرانڊ ڪرڻ.
- رِينچڪ ڪاڏو ۽ رِينچڪ ڪاڏا: ذ. صفت. لهري - ڀُورالو - خيالي - رِيچڪي - خُشڪي - بود ڪائي - سودائي - وَهمي.
- رِينچڪ ڪاڏو هُئڻ: لهري هجڻ - ڀُورالو هجڻ - سودائي هجڻ - رِيچڪي هجڻ.
- رِينچڪي ۽ رِينچڪي: ذ. صفت. ڀُورالو - لَهرِي - لَهرائيتو - مَؤمَن جِي - خام خيالِي - رِينچڪ ڪاڏو - خُشڪِي - بود ڪيو - ترنگي. رَونيتو - وَهمِي - سودائي.
- ● رِيچڻ: مصدر. فيريبڻ - ٺڳڻ - دَاٻو ڏيڻ - ويساهہ گهاتي ڪرڻ - ٺڳي ڪرڻ. قرب ڪرڻ - پيار ڪرڻ - عشق ڪرڻ - محنت ڪرڻ - موهہ ڪرڻ.
- ● رِينچَل: ث. اسم خاص. تعلقي هالا ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ديهن جو ناالو.
- ● رِيچُو ۽ رِيچا (ت): ذ. ريزش - نَزِلو - نَڪ مان وهندڙ پاڻي
- ● رِيحَ: ث. (ع. ريح = هوا) پيٽ مان نڪتل هوا - بادِي - مَعدي جي هَوا - تيٽ قوس. عام رواجي هَوا. واءُ - پَوَن - واهُوندو - واهُونديِ.
- رِيحَ جاري ٿيڻ: پيٽ مان هَوا جارِي ٿيڻ - تيٽ قُوس آچڻ - پيٽ مان باديءَ جو نڪرڻ.
- ● رَيحان: ذ. (ح) هڪ خوشبوءِ دار ٻُوٽو - نازبُوءِ. هڪ خوشبوءِ دار گاهہ. هڪ قسم جو عربي رسم الخط.
- رَيحاني (پيلہ)؛ اسم خاص. هڪ گُل جو قِسم. هڪ قسم جو عربي رسم الخط.
- ● رِيخَ ۽ رِيخُون (ت): ث. اسم. (سن. رِيکا). ليڪو - ليڪ - سٽ - سِطر - خط - ريک - ريکا. مِسيءَ جي لڳائڻ سان ڏندن جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڪارو ليڪو. هٿ جي لڪير. بُنياد - پاڙ - نَسل. (ف. ريختن = هارڻ مان) توري - ذري - هَوَ - ڀيچ - لونءِ - چِپٽي.
- ● رِيختڻ: مصدر. (ف. هارڻ) ڇِنڊڻ - ڇِٽارڻ - وِکيرڻ - پکيڙڻ - ڪِيڏيرڻ - ڇيڙ وِڇڙ ڪرڻ - ڪَڻو ڪَڻو ڪرڻ - ڇِٽڪار ڪرڻ - ڇاٽار ڪرڻ - ڇاٽارڻ - ڇِڻڪارڻ - ڇِڻڪار ڪرڻ. هارَڻ - وِيِڙڻ. بچائڻ - اوبر سوبر ڪرڻ -

Gul Hayat Institute

جُوٺِ ڪَرڻ - بَچت ڪرڻ - اوبارو ڪرڻ - باچو ڪرڻ - باچيِ ڪرڻ - بَقايا ڪرڻ.

- رِيخت ۽ ريختون: ث. چَتَ - هارَ - چاتارَ - وِڪيڙَ - پَڪيڙَ - ڪينڊيرَ - چِتيڪارَ - چِٽيڪارَ - چيڙ وَچيڙائي. باقيات - جُوٺ - اوبر سوبر - اوبارو - جُوٺِ آنِ - باچيِ - بَقايا - رَهَتِ.

- ريختَ ٿيڻ: جُدا جُدا ٿيڻ - چِڙو چيڙ ٿيڻ - پَڪڙجيِ وڃڻ. ڪٿو ڪٿو تي وَڃڻ - ڪينڊرِي وَڃڻ. لُٽيجڻ - بربادِ ٿيڻ - اڏَنُ - ناس ٿيڻ - ڪوهيجڻ - اجايو وڃڻ. دَفُ ٿيڻ - خيرَ چجڻ - تباه ٿيڻ - ختم ٿيڻ وَڃڻ - ڪَهِيِ وڃڻ.

● رِيختو ۽ رِيختا: ذ. صفت. (ف. ريخته) ڪَچو - خامُ - آڻُ پَڪَلُ. آردو زبان جو هڪ قديم نالو. راڳ جي هڪ سُرُ جو نالو.

- رِيختَ: صفت. (ف.) ڪيريَلُ - بي ساختہ نِڪتَلُ. پُختَ - مَضبوطُ - ڏاڍو - سو گهو - قابُو - مُنتشرَ - چيڙوَ چيڙ - جُدا جُدا - ڪٿو ڪٿو - پکڙيَلُ. پريشان - آبتر حال - حيرانُ. مڪانُ بَڻائڻ جو مَصالح. آردو ۾ اِبتدائي زماني جا نظم.

- رِيختِيِ ۽ رِيختيِون: ث. (ف.) عورتن جي بوليءَ ۾ چَيلُ نَظمُ - زناني اَنوع ۾ چَيلُ بيت.

● رِيڊُ ۽ رِيڊَ: ذ. صفت. هلڪو ڳاڙهو - ٿَڌو ڳاڙهو - ڳاڙهاڻ تي مائِلُ.

● رَيڊاسُ: اسم خاص. (هہ.) چَمارَنُ جي فرقي جو موجدُ. هڪ مشهور گياني. پَنڊتُ.

- رَيڊاسيِ ۽ رَيڊاسيِ: ذ. (هہ.) رِيڊاس جي مڃڻ وارو فِرقو. ريداس کي مڃيندڙ.

● رِيڊِ قِيدِ (ت) ظرف. زيانُ - نُقصانُ - بربادُ - چِٽ - تاپانُ - آجَڙُ - آجاڙُ - ضايعُ - وِڃايلُ.

- رِيڊِ قِيدِ ڪَرَڻُ (ت): آجايو وِڃائڻ - تاپانُ ڪرڻ - زِيانُ ڪرڻ - نقصان ڪرڻ - ضايع ڪرڻ - آجاڙ ڪرڻ.

● رِيڊو ۽ رِيڊا (ڪ): ذ. لالچ - طمع - هَوَس - سَڌَ - لَوبُ. ڪاڏو - رِزقُ. رُشوتَ - لَبُ.

● رِيڊيِ ۽ رِيڊيُون (ڪ): ث. ٻَڪريءَ جو هڪ قِسمُ.

● رِيڊا (ت): ذ. وار - گيسُو.

- رِيڊِ قِيدِ (ت): ظرف. زيان - نقصان - برباد - چِٽ. گهٽيل. رسوا ڪيل. وِڃايَلُ - گُمُ - گُمُ ڪيلُ. ث. خرابي - خواري - ذلت - بدنامي.

● رِيڊو ۽ رِيڊا (ڪ): ذ. رُشوتَ - لَبَ - ناجائز رستي ورتل، مالُ - وَڍِيِ. پِنڪ. حرام مال.

- رِيڊو ڪائِڻُ (ڪ): حرام ڪائڻ - لَبَ وَٺڻ - وَڍِيِ وَٺڻ - پِنڪ چِٽائڻ - ناجائز رستي مالُ، پئسا يا ڪاڏو وٺيِ ڪائڻ.

● رِيڊو ۽ رِيڊا: ذ. صفت. ڏِنگو - وِنگو - ٽِنڪ وِٽنيڪو - تيزِ هو - قيڊو. ڪوٽو - ڪُپتيو - ويساه گهاتيِ - دغاباز - بي ويساهو - بي اعتبارو - بي ايمانُ. آرڏو - حَرڪتيِ - لُچو - زبانُ خورُ - آئُنيتيرو - ڪيچلو - مَستيخورُ. آنڪليِ - چالاڪُ - حرفتيِ - ڦنڊي - ڏَنگبازُ. ڊِنو - ليٽرُ - ڊَنرُ. نادانُ - بي عقلُ - اڀوجهہ - مُوڙهَلُ - وِسُوڙلُ - مَتِ مُوڙِ هو - چَرِيَتُ - چِسو. مَستُ. چَرِيو. نيڏٽڪو - بيگانو - بي واهو - يتيمُ.

- رِيڊائيِ ۽ رِيڊائيون: ث. اسم. (سن. اموڏُ = سخت). ڏِنگائيِ - ٽيڙهائيِ - وِنگ وِنگ. حَرڪَت - مَستيِ - حرڪتبازِيِ - چَتيرائيِ - لُچائيِ - ڪيچَلَ - آوُنتيرائيِ - ڪَوُلسقِنائيِ - آرڏائيِ - شيطانيِ. خرابيِ - نقصان - خَلُمُ - زِيانُ - پائيماليِ - روسامو - رُساڻو - آنگلُ - آروُ. مُناظرو - بَحثُ - رَدَ قَدُ.

● ريڊ: ذ. صفت. (انگ. Red = ڳاڙهو). ڳاڙهو - لالُ - سُرخُ - رَتو - آحمرين - رَتولُ.

- ريڊ ڪيراس: ذ. (انگ. Red = ڳاڙهو + Cross = منڌيڙو) ڳاڙهو منڌيڙو - صحت کاتي جي نشاني.

- ريڊ ڪيراس سوسائٽيِ ۽ ريڊ ڪيراس سوسائٽيون: ث. (انگ) زخميلن جي لڙائيءَ ۾ خدمت ڪندڙ جماعت - انجمن صليب آحمرُ.

Gul Hayat Institute

● رينڊارُ: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ريهبرُ ۽ ريهبرَ: ذ. (انگ. Reider) ساموندي جهازن ۾ رکيل هڪ قسم جي دوربين.

● رينڊرُ ۽ رينڊرَ: ذ. (انگ. Reader < Read = پڙهڻ) درسي ڪتاب، پڙهندڙ، اڀياس ڪندڙ. پروف ڏسندڙ، مواد تپاس ڪندڙ. نائب صوبيدار جي عهدي جو هڪ پوليس آفيسر، منشڪيريءَ جو ڪم ڪندڙ.

— رينڊو: ث. اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ريڊيڪلَ: اسم خاص. (انگ. Redical) انگلنڊ جي مُدبرن جو هڪ نهايت آزاد سياسي فرقو.

● ريڊيم: ذ. (انگ. Redium) دنيا ۾ سڀ کان زياده قيمتي ڌاتو.

● ريڊيو ۽ ريڊيا: ذ. (انگ. Redio) وائرليس جي هڪ مشهور ايجاد، دنيا جي خبرن وغيره رسائڻ لاءِ بنا تند تار جي هڪ اوزار.

● ريهڊارَ: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

— ريڍارُ ۽ ريڍارَ: ذ. رڍون چاريندڙ. ڌراڙُ، ڌنارُ، ڌڻارُ، پاسبانُ. ذ. صفت. ڏڏُ، ٽٽُ، مٺُ، ٻوڙندو، ٻسڻون، ٻوڪُ، ڄٽُ، جاهلُ، چِتسو، بيوقوف، موکو. اناڙي. راکو، واهي، سنڀالُ ڪندڙ، نگهبانُ، رکوالو، رکپالُ، پاسبانُ، مُحافظُ، وارثُ.

● ريڍو ۽ ريڍا (ت): ذ. صفت. رڍن جو. رڍ مان. ذ. صفت. ڪروڌي، ضدي، هوڏي، هٺيلو، تڪبري.

— ريڍو ڪرڻ (ت): رڍ جو گوشت پائڻ. ضد ڪرڻ، ڪروڌ مچائڻ، گهڀي ڪرڻ.

— ريڍو مالُ: رڍن جي ڀائيءَ وارو مال، رڍون، گهٽا، دنبا وغيره.

— ريڍي ۽ ريڍيون: ث. منهن ڳاڙهي ٻڪري. اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● ريهڙالو ۽ ريهڙالا (ت): ذ. صفت. رذيل، ڪميڻو، بي حيا، بي شرم، ڪميڻو، ريڄالو.

— ريهڙالي ۽ ريهڙاليون: ث. (ع. رذيل) ڪميڻپ، بي حيائي، بي شرمائي، رذالت، ريڄالائي، ڪميڻائي، بدڪاري، بڇڙائي. بي همتي، بزدلي. سڌ، هوس، لالچ، هوس، خواهش، اراده.

● ريڙ ۽ ريڙون: ث. ريڙهہ، بحث، تڪرار، رد بدل، چتاپيٽي، رڳڙو، جهيڙو، ٽنٽو، ڪلهہ، ڪرڪِن، وروڌ، معاملو، ڦڏو، فساد، گهڀي، ڪروڌ، ڪِل ڪِل، جهر جهر، ريڙه پيڙه، ڪر ڪر، پٽ پٽ، راڪ، راڪبازي. اڙي، تڪڙي، چيٽ، چيپاٽ، ڪناري، ليڙ، پٽي، لينگهہ "ڪپڙي جي" (ث). هڪدم ڪاهہ، رمڙ، لوهہ، جلهہ، ڌوڪ. پختائي، پڪائي، مضبوطائي، ڏاڍائي، برجستائي، سوگهائي، ٽاٽائي. رنجش، ڪاوڙ، غصو، ناراضگي، چيڙ.

— ريڙارو ۽ ريڙارا: ذ. صفت. ريڙه پيڙه ڪندڙ، رد بدل ڪندڙ، ڦڏائي، بحثي، تڪراري، معاملائي، رڳڙائي، جهيڙائي، ڪلهہ، وروڌي، ٽنٽائي، فسادي، گهڀير، گهڀيخور، ڪروڌي.

— ريڙائڻ: مصدر. چيڙلائڻ، چيڙچاڙڻ، چڪڻ، چيڻڻ، ڦاڙڻ، گينداڙڻ، هلاڪ ڪرڻ، دق ڪرڻ، چنبڙڻ، سر کائڻ، تپائڻ، ڪپائڻ، ڀائي ڪٽڻ، ڪٽبي ڏيڻ، بيزار ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، ڪلپائڻ، ڏهڻ. چيڙائڻ، ڪاوڙائڻ، رنجائڻ، ناراض ڪرڻ، غصو ڏيارڻ، ڏمرائڻ.

— ريڙ پيڙ ۽ ريڙون پيڙون: ث. ريڙه پيڙه، رد بدل، چبرائي، بحث، تڪرار، معاملو، رڳڙو، جهيڙو، جهڳڙو، حجت، ٽنٽو، منهن زورائي، ڦڏو، فساد، ڪِل ڪِل، گهڀي، ضد، ڪروڌ.

— ريڙ پيڙ ڪرڻ: چڪتاڻ ڪرڻ، گهل ڪرڻ، ضد ڪرڻ، تڪرار ڪرڻ، معاملو ڪرڻ،

Gul Hayat Institute

ڦڏو ڪرڻ- گهيي ڪرڻ- مُقابلو ڪرڻ- جهيڙو ڪرڻ- جهڳڙو ڪرڻ- رَڳڙو ڪرڻ- ريڙه پيڙه ڪرڻ- فَسادُ ڪرڻ- رڏو ڪرڻ- حُجت ڪرڻ.

- رِيڙِهُ پيڙه ج رِيڙ هون: ث. ڏسو رِيڙَ پيڙَ.

- رِيڙِه پيڙِه ڪرڻُ: رِيڙ پيڙَ ڪرڻُ.

- ريڙَه ڪرڻ: ريڙه پيڙه ڪرڻ- ڪُرڪڻ- جهُرڪڻ- ڪِنجهڪڻُ- چِنگهڻ.

● رِيڙِ ج رِيڙِيُون (ت): ث. ننڍي ٻارُ جو گهٽي وقت تاءِ روڄُ.

● رِيڙِڪَرَڻُ (ت): ننڍي ٻارُ جو گهٽي وقت تاءِ رُئڻ.

● ريهڙو ج ريهڙا (ت): ذ. ننڍڙو ٻَتَرُ- ٻَتَرِي- ٻَهڻي.

● ريڙَهَڻُ: مصدر. رِڙهڪائڻ (ت)- اڳتي هلائڻ- چورَڻُ- سيرَڻُ- سِرڪائڻ- سورَڻُ- اڳتي ڪرڻ- ڪٽيي وَڃڻ- ڪٽيي ڇڏڻ- ٻئي هنڌ نيڻ- هڪ هنڌ ڪرڻ- پاسي ڪرڻ- هڪ طرف ڪرڻ- هڪڙي پاسي ڪرڻ. گِسڪائڻ- لاهڻ- پَري ڪرڻ- دَفع ڪرڻ- ٽارڻُ.

- ريهڙَهَه ج ريهڙهون: ث. سِرڪو- ريڙهو- چورَ- سورَ- ڌِڪو- ٺيلهو- ٺيلهو- گِسرُ. آهستي، هوريان، هَري، ڌيري. جاڻ واري حالت.

- ريهڙهو ج ريڙهَا: ذ. سِرڪو- گِسرو- ريڙهو- ريڙهه- چورَ- سورَ- ٻانبڙو- ڌِڪو- ٺيلهو. پاڻيءَ جو وَهڪرو- ڌارَ- نهر.

- ريڙَهيُ ج ريڙَهيُون: ث. ٻانبڙو- سِرڪو- گِسرو "ننڍي ٻارُ جو" سيانڊڙي- سُرٽو- هڪ بيماريءَ جو قسم.

● ريڙَهيُ پائڻُ: ٻانبڙا ڏيڻ- رِڙهَڻُ- سُرڻ- گسرَڻُ- سرڪَڻُ- هَري هَري چُرڻ- آهستي آهستي هلڻ- ٽُرَڻُ.

● ريزَ ج ريزوَنُ: ث. (ف)، نغمہ سرائي- ڳائڻو بجائڻو- ڳائڻُ وَڄائڻ.

● ريزُ ج ريزَ: ذ. صفت. (ف. ريختن مان) اوتيندڙ- هاريندڙ. ڇٽيندڙ- ڇٽڪار ڪندڙ. وسائيندڙ. ڦٽائي وجهندڙ. مثلا "خون ريزُ= خون هاريندڙ- خوني وغيره".

- ريزَشُ ج ريز شُون: ث. (ف) نَڪَ مان پاڻيءَ وَهڻ جي هڪ بيماري. زُڪام- ليسُ- نزلو- ڳاڙو.

● ريزالُ ج ريزال: ذ. صفت. (ف. رَذِيلُ= ڪميڻو). ڪميڻو- رَذِيلُ- گهٽ دَرجي جو ماڻهو- ڪميڻو- بي حَيا- بي شرم- بد ڪارُ- بَد چالُ- نِرلَڄو.

- ريزالُو ج ريزالا: ذ. صفت. (ف. ع. رَذِيلُ= ڪميڻو). ڪميڻو- نيچُ- گهٽ طبيعت وارو- ريزالُ- رَذِيلُ- بي حيا- نِرلَڄو- بي شَرم.

● ريزا ميخَ ج ريزا ميخُون: ث. ننڍي ڪلي- ڪوڪو. گل ميخ. ڪَچيي سِلائي- ٽاڪو- ٽانڪو.

● ريزَرُ ج ريزَرَ: ذ. (انگ. Razor) پاڪيي- اُسترو.

- ريزَرُ بليڊُ ج ريزَر بليڊَ: ذ. انگ. (Blade + Razor) سيفٽي ۾ استعمال ٿيندڙ وارن ڪوڙڻ جو پَتُ.

● ريزِڪيي ج ريزِڪيُون: ظرف. پرچُون- ٽُڪر ٽُڪر- ذرو ذرو- ٿورو ٿورو- پورو- ڳيو. وِڪري جو هڪ قسم- سَنهو وِڪرو- هرهڪ جنس مان ٿورو ٿورو وِڪرو- ڇوٽڪو وِڪرو- پَرچُوني.

- ريزِڪيي وڪڻندڙ: پَرچُون واپاري- سَنهو واپاري- ڇوٽڪو دُڪاندار- هٽائي- ننڍو دُڪاندارُ- ٿوري ڏنڌي وارو

● ريزو ج ريزا: ذ. (ف) ننڍو سِڪو- ڪُليل پَئسا- ڪچرو- خوردو- ريزگاري- ريزگي- ريجو. ٽُڪر ٽُڪر- ٿورو- ذرو ذرو- پُورو- پُورو- ڳيو. پَرچُون- پارچہ- ٽُڪرو- پُرزو.

- ريزِگاري ج ريزِگاريُون: ث. ريزو- ريجو- خَرده- ننڍو سِڪو- ڇوٽِڪو پَئسا- ڪچرو (ت).

Gul Hayat Institute

- ريهڙگي ۽ ريهڙگيون: ث. ريزگاري- ريزو- ريجو.
- ريزو ريزو ۽ ريزا ريزا: ظرف. ف. ٽڪرا ٽڪرا.
- ريهزه: ذ. (ف) ٽڪرو- حصو- پاڳو- پرزو- قطعو- ذرو- ٽورو- ڀتي. ريزگاري- ريزو- ريجو. صندوق- پيٽي- بڪس- باڪس
● ريزوليوشن ۽ ريزوليوشن: ذ. (انگ. Resolution). تجويز- منشا- ارادو- نيت- خيال- ويچار- قياس آرائي. قاعدو- قانون.
● ريزيڊنٽ ۽ ريزيڊنٽ: ذ. (انگ. Resident). رهندڙ- سفير- ويٺل- رهاڪو- رهواسي- باشندو- ساڪن- ويٺڪي. غير رياست جي دربار ۾ رهندڙ شاهي وڪيل يا عوضي- سياسي نمائيندو.
- ريزيڊنسي ۽ ريزيڊنسيون: ث. (انگ. Residency). مقام- گهر- جاءِ- رهڻ جو هنڌ- آستانو. ريزيڊنٽ جي رهڻ جي جاءِ- سياسي نمايندي جي جاءِ.
● ريهسال ۽ ريسالون (ل): ث. زمين جي اندرين وٽ- ريج.
● ريسٽ: ذ. (انگ. Rest) آرام- سڪون- چين- فرحت- قرار. ننڊ- خواب.
- ريسٽ هائوس ۽ ريسٽ هائوس: ذ. (انگ. Rest House). آرام جي جاءِ. آفيسرن وغيره جي رهڻ لاءِ سرڪاري جاءِ- قيامگاهه.
● رِيسَرَ: اسم خاص. حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.
● ريسمان: (ف). رسي- نوڙي- ڏوري- نوڙهو- واجهو- ڪاپار- رسو- نوڙ- ڏورو.
● ريهسڻ (ڪ. ل): مصدر. ريهڻ- ريجهڻ- ڏٽارڻ- ڏڄڻ- لالچائڻ- هيرڪائڻ.

"سو ريسي ريب رڙ ڪري،
مونکان تن وني وئين تيئن"
(راجن شاهه).

● رِيسَڻ: مصدر. چٽاڀيٽي ڪرڻ- چڙهت ڪرڻ- برابري ڪرڻ- همسري ڪرڻ. اغيار ڪرڻ. حسد ڪرڻ- ساڙو رکڻ- ايرڪا وجهڻ.
- رِيس ۽ رِيسون: ث. (سن. ايرشيا > هه. ايرڪا) چٽاڀيٽي- اغياري- چڙهت- ڪسب ويڙ- ڀيڇڀو- همسري- برابري. حسد- ساڙو- ايرڪا- رشڪ- رقابت- ڪام- جلڻ- ساڙ- جر- جيرو- بغض- پياڻي- ڪينو. حرص- هوس- لالچ- سڌ- هيرڪ.
- رِيساروُ ۽ رِيسارا: ذ. صفت. (سن. ايرشا+آلو). ريس ڪندڙ- چڙهت ڪندڙ- مقابلو ڪندڙ- برابري ڪندڙ- رقيب- همسري ڪندڙ. حاسدي- ڏائڻ- رقيب- اغياري- ساڙيلو- حسد ڪندڙ- ساڙ وارو- ڪام ڪاڏو- ارڪائو- ساڙي ڪاڏو.
- ريسامڻ: رِيسجڻ- رِيسارو ٿيڻ- رِيس ڪرڻ. حاسد ٿيڻ- سڌون ڪرڻ- سڙڻ- پچڻ- ٻچرڻ- ڪامڻ- جلڻ- ارڪائو ٿيڻ.
- رِيسائو ۽ رِيسائا: ذ. رِيسارو- حاسد- ارڪائو (ٿ- ڪ). رٺل- ڪاوڙيل- ناراض.
- رِيسائتو ۽ رِيسائتا: ذ. صفت. رِيسارو- سڌڙيو. مخالف. حاسدي- حاسد- ساڙي- ساڙيلو- آغيار.
- رِيسائڻ: مصدر. رِيس ڏيارڻ- هيرڪائڻ. چڙهت ڪرڻ- ڪلهو هڻڻ- برابري ڪرڻ- پڄڻ- مقابلو ڪرڻ- مينو ساهڻ. ريس ڪرڻ. ساڙ ڏيارڻ- جلائڻ- حسد ڏيڪارڻ- ڪامائڻ.
- رِيسجڻ: مصدر. حسد ڪرڻ- ريس ڪرڻ- ساڙ ڪرڻ- حاسد ٿيڻ- رِيسارو ٿيڻ- ارڪائو ٿيڻ- ڪام ڪاڏو ٿيڻ- رِيسَر ٿيڻ. سڌون ڪرڻ- سڌڙيو ٿيڻ. هوسڻ- نه سهڻ.
- رِيسَر ۽ رِيسَر: ذ. رِيسارو- رِيسائتو- آرڪائو- حاسد- رقيب- مخالف- ڪسب ويڙي- ساڙي ڪاڏو.
- رِيسَ ڪَرَڻُ: حرص ڪرڻ- برابري جي دعوا ڪرڻ- ديکا ديکي ڪرڻ- همسري ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● رِيسو ؏ رِيسا (ٿ): ذ. ٿَرِيُ پَرتُ جو هڪ نمونو.

● رِيشُ ؏ رِيشَ (ت): ذ. صفت. زخمُ - ڦَٽُ - ڦوڙو. زخم مان نڪرلدڙ گندُ. رَتُ پونءِ وغيره.

- رِيشو ؏ رِيشا: ذ. پُونُ - گَنُدُ - ڪِينُ - پاڻيُ - رَتُ پُونُ ڪنهن ڦَٽُ مان نڪرندڙ گند. رَسُ. "ڪنهن ميوي جو". تَنو - رَڳَ - نَسَ - تَنُتَ. تَنُدَ - تاندو رُو - ڌاڳو.

● رِيش: ٿ. (ف). ڏاڙهيُ - سونهارِيُ.

- رِيشائيلُ ؏ رِيشائيلَ: ذ. صفت. وڏيءَ ڏاڙهيءَ وارو.

● رِيشَلَ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيشَمُ ؏ رِيشَمَ: ذ. پٽ ڪينئين جي وات مان نڪتل رَسُ جا تاندورا - ابريشم - پَٽُ - سِلڪ - حرير.

- رِيشَمُ فَروشُ ؏ رِيشَمَ فَروشَ: ذ. (ف). پَٽُ وِڪڻندڙُ - پاٽوليُ.

- رِيشِميُ ؏ رِيشِميَ: ذ. صفت. پَٽُ جو - پَٽُ جهڙو - حَرِيرِيُ. مَخملي - بَخمليُ - اطلشيُ - سِلڪيُ - لَسو.

● رِيعَ: ٿ. (ع.) ڍل جي شرح - نرخ - بَها - اَگهُ.

- رَيعَ بَنُدِيُ ؏ رِيعَ بَنُدِيُونُ: ٿ. (ع). لاپي جي شرح جو نقشو.

● رَيعان: ٿ. (ع). آغاز جوانيُ - جوڀَنُ - ڦوهه جواني. ڪنهن شي جو بهتر حصو - سٺي ۾ سٺو ٽڪرو.

● رِيفريشمينٽَ ؏ رِيفرِيشمينٽُونُ: ٿ. (انگ). تفريح طبع لاءِ کاڌي پيتيُ ۾ ڪم ايندڙ ٿوري شئي - هلڪو کاڌو. فرحت - آسايش.

- رِيفريشمينٽَ رُومُ: ٿ. (انگ). تفريح طبع لاءِ هلڪي کاڌي پيتي جي جاءِ - هوٽل - قهوو خانو. ريلوي اسٽيشن تي ٺهيل تفريح طبع جي جاءِ.

● رِيڪ ؏ رِيڪُونُ (ت): ٿ. خَطَ پَٽَ - چٺيون چپاٺيون - ٽپالَ.

- رِيڪو ؏ رِيڪا (ت): ذ. قاصِدُ - سَنيهو پهچائيندڙ - ٽپاليُ - پيغاميُ.

● رِيڪَ ؏ رِيڪُونُ (ٿ): ٿ. پَنِڙِيُ ميڻيُ - راپڙو - رَبڙيُ.

● رِيڪڙو ؏ رِيڪڙا (ڪَڇُ): ذ. بَيلُ گاڏِيُ - ڏِڳي گَڏيُ - ڇڪڙو.

● رِيکَ ؏ رِيکُونُ: ٿ. (سن. ريکا=ليڪَ). نشان - چِٽو - داغ - آهڃاڻُ - آهڃَ. ريکا - سَنُڌو - لِيڪَ - لَڪِير - لِيڪو. هٿ جي لڪير. قسمت - ڀاڳُ - نصيبُ - لِکيو - لِکيتَ - تَقديرَ - ٽِيٽي - هو وٺهارُ - انڪُ - مُقدرُ. موتُ - ڪالُ - آجَلُ - قَضيو - مَرتيوُ - مَرٺو. تَنُدَ - تارَ - ڌاڳو - ڏورَ - سڳو - ڏورو. سونهن جي ڪري ڏند کي سونيُ ويڙهيل تارَ. (ڪ). ڪُجهُ حصو - هَوَ - ذرڙو - لِڪَ - ڪٿو - ٿورو - ڀاڱو - پتيُ - ٽُڪرو - ٽُڪَرُ - ڳيو (ٿ). ڪنهن ڏٺل ماڻهوءَ جهڙي تصوير يا آهڃاڻُ - پارُ - مُنهاندو - حُليو - شَڪلُ - تصويرَ.

- رِيکا ؏ رِيکائُونُ: ٿ. (سن. ريکا=لِيڪَ). لِيڪَ - لِيڪو - خطُ - رِيکَ - سَطارُ - سِٽَ - سَنُڌو. ڌاڳو - نوڙِيُ - رَسيُ - ڏورَ. پَدُ - چَرُن - شَرن - پيرُ. ظرف. ڏِسَ - پاسو - ڏِسا - دِشا - پَهلو. چِٺيُ - خَطُ - لِکيل نياپو. قطارَ - ٽُڪَ - سلسلو - مِصرع - تارَ - لائِنَ - صِفَ - پَهُو. حَدَ - عَلائِقو - سُوتُ. وَرُ - ڦيرو - چڪَرُ - گهُمرو - گهمتاڙِيُ - وَلو. سَمڪَ - خبر - جاڻَ - سُڌَ - پَرُوڙَ - اِطلاع - پتو - پارُ. ٿورڙو - ذَرڙو - ذرو - ٿورو - هَوَ - لِڪَ - ڪٿو.

- رِيکا گَڻِيتِ: ٿ. (سن. ريکا گڻيتِ) علم جوتش جو هڪ حصو - جاميٽرِيُ.

- رِيکيارو ؏ رِيکيارا: ذ. صفت. (سن. ريکَ) ريکَ وارو.

● رَيڪانُ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● رِيڪٽ ۽ رِيڪٽيون (ٿ): ٿ. گهٽتائي ـ خرابي ـ بگاڙائي ـ بدي.

● رِيڪٽڻ: ذ. مصدر (ٿ). جهگڙو ڪرڻ ـ جهيڙو ڪرڻ ـ ڦڏو ڪرڻ ـ فساد ڪرڻ ـ ٽنٽو ڪرڻ ـ رڳڙو ڪرڻ.

● ريگ ۽ ريگون: ٿ. (ف). واري ـ ريتي ـ ميٽي. رائو. ڍس (ڍِرَس). سراب.

ـ ريگِ روان: (ف. ريگ + روان > رفتن = وڃڻ). اڏامندڙ واري.

ـ ريگڙ پارو ۽ ريگڙ پارا: ذ. صفت. (ف). واريءَ سان پرِيل ـ ڀيٽوت. چينل گودڙين وارو. سونهن ڏندن وارو. جوڳي ـ سنياسي ـ ساڌو ـ ٻائو.

ـ ريگ زار ۽ ريگ زار (ف): ذ. واريءَ وارو ملڪ ـ واريءَسو پٽ ـ ريگستان ـ رڻ پٽ ـ صحرا. پٽ ـ ڊِٻ.

ـ ريگستان ۽ ريگستان: ذ. (ف. ريگ + آستان = جاءِ). واريءَ وارو ملڪ ـ واريءَسو پٽ ـ رڻ ـ رڻ پٽ ـ صحرا ـ بيابان ـ ريگ زار ـ برپٽ ـ ويراني ـ سُڃ ـ ٿر ـ ٻَرُ.

ـ ريگمال ۽ ريگمال: ذ. (ف. ريگ + مال > ماليدن = مهٽڻ). ڪاٺ کي صاف ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جو ريتيءَ لڳل پنو ـ ريگمال.

ـ ريگمالي ۽ ريگمالي: ذ. صفت. (ف). ڪاٺ کي پالش ڪندڙ، لسو ڪندڙ، گهنڊڙ، صاف ڪندڙ.

ـ ريگماهي ۽ ريگماهيون: ٿ. (ف. ريگ = واري + ماهي = مڇي) واريءَ ۾ رهندڙ هڪ قسم جو جانور. گِلوئي ـ سقنقور.

● ريڳارو ۽ ريڳارا (ٿ): ذ. پاڻيءَ جو ليڪو.

● ريڳاڙي ۽ ريڳاڙيون (ت): ٿ. عرق يا رت جو قطرو، ڦُڙو ـ ٽيپو. ٿورو وهندڙ پاڻي ـ لار ـ ڌار.

● ريگستان ڪرتار: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ريگستان ساميرو: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ريگي ۽ ريگيون (ت): ٿ. الرزانق بازُ جي مادي ـ ٽنٽبڻ.

● ريگيوليشن: ذ. (انگ. Regulation) قاعده ـ قانون ـ ضابطو.

● ريگاڙو ۽ ريگاڙ (ل ـ ڪ): ذ. ڪنهن زخم مان وهندڙ گندو يا ڪِن ـ گاڙو ـ رونگ ـ پُون ـ ستَ.

● ريگاڙو ۽ ريگاڙا (ت): ذ. ڦُڙو ـ ٽيپو ـ قطرو. تميل پاڻي ـ گاڙو ـ گاڙ. داغ ـ نشان ـ چٽو ـ ڌبو.

ـ ريگڙو ۽ ريگڙا (ل): ذ. تمام ٿورو پاڻي ـ چڪو.

● ريگڙ پارو ۽ ريگڙ پارا: ذ. صفت. (ف. ريگ = واري) واريءَ سان پرِيل ـ ڀيٽوت. چيلن گودڙين وارو ـ فقير ـ هيڻو ـ گدا ـ گداگر.

● ريگڙ پون پڌڻ: ڀلائڻ ـ منجهائڻ ـ گمراهه ڪرڻ.

● ريگهي ۽ ريگهيون: ٿ. ڪِلتو ـ چڙهو ـ ڏاڍر ـ چٽ ـ گِرگهلي ـ ٺَل ـ لالچ ـ لٻ ـ ريٻ ـ لوڀ. آنڪل بازي ـ حرفت ـ چالاڪي. هوشياري ـ سياڻپ ـ ڏاهپ.

ـ ريگهڙي ۽ ريگهڙيون: ٿ. ڪلتو ـ چڙهو ـ ڏاڍر ـ چٽ ـ گرگهلي ـ ٺل ـ لالچ ـ لٻ ـ ريٻ. آنڪل بازي ـ حرفت ـ چالاڪي ـ هوشياري ـ سياڻپ ـ ڏاهپ ـ دانشمندي.

ـ ريگهڙي پڌڻ: چٽ ڏيڻ ـ ڏاڍر پڌڻ ـ ڪلتا پڌڻ ـ چڙهو ڏيڻ. ڏُتارڻ ـ لالچائڻ ـ ريٻڻ ـ لٻڻ.

● ريگيٽو ۽ ريگيٽا (ڪڇ): ذ. واڳڻ ـ هڪ پاڃيءَ جو قسم.

● ريل ۽ ريلون: اسم. (انگ. Rail لوهه جو پٽو). لوهه جو پٽو ـ لوهه جو رستو "آگگاڏي جي هلڻ لاءِ". ريلوي لائين ـ پٽڙي ـ آگ گاڏي ـ ريل گاڏي.

Gul Hayat Institute

− رِيلوي ۽ رِيلويءُ ذ. (انگ. Railway) ريل گاڏيءَ جو رستو − پٽڙي. ريل جو محڪمو، ريلويءَ کاتو.

● رَيلَ: ث. اسم خاص. تعلقي آباوڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيلُ ۽ رِيلَ: ذ. پانڌيٽي − چڪر − ڦيري − ولو − گهميتاڙيءَ. خاليءَ نڙو − پوپو − گيٽ − اوبيرو "ڏاڪي ويڙهڻ لاءِ". مٽ جو ڏيرو.

● رِيلتَرائيءَ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيلَ سُولچَنڊُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيلڻُ: مصدر. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ريلڻ: مصدر. آٿلڻ − مٿان وهڻ − اٿليءَ پوڻ − پلٽڻ − پلٽو کائڻ − وافر ٿيڻ − پلٽيءَ پوڻ. آپامڻ − آڦرڪڻ. فضل پلٽو ٿيڻ. چشم پوشيءَ ڪرڻ − لڪ مٿيءَ ڪرڻ − ريلاءُ ڪرڻ.

− ريلَ ۽ رِيلوُنءَ: ث. (پرا. ريلَ = آٿلَ) پوڏ − آٿلَ − ٻرهرو − پوڙ پوڙان − ليٽ − سيلاب − پلٽو − وافرائيءَ. گاهه وارو ميدان − ويءُ − چراگاهه − سائيءَ جوءِ − ملبيرو − آباد زمين − سرسبز زمين. هيٺاهين ۽ پاڻياٺي زمين − سيلابيءَ زمين − پوسل واري زمين. ٽيڪر − ڪپو − ٽل − گوڏڙ − ويڏر − وليهار. (پيلو) لاڙو − ڪاڏو − سيل − رغبت − چيڪ − چاهه. (ت). چوسول − چوواٺو − چوٽڪ.

− ريلا ڏيڻ: پلٽا ڏيڻ − ليٽ ٿيڻ − وافر ٿيڻ "پاڻيءَ جو". سڪ پيدا ٿيڻ − تانگهائڻ − تاتڻ − لاڙو ٿيڻ.

− ريل چيل: ظرف. مٿو − جهجهو − جام − گهڻو − بي انداز − وافر − بي حد − بي آلت − پهڻون − سيڻهو − عام جام − ڍڪيڻ ڍيرو.

− ريل چيل آڇڻ: عام جام آڇڻ − تمام گهڻي انداز ۾ آڇڻ − گهاٽائيءَ ڪان ٻاهر آڇڻ − بي اندازو آڇڻ − بي حد جهجهو آڇڻ.

− ريل چيل هڻڻ: جهجهو هڻڻ − عام جام هڻڻ − گهڻو هڻڻ.

− ريلُو ۽ ريلا: ذ. اسم. (پرا. ريلَ) وهه − وهڪرو − گيٽ − نديءَ − ڌارا − نهر − ڌار − وهڪ − لٽ − اوت − سيڙ − رواني − نئن. مٽ − پيشاب − ناڙا چوڙ. گهڻو خيال − لاڙو − محبت − عشق − پيار − خواهش − مرضيءَ − شوق − قرب − رغبت − چاهت − ڪشش − دل جو ميل.

− ريلِي پُونُ: ذ. صفت. (ريلو+پُونُ) زمين تان ريلا ڪري وهيل "ميٺهين".

● رِيلَڻُ: مصدر. گولڻ − نيهارڻ − ڍونڍڻ − جستجو ڪرڻ.

● ريلُو: اسم خاص. تعلقي گهوڙاٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● رِيمُ ۽ رِيمَ: ذ. (انگ. Reem). ڪاغذ جي ويهن دستن جو بنڊل.

● رِيمارائيءَ (ت): ظرف. رضا خوشيءَ − مرضيءَ سان. سچ پچ − سچ ۾ − حقيقت ۾ − واقعي.

● رِيمارڪ ۽ ريمارڪ: (انگ. Remark). راءِ − خيال − قياس آرائيءَ − ويچار − رايو.

● رِيمانڊ: ذ. (انگ. Remand). مقدمي جي مهلت − ڪجهه عرصي جي مهلت.

● رِيمائينڊر ۽ رِيمائينڊر: ذ. (انگ. Reminder). تاڪيدي چٺو − يادگيري ڏيارينڊڙ خط.

● رَيڻَ ۽ رَيڻون: ث. اسم. (سن. رجنيءَ). رات − ليل − رجنيءَ − توهيارِيءَ − شب. انڌيرو − اونداهيءَ − ڪاراڻ − انڌڪار − اونده. سنڌي کجور جو هڪ قسم. بدين طرف سنڌو نديءَ جي هڪ قديم شاخ جو نالو − ريڻ. (انگ). گهوڙي جي واڳ.

Gul Hayat Institute

- رَيڻَ بَسيرو ۽ رَيڻَ بَسيرا: ذ. (هه.) رات گذارو- شب باشي.
- رَيڻَ کجور: ث. نيموري جي قسم کان تورو وڏي قد واري هڪ کجور جو قسم.
- رَيڻَ گذارڻ: رات گذارڻ- رات وڃائڻ- رات وهائڻ.
● رينڌ ۽ رينڌيون (ڪ): ث. قطار- سلسلو.
● ريڻ ريڻ: ذ. "پار" جي رُوڻ جو آواز- نار يا هرلي جو رينگاٽ- چيڀاٽ- رُون رُون- سارنگيءَ وڄڻ جو آواز- رُونگاٽ.
- ريڻ ريڻ ڪرڻ: رَڙيون ڪرڻ- دانهون ڪرڻ- واڪا ڪرڻ- روڄ ڪرڻ- رودن ڪرڻ- رُنڻ- رينگو ڪرڻ- رينگاٽ ڪرڻ- رُون رُون ڪرڻ.
● رينگ ۽ رينگون: ث. رينگاٽ- رينگٽ- رين رين- رينگو- رُون رُون- چيڀاٽ- چين چين- چرڙاٽ.
- رينگٽ ۽ رينگٽ: ذ. رينگاٽ- رينگ- رينگو- رين رين- رُون رُون.
- رينگو ۽ رينگا: ذ. رينگاٽ- رينگ- رين رين- رُون رُون- رينگٽ- رڙ- جهڻ جهڻ- ڪُرڪو- ڪنجهڪو- مسلسل روڄ- رودن. گهڻي- ڪلڪل- ڪيڪٽو.
- رينگو هلڻ: روڄ جاري رهڻ- رودن نه بيهڻ. گهڻي هجڻ- ڪلڪل نه وڃڻ.
● رينگيٽي ۽ رينگيٽيون (ٿ): ث. ٿر ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم.
● رينگهه ۽ رينگهون (ل- ک): ث. سنهو خراب ڪپڙو- رُوڙ. رينگٽ- چيڀاٽ- رڙ.
● ريڻ ۽ ريڻيون (ٿ): ث. مينهن جي پاڻيءَ سان پريل ڪڏ. ذ. صفت. تمام ٽلهو- موٽو- قوڦانگ- مُٽڪو- دونس. چالاڪ- چست- عيار.
● ريڻوڪا: اسم خاص. سنيالوءِ جو پيءُ.

● ريڙي ۽ ريڙيون: ث. ٻوڏ- اُٿل- ٻرهرو- ٻوڙ ٻوڙان- ليٽ- ڇاڙ- سيلاب. اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ريڻي ۽ ريڻيون: ث. سر- ڇڪڻي- لسري- ڏانگي "سون يا چانديءَ جي".
● ريو ۽ ريا (ٿ): ذ. ڪوڙي چاندي- مٽ- گِلٽ. ريءُ- پاسو- طرفداري.
● ريوالور ۽ ريوالور: ذ. (انگ Revolver) گهڻا فائر ڪندڙ پستول- طپاچو- طمنچو- تمانچو.
● ريوڙي ۽ ريوڙيون: ث. تيرن مان ٺهيل هڪ مٺائيءَ جو قسم.
● ريوچيني: ث. هڪ پسارڪو وکر، دوائن ۾ ڪم ايندڙ- ريوند چيني.
● ريوڪرس: ث هڪ وڻ جي رس. دوائن طور ڪم ايندڙ- هڪ پسارڪو وکر- ريوند عصاره- شيره ريوند.
● ريون (ڪ): ث. (سن. رتيڪا). چانورن جي ڪڻ يا پور- آڏڙ چانورن جا- چانورن جو ذارو- چانورن جي سنهي ڪڻ. ٻرزا ٻرزا- ذرا ذرا- رتبي رتبي- هنو- ليڪ- پڇ. سٽي- خاڪ- ڌوڙ- ڇاڻي.
● ريوند: اسم خاص. (ف). چين ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽو ۽ اُن مان ٺهندڙ هڪ دوا جو نالو.
- ريوند چيني: ث (ف). ريوند ٻوٽي مان ٺهندڙ دوا جو نالو- هڪ پسارڪو وکر.
● ريويو: ذ. (انگ Review). تقريظ- تبصره- تنقيد- ڪنهن ڪتاب وغيره تي راءِ.
● ريهه ۽ ريهون: ث. ڪنهن ڳيرُوءَ جي ڏاڙهيءَ جا نرم وار- ڀڙين آيل ڏاڙهي يا مُڇن جا وار- توري ڏاڙهي- لنوار- مُڇن يا ڏاڙهيءَ جي ساوڪ.
- ريهه پري اچڻ: ڏاڙهيءَ جي شروعات ٿيڻ.
- ريهه لهڻ: ڏاڙهي اچڻ.

Gul Hayat Institute

● رِيڻھَ ۽ رِيڻھون: ث. (سن. ريڻشا). رَڙَ - ڪُوڪَ - دانهن - ڪِيڪَ - ڪِيڪڙاٽَ - ٻُوڪَ - ڪِيڻھَ - رِيڻھارَ - ٻُڪارَ - چيٽَ - راڙِهه - آه - فِغان - واڪو. وائي - بادِي - ٽِٽ - ڦُوسَ - پيٽ مان نڪتل هوا. هڪ بيماريءَ جو قسم جنهن ۾ بادِي گهٽي ٿيئي - باد گولو.

- رِيڻھاٽ ۽ رِيڻھاٽَ (ب - ث): ذ. رَڙَ - وڏي دانهن - ڪُوڪَ - رِيڻھَ - ٻاڪارَ - ڪِيڪڙاٽَ.

- رِيڻھون ڪَرَڻ: دانهون ڪرڻ - ڪُوڪون ڪرڻ - واڪا ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - رانيپاٽَ ڪرڻ - رَنيون ڪرڻ.

- رِيڻھون ڪَري آچِي چَنبڙَڻ: ڏاڍي پريشاني جي حالت ۾ آچِي پيش پوڻ - رڙيون ڪري آچِي قدمن تي ڪرڻ - ڏاڍي ڏُک ۽ درد و چاڻ پنهنجي حالت بيان ڪرڻ.

● ريپهائڻ: جائز هُجڻ - روا هُجڻ - حلال هُجڻ - حقِي هُجڻ - مُباح هُجڻ - رائج هُجڻ.

- رِيڻھَندو ۽ رِيڻھَندا: ذ. صفت. حقِي - جائز - رَوا - حقانِيتو - حَلال - رِهندو - حق حلال جو - قانونِي - شرعي - باقاعدي - مُباح.

● ريپهَڻ: مصدر. ريپهَ ڏيڻ - ٽانڪَڻ - گِنڍَڻ - گَنڍَڻ - ميلائڻ - جوڙَڻ - ميڙَڻ - گنڍائڻ. پَگهارَڻ - رِجائڻ - پنڙو ڪرڻ - پاڻيانو ڪرڻ. رِيڀَڻ - رِيجهائڻ - ڏُٿارَڻ - ٺڳڻ - لاليچائڻ - راضي ڪرڻ.

- رِيڻھَ ۽ رِيڻھَ: ٽانڪو - پَنو - گِنڍ - تُوپو - جوڙ - ميلاپ - دَرز - ڏَنڊا - ڪَرِيو.

- ريپهانُ ڪيپهانُ (ت): پَرتَل - راضِي - خوش باش - سَرچِيَل.

- ريپهَ ٻَڌَڻ (ت): چِتَ لائڻ - رِيجهائڻ - ڏُٿارَڻ - خوشامد ڪرڻ.

- ريپهَ ٿَوَڻ: عادت پوڻ - ڍِنگ پوڻ - عِلتَ پَوَڻ - عِلتِي ٿيڻ - باندائِي ٿيڻ.

- ريپهجَڻ: گِنڍجَڻ - ٽانڪجَڻ - گنڍجڻ - جُڙَڻ - مِلَڻ - رِيڻھَ آچڻ.

- رِيڻھَ ڏِيَڻ: رِيڻھَڻ.

- رِيڻھَڻ رِيڀَڻ: ڏُٿارَڻ - لالچائڻ - هرڪائڻ - رِيڀَڻ.

- ريپهو ۽ رِيڻھا (ت): ذ. آرام - فرحت - قَرار - چَئِنَ - راحتَ - سُک - آسودگِي. ٻيڻوَند - گِنڍ - جوڙ - مَيڻل - ميلاپ - ٽانڪو - تُوپو. لِباسِي - وات مِينڙو. وڻندڙ - رِيجهائيندڙ. ديگڙي يا ڪُني جي تَر کي ڏِنَل مِٽيءَ جو ليپو - تَهَ - ليپهو.

● رِيڻھو ٽِيڻو نا: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ريءَ ۽ رِيڻون: ث. (سن. رَيَ). پاڻيءَ جي تِکَ - وهَ - وَهڪَ - وَهڪرو - ڌارَ - سيڙَ. (سن. رمس > ف. ريگ) وارِي.

● رِيءَ ۽ رِيءَ: ذ. اِسم. غَم - شوڪ - ڏُک - گُوندر - ڏَنج - سوم - افسوس - ارمان - درد - سوز. سُور - ڪليش - ويڌن - ڏُک - پيڙا - آزار - تڪليفَ. ماتَم - رودَن - روج - راڙو - رودَن - راڙِهو. رِياءُ - پاسخاطر - لحاظ - مَروّتَ - رايو - طرفدارِي.

Gul Hayat Institute

ڙ

ڙ: اسم مونث - هندي جو پندرهون ۽ سنڌي جو ڇهون اکر آهي، گهري هجڻ ڪري ڪنهن به لفظ جي شروع ۾ نه ايندو آهي، باقي وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

ز

ز: ث. (ع.ف) سنڌي الف ب جو (٢٧) ستاويهون اکر، فارسي الف ب ۾ تيرهون اکر ۽ عربيءَ الف ب ۾ ٻارهون اکر. ابجد موجب سندس عدد (٧) ست. علم نجوم موجب ڇنڇر ڏينهن لاءِ ڪم ايندڙ اکر ۽ ستارن مان وري پٽونءَ لاءِ ڪم اچي.

● زا: ذ. صفت. [ف. زاد جو مخفف] پيدا ٿيل- ڄاول. جيئن "ميرزا، وغيره".

● زابِرُ ۽ زابِرَ: ذ. صفت. [ع. جابر: جَبَرَ = جَبَرَ وارو- جابر. زورآور- زبردست. ڏاڍو. سگهو- بهادر- پهلوان. ظالم.

● زابِلِستان: اسم خاص. (ف) هڪ علائقي جو نالو. ڪابل- غزني.

● زاپَنُ ۽ زاپِڻُونُ (ڪ). ث. سنهي ٻڳهي ڪاٺي- لڪڙي.

● زادَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زادُ ۽ زادَ: ظرف. (ف) پيدا ٿيل- ڄاوَلُ- ڄڻيل- ڄڻيو- ڄائو. جيئن، "شهر زاد، بهزاد، وغيره". (ذ) کاڌو- سيڌو- سامان- توشو- شَهَرُ. بلو- بند و بست- پورت- انتظام- آٽت. جيئن، "زاد راه وغيره".

- زادِ بُومُ: ذ. ڄمڻ جو هنڌ- جنم جو هنڌ- جنم ڀُونُ.

- زادِ راهِ: ث. مسافريءَ جو توشو- سفر جو سامان (کاڌو پيتو، خرچ ڪاپارو وغيره).

- زادو ۽ زادا: ذ. صفت. ڄڻيل- ڄاول- ڄميل- پيدا ٿيل. "جيئن، اميرزادو، شهزادو، خانزادو وغيره".

- زادِ بُودُ: ذ. سامان سڙو- مال متاع- مڏي- وسلا واڙي.

- زادِيُ ۽ زادِيُونُ: ث. صفت. زاد جو مونث. جيئن "شهزادي، اميرزادي وغيره".

● زار: ث. (ف) وارو هنڌ- جاءِ- وارو آستان. جاءِ- جڳهه- مڪان- مقام- هنڌ- آستان. جيئن: "مرغزار، گلزار، بازار وغيره". گهڻائي ڏيکاريندڙ لفظ- ميڙ- ڀيهه- ميڙاڪو- ڪثرت- جهجهائي.

- زارُ زارُ: صفت. تمام گهڻو- جهجهو- جَالُ- سَرسُ- گهڻو- هڪاندو- زياده- وڌيڪ- بي اندازَ- سَئُو. ڏاڍو. زاروَنُ زار.

- زارُ زار رُئَنُ: تمام گهڻو رئڻ- سخت رئڻ. چڱيءَ طرح ڏجهڻ- ماتم ڪرڻ.

- زارَوُن زارُ: صفت. زار زار.

● زارُ: صفت. (ف) ضعيف- ڪمزور- ناتوان- اپرو. مسڪين- ويچارو- مفلس- غريب. عاجز- بي پهچ. جيئن "عاشق زار وغيره".

- زارَوُنزارُ: صفت. تمام گهڻو ضعيف- بلڪل ڪمزور.

- زارِيُ ۽ زارِيُونُ: ث. ضعيفائي- ناتواني. مسڪيني- مفلسي. عاجزي- نيازي- نيزاري. منٿ- آزي- وينتي- سوال- التجا- عرض. روج- رودَنُ- دانهون- آهُونُ- ورلاپ.

- زارِيُ هڻُڻُ: مجال هڻڻ- پيٽي ڏ هڻڻ- هٿ جوڙ جي وات هڻڻ.

"آهي تيڏڙي نالي سهٽا،
ساڏِيُ زارِيُ زارِيُ".
(سچل).

● زاغُ ۽ زاغَ: (ف). ڪانءُ- ڪانگ- ڪانو.

Gul Hayat Institute

● زافُ ڳ زافَ: ذ. صفت. نابود - فانيُ - فنا - بيخود - ضعيف. قِينَلُ - پائمال - تباهه - ڊَٻل - ڊُق. ڏَڪاٽل - ابتر - خان سان چٽُ. آفت ماريل. جيئن:

"هيءَ تنين حال. زلف جي زاف ڪيون"
(شاهه).

- زافُ ڪَرَڻُ: ضعيف ڪرڻ.

● زالَ ڳ زالُونُ: [ف. زلُ = پوڙهي عورت] عورت - استري - سهُرِي - نار - ناري - زائفان. گهرواري - اهليه - زوجه - بيگم - ٻائي - جوءِ - ٻيبي - ٽهلي - داسي - نوڪرياڻي - نفرياڻي.

- زالاڻو ڳ زالاڻا: ذ. صفت. زالڪو - زال لائق - زال جهڙو - زنانو. مونث - مادي - نامرد. نازڪ - بي همت. ماهواري حَيضُ - ڪپڙا (ت) ڇڪيءَ جي بيماري (ڪ).

- زالاڻا آچَڻُ (ت): ڪپڙا اچڻ - حيض اچڻ - ماهواري اچڻ.

- زالا ٿو ڳالهائُ: سنهو ڳالهائڻ.

- زالاڻيُ ڳ زالاڻيُونُ: ث. حيضُ - ڪپڙا - رُتُ - ماهواري - ارڪلي - ڦُلُ.

- زالپڻُو ڳ زالپڻا ; ذ. زالپڻ - استري پڻو. استريءَ جي بلوغت. زناني شڪل - زنانو - عورتن جهڙو.

- زال دُو پشٽي هڻَڻُ: حامله زالَ هڻڻ - زال کي پيٽ هڻڻ.

- زالڪو ڳ زالڪا: ذ. صفت. زالاڻو - زنانو - عورتن جهڙو.

- زالُونُ زالن جو ڪاڄ هڻَڻُ: زالن جو هڪ ٻئي ڪن ڳجهه نه رکڻُ. زالن جو هڪ ٻئي کي ريٻي ڪنهن ڳالهه تي ٻيهارڻ.

- زالِ لَڪڙِيُ: اسم خاص. ڪاڇي وارن جبلن ۾ هڪ لَڪَ جو نالو (جنهن تي اهو نالو هڪڙيءَ زال تان پيو آهي، جا پنهنجي مڙس کي دغا ڏيئي، انهيءَ نيڙي لڪ منجهان هڪڙي سوداگر سان ڀڄي ويئي هئي). (ڪتاب ڏاڙهيالي جبل جو سير).

- زالپن مُڙسپن: ظرف. سڀئي - هڙيئي - مرد توڙي عورتون.

● زالُ: صفت. (ف) پوڙهو ماڻهو - پيرسن - ٻڍو. (اسم خاص) رستم پهلوان جي پيءُ جو نالو.

● زامُرُ (ڪ): ث. وَل جو هڪ قسم.

● زانُو ڳ زانُو: ذ. (ف) گوڏو - مونو. سٿَرَ - ران.

- زانُو پيٽَڻُ: گوڏا پيٽڻُ - سٿرن تي ڏڪ هڻي ماتم ڪرڻ.

● زانُور: ٽَڪر جي وَڻ ويڙهي.

● زانيُ ڳ زانيُ: ذ. صفت. زَنا ڪندڙ - زناڪار. زناخور - حرام ڪار - حرام ڪندڙ - رنڊيباز - وپچاري - حرامي. فاسق - فاجر.

● زاوِرِ ياڻيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زاوِيَهُ ڳ زوِيُهُونُ: ث. (ع) ڪنڊ.

● زاهدُ ڳ زاهدَ: ذ. صفت. (ع) دنيا سان رغبت نه رکي فقط خدا تعاليٰ سان لنؤ لڳائيندڙ - پرهيزگار - متقي - لوڪ تياڳي - رشي - سنياسي. خدا پرست - عابد - عبادت ڪندڙ - عبادتي. بزرگ - درويش.

- زاهدِ خشڪ: ذ. صفت. ملا طبع - ڪٽر ملا.

- زاهدِيُ ڳ زاهدِيُ ذ. صفت. زاهد.

● زائِچو ڳ زائچا: ث. (ف) نجومين جو ٻار ڄمڻ وقت ٻار جي احوال جو ڪاغذ - ڇٺي - جنم پتري. تارن جي علم جي جدول يا جنتري.

- زائِچو ٺاهڻُ: جنم پتري ٺاهڻ.

● زائِدُ: ظرف. (ع) زياده - وڌيڪ - واڌو - وڌيل. گهڻو وڌيل - فضول - اجايو. فاضل - بچت - فالتو - باقي.

- زائِدُالتوصيف: ظرف. تعريف کان ٻاهر.

● زائِرُ ڳ زائِرَ ذ. صفت. (ع). زيارت ڪندڙ. زيارت لاءِ ويندڙ - جاتري - زيارتي.

● زائِفانُ ڳ زائِفانُونُ: ث. [ع. ضعيفه = هيڻي] عورت - ناري - زال - مائي.

Gul Hayat Institute

● زائِلُ ۽ زائِلَ: ظرف. ذ. صفت. (ع). ضايع ٿيندڙ- گھٽجندڙ- گھٽ- اڻپورو. زيان- ضايع- اجايو. فاني- بي بقا.

● زائِڻُ: مصدر. پائڻ- سمجھڻ.

● زائِيدَهَ: صفت. (ف). ڄڻيل- ڄاول- ڄاپيل. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ جيئن: "نوزائيده" وغيره.

● زُبانَ ۽ زُبانُون: ث. (ف). جيڀ- لِسان. ٻولي- ڀاشا- ٻاڪا- لغت. وائِي- ڪَٿي- چَوڻي- سخن- ڪلام- ڳالھ ٻولھ- گفت و- اقرار- وعدو- انجام- وچن- قول. سِتار جي هڪ تار جو نالو.

- زُبانُ آوَرُ ۽ زُبانُ آوَرَ: ذ. صفت. [ف. زبان + آور > آورون = آڻڻ] خوش بيان- شيرين زبان- خوش ڪلام- فصيح زبان. شاعر.

- زُبانُ آيِڻُ: ڳالھائڻ جھڙو ٿيڻ. ڳالھ ٻولھ ڪرڻ- ڳالھائڻ.

- زُبانُ بِگِڙڻُ: ٻولي گندي ٿيڻ. زبان خراب ٿيڻ. گارگند جي عادت ٿيڻ.

- زُبانَ بَنْدُ ٿيڻُ: ڳالھائڻ جي قوت ختم ٿيڻ- زبان رڪجي وڃڻ. ڪنھن جي سامھون رعب سبب ڳالھ ڪري نه سگھڻ. مرڻ وقت ڳالھائڻ جي طاقت بند ٿيڻ.

- زُبانُ بَنْدُ رَکَڻُ: خاموش ڪرائڻ- ڳالھائڻ نه ڏيڻ- ماٺ رهڻ- ڪجھه به نه ڪڇڻ.

- زُبانُ بَنْدُ ڪَرَڻُ: ڳالھائڻ کان روڪڻ- ماٺ ڪرائڻ خاموش رهڻ- چُپ رهڻ.

- زُبانُ پِڇَڻُ: انجام نه پاڙڻ- انجام ٽوڙڻ- وعدو ڀڃڻ- قول نه پاڙڻ- اقرار پورو نه ڪرڻ- وچن نه پاڙڻ.

- زُبانُ تارُونُ ۾ بَنْدُ رَهَڻُ: ڪُڇڻ جي طاقت کان رهڻ- بالڪل ڳالھائي نه سگھڻ- زبان تي مهر لڳي وڃڻ.

- زُبانُ تي آڻَڻُ: بيان ڪرڻ- ظاهر ڪرڻ.

- زَبانَ تي چڙهَڻُ: ياد اچڻ. ڪا به ڳالھ يڪدم چئي وڃڻ يا چئي ڇڏڻ.

- زُبانُ تي مُهُرَ هَڻَڻُ: رواجي ڳالھ ڪان وڌيڪ نه ڳالھائڻ. زبان بند ڪري ڇڏڻ- ڳالھائڻ بند ڪري ڇڏڻ. دٻائي ڇڏڻ- هيسائي ڇڏڻ.

- زُبانَ تي مُهُرَ هُجَڻُ: گھٽو نه ڳالھائڻ.

- زَبانَ تي مُهُرَ هُڻَڻُ: مجبوري ڪان حق جو ڪلمو چئي نه سگھڻ.

- زُبانَ جا ڏڪَ هَڻڻُ: مھڻا ڏيڻ- ڏمڪ ڏوراپا ڏيڻ. گِلا ڪرڻ- شڪايت ڪرڻ. گھٽ وڌ ڳالھائڻ.

- زُبانَ جو چسڪو: ذ. زبان جو مزو. وات جي لذّت.

- زُبانَ جو مِٺو: ذ. صفت. ڳالھائڻ جو مٺو- مِٺ ڳالھائو- شيرين زبان. خوشامند ڙيو- چاپلوس. مروت ۽ لِحاظ سان هلڻ وارو.

- زُبانَ جو مزو: وات جي لذت- وات جو سواد.

- زُبانَ جي مِٺائِي ڪارائِڻُ: رڳو مِٺيون ڳالھيون ڪرڻ.

- زُبانَ جھلَڻُ: ڳالھ بند ڪرڻ.

- زُبانَ چِٽُ: ذ. گھوڙن جو اصطلاح زبان چٿيندڙ (گھوڙو). نياڳو (گھوڙو).

- زُبانَ چورڻُ: بيان ڏيڻ ڳالھائڻ.

- زُبانَ نَقارَهُ خَلْقَ خُدا هُئَڻُ: جيڪي عام طرح ماڻھو چوندا رهن؛ آهو ٿي پوڻ.

- زَبانْدانُ ۽ زَبانْدانَ: ذ. صفت. [ف. زبان + دان > دانستن = ڄاڻڻ] زبان وارو. ڪنھن ٻوليءَ جو ڄاڻو- عالم- فاضل گھڻيون ٻوليون ڄاڻندڙ.

- زبانُ دانِي ۽ زبانداني‍ون: ث. زبان جي بخوبي واقفيت- علم زبان.

- زبان دَبائِڻُ: ڳالھائڻ کان زبان کي روڪڻ.

- زُبانُ دَرازُ ۽ زبانُ دَرازَ: ذ. صفت. [ف. زبان + دراز = ڊگھو] گھڻو ڳالھائيندڙ- اجايو ڳالھائيندڙ- زياده گو- بڪواسي- بڙ بڙيو- ڪينو ڳالھائيندڙ- وات جو ڪينو- بي ادب- گستاخ.

- زُبانُ دَرازُ ڪرڻ: طول ڪلامي ڪرڻ- ڳالھ وڌائي بيان ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– زُبانُ دَراز هُئڻ: گهڻو ڳالهائڻ هئڻ - بڪواسي هئڻ - گستاخ هئڻ.

– زُبانُ دَرازيءَ ۽ زُبان دَرازيون: ث. گهڻ وڌ ڳالهائڻ جي حالت - واهيات گفتگو - بيهوده گوئي - فحش زباني - بد زباني - گار گند - بيهودگي. بي ادبي - گستاخي.

– زُبانُ دَرازي ڪرڻ: گستاخي ڪرڻ. بيهودو بڪڻ - گار گند ڪرڻ - فاحش بڪ ڪرڻ.

– زبان ڏيڻ: انجام ڏيڻ - اقرار ڪرڻ - وعده ڪرڻ - وچن ڏيڻ - عهد ڪرڻ - قول ڪرڻ. پرڻ ڪرڻ - ٻول ڏيڻ - سخن ڏيڻ. دلاسو ڏيڻ.

– زبان روڪڻ: خراب گفتگو کان منع ڪرڻ - بد گوئيءَ کان باز رکڻ. ڳالهائيندڙ ڳالهائيندڙ رڪجي وڃڻ.

– زُبان زَدُ ٿيڻ: [ف. زبان + زد > زدن = هڻڻ] مشهور معروف ٿيڻ. عام جي زبان تي چڙهڻ.

– زبان سبڻ: خاموش ڪرڻ - ڳالهائڻ بند ڪرڻ.

– زُبان سبي ڇڏڻ: ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏڻ - چپ نه چورڻ - زبان نه هلائڻ - آواز نه ڪرڻ - نه ڳالهائڻ.

– زُبانُ سنڀالڻ: سنڀالي گفتگو ڪرڻ - سنڀالي ڳالهائڻ - سوچي سمجهي ڳالهائڻ - سهڻو يا سنو ڳالهائڻ. خاموش رهڻ. زبان کي وس ۾ رکڻ.

– زُبانُ ڦيرائڻ: ڪنهن ڳالهه تان ڦري وڃڻ - ڪيل انجام تان ڦري وڃڻ - ڳالهايل لفظن کان انڪار ڪرڻ - وعده ڦيرائڻ - جيڪي چوڻ انهيءَ موجب نه هلڻ - وعده خلافي ڪرڻ - انجام ٽوڙڻ - زبان تان ڦري وڃڻ - پٺي نه ڪرڻ - انجام کي پاڙي نه ڏيڻ.

– زَبان قابو ۾ رکڻ: سمجهي ٻُرجهي ڳالهائڻ.

– زَبانَ ڪَڍي ڇڏڻ: سخت سزا ڏيڻ.

– زُبانَ ڪَرَڻ: انجام ڪرڻ - قول ڪرڻ - وعدو ڪرڻ.

– زُبانَ ڪُوڙي ڪرڻ: انجام نه پاڙڻ.

– زبانَ کولڻ: پار جو ڳالهائڻ شروع ڪرڻ. ڳاريون ڏيڻ شروع ڪرڻ.

– زَبان کولڻ: ڳالهائڻ - گفتگو ڪرڻ آواز ڪڍڻ - ڳالهه چورڻ - زبان هلائڻ.

– زَبانَ کي پاڙي ڏيڻ: انجام پورو ڪرڻ - قول پاڙڻ - واعده وفا ڪرڻ.

– زبان کي چپن تي ڦيرائڻ: مزو وٺڻ. چپ چٽڻ.

– زبانَ کي لگام ڏيڻ: سوچي سمجهي ڳالهائڻ.

– زَبانَ ڪِينچڻ: زبان ڪاٽڻ جي سزا ڏيڻ.

– زَبانَ لالُ ڪرڻ: تمام گهڻو ڪاوڙجڻ - ڪاوڙ منجهان ڳالهائڻ. مهڻا ڏيڻ - شڪايت ڪرڻ.

– زَبانَ ۾ ڇالا پوڻ: ڳالهائي نه سگهڻ - بيان ڪرڻ جي همت نه رهڻ. درد پريو داستان هئڻ جپ کي ڳنڍيون اچڻ.

– زَبان مان ڪڍڻ: ٿورا لفظ ڳالهائڻ. سرسري طور ڪا ڳالهه چوڻ.

– زبان مانُ نڪرڻ: زبان مان اوچتو اڪري وڃڻ - تڪڙ ۾ چئي وڃڻ ڪي ڪجهه ڳالهائڻ.

– زبانَ مچڪائڻ: زبان کي وات ۾ ڦيرائڻ.

– زبانَ مرڪائڻ: زبان مچڪائڻ.

– زَبان نه گسڻ: ڪابه تڪليف نه ٿيڻ.

– زبانَ ونڻ: وعدو ونڻ - انجام ونڻ - وچن ونڻ.

– زَبانَ هارائڻ: وعدو گسائڻ - انجام شڪني ڪرڻ - قول کي پاڙي نه ڏيڻ.

– زَبان هڪڙي هئڻ: زبان جو وعده هميشه هڪ ۽ هڪو هئڻ.

– زبانُ هلائڻ: ڳالهائڻ. زبان درازي ڪرڻ - گهڻو ڳالهائڻ. سوال ڪرڻ - گهرڻ.

– زبانُ هڻڻ: گهڻو ڳالهائڻ - بڪ وات ڪرڻ.

– زَبانيءَ ۽ زَبانيون: ث. بيان - اظهار - سماعي - ڪيفيت - شاهدي - گواهي.

– زَبانيءَ ۽ زَبانيءُ: صفت. برزبان - واتي ويٺي - تقريري - لفظي.

– زَبانيءَ اِمتحانُ: ذ. زباني طرح پڇاڳاڇا وارو امتحان - تقريري امتحان - واتي ويٺي امتحان.

- زباني پَڙهَڻُ: ياد پڙهڻ - بنا ڏسي پڙهڻ - ازبر پڙهڻ - حفظ پڙهڻ.

- زباني جَمَع خَرچُ ڪَرَڻُ: فقط زباني انجام ڪرڻ ۽ ڪم نه پارڻ. خيالي پلاءُ پچائڻ. صرف ڳالهيون ڪاهڻ - فقط ڳالهيون ڪرڻ.

- زباني حِسابُ ۽ زباني حِسابَ: ذ. يادگيريءَ سان بنا لکڻ جي پڇڻ وارا حساب - ذهني حساب - تقريري حساب.

- زباني ڏَتِ ڏَتِ ڪَرَڻُ (ت): اجائي خوشامد ڪرڻ.

● زَبانو ۽ زَبانا: ذ. [ف] زبان] ڪَشو (ڇوڙي جو) پَتو بَڪَلُ. سنيءَ سان چلو. هڪ قسم جو واڍڪو اوزار - لنيڙي ڪارائي. هني جي دوالن کي گنيڊڻ لاءِ لوهه جو لنيڙو نڪر (ت).

● زَبتي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زُبدَهُ: ذ. [ع]. مکڻ - مکڻ جي ڦيڻ - ڪجهيءُ - ڦيڻ (کير جي). جوهر - نچوڙ - عرق - مِڪ. (صفت) منتخب - چونڊيل.

● زَبَرَ ۽ زَبَرون: ث. [ف. آزَبَرُ جو مخفف] آچار جو هڪ قسم - ڪنهن اکر جي مٿ جي نشاني - حرڪت - اعرابَ. علم نحو جي اصطلاح موجب الف منجهان پيدا ٿيل آواز. جيئن "ڪَتَ - لَتَ - مَتَرَ وغيره". (ع. ضَرْبَ) ڌڪُ - چوٽَ - ضرب - گهاءُ. جيئن:

"هٿي ٿو حاڪمن کي زور پريون زبرون".

● زَبَرُ ۽ زَبَرَ: ذ. صفت. [ف. آزَبَرُ جو مخفف] وڏو - مٿاهون - آتم - اعظم - عالي - ڪَبيرُ - شاهي. بلندُ - اوچو. بزرگ. مٿي - مٿان مٿاهون - وڏيڪ. ڳرو - ڀاري - وزني. (ع. جَبَرُ) ظلم - ڏاڍ - انڌير - انُرتُ. وڏو - اعلي. مٿاهون - اوچو - وڏيڪ. زور وارو - طاقتور - ٻلوان - غالب - حشمت وارو - پڇنديءَ وارو. وس کان ٻاهر - ڏاڍو. زبرو.

● زَبَرْدَسْتُ ۽ زَبَرْدَسْتَ: ذ. صفت. [ف. زبر + دست = هٿ] زور پريو - طاقتور - سگهائتو - سگهارو - ٻلوان - سگهو - زوردار - ٻليُ. مٿانهون - بالا - وڏو ظلم جهڙو - قهر جهڙو - ستمي - ستمگر. بلڪل سخت - ڳرو.

- زَبَرْدَسْتيُ ۽ زَبَرْدَسْتيون: ث. زور - ٻَلُ - طاقت - ڏاڍائي - ڏاڍُ - مضبوطي. قهر - غضب - انڌير - ظلم - انُرَتُ. آرهه زورائي - ڏاڍ مڙسي - بالادستي - زور آوري.

- زَبَرْدَسْتيُ ڪَرَڻُ: زوري ڪرڻ - حملو ڪرڻ - ظلم ڪرڻ - سختي ڪرڻ - لاچار ڪرڻ - ڏاڍائي ڪرڻ - آرَهه زوري ڪرڻ - ڏاڍ مڙسي ڪرڻ.

- زَبَرْزَنگ ۽ زَبَرْزَنگَ (ت): ذ. صفت. ڏاڍو جوان - زوراور - ٻلوان. اڙٻنگ. پهلوان - سورهيه - سورمو.

- زَبَرو ۽ زَبَرا: ذ. صفت. زبر - زبردست - جبرو.

● زَبرائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو (تاريخ بلوچستان ص ٢٨).

● زَبَرْجَدُ ۽ زَبَرْجَدَ: ذ. [ع. ف. زبرجد = قيمتي پٿر يا هيرو] هيري جو هڪ قسم - زُمرد.

● زَبُورُ: ذ. (ع). نوشته - ڪتاب. (اسم خاص) حضرت دائود عليه السلام جي مٿان لٿل آسماني ڪتاب جو نالو. يهودين جو پاڪ الهامي ڪتاب.

● زَبونُ ۽ زَبونَ: ذ. صفت. (ف). هيٺو - بي طاقت - ضعيف - عاجز - ڪمزور - نِستو - ڀوڏنو - بي قُوَتو - بي سگهو - نِٻل - زِچ - ٻل هيڻ - دُرٻَلُ. ناس - چٽ - تباهه - برباد - سُڃ - ابتر - پڪل - خسته - جهونو - پراڻو. خوار - ذليل - رسوا. ڪميڻو - اُڇ - دون - خسيس. گهٽ قسم جو - بڇڙو - ڪينو - ڪرو - خراب - بد - زشت. سادو - جهڙو تهڙو - غريباڻو.

● زُبيدَهُ: اسم خاص. (ع). هارون رشيد جي زال جو نالو (جا بزرگ همت واري ۽ نيڪ هئي).

● زِتَمُ ۽ زِتَمَ (ڪ): ذ. [ف. ستم = ظلم] انڌير - ظلم - ستم. زور - طاقت - سگهه.

● زَتَ ۽ زَتون (ت): ث. پٽاڪ - داڙ - پٽ - ڪهوڙو.

Gul Hayat Institute

● زَٽُ ۽ زَٽَ: ذ. ٺٺاڪ - ڏاڙ - کپوڙو - گشو - لٻاڙ - ٻٽ. ڪوڙي ڳالهه - ڪوڙ. واهيات ڳالهه - ٻڪ ٻڪ - ٻڪواس.

- زَٽُ شَٽُ ۽ زَٽ شَٽَ: ذ. ٺٺاڪ سٺاڪ - ڪل ٻوڳ - چرچو مسخري - ڳالهه ٻولهه.

- زَٽُ مارَڻُ: کپوڙو هڻڻ - ڳالهه کي وڌائڻ. ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ. ٺٺاڪون هڻڻ.

- زَٽَ هَڻَڻُ: ٺٺاڪون هڻڻ - لٻاڙون هڻڻ. ڪوڙ هڻڻ.

- زَٽو ۽ زَٽا: ذ. ٺٺاڪ - ڏاڙ - گشو - ٻٽو - زَٽُ - زٽاڪ - زٽل.

- زَٽي ۽ زٽي: ذ. صفت. زٽلي - زٽائي - ٺٺاڪي - لٻاڙي - ڏاڙي - گشائي.

● زِٽُ ۽ زِٽَ (ڪ): ذ. صفت. ڪاوڙيل - ڦوڪيل - ڏمريل - زِڻ.

- زِٽُ ٿيَڻُ: ڦوڪجڻ - ڪاوڙجڻ - ٻرجڻ - آپا مڃڻ.

● زٽاڪُ ۽ زَٽاڪَ (ت): ذ. ٺٺاڪ - لٻاڙ - ڏاڙ - ٻٽ.

● زَٽاڪَ سَٽاڪَ: ذ. ٺٺاڪ سٺاڪ - ڪل چرچو - ڳالهه ٻولهه.

- زَٽاڪي ۽ زَٽاڪي: ذ. صفت. ٺٺاڪي - لٻاڙي - ڏاڙي. گشائي. ڪوڙو. زٽلي.

● زَٽَلُ ۽ زَٽَلَ: ذ. زَٽُ - زٽاڪُ.

- زَٽَلُ قافيو ۽ زَٽَلُ قافيا: ذ. نامو زون شعر - جڏو شعر. ڪپ شپ.

- زَٽَلُ قافيو هَڻَڻُ: خراب نموني تقرير يا وعظ ڪرڻ.

- زَٽلي ۽ زَٽلي: ذ. صفت. ٺٺاڪي - ڏاڙي - لٻاڙي - گشائي. ٻڪ ٻڪيو - زٽاڪي.

● زٽڻُ (ڪ): مصدر. ڪنهن کي ڏڙڻ - سڙڻ - ٻيجڻ.

● زِٽو ۽ زِٽا (ت): بندرو ۽ ٿلهو (قد جو) - گهٽڪي - ڀِٽي - ڊِمي.

● زَپُ ۽ زپَ: ذ. (آواز) ڦهه - ڦهڪو - سٽ - ڊِپ. (ظرف) سڌو - سنئون - ڌو - چپ.

- زَپڙاتُ ۽ زَپڙاتَ: ذ. اوچتو ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز - ڦهڪو - ڌڪاءُ - ڌبڪو.

- زَپُ زَپُ ڪَرَڻُ: زور سان ڌڪ هڻڻ. ڦهڪو ڪرڻ - ڦهه ڦهه ڪرڻ.

- زپڪارُ ۽ زَپڪارَ: ذ. ڌڪ. مٿان ڪرڻ جو آواز - ڦهه - ڊِپ.

- زَپڪو ۽ زَپڪو: ذ. ڌڪن جو آواز - ڦهه - سَٽ. ڪنهن شيءِ جي ڪِرڻ جو آواز.

- زِپڪو لائِڻُ: زور سان لاڳيتو ڌڪ هڻڻ - ڦهه ڦهه ڪرڻ - سٽڪو لائڻ.

- زِپٽيڻنگُ ۽ زِپٽيڻنگَ: ذ. ڦهڪو - سٽڪو - ڌبڪو.

● زِچُ: صفت. عاجز - تنگ - ڪَڪ - هلاڪ. مجبور - بيوس.

- زِچُ ڪَرِڻُ (ت): ڪڪ ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ - تنگ ڪرڻ.

* زَچّہ: ث. (ف). تازي ويائل عورت.

- زَچّہ خانَہ: ذ. ويم گهر.

● زُحَلُ: ذ. (ع). هڪ گِرهہ جو نالو - ڇنڇر - شني - ڪيوان (گِرَهہ). ستون تارو (گرهن مان). علم نجوم موجب زحل ستين آسمان تي آهي ۽ بالڪل نحس گرهہ سمجهيو ويندو آهي.

● زَحمَتَ ۽ زَحمَتون: ث. (ع). تڪليف - هلاڪي - پريشاني - ڏُک - ڏُکُ - اهنج - ايذاءُ - ڏنج - ڏنجهو - محنت - ڪشالو - دقت - دردسري - آزار - مصيبت - جنجال - وڳوڙ - ڳڙٻڙ - خرابي - بيماري - روڳ - مرض - ڏوار - اکهائي - لاچڱائي - ڏجهندو - لڱائي - لاچاڪائي. (صفت). زور ڪندڙ - تقاضائي - ليلائيندڙ - چنبڙ - ڳِڪ - پنڊ - جيجا - ٺڪڙي.

- زَحمَتَ ڪَشَڻُ: تڪليف برداشت ڪرڻ - ڏک ڀوڳڻ - مصيبت سهڻ.

● زَخّار: ذ. صفت. (ع). پاڻيءَ سان تمام ڀريل - تمتار - لهرين لهندڙ - ڇوليون هڻندڙ (درياءُ وغيره).

● زَخْرَفُ: ذ. (ع). سون.

● زَخِمَڻُ: مصدر. (ف). ڦٽَڻُ- گهائڻ- زخمي ڪرڻ- زخم رسائڻ- واڍوڙڻ- چيرڻ. رنجائڻ- ڏکوئڻ.

- زَخْمُ ۽ زَخْمَ: ذ. ڦَٽُ- گهاءُ- واڍوڙو- وَڍُ- چير- چاڪ- ٽپُ. ضرر- رنج- داغ (دل جو). فراق- ڳوڙائو. نقصان.

- زَخْمُ پَرُجَڻُ: ڦَٽَ جو چُٽڻ.

- زَخَمُ تازو ٿيڻ: گذريل صدمو ياد پوڻ.

- زَخْمَن تي لُوڻُ ٻُرڪڻُ: ستل سور جاڳائڻ.

- زَخْمِجَڻُ: مصدر. ڦٽجڻ- گهائجڻ- واڍوڙجڻ- زخمي پوڻ. وَڍجڻ- چيرجڻ- ڦاٽڻ- داغجڻ.

- زَخْمَ ڏِيَڻُ: زخمي ڪرڻ- مجروح ڪرڻ.

- زَخْمِ ڪاري: ذ. گهِرو گهاءُ- اونهو زخم- اونهو گهاءُ.

- زَخْمِي ۽ زَخْمِي: ذ. صفت. ڦٽيل- وڍيل- گهايل- واڍوڙيل- زخميل- زخم رسيل- مجروح. چيريل- ڦاٽل.

● زَدَ ۽ زَدُون: ث. [ف] مارَ- ڦيهه- ڌڪ- ڇيج. نشان- ضرب- چوٽ. صدمو. نقصان. خساره.

- زَدَ ڪُوبُ: ث. مارَ ڪُٽَ- سَٽَ ڪٽ.

● زَدو ۽ زدا: ذ. صفت. [ف. زَدِه=لڳل] زدهه- وارو- هڻيل- (جو) ماريل- ضربيل- (عشق جو) ماريل. پيڙيل- ڏکويل- رلجايل- ستايل- ضربيل. مرڪبات جي آخر ۾ ايندڙ. جيئن "آفت زدو، مصيبت زدو وغيره". شرمندو- لڄي- ڦڪو- ڪيڪو ڪو- شرمسار- هيڻو پڪو- پشيمان.

● زَدَهُ: صفت. [ف] لڳل- ٽڪريل. وارو- هڻيل- (جو) ماريل. مرڪبات ۾ ڪم "جيئن مصيبت زدهُ، آفت زَدَهُ وغيره".

- زدَهُ حال: صفت. خَستَه حال- تباه حال. پريشان حال. غمگين- سوگوار.

● زَرُ: ذ. ث. [ف] سون- طلاءَ- ڪنچن. ڌن- سامان- دولت- دنيا- ملڪيت- خزانو- ناڻو- پيسا- ڏوڪڙُ- جميعت. سمپت. سون جي تار.

- زرِ پيشگيِ: ث. [ف. زر+ پيشگي= اڳواٽ ڏنل] ڪنهن سودي وغيره لاءِ اڳواٽ ڏنل رقم- سوٿي.

- زرِ خَرِيدُ: ذ. صفت. [ف. زر+ خريد= وڻڻ] پئسا ڏيئي خريد ڪيل.

- زَرِ خريدُو ۽ زرِ خَرِيدَا: ذ. صفت. پنهنجن پيسن سان ورتل- زر خريد.

- زرِ خَرِيدُو هُئَڻُ: پنهنجن پيسن سان ورتل هئڻ- ذاتي شي هئڻ.

- زَرِ دارُ ۽ زرِدارَ: ذ. صفت. [ف. زر+ دار < داشتن = رکڻ]. زَرَ وارو- شاهوڪارُ- دولتمَندُ- دنيا وارو- مالدار- ٿولگرُ- جوپُ- ونهيون- هَرُيو- ساڻو- ڀاڳيو- ڏاتار- لکاپتي- امير.

- زَرِدوزُ ۽ زَرِدوزَ: ذ. [ف. زر+ دوز < دوختن= سبڻ] ڪپڙي تي زريءَ جي پرت پرڻ وارو- چمڪدوزي ڪندڙ- چمڪدوز- زرِ بازُ- ڪارچوبي.

- زرِدوزِيُ ۽ زرِدوزِيُونُ: ث. زريءَ جو پَرُت- زريءَ جو ڪم- ڪامداني- زريافي- چمڪدوزي- ڪارچوبي.

- زردوسُتَ ۽ زرِدوسُتَ: ذ. صفت. [ف. زر+ دوست = يار] دولت سان پيار ڪندڙ. لالچي- لوڀي.

- زَرِسُرُخُ: ذ. [ف. زر+ سرخ = ڳاڙهو] سون- طلا.

- زرِ سُفِيدُ: [ف. زر+ سفيد= اڇو] چاندي- نُقرِه.

- زرِ گَرُ ۽ زَرِگَرَ: ف. صفت. [ف. زر+ گر= ٺاهيندڙ] سونارو. مائيءَ پٽونو.

- زَرِ گَرِيُ: ث. سوناري جو ڌنڌو.

- زَرِ مالگذارِيُ ۽ زَرِ مالگذارِيُونُ: ث. ڍَلَ واريِ رقمَ- زرِ لگان.

- زرلگارُ ۽ زَرِنگارَ: ذ. صفت. [ف. زر+ نگار= چٽسالي] اهو شي جنهن تي سون جا نقش ٺهيل هجن- منقش. سونهري ڪم وارو- سونهري.

Gul Hayat Institute

- زَرِين: صفت. سُونُو - سونَ جو. سون جي رنگ جهڙو - سونهري.
● زِرُّ ۽ زِرّ: ذ. صفت. تيز ڪاوڙيل - غصي - بِرُ (ل). تيز - تِکو. ڏاڍو مهانگو (ت).
- زِرُّ ٿِيُ وَڃَڻُ: تپي وڃڻ - ڪاوڙجي وڃڻ.
- زِرِ چَڙهڻُ: ڏاڍو مهانگو ٿيڻ.
● زراعَتَ ۽ زَراعَتُون: ث. [ع. ف] ٻني ٻارو. پوک واري زمين - آبادي ڪيل زمين. آبادي - پوک - ڪاشت - کيتي - ڪشت ڪاريُ - ڪاشتڪاري.
- زَراعَتِ پيشَه: ذ. صفت. ٻني ٻارو ڪندڙ - پوکيندڙ - هاري - ڪُڙمي - ڪسان - ڪاشتڪار - ڪاشتڪار.
- زَراعَتَ ڪَرَڻُ: کيتي ڪرڻ - ڪاشتڪاري ڪرڻ - پوکڻ.
● زرافُ ۽ زَرافَ: ذ. [ف] جانور جو هڪ قسم (جو آفريڪا جي جهنگلن ۾ ٿيندو آهي). سيتُر گاؤ.
● زَرُ ٻانو (ڪ): ذ. جابلو راڳ جو هڪ نالو.
● زَرِ بَفَتُ ۽ زَر بَفَتَ: ذ. [ف] سوني زريءَ لڳل ڪپڙو. سون جهڙو ڪپڙو. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم - ڏماچ - ڪيمخاب.
● زَرُ تارَ ۽ زَر تارُون: ث. [ف] زريءَ جي تارن لڳل ڪپڙو - ڪيمخواب.
● زَرتَشْتُ: اسم خاص [ف] آتش پرستن جي رهبر جو نالو - زردشت.
● زَرِخيز: ذ. صفت ه [ف. زر + خيز < برخواستن = اٿڻ] زَرِ پيدا ڪندڙ (زمين). گهڻي پيدا واري زمين - شاداب. آپتائتو - نفعائتو - مثمرِ اپت وارو.
● زَرْدُ ۽ زَرْدَ: ذ. (ف) رنگ جو هڪ قسم - پيلو - هئڊو - زرِدو - ڦڪو - پشرو - بسنتيُ - هئڊائون - ڪنئيريُ - گل جو هڪ قسم (لس).
● زَر دالو: ميوي جو قسم [انگ. Apaicot].
- زَرداڻِ: ث. پيلائي - پيلاڻ - هئيڊاڻِ - هئڊائي - ڦڪاڻ - ڦڪائي - بيماريءَ جو هڪ قسم - يرقان - زرقان - سائي.

- زَرْدائِڻُ: مصدر. ڪجهه قدر پيلاڻ تي ڏيکارجڻ - هيڊائڻ.
- زَرِ دائيُ ۽ زَرِ دائيُون: ث. پيلاڻ - هيڊاڻ - ڦڪاڻ - ڦڪائي.
- زَرْدُ ٿِيَڻُ: بيماريءَ سبب پيلو ٿيڻ.
- زرْدُروُ: ذ. صفت. [ف. زرد + رو = منهن] زرد چهري وارو - ڦڪي منهن وارو. شرمنده - خجل - شرمسار - لڄي. خوفزده.
- زَرْدُرُو ٿِيَڻُ: شرمنده ٿيڻ - لڄي ٿيڻ. خوفزده ٿيڻ.
- زرْد روئيُ ۽ زَرْد روئيُون: ث. شرمساري. ڪمزوري.
- زَرْدوُ ۽ زَرِدا: ذ. پيلو - پرو. هئڊو - بسنتي - ڪنسري - ڦڪو - جهڪو - اوڏو. زعفران چهريل. پلاءَ جو هڪ قسم - زرد رنگ جا مٺا چانور.
- زَرْدِيُ ۽ زَرْديُون: ث. زرداڻ - زردائي - هنڊاڻ - ساواڻ - پيلاڻ - ڦڪاڻ - ڦڪائي. بيضي جي اندرين هنڊاڻ. يرقان - سائي - ڪامڻُ - ڏڪوري (پرمانند). ڪڄيءَ جو هڪ قسم (جنهنجو ڏونگو زردو ٿئي).
- زَرْدي پيهوڙِيُ: ث. هنڊيءَ جي ڪم ۾ ڪم ايندڙ هڪ رنگ.
- زرْديرِڙو ۽ زَرْديرڙا: ذ. صفت. پيلاڻ جهڙو - هيڊائتو.
- زرْديروُ ۽ زَرْديرا: ذ. صفت. پيلانجهو - پيلانجهڙو - هئڊ ميرو - بادامي.
- زَرْدِيُونْ: ث. گهوڙي جي ڏندن ۾ ڪارا داغ (جن مان عمر معلوم ڪجي).
● زَرْدارِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● زَرْدالُو ۽ زردالو: ذ. (ف) ميوي جو هڪ قسم. ننڍو بادام.
● زَرْدَشْت: ذ. (ف) آتش پرستن جو رهبر - (هي شخص منوچهر بادشاهه جي نسل مان هو ۽ فيثا غورث حڪيم جو شاگرد هو، هن گشتاسپ بادشاهه جي زماني ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ آتش پرستيءَ جو دين برپا ڪيو) - زرتشت.

Gul Hayat Institute

● زَرِڙاٽُ ۽ زرڙاٽَ: ذ. (آواز) زور سان وڄڻ جو آواز- شرڙاٽ- شوشاٽ.
● زرِشڪُ ۽ زرِشڪَ: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم- نيپال ۾ ٿيندڙ ٻيرن جو هڪ قسم.
● زَرعُ: ذ. [ف. ع] پوک- کيتي- ٻني.
- زرَعِيُ ۽ زرَعِيُ: صفت. پوک لائق- آبادي لائيق- کيتيءَ لائق- زراعت جهڙي.
● زَرُقُ و بَرُقُ: ذ. [ع] شان و شوڪت.
● زَرُڪانُ (ت): ث. جگر جي بيماريءَ جو هڪ قسم- يرقان.
● زَرَڪُ زَئيُ: اسم خاص. [ف. زِيرڪ = دانا + زئيدن = ڄمڻ] زرڪ خان (زيرڪ خان) جو اولاد- براهوئي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● زَرُمَتُ: اسم خاص. افغانستان جو هڪ علائقو.
● زَرُنازِ: اسم خاص. [ف. زر ينه) هڪ عورت جو نالو.
● زَرَنُبُ: ذ. هڪ مشهور برهمٽي درخت ٻوٽي جو نالو.
● زَرُنُبادُ: ذ. (ف). پسارڪي وکر جو هڪ قسم گول ٻاڙ وارو ڪچورُ- جدوارُ.
● زَرُنيُ ۽ زَرُنيهُونُ: ث. (ف). سونهري رنگ تي هڪ زهر جو قسم- هرُتالُ.
● زِرِڻُ: (ڪ). مصدر. ڪِرڻ. وَهڻ- وهي وڃڻ (واريءَ يا سنهي شيءِ جو)- ذرو ذرو ٿيندڙ.
- زِرَنُو ۽ زِرَنا: ذ. صفت. هيٺ وَهِيي ڪِرندڙ- ذرو ذرو ٿيندڙ [ث. زرڻي ۽ زرڻيون].
جيئن:
”ڦڪي فقيري علم ري، جيئن واري منجهه پروڻ، جي ٿي ڏ جيس ڏوڻ، تہ هوءَ اڪيئي زرڻي“ (براد).
- زِرِيُ هَوَڻُ (ڪ): پِري پوڻ- ذرا ذرا ٿيڻ.
● زَرَڻُ پَتُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● زُرُو ۽ زُرا: ذ. [ع. ف. جَرّه] پکيءَ جو هڪ قسم- پيلين اکين ۽ ڇوٽن پرن وارو مشهور شڪاري پکي- ”باز“ جو نرُ- جِرو.
● زِرِهَہ ۽ زِرِهَون: ث. لوهي پوشاڪ (جا لڙائيءَ ۾ ڪم اچي) پاکر- سلاح.
- زِرَهُ پوشُ ۽ زِرَهُ پوشَ: ذ. صفت. [ع. زره + ف. پوش از پوشيدن = ڍڪڻ] زره پهريل ماڻهو- زره پائيندڙ- سلاح پاتل. جنگي جوڌو.
● زَرِيُ: ث. (ف). سون جي تار- سونوڏاکو- سونهري تار (جا پرت جي ڪم اچي). ڪلابتُ. مقيش- بادلو.
- زَرِيُ بازُ ۽ زَرِيُ بازَ: ذ. صفت. [ف. زر + باز > بافتن = ڪيڏڻ] زريءَ جو ڪم ڪندڙ- مقيشي ڪلابتُ پريندڙ.
- زَرِيُ بافُ ۽ زَرِيُ بافَ: ذ. صفت. [ف. زر + باف > بافتن = اُڻڻ] زري دوز- زري پرڻ جو ڪم ڪندڙ.
● زِشتُ ۽ زِشتَ: ذ. صفت. (ف). بدشڪل- بڇڙو- خراب- بُرو- بَد.
- زِشتُ خُوُ: ذ. صفت. [ف. زشت + خُو = مزاج] چيٽ- بدمزاج- ايوڙو.
- زِشتُ رُوُ: ذ. صفت. [ف. زشت + رُو = منهن] بدشڪل- بدصورت- بدزيبو- روپ هيڻ- ڪجت- ڪروپ- بُري صورت وارو
● زعفرانُ ۽ زعفرانَ: ث. خوشبوءِ دار گل جو ٻوٽو جو دوا طور ڪم اچي- ڪيسر- ڪئنسر- ڪيسر جو گل. [انگ. Saffron].
- زَعفَرانِيُ: صفت. زعفران جي رنگ وارو- ڪيسري. زرد- پيلو.
- زَعفَرانِي چادَرَ ڍَرَڻُ: سج لهي وڃڻ- اونده ٿيڻ- رات ٿيڻ
● زَعمُ ۽ زَعمَ: ذ. (ع). گمان- خيال- ظن.
● زَعِيمُ ۽ زعيمَ: ذ. (ع). سردار- ليڊر- رهنما.

● زُفتُ ۽ زُفتَ: ذ. [ف. جفت = جوڙو] جوڙو - ٻہ گڏ - جُٽُ. چولو ۽ ٻوتي، جي مڱ يا ڪنوار کي ڳنڍائجن.

● زَڪَّ ۽ زَڪُّون: ث. (ف). ذلت - شرمندگي - خفت - ٺڪي - شڪست - هار. نقصان - ڌوڌو - خسارو.

● زِڪَّ ۽ زِڪُّون (ڪ): ث. [ف]. گھه وجھڻ لاءِ ٻڪريءَ جي کل جي سانداري - ايزڪ - سانداري - اوٺي - کلي.

● زِڪَّ ۽ زِڪّ: ذ. صفت. ڀريل - ڀَر - ڀرپور - رتو - پرتو - ڇڪارُ. ٺهو - متارو - سيرو - سِپرو. تمام سخت - پختو - ڏاڍو.

● زُڪامُ ۽ زڪامَ: ذ. [ف] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ٿڌ يا گرميءَ لڳڻ سبب نڪ مان پاڻي وهي) - ليسُ - ريزش - سردي - ٿڌ - نزلو.

● زَڪَرِيّا: اسم خاص. (ع) پيغمبر جو نالو. هڪ ذات جو نالو (ڪ).

● زَڪٰواتَ ۽ زَڪٰواتُون: ث. شريعت محمدي مطابق مقرر ٿيل مال جي خيرات، چاليهون حصو. مڱڻ - دان - خيرات - صدقو.

● زَڪِيُ ۽ زَڪِيُ: ث. صفت. (ع) نجو - نج - صاف - شد - نبار - سٺو - اڇتو - نرمل. خالص - اصيل - چنڊُ. کرو - ٽڪو - سچو - چوکو - ٽنگسالي. پاڪ - پوِترُ - پاڪدامن. نسورو - صفا.

● زَڪِيڪَ ۽ زَڪيڪُون: ث. ٻورن ڏينهن واري عورت - پرئي پيٽ عورت - حامل - گرڀونتي.

● زُگو ۽ زُگا (ت): ذ. ڏاڙ - ٻٽاڪ - لپاڙ - زٽ.

- زُگا هڻڻ: ٻٽاڪون هڻڻ - ڏاڙون هڻڻ.

● زِلّ: (ڪ) صفت. سخت تتل - سخت گرم.

- زِلّ ٻارَڻُ: فساد وڌائڻ. ظلم ڪرڻ.

● زُلالُ ۽ زُلالَ: ذ. مٺو ۽ صاف پاڻي.

- زَلزَلو ۽ زَلزلا: ذ. [ع. زلزله] ڌوٻ - ڌوٻو - لوڏو - ڏڪڻي - لرزش - ٿرٿلو - ابتري - فساد - جرجلو. اجاڙ - ميچ - ويراني. آدائي - هيڪل - وسوڙائي.

● زُلفُ ۽ زُلفَ: ذ. (ف) رات جو پهريون حصو. وار - ڪاڪُلَ - گيسو. لونڊڙيءَ جا وار - ڪنن مٿان وارن جي چڳ. (وارن جي) گهنڊي - چڳ - ڪنڊڙو.

● زُلفِ بنگال: ذ. هڪ تيل جو قسم.

- زُلفِ تابدارَ: ذ. چمڪندڙ ڪارا وار ۽ پيچ در پيچ وارَ.

- زُلفِ پُرشِڪَنُ: ذ. [ف. زلف + پُر = ڀريل + شڪن = گهنج] پيچدار زلف - گهنڊيدار ممولا - لوڻي جا وار.

- زُلفِيُ ۽ زُلفُون: ث. وارن جي گهنڊيدار چڳ - ڪُنڍِيُ - وَرُ - الگوڙو - چِلڙو.

● زُليخا: اسم خاص. (ع) تمام حسين عورت جو نالو. مصر جي عزيز جي راڻي (جا حضرت يوسف تي عاشق ٿي هئي).

● زِمَ (ڪ): ث. زور - طاقت - ٻَلُ - سگهه - زوم.

● زِمامُ ۽ زِمامَ: ذ. (ع) واڳ.

● زَمانُ ۽ زَمانَ: ذ. (ع) وقت - عرصو - ساعت - عهد. فرصت - ڪال. گرامر ۾ وقت لاءِ ڏهرايل لفظ.

- زَمانُ حالُ: ذ. هلندڙ وقت. گرامر ۾ هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.

- زَمانُ حالُ اِستِمرارِيُ: ذ. گرامر موجب هلندڙ وقت ۾ ڪم جاريءَ کي ظاهر ڪندڙ فعل.

- زَمانُ حالُ مُشڪوڪِيُ: ذ. گرامر موجب هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم بابت شڪ ظاهر ڪندڙ فعل.

- زمانُ حالُ مُداميُ: ذ. گرامر ۾ هي زمان گذريل ۽ هلندڙ وقت گڏي ٿو ڏيکاري ۽ ائين ٿو ڏيکاري ۽ ڄاڻائي ته ڪو ڪم گذريل وقت کان وٺي جاري ٿيو آهي ۽ اڃا پيو ٿئي يا هميشه ٿيندو آهي.

● زمانُ سازُ ۽ زَمانُ سازَ: ذ. صفت. [ف. زمان + ساز > ساختن = ٺاهڻ] وقت موجب ٺهي هلندڙ (ماڻهو) - وقت گذاريندڙ. مطلبي يار يا دوست - هان ۾ هان ملائيندڙ.

- زَمانِ سازِيءُ ۽ زَمانِ سازِيُون: ث. دنياداري- جهانداري - دنياسازي - لوڪاچار. دنيوي معاملو- سنساري. جهڳڙو- لوڪ. دنيا جا ماڻهو. هان ۾ هان ملائڻ جي حالت - مطلب واري دوستي.
- زَمانُ ماضِيءُ ذ. گذريل وقت (گرامر ۾). گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ فعل.
- زمانُ ماضِيءُ اِستِمرارِيءُ: ذ. گرامر ۾ هي زمان ڄاڻائي ٿو ته گذريل وقت وارو ڪم پورو ٿي نه چڪو هو؛ پر گذريل وقت ۾ هليو پئي يا جاري هو.
- زَمانُ ماضِيءُ بَعِيدُ: ذ. گرامر ۾ هي زمان ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم ڪجھ وقت اڳي يا گذريل وقت جي ڪنهن ڪم کان اڳي ٿيو هو.
- زَمانُ ماضِي شَرطِيَہ: ذ. گرامر موجب هي زمانُ صيغي شرطي ۾ ڪم ايندو آهي ۽ هميشه ان ۾ هڪ نہ ٻيو شرط وجهي ڳالهه ڪبي آهي.
- زَمانُ ماضِيءُ قَرِيبُ: گرامر ۾ گذريل وقت جي ڪم جي، ويجهڙائي ۾ پورائي ڏيکاريندڙ زمان.
- زَمانُ ماضِيءُ مُشتَبِهِيءُ: گذريل وقت جي ڪم بابت شڪ ڏيکاريندڙ زمان.
- زَمانُ ماضِيءُ مُدامِيءُ: ذ. گذريل وقت جي عادت يا رواج يا پيو ڪو سانده يا وري وري ٿيندڙ ڪم ڏيکاريندڙ زمان.
- زَمانُ ماضِيءُ مُطلَقُ: ذ. هي زمان اهو وقت ٿو ڏيکاري جو بنهه گذري ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڪو ڪم ٿي چڪو هجي.
- زَمانُ مُستَقبِلُ: ذ. گرامر موجب ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ زمان.
- زمان مُستَقبِل اِستِمرارِيءُ: ذ. ايندڙ وقت ۾ جاري رهندڙ ڪم ڏيکاريندڙ زمان.
● زمانو ۽ زمانا: ذ. وقت- ٽائو- ويلو- سمون- ويرمُ- ايامُ- وير- نوبت- صاحبي- وارو- ايامڪاريءُ- عَمَلُ. ڏينهن- موقعو- وجهه- اوڪاس. رت- موسمُ- فصل- مندُ- سَهَلَ. فرجو- مهلت. فرصت. مدو- ميعاد. پرُڪو- پيرو- گهمرو- وار- دفعو- ليڳو- پرڪ. ڏاهيُ- ڏانهين. عمر- ڄماو- ارجا- اوستا. جُڳُ- قرن. دنيا- جهان- جَڳُ- جڳتَ- سنسار- لوڪ- وِيسُ- عالمُ- ڪائنات. زمين- پرٿوي- خلقت. مخلوقات.
- زمانو بَدلِجِي وڃَڻُ: خلق جو ڪردار بدلجڻ. وقت جو بدلجڻ.
- زَمانُو ڏِسَڻُ: تجربو حاصل ڪرڻ- آزمودگار ٿيڻ- دنيا کي ڏسڻ.
- زَمانُو ڦِرِيءُ وَڃَڻُ: زمانو بدلجي وڃڻ. ماڻهن جو ڪنهن جي خلاف ۽ دشمن ٿي وڃڻ.
- زَمانِي جِي زَدَ ۾ اچَڻُ: تڪليف ۾ اچڻ- وقت جي ڦيري ۾ اچڻ.
- زَمانِي سازُ ۽ زمانِي سازَ: ذ. صفت. مطلب جو يار- هان ۾ هان ملائيندڙ- خود غرض. دُنيوي- وهنواري- لوڪاچاري- دنيا ساز- دنيادار.
- زمانِي سازِيءُ ۽ زمانِي سازِيُونُ: ث. خوشامد. ظاهرداري- بناوت. دنيا داري. حيلو- وسيلو. حالو چالو- جُڙيءَ کي جَسُ.
- زمانِي سازِيءُ ڪَرَڻُ: دنيا داريءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ. مڪاري ۽ بناوتي ڳالهيون ڪرڻ.
- زَمانِي کي مُنهَن ڏِيَڻُ: دستور ۽ عام قاعدي موجب هلَڻُ.
۽ زُمَرُ: ث. [ع] قرآن پاڪ جي هڪ سورة جو نالو. جماعت.
● زُمُرُدُ ۽ زُمُردَ: ذ. (ف) هيري جو هڪ قسم. ساوي رنگ جو هيرو- پنو.
- زُمُردِينُ: صفت. زمرد جهڙو ساوو- سبز.
● زَمُرَڪُ ۽ زمُرَڪَ (ت): ذ. ڏڪُ- سزا- سيڪت. مالي نقصان پهچڻ خواهه جسماني نقصان پهچڻ، چوٽَ. ڀرو اچڻ.
- زَمُرَڪ ڏِيَڻُ: سخت سزا ڏيڻ- مار ڏين. هيسائڻ- ڊپائڻ.
- زميرَڪُ ڪَيڻُ: ڏک پٽائڻ.

Gul Hayat Institute

● زُمْرو ۽ زُمْرا: ذ. [ع. زُمْرَه] ٽولي- جماعت- گروهه- ميڙ- هجوم- سنگَت- ساٿاري- سات. سنگ- صحبت. گَلَرُ- چانگ- وَلرُ. لشڪر- سپاهه- فوج- ٽُمَنُ. رسالو- دستو.

● زَمْزَمُ: اسم خاص. (ع). مڪه شريف ۾ هڪ کوهه جو نالو (جو حضرت اسماعيل بن حضرت ابراهيم جي چڙين هڻڻ جي ڪري معجزو ٿيو ۽ هي کوهه بڻجي پيو).

- زمزمي: ث. آب زمزم رکڻ لاءِ لوهه جي ننڍڙي دلي.

● زَمِستانُ: ذ. (ف). سرديءَ جي موسم- سيارو.

● زَمْهَرِيرُ: ث. (ع). سخت ٿڌ- سيارو. سرديءَ جي عذاب واري دوزخ جي هڪ طبقي جو نالو.

● زمينَ ۽ زَمينُون: ث. (ف). ارض- پوم- ڌرتي- پرٿوي- ڀرٿي- پونءِ- پٽ- ترُ- ميدان. ملڪ. ديس- ڏيهه- ديش- خاڪ- مٽي. کيٽي- آراضي- ٻني. دنيا- جهان- عالم- جڳت- سنسار. بنياد- جَڙ- پاڙَ- هيٺيون حصو.

- زَمينَ آسمانَ جو فَرقُ هُئَڻُ: ظرف. تمام گهڻو فرق هئڻ- اختلاف عظيم هئڻ.

- زَمينَ آسمانُ هڪُ ڪَري ڇڏِڻُ: ڪنهن ماڻهوءَ جي تلاش ۾ ڪا جاءِ نه ڇڏڻ- تمام گهڻي تلاش ڪرڻ. تمام گهڻو هُل ۽ دهشت هڻڻ. حد کان وڌيڪ پاڻ پتوڙڻ.

- زَمينَ اُٿلي پَوَڻُ: ڪجهه به ٿي پوڻ.

- زَمينات: ث. جمع زمين جو- زمينون.

- زَمين بُوسُ ٿيڻُ: [ف. زمين + بوس > بوسيدن = چمڻ] زمين چمڻ. خدمت ۾ حاضر ٿيڻ. ملازمت ۾ حاضر ٿي ادب بجا آڻڻ.

- زمينَ تي پيرُ نه رَکَڻُ: هٺُ ڪرڻ- وڏائي ڪرڻ. هميشه سُواريءَ تي گهمڻ ڦرڻ. نازنخري سان هلڻ.

- زمينَ پيرَن هيٺان نِڪرڻ: بدحواس ٿيڻ- بدحواسيءَ سبب پيرن جو ڏڪڻ ۽ ڦيري اچڻ.

- زَمينَ جو گَز بَڻجَڻُ: هردم گهمندو ڦرندو رهڻ. زمين ڪڇيندو رهڻ.

- زَمينَ داخِل ٿيڻُ: خاڪ ۾ ملي وڃڻ. نيست و نابود ٿيڻ. مرڻ.

- زَميندارُ ۽ زَمينداَرَ: ذ. صفت. [ف. زمين + دار > داشتن = رکڻ] زمين وارو- زمين رکندڙ- زمين سنڀاليندڙ- زمين جو مالڪ.

- زَمينداري ۽ زَمينداريُون: ث. زمين جي هجڻ جي حالت. زمين جي مالڪي. زمين جي سنڀال.

- زمينَ دوزُ: ذ. [ف. زمين + دوز > دوختن = سبڻ] زمين ۾ پوريل- زمين اندر- زمين جي هيٺ.

- زَمين دوزُ ٿيڻُ: ڪِري پوڻ- ڍَهي پَٽ ٿيڻ.

- زَمينَ کائي وَڃَڻُ: گُم ٿيڻ. ڪجهه به نه لَڀڻ.

- زَمينَ کوٽائڻُ: (ت). لاجواب ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ.

- زَمينَ ۾ سَمائجَڻُ: شرم يا غيرت جي سببان زمين ۾ داخل ٿيڻ جو خيال ڪرڻ. شرمندو ٿيڻ.

- زَمينَ ۾ گهڙِي وَڃَڻُ: انهايت شرمندو ٿيڻ- لڄي ٿيڻ.

- زَمينَ وِهَڻُ: زمين جو هيٺ وڃڻ.

- زَمين و زمانُ: ذ. سڄو زمانو- سڄي دنيا- ڪائنات.

● زَنُ: ث. (ف). عورت- اِستري- زال- نار- مهري- ناري. گهر واري- جوءِ- پتني- اهليه- بيوي- زوجه. ٽهلي- داسي- نوڪرياڻي- نفرياڻي- ٻانهي. ونې- ڪنوار.

- زَنانِخانُو ۽ زَنانِخانا: ذ. خاص زالن جي رهڻ جي جاءِ- حويلي- ڏيڍي- حَرَم- حرمسراءِ.

- زَنانُو ۽ زنانا: ذ. صفت. زال جو- زالڪو- زالاڻو- رَن ڏاتيو- رَن ڏاتيرو. ماديءَ مُنهون- نازڪ- نامرد. عياشي.

- زَنانو مُنُهَن هڄَڻُ: ڪنهن بہ ڪم جي لائق نہ ٿيڻ.
- زَناني دِل ڪَرَڻُ: ڪنجوسائي ڪرڻ. بزدلي ڪرڻ. زال جي چئي تي هلڻ.
- زَن مُرِيدُ ۽ زَن مُرِيدَ: ذ. صفت. زال جي چئي تي هلندڙ- جوءِ جو مڄو- استري جيت- زال جو غلام.
- زَن مُرِيد هُئَڻُ: زال جي هٿ وس هئڻ.
- زَن مَنڪُوحَہ: ث. [ف. زن+منڪوحہ= نڪاح ۾ آيل] نڪاح ۾ آندل عورت- نڪاح پڙهي زال.

● زنا ۽ زِنا: ذ. [ع] غير عورت سان مباشرت- ڌاري زال سان همبستري- حَرامُ- بدڪاري- حَراميڪاري.
- زنا بالجَبرُ: ذ. [ف. زنا+با=سان+جبر= ڌاڍائي] زوري حَرامڪاري- زوري زِنا.
- زناڪارُ ۽ زناڪارَ: ذ. صفت. [ف. زنا+ ڪار> ڪردن=ڪرڻ] زنا ڪندڙ- زِناهي- زاني- فاجر- بدڪار- ويڇاري.
- زِناڪاري ۽ زِناڪاريون: ث. زنا- زِناهَہ- حرامڪاري- بدڪاري.
- زناهَہ ۽ زِناهَہ: ذ. ناجائز طور تي ٿيل همبستري- زنا- ويڇار.
- زناهيُ ۽ زناهي: ذ. صفت. زناڪار- ويڇاري.

● زَناخَ ۽ زَناخُون: ث. [ف] ڪڪڙ يا ڪبوتر وغيره جي سيني واري هڏي- سيني جي ڏاڪي. هڏو- چڙهه. چناخ- چناڪ.

● زُنّارُ ۽ زنّارَ: ذ. [ف] اهو ڌاڳو جو هندو ماڻهو مذهبي رسم موجب ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن. جڻيو. قيدخانو- بنديخانو.

● زناوَرُ ۽ زناوَرَ: ذ. [ف. جناور: جان+ وَر] ساهوارو. جانور- جناوَر.

● زَنبُ ۽ زَنبَ (ت. ڪ): ذ. وڏو گيرهہ (پٽ جو)- وڏو لوالو- گنو- لقمو.

● زَنبَڪُ ۽ زَنبَڪَ: ذ. پٽَ جو وڏو گيرهہ- زنبُ.

● زَنبَ ۽ زَنبُون: ث. سِرَ جو ٽڪرُ- جنبَ.

● زَنبَقُ: ذ. [ع] پسارڪي وکر جو هڪ قسم. سفيد گل جو هڪ قسم- گل سوسن- چنبيلي- موتيو- جاءِ جو گل. [انگ. Inis].

● زَنبَڪو ۽ زَنبَڪا (ڪ): ذ. (آواز) آواز جو هڪ قسم- سنڪو- ڦهڪو. جيئن "هوا جو سوسات، پاڻي جو ڦينڪو، مال جو رنڀڪو".

● زَنبُورُ ۽ زَنبُورَ: ذ. (ف) ماکيءَ جي مک.

● زَنبِيلُ ۽ زَنبِيلَ: ذ. [ع] فقيرن جو ڪچڪول. پنڻ جو ٿانءُ- ڪسٽو- جنبيل. جهولي- ٿيهي. فقيرن جي وڏي گودڙي.

● زَنجيرَ ۽ زَنجيرُونَ: ث. [ف] لوهہ جي ڪڙين جي ڳنڍيل قطار- سنگلي- چين-Chain- سنگر- نيٽرُ- واگهہ. پيڙي- اٽڪول. ڏاوڻ. ڪڙي- قطار. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ. (صفت) پڪو- پختو. ڏاڍو- مضبوط- قابو- سوگهو- اچل- برقرار.
- زَنجيرِي ۽ زَنجيريُون: ث. زنجير. پرت جو هڪ قسم.

● زَنجَبِيلُ ۽ زَنجَبِيلَ: ث. [ف] پارجات. پنڻ جو ٿانءُ- جنبيل- ڪسٽو- ڪاسو.

● زَنجِيرُو ۽ زَنجِيرا: ذ. [ع. جزيره] ٻيٽ- جزيرو.

● زِندانُ ۽ زِندان: ذ. [ف] قيدخانو- بنديخانو- جيل- محبس. تڪليف. ڏک. بيماري.
- زِندانَ ۾ پوَڻُ: تڪليف ۾ پوَڻُ.
- زِنداني ۽ زِندانيُ: ذ. صفت. قيدي- اسير.

● زَند آوَستا: اسم خاص. [ف. زَند=شرح+ آوَستا=متن] پارسين جو پاڪ ڪتاب.

● زَندپُور: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ضلع ۾).

● زندگانيُ ۽ زَندگانيُون: ث. [ف]. زندگي- جياپو- زيست- حياتي- جند. عمر- اوستا- چوٽا- پساهہ- ارجا. جيوتي- گذران.

Gul Hayat Institute

● زِندگيءَ بِسترُ ڪرڻُ: عمر گذارڻُ - جيئڻُ - عمر ڪاٽڻ.

- زِندگيءَ تلخ ٿيڻ: حياتي وبال ٿيڻ.

- زِندگيءَ ڀر: ظرف. تمام عمر - سڄي عمر.

- زِندگيءَ ڪڙي ٿيڻُ: دنيا جي ڏکن کان بيزار ٿيڻ. تمام گهڻين مصيبتن ۾ اڙجي ڦاسڻ. حياتيءَ کان هٿ کڻڻ. دنيا کان دل کڻي ٿيڻ.

- زِندگيءَ تنگ ٿيڻُ: زندگيءَ کان عاجز ٿيڻ - حياتيءَ کان ڪڪ ٿيڻ.

- زِندگيءَ کان هٿ ڌوئڻُ: جيئڻ جو آسرو نه رکڻ - حياتيءَ تان آسرو لاهڻ.

● زِندَهُ: صفت. (ف). ذي روح - ذي حيات - حيات - جيئرو. خوش. تازه.

- زِندَهُ باشُ: ندا. جيئرو ره - سلامت رهُ. شاباس - مرحبا.

- زنده رهڻُ: جيئرو رهڻ. تازو رهڻ.

- زِندَهُ دَرگور هجڻُ: جيئري قبر ۾ هجڻ. تمام تنگ گذارڻ.

- زِندَهُ دِلُ: صفت. خوش طبع - خوش مزاج - ظريف - مسخرو - چرچائي.

- زِندَهُ دِلِيءَ: ث. خوش طبعي - ظرافت. چرچو - مسخري.

- زِندَهُ ڪرڻُ: جيئرو ڪرڻ - ساهه وجهڻ. حياتي بخشڻ. جان وجهڻ.

- زِندوُ ج زِندا: ذ. صفت. جيئرو - حيات - زِندَهُ - جاڳندو. خوش. چڱو ڀلو.

● زِندِيقُ ج زنديق: ذ. صفت. (ع). بي دين - ڪافرُ - بي ايمان - مشرڪ - ملحد.

● زنگُ ج زَنگَ: ذ. [ف] گهنڊ - گهنڊڙي. (ڪنهن ڌاتوءَ جو) ڪٽُ - ڪسُ - مٽُ - مرچو - مورياڻ - زنگار. بدخواهي - عداوت - ضد - دشمني - ويرُ - ايرڪا - عڪس - خصومت - ڪينو - خار - چاوت - بغض - ڪونس - حسد.

- زَنگ آلوده: صفت. ڪٽِ چڙهيل - زنگ خورده - ڪٽيل.

- زَنگارُ ج زَنگارَ: ذ. ٽامي جي ڪٽِ - ڪسُ زنگال - زنگ. (هي ڪاٽين سان هٿ ايندو رهي، بعضي هن ريت ٺاهيندا آهن، ديڳڙيءَ ٽامي جيءَ ۾ سرڪو تکو وجهي بند ڪري باهه تي چاڙهي، سرڪو سڪائي، ديڳڙي مان ڪرڙي لاهي هٿ ڪندا آهن).

- زَنگالُ ج زَنگالَ: ذ. زنگ - ڪٽ - ڪس - زنگارُ.

- زَنگالجڻ: زنگجڻ - ڪٽجڻ - ڪٽ چڙهڻ - ڪسجڻ.

- زَنگجڻُ: زنگ لڳڻ - ڪٽجڻ - ڪٽ چڙهڻ - ڪسجڻ. ڪاٽجڻ. سڙڻ.

- زَنگ لڳڻُ: ڪٽ چڙهڻ.

- زَنگ وجهڻُ: عداوت وجهڻ - دشمني وجهڻ.

● زَنگبار: اسم خاص. شيدين جو ملڪ. آفريڪا جي هڪ علائقي جو نالو.

● زَنگ: (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زَنگيُ ج زَنگيُ: ذ. گل جو هڪ قسم. زنگ ملڪ جو ويٺل - حبشي - شيدي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو (انگ. Oleander).

● زنگيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زَنگياڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زَنگيپوٽا: (ت). اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زنگيءَ پور: اسم خاص. تعلقي ٺل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● زَنگيجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● زَنگيجا: (ت) اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زَنهارَ: ظرف. (ف). پناهه - هرگز - ڪڏهن نه.

● زَنئور: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● زَوارُ ج زَوارَ: ذ. (ع). زيارت ڪندڙ - زياتي. ڪربلا معليٰ جو زيارتي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو (ت).

● زَوالُ ج زَوالَ: ذ. (ع). ڪِرڻ جي حالت - لاڙو - لاٽ - تنزل. سج لڙڻ جو وقت - لاڙو سج جو.

Gul Hayat Institute

اگِيںءَ جو وقت. پڇاڙي - پڇاڙي. زبون - چٽ - ڪريل. گم - ناس. ضائع. ڪمي - گھٽتائي پستي (ضد. ڪمال).

- زَوالَ جو وَقْتُ: ذ. ٽيون پَهَرُ - ٻنپهرن کان پوءِ جو وقت.

- زَوالِيَتَ ۽ زَوالِيَتُون: ث. گھٽاءُ - لاڙو. موت - پوپان پير - ٿيونڌي - زوال. ابتري. ساڙو - ڳارو - موءُ - ساڙ - ڳار. بربادي - تباهي - آجاڙ - خانہ خرابي - ستياناس - خانوخراب.

- زَوالِيءَ ڏِيَڻُ: (ت) موت پهچائڻ.

- زَوْجُ: ذ. (ع). جوڙو. زال مڙس.

- زَوْجَهُ ۽ زَوْجَهُون: ث. زال - گھر واري - بيبي - استري. عورت.

- زَوْجَہَ مَنْڪُوحَہَ: ث. نڪاح پڌي زال.

- زَوْجِيَتُ: ث. نڪاح - عقد. وهانءُ.

- زَوْجِيَتُ ۾ آڻَڻُ: نڪاح ۾ آڻڻ - زال بڻائڻ.

● زوُدُ: صفت. ظرف. (ف). جلد - تڪڙو - ترت - تہ ٻهہ - جهٽ پٽ - فوراً - شتاب - تکو - اُماڪ - يڪدم. هڪدم - تہ طالبو - اوچتو.

- زوُدُ رَسُ: ذ. صفت. [ف. زود + رس < رسيدن = پهچڻ) تمام ذهين - تيز فهم.

- زوُدُ رنجُ ۽ زوُدُ رَنْجَ: ذ. صفت. [ف. زود + رنج = ڏک] جلدي چڙنو. چيڙاڪ - تپڙو - ٻوسرندڙ. خار باز - تيز مزاج.

- زوُدُ رَنْجُ هُئَڻُ: جلدي ڪاوڙجندڙ هئڻ - ڪاوڙيل هئڻ - چيڙاڪ هئڻ.

- زوُدُ فَهَمُ: ذ. صفت. [ف. زود + فهم = عقل] تمام ذهين - تيز فهم.

- زوُد نَوِيسُ ۽ زوُد نَوِيسَ: ذ. صفت. [ف. زود + نويس < نوشتن = لکڻ] تڪڙو لکندڙ - جلدي لکندڙ.

- زوُد نَوِيسِيُ: تڪڙي لکڻ جي طاقت.

● زوْرُ ۽ زوْرَ: ذ. (ف). ٻل - طاقت - قوت - توانائي - سگھہ - همت - جرئت - شڪتي - تيج - ست - ڏاڍائي - مضبوطي - توفيق - سگھت - سامرٿي.

غلبہ - زيادتي - ڪثرت - افراط - ازحد - نهايت. ظلم - ستم - سختي - غضب - زبردستي. اختيار - حڪم - حڪومت. ڪوشش.

- زورآزِمائِيڻُ: طاقت آزمائڻ - طاقت ڏيکارڻ - زر ڏيکارڻ. زور جي آزمائش وٺڻ.

- زور آزِمائِيُ ۽ زورآزمائِيُون: ث. طاقت آزمائي.

- زورآوَرُ ۽ زورآوَرَ: ذ. صفت. [ف. زور + آور < آوردن = آڻڻ] ٻلوان - طاقت ور - طاقت مند - جرئت وارو.

- زورآوِرِيُ ۽ زورآورِيُون: ث. طاقت - ٻَلُ - توانائي. زبردستي.

- زورارُ ۽ زورارَ: ذ. صفت. زور وارو - زور ڀريو - زوراڻو - مضبوط - جاڏو - جبرو - ٻليار - ٻلي - ڀرپل - ڪراڙو - ڪڙاڪڙي - سگھو - سڙو - سگھارو - سگھائتو - سپرُ - سگھتو - قوتي - ستائتو - قرارو - توانو - ستاڻو. زبردست - پهچ وارو - پڄنيات - شهزور.

- زوراڪُ ٿِيَڻُ: (ت) ڪنهن جانور جو زور وٺڻ قابو ۾ نہ اچڻ.

- زورانُ دَسْتِيُ ۽ زورانُ دَستِيُون: ث. [ف. زور + دست = هٿ] ڏاڍ مڙسي - طاقت - زوران زوري - ملهان ملهي.

- زورانُ زورِيُ: ظرف. زبردستي - زوري - جبراً - سختيءَ سان - زور سان - قهراً.

- زورانُ زورِيُ ڪَرَڻُ: زبردستيءَ ڪرڻ.

- زوراڻو ۽ زوراڻا: ذ. صفت. سگھارو - سگھائتو - زور ڀريو. زوردار - قرارو - زبردست - پهلوان - پراڪرمي - جبرو - جانٺو - قوي. جنگ - جوڌو - هيڪل - بهادر - ٻلي - ٻلوان - زور آور. (ذ). شوڪ - غم - ڏک - ڳوڙهو - ڏنج - افسوس - ارمان - سور - ڪليش - ويڌن - دک. ماتم - رودن.

- زوْراورُ ۽ زوراوَرَ: ذ. صفت. زور وارو - زبردست - دست دراز - جبراڻو - غضبناڪ. ڏاڍو سخت - بلڪل - مهاوت. ظالم - قهري - ڏوڏي - الذيري - ستمگر - شوخ - گبر.

Gul Hayat Institute

- زوراوري ۽ زوراوريون: ث. زور- ڏاڍ- سپرائي- زوري- جبرُ- ڏاڍائي- دست درازي- ظلم. شوخي. گهڻي ٻوسات- دٻڙ دڦُس- غضبُ- زور زبر. ٻل- طاقت- قوت. زومُ- چوهه.
- زورائتو ۽ زورائتا: ذ. صفت. مضبوط- ڄاڏو- جبرو- ٻليار- ٻلي- ڀرٻل- ڪراڙو- ڪڙاڪڙي- سگهو- سگهارو- سگهائتو- سپرُ- زور ڀريو- قوتي- ستائتو- قرارو- توانو- ستاڻو- ٻلوان- پراڪرمي- پڇٽيات- پهچ وارو- شهزور.
- زورِ ڀلو ۽ زورِ ڀلا: ذ. صفت. ڀلو- ستو- چڱو.
- زورَ ڀريو ۽ زور ڀريا: ذ. صفت. طاقتمند- مضبوط- طاقتور- جبرو- ٻليار. ٻلي- ڀرٻل- ڪراڙو- ڪڙاڪڙي- سگهو- سترو- سگهرو- سگهائتو- قوي- سپر- زورائتو- زور ڀريو- قوتي- ستائتو- قرارو- توانو- ستاڻو- جاڻو- سترُ وتر. ڏونسو- ستارو- ڏستار.
- زورَ تي چڙهڻُ: طاقت وٺڻ- زور وٺڻ.
- زورُ جتائڻُ: طاقت ظاهر ڪرڻ.
- زورَ جيءُ مهنڊي هڻڻُ: مرضيءَ جي خلاف ڪم ڪرڻ.
- زورَ جيءُ مهنڊي نه لڳڻُ: رضامنديءَ کان سواءِ ڪم سرانجام نه ٿيڻ.
- زورُدارُ ۽ زورُدارَ: ذ. صفت. [ف. زور + دار > داشتن = رکڻ] زور وارو- زورائتو- قوي- پهلوان- توانا- طاقتور.
- زورُ ڏيکارڻُ: طاقت ظاهر ڪرڻ- ٻلُ ڏيکارڻ. دٻاءُ وجهڻ.
- زورَ ڏيڻُ: ٻيڙون ڏيڻ- منڻُ- چاهڻ- مناڙڻ- مڪڙيون هڻڻ. طاقت ڏيکارڻ- زور آزمائڻ. بهادري ڏيکارڻ. شدمد سان چوڻ. جهلي ٻيهڻ. ٽنيڻ. ٻنيرائي ڪرڻ- مدد ڪرڻ. تاڪيد ڪرڻ. مجبور ڪرڻ. قوت ڏيڻ. سخت ڪرڻ. ڪو لفظ زور سان ڳالهائڻ.
- زورُ ڏيئي ٻيهڻُ: تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ.
- زورُ شورُ ۽ زورَ شورَ: ذ. تيزي- شدت- سختي- تيڪ- تاءُ.
- زورُ ڪيڏڻُ: زور گهٽائڻ- سگهه ڪيڻ. ڪمزور ڪرڻ.
- زور ڪرڻُ: زور لڳائڻ- ڪوشش ڪرڻ- طاقت آزمائڻ. زوري ڪرڻ- لاچار ڪرڻ- مجبور ڪرڻ- دٻائڻ. منت ڪرڻ- آزي ڪرڻ.
- زورَ لائي ٻيهڻُ: سڀ حيلا وسيلا هلائي ٻيهڻ.
- زورُ لڳائڻُ: طاقت لڳائڻ- زور ڪرڻ. همت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. مدد ڪرڻ- ڌڪو ڏيڻ. مجامعت ڪرڻ.
- زورَ ماريو ۽ زورَ ماريا: ذ. صفت. زبردستيءَ سان نڪتل- زور سان ڌڪيل. زبردستي- مجبوري- زوري- ڏاڍائي- لاچار. مرضيءَ کانسواءِ- بي خواهشو.
- زورِ مَس: ظرف. زبردستيءَ- زور- زور زبرَ- ڏاڍائي- زوريءَ.
- زورمندُ ۽ زورمند: ذ. صفت. ٻلوان- طاقتور- زوراور.
- زورَ ۾ وڃڻُ (ڪ): ملاحن جي اصطلاح ۾ ٻيڙيءَ جو- واءُ کان پاسيرو وڃڻ.
- زورو ۽ زورا: ذ. زور- ٻل- طاقت- قوّت- سگهه. زومُ- چوهڙ. ڏاڍَ- ڏاڍائي- سپرائي- زبردستي- زور واري- جبر- دست درازي. گهڻي ٻوسات- دٻڙ دڦُس- غضب- زور زبر. (ذ. صفت) زبردست- ظالم. ڏاڍو- بهادر- طاقتورُ- سگهارو.
- زورُ وٺائڻُ: همٿائڻ- قوت ڏيڻ. جوش ڏيارڻ- ترغيب ڏيڻ. آٿارڻ.
- زورُ وجهڻُ: دٻائڻ- مجبور ڪرڻ- دٻاءُ وجهڻ. طاقت ڏيکارڻ. مدد ڪرڻ.
- زورُ هلائڻُ: طاقت هلائڻ. وسُ هلائڻ. حڪومت هلائڻ. زبردستي يا رعب سان ڪم وٺڻ.
- زورُ هلڻُ: وس هلڻ- پڄت هلڻ- حڪم هلڻ.

- زورُ هڻَڻُ: ستو هڻڻ. محنت ڪرڻ - زور لڳائڻ - ستا مونا هڻڻ - ڪوشش ڪرڻ - جتن ڪرڻ.
- زورُ هڻَڻُ: طاقتمند هئڻ - ڏاڍو هئڻ - مضبوط هئڻ - طاقتور هئڻ - زورائتو هئڻ. هلنديءَ وارو هئڻ - رهائيءَ وارو هئڻ. خوش هئڻ.
- زوريءَ ۽ زوريئُون: ث. زبردستي - ڏاڍائي - زورو. (ظرف) ڏاڍ سان - جبراً - غضب سان - زور سان.
- زوريءَ زنا: ث. زبردستي زنا - زوري همبستري.
● زُورُ ۽ زُورَ: ذ. (ع) دغا - فريب - ڪوڙ - دروغ - ڪذب.
● زَوْرَقَ ۽ زَوْرَقُون: ث. (ع) ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍي ٻيڙي.
● زورَ ڳڙهه: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● زُوزاتُ ۽ زُوزاتَ: ذ. (آواز) زور سان وڄڻ يا ڦرڻ جو آواز (چرخي يا لاٽونءَ جو) زوڪاٽ.
● زُوفا: ذ. (ع) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (خوشبودار پنن سان گاهه جو هڪ قسم، جنهن جي شاخن ۾ ڳنڍيون ۽ گل زردو ٿئي).
● زُوڪاٽُ ۽ زُوڪاٽ: ذ. (آواز) هوا جي زور سان لڳڻ جو آواز - زوزاٽ - سوساٽ - زوڪٽ.
- زُوڪَٽُ ۽ زوڪَٽ: ذ. زوڪاٽ - زوزاٽ.
● زُوڪو ۽ زُوڪا (ت): ذ. صفت. ٿلهو - متارو - پهلوان.
● زُومُ ۽ زُومَ (ل. ڪ): ذ. زور - ٻَل - طاقت - قوت. ڏاڍ - ڏاڍائي. سيرائي - زوراوري - دست درازي - گهٽي پوساٽ - زبردستي - غضب - زور زبر. طاقت - سمرٿي. جاهه - چوهه - هلان - آلر. توفيق. وسعت. (ظرف) تکو - زور سان - ڏاڍي.
- زُومَ سان: ظرف. زور سان. طاقت سان.
- زومي ۽ زُومِي: ذ. صفت. ظالم - قهار - ستمگر - ڏوڏي. ٻرجا پيڙڪ - راج پيڙڪ - مَرُدَمُ آزارُ.

- زُونُ (ت): ذ. (آواز) زور - وڏائي - تيڪش - آڪڙ. (ظرف) تکو - تيز.
- زُونُ تيِڻُ: وڏائي ۾ پرجي وڃڻ. ڪاوڙجڻ.
- زونُ سڏائِڻُ: هوشيار سڏائڻ. بهادر سڏائڻ.
- زونءِ ۾ هُجَڻُ: وڏائيءَ ۾ هجڻ - تڪبر ۾ هجڻ.
● زَوْنو ۽ زَوْنا (ل): ذ. هِمَتُ پريو - ٿلهو متارو - مضبوط - ڏاڍو.
● زونرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● زَوَارُ: هڪ ول جو نالو (نهايت زهريلي) - هڪ قسم جي زنگي گل جو ٻوٽو.
● زَوْلرَقَ ۽ زونرقُون: ث. (ع). ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - زورق.
● زِهَه ۽ زِهُون: ث. يا زِهُ ۽ زِهَه: ذ. (ف). ڪنهن به شيءِ جو ڪنارو - وَٽ. جيئن "زِهِه گريبان، زهه دن" وغيره. ڪمان جي ڏور - وَتَرُ. ڏوري - تند - تار - نار - رودو. جانور جي آنڊي مان وٽيل ڏور (جا ڪمان ۾ ڪم اچي). جاميٽريءَ موجب اها سڌين ليڪ، جا گهيري جي هڪ پاسي کان نڪري، گهيري جي ٻئي پاسي پهچي؛ مرڪز مان نه لنگهي.
- زِهبَنْدُ ۽ زِهبَنْدَ: ذ. [زهه + ف. بند < بستن = ٻڌڻ] ڪاٺ جي ٽِڪي؛ جا رازا جاءِ ٺاهڻ مهل ڪم آڻيندا آهن (ليپي جي سنوت لاءِ).
- زِهُونُ ڏِيَڻُ: مغزي هڻڻ - ڪپڙي کي ڪناري هڻڻ.
● زُهْدُ ۽ زُهْدَ: ذ. (ع). پرهيزگاري - پارسائي. پاڪائي. خدا پرستي. پرهيز - گيري.
● زَهرُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● زَهَرُ ۽ زَهَرَ: ذ. (ف). وِهه - وِڪ - سنکيو. بغض - ڪينو - ماڻ. حسد - جلن - ٻائي - دغا. دشمني - ويرُ. (صفت) ڪارو - ڪڙو - تيز. بي لُطف - بدذائقه.
- زَهَرُ آبُ: ذ. صفت. زهر گڏيل پاڻي - زهرآلوده پاڻي.
- زَهرآلُودَهُ: ذ. صفت. [ف. زهر + آلوده = گڏيل] زهر سان ڀريل - زهريلو.

Gul Hayat Institute

- زَهَرُبادِ: ذ. باد زهر - بادخاه - خناق. گھوڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم.
- زَهَرُ تيرِيءَ تهي رَکيُ نہ کائِڻُ: بچڙي صحبت يا سنگت ۾ رهي؛ بچڙو ڪم نہ ڪرڻ.
- زَهَرُ ٿِيُ پَوَڻُ: وِهُ ٿي لڳڻ. تلخ ٿيڻ. نہ وڻڻ - ناگوار لڳڻ. بچڙي معلوم ٿيڻ.
- زَهَرُ ٿِيَڻُ: خراب ٿيڻ. تڪليف جو باعث ٿيڻ. تلخ هجڻ.
- زَهَرَ جو ڍُڪُ پِيئَڻُ: صبر ڪرڻ - غم کائي وڃڻ. نہ برداشت ڪري سگھڻ جي ڳالھہ برداشت ڪرڻ.
- زَهَرَ جيِ ڇُرِيُ هُئَڻُ: تمام خوفناڪ ماڻهو هئڻ.
- زَهَرُدارُ: ذ. صفت. زهر سان ڀريل - زهرياو - زهر وارو - زهري. وهہ ڀريو.
- زَهِرُ ڏِيَڻُ: زهر ڏاراڻ - زهر ڏيئي مارڻ - زهر سان مارڻ.
- زَهَرُ قاتِلُ: ذ. صفت. مهلڪ زهر - مارڻ وارو زهر.
- زَهَرُ ڪُچِلو: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
- زَهَرُ ڪَرَڻُ: تلخ ڪرڻ - ڪڙو ڪرڻ - وِهُ ڪرڻ - وِڪُ ڪرڻ.
- زَهَرُ ڪَري ڏِيَڻُ: تلخ ڪري ڏيڻ - ناگوار ڪري ڏيڻ - بدمزه ڪري ڏيڻ.
- زَهَرُ ڪُوچِلُو ۽ زَهَرُ ڪُرچِلا: ذ. زهر ڪچلو.
- زَهَرُڪُو ڪِلو ۽ زَهَرُڪُو ڪِلا (ٿ). ذ. گاھہ جو هڪ قسم - زهر ڪچلو.
- زَهَرُ کائِڻُ: ڪا ماريندڙ شيءِ کائڻ. جان ڏيڻ. مرڻ.
- زَهَرُ لَڳَڻُ: ازحد ناگوار لڳڻ. خراب لڳڻ ڪڙو لڳڻ.
- زَهَرُ مُهِرُو ۽ زَهَرُ مُهِرا: ذ. زهر کي کيندڙ پٿر جو هڪ قسم (جو دوا طور ڪم اچي).
- زَهَرناڪُ: ذ. صفت. زهر وارو - زهر سان ڀريل - زهريلو.
- زَهَرُ واتُ پَرِيوُ هُئَڻُ: ڪنهن عزيز جي موت هئڻ ڪري سوڳ ۾ هجڻ.
- زَهَرَ هارَڻُ: اندر جو غصو يا رنج ٻئي جي مٿان هارڻ.
- زَهَرِيُ ۽ زَهَرِيُ: ذ. صفت. زهر وارو - وِڪرُ - وِهُ وارو - زهر وارو - اثرائتو - زهريلو - وِڪ ڀريو. ڪڙو - تلخ.
- زَهَرِيلو ۽ زَهَرِيلا: ذ. صفت. زهر وارو - زهردار - زهري.
● زَهَرا: ٿ. (ع.) خاتون جنت حضرت بيبي فاطمہ رضہ (جو لقب).
● زُهَرائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● زَهَرَهُ: ذ. (ع.) هڪ گرھہ جو نالو - شڪر گرھہ - زهرو.
- زُهَرَهُ جَبِيڻُ: صفت. [ع. زهره + ف. جبين = پيشاني.) خوبصورت - ماھہ پيڪر.
- زُهَرو ۽ زُهَرا: ذ. زُهَرَهُ.
● زَهَرِيُ: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو. بلوچستان جي جهلاوان علائقي ۾ هڪ ضلعي جو نالو (تاريخ بلوچستان).
● زَهيمُرُ ۽ زهيمُرَ: (ڪ) ذ. هڪ وَلِ جو نالو - وڻ ويڙهيءَ جو هڪ قسم - ٻي ٻاڙي.
● زَهيِ: (ڪ) ٿ. زعم. زور. ڪاوڙ. ڪست. (ڀلاين جا ٻول).
- زِهِي: ندا (ف.) وه واھہ - شاباس.
- زِهِي قِسمَتَ! ندا. واھہ - خوش نصيبيُ.
- زِهِي نَصِيبُ! ندا. واھہ خوش نصيبيُ!
● زَهِيرُ ۽ زَهِيرَ: ذ. صفت. (ف). هيٺو - ڪمزور - ڏٻرو - اڀرو.
● زَئُرَ: (ت) اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● زَئيُ ۽ زَئيُونُ: (ت) ٿ. (ف.) رَت - مائٽي - عزازت.
- زَئيرَ ۽ زَئيرونُ: (ڪ) ٿ. آڪيرَ - سيڪَ.
● زِيادَتُ ۽ زِيادَتُون: ٿ. (ع) گهڻِ - واڌ - واڌارو - افراط. گهڻائي.

Gul Hayat Institute

- زِيادَتيءُ ع زِيادَتيُن ُ: ث. ڪثرت- افراط- جوڙ- واڌ- واڌارو. وَراڻ- چاڙهو- سرسي. زوراوَري- ظلم- جبر- زبردستي. فالتو. فاضلي.
● زِيادَه: ذ. صفت. (ع.) گهڻو- جهجهو- بَهِڻو. گهڻ- جال- سرس- وڌيڪ- مڙو- گهڻو- بيحد- سَبيل. گهڻي قدر- نهايت- تمام- بلڪل- ڏاڍو. فالتو- پيو به.
- زِيادَه تَرُ: صفت. وڌيڪ- گهڻو- قدري گهڻو- بلڪل زياده.
- زِيادَه حَد اَدَبُ: جملو. ختم ڪرڻ جي دعا.
- زِيادَه خَيرُيَتَ: (جملو) حال احوال ختم ڪرڻ وقت استعمال ٿيندڙ ڪلمو. باقي خيريت- وڌيڪ خيريت.
- زِيادَه ڪَرَڻُ: وڌائڻ- واڌارو ڪرڻ. گهڻو ڪرڻ.
- زِيادَه گو ع زِيادَه گو: ذ. صفت. [ف. زياد+ گو > گفتن= ڳالهائڻ] ڳالهه وڌائيندڙ. ڪوڙو- فضول گو- دروغگو.
- زِيادَه گوئيءُ ڪَرَڻُ: وڌائي ڳالهه ڪرڻ- فضول بڪڻ.
● زِيارَتَ ع زِيارَتُون: ث. [ع. زارَ = ملاقات ڪئي] ڪنهن مقدس جاءِ جو ديدار- جاترا- ياترا- تيرٿ. حجُ. درش- ديدار. ملاقات- گڏجاڻي.
- زِيارَتَ ڪَرَڻُ: ڪنهن مقدس جاءِ يا بزرگ جو ديدار ڪرڻ.
- زِيارَتَ گاهَ ع زِيارَت گاهون: ث. [ع. زيارت + ف. گاهه = جڳهه] زيارت ڪرڻ جي جاءِ- مقدس جڳهه- درگاهه- آستانو.
- زيارَتيءُ ع زِيارَتيءُ: ذ. صفت. تيرٿ واسي- جاتري- ياتري- رَمتو- مسافر- پانڌيڙو- ملاقاتي- ديداري- درشني.
● زِيانُ ع زِيانَ: ذ. (ف). نقصان- هرج- ٽوٽو- هاڃو- گهاٽو- خسارو- ضرر- وڃاءُ- ڇيهو- تاوڻ- تاوانُ. ڇُوٽَ- چٽي- اپوڇي- ڪاس. بربادي. تباهي.

- زِيانُ خورُ ع زِيانُ خورَ: ذ. صفت. [ف. زيان + خور > خوردن = واپرائڻ] نقصانڪار. لباس ڪندڙ- تباهه ڪن- نقصان پهچائيندڙ- ضررناڪ- جهورائو. حرڪتي- لُچو- ائيڙو- هاڃو.
- زِيانِ ڪارُ ع زِيانِ ڪارَ: ذ. صفت. [ف. زيان + ڪار > ڪردن = ڪرڻ] نقصانڪار- نقصان پهچائيندڙ- زيان خور.
- زِيانيءُ ع زِيانيءُ: صفت. نقصانڪار- نقصان پهچائيندڙ- زيان خور.
● زِيبُ ع زِيبَ: ذ. (ف). سونهن- حُسن- سوڀيا- خُوبي- خوبصورتي- برآج. آرائش- زيبائش- سينگار- ٺَٺُ- ڏانءُ س- خوشنمائي- رونق- تيج- جلوو- ڪيرانتي- جهلڪو- پڙڪي- پرتاب- ڏما. تجمل- آب- چمڪ.
- زِيبا: صفت. خوشنما- سهڻو- سندر- خوبصورت. سٺو. مناسب. آراسته- سينگاريل.
- زِيبائِتو ع زِيبائِتا: ذ. صفت. زيب وارو- زيبو- سوڏو- سندر- نا هوڪو- سهڻو. عمدو- پِل پلوڙ- سٺو- وڻندڙ- ديداري- ڏسڻ جهڙو- لطيف- نازڪ- سنگين- مهين. سنهو- نفيس- چوکو.
- زِيبائِشَ ع زِيبائِشُون: ث. سجاوٽ- بناوت- سينگار- آرائش. سوڀيا- زينت- سولهن.
- زِيبُ تَنُ ڪَرَڻُ: پائڻ- پهرڻ. ڪنهن چيز کي جسم تي سينگارڻ.
- زِيبُ ڏِيَڻُ: سوڀيا ڏيڻ- خوشنما لڳڻ- سٺو لڳڻ.
- زِيبُ زِيُنُ: ذ. زيب زِين- سولهن- سينگار.
- زِيبَ وارو ع زِيب وارا: ذ. صفت. زيبائتو- عمدو- سهڻو- نزاڪت وارو- ٺاهوڪو- زينت وارو.
- زِيبُ و زِيُنَتُ ع زِيبُ و زِينَتُون: سجاوٽ- آراستگي- ٺاٺُ- بناءُ سينگار- زيبائش.
● زِيبرا ع زِيبرا: ذ. (الگ). آفريڪا ۾ گڏهه جو هڪ قسم- پٽاپٽي گڏهه جو هڪ قسم.
● زيٽو زيٽَ: (ڪ) ث. (آواز) زِها زِپُ- ٺَهه ٺَهه- سَٽ سَٽ- زپ زپ.

Gul Hayat Institute

● زيتون يا زَيتون: ذ. (ف) ميوي ۽ وڻ جو هڪ قسم - ڄام ڦل - آمروت - امرود. (ٽي قسم جبلي، بري - باغي).

● زِٽَ يا زِٽون: (ت) ث. (ف). بڪواس - بڪ بڪ. ٻٽاڪ - لٻاڙ. آڪڙ - وڏائي.

- زِٽَ هڻڻ: ٻٽاڪ هڻڻ - لٻاڙ هڻڻ.

● زِيپَ يا زِيپون (ت): ث. ڊاڙ - ٻٽاڪ - لٻاڙ - بڪواس - بڪ بڪ.

- زِيپر يا زِيپرَ: ذ. صفت. بڪواسي - لٻاڙي - ڊاڙي - ٻٽاڪي.

- زيپَ مارڻ: ڊاڙ هڻڻ - ٻٽاڪ هڻڻ.

- زِيپَ ميلائڻ: ڊاڙون هڻڻ - ٻٽاڪون هڻڻ.

● زِيپَٽ يا زِيپَٽَ (ت): ذ. (آواز) ٺڪاءُ - ڦهڪو - وسڪارو، جيئن "سوچڙي جو زيپٽ پيو پوي."

● زِير: ظرف. (ف). هيٺ - هيٺان - هيٺوٽو - هيٺاهون - هيٺ پرو - تحت. (صفت). درجي ۾ گهٽ - ڪمتر - نيچ - هلڪو - سادو. تابع ۾ - هٿ هيٺ - وَس - زيردست - ماتحت. ڪمزور - ڪم طاقت.

- زيرِ آبَ: ذ. صفت. [ف. زير+آب=پاڻي] پاڻيءَ جي اندر - پاڻي جي هيٺ. ٻوڏ هيٺ. اٿل هيٺ - ٻڏل - سيلاب هيٺ.

- زِير آبي يا زِير آبيون: ث پاڻي هيٺ هلندڙ جهاز - ٻوڙو جهاز.

- زيرِ بار يا زيرِ بارَ: صفت. [ف. زير+بار= بوجهه] بار هيٺ آيل. بار وڌل. قرضدار. آڏار هيٺ - لاچار - تنگ - قرضي - قرضدار.

- زيرِ بارِ ٿيڻ: گهڻي بار هيٺ اچڻ. لاچار ٿيڻ. گهڻي خرچ ۾ پوڻ. قرض ۾ هئڻ.

- زيرِ باري يا زيرِ باريون: ث. بار هيٺ اچڻ جي حالت - بار - بوجو - اٽڪ. قرض - قرضداري.

- زيرِ بَنْد يا زيرِ بند: ذ. [ف. زير+بند< بستن=ٻڌڻ] گهوڙي جي سنجن جو هڪ قسم - لَونَد. تنگ. اگٺ - ڏاڙو.

- زيرِ تَجوِيز: ظرف. [ف. زير+ع. تجويز] ويچار هيٺ - خيال هيٺ - رٿ ۾.

- زيرِ تعليم: ظرف. تعليم ۾ (صفت). تعليم حاصل ڪندڙ - متعلم.

- زيرِ حِراسَت: ظرف. حوالات ۾ - حراست ۾ - چوڪي ۾ - پهري ۾.

- زيرِدَست يا زيرِدَستَ: ذ. صفت. هٿ هيٺ - تابع - تابعدار - ماتحت. ٻَجهيگير - ٻاجهيگير - زير حڪم - حڪم هيٺ. غريب - ڪمزور - اڌِيڻ - ڪم طاقت.

- زيرِ دَستي يا زيرِ دَستيون: ماتحتي - تابعداري. ٻاجهيگيري - ٻجهيگيري. هيٺائي - پابندي - غلامي.

- زيرِ زَمِين: ظرف. زمين هيٺ - زمين ۾ - زمين اندر.

- زيرِ سايہ: ظرف. پناهه هيٺ - آجهي ۾. حمايت ۾. قريب - ويجهو. هيٺان.

- زيرِ صَدارَت: ظرف. صدارت هيٺ - اڳواڻيءَ هيٺ.

- زيرِ علاج يا زيرِ علاجَ: ذ. صفت. عِلاج هيٺ - عِلاج ۾. دوا ڪرائيندڙ - بيمار.

- زيرِ ڪَرَڻ: تابع ڪرڻ - مطيع ڪرڻ - مغلوب ڪرڻ - هيٺان ڪرڻ. ماري ميچائڻ - دٻائڻ - قابوءَ ۾ آڻڻ. فتح ڪرڻ.

- زيرِ گادِي يا زيرِ گاديون: ث. آٽ جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو. وهاڻي جي نموني تي جا آٽ جي هنيءَ تي بچاءُ لاءِ پاکڙي هيٺان ڏجي.

- زيرِ وَ بالا: ظرف. هيٺ مٿي - اٻتو سبتو - آلٽ پلٽ - درهم برهم - زير وَ زبر.

- زيرِ وَ زَبَر: ظرف. هيٺ مٿي - درهم برهم - اٻتو سبتو - تهه بالا - آلٽ پلٽ. سَرِ پر - زير وَ بالا.

- زير وَ زَبَر ٿيڻ: هيٺ مٿي ٿيڻ - آلٽ پلٽ ٿيڻ. اونڌو ٿي پوڻ. پريشان ٿيڻ. ڪٽي وڃڻ. برباد ٿي وڃڻ - نابود ٿي وڃڻ - اجڙي وڃڻ.

- زير وَ زَبَر ڪَرَڻ: هيٺ مٿي ڪرڻ - آلٽ پلٽ ڪرڻ. تباهه و برباد ڪرڻ.

- زيرِ وِيچار يا زيرِ وِيچارَ: ذ. صفت. ويچار هيٺ - ڌيان هيٺ - غور هيٺ. خيال ۾ - سوچ ۾.

Gul Hayat Institute

- زِير وِيچارُ هَڻَڻُ: سوچ يا خيال ۾ هئڻ. ڪا ڳالهه فيصل نه هئڻ.
- زِير يِنُ: صفت. ظرف. هيٺين ـ هيٺاهون. گهٽ.
● زِيرَ ۽ زِيروُنَ ـ زِيرَ يُون: ث. (ف). آچار جي هڪ نشاني (ِ). اکر جي آواز کي هيٺ ڪندڙ هڪ حرڪت. زنجير ـ جنجير ـ ڪڙي. قيد. زير ڪڙي (جا قيدين کي وجهجي). جيئن:
"ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير".
- زِيرپيرُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● زِيرَڪُ ۽ زِيرَڪ: ذ. صفت. (ف). تيز فهم ـ ذهين ـ ذڪي ـ سمجهو ـ فهيم ـ عقلمند ـ دانا ـ دانشمند ـ هوشيار ـ سگهڙ ـ سياڻو ـ عقلي سڄاڻ ـ ڊگهي نظر رکندڙ ـ ڳاڙهو ـ مٿمان ـ دير گهه درش ـ دور انديش. هنري ـ چتر ـ چالاڪ ـ ڪاريگر.
- زِيرَڪِي ۽ زِيرَڪِيُون: ث. تيز فهمي ـ ذهانت ـ ذڪاوت ـ دانائي ـ دانشمندي ـ چترائي ـ هوشياري ـ حڪمت ـ سياڻپ.
● زِيرُو ۽ زِيرا: ذ. [ف. زِيرَهُ] مصالح طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو خوشبودار وکر ـ جيرو. (ث. زيري ۽ زيريون) پچڻ بعد زمين تي ڪريل ٻاڙا (ڪ).
● زِيري ۽ زِيريُون: ث. زنجير ـ سنڪلي ـ جنجيري. ڪڙي ـ ٻيڙي. قطار. اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.
● زِيستُ: ث. (ف). زندگي ـ حياتي ـ عمر ـ اوستا ـ هستي.
● زِيڪَ ۽ زِيڪَ: ذ. (ع. ضِيقَ) بيماريءَ جو هڪ قسم. ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ـ ساهه جي مونجهه. دم. سهڪڙو ـ ضِيقَ النَفِسُ.
● زِيلَ ۽ زِيلُون: ث. (ع). ٺوڪارو ـ ٺونگهارو. شوڪارو ـ ٺوڪ. [ف. زير = هيٺ] دهل جو مادي پاسو ـ تالي ـ شڪاري پکيءَ کي ٻڌل گهنگهرو (ت).

- زِيلَ هَڻَڻُ: ٺوڪارڻ ـ ٺوڪارو هڻڻ ـ شوڪارو هڻڻ ـ ٺونگهارو هڻڻ ـ هڻڪ هڻڻ.
- زِيلَ ۽ بَمُ: ذ. هيٺ ۽ مٿي ـ زير و بم. ساز جو آواز ـ دهل جا ٻئي پاسا.
● زِيلا ۽ زِيلا (ڪ): ذ. اُٺ جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو. (ٻيلاين جا ٻول ۱۳۱).
● زِيمڪائِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● زِينَ ۽ زِينُون: ث. [ف. سن. جِينَ] گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو ـ هني جو هڪ قسم ـ چمڙي جو هنو. ڪپڙي جو هڪ قسم.
- زِين پوشُ: ذ. [ف. زين + پوش > پوشيدن = ڍڪڻ] زِينَ جي مٿان وجهڻ جو ڪپڙو ـ غاشو ـ ڳاشو.
- زِينَ ڪَشَڻُ: [ف. زين + ڪَش > ڪشيدن ڇڪڻ] گهوڙو سنجڻ. گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيڻ.
● زِينَتُ ۽ زِينَتُون: ث. سينگار ـ سونهن ـ زيبائش ـ آرائش ـ ٺاهه ٺوهه ـ ٺهوڙ ـ سوڀيا. سهڻائي ـ سندرتا ـ حسن ـ سونهن ـ نزاڪت ـ لطف ـ براج ـ رونق.
- زِينَتُ بَخشَڻُ: رونق ڏيڻ ـ سينگارڻ. سوڀيا ڏيڻ ـ سونهن ڏيڻ.
- زِينَتُ پَرِيو ۽ زِينَتُ پَرِيا: ذ. صفت. آراسته ـ سينگاريل. سوڊو ـ سهڻو ـ پَلُ پَلُئو رُ ـ روڙو ـ سٺو ـ عمدو ـ سُندر ـ ٺاهوڪو ـ زيبائتو ـ ڏيداري ـ ڏسڻ جهڙو. نازڪ ـ لطيف ـ سنگين ـ مهين. چوکو ـ تکو ـ ڪندن ـ ڪڙو.
- زِينَتَ دارُ ۽ زِينَتَ دارَ: ذ. صفت. سينگاريل. ٺاهه ٺوهه وارو ـ زيب وارو ـ ٻهڪندڙ ـ زينت ڀريو.
● زِينداڻِي: (ت). اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (سندراڻي پاڙو).
● زِينو ۽ زِينا: ذ. [ف. زِينَهُ] ڏاڪڻ جو ڏاڪو.

Gul Hayat Institute

- **زيڻُ**: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● **زيوَرُ ۽ زيوَرَ**: ذ. (ف) گهڻو - گهه - مٽيو (سون يا چانديءَ جو) چلو منڊيُ. رَتنُ - جَواهرُ. زيبُ - زِينَتَ - زيبائش - آرائش - سينگار.

- **زِينُهَ ۽ زِينُهُونُ**: (ع) ث. ڀُنيءَ جو وِچُ - ڪَرَنگهو.

● **زيـهاداڻيءَ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

Gul Hayat Institute

جيتوڻيڪ سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سو سال اڳ، ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لغتن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. ان ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي، جا سنڌي ادبي بورڊ طرفان هينئر پيش ٿي رهي آهي.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب،

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو آهي،

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو، ۽

(د) اڻلکيل عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ۽ زنده جاويد ذخيرا، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه ڳوٺن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري ڏين.

مٿين سلسلي ۾ هيءُ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻولي جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، کچ ۽ لسياڻي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، آن کي پڻ هن لغات ۾ ڪماحقه داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ ججهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

1st Edition 1984 4000 Copies

[Price: Rs. 50.00]

Published by
GHULAM RABBANI A. AGRO
Secretary, Sindhi Adabi Board

G. P. O. Box: 12
Hyderabad, Sind, Pakistan.

Gul Hayat Institute

Printed by Mian Allah Bachayo Yusufzai, at the Sindhi Adabi Boarsd' Press,
Tilak Incline, Hyderabad Sind.

A COMPREHENSIVE

SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

VOL. III (ج – ڙ)

COMPILED

UNDER THE SINDHI ADABI BOARD's DICTIONARY PROJECT

DIRECTED BY

N. A. BALOCH

-

REVISED BY

GHULAM MUSTAFA QASMI

-

Gul Hayat Institute

SINDHI ADABI BOARD

HYDERABAD / JAM SHORO

SIND

PAKISTAN

1984